# شاهہ لطيف جي ٻولي

# تحقيقي جائزو

ج-ع منگھاڻي

نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ:
ڊاڪٽر فهميده حسين

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# شاهہ لطيف جي ٻولي
# تحقيقي جائزو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ لطيف جي ٻولي - تحقيقي جائزو

تحقيق :

ج. ع منگهاڻي

نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ :

ڊاڪٽر فهميده حسين

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،

ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | : شاهه لطيف جي ٻولي ـ تحقيقي جائزو |
| تحقيق | : ج. ع منگهاڻي |
| نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ | : ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس | : حبيب الله جاکرو |
| ڇاپو | : پهريون |
| سال | : اپريل 2006ع |
| ڇپائيندڙ | : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي. |
| ڇپيندڙ | : شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي. |
| مُلهه | 500/= رپيا |
| پاران | : ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

# Shah Latif Jee Bolee

| | |
|---|---|
| Author | : J. A. Munghani |
| Revision and Editing | : Dr. Fahmida Hussain |
| Composing & Graphics | : Habibullah Jakhro |
| First Print | : April 2006 |
| Published by | : Shah Abdul Latif Bhitai Chair, University of Karachi. |
| Printed at | : B.C.C.T. & Press, University of Karachi. |
| Price | Rs. 500/= |
| Email | : shahlatifchair@hotmail.com |

Digitized by **M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

محترم ج ع منگهاڻيءَ جو هي ڪتاب شاهه جي رسالي ۾ ڪتب آيل لفظن ڪي سمجهڻ جي هڪ ڪوشش آهي جنهن ۾ هن پنهنجي تر يعني لسيلي ۽ ڪوهستان ۾ مروج لهجي مطابق لفظن جون معنائون ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪوشش دوران هن اڳ ۾ مختلف عالمن ۽ شاهه جي شارحن پاران ڏنل معنائن سان نه صرف اختلاف ڪيو آهي بلڪ ڪن لفظن جي معاملي ۾ تمام سخت لهجي ۾ احتجاج ڪيو آهي. سندس ڪوشس جي ساراهه ڪرڻ سان گڏوگڏ آءٌ اهو ضرور چوڻ چاهيندس ته پاڻ جيتري نيڪ نيتي ۽ خلوص سان ڪم ڪري ٿي اوتري ئي نيڪ نيتي ۽ خلوص انهن عالمن وٽ به هو ۽ هر ڪنهن وٽ شاهه کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش پنيان ان سان محبت ۽ عقيدت جو ئي جذبو هو... جيئن پيڻ ج ع منگهاڻي انهن سان اختلاف ڪرڻ جو حق رکي ٿي ائين ئي اهي ۽ بيا پوءِ اچڻ وارا رسرچر ساڻس اختلاف رکي سگهن ٿا. (خود مون کي به ڪيترين ئي معنائن سان اختلاف آهي ته به مون هي ڪتاب ڇاپيو آهي جو ته اهڙا بحث ڪرڻ سان ئي شاهه صاحب جي ٻوليءَ کي بهتر نموني سمجهي سگهبو) ان ڪري انهيءَ سموري عمل کي پيار جو پورهيو سمجهي ان جي آجيان ڪرڻ گهرجي. ڪنهن هڪ لهجي سان تعلق رکندڙ ٻئي لهجي وارن کي مڪمل رد ڪرڻ بدران، سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ عظمت ۾ يقين رکي ڪم ڪرڻ سان ئي اسين سنڌي ٻولي ۽ شاهه لطيف سان پنهنجائپ ۽ محبت جو ثبوت ڏئي سگهون ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ۽ اصطلاح زيربحث آيا آهن جن تي اجا بہ بحث جي گنجائش آهي ڇو تہ ڪيترا سنڌي لفظ اهڙا آهن جن جو استعمال ۽ معنيٰ هڪ لهجي کان ٻئي لهجي ۾ مختلف هئڻ سبب غلطيءَ ۽ مونجهاري جو سبب ٿي سگهن ٿا.

آءٌ هتي ڪجهہ لفظن بابت ٿيل بحث کي سامهون رکي مثال ڏيڻ چاهيندس.

ج ع منگهاڻيءَ ڪن لفظن تي هڪ ڪان وڏيڪ پيرا لکيو آهي ۽ تمام سخت لهجي ۾ انهن لفظن جي پنهنجي پاران ڏنل معنائن تي زور ڏنو آهي.

<u>اول</u>/<u>اوليو</u>/ <u>اوليا</u>/<u>اولين</u>/<u>اولجان</u>/ (مصدر "اولڻ" ۽ "اولجڻ"):

هنن لفظن جي معنيٰ لڳ ڀڳ شاهہ جي سڀني شارحن "ڏکجي وڃڻ"، "تيلهجي وڃڻ، "ڀتڪڻ "ڀتڪائڻ"، "طوفان يا ڪنهن بہ مصيبت ۾ گهيرجڻ"، "توائي تيڻ/ڪرڻ "رولڻ"/"رولجڻ"، "دربدر ٿيڻ" وغيره ڏني آهي جيڪا عام طور اسان بہ گفتگوءَ ۾ ٻڌي آهي... شاهہ جون سٽون آهن:

1. تڏهن منجهان تن اوتڙِ ڪونہ <u>اوليو</u>.
2. او" فائق ۾ فرمان، اَوتڙِ ڪنهن نہ <u>اوليا</u>.
3. اوتڙ ڪنهن نہ <u>اوليا</u>، سُتڙ، يا سالِم.
4. الا ات مَ <u>اولين</u>، ٻيڙا متي ٻيٺ.
5. ستڙ سُونائون، اوتڙ ڪنهن نہ <u>اوليا</u>.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. نيئي نيئي اول، پريان جي پار ڏي (وائيءَ جي سٽ)
7. سمنڊ سوجهي تن، آٽي امل اوليا.
8. جي ٻڌان تہ ٻن، مَرُ اولجان ان پار ڏي.
9. قلم جي ڪاني، آٽي اوليس اول ۾.

انهيءَ لفظ "اولجڻ" جي معنيٰ پيڻ منگهاٽي ڦاسڻ/ڦاسجڻ ٿي ڪري جيڪا سندس تر ۾ مروج آهي. هاڻي ڏنو وڃي تہ نہ رڳو سڀ شاهہ جا شارح بلڪ لغتون پڻ هڪ طرف آهن تہ اها معنيٰ ٻئي طرف. اڃو تہ ڪجهہ سوال ڪري مفهوم سمجهون.

پهرين ٽن سٽن ۾ لفظ اَوَتڙِ جي "ڙ" جي هيٺيان زير آهي ان ڪري چئبو تہ ان جي حالت جري '(مڪاني) آهي ۽ حرف جر آهي "ڏانهن" يعني "اوتڙ ڏانهن" انهيءَ صورت ۾ اوليو/اوليا جي معنيٰ پٽڪڻ، ٽيلهجي، ڌڪجي وڃڻ واري ٿيندي.

پر جي اسان اوليو/اوليا جي ڦاسڻ/ڦاسائڻ واري معنيٰ ڪنداسين تہ ان مهل "اوتڙ" لفظ جي "ڙ" کي زبر لڳائي حالت فاعلي ڪرڻي پوندي، "اوتڙَ ڪنهن نہ اوليا" جي معنيٰ ٿيندي ڪنهن اڙانگي/ڏکئي تڙ انهن کي ڪونہ ڦاسايو... باقي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ لفظ اوتڙ جي صورت ڪهڙي مڃجي؟ "ڙ" هيٺيان زير واري يا زبر واري؟ ۽ معنيٰ ڪهڙي قبول ڪجي؟ "ٽيلهڻ" واري يا ڦاسائڻ" واري. وائيءِ واري سٽ "نيئي اول پريان سندي پار ڏي" ۾ تہ حرف جر آهي ئي "ڏي" (معنيٰ ڏانهن).

انهيءَ بحث مان شاهہ جي بيتن کي سمجهڻ ۾ ڪيتري مدد ٿي ملي سگهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي سٽن وارن لفظن کي بہ انهيءَ طريقي سمجهي سگهجي ٿو.
لفظ "اوليئن" معنيٰ "تون اولين" (بيت تي ڏکي ٿيلهي موڪلين يا قاسائين؟) "اول" (نيئي نيئي اولِ) جي بہ ساڳي معنيٰ آهي، يعني اهو امر آهي يعني مخاطبت آهي "تون اولِ" هاڻي ان کي تون ڏکي وٺي وڃ (نيئي) يا "تون وٺي وڃي قاساءِ، سمجهجي؟؟ سر سهڻيءَ واري بيت جي سٽ ۾ بہ ڏکجي، ٿيلهجي ٻئي پار ڏانهن وڃڻ جي ڳالهہ آهي يا قاسڻ جي؟ هنن مٿين سٽن ۾ هڪڙي سٽ ۾ مفهوم مختلف آهي "سمنڊ سوجهي تن، آڻي امل اوليا" اتي "امل آڻي اولڻ" جي معنيٰ "امل آڻي قاسايا" ڪجي تہ بہ ڳالهہ ڪجهہ نهي نٿي چو تہ سمنڊ مان مڇي يا ڪنهن جاندار لاءِ تہ قاسائڻ جو لفظ ڪتب آڻبو آهي، موتي/امل جواهر وغيره "قاسائڻ" بابت ٻوليءَ جي ماهرن کان پڇڻ گهرجي.

سر ڪلياڻ ۾ سٽ آهي "پسئو پر عجيب جي لچئو وڃي لوهہ"
انهيءَ لفظ"لچيو" تي بہ گهڻو بحث ٿيو آهي. هن لفظ جي معنيٰ اڪثر شارحن لڏڻ، ڏڪڻ، لرزڻ ڪنبڻ وغيره ڏني آهي. مختلف لغتن ۾ ۽ ڊاڪٽر بلوچ سنڌي لغت ۾ "لچڻ" جي معنيٰ جهڪڻ، مڙڻ، چبو ٿيڻ ڏني آهي ۽ "لچڪڻ" جي معنيٰ لڏڻ، لرزڻ، ڏڪڻ ڏني آهي، جنهن مان لفظ لچڪي نڪتل آهي. جڏهن تہ منگهاڻي لچئو جي معنيٰ — چنبڙيو/چنبڙايو وٺي ٿي ۽ ان لاءِ معنائن واري فهرست ۾ هڪ لفظ "لتو" پڻ ڏي ٿي، معنيٰ ثقيو جيڪو سيني لهجن ۾ عام طور استعمال ۾ آهي. لتو، لتل، ثقيل جي معنيٰ ۾! مثال "هو سڄو گپ سان لتو پيو هو/وار تيل ۾ لتل هئس." اهو لفظ "ليپو ڏيڻ" جو اسم مفعول آهي. پيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي جيڪي جملا ڏنا آهن انهن ۾ لچيو متبادل طور استعمال نٿو ڪري سگهجي.

جملو = هڪڙي هنڌ لچيو ويٺو آهين اتي ٻاهر نڪر". "ڇا هڪڙي هنڌ لِتو ويٺو آهين، اتي ٻاهر نڪر چئي سگهجي ٿو؟ ان ڪري لچيو ڪي لِتو واري معنيٰ ۾ ونجي يا نه؟ جيڪڏهن شاعراڻين خوبين جي حساب سان ڏسجي ته هن سٽ ۾ صنعت تضاد جي خوبصورتيءَ ڪي به ذهن ۾ رکڻو پوندو جو سٽ جي معنيٰ بيهي ٿي ته "محبوب جي پَرِ ڪي ڏسي لوهه (ڪاتي) جهڙي سخت شي به لرزي ڏڪي ٿي وڃي."

سر ڪلياڻ ۾ بيت جي سٽ آهي:

"وڍيين تان ويهه نه ته ويٺو واٽ ونءُ تون"

۽ ٻي سٽ آهي "جي اٿئي سڌ سُرڪ ۾ وَنءُ ڪلاڙڪي هٽ.

هنن ۽ اهڙين ٻين به ڪن سٽن ۾ لفظ "ونءُ" آهي، ان جي معنيٰ اڪثر شارحن "وڃ" ڏني آهي ۽ لغتن ۾ به اها ئي معنيٰ آهي جيڪا ٻنهي هنڌ نهڪي به ٿي. ٻيو هڪ اصطلاح به اسين ڳالهائيندا آهيون "ونئون وڃڻ" معنيٰ پري پڃڻ، ٽهڻ وغيره. پر اسان جي پيڻ تي چوي ته ونءُ ان لفظ جي معنيٰ مختلف آهي يعني "گم يا غائب ٿي وڃڻ، هميشه لاءِ هليو وڃڻ يا تڪڙو هڪدم وڃڻ". مٿين ٻن سٽن ۾ اها معنيٰ نهي ٿي يا نه؟؟ سوچيو!

وري هن سٽ ۾ ڏسو: "ويجهو ونءُ مَ واٽ ڪي، ڪهج ڪُواٽ". اتي ته سڌو سئون "وڃ" جي معنيٰ ٿي نڪري، ڇا ان معنيٰ ڪي بدلائڻ جي ڪا ضرورت آهي؟

سر ڪلياڻ ۾ هڪ سٽ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني عالمن وٽ ۽ لغتن ۾ معنيٰ آهي منهن، چهرو، شڪل صورت، طرز، نمونو، رخ، روپ، روئداد، صورتحال وغيره. پيڻ منگهاٽي ان لفظ جي معنيٰ رنگ، روئانت تي ڪري (جيڪا سندس تر ۾ مروج آهي) مثال لاءِ هوءَ "ٻوڙ جي روءِ" يا "ماڻهوءَ جي ٽانڊي جهڙي روءِ" لکي ٿي. ڏنو وڃي ته "روءِ" مان اها هڪ معنيٰ ٻه ڪڍي ٿي سگهجي پر صرف ۽ صرف ان معنيٰ ۾ اهو لفظ سمجهائڻ درست ڪونهي. مختلف ڏنل معنائن ۾ "رخ" ڪي "منهن" ٻه چئي سگهجي ٿو ته "طرف" ٻه. ساڳي طرح "روءِ" "شڪل" ٻه آهي ته "صورت" ٻه. "رنگ" ٻه آهي ته "روپ" ٻه (جيڪو سندس ڏنل مثال ۾ ٻه چٽو آهي) ته پوءِ عام مروج لغوي معنيٰ کي مٽائڻ جو ڪهڙو جواز ٿو پيدا ٿئي. مون بهرحال سندس راءِ کي عام تائين آڻڻ ۾ سندس مدد ڪئي آهي.

ان ڪانپوءِ هڪ هنڌ ڏاڍي دلچسپ ڳالهه معلوم ٿي ته لسٻيلي ڪوهستان ۾ "چيچ" کي "چيٽڪ" چوندا آهن ۽ ڏسٽي آڱر کي "ڦندڪ".

هڪ وائي جي سٽ آهي: رانجها ومين تيڏڙي آهيان.

چيٽڪ لايا وو مينون، ڪوڪ ڪنهن سڻوايا تينون.

اتي منگهاٽيءَ جي ڏنل معنيٰ نهڪڻ جي باوجود چيٽڪ لڳڻ سان ڪوڪ سڻائڻ جو تعلق سمجهه ۾ ڪونه آيو. حيرت جي ڳالهه آهي ته پيڻ منگهاٽي هن وائيءَ تي اعتراض ڪونه واريو آهي جڏهن ته هن ۾ ڪيئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي شاهه جي ڪلام جي موضوع سان نٽيون نهڪن، مثال طور لفظ "رانجها" ٻڌائي پيو ته هيءَ وائي هير رانجهي واري داستان سان واسطو رکي ٿي جيڪو شاهه صاحب جي رسالي جو موضوع ڪونهي، پيو ان جي ٻولي سنڌي ڪانهي ۽ سرائڪيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بہ اهو لهجو آهي جيڪو پنجاب جي ويجهو ڳالهايو ويندو آهي. سنڌ جي سرائڪيءَ ۾ "مينون تينون" نہ پر "ميڪون تيڪون" چوندا آهن. بهرحال!

اڳتي هلي هڪ سٽ آهي: ڏڳايوم ڏنئين، چيرو اندر جنڌڙي.

لفظ ڏڳڻ/ڏڳائڻ جي معنيٰ تي بحث ڪندي محترمہ پيڻ ان جي معنيٰ لرزڻ لرزائڻ، رقڻ، ڏڪڻ وغيره تي ڪري.

اهو لفظ ڪنهن هڪ لهجي ۾ نہ پر سڄي سنڌ ۾ ڳالهايو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جو واسطو "ٽانڊي" سان ئي ٻڌو پڙهيو اٿئون. ٽانڊو ڏڳندو تہ چمڪندو ۽ روشني ٽم ٽم ڪندي. شعلو يا پيڙ تہ لرزي سگهي ٿو پر ٽانڊو ڪيئن لرزندو؟ ان مان نڪرندڙ گئس يا دونهين ۾ شيون لرزنديون نظر اينديون آهن پر اهو پاڻ ڪونہ لرزندو آهي. تپ يا بخار ۾ بت جو ڏڳڻ، تپش واري معنيٰ ۾ چئبو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ اڱارن لاءِ آهي تہ "هڪڙا ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڳن" اڱار ڪيئن ڏڪندا؟ بلڪ اهي تہ پهرين دکندا ۽ پوءِ زور جهليندا تہ ٻرندا تڏهن چئبو تہ ڏڳن ٿا، ۽ جڏهن ٽانڊو ڏڳندو آهي تہ ان جو خوبصورت ڳاڙهسرو سونهري رنگ تشبيهہ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو، جنهن مان حسن تجلا ڪندو ڏسڻ ۾ اچي يا روشنيءَ جي ٽمڪي کي لرزش واري معنيٰ ۾ ڪٿي ٿو سگهجي.

سر سريراڳ ۾ هيءَ سٽ ڏسو: "آيل وڻجارن جون ڏڳن ڏچائون" هتي شارحن جي ڪيل معنيٰ آهي تجلا ڪن يا منگهاڻيءَ جي بقول لرزن (پر اها اصطلاحي معنيٰ تہ ٿي سگهي ٿي لغوي معنيٰ نہ).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ طرح لفظ "ڏڄ" يا "ڏڄا" تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. اهو لفظ ڪپڙي جي ٽڪريءَ يا ليڙ واري معنيٰ ۾ عام فهم آهي خود هندي/اردوءَ ۾ "ڏجي" ڪپڙي جي ٽڪر کي چئبو آهي ۽ ان کي جهنڊيءَ يا بيرق جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو ڇو تہ جهنڊيءَ ۾ بہ ڪپڙي جو ٽڪر لڳل هوندو آهي. محرم ۾ جڏهن ألم (جهنڊا) لهندا آهن تہ ان ۾ لڳل ڪپڙي کي چئبو ٿي "بيرق" آهي، جيڪا ماڻهو تبرڪ طور ٽڪر ٽڪر ڪري ڪٽي ويندا آهن. سو لفظن جون هڪڙيون لغوي معنائون هونديون آهن تہ ٻيون اصطلاحي ۽ ٽيون غلط العام صحيح.

"ڏڳايوم ڏنئين جيرو اندر جنڊڙي" ۾ لفظ آيو آهي "ڏنئين" انهيءَ لفظ جو مصدر آهي "ڏنوڻ" يا "ڏنئڻ". ان مان نڪتل لفظ رسالي ۾ مختلف صورتن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. "ڏنوڻ" يا ڏنوٽي ان اوزار کي بہ چئبو آهي جنهن سان اهو عمل ڪيو ويندو آهي. ڏنوڻ يا ڏنوٽيءَ کي هيٺ مٿي ڪرڻ سان ان ۾ هوا ڀرجندي آهي جيڪا ٽانڊن کي ڏڳائيندي آهي، ان عمل کي "ڏنئڻ" چئبو آهي جنهن مان اهو لفظ "ڏنئين" نهيو آهي. ٻئي هنڌ جيڪڏهن اهو ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو (پينگهو ڏنئڻ) بہ تہ اهو انهيءَ مسلسل هوا ڀرڻ لاءِ هٿ هيٺ مٿي ڪرڻ واري تشبيهہ کي ذهن ۾ رکي ڪبو آهي. وڌيڪ ٻوليءَ جا ماهر پنهنجي راءِ ڏيندا.

ڪي ڳالهيون دل سان بہ لڳن ٿيون مثال طور:

منگهاٽيءَ جي ڏنل هڪ لفظ "اوڄون" جي پڙهڻي سان اتفاق ڪرڻ تي دل ٿي چوي. سٽ آهي "اوڄون ڪري عام کي منجهايو ملن." ان لفظ جون گهڻئي صورتون ملن ٿيون. انهن مان هڪ پڙهڻي "اوڄون" بہ آهي جنهن کي هوءَ "اهڄون" جو متبادل روپ سمجهي ٿي ۽ ان جي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ٺهڪي ٿي سٽ جي مفهوم سان. ان جي باري ۾ بہ ماهر سوچي ان کي قبول ڪري سگهن ٿا.

هڪ وائيءَ جي سٽ آهي "اصل اسارن جا، ستي ويڙا سيڻ" - ان ۾ لفظ "اسارن" جي معنيٰ تي بحث ڪيو ويو آهي. عام طور اهو لفظ "اسارو"، "سار" (سارَ = يادگيري، سارَ = هوش، سارَ = خيال) جي ضد طور سيڪو ڄاتي ٿو. اسارو بنا هوش حواس واري ماڻهوءَ لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو تہ غافل کي بہ، چئي سگهجي ٿو، غافل ستل بہ ٿي سگهي ٿو جاڳندڙ بہ تہ غائب دماغ بہ جنهن کي ڪا سار نہ هجي هوش/ياد/جاڳ نہ هجي. گهڻا ئي متبادل لفظ ٿي سگهن ٿا:

ٻي هنڌ سٽ آهي: "اڄ ڪيئن اسارو، ڪنوڻ ڏسيو تو ڪلين." (بي سارو/غائب دماغ).

يا وري "ستين ڪهڙي سار، وڄ ڪنوڏئي ويسرا." (خيال ڪان)

"منهنجي سيد لهندو سار" (سار لهڻ = خبر چار وٺڻ، سنڀالڻ)

ان سموري بحث ۾ پيڻ پنهنجي هڪ راهہ ورتي آهي ان کي بہ عالم ڏسن. معنائن تي بحث ڪندي ڪندي پيڻ ڪتي ڪتي بيتن جي سٽن جي جوڙجڪ يا لفظن تي بہ راءِ ڏي ٿي.

سر ڪنيات ۾ هڪ بيت جي سٽ آهي

"ميڄڻ پونئي هڏ، آهون اڪندين جون."

ان ۾ لفظ "هڏ" تي بحث ڪيو ويو آهي، ان لفظ ۾ "ڏ" هيٺان زير آهي. ان جي حالت جري (مڪاني) تي ٻڌائي، معنيٰ ٿئي ٿي "هڏ ۾"، جيڪا اڪثر شارحن ڏني آهي. پيڻ منگهاڻي ان جي معنيٰ "ماڳهين"، "بنهہ ءِ" اَصلَ ٿي ڪري. اهو درست آهي تہ اهو لفظ ان معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بہ استعمال ٿيندو آهي جيئن شاهہ صاحب جي هڪ ٻئي بيت جي سٽ ۾ آهي "ڪاٺا لاٺا ڪرها، چانگا هڏ مَرچرَ" پر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ساڳيو لفظ ٻن معنائن ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو جيئن "پٽي" آهي. "پٽي" معنيٰ سڌي سنواٽي شيءِ (ڪاٺ جي لوهہ جي يا ڪنهن ٻي شي جي) پر اهو ئي ساڳيو لفظ "پٽيءَ نہ ڪجان اهو ڪم" ۾ بنهہ، صفا جي معنيٰ ٿو ڏي.

ان ڪانپوءِ سر ڪنيات جي بيت جي سٽ آهي

"ولڙيون وهہ ساءِ، اجا پوءِ مُهنديون."

هن بيت ۾ لفظ "مهنديون" جي "م" تي پيش آهي ان ڪري شارحن ان جون ٻن قسم جون معنائون ڪيون آهن. هڪڙي "مُهڻ" مان يعني مسائڻ، نقصان ڪرڻ واري ۽ ٻي "موهڻ" مان يعني توکي موهيندڙيون واري، پر جيڪا معنيٰ پيڻ منگهاٽي ڪري ٿي تہ "اڳيان ايندڙيون، اڳيون، مُهڙ واريون" سا لفظ "مهَنديون" جي آهي جنهن ۾ "م" تي زبر آهي. "مَهندِ" معنيٰ اڳيان اڳي وغيره. جيڪو مون پڻ پنهنجي گهر ۾ ٻڌو آهي "هوءَ تو ڪان مهند مون وٽ آئي هئي"ـ ان موجب "مهندار" اڳواڻ وغيره لفظ نهن ٿا. ان ڪري اهو بہ ضروري آهي تہ لفظ جي زير زبر ڪي ڏسي معنيٰ ڪجي.

سٽ آهي، "چانگي چڪي چَٽَ، پوءِ نہ رهندو پئند ريءَ."

ان ۾ لفظ آهي "چَٽَ" جنهن جي معنيٰ سيني شارحن چَٽو، لذت، چَش/چشڪو ۽ مزو ڏني آهي، ان جو بنياد "چٽڻ" مان آهي جنهن جو تعلق سواد سان آهي. پر پيڻ چوي تہ وٽن اهو لفظ ٿوري ذريءَ جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي ۽ اها ئي معنيٰ بيت ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ جاءِ، ھنڌ. حد ۽ پھچ وغيره لکيل آھي اھو ھن طرح استعمال بہ ٿيندو آھي: "ھن جي ظلم جي تہ پيٽي ڪانھي" يا شاھ صاحب بہ چوي ٿو "ڪٽين ڪٺ لوھار، ھاٺي انھيءَ پيٽين" معنيٰ ھاٺي انھن جاين/ھنڌن تي لوھار ڪٺ تا ڪٽين. باقي پاسائتي معنيٰ ۾ واٽ يا گلي معنيٰ ٿي سگھي ٿي.

سر ڪنيات ۾ سٽ آھي. "قمر ڪھج قريب ڪي، نست ۽ نبر"

ان ۾ لفظ "نست" تي بحث ڪندي پيڻ ان لفظ جي لغوي معنائن سان سھمت نتي ٿئي، جيڪي آھن بي ستو/ستي، بي طاقت ھيٺو/ھيٺي، ڪمزور وغيره. سنڌيءَ ۾ لفظ "ست" طاقت يا سگھہ واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آھي. مثال طور "انھن ۾ ظلم سھڻ جو ست ئي ڪونھي" يا "آءٌ ھن جي سامھون ٿيڻ جو ست ئي نتي ساري سگھان" ۽ اھائي معنيٰ سموري سنڌ ۾ رائج آھي پر منگھاٽيءَ جو چوڻ آھي تہ سندس تر ۾ اھو لفظ بزدل، بي ھمت ۽ ياڙيو يا گيدي واري معنيٰ رکي ٿو. پر منھنجو خيال آھي تہ ھر ڪنھن بي ست/نست، ڪمزور ۽ نبر ماڻھوءَ لاءِ اھي ناڪاري صفتون استعمال نٿيون ڪري سگھجن ڇو تہ ڪيترا ماڻھو ڪمزور ۽ ھيڻا ھوندا. نست ۽ نبر ھوندا پر ياڙي ۽ گيدي ڪونہ ھوندا... ھانءَ جي سچائيءَ تي وڏي مصيبت اڳيان بيھي رھندا. سو انھيءَ غلط العام استعمال ڪي متين سٽ واري يا اھڙي ڪنھن مفھوم ۾ استعمال ڪرڻ ڪيتريقدر جائز آھي؟؟

سر سريراڳ ۽ سر سامونڊيءَ ۾ بہ مختلف بيت اھڙا آھن جن ۾ ھڪ سٽ ساڳي آھي (جو آھي، ان تي في الحال نتا سوچيون) اھا آھي: "ننگريو نيٽين، من اوليءَ نہ اوھري" - ان جي معنيٰ تي اڳيان ھلي بحث ڪنداسين، ان سان سر سريراڳ ۾ سٽ آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـبـاجهي سـيـٽين پـائي ڳـڻ ڳهيـَـو هنيـون.

هن سٽ ۾ لفظ "ڳهيـَو" ۾ ڳ تي زبر آهي (اڪثر رسالن ۾) شارحن طرفان ۽ لغتن ۾ ان جي معنيٰ "گروي رکڻ، هلاڪيءَ ۾ پوڻ/وجهڻ يا لوڙڻ بہ آهي. (اهو لفظ هن صورت ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي: غريب ويچارو سڄو ڏينهن ٿو لڳي پيٽ منگهاٽيءَ جو خيال آهي تہ اهو لفظ "ڳ" هينيان زير سان "ڳِهيو" آهي جنهن کي هو "ڳورڻ" (ڳهڻ) تي ڇوي. هن جو دليل اهو آهي تہ گروي رکڻ سان بي اعتباري جو تاثر ٿو ملي ان ڪري اهو ڳيهڻ واري معنيٰ ۾ وٺڻ وڌيڪ مناسب آهي. يعني "سباجهن سيٽن ڳڻ ڪري منهنجي هنئين کي ڳيهي ڇڏيو." سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ لفظن جي مفهوم کي ايترو منجهائڻ مان ڪجهہ ورڻو آهي ڇا جو هرويرو ويهي ايڏي اوک ڊوک ڪجي. جيڪڏهن گروي رکڻ بي اعتباري ٿو ظاهر ڪري تہ ڳيهڻ، سڄو سالم ڳورڻ مان تہ سيڻ آدم خور ٿا لڳن. منهنجي خيال ۾ تہ لفظن جي ايتري آپريشن ڪرڻ سان بيت جي سونهن ئي ختم ٿيو وڃي!

هاڻي وري اچون ٿا متي بيان ڪيل سٽ "ننگريو نيٽين، من اوليءَ نہ اوهري" تي، هن جي معنيٰ منگهاٽيءَ هن ريت ڪئي آهي تہ "اکيون لنگر تان ۽ من ونجهہ تان لهي ئي نٿو" جڏهن تہ منهنجي ناقص راءِ ۾ معنيٰ ٿيندي" (محبوب جي) نيٽن من کي لنگر وانگر اهڙو قابو ڪري ڇڏيو آهي جو اوليءَ سان بہ نٿو اوهرجي (حرڪت ۾ اچي/ڏڪجي/هيٺ لهي. وڌيڪ عالم فيصلو ڪن تہ صحيح معنيٰ ڪهڙي ٿيندي، البت لفظ اهرجڻ/اوهرڻ ۽ اُهار بابت منگهاٽيءَ جون ڏنل معنائون ضرور دل سان لڳن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي سر ۾ هڪ بيت جي سٽ آهي.

"وساڻو سو واءُ جنهن پر ڏڄن ناڪئا".

ان ۾ لفظ "وساڻو" تي بحث ڪندي پيڻ منگهاڻي ٻڌائي ٿي تہ وٽن ان جي معنيٰ "ساهي پٽڻ ۽ آرام ڪرڻ" واري آهي. مثال ڏئي سمجهائي بہ ٿي. لغت ۾ توڙي شرحن ۾ "وسامڻ، جهڪو ٿيڻ" آهي جنهن جي معنيٰ آهي "وسامي ويو" جيڪو هونءَ تہ باهہ جي وسامڻ سان واسطو رکي ٿو پر ان کي جهڪي يا ختم ٿيڻ جي معنيٰ ۾ بہ ورتو ويندو آهي. ماڻهوءَ کي بہ چئي سگهجي ٿو "چو اَڄ وساڻو پيو آهين؟" ساهي پٽڻ يا آرام ڪرڻ لاءِ ان لفظ جو استعمال منهنجي لاءِ نئون آهي. ساڳي ڳالهہ لفظ "اجهاڻو" سان لاڳو ٿئي ٿي. اهي بہ هم معنيٰ لفظ تجنيس جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گڏ استعمال ٿي سگهن ٿا.

سر سريراڳ جي هڪ بيت ۾ سٽ آهي،

لڳي ڪا مَ ليٿ، شال غاريبي غوراب کي.

هن ۾ لفظ "غوراب کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. بانهي خان شيخ سميت سمورن شارحن جي پاران ڏنل معنيٰ ۽ لغت جي معنيٰ موجب اهو "جهاز"، يا "ٻيڙو" آهي، ٻئي طرف پيڻ منگهاڻي چوي ٿي تہ اهو "غوراب" نہ پر گوراب/گراٻ آهي جنهن جي سندس تر ۾ معنيٰ ڪجھ ساماٿل اٿ آهي پر اهو عمومي طور "سواري" جي مفهوم ۾ ڳالهايو ويندو آهي ۽ لطيف ٻيڙي ۽ جهاز کي سواريءَ واري معنيٰ ۾ غُراب/گراب ڪوٺيو آهي. ان ڪري غراب/گراب جي معنيٰ صرف ٻيڙو يا جهاز نہ ڪرڻ گهرجي. بلڪ "سواري" ڪرڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي هتي ٻـ سوال ٿا اڀرن سي اهي تـ لفظ "غوراب/غـُراب جي لغـوي معنـيٰ جهـاز ۽ ٻيـڙو آهـي ۽ هـن بيـت، بلڪـ سمـوري سـر ۾ سمنڊ/پاڻيءَ ۾ هلندڙ سواريءَ جي ڳالهـ پئي هلي تـ پوءِ ان کي مٿائي گوراب/گراب ڇو سمجهجي، جڏهن تـ بيت جي معنيٰ ۾ بـ ڪو فرق نٿو پوي ۽ ٻيو اهو تـ تجنيس حرفيءَ جي ضرورت بـ پوري آهي تـ پوءِ اهو بحث ڇو ڪجي؟؟

سر سريراڳ جي هڪ ٻئي بيت جي سٽ آهي:

ويـــرم لاهـــي ويهـــ، متـــي آر لوڙاهـــ جـــي.

هن سٽ ۾ لفظ "ويرم" تي بحث ڪيو ويو آهي جنهن مان "وير" کي ڌار ڪري ان جي معنيٰ هڪڙن شـارحن "گيسـر" ۽ "غفلـت" ۽ ٻيـن "وقت" ۽ "ديـر" ڏني آهي جنهـن سان پيـڻ اختـلاف ڪندي ان کي ويـر = وقت، مهل، ويل، وِرم وغيره ڇوي ٿي. منهنجو خيال آهي تـ اهِي ٻـ لفظ نـ پـر هـڪڙو لفظ "ويرم" ٿي آهي. (ويـر+م ڪونهـي). اهـو عـام طـور سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي، ان سان وقت جو ضرور واسطو آهي پر اهو صرف "وقت" يا "ويل" ڪونهي. ان جي معنيٰ "دير" ۽ "وقت جي وٿـي" کي ويجهي آهي. اهو هيئن استعمال ٿيندو آهي "هو ڪجهـ ويرم ويهي هليو ويو" يا "بس ٿوري ويرم تي اٿس تـ هتان اٿيو آهي." هن سٽ جو ٻيو لفظ "لاهي" ڪجهـ نسخن (ٿر ۽ ٻـر) ۾ "لائي" آهي. "ويـر" ۽ "مَ" کي ڌار ڪرڻ سان سٽ جو مطلب بلڪل ابتو ۽ ناڪاري ٿيو وڃي جڏهن تـ منهنجـي هـن معنـيٰ تـي غـور ڪريـو. ڪجهـ ديـر لائـي/لڳـائي ويرم/ترسَ، اوڙاهـ جي آرَ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ڪانپوءِ واري بيت ۾ اوڙاهہ تي ڪجهہ پهر گهارڻ جي ڳالهہ اهو مفهوم وڌيڪ واضح نموني ظاهر ٿي ڪري:

"انئي پهر اوڙاهہ تي، منجهہ گهرءَ گهاري".

يا سر سهڻيءَ جي سٽ "وجهي ويرم نہ ڪري پريان ڪارڻ پاڻ" ڏسو. جتي "نہ" ڏار استعمال ٿيل آهي.

وڌيڪ ماهرن کي سوچڻ گهرجي تہ ڇا "ويرم" هڪ لفظ آهي يا وير ۽ مَ ٻہ لفظ!!

سر سريراڳ جي هڪ ڪان وڌيڪ بيتن ۾ هڪڙو لفظ اچي ٿو "آرَ". شاهہ جي شارحن ان لفظ جي جيڪا معنيٰ ڪئي آهي "درياهہ جو سخت وهڪرو. وچ درياهہ ۾ اچل، ٽڪ، سير" وغيره. منگهاڻي ان سان اختلاف ٿي ڪري، ۽ اها "مرضي"، لاڙو "رجحان" معنيٰ ٿي ڏيو.

1. ويرمَ لاهي ويهہ، متي آرَ اوڙاهہ جي،
2. تنهنجي اڄ طراز، آهي آرَ اکين ۾
3. ڏسئو ڏوهہ ڏکي هنيون، آرَ متي ارواحَ
4. ڪنهن سٽاٽي سانگ، آٽي وڌءِ آرَ ۾.
5. ڇاڪ چري، تارِ تري، آيون متي آرَ.
6. آٽيو وجهي آرَ ۾، وڏا وڻ ويڙهين.
7. آٽيو وجهي آرَ ۾، لُهارو لوهيون.
8. اڪاريين آڏار، آران آڪي واريون.
9. ميهار ڪج منهنجو، اوڪَر ڪنهين آرَ تان.
10. آٽي وڌيس آرَ ۾، درياهہ ديواني.

انهن سيني سٽن سان ڪهڙي معنيٰ ٿي نهڪي اچي؟؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي ڳالهہ لفظ "تارِ" لاءِ بہ ڪري ٿي سگهجي، ان جي معنيٰ بہ پيڻ شارحن ۽ لغتن کان ڌار ڪري ٿي. اهو پڻ تمام گهڻو استعمال ٿيو آهي خاص ڪر سر سهڻيءَ ۾! ان جي معنيٰ تي بہ سوچڻ گهرجي.

سر سريراڳ جي سٽ آهي:

"جن جي سيد لڄ ڪنئي، سي سڀ لنگهيندا لڪيون"

اڪثر عالمن "لڪ" ۽ "لڪيون" جي معنيٰ وڏا نندا جبل ڏيڻ ڪانسواءِ هڪ ٻي عام معنيٰ بہ ڏني آهي "ٻن جبلن جي وچ وارو سوڙهو رستو يا لنگهہ" پيڻ پوئين معنيٰ کي قبول نٿي ڪري. "بولان لڪ" يا "خيبر لڪ" پراڻن توڙي نون جاگرافيءَ جي ڪتابن ۾ "لنگهہ" واري معنيٰ ۾ موجود آهن. اهڙا لڪ سڪيءَ ٿي يا پاٽيءَ ۾ ٿي سگهن ٿا.

سر سريراڳ جي بيت جي سٽ آهي:

"هڪيو هوئج هشيار، ڪوڻ ڪونڊئي اوچتي"

هن ۾ لفظ "هڪيو" تي بحث ڪيو ويو آهي. مختلف عالمن ان لفظ جي معنيٰ "اڳ ۾ تيار، حاضر، تيار، پوري پڪ سان، مهل تي تيار" وغيره ڏني آهي پر پيڻ منگهاٽي ان کي "هينئر"، "هن مهل" جو متبادل ٿي چوي. اهو لفظ بہ عام جام استعمال ۾ آهي. "هڪيو حاضر هئڻ"، "هڪيو تڪيو رکڻ" مروج اصطلاح آهن جن جو مطلب "يڪو" "يڪدم" "اڳئي تيار" عام طور سمجهيو وڃي ٿو پر اهو پڙهي حيرت ٿي تہ پيڻ واري لهجي ۾ اهو هينئر يا هن مهل واري معنيٰ ۾ استعمال ٿو ٿئي!! هن ئي سٽ ۾ سمجهاٽي ڏيندي ٻئي لفظ "ڪنوڻ" جو متبادل "وڄ" استعمال ڪري ان جي معنيٰ ڏنگين ۾ "مينهن واءُ" تي ڏي. ڪِنوڻ ۽ "وڄ" جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ ”بجلي“ تہ ڪري سگهجي ٿي (وڄ = ٻج مان بجلي لفظ نڪتو) مينهن واءُ ڪيئن؟؟

سر ساموندي۾ هڪ سٽ آهي:

سـڙهہ سـبي سـاڃا ڪـري، ڪوهـا ڪنيـائون،

هن ۾ لفظ ”ساڃا“ تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ اڪثر شارحن ”سڄا“، مضبوط، پختا، سنوان وغيره ڏني آهي جڏهن تہ پيڻ ان کي ”سِڌا ۽ سبتا“ بہ ٿي چوي تہ ساڄو/ڪاٻو واري معنيٰ ۾ بہ ٿي وٺي. اهي بہ لفظ ”ساڄو“ ۽ ”ڪاٻو“ هڪڙي لغوي معنيٰ تہ رکن ٿا پر انهن سان لاڳو ڪيتريون ئي اصطلاحي معنائون پڻ ملن ٿيون. الائي ڇو هميشہ ساڄي کي ئي صحيح سمجهيو ويندو آهي، ”ساڄو“ انگريزيءَ ۾ آهي “Right” معنيٰ ”صحيح“. مذهبي احڪامن ۾ بہ ساڄي هٿ ۽ طرف کي اوليت ۽ ڪاٻي تي فوقيت حاصل آهي. سياست ۾ ساڄو، ڪاٻو اڃا مختلف معنيٰ رکن ٿا. ”ساڄو ۽ ڪاٻو“ کي ”سڄو ۽ ڪٻو“ بہ چئبو آهي. ”سڄو“ سالم، مڪمل ۽ ثابت کي بہ چئبو آهي تہ مضبوط کي بہ. ”هاڻ جو سڄو/ساڄو ماڻهو“ وارا اصطلاح ڪنهن نہ ٻڌا هوندا. سٽ جي معنيٰ: ”سڙهہ سبي صحيح، مضبوط ڪري، ڪوها ڪنيائون“ جي باري ۾ ماهرن جو ڇا خيال آهي!!

سر سهڻي ۾ سٽ آهي:

سـاهڙ ڪـري سـُـپت، اونهـي مـان اڪـارئين،

ان ۾ لفظ ”سُپت“ جي معنيٰ تي بہ اختلاف آهن. مختلف عالم ان لفظ جي معنيٰ سني پت، سهڻي ريت، سچائي، چڱائي، مهرباني ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا، جڏهن تہ محترمہ ان کي سُبت، سَيڏي، سوڏي واري معنيٰ تي ڏي.
منهنجي خيال ۾ هتي پيڻ ڪجهہ منجهيل آهي. هن لفظ ”سپت“ جو ضد آهي ”ڪُپت“. معنيٰ آهي سني پت ۽ خراب پت. ٻيو هڪ لفظ بہ عام طور ڳالهائبو آهي ”ڪاريت“ جنهن کي ڪي ”پت ڪار“ بہ چوندا آهن.

”پت“ معنيٰ عزت، مان، reputation - ”رب سائين منهنجي پت رکجان.“ ان جو سبتي يا ابتي سان ڪو واسطو ڪونهي. وڌيڪ ٻوليءَ جا ماهر صحيح راءِ ڏيندا.

ساڳئي سُر ۾ سٽ آهي، ”تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، ايءَ ڪاٽيارن ڪم.“

انهيءَ سٽ ۾ لفظ ”تڙ تڪڙ“ کي بہ هرويرو بحث هيٺ آندو ويو آهي، اهو ڪو اهڙو اصطلاح ڪونهي جنهن کي سمجهي نہ سگهجي. انهيءَ ساڳي سٽ ۾ ٻيو لفظ آهي ”ڪاٽيارن“ ان جي معنيٰ تي بہ ٻيهر غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ”ڪاٺ“ غرض کي بہ چئبو آهي تہ احتياج کي بہ. جيئن آئون ڪنهن جي ڪاڻ ڇو ڪيان؟“

ساڳئي وقت ”عيب“ يا نقص واري معنيٰ بہ اٿس جيئن ”عمر اچا ڪپڙا ڪاٽياريون ڪيئن ڪن“ ۾ آهي. سو هن سٽ ۾ ان جي مفهوم مطابق معنيٰ ڪهڙي ٿيندي؟؟

سر سسئي آبريءَ جي بيت جي سٽ آهي:

پٽيءَ ڪَر مَ پانهنجو، گهوڙيو اڏ مَ گهر.“

لفظ آهي ”پٽي“. ان لفظ جي اڪثر شارحن معنيٰ ڪئي آهي: ميدان، پونو (پٽيءَ ڪر= ڊاهي ناس ڪر). لغت روشنيءَ ۾ بہ ”ڦٽائي ڇڏڻ، ڊاهي پٽ ڪرڻ“ لکيل آهي. جڏهن تہ منگهاٽي ان کي ”يڪو، مسلسل“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري معنيٰ ٿي ڏي. منهنجي راءِ ۾ اهي ٻئي معنائون درست ناهن. لفظ "پٽيءَ" جي معنيٰ تمام عام فهم آهي. ٻنهه، صفا، اصل، بنياد کان، اهو استعمال جو طريقو هيئن آهي، "مون تنهنجي ڳالهه پٽيءَ کونہ سمجهي" يا "اهو ڪم پٽيءَ نہ ڪجان".

هتي سٽ جي معنيٰ ٿيندي "تون ٻنهه، صفا پنهنجو نہ ڪر، صدقو ٿيو. (ڪڏ ۾ پيو) اهو گهر مَ اڏجانءِ.

ايئن ٻيا بہ ڪيترا لفظ آهن جن جي معنائن تي لکي سگهجي ٿو سر سهڻيءَ جي بيت جي سٽ آهي:

تـــرڻ جـــا ، ســـُــهما ڏينـــهہ ســـرتيون.

لفظ آهي "سُهما" جنهن جي معنيٰ شارحن طعنا، ميهڻا ڪئي آهي. هن لفظ کي شايد منگهاڻيءَ "سَمها" سمجهيو آهي ان ڪري ان جي معنيٰ "سامهان، اڳيان، منهن تي" ڪئي آهي، جو تہ ٽرمپ واري نسخي ۾ سامهان" آيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هم معنيٰ ٻٽن لفظن جو استعمال ٿيندو آهي جيئن "سڌو سنئون" "تندون تارون" "طعنا ميهڻا"، ائين ئي "طعنا" سان "سُهما" استعمال ٿي سگهي ٿو. پر پيڻ ان کي رد ڪري ٿي.

سر سارنگ جي هن سٽ تي تمام گهڻو بحث ٿيندو رهيو آهي.

ارون ابـــــر آســـــري، تــــاڙا تنواريـــــــن،

هن سٽ ۾ ارون، اڙون، آڙيون ۽ ٻين صورتن تي تہ بحث ٿيندو رهيو آهي پر هڪ ٻئي لفظ "تاڙا" تي پهريون پيرو پيڻ ئي بحث ڪيو آهي جيڪو پٺائي چيئر پاران ڇپيل سنڌس پهرئين ڪتاب "ڇپر ڪين ڏي" ۾ بہ هو تہ هن ڪتاب ۾ بہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جا سمورا عالم ”تاڙو“ پکيءَ جي قسم جو نالو ٿا لکن جيڪو مينهن لاءِ واجهائيندو آهي. پر پيڻ جو چوڻ آهي ته تاڙو سندس ٽر ۾ ڏيڏر کي ٿو چئجي جيڪو مينهن جي مند ۾ نڪري ٽر ٽر ڪندو آهي ان مهل چئبو آهي ”تاڙا نڪري ٿا تنوارين“.

ان ڏس ۾ ڪوهستان جي ئي هڪ ٻئي ماڻهوءَ تصديق ڪئي ته برابر هنن وٽ تاڙو هڪ قسم جو وڏو ڏيڏر ٿيندو آهي جيڪو مينهن پوڻ ڪانپوءِ نڪري آواز ڪندو آهي (مينهن ڪان اڳ نه). جيتريقدر هن بيت جو تعلق آهي ته ان ۾ مينهن جي پوڻ کان اڳ جو منظر آهي جنهن ۾ هر هڪ ساهه وارو سارنگ کي ساري ٿو ۽ ابر جي آسري تنواري ٿو. بيو ته تنوار پکيءَ جي ٿي سگهي ٿي ڏيڏر جي ته ٽر ٽر ٿيندي آهي. بيت ۾ ”تاڙو“ هڪ پکي ئي آهي، ان لفظ جي معنيٰ کي بدلائڻ سان ڇا ڪو اعليٰ مفهوم ادا ٿئي ٿو؟؟

سر سارنگ ۾ سٽ آهي:

سٽائج سُوَڙ کي حال منهنجو هيءُ.

ان ۾ ڪن شارحن لفظ ”سُوَڙ“ ته ڪن ”سَوَڙ“ سمجهيو آهي. هڪڙن معنيٰ سنو وڙ ڪرڻ وارو، گڏوان لکيو آهي ته ٻين مٿان پائڻ جي رضائي لکيو آهي. سوچڻ جو مقام آهي ته حال ڪنهن کي ٻڌائڻو آهي؟ ۽ تشبيهه ڪهڙي شيءِ سان ڏبي آهي!

سر ڪيڏاري جي سٽ ”ڪارا رڱج ڪپڙا ادا نيروٽي“ جي سمجهاڻي ڏاڍي دلچسپ آهي. پيڻ منگهاڻيءَ جو خيال آهي ته ”نيروٽي“ لفظ اسم ڪونهي، نير مان رڱيندڙ جي نالي طور چيل ڪونهي، بلڪ صفت آهي. سٽ جو مطلب هيئن ٿي ونئي، ”ادا، ڪپڙا نيروٽي ڪارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگجان (نير ۾ ٻوڙي نيروتي ڪارا رگجان)... هاڻي عالم الائي ڇا ٿا فيصلو ڪن؟؟

هن ساڳئي سُر ۾ هڪ سٽ جو پد آهي ”مُنهن ۾ مَڻ ڳتياس“ جنهن ۾ ”مڻ“ جي معنيٰ شارحن، مڻيو، مڻيا، نور، روشني وغيره ڪئي آهي. پيڻ منگهاڻي ان کي نانگ جي ”مڻ“ تي ڇوي جيڪا ”نرڙ مبارڪ تي نماز جي نشان طور مَڻ وانگيان جڙيل هئي“ هاڻي ان کي مڻيو، موتي، مڻيا (منهن ۾ مڻيا) = چمڪ، روشني وغيره مڃجي يا مڻ = نانگ جي مڻ! ڪهڙي معنيٰ ڏجي جيڪا وڏيڪ نهڪي اچي؟؟

ٻيا ڪجهہ لفظ بہ پيڻ مختلف تي ڏي، ڇوي تي ”ڏمر“ معنيٰ ”ڪاوڙ“ نہ پر ”رسامو“، ”وڙول“ معنيٰ ”ڳولا“ نہ پر ”پڙهو“ ”ڍنڍورو“ ”مُني“ معنيٰ ”مصيبت جي ماريل“ نہ پر ”قربل، لٿيل“ (مِني بہ ماٺ مُني بہ ماٺ!) ”ايري“ معنيٰ ”ڪمزور“ نہ پر ”ڪمتر“ ۽ ”گهٽ“، ”اهڪ“ معنيٰ ”ڏک“، ”ڏکيائي“ نہ پر ”اڻ وڻندڙ“ ۽ ”سوڙهہ“ وغيره وغيره.

اهو ضرور مڃڻو پوندو تہ پيڻ تحقيق ڪري لفظن جي انهن معنائن کي گڏ ڪيو آهي جيڪي مختلف ماهرن/عالمن ڏنيون آهن ۽ پوءِ وري انهن کي پنهنجي گهر ۽ تر ۾ مروج معنائن سان ڀيٽيو آهي پر ڪٿي ڪٿي غلط العام صحيح واري مفروضي جي شڪار بہ ٿي وئي آهي. ڪيترا لفظ پنهنجي بناوٽ/اشتقاق ۾ بنهہ چٽا ۽ صاف هوندي بہ ڪيس معنيٰ سان اختلاف آهي، جيئن ”نست“ معنيٰ بنا ست جي، بنا سگهہ جي، ڪمزور هيڻو پر ان جي معنيٰ پاڻ پاڙي، گيدي تي ڪري، جيڪا غلط العام جي زمري ۾ ٿي اچي. ٻئي طرف ڪيترن اهڙن لفظن جون معنائون دل سان تيون لڳن جيڪي اڳوڻن عالمن مختلف ڏنيون هيون. مثال طور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جريدي“ يا ”شـُهدي“، ”آهرجڻ“ (آهار) وغيره جهڙن نيون معنائون غور طلب آهن.

اسان پنهنجي اداري طرفان تحقيقي ڪتابن ڇاپڻ جو جيڪو سلسلو قائم ڪيو آهي، ان ۾ اميد تہ هي ڪتاب سنو اضافو ثابت ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪن لفظن يا معنائن سان اختلاف هجي تہ ان کي بہ جڳائي تہ ريسرچ ڪري پوءِ اهڙو اختلاف ضرور سامهون آڻي. اها هڪ صحتمند روايت آهي جنهن کي اڳتي وڌائڻو آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُهاڳ

## موڙها تان لهن...

سنڌ دنيا جو اهو خوبصورت خطو آهي جنهن ۾ گلن جهڙا هبڪاريل رنگ رنگ جا پٽ آهن. جيتوڻيڪ سنڌ، زمين جي ماپ تور جي حساب ڪتاب ڪان ايڏي وسيع ۽ ويڪري/موڪري ڪانهي، پر عجب اهو تہ ڪيترن ئي زمين جي گهٽائيءَ وارن ملڪن ڪان وڌيڪ زرخيز، سرسبز ۽ گوناگون آهي، جنهن ۾ سمنڊ، درياهہ، ڍورنديون، جهنگ، جبل، سنوان پٽ، ساوا ميدان، صحرا، رڻ ـ مطلب تہ سڪا، هريا، سخت، نرم، سٽيا، اٽيا، منا، ڪارا سيبئي پٽ آهن. هتي زمين جي خاصيت مطابق ئي ماڻهن جا مزاج، رسمون، رواج، رويا، مرڻا، پرڻا، شادي مرادي، ٽوڪ ٽاڙ، ڪل ڀوڳ، لڻز لاڳ، لفظ، اچار، لهجا سڀ ڌار ۽ مختلف آهن. هتي جي هر پٽ تي انساني جذبن جي ڌار سلطنت آهي، جنهن جي ٻولي ۽ رويا سڀ جدا جدا آهن، جن جون ميارون ۽ محبتون، خوشيون ۽ ٽاجا سيبئي ٻي علائقي ڪان ٻيءَ پتاڻا آهن، ۽ هڪڙو، واحد، اڪيلو لطيف بادشاهہ ئي انهن سلطنتن، ٻولين ۽ ماڻهن جو رهنما، ترجمان ۽ پيغامبر آهي. هو انهن سيني جي لفظن، اچارن، لهجن، محاورن، اصطلاحن ۽ علامتن ڪان پليءَ پت واقف آهي ۽ انهن جا ڏک، سک، ضرورتون ۽ خواهشون سڀ ڄاڻي ٿو تہ انهن لاءِ سنجيده بہ آهي. هو انهن کي خطرن ڪان خبردار ۽ آگاهہ بہ ڪري ٿو تہ انهن کي راهون بہ ڏسائي ٿو تہ حل بہ ٻڌائي ٿو. سنڌس پيغام، فڪر ۽ فلسفو واضح ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڏرو آھي، پر ان کي سمجھڻ لاءِ ضروري آھي تہ ماڻھوءَ کي اھا ٻولي ايندي ھجي جيڪا لطيف ڳالھائي آھي ۽ لطيف جي ٻولي نہ اچڻ جي صورت ۾ يا نہ سمجھڻ جي حالت ۾ ظاھر آھي تہ سندس پيغام ۽ فڪر بہ صحيح سمجھي نہ سگھبو ۽ جي صحيح سمجھي نہ سگھبو تہ ڪھڙيءَ ريت ان تي عمل ڪري سگھبو ۽ ڪيئن سنئين سمت ڏانھن سفر ڪري سگھبو؟

شروعاتي دور لاءِ نتو چئي سگھجي تہ لطيف کي تڏھن ڪيئن پڙھيو ۽ سمجھيو ويو ھوندو ڇو جو تڏھوڪا قلمي/دستخطي توڙي ڇپيل نسخا ڏکي لپيءَ ۾ لکيل ھئا ۽ انھن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون بہ ڏنل نہ ھيون. پر ويجھي ماضيءَ کي اسين "شاھ جو رسالو" سولائيءَ سان پڙھڻ وارو دور بہ چئي تا سگھون. انھيءَ دور ۾ ھڪ تہ اھو پراڻي،اوائلي،ڏکي ۽ منجھائيندڙ لپيءَ بدران سڌريل جديد لپيءَ ۾ ڇپيو ويو ھو ۽ ان کان علاوه ان ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون پڻ ڏنيون ويون ۽ پانيوسين تہ، "شاھ جو رسالو" سواءِ انھن ٽڙيل پکڙيل بيتن ۽ واين جي، جيڪي اڄ تائين ڪنھن بہ نسخي ۾ سھيڙجي نہ سگھيا آھن، ھونئن جھڙوڪر مڪمل تي ويو آھي. مون بہ شعور ۾ اچڻ کان پوءِ "شاھ جو رسالو" انھن ئي ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن جي آڌار تي پڙھڻ چاھيو ھو جنھنجو سربستو احوال پنھنجي ڪتاب "ڇپر ڪين ڏي... " ۾ ڏنو اٿم. جيڪو مانواري اداري شاھ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ڇپرايو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن اوهان ڄاڻو ٿا تہ منهنجي ڪتاب، ”ڇپر ڪين ڏي...“ جو موضوع، ”شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو“ آهي، جنهن ۾ مون شاهہ جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جي ڏنل انهن معنائن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جيڪي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايا وڃن ٿا ۽ جن جي معنيٰ منهنجي خيال ۾ درست نہ ڏنل هئي. مون کي خوشي ٿي آهي تہ منهنجي ڪتاب، ”ڇپر ڪين ڏي...“ کي ادبي حلقن ۾ لطيف جي عاشقن جوڳي عزت ۽ مان ڏنو آهي، جنهن مونکي اعتماد ڏنو تہ آئون اهو ڪم مڪمل ڪريان ڇو جو ان ڪتاب، ۾ شاهہ جي مڪمل رسالي تي ڪم ڪيل نہ هو.

محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي مرتب ڪيل رسالي (ناشر: مڪتبہ اسحاقيہ) جي چونڊ بيتن ۽ واين تي ڪم ڪرڻ مهل اهو ارادو هئم تہ آئنده محترم ڪلياڻ آڏواڻي جي ئي ترتيب ڏنل مڪمل شاهہ جي رسالي تي ڪم ڪنديس، جنهنجو اظهار ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ سان پڻ ڪيو هئم. ان وچ ۾ محترم ٻانهي خان شيخ صاحب جو ترتيب ڏنل ”شاهہ جو رسالو“ پڌرو ٿي ويو، جيڪو ٽن جلدن تي ٻڌل ۽ مڪمل آهي، جنهن لاءِ اهو بہ چيل آهي تہ، ان ۾ شاهہ جو گهٽي کان گهٽو نج ڪلام، مفصل معنيٰ سان آهي ــ پر جڏهن ٽيئي جلد پڙهيم تہ اڳ وارا ارادا ۽ پروگرام بعد ۾ ڪرڻ جهڙا لڳا ۽ اڳ هن رسالي تي ڪم ڪرڻ لاءِ ذهن هتي ڏني.

ڀرين آئون سڄي رسالي ۾ آيل انهن لفظن جي ڏنل معنائن جو ڪم پورو ڪرڻ چاهينديس جيڪي لسبيلي ۽ ڪوهستان جا آهن ۽ ان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڳڻ اها بہ ڪوشش ڪنديس تہ جن لفظن جون معنائون مون ڪتاب، ”ڇپر ڪين ڏي...“ ۾ درست ڪيون هيون، اهي لفظ جيڪي نج لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا آهن انهن ڪي پڻ صحيح جاءِ تي آڻيان، ڇو جو اهي لفظ لطيف سائين جي قديم ترين نسخن ۾ پڻ موجود آهن.

پـلا اهـو ممڪـن آهـي تـہ ڪـو هڪـڙو مـاڻهو سـنڌ جـي سـيني علائقن/پٽن جا لفظ ۽ انهـن جـو معنـائون ڄـاڻندو هجـي؟ ۽ لفظ بـہ اهـي جيڪي ٽي پوڻا ٽي سوٌ سال اڳ ڳالهايا ويا هجن؟ مون کي ان ڳالهہ تي بہ وڏي حيرت ٿيندي آهي جڏهن اهو ڇيو ويندو آهي تہ ماڻهو سفر ڪري مختلف علائقن ۾ وڃـي ۽ اتـي جي مـاڻهن کـان سـندن نـج لفظـن جـون معنائون پڇي/معلوم ڪري سگهي! ڪنهن کي خبر آهي تہ ڪهڙو لفظ ڪهڙي علائقي جو آهي؟ ڇا منهنجي ٻڌائڻ کان اڳ ڪنهن کي اها خبر هئي تہ اهي لفظ جن جون معنائون مون درست ڪيون آهن اهي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا آهن؟

ايئن ئي بلڪل مون کي بہ اها خبر ناهي تہ ”شاهہ جي رسالي“ ۾ ڪهڙا لفظ نج ۽ نبار اتر/سري/ڪاڇي، لاڙ يا ڪڇي جا آهن، يا انهـن جون معنـائون صحيح/غلط ڏنل آهن. اهـو تـہ سڀ ڪجهہ اهوئـي ٻڌائـي سگهندو جنهن جا اهي لفظ آهن يا جيڪو اهي لفظ ڳالهائيندو هجي ۽ اهو ئي درست طريقو آهي تہ هر علائقي ۾ رهندڙ لطيف سائين جا عاشق ۽ ڄـاڻو پنهنجـن پنهنجـن نيـٺ، ڪلاسـيڪلءِ اٽلـيڪ لفظـن جـي شناخت/سڃاڻپ ڪري انهن لفظن جون معنائون اٿين ئي اڳيان آڻين ڪن جيئن آئون پيئي ڪريان، تـہ پوءِ تمـام سولائيءَ سان خودبخـود سڄي

مهاڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي ۾ آيل سيني لفظن جون معنائون درست ٿي وينديون. باقي ڪنهن هڪ علائقي جي ماڻهن جو ٻئي علائقي ۾ سفر ڪري وڃڻ يا سيني علائقن ۾ پهچڻ ۽ لفظن جون معنائون پڇڻ، اهو سڀ حيرت جهڙو عجيب سلسلو هوندو جنهنجو جوڳو نتيجو نڪرڻ تهائين اڻرج جوڳو هوندو. باقي ان ڳالهہ تي سندرو ٻڌي بيهڻ تہ رسالي ۾ آيل هر لفظ جي معنيٰ ڏيڻي آهي، اڻجي نہ اڻجي، ٻڌل هجي نہ هجي پر معنيٰ ضرور ڏيڻي آهي، اهو طريقو ضرور ڏکوئيندڙ ۽ ٻاتاڙڻ جهڙو آهي.

ڪتاب، "ڇپر ڪين ڏي..." ۾ رڳو ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن تي ڪم ڪيل هو پر هن ڪتاب ۾ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ استعمال ٿيندڙ ڏکين لفظن جي معنائن کي سمجهائڻ سان گڏ رسالي ۾ آيل انهن بيتن ۽ واين کي بہ تقابلي صورت ڏيڻ مقصود آهي. نمونی طور مون ٻانهي خان شيخ صاحب جي مرتب ڪيل نسخي کي کنيو آهي جنهن ۾ اهي اصلي صورت کان هٽيل آهن ۽ انهن جي اصل صورت ڏيڻ لاءِ جيڪي معتبر حوالا/مثال آهن انهن ۾ دستياب ٿيندڙ (جديد دور جي) نسخن کان علاوه اهي ناياب ۽ اڳاٽا نسخا بہ آهن جيڪي سؤ سالن کان بہ مٿي پراڻا ۽ مستند آهن. انهن ۾ هڪ بيحد اوائلي نسخو (جنهن جا اڳيان صفحا شهيد ٿيل آهن جنهنجي ڪري وقت ۽ ڇاپي جي سن جي خبر نٿي پوي)، بمبئي ڇاپو، گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو ۽ ديوان تاراچند شوقيرام وارو نسخو (1909ع) شامل آهن ان کانسواءِ مرزا قليچ بيگ صاحب جي "لغات لطيفي" ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ترتيب ڏنل لغت "روشني" ۽ سندس ڏهن جلدن واري نسخي جا پهريان ٽي جلد پڻ شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھاڻي اچو تہ ڏسون اھي لسبيلي ۽ ڪوھستان جا لفظ ۽ انھن جون ڏنل معنائون ۽ انھن جون اسان وٽ مروج معنائون جيڪي اڄ بہ اڳي ڪر سان پنھنجي پٽن ۾ ڳالھايون ۽ سمجھيون وڃن ٿيون، جن جي حتمي ساک لاءِ ڪوبہ محترم/محترمہ قرب جا بہ قدم ڀري انھن علائقن ۾ اچي (جن علائقن جي اھڃاڻي مون ڏني آھي) ڪنھن ڪان بہ پڇي سگھي ٿو/ٿي. (منھنجي پٽن جا ماڻھو ھانءَ ۾ ھنڌ ڏيندا).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه لطيف جي ٻولي

"شاهه جو رسالو" هڪ اهڙو عظيم شاهڪار آهي جنهن جو مٽ ڪو ٻيو ٿي نٿو سگهي پر ڇاڪاڻ جو ان ۾ ڪتب آيل ٻولي اڄ ڪان ٽي صديون پراڻي آهي، ان ڪري ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ رسالي جي مرتبن ۽ شاهه جي پارکن وقت بوقت ڏکين لفظن جي معنائن ڏيڻ جو اُدم پئي ڪيو آهي. جيتوڻيڪ شاهه جو تعلق ۽ٽ شاهه واري پٽ سان آهي پر سندس رسالي ۾ اسان کي سنڌ جي سمورن پٽن جا لفظ جا بجا ملن ٿا، جن کي سمجهڻ لاءِ اتان جو ئي ڪو ماڻهو ڪوشش ڪري ته اهو وڌيڪ لاياڻتو ٿيندو. اهڙي ارادي ۽ نيت سان مون اسان جي پٽ/علائقي يعني ڪوهستان ۽ لسٻيلي ۾ ڳالهائجندڙ انهن لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪي ٻين عالمن يا ته سمجهيا ڪونه آهن يا اهي سندن پٽن ۾ ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ مروج آهن، ان ڪري ضروري ڄاتم ته معنائن جو اهو رخ به پڙهندڙن کي ڏيکارجي جيڪو اسان سمجهون ٿا.

انهيءَ مقصد لاءِ مون شاهه عبداللطيف ڀٽائي جيئَر پاران ڇپرايل بزرگ عالم ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل رسالي کي بنياد بنائي ان ۾ ڏنل معنائن کي ٻين عالمن جي معنائن سان ڀيٽي پوءِ پنهنجي تر ۾ مروج معنيٰ ڏني آهي جيئن لطيف سرڪار کي سمجهڻ ۾ اڃا وڌيڪ سولائي ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رسالي جا لفظ ۽ معنائن جا مونجھارا

## سر ڪلياڻ :

سر ڪلياڻ داستان 1، بيت 3، جلد 1

وحده لاشريڪ لہ، جڏھن اتو جن،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، ھيجا ساڻ ھينين،
تڏھن منجھان تن، اوتڙ ڪو نہ اولئو.

## اولئو :

ٻانھون خان شيخ = (اولي يعني ٻيڙيءَ جي ڳن يا ونجھہ سان) ڏڪجي ويو.

ج ع منگھاڻي = ڦاسايو.

گنج صفحو 190 معني ڏنل ناھي.

برٽش ميوزيم لنڊن (وارو نسخو) صفحو 147، بيت 779 معنيٰ ڏنل ناھي.

ديوان تاراچند شوقيرام، داستان 1، بيت 3 معنيٰ ڏنل ناھي.

مرزا قليچ بيگ داستان 1، بيت 3 معنيٰ ڏنل ناھي.

لغات لطيفي (مرزا) اوليو = ڏڪيو، (اولڻ، ڏڪڻ)

ھوتچند مولچند گربخشاڻي، داستان 1، بيت 3، اولئو = اولڻ، اولجڻ. 1. (سنسڪرت آرتر = اولو يا اولي، اولي سان ڏڪڻ)، ڏڪڻ، ھلائڻ، 2. (سنسڪرت اول = آلو) پاڻيءَ ۾ آلو ٿيڻ، طوفان ۾ گھيرجڻ، 3. (سنسڪرت، اڪلِتَ = پريشان) پريشان ٿيڻ، خفي ٿيڻ، ڦاسڻ، اوتڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ اولئو. تڙ ڪان توائي نہ ٿيو ۽ صحيح سلامت وڃي منزل مقصود تي پهتو. يعني نجات حاصل ڪيائين. هي ناڪئن جو اصطلاح آهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي داستان 1، بيت 2، اوليو = لڙهيو، پٽڪيل، ٿيلهيل.

غلام محمد شهواڻي، داستان 1، بيت 6، اوليو = ڌڪيو.

ڪلياڻ آڏواڻي، داستان 1، بيت 3، اوليو = ڌڪجي ويو.

محمد عثمان ڏيپلائي، داستان 1، بيت 6 معنيٰ ناهي.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، داستان 1، بيت 5، اوليو = ڌڪيو.

عثمان علي انصاري، داستان 1 بيت 3، اوليو = لڙهيو، پٽڪيل، ٿيلهيل.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، داستان 1، بيت 6، اوليو = (ٻيڙيءَ وارو ناڪئو، يا ڪوبہ ٻيڙيءَ چڙهيل، ٻيڙيءَ جي اولڻ سببان) اولجي ويو، ڌڪجي ٿيلهجي وڃڻ، سلامتيءَ واري منزل مقصود تي نہ پهچڻ، اولجڻ = ٻيڙيءَ جو (سڙھ بدران) اولي سان ڪاهجڻ، ٿيلهجڻ.

لفظ "اوليو" جيڪو واحد صورت ۾ آهي ان جو منهنجي راءِ ۾ ٻيڙيءَ جي اولي سان تعلق آهي ئي ڪونہ. بلڪ سمنڊ، ياٽي، ٻيڙي، سڙھ سان لفظ "اوليو" جو واسطو ئي ڪونهي. هي هڪ نهايت طاقتور، مڪمل ۽ جامع لفظ آهي جيڪو لطيف پنهنجي ڪلام ۾ گهٽين ئي جاين تي گهٽين صورتن ۾ آندو آهي، جيئن، "اوليو، اوليا، اوليين، اولجان، اوليون، اولجڻ، اولجي ويا" وغيره آهن. واحد/جمع مذڪر "اوليو/اوليا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ واحد/جمع مونث ”اولئي/اوليون“ آهي، جنهنجي اسان وٽ معنيٰ آهي ”ڦاتو/ڦاتا، ڦاتي/ڦاتيون“.

لفظ ”اوليو“ گهر يا متروڪ ٿيل ناهي اڄ ٻہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڳالهايو وڃي ٿو. اسين (لاسي ۽ ڪوهستاني) ڦاسڻ جي جاءِ تي اولجڻ چئون. لطيف جي شارحن جون ”اوليو“ جون ڏنل معنائون پڙهي يقين پختو ٿيو تہ لفظ ”اوليو“ رڳو لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ئي ڳالهايو وڃي ٿو ۽ لطيف جي شارحن جو لسٻيلي ۽ ڪوهستان سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

رسالي ۾ لفظ ”اوليو“ جي معنيٰ جيئن شروع کان وني ڏنل آهي، سا اهائي پيئي يڪي هلندي اچي. تصحيح ان ڪري نہ ٿي سگهي جو لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو تعليمي کيتر ۾ اچي سمهاڙو سندرو ٻڌي نہ سگهيا آهن، تنهن ڪري سندن لفظ ايئن ئي نہ سمجهڻ وارن جي ور چڙهي اولجندا ئي (ڦاسندائي) رهيا آهن. ڪوهستان جي پيٽ ۾ لسٻيلي جا ماڻهو تعليم جي ميدان ۾ اڳتي وڌيا تہ سهي پر ساڻن اهو ڏک ناٽڪ ٿيو جو هو پنهنجن کان ڇڄي ويا ۽ ڪين پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بدران ڌاري ٻولي پلئہ پيئي، جن کان لطيف تہ ڇا پر ”ٻہ ٻہ ويون، تہ ڇهہ ٻہ ويون“ - پوءِ بہ مايوسيءَ جي ڳالهہ ڪانهي هو پنهنجي گهرن ۾ اچي ڪر سان پنهنجي ماءُ جي لوليءَ واري ٻولي ڳالهائيندا آهن. پوءِ اهي ٻڪڪ هجن، رونجها، چاموٽ، گونگا، ٻرا، ڇتا، موندرا، ٻاپڙا، سور، دودا يا بنديجا هجن پر وٽن لطيف واري ٻولي سلامت آهي ۽ هو ان جي تصحيح لاءِ اڳيان ايندا (۽ ايندي سونهندا). لفظ ”اولئو“ جي معنيٰ ٻانهي خان شيخ ”ٻيڙيءَ جي ڳن سان ڏڪجي ويو“ ڏني آهي. گربخشاڻي صاحب وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم ۾ قابليت سان ٻين ٻولين جا مثال ۽ حوالا ڏيندي لفظ "اولٿو" جي معنيٰ ڏني آهي جيڪا پڻ ساڳي، "ڏکجي وڃڻ" وجي ٿي بيهي. پر گهڻ رخي نموني سمجهائڻ جي ڪري لفظ "قاسڻ" بہ اچي ويو آهي جيڪو گربخشاڻي صاحب بلڪل غير اهم نموني لفظن جي لاٽيڊ ۾ ڏيئي ويو آهي، بنا ڪنهن تبصري جي، پر اهو ئي لفظ (قاسڻ) صحيح معنيٰ آهي لفظ "اولجڻ" جي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب بہ ساڳيو گربخشاڻي صاحب وارو طريقو ڪنيو ۽ لفظن جي وڏي لاٽيڊ ڪيائين پر وٿانس لفظ "قاسڻ" گُسي ويو. اهي سڀيئي نمونا ۽ سبب ان ڪري آهن جو لفظ "اولٿو" انهن سڀني محققن/مرتبن/شارحن جو يا تہ ٻڌل ئي نہ آهي يا وٽن ٻي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. بيت ۾ آهي، "اوتڙ ڪونہ اولٿو" ۽ معنيٰ ڏنائون "ڪنهن بہ خراب تڙ انهن کي نہ ڏکيو" جڏهن تہ اها معنيٰ بيت جي مفهوم جي بہ ابتڙ آهي. يعني، ڪنهن بہ خراب تڙ انهن کي نہ ڏکيو؟ پري نہ ڪيو؟ پاڻ وٽ رهايو؟ لطيف پاڪ فرمائي ٿو، "تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪونہ اولٿو" معنيٰ: تڏهن ئي انهن منجهان ڪنهن کي بہ خراب تڙ/ڏڪئي ۽ اڙانگي تڙ نہ قاسايو ۽ هو سلامتيءَ سان نڪري ويا.

جملو = هو ويچارو نوڪريءَ خاطر ڪراچي آيو پر هاڻي مهمانن مان اچي اولٿو آهي.

جملو = آئون تہ ڪم ۾ هٿ وجهي اولجي پيو آهيان.

لفظ "اولٿو" جو ٻيڙيءَ جي "اولي" (وڏي ي سان) يا ونجهہ سان تعلق ناهي.

بيت جي سمجهاڻي = هو هڪ آهي ۽ سندس ڪوبہ شريڪ/مَٽ/ ثاني ناهي. انهن جن دل جي قرب/پيار مان مجيو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت محمد صلعم ڪائنات ڪي وجود ۾ آڻڻ جو سبب/ڪارڻ ۽ وسيلو آهي ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ خراب ۽ ڏکئي تڙ نہ ڦاسايو (۽ هو سلامتي سان لنگهي ويا)

سر ڪلياڻ داستان 2، بيت 9، جلد 1

سوريءَ چڙهڻ سيج پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن،

اوءِ پاهون ڪين پسن، سائُو هلن سامهان.

**سائُو:**

شيخ = سورهيہ، بهادر، نيڪ يا اشراف.

منگهاڻي = سهڻ وارا، برداشت ڪرڻ وارا، صابر (ڏک، بک، بيماري سڀ سهڻ وارا)

گنج صفحو 196 معنيٰ ناهي.

برٽش ميوزيم (لندن) هي بيت ڪونهي.

شوقيرام، داستان 2، بيت 8، معنيٰ ڏنل ناهي.

مرزا قليچ بيگ، داستان 2، بيت 8 معنيٰ ڏنل ناهي.

لغات لطيفي (مرزا قليچ بيگ) سائو = بهادر، دلير.

علامہ آءِ آءِ قاضي، داستان 2، بيت 8، سائو = نيڪ، سگهڙ، سورهيہ.

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 8، سائو = ساهو/ (سنسڪرت ساڌو) ڀلا پرش، ڀلا مانس، چڱا ماڻهو، اشراف، سڄڻ.

شاهاڻي، داستان 2، بيت 8، سائو = اشراف، سڄڻ.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 8، سائو = نيڪ انسان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 8، لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 2، بيت 8، سائو = سچڻ.

انصاري، داستان 2، بيت 8، (بيت ۾ لفظ ”سائو“ جي بدران لفظ ”سائي“ آيل آهي)

ڊاڪٽر بلوچ، داستان 5، بيت 7، سائو = گهڻ ـ سنو، گهڻ ـ سهو، وڏي صبر وارا، صابرين (جيڪي اڄ بک سهن، ڏک جهلين دانهن نہ ڪن، موت سامهان وجن ۽ ڪين ڪچن) ساهو = وڏي همت وارا، دوپار.

لفظ ”سائو“ الائي ڪهڙي دور ۾ رسالي ۾ شامل ٿيو آهي نہ تہ ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي ۾ ”ساهو“ آيل آهي ۽ لفظ ”ساهو“ اڄ بہ اسين صابر ۽ برداشت ڪرڻ واري معنيٰ ۾ ڳالهايون ٿا. وڌيڪ تفصيل ۽ تمهيد ان ڪري ضروري نٿي سمجهان جو ڊاڪٽر بلوچ لفظ ” ساهوَ“ جي اهائي معنيٰ ڏني آهي، جنهن معنيٰ ۾ اهو لفظ ڳالهايو ۽ ورتو ويندو آهي. لهذا هتي رڳو جملي سان سمجهاڻي ڏينداسين.

جملو = ان کي مجائي ڪونہ سگهندا. پلي ڪيڏا بہ ايذاءَ ڏيو هو ساهو آهي سهي ويندو.

هي لفظ مذڪر، مونث، واحد، جمع لاءِ ساڳي صورت ۾ ايندو. يعني، ”هو ساهو آهي“ ”هيءَ ساهو آهي“ يا ”هي سڀ ساهو آهن.“

بيت جي سمجهاڻي: ”سوري/سولي/صليب/ڦاهيءَ تي چڙهڻ ۽ ان کي سيج سمجهڻ/حاصل ڪرڻ اهو سڀ عاشقن جو ڪم آهي. اهي ساهو/سهڻ وارا آهن. پنيان ڪونہ نهاريندا پر سامهون (سوريءَ ڏانهن) وڌندا ٿي ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ڪليـاڻ داسـتان 2، بيـت 11، جلـد 1

ڪـاتيءَ ڪونهـي ڏوهـُـ، ڳـن وڍينـدڙ هـٿ ۾،
پسـيو پـَـرِ عظيـم جـي، لـِـچيو وجـي لـُـوحُ،
عاشـقن انـدَوهـُـ، سـدا معشـوقن جـو.

**لِچيو:**

شيخ = لڏيو، ڏڪيو، لرزيو.

منگهاڻي = چنبڙايو، لِتو، اتيئي جتي آهي ٺڪ تي چنبڙي بيهي رهيو.

گنج صفحو، 197 معنيٰ ناهي (عظيم ۽ لوهہ)

برٽش صفحو 161، بيت 169 (عظيم ۽ لوهہ) معنيٰ ڏنل ناهي.

شوقيرام داستان 2، بيت 11 (عظيم ۽ لوهہ) معنيٰ ڏنل ناهي.

مـرزا قليـچ، داسـتان 2، بيـت 11 (عظيـم ۽ لوهـ) معنـيٰ ڏنـل ناهي.

لغات لطيفي (مرزا) لچيو = لچڻ = لڏڻ، لچڪڻ، ڏڪڻ.

علامہ قـاضي داسـتان 2 بيـت 11 (عجيـب ۽ لوهـ) لچيـو = هبڪيا، ڊنا، لڏيا.

گربخشـاڻي، داستان 2، بيت 11 (عجيب ۽ لوهہ) لچيو = لچڻ = (هيمچندر آچاريہ جي، ديسي نامہ مالا ۾ آيل ديسي لفظ) لسئي، ترڪي ٿو، سنسڪرت، لسن = نچڻ)، ترڪڻ، ڪسڪڻ، لچڪڻ.

شـهواڻي، داسـتان 2 بيـت 11 (عجيـب ۽ لوهـ) لچيـو = لـڏيو، ڏڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي داستان 2، بيت 11 (عجيب ۽ لوهہ) لچيو = لڏيو، ڏکيو.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 11، (عجيب ۽ لوهہ) لچيو = ڪنبيو يا لرزش ۾ اچي ويو.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 11 (عجيب ۽ لوهہ) لچيو = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاسمي، داستان 2، بيت 11 (عظيم ۽ لوهہ) معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 5، بيت 18 (عجيب ۽ لوهہ (لچيو = هبڪيا، ڌنا، لڏيا.

بلوچ، داستان 5، بيت 18 (عجيب ۽ لوهہ) (لچيو = لچيو وڃي، سير واري جاءِ تي نہ وهي ۽ چريو وڃي.

معنائن جو فرق ڏسي تو سگهجي، يعني مڪمل طريقي سان متضاد معنيٰ آهي، چرڻ ۽ نہ چرڻ اسان وٽ آهي ”ساڪت چنبڙي اتيئي بيهي رهڻ“ ۽ ٻئي پاسي”لڏڻ، ڪنبڻ، لرزش ڪرڻ“ آهي .يعني، ڪٿي اها معنيٰ تہ، ”بلڪل ساڪت بيهي وڃڻ، نڪو لڏڻ/چرڻ، نڪو لرزش ۽ جنبش ڪرڻ“ ۽ وري ڪٿي اها معنيٰ تہ، ”لڏڻ، ڪنبڻ، ڏڪڻ“، لرزش ڪرڻ، ترڪڻ ۽ ڪسڪڻ“ آهي. منهنجي ڏنل معنيٰ موجب ”لچيو وڃي لوهہ“ معنيٰ: لوهہ (ڪاتي) جتي آهي اتيئي، ان ئي هنڌ چنبڙي بيهي رهي. جي ڪاتي لڏندي، ترڪندي ۽ لرزش ڪندي تہ لڳي ويندي/وهي ويندي. بيت ۾ آهي تہ، ڪاتي ڪاوڙ ۽ غصي واري روش ڏسي جتي هئي اتيئي چنبڙي بيهي رهي، ساڪت ٿي ويئي، نڪو اڳيان ٿي نڪو پويان ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "لِچيو" جي اهڙي معنيٰ سمجهڻ/ڏيڻ سان بيت ۾ لفظن جي قيرقار ۽ شعر جي ٽيڪنيڪ پڻ متاثر ٿي آهي. بيت ۾ ٻہ لفظ "عظيم ۽ لوح" آيل آهن. جيڪي ٻئي گڏ ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهن، جيئن اوهان مٿي ڏٺو آهي، پر پوءِ بہ سيني نسخن کي گڏ ڪري وري بہ نظر تا وجهون. گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، شوقيرام، مرزا قليچ بيگ، هڪ بيحد اڳاٽي نسخي، بمبئي ڇاپي ۽ قاسميءَ واري نسخي ۾ "عظيم ۽ لوهہ" آيل آهي. جڏهن تہ، علامہ قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، انصاريءَ ۽ بلوچ وارن نسخن ۾"عجيب ۽ لوهہ" آيل آهي، يعني لفظ "عظيم ۽ عجيب" جو فرق آهي پر لفظ "لوهہ" سيني قديم توڙي جديد نسخن ۾ مشترڪ آيل آهي سواءِ پٽ شاهہ واري قلمي نسخي جي، جتي "عظيم ۽ لوح" آيل آهي (اهجاڻي = گربخشاڻيءَ وارو نسخو) ۽ ٻانهي خان شيخ صاحب بہ يقينن پٽ واري قلمي نسخي تان مٿيون بيت کنيو آهي. هاڻي لفظن جي معنائن ۽ آذار ڏسجي تہ بيت ڪيئن آهي، ڪيئن هئڻ گهرجي ڇو جو بيت جي ٻن/ٽن صورتن ۾، اسان جو فرض ٿو ٿئي تہ بيت جي صحيح صورت جو تعين ڪريون. (لطيف رح تہ ڪونہ ايندو سمجهائڻ!!) پهرين شيخ صاحب واري بيت جي معنيٰ ڏسنداسين. جنهن ۾ "عظيم ۽ لوح" آيل آهن. شيخ صاحب جي لفظ "عظيم" جي معنيٰ (وڏي ۾ وڏي، تمام وڏي، خدا) ۽ لفظ "لوح" (دنيا جي حساب ڪتاب جي خدا جي طرفان اڳ لکيل ۽ آسمان ۾ حفاظت ۾ رکيل تختي) کي کڻو ۽ پوءِ بيت جي معنيٰ ڪري ڏسو تہ ڪيئن ٿي بيهي!! هاڻي وري لفظ "لچيو" جي مون واري معنيٰ "چنبڙيو" سان شيخ صاحب جي بيت جي معنيٰ ڪري ڏسو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪـــاتيءَ ڪونهـــي ڏوهـــ، ڳـــن وڍينـــدڙ هـــٿ ۾“

معنيٰ = ڪاتي/ڇريءَ جو ڪوبہ قصور ناهي، ڇو جو ان جو ڳن/هٿيو وڍڻ واري جي هٿ ۾ آهي.

پسـي پـَـــرِ عظيــم جـــي، لڇيـــو وجـــي لـــوحُ

معنيٰ = الله جو قانون/طريقو ڏسي، لوح (دنيا جي حساب ڪتاب جي خدا جي طرفان اڳ لکيل ۽ آسمان ۾ حفاظت ۾ رکيل تختي) بہ جتي آهي اتي ڇنبڙي بيهي ٿي وڃي.

”عاشـــقن اندوهـــ، ســـدا معشـــوقن جـــو“

معنيٰ = عاشقن کي هميشہ معشوقن جي جهوري لڳل هوندي آهي.

ڏسـي ٿـو سـگهجي تـہ لفـظ ”لڇيـو“ جـي مـون واري (لاسي/ڪوهستاني) معنيٰ ڏيڻ سان بہ لفظ ”لوح“ جو بيت ۾ اچڻ لاءِ ڪو جواز ئي نٿو پيدا ٿيئي. لفظ ”لڇيو“ جي معنيٰ جيئن تہ شيخ صاحب سميت سيني شارحن ”ڪنبيو“ ڏڪيو، لرزيو“ وغيره ڏني آهي جنهنجي ڪري پڙهندڙ (اهي جيڪي لفظ ”لڇيو“ جي هن نئين معنيٰ کان واقف ناهن) لفظ ”لوح“ ۽ ”لوهہ“ وارو فرق سمجهي/محسوس ڪري نہ سگهيا هوندا. پر جڏهن لفظ ”لڇيو“ جي اها معنيٰ اتي ڏنيسين تہ فرق ظاهر ٿي ويو ۽ سوال اڀريو تہ، ”لوح ڪٿي ۽ ڇا ۾ ڇنبڙي بيهي رهيو؟“ ۽ جن نسخن ۾ لفظ ”عظيم ۽ لوهہ“ آيل آهي ان لاءِ عرض آهي تہ لفظ ”عظيم“ جي معنيٰ ”الله/خدا“ ڏنل آهي ۽ ”لوهہ“ جي معنيٰ آهي ”ڪاتي/ڇري“ تہ ڇا؟ الله سائين جي اڳيان ڪاتي پنهنجي مرضي هلائي بيهي، الله پاڪ کي پنهنجي عمل ۾ دير ڪرائي سگهي ٿي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي جتي اهو بيت ”عجيب ۾ لوھ“ سان آيل آهي، ان جي ان ست جي معنيٰ تا ڏسون.

پســـي پـــر عجيـــب جـــي، لچيـــو وجـــي لوهـــ،

معنيٰ = محبوب جو انداز/طريقو/نمونو/ريت ڏسي (جيڪو ڪهڻ وارو انداز آهي) لوھ/ ڪاتي/ ڇري بہ اڳيان نڻي وڏي/اتيئي چنبڙي (بيهي) تي وجي. (اڳيان وڏندي تہ عاشق ڪسجي ويندو)

ثابت ٿيو تہ جنهن بيت ۾ لفظ ”عجيب ۾ لوھ“ آيل آهي اهو معنيٰ جي حساب سان درست آهي پر شرط اهو تہ لفظ ”لچيو“ جي معنيٰ ”چنبڙيو“ سمجهي وجي.

هاڻي لفظ ”لچيو“ جملي ۾،

جملو = هڪڙي ٿي هنڌ تي لچيو وينو آهين اٿي ٻاهر نڪر، هل ڦر.

ســـر ڪليـــاڻ، داســـتان 2، بيـــت 15، جلـــد 1

وڍيـــن تـــان ويهـــ، نـــہ تـــہ ونيـــو واٽ ونءُ تـــون،

هـــيءُ تنـــي جـــو ڏيهـــ، ڪـــاتي جنـــي هـــٿ ۾.

**ونءُ :**

شيخ = وڃ.

منگهاڻي = گم يا غائب ٿي وڃي.

گنج صفحو 197، معنيٰ ڏنل ناهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو 161، بيت 870 معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرامہ، داستان 2، بيت 15، معنيٰ ڏنل ناهي.

قليچ، داستان 2، بيت 15، معنيٰ ڏنل ناهي.

لغات لطيفي (مرزا قليچ بيگ) ونءُ = ونئن = وئون، وڃ.

قاضي، داستان 2، بيت 14، ونءُ = وڃ.

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 15، ونءُ = وانءُ = وڃ.

شهواڻي، داستان 2، بيت 15، ونءُ = وڃ.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 15، ونءُ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 15 معنيٰ ڏنل ناهي.

قاسمي، داستان 2، بيت 15، ونءُ = وڃ.

انصاري، داستان 2، بيت 15، ونءُ = وڃ.

بلوچ، داستان 5، بيت 16، ونءُ = لفظ ئي ناهي. بلوچ صاحب وارو بيت آهي،

جان وڍيين تان ويهہ، اڻ وڍيو تان واٽ تي،
هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جني هٿ ۾.

لسبيلي ۽ ڪوهستان جي ٻوليءَ ۾ "وئون/ونءُ" جي معنيٰ آهي، "گمر/غائب يا سڄي زندگيءَ لاءِ هليو وڃڻ" آهي. ٻيءَ معنيٰ ۾ "تڪڙو/جلدي/هڪدم وڃ" آهي.

جملو = هاڻي هتي وڏيڪ ترسڻ تو لاءِ سٺو ڪونهي، ونئون ٿي وڃ.

جملو = اهو هاڻي هتي ڪٿي آهي! اهو تہ جيئن ويو تيئن وئون ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر بلوچ واري نسخي جو بيت ايترو مختلف ڇو آهي؟ ان جو سبب ڄاڻڻ جي به ضرورت آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جي وڍيل آهين/ وڍينڊڙ آهين ته ويهه/ٽڪ/هتي ٿي گذار، نه ته واٽ وٺي گهر تي وڃ. هيءُ انهن جو ديس آهي جن جي هٽ ۾ ڪاتي/هٿيار آهي.

سر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 18، جلد 1
جان اٿئي سَندَ سُرڪ جي، وانءُ ڪلاڙين ڪاتي،
لاهي رک لطيف چئي، متو وٺ ماتي،
ٽڪ ڏيئي پڪ پيءُ، گهوٽ منجهان گهاتي،
جو ورنهه وهاتي، سو سِر وٺ سرو ساهنگو.

ٽِڪَ:

شيخ = ٽِڪ (ڪنهن پاڻياٺي شيءِ جو نڙيءَ مان پيٽ ۾ وڃڻ جو عمل)

منگهاڻي = ٽِڪَ جي معنيٰ آهي ڪا به پاڻياٺي شيءِ هڪ ئي ساهيءَ ۾ پيئڻ جڏهن ته ڍُڪ هڪ ساهيءَ ۾ نه پر ڍڪ ڍڪ، سُرڪ سُرڪ نڙيءَ تان هيٺ لاهڻ کي ٿو چئجي پر ڍُڪ لاءِ ته ڪنهن خارجي پاڻيانڻ جي به ضرورت ناهي ۽ ماڻهو پنهنجي ٿڪ به ڍُڪ ڏيئي نڙيءَ کان هيٺ پيٽ ۾ لاهي ٿو بلڪ سڪٽي/خالي/بنا ٿڪ جي به ڍُڪ ڏبي آهي پر ٽِڪ لاءِ ڪنهن به پاڻياٺي شيءِ جو وافر مقدار ۾ موجود هئڻ ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پڪَ :**

شيخ = ڍڪ، ڇڪو.

منگهاڻي = ”پڪ“ جبل ۾ ان کي ٿو چئجي جو چاول ٻار کي ماءُ ”جَـواڻِ“ (پسارڪو وکر) پنهنجي وات ۾ وجهي چٻي، پوءِ اها چٻيل ”جواڻ“ جنهن ۾ چٻڻ جي ڪري ماءُ جي ٿڪ بہ شامل هوندي اها ٻار جي وات ۾ ذري وجهبي آهي ان کي پڪ چئجي. معنيٰ، صفا ٿورڙي/ذريءَ کي پڪ ٿو چئجي.

**گهاٽي :**

شيخ = يعني شراب.

منگهاڻي = گهٽو/ وڏيڪ.

گنج صفحو 198، معنيٰ ڏنل ناهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، صفحو 141، بيت 737 معنيٰ ڏنل ناهي.

شوقيرام، داستان 2، بيت 18، (جي اتئي سڌ) معنيٰ ڏنل ناهي.

قليچ بيگ، داستان 2، بيت 18، (بيت شوقيرام وارو) معنيٰ ڏنل ناهي.

لغات لطيفي (قليچ) ٽڪ = ڍڪ، ڳيت، ٽڪو يا گوشت جو ٽڪر، گاهہ جو قسم، پڪ = ڍڪ، ڇڪو، ٽڪ يا وات جو پاڻي، گهاٽي = گهاٽو =گهرو، گهٽو.

قاضي، داستان 2، بيت 17، (بيت شوقيرام وارو) ٽڪ = يڪ ساهي پيئڻ، ڳيت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پک = سرڪي، چڪو، ڦيٽي، گهاٽو = گهاٽي = گهاٽي شراب مان.

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 18، (بيت شوقيرام وارو) تک = ڳيت، پک = ڍڪ، گهاٽي، گهاٽي شراب مان.

شهواڻي، داستان 2، بيت 18 (شوقيرام وارو) تک = ڳيت، پک = سرڪ، ڍڪ، گهاٽي = ناهي.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 18 (شوقيرام وارو) تک = ڳيت، پک = ڍڪ، گهاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 18، (شوقيرام وارو) لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 2، بيت 18 (شوقيرام وارو) تک = ڳيت، پک = سرڪي، گهاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2، بيت 18 (شوقيرام وارو) تک = يک ساهي پيئڻ، ڳيت، پک = سرڪي چڪي ڦيٽي، گهاٽي = گهاٽي شراب مان.

ڊاڪٽر بلوچ، يمن ڪلياڻ، داستان 6، بيت 11.
اتئي سڌ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙين ڪاتي،
لاهي رک لطيف چئي، متو وٺ ماتي،
تک ڏيئي پک پيءُ تون، گهٽَ منجهان گهاتي،
جو ورنهہ وهاتي، سو سر وٺ سرو ساهنگو.

تک ڏيئي = وڏي ڳيت ڏيئي، پک = پچاڙيءَ واري ڦڙي، آخري قطرو (گهاٽي گهٽ مان باقي بچيل) گهٽ منجهان گهاٽي = گهاٽي گهٽ منجهان، شراب جي گهاٽي ڍڪ منجهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”تـِڪَ“ جي معنيٰ نـہ رڳو شيخ پر سيني شارحن ”ڳيت“ ڏني آهي. قاضي، انصاري ۽ بلوچ ”يڪ ساهي پيئڻ“ سان گڏ ”ڳيت“ بہ ڏني آهي. جڏهن تـہ ”تـڪ“ ۽ ”ڳيت“ ۾ بيـو وڏو فـرق اهـو آهـي جـو ”تـڪ“، ”پيئڻ“ جي عمل کي چئبو آهي. جيڪو چپن کان نڙيءَ تائين هوندو آهي (هڪ ئي ساهيءَ سان) ۽ ”ڳيت“ جو چپن سان تعلق ناهي. ”ڳيت“ ڪاڏي پيتي کي نڙيءَ کان هيٺ پيٽ ۾ لاهڻ جي عمل کي تو چئجي. لفظ ”پـڪ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڏڪ ۽ ڇڪو“ ڏني آهي. جڏهن تـہ ”پـڪ“ بلڪل ٿورو، ذرو، هڪ ڦڙيءَ/بوند جي اڌ کان بہ اڌ جيتري ٿوري آهي. ”ڏڪ ۽ ڇُڪي“ ۾ تـہ ڇگي مقدار ۾ پاڻيٺ واري شيءِ اچي ويندي آهي. جيئن مون متي عرض ڪيو آهي تـہ، اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) ماءُ پنهنجي وات ۾ ”جواڻ“ (پاسارڪو وکر) وجهي چبي چبي ٻاول ٻار کي ڪارائيندي آهي، جنهن ۾ ماءُ جي ٿڪ بہ شامل هوندي آهي (چبڻ جي ڪري) ان کي پڪ ٿو چئجي جنهن ڪري ٻار گهڻين بيمارين کان بچي ويندو آهي ۽ ڪنهن ٻار کي اها پڪ پيل نـہ هوندي ۽ دانهون ڪندو تـہ چئبو، ”ٻار کي پڪ ئي پيل ناهي تـہ پوءِ ٻار کهڙو ڇاڙهو ڪندو.“

۽ لطيف سرڪار سُر راڻي ۾ لفظ ”پـڪ“، ”تـڪ“ واري معنيٰ ۾ آندو آهي. بيت آهي،

سـج سـياڻي جـا ڪـري، سـاميءَ سـائي ونـڪ،
سهي نـہ سگهان ساعت سيئن، تنهن جي راسن جي رونق،
ڪـــ رتـائين لاڪ ۾، ڪـــ ڏنـائين پـانن پـــڪ.
سـندي سـوڊل سـڪ، ڪپـر ڪـورون جهليـون.
(هي بيت ۾ بحث طلب آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سورٺ ۾ لفظ ”پڪ“، ”تڪ“ واري معنيٰ ۾ آيل آهي. سٺ آهي.

”پانــدپ ڪــائي پــان، وجهــج پــڪ پينــار تــي.“

”پِڪَ“ ۽ ”ڏِڪ“ ۾ وڏو فرق آهي. اهڙا ٻيا لفظ آهن ”تِڪَ، ڏُڪُ، سُرُڪُ، پِڪَ، ۽ مِرِڪَ“ (ميهاران مِرڪ پيتائين پريم ڪي). بيت جو ٿيون لفظ آهي ”گهاتي“ هي لفظ جنهن معنيٰ ۾ اسين (لاسي ۽ ڪوهستاني) ڳالهايون ٿا، ان معنيٰ ۾ شايد ٻي ڪنهن بہ هنڌ نہ ڳالهايو ويندو هجي ۽ لطيف سرڪار ان ئي اسان واري معنيٰ ۾ لفظ ”گهاتي“ هتي آندو آهي. ”گهاتي“ جي معنيٰ آهي ”گهٽي، زيادهہ، وڌيڪ“ لطيف فرمائي ٿو:

”تــڪ ڏيئــي پــڪ پــيءُ، گهــوٽ منجهــان گهــاتي“

معنيٰ = اي سهڻا، اي گهوٽ، گهٽي زيادهہ (شراب) مان تڪ (يڪ ساهي سان پيئڻ) ڏيئي ذرو پيءُ.“ اها آهي هن سٺ جي لفظي معنيٰ، جنهن سٺ جي معنوي معنيٰ ۽ مفهوم بيان ڪرڻ سان ڪيئي ڪتاب لکجي وڃن. ايڏو تہ اونهو ۽ گهرو فڪر ۽ پيغام آهي هن هڪ سٺ ۾! اهو ئي سبب آهي جو آئون پنهنجي ان موقف تي پختي بيٺل آهيان تہ ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ مهل لفظ جي لفظي معنيٰ ڏيڻ گهرجي ۽ معنوي معنيٰ لاءِ ڇڏي ڏجي تہ ٻلي هر ڪو پنهنجي ذهني ۽ علمي طاقت آذار جيئن وٽي تيئن معنيٰ ڪدي، ڇو جو لفظن جي مفهوم موجب معنوي معنيٰ ڪيڻ سان ڪنهن بہ هڪ ئي ماڻهوءَ جي سوچ، گهڻن جي سوچن تي بنا ضرورت ۽ جواز حاوي ٿيڻ جو خطرو ثابت ٿيندي، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين جي سوچ جون راهون بلاڪ ڪرڻ جو حق ڪنهن کي بہ نہ آهي. لفظ "گهاتي" جي معنيٰ سيني شارحن "گهري ۽ تلهي" ڏني آهي جڏهن تہ ٻانهي خان شيخ صاحب لفظ "گهاتي" جي سمجهاڻي "يعني شراب" ڏني آهي. جيئن تہ سٽ ۾ لفظ "گهاتي" جي اهڃاڻي ڏنل شارحن جي معنيٰ سٽ جي معنيٰ سان مطابقت نٿي رکي، جنهنجي ڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي ڪن قلمي ۽ دستخطي نسخن جي قلور ڪرڻي پيئي ۽ پنهنجي مرتب ڪيل نسخي ۾ لفظ "گهوٽ" جي بدران "گهٽَ" آندائين جنهن جي ڪري سٽ ڦري ويئي ۽ لفظ اونداهہ ۾ هتوراٽيون هڻڻ لڳا... ۽ سٽ ٿي ويئي، "تڪ ڏيئي پڪ پيءُ، گهٽ منجها گهاتي" ۽ لفظ "گهٽ" جي معنيٰ بلوچ صاحب "ڍُڪ" ڏني آهي، جڏهن تہ "ڍڪ" مان "تڪ" ڏيئي نٿي سگهجي. اها بہ تلهي، گهري ۽ ڳوڙهي منجهان! تڪ ڏيڻ لاءِ وافر مقدار ۾ پاڻياڻي شيءِ جو هئڻ ضروري آهي ۽ لفظ "گهاتي" جي معنيٰ "گهڻو، زياده ۽ وڌيڪ" واري معنيٰ کان هٽڻ جي ڪري ئي هن عظيم بيت کي وڏو ڌڪ رسيو ۽ لفظ "گهوٽ" بدران "گهٽ" آيو. ان نہ رڳو لطيف جي فڪر کي ڇيهو رسايو، پر بيت جي شڪل بہ معنيٰ جي حساب سان ڪل جوڳي ٿي ويئي آهي. لفظ "گهاتي" جي اسان جي ٻوليءَ ۾ مختلف معنيٰ هئڻ سبب ٿيل بہ واقعا ياد آيا آهن، جيڪي آئون چاهينديس تہ اوهان کي بہ ٻڌايان. اسين هڪ پيري ننڍي وياسين اتي ڪاڏي سان گڏ لسي بہ ڏناٿون. اديءَ کي لسي گهٽي نہ وڻندي آهي، تنهن کي جو وڏو گلاس پري لسيءَ جو ڏناٿون تہ هن پريل گلاس کي جڳ ۾ واپس وجهي اڌ پريل گلاس ڪٽي ڇيو، "گهاتي آهي آئون پي نہ سگهنديس (اسان جي لهجي موجب معنيٰ گهٽي آهي)" انهن ڇا ڪيو جو اديءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ مان گلاس وٺي ان ۾ پاڻي ملائي ارٿ پرٿ ڪري وري ڪٽي اديءَ کي ڏنو تہ ان کان دانهن نڪري ويئي تہ، ”هيءَ تہ تمام گهاتي (گهٽي) آهي“. تنهن تي انهن معصوميت مان چيو، ”هيترو سارو پاڻي وڌو اٿئون اجا بہ گهاتي آهي؟“ ۽ پوءِ جڏهن ڪين لفظ ”گهاتي“ جي اسان واري معنيٰ ٻڌائيسين تہ ڏاڍو کليا. ٻيو واقعو اهو آهي تہ، اسان جي جبل جو هڪ فقير ڪراچيءَ ۾ پنڻ آيو، شهر ۾ ڪيس هڪ اردو ڳالهائيندڙ خيرات ڏني. فقير ويچاري کي تہ اردو ڳالهائڻ نتي آئي پر ڪوشش ڪري کيس دعا ڏنائين تہ، ”الله سائين تمهاري ڪو گهاتا دي گا“ ان تي همراهہ ڪاوڙجي پيو. چئي، ”هم ني تم ڪو خيرات دي اور تم هم ڪو بددعا ديتي هو؟“ ڇو جو اردوءَ ۾ ”گهاٽا“ ”نقصان“ کي تو چئجي. جڏهن تہ فقير هن کي دعا ڏني هئي تہ، ”الله توکي گهڻو ڏيندو.“ ۽ اهي ئي لفظن جي معنائن جا فرق لطيف سرڪار جي ڪلام کي ڇا مان ڇا بنائي رهيا آهن.

**لفظ تڪ جملي ۾:**

جملو = ڪيڏي دير تي اٿئي چانهہ پيئڻ ۾، مَسَ سُرڪ سُرڪَ، ڍُڪَ ڍُڪ ڪري پيو پيئين، تڪ ڏيئي پيي وٺ تہ هلون، گاڏي ڇڏي ويندي.

**لفظ ”پِڪ“ جملي ۾:**

جملو = ٻار کي اجا بہ پڪ نہ وڌي اٿئي متان ڪنگهي (ٻارن جي بيماري) نہ تي پويس.

**لفظ ”گهاتي“ جملن ۾:**

جملو = توکي الله گهاتو ڏنو آهي تہ ان گهاتي (گهڻي) مان الله جي نالي بہ ڏيندو ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هن رمضان ۾ منهنجا روزا تورا ۽ تنهنجا گهاتا (گهڻا) ٿيا آهن.

هي بيت شيخ صاحب ضرور گنج مان کنيو آهي ڇو جو گنج ۾ ”جان اتئي...“ آيل آهي جڏهن تہ ٻين سيني نسخن ۾ ”جي اتئي...“ آيل آهي يعني ”جي“ ۽ ”جان“ جو فرق ۽ بلوچ صاحب واري نسخي ۾ ”جي/جان“ ٻئي ڪونهن رڳو ”اتئي....“ آيل آهي. ٻي تبديلي لفظ ”سڪ“ ۽ ”سڌ“ جي آهي. شيخ، گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، شوقيرام، قليچ، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ لفظ ”سَڌَ“ آيل آهي. جڏهن تہ قاضي، گربخشاڻي ۽ شهواڻي وارن نسخن ۾ ”سِڪَ“ آيل آهي. ”سڌَ“ ۽ ”سڪ“ ساڳي ڳالهہ ناهي. وڏو فرق آهي ٻنهي لفظن جي معنائن ۾. ”سڪ“ ماڻهوءَ جي ڪجهہ نہ ڪجهہ اختيار ۾ هوندي آهي پر ”سڌ“ ماڻهو جي هٿ وس ۽ اختيار کان ٻاهر هوندي آهي. جيئن تہ سيني اڳاٽن نسخن ۾ ”سڌ“ آيل آهي ۽ بيت جي موضوع جي حساب سان بہ لفظ ٺهڪي ٿو. ڇو جو ”سڌ“ اجهل هوندي آهي، جنهن سان اعتدال ۽ ضابطي وارا قانون لاڳو نٿا ٿين. پر ”سڪ“ اعتدال ۽ ضابطي جي ويڙهي ۾ واڙجي ٿي سگهجي ٿي. پر پيو تہ ”سڪ“ جو واسطو ساھ وارن سان گهٽو آهي جڏهن تہ ”سڌ“ جو تعلق ساهوارن سان گهٽ ۽ ڪاٺي پيتي سان گهٽو آهي.

آئون جيئن تہ لطيف کي گهڻو پڙهڻ لڳي آهيان اهو بہ مختلف دور جي مختلف نسخن جي آڌار تي، سو لڳندو اٿم تہ ڄڻ آئون مڪمل لطيف شناس ٿي پيئي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن تہ اها دعويٰ بہ ڪري وجهندي آهيان تہ مون کي مختلف شاعرن جا هڪ هزار بيت آڻي ڏيو انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ بيت لطيف جو بہ هجي تہ آئون اهو هڪڙو لطيف سرڪار جو بيت هڪ هزار بيتن منجهان بہ سجاڳي ڪدي ڏينديس. خير... هتي اهڙي ڪابہ دعويٰ ناهي. بس جيڪا بہ صورتحال آهي اها پيئي سيني جي اڳيان رکان. اڻ وڻندڙ تبديلين جو ڏک سيني سان شيئر ٿي ڪريان/ونديان تہ ڏک جو شديد احساس ڪجھ جهڪو ٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = جيڪڏهن توکي پيئڻ جي چاهنا/تمنا/آرزو آهي تہ هڪدم شراب وڪندڙن جي گتي/بنيءَ ڏانهن وڃ. پنهنجو متو/سسي شراب جي مٽن جي پير ۾ لاهي رک. (ساھ جو سانگو لاهي ڇڏ) اي گهوٽ، اي سينگاريل سهڻا! تون ان ٿورڙي ٿُڪ مليل (زهر ذرو مليل) گهڻي/وافر شراب مان هڪ ئي ساهيءَ ۾/تڪون ڏيئي پيءُ. (اهو شراب) جيڪو سورهيہ بهادرن جا هوش وڃائي، بي هوش ڪري، اهو شراب سر جي/متي جي بدلي ۾ سستو/سهانگو آهي.

سُر ڪلياڻ داستان 2، بيت 20، جلد 1
جي اتئي سڌ سرڪ ۾، وانءُ ڪلاڙڪي ڪوهہ،
ميي سر جي مند جي، هت هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙج روءِ، تان سر وٺ سرڪي سڳٽي.

رُوءِ :

شيخ = روءِ جي، روئداد جي، صورتحال جي، معاملي جي.
منگهاڻي = رنگ، رنگت، رُتِ، روئانت.
گنج صفحو 199 (ميين سر)
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 2، بيت 20 (ڪلالڪي ۽ مهيسر)
مرزا قليچ بيگ، داستان 2، بيت 20 (ڪلالڪي ۽ مهيسر)
لغات لطيفي (مرزا قليچ بيگ) روءِ = صورت، حالت، منهن، شڪل

قاضي، داستان 2، بيت 19 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر) روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 20 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر) روءِ = رخ، طرز، نمونو.

شاهواڻي، داستان 2، بيت 20 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر) روءِ = منهن، نمونو.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 20 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر) روءِ = طرز.

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 20 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر)

قاسمي، داستان 2، بيت 20 (ڪلاڙڪي ۽ مهيسر) روءِ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2، بيت 20 (ڪلالڪي ۽ مهيسر) روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 234، روءِ = رخ، نمونو، رنگ، صورت، نمونو.

لفظ ”روءِ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”روءِ جي، روئداد جي، صورتحال جي، معاملي جي“ ڏني آهي، جڏهن تہ ٻين سيني شارحن ”صورت، منهن، رخ، طرز، نمونو، روبرو وغيره“ ڏني آهي، جيڪا پڻ اسان وٽ ايئن ناهي ناهي.“ اهو لفظ ”روءِ“ اڄ بہ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو "رنگ" واري معنيٰ ۾ ڳالھائبو آهي ۽ رنگ کي اسين (لاسي ۽ ڪوهستاني) "رُتِ، رنگت ۽ روئانت" بہ چئون ٿا.

جملو = اڳ سندس روءِ ٿانڊي ڳهان (وانگر) ٻرندي هئي هاڻي ڪاري ٻانڊ ٿي ويئي آهي.

جملو = ٻوڙ جي روءِ سٺي آهي باقي ساءَ جي خبر ڪاڏي ڪان پوءِ پوندي.

**لفظ "روئانتَ" جملن ۾:**

جملو = ٻلي سوٽ هجن پاڻ ۾ پر سندن روئانت ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

جملو = مائيءَ جي روئانت بکي پيئي. سک سان روئانت ئي بدلجي ٿي وڃي. سٽ آهي،

"جان رمز پروڙج روءِ، تان سروٽ سرڪي سگھٽي."

معنيٰ = جي ان رنگ جو راز سمجھي ويندين تہ سر جي پيٽ ۾ اهو ڏک بہ سٺو آهي/مٺي آهي.

شيخ صاحب جي بيت جي پهرين سٽ جو اڌ هيئن آهي، "جي اٿئي سڌ سرڪ ۾..." جيڪو ٻين نسخن ۾ "جان اٿئي سڌ سرڪ جي..." آهي. ۽ منهنجي خيال ۾ هتي "۾" جي پيٽ ۾ "جي" درست آهي، يعني "سڌ سرڪ جي..." ٿيندي آهي ۽ "سڌ سُرڪ ۾..." نہ ٿيندي آهي. لفظ "مي سر" سواءِ شيخ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ ناهي. گنج ۾ "ميين سر" ۽ باقي ٻين سيني نسخن ۾ "مهيسر" آيل آهي. شيخ صاحب واري بيت ۾ آيل لفظ "پروڙج" ٻين نسخن ۾ "پروڙيم" آيل آهي. مطلب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ لفظن جا اهي فرق ڇو؟ جيئن "ڪلالڪي/ڪلاڙڪي/ڪلاڙين" ايئن بہ ڇو؟ ڇو هڪ ئي لفظ جو تعين تي نہ سگهيو آهي؟ انهن سڀني سوالن کي منهنجي اندر جو آواز سمجهيو وڃي! جيڪي ڪنهن بہ بني بشر ڪان ڇپيل ناهن/ڪيل ناهن.

بيت جي سمجهاڻي = جي توکي سُرڪ (ڍُڪ ڪان گهٽ) جي خواهش آهي تہ هڪدم شراب وڪندڙ جي گهٽي/ڳليءَ ۾ وڃ، پير مغان/ساقي/شراب پيارينڌڙ جي شراب جي اتي ماڳهين وڏي هاڪ آهي/مشهوري آهي. ان رنگ جي رمز/راز جي سمجهي وينڌين تہ سر جي پيٽ ۾ اهو سُرڪ بہ سنو آهي/متي آهي.

سر ڪلياڻ داستان 2، بيت 21، جلد 1

جي اتئي سڌ سرڪ ۾، تہ وڃُ ڪلاڙڪي گهر،
وڍڻ ڇيرڻ ڇڇرڻ، پهت انهن جي پر،
جي وتيءَ پوءِ ور، تہ سهنگي آهي سيد چئي.

**پهت :**

شيخ = دستور، طريقو، پر، ريت، رسم

منگهاڻي = مرضي.

گنج صفحو 199.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.

شوقيرام، داستان 2، بيت 21 (سهنگيءَ بدران سوکي)

قليچ، داستان 2، بيت 21 (سوکي)

لغات لطيفي (قليچ) پهت = لائق، چال، دستور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 2، بيت 20 (سهنگي) پهت = دستور، راضپو، پرچارُ صلاح.

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 21 (گهر بدران ڳر آهي) پهت = (سنسڪرت، پَدَيَ)

رستو، طريقو، روش، دستور، چال.

شهواڻي، داستان 2، بيت 21، (ڳر) پهت = رستو، دستور.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 2، (گهر) پهت = چال.

ڏيپلائي، داستان 1، بيت 31 (گهر)

قاسمي، داستان 2، بيت 21 (گهر)، پهت = رستو، چال.

انصاري، داستان 2، بيت 21 پهت = دستور، راضپور، پرچاءُ، صلاح.

بلوچ، داستان 6، بيت 8، پهت = پڪي پختي ريت، مان ڏيڻ خاطر جيڪي هو ڏين، وٽن ايندڙن کي جيڪي هو محبت ۽ مان طور هميشہ ڏين، پوئو، نيند.

لغت "روشني" صفحو 125، پهت = رسم، ريت، پـَرِ، پوئو، نيند، لاڳ، مان.

لفظ "پهت" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن ، "ريت، پـَرِ، پوئو، نيند، لاڳ، مان. لائق، راضپو، پرچاءُ، صلاح، رستو، روش وغيره ڏني آهي. ڏسي تو سگهجي تہ هڪ لفظ "پهت" جي معنيٰ ڏيڻ لاءِ ڪيترا مختلف معنائن وارا لفظ ڏنا ويا آهن. ان جي باوجود بہ اصل معنيٰ تائين ڪو هڪ بہ پهچي نہ سگهيو آهي. لفظ "پهت" اڄ بہ اسان جا وڏڙا "مرضيءَ" واري معنيٰ ۾ ڳالهائيندا آهن. سٽ آهي، "وڍڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيرڻ، ڇڇرڻ، پهت انهين جي پر” معنيٰ، ”وڏڻ ڇيرڻ، ڇڇرڻ اها رسم ۽ ريت انهن جي ”مرضي“ آهي. ”بيت ۾ لفظ ”پَرِ“ آيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي، ”ريت، رسم، دستور، رواج، طريقو“ نجاڻ ڇو لفظ ”پَرِ“ کي نظرانداز ڪري لفظ ”پهت“ جي معنيٰ بہ ”پَرِ“ ڏيئي ڇڏي آهي، جڏهن تہ لفظ ”پر“ پاڻ هڪ ڌار نهايت طاقتور وجود رکندڙ لفظ آهي، جيڪو بيت ۾ وڏي اهميت سان آيل آهي. ان هوندي بہ شيخ صاحب. لفظ ”پهت“ جي ڏنل معنائن ۾ ”پَرِ“ بہ ڏني آهي. ايئن تہ سٽ ٿيندي، ”وڏڻ ڇيرڻ ڇڇرڻ، پَرِ انهين جي پَرِ“ ۽ جڏهن لفظ ”پهت“ جي معنيٰ ”مرضي“ ڏبي تہ معنيٰ هينئن ٿيندي ”وڏڻ ڇيرڻ ڇڇرڻ، اهائي، مرضي انهن جي ريت/دستور آهي.

جملن ۾ سمجهائڻ وڌيڪ آسان ٿيندو.

جملو = هن جو چا آهي. هير وينو آهي وري جو ”پهت“ پيوس تہ اٿي هليو ويندو.

جملو = هن جيڪو چيو سو پانجو پهت پاريائين.

بيت ۾ لفظ ”گهر ۽ گِر“ ۽ لفظ ”سهنگي ۽ سوکي“ وارو معاملو منهن مقابل آهي. دل چوي ٿي تہ ڪتان بہ بس ٿورڙي دير لاءِ لطيف سرڪار کي عرض ڪري وٺي اچجي تہ، ”سائين، پنهنجو اصلي ڪلام/اصلي لفظ زير، زبر ۽ پيش سان سمجهايو تہ، ”موڙهيءَ ڪو منهن ٿيئي.“

بيت جي سمجهاڻي = جي توکي سُرڪ (ننڍو ڍڪ) جي خواهش آهي تہ هڪدم شراب وڪندڙن جي گهر وڃ جتي وڏڻ، ڇيرڻ ۽ ڇڇرڻ واري ريت ۽ رسم ئي سندن مرضي آهي. اتي جي توکي هڪڙي وٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(پيالي/جام) ڀـ پلئـ پوي/حاصل ٿئي تـ اھو سستو/سھانگو(سودو) آھي.

سـُـر ڪليـاڻ، داسـتان 2 بيـت 23، جلـد 1.
ٻنـن ھينيـان باھــ، مچـڻ آڳ اجھـائين،
رُپـو ڪنـدا راھـِ، ڪونـر ڪلاڙيـن آيـا.

**راھِ:**

شيخ = ڍير، ڍڳ، انبار.

منگھـاٽي = دسـي، ڪيرائـي، ليٽـائي، مٿـيءَ ۾ ملائـي، پـٽ ڪري. (ھار ۽ شڪست ڏيئي)

گنج صفحو 198

ٻنـيءَ ھينيـان باھـ، مچـڻ آڳ اجھـائين،
رپـو ڪنـدا راھـ، ڪـورَ ڪـلاڙي آيـا.

ڊاڪٽر بلوچ، يمن ڪلياڻ داستان 6، بيت 16، جلد 1.

ٻنـيءَ ھينيـان باھـ، مچـڻ آڳ اجھـائين،
رپـو ڪنـدا راھـ، ڪوئنـر ڪلاٽـي آيـا.

راھـ = رپو ڪندا راھـ = ربو راھـ ڪندا، چانديءَ جا ڍڳ ڪندا ۽ وڏي ڳري قيمت ڏيندا.

ھي بيت برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، ديوان تاراچند شوقيرام، مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ قاضي، ھوتچند مولچند گربخشاڻي، غلام محمد شھواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ عثمان علي انصاريءَ وارن نسخن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موجود ناهي. ائين ڇو آهي؟ ۽ ڇو ناهي؟ واري بحث جي هتي ڪا ٻہ گنجائش ناهي، پر منهنجي پنهنجي راءِ بهرحال منهنجي پنهنجي اڳيان وڏي خاص اهميت رکندڙ آهي، جيڪا محفوظ تي رکان (تہ هي بيت لطيف جو آهي يا نہ آهي) هي بيت رڳو ٽن نسخن ۾ آيل آهي، شيخ صاحب، گنج ۽ بلوچ صاحب وارن ۾، پر ٽنهي بيتن ۾ لفظ "ڪلاڙين/ڪلاڙي/ڪلاٽي" ٽن صورتن ۾ آيل آهي ۽ "ڪونر" بہ گنج ۾ "ڪورَ" آيل آهي.

بيت ۾ آيل لفظ "راهِہ" انهن طاقتور لفظن منجهان آهي جيڪي پنهنجي معنائن ۾ وڏا منظر/پس منظر رکن ٿا، جن جي اچارڻ سان هڪ مڪمل واضح تصوير نظرن جي اڳيان اچي ٿي بيهي. لفظ "راهہ" هاڻي اسان وٽ گهٽو واهپي ۾ ڪونهي پر وجايل بہ ناهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو اچاري خوشگوار حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي (۽ ان مهل ان جملي جي سونهن اچي ڪو ڏسي). لفظ "راهہ" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڍير"، ڍڳ، انبار" ڏني آهي جيڪا منهنجي ٻوليءَ ۾ درست ناهي. سٽ آهي،

رپـــو ڪنـــدا راهـــہ، ڪونـــر ڪلاڙيـــن آيـــا.

معنيٰ = شهزادا/حاڪم زادا گتي/شراب خاني تي (شراب وڪڻندڙن وٽ) آيا آهن، جيڪي بہ نمبري/گهٽ درجي واري چيز/شراب کي رد ڪري، اڇلائي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا. ڊاڪٽر بلوچ بہ ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي تہ، "هو چانديءَ جا ڍڳ ڪندا، قدر ڪندا ۽ وڏي ڳري قيمت ڏيندا" شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ڏنل معنيٰ بلڪل متضاد آهي، لفظ "راهہ" جي اسان وٽ مروج معنيٰ جي! بيت جي پهرين سٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنيـــن هينيـــان باهـــ، ميجـــڻ آڳ اجهـــائين،

معنيٰ: اوهين پنهنجي بنين کي هينيان ڏنل باهہ کي اجهايو يا ڍري متان ڪريو! (بنيون جتي شراب بنجي ٿو، پڇي ۽ ڪڙهي ٿو، اها باهہ جهڪي نہ ڪجو، ان لاءِ تہ باهہ/ تاندو گهٽ ٿيندو تہ شراب صحيح نموني بنجي نہ سگهندو/ڪچو رهندو. ٻي سٽ آهي.

”رپـــو ڪنـــدا راهـــ، ڪونـــر ڪلاڙيـــن آيـــا.“

معنيٰ = شهزادا، شراب وڪڻندڙن وٽ/شراب خاني ۾ آيا آهن (جيڪي نهايت سچاڻ ۽ سني/خراب جا پارکو/سجاڻڻ وارا آهن.) اهي ڪچي، خراب، ايري ۽ ٻي درجي واري چيز (شراب) (رپو/چاندي جيڪو سون کان گهٽ ٻي درجي جو آهي) کي رد ڪري، اڇلائي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا.“ شاعر، سنڌ جي ڪاريگرن کي تلقين ٿو ڪري تہ اوهين تمام سٺو ۽ بهترين مڌ تيار ڪريو تہ دنيا ۾ اوهان جي چيز جي هاڪ ٿيئي ۽ وقت جا حاڪم بہ مجبور ٿي اچي اوهان وٽ وٺيءَ جا سوالي ٿين، جنهن لاءِ محنت، توجهہ ۽ سچائي جي ضرورت آهي. مسلسل محنت، مسلسل ڪاپو ڪريو... ”بنيـن هينيـان باهـ، ميجـڻ آڳ اجهـائين“ يعني بنيـن هينيان باهہ مسلسل ٻرڻ گهرجي ۽ ماڻهو جيڪو بہ ڪم ڪري ان ۾ ڪس ڪسر نہ ڇڏي. ترڪتال سان ڪوبہ ڪم مڪمل نٿو ٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = بنين جي باهہ هرگز نہ وسائجو! مئخانن تي راجڪمار آيا آهن، جيڪي گهٽ درجي واري اڻ پڪل شراب کي قبول نہ ڪندا، اڇلائي هاري، مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـُــر ڪليــاڻ، داســتان 2، بيــت 26، جلــد 1

ســنڌڙيا شــراب جــون، ڪــُــهه پچــارون ڪــن،

جــ ڪــات ڪــلاڙن ڪديــا، تــ موتيــو پــوءِ وچــن،

پڪــون ســي پيــن، ســر جنــي جــا ســَــٿِ ٿيو.

سَٿِ :

شيخ = سودي يا عيوض (لاءِ تيار آهن)

منگهاڻي = هڪ ئي جهٽڪي ٿيو.

گنج صفحو 200 (سَٿِ)

برٽــش ميوزيــم (لنــدن) وارو نســخو صفحــو 142، بيــت 745 (سَٿِ)

شوقيرام، داستان 2، بيت 25، (سَٿِ)

قليچ، داستان 2، بيت 25، (سَٿِ)

لغات لطيفي (قليچ) سَٿِ = سودو، سان، گڏ.

قاضي داستان 2، بيت 24 سَٿِ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشــاڻي داســتان 2، بيــت 25، ســَــٿِ = معنــيٰ ڏنــل نــاهي.

(شراب جي بدران ”سري“ آيل آهي) `

”يعني سنڌڙيا سري جون، ڪهه پچارون ڪن.“

شهواڻي، داستان 2، بيت 25 (سري) سَٿِ = عيوض ٿيو.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 25، سَٿِ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 25، سَٿَ (معنيٰ ڏنل ناهي)

قاسمي، داستان 2، بيت 25، سَٿَ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 2، بيت 25.. سَٽ = عيوض.

بلوچ يمن ڪلياڻ، داستان 6، بيت 8، (سَري) سَٽَ = سودو، پڪو نقدي سودو (هت اصطلاح معنيٰ = عشق جو سودو، محبوب جي ملڻ عيوض سر ڏيڻ جو سودو) سر جنين جا سَٽَ ۾ = جن سچن عاشقن جا سر سؤدي ۾ ڏنل آهن.

لفظ "سٽ" شيخ، گنج، برنَش واري نسخي، شوقيرام، قليچ، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ "سَٽِ" (يعني ٽ هيٺان زير" سان) آيل آهي، جنهن ۾ قاسمي صاحب معنيٰ نہ ڏني آهي ۽ قاضي صاحب ۽ بلوچ صاحب لفظ "سَٽَ" (ٽ مٿان زبر) ڏيڻ جي باوجود معنيٰ ساڳيئي، "سَٽِ" واري "سودو ۽ عيوض" ڏني آهي.

لفظ "سَٽَ" ۽ لفظ "سَٽِ" بہ ڌار لفظ آهن ۽ مٿي بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم مطابق لفظ "سَٽَ" آيل آهي جيڪو اڄ بہ اسين عام ڳالهايون ٿا.

جملو = هو تہ پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي، سَٽَ سان پانهن هٽيو ٿو هلي.

اسان وٽ (لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾) جي ڪنهن کي جهٽڪي سان ٻانهن يا ٽنگ ۾ سور پئجي وڃي تہ بہ چئبو آهي "فلاڻي کي سَٽَ اچي ويئي آهي" بيت جي سِٽَ آهي:

پڪـــون ســـي پيـــن ســـر جنـــي جـــا ســـــٽ ۾،

معنيٰ: شراب جو ذرو (بہ) اهي پِين جن جا سِر/ساهہ هڪ ئي جهٽڪي ۾ لهن/اهي پنهنجا سر هڪ ئي ڌڪ/جهٽڪي ۾ لاهي ڏين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو خيال آهي تہ لطيف سائين جي مٿئين بيت ۾ متارن/پياڪن جي مزاج مطابق لفظ "سَٿِ" نہ پر "سَٿَ" آيل آهي. پلا متارا ڪهڙي سودي ۾ واپار لاءِ ٿي آيا؟ هو تہ مَڌ جا متوالا هئا نڪي موڪيءَ جي حسن جي هاڪ هئي جنهن جي سونهن تي ڪو هو موهت هئا. متارن جو مرڻ هڪ اتفاقي حادثو هو/واقعو هو ۽ لطيف سرڪار ڪي انهن نفيس مزاج، حساس، جاڪوڙي شهزادن جي حادثاتي المناڪ موت جو ڏک ٿيو هو. جيئن تہ پاڻ لطيف سرڪار نهايت حساس ۽ معصوم هو، جنهن تي ان دڪدائڪ واقعي جو ڏاڍو اثر ٿيو هو جنهن ڪين پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ هنڌ ڏيئي امر بنائي ڇڏيو. باقي متارا نڪو محبوب سان ملڻ ٿي آيا نہ ئي ڪو پرينءَ جي درشن جو سودو هو. ها، باقي موڪيءَ وارين بٺين جو شراب جيڪو سڄو سال سنڌيل هوندو هو، اهو جڏهن مند تي ڪلندو هو ۽ جڏهن مٽن جا منهن اپٽبا هئا تہ ان انوکي مڌ جو هڳاءُ هنڌين ماڳين هاڙي هُوڪ ڪري وجهندو هو. اهو مهانگو/قيمتي ۽ اٿملهہ هو جنهنجي خريدڻ جو ڪو عام ماڻهو تصور بہ ڪري نہ سگهندو هو راجڪمار، ڪنئر، شهزادا ئي ان جي پيئڻ جي سگهہ ساري سگهندا هئا ۽ اهي ئي ايندا هئا، ان ساقيءَ جي مئخاني تي جام سان جام ٽڪرائڻ، ۽ جن بہ موڪيءَ جو مڌ چکئو انهن کي اهو ئي پيهر پيئڻ ڏاران ٻيو ڪجهہ بہ ياد نہ رهندو هو ۽ اهي سڄو سال ان مند جو انتظار ڪندا هئا جنهن مند ۾ ان مڌ جا مٽ اپٽبا هئا/ڪلندا هئا. "سڌڙيا شراب جون ڪهہ، پڇارون ڪن؟" سگهٽي خواهش ڪرڻ وارا، ڇو ٿا شراب جون ڳالهيون/پڇارون ڪن؟ "جہ ڪات ڪلاڙين ڪڍيا، تہ موٽيو پوءِ وڃن." جنهن مهل بہ شراب وڪڻڻ وارن شراب جو اگهہ/ملهہ ڪين ٻڌايو تہ هو پونيان پير ڪري موٽي ويندا. (ملهہ مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪون سي پين، سر جني جا سَٿَ ۾“. شراب جا قطرا/ڦڙا اهي پين. جن ڪي پنهنجي سسيءَ جو سانگ نہ هجي/پرواهہ نہ هجي. ڇو جو جنهن سنڌيل مڌ/شراب ۾ سَپُ سُري پيو هو، ان جي خبر ساقي/موڪيءَ کي بہ نہ هئي ۽ جڏهن شهزادن اهو چکئو تہ اهو سواد ڪين اڳ ڪان بہ اڳرو لڳو/وڌ لڳو ۽ اهي جيڪي گٽينگ پياڪ هئا. انهن ڪابہ ڳٽگوت نہ ڪئي، نہ ئي پڇا تات ڪئي تہ ڇو سَري جو ساءُ ڦٿل آهي/ڪڙو آهي. اهي تہ وَٽِ تائين پريل وٺيون اوتيندا رهيا ۽ سندن سرِ. سَٿَ سان ڪرندا رهيا. لفظ ”سَٿَ“ جي معنيٰ اسان وٽ اها آهي. باقي ”سودي“ واري معنيٰ سان بہ پلي بيت کي ڏسن! سچ جي سوپ تي آئون ارهي ڪانہ آهيان.

بيت جي سمجهاڻي ”سڪٽي خواهش ڪرڻ وارا ڇو تا شراب جون ڳالهيون ڪن؟ جيڪڏهن شراب وڪٽڻ وارا مهانگو ملهہ/قيمت ٻڌائيندا (ڪاتن جهڙي قيمت) تہ هو پونيان پير ڪري موٽي ويندا. شراب اهي پين جن کي پنهنجي سرن جي پرواهہ نہ هجي ۽ اهي بہ جهٽڪي سان لاهي ڏين.

سـر ڪليـاڻ، داسـتان 2، بيـت 32، جلـد 1

ڪوڙييـن ايـا ڪيتـرا، وڍيـو سـر سـڃين،

جـي پهـت نـہ پٽـي سـڄٽين، تـہ وڍيـل تـا واريـن.

**پهت :**

شيخ = پهت ۾، خيال ۾، ويچار ۾.

منگهاڻي = مرضي

گنج صفحو 200



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت سواءِ گنج جي بيو ڪنهن بہ لطيف جي نسخي ۾ موجود ناهي. لفظ "پهت" جي معنيٰ متي هن ئي سر ڪلياڻ داستان 2، بيت 21 ۾ ڏني اٿم. سٽ "وڍڻ چيرڻ چچرڻ پهت انهين جي پر" هئي جتيّ لفظ "پهت" جي معنيٰ شيخ صاحب "دستور، طريقو، پر، ريت، رسم" ڏني هئي ۽ هتي وري ساڳي لفظ جي معنيٰ "خيال ۾، ويچار ۾" ڏني آهي. ٻنهي معنائن جو فرق ڏسي تو سگهجي. لفظ "پهت" نج اسانجو آهي (لسبيلي ۽ ڪوهستان جو) جنهنجي معنيٰ "مرضي" آهي، جيڪا ٻنهي هنڌن تي ٺهڪيل آهي. سٽ آهي، "جي پهت نہ پئي سڄٽين، تہ وڍيل تا وارين" معنيٰ = جي محبوبن جي مرضي نٿي ٿي تہ پوءِ وڍيل سر بہ موٽائي تا ڇڏين (قبول نٿا ڪن)

بيت جي سمجهاڻي = (محبوبن جي اڳيان) ڪروڙين بينا آهن ۽ الائي ڪيترا تہ پنهنجو سر وڍيو پيا آڇين، پر جي محبوبن جي مرضي نٿي ٿيئي تہ پوءِ اهي وڍيل سر بہ موٽائي تا ڇڏين (قبول نٿا ڪن).

سـر ڪلياڻ داسـتان 2، وائـي 2، جلـد 1
رانجهـا وو ميـن تيـڏڙي آهيـان،

سٽ 5 :

چيٽڪ لايا وو مينون، ڪوڪ ڪنهن سٽوايا تينون

چيٽڪ :

شيخ = جادو
منگهاڻي = چيچَ، نندي آڱر، چيچُڪَ، چِيٽڪَ
گنج صفحو 201، برٽش واري نسخي ۾ هيءَ وائي ڪانهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 1، وائي 2

قليچ، داستان 2، وائي 2.

لغات لطيفي (قليچ) چيٽڪ = جادو

ڏيپلائي داستان 2، وائي 2

قاسمي داستان 2، وائي 2، چيٽڪ = جادو

باقي، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ هيءَ وائي ناهي. لفظ "چيٽڪ" وجائجي ويل لفظ ڪونهي. اڄ به لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ وڏڙا نندي آگر کي "چيٽڪ" ئي چوندا آهن ۽ نوجوان ۽ ننڍا ٻار به لفظ "چيٽڪ" کان آشنا ۽ متعارف آهن. وڌيڪ معلومات لاءِ عرض ته آگوني جي پر واري آگر (ڏسٽي) المعروف شاهد آگر کي اسين، "قندڪ" چئون. "چيٽڪ" جي وڌيڪ سمجهاڻي جملن ۾ ئي ڏيئي ٿي سگهجي.

جملو = هيءَ منڊي نندي آهي ٻين آگرين ۾ پوري نه ايندي باقي چيٽڪ ۾ اچي ويندي.

هن سڄي سلسلي ۾ لفظ "قندڪ" واسطيدار ته ڪونهي پر جڏهن اوهان محترمن/محترمائن جي اڳيان ظاهر ٿي متعارف ٿي چڪو آهي ته ڇو نه مزي ۽ دلچسپيءَ واسطي جملن ۾ به آندو وڃي.

جملو = ابا، اهو وڏو ماڻهو آهي. اسين غريب ته ڇڏيو پر ڪاشا ڪاشا به اک تران (هيٺيان) ڪونه ٿو آڻي، قندڪ سين ٿو پُڇ ڇنڊي.

جملو = صحيح نموني سلام ڇيلا (ڇا لاءِ) نٿو ڪرين؟ قندڪ جي اشاري سان سلام نه ڪر ٻناڪي!

سٽ جي سمجهاڻي = مونکي ننڍڙي آگر/چيچ لاٿائين. اها دانهن ڪوڪ ڪيئن ٻڌايان توکي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪليـاڻ داسـتان 3، بيـت 8، جلـد 1

عشـق جـي اسـباب ڪـي، پـر ۾ پچيـائون،
دارون هـن درد جـو ڏاڍو ڏسـيائون،
آخـر "والعـصر" جـو ايهـي اتـائون،
تهـان پـو آئـون، سـڪان ٿـي سـلاهہ ڪـي.

**ڏاڍو:**

شيخ = تمام، بهترين، سٺو
منگهاڻي = مضبوط، سخت، طاقتور
گنج صفحو 187
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 149 بيت 793
(بيت ۾ ٽي (3) سٽون آهن. "ڏاڍو" واري سٽ ڪانهي)
شوقيرام داستان 3، بيت 8
قليچ داستان 3، بيت 8
لغات لطيفي (قليچ) ڏاڍو = معنيٰ ڪانهي.
قاضي داستان 3، بيت 9، ڏاڍو = معنيٰ ڪانهي.
گربخشاڻي، داسـتان 3، بيـت 8، ڏاڍو = (سنسـڪرت، دڙڍ)، سخت، مشڪل، ارڪو.
شهواڻي، داستان 3، بيت 8، ڏاڍو = معنيٰ ڪانهي.
آڏواڻي، داستان 3، بيت 8، ڏاڍو = معنيٰ ناهي.
ڏيپلائي، داستان 3، بيت 8، معنيٰ ڏنل ناهي.
قاسمي، داستان 3، بيت 8، ڏاڍو = مشڪل، اوکو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 3، بيت 8، ڏاڍو = معنيٰ ڪانهي.

بلوچ، داستان 4، بيت 2، ڏاڍو = ڏاڍ = تمام ڪارگر، مجرب ۽ مفيد، هڪ تڪ، ڏاڍو عجب جهڙو، خالص ۽ خاطريءَ جهڙو.

لفظ "ڏاڍو" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "تمام، بهترين، سنو" ڏني آهي، ان جو لفظ "ڏاڍي" سان سڱ نہ سياڪو. هونئن ڪٿي آئون جيڪر چوان ها تہ لفظ "ڏاڍو" بہ ضرور اسانجي ئي پاسي جو آهي پر هي پهاڪو، "ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ مٿا" تہ ساريءَ سنڌ ۾ هڪ جيترو ئي مشهور آهي، ۽ گربخشاڻي صاحب ۽ قاسمي صاحب جي ڏنل معنيٰ بہ مڪمل صحيح آهي، پوءِ الائي ڇا جي ڪري شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب هن تازي دؤر ۾ نڪرڻ جي باوجود لفظ "ڏاڍو" جي معنيٰ پنهنجن نسخن ۾ مڪمل طور الڳ غلط ڏني آهي جنهن جي ڪري سڄي بيت جي معنيٰ ئي ڦري وئي آهي.

داروں هـــــن درد جـــــو، ڏاڍو ڏســــــيائون،

معنيٰ = هن درد جي دوا نهايت سخت ۽ اوکي ٻڌايائون.

لفظ "ڏاڍو" اڄ بہ اسين "سخت ۽ مضبوط" واري معنيٰ ۾ ڳالهايون ٿا.

جملو = ماڻهو ڇا ڏاڍو ٿيندو، الله ڏاڍو آهي.

"ڏاڍو" صفت آهي، اسم ڪونهي.

بيت جي سمجهاڻي: عشق جا سبب مخفي نموني اڪيلائيءَ ۾ همدرديءَ سان معلوم ڪيائون (۽ پوءِ) درد (عشق جي مرض) جو علاج نهايت سخت ٻڌايائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ "والعصر" (قرآن شريف جي ٽيهن سپاري جي سورة جي آخري لفظ "صبر" جا پار پتا ڏنائون)، ايئن چيائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يعني "صبر" تنهنجي دوا آهي) ان ڪان پوءِ (يعني جڏهن ڪان پرينءَ صبر جو چيو آهي) آئون يڪو سلام (پيغام) لاءِ سڪان پيئي/تڙپان ٿي (تہ ماڻَ هو ياد ڪري سلام موڪلي)

سر ڪليان، داستان 3، بيت 22، جلد 1

ڪُهن ۾ ڪوٺين، ايءَ پر سندي سڄڻين،
سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنب ڏهاڙئو ڏين،
وينا ورهہ وٺين، آءُ واڍوڙئا وهاءِ تون.

**وٺين:**

شيخ = وندين، ورهائين

منگهاٽي = ملائين، گڏين (جيئن ٻہ سڳا/ڌاڳا گڏ ڪري ملائي وٽُ/وَرُ ڏيئي هڪ ڪجي.)

گنج صفحو 189 ۽ 190 (ڏينهاڙئو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام؟ (نسخي ۾ 15 ۽ 16 صفحو ناهي)

قليچ داستان 3، بيت 22، (ڏهاڙي)

لغات لطيفي (قليچ) وٺين = وٺڻ = وندڻ، ورهائڻ

قاضي، داستان 3، بيت 21، (ڏيهاڙي) وٺين = معنيٰ ناهي

گربخشاڻي، داستان 3، بيت 21 (ڏيهاڙي) وٺين = وٺڻ = (سنسڪرت، ونٹ) وندڻ، وراهڻ، حصا ڪرڻ.

شهواڻي، داستان 3، بيت 21 (ڏيهاڙي) وٺين = وراهين.

آڏواڻي، داستان 3، بيت 21 (ڏهاڙي) وٺين = وراهين، وندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 3، بيت 21 (ڏھاٽي) نسخي ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

قاسمي، داستان 3، بيت 22 (ڏھاٽي) وٽين = وندن

انصاري، داستان 3، بيت 21، (ڏھاٽي) وٽين =معنيٰ ناهي.

بلوچ، يمن ڪلياڻ، داستان 1، بيت 13 (ڏينھاٽوُ) وٽين = ورهائين.

لفظ "وٽين" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن "وندين، ورهائين" ڏني آهي.

لفظ "وٽڻ" اڄ بہ مروج ۽ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي جنهنجي معنيٰ آهي "مضبوط ڪرڻ" ۽ لفظ "وٽين" جو اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ) "وندڻ"، ورهائڻ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. "وٽين" هڪ عملي منظرنامو آهي معنيٰ "وٽُ/وَرُ/ڦيرو/گهمرو/چڪر ڏيئي/ڏياري هڪ شيءِ کي ٻي سان ملائي هڪ ڪرڻ وارو.

جملو = هو بہ تو جهڙا ماڻهو آهن. واندا ڪونہ تا وهن، سڄو ڏينهن تا رسيون وٽين، ويچارن جا هٿ ئي ڦٽجي پيا آهن ڦٽهن مان رسيون وٽي وٽي.

ست آهي، "وينا ورهہ وٽين، آءُ واڍوڙيا وهاءِ تون"

ست ۾ آيل لفظ "ورهہ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "عشق جو عذاب" ڏني آهي جڏهن تہ "ورهہ" جي معنيٰ "وڇوڙو ۽ جدائي" آهي جنهن کان هر سنڌ واسي آشنا آهي. ست ۾ آيل ٻيو لفظ "وهاءِ" آهي جنهنجي معنيٰ آهي" آٽڻ چاڙهڻ ۽ خريدو فروخت" ۽ ايئن ست جون بہ معنائون ٿينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ منهنجي تہ "هوُ پيا وڇوڙن کي مضبوط ڪن. اي گهايل تون بہ ان ۾ اچي شامل ٿي آڻ ۽ چاڙهہ" ٻي معنيٰ شيخ صاحب جي آهي تہ، "هو عشق جي عذاب کي پيا وندين، ورهائين، اي گهايل تون بہ اچي وٺ" هتي لفظ "وٿين" جي اهائي معنيٰ ڏنل آهي جيڪا اسين ڳالهايون ٿا.

سر ڪلياڻ، داستان 3، وائي 2، جلد 1، سٽ 1:
عجب نين تيري، سرس نين تيري،

سَرَسُ :

شيخ = اتم، اعليٰ
منگهاڻي = گهڻو، زيادهہ، وڌيڪ، گهاتو
گنج صفحو 230 ۽ 231
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام واري نسخي ۾ اهو صفحو شهيد ٿيل آهي.
قليچ، داستان 3، وائي 2.
لغات لطيفي (قليچ) سرس = سرسو، سرسائي، زيادتي.
ڏيپلائي، داستان 3، جي ضميمي (شاهہ جا پسنديدهہ بيت) جي وائي 5، سٽ 1.
بلوچ لغت "روشني" صفحو 268 سرس = سرسو = واڌارو، 2.
سِرس = چنبڙي ويندڙ مسالو (= نہ ڇڏيندڙ سور)
باقي قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ هيءَ وائي موجود ناهي. لفظ "سَرِس" بہ انهن ياڳوند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن مان آهي جيڪي نہ رڳو سلامت آهن پر عام ڳالهايا بہ وڃن ٿا. هيءَ وائي جيئن تہ گنج، مرزا ۽ ڏيپلائيءَ وارن نسخن ۾ پڻ آهي ۽ انهن ٽنهي نسخن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن ۽ مرزا قليچ بيگ جي لغات لطيفي ۽ ڊاڪٽر بلوچ واري لغت "روشني" ۾ لفظ "سرس" تہ نہ پر لفظ "سرسو" جي معنيٰ آيل آهي جيڪا "سرسائي" زيادتي، واڌارو" آهي ۽ شيخ صاحب لفظ "سَرسَ" جي معنيٰ "اتم ۽ اعليٰ" ڏني آهي لفظ "سرس" جي معنيٰ "اوچائي، بلندي، اتم ۽ اعليٰ" نہ پر "گهٽي، زيادهہ، وڌيڪ" آهي. جملن ۾ ضرور لفظ "سرس" پنهنجي معنيٰ سمجهائڻ ۾ مددگار ٿيندو.

جملوِ = ماڻهو گهٽا آهن، مانيون سرس ڏي ۽ ٻوڙ بہ سرس ڏي.

هيءَ وائيءَ لطيف سرڪار جي آهي؟؟ لفظن جي معنيٰ ڏيڻ سان بہ ست جو مفهوم نڪري ئي نٿو.

سر يمن ڪلياڻ، داستان 1، بيت 2، جلد 1

جتي حبيب هٿن، پري نائڪ نينهن جو،

تتي طبيبن، وڃي وڃا وسري.

وِڇا:

شيخ = (طب جو) علم، ڄاڻ

منگهاڻي = رڳو طب نہ پر هر ذهني علم، قابليت، هنر

گنج صفحو 224.

برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 145، بت 767.

شوقيرام، يمن ڪلياڻ، داستان 1، بيت 9



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 1، بيت 9
لغات لطيفي (قليچ) وِجا = هنر، هشياري، قابليت (وديا)
قاضي، داستان 1، بيت 9، وِجا = علم، هنر.
گربخشاڻي = داستان 1، بيت 9، وِجا = (سنسڪرت، وديا) علم، هنر، قابليت
شاهواڻي، داستان 1، بيت 9، وِجا = معنيٰ ناهي.
آڏواڻي، داستان 1، بيت 9، وِجا = وديا (طبابت جو علم)
ڏيپلائي، داستان 1، بيت 9.
قاسمي، داستان 1، بيت 9، وِجا = هنر.
انصاري، داستان 1، بيت 9، وِجا = علم، هنر
بلوچ، داستان 3، بيت 17، وِجا = وديا) علم (طبابت جو حڪمت جي ڄاڻ.

لفظ "وِجا" جي معنيٰ سمجهہ، عقل، مت، استادي، هوشياري، ڪاريگري، علم، هنر، مطلب تہ، دماغ سان لاڳاپيل سڀ عقل، متيون، علم ۽ هنر آهي. پر ذهن ۽ دماغ سان وابستہ اهو علم ۽ مت جيڪو نوس حالت ۾ نہ هجي ۽ منهنجي خيال سان لفظ "وِجا" جي معنيٰ آهي "دانش" شيخ صاحب سان گڏ ڪن ٻين شارحن بہ لفظ "وِجا" جي معنيٰ "طب جو علم ۽ حڪمت جي ڄاڻ" ڏني آهي، جڏهن تہ "وِجا" جو لفظ رڳو طب لاءِ ئي مخصوص ناهي. هي لفظ اڄ بہ پنهنجي پٽن ۾ اڃي ڪَرَ سان ڳالهايو ٿو وڃي، جتي جبلن ۾ طبيب ۽ حڪيم جو ڏار ڪو تصور بہ ڪونهي، نہ ئي طبي وديا ۽ حڪمت بابت ڪي ڪلاس ٿيندا آهن. جبل جا ماڻهو ڀاڻ ئي طبي ويا ۽ حڪمت بابت ڪي ڪلاس ٿيندا آهن. جبل جا ماڻهو پاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـي پنهنجا ويـج ۽ طبيـب آهـن. سُـتيون، ڦڪيـون، پنيـون، پٽيـون سـڀ پنهنجـون پـاڻ ڪـن. هو تـہ لطيـف چواٽـي، ”پـاڻ ئـي ٻـڏن پٽيـون، پـاٽهي چڪيـا ڪـن. جـواڻ، سـڪو ليمـون، ڪٽـا ڏاڙهـون، سـونف، سـن مڪـائي، چمبـر ڪـاني، نوشـادر، وهـر، وڏف، سـڪا نـانگڙا، پـٽ ڪنـوار، جـل ڦـل، اينجٽيـون، هرٻـو، ڏيـڏا، ڦوتـا، لونـگ، ڪـاري جيـري، ڪـاريون مريـون، دالچيني، سُـڪي سُـنڊ، ايرنڊي، ڪرياتو، سونا، سـڪا ڦودنـي پـن، اهـر، جئـور ٿـڪي، حسين ٻوٽـو، اِجو زيرو، ڪَـپُـئي، ٻوئي مادر، موريءَ ٻـج، مصري، ٻاٻريچي، سنهار، پٽ ڪٽالي، ڪَـئُوءَ جا پن، هنگَ، مورتا سنگ، هنجو، منڊيري، ڪڙمت، اهيئي سندن دوائون، ستيون، ڦـڪيـون ۽ پٽيـون آهن. جن کي سـڪائي، جهجهـري ڪـٽي، ڪـيڙچـاڻ ڪـري، مـاکيءَ ڳـاڙ، گـهہ پچو، مصريءَ ڳڙي، لوڻ ڪٽو وجهي ناهي جوڙي سنيالي رکن. اهي ستيون ۽ ڦـڪيون اهڙيون تـہ ساڪريون ۽ سيـڪ تين جو اگهو چڏيو پر اَروَ (سگهو) بـہ پيو چٽي. توري ڪا چار گودڙائي يا هنئين پرڻ تيو تـہ تريءَ تي رکي ڦـڪي هٽجي تـہ ڪَـيڏي ويئي چار گودڙائي ڪـيڏي هنئين پرڻ، مـاٽهو نئون نمرو هَـرَ پيو جهليندو. اهيئي وجـائون سندن ڪـل ڪـائنـات آهن جن تي پيا تڳن.

بيت جي سمجهاڻي = جتي پرين پيار جو تيرتا هٽن، اتي طبيبن کي ڄاڻ ۽ علم وسريو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سر جمن :**

سـر جمـن، داسـتان 1، بيـت 15، جلـد 1
واڍوڙڪـي منهيـنءَ، اڄ پـڻ ڪنجهـو ڪنجهـ،
جـي پـڻ پيـن سـنجهہ، تـہ هـو پٽيـون هـو پنيـون.

**ڪنجهو ڪنجهہ :**

شيخ = ڪنجهہ مٿي ڪنجهہ، رڙ مٿي رڙ، دانهن مٿي دانهن
منگهاڻي = صفا جهيڻو آواز، رڙ ۽ دانهن جي متضاد اهو ڏيمو ۽ ڊبيل آواز جيڪو بيمار جي وات مان پاڻ مرادو نڪرندو آهي، گهڻي تڪليف ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري ۽ ان ڏيمي ۽ ڊبيل ڪمزور آواز کي ڪنجهڪر/ڪنجهڪار/ڪنجهہ ۽ ڪنجهڻ چئبو آهي.
گنج صفحو 226. برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي
شوقيرام داستان 1، بيت 14
قليچ داستان 1، بيت 14
لغات لطيفي (قليچ) ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي
قاضي، داستان 1، بيت 14، ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي.
گربخشاڻي، داستان 1، بيت 14، ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي.
شهواڻي، داستان 1، بيت 14، ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي.
آڏواڻي، داستان 1، بيت 14 ڪنجهو ڪنجهہ = دانهن تي دانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائـي، داسـتان 1، بيـت 14، نسـخي ۾ ڏکيـن لفظـن جـون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 1، بيت 14، ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي.

انصاري، داستان 1، بيت 14، ڪنجهو ڪنجهہ = معنيٰ ڪانهي.

بلـوچ، داسـتان 1، بيـت 19، ڪنجهـو ڪنجهـہ = ڪنجهـہ ۽ ڪنجهہ، سور واري ڇهنگو ڇهنگهہ، درد واري دٻيل دانهن مٿان دانهن.

لفظ "ڪنجهڻ" اڄ بہ روز واري ڳالهہ ٻول ۾ ايئن ڳالهائبو آهي جيئن بيا لفظ. يعني بنا ڪنهن جاکوڙ جي هن لفظ جي معنيٰ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو ٻار ٻچو اهائي ٻڌائيندو. "ڪنجهو ڪنجهہ" معنيٰ تڪليف منجهان پاڻ مرادو بيمار جي واتان نڪتل ڌيمو ۽ دٻيل آواز. پر ان کي "رڙ يا دانهن" هرگز نتو چئجي.

جملـو = ڊاڪٽـر ڏانهــن ويئـي هيــس تــہ اتـي مــاڻهن جــي ڪنجهوڪنجهہ لڳي پئي هئي.

جملو = ويچاري سور مان ڪنجهي پيئي، صابر آهي وٽس رڙ ڪوڪ ڪانهي نہ تہ تڪليف ۾ ڪمي ڪانهيس.

بيـت جـي سمجهـاڻي = اڄ بــ ڦٿيلـن جـي پونــگن مــان درد ۽ تڪليف وارا دٻيل ۽ ڌيما آواز پيا اچن. سانجهي/شام اچي ٿي اٿن تہ بہ اهيئي پنيون رکن، اهيئي پيا پٽيون ٻڌن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمـن داسـتان 1، بيـت 21 جلـد 1

رنجوريـن رڙڪ، سـدا آهـي سـور جـي،

ڪنهـن جنهـن ڏڪ ڏسـائيا، لڙيـن ڪيـن جـڙڪ،

اي پـلاريءَ پڙڪ، نيئـي هيڪـر حضـوري ڪيـا.

**پڙڪَ :**

شيخ = ڳالھ، پڙڪي

منگهاڻي = هلڪي، ڌيمي آواز ۾ مختصر ٻہ ٽي لفظ مبهم چوڻ

گنج صفحو 225 (پڙڪ پلاڻي)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.

شوقيرام واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

قليچ، داستان 1، بيت 20.

لغات لطيفي (قليچ) پڙڪ = معنيٰ ناهي.

قاضي، گربخشاڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ هي بيت موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 1، بيت 20، پڙڪ = تنوار، وائي، خبر.

ڏيپلائي، داستان 1، بيت 20، هن نسخي ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

بلوچ، داستان 1، بيت 24، پڙڪ = سور سببان روئڻ ۽ دانهن ڪرڻ وارو هلڪو مگر مسلسل آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "پڙڪ" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڳالھ ۽ پڙڪي" ڏني آھي. جڏھن تہ "پڙڪ/پڙڪو" ڳالھ جي بلڪل ابتڙ ھوندو آھي. ڳالھ تہ وڏي يا ننڍي پر واضح ھوندي آھي، بلڪ ڳالھ تہ سربستي بہ ٻڌائي سگھبي آھي، پر "پڙڪو" تہ مس ٻن اکرن وارو مبھم. ٻڌو اڻ ٻڌو آواز ھوندو آھي، جيڪو واضح نموني سمجھي ئي نہ سگھبو آھي، ڇو جو ان جي ادائگي ايترو تہ تکڙي ۽ ڌيمي ھوندي آھي جو ماڻھوءَ کي (ٻڌڻ واري کي) ڇڙ اچي وڃي.

جملو = پڙڪي تي سجاڳ ٿيس پر ايتري ۾ ھوءَ ھلي ويئي.

مختصر، مبھم، تکڙي ڳالھائڻ کي "پڙڪ/پڙڪو" ٿو چئجي.

نہ کي جيئن ڊاڪٽر بلوچ صاحب چيو آھي تہ، "دانھن ڪرڻ جو ھلڪو مگر مسلسل آواز" جڏھن تہ "پڙڪي" کي تسلسل آھي ئي ڪونہ ۽ "پڙڪ" تہ مس سيڪنڊ جي وقفي ۾ ھوندي آھي.

بيت جي سمجھاڻي = سورن وارن کي سدائين روڄ ۽ ڪنجھڪر ھوندي آھي. اھڙي ڪنھن وڏي ڏک وڪوڙيا آھن جو ڪين جھوري لھي ئي نٿي. ان پلاري پڙڪي/درد جي سياڳي مختصر ڪنجھ انھن کي ھڪ وار تہ نيئي پرين جي سامھون/اڳيان ڪيو.

سـر جمـن داسـتان 2، بيـت 1، جلـد 1

تـات طبيـب نـہ تـون، سـڌ نـہ لھيـن سـور جـي،
سـانڍ پنھنجـا ڏبـڙا، ڪـڏ ڪڙـي ۾ پـون،
ڪانـہ گھرجـي مـون، حيـاتي ھوتـن ري.

گنج صفحو 224 تات طبيب نہ تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام، داستان 2، بيت 1 تن طبيب نہ تون.
قليچ، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
قاضي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
گربخشاڻي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
شهواڻي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
آڏواڻي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
ڏيپلائي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
قاسمي، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
انصاري، داستان 2، بيت 1، تن طبيب نہ تون.
بلوچ، داستان 2، بيت 7، تن طبيب نہ تون.

هي بيت اوهان ڏٺو. اهو گنج ۾ (جتان ئي شيخ صاحب کنيو آهي) ”تات طبيب نہ تون...“ آيل آهي، باقي ٻين سمورن نسخن ۾، تن طبيب نہ تون....“ آيل آهي. جڏهن تہ گنج ۾ ڪيئي اهڙا بيت بہ آيل آهن جيڪي لطيف سرڪار جا آهن ئي ڪونہ ۽ ڪيئي اهڙا بيت آهن جن جون شڪليون بدليل آهن. اسان کي گنج تي اعتراض ناهي تہ اتي ائين ڇو ٿيو آهي ڇو جو انهن وضاحتن کان ڀلي ڀت واقف آهيون. پر شيخ صاحب ائين ڇو ڪيو ۽ بنا ڪنهن تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ جي هي ۽ اهڙا ڪيئي بيت پنهنجي نسخي ۾ ڇو آندا؟ جڏهن تہ سيني نون توڙي پراڻن نسخن ۾ ”تن طبيب نہ تون...“ آيل آهي ۽، منهنجي راءِ ۾ بہ اهو ئي درست آهي معنيٰ ۽ مفهوم موجب. يعني ”تون جسم جو/وجود جوويچ ناهين...“ گنج ۾ لفظ ”تات“ آيل تہ آهي پر ان جي مٿان ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري ذميداري/جوابداري ڪونهي. اتي لفظ نهي نہ نهي پر مالڪن جو چيو سڏاتورو بنجي مجي، اوچڻ اوڍي مـُرُڪـُـٽُ ڪري سمهي ٿا پون پر شيخ صاحب لفظ ”تات“ آندو آهي تہ ان جي معنيٰ بہ ڪيس ڏيڻي پئي ۽ هن ڏني آهي تہ. ”تات“ جي معنيٰ آهي ”تا تہ، ايتري تائين، تيستائين“ ۽ اها منجهائيندڙ معنيٰ پانيان-ٿي تہ نہ رڳو منهنجي پر گهڻن جي سمجهہ کان ٻاهر هوندي. گنج ۾ بہ ”تن“ بدران ”تات“ يا وري ٻين نسخن ۾ ”تات“ بدران ”تن“، ڪنهن تہ ضرور بدلايو آهي. ڪنهن بدلايو آهي؟ ڇو بدلايو آهي؟ (اهي سوال بليڪ هول جي حوالي ٿا ڪجن!) سچ تہ هاڻي شدت سان اهو احساس ٿو اڀري تہ. لطيف ننڍڙڪو آهي، سندس ڪوبہ ڏڻي ڌوڙي ڪونهي، جنهن ڪي جنهن بہ دور ۾ جيئن بہ وڻي، اتي ڪنڌ ٻيٺو ڪري ”شاهہ جو رسالو“ مرتب ڪري ٿو سگهي ۽ ڪَرُ مٿي ڪري اسٽيج تي ويهي ٿو سگهي. رسالي ۾ زير، زبر ۽ پيش جي اڻ ڳڻين غلطين کان علاوه، لفظن جي تبديلي جيئن ”لوڻيءَ کي لوٽي“، ”وڇا کي ويا“، ”گتا کي ڪتا“، ”تن کي تات“ وغيره ۽ سٽن کي ابت-سبت واريون تبديليون ۽ غير مستند ڪيئي اهڙا بيت جيڪي ڪنهن سٺي سگهڙ جي معيار کان بہ گهٽ آهن (جہ جائيڪ لطيف رحہ) اهڙا هلڪا بيت لطيف جي نالي سان جاءِ بجاءِ مرتب ڪيل نسخن ۾ موجود آهن. ايئن ڇو ڪيو ويو آهي؟ ڪهڙي ضرورت جي تحت لطيف سرڪار سان/اسان سان اهي غير واجبي حرڪتون ڪيون ويون آهن؟ ان جو بنياد ڪهڙو آهي؟ گنج؟ گنج وارو بنياد سمجهہ کان ٻاهر ۽ قابل قبول ناهي، ڇو جو گنج جيئن آهي جتي آهي واري بنياد تي ڇپيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر جمن، داستان 2، بيت 7، جلد 1

دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويچ مون،
ٻُڪي ڏيندا ٻاجھ جي، نھاري نارون،
جن جون سيڻ لھن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿيئي.

**ٻُڪي :**

شيخ = ستي، ڦڪي، دوا.

منگھاٽي = بشارت، نويد، اڳواٽ اطلاع/ڏس، آگاهي، وقت کان اڳ ستي/خراب ڳالھ جي.

گنج = ھي مٿيون بيت گنج ۾ ڪونھي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت ڪونھي

شوقيرام، داستان 2 بيت 18.

قليچ، داستان 2 بيت 18

لغات لطيفي (قليچ) ٻڪي = دوا، درمل، ٽوٽڪو، سفوف.

قاضي، داستان 2 بيت 18، ٻڪي = ڦڪي، ستي.

گربخشاڻي، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = ڏيندا، الخ، منھنجا محبوب مونکي پنھنجي فضل جي دوا ڏيندا.

شھواڻي، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = دوا.

آڏواڻي، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = دوا، ستي.

ڏيپلائي، داستان 2، بيت 18، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناھن.

قاسمي، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = معنيٰ ناھي.

انصاري، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = ڦڪي، ستي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، داستان 2، بيت 18، ٻڪي = ٻڪيون = دوائون، ڦڪيون.

لفظ "ٻڪي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب سان گڏ سيني شارحن "ڦڪي، ستي، دوا، درمل" ڏني آهي، اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) بشارت، نويد، خوشيءَ جي اڳواٽ خبر/اطلاع/ڏس، آگهي، ادراڪ (خوشي يا ڏک جي خبر جو اڳواٽ پتو پوڻ) واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي. اسان وٽ شاديءَ جي شروعات ڪرڻ واري هڪ رسم کي پڻ "ٻڪي" چيو وڃي ٿو. يعني سيني کي شاديءَ جو اڳواٽ اطلاع ٿي ويندو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪن سڪيلڌن ۽ دادلن جي "ٻڪي" واري رسم، شاديءَ کان ٻہ ٻہ مهينا اڳ بہ ٿيندي تہ ميندين محفلن ۾ رسمن وغيره جي سٿا ۽ رٿابندي اڳواٽ صحيح طريقي سان ڪجي."ٻُڪيءَ" واري رسم جا بہ وڏا اهتمام ۽ وڏي تقريب ٿيندي آهي، جنهن ۾ سيني ويجهن عزيزن ۽ دوستن/سهيلين کي ڪوني آٽيو آهي ۽ جنڊ کي وچ ۾ رکي ان کي ڳاڙهي رنگ جا تڪا ۽ ليڪا ڪيدي ست سهاڳڻيون ان ۾ اَنَ جا ڳارا وجهي ست ڦيرا ڏينديون آهن، ۽ وري ان کي بہ "ٻڪي" چئجي جيئن ڪنهن بيمار کي خواب ۾ ڪو اشارو ٿي جواب ملي تہ، فلاڻي ماڻهوءَ کان فلاڻي چيز وٺي کائہ، يا تون فلاڻو طريقو ڪر تہ ٺيڪ ٿي ويندين تہ ان مهل چئجو،

جملو = اها توکي شفا جي ٻڪي ملي آهي. يلي ڪنهن دشمن کان شيءِ وٺڻ جو چيل هجي تہ ان کان بہ اها شئي وٺي کائہ.

جملو = هوءَ ياڳ واري آهي ڪيس ويندي ساڻ پير تان ٻڪي ملي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي تہ سجاول جي پاسي مشهور درگاهہ شاهہ يقيق تي هزارين ماڻهو "ٻڪي" لاءِ ويندا آهن ۽ جيستائين کين خواب ۾ ڪو اشارو نہ ملندو آهي هو اتي ئي رهيل هوندا آهن. باقي، "دوا، ڦڪي ۽ ستيءَ" کي "ٻڪي" نٿو چئجي. بيت ۾ "دوا" جو تہ ذار ذڪر آهي تہ، "دارون (دوائون) ۽ ڪارون (حيلا ۽ ڪوششون) جان ڪي ڪيا ويچ مون.

بيت جي سمجهاڻي = دوائون، حيلا، ڪوششون تہ ڪيترائي منهنجي لاءِ طبيب ڪيا. منهنجون نبضون/رڳون جاچي تپاس ڪري مونکي ڪا اڳوات خوشي جي خبر ڏيندا/نويد ڏيندا. جن ڪي محبوب ياد تا ڪن انهن ڪان سپيئي سور/درد پري هليا تا وڃن (۽ هو خوش ۽ تندرست ٿي تا وڃن)

سر جمن داستان 2، بيت 10، جلد 1
ويچ وڃائون چڏ، دور ڪري پيا ڊٻڙا،
آنديئي جي اڳهن لئہ، سي گوريون گورين گڏ،
صاحب سوئي سڏ، جو پرڪا لهي هن پيڙ جي.

**وڃائون :**

شيخ = طب جو علم يا هنر، حڪمت جا ڪم يا فن
منگهاڻي = قابليتون، ڄاڻ، علم، سمجهہ
گنج، صفحو 241
بلوچ، داستان 2 بيت 14، وڃائون = ويڃائون = (ويڃائيءَ جو جمع) = طبابتون، علاج، حيلا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

متي سر جمن داستان 1 بيت 2 (جلد 1) ۾ واحد صورت ۾ آيل لفظ "وڄا" جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم ۽ هتي ساڳيو لفظ جمع واري شڪل "وڄائون" ۾ آيل آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "طب جو علم يا هنر، حڪمت جا ڪم يا فن" ڏني آهي. جيئن مون متي عرض ڪيو آهي تہ، لفظ "وڄا" جو "طب ۽ حڪمت" سان ڪوبہ واسطو ناهي. "وڄا" جي معنيٰ آهي "قابليت" ۽ "وڄائون" جي معنيٰ آهي "قابليتون"، ۽ هتي ڊاڪٽر بلوچ جي لفظن تي بحث ڪرڻ پڻ مقصود اٿم، جنهنجي ڪري بہ هي بيت زير قلم آيو آهي. بلوچ صاحب لفظ "وڄائون" کي "ويڄائون" ڪري لکي ٿو تہ، "ويڄائون" ويڄائيءَ جو جمع آهي." جڏهن تہ "ويڄائي/ويڄائون" جي واٽ بہ الائي ڪهڙين غفائن ڏانهن گم آهي ۽ لفظ "وڄا" جي جمع "وڄائون" آهي. خود بلوچ صاحب واري نسخي ۾ آهي "ويڄ وڄائون ڇڏ..." آهي ۽ ضرور بلوچ صاحب لفظ "ويڄ" مان "ويڄائون" لفظ سمجهيو ڪيو آهي، جنهنجو ڪوبہ وجود ناهي، ۽ هن صاحب بہ لفظ "وڄائون" جي معنيٰ "طبابتون، علاج ۽ حيلا" ڏني آهي. لفظ "وڄا/ وڄائون"، ويڄ ۽ اڳهن ۽ دوائن سان گڏ آيو آهي نہ تہ هي ساڳيو لفظ "وڄا" سر ڪاهوڙيءَ ۾ بہ آيو آهي تہ،

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نہ ٻڌي،
پاسا متي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڄا ات ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي پلا ٻڌايو ڪاهوڙي وري کهڙا ويج/طبيب ۽ حڪيم آهن جو ”علاج ۽ طبابتون“ ٿا ڪن. معنائن لاءِ حيلا تڏهن ڪبا آهن جڏهن ڪو لفظ ڪنن سُئو نہ ٻڌو هوندو آهي. هي بيت رڳو گنج ۾ آهي يا تہ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ آهي. جيڪي ٻئي نسخا هلنڊڙ دور ۾ ڇپيل آهن.

بيت جي سمجهاڻي = اي طبيب/حڪيم! تون پنهنجون هشياريون/قابليتون ڇڏ (تون سور جي ”س/سين“ کان بہ اڻ ڄاڻ آهين) پري ڪر پنهنجون دوائون ۽ نمونا، تو جيڪي بيمارن لاءِ گوڙيون آنديون آهن اهي رکيل گورين سان گڏ ڪري ملائي رکي ڇڏ ۽ (تون) انهيءَ ئي سائين (پرينءَ) کي سڏ/گهراءِ، جيڪو درد ۽ تڪليف کي ڄاڻي/سڃاڻي وٺي.

سر جمن داستان 3 بيت 2 جلد 1،
هي هي وهي هُوءِ، مَنَ ۾ محبوب جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻڪن مُڪي ٻوءِ،
اڃي پسيو روءِ، جي آئين ويساهہ نہ وسهو.

**روءِ :**

شيخ = روبرو، منهان منهن،
منگهاڻي = رنگ، رُتِ، رنگت، روئانت،
گنج، صفحو 216
برٽش ميزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 155 بيت 829
شوقيرام، داستان 3 بيت 2، ڏکين لفظن جون معنائون ناهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3، بيت 2.

لغات لطيفي (قليچ) روءِ = صورت، حالت، شڪل، منهن

قاضي، داستان 3، بيت 2، روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو.

گربخشاڻي، داستان 3، بيت 2، روءِ = (فارسي، منهن) منهن سان، روبرو.

شهواڻي، داستان 3 بيت 2 روءِ = منهن، شڪل، روبرو.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 2، روءِ = روبرو.

ڏيپلائي، داستان 3، بيت 2، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 3 بيت 2، روءِ = روبرو.

انصاري، داستان 3، بيت 2، روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو.

بلوچ، داستان 4، بيت 2، روءِ = منهن ۽ جسم جو رنگ، سڄي صورت ۽ حالت.

لفظ "روءِ" جي معنيٰ بابت مٿي سر ڪلياڻ داستان 2 بيت 20 (جلد 1) سٽ، "جان رمز پروڙيم روءِ، تان سر وٺ سُرڪي سڳڻي" ۾ تفصيل سان سمجهاڻي ڏني اٿم. جتي لفظ "روءِ" جي معنيٰ شيخ صاحب "روءِ جي، روئداد جي، صورتحال جي، معاملي جي" ڏني آهي. ۽ هتي ساڳيئي لفظ "روءِ" جي معنيٰ "روبرو، منهان منهن" ڏني آهي. بيت جي مفهوم موجب ڏنل معنائون ظاهر آهي تہ ڦرنديون، گهرنديون هونديون، ڇو جو هر بيت جو مفهوم ساڳيو نہ هوندو آهي. ڪلياڻ واري بيت جي سٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آھي، ”جان رمز پروڙيم روءِ، تان سر وٽ سرڪي سڳڙي“ معنيٰ مون جڏھن ان رنگ جو راز پروڙيو تہ سر جي پيٽ ۾ اھو ڏک بہ وڏيڪ آھي/سنو آھي“ ۽ ھن بيت جي سٽ آھي، ”اڇي پسيو روءِ، جي آئين ويساھ نہ وسھو“ معنيٰ = جي اوھان کي منھنجي ساک تي بہ يقين ناھي تہ اڇي پاڻ (پنھنجي اکين سان) رنگ ڏسو. (تہ اھو واقعي ھيڊو/بيمار جو آھي يا ٻيو) يعني، لفظ ”روءِ“ جي لفظي معنيٰ ”رنگ“ آھي. جيڪو اوھان ڏٺو تہ ٻنھي ھنڌن تي نھڪي آيو آھي. لطيف جو ڪلام جيڪو جيئن پوءِ تيئن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي ان جو سبب سواءِ ان جي ٻيو ڪوبہ ناھي تہ سنڌي ماڻھو پنھنجي ٻوليءَ تي ڌارين ٻولين کي ترجيح ڏيڻ لڳا آھن. اھڙيءَ صورت ۾ ظاھر آھي تہ جڏھن سنڌي ٻولي ئي نہ ايندي تہ پوءِ ”شاھ جو رسالو“ پڙھڻ/سمجھڻ ڪيئن ايندو! جيڪو نج نبار ڪلاسيڪل سنڌي ٻوليءَ جو شاھڪار آھي. ٻولي ھوندي تہ لطيف ھوندو لطيف ھوندو تہ اسين ھونداسين ۽ لطيف جي ڏکين لفظن کي نہ سمجھڻ وارو مسئلو بہ ساڳيو ٻولي نہ اچڻ وارو مسئلو آھي ۽ بيت جي مفھوم/تفسير لاءِ ڌار حصو ھئڻ گھرجي، جيئن محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي مختصر بيتن/واين واري نسخي ۾ آھي، جيئن محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ڏھن جلدن واري نسخي جي پھرئين جلد ۾ ٻن سرن ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جي بيتن/واين جي تفسير/مفھوم پر واري صفحي ۾ ڏنل آھي. جنھن طريقي سان وڏيڪ چٽائيءَ سان لطيف رحہ جي ڪلام کي معنوي معنيٰ سان سمجھائي ٿو سگھجي، پر ان شرط سان تہ لفظن جون معنائون عام کي نہ اچن پر عالمن کي تہ اچن. (نہ تہ تفسير ۽ مفھوم ڪيئن سمجھائي سگھبا!) ۽ ڏکين لفظن جي معنائن ۾ رڳو لفظي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڏجي. اها پابندي ضروري آهي لفظن جي صحتِ ۽ زندگيءَ لاءِ، نہ تہ ماڻهو لفظن جي معنوي معنيٰ جي آسانيءَ جي وَرَ چڙهي اصلوڪا لفظن وڃائي وهندو جيڪو سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ، ڪاپاري ڌڪ هوندو. جيئن هن بيت ۾ لطيف بادشاهہ لفظ "روءِ" جنهن نموني ۾ انداز سان آندو آهي. اهو نهايت انوکو ۽ اَڇتو آهي.

"اڇي پسو روءِ، جي آئين ويساهہ نہ وسهو." معنيٰ، جي اوهين منهنجي يقين ڏيارڻ تي بہ نتا يقين ڪريو تہ ڀوءِ اڇي پاڻ اها روءِ/رنگ (ظلم، تماشو، نمونو) ڏسو" ۽ سٽ ۾ لفظ "آئين" بہ انتهائي نفيس ۽ پيارو ڪم آندل آهي. هي لفظ نٿي واري پاسي ڳالهايو وڃي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = منهنجي اندر ۾ پرين لاءِ هٺ هٺ، هاءِ هاءِ لڳي پيئي آهي. (دانهون ۽ رڙيون) (منهنجا) جگر/جيرا باهہ (عشق جي) ساڙي ڇڏيا آهن ۽ (منهنجي) بڪين/گردن مان ڪامڻ/سڙڻ جي ڏپ/ڇَٽَ اٿي آهي. اوهان ڪي جي منهنجي ويساهہ ڏيارڻ تي بہ ويساهہ نٿو اچي تہ پاڻ اچي (پنهنجي اکين سان) اهو رنگ ڏسو. (ظلم ۽ تماشو ڏسو)

سُر جمن داستان 3، بيت 8 جلد 1

پريںءَ پَيڪان پَچندئو، ٻنگان ٻاڻ ڀري،
چمڪيو چوهہ منجهان، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر بڪيون، لنگهي پيو پري،
جو لڳم جيءَ ذري، تاٽيان تير نہ نڪري.

**پَچندئو :**

شيخ = اڇلايو، هنيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = چنڊيا. اکين جا ڇپر هيٺ مٿي ڪيا.
گنج، صفحو 319 ساڳيو مٿيون بيت
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.

شوقيرام داستان 3 بيت 6

سـر جـو سـنڌيو سـڄٹين، ٻيهـر ٻـاڻ پـري،
سـو چمڪيـو چوهـ مـان، ڪـڙ ڪـڙ ڪـان ڪـري.
جيـرا جـگر بڪيـون، لنگهـي پيـو پـري،
لڳـو جـيءَ جـڙي، تاٽيـان تيـر نـہ نڪـري.

قليچ داستان 3 بيت 6

سـر جـو سـجيو سـڄٹين، ٻيهـر ٻـاڻ پـري،
سـو چمڪيـو چوهـ مـان، ڪـڙ ڪـڙ ڪـان ڪـري،
جيـرا جـگر بڪيـون، لنگهـي پيـو پـري،
لڳـو جـيءَ جـڙي، تاٽيـان تيـر نـہ نڪـري.

قاضي داستان 3 بيت 6

سـر جـو سـجيو سـڄٹين، ٻيهـر ٻـاڻ پـري،
اچـي چمڪيـو چوهـ مـان، ڪـڙ ڪـڙ ڪـان ڪـري،
جيـرا جـگر بڪيـون، لنگهـي پيـو پـري،
لڳـو جـيءَ جـڙي، تاٽيـان تيـر نـہ نڪـري.

گربخشاٽي داستان 3 بيت 6

سـر جـو سـجيو سـڄٹين، ٻيهـر ٻـاڻ پـري،
چمڪيـو سـو چوهـ مـان ڪـڙ ڪـڙ ڪـان ڪـري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيـــرا جـــگر ٻڪيـــون، لنگهـــي پيـــو پـــري،
لڳـــو جـــيءَ جـــڙي، تاٽيـــان تيـــر نـــہ نڪـــري،

شهواڻي، داستان 3 بيت 6 (بيت گربخشاڻيءَ وارو)
آڏواڻي، داستان 3 بيت 6 (بيت گربخشاڻيءَ وارو)
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 7 (بيت گربخشاڻيءَ وارو)
قاسمي، داستان 3 بيت 6 (بيت شوقيرام وارو)
انصاري داستان 3 بيت 6 (بيت قاضيءَ وارو)
بلوچ داستان 3 بيت 15 (بيت قاضيءَ وارو)

هن متين بيت جي پهرين سٽ، "پرينءَ پيڪان پچندئو، ٻنگان ٻاڻ پري" سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ ناهي، ۽ ٻين نسخن ۾ بيت ڪيئن آهي، اهو بہ اوهان ڏٺو. ڪلام جي چنڊڇاڻ ڪرڻ واري ذميداري/جوابداري هن مهل/هن ڪتاب ۾ مونتي ڪانهي. بس رڳو بيتن جي مختلف صورتن ۽ لفظن جي ڦيرڦار ڏانهن هتِ سَجَ ڪرڻ ۽ آگاهي ڏيڻ مطلوب ۽ مقصد اٿم. هتي منهنجو ڪم آهي ڏکين لفظن جي مختلف ڏنل معنائن جي پرک ڪرڻ! بيت ۾ آيل لفظ "پچنديو" آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "اڇلايو، هنيو" ڏني آهي، ۽ لفظ "پچندئو" هن ئي بيت جي شڪل/صورت واري هڪ ٻئي بيت ۾ سر ڪوهياري ۾ اچٿو آهي. "پنهونءَ پيڪان پچنديا..." اتي ئي لفظ "پچنديو/پچنديا" بابت تفصيلي سمجهاڻي ڏبي. چو جو سُر ڪوهياري وارو بيت سيني نسخن ۾ آيل آهي، پر پهرين هن مشڪوڪ بيت جي هڪ هڪاڻي ڪبي جنهن لاءِ منهنجي ذاتي راءِ/خيال آهي تہ هيءُ بيت مشڪوڪ يا تڪراري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پر يقينن لطيف سرڪار جو ڪونهي. ٻهرين سٽ ۾ آيل لفظ ”پڇنديو“ کي ڏسون! لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”پڇنديو“ معنيٰ ”ڇنڊڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ“ آهي، جيئن اکين جا ڇپر هيٺ مٿي ڪجن، يا ڇانورن کي سُٻَ ۾ وجهي. اُپڙڻ مهل ڇانورن جو هيٺ مٿي ٿيڻ يا دهل جي هڪ قسم جي وڄت کي جنهن ۾ دهل جو آواز هيٺ مٿي ٿيندو آهي تہ ان وڄت کي بہ ”پڇنڊ“ چيو ويندو آهي.

مون پنهنجي ڪتاب ”ڇپر ڪين ڏي...“ ۾ بہ چيو آهي تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن، ڏانهن ڪنهنجو بہ ڪڏهن بہ ڌيان نہ ويو آهي. ٻي تَرَ جا تہ اهي لفظ ٿي ناهن پر لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو بہ ايئن پڙهندا رهيا هئا، يا تہ سندن ڌيان ٿي ايڏانهن نہ ويو هو! يا جي انهن اهي مختلف معنائون محسوس ڪيون بہ هونديون تہ ايڏي وڏي ڪم جي ڇنڊڇاڻ وٺائنِ ڪونہ پڳي ۽ ٻين لفظن وانگيان لفظ ”پڇنڊڻ“ بہ پنهنجي اصلي معنيٰ وڃائي ”اڇلايو ۽ هنيو“ وارِي معنيٰ ۾ لطيف جي پڙهندڙن وٽ مانوس ٿي ويو. جنهن جي ڪري ”پرينءَ پيڪان پڇنڊئو ٻنگان ٻاڻ پري“ جهڙيون سٽون، نہ رڳو وجود ۾ آيون پر لطيف جي رسالي ۾ بنا ڪنهن تحقيق ۽ پڇا تات جي وڃ ورائي ويهي رهيون. هيءَ سٽ لطيف جي ايئن ناهي جو سٽ ۾ لفظ ”پڇنڊئو“ ڏنل معنيٰ ”اڇلايو ۽ هنيو“ سان تہ نهڪي ٿو پر پنهنجي اصلي معنيٰ ”هيٺ مٿي ڪرڻ“ واريءَ سان سندس نڪو سڱ نڪو سياڪو آهي. هيءَ سٽ جنهن جي بہ آهي ان لطيف جي سٽ ”پنهونءَ پيڪان پڇنديا، ٻلن تان ٻئي“ مان لفظ ”پڇنديو“ غلط معنيٰ سميت کنيو ۽ ان غلط ڏنل معنيٰ موجب لفظ ”پڇنديو“ اتي نهڪايو آهي. لطيف بادشاھ جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو ۽ لسٻيلي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهستان جي لهجي/اچار ۽ مزاج کان چڱيءَ ريت واقف هو اهو ڪيئن لفظ "پچنديو" غلط معنيٰ ۾ آڻيندو. ضرور اها سٽ ڪنهن فقير جي آهي جيڪا يا تہ پلپ ۾ آئي آهي يا تہ..... اهو ئي سبب آهي تہ مٿيون بيت پنهنجي پهرين "شاهينگ" سٽ سميت لطيف جي ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ شامل ناهي. لفظ، جيڪي پنهنجو مڪمل وجود تا رکن (جهن ئي حسنِ سميت) جيڪي صدين/جنمن جي ٻٽين ۾ رجهندا/پچندا اصلي صورت ۾ اچن ٿا، جن جي معنيٰ اهي خود/پاڻ هوندا آهن ۽ انهن کي جتي بہ غلط هنڌ تي آڻبو اتي هو پاڻ ڪُڙيا ڪٽي بيهي احتجاج ڪندا آهن. جيئن هتي سٽ "پرين پيڪان پچندئو، ٻنگان ٻاڻ پري" ۾ لفظن "پچندئو" ٻوتاڙن سان پيو پنهنجي ظلم جو داستان ٻڌائي. لطيف جي اينڊڙ مرتبن کي گذارش آهي تہ سٽ "پرين پيڪان پچنديو، ٻنگان ٻاڻ پري" جي بدران سٽ، "سر جو سچيو سڄٽين، ٻيهر ٻاڻ پري..." "کي ترجيح ڏيندا. بيت جي صحيح صورت هڪ شاعر جي ڄاڻ، نفاست ۽ شعر جي ٽيڪنڪ کان واقفيت جي حساب ۽ بنياد هيٺ منهنجي خيال ۾ هيئن هئڻ گهرجي.

سر جو سچيو سڄٽين، ٻيهر ٻاڻ پري،
چمڪيو اچي چوهہ مان، سو ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر ٻڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي، تاٽيان تير نہ نڪري.

بيت جي سمجهاڻي : شيخ صاحب واري بيت جي تہ ڪابہ نٽي نڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر جمن، داستان 3 بيت 12 جلد 1،

ڏڳايوم ڏنئين، چيرو اندر جنڊڙي،
لڳي سيخ وجود ۾، سندي نينهن نئين،
مشاهدي تهين، مون وڏو مچ ۾.

## ڏڳايوم :

شيخ = مون کي ڏڳايو، مونکي ٻاريو

منگهاڻي = مونکي جنبش آڻيو، مونکي لرزايو

ڏنئين:

شيخ = ڏنوڻ يعني ڦوڪڻيءَ (هوا ڦوڪڻ جو لوهارن جو هڪ اوزار) سان هوا ڦوڪي يا هڻي.

منگهاڻي = مسلسل وجهڻ، ڪابہ چيز بنا ڪنهن وقفي ۽ وٿيءَ جي مسلسل/يڪو ئي وجهڻ. پوءِ اهي ڪاٺيون، ڪوئلا، هوا يا ٻيو ڪجهہ هجي.

گنج، صفحو 218 (ڏڱايوم تئي...)

برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 154 بيت 823

شوقيرام، داستان 3 بيت 8

قليچ، داستان 3 بيت 8

لغات لطيفي (قليچ) ڏڳايوم = ڏڳائڻ = دکائڻ، ڏڳڻ = اڱرن جي دکڻ يا ٻرڻ (ڪاٺين جي دکڻ کي ٻرڻ چون) ڏنئين = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 3 بيت 8، ڏڳايو ۽ ڏنئين = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 8 ڏڱايوم = مونکي ڏڱايو. ڏڱائڻ (سنسڪرت، دگڌ = دکيل) دکائڻ، ٻارڻ، جلائڻ. ڏنئين = ڏوٽيءَ کي ڦوڪي ڏئڻ، ڏوڻ (سنسڪرت، ڏمن)، ڦوڪڻ.

شاهاڻي، داستان 3 بيت 8، ڏڱايوم = مونکي ڏڱايو يا جلايو. ڏنئين =معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 8، ڏڱايوم = دکايو، مچايو. ڏنئين = ڏوٽيءَ کي ڦوڪي.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 8، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 3 بيت 8، ڏڱايوم = دکايو، ڏنئين = ڦوڪي.

انصاري، داستان 3 بيت ،8 ڏڱايوم ۽ ڏنئين = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، داستان 4 بيت 4، ڏڱايوم = مونکي ٻاريو. ڏنئين = ڏنئي، ڦوڪي ڦوڪي، ڏڱايوم ڏنئين = ڦوڪي ڦوڪي دونهين ٻاري.

لفظ "ڏڱايوم" ۽ لفظ "ڏنئين" ٻئي ڏاڍ طاقتور لفظ آهن جن جو هرويرو ٻاهہ/چيري، ٻرڻ/دکڻ ۽ دونهين، ڪانين ڪوئلن، ٻنين، ڏنوڻ، لوهارن سان واسطو ڪونهي. "ڏڱڻ" ۽ "ڏنئڻ" ٻئي نج ۽ خالص لسبيلي ۽ ڪوهستان جا لفظ آهن جيڪي لطيف جي ڪنهن بہ شارح جا اسان واري معنيٰ ۾ ٻڌل ئي ناهن. اهو يقين سندن ڏنل ٻنهي لفظن جي معنائن ڏياريو آهي. لفظ "ڏڱايوم" جي معنيٰ شيخ صاحب "مونکي ٻاريو" ڏني آهي ۽ هو بہ ساڳيئي شروع ڪان وٺي غلط ڏنل معنائن واري سلسلي مان ئي فيضياب ٿيو آهي ۽ لفظ "ڏنئين" جي معنيٰ بہ بلڪل اها ئي ڏني آهي جيڪا سيني شارحن ڏني آهي هي ٻئي لفظ "ڏڱڻ" ۽ "ڏنئڻ" اسان وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجان بہ مستعمل آھن. لفظ ”ڏڪڻ“ جي معنيٰ آھي ”رڦڻ، ڏڪڻ، لرزڻ، جنبش ڪرڻ“ ڪنھن کي گھڻي سيءَ سان بخار/تپ/ ٻرو ايندو آھي، ۽ جيسين مٿان ڪو اوڇڻ/سوڙ/گدو وجھجي تيسين ان جو ڏڪڻ ڪيئن ھوندو آھي؟ اھو ڏسڻ/پوڙھڻ وارو تجربو پانيان تي ھر ھنڌ ساڳيو ئي ھوندو پر اسان وٽ ان لاءِ چئبو آھي،

جملو = تڪڙو سوڙ ڪڍي آ، ھي تہ ڏڳي پيو.

جملو = ھينئر تہ الله جو شڪر آھي، سويل ڏڳڻ ڏسڻو ھيئي.

يا گھڻي سيءَ ۾ ٻاھران ماڻھو ايندو ۽ ڏڪندو پيو. ٻاھہ ٻاري اتي وھاريوس، ڪوسي چانھہ/ ڪير پيار بوس، . مٿان گرم ڪپڙا پارائباس، پوءِ بہ ھو ھلڪو ھلڪو پيو ڏڪندو تہ چئبو.

جملو = ڪيڏا ٿانڊا ٻاريا آھن، ڪوسا ڪير، چانھيون پياريون آھن پر ”ڏڳ“ اندر ۾ پئجي ويئي اٿس.

يا ڪو ماڻھو ڊپ ۽ خوف مان ڏڪندو ۽ ڇرڪ ڪائيندو تہ پڇڻ تي چوندو،

جملو = ايڏو تہ ڊنو آھيان جو دل بہ پيئي ڏڳي.

گھڻي ٻاھہ ۾ وڏو مچ جڏھن ٻرندو آھي تہ لڳندو آھي تہ ڇري ۽ ڏڪي پيو ۽ ان ۾ لرزش ھوندي آھي تہ چئبو،

جملو = ٻاھہ تہ ڏسو ڪيڏي آھي ڏڳي پيئي.

گھڻي سيءَ، گھڻي تپ، گھڻي ڊپ ۽ گھڻي ٻاھہ ۾ جيڪا رڦڻي، ڏڪڻي، لرزش، جنبش ۽ لرزڻ ھوندي آھي ان کي اسان وٽ ”ڏڳڻ“ تو چئجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "ڏنڻ" جي معنيٰ آهي گهٽو ۽ مسلسل وجهڻ يعني ڪنهن ٻار کي يڪو ۽ مسلسل پيو ڪارائبو، هڪڙو چمچو پري وجهبو، اجا اهو مس ڳوريندو تہ مٿان ٻيو چمچو پري وجهبو تہ چئبو.

جملو = ڳورڻ تہ ڇڏينس، يڪو ڏئيندي ٿي وڃينس.

جملو = ٻار بيمار ڪيئن نہ ٿيندو سڄو ڏينهن هر چيز ٿي ڏنئينس.

ايتريقدر جو پينگهي کي مسلسل لوڏڻ کي بہ "ڏنڻ" تو چئجي.

جملو = آئون تہ پينگهو ڏنئين ڏنئين ٿڪي آهيان پر هي تہ سمهي ئي نٿو.

يا جي ٽانڊو نہ ٻرندو ۽ وجٽي هٽي هٽي ماٺهو ساٽو ٿي پوندو تہ چئبو،

جملو = وجٽي ڏنئين ڏنئين ٻانهن ئي سڪي لڳي آهي، ڪانيون هريون آهن ٽانڊو ٻري ئي نٿو.

لطيف سرڪار فرمائي ٿو: "ڏڳايو ڏنئين، چيرو اندر جندڙي."

معنيٰ = منهنجي اندر واري ٻاهہ کي وڏائي ڇوٽ چاڙهيو. يعني = ٻاهہ کي ايترو تہ مست ڪريو جو هوءَ لرزڻ (نچڻ) لڳي ان ۾ ڪانيون، ڪوئيلا، هوا هر چيز مسلسل وجهندا رهو.

بيت جي سمجهاڻي: منهنجي اندر واري ٻاهہ کي وڏائي ڇوٽ چاڙهي جنبش ۾ آڻيو. وجود ۾ نئين نينهن جو نيزو لڳي ويو آهي. انهيءَ نظاري مونکي ٻاهہ جي ڀنيٽ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُــــر جمـــن داســـــتان 3 بيــــت 13، جلـــــد 1
ڏنءُ ڏنءُ ڏمٿـــــوار، اڄ پــــڻ آڳَرِيــــن جــــي،
ٻــــاري مـــڇ مجـــاز جـــو، اوتيـــائون اڱـــار،
دوڏا تــيءُ مَرَ ڏار، جـمر ڪچيـون رڪ ڪٽيـون ٿيئـي.

**دوڏا :**

شيخ = دوڏي ڪان، باهہ جي مچ ڪان، ڪوري ڪان (لوهارن جي) آويءَ ڪان

منگهاڻي = ڏيگ ڪان، انبار ڪان، ڍير ڪان.

گنج، صفحو 220.

برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 153 بيت 816.

شوقيرام داستان 3 بيت 18

قليچ، داستان 3 بيت 18.

لغات لطيفي (قليچ) ڏوڏا = ٽانڊا، باهہ ٻرندڙ، ڏنويندڙ

قــاضي، داســـتان 3 بيـــت 13، ڏوڏا = ڏوڏي = ڏوٽـــي، ڏوڻ، ڏوڏيا = اي ڏمڻ وارا، ڏئيندڙ.

گربخشــاڻي، داســتان 3 بيــت 18، ڏوڏا = دوڏيــا = اي دوڏيــا، ڏوڏيـو (سنســڪرت، ڏرتــي = چـمر جـي ڏوٽـي) ڏوڏيءَ وارو، ڏمـڻ وارو، ڏئينـدڙ، نئـون سـيکڙاٽ، ڇـاڙتو، دسـتور آهـي تـہ جـڏهن ڪـو نئـي سر لهـارڪو ڪـمر سـکندو آهـي، تـہ ڪاريـگر پهريـائين هـن کـي ڏَوڻ تـي ويهـاريندو آهي جيسـتائين پوري طرح ڪـمر مـان واقـف تـي وجـي. هتـي "ڏوڏي" جي مراد آهي" نئون طالب" جو طريقت تي هلڻ چاهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 3 بيت 21، ڏوڏا = ڏوڏيا = ڏنوڻ وارو. نئون طالب.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 27 ڏوڏا = اي ڏمڻ وارا (ڪچا طالب)

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 27 هن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 3 بيت 18، ڏوڏا = ڏنوڻ وارا.

انصاري، داستان 3 بيت 18، ڏوڏا = ڏوڏي = ڏوڻي، ڏوڻ. ڏوڏيا= اي ڏمڻ وارا. ڏئيندڙ

بلوچ، داستان 3 بيت 18، ڏوڏا = ڏوڏئان = ڏوڏ ڪان، ڏوڏي ڪان، ڏڳندڙ مچ ڪان. وڏي ٻرندڙ مچ ڪان، لوهارن جي ٻاريل مچ ڪان، محبوبن جي مچايل مچ ڪان.

لفظ واحد "ڏوڏو" ۽ جمع "ڏوڏا" آهي، جنهن ڪي اوهان ڏنو تہ "ڏوڏيا ۽ ڏوڏئان" جي شڪل ڏيئي مختلف معنائون ڏنيون ويون آهن. لفظ "ڏوڏا" جي معنيٰ شيخ صاحب "باھہ جو مچ، ڪورو (لوهارن جو) ۽ آوي" ڏني آهي. اسان وٽ هي لفظ اڄ بہ نئون نڪور آهي جيڪو لطيف پوڻا ٽي سو سال اڳ ورتو هو. ان تي ايڏي وڏي عرصي گذرڻ جي باوجود وقت پنهنجي ذري بہ دز چاڙهي نہ سگهيو آهي، جيڪو لطيف رحہ جي شارحن جو بدل نہ هو. هونئن تہ سيئي لفظ پنهنجي معنيٰ ۾ ڪائناتون سمائي وينا آهن، پر ڪي لفظ اهڙا هوندا آهن جن تي ڳالهہ جو دارو مدار هوندو آهي. بلڪل، آئون تہ ايئن بہ چونديس تہ ڪي لفظ ايڏا تہ اهم هوندا آهن جن ڪي جي بيت جو ڍانچو جٽجي تہ بہ وڏاءُ نہ هوندو! پوءِ جي اهڙن بنيادي لفظن جون معنائون بہ غلط ڏنل هونديون تہ پوءِ اهو سڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت معنيٰ، مفھوم، فڪر، فلسفي ۽ پيغام سميت وڏي ڏيھوڙي سان اچي پٽ وٺندو آھي. ھن بيت سان بہ ساڳيو حشر ٿيل آھي. لسبيلو ۽ ڪوھستان تہ پري آھن، ھتي ڪراچيءَ ۾ "ٻڪڪ" ذات جي ڪنھن بہ ماٺھوءَ (خاص ڪري عورتن) کان لفظ "ڏوڏا" جي معنيٰ پڇي سگھجي ٿي. لطيف سرڪار فرمائي ٿو، "ڏوڏا ٿيءُ مَ ڏار، جم ڪچو رڪ ڪٽيون ٿيئي."

معنيٰ = تون اگارن جي ڍڳ کان ٿورو بہ پري نہ ٿي (باھہ ۾ مسلسل اگار اوتيندو وڃ) متان (باھہ جي گھٽ ٿيڻ جي ڪري) ڪچو رڪ (پورو نہ پچڻ واري حالت ۾) ڪٽيون ڪٽيون/ذرا ذرا ٿي وڃي.

جملو = ميرن ڪيڙن جا ڪيڏا ڏوڏا ڏوتا اٿم.

جملو = ھنن ھيترڙن ڪيڙن ڪي ڏوڏو ٿي چوين! ڏوڏا تہ مون وٽ آھن، اچي ڏس.

جملو = اٿي تڙ ڪر مير جا ڏوڏا چڙھي ويا اٿئي.

يعني لفظ "ڏوڏا" جو واسطو نڪو لوھار سان آھي نہ ئي ڪوري، آوي، ڏنوڻ ۽ دَمڻ سان آھي. "ڏوڏا" معنيٰ، ڍڳ، انبار، ڍير.

بيت جي سمجھاڻي : اج پڻ لوھارن جي ڏمڻ جي ڏنءُ ڏنءُ (ڏمڻ جو آواز) لڳي پيئي آھي. انھن محبت جو مچ ٻاري ان ۾ اگار اوتيا/پلٽيا آھن. تون ان ڍڳ کان پري نہ ٿي! (يڪو اگار اوتيندو وڃ) متان (باھہ ڍري ٿي) ڪچو/اڻ پڪل لوھہ/رڪ (ڏڪ لڳڻ سان) ذرا ذرا/ڪٽيون ڪٽيون ٿي پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُـــر جمـــن داســـتان 3 بيـــت 22، جلــد 1

هـــيَ ٻـــَــرِ اڱـــارن، ٻـــَــڏائين ٻـــرن جـــي،
هڪـــڙا ڪـــوري ڪانئيـــا، ٻيـــو دُوڏي منجھـــ ڏڱـــن،
اجـــان لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ لـــيءِ.

**ٻَرِ :**

شيخ = افسوس، ارمان.
منگھاڻي = ٻَرُ، ٻَلُ، طاقت، قوت.

**ڏوڏي :**

شيخ = لهارن جي آوي يا ڪوري، جنهن ۾ اڱار ٻاري لوھہ تپائبو آهي.
منگھاڻي = ڍڳ ۾، انبار ۾، ڍير ۾.
گنج، صفحو 221
هئـــي ٻـــر اڱـــارن، ٻـــَــڏئين ٻـــرن جـــي،
هڪـــڙا ڪـــوري ڪانئيـــا، ڏوڏي منجھـــ ڏڱـــن،
اجـــا لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ لئـــي.
برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 154 بيت 821.
آئـــون ٻـــر اڱـــارن، ٻـــڏائين ٻـــرن جـــي،
اجـــان لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ ڪـــي.
(ٻہ سٽون)

شوقيرام، داستان 3، بيت 23



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئـــون پـــر اڳـــارن، ٻـــ ڏاھيـــن ٻـــرن جـــي،
هـــڪ ڪـــوري ڪانئيـــا، ٻيـــا ڏوڏي منجهـــ دڳـــن،
پاڻـــان لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ تـــي.

قليچ، داستان 3، بيت 23:

ايءَ ٻـــر اڳـــارن، ٻـــ ڏاهيـــن ٻـــرن جـــي،
هـــڪ ڪـــوري ڪانئيـــا، ٻيـــا ڏوڏي منجهـــ ڏڳـــن،
پاڻـــان لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ تـــي.

قاضي، داستان 3 بيت 17:

هئـــي ٻـــَـــرُ! اڳـــارن، ٻـــڏاهين ٻـــرن جـــي،
هـــڪ ڪـــوري ڪانئيـــا، ٻئـــو ڏوڏي منجهـــ ڏڳـــن،
پاڻـــا لهـــارن، ميـــڙي رکيـــا مـــچ لـــيءِ.

(قاضي) ٻرُ= ٻل، زور،

هيءِ! ٻَرا اڳارن = هاءِ مصيبت اڳرن لاءِ، افسوس آهي اڳرن جي حالت تي.

شهواڻي، داستان 3 بيت 25، بيت گربخشاڻيءَ وارو، ٻـَرُ/ٻـَر = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 22، بيت گربخشاڻيءَ وارو، ٻَرُ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 3، بيت 32 بيت شوقيرام وارو، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 3 بيت 23 بيت شوقيرام وارو، ٻَر = افسوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان، 3 بيت 22 بيت گربخشاڻيءَ وارو، ٻـَرُ = ٻل، زور.

بلوچ داستان 4 بيت 15

ٻــَــرِ تــَــنِ اگــارن، ٻـــ ڏائيـــن ٻـــرن جـــي،
هـڪُ جــِئن ڪـوُرِي ڪانئيـا، ٻيـو ڏوڏي منجهـہ ڏڳـن،
اجــــان لهــــارن، ميـــــڙي رڪئـــا مـــچ ڪـــي.

ٻَرِ = جس، شاباس، آفرين.

هڪڙو بيت سوين صورتون اوهان ڏٺيون. ڇا اڃا بہ لطيف جا رسالا ايئن ئي بنا ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي پيا منظرعام تي ايندا رهندا؟ هاڻي تہ هڪ دل، هڪ دماغ تي هڪ هنڌ وهڻ گهرجي ۽ اهو ڪليءَ دل سان مڃجي تہ "شاهہ جو رسالو" ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي قدرت ڪان مٿي آهي، جو ڪو هڪ ماڻهو ويهي ان کي مرتب ڪري. منهنجي هن ڳالهہ جا ساکي سيئي لطيف جا نسخا آهن. مٿئين بيت جي صحيح صورت ڪهڙي آهي؟ اهو فيصلو سيئي لطيف جا عاشق ڪندا. بيت ۾ آيل لفظن "ڏوڏا ۽ ڏڳن" جي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم. ٽيون لفظ "ٻَرُ" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "افسوس ۽ ارمان" ڏني آهي. ڏنو وڃي تہ جيئن ڪلام جي چونڊ جو ٻــَرُ گنج تي رکيل آهي (هن نسخي ۾) تيئن وري ڏکين لفظن جي معنائن جو ٻَرُ ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي تي رکيل آهي ۽ لفظ "ٻَر" جي معنيٰ پڻ ساڳي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري ڏنل آهي. جڏهن تہ بلوچ صاحب لفظ "ٻر" جي معنيٰ "جس، شاباس ۽ آفرين" ڏني آهي. منهنجي ڏنل معنائن کي هڪ طرف رکي رڳو هن ئي سڌريل دور جي ٻن لطيف جي شارحن ۽ مرتبن جي هڪ لفظ "ٻر" جي ڏنل معنائن کي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسو تہ فرق جي خبر پئجي ويندي، يعني ٻانهون خان شيخ صاحب، اڳارن جي حالت تي افسوس ڪري ٿو ڪري تہ وري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ساڳين ئي اڳارن کي "جس ۽ آفرين" ٿو چوي. لفظ "ٻَـرَ" اڄ بہ اسان وٽ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي جنهنجي معنيٰ آهي "ٻل، طاقت، قوت ۽ زور" جيڪا علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب پڻ ڏني آهي "افسوس ۽ ارمان" ۽ "جس، شاباس ۽ آفرين" ۽ "ٻل، قوت ۽ طاقت" انهن معنائن جي آڌار تي بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم ٽن صورتن ۾ ٿيندو، يعني بيت جي پنهنجي صورت بہ مختلف شڪلين جي تہ معنائون ڏنل بہ ڪيئي طرح جون، جنهن ۾ اجا اسين تنقيدي پهلو/پاسا تا ڳوليون. اول لطيف جي ڪلام کي هڪ هنڌ جمع ڪري سهيڙي صحيح ترتيب ۾ تہ آڻيون! ڇو جو هر ايندڙ نئين دور جو نئون نسخو نوان هاجا ۽ نوان ڏچا ٿو آڻي.

پهرئين بيت جي پهرين سٽ جي صورت مختلف نسخن ۾ ڏسنداسين.

شيخ = هَي ٻَرِ اڳارن، ٻڏائين ٻرن جي

گنج = هئي ٻر اڳارن، ٻڏائين ٻڙن جي

برٽش وارو نسخو = آئون ٻر اڳارن، بہ ڏاهين ٻرن جي

قليچ = ايءِ ٻر اڳارن، بہ ڏاهين ٻرن جي

قاضي = هئي ٻَرُ اڳارن، ٻڏاهين ٻرن جي

گربخشاڻي = هيءِ! ٻَرِ! اڳارن، ٻڏاهين ٻرن جي

شهواڻي = هيءِ! ٻر! اڳارن ٻڏاهين ٻرن جي

ڏيپلائي = آئون ٻر اڳارن، بہ ڏاهين ٻرن جي

قاسمي = آئون ٻر اڳارن، بہ ڏاهين ٻرن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري = هيءَ ٻر! اڳارن، ٻڌائين ٻرن جي

بلوچ = ٻرِ اڳارن، ٻہ ڏائين ٻرن جي

هي جيڪي ٻہ صورتون آهن، انهن سڀني جون معنائون فرق واريون آهن. ڪهڙي صورت اصلي آهي؟ ڪاش! لطيف رحہ اچي ٻڌائيہ. (جي قيامہ مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين) پر ان جي معنيٰ اها ڪانهي تہ بيت جي اصليت جي خبر پوڻ تائين لفظ "ٻَرَ" جي معنيٰ ڏيڻ ٻہ مؤخر هوندي. لفظ "ٻَرَ" اڄ بہ اسين ڳالهايون ٿا.

جملو = هُن کي پنهنجن جو ٻَرُ آهي. تون نڏٽڪو ماٺهو ڇو ٿو اهڙا ڪمہ ڪرين ساٺن گڏجي.

جملو = ڪاڏو ڪائي وڃ، سفر ۾ ٻَرُ ٿيندو.

لطيف بہ ساڳي اسان واري معنيٰ ۾ لفظ "ٻَرَ" آندو آهي، ۽ اڳارن جي طاقت ۽ قوت ٻڌائي آهي تہ اُهي ايڏا تہ طاقتور ۽ ٻلاٽا/ٻلوان آهن جو هڪ پيري تڏهن ٿا سڙن جڏهن هو ڪاٺ مان ڪوئيلا ٿا ٿين ۽ ٻي پيري تڏهن ٿا سڙن جڏهن هو خود پاڻ ئي ٻارڻ بنجي لوهہ کي بہ ڳاري ٿا وجهن، ۽ ان کان پوءِ بہ انهن ۾ ايڏي قوت ۽ طاقت آهي جو کين وري بہ لوهار ميڙي ڇوندي ڦوڪي ناهي اجا ٿئين پيري مچ ٻارڻ لاءِ سنڀالي ٿا رکن. لطيف اڳارن جي آڙ ۾ ڇا ٿو سمجهائي؟ اها ڳالهہ تہ ٿي پوئتي، پر ڇا اڳارن بابت بہ ڪڏهن اسان اهو سوچيو هو تہ هو ايڏا طاقتور ۽ سخت جان آهن. اهي ڳالهيون عامہ معمولي ناهن جيڪي لطيف جي ڪلامہ ۾ جاءِ بجاءِ پکڙيون پيون آهن. جيڪي جڏهن اسين دنيا جي شاعري جي ڳالهہ ڪنداسين تہ اتي وڏن وڏن شاعرن ۾ بہ اهڙي ڪا هڪ هڪ ڳالهہ مس هوندي، جنهن تي دنيا حيران آهي پر لطيف جو رسالو اهڙي کاڻ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا اهڙن اٺملهہ هيرن جواهرن مان پريو پيو آهي، بس رڳو ڪو جوهري هجي جيڪو اهي سجاڻي ۽ سنڀالي! ۽ لطيف جو ايڏو وڏو فڪر ۽ فلسفو بہ رڳو لفظ "ٻَرَ" جهڙن جي ڏنل غلط معنائن جي پيٽ ٿو چڙهي وڃي. شيخ صاحب ڪي اڳارن سان همدردي آهي ۽ هو سندن ڏک ۾ شريڪ آهي ۽ بلوچ صاحب وري اڳارن کي خراج تحسين ٿو پيش ڪري! ۽ هاڻي بيت جي اها صورت جيڪا فقط ۽ فقط منهنجي ذاتي سوچ، فڪر ۽ شاعريءَ جي ڏانءُ ۽ ڏات جي بدولت آهي، تہ بيت کي هيئن هئڻ گهرجي.

هــــي ٻــــرُ اگــــارن، ٻـــڏائين ٻـــرن جـــي،
هــڪ کـــوري ڪانئيـــا. ٻيـــو ڏوڏي منجهـــ ڏڳـــن،
اجـــا لوهـــارن، ميــــڙي رکيــــا مـــــچ لئـــــ.

بيت جي سمجهاڻي = هيءَ طاقت اڳارن کي آهي، جو هو ٻہ پيرا تا ٻرن، هڪ تڏهن جڏهن کين کوري ۾ساڙي ڪاٺ مان بنائبو آهي ۽ ٻيو پيرو تڏهن، جڏهن هو پاڻ باهہ جو ڍڳ بنجي نچن/لرزن ۽ رقص تا ڪن، ۽ اجا بہ انهن ۾ ايڏي قوت آهي جو (ٺئين پيري ٻارڻ لاءِ) لوهار انهن کي ميڙي سنڀالي مچ لاءِ تا رکن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر جمن داستان 3، بيت 23 جلد 1،

ٻاريو اجھائين، پرين اجھايو ٻارين،
مونکي تا مارين، لُهان لھارن جا.

## ٻاريو :

شيخ = دکايو، ڏڳايو

هن بيت ۾ آيل لفظ ”ٻاريو“ عام فهم آهي ۽ سڄي سنڌ ۾ بلڪ دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ر هندڙ سنڌي ماڻهوءَ جي سمجھ ۾ ايندڙ لفظ آهي. اهڙي عام لفظ جي معنيٰ هڪ تہ ڏيڻ ئي نہ گهرجي وري ان جي معنيٰ ”ڏڳايو“ ۽ ”دکايو“ ڏني وئي آهي. لفظ ”ڏڳايو“ جيئرو جاڳندو لفظ آهي، ۽ اسان وٽ اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آئون مٿي تفصيل سان ڏيئي آئي آهيان، پر هتي نئين ۽ عجيب صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هن ورجاءِ کي ضروري ياسيم.

جملو = ٿورو ترس آئون بہ هلان ٿي، گهٽي سيءَ جي ڪري اندر سڄو ڏڳي پيو. ڪوسي چانھ پيان، مانَ ڏڳ گهٽجي.

جملو = ٻار کي ايڏو ڍيچاربو آهي؟ معصوم سڄو ڏڳي پيو. ڳالھ ئي نٿو ڪري سگهي ڏڳڻ کان“

لفظ ”ٻاريو“ جي ڏنل معنيٰ ”دکايو“ بہ غلط آهي. ”ٻارڻ“ ٻي ڳالھ آهي ۽ ”دکڻ“ ٻي ڳالھ آهي. ٽانڊو جڏهن ”ٻرندو“ آهي تہ ان ۾ شعلو ۽ چيچي هوندي آهي، پر جڏهن ٽانڊو ”دکندو“ آهي تہ ان ۾ شعلو ۽ چيچي نہ هوندي آهي. بلڪ ”دونهون“ هوندو آهي، ”دکڻ“ ٽانڊي جي شروعاتي عمل کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪک پن، ڦش ڦوهر کي چڻگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏبي آهي. ان مهل جي ڪو پڇندو تہ، "ٿاندو ٻري ويو" تہ چئبو. جملو = ڏکي ويو آهي هاڻي ٻرڻ ۾ دير ڪانهي. "يعني ٿانڊو ٻري ٿو ۽ دونهين ڏکي ٿي." عظيم سنڌي ٻوليءَ جون اهي نازڪيون ۽ نفاستيون شال هر ڪو محسوس ڪري سگهي.

سُر جمن، داستان 4، بيت 4، جلد 1

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ مَ موٽ،
سَهائي سپيرين جي، گهڙ تہ تيئين گهوٽ،
اجا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين.

## سَهائي :

شيخ = سهائي ۾ (مچ يا باهہ ۾)
منگهاٽي = سوجهرو، روشني
بيت 8، پري پتنگ آئيا، سري سهائي وٽ.
بيت 9، پري پتنگ آئيا سري سهائي ساءِ،
بيت 10، پري پتنگ آئيا، سري سهائي جهل
بيت 11، پري پتنگ آئيا، سري سهائي هيٺ.

شيخ صاحب لفظ "سهائي" جي معنيٰ "باهہ ۾، مچ ۾، ڏني آهي. جڏهن تہ ٻين شارحن جي ڏنل معنيٰ بہ ڏسي سگهجي ٿي.

لغات لطيفي (مرزا قليچ بيگ) سهائي = روشنائي، سوجهرو.
قاضي، سهائي = سوجهرو روشنائي
گربخشاڻي، سهائي = (سنسڪرت، سُيات) سوجهرو، روشنائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، سهائي = روشنائي

آڏواڻي، سهائي = جوت، پرڪاش

قاسمي، سهائي = روشنائي

انصاري، سهائي = سوجهرو، روشنائي

بلوچ، سهائي = سهائي ۾، شعاع واري دائري ۾، حسن جي تجلي واري گهيري ۾.

اسين تہ (لسبيلي ۽ ڪوهستان وارا) اڄ بہ روشني ۽ سوجهري کي "سهائي/سهائو" تا چئون پر اوهان ڏٺو تہ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي بين سيني شارحن لفظ "سهائي" جي معنيٰ "سوجهرو ۽ روشنائي" ڏني آهي. شيخ صاحب لفظ "سهائي" جي معنيٰ "باهہ، مچ ۾" ڏني آهي، جيڪا بيت جي تفسير ۾ تہ ڏيئي ٿي سگهجي پر ڏکين لفظن جي معنائن ۾ هرگز نٿي ڏيئي سگهجي. اهو رجحان/لاڙو ئي غلط آهي تہ ڏکين لفظن جي معنيٰ بيت جي مفهوم مطابق ڏني وڃي، ڇو جو ساڳيو لفظ مختلف بيتن ۾ اچي ٿو تہ پوءِ اها پهرئين بيت جي مفهوم مطابق ڏنل معنيٰ ٻي بيت جي مفهوم موجب نٿي ٺهي ۽ پوءِ عجيب، متضاد ۽ مضحڪہ خيز معنائون وجود ۾ اچن ٿيون، جيڪي لطيف جي فڪر ۽ فلسفي لاءِ هاڃيڪار ٿيون ثابت ٿين. لفظ "سهائي/سهائو" جملن ۾:

جملو = ايڏانهن اونداهيءَ ۾ ڇو وينئي آهين؟ هيڏانهن "سهائيءَ" ۾ اچي ويهہ.

جملو = سهاءُ اچي ٿيو آهي، راتوڪو ويل آهي اچا ڪونہ وريو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي: پاڻ کي پتنگ تو سڏائين تہ، ٻاهہ ڏسي پوئتي نہ ورُ، محبوبن جي سوجهري/روشنيءَ ۾ گهڙي اندر وڃ تہ گهوٽ تئين (قبول پوين). تون اجا ڪچو آهين. ٻاهہ جي (راز) جي خبر/پروڙ ئي نٿو سمجهين/لهين.

سـر جمـن داسـتان 4، بيـت 11، جلـد 1
پـري پتنـگ آئيـا، سـري وٽ ساهي،
اچـي پيـا آڳ ۾، ڪـڏي سـپ ڪـاهي،
لاڳاپـا لاهـي، ڪاٺـا ڪـوري وچ ۾.

## ڪُڏي :

شيخ = نچي ٽپي، ڪڏ ڪري، شوق ڪري.
منگهاڻي = ڪيڏي (راند وانگيان/ راند سمجهي)، ڪيڏندا.
بمبئي ڇاپو داستان 9 بيت 7.
قليچ داستان 3 بيت 6.
لغات لطيفي (قليچ) ڪڏي = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي داستان 9 بيت 6 ڪڏي = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي داستان 3 بيت 14 ڪڏي = معني ڏنل ناهي.
ڏيپلائي داستان 3 بيت 18 ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.
بلوچ لغت "روشني" ڪڏي = معنيٰ ڏنل ناهي.
هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، ديوان تاراچند شوقيرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، آڏواڻي، قاسمي، انصاري ۽ ڊاڪٽر بلوچ وارن نسخن ۾ موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "ڪُڏي" جي معنيٰ شيخ صاحب "نچي ٽپي، ڪڏ ڪري، شوق ڪري، ڏني آهي، جڏهن تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ڪڏڻ" معنيٰ "ڪيڏڻ" ۽ "ڪُڏي" معنيٰ "ڪيڏي" آهي. اسين "ڪُڏ ڪرڻ يا ڪڏ ڪري آيو" ڪونہ چئون يا جيئن ڪٿي "راند رهڻ يا راند رهي پيو" چوندا آهن تيئن بہ اسان وٽ ڪونہ چئجي. اسان وٽ "راند ڪڏي پيو" يا "راند ڪُڏڻ" تو چئجي، ۽ لطيف سرڪار بہ ساڳيئي اسان جي طريقي ۽ لهجي ۾ لفظ "ڪُڏي" آندو آهي. سٽ آهي، "اڇي پيا آڳ ۾، ڪڏي سڀ ڪاهي" معنيٰ = (پتنگ) سڀيئي گڏجي (باهہ کي راند سمجهي) ڪيڏندا ڪاهي اڇي باهہ ۾ پيا.

جملو = آءُ تہ راند ڪُڏون.

جملو = ڪم نڪوڪار سچو ڏينهن تي گڏين سان ڪُڏين. ڪڏڻ مان پيٽ ئي نٿو پرجئي.

بيت جي سمجهاڻي = پتنگ هلي (اڏامي) آيا ۽ سرڪي/گسجي (ويجها) پهتا ۽ سڀيئي (باهہ کي راند سمجهي) ڪيڏندا ڪاهي اڇي باهہ منجهہ پيا ۽ واسطا/تعلق ۽ سگ وساري/ ميساري ڪوري جي وچ ۾ اچي سڙي/ڪامي ويا.

سر جمن داستان 5، بيت 2 جلد 1

ايڪ پيالو بہ چڙها، عشق نہ اڏ ڪري،

آتي سي ايڪ ٿيا، ڪتا نينهن ڪري،

دئي ذار ذاري، جُـ خلت خنجر آيو.

هي بيت ٻين نسخن ۾ هيئن آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 212.

ايــڪ پيــالو ٻــ ڇڙــا، عشــق نــ اڌ ڪــري،
آتــي ســي ايــڪ ٿيــا، گتــا نينهــن ڳــري،
دئــي ڏار ڏري، جنـــ خلـــت خنجـــر آيـــو.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 147 بيت 777

ايــڪ پيــالو ٻــ ڇڙــان، عشــق نــ ايئــن ڪــري،
آتــي ســي ايــڪ ٿيــا، گتــا نينهــن ڳــري،
دئــي ڏار ڏري، جـــُـــ خلـــت خنجـــر آيـــو.

شـــــوقيرام، داســـــتان 4 بيـــــت 2،

ايــڪ پيــالو ٻــ ڇڙــا، عشــق نــ ايئــن ڪــري،
آتــي ســي ايــڪ ٿيــا، جــي گتــا نينهــن ڳــري،
دئــي ڏار ڏري، جـــُ خلـــت خنجـــر آيـــو.

قليچ، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو بيت) گتا نينهن ڳري.
لغات لطيفي (قليچ) گتا = معنيٰ ڪانهي. ڳري = ڳپ ۾.
قاضي، داستان 4 بيت 3 (شوقيرام وارو) گتا نينهن ڳري = قاتا، اٽڪيا.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو) گتا نينهن ڳري = جيڪي عشق جي اڙي ۾ قاتا، جيڪي عشق محبت ۾ مبتلا ٿيا، جيڪي ڳري نينهن يا سخت عشق ۾ اٽڪي پيا.
شهواڻي، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو) گتا نينهن ڳري = چنبي ۾ يا ڳوريءَ، سخت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو) گتا نينهن ڳري = جي عشق جي چنبي ۾ اڙيا.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو ڳتا نينهن ڳري)

قاسمي، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو) ڳتا نينهن ڳري = ڳري = گپ ۾.

انصاري، داستان 4 بيت 2 (شوقيرام وارو) گتا نينهن ڳري = قاتا، اٽڪيا.

بلوچ، داستان 6 بيت 2 (بيت شوقيرام وارو پر "گتا" جي بدران "ڳتا" آهي) ڳتا نينهن ڳري = 1) ڳتا = ڳنڍيا (ڳنڍجڻ، ملي هڪ ٿيڻ)، ڳنڍجي هڪ ٿيا. 2) ڳتا = ڳاهيا (ڳاهڻ = لتاڙي پوري ذرا ذرا ڪري ملائي ڇڏڻ، ڪانهين يا سنگن جو وجود وڃائي ڇڏڻ). ڇيپاڻي، جدا جدا صورت ۽ وجود وڃائي، ملائي هڪ ڪري ڇڏيا. 3) ڳتا = ڳهيا (ڳهڻ = ڳاهہ ۾ ڳهڻ)، گڏجي سوڙها ٿيا. 4) ڳتا = هڪ ٻي سان ملي جڙي بيٺا (ڳنڍجڻ وارن جو)، وٺجي هڪ لڙي ٿيا. ڳري = ڳوڙي، وڏي آزمائش ۽ تڪليف واري، ڳري = ان وٽ انهيءَ ماڳ. جي ڳتا نيهہ ڳري = (الف) جن کي ڳري عشق ڳاهي ڇڏيو، عشق ۽ وڏي فراق جن جي وجود کي وڃائي ڇڏيو. (ب) جيڪي ڳاهہ واري ڪانيءَ لڳ ڳهيا ("نيهہ" سان لڳو لڳ پهرين ٻذل ڏاند کي "نيهي" چئبو، يعني جيڪو "نيهہ" سان لڳو لڳ سخت سوڙهو ٿي وڏي تڪليف سان وهي ۽ ڳهي. انهيءَ تشبيهہ مطابق سور سختيون سهندڙ عاشق کي پڻ "عاشق نيهي" سڏبو آهي. ڇڪجي آنجي سوڙها ٿيا، هڪ ٻي سان گسي پيسي هڪ ٿيا."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ تي پوءِ اچبو پهرين بيت جي صورت ڏسبي، سواءِ ٻانهي خان شيخ صاحب واري نسخي جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ ”ڪتا نينهن ڪري“ آيل ڪونهي. منظر تي آيل ٻين سينيَ نون تورڙي پراڻن نسخن ۾ ”گتا نينهن گري“ آيل آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر بلوچ واري (ڏهن جلدن واري) نسخي ۾ ”گتا نيهن گري“ آيل آهي ۽ شيخ واري بيت ۾ پهرين سٽ جو پويون اڌ، ”...عشق نہ اڌ ڪري“ آهي. جڏهن تہ ٻين سينيَ نسخن ۾، ”...عشق نہ ايئن ڪري“ آيل آهي ۽ معنيٰ ۽ لفظن جي درستگي لاءِ بيت جي ٻي سٽ جو پويون اڌ، ”ڪتا نينهن ڪري“ وڌيڪ اهم آهي. لفظ ”ڪتا“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڪپي ويا/ڪپي ختم ٿيا، فنا ٿئا“ ڏني آهي، ۽ لفظ ”ڪري“ جي معنيٰ ”ڪري ۾ يعني ٻار ۾ (ان جي پوک جي لاباري ڪان پوءِ جنهن جاءِ تي سنگ ڳاهڻ (ان ۽ تهہ ڌار ڪرڻ) لاءِ رکبا آهن ان جاءِ کي ڪرو چئبو آهي)“ ۽ ايئن شيخ صاحب جي سٽ ۽ معنيٰ ٿيندي، ”آٽي سي ايڪ ٿيا، ڪتا نينهن ڪري“ معنيٰ = اهي رجي/تحليل ٿي ڪپي/فنا ٿيا، نينهن جي ڪري ۾ يعني ٻار ۾.“ اها ڪهڙي معنيٰ آهي؟ آئون انهن ياڱوندن ۾ آهيان جنهنجا لفظ، لهجو ۽ اچار لطيف بادشاهہ پنهنجي امر ڪلام ۾ آندا آهن ۽ آئون سچ تہ پنهنجي ٻولي ڄاڻان ٿي. اڄ تائين يعني لطيف ڪان وٺي اڄ تائين لطيف جي ڪلام ۾ آيل انهن نج، ڪلاسيڪل سنڌي لفظن ۽ اچارن/لهجن کي لطيف جي ڪنهن بہ شارح، محقق ۽ مرتب نہ ڄاتو آهي (جيڪي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا آهن) ۽ اهو لاشڪ تہ ان ڪري جو لطيف جا سڀيئي شارح/محقق ۽ مرتب هڪ ئي تر سان واسطو رکندڙ آهن جيڪو لاشڪ تہ لسٻيلو ۽ ڪوهستان ناهي. لفظن جون ڏنل مختلف معنائون لطيف جي فڪر ۽ پيغام لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترو هاڃو آهن. اها ڳالهہ بحث طلب ڪانهي، پر وڏي فڪر ۽ خطري جي ڳالهہ اها آهي تہ شاهہ جا مرتب الائي ڇو پاڻ کي پاڻ ئي خودمختيار ٿا سمجهن ۽ جيڪو بہ لفظ سندن (مرتبن) لاءِ اڻبڌو ۽ اڃاتو هوندو آهي ۽ جنهن جي معنيٰ کين نہ ايندي هجي بلڪ سوٽي بہ نٿي لڳي تہ هو اهو لفظ ئي رسالي مان ڪڍي ٿا ڇڏين. ڪاتب ۽ ڪتابت جون غلطيون سمجهي. لفظن جو اڻ ٻڌل هئڻ ۽ معنائن کان اڻ واقفيت جو اهو مطلب ناهي تہ جيڪي لفظ سندن (مرتبن جا) ٻڌل ناهن تہ اهي بي معنيٰ لفظ آهن ۽ انهن کي هڪلي رسالي مان ئي لوڏي ڪڍي ڇڏجي. جيئن "گتا نينهن ڳري" کي "ڪتا نينهن ڪري" ڪيو ويو آهي. لفظ "گتا" جي معنيٰ آهي "گڇي ويا/ڦاٿا/اڙيا. جيئن "گپ ۾ گڇبو آهي يا ڪنهن چيڪٽي چيز ۾ گڇي وڃجي ۽ "نينهن" جي معنيٰ آهي. "پيار، محبت" ۽ لفظ "ڳري" جي معنيٰ آهي "وَٿِ، نينهن وٿ". لفظ "ڳري" جي معنيٰ بہ سيني شارحن عجيب ڏني آهي. يعني "ڳري نينهن ۾ ڦاٿا، ڳوري يا سخت چنبي ۾ اٽڪيا" وغيره جڏهن تہ مرزا صاحب ۽ قاسمي صاحب لفظ "ڳري" جي معنيٰ "گپ ۾" ڏني آهي (آهي نہ حيرت جهڙي ڳالهہ) جڏهن تہ "گپ" اسم آهي ۽ "ڳري" حرف جر آهي بيت ۾ آيل لفظ "ايڪ" کي اڳاٽن قلمي ۽ دستخطي نسخن ۾ لفظ "هيڪ" آيل آهي. يعني "آٿي سي هيڪ ٿيا، جي گتا نينهن ڳري" (مددي ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو جلد پهريون ڏهن جلدن واري لطيف جي نسخي جو) ۽ سٽ جي معنيٰ ٿي، "اهي رچي/تحليل ٿي ملي هڪ ٿي ويا جيڪي عشق منجهہ/اندر گهڙي گڇي ويا."

لفظ "گتا" جملن ۾:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هو تہ ٻئي هڪ ٻي ۾ ڳتا پيا آهن، پل بہ پري نٽا ٿين.
جملو = ايڏي گپ ڳري تنهنجو ڪهڙو ڪم هو جو وڃي ڳتو آهين؟

منهنجي هڪ غزل جو بند آهي،
”ڪڪــــــرن ڪئــــــي آ ڪيــــــڏي گــــــپ،
اجـــــــرو اجـــــــرو چنـــــــڊ ڳتــــــــو“.

هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”ڳتو/ڳتا“ ۽ واحد/جمع مؤنث ”ڳتي/ڳتيون“ آهي. هي لفظ ”ڳتا“ ڊاڪٽر بلوچ واري نسخي ۾ ”ٻڳتا“ آيل آهي)

لفظ ”ڳري“ جملن ۾:
جملو = هير تہ مان ڳري ٽڪو بہ ڪونهي.
جملو = تون سيڌو هن ڳري وڃ، پاڻهي تنهنجو فيصلو ڪندو.
منهنجي نظر ۾ بيت جي شڪل/صورت هيٺن هئڻ گهرجي.
”هـــڪ پيـــالو ٻـــ چڙـــا، عشـــق نـــ ايئـــن ڪـــري،
آٿـــي ســـي هيـــڪ ٿيـــا، جـــي ڳتـــا نينهـــن ڳـــري،
دوئـــــي ڏار ڏري، جــــــُـــــ خلـــت خنجـــر آيـــــو.

بيت جي سمجهاڻي = پيالو هڪ ۽ ماڻهو ٻہ هجن، عشق ايئن نہ ڪندو آهي (نينهن ۾ اهو روا ناهي تہ پريت ۽ پريمي ٻہ ڌار هستيون هجن) اهي رجي/تحليل ٿي هڪ ٿي ويا. جيڪي پيار ۾/عشق ۾ ڳهڙي/پيهي/ڳڇي، ڳري ويا. جڏهن محبت جو هٿيار هلي ٿو تڏهن اهو ٻيائي ۽ دوئيءَ کي ڪپي ڪوري ٿو ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمـن داسـتان 5 بيـت 6 جلـد 1،
جيـڏانهن قـاتل كـورَ، اكيـون اوڏانهـن كٽـي،
وهـ تنـي جـي ووڙ، جنـي سـانگ نـہ سـاهہ جـو.

## كورَ :

شيخ = (ركڻ جي) جاءِ
منگهـاٽي = پاسـو (ونـڻ) طـرف (تيـڻ) كنـاري (راز ۽ مرضي/خواهش)

گنج، صفحو 212، "كور" جي بدران "كَوڙ" آيل آهي "جيڏانهن قاتل كَوڙَ".

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 144 بيت 756 "كوڙ" آهي يعني بيت ۾ تہ "جيڏانهن قاتل كوڙ..." آهي پر هيٺ لكيل آهي تہ اصل "جيڏانهن قاتل كور..." آهي ۽ "كور" جي معنيٰ خواهش آهي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 4 (كَوڙ)
مرزا، داستان 4 بيت 4 (كَوڙ)

| | |
|---|---|
| قاضي، داستان 4 بيت 5 | (كَوڙ) |
| گربخشاڻي، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙ) |
| شهواڻي، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙ) |
| آڏواڻي، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙ) |
| ڏيپلائي، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙ) |
| قاسمي، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙِ) |
| انصاري، داستان 4 بيت 4 | (كَوڙ) |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، داستان 4 بيت 4 (ڪَوڙ)

بيت جي پهرين سٽ جو پهريون اڌ، "جيڏانهن قاتل ڪور..." ۾ آيل لفظ "ڪور" اوهان ڏٺو تہ ٻئي ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي ۽ ٻين سيني نسخن ۾ "جيڏانهن قاتل ڪوڙ" آيل آهي. اهو تہ تيو بيت جو بنيادي مسئلو جنهن جو حل ڪيڻ نهايت ضروري آهي، ۽ اهو مرحلو بہ انشاءالله جلدي ايندو. پر هن مهل بيت ۾ آيل ان ئي تڪراري لفظ جي ڏنل معنيٰ زير بحث آهي. لفظ "ڪور" جي معنيٰ شيخ صاحب "(رکڻ جي) جاءِ" ڏني آهي. لفظ "ڪورَ" جنهن معنيٰ ۾ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايو ويندو آهي بيت ۾ ساڳي ان ئي معنيٰ ۾ آيل آهي، يعني "پاسو (ونڻ)، طرف (تيڻ) ڪناري (راز، مرضي، خواهش)" مثال ڪنهن فيصلي ۾ ڪو منصب ڪنهن ڌر لاءِ نرم گوشو رکندو تہ چئبو.

جملو = فلاڻو ڪهڙو حق جو فيصلو ڪندو؟ هتيئي پيو هنن جي ڪور ڪري.

جملو = ڳالهہ اڌري پڌري هئي پر هو ئي ڌر جي ڪور ڪري فيصلو ابتائي ويو.

جملو = سنيالي وڃجو واٽ ڪانهي. مس ڪا پير رکڻ جيتري ڪَور آهي.

يا جيئن اترين علائقن گلگت، هنزا، ڪاغان وغيره ۾ جبلن جي پاسي ڪان رستا نڪتل آهن جتان ڪا جيپ مس گذرندي آهي تہ ان لاءِ بہ چئبو،

جملو = ايڏو تہ خطرناڪ رستو هو. اسانجي جيپ، جبل جي ڪَورَ تان سُرندي ٿي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين "ڦار" کي بہ "ڪور" چئون. يعني "انب جي ڪور/ڪوري" وغيره. مٿيون بيت جيئن تہ لفظ "ڪور" ۽ "ڪوڙ" جي ڪري بہ مختلف معنائون وٺي ٿو وڃي جنھنجي ڪري بيت جو مفھوم ئي ڦري ٿو وڃي - يعني ڪٿي قاتلن جي گھٽائي، ڪوڙين/ڪروڙين قاتل (جيڏانھن قاتل ڪوڙ)" ۽ ڪٿي "قاتل جو طرف ٿيڻ، پاسو وٺڻ (جيڏانھن قاتل ڪورَ)!" اميد تہ غلط آيل لفظن ۽ غلط ڏنل معنائن جو ھتي شديد احساس ٿيو ھوندو تہ محض ھڪ لفظ "ڪور/ڪوڙ" جي تبديلي بہ معنيٰ ۾ ڪيڏا وڏا فرق ٿي آڻي. ھونئن تہ بيت جون بہ معنائون ٿيون ٿين پر جيئن تہ منھنجي اڳيان معنائن واري سلسلي ۾ محترم ٻانھي خان شيخ جو ترتيب ڏنل "شاھہ جو رسالو" آھي. لحاذا ان ئي بيت جي معنيٰ ڏينديس.

بيت جي سمجھاڻي : جيڏانھن قاتل جو راز/مرضي/طرف/پاسو آھي، اکيون بہ اوڏانھين ڪٽي ٿو. جن کي پنھنجي جان جي پرواھہ نہ ھوندي آھي. انھن جي تلاش زھر ھونءَ آھي/اھي وھہ/زھر جا متلاشي ھوندا آھن.

سر جمن داستان 5، بيت 9 جلد 1

ھوندو ھڏ مَ سَنڌ، لاءِ پيا ڪن پنھنجو،
پوچ پيارج پھيڙا، ويندا ونيو ڪنڌ،
ھٿ تنھنجي ھنڌ، موڪي ڪو ماڻُ لھي.

**سَنڌ :**

شيخ = لڪاءِ، چپاءِ،
منگھاٽي = سنيال
گنج، صفحو 213 ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناھن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام، داستان 4 بيت 8.
مرزا قليچ بيگ داستان، 4 بيت 8.
لغات لطيفي (قليچ) سنڌ = سنڌڻ = گهٽا ڏينهن هڪڙي حال ۾ رکڻ، رکي ڇڏڻ، رکڻ.
قاضي، داستان 4 بيت 8، سنڌِ = رکي ڇڏ، لڪائي رک.
گربخشاڻي، داستان 4 بيت 7، سنڌِ = سڌڻ (سنسڪرت، سنڌان) سانڍڻ، لڪائي رکڻ.
شهواڻي، داستان 4 بيت 7، سنڌ = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 4 بيت 7، سنڌ = سانڍ
ڏيپلائي، دستان 4 بيت 8، ڏکين لفظن جو معنائون ڏنل ناهن.
قاسمي، داستان 4 بيت 8، سنڌ = سانڍ، رکي ڇڏ.
انصاري، داستان 4 بيت 7، سنڌ = رکي ڇڏ، لڪائي رک.
بلوچ، داستان 6 بيت 33، سنڌ، سنڌڻ = مٽ ۾ شراب سنڌڻ، مٽ ۾ ڪچي رس کي بند ڪري رکڻ (تہ اهو پچي شراب ٿيئي) (هت معنيٰ) سانڍي نہ رک، لڪائي نہ رک.

لفظ ”سَنڌِ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”لڪاءِ، ڇپاءِ“ ڏني آهي، ۽ لڳ ڀڳ سيني شارحن ساڳي ئي معنيٰ ڏني آهي. جڏهن تہ ”سنڌڻ“ ان عمل جو نالو آهي، جنهن ۾ اهي مخصوص ڇيزون خاص ڪري آٽاڻ، شراب ۽ اهي ڇيزون جيڪي ڪجهہ وقت لاءِ هوا ۽ روشنيءَ کان سنڀالي رکجن تہ جيئن اهي اهڙي شڪل/صورت ۽ ساءُ سواد واريون ٿين جيڪا مطلوب آهي، جنهن لاءِ وقت جي وڏي اهميت آهي، ڇو جو مقرر وقت کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ سنڌيل چيز ڪولڻ سان خراب ٿي ويندي، پر اهو لڪائڻ جو عمل ڪونهي، ”لڪائڻ“ معنيٰ جنهن جي ڪنهن کي خبر نہ هجي يا خبر نہ ڏجي، پر سنڌيل چيز لڪل ناهي هوندي. سيني کي خبر هوندي آهي تہ فلاڻي چيز مَٽن/بَرنين ۾ سنڌيل آهي، پر اها چيز ڪولبي ناهي، نہ ئي ڪو وقت کان اڳ سنڌيل چيز کي ڪولڻ لاءِ چوندو يا ضد ڪندو ”سنڌڻ“ جي معنيٰ آهي اهڙي چيز جيڪا پنهنجي مقرر وقت تي ڪولجي/پڌري ڪجي (جڏهن هوءَ مڪمل تيار هجي) پر جڏهن بہ ڪا شيءِ سنڌبي آهي تہ اها لڪائبي ناهي، ۽ موڪيءَ جو شراب بہ (شايد) ان وقت تيار نہ هو (۽ اها مند مَٽن جي کلڻ جي نہ هئي) پر لطيف سرڪار پوءِ بہ پياڪن کي خالي نٽو موٽائي. فرمائي ٿو.

”هونــــدو هــــڏ ۾ ســـــَنڌ، لاءِ پيـــاڪن پنهنجــــو“

معنيٰ: تو وٽ جيڪو حاضر آهي، موجود آهي، اهو (آيل) پيئڻ وارن جي موجودگيءَ ۾/سندن هوندي هرگز سنيال نہ، (يعني: جهڙو بہ ڪچو ڦڪو اڻپورو پڪل هجي، پر تون انهن جي اڳيان آڻي رک.)

لفظ ”سنڌڻ“ اڄ بہ اسان وٽ عام ٻين لفظن جيان ڳالهائجي ٿو. نہ رڳو حقيقي سنڌيل چيزن لاءِ پر عام ڪاڏي پيتي ۾ اوڇي لاءِ بہ جي ڪو سنيالي رکندو تہ چئبو،

جملو = مون کهڙا خزانا سنڌيا آهن: جيڪو بہ گندي پڄُ آهي پيئي اوڇيان.

جملو = گندي پڄ جي ڳالهہ ڪونہ ٿي ڪريان. هي ڏس مون تيون ڏينهن منائي ڏني هئي اها اڃا سنڌي رکي آهي، يا ڪاءِ يا اڃلي لاڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني: سنڌڻ "لڪائڻ" واري معنيٰ ۾ نہ پر "سنڀالڻ" واري معنيٰ ۾ ڳالهائبو آهي.

بيت جي سمجهاڻي: تو وٽ جيڪو بہ /جهڙو بہ (ڪچو ڦڪو) موجود آهي. اهو پياڪن/مئخوارن جي اڳيان/انهن جي موجودگيءَ ۾ هرگز سنڀالي نہ رک. تون انهن کي ڏئو سان بلڪ گهٽي ڪان گهڻو پيار تہ هو پُرُ تي هليا وڃن. (يا، نہ تہ هو پنهنجو مٿو ڪٽي هليا ويندا) اهڙيءَ روش ۽ طريقي سان شل تنهنجي هٽ/ميخاني جو ڪو مانُ ۽ عزت ٿيئي. (۽ تون ٻين کي بہ مانُ ۽ عزت ڏي)

سُر جمن داستان 5، بيت 12 جلد 1.

متارا مري ويا، موکي پيئي مر،

تنهنجو ڏک ڏمر، ڪونہ سهندو ان ري.

گنج صفحو 214 ساڳيو بيت (ڏک ڏمر)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام داستان 4 بيت 16 (ڏک ڏمر)

قليچ داستان 4 بيت 16 (ڏک ڏمر)

قاضي داستان 4 بيت 23 (ڏوس ڏمر) ڏوس = عتاب، تاب

گربخشاڻي داستان 4 بيت 15 (ڏوس ڏمر) ڏوس = (سنسڪرت، دوش) تاب، عتاب.

(ڪونہ سهندو ان ري، تنهنجن گراهڪن ڪانسواءِ ٻيو ڪو تنهنجو تاب، عتاب ۽ ڪاوڙ ڪونہ سهندو.و مرشد ۾ ٻہ خاصيتون آهن. مهر ۽ قهر. هتي مرشد جي قهر ڏي اشارو آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(بلڙيءَ واري قلمي نسخي، بمبئيءَ واري سنگي ڇاپي ۽ پيٽ شاهہ واري قلمي نسخي ۾ ”ڏک ڏمر“ آهي)

شهواڻي، داستان 4 بيت 15 (ڏوس ڏمر) ڏوس = عتاب.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 15 (ڏوس ڏمر) ڏوس = دوش، عتاب.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 23 (ڏوس ڏمر)

قاسمي، داستان 4 بيت 15 (ڏک ڏمر)

انصاري، داستان 4 بيت 15 (ڏوس ڏمر) ڏوس = عتاب، تاب.

بلوچ، داستان 2 بيت 27 (ڏک ڏمر)

هي بيت جيڪو سيني نسخن ۾ ٻن سٽن تي ٻڌل آهي. اهو ڏيپلائيءَ واري نسخي ۾ ڇئن سٽن تي ٻڌل آهي. (جيڪو نهايت خوبصورت ۽ مڪمل آهي) بيت هيٺينءَ ريت آهي.

”متارا مري ويا، موکي پيئي مر،
سي اڄ نہ آيا گنجڙي، سڄو ڪيائون سر،
پياڪن پاسو ڪيو، گھوٽن ڇڏيو گھر،
تنهنجو ڏوس ڏمر، ڪونہ سهندو ان ري.“

۽ بيت ۾ اهو اهم ۽ تڪراري لفظ ”ڏوس“ بہ آيل آهي جيڪو اوهان ڏٺو تہ گنج، شوقيرام، قليچ، قاسمي ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ ”ڏک“ آيل آهي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب واري نسخي مطابق تہ، ”بلڙيءَ واري قلمي نسخي، بمبئيءَ واري سنگي ڇاپي ۽ پيٽ شاهہ واري قلمي نسخي ۾ پڻ ”ڏک“ آيل آهي، ۽ قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ ”ڏوس“ آيل آهي. لفظ ”ڏک ۽ ڏوس“ جي معنائن ۾ تمام وڏو فرق آهي، پر لڳي ٿو تہ لفظ ”ڏوس“ ڪان سيپئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شارح اڻ واقف آهن جنهن ڪري سندن لاءِ لفظ "ڏڪ ۽ ڏوس" ۾ ٻہ ڪو فرق ڪونهي ۽ ڪن لفظ "ڏڪ" آندو ۽ ڪن وري لفظ "ڏوس" آندو، ۽ جن لفظ "ڏوس" آندو ٻہ تہ معنيٰ مڪمل غلط ڏني آهي، هنن لفظ "ڏڪ" جي مناسبت سان لفظ "ڏوس" جي معنيٰ "تاب، عتاب، دوش" ڏيئي ڇڏي. ايئن هي لفظ بيت ۾ تڪراري بنجي ويو. لفظ "ڏوس" اسين اڄ بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا ۽ "ڏوس" جي معنيٰ آهي "ڪنجوسي" ۽ ڪنجوس ماڻهوءَ کي "ڏوسي" چئون.

جملو = فلاڻو تہ صفا ڏوسي آهي. تورتڪ ڪان سواءِ هلي ئي ڪونہ.

جملو = سرفو وري ڇا جو، ڏوسي آهي، سڀ ۾ ڏوس ڪندو آهي.

۽ اسين ڪنجوس کي "ڏوسيءَ" سان گڏ "شوم" بہ چئون ۽ مٿي جملي ۾ آيل لفظ "سرفي" جي معنيٰ آهي "بچت" هونئن بہ موڪيءَ جو متارن تي ڪهڙو عتاب؟ ۽ هوءَ ڇو عتاب ڪندي؟ البتہ هوءَ ڪنجوسي/ڏوس ڪري ٿي سگهي، ڇو جو، موڪي شراب وڪڻڻ واري هئي ۽ دڪاندار ڪڏهن بہ هٿ ڦاڙ نہ هوندو آهي، تنهن ڪري سٽ ۾ لفظ "ڏڪ" ڪان وڌيڪ "ڏوس" ٺهڪندڙ آهي، ۽ موڪيءَ جو متارن سان ڪهڙو ڏڪ سڪ جو تعلق هو؟ هوءَ تہ دڪاندار هئي جنهن جا گراهڪ/خريدار، شهزادا/راجڪمار ۽ حاڪم هئا، جيڪي سال ۾ هڪڙو ڀيرو ڀرجي ترجي مال خزانا کڻي موڪيءَ جي مئخاني تي شراب پيئڻ ايندا هئا، ۽ ڏيئي وٺي، خزانا خالي ڪري ڀرُ تي هليا ويندا هئا. انهن کيّ شراب ڏيڻ ۽ پيارڻ ۾ هوءَ ڏوس ڪري ٿي سگهي (ڇو تہ موڪي چالاڪ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چالباز ناتر جي ڏيءَ هئي) ۽ راجڪمار سندس ڏوس ڏسي ٻہ ماٺ رهندا هئا.

جملو = ايڏو ڏوس نہ ڪر صحيح توري ڏي.

ان حساب سان سٽ ڪي هيئن هوندي گهرجي ”تنهجو ڏوس ڏمر، ڪونہ سهندو ان ري“ معنيٰ = تنهنجي ڪنجوسي ۽ رساما انهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سهي نہ سگهندو.

لفظ ”ڏمر“ جي معنيٰ ”ڪاوڙ“ تي ڏني وڃي، جڏهن تہ اسان وٽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڏمر“ معنيٰ ”رسڻ“ آهي، جيڪا ئي سٽ ۾ آيل آهي.

بيت جي سمجهاڻي : اهي سگهارا تنهنجا پياڪ (گراهڪ) مري ويا آهن. موڪي! هاڻي تون بہ پيئي مَرُ (اهڙي زندگي گذار جيڪا جيئڻ جهڙي نہ هجي سوءَ ۽ ماتم واري هجي. پل پل مرڻ جهڙي زندگي هجي.) هاڻي انهن کان سواءِ تنهنجون ڪنجوسيون ۽ رسڻ/انگل ٻيو ڪير سهندو؟

سر جمن داستان 5، بيت 21 جلد 1،

وَٽُ وَٽُ وٽيءَ ۾، مَٽ مَٽ منڊ پيو،
قدر ڪيف ڪلال جو، پياڪن پيو،
اچن درست دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو،
سُرها سِر ڏيو، چکن سُرڪ سيد چئي.

**وَٽُ وَٽُ :**

شيخ = قسم، جدا جدا سواد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = فيض.

**قدر:**

شيخ = اندازو

منگهاڻي = مانُ، عزت

**سُرها:**

شيخ = وڻندڙ، سهڻا، پيارا

منگهاڻي = خوشبودار

گنج، صفحو 213

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 22

قليچ، داستان 4 بيت 22

لغات لطيفي (قليچ) وَٽَ وَٽَ = حصو، بخرو، ڀاڱو، قدر ۽ سُرها جي معنيٰ ناهي. قاضي داستان 4 بيت 28 وَٽَ وَٽَ = وَٽَ = ونڊ، ساک، تحفو، ڀاڱو.

گربخشاڻي داستان 4 بيت 21 وَٽَ وَٽَ = (سنسڪرت، ونٽ = ڀاڱو، حصو) قسم، جدا جدا سواد.

شهواڻي، داستان ر بيت 21، وَٽَ وَٽَ =

آڏواڻي، داستان 4 بيت 21، وَٽَ وَٽَ = لذت، سواد، قسم

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 39، وَٽَ وَٽَ.

قاسمي، داستان 4 بيت 21، وَٽ وَٽ = الڳ الڳ مزو ۽ سواد.

(رڳو "و" تي زبر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري داستان 4 بيت 21 وَتَ وَتَ = ونڊ" ساک، تحفو.

بلوچ داستان 6 بيت 20 وَتِ وَتِ = ونڊ ونڊ، ورڇ ورڇ، وَتِ وَتِ = ساقيءَ طرفان هر پيري واري نئين ونڊ، هر پيري نئين رنگ ۽ سواد واري ورڇ (مَتِ مَتِ معنيٰ مَتَ مَتَ)

لطيف کي هزارين سال ڪونہ ٿيا آهن جو اسين ايڏا ٻاتاڙجي ويا آهيون، مٿئين بيت ۾ آيل لفظ "وَتُ وَتُ" سواءِ گنج جي ٻيو هجري سن 1267ع ۾ محترم خير محمد فقير جي دستخطي نسخي ۾ آيل آهي (مددي ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ جي ڏهن جلدن واري نسخي جو پهريون جلد) ۽ شيخ صاحب بہ شايد اتان کنيو آهي ۽ "وَتُ وَتُ" جي معنيٰ شيخ صاحب "قسم، جدا جدا سواد" ڏني آهي. جڏهن تہ اها معنيٰ گربخشاڻيءَ صاحب وري لفظ "وَتَ وَتَ" جي ڏني آهي. (جيڪا پڻ منهنجي راءِ ۾ غلط آهي) شيخ صاحب لفظ "وَتُ وَتُ" جي معنيٰ گربخشاڻي صاحب تان کنئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ واري بيت ۾ وري "وَتِ وتِ" آيل آهي جنهنجي معنيٰ هن صاحب "ونڊ ونڊ، ورڇ ورڇ" ڏني آهي جيڪا پڻ لفظ "وَتِ" جي معنيٰ ڪانہ آهي. "وَتِ" جي معنيٰ آهي "ملائي مضبوط ڪرڻ" ۽ هي لفظ "وَتڻ" مان آهي. يعني بيت ۾ ٽي شڪليون آهن هڪ لفظ جون: "وَتُ وَتُ"، "وَتَ وَتَ" ۽ "وَتِ وَتِ" ۽ منهنجي راءِ ۾ انهن ٽنهي لفظن جون معنائون سيني شارحن غلط ڏنيون آهن. هي ٽنهي صورتن وارا لفظ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڳالهايا ويندڙ لفظ اهن.

لفظ "وَتُ" معنيٰ "چڪر، پيچ، مروڙ".

جملو = رسيءَ کي مضبوط وَتُ ڏجين متان کلي نہ وڃي.

لفظ "وَتَ" جي معنيٰ آهي "فيض، روحاني طاقت/قوت، روحاني اجازت"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي کي خواب ۾ ڪنهن بزرگ کان وَٽَ ملي آهي، ۽ سندس ڦيٽو ڏاڍو هلي ٿو.

۽ لفظ "وَٽِ" جي معنيٰ آهي "ڪناري" (ڪَٽيءَ وَٽِيون ڪَٽيون) يا ملاءِ)

انهن سيني لفظن ۽ انهن جي معنائن جي آڌار چئي ٿو سگهجي ته لفظ "وَٽَ وَٽَ" يعني "و ۽ ٽ" تي زبرن سان صحيح آهي. سٽ آهي:

وَٽَ وَٽَ وَٽـــيءَ ۾، مـــَـــٽَ مـــنـــد ٻـــيـــو،

معني: هر پيالي/ هر وٽيءَ/ هر جام ۾ نئي روحاني/ الهامي طاقت ۽ قوت آهي ۽ هر مَٽ ۾ مختلف/ الڳ نموني جو شراب آهي.

۽ بيت ۾ ٻيا اهي فرق آهن جو مختلف نسخن ۾ ڪي لفظ بدليـــل آهـــن جيئـــن "دڪـــان/دڪـــان"، "دوســـت/دوس" ۽ "ڪمال/ڪلال/ڪلاڙ" آيل آهي.

بيت ۾ آيل لفظ "قدر ۽ سرها" اڄ بہ هر هنڌ عام ڳالهايا ويندڙ لفظ آهن. اهو ئي سبب آهي تہ گهڻن شارحن انهن لفظن کي ڏکين لفظن ۾ نہ ڳڻيدي انهن جي معنيٰ نہ ڏني آهي. جڏهن تہ شيخ صاحب لفظ "قدر" جي معنيٰ "اندازو" ۽ بلوچ صاحب "پسند ڪرڻ وارو اندازو ۽ سڃاڻيءَ جو احساس" ڏني آهي. جڏهن تہ اسان وٽ "قدر" جي معنيٰ آهي "مانُ ۽ عزت" ۽ "بيقدر" معنيٰ = بيمانو ۽ بيعزت.

جملو = هي بيقدر آهن ڪنهنجو بہ قدر نہ ڪندا آهن.

جملو = هو پاڻ قدر وارو آهي. اسان کي بہ وڏا قدر ڏنائين.

"قـــدر ڪيـــف ڪـــلال جـــو، پيـــاڪن پيـــو"

(لفظ "ڪلال" پُر معنيٰ آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ : پياڪن جي دل ۾ شراب ۽ ساقيءَ لاءِ مانُ ۽ عزت پيدا ٿي. (انهن اهميت سڃاتي). لفظ "سُرها" جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ٻنهي "سهڻا، وڻندڙ، پيارا" ڏني آهي. جڏهن تہ اسين ۽ شايد سڄيءَ سنڌ ۾ لفظ "سُرها" خوشبودار، واسوند، مهڪيل کي چئجي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = هر پيالي ۾ روحاني فيض، قوت ۽ طاقت موجود آهي ۽ هر مَٽَ ۾ نئون/ مختلف شراب آهي. مئخوارن جي دل ۾ شراب ۽ ساقي لاءِ مانُ/عزت جاڳي/پيدا ٿي.

(لفظ ڪلال جي معنيٰ ڏني اٿم. "ڪمال" جي نہ) خوشبودار/مهڪيل (شهزادا) سر ڏيو پيا ڍڪ پيئن.

سر جمن داستان 5، بيت 23 جلد 1،

جُ سي اگڙ آيا، سَرو ڪندا سچ،
سائي تيندين اچ، هيءَ پيتو هو آڻ ڪي.

سائي :

شيخ = شراب پي ختم ڪرڻ وارو عمل.

منگهاڻي = اهائي، ساڳي ئي، ساڳوڻي

تيندين :

شيخ = تيندين اچ = اچ ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ شراب جي گهرج زياده محسوس تيندين.

منگهاڻي = انهن کي تيندي/انهن جي تيندي.

گنج، صفحو 214 (جُهہ)

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ صفحو 144 بيت 761



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 4 بيت 19

قليچ، داستان 4 بيت 13، لغات لطيفي (قليچ) سائي تيندين = معنيٰ ناهي.

قاضي، داستان 4 بيت 20، سائي ۽ تيندين = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 12 سائي = معنيٰ ڏنل ناهي. (تيندين جي بدران ”تيندي“ آيل آهي.)

شهواڻي، داستان 4 بيت 12 سائي ۽ تيندي = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 12 سائي ۽ تيندي = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 30 ڏکين = لفظ جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 4 بيت 12، سائي ۽ تيندين = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 4 بيت 12 سائي ۽ تيندين = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، داستان 6، بيت ،15 سائي تيندي = سائو تيڻ، سائي تيڻ = وري ڪنهن شيءِ ۾ ساهه پوڻ، ۽ ان جو سائو تيڻ، وڌڻ ۽ زور وٺڻ، اج سائي تيڻ = اج تازي تيڻ، اج جو تازو تيڻ، وڌڻ ۽ وٺڻ.

لفظ ”سائي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”شراب پي ختم ڪرڻ وارو عمل“ ڏني آهي، ۽ ڊاڪٽر بلوچ ”سائو تيڻ، تازو تيڻ، ساهه پوڻ، وڌڻ، زور وٺڻ“ ڏني آهي. باقي ٻين شارحن معنيٰ ڏيڻ کان پاسو ڪيو آهي، جن ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب واري لغات لطيفي، علامه آءِ آءِ قاضي صاحب، ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب، غلام محمد شاهواڻي صاحب، ڪلياڻ آڏواڻي صاحب، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ۽ عثمان علي انصاري صاحب شامل آهن. لفظ ”سائي“، ”اها ئي“ ۽ ”ساڳيئي“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري معنيٰ ۾ اچ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو ۽ بيت ۾ لفظ "سائي" ان ٿي "اهائي، ساڳيئي" واري معنيٰ ۾ آيل آهي.

"سائي تيندين اڄ، هي پيتو هو آڻ ڪي"

معنيٰ = اهائي (ڀهرين پور واري ڇوت چڙهيل) ساڳيئي اڄ هوندن (جنهن ۾ هو آيا هئا) شراب ختم ٿي ويندو پر انهن جي پياس ختم نہ تيندي/ساڳيئي/اهائي اڄ برقرار رهندي ۽ انهن جي گهرج ساڳيئي ڀهرين وٿيءَ پيئڻ ڪان اڳ واري ٿي رهندي (۽ انهن جي پڪار هوندي تہ) هي تہ پي ڇڏيم ٻيو (ڪو) ڪٿي آڻ.

لفظ "تيندينِ" تہ آئون پانيان ٿي تہ هر سنڌي ماڻهو سمجهندو هوندو، پر شيخ صاحب ان جي معنيٰ پڻ ڏني آهي. لفظ "تيندين" ڪي جيئن ٿو سمجهائي "تيندئين اڄ = اڄ ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ شراب جي گهرج زياده محسوس تيندين." شراب جي گهرج ڪيئن زياده محسوس ڪندا؟ اها تہ اڳ ئي اڄ جون آخري حدون ڇهندڙ آهي. يعني "جُہ سي اگڻ آئيا، تہ سرو ڪندا سچ" يعني هو ايڏا تہ اجايل آهن جو، جي مئخاني ۾ آيا تہ شراب ختم ڪري/سچ ڪري ڇڏيندا." ان جي باوجود، "سائي تيندين اڄ، هي پيتو هو آڻ ڪي" معنيٰ اڄ تہ اهائي، ساڳيئي برقرار آهي. هي تہ سڀ پي ختم ڪري ڇڏيوسين. هاڻ ڪو ٻيو ڪٿي آڻ." انهن جي گهرج گهٽ ڪٿي آهي جو اڃا بہ وڌندي. هو تہ ماڳهين ڇوت چڙهيل اڄ ڪٿي آيا آهن هتي اڄهائڻ، ۽ وٿيءَ آڻڻ ۾ ٿوري دير بہ انهن جي برداشت کان ٻاهر آهي، ۽ شراب آڻڻ لاءِ سنڌن دانهن پيئي پوي تہ، آهي پيتو هو آڻ ڪي "وٿيءَ ۾ وار/وٿي نہ وجهہ، هي رک ٻيو ڪٿي اچ. بيت ۾ لفظ "سائي" ساوڪ، سائي/ سائو رنگ، ساهہ واري يا تازي واري معنيٰ ۾ آيل ڪونهي. بلڪ سا + ئي جو مرڪب لفظ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي: جي هو اگڻ/مئخاني ۾ آيا تہ سچو شراب پي ڇٽ ڪري ڇڏيندا. (پوءِ بہ) سندن اڃ اهائي/ساڳي ئي برقرار رهندي. (جيڪا ڪٿي آيا هئا ۽ پيئڻ ڪان پوءِ بہ سندن دانهن پيئي پوندي) تہ هيءَ اسان پي ختم ڪيو. پيو ڪٿي آڻ. (يعني هو وڏا پياڪ ۽ پياسا آهن ۽ سندن اڃ ڪنهن بہ صورت ۾ لهڻي ۽ ختم ٿيڻي ناهي.)

سـر جمـن، داسـتان 7، بيـت 7، جلـد 1
سـا سـٽ سـاريائون، الـف جنهنجـي اڳ ۾،
لاَ مقصعـُـود فـِـي الـدارَيـنِ، ان پـر اتـائون،
سـڳر سـونائون، ٿيـا رسـيلا رحمـلـن سـين.

سُونائون :

شيخ = ڳولي لڌائون، ڏنائون، اختيار ڪيائون.

منگهاڻي = سجاتائون.

گنج صفحو 204، برٽش ميوزيم لندن واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 5 بيت 21.

قليچ، داستان 5 بيت 22.

لغات لطيفي (قليچ) سونائون = سونڻ سڃاڻڻ، لهڻ

قاضي، داستان 5، بيت 21 سونائون = ڳولي لڌائون.

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 12 سونائون = سونڻ (سنسڪرت، سپسشتي ڪرُدو)، ڳولڻ، لهڻ.

شهواڻي داستان 5 بيت 18 سونيائون = ڳوليائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي داستان 5 بيت 21 سونائون = ڳولي لڏائون.

ڏيپلائي داستان 5 بيت 22 (سونائون) (لا مقصودُ في الدارين الاهو. ان پراتائون)

قاسمي داستان 5 بيت 22، سونائون = لڏائون.

انصاري داستان 5 بيت 21، سونيائون = ڳولي لڏائون.

بلوچ واري نسخي ۾ هي بيت سر ڪلياڻ ۾ جمن ۾ ناهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 291 سوننڻ = سونهپ ڪرڻ، رخ جاچي هلڻ، رخ رکڻ.

ستڙ سوننائون = بيڙين جي بيهڻ لاءِ سنو تڙ (حفاظت وارو هنڌ) جانچي اوڏانهن هليا. سڄڻ سوننائون. محبوب کي نظر ۾ رکي سڌو اوڏانهن رخ رکيائون.

لفظ "سوننائون" پڻ انهن ساهت وارن لفظن مان آهي جيڪي اڄ بہ پنهنجن پٽن ۾ عام ڳالهايا تا وڃن. اسان وٽ "سوننائون" معنيٰ "سجاتائون".

هن لفظ جو صحيح تلفظ "سوننائون" آهي، جيڪو اڪثر نسخن ۾ "سونائون ۽ سونيائون" آيل آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب، "ڳولي لڏائون يا اختيار ڪيائون" ڏني آهي. "ڳولهي لهڻ، ڏسڻ ۽ اختيار ڪرڻ" واري معنيٰ جو لفظ "سوننائون سان ڪوبہ سڱ سياڪو ناهي. "سڳر سوننائون..." معنيٰ (انهن) راهہ/رستو/واٽ/ پيچرو سجاتو." سيني محققن/شارحن ۽ مرتبن صاحبان لفظ "سوننائون" جي معنيٰ "ڳولي لهڻ" ڏني آهي، جيڪا اسان وٽ درست ناهي. هي لفظ "سونهڻ" آهي جنهن جي معنيٰ آهي، "واقف ٿيڻ/سجاڻڻ" ۽ "سوننائون" ان مان نهيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي معنيٰ آهي "انهن سجاتو/سجاتائون". يعني ڪنهن هنڌ هڪ ڪان وڌيڪ واتون هجن (واتون ويهہ ٽيون، ڪوهہ ڇاڻا ڪيڏانهن پرين) ۽ پتو ئي نہ پوي تہ ماڳ جو مارڳ ڪهڙو آهي؟ اتي جي ڪو "سونهون" هوندو تہ ٻڌائيندو تہ. هيءَ واٽ آهي ۽ جي ڪو پاڻهي واٽ سڃاڻي وٺندو تہ ڇٽبو.

جملو = هن پاڻهي واٽ سونني.

جملو = مون انهن کي ڪونہ ڏيکاري هو پاڻهي ئي شهر جا سونهان هئا. پاڻهي ئي سوننائون.

باقي "سڳر ڳولي ٻڌائڻ ۽ اختيار ڪرڻ" بابت جي شيخ صاحب پاڻهي ڪجهہ سمجهائي تہ بهتر ٿيندو.

بلوچ صاحب جو نسخو (ڏهہ جلد) ۽ سندس ترتيب ڏنل لغت "روشني" ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب وارو نسخو جيئن تہ منهنجي موضوع سان لاڳاپيل آهن ۽ منهنجو هي ڪتاب "شاهہ جي رسالي" ۾ آيل لاسي ۽ ڪوهستاني ڏکين لفظن جي ڏنل غلط معنائن جي درستيءَ بابت آخري ۽ مڪمل ڪتاب هوندو تنهن ڪري ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحبان جي نسخن (۽ لغت روشنيءَ) جا حوالا ٻين نسخن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شامل هوندا ڇو جو انهن ٻنهي صاحبن بہ شيخ صاحب وانگيان لاسي ڪوهستاني لفظن جون معنائون نہ اچڻ جي باوجود نهايت تفصيل سان سمجهايون آهن جيڪا ڳالهہ نهايت ڏک ۽ افسوس جهڙي آهي. جيئن مٿي لفظ "سوننائون" کي ٻنهي صاحبن، "سوننڻ/سونڻ" مان ڇيو آهي، جيڪو درست ناهي. اهو لفظ "سونهڻ" مان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هو پاڻ ئي جبل جا سونهان هئا. واٽ تکڙو ئي سونئائون.

جملو = ٻي ڪنهن ڪان پڇڻ جي ڪين ضرورت ئي ڪانہ هئي سيپاڙهي پي سونئائون.

بيت جي سمجهاڻي = اها ئي سٽ ساريائون/ياد ڪيائون جنهن جي اڳيان الف (الله) هو. ٻنهي جهانن (دنيا ۽ آخرت) ۾ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونهي. (سواءِ الله جي) اهڙي طريقي سان ڇيائون ۽ پوءِ (اهائي) راهہ سچاتائون ۽ ٻاجهہ ٻري رحمہ ڪندڙ رب کي رسيا ۽ خوش ٿيا.

سر جمن داستان 7، بيت 25 جلد 1

جي هرائينس هيين تي، سندي الف اوڙ،

تہ ڪتابن ڪوڙ، منجهان تو معلوم ٿئي.

اوڙ :

شيخ = هَر جي ڇونيءَ سان ڪيڙيل زمين جو هڪ سنڌو يا ليڪ

منگهاڻي = 1. ڪابہ اپريل لڪير/ليڪ، سوڙ جو خوبصورت نموني ڪڍيل چير (ٽوپو)

2. ڳالهہ جي مهاڙ/وجهہ ڏيڻ/اشارو ڏيڻ/اهميت ڏيڻ.

بمبئي ڇاپي وارو نسخو:

هارائع هئين ۾، الف سندي اوڙ،

تہ ڪتابن جي ڪوڙ، منجهائين معلوم ٿيئي.

قليچ داستان 5، بيت (2) (ڏنگين ۾) بيت بمبئي ڇاپي وارو،

لغات لطيفي اوڙ = هر جي ڪيڙ يا ليڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 35 ”هلائج هئين ۾...“
بلوچ، داستان 5 بيت 16، ”هرائين هئين ۾...“
اوڙ = هر ڪاهڻ جي اصطلاح ۾، هر جي ڪيڙ جي هڪ سڌي ليڪ. ۽ معنوي لحاظ کان ”ڪتاب جي پني تي لکيل سٽ“ (ٻنيءَ جي باري ۾ هر جون اوڙون ايئن جيئن، ڪتاب جي پني تي اکرن جون سٽون. هر جي اوڙ، زمين جي سطح تي مٿان رڳو ليڪ وانگر ناهي، پر زمين اندر گهاءُ ڪري ٿي. انهيءَ لحاظ سان ”هنين ۾ اوڙ“ مان مراد ته اها سٽ جا دل تي نقش ٿيئي.

شهواڻي، داستان 5 بيت 36 (بمبئي ڇاپي وارو) اوڙ = ليڪ.
هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي ۽ بيت ۾ لفظن جي بدليل صورت به اڳيان آئي آهي. لفظ ”اوڙ“ جي معنيٰ شيخ صاحب سان گڏ قليچ صاحب ۽ بلوچ صاحب پڻ، ”هر جي ڪيڙ يا ليڪ“ ڏني آهي جڏهن ته شاهواڻيءَ رڳو ”ليڪ“ ڏني آهي. يعني ”هَرَ“ کي نه ڳڻيو آهي. ”اوڙ“ اسان وٽ گهرائيءَ واري گهاءُ کي نه پر اپريل حصي کي ٿو چئجي، جيئن سوڙ کي سهٽي نموني ٽوپا/سيبا ڏبا آهن، ته جيڪا جاءِ لٽ وانگر ابري ايندي آهي ان کي ”اوڙ“ تا چئون.
جملو = تون سولا چير تي ڪڏين تنهن ڪري جلدي سوڙ سبي ڇڏيئي. آئون اوڙون تي ڏيان تنهن ڪري دير ڪئي اٿم.
جملو = اوڙون ڏيئي آئون به ڇاٽان تي پر اوڙن واري سوڙ نرم ڪانه تي ٿيئي ۽ اوڙ ڏنل چير منهن ۾ لٽ جيان لڳندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻي معنيٰ آهي تہ، جي ڪو ڪنهنکي پاڻ سان سهمت ڪرڻ چاهي ۽ اڳيون بنا ڪا اهميت ڏيڻ جي سندس ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي تہ هو چوندو،

جملو = آئون ونس ويو هوس پر هن تہ صلاح صلحيءَ واري ڳالهہ کي اوڙ ئي ڪانہ ڏني.

جملو = مان تہ جيڪر سڀ ڪريان پر هن ۾ اهڙي اوڙ ئي ڪانهي. يعني، هو ان ڳالهہ جي پاسي لڙهي ئي نٿو.

لطيف ان ئي معنيٰ ۾ لفظ "اوڙ" آندو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = تون جي پنهنجي دل ۾ الف (الله) واري لفظ کي سمجهين/هنڊائين/اهميت ڏين تہ جيڪر ڪروڙين ڪتابن جي معلومات پنهنجي اندر منجهان ئي حاصل ڪرين.

سر جمن داستان 7، بيت 27 جلد 1

جو مير مان معلوم ٿيئي، الف اهو ئي آهہ،
لاڳاپا لُڙاءِ، تہ داخل ٿيين نہ دال ۾.

**لڙاءِ :**

شيخ = ختم ڪر، ڇڏي ڏي.

منگهاڻي = پس منظر ۾ رک، ڏنڊ ۾ رک، پاسي ڪر.

بمبئي ڇاپو:

جو الف ڪان اوري ٿيو، الف اهو ئي آهہ،
لوڪان تون لڪاءِ، تہ داخل ٿئين نہ دال سين.

قليچ، داستان 5، بيت (5) (ڏنگين ۾) بيت بمبئي ڇاپي وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 5 بيت 32 بيت بمبئي ڇاپي وارو.

ڏيپلائي، داستان 5، بيت 37، بيت بمبئي ڇاپي وارو.

هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ ڪونهي ۽ جي بمبئي ڇاپي ۾ آهي، جتان ئي قليچ، قاضيءَ ۽ ڏيپلائيءَ کنيو آهي، تہ اهو بہ مختلف صورت ۾ آهي، جنهن ۾ لفظ "لڙاءِ" ڪونهي، جيڪو ئي منهنجي زير قلم آهي. بيت جي ساخت تمام گهٽي اهميت ۽ ڌيان گهرندڙ آهي، ان جي باوجود آئون پنهنجي اصل ڪم ڏانهن ڌيان ڏينديس ۽ منهنجي اڳيان لفظ "لڙاءِ" جي معنيٰ آهي جيڪا شيخ صاحب "ختم ڪر، ڇڏي ڏي" ڏني آهي. جڏهن تہ اسين مٽيءَ مليل پاڻيءَ کي يا مٽيءَ ۽ ميرانجهڙي رنگ جي ڪنهن بہ چيز کي "لُڙو/لُڙي" چوندا آهيون. بينل/تڪيل پاڻيءَ ۾ اٿل پٿل ڪري، هيٺ واري ڄميل ۽ وينل مٽيءَ کي مٿي آڻبو تہ مٽي مٿي ايندي ۽ تڪيل پاڻي مٽيءَ وارو ۽ ڏنڌلو ٿي پوندو. ان مهل چئبو،

جملو = ٻارن، تڪيل پاڻي لُڙَو ڪري ڇڏيو آهي.

ميري رنگ جا ڪپڙا هوندا تہ ان لاءِ چئبو،

جملو = هي لڙا ڪپڙا ڪنهنجا آهن؟

جملو = شڪار تي وڃين ٿو تہ لڙا ڪپڙا پائي وڃ.

اسان وٽ پهاڪو آهي "صبر ڪر تہ لڙو پاڻي ڪيڏانهن ٿو وڃي". "لڙ" معنيٰ، "ميراڻ/ڏنڌ". آئون سمجهندي هيس تہ لفظ "لڙ" جتي ڪٿي ساڳيئي معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي. جيئن مشهور پهاڪو آهي: "ڪانو کي لُڙ ۾ مزو" پر جڏهن مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ علامہ آءِ آءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي صاحب جي ڏنل لفظ ”لڙ“ جي معنيٰ پڙهيم تہ خبر پيئي تہ لفظ هڪ آهي پر معنيٰ هڪ ناهي ۽ مٿئين بيت ۾ لفظ. ”لڙاءِ“ جي ڏنل شيخ صاحب جي معنيٰ اجان ٺي ٿي آهي. جيڪا بيت سان تہ نٿي ٺهي پر قليچ ۽ قاضيءَ جي لفظ ”لڙ“ جي معنيٰ سان بہ نٿي ٺهي.

سٽ آهي، ”لاڳاپا لڙاءِ، تہ داخل ٿيين نہ دال ۾.“

معنيٰ = واسطن/ تعلقن کي ڏنڏ ۾ رک/پسمنظر ۾ رک نہ تہ دوزخ جي حوالي نہ ٿي وڃين.

هي بيت جيئن تہ ڪنهن بہ مستند نسخي ۾ آيل ناهي. تنهن ڪري ان جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ آئون پاڻ کي ذميدار نٿي سمجهان.

سر جمن، داستان 7 بيت 34 جلد 1

اوڇون ڪري عام کي، منجهايو ملن،

اوءِ پريان ٿي پاسي ٿيا، گهڻ گهڻ ڳالهيون ڪن،

ساهڻون اوڏا سپرين، لوچئو تان نہ لهن،

دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن منن جيئن.

**اوڇون :**

شيخ = اوڇون ڪري = وڏائي يا فخر ڪري (علم تي)

منگهاڻي = مددون ڪري (همٿائي)

بمبئي ڇاپو صفحو 26:

اوريائين اوڇهون ڪري، منجهايا ملن،

سي پرينئون پاسي ٿيا. ڪرهہ ڪرهہ ڳالهيون ڪن،

ساهوُن اوڏا سپرين، لوچئو تان نہ لهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دم نـــه ســـجاڻن، دانهـــون ڪـــن مـنـــن جيئـــن،

مـرزا قليـچ بيـگ، داسـتان 5 بيـت (7) (ڏنگيـن ۾)

اوريـــائين اوڄـــون ڪـــري، منجهايـــا ملـــن،
سـي پرينـوئن پاسـي تيـا، گهـه گهـه ڳـالهيون ڪـن،
ســاهان اوڏو ســپرين، لوچيـــو تـــان نـــه لهـــن،
دم نـــه ســـجاڻن، دانهـــون ڪـــن منـــن جيئـــن.

لغـات لطيفـي (قليـچ) اوڄـون = عـاجز، بيـزار، ڪـڪ، گنديـون، ڳوڙها.

بلوچ، داستان 5 بيت 6.

اوجهـــون ڪـــري عـــام ڪـــي، منجهـــايو ملـــن،
اوء پريـان ئـي پاسـي تيـا، گهـه گهـه ڳـالهيون ڪـن،
ســاهان اوڏو ســپرين، لوچئـــو تـــان نـــه لهـــن،
دم نـــه ســـجاڻن، دانهـــون ڪـــن منـــن جيئـــن.

اوجهـون ڪـري = اوجهـون ڪـرڻ =جدا جدا ڪـري ڇڏڻ، منتشـر ڪري منجهائي ڇڏڻ،جيئن اهي ڪنهن ماڳ منزل تي پهچي نـه سگهن. (چوندا آهن "اوجهون ٿي ويا" يعني رهجي ويا، جتن جي ٻوليءَ ۾ چوندا: فلاڻي ڳئون يا ڪا ٻي شيءِ تون اوجهون ڪري آئين.

"اوڄ ڪرڻ" = ناهي جوڙي اٿاوت ڪرڻ (اوڄون) ("اوڄ ڪرڻ" جئبو پر "اوڄون ڪرڻ" ڪونہ جئبو، باوجود انهيءَ جي، جيڪڏهن ان مان گماني معنيٰ ڪڍجي تہ اها تيندي "ناهي جوڙي ڳالهيون ٻڌائڻ.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، ديوان تارا چند شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ هي مٿيون بيت موجود ناهي.

منهنجي زير قلم لفظ ”اوڄون“ آهي جيڪو اوهان ڏٺو تہ بمبئي ڇاپي ۾ ”اوجهون“، مرزا قليچ بيگ وٽ ”اوڄون“ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ واري نسخي (ڏهن جلدن واري) ۾ ”اوجهون“ آيل آهي. پهرين ڏسجي تہ لفظ ”اوڄون/اوجهون/اوجهون“ مان درست لفظ ڪهڙو آهي، ۽ لفظن جي درست معنيٰ ۾ بيت جي مفهوم مطابق ڪهڙو لفظ اصل آهي/هوندو/هئڻ گهرجي! لفظ ”اوڄون“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”وڏائي يا فخر ڪري (علم تي)“ ڪئي آهي ۽ ساڳيئي لفظ ”اوڄون“ جي معنيٰ مرزا قليچ بيگ جي لغات لطيفي ۾، ”عاجز، بيزار، ڪڪ، گنديون، ڳوڙها“ ڏنل آهي، ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تہ ماڳهين ٿو چوي تہ لفظ ”اوڄون ڪرڻ“ آهيئي ڪونہ. بلوچ صاحب اهو الائي ڪهڙي بنياد تي چيو آهي. لفظ ”اوڄون ڪرڻ“ بابت اڄ بہ ڪراچيءَ جي وڄون وڄ (ضلعي سينٽرل) ۾ رهندڙ ”بڪڪن“ کان اچي پڇي سگهي ٿو. (بلوچ صاحب تہ منهنجي بابا سيٺ علي محمد بڪڪ سان گڏ هنگلاج بہ ويو آهي.) ”اوڄون ڪرڻ“ معنيٰ ”مددون ڪرڻ، سات نيائڻ/همٿائڻ“. هي لفظ اڄ بہ جيئرو ۽ صحت مند آهي. واحد ”اَوڄَ“ ۽ جمع ”اَڄُون“ ٿيندو. ههڙن موقعن تي آئون ڏکاري ۽ جذباتي ٿي پوندي آهيان تہ اسانجا محقق/ شارح اهڙن لفظن لاءِ جيڪي نہ تہ سندن تر جا آهن نہ ئي سندن ٻڌل آهن، نہ ئي هو انهن جي معنائن کان واقف آهن پوءِ ڪيئن هو اهڙن لفظن لاءِ فيصلا صادر ڪندا آهن تہ فلاڻي لفظ جي ڪائي معنيٰ ناهي/فلاڻو لفظ ڪاتب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي غلطيءَ سان آيل آهي وغيره. ۽ اصل ۾ ۽ دراصل ڇنئي لفظ جوڙڻ ۽ پنهنجون معنائون ڏيڻ اها ڪا سني روايت تہ ڪانهي. ايئن تہ اسين پنهنجي وسيع ٻوليءَ کي محدود ڪري رهيا آهيون. لفظ "اوڇون ڪرڻ" کي ڏڪارڻ ڪان اڳ انهن علائقن ۾ وڃڻو پوندو جتي هي لفظ مرڪي پيو چاڳ ڪري.

جملو = اوڇون ڪرڻ وارا مڙس ئي ويا. هي ليڏٽا کهڙيون اوڇون ڏيندا.

جملو = ڏمريا آهن تہ ست پچائي ڪائين. جڏهن پرچيل هئا تہ کهڙيون اوڇون ٿي ڏنائون.

اميد تہ جملن سان لفظ "اوڇون" جي ڇنائيءَ سان سمجهاڻي ٿي هوندي. هيءَ ڳالهہ نهايت عجيب ۽ اڻوٽندڙ آهي تہ، اڳ گربخشاڻي صاحب ۽ قاضي صاحب، ۽ هاڻي بلوچ صاحب ۽ شيخ صاحب لطيف جي ڪلام، سندس ترتيب، لفظن کي ڪڍڻ، وجهڻ ۽ معنائون ڏيڻ ۾ پاڻ هميرايون ڪيون آهن. جيڪي ڪين نتيون جڳائين. قاضي صاحب تہ دنيا جي عظيم ترين مرثيہ نگاريءَ جي نموني سر ڪيڏاري کي ٿي پنهنجي ترتيب ڏنل نسخي مان ڪڍي ڇڏيو آهي (ڄڻ تہ لطيف کنهن بہ فڪر ۽ فرقي سان ٻڌل آهي!) ۽ ٻيون بہ ڪيئي بيواجبيون ڪيون آهن قاضي صاحب "شاهہ جي ڪلام" سان! گربخشاڻي صاحب وڏو عالم ۽ ٻولين جو ڄاڻو هو (۽ ڪيس زندگيءَ مهلت نہ ڏني تہ هو صاحب "شاهہ جو رسالو" مڪمل ترتيب ڏيئي سگهي ها پر هن صاحب بہ ڪلام ۾ ۽ لفظن جي معنائن ۾ پنهنجون مرضيون هلايون آهن. سنسڪرت، پراڪرت، عربي، فارسي، هندي، گجراتي، مرهٽي، پنجابي وغيره جي لفظن جي عظيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي نج ۽ ڪلاسيڪل لفظن سان اجائي پيٽ ڪندي اڻنگيون معنائون ڏنيون آهن، پر جيئن تہ گربخشاڻي صاحب واري وقت ۾ اهو نئون ۽ اڻ ڇهو ڪم هو. جنهنجو ڪيس داد بہ مليو تہ هن وقت سنڌس لاءِ نجات جي راهہ بہ نڪري ٿي، پر بلوچ صاحب جنهن سڌو سنئون گربخشاڻي صاحب وارو طريقو ۽ نمونو ڪنيو. پر انداز گربخشاڻي صاحب واري نوڙت ۽ ٻاجهہ وارو ڪونهي ۽ شيخ صاحب تہ سيني ڪان بہ وڪون اڳيان وڌي ويو آهي بيتن جي اڻ سونهندڙ ترتيب/لفظن جي بگاڙ ۽ ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ ۾!

”شاھ جو رسالو“ ڪنهن جي بہ ذاتي ملڪيت ۽ ميراث ڪانهي جو بيتن، واين، سرن، لفظن کي هيٺ مٿي ڪرڻ، لفظن کي تبديل ڪرڻ جو سڀ اختيار سنڌن هجي. اهو صحيح آهي تہ ”شاھ جي رسالي“ ۾ ڪافي ڌاريون ڪلام شامل ٿيل آهي (۽ تازو گهڻو ڌاريون ڪلام شيخ صاحب بہ شامل ڪيو آهي) پر ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جو حق بہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي ڪونهي، (نہ ئي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي اهو حق ڏيڻ گهرجي) بلڪہ اهو اسان سيني (لطيف جي ڪلام کي سمجهڻ وارن جو) گڏيل حق آهي، ۽ هن ترقيءَ واري دور ۾ لطيف جي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ لفظن جون صحيح معنائون ڏيڻ نهايت ضروري آهي ۽ اهو اسانجو فرض پڻ آهي ۽ اهڙي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ مهل لطيف جي اصل ڪلام کي تر جيترو بلڪہ وار جيترو بہ ڇيهو رسڻ جو امڪان نہ هجي. اهو سڀ ڪجهہ ممڪن آهي ـ بس رڳو ماڻهوءَ کي اجائي انا ۽ وڏاندرائيءَ کي پنيءَ پنيان اڇلائڻو پوندو، ۽ وڏي نندي واري ڳالهہ تان پڻ هٿ ڪڻڻو پوندو، ڇو جو آئون ڇاڻان ٿي تہ مون کي عمر ۽ تجربي جي لحاظ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرانداز ڪيو ويندو. ۽ منهنجو عورت هئڻ تہ تهائين مون لاءِ آزار ۽ مشڪلون پيدا ڪندو. ۽ وري گهر ڪان ٻاهر نہ نڪرڻ وارو معامرو تہ اجائين اذيت ناڪ آهي، يعني:

هڪ پاهڻ پيا پٽيون، تيا جبل جت جاڏا،
اڳيان اَسونهين ڪي تا، تونگ سڄن تاڏا،
جي مُنيءَ منهن آڏا، سي تارج لڪ لطيف چئي.

تنهن هوندي بہ آئون ٻاڪار/ڪوڪار جي رفتار جهڪي نہ ڪنديس، ۽ پاڻ سان لاڳاپيل سيني مجبورين کي غير اهم سمجهندي حضرت علي عليہ السلام جي قول ڏانهن توجهہ ڏياريندس تہ. "اهو نہ ڏسو تہ ڪير ٿو ڳالهائي، پر اهو ڏسو تہ ڇا ٿو ڳالهائي" ـ بلڪل ايئن ئي مون کي بہ ٻڌو وڃي. يقين ڪريو تہ آئون نہ رڳو لطيف کي پڙهي ۽ سمجهي ٿي سگهان، پر لطيف شناس بہ آهيان. ۽ اهو سڀ چوڻ جي باوجود ايئن بہ نہ چونديس تہ: "ننڍو وات ۽ وڏي ڳالهہ!" ڇو جو هيءَ نوابن جي نگري ناهي، جنهن ۾ "پهرين تون" چوڻو پوي. هيءَ تہ لطيف جي نگري آهي جنهن ۾، "ذات نہ آهي ذات تي، جيڪو آيو سو اگهيو."

لطيف کي پوڻا ٽي سؤ سال اچي ٿيا آهن، پر اڃا اسان کي اها بہ خبر ناهي تہ ڪهڙو ڪلام لطيف جو آهي؟ ۽ لطيف اسان کي ڇا چوڻ ۽ سمجهائڻ ٿو چاهي؟ لطيف جو فڪر/فلسفو تہ اڃا ٿي اڳاهون آهي، ۽ آئون جنهن سهيڙ ۽ ترتيب لاءِ هِڪي ڪُٿي نہ چوڻ جهڙا لفظ بہ پيئي اڪليان، رڳو ان لاءِ تہ مانَ ڪو اوڪر اونائي.

مٿيون بيت رڳو چئن نسخن، بمبئي ڇاپي، قليچ، بلوچ ۽ شيخ وارن ۾ آيل آهي ۽ چئن ئي نسخن ۾ مختلف صورت ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = اوڄون ڪري عام ڪي منجهايو ملن.

بمبئي ڇاپو = اورياڻين اوجهون ڪري منجهايا ملن.

قليچ = اورياڻين اوڄون ڪري منجهايا ملن

بلوچ = اوجهون ڪري عام ڪي، منجهايو ملن.

منهنجي اڳيان لفظ ”اوڄون“ جي معنيٰ آهي جيڪا هڪڙي شيخ صاحب ڏني آهي، ٻي قليچ صاحب جي لغات لطيفيءَ ۾ ڏنل آهي يعني ساڳيئي تر جي ٻن ماڻهن جي ڏنل معنيٰ وڏي فرق واري ۽ مختلف آهي، ۽ وري اتر جو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب چوي ٿو تہ لفظ ”اوڄون ڪرڻ“ آهيئي ڪونہ! ان مان ظاهر ٿيو تہ لفظ ”اوڄون“ انهن سڀني جو ٻڌل ئي ناهي (تہ پوءِ معنيٰ ڪيئن صحيح ڏيندا) ۽ بلوچ صاحب لفظ ”اوڄون“ جي بدران ”اوجهون“ آندو، جنهنجي لاءِ مثال طور ”خيرپور وارو قلمي نسخو آهي. اصل ۾ بمبئي ڇاپي ۾ آيل لفظ ”اوجهون“ جي معنيٰ نہ سمجهڻ ئي هن بيت کي ڪاميلي جي حوالي ڪرڻ جو سبب بڻيو آهي،

جيئن تہ بمبئي ڇاپي وارو نسخو پراڻي/اوائلي لپي ۾ آهي، جنهن ۾ ”ڏ، ڊ، ذ، ڙ، ڃ، ڄ، ڳ، ڱ“ وغيره جي نقطن لاءِ ڪوبہ قانون ۽ پابندي ڪانهي ۽ اهي بنا ڪنهن ترتيب جي ڏنل آهن. اتان اهو بيت ڪٽڻ مهل لفظ ”اوجهون“ معنيٰ نہ سمجهڻ وارن جي ور چڙهي ”اوڄون“ بڻجي ويو. لفظ ”اوڄون“، لفظ ”اوجهون“ ڪان نسبتن مانوس آهي (شايد) ايئن لفظ ”اوجهون“ نقطن ۽ ڪاتبن جي غلطي سمجهي منظر تان غائب ڪري ڇڏيائون. هي لفظ ”اوجهون/اهجون“ آهي جيڪو پڻ انهن ئي لفظن مان آهي جيڪي رڳو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايا ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اهو لفظ ڪاتبن يا ڪتابت جي غلطي سمجهي بنا ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏک ۽ کهڪاءِ جي رسالي مان تڏيو ويو آهي، جڏهن تہ معنيٰ جي لحاظ کان اهو ئي لفظ بيت جون ٽوٽيون ۽ ٽنپ آهي. لفظ ”اوجهون/اهيون“ جي معنيٰ آهي، ”اشارا، پار پتا، نشانيون“. سٽ آهي، ”اوريائين اوجهون ڪري، منجهايو ملن.“

معنيٰ = ويجهي منزل جا اشارا ڏيئي/ پار پتا، نشانيون سمجهائي/ ڏيئي (ماڻهن کي) ملن منجهائي/راهہ تان هٽائي ڇڏيو.“ يعني، اهي منزلون جيڪي نهايت پري هيون ۽ ماڻهو اجا سمجهڻ جي مرحلن ۾ هئا تہ مُلن انهن کي ويجهي وات جا ڏس پتا/اشارا ڏيئي راهہ تان هٽائي/پلائي ڇڏيو. لفظ جمع ”اوجهون/اهيون“ ۽ واحد ”آهج“ آهي. ۽ لفظ ”اهڃاڻ“ بہ قريب قريب سندس متبادل لفظ آهي. لفظ ”اوجهون جملن ۾:

جملو = وات مان ڦٽي ئي نٿو، رڳو پيو اکين جون اوجهون ڏي.

جملو = اوجهون نہ ڏي. اٿي هلي ڏيکار.

لفظي معنيٰ موجب لفظ ”اوجهون“ ئي بيت جو اصل لفظ آهي ۽ سٽ بہ اهائي بمبئي ڇاپي واري درست آهي. يعني ”اورائين اوجهون ڪري، منجهايو مُلن. مرزا قليچ بيگ صاحب جي سٽ بہ ساڳي بمبئي ڇاپي واري آهي سواءِ بنيادي لفظ ”اوجهون/اهيون“ بدران لفظ ”اوڄون“ آڻڻ جي. جڏهن تہ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب واري سٽ هڪ جهڙي آهي. سواءِ ”اوڄون/اوجهون“ وارن لفظن جي فرق جي. جتي نہ رڳو اهي ٻئي لفظ غلط آيل آهن (معنائن سميت) پر سٽ جي لفظي بناوت/ ساخت بہ غلط آهي.

بيت جي ٻي سٽ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ڇاپي وارو نسخو = سي پرينيون پاسي ٿيا. ڪرهہ ڪرهہ ڳالهيون ڪن.

مرزا قليچ بيگ صاحب = سي پرنيئون پاسي ٿيا. ڳهہ ڳهہ ڳالهيون ڪن.

شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب = اوءِ پريان ئي پاسي ٿيا. ڳهہ ڳهہ ڳالهيون ڪن.

سٽ جي صورت اوهان ڏٺي ۽ لفظ "ڳهہ ڳهہ" جيڪو بمبئي ڇاپي ۾ "ڪرهہ ڪرهہ" آيل آهي اهو قليچ، بلوچ ۽ شيخ وارن نسخن ۾ "ڳهہ ڳهہ" آهي جنهن جي معنيٰ، قليچ بيگ صاحب جي لغات لطيفيءَ ۾ "اجايون، بيهوديون، بڪ بڪ" ڏنل آهي جيڪا ئي شيخ صاحب پڻ ڏني آهي. جڏهن تہ بلوچ صاحب لفظ "ڳهہ ڳهہ" جي معنيٰ "ڳهي ڳهي ڳالهيون ڪن، ڳالهين جا ڳهير آهن ۽ ڳالهين ۾ وڏي ديگهہ تا ڪن" ڏني آهي.

اهي سڀ لفظ ۽ لفظن جي معنائن جا معاملا ۽ مونجهارا هڪ هنڌ گڏجي ويهي نبيرڻ جا آهن. اهي ڏاڍا وڏا ۽ ڏکيا ڪم آهن. جيڪي ڪنهن بہ هڪ ماڻهوءَ جي ڪرڻ کان نهايت مٿي چڙهيل آهن، پوءِ اهو ماڻهو ڀلي ڪيڏو بہ ٻوليات، لسانيات جو ماهر، عالم ۽ اڪابر هجي، پر ان ڪم لاءِ تہ محنت ۽ جاکوڙ سان گڏ، سنڌ جي مختلف حصن مان مختلف لهجن ۽ اچارن جي ڄاڻ رکندڙ لطيف جي عاشقن ۽ ڄاڻو ذهنن جي ضرورت پوندي، جيڪي سنڌ جي خمير ۾/زمين ۾ اڄ بہ آهن. رڳو ڪين ڳولي لهي اهميت ڏيڻ جي ضرورت آهي. بيت جي آخري سٽ ۾ آيل لفظ "مُنن"، (دانهون ڪن مُنن جيان) بمبئي ڇاپي، قليچ ۽ شيخ واري بيت ۾ آهي پر بلوچ صاحب واري بيت ۾ "بين" آهي، "دانهون ڪن بين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان". لفظ "مُنَن" جي معنيٰ آهي. "ڦريلن، لٽيلن" باقي "ٻين" بابت بلوچ پاڻ ئي ٻڌائي سگهندو تہ. "ڪهڙن ٻين جيان؟ ۽ اهي ٻيا ڪير آهن؟" ڇو جو بلوچ صاحب جن بہ قلمي/دستخطي/ڇاپي وارن نسخن جا هن مٿئين بيت بابت حوالا ڏنا آهن انهن مان ڪنهن هڪ بہ نسخي ۾ "ٻين" آيل ناهي ۽ سڀني نسخن ۾ لفظ "مُنَن" آيل آهي.

پراڻن ۽ اوائلي نسخن ۾ بہ وڏيون لاپرواهيون آهن پر اهي سوچي بہ ماڻهو برداشت ڪري ٿو سگهي تہ تڏهن سنڌ سماءَ جا وسيلا وسيع نہ هئا. ماڻهوءَ جو هڪ ٻي سان رابطو مشڪل هو، پر هاڻي تہ ايئن ڪونهي. هي مٿيون بيت هڪ ٻيءَ صورت ۾ پڻ آهي، جيڪو اڳيان ايندڙ سُرَ ۾ آهي پر آئون اهو بيت هتي ئي ڏيڻ چاهيندس، محض ۽ محض هڪ سوچ کي واضح ڪرڻ لاءِ.

"پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اچ مرن،
ساها اوڏو سپرين، لوچيو تان نہ لهن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن منن جيئن."

ڇا لطيف بادشاهہ جهڙو ذهين ترين انسان، جنهن وٽ منظر/پسمنظر، لفظ معنائون، پاتاريل هئا اهو ساڳيو فڪر ساڳين لفظن ۾ آڻيندو؟ جيئن ڪو عام شاعر بہ نہ ڪندو آهي. تہ پوءِ ڪهڙو بيت لطيف سرڪار جو آهي؟ ۽ ڪهڙو ڏاريون آهي؟ يا ٻئي بيت ڏاريا آهن؟ بيت جي سمجهاڻي هن غير واضح صورتحال ۾ آئون پاڻ تي واجب نٿي سمجهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر جمن، داستان 7، وائي 1 جلد 1،
وسارج مَ ويڻ، جوين ٻـ تي ڏينهڙا،
سٽ 2: اصل اسارن جا، ستي ويڙا سيڻ.

## اسارن :

شيخ = غافلن، ويسلن
منگهاڻي = غائب دماغ، بي سار

## سٽ 3 :

لوڻيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ تيون ويڻ.

## لوڻيون :

شيخ = نادان زالون، حيا کان خالي عورتون، ڦريل يا لٽيل زالون.

منگهاڻي = سڪٽيون، نياڳيون، ضدي، پنهنجي مرضيءَ واريون.
گنج، صفحو 211 ۽ 212.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 5 وائي 2
قليچ، داستان 5 وائي 2
لغات لطيفي (قليچ) اسارن = اسارو = ري سار، ري سڌ، ريءَ ٻڌ.
لوڻيون = ڪاڻيون، نادان زالون، جن ڏينهن غفلت ۾ گذاريا.
قاضي، داستان 5 وائي 2، اسارن = اسارا = غافل، ويسلا،
لوڻيون = رليل، سڙيل، ڪاڻل،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 5 وائي 2، اسارن = غافلن جا، ويسلن جا، لوئيون = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 5 وائي 2 ،اسارن = ويسلن، غافل زالن، لوئيون= رليل، ڪاٺيون، نادان زالون.

آڏواڻي، داستان 5 وائي 2، اسارن = ويسلن. لوئيون = بي حيا ناريون.

ڏيپلائي، داستان 5 وائي 2، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 5 وائي 2، اسارن = ويسلن. لوئيون =نادان زالون.

انصاري، داستان 5 وائي 2، اسارن = غافلن، ويسلن. لوئيون = رليل، سڙيل، ڪاٺيون.

بلوچ، داستان 6 وائي 1، اسارن = اسار، اساري = جنهن کي سار نہ تيئي، سجاڳي نہ تيئي، جيڪا بي اون ۽ غافل هجي. لوئيون (واحد لوئي) = ڇڙواڳ، بي لغام، بي افعاليون.

وائيءَ ۾ آيل پهريون لفظ "اسارن" ڏسو جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "غافلن، ويسلن" ڏني آهي لڳ ڀڳ سيني شارحن اهائي معنيٰ ڏني آهي. جڏهن تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "اسارو/اساري" اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي جيڪو بنا سونت سمجهہ، هوش ۽ شعور جي هجي، يعني جنهن جو ذهن ستل هجي (پاڻ پلي جاڳندو هجي).

"اسارو" معنيٰ جنهنجو دماغ ڪم نہ ڪندو هجي. "غافل ۽ ويسلو" تہ عقل ۽ شعور وارو بہ ٿي سگهي ٿو، پر "اساري" ماڻهوءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"غافل ۽ ويسلو" نٿو چيو وڃي ۽ جي "اساري" ماڻهوءَ لاءِ چئبو ته، "فلاڻو غافل يا ويسلو" آهي ته چئبو:

جملو = نه ادا، هو غافل ۽ ويسلو ڪونهي، سار ۾ ئي ڪونهي، اسارو آهي. نڪا تي ڳالهہ ياد پويس، نڪو اتڻ جي سار اٿس. سڄو ڏينهن اسارو پيو آهي." سٽ آهي.

"اصـــل اســـارن جـــا "ســـتي ويـــڙا ســـيڻ"

معنيٰ = اصل ڪان ئي، جن جا ذهن سجاڳ ناهن/غائب دماغ آهن انهن جا محبوب، انهن جي ستي ئي (سندن غائب دماغيءَ دوران) هليا ٿا وڃن.

وائيءَ جو بيو لفظ "لونيون" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "نادان زالون، حيا ڪان خالي عورتون، ڦريل يا لٽيل زالون" ڏني آهي. لفظ "لوني/لونيون" لطيف سرڪار هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا مختلف سُرن ۾ آندو آهي. تنهن ڪري ان جي تفصيلي سمجهاڻي اڳيان هلي ڏينديس. هتي رڳو سندس اها معنيٰ ئي ڏينديس جيڪا اسان وٽ مروج آهي، "سڪٽيون، نياڳيون، ضدي ۽ ياڻ هميريون." سٽ آهي "لونيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون ويڻ."

معنيٰ = سڪٽيون/ نياڳيون ضدي ۽ پاڻ هميريون، پڇاڙيءَ ۾ خلق جا طعنا مهڻا برداشت ٿيون ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمـــن، داســـتان 8 بيـــت 16 جلـــد 1
تـون سـڪن جـون سـڌون ڪريـن، سـيٽن سـور سـُـهاءِ،
انگهـــن جـــي اڙاءِ، جـــُــ نــالو ڳيــڙءِ نينهــن جــو.

## انگهن :

شيخ = انگهـن ۾، سـائي يـا سـڪل وڻ جـي نوڪـدار ۽ ننـڍين ڪانين يا گـتن ۾ (جن ۾ ڪنـل جانورن ڪي ڪل لاهڻ لاءِ ٽنگيـو وينـدو آهي.)

منگهاٽي = انگهـ، انگريزي حرف "V" وي جي شڪل جهڙي ٻـ شانگهي ڪي ڇٻبو آهي، پوءِ اها ڪاٺي هجي، لوهـ هجي چمڙو هجي يا ڪپڙو هجي.

بلـــــــوچ، داســـــــتان 5 بيـــــــت 11
ڪنــهـ چيئــي تــ پــاءِ، پيــر پريــان جـــي پيــر ۾،
تـون سـڪن جـو سـڌون ڪـري، سـيٽن سـور سـهاءِ،
انگهـــن جـــيءَ اڙاءِ، جـــان نـــالو ڳيـــڙءِ نيهـــ جـــو.

انگهن : انگهن تي، سوريءَ تي، پالن تي.

هي بيت سواءِ بلوچ صاحب واري نسخي جي، جتـي پڻ ٽـن سـٽن جي مختلف صورت ۾ آهي، ٻيو ڪنهـن بـ نسـخي ۾ ڪونهـي. بيـت ۾ آيـل لفظ "انگهـن" جيڪـو جمع صـورت ۾ آهي، جي معنيٰ ئي زير بحث آهي. شيخ صاحب لفظ "انگهن" جي ڏنل ڏگهي معنيٰ هر ان هنڌ ڏني آهي جتـي لفظ "انگهـن" آيـل آهـي ۽ بلـوچ صـاحب لفـظ "انگهـن" جـي معنـيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سوريءَ تي، ڀالن تي“ ڏني آهي. يعني هي بيت رڳو ٻن نسخن (شيخ ۽ بلوچ وارن) ۾ آيل آهي ۽ ٻنهي جي ڏنل معنيٰ مختلف آهي. اهڙي صورتحال مان ڪهڙو مطلب ٿو نڪري؟

اسان وٽ اڄ بہ واحد ”انگهہ“ ۽ جمع ”انگهون/انگهن“ عام سمجهيو ۽ ڳالهايون وڃي ٿو ۽ جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ ”انگهہ/انگ“ انهيءَ صورت کي چئبو آهي جيڪا بہ شانگهي هجي. مثال ڪو ڪپڙو، ڪندي، ڪليءَ يا ٻي ڪنهن چيز جي ڇهنب واري منهن ۾ اٽڪي ڦاٽي پوي ۽ ان ڦاٽل ڪپڙي ۾ پيل چير هر طرف کان ”وي“ (V) جي شڪل ۾ هوندو تہ چئبو،

جملو = ڪپڙن ۾ انگهہ پيئي آهي سبڻ ڏکي آهي.

جملو = ڪٿي وڃي ڏنگهرن ۾ ڦاٿو هئين؟ جو ڪپڙا انگهون ڪري آيو آهين.

لوهہ جي سيخ جو منهن مڙيل هوندو تہ ان کي ”انگڙو“ چئبو آهي ۽ صليب جي شڪل بہ انگهن وانگر آهي ۽ بيت ۾ ايڏانهن ئي اشارو آهي، پر ”انگهن“ جي اها شڪل آهي جيڪا مون بيان ڪئي آهي ۽ ان معنيٰ ۾ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايو ويندو آهي. بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ ان صورت ۾ ممڪن ناهي جڏهن بيت جي خبر ئي نہ هجي تہ ڪنهنجو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمــن، داســتان 8، بيــت 19 جلــد 1،
عاشــق معشــوقن جــو، ونــي وهــج در،
پريــن پچنــدءِ پــاٽهين، لهنديــن ســَرُ ســُيــَرُ،
انهيــن جــو اثــر، رهبــر ٿينــدوءِ راهــہ ۾.

**سُيَرُ :**

شيخ = چڱيءَ طرح، يعني ڪنارن تائين پريل، چڪار.
منگهــاڻي = زورائتــو، ســگهارو، مضبــوط، ســائو، ڏاول، شاهوڪار، باحيثيت.
گنج، صفحو 231 ۽ 232 (سَيَرُ)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 160 بيت 864 (سُيَرَ)
شوقيرام، داستان 7 بيت 12 (سُيَرَ)
قليچ، داستان 7 بيت 12 (سُيَرَ)
لغات لطيفي (قليچ)، سُيَرَ = چڱي طرح، چڱو پريل، مضبوط، سائو.
قاضي، داستان 7 بيت 16، سَيَرَ = زور وارو، مضبوط.
گربخشــاڻي، داســتان 7 بيــت 11، ســَيــَـرُ = ســير، ســبل، (سنسڪرت، سبل) ٻلي، زور وارو، سگهارو.
شهواڻي، داستان 7 بيت 14، سَيَرَ = سگهارو
آڏواڻي، داستان 7 بيت 11، سَيَرَ = ٻلوان، شڪتيوان.
ڏيپلائي، داستان 7 بيت 15 (سَيَرَ)
قاسمي، داستان 7 بيت 12، سَيَرَ = سگهارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري داستان 7 بيت 11، سَيَرُ = زور وارو، مضبوط.
بلوچ، ڪلياڻ داستان، 4 بيت 22، سُيَرُ = وڏي ست وارو، وڏ
گردو، مڙيادار.

لفظ "سَيَرَ" جيڪو "س" ۽ "ي" تي زبر سان آهي اهو اڄ بہ اسين عام ڳالهايون ٿا. شيخ صاحب سان گڏ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاسمي ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ "سُيَرَ" يعني "س" تي "پيش" سان آيل آهي جڏهن تہ گنج، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ "سَيَرَ" يعني "س" ۽ "ي" تي زبر سان اسان واري/بيت صورت ۾ آيل آهي. خوشقسمتيءَ سان سواءِ شيخ صاحب جي ٻين سيني شارحن تقريبن ساڳي معنيٰ ڏني آهي، يعني "سگهارو، مضبوط، زور وارو" پر انهن بہ سيني رڳو "طاقت ۽ سگهہ" واري معنيٰ ۾ آندو آهي، جڏهن تہ لفظ "سَيَرَ" اسان وٽ رڳو طاقتور لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي، پر جيڪو بہ ڪنهن بہ ميدان ۾ مڪمل هوندو اهو "سَيَرَ" ٿيو. يعني "سگهارو، سائو ڀائو، سنو/چڱو، معتبر باحيثيت..." مطلب تہ هر پاسي کان شاهوڪار کي "سَيَرَ" ٿو چئجي. جيڪو "طاقت ۽ سگهہ" ۾ شاهوڪار آهي اهو بہ "سَيَرَ" ٿيو، جيڪو "مال ملڪيت، ڌن دولت" ۾ شاهوڪار آهي، اهو بہ "سَيَرَ" ٿيو، ۽ جيڪو چڱائي، سنائي، نيڪي، حيثيت، معتبريءَ ۾ شاهوڪار آهي، اهو بہ "سَيَرَ" ٿيو. اميد تہ لفظ "سَيَرَ" جي معنيٰ هاڻي واضح ٿي هوندي.

بيت جي سمجهاڻي: اي عاشق! تون محبوبن جو در جهلي ويهہ، پرين توکي پاڻهي ياد ڪري پڇندا، ۽ توکي شاهوڪار سائو ڀائو تلاءِ (بهشت) ملندو. محبوبن جي نگاهہ ئي واٽ جي رهنمائي ڪندڙ ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمـن، داسـتان 8 بيـت 22 جلـد 1
عاشـق معشـوقن جـو ونـي ويهـج رنـد،
پيـاريندءِ پـاٽهي، ميخـاني جـو منـد،
سـَرو ان جـو سـفرو، سـُپـَـڪُ آهـي سـنڌ،
متـان ڪـدين ڪنـڌ، اوڏو تـي ان ڪـي.

**سُپَڪُ :**

شيخ = چگّيءَ طرح پڪل يعني چڪايل يا تيار تيل.

منگهاڻيِ = سوڪ، ڪڙڪ. بنا نميءَ جي جنهن ۾ پاڻي نہ هجي يعني پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي بہ نہ هجي تہ ان کي سپڪ چئجي ٿو.

**سَنڌ :**

شيخ = سنڌيل يعني سانديي رکيل شراب

منگهاڻي = جسم جو انگ، بدن جو جوڙ

گنج، صفحو 232 بيت ساڳيو چئن سٽن تي ٻڌل. لفظ "سڦرو"، "ڦ" سان آيل آهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 161 بيت 867، چار سٽون ۽ لفظ "سڦرو"

شـوقيرام، داسـتان 7 بيـت 15
عاشـق معشـوقن جـو، ونـي ويهـج رنـد،
پيـاريندءِ پـاٽهين، ميخـاني جـو منـد،
ڪيئـن ڪـدندين ڪنـڌ، اوڏو تـي ان ڪـي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني ٽن سٽن تي ٻڌل بيت جنهن ۾ اها سٽ ٿي ناهي جنهن ۾ ”سپڪ ۽ سنڌ“ آيل آهي.

قليچ، داستان 7 بيت 15 (شوقيرام وارو)

قاضي، داستان 7 بيت 19 (شوقيرام وارو)

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 14 (شوقيرام وارو)

شهواڻي، داستان 7 بيت 17 (شوقيرام وارو)

آڏواڻي، داستان 7 بيت 14 (شوقيرام وارو)

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 18 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 7 بيت 15 (شوقيرام وارو)

انصاري، داستان 7 بيت 17 (شوقيرام وارو)

بلوچ، ڪلياڻ داستان 4 بيت 25 (گنج وارو چار سٽن تي ٻڌل) (سُر ڪلياڻ)

سپڪ = پيٽ ۾ ساڪرو، يا تلخيءَ وارو، يعني لذيذ

سنڌ = پورو سنڌيل، ڍڪي رکيل ۽ پچايل

هي بيت بمبئي ڇاپي ۾ چئن سٽن تي ٻڌل آهي ۽ لفظ ”سڦرو“ آيل آهي.

اوهان ڏٺو تہ هي بيت بمبئي ڇاپي، گنج، برٽش ميوزيم واري نسخي ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ چئن سٽن تي ٻڌل آهي، جڏهن تہ شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ ٽن سٽن تي مشتمل آهي ۽ انهن ۾ اها ٿي سٽ ناهي جنهن ۾ ”سپڪ“ ۽ ”سنڌ“ لفظ آهن، جن جي ڏنل معنيٰ زير قلم اٿم . سٽ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ســــرو ان جـــو ســـفرو، ســـُپــَــــــڪُ آهـــي ســـنڌ“

جن نسخن ۾ هيءَ سٽ موجود آهي انهن ۾ لفظ ”سفرو“ جي بدران ”سڦرو“ آيل آهي. باقي اهي قلمي/دستخطي ۽ اڳاٽا نسخا جن تائين پهچ عام لاءِ ممڪن ناهي، انهن ۾ ضرور آهي پر انهن ۾ لفظ ”سڦرو/سفرو“ جي بدران ”سنرو ۽ سيرو“ بہ آيل آهي. تنهنڪري اها ترجيح بہ هرويرو قابل قبول هئڻ نہ گهرجي.

بيت ۾ آيل لفظ ”سُپـَڪ“ اڄ بہ اسان وٽ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، ”ڪڙڪ ۽ سوڪ“ جنهن ۾ ڪنهن بہ نمي ۽ نرمائش جو شائبو بہ نہ هجي. شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ اوهان پڙهي ۽ بلوچ صاحب لفظ ”سُپڪ“ جي معنيٰ ”پيئڻ ۾ ساڪرو يا تلخيءَ وارو يعني لذيذ“ ڏني آهي. جڏهن تہ ڪنهن بہ پاڻياٺي چيز کي ”سپڪ“ نہ چئبو آهي. ”سپڪ“ لاءِ ضروري آهي بلڪ شرط آهي تہ ان ۾ پاڻيءَ جو ذرو بہ نہ هجي.

جملو = ماني سپڪ پڃائي ڏي. هي تہ ڳلهي آهي ڳپ جهڙي.

جملو = مون چيو هو تہ ميجي سپڪ ٺاهجان ۽ تو وري مصالحن جي پَري وجهي نرم بنائي ڇڏي آهي.

بيت ۾ آيل بيو لفظ ”سَنَ آهي. جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ٻنهي ”سنڌيل شراب“ ڏني آهي.

هڪ ڳالهہ تہ لطيف وڏو شاعر آهي، صوفي آهي، الله لوڪ آهي، مرشد آهي ۽ اهڙا سيئي لفظ آهي، پر ان کان اڳ هو هڪ نارمل ذهين انسان آهي ۽ هن سان لاڳاپيل اهي سيئي ڳالهيون بہ آهن، جيڪي ڪنهن ذهين ۽ نارمل ماڻهوءَ سان واڳيل آهن. پر الائي ڇو؟ هر دور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف کي رڳو هڪ صوفي ۽ دنيا تياڳيل ڪري دنيا آڏو پيش ڪيو ويو آهي. مونکي لطيف جي بنايل انهن خيالي تصويرن تي پڻ سخت اعتراض آهي جن ۾ لطيف کي منهن مونن ۾ هٽي ڳيجهو ڏيکاريل آهي. لطيف جو اهو روپ ڪٿي آهي جڏهن هو سنڌ جي بادشاهہ ميان نور محمد ڪلهوڙي پاران سازش تحت موڪليل هڪ ڇڙواڳ ۽ اڙيل گهوڙي کي بنا ڪنهن واڳ ۽ لغام جي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائي حاڪمن کي حيرت ۾ وجهي ڇو ڇڏي. ڇا لطيف مڪمل مرد نہ هو؟ هن عشق نہ ڪيو هو؟ (عورت سان) شادي نہ ڪئي هئي؟ ٻيا بہ ڪيئي قصا ساڻس منسوب آهن. جن ۾ سرفهرست گلان وارو قصو آهي. جيڪو تاريخي حقيقت آهي. ڇا سر مومل راڻي ۾ لطيف. خوبصورت سفيد رنگ جي نوجوان ڇوڪرين جو سوئمنگ پول (شهزادين جي وهنجڻ ۽ ترڻ لاءِ بنايل خاص حوض/تلاءُ) ۾ وهنجڻ ۽ سندن وارن ۽ جسم جي خوشبوءِ جو ذڪر نہ ڪيو آهي؟

جنهن تڙ ڌونرون ڌون، ڇوٽا چندن ڇـِڪ ڪيو.

معنيٰ = جنهن حوض/تلاءَ ۾ خوبصورت سفيد رنگ جون (ڇوڪريون) پنهنجا ڏگها ۽ سهڻا وار چندن (صندل/خوشبو/عطر) مان پري اڇي ڌوئن/وهنجن ٿيون ـ ۽ لطيف جا ڪيئي اهڙا لفظ آهن جن جون اونڌيون معنائون ڏيئي انهن کي ڇڪي گهلي هرويرو اصل واٽ تان ٿيڙي ڪٽي ٻيءَ غلط واٽ تي اچلايا ويا آهن. جيئن هن مٿين بيت جي سٽ ۾ ساقيءَ جي خوبصورت سڊول/وٽيل بدن جو ذڪر آهي. "سُپڪ آهي سنڌ" معنيٰ. ان جو جسم سڊول ۽ سمارٽ آهي.

سٽ آهي. "سَرو ان جو سفرو. سپڪ آهي سنڌ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = ان جو شراب تمام سٺو/اعليٰ آهي ۽ ان جو بدن/جسم به نهايت سڊول آهي.

اڄ به لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اهڙي خوبصورت ماڻهوءَ کي جنهن جي جسم تي گوشت ۽ چربي گهٽ هوندي آهي، چئبو آهي:

جملو = اهو نهايت سهڻو آهي. بدن سُپَڪُ اٿس.

جملو = فلاڻيءَ کي ڏٺو اٿئي ڪيڏو گهڙيل بدن اٿس. سندس هانئي ۽ سَنڌَ سپڪ آهن.

سٺ جي معنيٰ آهي. "انهن جو شراب سٺو ۽ بدن خوبصورت سبدول آهي."

شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ "انهن جو شراب سٺو ۽ چڱيءَ طرح سانڍي رکيل آهي." جڏهن ته لطيف ڪنهن به ڳالهه کي اجائي لاٽيڙ نه ڏيندو آهي. هو تمام وڏي ڳالهه کي به بيحد مختصر لفظن ۾ بيان ڪندو آهي. مثال هي ٻن سٽن وارو بيت آهي ته،

لڪيـــون آن لڳـــا، ڪـــي پلئـــ پـــانڌيئڙن جـــا؟
توهـــان گهٽيـــرو مـــائُ، روئنـــدا اهـــي رت ويـــا.

ڏسي ٿو سگهجي ته سسئيءُ جو هيڏو وڏو قصو، دل جا اڌما، اندر جا سوال، چاهت جا چير،جدايون، وڇوڙا، ويسهه گهاتي، ڪشالا، رولڻا، روئڻ پٽڻ سڀ ٻن سٽن ۾ آيل مختصر لفظن ۾ موتين ڪان مٿي پوريو آهي، يعني، پنهونءَ کي پائر زوريءَ بيهوش ڪري اٺ تي چاڙهي ڪنيو پيا وڃن. هوش ۾ اچڻ ڪان پوءِ پنهون پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ/ڇڏائڻ لاءِ ڪوششون ڪري ٿو ۽ آزاد نه ٿيڻ واري صورت ۾ بيوسيءَ مان روئي پوي ٿو. سندس پونيان نڪتل سسئي ڪشالا ڪنيدي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُونجرند تي رلندي پيئي وجي، جنهن وٽ نڪو ڪيچ جو پتو نڪا واٽ جي خبر. نڪو مُنهن نڪا مهاڙ. نڪو ئي سونهون ساڻ اٿس. هٽي تٽي وجي اُنن جي پيرن جا نشان سندس راهبر ٿيا آهن. اهي بہ ڪٿي تہ گم ٿيو وڃن تہ ڪٿي وري ڪيس اهو خوف واريو ٿو وڃينس تہ متان اهي پيرن جا نشان واءُ ڊاٽي وجهي، يا متان نوءَ جا ڇٽا (مينهن جي ذرڙي يُرِ/ ماڪ جا ڦڙا) نہ اهي پيرن جا سَرٽ ڊاهي وجهن، سو دانهون ڪندي ٿي وڃي تہ،

واءَ وڃاءِ مَ سو، پنيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
ڇٽا ڇپر پرينءَ جو، پير پرنيان تو،
بر بورائو جو، سو لڳي متان لٽئين.

ان ڏڪايل جي درد جو داستان ٻن مختصر سٽن ۾ ٿو ڪري، يعني، جڏهن سسئيءَ جي اڳيان لڪ ۽ لڪيون ٿا اچن ۽ اتان نڪتل سوڙها پيچرا ۽ واٽون/ گس ٿي ڏسي ۽ اتان لنگهيندي ڪيس سوچون ۽ خيال ورائي ٿا وڃن تہ، هي تہ سوڙهو پيچرو آهي، ۽ پنهونءَ بہ ضرور سڄاڳ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ڇڏائڻ جون ڪوششون ڪيون هونديون ۽ هن سوڙهي واٽ تان ويندي اڄلون پاچلون ڪندي ضرور پنهونءَ جي ڪپڙن وغيره جا پلوءَ هنن ويجهين لڪين ڪي لڳا هوندا. پوءِ هوءَ (سسئي) پنهنجي سوچن/خيالن جي سچ ۽ پڪ لاءِ لڪين کان پڇي ٿي تہ، "لڪيون! آن لڳا، ڪي پلئہ پانڌيڙن جا؟" معنيٰ اي لڪيون اي ٽڪريون هتان ويندي/ لنگهندي ڪي اوهان کي ڪن مسافرن جي گندي پيچ جا چيڙها ڪي پلوَ لڳا هٿا؟ تہ اتي لڪيون، جن وٽان پنهونءَ جو ساٿ/ قافلو گذريو هو، ۽ جن پنهونءَ جو پنهنجي پائرن کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڪوششون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پيچاڙيءَ ۾ بيوسيءَ مان روئڻ ڏنو هو. اهي (لڪيون) جذباتي ٿي ڪيس (سسئيءَ) کي جواب ڏيون ڏين ٿا. ”توهان گهڻيرو ماءُ. روئندا اهي رت ويا“

معنيٰ = اي منهنجي ماءُ/جيجل! (تون جيڪا ائين ٿي ڀانئين ته تو کو ڏک ۽ روئڻ ۾ ڇيهہ ڪري ڇڏيو آهي) اهي (پنهون) ته اوهان کان بہ بيحد گهڻو روئندا پيي ويا.“ يعني ٻن سٽن جي مختصر لفظن ۾ درد جو سڄو داستان جملن سُوڏو بيان ٿو ڪري. مونکي ان تي بہ تعجب ٿيندو آهي جڏهن لطيف جي روميءَ سان مماثلث ڪبي آهي. ڇا محض ان ڪري جو لطيف سان مولانا جلال الدين رومي جي ”مثنوي“ ساڻ هوندي هئي؟ ايئن تہ قرآن پاڪ ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو بہ ساڻ هوندو هوس. لطيف ۽ روميءَ جي فڪر ۽ طريقي ۾ وڏو فرق آهي. رومي پنهنجي پڙهندڙ کي اڻڄاڻ/بيخبر ٿو سمجهي ۽ ڳالهہ کي منڍ کان بيان ٿو ڪري ته. ”هڪڙو هو بادشاهہ...“ جڏهن تہ لطيف سرڪار پنهنجي پڙهندڙ کي ڄاڻو. باخبر. ذهين. اڪابر ۽ پنهنجي ئي ذهني سطح جي برابر ٿو سمجهي ۽ هر ڳالهہ/قصو ايئن ٻڌائيندو آهي ڄڻ سندس پڙهندڙ اڳ ئي ان کان واقف آهن. اهڙو غير معمولي ذهين انسان فطرت کان انڪاري هوندو؟ ڪنهن غير معمولي ذهين انسان جو ڏسڻ، ٻڌڻ، سونگهڻ، چکڻ، ڇهڻ ۽ محسوس ڪرڻ ڪنهن عام ذهن رکندڙ انسان کان ٻيءَ پت ۽ مختلف هوندو آهي. سو اسين هتي لطيف جي حِسن کان هٽي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪنداسين. جيڪو بار/گتي/مئخاني جي ماحول کان ٿورو گهڻو واقف آهي ته. شراب خاني ۾ رڳو شراب نہ هوندو آهي ۽ جي ڪو عام ماڻهو بہ اهو سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهي ٿو تہ لطيف تہ علم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عقل جو بيڪران بحر آهي، اهو ڪيئن يقين ڪري ته سگهي ته متارا رڳو سَري (شراب) جا ئي متلاشي آهن. اهو ئي سبب آهي جو هو چوي ٿو، ”سَرو ان جو سقرو، سپڪ آهي سَنڌ“ يعني، رڳو شراب سنو ناهي (مطلوب ناهي) پر ساقي بہ لاجواب آهي. (مقصود آهي)

بيت جي سمجهاڻي = اي عاشق تون محبوبن جو رند/رستو وٺي ويهي رهج. هو (محبوب) پاڻهي اچي توکي مٽڪدي جو شراب پياريندو. انهن جو شراب نهايت سنو/اعليٰ آهي ۽ (هو پاڻ) تمام سهڻي/ڊولائتي بدن جا آهن، تون انهن جي قريب اچي پوءِ هرگز ڪيڏانهن نہ وڃج.

سـر جمـن، داسـتان 8 وائـي 1،
ڳالهہ ڪيئـن وجـي، سـپيريان جـي سـڏجي،

سٹ 4:

عـاقل ئـي اوڄـون ٿيـا، پـورو ڪـوه نـہ پڄـي،

اوڄون:

شيخ = حيران، توائي، بطال، عاجز، گمراهہ
منگهاڻي = مددون، بي معنيٰ = بناوتون، اٽتون

سٹ 5:

وجـي در دوسـتن جـي، سـوريءَ سـر هڃـي.

هڃي :

شيخ = عذاب ۾ يا تڪليف ۾ پوي.
منگهاڻي = هٽجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽ 6:

عاشـــق انگهـــن چڙهيـــا، ٻيـــو ســـيڪوَ پچـــي.

**انگهن :**

شيخ = انگهن تي، سائي يا سکل وڻ جي نوڪدار ۽ وريل ننڍين ڪانئين يعني گتن ۾ (جن ۾ ڪنل جانورن کي کل لاهڻ لاءِ ٽنگيو ويندو آهي.)

منگهاٽي = صليب تي (صليب جو نشان (+) انگهون آهن چوڌطرف)

گنج، صفحو 237 (ساڳي وائي)، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي ڪانهي.

شوقيرام، داستان 7، وائي: عاقل ٿي" اوچون" ٿيا..."

قليچ، داستان 7، وائي. (عاقل ٿي اوچون ٿيا) "اوچون"

لغات لطيفي (قليچ) هچي = هٽجي. انگهن = انگن چاڙهيو = سورين تي بدن چاڙهي.

قاضي، داستان 7 وائي (اوچون) هچي = هچ = عذاب سهه، تڪليف ڪڍ، هچي ويا = فنا تي ويا. انگهن = ڪانيءَ جي تکي چهنب.

گربخشاڻي، داستان 7، وائي. (اوچون) هچي = (سنسڪرت، هيتي) هٽجي، هٽڻ گهرجي. انگهن = انگهه = (سنسڪرت، اَنَڪ) ڪُنڊو.

شهواڻي، داستان 7 وائي. (اوچون) هچي = هٽجي، انگهن = ڪنڊو، سوري، تڪليف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 7 وائي، (اوڇون) هڇي = هٽجي، عذاب سهي، انگهن = ڪندن يا نوڪن تي.

ڏيپلائي، داستان 7 وائي. (اوڇون)

قاسمي، داستان 7 وائي (اوڇون) هڇي = هٽجي انگهن = سوريءَ جي ڪندن تي چڙهيا.

انصاري، داستان 7 وائي (اوڇون) هڇي = هڃ = عذاب سهہ، تڪليف ڪڍ. هڇي ويا = فنا تي ويا. انگهن = ڪانيءَ جي تکي چهنب.

بلوچ، ڪلياڻ داستان 5 وائي: سپيريان جي سونهہ جي، ڳالهہ ڪيئن نہ وڃي.

سٽ 1: وڃي در دوستن جي، سوريءَ سِرُ سَرهڇي

سٽ 2: عاشق انگهن چڙهيا، بيو سيڪو پڇي،

سٽ 3: عاقل تي اوجهون تيا، پورو ڪوہ نہ پڇي.

سَرهڇي = هڇي (تڪليف يا سور مان گري، ماندو ٿيئي، مان نڪري ٿو. پر "سر وڃي هڇي غير فصيح ٿيندو، ڇاڪاڻ جو ماڻهو ڪٽي وڃي هڇندو، ۽ نہ سر ڪٽي وڃي هڇندو. غالبن اصل فقرو "سر وڃي سرهڇي" هو پر ٻڌندڙن يا ڪاتبن اها معنيٰ ڪانہ سمجهي ۽ ٻہ دفعا "سر" جو لفظ ڏسي پوئين کي ڇڏي ڏنائون.

سرهڻ = سڌو ڪرڻ، تيار ڪرڻ، سَرهڇي = سر کي سوريءَ سامهون ڪجي. سوريءَ تي اچلائڻ لاءِ تيار ڪجي. انگهن = سوريءَ جي انگهن تي، پالن تي.

وائي ۾ آيل سٽ "عاقل ٿي اوڇون تيا، پورو ڪوہ نہ پڇي" ۾ وري ساڳيو بيت 34 وارو مسئلو منهن مقابل آهي. ساڳين ٿي لفظن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوڄون/اوجهون" سان گڏ. بيت ۾ ٽن لفظن "اوڄون، اوجهون ۽ اوڃهون" جو ۽ هتي هن وائيءَ جي ستٽ ۾ پڻ ٽن لفظن "اوڄون، اوجهون ۽ اوڃون" جو تڪرار آهي، جن مان شيخ صاحب وٽ ۽ گنج ۾ لفظ "اوڄون"، بلوچ صاحب واري نسخي (ڏهن جلدن واري) ۾ "اوجهون" ۽ باقي ٻين ــ شوقيرامہ، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بمبئي ڇاپو ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ لفظ "اوڃون" آيل آهي. يعني شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي انفراديت برقرار آهي. "اوڄون" سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ ڇاپي، قلمي ۽ دستخطي نسخي ۾ موجود ناهي ۽ لفظ "اوجهون" بہ رڳو ٻن نسخن "سيد غلامہ شاهہ پٽائيءَ جو لکايل قلمي نسخو (سن ؟) ۽ آخوند محمد شفيع جي دستخطي نسخي (1273هہ) ۾ آيل آهي. (مددي ڪتاب: ڊاڪٽر بلوچ جو نسخو جلد 1) باقي ٻين سيني نسخن ۾ "اوڃون" آيل آهي.

وائيءَ ۾ آيل ٻيو لفظ "هڃي" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "عذاب ؛ تڪليف ۾ پئي" ڏني آهي. منهنجي راءِ ۾ هي لفظ وڏي "ي" سان "هڃي" آهي. جنهن معنيٰ آهي "هٽجي" سٽ آهي:

وڃـــي در دوســـتن جـــي، ســـوريءَ ســـِـــر هڃـــي

معنيٰ = محبوب جي در تي وڃي (انهن جي اڳيان) پنهجو سر وڃي سوريءَ/صليب/ڦاهيءَ ۾ هٽجي."

لفظ "هڃي" اسين اڄ بہ عام تا ڳالهايو. بلڪہ "هٽجي" کان وڌيڪ "هڃي" ئي چئون تا ۽ "هَڃڻ" کي "هُڃڻ" ۽ هَڃ" کي "هُڃ" تا چئون. يعني،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هو اڪيلو آهي اسان کي بہ هن سان گڏ هڇڻ گهرجي.

تون بہ ات ئي هُڄُ.

جملو = هُڄي ڪو ڏوڪڙ پسيو تہ شاهد جي منهن ۾ هُڄي تہ مان شاهدي ڏي.

جملو = هنن ڪوڙن تان تہ موچڙو هُڄيس.

شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ بہ گهٽيون اٿوٽندڙ ڪُسَريون تبديليون آيل آهن. معنائن کان علاوه بہ. جن لاءِ هو جوابدار آهن. بلوچ صاحب وائيءَ جي هن سٽ. "وڃي در دوستن جي. سوريءَ سر هڄي" ۾ لفظ "هڄي" جي بدران "سَرهڄي" آندو آهي. يعني "سوري سِر سرهڄي آهي." لفظ "هڄي" جي اسان واري معنيٰ "هٽجي" کان پاڻ واقف ناهي ۽ معنيٰ نہ سمجهندي وري ٻين لاءِ چوي ٿو تہ. "اهي سمجهي نہ سگهيا آهن. تہ لفظ "هڄي = (تڪليف يا سور ۾ ڳري. ماندو ٿيئي) مان نڪري ٿو. ۽ "سر وڃي هڄي" غير فصيح فقرو ٿيندو ڇاڪاڻ جو ماڻهو ڪٿي وڃي هڄندو. ڇڻ تہ اصل فقرو "سر وڃي سرهڄي" هو پر پڙهندڙن يا ڪاتبن اها معنيٰ ڪانہ سمجهي ۽ بہ دفعا "سر" جو لفظ ڏسي پوئين کي ڇڏي ڏنائون. "سرهڻ" = سڌو ڪرڻ. تيار ڪرڻ. سرهڄي = سِر کي سوريءَ سامهون ڪجي. سوريءَ تي اچلائڻ لاءِ تيار ڪجي."

عام جي پيٽ ۾ عالم سان اختلاف راءِ رکڻ ۽ پوءِ ڪين دليلن ۽ مثالن سان قائل ڪرڻ بہ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر جيڪا تڪليف ۽ درماندگي بيتن/واين مان اصل لفظن کي ڪڍڻ ۽ نيڪاليءَ واري صورتحال ڏسي ٿيندي آهي ان جي ڪا حد ۽ ڇيهہ ئي نہ هوندو آهي. بلوچ صاحب چوي ٿو. "سر وڃي هڄي" غير فصيح فقرو آهي" "سر وڃي سوريءَ ۾ هٽجي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙي لحاظ کان غير فصيح فقرو آھي؟ شايد ان ڪري جو لفظ ”ھڄي“ جي اسان واري معنيٰ کان بلوچ صاحب پاڻ واقف ناھي! ”سر وڃي ھڄي“ جي معنيٰ آھي. ”سر وڃي ھٽجي“ (ديوار ۾، سوليءَ ۾، زمين ۾...) حقيقي فقرن/جملن کي غير فصيح قرار ڏيڻ خود لفظ ”فصاحت“ جي توھين آھي.

لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ لفظ ”سرھجڻ ۽ سرھڻ“ ٻئي اڄ بہ عام ڳالھايا ويندڙ لفظ آھن، ۽ اسان واري تر ۾ ”سرھڄي“ جي اھا معنيٰ درست ناھي جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ڏني آھي تہ ”سر ڪي سوريءَ سامھون ڪجي، سوريءَ تي اچلائڻ لاءِ تيار ڪجي“ لفظ ”سرھڄي“ جي معنيٰ آھي، مثل ماڻھوءَ جو جسم، ٽنگون، ٻانھون، ھٿ پير سيڌا ڪري اکيون وات بند ڪرڻ، ان کي ”سرھڄڻ“ تو چئجي ۽ لفظ ”سرھڻ“ جي معنيٰ بہ ”تيار ڪرڻ“ ڏنل آھي جڏھن تہ لفظ ”سرھڄڻ، سرھڻ“ ٻئي مئل ماڻھوءَ لاءِ چئبا آھن ۽ مئل ماڻھو کي غسل وغيره ڏيئي تيار ڪرڻ کي ”ستوڪڻ“ تو چئجي.

جملو = ميت کي سَرھي سَتوڪي رکيو اٿن.

معنيٰ = مردي کي غسل ڪفن ڏيئي تيار ڪري رکيو اٿن.

ھي ٽيئي لفظ ”سَرھڄڻ، سَرھڻ ۽ سَتوڪڻ“ جيئري ماڻھوءَ لاءِ نتا چيا وڃن، ۽ جي جيئرن لاءِ اھي لفظ چئبا تہ بہ خار، چڙ ۽ ڪاوڙ مان چئبا آھن. يعني ڪو سست ۽ بيڪمو ماڻھو جيڪو ڪنھن بہ ڪم لاءِ راضي ۽ آماده نہ ٿيئي ۽ ان کي زوريءَ ڳالھائي تيار ڪري موڪلجي تہ چئبو،

جملو = ويوئي نتي مون سَرھي ستوَڪي موڪليو اٿس، اڳيان بہ الائي ڪھڙا ڪلياڻ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف ڪڏھن بہ عاشق لاءِ اھي لفظ آڻيندو ڪونہ! باقي سوري جي اڳيان ڪيئن "سِر سَرھڄي"؟ اھا ڳالھہ ضرور لفظ "سرھڄي" جي درست معنيٰ ڏيڻ ڪان پوءِ واضح ٿي ويئي ھوندي تہ وائيءَ ۾ آيل لفظ "سر ھڄي" آھي ۽ "سِر سَرھڄي" غلط آھي. خوشيءَ جي ڳالھہ اھا آھي تہ لفظ "ھڄي" جي معنيٰ گھڻن شارحن درست ڏني آھي جن ۾، قليچ، گربخشاڻي، شھواڻي، آڏواڻي ۽ قاسميءَ آھن. ڏک جي ڳالھہ اھا آھي تہ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جيڪي ٻئي اسان جي دور جا آھن، انھن ٻئي ٻنھي لفظ "ھڄي" جي معنيٰ مختلف ڏني. شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ آھي "عذاب ۾ يا تڪليف ۾ پيئي" يعني، محبوبن جي در تي وڃي، سوليءَ ۾ سِر عذاب ۽ تڪليف ۾ پئي." اھا ڪھڙي معنيٰ آھي؟ سوري/سولي تہ پاڻ ئي وڏو عذاب ۽ تڪليف آھي، ٻي وري ڪھڙي تڪليف ۽ عذاب جو ذڪر آھي؟ سٽ آھي

وڃي در دوستن جي، سوريءَ سِر ھَڄي

معنيٰ = محبوبن جي در تي وڃي پنھجو مٿو سوليءَ ۾ ھٽجي (سر جو آسرو لاھجي).

لفظ "ھڄي" "ھٽجي" واري معنيٰ ڪان سواءِ ٻين معنائن ۾ بہ اچي ٿو پر اھي سڀ لفظ نَنڍي "ي" سان آھن.

1. ھڄي = معنيٰ "لٽجي، ڦرجي"، 2. "ٺڪي ڪٽي" ۽ گھڻو سڻي، گھڻو سھٽي "گھڻو عقلمند.

ھاڻي سيئي "ھڄي" لفظ جملن ۾. پھرين "ھٽجي" واري معنيٰ ۾.

جملو = ان وٽ وڃڻ ڪان تہ بھتر آھي تہ وڃي جبل ۾ مٿو ھڄي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”هڇي“ ”لَتِجي قرجي“ واري معنيٰ ۾ (هي لفظ وڏي ڏک ۽ نقصان مهل چئبو آهي)

جملو = هڇي وياس، ڪاٽياس پنهنجي اباڻن لاءِ

جملو = ڪوتہ اچي هن هڇيءَ ويئي ڪي ڏيڏي.

لفظ ”هڇي“ ”تڪل“ واري معنيٰ ۾

جملو = اسين صبحوڪا ڪم تي ويل، هير هڇي مري آياسين تہ بہ گهر ۾ سک ڪونهي.

جملو = ڇڏ ويچاريءَ کي تہ وسامي (ساهي پٽي) هڇي مري هير آئي آهي.

لفظ ”هڇي“ ”تمام سٺي ۽ خوبصورت“ واري معنيٰ ۾

جملو = فلاڻيءَ کي نظر نہ لڳي گج پاتائين آهي هڇي ويئي آهي.

وائيءَ ۾ آيل لفظ ”انگهن“ جي مٿي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم.

سُر جمن، داستان 9 بيت 3

اوقابيل اکين ۾، باري توکي بان،

آيو اگرايون ڪري، ماڳ هٽيو مستان،

جانب تون زيان، اکين سين ايڏا ڪرين.

## اوقابيل :

شيخ = عقابيل، عقاب پکيءَ جي پرن يعني کنين سان جڙيل تير (اڳوڻي زماني ۾ تيرکي وزندار ۽ مضبوط بنائڻ خاطر آخري يعني پڇاڙيءَ واري چوٽي ۾ عقاب پکيءَ جا پر هٽندا هئا.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هيٺ بيت 6 ۾ آهي:

اوقـــابي اکيـــن ســــين، تيـــر چلايـــا تـــو،

ٻيو مر ماري سو، جنهنجو ڦهريون ئي پورو نہ ٿيئي.

گنج، صفحو 208 ۽ 209 (اوقـابيل). هيٺ حاشيي ۾ آهي تہ "گنج" جي اصل پڙهڻي، "عقابيل" آهي. يعني "الف" سان نہ پر "عين" سان آهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 6 بيت 3 (اوقـابيل) ۽ هيٺ بيت 6 ۾ بہ "اوقابيل" آهي.

قليچ، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ٻنهي ۾ "اوقابيل" آيل آهي.

لغات لطيفي (قليچ) اوقابيل = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ "اوقـابيل" آهي ۽ معنيٰ واري پنيان ڏنل پٽيءَ ۾ آهي. اقابيل = عقابيل = هڪ طرفان عقاب جي کنين سان جڙيل تير.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ "اوقـابيل" آهـي. اوقابيل = قابيل حضرت آدم جي پٽ جو نالو آهي. جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو هو. هتي شاهہ محبوب کي قابيل يعني قاتل سڏي ٿو، جو قابيل وانگر پنهنجن کي ئي ماري ٿو.

شاهاڻي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ٻنهي ۾ "اوقـابيل" آهي. اوقابيل = حضرت آدم جي پٽ جو نالو، جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو هو. قاتل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ ”اوقابيل“ آهي. اوقابيل = حضرت آدم جو پٽ جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو هو. (يعني قاتل)

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ ”اوقابيل“ آيل آهي.

قاسمي، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ ”اوقابيل“ آهي. اوقابيل = حضرت آدم جي پٽ جو نالو.

انصاري، داستان 6 بيت 3 ۽ بيت 6 ۾ ”اوقابيل“ آهي ۽ معنيٰ ۾ اوقابيل = عقابيل = هڪ طرفان عقاب کي ڪنين مان جڙيل تير.

بلوچ، يمن داستان 3 بيت 4 ۽ 7 ۾ ”عقابيل“ آهي. (”الف“ سان نہ ”عين“ سان.) عُقابيلَ (جمع) = عقابيل، عقاب پکيءَ جي ڪنين مان جڙيل اهي تير جن جي ڪانيءَ ۾ عقاب پکيءَ جا پر لڳل هجن. (اهڙا ڪنب يا پر، تير جي اڏام ۾ سڌائي ۽ سوڌائيءَ خاطر جوڙيندا آهن) اڻ گسندڙ تير.“ بلوچ صاحب پنهنجي نسخي ۾ ساڳيئي داستان جي بيت 7 ۾ آيل ساڳيئي لفظ ”عقابيل“ جي معنيٰ ”عقابيل اکين سين = عقابي اکين سين، عقاب جهڙين تيز نگاهن وارين گهوريندڙ اکين سان“ ڏني آهي.

بمبئي ڇاپي وارو نسخو سُر جمن، داستان 6 بيت 3.

عقابيل اکين ۾، باري توکي ٻاڻ،<br>
اُيو اڳرايون ڪري، ماڳ هٽيو مستان.<br>
جانب تو زيان، ايذا اکين سين ڪيا.

۽ بيت 6 ۾ بہ ”عقابيل“ آهي. هن بيت ۾ لفظ ”اوقابيل ۽ عقابيل“ جي اصليت ۽ حقيقت ڏيڻ مقصود آهي، باقي معنائن وارا وڏا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرق تہ سيني جي اڳيان آھن. شيخ صاحب جي معنيٰ عقابيل، "عقاب پکيءَ جي پرن سان جڙيل وزني ۽ مضبوط تير" آھي جيڪائي قاضي، انصاري ۽ بلوچ بہ ڏني آھي، جڏھن تہ گربخشاڻي، شھواڻي، آڏواڻيءَ ۽ قاسميءَ لفظ "اوقابيل" جي معنيٰ "حضرت آدم جو پٽ قابيل، جنھن پنھنجي ڀاءُ ھابيل کي قتل ڪيو ھو" ڏني آھي. (جيڪو دنيا جو پھريون قاتل آھي) ۽ ساڳئي لفظ جي معنيٰ ٻئي بيت ۾ بلوچ صاحب "عقاب جھڙين تيز نگاھن وارو" ڏني آھي. گنج ۾ ھڪ بيت ۾ "عقابيل" آيل آھي تہ ٻئي بيت ۾ "عقابي" آيل آھي، جنھن ڪجھہ معاملو سلجھايو آھي، يعني، "عقابي اکين سين، تير چلايا تو" آيو آھي، جيڪو بيو ڪنھن بہ نسخي ۾ ڪونھي. بمبئي ڇاپي ۾ "عين" سان "عقابيل" آيل آھي پر "عقابي" اتي بہ آيل ناھي، جنھنجي آڌار تي چئي ٿو سگھجي تہ اھو اشارو "حضرت آدم جي پٽ قابيل" ڏانھن ناھي، ۽ نہ ئي "عقاب پکيءَ جي پرن سان جڙيل وزني ۽ مضبوط تير" ڏانھن آھي بلڪ اھو عقاب جھڙين تيز ۽ خوبصورت اکين ڏانھن اشارو آھي. ھونئن بہ اھو چوڻ اڄ بہ عام آھي تہ، "فلاڻي جون اکيون عقاب يا باز جھڙيون تيز ۽ تکيون آھن، ۽ وري محبوب جي اکين کي عقابي اکيون بہ چئجي ٿو، جنھنجي ڪري چئي ٿو سگھجي تہ اھو لفظ "الف" سان نہ پر "عين" سان آھي. جيئن تہ قدامت جي حساب سان بمبئي ڇاپو بہ دنگ آھي، جنھن ۾ "اوقابيل" نہ پر "عقابيل" آيل آھي، ۽ اکيون تير ۽ ڀرون ڪمان بہ ڀانيان ٿي ھر ڪنڌ ۾ مانوس/معروف فقرو آھي، ۽ پڻ "عقابي اکيون" چوڻ بہ مشھور آھي. سٽ آھي:

"عقابيل اکين ۾، توکي ٻاري ٻان"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ: تنهنجي عقاب (پکيءَ) جهڙين (تيز ۽ خوبصورت) اکين ۾، ڳرا ۽ تکا تير آهن." شيخ صاحب واري آخري سٽ آهي، "جانب تون زيان، اکين سان ايذا ڪرين." ۽ بمبئي ڇاپي واري آخري سٽ آهي" جانب تو زيان، اکين سين ايذا ڪيا" يعني شيخ صاحب واري سٽ ۾ جاري ساري، حال جي صورتحال ۽ عمل آهي جڏهن تہ بمبئي ڇاپي واري سٽ ۾ گذري ويل ماضيءَ جو عمل آهي. بيت جي سمجهاڻيءَ آڏو معنائن سان گڏ لفظن جي بگڙيل/سڌريل صورت بہ آهي ۽ آخري سٽ وارو معامرو اجان ڏار آهي.

سر جمن، داستان 9 وائي جلد 1

سٽ 1:

عشق تمام، بره تمام، مين لٿي يار لوڪو،

سٽ 3:

سيج ستي نون جپ نہ آوي، نيٽين نند حرام.

**لٿي :**

شيخ = ڦري، برباد يا تباھ ڪئي

**جپ :**

شيخ = آرام، ننڊ

گنج، صفحو 227، "لٿي" ۽ "جپ"

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي وائي موجود ناهي

شوقيرام، داستان 6 وائي 1، "لوني" ۽ "جهپ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 6 وائي 1، ”لوني“ ۽ ”جهپ“

لغات لطيفي (قليچ) لوني = لونيون = ڪاٽيون، نادان زالون، جن ڏينهن غفلت ۾ گذاريا.

جهپ = ننڊ، پنڪي

قاضيءَ واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي

گربخشاڻي، داستان 6 وائي، (لوني ۽ جهپ) لوني = (سنسڪرت، لٺ = ڦرڻ) ڦري، لٽي. جهپ = ننڊ

شهواڻي، داستان 6 وائي، (لوني ۽ جهپ) لوني = لٽي، ڦري، جهپ = ننڊ.

آڏواڻي، داستان 6 وائي، (لوني ۽ جهپ) لوني = لٽي، مٺي. جهپ = ننڊ.

ڏيپلائي، داستان 6 وائي (لوني ۽ جهپ)

قاسمي، داستان 6 وائي (لوني ۽ جهپ) لوني = ڦري، مٺي. جهپ = ننڊ نہ اچي.

انصاري، داستان 6 وائي (لوني ۽ جهپ) لوني = لونو = رليل، سڙيل، ڪاٽو. جهپ = جپ آرام، ڪنڌي، ڪنار.

بلوچ واري نسخي ۾ هيءَ وائي سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ موجود ناهي.

وائيءَ ۾ آيل ٻہ لفظ ”لوني ۽ جهپ“ آهن جن تي بحث مون پنهنجي ڪتاب ”چپر ڪين ڏي...“ ۾ بہ ڪيو آهي. اهي ٻئي لفظ شيخ صاحب واري نسخي ۾ مختلف صورت ۾ آيل آهن. بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ آيل هن وائيءَ ۾ لفظ ”لوني“ واري سٽ موجود ناهي ۽ ”جهپ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بدران "جپ" آيل آهي، ۽ شيخ صاحب سنڌو سنئون گنج تان ڪلام ڪنيو آهي. گنج ۽ بمبئي ڇاپي وارو نسخو جيئن تہ اوائلي/غير طئي شدھ/ اڻ سڌريل لپي ۾ آهن، انهن ۾ تہ صورتخطيءَ جون غلطيون آهن، ان ڪري سڌريل لپيءَ ۾ اهي نہ اچڻ گهرجن ها. اهو ان ڪري ٿيو آهي جو شايد ٻئي "لوني ۽ جهپ" لفظ شيخ جا ذاتي پڙهل ناهن. جي هو ٻنهي لفظن جي لاسي ۽ ڪوهستاني لهجي وارين طاقتور معنائن کان واقف هجي تہ جيڪر ڪڏهن بہ ايئن نہ ڪري.

جيئن تہ هي ٻئي لفظ اڳيان پنهنجي اصلي صورتن ۾ اچڻا آهن تنهنڪري سمجهاڻي اڳيان ڏينديس.

سـر جمـن، داسـتان 10 بيـت 1 جلـد 1

هـر هـر هررائـي، وچـڙ در دوسـتن جـي،
پـاڙي ڏانهـن پريـنءَ جـي، اَجـُـهہ مَ اوائـي،
الڙ ٿـي مَ آچ تـون، واٺوڙئـن وائـي.
لاٿيندينءَ لطيـف چئـي سـُوران سـُرهائي،
ڱجهـو ڱالهـائي، پـرت وتجـي پـاڻ ۾.

اوائي :

شيخ = توائي، بي فائدو، بنا سڌ جي اڻ ڪوٺيو.

منگهاٽي = بيعقل ڇڙواڳ، بنا جهل پل جي، آزاد بينوائي، هلڪي بيسمجهہ ڪليءَ تي.

سُرهائي :

شيخ = سُرهاڻ، خوشبو، سڳنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = ھڪ ول، جيڪا گھڻو ڪري شاديءَ لاءِ/گھوٽن جي سوڙين ۾ ڪپھہ سان گڏ وجھبي آھي.

**وڻجي :**

شيخ = ڏجي ۽ ونجي، وندجي، اورجي.

منگھاڻي = وٽي ھڪ ڪجي، ملائجي (جيئن ٻہ ڏاڳا ھڪ ٻي سان گڏ ڪري/ملائي وٽبا تہ ھڪ ٽي مضبوط ٽي ويندا)

گنج، صفحو 233 (ھورڙائي)

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 152 بيت 813 (ھرڙائي)

شوقيرام، داستان 8 بيت 1 (ھرائي)

قليچ، داستان 8 بيت 1 (ھرائي)

لغات لطيفي (قليچ) اوائي = توائي، بيفائده، خراب وائيءَ وارو، جنھن کي ڳالھائڻ جي فضيلت نہ ھجي. وڻجي = وڻڻ، وندڻ، ظاھر ڪرڻ، حاصل ڪرڻ.

قاضي، داستان 8 بيت 1 (ھرائي ۽ سرھائي) اوائي = موڳي نادان. وڻجي = وَٽ = وند، ساک، تحفو، ياگو

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 1 (ھرائي ۽ سرھائي) اوائي = (سنسڪرت، آوارنا = بنا وائيءَ جي) موڳي، نادان، وڻجي = وندجي، وراھجي، وڻڻ، وندڻ.

شھواڻي، داستان 8 بيت 1 (ھرائي، سرھائي) اوائي = موڳي، نادان. وڻجي = وندجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 8 بيت 1 (هرائي، سرهائي) اوائي = اي مورک، وتجي = وندبجي.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 1 (هرائي، سرهائي)

قاسمي، داستان 8 بيت 1 (هرائي، سرهائي) اوائي ۽ وتجي جي معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 8 بيت 1 (هرائي، سرهائي) اوائي = موڳي، نادان. وتجي = وت = وندبہ ساک، تحفو، ياڳو.

بلوچ، هي بيت ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ ڪونهي. لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 32، اوائي = توائي. هلڪڙو، بنا سوچ ويچار جي هلندڙ، موڙهيل، صفحو 499 وتجي = وتڻ = رسا وتڻ، وڪڙ ڏيئي ڏاڍو ڪرڻ، وتڻ = وندڻ، وراهڻ. بمبئي ڇاپي وارو نسخو، داستان 8 بيت 1.

هـــر هـــر هرڙائـــــي، وجـــڻ در دوســـــتن جـــــي،
پـــــاڙي ڏانهــــ پريـــن جـــــي، اُجـــــمُ اوائـــــي،
لاٿيندئـــي لطيـــف چئـــي، ســــُـوران ســـُــرهائي،
ڳجهـــــو ڳالهـــــائي، پـــــرت وتجـــــي پـــــاڻ ۾.

بيت ۾ ٻن لفظن "اوائي ۽ وتجي" جي معنيٰ زير بحث آهي. ان سان گڏ لفظ "سُرهائي" بہ ثانوي حيثيت ۾ زير قلم اٿم. ڇو جو "سُرهائي" "س" تي "پيش" سان آيل آهي، جيڪو گنج ۽ بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ بہ آيل آهي. باقي شوقيرام ۽ قليچ وارن نسخن ۾ لفظ "سرهائي" زير، زبر ۽ پيش کان سواءِ آهي، جڏهن تہ بين سيني نسخن، جيئن قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ زبر سان "سَرهائي" آيل آهي. مون اڳ ڇيو هو تہ لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪلام ۾ ﭘﻬﺮﻳﻦ ﭘﻬﺮﻳﻦ منهنجو ڌيان زبر، زير ۽ پيش جي غلطين ڇڪايو هو، ڇو تہ زير، زبر ۽ پيش ڏيڻ سان ساڳيو لفظ ٻي ڌار معنيٰ وٺي ويندو آهي، جيئن هن لفظ (زبر سان "سَرهائي") جي معنيٰ آهي خوشي، سنهرائي ٻي معنيٰ ۾ اميد آهي ۽ پيش سان "سُرهائي" جي معنيٰ آهي اها سُرهي ول، جيڪا جبل ۾ ٿيندي آهي، جنهن ۾ سنهڙا ڦُل/گل ٿيندا آهن، جن جي خوشبو نهايت عجيب ۽ رومانوي هوندي آهي ۽ ان ول ۽ گلن جو مخصوص استعمال اهو آهي تہ ان کي شادي جي سيج واري سوڙ ۾ ڪپاهہ سان گڏ وجهي سببو آهي.

جملو = سوڙ ۾ سُرهائي وڌي اٿئي؟

جملو = ها ها، سچا ٻڪ پري وڌا اٿم.

سُرهائي هتي ڪراچيءَ ۾ بہ لي مارڪيٽ (جيڪا سنڌي وکر جي مرڪز آهي) مان پاساريءَ کان ملي ٿي وڃي، جيڪا ولين جي صورت ۾ آهي. ﭘﻬﺮﻳﻦ ان مان وڏيون ۽ سخت ڪانيون ڪڍي، ٻيون ڪچيون/نرم ٿاريون اکريءَ ۾ وجهي جهجهري، ڪٽي ڪپاهہ جي مٿان ڇَٽي گهوٽن جون سوڙيون سبيون وينديون آهن. گهوٽن جي سوڙين ۾ اها مسحور ڪندڙ عجيب خوشبو سحر طاري ڪري وجهندي آهي. خدا ڪري تہ گهوٽن جي سوڙين ۾ سُرهائي وجهڻ واري ريت سدائين قائم هجي. گهوٽن کان علاوه باذوق ۽ شوقين ماڻهو پنهنجين سوڙين ۾ سُرهائي وجهندا آهن. هونئن نہ تہ عطر ۽ سينٽ هزارين پر شاديءَ ۾ گهوٽ جي سوڙ ۾ "سُرهائي" ۽ ڪنوار جي ڪنڌ ۾ "ڪنيلو"، اهي ٻئي شاديءَجون مخصوص خوشبوئون/سُرهاڻيون شادي جو سمان ٿيون پيدا ڪن. "ڪنيلو" هڪ قسم جو ڳانو آهي، جنهن ۾ نهايت ڪاريگري ۽ مشاقيءَ سان لونگ، ايلائچيون، مهلب، ڪچڙي ڪپور، جائفر، سوپاري، نهايت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت ڊزائين سان پوئبيون آهن ـ پر پهرين اهي سڀ چيزون پاڻيءَ ۾ پسائي چوڙي نرم ڪبيون آهن، پوءِ سوئيءَ سان وٽيل مضبوط ڌاڳي ۾ پوئبيون آهن. وچ وچ ۾ ريشم ۽ پٽ جي سڳي مان جوڙيل ڦل ۽ ٽوٽر وڏي جوڙي لڳائبا آهن. چار چار لڙيون خوبصورتيءَ سان جڙبيون آهن ۽ اهو ڊگهي هار وانگيان خوبصورت ۽ خوشبودار هوندو آهي. ”ڪنڍلو“ بنائڻ لاءِ جڏهن اهي سڀ چيزون پاڻيءَ ۾ پُسائي هڪ رات لاءِ رکبيون آهن تہ انهن جي خوشبو پري پري تائين ويندي آهي. اها مخصوص خوشبو جبل جي ڪنوارين جي سجاڻپ آهي، جيڪا نهايت مدهوش ڪندڙ آهي. ڪنوار ڪان علاوه لسبيلي ۽ ڪوهستان جون سهاڳڻيون بہ ”ڪنڍلو“ پائينديون آهن. ڪنوار جي ڳچ ۾ بہ سلائيءَ مهل پنڻي واري پاسي کان مٿي ڳچي جي پنيان بہ ننڍين ڳوٿرين نما پاڪيٽ هوندا آهن، جن ۾ سنهي پيٺل ”سرهائي“ وجهي پوءِ ان کي سبي ڇڏبو آهي. هاڻي اندازو لڳائي تہ سگهجي ڪوهستاني ڪنوار جي خوشبوئن جو. ڪراچيءَ ۾ اسان وٽان پنهنجين پين بہ ڪيترين خوبصورت ريتن/رواجن سان اهي خوشبودار رسمون بہ موڪلائينديون ٿيون وڃن. خدا ڪري تہ جبل ۾ اهي سلامت هجن. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ٻڌندي آهيان تہ ڏڪار، ڏک ۽ بک جي ڪري ڪوهستاني ماڻهو شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن تہ آئون الاهي پريشان ٿي ويندي آهيان. هڪ تہ انهن کي ڏکي ڏسي ۽ ٻيو وري پنهنجي املهہ ٻولي ۽ ريتن، رسمن جي خاتمي واري خوف جي ڪري.

ساڳيو ئي لفظ زبر ڏيڻ سان ”سَرهائي“ تو ٿيئي، جنهنجي معنيٰ خوشي آهي. بيت ۾ اصل لفظ ڪهڙو آهي؟ ”سُرهائي“ يا ”سَرهائي“؟ لطيف ڪهڙو لفظ آندو آهي؟ اهو تہ شايد سواءِ غيب جي ٻيو ڪوبہ نہ ڄاڻي. آئون ذاتي طرح سان پاڻ غيب جي علم کان وانجهيل آهيان تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سواءِ صبر جي ٻيو ڪو گس ڪا وٽ نٿي سجهي. بيت ۾ لفظ ”هررائي ۽ هرڙائيءَ“ وارو فرق بہ آهي. بيت ۾ آيل ٻن لفظن ”اوائي ۽ وٿجي“ واري معنيٰ زير بحث آهي. لفظ ”اوائي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”توائي، بيفائدو، بنا سڌ جي اڻ ڪونيو“ ڏني آهي، نيٺ ڪوهستاني لفظ آهي ۽ يقينن شيخ صاحب جو ان پس منظر وارو ٻڌل ناهي. اهو ئي سبب آهي جو لطيف سرڪار مونث سان مخاطب آهي ۽ معنيٰ مذڪر جي ڏنل آهي. بيفائدو ۽ اڻ ڪونيو“ هي لفظ واحد/جمع مونث ”اوائي/اوايون“ ۽ واحد/جمع مذڪر ”اوايو/اوايا“ آهي. سٺ آهي.

”پــاڙي ڏانهــن پريــن جـــي، اَجـــُـهہ مَ اوائـــي“

معنيٰ = اي بيعقل چڙواڳ! محبوب جي پاڙي/ رهڪ ڏانهن ايئن نہ وڃ/رل/ڀٽڪ.

لفظ ”اوائي“ جي معنيٰ ”بنا سَڌَ جي، اڻ ڪونيو“ پڙهي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو ڪل ۾ نري ويندا، ڇو جو هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون، ۽ نہ رڳو ماڻهوءَ کي ”اوايو“ چئون پر مال کي بہ چئون، يعني ڪا اَئي/رڍ واڙي، وڻاڻ تي موٽي نہ ايندي آهي تہ چئبو.

جملو = اوائي رڍ ڪا نہ موٽندي، وڃي ڳولي نهاري اچو.

يا ڪو ماڻهو مڙيئي سڙيئي، بيلحاظيو ڳالهائي ويندو تہ چئبو،

جملو = بينوايو ڪونهي ساراتو آهي، پر اسان سان اَوايو ڳالهائي ويو آهي.

”اَوايو ڳالهائڻ“ معنيٰ بنا سوچ سمجهہ جي اجايو ڳالهائڻ، بڪواس ڪرڻ. يعني هتي لفظ ”اَوايو“ ماڻهوءَ لاءِ نہ پر ”اجايو بنا سمجهہ جي چڙواڳ ڳالهائڻ“ لاءِ چيل آهي يا ڪنهن سان وير وڍ هجي، ۽ ٻي سان رت ڀت نڪتل هجي اتي ڪو مخالف ڌر جو ماڻهو وڃي تہ چئبو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اهو تہ اَوايو آهي. ويو تہ ڇا! پلي اسان جو ڪو ساراتو ماڻهو وڃي.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آهي ”وَٽجي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ونڊجي، وراهجي“ ڏني آهي. لفظ ”وٽجي“ بہ وڃائجي ويل لفظ ناهي. ”وَٽڻ“ عمل آهي ٻن يا گهڻين چيزن ڪي ملائي هڪ ڪرڻ جو، جيئن رسي يا ڌاڳو ور وڪڙ ڏيئي تلهو ۽ مضبوط بنائجي. سٽ آهي، ”ڳجهو ڳالهائي، پرت وٽجي پاڻ ۾“.

معنيٰ = پنهنجون ڳالهيون لڪائي/راز ۾ ڪري، ڍڪي (جيئن ٻي ڪنهن کي خبر نہ پوي) ۽ پنهنجي محبت کي مضبوط/پڪي ۽ قائم رکجي.

يعني ڪٿي لڪائڻ، راز ۾ رکڻ ۽ ڍڪڻ لاءِ تلقين ڪيل آهي تہ وري ڪٿي ونڊڻ ۽ وراهڻ ۽ عام ڪرڻ واري معنيٰ ڏنل آهي.

جملو = رسي ٽٽندي ۽ ڪلندي پيئي وڃي، وٽڻ لاءِ وقت ڪونهي تہ ويهي وٽجي.

جملو = ڏڪار جي ڪري جبل ۾ ڦڙائي ڪونهن، نہ تہ رسيون وٽجن.

بيت جي سمجهاڻي = هر هر/دم دم/گهڙي گهڙي محبوبن جي پاڙي ڏانهن وڃڻ هلڪائي آهي. پرين جي پاڙي ڏانهن بہ ايئن نہ وڃ، ٻي سمجهہ ڇڙواڳ (يا، پرين جي پاڙي ڏانهن ايئن بنا عقل جي ڇڙواڳ نہ وڃ) ڪچي جمار/اڻ آزمودگار تي هر ايندڙ ويندڙ واٿهڙو سان اندر جو حال نہ اور/ڳجهہ نہ سل، پرين توکي سورن ۽ دردن ۾ راحت ۽ چڳيلائي ڏيندا. ڳجهو ۽ راز ۾ ڳالهائي/رهاڻ ڪري پنهنجو پيار مضبوط ۽ پڪو ڪجي/هڪ ڪجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر جمن داستان 10، بيت 2 جلد 1،

جان جان ناهہ ضرور، تان تان ناهہ طبيب کو،

جُسي سَرئو سور، تہ کر ويچ ور پئو.

**جُسي :**

شيخ = جيئن ئي، جيڪڏهن ڪو

منگھاڻي = جسمر، بدن، بت

**سرئو :**

شيخ = پيدا ٿيو، اپريو.

منگھاڻي = حاصل ٿيو، مليو.

گنج، صفحو 233 (جُسي)

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 157 بيت 841 (جُسي)

شوقيرام، داستان 8 بيت 2 (جُہ) ”جُہ سرئو سور...“

قليچ، داستان 8 بيت 2 (جُہ) بيت شوقيرام وارو.

لغات لطيفي (قليچ) جُسي = جُسو = جُثو، جسم، بت، سرئو = حاصل ٿيو، اٿيو.

قاضي، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = پلئہ پيو.

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = سرڻ = (سنسڪرت، سرڻ) اپرڻ، پيدا ٿيڻ.

شهواڻي، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = حاصل ٿيو، پيدا ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = اپريو.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 2 (جُہ)

قاسمي، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = اپريو، اٿيو.

انصاري، داستان 8 بيت 2 (جُہ) سرئو = پلئہ پيو.

بلوچ، جمن داستان 2 بيت 1 (جُہ) سرئو = پلئہ پيو، مليو.

بمبئي ڇاپو داستان 8 بيت 1 = جان جان ناهہ ضرور، تان تان ناهہ طبيب کو. جو سو سرئو سور، تہ کر ويچ ور پيو.

بيت ۾ آيل لفظ "جُسو/جسي" گنج ۽ برٽش واري نسخي کانسواءِ ٻين سيني قديم توڙي جديد نسخن ۾ "جہ/جهہ/جو" آيل آهي. بيت جي معنيٰ، مفهوم، ماحول توڙي تناظر ۾ "جہ/جهہ/جو" کان وڌيک "جسو/جسي" نهکي ٿو، پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ شيخ صاحب لفظ "جُسو" بيت ۾ آڻڻ جي باوجود ان جي معنيٰ اها ئي لفظ "جہ/جهہ/جو" واري ڏني آهي، جڏهن تہ لفظ "جُسي" جي معنيٰ آهي. جسم، بدن، بت" .لطيف لفظ "جُسو" ٻين بہ هنڌن تي آندو آهي. جيئن، "جُسو زنجيرن ۾، راتيان ڏينهان روءِ"، يا "جسو جيءُ جان، هاڻي مِلِکَ هوت جي. ٻيو لفظ آهي "سَرئو " جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "پيدا ٿيو، اپريو" ڏني آهي. لفظ "سرئو اهڙو عام فهم لفظ آهي جنهن جي معنيٰ کان هر کو واقف آهي، شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ، زبر سان لفظ "سَرئو" جي نہ، پر زير سان لفظ "سِرئو" جي آهي. هن ئي بيت جي هيٺيان بيت 3 ۾ لفظ "سَرئو" واضح معنيٰ ۾ آيل آهي تہ،

سور جنين سَرئو، سَري تن صحت،
منئي مصيبت آهي، عاشقن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" بيت جي ست آهي "جُسي، سَريو سور، تہ ڪر ويڄ ور پيو"
معنيٰ، جسم کي جي سور/تڪليف ملي/حاصل ٿي/پلئہ پوي، تہ جيڪر طبيب پڻ هٿ اچي ها. لفظ "سَرئو"، "قبڻ" واري معنيٰ ۾ پڻ اچي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = جيستائين ضرورت ناهي تيستائين طبيب جي گهرج بہ ناهي. (پر جيڪڏهن) جسم کي/بدن کي درد ۽ تڪليف ملي/حاصل ٿي وڃي تہ جيڪر طبيب بہ هٿ اچي وڃي.

جمن داستان 10 بيت 5 جلد 1،
جي پياري پاڻ، ڪرهو تي پاڻي پيئي،
اڳي ان نياڻ، اڻ ڪونيو ڪونہ گهڙي.

## نياڻ :

شيخ = نياڻ ۾، تلاءَ ۾، حوض ۾.
منگهاڻي = پريل، پرپور.
گنج، صفحو 234 (گنج ۾ هي بيت سر ڪنيات صفحو 260 ۾ بہ آيل آهي.)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 8 بيت 6
قليچ، داستان 8 بيت 6
لغات، لطيفي (قليچ) نياڻ = پاڻيءَ جو تڙ، چشمو، واهہ
قاضي، داستان 8 بيت 5 نياڻ = تلاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 5 نياڻ = (سنسڪرت، نيان) جانورن جي پاڻي پيئڻ جي جاءِ، حوض، ڪسي، واهه

شهواڻي، داستان 8 بيت 5 نياڻ = جانورن جي پاڻي پيئڻ جي جاءِ، تڙ.

آڏواڻي داستان 8 بيت 5 نياڻ = حوض، واهه.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 6.

قاسمي، داستان 8 بيت 6 نياڻ = واهه، حوض.

انصاري، داستان 8 بيت 5 نياڻ = تلاءُ.

بلوچ صاحب واري ڏهن جلدن واري نسخي جي سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ هي بيت ڪونهي ۽ لغت "روشني" ۾ پڻ لفظ "نياڻ" ئي ناهي.

لفظ "نياڻ" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "پريل ۽ پرپور" لاءِ تو چئجي، پوءِ اهو پريل ۽ پرپور تلاءُ يا حوض هجي يا ڪو سائو ڊائو ۽ ملڪيت مان پرپور اهڙو ماڻهو جيڪو ڏيئي پوءِ ڏرمائي نه. اسان وٽ جي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ وٽ گهڻا ماڻهو ايندا ويندا ته چئبو،

جملو = هئو. پلي اوڏي وجو. اهو نياڻ آهي ڏيئي ڏرمائڻ وارو ڪونهي، نه ئي ڏيئي پڇاري ٿو.

۽ اسان وٽ هيءَ چوڻي به مشهور آهي ته، "نياڻ، اَياڻَ نه ٿين" يعني جيڪو نياڻ هوندو اهو ڪڏهن به ڪرندو ۽ خراب نه ٿيندو.

سٽ آهي. "اڳي ان نياڻ، اڻ ڪونيو ڪونه گهڙي" معنيٰ = اڳ ته ڪوبه ان پريل ۽ پرپور ڏي بنا ڪوٺ ۽ سڏ جي نه ويندو هو /نه داخل ٿيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي: بيت جي پهرين سٽ جي ڪري ممڪن ناهي ڇو جو شيخ صاحب جي سٽ آهي، "جي پياري پاڻ تہ ڪرهو تي، پاڻي پيئي، جڏهن تہ باقي نسخن ۾ هيئن آهي:

"جي پياري پاڻ، تہ ڪرهو تي پاڻي پيين" يعني، ڪرهو تي" ۽ "ڪرهو تي" وارو فرق آهي اها "تي" ۽ "تي" بيت جي صورت ڦيرائيندڙ آهي،

سـر جمـن داسـتان 10 بيـت 12 جلـد 1،
عناتـا اتـاهين، جـاني جـڙي ٻـڌ،
آهـي گهڻـو اهڪـو، فقيـريءَ جـو فنـد،
ڇڪيـن تـہ چرئـو ٿيـن، ميخـاني جـو منـد،
ڪيـن ڪـڍندين ڪنـڌ، منجهـان سـنگ سـيد چئـي.

**فند :**

شيخ = فن، هنر،
منگهاڻي = ڊپ، ڪوڙڪي، ڦاهو، سازش، اٽڪل سٽڪل، رٿ.
گنج، صفحو 238، بيت ۾ مکيہ لفظ "فند" جي بدران "ٻَنڌ" آيل آهي. باقي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ هي بيت ڪونهي، ۽ گنج واري بيت ۾ بہ لفظ "فند" ڪونهي. لفظ "فند" نج پج لسبيلي ۽ ڪوهستان جو آهي، جيڪو اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. معنيٰ آهي ڊپ، ڪوڙڪي..." مطلب تہ ڪنهن لاءِ اڳوات اهڙي رٿ رٿڻ تہ هو اينديي ساڻ ان ۾ ڦاسي پوي.
جملو = اسين ساڏا سوڏا ماڻهو. اسان کي ڪهڙي خبر تہ هو اڳ ئي فند جوڙي وينا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ٻي عقل جي ڳالھہ ڪونہ پڇيس، باقي ڪوس ڦنائي ۽ فند جوڙڻ جو ماهر آهي.

سر جمن داستان 10 بيت 17 جلد 1،

ڪم ڪمندن ڪتيو، هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن، هُو جو ساءُ صبر جو.

**هوڙن :**

شيخ = هوڏ ڪندڙ، ضد ڪندڙ، هنيلن، ٻي صبرن، تڪڙ ڪندڙن، جلد بازن.

منگهاڻي = هڪدم ڳالهائيندڙن، گهٽو اجايو ڳالهائيندڙن، اجائي بڪ ڪندڙن.

گنج، صفحو 236 "هوڙن" جي بدران "هورن" آيل آهي.

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 152 بيت 808 (هورن)

شوقيرام، داستان 8 بيت 14 (هوڙن)

قليچ، داستان 8 بيت 14 (هورن)

لغات لطيفي (قليچ) هوڙن = هوڙ = تڪڙو، ٻي صبر.

قاضي، داستان 8 بيت 15 هوڙن = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 14 هوڙن = واحد هوڙو (هيمچندر آچاريہ "ديسي نامہ مالا" ۾ آيل ديسي لفظ "هُدا"، گجراتي هوڊ، مرهٽي، هندي، هوڙ = هوڏ) شرط پچائيندڙ ضدي، هوڏي.

شهواڻي، داستان 8 بيت 15، هوڙن = هوڏ وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 8 بيت 14، هوڙن = هوڏين.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 16، (هوڙن)

قاسمي، داستان 8 بيت 14، هوڙن = هوڏين.

انصاري، داستان 8 بيت 14 هوڙن = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ صاحب جي ڏهن جلدن واري نسخي ۾ سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ هي بيت ناهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 549 هـُوڙن ـ هـُوڙهـُ = (جمع) هـُوڙهـَ = تڪڙو، بنا سوچ جي تڪڙ ڪندڙ. هارايو هوڙهن = تڪڙ ڪندڙن هارايو = نہ ڪٿيو) بمبئي ڇاپي وارو نسخو داستان 8 بيت 14.

ڪـــــر ڪمنـــــدڙن ڪٿيـــــو، هـــــارايو وينـــــدن،

ڇڪيـــو تـــ چلنـــدن، هـــو جـــو ســـاءُ صبـــر جـــو.

بيـت ۾ لفـظ "هـوڙن" آيـل آهـي، جيڪـو شـوقيرام، قـاضيءَ، گربخشاڻي، شهواڻيءَ، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ پڻ آيل آهي ۽ جيڪو گنج، قليچ ۽ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ "هورن" آيل آهي، ۽ ڊاڪٽر بلوچ واري لغت "روشني" ۾ "هوڙهن" آيل آهي. جڏهن تہ بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ ان بيت جي صورت بلڪل ئي مختلف آهي. يعني "هوڙن ۽ چوندن" جي بدران، "ويندن ۽ چلندن" آيل آهي. اها تہ ٿي بيت جي صورتحال مختلف نسخن ۾، ۽ ڪهڙي صورت صحيح/غلط آهي؟ اهو سلسلو وري ڌار آهي. هتي سلسلو آهي لفظن جي صحيح/غلط معنائن جو. ۽ بيت ۾ آيل لفظ "هوڙن" جي ساخت ۽ معنيٰ بحث طلب آهي. هي لفظ واحد "هـُڙ" ۽ جمع "هـُڙَ" آهي، ۽ ادائگيءَ ۾ جمع "هـُڙَن" ٿيندو. هي لفظ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ نيٺ ٻولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ وارا ڳالهائيندا آهن، جن ۾ آئون پاڻ بہ شامل آهيان. مون ڪنهن بہ لفظ جي ڪڏهن بہ ڏکي ۽ اندازي سان معنيٰ نہ ڏني آهي، ۽ انهن ئي لفظن جي معنيٰ ڏني اٿم جيڪي آئون پاڻ ڳالهائيندي آهيان، هن لفظ ڪي پنهجن وڏن/بزرگن کان ڳالهائيندي ٻڌي/سمجهي بہ پڪ لاءِ ڪانئن معنيٰ بہ پڇيم. لفظ "هـُڙَن" کي "هـُوڙن" ۽ "هوڙهن" انهن ڪيو جن جو اهو لفظ ٻڌل نہ هو ۽ جيڪي ان لفظ جي معنيٰ کان واقف نہ هئا. ۽ بيت جي مفهوم موجب لفظ/معنائون بدلائيندا رهيا آهن. "هـُڙَ" اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جيڪو ڳالهہ سمجهي نہ سمجهي وچ ۾ ٽـِپي جهڙو تهڙو ڳالهائي ڇڏيندو آهي. ست آهي، "ڪم، ڪمندن ڪتيو، هارايو هڙن".

معنيٰ =نم /جُهڪ/هينياڻين وٽ! هيناڻين ونڻ وارن ئي ڪتيو ۽ حاصل ڪيو آهي. اجائي ٻڪ ڪندڙن هميشہ هارايو ۽ وڃايو آهي.

جملو = فلاڻي جي ڳالهائڻ جو ڏک نہ ڪجاڻ، ان جي اندر ۾ ڪوت ڪانهي. هڙُ آهي جيڪو وات ۾ ايندس اهو ڳالهائي ويندو.

جملو = ابا، هي ماڻهو فيصلي ۾ وهارڻ جهڙو ڪونهي. هـُڙُ آهي ڳالهائي، ڳالهہ ڦٽائي وهندو.

"هـُڙَ" جو تعلق ڳالهائڻ سان آهي، ۽ بيت جي ٻي سٽ ۾ اها ڳالهہ واضح بہ اهي تہ، "چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو". لفظ "چوندن" قابل توجهہ آهي. "چوندن" معنيٰ، ڳالهائڻ وارن يعني، جيڪي مڙيئي سڙيئي ڳالهائيندا آهن، اهي صبر جي لذت کان ناآشنا آهن يا انهن صبر جو سواد چکيو ئي ناهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب الائي ڪهڙي ٻُڌِ تي لفظ "هـُڙن" جي بگڙيل صورت "هـُوڙن " کي مزيد بگاڙي "هـُوڙهن" ڪيو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = نَر/هيئنيائين ڪر. هيئنيائون هلڻ وارن ئي ڪٺيو آهي. بنا سوچ سمجهہ جي ٻَڪَ ڪرڻ وارن هميشہ هارايو آهي. اجايو ڳالهائڻ وارا ڪڏهن بہ صبر جو سواد/لذت چکي نہ سگهيا آهن.

سـر جمـن داسـتان 10 بيـت 20 جلـد 1،
هـو چونئـي تـون مَ چئـو، واتـان ورائـي،
اڳهيـن اڳرائـي جـو ڪـري، خطـا سـو ڪـائي،
پـاند ۾ پـائي، نـِـئو ڪينـي واري ڪيـن ڪـي.

**نئو/ويو :**

گنج، صفحو 235 (نِئو)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 8 بيت 16 (ويو)
هـو چونئـي تـون مَ چـوءُ، واتـان ورائـي،
اڳَ اڳرائـي جـو ڪـري، خطـا سـو ڪـائي،
پـاند ۾ پـائي، ويـو ڪينـي وارو ڪيـن ڪـي.
قليچ، داستان 8 بيت 16 (ويو) بيت شوقيرام وارو
قاضي، داستان 8 بيت 17، بيت شوقيرام وارو (ويو)
گربخشاڻي، داستان 8 بيت 16 (ويو) بيت شوقيرام وارو
شهواڻي، داستان 8 بيت 17 (ويو) بيت شوقيرام وارو
آڏواڻي، داستان 8 بيت 16 (ويو) بيت شوقيرام وارو
ڏيپلائي، داستان 8 بيت 18 (ويو) بيت شوقيرام وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 8 بيت 16 (ويو) بيت شوقيرام وارو
انصاري، داستان 8 بيت 16 (ويو) بيت شوقيرام وارو
بلوچ، ڪلياڻ ۾ يمن ڪلياڻ ۾ هي بيت موجود ناهي
بمبئي ڇاپي وارو نسخو،

هـــوءِ چونيـــن تـــون مَ چئـــو، واتـــان ورائـــي،
اڳهيـــن اڳرائـــي ڪـــري، خطـــا ســـو ڪـــائي،
پلئــہ ۾ پـــائي، وٺــو ڪينـــي وارو ڪيـــنَ ڪـــين.

هن بيت ۾ لفظ "نِئو ۽ وِٺو" جو فرق آهي. گنج ۾ لفظ "نئو" آيل آهي. باقي ٻين سيني نسخن ۾ لفظ "ويو" آيل آهي، ۽ "نئو" ۽ "ويو" جي معنيٰ واري فرق کان بہ شايد هر ڪو واقف هوندو.

گنج کي مرتب ڪرڻ ۽ سولي لپيءَ ۾ آڻڻ مهل ضرور ڪي اهڙيون لاپرواهيون ٿيون آهن، جن جي ڪري ڪئي حيرت جهڙيون عجيب چڪون گنج ۾ ٿيل آهن. بيحد ضروري آهي تہ لطيف جا سيئي قلمي، دستخطي ۽ ڇاپي وارا قديم ۽ جديد نسخا هڪ هنڌ مُچ ڪري، سنڌ جا سيئي اهي عالم/محقق/شارح جيڪي حقيقي طرح لطيف جا چاڻو هجن اهي بنا ڪنهن رک رکاءُ/لحاظ ملاحظي، انا ۽ وڏائيءَ جي گڏجي هڪ هنڌ ويهي، سيني نسخن جي هڪ هڪ بيت/وائيءَ جي هڪ هڪ لفظ، زير، زبر، پيش، شد، مد، جزم کي ڏسي، پيٽي هڪ اهڙو "شاهہ جو رسالو" اڳيان آڻين جيڪو بنا ڪنهن غلطيءَ جي مڪمل هجي، ۽ ان مرتب ڪيل نسخي ۾ معنائن وارو مرحلو تہ اجا پوءِ ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جمـن داسـتان 10 بيـت 25 جلـد 1،
چونـدن كيـمر چئيـج، ويـڻ ورائـي سـامهان،
كـا مـت قيمـت جهـڙي، روز ڏمـر كـي ڏج،
ويـڻ مرَ ورائيـج، تـہ سـپ در سـهاڳي ٿيـن.

**مت :**

شيخ = صلاح، نصيحت
منگهاڻي = عقل، سمجهہ، شعور
گنج صفحو 237
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرامر، داستان 8 بيت 20 "سامهان" بدران "سامهون" آهي.
قليچ، داستان 8 بيت 10 (سامهون)
لغات لطيفي (قليچ) مت = صلاح، سمجهہ، مصلحت، آڇ
قاضي، داستان 8 بيت 28 (سامهون) مت = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 8 بيت 20 (سامهر) مت = معنيٰ ناهي.
شهواڻي، داستان 8 بيت 21 (سامهر) مت = صلاح، نصيحت.
آڏواڻي، داستان 8 بيت 20 (سامهون) مت = نصيحت
ڏيپلائـي، داسـتان 8 بيـت 22 (سـامهون) هـن نسـخي ۾ ڏكيـن لفظن جون معنائون ناهن.
قاسمي، داستان 8 بيت 20 (سامهون) مت = سمجهہ
انصاري، داستان 8 بيت 20 (سامهون) مت = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، كلياڻ ۽ يمن كلياڻ ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 433، مت = سمجهہ، ڄاڻ، شعور، عقل، نصيحت، صلاح، (آسا 3/7) ڪا مت قيمت جهڙي = ڪا صلاح وڏي قيمت واري.

بيت ۾ لفظ "سامهان" رڳو گنج ۾ آيل آهي. گربخشاڻي ۽ شهواڻيءَ وٽ "سامهہ" آيل آهي. باقي ٻين سڀني نسخن ۾ "سامهون" آيل آهي.

بيت ۾ آيل لفظ "مت" جي معنيٰ شيخ صاحب "صلاح ۽ نصيحت" ڏني آهي. جڏهن تہ هي لفظ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "عقل، ڄاڻ، سمجهہ ۽ شعور" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

جملو = ڏکن جي ڪري ويچاري مت ئي ڇڏي ويئي آهي.

جملو = لطيف جي لفظن جون ڏنل غلط معنائون ڏسي منهنجون تہ متيون ئي منجهي ويون آهن.

چوٽي آهي تہ، "عمر ٿي اَسي تہ مت ويئي کَسي."

بيت جي سمجهاڻي = جيڪي ڳالهائين ۽ طعنا هڻن ٿا، انهن کي بہ سندن چوڻ موٽائي منهن تي هڻج (ماٺ رهج) ۽ اهڙو عقل ۽ سمجهہ/شعور، جيڪو بيحد قيمتي هجي/خريدي پاڻ وٽ رکڻ جهڙو هجي، اهو هر وقت وڙهڻ ۽ رسڻ کي ڏج (يعني وڙهڻ وارن سان بہ نہ وڙهج ۽ (رسج) ۽ طعنا موٽائي انهن کي نہ هڻج ـ تہ اهڙي صورت ۾ هر هڪ جي اڳيان مانائتي ۽ بختاور ٿيئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر ڪنڀات داستان 1، بيت 2، جلد 1

هن تاري هن روءِ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ڪٿوريءَ ٻوءِ، مون ڪي مور نہ وسريا.

روءِ :

شيخ = روءِ ڏانهن، رخ ڏانهن، طرف ڏانهن.
منگهاڻي = رنگ، رُتِ، رنگت.
بلوچ داستان 1 بيت 15 روءِ = هن روءِ = هن تاري جي چٽائيءَ جهڙا. (جلد 2)

هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، ديوان تاراچند شوقيرام واري نسخي، مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، غلام محمد شهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، عثمان علي انصاري، بمبئي ڇاپي وارو نسخو ۽ ٻيحد اڳاٽي نسخي ۾ هي مٿيون بيت آيل ناهي، يعني گنج کان وٺي شيخ صاحب کان علاوه ٻيو رڳو بلوچ صاحب واري نسخي ۾ آهي، جنهن پنهنجي نسخي ۾ مٿئين بيت جي جواز لاءِ اوائلي دور جي ٻن قلمي نسخن، قاضي موسيٰ واري قلمي نسخي (1207هہ) ۽ ميين موسيٰ ملاح ننئي واري جي قلمي نسخي (1257-1267هہ) جا حوالا ڏنا آهن، ۽ شيخ صاحب لاشڪ تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري نسخي کان مٿيون بيت کنيو هوندو، يعني تہ هي بيت اڳ بہ ٻن اڳاٽن قلمي نسخن ۾ هو، ۽ هاڻي هن دور جي بہ ٻن نسخن ۾ آيل آهي. بيت ۾ آيل لفظ ”روءِ“ جي معنيٰ ٻنهي صاحبن ڏني آهي ۽ مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني آهي. شيخ صاحب، "روءِ ڏانهن، رخ ڏانهن، طرف ڏانهن" ڏني آهي تہ بلوچ صاحب وري "هن تاري جي چٽائيءَ جهڙا" ڏني آهي، ۽ اوهان کي ياد هوندو تہ مٿي سر جمن داستان 3 بيت 2 (جلد 1) ۾ آيل لفظ "روءِ" جي معنيٰ شيخ صاحب "روبرو، منهان منهن" ڏني آهي. (سٽ هئي، "اَڇي پسو روءِ، جي آئين ويساهہ نہ وسهو.) اتي مون لفظ "روءِ" جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي، ۽ هن بيت ۾ ساڳيو ئي لفظ "روءِ" ان ڪري بہ موضوع بڻبو آهي جو هن بيت جي "شاهہ جي رسالي" ۾ اچڻ واري انوکي واردات ڏانهن اشارو ڪرڻ ۽ روشني وجهڻ آهي،

ڪي لفظ اهڙا هوندا آهن، جيڪي هڪ کان وڌيڪ معنائون رکندا آهن، جن جو ذڪر مٿي ڪيو اٿم. جڏهن تہ ڪن لفظن جي رڳو هڪ ئي معنيٰ هوندي آهي، يعني انهن جي لفظي معنيٰ هڪ ئي هوندي آهي، لفظ "روءِ" جي اسان وٽ هڪ ئي معنيٰ آهي "رنگ". پوءِ اهو اڇو هجي يا ڪارو، "اڇي روءِ" يا "ڪاري روءِ". "هن تاري هن روءِ..." معنيٰ "او، هن تاري جي رنگ جهڙا".

سر ڪنيات داستان 2، بيت 1 جلد 1

رات سَهائي پونءِ سنئين، پائي گهرجي پَلُ،
آهر ۾ ايلاچيون، چندن چريو چلُ،
مون توهي ڳالهڙي، ٻي ڪنهين مَ سلُ،
هاهر ڪندو هلُ، تہ ڪجايون ڪرن ڪي.

**سَهائي :**

شيخ = چانڊوڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = روشني، سوجھرو

**ڀائي :**

شيخ = اي ڀائي، اي ڀاءُ (اٿ)

منگھاڻي = اي عزت وارا، معتبر، مانوارا، معزز. 2. اوپرو

**ڀَلُ :**

شيخ = تيز رفتاري

منگھاڻي = چڱائي، ڀلائي سنائي، نيڪي

**ڪجايون :**

شيخ = ڇيڙايون، خار ڏياريون

منگھاڻي = ڪمزور ڪريون، نبل ڪريون.

گنج، صفحو 254 (آھر جون)

برٽس ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 183 بيت 977 (آھر ۾)

شوقيرام، داستان 1 بيت 6 (آھر ۾)

قليچ، داستان 1 بيت 6 (آھر ۾)

لغات لطيفي (قليچ) سَھائي = سوجھري واري، تارن جي روشنائيءَ واري، چاندوڪي

ڀائي = معنيٰ ڏنل ناھي، ڀَلُ = ڀلو (وھٽ) چڱو، موافق.

ڪجائڻ = ڪجڻ = بيزار ٿيڻ، جھڄڻ، ڳرن، ڪجڻ = جھوري، ڳاراٽو.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 6 (آھر ۾) سھائي ۽ ڀائي = معنيٰ ڏنل ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَلُ = (سنسڪرت. ٻَلَ) ٻل، همت. ڪجايون = (سنسڪرت ڪد) خار ڏيارڻ، چيڙائڻ.

شهواڻي، داستان 1 بيت 6 (آهر ۾) سـَهائي ۽ پـائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

پَلُ = ٻل، طاقت، همت. ڪجايون = خار ڏياريون، چيڙايون.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 6 (آهر ۾) سَهائي ۽ پائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

پَلُ = مهر، عنايت، همت. ڪجايون = خار ڏياريون، چيڙايون.

ڏيپلاڻي، داستان 1 بيت 6 (آهر ۾) لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 1 بيت 6 (آهر ۾) سَهائي ۽ پائي = معنيٰ ڏنل ناهي. پل = پلو، همت. ڪجايون = چيڙايون.

انصاري داسان 1 بيت 7 (آهر ۾) سهائي = سوجهرو، روشنائي، پائي = معنيٰ ڏنل ناهي. پل = ڦل، تت، جوهر. ڪجايون = ڪجن = بيزار ٿين، جهڄن، ڳرن. ڪجڻ = جهوري، ڳاراڻو.

بلوچ، سر ڪنيات ۾ هي بيت موجود ناهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 293. سـَهائي = روشنيءَ واري، چانڊوڪي واري. پائي = معنيٰ ڏنل ناهي. صفحو 60. پَـل = جهجهيون، گهٽيون. صفحو 375. ڪجايون = ڪجڻ = ورجڻ، ماندو ٿيڻ.

بيت ۾ چار لفظ اهڙا آهن جيڪي نج پج لسبيلي ۽ ڪوهستان جا آهن. پهريون لفظ "سـَهائي" آهي، جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب "چانڊوڪي" ڏني آهي، جڏهن تہ مٿي سر جمن داستان 4 بيت 3 (جلد 1)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آيل لفظ ”سَهائي“ جي معنيٰ شيخ صاحب”سَهائي ۾ (مڃ يا ٻاهہ ۾)“ ڏني آهي. (سهائي سپرين جي، گهڙ تہ تيئين گهوٽ) اتي مون لفظ ”سهائيءَ“ جي جملن سان تفصلي سمجهاڻي ڏني آهي. هتي رڳو اهو ڏيکارڻو آهي تہ ساڳيئي لفظ ”سهائي“ جي معنيٰ هڪ هنڌ، ”ٻاهہ يا مڃ“ تہ ٻي هنڌ ”چانڊوڪي“ ڏنل آهي. ٻيو لفظ آهي ”پائي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”اي پائي، اي پاءُ (اٿ)“ ڏني آهي. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ عزت ڀرئي، معزز، محترم، معتبر مرد کي ”پائي“ چيو ويندو آهي ۽ ايئن ئي معزز، محترم، معتبر، عزت ڀري عورت کي ”مائي“ چيو ويندو آهي. جيئن انگريز ”جينٽلمين ۽ ليڊي“ چوندا آهن ”پائي“ معنيٰ ”معتبر ۽ ماناڻتو مرد“.

جملو = هلو تہ پائيءَ ڏي هلو. پوءِ جيڪو بہ فيصلو ڪري اسان جي اکين تي آهي.

جملو = پائي، مڙيئي عام ماڻهو ڪونهي جو ٽڪي پيسي جي ڳالهہ لاءِ وڻس وڃجي.

ڪنهن معزز ۽ معتبر ماڻهوءَ کي سڏڻ ۽ ساڻس ڳالهائڻ ۾ ڪيس، پائي“ ڪونہ چئبو. مثال، ”پائي، ڳالهہ ٻڌ“ يا ”پائي، هيڏانهن اچ“ نہ چئبو. باقي سندس باري ۾ ٻئي سار ڀانهائڻ مهل، يا سندس پرپٺ سندس متعلق ڳالهائيندي چئبو تہ، ”پائي وڏي هلندي چلنديءَ وارو آهي.“ يا ”پائيءَ جو هر هنڌ نالو ۽ هاڪ آهي“ وغيره. ۽ اوپري کي بہ ”پائي“ چوندا آهيون. مثال جنهن سان پيو ڪو سڱ نہ هجي. ٽيون لفظ آهي ”پَلَ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”تيز رفتار“ ڏني آهي. هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون. واحد ”پَلُ“ ۽ جمع ”پَلَ“ آهي جنهنجي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ”نيڪي“ ڀلائي، چڱائي، سٺائي“. ڏسي ٿو سگهجي معنائن وارو فرق، تہ ڪٿي ”نيڪي ۽ چڱائي“ ۽ وري ڪٿي ”تيز رفتاري“. شيخ صاحب هر ان لفظ جي معنيٰ پنهنجي اندر مان جوڙي آهي، جيڪو سندس تر جو ناهي. حالانڪ معنائن ۾ سندس مدار مختلف نسخن تي آهي، ان جي باوجود هن پاڻ تي بہ ڪئي جبر ڪيا آهن. جڏهن تہ آئون وڏي اعتماد ۽ يقين سان لفظ ”يَل“ جي معنيٰ ٻڌايان ٿي تہ اها ”نيڪي، ڀلائي، چڱائي ۽ سٺائي“ آهي. اهو يقين ۽ اعتماد مون کي ان حقيقت ڏنو آهي. تہ لفظ ”يَلُ“اسين اڄ بہ ڳالهائيندا آهيون.

جملو = هو ڪهڙا يَلَ ڪندو پاڻ ئي مٿي ساهہ تو ڪٽي.

جملو = نڳي چڏ. تو جيڪي اسان سان يَلَ ڪيا آهن انهن جي اسان کي خبر آهي. (ٺوڪ واري انداز ۾)

سٽ آهي: ”رات سَهائي پونءِ سنئين، ياٺي گهرجي يل.“

معنيٰ: رات روشن ۽ سوجهري واري آهي. زمين/پٽ سنوان سيڌا، هموار آهن. اي معتبر. مانائتا (اٺ) اسان کي تنهنجي نيڪي ۽ ڀلائي تي گهرجي.“

ٽيون لفظ آهي ”ڪجايون“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب”چيڙايون، خار ڏياريون“ ڏني آهي جيڪا ٻين شارحن بہ ڏني آهي، جيڪا اسان جي لهجي موجب درست ناهي. اسان وٽ ”ڪجايون“ جي معنيٰ آهي، ڪمزور ڪريون، نبل ڪريون، ٻي طاقت ڪريون، جسم ۾ ڳاريون، اسين لفظ ”ڪمزور“ کوڻہ چئون پر ”ڪجڻ“ چئون.

جملو = فلاڻو ڪجي ڪندا ٿي ويو آهي.

جملو = الائي ڇا اٿس ڪجندو ڳرندو ٿو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستُ آھي ”ھاھر ڪندو ھل، تہ ڪجايون ڪرن ڪي“

معنيٰ = ھونگارون ڪندو ھل تہ نبل/ڪمزور ڪريون بچڻن ڪي.

بيت ۾ آيل لفظ ”آھر“ منھنجو ذاتي طور ٻڌل ناھي، نہ ئي آئون ذاتي طرح سان لفظ ”آھر“ جي معنيٰ ڪان واقف آھيان. پر بيت جي سمجھاڻي ڏيڻ لاءِ ضروري آھي تہ لفظن جون معنائون يا تہ ذاتي طور اچن، يا اھڙيون ھجن جن تي سيئي شارح متفق ھجن تہ پوءِ ئي بيت جي سمجھاڻي حتمي طور ڏيئي تي سگھجي. بيت ۾ آيل لفظ ”آھر“ جي معنيٰ شيخ صاحب، ”چوپائي مال کي ڪاڏي يا چاري ڪارائڻ لاءِ نڪر جي ڪوندي يا ڪونار. ڪاڏي، چاري.“ ڏني آھي.

مرزا قليچ بيگ جي لغات لطيفي، آھر = آھرو ڪاڏي ڪائڻ جو.

علامہ آءِ آءِ قاضي، آھر = ڪونار جنھن ۾ مال چارو ڪائي، مال جو ڪاڏو.

ڊاڪٽر ھوتچند مولچند گربخشاڻي، آھر = (فارسي، آخور)، وٿاڻ.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 6 آھر = آھري ۾ پيل ڪاڏو، ڪاڏي جو وقت، ڪاڏي ۾.

ھتي رڳو ٻن ٽن شارحن جي لفظ ”آھر“ جي معنيٰ ڏني اٿم، جنھن ۾ شيخ صاحب ”نڪر جي ڪوندي بہ چوي ٿو تہ ڪاڏو ۽ چارو بہ چوي ٿو. قليچ بيگ ”گاھہ جو آھرو“ ۽ قاضي صاحب وٿاڻ بہ چوي ٿو تہ ڪوندي ۽ ڪاڏو بہ! گربخشاڻي صاحب حسب معمول ٻين ٻولين تي پاڙيندي فارسيءَ مان ”وٿاڻ“ ڪڍي آيو، ۽ بلوچ صاحب تہ انھن سان گڏ لفظ ”آھر“ جي معنيٰ ”ڪاڏي جو وقت“ بہ ڏني آھي. ھاڻي آئون بيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهاڻي ڏيندي لفظ ”آهر“ جي معنيٰ ڪهڙي ڏيان؟ ”وڻاڻ، نڪر جي ڪوندي، مال جو ڪاڏو يا ڪاڏي جو وقت؟“ ۽ بيت ۾ اوهان اهو بہ ڏٺو تہ سواءِ گنج جنهن ۾، ”آهر جون“ آيل آهي باقي ٻين سڀني نسخن ۾ ”آهر ۾“ آيل آهي، يعني ”جون“ جي بدران ”۾“ آيل آهي، ۽ شيخ صاحب تہ وري گنج واري، جون ” ۾ ”ي“ ملائي ”آهر جيون“ ڪيو آهي. معنائن جا اهي تضاد مونکي هن عظيم بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ کان جهلين ٿا.

سر ڪنيات داستان 2، بيت 6 جلد 1
ميا مڄ منت، اڄ منهنجي ڪرها،
جهاڳيندي جر پٽيون، متان ڪريين ڪت،
سپيريان جي ست، مونکي نيئي ميڙيين.

**ڪَتَ :**

شيخ = ڳڻ ڳوت، سوچ ويچار
منگهاڻي = منت ڪرائڻ، وري وري چوائڻ
گنج صفحو 246
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 184 بيت 980
شوقيرام، داستان 2 بيت 19
قليچ، داستان 2 بيت 19
لغات لطيفي (قليچ) ڪت = ڍرائي، ڳڻتي، ڳاٽيتو، ويچار
قاضي، داستان 2 بيت 18، ڪت = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 19، ڪت = (سنسڪرت، ڪت = ڳڻڻ، شمار ڪرڻ) شمار، ويچار، ڳڻتي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 2 بيت 19، ڪٿ = شمار، ڳڻتيون.

آڏواڻي، داستان 3 بيت ،19 ڪٿ = فڪر، ڳڻتي

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 22،

قاسمي، داستان 2 بيت 19، ڪٿ = معنيٰ ناھي.

انصاري، داستان 2 بيت ،20 ڪٿ = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، داستان 3 بيت 12، ڪٿ = ڪٿ ڪتان، تڪ تڪان (تہ ڪيترو پنڌ تيندو!)

بيت ۾ آيل لفظ "ڪٿ" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڳڻ ڳوت، سوچ ويچار" ڏني آھي ۽ پڻ سيني شارحن اھائي معنيٰ ڏني آھي، جيڪا پڻ لفظ "ڪٿ" جي معنيٰ آھي، پر ان کان علاوہ ٻي معنيٰ ۾ بہ لفظ "ڪٿ" ڳالھايو ويندو آھي، جيڪو شايد رڳو لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ ئي ڳالھايو ويندو آھي، پر ڪنھن بہ شارح ان معنيٰ ۾ نہ ورتو آھي ۽ آئون پانيان ٿي تہ لطيف اسان واري معنيٰ ۾ ئي لفظ "ڪٿ" بيت ۾ آندو آھي. سٽ آھي: "جھاڳيندي جر پٽيون، متان ڪرين ڪٿ."

معنيٰ = ھلندي پنڌ ڪندي، پاڻي ۽ پٽن تان مونکي تنگ متان ڪرين، ستائين ۽ ايلاز متان ڪرائين.

گھڻو پنڌ ڪندي. مسافتون طئي ڪندي، جي ڪڏھن ڪٿي اٽڪجي ويھي رھندو آھي تہ پوءِ اوناڙ لاءِ وڏو آزار، مصيبت ٿي پوندي آھي، ڇو جو تڪل اٺ وھڻ کان پوءِ وڏي مشڪل، تڪليف ۽ ڏکيائيءَ سان وري اٿندو ۽ وري ٻيھر ھلڻ لاءِ راضي ۽ آمادہ ٿيندو آھي. اھڙيءَ مھل اٺ کي اٿڻ ۽ وري پنڌ ڪرڻ لاءِ تمام گھڻيون ڪوششون ۽ ھلاکيون ڪرڻيون پونديون آھن، ڏاڍا ايلاز، منٿون، وينتون ڪبيون آھن ڪڏھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار مان تہ ڪڌهن خار مان. اوٺار بيحد تنگ/ڪڪ ٿي پوندو آهي. ڳنٽڪارون، چٻڪارون، ڪَنڪا، چُٻڪا، ڳنٽڪا، اواو، هاها، هرر هرر، هشهش، هو هو مطلب تہ اوٺار پيهر اٺ کي اٿاري هلائڻ لاءِ بيزار ٿي پوندو آهي، ۽ ايئن تڪل اٺ ڪٽ ڪرائيندو آهي، ۽ پوءِ پاڻ ٿي مدام ٿي اٿندو آهي. لطيف پرينءَ سان ملڻ ۾ دير برداشت نٿو ڪري ۽ محبوبن جي سٿ ۽ ڪچهريءَ ۾ پهچڻ لاءِ اها درماندگي حساسيت جو چيهہ آهي. لفظ "ڪٽ" اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون. "منٿ، ايلاز ۽ وري وري چوائڻ" واري معنيٰ ۾، جنهن لاءِ وڏي محنت ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ڪنهن بہ هڪ ماڻهوءَ کان پڇو تہ لفظ "ڪٽ" جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟

جملو = هير شاديءَ جي دعوت ڏيئي ٿي وڃان، هلڻ مهل ڪٽ متان ڪرائين.

جملو = اتي سنئون ٿي، ڪٽاءِ نہ، آئون تہ ڪٽي ڪٽي بيزار ٿي پيئي آهيان.

بيت جي سمجهاڻي = اي سگهارا سهڻا (اٺ!) اڄ منهنجي منٿ/ عرض مڃ. پاڻي ۽ پٽ جهاڳيندي/پنڌ ڪندي مونکي متان تنگ ڪرين/ستائين/ڪٽائين. محبوبن جي محفل/ڪچهريءَ ۾ مونکي وڃي پهچاءِ/ملاءِ/ڳڏاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـُـــر ڪنڀـــات داســـــتان 2 بيـــــت 7 جلـــــد 1

ڪرهـــا ڪســـر چـــڏ، وڪـــون وجهـــ وڏنديـــون،
هيڪـــر حبيبـــن ســـين، مونڪـــي نيئـــي گـــڏ،
ميجـــڻ پونئـــي هـــڏ، آهـــون اڪنـــڊين جـــون.

**ڪسر :**

شيخ = گسر، غفلت، سستي.

منگهاٽي = وڏائي، پاڻ کي وڏو سمجهڻ، برتريءَ وارو احساس، وڏيڪ، مٽي.

هڏ : شيخ = هڏ ۾، جسم ۾ (پونڊئي هڏ = توکي هڏ ۾ پون يعني اثر ڪن يا رحم پيدا ڪن)

منگهاٽي = اصل، ماڳهين، بنهہ

گنج صفحو 245 ۽ 246

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 184 بيت 982 ٻـ سٽون

ڪرهـــا ڪســـر چـــڏ، وڪـــون وجهـــ وڏنديـــون،
ميجـــڻ پونڊئـــي هـــڏ، آهـــون اڪنـــڊين جيـــون.

شوقيرام، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون)

قليچ، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون)

لغات لطيفي (قليچ):

ڪسر = گيسر، دير، ڍرائي، سستي، گهٽتائي.

هڏ = هڏ پوڻ، لڳڻ، اثر ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = معنيٰ ناهي.

هڏ = ماڳهين، موراهين، هرگز.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = (عزبي، قصر) ڍرائي، سستي، دير، گيسر. هڏ = پونئي هڏ = هڏن ۾ گهڙي وڃنئي، يعني اثر ڪنئي.

شاهاڻي، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = گسر، دير، هڏ = معنيٰ ناهي.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = ڍرائي، سستي.

هڏ = هڏن ۾ پيهي وڃنئي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 17 (ٽي سٽون)

قاسمي، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = ڍرائي، هڏ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 14 (ٽي سٽون) ڪسر = معنيٰ ناهي.

هڏ = ماڳهين، موراهين، هرگز.

بلوچ، داستان 3 بيت 6 (ٽي سٽون) ڪسر = پڳل وک، ماريل وک، ڪاوڙ، گهہ، وڏي

هڏ = هَڏ تي، جسم تي، بت تي، آهون پونئي هڏ =آهون تنهنجي مٿان پون، تنهنجي جند جان تي پون.

بيت ۾ آيل لفظ "ڪسر ۽ هڏ" ٻئي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڳالهايا ويندڙ لفظ آهن. لفظ "ڪسر" جي معنيٰ نہ رڳو شيخ صاحب پر سيني شارحن "سستي، ڍرائي، گيسر" ڏني آهي. اها ضرور بيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفهوم موجب ڏني ويئي آهي. ”ڪرما ڪسر ڇڏ...“ مان اهو اندازو ٿين ٿو ته ڪرهي ڪي ضرور سستي ۽ ڊرائي ڇڏڻ جو ڇيل آهي! جڏهن ته لفظ ”ڪسر“ جي معنيٰ آهي ”وڏيڪ، مٿي“ اڄ به اسانجا بزرگ ”وڏيڪ“ کي ”ڪسر“ ۽ ”گهٽ“ کي ”مَوڙو“ چوندا آهن.

جملو = سيپئي سهٽيون آهن پر هوءَ ڪَسَرَ آهي.

جملو = فلاڻو سيني ۾ ڪَسَرَ آهي. ادب ۾، اخلاق ۾، سونهن ۾، هر نيت ۾ ڪَسَرُ آهي.

سٽ آهي ”ڪرها ڪسر ڇڏ، وکون وجهه وڏنديون“

معنيٰ = اي سهٽا اٺ! پاڻ کي وڏيڪ سمجهڻ ڇڏي ڏي ۽ قدم جلدي کڻ.

هونئن به ڏٺو وڃي ته جيڪو به پاڻ کي ٻين کان وڏيڪ سمجهندو آهي اهو برتريءَ واري احساس تحت ناز ۽ وڏائي مان هَري قدم کڻندو آهي، يعني آهستي آهستي وکون وجهندو آهي ۽ ”ڪرهو“ خوبصورت اٺ کي چيو ويندو آهي ۽ خوبصورتيءَ سان گڏ ناز به هوندو آهي، ۽ حسن ۽ نزاڪت لازم ۽ ملزوم آهن، ۽ لطيف پڻ خوبصورت اٺ (ڪرهي) سان مخاطب آهي ته، ”تون وڏائي ڇڏ ۽ وکون تکڙيون کڻ.“ بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آهي، ”هڏ“ جيڪو لسٻيلي ۽ خاص ڪري ڪوهستان ۾ رهندڙ هر ذات جو ماڻهو اڄ به ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا ڳالهائيندو آهي. ”هڏ“ جي معنيٰ آهي. ”اصل، ماڳهين، بنهه“ لطيف سرڪار فرمائي ٿو.

”ميڻ پونئي هڏ، آهون اڪنڊين جون.“

معنيٰ = متان ماڳهين/اصل تنهنجي متان پئجي نه وڃن سڪندڙن جي اندر جون آهون. لفظ ”هڏ“ انهن سياڳن لفظن منجهان آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي پراڻن ڪان پراڻا (ٽي سوٰ سال اڳ ڳالهايا ويندڙ) ۽ نون ڪان نوان (اڄ بلڪ هير بہ ڳالهايا ويندڙ) آهن. ۽ جيئن تہ هي لفظ ضرور لسبيلي ۽ ڪوهستان سان ٿي واسطو رکندڙ آهي اهو ئي سبب آهي تہ شيخ صاحب سان گڏ سيني شارحن ان جي معنيٰ هتي "هڏ ۾. جسم ۾. بت ۾" ڏني آهي. بس رڳو هڪ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب آهي جنهن لفظ "هڏ" جي اسان واري معنيٰ بہ ڏني آهي. لفظ "هڏ" جملن ۾

جملو = اسان جي لفظن جو صحيح معنائون هڏ ڪنهن بہ نہ ڏنيون آهن.

جملو = منهنجو هڏ ڪوبہ فڪر نہ ڪر. آئون پاڻ ڪي سنيالي سگهان ٿي.

بيت جي سمجهاڻي : اي خوبصورت سگهارا اٺ! وڏائي ۽ پاڻ کي مٿي سمجهڻ ڇڏ! ۽ قدم تڪڙا کڻ. هڪ ڀيرو مونکي محبوبن سان وجي ملاءِ. مٿان ماڳهين نہ پئجي وڃنئي. سڪايلن جون آهون تنهنجي مٿان.

سر ڪنيات داستان 2 بيت 8 جلد 1

ڪسر ڇڏ ڪنوات، وڪون وجهہ وڏنديون،
سنئين سپرين جي، ونگي پانءِ مَ واٽ،
ڇڏ جهوري ڏي جهات، تہ هونديءَ رات هٿ مڙون.

ڪنوات :

شيخ = اي نوجوان اٺ

منگهاڻي = ننڍو اٺ. جوانيءَ ڪان هڪ چاڙهي گهٽ

گنج، صفحو 246 (ونگي پانءِ نہ واٽ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 16 (مرَ واٺ)
قليچ، داستان 2 بيت 16 (مرَ واٺ)
لغات لطيفي (قليچ) ڪنواٺ = ننڍو جوان اٺ
قاضي، داستان 2 بيت 16، ڪنواٺ = ڳوٺرو ننڍو اٺ
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 16، ڪنواٺ = (سنسڪرت ڪرڀ = ڪرهو + ٺ، تصغير جي نشاني) ننڍو اٺ
شهواڻي، داستان 2 بيت 16، ڪنواٺ = ننڍو اٺ
آڏواڻي، داستان 2 بيت 16، ڪنواٺ = اي جوان اٺ
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 19.
قاسمي، داستان 2 بيت 16، ڪنواٺ = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 2 بيت 17، ڪنواٺ = ڳوٺرو ننڍو اٺ
بلوچ، داستان 2 بيت 4، ڪواٺ = ڏنگي ڏکي واٽ
بمبئي ڇاپو داستان 2 بيت 19، "ڪنواٺ" آيل آهي.
اوائلي نسخو داستان 2 بيت 54، "ڪنواٺ" آيل آهي.

اٺ جا ڇاپڻ ڪان جوانيءَ تائين هر چاڙهي ۾ ڌاڪي لاءِ ڌار ڌار نالا آهن. جيئن ڳورو، دوڪ، ڇٽ، ڪنواٺ، جوان اٺ ۽ آخر ۾ نيش/نيشات يعني پوڙهو/ٻڍو، وڏي عمر جو اٺ. اٺ جي باري ۾ صحيح معلومات جي توقع شهري ماڻهن يا جن جو جبل سان، مال/اٺن سان تعلق نہ هجي، انهن ڪان نٿي رکي سگهجي. لطيف جو تہ سنڌ جي هر پٽيءَ سان گهرو واسطو ۽ تعلق هو ۽ هو هر پٽيءَ جي ٻولي/لهجي/اچار جو ڄاڻو ۽ ماهر هو. ڪيس ڪهڙي خبر تہ سندس ڪلام ۾ آيل لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن ۾ مامرا پيدا ڪندا جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڪلام مان ياڳا پيري ويندا. اچو تہ ڏسون بيت ۾ آيل لفظ ”ڪنوات“. جيڪو لطيف جي سيني نسخن ۾ آيل آهي، ڇو جو لطيف ”اٺ“ سان مخاطب آهي ”ڪرها! ڪسر ڇڏ...“ ۽ هتي ”ڪسر ڇڏ ڪنوات...“ يعني، اٺ، پڪي عمر جو هجي يا ڪچي عمر جو. پر بلوچ صاحب لفظ ”ڪنوات“ جي جاءِ تي ”ڪوات“ معنيٰ ”ڏنگي، ڏکي وات“ ڏنو آهي. هو اهو وساري ٿو ويهي تہ سيني انهن نسخن ۾ جن جا مثال ۽ حوالا پاڻ ڏيئي پيو، انهن ۾ پهرين سٽ، ”ڪسر ڇڏ ڪنوات...“ آيل آهي. جيئن متي لفظ ”هجيءَ“ سان ”سرِ“ ملائي ”سرهجي“ ڪيو ويو هو. ساڳي رمز هتي بہ روا رکي وئي آهي، جنهن لاءِ ڪو جواز ۽ بڻ بنياد بہ ڪونهي. لطيف سنڌي ٻوليءَ جو اهڃاڻ آهي ۽ سنڌين جي ميراث ۽ ٻچاءُ آهي. اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ لفظ ”ڪنوات“ جي جاءِ تي ”ڪُوات“ ۽ ”ڪسر“ جي هنڌ تي ”ڪرها“ آڻي ڪو چوي تہ ”هي صحيح آهي“ ۽ اسين ٻوٽ ٻڌي ڪَنڌَ ڌوڻ ڪريون. بهرحال آئون پنهنجي ذات جي حوالي سان چونديس تہ، لطيف جي ڪلام، فڪر، فلسفي، پيغام ۽ فن لاءِ اهڙي عمل کي روڪڻ لاءِ ڀرپور مزاحمت ڪنديس. جيڪو سڄي دنيا جي فڪر، فن ۽ شاعريءَ جو مکڻ آهي. اهي منهنجا ئي جذبات ناهن پر جڳ مشهور ڏاهن ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي جهڙي سنجيده ۽ رچرڊ برٽن جهڙي متعصب ماڻهوءَ جو چوڻ آهي. ايئن جي هر ڪو پنهنجي خيال موجب لطيف جا بيت ۽ وايون قيرائي لفظ اونڌا ابتا ڏيئي رسالو مرتب ڪندو ويندو تہ پوءِ ڪٿي هوندو لطيف ۽ ڪٿي هوندو سندس غيرمعمولي، آفاقي ڪلام، فڪر، پيغام ۽ فن جيڪو سنڌ جو آئين آهي، تحفظ آهي ۽ جياپو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل لفظ ”ڪنوات“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”اي نوجوان اٺ“ ڏني آهي، پر ”ڪنوات“ نوجوان اٺ کي نہ پر نوجوانيءَ کان هڪ ڏاڪو گهٽ واري اٺ کي چئبو آهي، ۽ مٿي مون انن جا عمر جي حساب سان نالا ڏنا آهن.

جملو = ايڏو بار نہ رکينس اجا ڪنوات آهي.

جملو = منهنجو هي ڪنوات ٻہ هاٽي بار لائق ٿيو ڪي ٿيو.

بيت جي سمجهاڻي = وڏاندرئي ۽ برتريءَ وارو احساس ڇڏ، اي ڪچا جوان اٺ! وڪون تڪڙيون ڪٽندو هل. محبوبن جي سنئين سهنجي راهہ کي ڏنگي ۽ ڏکي نہ سمجهہ. فڪرن ۽ ڳاراٽن کي ڇڏ. سٺ ڏيئي هل. جيئن هن ئي هلندڙ/گذرندڙ رات جو ئي محبوب سان هلي ملون.

سـر ڪنيـات داسـتان 2 بيـت 23 جلـد 1

آئـون اڪنديـائي نـِمران، پريـن پـلا پـر ڏور،

ٻـاڦل ڏي نـہ ٻـور، پنـڌ نـہ جوڳـي پيـڙي.

## نـِمران :

شيخ = ان لاءِ مران، انهن لاءِ سڪان (اڪنديائي نمران = انهن جي اڪنڊ يعني سڪ يا پيار لاءِ مران)

گنج، صفحو 244.

”آئـون اڪنديـائي مـران، پريـن پـلا پـر دُور،

ٻـاڦل ڏي نـہ ٻـور، پنـڌ نـہ جوڳـي پيـڙي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام داستان 2 بيت 8 (گنج وارو بيت)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 2 بيت 8،

آئـــون اڪنديـــائي مـــران، پريـــن پـــلا پـــر ڏور،
ٻـــاہل ڏي نـــہ ٻـــور، پنـــڌ نـــہ جوڳـــي ٻـــي ريءَ.

قـــاضي، گربخشـــاڻي، شـــهواڻي، آڏواڻـــي، ڏيپلائـــي، قـــاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپو ۽ اوائلي نسخو - سيني ۾ ساڳي سٽ آهي صرف ٻن نسخن ۾ "ڏور" بدران "دور" آهي.

بيت ۾ ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ زير بحث ڪانهي. بس هڪ مثال آهي. اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحبواري نسخي ۾ بيت جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ "نمران" ٻين سيني نسخن ۾ "مران" آيل آهي ۽ "نہ مران" رڳو هڪ ميين اسماعيل جي لڪايل گنج (1207هہ) ۾ آهي. جنهن ۾ بہ "ن"، "مران" ڪان ڌار آهي. سٽ آهي، "آئون اڪنديائي نہ مران، پرين پلا پر ڏور" (مددي ڪتاب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب واري نسخطي جو جلد 2). لطيف جي ڪلاهہ سان اهڙو عمل مناسب ڪونهي.

ســـر ڪنيـــات داســـتان 2 بيـــت 24 جلـــد 1

ڪرهـــو نـــہ ڪيڪـــان، پيريـــن آئـــون نـــہ پڄڻـــي،
جـو مـون رات رسائي پريـن ڪـي، نيئـي سـاجن سـاڻ،
مـــون نـــہ وهيڻـــو پـــاڻ، وينـــي نيـــڻ نچويـــان.

**نچوئيان :**

شيخ = اڪيون (نيڻ نچويان = اڪين مان لڙڪ وهايان رئان)*

* هن بيت جي معنيٰ ڇپائيءَ ۾ نمبر غلط جاءِ تي اچڻ ڪري مونجهارو ٿيو آهي اها شيخ صاحب جي نہ پر پروف جي غلطي آهي. اصل ۾ "نيڻ" جي معنيٰ "اکيون" آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = نيٽن کي نيوڙيان، اکين کي زور ڏيان، اکيون هڪ هنڌ کپائي ڏسان.

گنج، صفحو 246 (ڪيڪاڻ) بيت ساڳيو.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 184 بيت 983 (ڪيڪاڻ)

ڪرهو نہ ڪيڪاڻ، پيرين آئون نہ پڄڻي،
جو مون رات رسائي، نيئي ساڄن ساڻ،
مون نہ وهيڻو پاڻ، ويني نيڻ نچوئيان.

شوقيرام، داستان 2 بيت 13، (ڪيڪان) برٽش ميوزيم وارو.

قليچ، داستان 2 بيت 13 (ڪيڪان) بيت برٽش ميوزيم وارو.

لغات لطيفي (قليچ) نچويان = نچوئڻ = نيوڙڻ، پاٽي ڪڍڻ، هنجون هارڻ.

قاضي، داستان 2 بيت 13 (ڪي ڪان) بيت برٽش وارو، نچويان = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 13 (ڪين ڪان) بيت برٽش وارو.

نچويان = نچوئڻ =(سنسڪرت، نچوتت) نيوڙيل، نيوڙڻ، 2. زور ڏيئي پاٽي ڪڍڻ، پتوڙيان، رئان.

شهواڻي، داستان 2 بيت 13، (ڪين ڪان) بيت برٽش وارو، نچويان = پتوڙيان، رئان.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 13، (ڪيڪان) بيت برٽش وارو، نچويان = اکين مان جل هاريان، اوسيئڙي ۾ نهاريان.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 16، (ڪي ڪان) بيت برٽش وارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 2 بيت 13، (نڪي ڪاڻ) بيت برٿش وارو. نچويان = نپوڙيان.

انصاري، داستان 2 بيت 14، (ڪيڪاڻ) بيت برٿش وارو. نچويان = معنيٰ ناهي.

بلوچ، داستان 2 بيت 25 (ڪيڪاڻ) بيت برٿش وارو. نچويان = نيڻ نچويان = اکين جا آخري ٿورڙي پاٽيءَ وارا ڳوڙها مهٽي ٻاهر ڪڍان.

مٿي بيت جي ٻي سٽ "جو مون رات رساٽي پرين ڪي، نيئي ساجن ساڻ" منهنجي راءِ ۾ شعر جي ٽيڪنڪ، معنيٰ، مفهوم ۽ وزن جي اعتبار کان درست ناهي. اهو ئي سبب آهي جو سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ پراڻي ۽ نئين مستند نسخي ۾ اها سٽ ان صورت ۾ ناهي پر "جو مون رات رساٽي، نيئي ساجن ساڻ" واري صورت ۾ آهي، يعني گنج ۽ شيخ صاحب واري بيت ۾ "پرين ڪي" وارا لفظ زيادھ آهن. پڪ سان شيخ صاحب جو شاعريءَ سان ڪو واسطو ڪونهي، نہ تہ جيڪر ڪڏهن بہ هو اها وزن کان ٻاهر سٽ نہ آڻي ها ۽ اسان کي سندس اهو جواب بہ مطمئن نتو ڪري سگهي تہ اها سٽ هُن گنج مان ڪنئي آهي، جو تہ گنج ۾ تہ الائي ڇا ڇا آهي. اسان وٽ لفظ "نچوئڻ" جو تعلق "لڙڪن، ڳوڙهن ۽ هنجن" سان آهيئي ڪونہ. "نچوئڻ" جي معنيٰ آهي "مسلسل هڪ هنڌ ڏسڻ/نهارڻ، هڪ هنڌ اکيون کپائي ڏسڻ يا اهڙي شيءِ جيڪا واضح ۽ صاف ڏسڻ ۾ نہ اچي، جيڪا يا تہ بيحد ويجهي/اوڏي هجي يا تہ گهڻو پري/ڏور هجي. ڪنهن جي اچڻ جو آسرو هجي/واعدو بہ هجي پوءِ اهو اچڻ ۾ دير ڪري يا نہ اچي تہ ان لاءِ پري پري تائين راهن ۾ اکيون وجهي مسلسل نهارجي، ۽ جي ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان کي ڏِٺ ڏيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولجي، يا پرت پرڻ مهل. سنهو سيبو ڏيندي اکين جي مسلسل استعمال کي نچوئڻ تو چئجي. لطيف فرمائي ٿو،

"مـون نـہ وهيٺـو پـاڻ، وينـي نيـڻ نچويـان"

معنيٰ = آئون پنهنجي وس ۾ ناهيان (ڇو جو پرين وٽ پهچائڻ لاءِ ڪوبہ وهيٽ. اٺ گهوڙو ڪونهي سو) ويني اکين کي وڃايان (زور ڏيئي نهاريان)

جملو = مون اڄايو نور نچوئي پرت پريا. مليو سليو ڪين بہ ڪونہ.

جملو = سڪٽو واٽن تي ويهي نيڻ نہ نچوءِ. هن کي اچٽو هوندو تہ پاڻهي ايندو.

باقي اکين کي زور ڏيئي آخري لڙڪ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ کي، "ميچوڙا" تو چئجي.

جملو = لڙڪ ڏک سان ٽا وهن، هن تہ رڳو اکين کي سڪٽا ميچوڙا ٿي ڏنا.

جملو = انجهہ نهي ڪانہ رڳو ٿي ميچوڙا ڏين.

بيت ۾ آيل لفظ "ڪيڪان" هڪ اوائلي نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي ۽ آڏواڻي وارن نسخن ۾ پڻ آهي، جڏهن تہ گنج، برٽش وارو نسخو، بمبئي ڇاپو، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ "ڪيڪاڻ" آيل آهي، ۽ گربخشاڻي، شاهاڻي، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ "ڪان" آيل آهي، پر ان جي معنيٰ سيني، گهوڙو" ڏني آهي، يعني لفظ جون صورتون ٿـي "ڪيڪان/ڪيڪاڻ/ڪان" ۽ معنيٰ هڪ "گهوڙو". ان سڄي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال ۾ منهنجي دلچسپي ۾ مقصد اهو آهي تہ اوهين بہ سڀ مون سان گڏجي اهڙن نازڪ نقطن تي ويچاريو.

بيت جي سمجهاڻي = نڪو اٺ اٺر نہ گهوڙو (ڪوبہ اولاڪ ڪونهيم) جو مون کي هلي رات جو پرينءَ وٽ پهچائي. پيرن سان پنڌ ڪري آئون پهچڻ جهڙي ناهيان ۽ آئون پنهنجي وس ۾ ناهيان. ويٺي اکين کي وڄايان/مسلسل هڪ هنڌ اکين کي زور ڏيئي پيئي ڏسان.

سر ڪنيات داستان 2 بيت 25 جلد 1
ڪرهي ڪي ڪَئين، جان وڏم پيند پلڻ جا،
ليڙو لاٽيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئي،
چانگي سندي چت ۾، ڪا صاحب وجهي سنئين،
اوباهيوس آهين، لطف ساڻ لطيف چئي.

**پيند :**

شيخ = جانورن کي پچڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگين ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون. ڏاوڻ،

منگهاڻي = اسان وٽ اٺ جي اڳين ٽنگن کي ٻڌڻ کي "جُتَ" ٿو چئجي ۽ "پيند" جي معنيٰ آهي رسو وغيره ٻڌڻ. اٺ يا جانورن جي اڳين ٽنگن جي ٻڌڻ کي "پيند" نٿو چئجي، "پيند" اٺ جي ڪنڌ ۾ وجهبو آهي (اڪثر)

**اوباهيوس :**

شيخ = ان کي اوباهيو يعني سنواريو ۽ سڌاريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = متي ڪريو، اتاريو، بيھاريو.

گنج، صفحو 252

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 34.

قليچ داستان 2 بيت 34.

لغات لطيفي (قليچ) پيند = پابند، پيوند، رسا ٻڌڻ، ڏانوڻ.

اوباھيوس = بچائڻ (نالو الله اوباھيو انھيءَ مان آھي) اوپارڻ، پيدا ڪرڻ.

قاضي، داستان 2 بيت 38، پيند = پيرن جا نير.

اوباھيوس = اوباھڻ = بچائڻ، سلامت رکڻ.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 32، پيند = (فارسي، پابند) پيرن جا نير، ڏانوڻ.

ابواھيوس = ھن کي اپو ڪري بيھاريو. مرض مان ڇٽايوس، شفا ڏيوس،

شھواڻي، داستان 2 بيت 34، پيند = نوڙن. اوباھيوس = اپو ڪري بيھاريوس.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 32، پيند = پيرن جا نير. اوباھيوس = مرض کان شفا، اپو ڪريوس،

ڏيپلاڻي، داستان 2 بيت 41

قاسمي، داستان 2 بيت 34، پيند = ڏاوڻ. اوباھيوس = اپو بيھاريوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 2 بيت 37، پيند = پيرن جا نير. اوٻاهيوس = اوٻاھڻ = بچائڻ، سلامت رکڻ.

بلوچ، داستان 5 بيت 6، پيند = پيرن جي رسن جا ڪڙا ("پيند" اٺ يا مينهن کي هڪ پير ۾ وجھبو) مضبوط رسا پلڻ جا = روڪڻ وارا، جھلڻ جا.

اوٻاهيوس = اپوڪريوس، سرهو ڪري اتاريو. سرخرو ڪريوس.

لفظ "پيند" جي معنيٰ شيخ صاحب "جانورن کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون. ڏاوڻ" ڏني آهي. جڏهن تہ اسان وٽ اٺ جي ٻنهي اڳين ٽنگن کي ٻڌڻ واريءَ رسيءَ کي "جُٽ" چئبو آهي. "ڏاڻ/ڏاوڻ/ڏانوڻ" اٺ جي هڪ اڳين ۽ ان ئي پاسي واري پوئين ٽنگ ٻڌل رسيءَ کي چئبو آهي، ۽ ڏاڻ ڳئون ۽ مينهن کي بہ ساڳيئي طرح ٻڌل رسيءَ کي چئبو آهي. ائين ئي ساڳيءَ طرح گڏھ جي هڪ اڳين ۽ ان ئي پاسي واري پوئين ٻڌل ٽنگ کي "اشڪول" يا "بيان" چئبو آهي. ڳئون جي سڱَ ۾ رسي وجهي ٻيو ڇيڙو اڳين ٽنگ ۾ ٻڌڻ واري عمل کي "دُٻُڪ" چئجي ٿو. باقي ٿُور (ننڍڙن ٻڪرن/ڇيلن) کي واڙي ۾ ڪونہ ٻڌبو آهي. انهن کي گھر اڳيان ئي هڪ خاص بنايل رسيءَ ۾ ٻڌبو آهي جنهن کي "تند" چئبو آهي ۽ اها هڪ ٻئي کان فاصلن ۾ ڪلا نوڪي ان ۾ ٻڌبي آهي، ۽ خاص بنايل رسي ۾ ٻڪرن جي ڪنڌن جي ماپ تي بنايل گول دائرن جھڙيون ننڍڙيون رسيون وچ وچ ۾ ٻڌل هونديون آهن جن کي "ڀڙائي" چئبو آهي. ٻڪر جڏهن ڏائي بس ڪندا تہ انهن کي تند ۾ اٽڪيل گول دائرن وارين ڀڙاين ۾ ڪنڌ وجهي قابو ڪبو آهي. ڳئون/مينهن جي اڳين ٽنگ ۾ ٻڌڻ واري رسي کي بہ "ڀڙائي" چئبو آهي، ۽ "پيند" اٺ جي ڪنڌ ۾ وجھبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ "اوباهيوس" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب، "سنواريو ۽ سڌاريو" ڏني آهي! هن لفظ جو درست اچار "اوپايو" آهي، ۽ جبل جو مخصوص لفظ آهي. جبل ۾ اڄان تائين "اوپايو" ماڻهوءَ تي نالو بہ رکيو ويندو آهي، "اوباهيو/اوپايو" جي معنيٰ آهي، "اتاريو، ٻيهاريو، متي ڪري، بچايو" ۽ اها معنيٰ اڪثر شارحن ڏني بہ آهي، پر شيخ صاحب الائي ڇو ان جي معنيٰ "سنواريو ۽ سڌاريو" ڏني آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اٺ کي جهلڻ لاءِ مون ڪيئي رسا/نوڙيون وڌا پر اٺ تہ نير بہ ساڻ ڪٽي (ڇنائي/ٽوڙي) وڃي ٿو لاٽيءَ کي چري. اي الله، چانگي (اٺ) جي من ۾ ڪا سيڌي ڳالهہ وجهہ/عقل سمجهہ ڏي. (اي الله) اٺ کي پنهنجي ڪرم سان اتاري/ٻيهاري ڇڏيو. (سنئين راهہ تي)

سُر ڪنڀات داستان 2 بيت 29 جلد 1،

ٻُورُ نہ چري ٻُورُ، پسيو تور تڪون ڪري،
مونيــن هٽــي موٽئــو، ڪرهــو رات ڪپــور،
ميــو تيــو معمــور، چنــدن چڪــي آيــو.

**تور :**

شيخ = ڳپ، ڪچڙو ڦل يعني ڦر

منگهاٽي = ٻچا (ننڍڙا گورا يا ڪنهن بہ مال خاص ڪري ٻڪري/رڍ جا ٻچا)

**تڪون :**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = سوچون، ويچار
منگهاڻي = سڌون، خواهشون
گنج صفحو 248 (ٻور نہ چري پور)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 178 بيت 944 (پور نہ چري ٻور)

شوقيرام، داستان 3 بيت 26 (پور نہ چري ٻور، ڇڏيو تور تکون کري)

قليچ، داستان 2 بيت 26 (پور نہ چري ٻور، ڇڏيو تور تکون کري)

لغات لطيفي (قليچ) تور= ڦر، وري ڦٽل وڻ. تکون = تک = اٽکل.

قاضي، داستان 2 بيت 28 (پور نہ چري ٻور، ڇڏيو تور تکون کري)

تور = ولين ۽ ٻوٽن ۾ ڪچڙا ڦل، بنياد، ٻڄ.
تکون= تکون کرڻ = کتون کرڻ، ويچار کرڻ.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 26(پور نہ چري ٻور، ڇڏيو تور تکون کري)

تور = (سنسڪرت = تُولَ) مکڙين ۽ گلن جي اندرين يا وچين ڦلهار.

تکون = تکون کرڻ = کتون کرڻ، واجهائڻ، لوٽا ڦيرڻ.

شهواڻي، داستان 2 بيت 27(پور نہ چري ٻور، ڇڏيو تور تکون کري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـور = گلن ۾ مکڙين جون اندريون ڦلڙيون جيڪي اٿ کـائينـدا آهن.

تڪون = تڪون ڪري = لوٽا ڦيرائي، گهور ڪري نهاري.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 26(پور نہ چري پور، چڏيو تور تڪون ڪري)

تور = گلن ۾ مکڙن جي اندران ڦلهار. تڪون = تڪون ڪرڻ = ڪنڌ ڦيرائي ڇڏي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 30(پور نہ چري پور، چڏيو تور تڪون ڪري)

قاسمي، داستان 2 بيت 26 (پور نہ چري پور، چڏيو تور تڪون ڪري)

انصاري، داستان 2 بيت 28(پور نہ چري پور، چڏيو تور تڪون ڪري)

بلوچ، داستان 4 بيت 1(پور نہ چري پور، پسئو تور تڪون ڪري)

تور = پنهنجي تور وارو گلو. تڪون = گلي ڏانهن پڇي وجڻ لاءِ واجهائي.

بمبئي ڇاپو، داستان 2 بيت 29 (مور نہ چري پور، پسئو تور تڪون ڪري)

اوائلي نسخو داستان 2 بيت 67(مور نہ چري پور، پسئو تور تڪون ڪري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ اوهان ڏنو تہ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ٻيو
ڪنهن بہ نسخي ۾ "ٻور نہ چري ٻور..." آيل ناهي. ڊاڪٽر نبي بخش
خان بلوچ جي تحقيق موجب آڳاٽن نسخن مان بہ رڳو هڪ مير علي احمد
خان ٽالپور (ٽالپر) واري قلمي نسخي ۾ "ٻور نہ چري ٻور..." آيل آهي،
جيڪو 1265ھ ۾ قلمبند ٿيل آهي.

بيت ۾ آيل لفظ "ٽور ۽ ٽڪڻ" ٻئي اسان وٽ اڄ بہ ڳالهايا تا
وڃن.

"ٽور" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڳيپ، ڪچڙو ڦل يعني ڦر" ڏني
آهي. جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ٽور" ننڍن ٻچن ۽ مال جي ڦر کي
چئبو آهي.

جملو = وڏن کان اڳ ٽور کي ٽند ۾ اٽڪائي ڇڏ. متان ٻـرَ ٿي
وڃي.

مٿي لفظ "ٻيند" جي سمجهاڻي ڏيندي، ٽور، ٽند ۽ ڀڙائيءَ" جو
بہ ذڪر ڪيو هئم. اسان وٽ جبل ۾ هڪ ٻوڪ بہ مشهور آهي اڇو تہ
اهو اوهان کي ٻڌايان. جيئن تہ ڀڳاڙ/ٻگهڙ مال لاءِ ڪُتي/موت آهي، سو
سگهڙن اهو ٻوڪ جوڙيو تہ، ڀڳاڙ ويو ڀاڳئي ڏي تہ "آئون بيرزوگار
آهيان، تو وٽ نوڪريءَ لاءِ آيو آهيان، مون کي پاڻ وٽ ڌراڙ ڪري رک"
تہ ڀاڳئي چيس، "نيڪ آهي، مون کي پڻ ڌراڙ جي سخت ضرورت هئي،
هاڻي هيئن ڪر جو منهنجا اٺ چارڻ ڏڪيا آهن تون انهن کي جهنگ جبل
۾ ڦيري چاري ورائي آڻ. آئون توکي ڀگهار ڏيندس." تنهن تي ڀڳاڙ ڏک
جهڙو منهن ڪري چيو، "ادا، آئون قد جو بندرو آهيان مونکان اٺ جو ڀير
لڏو نہ ٿيندو. تون هيئن ڪر جو سنهو مال (رڍون ۽ ٻڪريون) ڏي مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ آئون تو پهرائي وجان ۽ تور کي چارڻ ڦيرڻ لاءِ منهنجا ٻچا بہ ڏاڍا هشيار آهن.“

ٻيو لفظ آهي ”تکون“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”سوچون، ويچار“ ڏني آهي، جڏهن تہ اسان وٽ اهو لفظ ”سڌ ڪرڻ، خواهش ۽ تمنا“ واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي.

جملو = فلاڻي رڳو تکون ڪيون. سريس ڪجهہ بہ ڪونہ. سگَ وري ٻين کي مليو.

جملو = تکيائين تہ آهي پر جڏهن حاصل ٿئيس.

بيت ۾ لفظ ”پسئو ۽ چڏيو“ وارو فرق بہ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اٺ، ڪچڙا گل (ٻور) بہ نٿو کائي ۽ ننڍڙا گوڙا. ڏسي پيو سڌون ۽ خواهشون ڪري (انهن سان ملڻ لاءِ). سهڻو اٺ پنهنجي گوڏن (جسم/بدن) ۾ خوشبودار ٻوٽيون/وليون/گل لائي/گسي آيو آهي. جنهنجي ڪري خوبصورت اٺ پرٻور (ڍاول) آهي. (اٺ قد ۾ ڊگهو آهي ۽ گلن ٻوٽن جو قد ننڍو آهي. سو اتان گذرندي سندس گوڏا ٿي انهن سان لڳي ۽ گسي سگهندا. لطيف جو مشاهدو بہ دنگ آهي.)

سر کنڀات داستان 2 بيت 34، جلد 1،
ڪي جو ڪيڏانهين، چانگو چڪي آيو،
تاٽيو تيڏانهين، نيٽ چنايو نکري.

**نيٽ :**

شيخ = ٿنگ ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون، ڏاوڻ، پئند.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = انتهائي مضبوط رسا. سگهارا ۽ نہ ڇڻڻ/ڇنڻ جهڙا رسا (جيڪي خاص طور تي بيد جي وٽن ڪچن/هَرين ريشن سان بنايا ويندا آهن ۽ نهايت مضبوط هوندا آهن)

گنج، صفحو 254

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 180 بيت 956

شوقيرام، داستان 2 بيت 32

مرزا قليچ بيگ، داستان 2 بيت 32

لغات لطيفي (قليچ) نيٽ = نيٽ جا رسا، نوڙ

قاضي، داستان 2 بيت 37، نيٽ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 31، نيٽ = (سنسڪرت ويتر)، نيٽ، نيٽ جي مڙهيل مضبوط رسي، نوڙ.

شهواڻي، داستان 2 بيت 33، نيٽ = مضبوط رسي

آڏواڻي، داستان 2 بيت 31، نيٽ = نيٽ جا مڙهيل، پڪا رسا

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 38، ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

قاسمي، داستان 2 بيت 32، نيٽ = نيٽ جو مضبوط نوڙ

انصاري، داستان 2 بيت 36، نيٽ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، داستان 4 بيت 12، نيٽ = مضبوط چمڙي جو وٽيل رسو جنهن سان اٺ کي ڏانوڻ ڏجي، چمڙي جو وٽيل مضبوط ڏانوڻ

بيت ۾ لطيف سرڪار لفظ "نيٽ" مضبوط، سگهہ، ڏاڍائي، زورائتي واري معنيٰ ۾ آندو آهي. عاشق کي اٺ سان تشبيهہ ڏني آهي تہ هو معشوق لاءِ ڪيڏو درماندو آهي، حالانڪہ ڪيس وڏيون مجبوريون بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن تہ جتي آهي اتي ڪيس سڪ ۽ ڪاچ بہ ميسر آهن. گهر ۽ ٻچن جو اونو/الڪو ۽ خيال بہ اٿس. (پسيو/ڇڏيو تور تڪون ڪري) پر عشق جو اتارو پيچ عاشق ڪي حالاتن بدحال ڪري وجهندو آهي. ڪيس ڪيترو بہ پلجي پر "اَپليو نہ رهي" ۽ هو سختيون ۽ رڪاوٽون تہ اڪ تران ئي ڪونہ آٽي، ۽ پيند، ڏاڻ ۽ نير تہ ڇڏيو پر هو "نيٽ" بہ ڇنايو نڪري، "نيٽ" ڪي "بيد" ۽ "انگريزيءَ ۾ "ڪين" بہ چوندا آهن. جنهن مان بنايل فرنيچر خاص ڪري ميزون ۽ ڪرسيون نهايت پائدار ۽ مضبوط ٿينديون آهن. ۽ اسان وٽ پـُرِهَـ (مرد) نيٽ جو لڪڻ هٿ ۾ ڪٽي هلندا آهن. جيڪو مضبوط ۽ لچڪدار هوندو آهي.

ڪچي نيٽ مان بنايل رسيون ۽ رسا ڏاڍائي ۽ مضبوطيءَ ۾ دنگ هوندا آهن ۽ لطيف انهن ئي نيٽ جي مضبوط رسن جي ڳالهہ پيو ڪري تہ عاشق ايڏو اتاولو ۽ درماندو آهي (معشوق لاءِ) جو ڪيس ڪيڏو بہ بند ۾ قابو ڪيو وجي پر هو اهي سيئي بند ٽوڙي معشوق ڏانهن هليو ٿو وڃي.

نـــو نيهـــر ڏهـــ ڏاوڻيـــون، ڳلـــي پينـــد پيـــاس،
بغـــل ۾ بگـــاڙيون، لڪيـــن لوهـــ لڳـــاس،
جڏهن پرين ياد پياس، تـڏهن ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي.

يعني نيهر، ڏاڻ، پيند، لوهہ سڀ عاشق ڪي روڪڻ جا سامان آهن، ۽ "نيٽ" بہ انهن رڪاوٽن ۾ هڪ وڏيڪ مضبوط هٿيار آهي، جنهن ڳالهہ ڪي شيخ صاحب نظرانداز ڪري لفظ "نيٽ" جي معنيٰ ساڳي ئي مٿي آيل لفظ "پيند" واري ڏني آهي تہ، "ٽنگن ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون، ڏاوڻ، پئند" (ڏاوڻ ۽ پيند جي مٿي معلومات ڏني اٿم) جڏهن تہ عام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسا، نوڙيون، ڏاوڻ ۽ پيند، مست عاشق جي اڳيان ڪا حيثيت نٿا رکن. اهي تہ بس، هڪ ٿي ڇرڪ سان ڇنيو ٿو ڇڏي، ۽ لفظ "نيٽ" جي ايڏي سگهاري حوالي جي معنيٰ شيخ صاحب عام رسيون ۽ پيند ڏيئي هڪ مرگهيل، ساهہ کان بيزار ڇانگي جي تصوير اڳيان آندي آهي، جڏهن تہ لطيف هڪ مست عاشق جي ڳالهہ ٿو ڪري، جيڪو ڪنهن بہ رڪاوٽ کي نٿو مڃي/قبول ڪري. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ ٻين شارحن لفظ "نيٽ" جي معنيٰ اها ئي مضبوطيءَ واري ڏني آهي، جن ۾ گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ قاسمي شامل آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لفظ "نيٽ" جي معنيٰ "چمڙي جو وٽيل رسو، ڏانوڻ" ڏني آهي، جڏهن تہ "نيٽ" ۽ "چمڙو" بہ ڌار چيزون ۽ قسم آهن. "نيٽ" زمين ۾ مُرندو آهي، ۽ "چمڙو" مال وغيره يعني جاندارن مان حاصل ڪبو آهي. نيٽ ۽ چمڙي ۾ ڪابہ هڪ جهڙائي ۽ ڪو بہ لڳ لاڳاپو ڪونهي. نيٽ، چمڙي کان وڌيڪ مضبوط ٿيندو آهي.

بيت جي پهرين سٽ "ڪي جو ڪيڏانهين، ڇانگو ڇڪي آيو" ۾ لفظ "ڪي جو" ڪن ٻين نسخن، جن ۾ بمبئي ڇاپو ۽ هڪ اوائلي نسخو پڻ شامل آهي، انهن ۾ "ڪِين جو ڪيڏانهين، ڇانگو ڇڪي آيو" آيل آهي، يعني "ڪِين جو" آهي. ۽ "ڪِين جو" ۽ "ڪي جو" معنائن ۾ فرق ٿا رکن، ۽ اهو فرق ڪي حساس ئي محسوس ڪري سگهيا هوندا. پر جي اها حساسيت لفظن جي صورت ۾ ڇٽائي گهرندڙ آهي، تہ بہ ڪنڌ ڪونہ ڪڍائبو. شيخ صاحب واري سٽ آهي:

ڪــــي جـــــو ڪيـــــڏانهين، ڇـــــانگو ڇڪـــــي آيــــو

معنيٰ = هي جيڪو ڪنهن هنڌ تان/ڪٿان، ڇانگو (اٺ) ڇڪي/ڇشڪو وٺي آيو آهي ۽ "ڪين جو ڪيڏانهين، ڇانگو ڇڪي آيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = ڪجهہ تہ ڪنهن هنڌ تان، چانگو چڪي/چشڪو وٺي .
آيو آهي.

معنيٰ ڏسڻ ڪان پوءِ خبر پوي ٿي تہ بيت ۾ لفظ "ڪي جو" نہ پر
"ڪِين جو" آهي.

بيت جي سمجهاڻي: ڪجهہ تہ ڪٿان چانگو چڪي/لذت ۽ چشڪو وٺي آيو آهي. جو اوڏانهين پيو واجهائي ۽ مضبوط/زورائتا/سگهارا (نيٺ جا) رسا بہ ٽوڙيو/ ڇنيو پيو نڪري وڃي.

سر ڪنيات داستان 2 بيت 37 جلد 1
ڪاٺا لاٽا ڪرها، چانگا هنڌ مَ چَرُ
سُڃي ٿو سيد چئي، اڱيان بيدي بَرُ،
ڍڪيءَ هلي ڍِرُ، تہ ڪرن خبر نہ پوي.

ڍِرُ :

شيخ = پهچ، رس،
منگهاڻي = پٽو، ڪڙڪي پٽو، ڪاهہ ڪر.

هي بيت لطيف جي ڪنهن بہ مروجہ نسخي ۾ موجود ڪونهي، يا انهن سيني نسخن ۾ ڪونهي جن جا حوالا آئون ڏيئي رهي آهيان، جن ۾ گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپو ۽ هڪ نهايت ضعيف حالت ۾ اوائلي نسخو جنهن جا اڳيان بہ سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ شهيد ٿيل آهن، انهن ۾ هي متيون بيت موجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي، ۽ پڻ لطيف جي لڏل بيتن واري ڪتاب "املھہ اٿوريا" ۾ بہ هي بيت ڪونهي. شيخ صاحب هي بيت ٻئي ڪنهن قلمي يا دستخطي نسخي مان ڪنيو آهي (پاڻ رسالي جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ اهڙن بيتن جي نمبر کي گولي/دائري سان ڇٽو ڪيو اٿس. هن بيت کي بہ دائرو ڏنل آهي) بيت ۾ آيل لفظ "ڍَرَ" جي معنيٰ شيخ صاحب "پهچ، رس" ڏني آهي، جيڪا اسان جي پٽ ۾ مروج معنيٰ موجب درست ناهي. لفظ "ڍَرَ" لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو نهايت مخصوص بلڪہ مخصوص ترين لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "ڪڙڪي پوڻ، هڪدم ڪاهہ ڪري پوڻ ۽ مسلسل ڪڙڪڻ" لفظ "ڍرڻ" پسند ۽ وڻند مان ڪونہ چئبو، پر ناپسند، اڻوڻند ۽ ناگواريءَ مان چئبو.

جملو = اڄي جا رڳڻ ڍري آهي تہ اوڪاڻڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

"رڳڻ" اهو مينهن جيڪو مسلسل وسي. "اوڪاڻڻ" معنيٰ بند ٿيڻ. يا ڪو ماٺهو گهڻو ۽ تڪڙو ڪائيندو تہ چئبو،

جملو = جيئن اڄي ڪاڏي تي ڍريو آهي تہ اٿڻ جو نالو ئي نٿو وٺي.

لفظ "ڍرڻ" تي اڳتي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي. متئين بيت ۾ لفظ "هڏ" بہ آيل آهي: "ڪاٺا لاٺا ڪرها، چانگا هڏ مَ چَرَ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب نہ ڏني آهي، پر هتي لفظ "هڏ" جو ذڪر ان ڪري آيو آهي، جو سر جمن، داستان پنجين جي بيت 8 جي سٽ "هوندو هڏ مَ رک، لاءِ پياڪن پانهنجو" ۾ لفظ "هڏ" جي معنيٰ شيخ صاحب "اصل، بنهہ" ڏني آهي. ان ڪانپوءِ هن ئي سر ڪنيات جي داستان 2 جي بيت 7 ۾ آيل لفظ "هڏِ" جي معنيٰ شيخ صاحب "هڏ ۾، جسم ۾" ڏني آهي. (سٽ: "مڃڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پونئي هڏ، آهون اڪنڊين جون"). ڇا "هڏ" جي اها معنيٰ بہ آهي؟ اسان وٽ تہ پهرين معنيٰ ۾ استعمال ٿو ٿئي!

بيت جي سمجهاڻي = اي سگهارا، خوبصورت اٺ، تون سڙيل لاٽا ٻنهہ نہ کاءِ اڱيان ويران بيابان/ورڻ ٻڏجي ٿو. تون ڏک ۾ (رات مهل) لڪي لڪي پنڌ ڪري اتي ڪڙڪي پئو تہ ويرين کي پتو ئي نہ پوي.

سر ڪنيات داستان 2 بيت 38 جلد 1

چري نہ مصريءَ سنگ، چندن مان چوپا ڪري،
اکين مٿي انگ، ميي کي مجاز جا.

**مصري :**

شيخ = مصريءَ جهڙا مٺا (مصري = کنڊ جي چاش مان ٺهيل هڪ قسم جي مٺائي.)

**سنگ :**

شيخ = اَنَ پوک جي ڪانن جي چوٽين وارا حصا. سٽا منگهاڻي = "مصريءَ سنگ" بہ ڌار لفظ ناهن. جيئن شيخ صاحب ٻنهي کي ڌار ڌار ڪري معنيٰ ڏني آهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ مشهور چوٽي بلڪ مناس جي انتها ۽ ڇيهہ لاءِ هڪ اصطلاح طور اهو ورتو ويندو آهي.

**چوپا :**

شيخ = اڌ چباڙيل يا ڪاڌل وڻ جون ٽاريون يا گاهہ جا ڪانا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = عيب ڪڍڻ، خرابيءَ جو اظهار ڪرڻ/ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪرڻ. اوٽايون ڪڍڻ، اوٽائيءَ جو اظهار زباني يا عمل ۾ انداز سان ڪرڻ. واحد "چوپو" جمع "چوپا" آهي. معنيٰ عيب ڪڍڻ.

گنج، صفحو 260

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ هي بيت موجود ناهي.

قليچ داستان 2 بيت 3 (ڏنگين ۾)

لغات لطيفي (قليچ) مصريءَ سنگ = معنيٰ ڏنل ناهي. چوپا = چوپو = جا شيءِ وات مان ڪڍجي، جيئن ڪماند کائڻ وقت ڪبو آهي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 15 هن نسخي ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل ناهن.

بلوچ، داستان 4 بيت 2، مصريءَ سنگ = معنيٰ ڏنل ناهي.

چوپا= چندن جا چوپا ڪري = چندن پورو نہ کائي ۽ چوپا ڪري ڪڍي ڇڏي. ڪڇي سنڌي محاوري ۾ "چوبا" (ٻ سان) وهٽ گاهہ کائي چوپا يا چوبا ڪري.

بمبئي ڇاپو، داستان 2 بيت 14

چندن مان چوپا ڪري، چَري نہ مصريءَ سنگ،
اکين متي انگ، مي ڪي محبوب جا.

هڪ اوائلي نسخو، داستان 2 بيت 50 بمبئي ڇاپي وارو بيت.

هي بيت پڪ سان شيخ صاحب گنج مان ڪنيو آهي، ڇو جو جن ٻہ نسخن ۾ هي بيت آهي، انهن جي آخري سٽ "اکين متي انگ، ميي ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب جا" آيل آهي تنهن ڪري يقين سان چئي ٿو سگهجي تہ قليچ بيگ صاحب، ڏيپلائي صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب هي بيت بمبئي ڇاپي تان ڪنيو هوندو. ڇو جو انهن جي نسخن ۾ هن بيت جي اهائي آخري سٽ آهي، جيڪا بمبئي ڇاپي ۾ آهي. باقي اوائلي نسخي ۾ آيل سٽ بہ بمبئي ڇاپي واري آهي پر جيئن تہ ان جي تاريخ وغيره جي ڪابہ خبر ناهي تنهن ڪري ان جي باري ۾ ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهجي. لفظ "مصريءَ سنگ" جي معنيٰ ڏسڻ لاءِ وجي رهيا قليچ صاحب جي لغات لطيفي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نسخو ۽ سندس لغت "روشني" جا حوالا. ڇو جو بمبئي ڇاپو، اوائلي نسخو، قليچ ۽ ڏيپلائيءَ جي نسخن ۾ ڏکين لفظن جو معنائون ڏنل ناهن. پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ قليچ صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لفظ "مصريءَ سنگ" جي معنيٰ نہ ڏني آهي، جنهن جي ڪري منهنجو اهو يقين پختو ٿيو تہ مناس جي انتها ڪي "مصريءَ سنگ" چوڻ وارو اصطلاح رڳو اسان وٽ ئي مقبول ۽ رائج آهي، ۽ ٻي ڪنهن بہ تر ۾ اهو اصطلاح عام فهم ناهي.

جملو = انب ڪائي تہ ڏس جهڙا مصريءَ سنگ آهن.

جملو = لطيف جهڙو مصريءَ سنگ ماڻهو الله سائينءَ سنڌ کي ڏنو آهي.

"مصريءَ سنگ" گهڻو ڪري ميوي وغيره لاءِ چئبو آهي، هن بيت ۾ اٺ جي ڪاڏي ۽ چاري لاءِ چيل آهي. ٻيو لفظ آهي "چوپا" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "اٺ چباڙيل يا ڪاڏل وڻ جون ٽاريون يا گاهہ جا ڪانا" ڏني آهي. هي بيت جيئن تہ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي انهن سيني نسخن ۾ موجود ناهي جن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنل آهن، تنهن ڪري سوچيم تہ اڳيان جنهن بيت ۾ لفظ "چوپا" آيل آهي ۽ جيڪو بيت سيني نسخن ۾ موجود بہ آهي تہ اتي لفظ "چوپا" جي سمجهاڻي ڏينديس، پر ڏسڻ سان پتو پيو تہ اتي وري شيخ صاحب لفظ "چوپا" جي معنيٰ نہ ڏني آهي، اهو بيت سر ڪنڀات داستان 2 بيت 39 آهي:

"ڪـــائي نـــہ ڪنٺهـــار، چنـــدن جـــا چوپـــا ڪـــري،
اگـــر اوڏو نـــہ وهـــي، ســـرڪنڌ لهـــي نـــہ ســـار،
لاٽـــي جـــي لغـــار، ميـــو متـــارو ڪيـــو."

(بيت ۾ آيل لفظ "وهي" ٻين نسخن ۾ "وجي" آيل آهي) تنهن ڪري هتي سيني شارحن جون لفظ "چوپا" جون ڏنل معنائون ڏينديس.

شيخ، چوپا = اڌ چباڙيل يا ڪاڏل وڻ جون ٽاريون يا گاهہ جا ڪانا

قليچ، (لغات لطيفي) چوپا = جا شيءِ وات مان ڪڍجي. جيئن ڪماند ڪائڻ وقت ڪبو آهي.

قاضي، چوپا = چوپا ڪرڻ = رس چوپي ڇڏڻ، نونا ڪرڻ.

گربخشاڻي، چوپا = ٽوڪاري ڇڏڻ.

شاهواڻي، چوپا = ٽوڪاريو ڇڏي.

آڏواڻي، چوپا = ٽوڪاريو ڇڏي.

قاسمي، چوپا = معنيٰ نہ ڏني اٿس.

انصاري، چوپا = رس چوپي ڇڏڻ، نونا ڪرڻ.

بلوچ، چوپا = چندن جا چوپا ڪري = چندن کي بہ پورو نہ ڪائي ۽ چوپا ڪري ڪڍي ڇڏي. ڪڇي سنڌي محاوري ۾ "چوپا" (پ سان) وهٽ گاهہ ڪائي چوپا يا چوبا ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاٽي، چوپا = عيب ڪڍڻ، خرابيءَ جو اظھار ڪرڻ، ناپسنديدگي جو اظھار ڪرڻ. اوٽايون ڪڍڻ، اوٽاين جو اظھار زباني يا عمل ۾ انداز سان ڪرڻ. واحد ”چوپو“ ۾ جمع ”چوپا“ آھي. معنيٰ ”عيب ڪڍڻ“

لفظ ”چوپا“ اڄ بہ اسين عام ڳالھاليون ٿا، يعني ھي لفظ متروڪ يا وڃائجي ويل ناھي جو معنيٰ پڇڻ لاءِ ڪا ڏکيائي ۾ ڪشالا ڪڍڻا پون. اڳ جي پيٽ ۾ اڄ اسان جا ماڻھو بہ پنھنجي ورنديءَ جھڙا آھن ۾ لفظن جي تصديق ڪرڻ لاءِ ڪڙيا ڪٺي بيٺا آھن، پلي جيڪو اڄي ڪانئن پڇي ۾ معلوم ڪري. جيئن تہ ھاڻي ان حقيقت تان پردو ڪڇي چڪو آھي تہ لطيف سرڪار، لسبيلي ۾ ڪوھستان واري لھجي/لفظن ۾ پنھنجو اندر اوتيو آھي، اظھار ڪيو آھي ۾ اھي سڀ ڳالھيون مفروضا ثابت ٿيون آھن تہ فلاڻي سُرَ ۾ فلاڻي تر جو لھجو ۾ ٻولي آھي. مثال طور اڳ چيو ويندو ھو تہ، سسئيءَ جي پنجن سرن ۾ جبل جو لھجو ۾ لفظ آھن. مارئي، سارنگ ۾ ڏھر ۾ ٿر جي ٻولي آھي. ڪنيات ۾ ڪاڇي جي ۾ سھڻيءَ ۾ درياھي ڪڇي جي ٻولي آھي، يا سريراڳ ۾ سامونڊيءَ ۾ ڊيلٽا جي ٻولي آھي، پر منھنجي ڪتاب ”چير ڪين ڏي...“ جي منظر عام تي اچڻ سان ضرور اھا حقيقت پڌري ٿي ھوندي تہ، ڪلياڻ ھجي يا يمن ڪلياڻ (اوليا، لِچيا، ڏوڏا) ڪنيات ۾ سريراڳ ھجي (ڪِجايون، ڪَٽَ، چوپا، پَر، اڪتا) يا سامونڊي يا سھڻي ھجي (آھرڻ، سِراڙو)، سسئي ھجي يا ليلا (لانچي، جريدي، گيرپ، اوائي)، راڻو ھجي يا مارئي (مگٽ، روءِ، پھرو ۾ پھون)، ڪاموڏ ھجي يا گھاتو (ھڪيون، مارڪي ۾ ٿاڻ)، ڪيڏارو ھجي يا سارنگ (لوني، جھپ، وانديا)، آسا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي يا رپ (سوئيريائين، مرڪ)، ڪاهوڙي هجي يا بروو (ڪرڪاڻ، سڌير)، رامڪلي هجي يا ڪاپائتي (جُجَ، مُجَ، ڪَاپو)، پورب هجي يا ڪارايل (ڪورنشون، جهپ)، پرياتي هجي يا بلاول (لڱو، جُڪي، وڄا، لاڳ). لطيف سرڪار هر سُرَ ۾ سنڌي ٻولي، روح مان، اندر جي اُجل سان ٻولي آهي - پوءِ ان ڪي پلي ڪهڙي بہ پَٽَ جو لهجو ۽ اچار قرار ڏنو وڃي! باقي اهو طئي آهي تہ سنڌي ٻولي اها ئي آهي، جيڪا لطيف ڳالهائي آهي، جيڪا دنيا جي انتهائي شاهوڪار ۽ عظيم ٻولي آهي، جنهنجي هر حصي/علائقي جو نہ رڳو لهجو/اچار ۽ لفظ ذار آهن، پر چوڻيون، محاورا، ڏَڪ ۽ اصطلاح بہ گهڻو مختلف ۽ الڳ آهن. انهن مان ڪنهن کي بہ غلط يا اڻ سڌريل چوڻ نہ رڳو چريائي ۽ جهالت آهي، پر اهو ٻوليءَ لاءِ بہ هاڃي جهڙو حملو آهي، جيئن لاڙ جو اهو بہ جابلو علائقن جو پنهنجو لهجو، اچار، لفظ ۽ محاورا، اصطلاح، چوڻيون، ڏڪ، پهاڪا، پروليون ۽ شاعري آهي، ۽ اهي محض ان ڪري ڏکيا ۽ مشڪل تا لڳن جو اهي معروف ناهن.` لسٻيلي ۽ ڪوهستان واري ٻوليءَ جو وري پنهنجو الڳ مزو، مناس ۽ مزاج آهي، ۽ اهو سواد ۽ لذت اهي ماڻيندا، جيڪي ان کان واقف هوندا. اسان جي جبلن وارن قلعن/ڪوٽن ۾ ڪيئي شاعر ۽ سگهڙ هئا ۽ آهن، پر ڪوبہ انهن کان واقف ڪونهي، ڇو جو انهن جا لفظ ۽ اچار اڻ ٻڌل هئڻ جي ڪري ڏکيا ۽ مختلف تا ڀاسن، ڇو جو اهي اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ ڇپائي واري دنيا کان ڏور ۽ ميڊيا کان پري آهن. منهنجو ڏاڏو ڇتو خان منگهاڻي بکڪ پڻ هڪ وڏو ۽ منفرد شاعر هو. (حق مغفرت ڪري) ۽ ڪوهستاني لهجي جي نموني طور سنڌس هڪ بيت پيش آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڻ سسئي سمجهه ڳالهه، آهي پنڌ پري،
منزل متو ئي ڪين ڪو، ويا ڪيچي قهر ڪري،
تون اسونهين اڄ نه مرين، ڪڻ پاٽي پوڇ پري،
اميا پنڌ انن جا هلن، هوت هري،
ڪوهيارو ڪري، نظر هن نماٽيءَ تي.

هن بيت ۾ آيل ڪي لفظ اسان جي پڙهيل لکيل ماڻهن جا ته ٻڌل ئي نه هوندا، پر اهائي سنڌي ٻوليءَ جي عظيم وسعت جي شاهدي آهي.

ايئن ئي لفظ "چوپا" آهي، جنهن جي معنيٰ لطيف جي ڪنهن به شارح اها ڪانه ڏني آهي، جيڪا اسان وٽ مروج آهي يعني "عيب ۽ اوڻائي ڪڍڻ/ڪرڻ". هونئن لفظ "چوپا" رڳو "عيب" جي جاءِ تي به نٿو اچي، پر اهو "عيب"، جيڪو "عيب" نه هجي، پر ڪو ان کي "عيب" چوي ته اهڙيءَ مهل خار مان چئبو:

جملو = ڪپڙا ڌوئي اڇا ڪري ڏنا اٿم پوءِ به پيو چوپا ڪڍي ته پلي ڪڍي.

جملو = منهنجي ته هر ڪم منجهان هن کي چوپو ڪڍڻو آهي.

جي واقعي ڪنهن ۾ ڪا خرابي يا عيب هوندو ته ان لاءِ ڪونه چئبو ته، "فلاڻي چيز ۾ هي چوپو آهي". لطيف سائينءَ به ايئن ئي فرمايو آهي ته، "چندن مان چوپا ڪري" جڏهن ته چندن هڪ اعليٰ چيز آهي، ۽ ان لاءِ ته شايد آئيڊيل چارو هجي. هو مصريءَ جهڙا مٺا ڪاڄ به نٿو ڪائي ۽ چندن/صندل مان به پيو عيب ۽ اوڻايون ڪڍي. نوجوان ۽ خوبصورت اٺ جي اکين ۾ مستيءَ جون نشانيون ۽ اهڃاڻ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ڪنڀـات داسـتان 2 بيـت 42 جلـد 1
منيـون لهـي مهـان جـي تـو چانگـا چنيـون،
ولڙيـون وِهـَـ سـاءِ، اجـا پـوءِ مـُهـَـنديـون.

**مُهنديون :**

شيخ = مصيبت ۾ ڦاسائينديون، نقصان ڪنديون.
منگهاڻي = اڳيان اينديون، اڳيان آهن، اڳيون، مهڙ واريون، شروع واريون.
گنج صفحو 253 ساڳيو مٿيون بيت.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 179 بيت 953
منيـون لهـي مهـاءِ، جـي تـو چانگـا چڪيـون،
سـي ولڙيـون وهـ سـاءِ، اجـا تـوءِ مهنڊڙيـون.
شوقيرام داستان 2 بيت 29 گنج وارو بيت
قليچ داستان 2 بيت 29 گنج وارو بيت
لغات لطيفي (قليچ) مهنديون = موهينديون = خوش ڪنديون، وڻنديون.
قاضي، داستان 2 بيت 31 :
منيـون لهـي مهـاءِ. جـي تـون چانگـا چنيـون،
ولڙيـون وهـ سـاءِ، اجـا تـو مهنديـون.
مهنديون = مهنڊڙي = موهيندڙ
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 29 قاضيءَ وارو بيت
مهنديون = مهڻ، مسائڻ، نقصان ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 2 بيت 31، مھنديون = اڳتي، پريان، نقصان پھچائيندين، بيت قاضيءَ وارو

آڏواڻي، داستان 2 بيت 19، مھنديون = ڪھنديون. بيت قاضيءَ وارو.

ڏيپلائي داستان 2 بيت 34 بيت قاضيءَ وارو.

قاسمي داستان 2 بيت 29، مھنديون = نقصان ڪنديون. بيت قاضيءَ وارو (منهانءِ)

انصاري داستان 2 بيت 33 مھنديون = مھنڊڙي، موھيندڙ. بيت قاضيءَ وارو. بلوچ داستان 5 بيت 10 مھنديون = توڪي موھينديون، توڪي ڪاٺ تي ھرڪائيندين. (بيت قاضيءَ وارو آھي)

لفظ "مـُـھنديون" جـي معنـيٰ شـيخ صـاحب "مصيبـت ۾ ڦاسائيندين، نقصان ڪنديون" ڏني آھي، جيڪا شايد ھن گربخشاڻي صاحب واري نسخي تان ڪنئين آھي، جيڪا شاھاڻي، آڏواڻي ۽ قاسميءَ پڻ ڏني آھي، جڏھن تہ قليچ، قاضي، انصاري ۽ بلوچ ساڳي لفظ جي معنيٰ "خوش ڪنديون، وڻنديون، موھيندڙ ۽ ھر ڪائيندڙ" ڏني آھي، يعني ھڪ ئي تر سان واسطو رکندڙ شارحن ھڪ ئي لفظ جي معنيٰ ڌار ڌار ڏني آھي. ڪٿي" نقصان پھچائڻ ۽ ڪھندڙ" تہ وري ڪٿي "خوش ڪندڙ ۽ موھيندڙ" ان ڪي ڇا چئجي؟ ۽ لطيف جا پڙھندڙ ڪھڙي معنيٰ کي درست تسليم ڪن؟ لفظ "مـَھنديون" (م تي زبر سان آھي) ھاڻي ڪٿي اسين عام طرح سان نٿا ڳالھايون، پر تنھن ھوندي بہ ٽڙيو ڦڙيو ڪو ڳالھائي ويندو آھي. "مـَھند" معنيٰ "اڳ، شروع" "مـَھنديون" معنيٰ "اڳ واريون، اڳيان ايندڙيون، اڳيان آھن "شھواڻي صاحب لفظ "مـُھنديون" جي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نقصان پهچائيندين“ سان گڏ. ”اڳتي ۽ پريان“ بہ ڏني آهي، جيڪا حيران ڪندڙ آهي.

هي بيت گنج ۾ آهي جتان ٿي شيخ صاحب ڪنيو آهي. هڪ جهڙو آهي. پهرين گنج وارو بيت ڏسجي، (شوقيرام ۽ قليچ ۾ بہ اهو ئي بيت آهي)

منيون لهي مهان، جي تو چانگا چنيون،
ولڙيون وهہ ساءِ، اجان پوءِ مهنديون.

باقي ٻين سيني نسخن ۾ بيت جي صورت هيئن آهي:
منيون لهي مهاءِ، جي تو چانگا چنيون،
ولڙيون وهہ ساءِ، اجا تو مهنديون.

برٽش واري نسخي ۾ ”چنيون“ جي بدران ”چڪيون“ آيل آهي.

گنج/شيخ جي بيت جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ ”مهان“ ٻين نسخن ۾ ”مهاءِ“ آيل آهي، جيڪو ٿي بيت جي مفهوم ۽ قافئي موجب درست لڳي ٿو. لفظ ”مهان“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”وات يا منهن جي ذريعي“ ڏني آهي، يعني شيخ صاحب وات ۽ منهن جي معنيٰ ساڳي ڏني آهي، جڏهن تہ ”منهن“ جي معنيٰ آهي ”شڪل چهرو، ۽ ڇا منهن/شڪل ۽ چهري جي ذريعي بہ ڪجهہ ڪائي سگهبو آهي؟ ”منهن/منہ“ اردوءَ ۾ وات کي چوندا آهن سنڌيءَ ۾ نہ. بيت جي ٻي ۽ آخري سٽ ۾ ”پوءِ“ آيل آهي، يعني ”ولڙيون وهہ ساءِ، اجا پوءِ مهنديون“ جڏهن تہ ٻين نسخن (گنج کان سواءِ) ۾ ”تو“ آيل آهي، ۽ معنيٰ جي لحاظ کان لفظ ”پوءِ“ غلط ۽ لفظ ”تو“ درست ٿو لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منيـــون لهـــي مهـــاءِ، جـــي تـــو چانگـــا چنيـــون،

معنـــيٰ = اڳيـــان آيـــل/مهـــڙ ۾ شـــروع ۾ مليـــل منيـــون (وليون/ڻاريون) ڳولي، لهي جيڪي اي سهٽا اٿ، تو ڪاڏيون آهن.

وليـــــون وهـــــ ســـــاءِ، اڃـــا تـــــو مهنديـــــون

معنيٰ = زهر جهڙي سواد واريـون/ڪڙيـون ولڙيـون تہ اڃا اڳتـي آهن. (اڃٽيون آهن)

بيـت ۾ لطيـف سـرڪار اهـو پيـو سمجهـائي تـہ، سـامهون آيـل آسانيون، سهولتون، عيش ۽ مزا تہ ماٽيون ٿا، پر زندگيءَ ۾ رڳو اهيئي اڪين جي اڳيان وارا مزا ۽ سهٽا منظر ئي سڀ ڪجهہ ناهن، ۽ پرڪيو ۽ تيار رهو انهن وهہ/زهر جهڙن ڏکين وقتن لاءِ جيڪي پڻ اڳيان زندگيءَ ۾ اڃٽا آهن/اچي سگهن ٿا.

جڏهن تـہ شـيخ صـاحب جـي ڏنـل لفـظ "مـُـهنديون" جـي معنـيٰ "مصيبت ۾ ڦاسائينديون، نقصان ڪنديون" ۾ ڇڻ تہ لطيف سائين، پٽون ۽ پاراتا ٿو ڏي تہ، "اڃا تہ توکي وهہ جي سواد واريون ولڙيون مصيبت ۾ ڦاسائينديون/نقصان ڪنديون".

آئـون ننـديڻ ڪـان ئـي لطيـف کـي پڙهنـدي ٻيئـي اچـان، ڇـو جـو منهنجـي امـان "شـاهہ جـو رسـالو" تمـام گهڻـو پڙهنـدي هئـي. ايئـن اسـين سيئي ڀائر ۽ ڀيڻون، لطيف جا عاشق، شيدائي ۽ پڙهاڪو آهيـون. امان جڏهن "شـاهہ جـو رسـالو" پڙهنـدي هئـي تـہ لفظـن سـان گڏ اهـي منظـر ۽ تصويرون اڳيان اچي وينديون هيون. اهو ئي سبب هو جو اڳ مون ڪڏهن بہ لفظن جون معنائون ڏکيـن لفظن جي ڏنـل معنـائن ۾ نـہ ڦوليون هيـون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي اهڙو ڪو تصور بہ نہ هو تڏهن، پر هاڻي جڏهن لفظن جي معنائن تي ڪم ڪندي لفظ ”مُهنديون“ جي ڏنل معنيٰ ”نقصان ڏينديون، مصيبت ۾ ڦاسائينديون“ وغيره پڙهيم تہ حيرت مان اکيون ڦاٽي پيون. هاڻي ان ڳالهہ کي دير تہ گهڻي ٿي ويئي آهي، ۽ ان ڏک جو ازالو تہ هير نٿو ٿي سگهي، پر پوءِ بہ تلافي تہ ٿيڻ گهرجي. هي 80 واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي، مون کي سنڌي شاعريءَ جي اداس شهزادي جي شعري مجموعي جي مهورتي تقريب لاءِ مقالو لکڻ جي دعوت ملي، جيڪو لکي موڪليم، جنهنجو عنوان هو ”منيون لهي مهاءِ...“ ڇو جو اهو ان شاعر جو پهريون شاعريءَ جو ڳٽڪو هو. آئون پنهنجي پر ۾ خوش هيس تہ وڏي ڳالهہ ڪري ڇڏي اٿم. جو پنهنجي همعصر شاعر کي ايندڙ وقت جي مقابلي لاءِ تيار ۽ هوشيار رهڻ جي تلقين لطيف جي لفظن ۾ ڪئي اٿم. هاڻي سوچيان ٿي، بلڪ اهو منظر اڳيان ڦري ٿو اچيم تہ جڏهن منهنجو مقالو ڪيس مليو هوندو، ۽ هن عنوان پڙهيو هوندو تہ ڪيس ڪيڏو ڏک ٿيو هوندو تہ آئون (خدا نہ ڪري) ڪيس پٽون ۽ پاراتا پيئي ڏيان ۽ منهنجو موڪليل لفظن جي موتئي ۽ گلابن جو هار، ضرور ڪيس ڪنڊن ۽ ٽنڊل ڪاون/شيشن جي ڪندي ياسيو هوندو. (اي منهنجا نفيس ۽ حساس ياءُ، مون کي منهنجي اڻ ڪيل ڏوهن جي معافي ڏي.) بيت جي سمجهاڻي، متي ڏني اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر کنڀــات داســتان 2 بيــت 44 جلــد 1

چــانگي چئــي چڪيــاس، متــان اڪ نــہ الهــي،
جنهــن ول گهڻــا وهاتيــا، ان ســين آرُ لڳــاس،
چــوڏاري چنــدن وڻ، پڇــي پــوچ پيــاس،
رئــاري رت ڪيــاس، ان ڪڌاتــوري ڪرهــي.

**چڪياس :**

شيخ = آئون چڪي، يعني ٽڪجي پيئي آهيان.
منگهاڻي = مون چئي دنگ ڪيو، مون چئي ختم ڪيو، جيڪو چوڻو هو اهو چئي پورو ڪيم، پڇاڻي ڪيم.

**آر :**

شيخ = پيار، محبت
منگهاڻي = مرضي، لاڙو، رجحان

**ڪڌاتورو :**

شيخ = ناصالح، بدبنياد (ڪڌا = خراب + توري = تور واري، نسل واري)
منگهاڻي = خراب ۽ بڇڙي عادت وارو، بي چيو، ڪلچڻو
گنج صفحو 259
برٽش ميوزيم (لندن) صفحو 179 بيت 952
شوقيرام، داستان 2 بيت 39
قليچ، داستان 2 بيت 39



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) چڪياس = چڪي = ٺڪل ٺٺل، ڀليل، ٺڪي. آر = رضا، خواهش، قرب، چاهه، انگل. ڪڌا توري = ڪڌا تور، سڌا توري جو ضد، ناصالح، ڪڌ هرو، بداخلاق.

قاضي، داستان 2 بيت 43، چڪياس = چڪيءَ = ٺڪل، ڏڪويل. آر = معنيٰ ڏنل ناهي. ڪڌا توري = نالائق، بداخلاق، ڪڌ ڪاهڻ، ڀنيان ڀون.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 35، چڪياس = چٺي چڪياس = چٺي چٺي ٺڪي ڀيس. آر = (سنسڪرت آرتي/مرهٽي آر)، پيار، شوق، محبت ڪڌاتورو = (سنسڪرت ڪ = خراب + ڌاتو= ذات + رو) ٻيڄڙي ٻڻ وارو، نالائق، ڪميڻو، بدچال.

شهواڻي، داستان 2 بيت 37 چڪياس = معنيٰ ڏنل ناهي. آر = محبت. ڪڌاتوري = ڪميڻي، سڪٽي نسل واري.

آڏواڻي داستان 2 بيت 35 چڪياس = معنيٰ ڏنل ناهي. آر = پيار. ڪڌاتور = ڪلچٽو.

ڏيپلائي داستان 2 بيت 46

قاسمي، داستان 2 بيت 39، چڪياس = معنيٰ ناهي. آر = معنيٰ ناهي. ڪڌاتوري = بد بنياد.

انصاري، داستان 2 بيت 39، چڪياس = چڪيءَ = ٺڪل، ڏڪويل. آر = معنيٰ ڏنل ناهي. ڪڌاتورو = نالائق، بداخلاق، ڪڌڪاهڻ، ڀنيان ڀوڻ.

بلوچ، داستان 5 بيت 9، چڪياس = سمجهاڻيءَ سان پڄاڻي ڪري ڇڏيم. آر = لئو، آرو، ڪڌاتورو =بد ٻُڻٽو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل لفظ "چڪياس" جي معنيٰ شيخ صاحب "آئون چڪي، يعني تڪجي پيئي آهيان ڪئي آهي،" جڏهن تہ لسپيلي ۽ ڪوهستان ۾ "چڪڻ" جي معنيٰ آهي. "ختم ڪرڻ" "چڪياس" معنيٰ "مون سمجهائي سمجهائي دنگ ڪيو/ختم ڪيو/پورو ڪيو.

جملو = امان، تون سويل ڪونہ آئين هاٽي تہ چانھ چُڪي ويئي.

واحد/جمع مونث "چڪي/چڪيون واحد/جمع مذڪر "چڪيو/چڪيا" آهي. سٽ آهي "چانگي چئي چڪياس، مٿان اڪ نہ الهي"

معنيٰ = مون اٺ کي چئي ختم ڪيو/پورو ڪيو، ڇيھ ڪري ڇڏيو پر هو (اٺ) اڪ (ٻوٽو/ننڍو وڻ جيڪو ڪڙو ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن تہ مال لاءِ نقصانڪار بہ ٿي پوندو آهي.) تان نہ هٽيو. (۽ اهو ئي کائيندو رهيو)

لطيف لفظ "چُڪي" لسبيلي ۽ ڪوهستان واري معنيٰ "ختم ٿي/پوري ٿي" ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي. پر شيخ صاحب جتي ڪٿي ان جي معنيٰ مختلف ڏني آهي. مثال اڳيان ايندا.

ٻيو لفظ آهي، "آر" جيڪو شيخ صاحب واري نسخي ۾ زير سان "آرِ" آيل آهي، جيڪو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ پيش سان "آرُ" آهي، ۽ "مرضي ۽ لاڙو" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

جملو = انهن تي آرُ آندائين سو جڏهن ڏس تہ انهن وٽ وينو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مونتي ٻوڇ نہ وجهہ. مون لاءِ سيئي هڪ جهڙا آهن، منهنجو ڪنهن تي بہ آرُ ڪونهي.

سٽ آهي، ”جنهن ول گهٽا وهاتيا. ان سين آرُ لڳياس.

معنيٰ = جنهن ول گهٽن کي ڳاريو، هن جو ايڏانهن ئي لاڙو ۽ مرضي آهي.

ٽيون لفظ ”ڪذا تـوري“ آهـي. جنهنجـي معنـيٰ شـيخ صـاحب ”ناصالح، بدبنياد. خراب نسل واري“ ڏني آهي. ڪذا تورو، سذا توري جو ضد آهي. ”ڪذا تورو“ معنيٰ ”خراب عادت وارو، بڇڙو. ڪلڇٽو، ٻي لحاظ“ ۽ اهڙا سيئي لئز اچي ٿا وجن پر اسان وٽ ”بد بنياد، خراب نسل وارو، بد ٻٽو“ هرگز بہ لفظ ”ڪذا توري“ جي معنيٰ ناهي. سٽ آهي، ”رٺاڙي رت ڪياس، ان ڪذاتوري ڪرهي.“

معنيٰ = ان بڇڙي عادت واري/ڪلڇٽي اٺ، مونکي رٺاڙي رت ڪيو آهي.

سولي طريقي سان سمجهاڻي ٿيندي، ”ڪذا تورو معنيٰ ڪلڇٽو“ ۽ ”سذا تورو معنيٰ سلڇٽو“ بيت جي سمجهاڻي = مون تہ چانگي کي سڀ ڪجهہ چئي سمجهائي دنگ ڪيو، پر هو اُڪَ تان نہ هٽيو/ٽريو. (ڪاٺيندو رهيو). جنهن ول/ٻوٽي گهٽن کي ڳاري ماري ڇڏيو هو هن جو اوڏانهن ئي لاڙو/مرضي آهي. چوڏاري چندن جا وڻ جام پڇي تيار ٿيا آهن. مون کي تہ هن ڪلڇٽي اٺ رٺاڙي رت ڪيو آهي.

چندن جي وڻ لاءِ اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) اها ڳالهہ مشهور بلڪ پڪي پيل آهي تہ اهو وڻ ايڏو تہ قيمتي آهي جو هن جي چانورَ بہ جتي پوي تہ اها مٽي بہ شفا بنجي ٿي وڃي. چوندا آهن، ”وڻ -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندن، پن ـ ڪمال پٽ ـ ڦل يا ڦر ـ جاڦر (جائفل)، تڙ ـ صندل، چوڏو ـ دالچيني، پاڙ ـ چوپچيني، ڇانوَ ـ مٽيءَ ڪَتَ“ ـ سو، جي اٺ چندن مان چوپا ڪيا، نظرانداز ڪري ”اڪ“ تي آر“ اٽيندو تہ اهو ”ڪڏاتوري“ وارو لقب اوس ماٽيندو.

سر ڪنيات داستان 2 بيت 45 جلد 1

ڪُڏاتور/ڪرها، ڇڏ لاٽيءَ جي لغار،

سعيو ڪر سيد چئي، ڪائج ڪٿهار،

سُرهائيءَ جي سار، من پرين ڪَنِهون پانهنجو.

**سُرهائي :**

شيخ = (ڪٿهار جي)، خوشبو يا سڳنڌ

منگهاٽي = هڪ قسم جي سُرهي/خوشبودار ول ۽ ٻوٽي، جيڪا گهوٽن جي سيج واري سوڙ ۾ ڪپاهہ سان گڏ پوندي آهي ۽ گهوٽن کان علاوه سٺي ذوق وارا نفيس ماڻهو پنهنجي عام پائڻ وارين سوڙين ۾ پڻ ”سُرهائي“ وجهرائيندا آهن. جيڪا ننڍڙن نازڪ گلن پنن ۽ نرم ملائم ننڍڙين تارين جي شڪل ۾ هوندي آهي.

هن بيت جي نمبر کي گولو ڏنل آهي مطلب تہ هي بيت پڻ شيخ صاحب جي نسخي ۾ آيل بين اهڙن بيتن جيان، گنج، برٽش، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاٽي، شاهاٽي، آڏواڻي، قاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپو، اوائلي نسخو ۽ شاهہ جا لڌل بيتن واري ڪتاب ۾ موجود ڪونهي. هن بيت جي باري ۾ ڪيئي سوال آهن. جيڪي بين بہ گهڻن سوالن سان گڏ پاسيرا رکي بيت ۾ آيل لفظ ”سُرهائي“ جي معنيٰ ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايِنڊيس. هي لفظ متي سر جمن داستان 10 بيت 1 ۾ آيل آهي. جتي شيخ ان جي معنيٰ ”خوشبو“ ڏني آهي، ۽ هتي (ڪنڌارن جي) خوشبو، سڳند“ ڏني آهي. جيئن مون متي عرض ڪيو آهي تہ. اسان وٽ ”سُرهائي“ هڪ خوشبودار ول جو نالو آهي، جنهن ۾ ننڍڙا نازڪ نازڪ گل ۽ ڪچڙا ريشم جهڙا پن ۽ سنهڙيون ملائم وليون/تاريون هونديون آهن، جن کي سُڪائي اکري ۾ ڪُٽي ۽ پوءِ خاص ڪري گهوٽن جي سيج وارين سوڙين ۾ ڪپاهہ جي متان ڇٽي پوءِ ڇَوَ ورائي سبيون آهن، ۽ باذوق ماڻهو هونئن پنهنجي اوڇڻ وارين سوڙين ۾ بہ ”سُرهائي“ وجهائيندا آهن. بيت ۾ ان ئي نرم، ملائم ۽ سُرهي ول جو ذڪر آهي. باقي ”ڪنڌار“ جو بہ ذار ذڪر آهي. هتي اٿ کي سندس ڪاڏي لاءِ چيل آهي نہ کي خوشبو سونگهڻ لاءِ. لفظ ”سُرهائي“ اڄ بہ اسان وٽ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = هي ڪهڙي سُرهائي آندي اٿئي؟ رڱيون ڪانيون آهن.

جملو = شڪر ڪر تہ اها بہ ملي آهي، نہ تہ پٽ جي سيج واري سوڙ بنا سُرهائيءَ جي سبائين ها. هاڻي اڳ واري ڪراچي ڪانهي. مس مس نهاري سونئڻ لاءِ ڪري لي مارڪيٽ مان وٺي آئي آهيان. اتي بہ پاساريءَ چيو پي تہ ڏڪار جي ڪري سُرهائي گهٽ ٿي اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ڪنيـات داسـتان 2 بيـت 48 جلـد 1

وٺـي سـِـيٺَ سـُـوَٽ، پـاءِ پـانهنجي ڪرهـي،
وليـون واس ورنيـون، ڦـريـون مٿـي پـٽ،
چـانگي چکـي چـٽ، پـوءِ نـہ رهنـدو پئنـد ري.

**چَٽَ :**

شيخ = چشڪو، مزو، ذائقو (چکي چَٽَ = ڪائي مزو ورتو)
منگهاڻي = ٿورڙي، ذري، ايتري ٿوري جو ڪائي نہ سگهجي.
ڄڻيي سان چٽي ڄڏجي. (ڪائي مزو تہ گهٽي چيز مان وٺبو آهي.)
گنج صفحو 250
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 30
قليچ، داستان 2 بيت 30
لغات لطيفي (قليچ) چَٽَ = لذت، چش
قاضي، داستان 2 بيت 36 چَٽَ = چاٽو، لذت.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 30 چَٽَ = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 2 بيت 32، چَٽَ = چهري ۽ سواد واري.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 30 چَٽَ = ٿورو، چشڪو.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 37.
قاسمي، داستان 2 بيت 30، چَٽَ = لذت.
انصاري، داستان 2 بيت 34، چَٽَ = چاٽ، چاٽو، لذت
بلوچ، داستان 4 بيت 18، چَٽَ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ڇَٽَ“ جي معنيٰ لڳ ڀڳ سيني شارحن ”مزو ۽ لذت“ ڏني آهي، سواءِ آڏواڻي صاحب جي جنهن ”لذت“ سان گڏ ”ٽورو“ بہ ڏني آهي، جيڪا معنيٰ لفظ ”ڇَٽَ“ جي معنيٰ جي قريب آهي. لفظ ”ڇٽ“ اڄ بہ اسان جي وڏڙن وٽ مروج آهي.

جملو = آئون وٽس ٻوڙ لاءِ ويس، مونکي هيءَ ڇَٽَ ڏنائين. پاڻ اسان وٽ اچي تہ اسين کيس ٽانوَ ڀري ڏيندا آهيون.

جملو = ڪنگهہ لاءِ ماکيءَ ـ ڇَٽَ هجي. پر هن ڏڪار ۾ اها بہ ڪانهي.

لفظ ”ڇَـٽَ“ جي معنيٰ آهي، ”ذرڙي، ذري، تمام ٿوري، ڪاڻ جيتري نہ پر ڇَنَڻ جيتري، سٽ آهي،

”ڇـانگي ڇکـي ڇـٽ، پـوءِ نـہ رهنـدو پئنـد ري“

معنيٰ = اٽ جي ذرڙي بہ ڇکي ڏني، تہ پوءِ هو ٻڌڻ کان سواءِ نہ رهندو.

”ڇٽ“ جي ٿورائيءَ جو ان مان ئي اندازو لڳائي ٿو سگهجي تہ لطيف، ”ڪاڻ“ جي ڳالهہ نٿو ڪري پر ”ڇڪڻ“ جي ٿو ڪري ۽ ڇڪڻ لاءِ تہ ذري شيءِ کٽبي آهي.

بيت ۾ لفظ ”پيند“ بہ آيل آهي جنهنجي سمجهاڻي متي سر ڪنڀات داستان 2 بيت 25 ۾ ڏني اٿم. جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ ”جانورن کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌل رسا يا نوڙيون، ڏانوڻ“ ڏني هئي ۽ هتي ساڳئي لفظ ”پيند“ جي معنيٰ ”جانورن کي ٻڌڻ لاءِ اڳينءَ ٽنگ ۾ وڌل رسي“ ڏني آهي، يعني هڪ هنڌ اڳيون ٻئي ٽنگون ٻڌڻ جي ڳالهہ هئي ۽ هتي هڪ اڳين ٽنگ ٻڌڻ جو ذڪر آهي، جڏهن تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانورن کي ٻڌڻ لاءِ ھڪ الڳ ۽ ٻن ٽنگن جي ٻڌڻ جا ڌار ڌار نالا آھن، جيڪي مٿي ٻڌايا اٿم. ھي لفظ ”پيند“ آھي. پيند“ نہ (يعني ”ڏ“ سان ڪونھي) جيڪو بلوچ صاحب ”پنڌ“ بنائي ڇڏيو آھي، ۽ چوي ٿو تہ وڏيڪ صاف سھڻي معنيٰ واري پڙھڻي، ”پنڌ ري“ آھي. يعني تہ پوءِ ھميشہ اوڏاھين پنڌ ھوندس. بلوچ صاحب لفظ ”ڪنواٽ“ کي ”ڪُواٽ“ لفظ ”ھڇي“ کي ”سَرھڇي“ ٿو لکي، ۽ ”ڪنواٽ ۽ ھَڇي“ جھڙن زندھ جاويد لفظن لاءِ فرمائي ٿو تہ اھي ڪاتبن ۽ ڪتابت جون غلطيون آھن، جن لاءِ وٽس ڪي مثال بہ ناھن، ۽ ايئن وري ھتي ”پيند“ کي ”پنڌ“ لکيو اٿس.

جنھن بيت جو حوالو ڏيندي بلوچ صاحب چوي ٿو تہ، ”پنرھن پينڌ بہ ڪرھو چنائي ٿو وڃي، اتي ھڪ پينڌ ان کي ڪيئن جھليندو؟ تہ ان لاءِ عرض آھي تہ اتي لفظ ”پنرھن/پندرھن“ آھيئي ڪونہ. (جيئن گھڻن نسخن ۾ آھي تہ، ”نو نيھر ڏھہ ڏانوٽيون، پندرھن پيند پياس“) جڏھن تہ بمبئي ڇاپي ۾ ھن صورت ۾ آھي: ”نو نيھر ڏھہ ڏانوٽيون، ڳلي پيند پياس“ - يعني ھتي ”پيند“ جي پڻ صفائي/ چٽائي ٿي تہ اھو ڳلي ۾ پوندو آھي.

بيت جي سمجھاڻي = وڏا مضبوط رسا وٺي پنھنجي ڪرھي (اٺ) کي وجھہ/ٻڌ. خوشبودار وليون پٽن تي پکڙيون آھن، چانگي (اٺ) جي ذرو بہ ڇڪيو تہ پوءِ سواءِ مضبوط ٻڌڻ جي ھو ڪونہ بيھندو.

(جھنگ، جبل ۾ اٺن کي ٻڌبو ناھي، بلڪ ھو چيڪ ڦرندا آھن. رات جو بہ آٽي آستان تي ڇڏبا آھن، تنھن ڪري ئي لطيف بادشاھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمائي ٿو تہ، ”پوءِ نہ رهندو پيند ري“ يعني پوءِ هو ٻڌڻ کان سواءِ نہ بيهندو. (هليو ويندو/پڇي ويندو)

سر ڪنڀات داستان 2 بيت 59 جلد 1
هونگر هلايوم، ڏئو موڙ مهار جي،
وسان جي ويوم، ڪرهو تي ڪامون سهي.

**ڪامون :**

شيخ = لڪڻ، ڇهبڪ، لنيون، ٻانٽا
منگهاٽي = لوهہ جون شيخون، واحد ”ڪام“ جمع ”ڪامون“.
هتي لفظ ”ڪامون“ جي نئين معنيٰ متعارف ڪرائڻ مقصود اٿم تہ اسان وٽ لوهہ جي شيخ کي بہ ”ڪام“ چئبو آهي، ۽ درين ۾ لڳل ڏگهيون گول گول لوهي شيخن کي بہ ”دريءَ جون ڪامون“ ٿو چئجي. مٿي آيل معنيٰ سان اختلاف ڪرڻ جي گنجائش ان لاءِ بہ نٿي رهي تہ هڪ ٻي بيت ۾ آهي:
”ڪامون ميڇيجا...“ هتي بس اهو ئي چوٽو هوم.

سر ڪنڀات داستان 2 بيت 50 جلد 1
ڪامون سهہ مَ ڪرها، ٻانٽا سهہ مَ ٻُٺ،
للہ لڳ لطيف چئي، هوري هل مَ اٺ،
پرين پرچايون رُٺ، ڏني جن ڏينهن تيا.

گنج، صفحو 252 (للہ لڳ لطيف چئي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 2 بيت 36 (لله لڳ عنايت چئي)

ڪـــامون ســـهہ مَ ڪـــرَهـــا، بانـنـــا ســـهہ مَ بـــٽ،

لله لـــڳ عنـــايت چئـــي، هـــوري هـــل مَ اٽ،

تـــہ پريـــن پرچـــايون رٽ، جـــن وڏوڙي ورهـــہ تيـــا.

قليچ، داستان 2 بيت 6 شوقيرام وارو بيت (لله لڳ عنايت چئي)

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 43 شوقيرام وارو بيت (لله لڳ عنايت چئي)

قاسمي داستان 2 بيت 36 شوقيرام وارو بيت (لله لڳ عنايت چئي)

باقي بين سيني نسخن ۾ هي بيت موجود ناهي، جن ۾ بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخو، برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، انصاري ۽ بلوچ وارو نسخو شامل آهن. اوهان ڏٺو تہ رڳو گنج واري بيت ۾ ئي ”لله لڳ لطيف چئي...“ آيل آهي. جتان ئي اهو بيت شيخ صاحب ڪنيو آهي. جڏهن تہ ديوان تاراچند شوقيرام واري نسخي ۾ (جيڪو سن 1900ع ۾ ڇپيو آهي.) آيل بيت ۾، لله لڳ عنايت چئي...“ آيل آهي، جتان ئي (شايد) قليچ صاحب، ڏيپلائي صاحب ۽ قاسمي صاحب اهو بيت ڪنيو آهي. گنج ۽ شيخ صاحب واري بيت جي آخري سٽ آهي.

”پريـــن پرچـــايون رُٽ، ڏنـــي جـــن ڏينهـــن تيـــا.“

معنيٰ = رٺل پرين پرچايون، جن کي ڏني کي ڏينهن ٿي ويا آهن. شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ واري بيت جي آخري سٽ آهي، ”پرين پرچايون رٽ، جن وڏوڙي ورهہ تيا“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = رنل پرين پرڇايون جن کي رسندي کي ورهہ ٿي ويا آهن.

منهنجي خيال ۾ معنيٰ جي حساب سان گنج ۾ شيخ صاحب واري سٽ درست نٿي لڳي، ڇو جو محبوبن کي ڏسڻ واري سڪ ۾ اکنڊ ٻي ڳالهہ آهي. ”ڏٺي جن ڏينهن ٿيا.“ پر سٽ جو پهريون اڌ ”پرين پرڇايون رٺ...“ پونئين اڌ سان نهڪي نٿو. رنل پرين تڏهن پرڇائبا، جڏهن هو رنل هوندا/ڏمريل هوندا. ”جن وڏوڙي ورهہ ٿيا“ يا جن کي رسندي ورهہ ٿيا، تنهن ڪري ڇئي ٿو سگهجي تہ شوقيرام وارو بيت معنيٰ جي حساب/لحاظ کان درست آهي. باقي بيت ڪنهنجو آهي؟ لطيف سرڪار جو يا شاهہ عنايت جو؟ اهو فيصلو ڪرڻ منهنجي ذميداري ناهي! پر جي سيئي هڪ هنڌ هن متئين بيت جي هڪ هڪاٽي لاءِ مُڇَ ٿيا تہ مونکي بہ سڌ ڏيڻ گهرجي. آئون بہ پنهنجي مضبوط راءِ رکان ٿي.

سُر ڪنيات داستان 2 بيت 51 جلد 1،

سچو پسي مون سجين، ڪرها توکي ڪام،
مانَ پروڙي مام، ساڳاپي سنئين وهين.

**سجين :**

شيخ = هنئي، لڳائي

منگهاٽي = آچين، هٹڻ ۾ لڳائڻ واري انداز سان. پر هنئي ۾ لڳائي نہ.

گنج صفحو 252 (سجي)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 2 بيت 35 (سجي)

قليچ، داستان 2 بيت 35 (سجي)

لغات لطيفي (قليچ) سجي = سجڻ = سامهون ڪرڻ، هٽڻ، الهاڙڻ.

قاضي، داستان 2 بيت 39 (سجي) سجي = الاري، نشان ڪري، چتائي، اکيون ملائي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 33، سجين = لڳائي، هنئين.

شاهاڻي، داستان 2 بيت 35، سجين = توکي هنيو يا لڳايو.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 33 سجي = هنئي، لڳائي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 42، (سجي)

قاسمي، داستان 2 بيت 35، سجي = لڳائي.

انصاري، داستان 2 بيت 38، سجئي = الاري، نشان ڪري، چتائي، اکيون ملائي.

بلوچ. داستان 5 بيت 3، سجي = معنيٰ ڏنل ناهي.

لفظ "سجڻ" جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ ٻين ٻـ گهڻن شارحن "هنئي ۽ لڳائي" ڏني آهي، جيڪا اسان واري لهجي موجب درست ناهي. "سجڻ" معنيٰ "آڇڻ يا آڇ جيان ئي اڳتي وڌائڻ" يعني ڪابہ چيز قولن نہ، پر فعلن ڏجي، پر عملن ڏيئي ڇڏڻ. هٽڻ يا لڳائڻ "سجڻ" ناهي. رڳو اڳيان ڏيڻ واري نموني وڌائجي يا ڏيڻ واري طريقي ڏيکارجي پر اها ڏجي نہ. لفظ "سجڻ" اڄ بہ اسين عام ڳالهائيندا آهيون.

جملو = اتي سيءُ گهڻو هو، هَن شال سجي پر ڏنائين ڪونہ.

جملو = هن ڪاوڙ مان لٺ سجي پر هنيائين ڪونہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اصيل ۾ حال پائي سمجهي مون توکي لکڻ سڄيو/وڏايو/آڇيو هو. تہ شايد تون ايئن رمز/راز سمجهي هينيائين وٺي سيڌو هلين.

سر کنڀات داستان 2 بيت 52 جلد 1
ڪرهو توءِ نہ مون، وئو درياهان پار،
پنجوڙڪي پيرن ۾، ڪرهي سِنئَن ڪپار،
نڪي لهر لوڙهيو، نڪي ٻوڙيو تار،
اکين جي آر، تري ويو واهڙو.

## سِنئَن :

شيخ = ڏيا، دهشت، رعب، مٽيا، جوت، نور.
منگهاڻي = سينئن/سينهن/شينهن

## ڪَپارِ :

شيخ = ڪپار ۾، نراڙ ۾، پيشانيءَ ۾.
منگهاڻي = متو، سسي (ڪِپار ۾)

## تارِ :

شيخ = اونهي پاڻيءَ
منگهاڻي = پريل، چڪار، هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين پريل تارون تار.

## آرِ :

شيخ = آر سان، آڌار سان، وسيلي سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = مرضي، لاڙو، رجحان.

بيت جي نمبر ڪي دائرو ڏنل آهي يعني هي بيت گنج، برٽش، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخي ۽ ڪتاب "املهہ اٽتوريا" (شاهہ جا لڌل بيت) ۾ ڪونهي.

بيت لطيف جو آهي يا نہ؟ ان تي بحث ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ يا بيت کي صحيح/غلط قرار ڏيڻ هن مهل منهنجو مسئلو ڪونهي.

بيت ۾ آيل ٻهريون لفظ "سنئن" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ڏيا، دهشت، رعب، مٽيا، جوت ۽ نور" ڏني آهي. لفظ "سنئن" (سِينئَن) نج پڃ ڪوهستاني لفظ آهي، جيڪو لفظ "ڪِپار" سان گڏ ڇوڙ سان تہ هيڪاري منديءَ تي ٿِپَ جيان سونهن ۽ ڏيکاءُ ڏئي پيو. اڄ بہ جبل ۾ "شينهن" کي "سينئن ۽ سينهن" چيو ويندو آهي، جيئن "شربت کي سربت" تا چون. ۽ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ "شينهن کي شينهن" اصل چون ئي ڪونہ، پر چون ئي "سينئن يا سينهن" تا. ۽ لفظ "ڪِپار" (زير سان) اسين "مٿي ۽ سسيءَ" کي چئون. "ڪرهي سنئن ڪِپار" معنيٰ، اڻ جو شينهن جيڏو/جهڙو مٿو هو/آهي، يعني = ڪرهو (اٺ) شينهن جهڙو طاقتور ۽ سگهو آهي، جنهن کي ڪي بہ ٻنڌڻ جهلي نتا سگهن.

لفظ "ڪِپار" پڻ اسان وٽ اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي. ڪو ماڻهو مضبوط، سگهارو، قداور هوندو ۽ مٿو بہ روايتي سنڌي نموني وينل هوندو تہ چئبو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻو قداور سهڻو آهي. هيڏو وڏو تہ سندس ڪِپار آهي ،يا ڪو بيمار هوندو ۽ اکيون متي هونديس تہ چئبو،

جملو = هاڻي الائي ڪهڙو حال اٿس. سوڀل تہ اکيون ڪِپار ۾ هيون.

ٽيو لفظ "تارِ" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "اونهي پاڻيءَ" ڏني آهي جڏهن تہ لفظ "تار" پنهنجي اصل ۽ حقيقي معنيٰ "مڪمل ڀريل، ۽ تارو تار" واري معنيٰ ۾ آئون پاڻ بہ ڪراچيءَ ضلعي سينٽرل ۾ ويهي ڳالهائيندي آهيان.

جملو = ايتري چانهہ ڪير پيئندو! ڪوپ تار ڪري آئي آهين.

جملو = هاڻي هن مينهن ڪان پوءِ شڪر آهي ڍنڍون ڍورا تار پيا وهن. جڏهن تہ "اونهي پاڻيءَ" ڪي اسان وٽ "تار" نٿو چيو وڃي.

چوٿون لفظ "آرِ" آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "آر سان، آذار سان، وسيلي سان" ڏني آهي. متي سر ڪنيات داستان 2 بيت 44: "جنهن ول گهڻا وهاتيا، ان سين آر لڳياس" ۾ لفظ "آر" جي معنيٰ شيخ صاحب "پيار ۽ محبت" ڏني هئي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ، "آذار سان ۽ وسيلي سان" ڏني آهي. ٻنهي بيتن ۾ لفظ "آر" اسان واري معنيٰ "مرضي، لاڙو، رجحان" سان آيل آهي.

لفظ "آر" جي متي جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم.

اصولن تہ هن بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ نہ گهرجي، پر جيئن تہ يڪا چار لفظ اهڙا آهن جن جي معنيٰ سان اختلاف آهي، تنهنڪري منهنجي ڏنل معنائن سان ڏسجي تہ بيت ڪيئن ٿو بيهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اٺ تہ نڪو تو وٺ رهيو، نڪو مون وٽ رهيو، هو تہ هليو ويو، او، درياهہ جي هُن پار. پيرن ۾ رسا ۽ نيهر ٻڌل اٺ جو مٿو شينهن جهڙو آهي. هن کي (اٺ کي) نڪو لهرن لوڙهيو نہ ئي پريل تارون تار درياهہ ٻوڙيو. اکين/دل جي مرضيءَ تي هو درياهہ (پار) ڪري ويو.

سـر ڪنيـات داسـتان 2 بيـت 53 جلـد 1
اجـا ٻـور ٻهـاڻ، ڏٺيـن ڏٺـي هـٿ ڪيـو،
سـاز مڙيئـي سـون جـو، مٿـس پـاڪ پـلاڻ،
پريـن چڙهنـدو پـاڻ، والـي ٿينـدو وڳ جـو.

**ٻهاڻ :**

شيخ = ٻہ سالو، ٻن سالن جي عمر جو.

منگهاڻي = ”ٻهاڻ“ نوجوان گهوڙي ۽ گَڏَهـ (ماديءَ) کي چئبو آهي ۽ اٺ کي، ”ٻهاڻ“ چئبو ئي ناهي.

گنج، صفحو 252.

باقي برنش، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپو ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي، يعني سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ هي بيت ناهي ۽ گنج ۾ تہ لطيف کان علاوه ٻين بہ گهڻن جا بيت/وايون شامل آهن، ۽ هي بيت پڻ انهن تڪراري بيتن جي هڪ ڪڙي آهي، پر هتي منهنجو موضوع لفظ ”ٻهاڻ“ آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ٻہ سالو، ٻن سالن جي عمر جو“ ڏني آهي. اسان وٽ (لسپيلي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوھستان ۾) ٻن يا ٽن سالن جي اٺ کي ”ڇڪو ڇَٽ“ تو چئجي. ”ڀهاڻ“ ۽ ”ٿهاڻ“ اٺ لاءِ چئبو ئي ناھي. ”ڀهاڻ“ نوجوان مادي گهوڙي ۽ گڏھ کي چئبو آھي ۽ ”ٿهاڻ“ نوجوان مادي مينهن کي چئبو آھي. جبل ۾ سگهڙن جا چيل ٻول لفظن جو پاڻ ئي تعارف ھوندا آھن.

مـــــــڙس جـــــــي رهـــــــاڻ پلـــــــي،
گهـــــــوڙيءَ جـــــــي ڀهـــــــاڻ پلـــــــي،
مينهـــــــن جـــــــي ٿهـــــــاڻ پلـــــــي،
جـــــــوءِ مڙيئـــــــي جـــــــواڻ پلـــــــي،
اهـــي چـــارئي طـــوق پـــلا. ٽڪـــا مڙيئـــي روڪ پـــلا.

لطيف بادشاھ تہ سنڌ جي ھر پٽيءَ جي لهجي، اچار ۽ لفظن جو ماھر استاد ھو ۽ پنهنجي الهامي ۽ لافاني ڪلام ۾ آٿڻ جي ڀرپور قوت رکندڙ ھو. اھو پلاٿ کي ڪيئن ٿو ”ڀهاڻ“ چئي سگهي؟ بيت ۾ آيل لفظ ”ڀُور“ ٻچي کي چئجي ٿو. گنج تـوڙي شيخ صاحب واري نسخي ۾ ڪيئي بيت اھڙا آھن جيڪي لطيف سرڪار جا ناھن پر لطيف سرڪار جي معتبر نالي ۾ ھرويرو واڙيا ويا آھن. انهن ئي بيتن ۾ ھڪ ھي مٿيون بيت بہ آھي ۽ ھن بيت لاءِ آئون يقين سان ٿي چوان تہ ھي مٿيون بيت لطيف سرڪار جو ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ڪنڀـات داسـتان 2 بيـت 59 جلـد 1
لـڪ لاڪيڻـو ڪرهـو، ڪوڙيـون ڏيئـي ڪاهـہ،
آهـر ۾ ايلاچيـون، پـوچ ميـي ڪـي پـاءِ،
ڪـٿ نـہ ڪنـدو ڪـاءِ، پلاڻيـو تـہ پريـن مـڙي.

**ڪَٿَ :**

شيخ = سوچ ويچار
منگهاڻي = ڪٿ ڪتا، منٿون، ايلاز، وينتون.
گنج صفحو 249 (ڪوڙيون)
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام داستان 2 بيت 53 (ڪوڙين)
قليچ، داستان 2 بيت 53 (ڪوڙيـن) لغـت، ڪـٿ = ڏرائـي، ڳڻتي، ڳاڻيٽو، ويچار.
قاضي، داستان 2 بيت 48 (ڪوڙين) ڪٿ.
گربخشاڻي داستان 2 بيت 47 (ڪوڙين) ڪٿ.
شهواڻي، داستان 2 بيت 50 (ڪوڙين) ڪٿ = ڪٿ نہ ڪندو = ڪابہ ڳڻڳوت نہ ڪندو.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 48 (ڪوڙين) ڪٿ.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 61 (ڪوڙين)
قاسمي، داستان 2 بيت 52 (ڪوڙين) ڪٿ.
انصـاري، داسـتان 2 بيـت 54 (ڪوڙيـن) ڪـٿ، بمبئـي ڇـاپو داستان 2 بيت 26 (ڪوڙين)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوائلي نسخو، داستان 2 بيت 83 (ڪوڙين)

لفظ "ڪت" جي هن سر ڪنيات جي داستان 2 ۾ بيت 6 ۾ جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. هتي رڳو لفظ "ڪت" جي مختلف معنيٰ جي نشاندهي ڪرڻ مقصود اٿم. جڏهن تہ اصل مقصد هن بيت ۾ آيل لفظ "ڪوڙيون" تي بحث ڪرڻ آهي جيڪو سواءِ گنج جي باقي ٻين سيني نسخن ۾ "ڪوڙين" آيل آهي. "ڪوڙيون" ۽ "ڪوڙين" جي معنيٰ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. جيئن تہ بيت ۾ خريد ۽ فروخت / ونڻ، وڪڻڻ ۽ حساب ڪتاب جي ڳالهہ آهي پوءِ تہ هيڪاري اهميت وڌي تي وجي. لفظ جمع "ڪوڙيون" جو واحد "ڪوڙي" آهي جنهنجو هڪ پيسي کان بہ گهٽ قدر آهي. ٻئي طرف لفظ (جمع) "ڪوڙين/ڪروڙين" واحد "ڪوڙ/ڪروڙ" جي قدر کان هر ڪو واقف آهي - ڪٿي ڪروڙ ۽ ڪٿي ڪوڙي ۽ بيت جو پهريون لفظ آهي "لک" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "چيلهہ يعني ڪمر جو" ڏني آهي جڏهن تہ ٻين سيني نسخن ۾ "لک" آيل آهي. شيخ صاحب جي سٽ آهي.

لــــک لاکيڻــــو ڪرهـــو، ڪوڙيـــون ڏيئـــي کاهـــــ،

"ڪوڙيون" جي شيخ صاحب معنيٰ کانہ لکي آهي البت "ڪوڙيين" جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ڏنيون آهن جيڪي آهن "ڪوڙيون، ويهون، ڪروڙ، تمام گهڻي قيمت" ان ۾ هڪ معنيٰ ڪوڙيون بہ آهي. ڪوڙي/ڪوڏي پيسي ۽ ٽنگر ڏوڪڙ کان بہ گهٽ قيمت واري ٿيندي آهي.

ٻين نسخن جي سٽ آهي:

لک لاکيڻــو ڪرهــو، ڪوڙيــن ڏيئــي کاهـــ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = لک لائق اٿ. ڪروڙين ڏيئي بہ ڪاهي/خريد ڪري وڃ.

سـر ڪنيـات داسـتان 2 وائـي 1 جلـد 1

آهـنـِـمر ڳـالهڙيون، مـاءِ مـرادون پريـنءَ سـين،

سـٽ 3: جـي مـان اوريـون پريـنءَ سـين، وَرُسـي راتڙيـون.

**اوريون :**

شيخ = رهاڻ ڪندي گذاريون

منگھـاٽي = جن ۾ ڏک سک بيـان ڪيـا هـئا، وارتـائون ٻڌايـون

هيون

گنج، صفحو 258

برٽش ميوزيمر (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 وائي 1

قليچ، داستان 2 وائي 1

لغات لطيفي (قليچ) اوريون = معنيٰ ڏنل ناهي.

قـاضي، داسـتان 2 وائـي 1، اوريـون = اوريـن = حـال ٻڌائيـن،

ڳرهين.

گربخشاڻي، داستان 2 وائي 1، اوريون = معنيٰ ڏنل ناهي.

شاهاڻي، داستان 2 وائي 1، اوريونِ = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 2 وائي 1، اوريون = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 2 وائي 1

قاسمي، داستان 2 وائي 1، اوريون = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 2 وائي 1، اوريون = اورين = حال ٻڌائين، ڳرهين.

بلوچ، داستان 4 وائي 1 اوريون = جي مان اوريون پرينءَ سين، وَرُ سي باتڙيون.

بمبئي ڇاپو داستان 2 وائي 1 لفظ "اوريون" واي سٽ ڪانهي.

اوائلي نسخو، داستان 2 وائي 1 لفظ "اوريون" واري سٽ ڪانهي.

لفظ "اورڻ" منهنجي خيال ۾ تہ سڄي سنڌ ۾ ساڳي "حال ٻڌائڻ، ڏک سک بيان ڪرڻ ۽ وارتائن کان آگاهہ ڪرڻ" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي، جڏهن تہ شيخ صاحب لفظ "اوريون" جي معنيٰ "رهاڻ ڪندي گذاريون" ڏني آهي. "اورڻ" ۽ "رهاڻ ڪرڻ" ٻہ ڌار ڪيفيتون آهن. "رهاڻ"، خوشي ۽ چاهت جي مذڪورن لاءِ مخصوص لفظ آهي. "اورڻ" ۾ ڏک ۽ سک ٻئي تا بيان ڪجن ۽ سکن جي نسبت ڏکن جي ڳالهہ سرس هوندي آهي. جيئن ٻن ڏکويلن کي گهڻي دير تائين ڳالهائيندو ڏسي چئبو،

جملو = ٻئي هڪ جهڙا ڏکايل آهن، پاڻ ۾ پيا اورين.

جملو = فلاڻيءَ اوريو پي اڇي ٻڌڻو هيئي، سيني ساڻس گڏ ٿي رنو.

"فلاڻيءَ اوريو پي" معنيٰ "فلاڻيءَ ڏک ٿي بيان ڪيا"

جڏهن تہ "رهاڻ" خوشي ۽ سک لاءِ چئبو آهي."رهاڻ ڪندي گذاريون" معنيٰ "خوشيون/محفلون ڪندي گذاريون" سٽ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جــــي مــــان اوريــــون پريــــنءَ ســــين، ور ســــي راتڙيــــون.

معنيٰ = جيڪي مون محبوبن سان ڏک سک ونڊيندي گذاريون هيون، اهي بهتر/سٺيون ۽ لائق لڳيون راتيون هيون.

يعني اهي معتبر ۽ بهترين راتيون هيون جيڪي مون پرين سان گڏ، حال بيان ڪندي، وارتائون ٻڌائيندي گذاريون هيون.

هيءَ متين سٽ، ٻن معتبر ۽ مستند نسخن، بمبئي ڇاپي ۽ اوائلي نسخي ۾ موجود ناهي. (يعني وائي ته آهي پر اها سٽ ناهي.) باقي بلوچ صاحب سٽ ۾ آيل لفظ ”راتڙيون“ کي بنا ڪنهن جواز جي بدلائي ”ٻاتڙيون“ ڪيو آهي جنهن لاءِ پاڻ ٿي بلوچ صاحب ڄاڻائي ٿو ته، ”ڇاپي وارن رسالن کان سواءِ 26 اهڙا قلمي ۽ دستخطي نسخا به آهن جن ۾ پڻ اها سٽ لفظ ”راتڙيون“ سان آيل آهي. بلوچ صاحب وڌيڪ لکي ٿو ”ٻي (وائيءَ جي) مصرع ۾ سڀني قلمي ۽ ڇاپي رسالن جي پڙهڻي ساڳي پهرين مصرع واري آهي يعني ”ور سي راتڙيون“ ان مان ظاهر آهي ته سڀ کان پهرين ڪاتب ايئن لکيو. پر ڪانئس پل ٿي ـــ حال اوربا آهن. ڳالهيون اوربيون آهن، ۽ انهيءَ محاوري جي لحاظ سان صحيح پڙهڻي ”ور سي ٻاتڙيون“ ٿيندي.

پهرين ڳالهه ته لطيف جي ڪلام ۾ آيل لفظن کي هيٺ/مٿي يا تبديل ڪرڻ جو حق ۽ اختياز ڪنهن کي به ڪونهي. هتي سائينءَ جڏهن لفظ ”راتڙيون“ کي ڪاتب جي غلطي قرار ڏيئي ”ٻاتڙيون“ ٿي ڪيو ته ڪيس ڪنهن به قلمي يا ڇاپي نسخي ۾ لفظ ”ٻاتڙيون“ ڏسڻ ۾ نه آيو تڏهن چوي ٿو ته اها پل ”او، پهرئين ٿي ڪاتب کان ٿي ويئي آهي!“

ڏنو وڃي ته سٽ ۾ لفظ ”ٻاتڙيون“ صفا نٿو ٺهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــي مـــان اوريـــون پريـــن ســـان، ور ســـي بـــاتڙيون

معنيٰ = جيڪي مون محبوب سان حال وندليا هئا اهي ڪيڏيون سٺيون ۽ ڀليون ڳالهيون هيون. يعنيٰ پنهنجي ڳالهين جي پاڻ ئي تعريف ڪرڻ تہ مون ڪيڏيون سٺيون ۽ ڀليون ڳالهيون ڪيون هيون محبوبن سان، جڏهن تہ اصل سٽ آهي،

جـــي مـــون اوريـــون پريـــن ســـين، ور ســـي راتڙيـــون

معنيٰ = جيڪي مون محبوبن سان حال وندينديءَ، ڏک سک اورينديءَ/بيان ڪندي گذاريون هيون، اهي ڪيڏيون سياڳيون ۽ سٺيون راتيون هيون. يعني، محبوب سان گهاريل راتين جي يادگيري آهي جن ۾ ڏک سک اوريا هئا حال وندليا هئا ۽ پرين سان گذريل راتيون ڪي وسرڻ جهڙيون آهن؟

لطيف جي ڪلام کي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ جا پروگرام تا ناهيا وڃن، ان کي ڦهلائڻ جا پراجيڪٽ تا جوڙيا وڃن پر اجا تہ اسان کي اها بہ خبر ناهي تہ ڪهڙو ڪلام لطيف جو آهي ۽ ڪهڙو ٻين شاعرن جو آهي! اجا تہ اسان کي لطيف جي لهجي ۽ اچارن جي خبر بہ ناهي! ۽ "جَني تَني" ۽ "ڪوڙيين"، ٻوڙيين" ۾ ئي اوليا پيا آهيون، ٻيتن ۾ هڪڙا چون "لله لڳ لطيف چئي" تہ ٻيا چون "لله لڳ عنايت چئي". اجا تہ اسين شروعاتي ڪاتبن کي ئي پيا قتل ڪريون ۽ جيڪو لفظ نتا سمجهون، پوءِ ڀلي اهو قديم کان قديم ترين نسخي ۾ موجود هجي، ان کي "ڀهرئين ئي ڪاتب" جي غلطي ڪوٺي لفظ مٽائي تا ڇڏيون!!.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر کنڀات داستان 3 بيت 2 جلد 1

ناسيندي نظر، ڦهرين کچ پرينءَ ڏي،
قمر کهج قريب کي، نست ۽ نبر،
ٻيو پروسو نہ پر، اکيون اوهانجي آسري.

## ناسيندي :

شيخ = ناسڻ يا ناسجڻ جي عمل شروع ڪندي (ناسڻ يا ناسجڻ = چنڊ جو اڀرندي طرف کان ٿورو ٿورو ٿي مٿي اڀري اچڻ، چنڊ جو اڀرڻ کان اڳ سهائو يعني روشني ڏيکارڻ).

منگهاڻي = هلي، پنڌ ڪري (هاسيڪار اوڏانهن کهي وڃڻ کي "نسڻ" ٿو چئجي).

## نست :

شيخ = بي ستو، نبر، نبل، هيڻو (نست ۽ نبر = نهڻائي، عاجزي سان)

منگهاڻي = بزدل، بي همت، ياڙيو، گيدي.

گنج، صفحو 242

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 180 بيت 959 (ٻي پيٽي نہ پر)

شوقيرام، داستان 2 بيت 2

قليچ، داستان 2 بيت 2

لغات لطيفي (قليچ) ناسيندي = ناسجڻ = ناسڻ = اڀرڻ، ڪني ڪڍڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نست = ضعيف، هيٺي، بيطاقت.

قاضي، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = اڀرندي، ڪني ڪڍندي، نست = ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = چمڪندي شرط، اڀرندي شرط. ناسڻ (سنسڪرت، نس = چمڪڻ) نست = (سنسڪرت، نهستؤ) ست ڪانسواءِ، بي طاقت، ڪمزور.

شاهاڻي، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = اڀرندي، نڪرندي، چمڪندي، نست = ڪمزور.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = اڀرندي ٿي. نست = ڪمزور.

ڏيپلائي داستان 2 بيت 2

قاسمي، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = اڀرندي. نست = ضعيف.

انصاري، داستان 2 بيت ،2 ناسيندي = اڀرندي، ڪني ڪڍندي، نست = ناهي.

بلوچ، داستان 2 بيت 2، ناسيندي = شروع ۾ اوڀر طرفان افق مٿان اڀرندي.

نست = نست. نبر = ست ۽ ٻر کان سواءِ، ضعيف.

لفظ "ناسيندي" ۽ ان جي ڏنل سيني شارحن جي معنيٰ ٻہ اوهان ڏٺي تہ منهنجي ڏنل معنيٰ ٻہ اوهان پڙهي. لطيف جي نسخن ۾ لفظ "ناسيندي" آيل آهي ۽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "نسيندي" آهي. "نسڻ" جي معنيٰ آهي: ڪو ڪنهن لاءِ هاسيڪار پنڌ ڪري، ڪشالا ڪڍي اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻو خاص اسان لاءِ نسي آيو آهي.

جملو = آئون ڪتان نسي آئي آهيان ۽ تون وڃين پيئي. آئون جيڪر چوان:

"نســـــيندي نظـــــر، پهريـــــن ڪـــــج پريـــــنءَ ڏي.

معنيٰ = ڪشالا ڪڍي/ پنڌ ڪري/هلي، هاسيڪار وجي پهرين نظر پرين تي وجهج. جيئن تہ بيت ۾ لفظ "ناسيندي" آيل آهي ۽ ان لاءِ مختلف عالمن معنائون ڪيون آهن. هڪ معنيٰ آهي "چنڊ جو اپرندي طرف کان ٿورو ٿورو ٿي مٿي اپري اچڻ" يا "اپرڻ، ڪني ڪڍڻ، چمڪڻ" تہ ڪو چوي، "اپرندي شرط، چمڪندي شرط" يا وري "شروع ۾ اوڀر طرفان افق مٿان اپرندي".

اهو لفظ "ناسيندي" آهي يا "نسيندي"؟ جواب ڪير ڏي؟

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ "نست" آهي جنهنجي سيني شارحن معنيٰ "ڪمزور، ضعيف، نبل، ٻي طاقت ۽ هيڻي" ڏني آهي.

يقين سان ٿي چوان تہ لطيف کي اڄ تائين صحيح ۽ سمجهي پڙهڻ وارن جو انگ ڏهن آڱرين اندر ڳڻڻ جيترو هوندو. (صحيح اچارن سان پڙهڻ تہ اڃا اڳين منزل آهي.) مثال لاءِ هيءَ سٽ ئي ڏسي ٿي سگهجي.

قمـــــر ڪهـــــج قريـــــب ڪـــــي، نســـــت ۽ نبـــــر

جڏهن تہ گهڻن نسخن ۾ سٽ آهي، "قمر ڪهج قريب ڪي، نست آئون نبر" يعني "۽" جي بدران "آئون" آيل آهي. شيخ صاحب "۽" ان ڪري آندي جو هو صاحب لفظ "نست" جي اسان واري معنيٰ کان لاعلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. پر جي هو لفظ "نست" جي معنيٰ "ياڙيو، بزدل ۽ گيديءَ" کان واقف هجي ها تہ ضرور "آئون" آڻي ها. انهيءَ معنيٰ کان تہ سڀيئي شارح اڻ واقف آهن پر انهن صحيح صورت ۾ آيل بيت منتخب ڪيو ۽ شيخ صاحب وري گنج واري بيت کي ترجيح ڏني. لفظ "نست" اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون ۽ جبل ۾ تہ بزدل ۽ گيديءَ کي چون ٿي "نست".

جملو = هو نست آهي، پڇي ويندو مقابلو نہ ڪندو.

جملو = سندس وڏا تہ بهادر ۽ مڙس ماڻهو هئا، پر هيءُ تہ صفا نست آهي.

بيت ۾ "نست" سان گڏ "نبر" بہ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي: "ڪمزور، بي طاقت ۽ ضعيف". لطيف جيڪو ٻوليءَ جو بادشاهہ آهي، لفظ لفظ ڄاڻي ۽ سمجهي ٿو، اکر اکر جي اهميت کان واقف آهي، اهو ڪيئن لفاظي ڪندو؟ هو تہ بلڪل مختصر لفظن ۾ ڳالهہ ڪندو آهي. اهو بہ هڪ ئي معنيٰ وارا لفظ هڪ ئي هنڌ تي ڪيئن ٿو آڻي سگهي؟ "نست ۽ نبر" بہ ڌار مختلف معنيٰ رکندڙ لفظ آهن. نست جي معنيٰ آهي "ياڙيو ۽ بزدل" ۽ نبر جي معنيٰ آهي "ڪمزور ۽ ضعيف" قمر ڪهج قريب ڪي، نست آئون نبر. معنيٰ = اي چنڊ، پرينءَ کي چئج تہ آئون بزدل ۽ ڪمزور آهيان.

بيت جي آخري سٽ، "ٻيو پروسو نہ پر، اکيون اوهانجي آسري" ۾ آيل لفظ "پروسو" گنج، شوقيرام ۽ ڪليچ وارن نسخن ۾ آهي، جڏهن تہ، بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، قاضي، گربخشاڻي، شاهاڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ "پيٽي" آيل آهي. "ٻي پيٽي نڪو پر، اکيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوھانجي آسري“ ۾ لفظ ”پيٽي“ ۽ ”پروسو“ جي معنائن ۾ بہ وڏو فرق آھي. شيخ صاحب ”پروسو ۽ پر“ جي ھڪ جھڙي معنيٰ ڏني آھي، يعني لفظ ”پروسو“ جي معنيٰ پر، آڌار، ٽيڪ، پرجھلو ڏني آھي. بمبئي ڇاپي ۾ آيل سٽ، ”ٻي پيٽي نہ آھيم پر، اکيون اوھانجي آسري“. معنيٰ جي لحاظ کان نھايت طاقتور آھي. لفظ ”پيٽيءَ“ جي اسان وٽ معنيٰ آھي. ”واٽ، گلي، پھچ، طاقت“. رڳو ھڪ بيت ۾ ڪيترو فرق آھي، معنيٰ ۽ لفظن جو ۽ وڌيڪ چوڻ جي تہ ڪا پيٽي ئي ڪانھيم، ھر ڪو سمجھي ڄاڻي ٿو.

بيت جي سمجھاڻي = ڪاھيندي/ڪشالا ڪڍندي/ھاسيڪار وجي پھرين نظر پرين ڏانھن ڪج/پرينءَ کي ڏسج. اي چنڊ، محبوب کي چئج تہ آئون بزدل ۽ ڪمزور آھيان. (ھلي تو تائين پھچي، پنڌ ڪري نٿي اچي سگھان) ۽ ٻي نڪا واٽ نڪو آسرو اٿم. پر منھنجون اکيون اوھان جي ئي انتظار ۾ آھن/ آسري ۾ آھن. (تہ اوھان پاڻ اچي سار لھنداءِ).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر ڪنڀات داستان 3 بيت 7 جلد 1

ايُر چنڊ پس پرين، تون اوڏا مون ڏور،
سڄڻ ستا وِلهہ َ ۾، چوٽا پري ڪپور،
پيرين آئون نہ پڄڻي، ٻابل ڏي نہ ٻور،
جنهن تي چڙهي اسور، سنجهي سڄڻ سهٽيان.

**وِلهہ َ :**

شيخ = ڪليل ۽ ٿڌي هوا.

منگهاٽي = ماڪ. پرهہ ڦٽيءَ ڪان اڳ رات مهل پسيل ٿڌ. آلاڻ پريو سيءُ. (ولهہ جو هوا سان ڪو تعلق ناهي. بلڪ ولهہ ۾ هوا ٿيئي ٿي ڪونہ. هوا هوندي تہ آلاڻ سڪي ويندي.) بنا هوا جي آلاڻ پري ٿڌ.

گنج، صفحو 244

برٽش ميوزيم، (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان) سنجهي سڄڻ سيٽيان.

قليچ، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان)

لغات لطيفي (قليچ) ولهہ = ڪلي هوا، ماڪ، گهم.

قاضي، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان) ولهہ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان) ولهہ = (عربي، بِلَتہ = ماڪ) آلاڻ، ٿڌ، ڪلي هوا.

شهواڻي، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان) ولهہ = ڪلي هوا.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان) ولهہ = ڪلي ۽ سرد هوا.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 7 (سيٽيان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 2 بيت 7 (سيڻيان) ولهہ = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 2 بيت 7 (سيڻيان) ولهہ = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، داستان 2 بيت 23 (پيڻيان) ولهہ = ولهہ ۾، ٻاهر ٽڏڪار ۾.
بمبئي ڇاپو، داستان 2 بيت 7 (ساپڻان)
اوائلي نسخو، داستان 2 بيت 7 (ساپڻان)

لفظ "ولهہ" اڄ بہ بلڪل نئون ۽ روز ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي. "ماڪ" ۽ ولهہ ۾ بس ٿورڙو اَلڪو فرق آهي، جو ماڪ جا ڦڙا گلن پنن تي نظر بہ ايندا آهن، پر "ولهہ" ۾ گل/پن ۽ ٻي شيءِ آلي ۽ پسيل نظر ايندي آهي جنهن ۾ پاڻي واضح ۽ ڦڙن جي صورت ۾ نہ هوندو آهي. مثال لاءِ لفظ "ڪُهر ۽ شبنم" آهن. "ولهہ/ڪُهر" ۽ "ماڪ/شبنم" آهي. بس اهو ئي ٿورو فرق آهي. لفظ "ولهہ" بابت اڄ بہ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ٻڪڪ ذات جي ڪنهن بہ ماڻهو کان پڇي ڏسو سگهجي، تہ، ولهہ ڇا آهي؟ "تہ هر ڪو ٻار ٻچو، ننڍو، وڏو جواب ڏيندو تہ، صبح ٿيڻ کان اڳ آلاڻ پريو سيءُ/پوسال واري ٿڌ جنهن ۾ هوا شامل نہ هجي. بنا هوا جي پسيل ٿڌ.هوا لڳڻ سان تہ آلاڻ سڪي ويندي.

جملو = رات ايڏي تہ ولهہ پيئي هئي، جو ٻاهر رکيل رلي رانٽو ڇڙي پَتُ ٿي ويا.

جملو = اڳ ئي ٻَري جي لَٽ هيس وري جو رات ولهہ ۾ ستو تہ هيڪاري اَميئَڪَ آئي اٿس هڙڪي پيو.

بيت ۾ آيل لفظ "سهڻيان" بہ قابل غور آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب"پسان" ڏني آهي. جڏهن تہ شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شـهواڻي، آڏواڻــي، ڏيپلائــي، قــاسمي ۽ انصــاري وارن نســخن ۾ لفـظ ”سيـتيان“ آيـل آهـي جنهنجي معنيٰ گربخشاڻيءَ“ سٽ سٽ ڪـري وجـڻ، تڪـڙو ڪـاهڻ“ ڏنــي آهــي ۽ بمبئــي ڇــاپي ۽ هــڪ اوائلــي نســخي ۾ ”سـاپـتيان/سـاپـتيا“ آيـل آهـي، جـڏهن تـه بلـوچ صـاحب واري نسـخي ۾ ”پيتـيـان“ آيـل آهـي ـ يعنـي شـيخ صـاحب ۽ بلـوچ صـاحب جـي انفراديـت پسنديءَ واري روايت قائم آهي. ان لفظ لاءِ بلوچ صاحب وري بـه جتڪي بولي جا مثال ڏنا آهن تـه، جتڪي بوليءَ ۾ ” سانييتيان“ جي معنيٰ گڏجان آهي. هي معاملو بنا ڪنهن بحث ۽ تڪرار جي سيني جي اڳيان آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي چنڊ تون اپري پرينءَ جو ديدار ڪـر/ محبـوب ڪي ڏس. هـو توڪـي ويجهـا آهـن ۽ مونڪـان پـري آهـن. منهنجـا محبوب پنهنجن وڏن وارن ۾ سرهاڻيون پري ماڪ ۾ ستا آهن. پيرن سان پنڌ ڪري/پيادي تـه آئون نتي پهچي سگهان ۽ نـه بابا ئي ڪو اٺ ڏي ٿو، جنهن تي سوار ٿي پرهـ ڦٽيءَ مهل چڙهان تـه وجي شام مهل محبوبن جو ديدار ڪريان.

ســـر ڪنيـــات داســـتان 3 بيـــت 8 جلـــد 1

تـون چنـڊ اهوئـي، جـو هـُـتي پسـين پريـنءَ ڪـي،
آڏت چئـــج عجيـــب ڪـــي، ڏيـــان جـــو روئـــي،
هيڪـــانديءَ هوئـــي، ســـانگ نـــه پوئـــي ســـڄڻين.

**آڏت :**

شيخ = نياپا، پيغام، سنيها
منگهـاڻي = لفـظ ”آڏت“ جـي معنـيٰ بـابت منهنجـي ڪابـ راءِ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**هيڪانديءَ:**

شيخ = هيڪانديءَ ۾، ميلاپ يا وصال ۾.
منگهاٽي = گڏ، جملي، سڀ (گڏيل، مليل)
گنج، صفحو 258 (هيءُ چند اهو ٿي، جو هُتي پسي پرين کي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 3 (هيءُ چنڊ اهوئي، جو هُتِ پسي تو پرينءَ کي)
قليچ، داستان 1 بيت 3 (هيءُ چنڊ اهو ئي، جو هُتِ پسي تو پرينءَ کي)
لغات لطيفي (قليچ) آڏِتُ = صبح جو تارو، صبح. هيڪانديءَ = هيڪاند = ميلاپ، گڏجاڻي.
قاضي، داستان 1 بيت 3 (هُتِ تو پسين پرينءَ کي، تون چنڊ اُهو ئي). آڏت = سج، هيڪانديءَ = هيڪاند = ميلاپ، گڏجاڻي.
گربخشاڻي، داستان 1 بيت 3 (تون چنڊ اهوئي، جو هت پسين تو پرِيَ کي) آڏت = (پراڪرت، آدِت/سنسڪرت، آدشت) سنيهو، پيغام، نياپو. هيڪانديءَ هوئي = ايڪانت يا نويڪلائي ۾ تي ڪري، خلوت ۾.
شهواڻي، داستان 1 بيت 3 (تون چنڊ اهوئي، جو هُت پسين تو پري کي) آڏت = سنيهو، پيغام. هيڪانديءَ هوئي = گڏ هجي، خلوت ۾، اڪيلائيءَ ۾.
آڏواڻي، داستان 1 بيت 3 (تون چنڊ اهوئي، جو هت پسين تو پرينءَ کي) آڏِتُ = سنيهو، هيڪانديءَ = ايڪانت ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 3 (تون چندڊ اھوئي، جو ھت پسين ٿو پرينءَ کي)

قاسمي، داستان 1 بيت 3 (ھيءُ چندڊ اھو ئي، جو ھت پسي ٿو پرين کي) آڏت = سنيھو. ھيڪانديءَ = اڪيلائيءَ ۾.

انصاري، داستان 1 بيت 3 (تون چندڊ اھوئي، جو ھت پسين ٿو پرين کي)

آڏت = سچ. ھيڪانديءَ = ھيڪاند = ميلاپ، گڏجاڻي.

بلوچ، داستان 2 بيت 5:

”تون چندڊ اھوئي، جو پسين ھت پرينءَ کي،
آڏو چئج عجيب کي ڏيانءِ جو روئي،
”ھيڪانديءَ ھوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين.“

ھيڪاندي = ھيڪاند =گڏجاڻي، وصال يعني گڏجاڻي ٿيئي ته پوءِ وڇوڙو نہ پوي.

بمبئي ڇاپو، داستان 1 بيت 3 صفحو 86:

ھت ٿو پسي پرين کي، ھي تون چندڊ اھو ئي،
آڏت چئج انکي، ڏيان جو روئي،
ھيڪانديءَ ھوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين.

ھڪ اوائلي نسخو، داستان 1 بيت 3 صفحو 61:

ھت ٿو پسي پرين کي، ھي چندڊ اھو ئي،
آڏت چئج ان کي، ڏيان جو روئي،
ھيڪاندي ھوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل لفظ ”آڏت“ جي معنيٰ نہ پر خود لفظ پاڻ ”آڏت“ بہ قابل غور آهي. سيني نسخن ۾ آيل بيت جون صورتون بہ اوهان ڏنيون. ڪهڙي صحيح/غلط آهي؟ ان لاءِ بہ گوڏو گڏي وهٽو پوندو پر هتي لفظ آڏت جي معنيٰ ڏسجي ۽ پوءِ اڳاتن نسخن جي آڌار ان جي ساخت ڪي ڏسبو. اوهان ڏٺو تہ تہ لفظ ”آڏت“ جي معنيٰ شيخ، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ قاسميءَ ”سنيهو، پيغام، نياپا“ ڏني آهي. جڏهن تہ ساڳي لفظ ”آڏت“ جي معنيٰ، قليچ جي لغات لطيفيءَ ۾ ”صبح جو تارو، سج“ ۽ قاضي ۽ انصاريءَ ”سج“ ڏني آهي. يعني ڪٿي ”سنيهو ۽ نياپو“ تہ وري ڪٿي ”صبح جو تارو ۽ سج“ ۽ اسين جيڪي لفظ ”آڏت“ ڪان اٿڄاڻ آهيون، اهي بيت ڪي ڪهڙي معنيٰ سان پڙهون/سمجهون؟ جڏهن تہ بلوچ صاحب لفظ ”آڏت“ جي بدران ”آڏو“ آندو آهي. ”آڏو چئج ان ڪي ڏيان جو روئي“ ان لاءِ پاڻ گهٽن ئي نسخن جا مثال ڏنا اتس پر ڪنهن هڪ ۾ بہ لفظ ”آڏو“ آيل ناهي، البتہ هڪ نسخي ۾ لفظ ”آڏا“ آيل آهي. ”آڏا چئج ان ڪي، ڏيانءِ جو روئي“ ۽ اهو آهي فقير محمد ”قانع“ جو دستخط نسخو (1313هہ) پر دلدار فقير جي دستخط نسخي (1279 هہ ذاري) ۾ آيل لفظ ”اڳت“ وڌيڪ پر معنيٰ آهي، ”اڳت چئج ان ڪي، ڏيان جي روئي“ (مددي ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو نسخو جلد 2)

هيءَ تہ هئي لفظ ”آڏت“ جي صورتحال ۽ هاڻي منهنجو اصل ڪم. لفظ ”هيڪانديءَ“ جي معنيٰ لطيف جي سيني شارحن ميلاپ ۾، وصال ۾، گڏجاڻي، ايڪانت ۾، نويڪلائيءَ ۾، خلوت ۾، اڪيلائيءَ ۾“ ڏني آهي ۽ پڻ شيخ صاحب بہ ”ميلاپ يا وصال ۾“ ڏني آهي. لفظ ”هيڪاندي“ اڄ بہ اسين عام ڳالهايون ٿا جنهنجي معنيٰ آهي. ”گڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملي، سپ“ ۾ لفظ ”هيڪانديءَ“ جي معنيٰ اسان وٽ هرگز به ”ميلاپ يا وصال“ ڪونهي. هاڻي اهو ٿو سوال اڀري ته ڳڌ ٿيڻ به ته ميلاپ آهي! پر ان باري ۾ جملا وڏيڪ چٽائيءَ سان سمجهاڻي ڏيئي سگهندا.

جملو = ملاٽيءَ ۾ ڪند ٿوري ٿوري ڪري نه وجهه هيڪاندي وجهي ڇڏ.

جملو = مٽي تي ڪم آهي ته اهو هيڪاندو ڪري پوءِ آرام ڪجي.

سٽ آهي. ”هيڪاندي هوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين“

معنيٰ = شل ڳڏ هجي. سبب نه پوي (جدائي جو) محبوب سان.

هي لفظ لطيف ٻين بيتن ۾ به آندو آهي، ”ڏٽي ڪرينده ڪڏهن، حياتي هيڪاند“

معنيٰ = اي مالڪ منهنجي زندگي ڪڏهن (پرينءَ سان) ڳڏ ڪندين. يا، ”مر هيڪاندا هون پرين، سانگ مَ وجن سيڻ“ معنيٰ = ڀلي پرين ڳڏ ٿي هجن (سدائين) ۽ ڪڏهن به ڪنهن سبب جي ڪري ڪيڏانهن به نه وڃن. ”حياتي هيڪاند“ معنيٰ حياتي ڳڏ ۽ ”مر هيڪاندا هون پرين“ معنيٰ ”ڀلي ڳڏ هجن“. اميد ته جملن سان ڳڏ لطيف جي هنن سٽن به لفظ ”هيڪانديءَ“ جي معنيٰ وڏيڪ سمجهائي هوندي ۽ بيت ۾ ”هيءُ“ ۽ ”تون“ واري ڦيرڦار به معلوم ٿي.

بيت جي سمجهاڻي : اي چنڊ! تون اهو ٿي (ساڳيو) آهين. جيڪو هُتي پرينءَ ڪي پيو ڏسين. (مواصلاتي رابطو) آئون جيڪو به روئي پيئي ڏيان، اهو پرين کي پڌائج/چئج/ڏج. شل ڳڏ هجي سبب نه پوي (جدائي جو) محبوبن سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســـر ڪنيـــات داســـتان 3 بيـــت 13 جلـــد 1
جنـــي لاءِ ڪيـــا مـــون، چاڙهيڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهي ســـيٽين، پـــائي ڳـــڻ ڳـــهيو هنيـــون.

**ڳهيو :**

شيخ = ڳهہ ۾ يعني گروي‌ءَ ۾ رکيو، پاڻ وٽ قابو ڪيو، پاڻ وٽ سوگهو ڪيو.

منگهاٽي = سڄو سالم ڳوري ڇڏڻ، ڳورڻ.

گنج ۾ هي بيت موجود ناهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 182 بيت 966
مـــون جنـــي لئـــي ڪيـــا، چاريڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهي ســـيٽين، ڳـــڻ ڪـــري ڳَـــهيو هنيـــون.

شوقيرام، واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

قليچ، داستان 2 بيت (2) (ڏنگين ۾) ڪري ڳڻ ڳهيو هنيون.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 14،
مـــون جنيـــن لاءِ ڪيـــا، چاڙيڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهين ســـيٽين، ڪـــري ڳـــڻ ڳهيـــو هنيـــون.

بلوچ، داستان 1 بيت 7
مـــون جنـــي لاءِ ڪئـــا، چاريڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهي ســـيٽين، ڪـــري ڳـــڻ ڳَـهيـــو هـــنيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهَيو : ڳهہ ۾ رکي ڇڏيو. گروي ڪري ڇڏيو. پاڻ وٽ سوگهو ڪري ڇڏيو (چوندا. آئون ڳهيو پيو آهيان = آئون گروي تي پيو آهيان) اهڙا ڳڻ ڪيائون جو آئون ڳهجي ويس. گروي تي ويس.

بمبئي ڇاپو داستان 2 بيت 14

مـــون جنيـــن لئـــ ڪيـــا، چاريڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهي ســـيٽين، ڪـــري ڳـــڻ ڳـــِهيو هيـــون.

هڪ اوائلي نسخو داستان 2 بيت 49

مـــون جنيـــن لئـــ ڪيـــا، چاريڪـــا نيٽيـــن،
ســـٻاجهي ســـيٽين، ڪـــري ڳـــڻ ڳـــڏو هنيـــون.

بيت ۾ آيل لفظ "ڳهيو" زير ۽ زبر جي فرق سان مختلف معنيٰ ٿو وٺي. ڏسڻو اهو آهي تہ بيت ۾ آيل لفظ "ڳهيو" زير سان آيل آهي يا زبر سان! جڏهن تہ هي بيت گهڻن نسخن ۾ موجود ناهي، جن ۾ سرفهرست گنج آهي. جيڪو شيخ صاحب بيت جي نمبر ڪي دائرو ڏئي ظاهر بہ ڪيو آهي. گنج سان گڏ. شوقيرامہ. قاضي. گربخشاڻي. شهواڻي . آڏواڻي. قاسمي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ مٿيون بيت موجود ناهي. جڏهن تہ شيخ صاحب سان گڏ بمبئي ڇاپي. هڪ اوائلي نسخي. برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي. ڏيپلائي. ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ آهي. ٻين جن نسخن ۾ بيت آهي انهن ۾ بہ لفظن جي قرقار ٿيل آهي. هڪ لفظ "ڳهَيو" آيل آهي. قليچ ۽ ڏيپلائيءَ وارن نسخن ۾ بنا ڪنهن زير زبر جي "ڳهيو" آيل آهي ۽ بمبئي ڇاپي ۾ زير سان "ڳِهيو" آيل آهي. جڏهن تہ هڪ اوائلي نسخي ۾ لفظ "ڳهيو" جي بدران "ڳڏو" آهي ٻيو لفظ "چاڙهيڪا" آهي جيڪو سواءِ شيخ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسخي ۾ آيل ڪونهي. قليچ ۽ ڏيپلائيءَ وارن نسخن ۾ ”چاڙيڪا“، برٽش واري نسخي، بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي ۾ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ ”چاريڪا“ آيل آهي. ٿيون لفظ ”پائي“ آهي، ”پائي ڳڻ ڳهيو هنيون“، جيڪو پڻ سواءِ شيخ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي. باقي ٻين جن بہ نسخن ۾ اهو بيت موجود آهي انهن ۾ ”ڪري“ آيل آهي. ”ڪري ڳڻ ڳهيو هنيون“ جن ۾ برٽش نسخو، بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخو، قليچ، ڏيپلائي ۽ بلوچ صاحب جا نسخا آهن.

قليچ جي لغات لطيفيءَ ۾ لفظ ”چاڙيڪا“ جي معنيٰ ”چاڙهيڪو، سواري، چڙهڻ جي جاءِ، جيئن ڪہ پاڪڙو، زين وغيره، چاڙهي، چڙهڻ جي طاقت“ ڏنل آهي. وري بلوچ صاحب جي نسخي ۾ لفظ ”چاريڪا“ آيل آهي جنهن ان جي معنيٰ ”گس، واٽون، چارا. چاريڪا نيڻ = اکين ۾ واٽون ڪيو تہ اچي اکين تي پنهنجا پير ڏيئي. 2. چاڙيڪا نيٽين = متي چڙهي واٽون نهار.“ ڏني آهي.

شيخ صاحب لفظ ”چاڙهيڪا“ جي معنيٰ ”وهڻ جون جايون“ ڏني آهي. اڳاٽن نسخن ۾ بمبئي ڇاپو هڪ معتبر حوالو آهي. جنهن ۾ اوهان ڏٺو تہ لفظ ”چاريڪا“ آيل آهي. چاريڪا نيٽين = مون پنهنجي اکين کي نگران ڪيو. لفظ ”چاري“ جي معنيٰ آهي، ”نگراني ڪندڙ، باخبر، هشيار، ٻي معنيٰ ۾ = مشڪوڪ مخبر يا جيڪو ڪنهنجي خبر وٺڻ لاءِ مقرر ڪيل هجي. جوڪس يا چوڪي ڏيندڙ“، سٺ آهي.

مون جنين لئہ ڪيا، چاريڪا نيٽين

معنيٰ = مون جن لاءِ پنهنجي اکين کي هشيار/باخبر ڪيو (راهن ۾)/جن لاءِ مون پنهنجي اکين کي واٽن تي نگران ڪري بيهاريو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي مونکي پنهنجي نندڙي پائتي مُشڪ جي ڳالهہ ٻڌائيندي مزو پيو اچي. اسين شاپنگ لاءِ وياسين. ٻاهر گاڏيءَ ۾ ادا ۽ سندس ڇهن سالن جي ڌيءَ مشڪ ويٺا هئا. اسان کي خريداري ڪرڻ ۾ ڪجهہ دير ٿي ويئي هئي. آياسين تہ نندڙي مشڪ منهنجو هٿ جهلي چوڻ لڳي "پڦي، اوهان ايڏي دير ڪئي! مون تہ اوهان لاءِ پنهنجون اکيون چاري ڪري واٽ تي ٽنگي رکيون هيون."

سو، اکين کي واٽن تي چاري ڪري بيهارڻ دنيا جي عظيم ڏاهي لطيف بادشاهہ لاءِ پلا ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي. شيخ صاحب واري نسخي ۾ لفظ "پائي" آيل آهي. "پائي ڳڻ ڳهيو هنيون "جيڪو ٻين مڙني نسخن ۾ "ڪري" آيل آهي. "ڪري ڳڻ ڳهيو هنيون" اسان واري پاسي تہ "ڳڻ ڪبا آهن."، "ڳڻ پائبا" ڪونہ آهن.

جملو = هن مونسان وڏا ڳڻ ڪيا آهن، يا، مون هنن سان وڏا ڳڻ ڪيا.

ٻيون لفظ آهي "ڳهيو" جنهنجي زبر سان معنيٰ ٿيندي "ڳهي ۾ رکيو، گروي ڪيو" سٽ آهي. "سباجهي سيٽين، ڪري ڳڻ ڳهَيو هنيون".

معنيٰ = مهربان محبوب مونسان ڳڻ ڪري/ڀلايون ڪري منهنجو هانءُ گروي ڪري رکي ڇڏيو آهي. "گروي رکڻ" واري معنيٰ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ جي ڪو ڪنهن کان قرض وٺندو آهي ۽ جي قرض ڏيڻ واري جو قرض وٺندڙ تي اعتبار ۽ ڀروسو نہ هوندو آهي تہ هو قرض وٺڻ واري کان، قرض جي مثاوي/برابر يا اڃا مٿي قيمت واري شيءِ گروي/ڳهي ۾ رکندو آهي ۽ جڏهن قرضي قرض موٽائي ڏيندو آهي تہ پوءِ هو ڳهي ۾ رکيل شيءِ موٽائي ڏيندو آهي. اهو تہ ٿيو سودو/واپار يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو ڳڻ، جنهنجو بنياد ئي ويساهہ ۽ ڀروسي تي رکيل ڪونهي. جڏهن تہ لطيف سڀاجهي ۽ مهربان پرينءَ جي ڳالهہ تو ڪري، جيڪو ڳڻائتو آهي، جنهن وٽ ڏيتي ليتي ۽ شرط شروط جو ڪو جواز ۽ تعلق ئي ڪونهي ۽ اها سوچڻ جهڙي بہ ڳالهہ آهي تہ محبوب ڪي/معشوق ڪي اڪثر سرڪش، پاڻ هميرو، ظالم ۽ ڪنور تائين چيو ويندو آهي، جڏهن تہ اسانجو سڀاجهو لطيف، سڀاجهي ۽ ڳڻائتي محبوب جو ذڪر تو ڪري.

منهنجي راءِ ۾ بمبئي ڇاپي ۾ آيل زير سان "ڳِهيو " لفظ معنيٰ جي حساب سان درست آهي. "ڳِهيو" جي معنيٰ آهي سڄو ئي سڄو/سالم بنا ڏند ڏيڻ جي نڙيءَ کان هيٺ لاهڻ.

سڀاجهي سيڻين، ڪري ڳڻ ڳِهيو هنيون،

معنيٰ = منهنجي سڀاجهي/مهربان پرينءَ مونسان ڳڻ/نيڪيون/ڀلايون ڪري منهنجو وجود ڳهي/ڳوري پنهنجي اندر ۾/پنهنجي وجود ۾ هيٺ اندر لاهي/جذب ڪري/هڪ ڪري ڇڏيو. (۽، "هاڻي "آئون" نہ پر "هو" ئي رهجي ويو آهي (ڇو جو جيڪا شيءِ ڳهجي ويندي آهي ان جو ڪوبہ وجود ۽ نشان باقي نہ رهندو آهي، بلڪہ رڳو ڳهندڙ ئي نظر ايندو آهي.) لطيف بہ ان سڀاجهي سپرينءَ کي پيو ساري جنهن عاشق جي وجود کي پنهنجي اندر ۾ سمائي ڇڏيو آهي. لفظ "ڳهيو" جملن ۾،

جملو = ڪاڏي کي ڏند بہ ڏين تو يا ايئن ئي ڳهيو ڇڏين!

جملو = جهنگ ۾ مون عجيب لقاءُ ڏٺو. هڪ واسنگ، ڪوراڙ کي ڳهي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = مون جن لاءِ پنهنجون اکيون واٽن تي نگران ڪري بيهاري ڇڏيون، ان مهربان پرينءَ مونسان پلايون ڪري منهنجي دل/وجود ڳهي/پاڙ ۾ سمائي ڇڏيو.

سر سريراڳ داستان 1 بيت 3 جلد 1

ماڻ پچنئي سپرين، ڇتان لاهج ڇورُ،
قلب مان ڪڍ تون، ماري ڪوڙو ڪورُ،
هن پر سندو هورُ، متان تو معاف ٿيئي.

**ڪورُ :**

شيخ = فريب، دغا، بيائي، برا خيال
منگهاڻي = وڏي ڇڏ، ڪپي ڇڏ
گنج، صفحو 289
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 5 (ڪوڙ) ڪڍ تون قلب مان، ماري ڪوڙو ڪوڙ.
قليچ، داستان 1 بيت 5 (ڪوڙ)
قاضي، داستان 1 بيت 6 (ڪورُ) ڪُورُ = انڌو.
گربخشاڻي، داستان 1 بيت 5 (ڪورُ) ڪورُ = (سنسڪرت، ڪَپرَد)، ڪوڏ، ڪوڏي، هٽي ڪوٽ، فريب، نيچ، ڪميڻا خيال.
شهواڻي، داستان 1 بيت 5، ڪورُ = فريب، ڪوڏ، ڪوٽ
آڏواڻي، داستان 1 بيت 5، ڪورُ = فريب
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 5 (ڪوڙ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 1 بيت 5 (ڪوڙ)

انصاري، داستان 1 بيت 5 (ڪور) ڪُورُ = انڌو

بلوچ، هي بيت سر سريراڳ ۾ ڪونهي.

لفظ "ڪور" گنج، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ آيل آهي، جڏهن تہ شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ لفظ "ڪوڙ" آيل آهي. لفظ "ڪور" ۽ "ڪوڙ" جي معنائن ۾ بہ وڏو فرق آهي پر جن لفظ "ڪور" آندو آهي تہ انهن بہ معنيٰ ۾ فرق آندو آهي. قاضي ۽ انصاريءَ "ڪور" جي معنيٰ "انڌو" ڏني آهي جڏهن تہ گربخشاڻي، شهواڻي ۽ آڏواڻيءَ ۽ شيخ صاحب لفظ "ڪور" جي معنيٰ "ڪوٽ، فريب، نيچ ۽ ڪميڻا خيال، ڪوڙ، دغا، بيائي ۽ برا خيال" ڏني آهي. اسان وٽ "ڪورڻ" معنيٰ "ڪپڻ" پر رڳو "ڪپڻ" نہ، اسين "ڪپڻ" کي "وڍڻ" تا چئون جڏهن تہ "ڪورڻ" جي معنيٰ آهي تہ، اتان (جتي هو آهي) ڪڍي/ان جاءِ تان ڪپي/وڍي ڪڍي ڏار ڪري ڇڏڻ، تہ جيئن ان جو اتي وجود ئي نہ رهي.

جملو = هي ٻوٿو تون پاڻ لاءِ چَڪِي ڪري ڪَوري ڪڍي وڃ.

جملو = ايئن تہ هو بيهر مُري ايندو. تون وجي ٻڻ منجهان ڪورُ.

بيت جي سمجهاڻي = شايد توکي محبوب پچن/سار لهن. تون پنهنجي اندر مان/من مان سندس ياد نہ وسار. پنهنجي اندر مان ڪوڙي (نفس) کي ماري/وڍي/ڪپي/ڪوري ڪڍي ڇڏ تہ هُن دنيا جو/آخرت جو خوف تنهنجي مٿان لهي/ معاف ٿيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـريراڳ داسـتان 1 بيـت 10 جلـد 1،

لـُـڙُ لهـرون لـس ليـٿ، جتـي ات نـہ آب جـو،

الا ات مَ اوليـيـن، بيـڙا متـي بيـٿ،

جوکـو تيئـي مَ جـَـڙاوَ کـي، ڦرهـي اچـي مَ ڦيـٿ،

لڳـي کـا مَ لپيـٿ، شـل غـاريبي غـراب کـي.

## اوليين :

شيخ = ڏکين، ٿيلهين، لوڙهين، ٻوڙين.

منگهاڻي = ڦاسائين.

## غـُراب :

شيخ = معنيٰ ڏنل ڪانهي.

منگهاڻي = سواري

گنج، صفحو 290 (غريبي غوراب)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 10،

لڙ لهـرون لـس ليـٿ، جتـي ات نـہ آب جـو.

الله اول مَ ان، ٻـيڙا متـي بـيـٿ،

جوکـو تيئـي مَ جهـاز کـي، ڦرهـي اچـي مَ ڦيـٿ،

لڳـي کـا مَ لپيسـٿ، هـن غـاريبي غـراب کـي.

قليچ، داستان 1 بيت 10 (شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) اول = ڏڪ، لهوارو ڪر، اولي سان ڏڪ غراب = جهاز.

قاضي، داستان 1 بيت 11، (بيت شوقيرام وارو. باقي جهاز جي بدران جڙاوَ آهي.)

اولين = لوڙهئين، ٽيلهين، غراب = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 11 (بيت شيخ صاحب وارو، جڙاوَ جي بدران جهاز آهي.)

اولين = معنيٰ ڏنل ناهي. غراب = عربي، هڪڙي قسم جو وڏو ٻيڙو، جهاز.

شهواڻي، داستان 1 بيت 11 (بيت گربخشاڻيءَ وارو) اولين = اچلائين، ڇڏي ڏين. غراب = جهاز.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 11 اولين = اچلائين، غراب = جهاز.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 11 (بيت شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 11 (شوقيرام وارو) اول = اچلاءِ. غراب = جهاز.

انصاري، داستان 1 بيت 11 (گربخشاڻيءَ وارو) اولين = لوڙهين، ٺيلهين، غراب = معنيٰ ڪونهي.

بلوچ، صاحب واري نسخي ۾ سر سريراڳ ۾ هي بيت موجود ناهي.

لغت "روشني"، صفحو 37، اولين = ٺيلهي ٺيلهي پار پهچائڻ، پرين ڪنڌيءَ واري تڙ تي پهچائڻ. صفحو 315، غراب = هڪ قسم جو ننڍڙو ٻيڙو، ننڍڙو جهاز.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "اوليين/اولجڻ" جي مٿي سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 3 ۾ نهايت تفصيل سان سمجهاڻي ۽ معنيٰ ڏني اٿم. جتي لفظ "اوليو" جي معنيٰ شيخ صاحب "اولي يعني ٻيڙيءَ جي ڳن سان ونجهه سان ڌڪجي ويو" ڏني هئي ۽ هتي ساڳيو لفظ "اوليين" جي صورت ۾ آيل آهي.جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ڌڪين، ٺيلهين، لوڙهين، ٻوڙين" ڏني آهي. سر ڪلياڻ واري سٽ، "تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪونه اولئو" جي معنيٰ مون لکي هئي: تڏهن انهن مان ڪنهنکي به خراب تڙ نه ڦاسايو ۽ هن بيت جي سٽ آهي، "الا ات مَ اوليين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ" ان جي معنيٰ منهنجي ڏنل معنيٰ سان ٺيندي: اي الله، اتي تون ٻيٺ جي مٿان ٻيڙا نه ڦاسائجين.

بيت جو ٻيو لفظ آهي "غراب" جنهنجي معنيٰ لطيف جي سيني شارحن، جهاز يا ٻيڙو" ڏني آهي. هڪڙو ڇوي ته، "وڏو ٻيڙو" ته ٻيو ڇوي، "ننڍو ٻيڙو". لطيف ڀلا ڪٿي اهڙو ذڪر ڪيو آهي؟ لطيف ته لفظ "غراب" لسٻيلي ۽ ڪوهستان واري معنيٰ ۾ ورتو آهي يعني "سواريءَ جو ذريعو" ۽ اهو به "غ" سان نه پر "گ" سان "گراب" آهي. اٺ جو ننڍو ٻچو "گورو" ۽ ڪڇي مَسَ ساماٽيل کي "گراب" ٿو چئجي، جيئن بار کڻڻ واري اٺ کي "باريگ" سان گڏ "اولاڪ" به چئجي ٿو. اٺ جيئن ته هميشه سواري جي ڪم ايندا آهن سو لطيف به "ٻيڙي ۽ جهاز" کي سواريءَ واري معنيٰ ۾ "غراب/گراب" ڪونيو آهي پر ان جي معنيٰ اها ڪانهي ته "غراب/گراب" جي معنيٰ ئي، "جهاز يا ٻيڙو" آهي. ان ڪري منهنجي پڙهڻيءَ موجب سٽ آهي. "لڳي ڪامَ لپيٽ، هن غاريبي گوراب کي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = شال ھن غريباڻي سواريءَ کي ڪابہ اوکائي ۽ ڏک نہ لڳي (سفر دوران)

بيت ۾ آيل لفظن جي ڦيرڦار بہ اوھان ڏني جيڪا آھي "آت/انت"، "اول/اوليين"، "ھن/شال"، "جڙاوَ/جھاز"، غاريبي/غريبي" ۽ "غوراب/غراب".

بيت جي سمجھاڻي = جتي منٿيءَ ھاٿيون لھرون، اڇ ٻوڙ ٻوڏ ۽ پاڻيءَ جو ڪو انت/ چيھ ڪونھي، اتي يا الله! ٻيڙن کي ٻيٽن تي چاڙھي نہ ڦاسائجين. جڙاوَ/ چٽسالي (ٻيڙي جي) کي ڪو نقصان نہ رسي ۽ ٻيڙي ھلائڻ وارن ڪانن/ تختن ۾ بہ ڪو ڏار ۽ ڦاٽ نہ پوي. الله ڪري تہ ھن غريباڻيءَ سواريءَ کي ڪوبہ ڏوکو/ڏک نہ لڳي.

سـر سـريراڳ داسـتان 1 بيـت 11 جلـد 1

اڇـي سـو ڏنـوءِ، جـو ڪپـر سـوءِ ڪنـن سـين،
سـتي لـوڪ لطيـف چئـي، يـاد نـہ ذرو ڪئـوءِ،
غـافل تـي غـراب کـي، اوڙاھـہ تـي آنـدوءِ،
چِتـر چوھـي کـان رکيـن، جـو پيـو پراڻـو پـوءِ،
جھـاز ضعيفـن جـو، پـاڻيءَ ۾ پرتـوءِ،
سـيد سـاٿ سـندوءِ، پـُـربندر پھچـائين.

چِتر :

شيخ = چيتيون چيتيون، يعني پراڻو غراب يا ٻيڙو.
منگھاڻي = تڏو، پرچ، پني، ڦڙھن سان اٽيل تڏو/چتر.
گنج، صفحو 272.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 165 بيت 883 (سو چتر)

شوقيرامہ، داستان 3 بيت 11 (سو چتر)

قليچ، داستان 3 بيت 11 (سو چتر)

لغات لطيفي (قليچ) چتر = پراٺي ٻيڙي

قاضي، داستان 4 بيت 3 (سو چتر) چتر = ڇوڏو پراٺي ٻيڙي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 9 (سو چتر) چتر = (سنسڪرت، چتُ = چيتيون چيتيون) چيتيون چيتيون ٽيل جهاز، پراڻو ٻيڙو.

شهواڻي، داستان 3 بيت 9 (سو چتر) چتر = پراڻو جهاز.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 11 (سو چتر) چتر = چيتيون چيتيون جهاز.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 12 (سو چتر)

قاسمي، داستان 3 بيت 11 (سو چتر) چتر = پراڻو جهاز.

انصاري، داستان 3 بيت 10 (سو چتر) چتر = ڇوڏو، پراڻي ٻيڙي.

بلوچ، داستان 3 بيت 16 (سو چتر) چتر = موزو، جتي جو چنل پادر، موزي سان مشابهت طور ننڍڙي ٻيڙي.

لفظ "چتر" اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ شهر توڙي ڳوٺ ۾ ننڍو توڙي وڏو سمجهي ۽ ڳالهائي ٿو. چتر معنيٰ تڏو. جيڪو جبل ۾ ڪجيءَ سان مشابهت رکندڙ هڪ ننڍي ٻوٽي مان اٽي بنائبو آهي جنهن کي "ڦڙهي جو ٻوٽو" چيو ويندو آهي. جبل جي مسڪين رهاڪن وٽ نہ نڪو ٽين قالين نڪو غاليچا، نڪو فراسيون نڪو زيلا. جبل مان "ڦڙها" وڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آٽي پسائي، تورو ڏک جي ساسار ڏيئي، ڪُتي چِتَرُ اٽندا آهن. اهيئي سندن قالين تہ اهيئي سندن غاليچا. وڏيڪ جي عياشي ڪيائون، تہ ڪاري ائيءَ (ٻڪريءَ) کي لٽي ”پُنو“ ڪندا هتيڪو. اڇي رڍ لٽي پشم رڱيندا. راڳي بہ پاڻ. ٻير جي وڻ کي ڏکڻ سان سندس تڙ مان هڪ ڳاڙهي رنگ جو رَسُ جهڙو ڪجهہ نڪرندو آهي، ان کي چون ”لاک“. جي لاک ملي تہ ٻيو ڇا کپي ۽ لاک ۾ رڱيل ڪپڙو تورڙي اَنَ مانائتي ۽ قدراتي هوندي آهي. لاک بہ جڏهن تڏهن هر منڊ ۾ نتي تيئي ۽ جتي ملندي آهي تہ اهو قدراتو رنگ سِتائتيون زالون سِٽَ ڪري سِتا وانگر سنياليندون آهن ۽ وقت تي پنهنجن بد رڱيڙن گجن ۽ ڪنجرين لاءِ سوڪڙيءَ وانگيان واپرائيندون آهن. لاک ۾ رڱجي گج ۽ ڪنجريون نئين جو ڏيک ڏينديون آهن. جي لاک نہ ملي تہ ٻير جو ڪچو چوڏو سٽ ڏيئي ڪڍي، ان ۾ ڪنڊي جي وڻ مان نڪتل ڪونئر مثل ڳنڍيا گڏي/ملائي پتيليءَ ۾ پاڻي وجهي چاڙهي، ڪاڙهي رَهَبَتُ ڪري، جڏهن ڳاڙهو پَتُ تي وجي تہ تنهن ۾ اَنَ جو پُنوَ وجهي لهرون ڏياري رکن هيٺ. تڏي تيڻ تي رڱَ مان ٻاهر ڪڍن تہ جهڙو قدرتي رڱيل ريشم، ۽ پوءِ رڱيل پشم ۾ رڱَ پڪو ڪرڻ لاءِ ان کي ”ڪَوڻِ“ ڏبي. جهنگ جبل ۾ وک وک تي قدرتي وِٽون واڪا ڪري تيون سڏين. اتي هڪ قسم جو ٻوٽو ٿيندو آهي ان کي روڙي چني آٽي باهہ ڏبي تہ اهو ڪامي اڇي رنگ جي پَرُ پَرَنَ ڪوئلن جي شڪل وٺي ويندو. تنهن کي چون ”ڪار“. جبل جي ماٽهن جو اهو ئي صابڻ تہ اهو ئي واشنگ پائوڊر آهي. پوءِ اهو پَريون ڪري گهرن ۾ سنيالي رکن. تورا ڪپڙا ڏوئڻ جا هوندا تہ لَپَ پري، ۽ جي گهڻا هوندا تہ ٻڪ ”ڪار“ جو پاڻيءَ جي پريل ڏبي يا پتيلي ۾ وجهي، ڪوسو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهن ميرا ڪپڙا. لهرون ڏيئي ڪاڙهي ڪڍن ٻاهر تہ اڇا جهڙا ڪرڪوٽيون تيون پون ۽ سُرها بہ ٿين. اهڙي ئي ڪار پيل گرم پاڻيءَ ۾ رڱيل ڪپڙو يا ڏاس ۽ رڍ جي رڱيل پشم وجهبي تہ ان کي چون ”ڪوڙ“ ۽ رڱيل ڪپڙن يا ڏاس ۽ پشم کي ”ڪوڙ“ ڏبي تہ اهي نرم ۽ رنگ پڪو ٿي ويندو آهي ۽ پشم ۽ ڏاس کي هٿن سان وٽي وٽي ڊگهن رسن جيان ٻانهن تي ويڙهي ۽ پوءِ ڏڪَ مَڪڙي، جَلَڪَ ڦنگ ڪٽي وٽيندا سڀ ۽ ڏاڳا. ڏاس جا ڏار ۽ اُنَ جا ڏار وٽيندا، پوءِ جي ڦڙها، ڏوبرا“ (نرم ۽ اوچا/قيمتي) هوندا تہ اٽبي پَٽي يا چتر، پر جي ”ڦڙها “سيئا“ (اپرا شڪان جهڙا) هوندا تہ اٽبو پرچ ۽ پرچ جڏهن گهر/پونگا اڏبا آهن تہ ان جي پنيءَ ڏانهن ديوار مثل ڪم ڏيندو آهي. پڪو متان (ڇت) ۽ پاسن ۽ اندين تان ڏريون ۽ چتريون ڏبيون آهن. اهي سڀ ڦڙهن مان جبل جا سڌير ڪاريگر خاص طور تي عورتون بنائينديون آهن. جبل جون عورتون پنهنجن گهرن لاءِ وڏا ڪاپا ڪنديون آهن. جبل جون اهي ڪاپائتيون سنگهاريون/سگهڙيون ڦڙهن مان ڪمال ڪاريگريءَ سان چتر ۽ پنيون اهڙن تہ نقشن ۽ وهوارن سان اٽنديون آهن جو دل چوندي آهي تہ ماڙين ۾ بہ آٽي وجهجن ۽ انهن چٽن ۽ نقشن ۾ رڱيل پشم ۽ ڏاس جا وٽيل سڀ ۽ ڏاڳا پوئينديون آهن تہ پوءِ اچي ڪو انهن پنين ۽ چترن جو حسن ۽ سونهن ڏسي. هتي ڪراچي جي وچ ۾ رهيل بڪڪن وٽ ماسي مهران جبل جا چتر، پنيون ۽ چنڊٽا وڪڻ لاءِ هاٽي بہ ڪٽي ايندي آهي ۽ اهيئي چتر، پنيون، پرچ، چتريون سندن مال مڏيون، گذران ۽ بچاءُ هوندا آهن.

لطيف بہ ان ئي چتر جي ڳالهہ ڪئي آهي. سٽ آهي،

”چتر چوهي ڪان رکين، جو پيو پراٽو پوءِ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = ڇتر ڪي، پراٽي پيل تڏي ڪي ڇُهي/ڇوهي، هوا جي تيز اوڇتو آيل جهوٽي جي اڳيان رک.

درياهه يا سمنڊ ۾ جهازن/ٻيڙن لاءِ ڇهو نهايت خطرناڪ ٿيندو آهي. ان جو علاج اهو ئي آهي ته ڪنهن به طريقي سان ان کي جهاز/ٻيڙي ۾ گهڙڻ ۽ داخل ٿيڻ نه ڏجي/روڪجي. پر تنهن هوندي به جيئن ته جهاز پاڻيءَ ۾ هوندو آهي ۽ سمنڊ هوئڻ به جهازن جا پاسا سيڪيندو آهي. پر جي واءُ به پاڻيءَ سان صلاحگير ٿي وڃي ته پوءِ اهو وڏو ۽ يقيني خطرو ٿي پوندو آهي (ته جهاز جو خير ڪونهي) پر تڏهن به احتياطي بچاءَ جا اپاءَ ته ضرور ونبا. تنهن ڪري ئي اسانجو گهٽگهرو دلبر لطيف پاڪ فرمائي ٿو: "سو ڇتر ڇهي ڪان رکين، جو پيو پراٽو پوءِ." يعني، ڪو ڇتر، تڏو پرچ يا ڪابه آڏ ڏيئي آڏ ڪريو ته اهو ڇُهو جهاز ۾ داخل نه ٿيئي. لطيف سائين رڳو شاعر ئي ته نه هو. هو ته اسانجو رهبر/رهنما/اڳڪٿيون ڪندڙ/سنياليندڙ/متيون ۽ سڌيون ڏيندڙ به آهي جنهن اسان کي هر طرف کان سلامتيءَ واري واٽ ڏسي آهي، سنئون رستو ڏيکاريو آهي ۽ هر خطري کان اسان کي آگاهه ڪيو آهي. (ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي ڇور چڙهيا) جهاز ۾ هوا جو تيز جهوٽو داخل ٿيڻ ته هوئڻ به هاجيڪار آهي پر جي اهو تيز ڇُهو سُڪيءَ تي اڏيل پڪن گهرن ۾ گهڙي پوي ته به جيڪر وڏا نقصان ڪري. سو جڏهن تيز هوا جو اوڇتو/ويسريندي جهولو لڳندو آهي ته جهنگ/جبل ۽ ٻونگن/جهوپڙين جا ڏٽي هڪدم هشيار ٿي پنهنجن گهرن ۾ ان کي داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ان پاسي کان ڇتر/پرچ/ڇتريون/ڇتايون ۽ ڏريون وغيره ڏيئي آڏ ڪندا آهن ۽ ڇُهي کي هر ممڪن طريقي سان گهرن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙن کان جهليندا آهن. اتفاق سان يا ڳهتر نہ ڪرڻ جي ڪري جي اهڙو تيز هوا جو ڇهو/ڇوهو گهرن ۾ گهڙي وڃي ٿو ٻي پاسي کان ڪيس نڪرڻ لاءِ واٽ نہ ملي تہ هو ڇونگن کي تہ اڏائي ڪٽي ويندو آهي پر اهڙي صورتحال ۾ ڇکن گهرن جون ڇتيون بہ ڏاري اڏ ڪري وڃهندو آهي. لفظ "ڇوه" تيزيءَ لاءِ ئي مخصوص آهي. لفظ "ڇتر" جملن ۾.

جملو = گهر ۾ ڇـِـڏَڙو ڇتر وجهي ڇيني آهين. هٿ سُـڪا ڪونهن، وڃي ڦڙها وڍي آٽي ڇتر اٽي گهر ۾ وڃُهہ. لَوڪ ُڪلاءِ نہ پاڻ تان.

جملو = فلاڻيءَ ڇتر اٽيو آهي وڃي تہ ڏس! سڳن ۽ وهوار جي سونهن.

لفظ "ڇتر" جي معنيٰ ٻين تہ سيني شارحن "ڇراٽي ٻيڙي يا جهاز" ڏني آهي پر بلوچ صاحب نهايت عجيب معنيٰ ڏني آهي، جيڪا آهي: "موزو يا جتيءَ جو ڇنل ڇادر." بلوچ صاحب شايد پوليس جي مار واري اصطلاح "ڇتر ۽ لتر" مان اها معنيٰ ڪڍي آهي. ڇاڻي يا هوا جي تيز ڇهي جي اڳيان موزا يا ڇراٽا ڇنل ڇادر ڇا ڪندا؟

جيئن اتر واري ڇاسي مرڻ واري جو تڏو ڪبو آهي تہ ڇئبو "فلاڻي جو تڏو ڪرٽو آهي يا فلاڻي جي تڏي تي وڃٽو آهي" بلڪل ايئن ئي اسين چوندا آهيون، "فلاڻي جو ڇتر ڪرٽو آهي يا فلاڻي جي ڇتر تي وڃٽو آهي."

لفظ "غراب/گراب" جي متي تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. شيخ صاحب واري نسخي جي سٽ آهي "ڇتر ڇوهي ڪان رکين، جو ڇيو ڇراٽو ڇوءِ" جڏهن تہ ٻين نسخن ۾ "سو ڇتر ڇوهي..." يعني لفظ "سو" آيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اکين سان اڇي اهو (پوائنٽو) ڪنارو ڏنئي جنهن جا احوال ڪنن سان ٻڌا هُئئي. غفلت ڪري تو خطري کي ذرو بہ ياد نہ ڪيو. هنئين ساڻ نہ هنڊايو ۽ بي خبر ٿي هن سواريءَ (جهاز) کي اونهي اوڙاهہ ۾ آڻي وڌئي. هاڻي جهاز کي بچائڻ لاءِ سڀيئي احتياطي تدبيرون ۽ اپاءَ ڪر! (اي الله اهڙيءَ مهل) مسڪينن جو ٻيڙو تنهنجي حفاظت ۾ آهي/توکي پرتو آهي. اي سردار/سيد تون پنهنجي سموري ساٿ کي شل پوربندر پهچائين.

سُر سريراڳ داستان 2 بيت 13 جلد 1،

ايءَ گت غواصن، سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار ۾، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لال هٿن سين.

## گت :

شيخ = عادت، دستور، ريت
منگهاڻي = حالت، ڪيفيت
گنج، صفحو 280 (هيرو لال)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 9 (هيرا لال)
قليچ، داستان 2 بيت 9 (هيرا لال)
لغات لطيفي (قليچ) گت = گهت، عادت، دستور
قاضي، داستان 2 بيت 9 (موتي لال) گت = ريت، دستور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 9 (هيرو لال) گت = (سنسڪرت، گتي) هلڻ جي نور، ريت، دستور، چال

شهواڻي، داستان 2 بيت 9 (هيرولال) گت = عادت روش

آڏواڻي، داستان 2 بيت 9 (هيرو لال) گت = ريت، چاڻ

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 9 (هيرا لال)

قاسمي، داستان 2 بيت 9 (هيرا لال) گت = ريت

انصاري، داستان 2 بيت 9 (هيرا لال) گت = ريت، دستور

بلوچ، سر سامونڊي داستان 1 بيت 12 (هيرا لال) گت = رسم، چال، رٿا.

لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ ”گت“ حالت ۽ ڪيفيت واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = فلاڻي سان اهڙي گت ڪيائون جو ياد ڪندو.

جڏهن تہ شيخ صاحب ۽ ٻين بہ سيني محترم شارحن لفظ ”گت“ جي معنيٰ ”هلڻ جي نور، چال، چاڻ، روش، رٿا رسم، عادت ۽ دستور وغيره ڏني آهي.

بيت جي آخري سٽ ”آڻي ڏنائون، هيرو لال هٿن سين“ ۾ آيل لفظ ”هيرو“ شيخ صاحب سان گڏ گنج، گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي وارن نسخن ۾ بہ آهي. جڏهن تہ شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ ”هيرا“ آيل آهي. يعني واحد ”هيرو“ جي بدران جمع ”هيرا“ آهي. منهنجي راءِ ۾ اهو ئي جملي طور صحيح آهي. جيڪي سمنڊ ڦولريندا اهي هڪڙو ”هيرو“ نہ پر گهڻا ”هيرا“ آڻيندا . پر سوال اهو آهي تہ سمنڊ ۾ تہ ”موتي“ ٿيندا آهن. جيئن علامہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي صاحب واري نسخي ۾ آهي ”آٽي ڏنائون، موتي لال هٽن سين“ پر لفظ ”لال“ جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ اسين تہ، ”ياقوت/روبل“ کي ”لال“ چوندا آهيون ۽ ياقوت تہ پٿر آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اڳين زماني ۾ سمنڊ ۾ هيرا يا لال هجن! پوءِ قاضي صاحب واري نسخي ۾ ”موتي“ ڇو آهي؟

بيت جي سمجهاڻي لاءِ، هيرو/هيرا/موتي/لال/ماڻڪ جي هڪ هڪاڻي ٿيل ناهي.

سر سريراڳ داستان 2 بيت 14 جلد 1

آڇاڙا عميق جا، گڏيا غواصن،
جهريون جهاڳي آيا، ڪارونيار ڪنن،
سمند سوجهي جن، آٽي امل اوليا.

**اوليا :**

شيخ = ڏکي يا ميڙي گڏ ڪيا.
منگهاڻي = قاسايا.

باقي شارحن جون معنائون اڳ بہ ڏنل آهن. اسين هن لفظ جي مختلف صورتن تي اڳ بہ بحث ڪري چڪا آهيون. هي لفظ بہ انهن لفظن منجهان آهي، جن کي لطيف سرڪار مختلف سرن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا آندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ لفظ ”اوليا“ سنڌ جي ڀين حصن ۾ ان ئي معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو هجي جيڪا شارحن ڏني آهي! اهو مونکي منهنجي ڪتاب ”ڇپر ڪين ڏي...“ جي ڇپجڻ کانپوءِ ڪنهن ليکڪ چيو آهي پر سوال اهو آهي تہ شارحن لفظ ”اوليا“ جي معنيٰ هر بيت ۾ مفهوم مطابق ڇو ڏني آهي؟ جڏهن تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوليا" ڦاسايا واري معنيٰ ۾ اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي ۽ لطيف سرڪار بہ ان ئي اسان واري معنيٰ ۾ هر هنڌ آندو آهي. مثال هن ئي مٿئين بيت جي سٽ،

سمنــــــد ســـــوجهي جــــن، آڻـــــي امــــل اوليــــــا

معنيٰ = جن سمنڊ کي جانچي، ڦولهي اٿملهہ ماڻڪ موتي ڦاسائي آندا. هتي شيخ صاحب لفظ "اوليا" جي معنيٰ "ڏکي يا ميڙي گڏ ڪيا" ڏني آهي. مٿي سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 3 ۾ آهي،

تـــــڌهن منجهــــان تـــــن، اوتـــــڙ ڪونــــــ اولئـــــو

جتي شيخ صاحب لفظ "اولئو" جي معنيٰ "(اولي يعني ٻيڙيءَ جي ونجهہ يا ڳن سان) ڏڪجي ويو" ڏني آهي. سر راڳ داستان 1 بيت 10 جي سٽ آهي،

الا ات مَ اولييـــــــــن، ٻيـــــــڙا مٿـــــــي ٻيـــــــٺ

جتي شيخ صاحب لفظ "اوليين" جي معنيٰ "ڏکين، ٺيلهين، لوڙهين، ٻوڙين" ڏني آهي ۽ هتي وري "ڏکي يا ميڙي گڏ ڪيا" ڏني آهي. هي لفظ واحد ۽ جمع مذڪر "اوليو/اوليا" ۽ واحد ۽ جمع مونث، "اولي/ اوليون" آهي. صحيح معنائن سان لطيف جو ڪلام پڙهجي ٿو تہ سندس فڪر/فلسفو ۽ پيغام منبر تي ٻيهي مرڪي پوي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = گهري سمنڊ جا ڪن ٽوٻيارن/ٽوٻن سان منهن مقابل ٿيا. هو سمنڊ جا ڳجهہ ۽ ڪن پار ڪري ويا ۽ انهن سمنڊ ڦولهي املهہ ماڻڪ ڦاسائي آندا. (يعني انهن جي اڳيان ڪيڏيون بہ مشڪلون/تڪليفون آيون پر اهي ثابت قدم رهيا ۽ حاصلات پاتائون (۽ موتين پريون سپون ڪٽي آيا).)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُـــر ســـريراڳ داســـتان 2 بيـــت 18 جلـــد 1

ويـــرَ مَ لاهـــي ويهـــ، متـــي آرَ اوڙاهـــ جـــي،
وينـــدو نـــ ڏســـين ڏيهـــ، پســـڻ هـــن پـــار مٿـــي،

ويرَ :

شيخ = غفلت، گيسر
منگهاڻي = وقت، مهل، ويل، وِرِمَ

آرَ :

شيخ = پاڻيءَ جي تيز وهڪري يا سمنڊ جي ڪُن
منگهاڻي = مرضي، لاڙو، رجحان.

اوڙاهہ :

شيخ = درياهہ، سمنڊ
منگهاڻي = گهرائي، اونهائي، سمنڊ جي يا ڪاهيءَ جي. (پاڻي يا سُڪيءَ جي گهرائي)
گنج، صفحو 282
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 13
لغات لطيفي (قليچ) وِير = ويرم = وقت، دير. آر = درياهہ جو سخت وهڪرو، اڇل، تک، سير، خيال، ميل، شوق.
اوڙاهہ = ڪن، اونهون درياهہ، عميق، درياهہ جي ڪُنڌ.
قاضي داستان 2 بيت 13، آر = سير، تک، وهڪرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي داستان 2 بيت 13، ويـر = ويـرمَ لاهـي = غفلـت ۾ گيسر ڦٽي ڪري هن مهاساگر ۾ موت جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويهہ. آر = معنيٰ ڏنـل نـاهي. اوڙاهـہ = (سنسـڪرت، ادڌي)، وڏو سمنـد، درياهـہ، ڪن، هتي سنسار روپي ساگر.

شهواڻي، داستان 2 بيت 13، وير = دير، غفلت ڇڏ. آر = سير، تک، اوڙاهہ = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 13، ويـر = غفلت. اوڙاهـہ = اونهـون يـا پيانڪ سمند.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 14

قـاسمي، داسـتان 2 بيـت 13، ويـر = معنـيٰ نـاهي. آر = اڇـل. اوڙاهہ = معنيٰ ناهي.

انصاري، داستان 2، بيت 3، آر = سير، تک، وهڪرو. اوڙاهہ = معنيٰ ناهي.

بلوچ، داستان 2 بيت 26، وير = ويرم، دير، دير مَ لائي = دير ڪري نـہ. آر = پاڻيءَ جي پلٽ، پاڻيءَ جي تکي ڇڪ. اوڙاهـہ = اونهـون پاڻي، عميق سمند.

لفظ "وير" جي معنيٰ شيخ صاحب "غفلت، گيسر" ڏني آهي پر لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ وقت کي "وير" ٿو چئجي.

جملو = مانيءَ جي وَيرَ ٿري ويئي، هاڻي بک ٿي ڪانهي.

جملو = سونت ۾آهين، هي وير ڪلڻ جي آهي؟ اڃا ميٽ بہ رکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”وير“ جي معنيٰ شيخ صاحب سان گڏ گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي ۽ بلوچ صاحب پڻ ”غفلت، گيسر ۽ دير“ ڏني آهي ۽ قليچ صاحب حيرت انگيز نموني لفظ ”وير“ جي معنيٰ ”دير“ سان گڏ ”وقت“ بہ ڏني آهي. جيڪا ئي لفظ ”وير“ جي درست معنيٰ آهي پر هُن صاحب (قليچ) ”دير“ بہ ڏني آهي. اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا رهاڪو ”دير“ کي ”اوير“ بہ چئون.

جملو = هو اوير ڪري آيو هو فيصلو اڳ ئي ٿي ويو هو.

جملو = ڪم تي اويرو نہ اچ، سويرو اچ.

”سويرو“ معنيٰ ”سويل“، ”دير“ کي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”وِستوَ“ بہ چون ”مُهڙ“ معنيٰ ”اڳ“!

جملو = تون وستو آيو هئين، هو مهڙ آيو هو.

هاڻ جڏهن منهنجو واسطو ادب/شاعري سان آهي ۽ آئون پاڻ سنڌي نصاب واري ٻولي/لهجو/اچار مڪمل طريقي سان چوڻين/محاورن، اصطلاحن ۽ علامتن سميت سمجهي ويئي آهيان تہ خوشي ٿيندي اٿم پنهنجي جبل واري سنبند تي، تہ جبل ۾ تہ سنڌي ٻوليءَ جون اعليٰ يونيورسٽيون ڪليون پيون آهن ۽ لفظن جا ڏوڏا ڪنهن بہ ڪيفيت جي اظهار لاءِ آتا/اتاولا/واندا وينا آهن. ڇا تہ ڏک سک جو اظهار ڪندا آهن جبل جا ساڏڙا ڏراڙ ماڻهو. جملن جا جهڙ سدائين ڪپار ۾ ڪڪر ڪيو بيٺا هوندا آهن ۽ مهل مهل ۾ زبان مان تريون ڏيئي وسي پوندا آهن چوڻين/محاورن ۽ پهاڪن جا مينهن، وس واري مند جيان. ڪڏهن جو انهن ٻوليءَ جي ڏٺين سان منهن مقابل ٿيندي آهيان تہ يَنبُ يَنبُ ڪري رڳو ڪين ڏسندي ئي رهندي آهيان ۽ بس وات ڦاهون ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌڻ تي دل چاھيندي آھي. ڇاڪاڻ تي تہ نصاب ۾ مروجہ ٻولي نھايت محدود، غريب ۽ مسڪين آھي. اميد تہ اھو ڪم بہ ھٿ ۾ ڪنيو ويندو ۽ سنڌي نصاب ۾ سنڌ جي ھر خطي جا ھيرن جواھرن جھڙا لفظ محاورا /چوٽيون/پھاڪا/قصا/ڪھاڻيون ۽ شاعري آڻي ڪيس شاھوڪار ۽ لامحدوديت واري منزل تي رسايو ويندو.

بيت جو ٻيو لفظ آھي "آرَ" جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب "پاڻيءَ جو تيز وھڪرو، سمنڊ جو ڪُنُ" ڏني آھي ۽ لڳ ڀڳ سيني شارحن اھائي معنيٰ ڏني آھي البتہ قليچ صاحب "شوق ۽ خيال" بہ ڏني آھي. مٿي سر ڪنيات داستان 2 بيت 44 ۾ آيل لفظ "آر" جي معنيٰ شيخ صاحب "پيار ۽ محبت" ڏني آھي ۽ ھتي ساڳيئي لفظ "آرَ" جي معنيٰ "پاڻيءَ جي تيز وھڪري جي گھمري، درياھہ يا سمنڊ جي ڪن." ڏني آھي. منھنجي حساب سان لفظ "آر" مٿي سر ڪنيات ۾ ۽ ھتي ٻنھي ھنڌن تي "مرضي ۽ لاڙو" واري معنيٰ ۾ آيل آھي. سر ڪنيات ۾ آھي،

جنھن ول گھٽا وھاتيا، ان سين آر لڳياس،

معنيٰ = جنھن ول گھٽن کي نقصان ڏنو آھي. ھن (اٺ) جي اوڏاھين مرضي/لاڙو آھي ۽ ھتي آھي،

وير مَ لاھي ويھہ، مٿي آر اوڙاھہ جي.

معنيٰ = گھري سمنڊ جي لاڙي ۽ مرضيءَ تي ھلي وقت وڃائي نہ ويھہ." يعني، گھري سمنڊ جي تہ اھائي مرضي آھي تہ ھر شيءِ کي ٻوڙي غرق ڪري ڇڏي. لطيف سرڪار چاھي ٿو تہ اسين پنھنجي اڳيان اوڙاھہ جيڏا مسئلا ۽ مونجھارا ڏسي، ويھي وقت نہ وڃايون بلڪہ انھن سان مقابلو ڪري سوپارا ٿيون. لفظ "آر" جي مٿي جملن سان سمجھاڻي ڏني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم ۾ لفظ "اوڙاهه" جي تفصيلي سمجهاڻي جملن سان اڳيان هلي ڏينديس.

بيت جي سمجهاڻي = گهري اونهي (سمنڊ) جي مرضيءَ تي هلي وقت وڃائي متان ويهي رهين. اوڙي پاڙي واريون ڏسي اهائي ڳڻتي ۽ فڪر ڪج. هُن پار/هُن ڪناري (هُن دنيا) ڏانهن ويندي ماڻهن ڪي نتا ڏسو چا؟

سُر سريراڳ داستان 3 بيت 6 جلد 1

وينو تُن تنيس، مک ڏهاڙي مکڙي،
سنياهي سيد چئي، متي نائوُ نينس،
وٽائي وڏاندرا، لاڄو لڳائينس،
آخر اهرائينس، تہ جوکو تيئي نہ جهاز کي.

**مک :**

شيخ = تيل لڳائينس

منگهاڻي = مکينس، لڳائينس، هٽينس

**اهرائينس :**

شيخ = (پاڻيءَ تي) هلائينس

منگهاڻي = هيٺ لاهينس

گنج، صفحو 271

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 9



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3 بيت 9
لغات لطيفي (قليچ) مک = ناهي. اهرائينس = اهرائڻ = هاڪارڻ، هلائڻ.

قاضي، داستان 3 بيت 3، مک = تيل جو مک، تيل مکڻ.
اهرائينس = (اهرائڻ = ٻيڙي هاڪارڻ) هاڪارينس، تيلهينس
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 7 (نينديوءَ نينس، بمبئي، بلڙي ۽ پٽ شاھ وارن نسخن ۾ آهي.) مک = تيل جو مک ڏينس، دستور آهي تہ، ٻيڙي جڏهن درياھ ۾ اهريندا آهن تہ ٻهريائين ان کي چربي يا تيل جو مک ڏيندا آهن، خاص ڪري جتي ڳنڍ هوندي آهي.
اهرائينس = اهرائڻ = ڏڪائڻ، تيلهائڻ. اهرڻ (سنسڪرت، اَپَسَرڻ، اپ = پري + سرڻ = وڃڻ) اسرڻ، نڪري وڃڻ، ڪسڪي وڃڻ، روانو ٿيڻ.
شهواڻي، داستان 3 بيت 7 (نينديوءِ) مک = تيل لڳاءِ.
اهرائينس = پاڻيءَ ۾ ڏڪينس، هلائينس.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 9 (نينديوءِ) مک = تيل لڳاءِ. اهرائين = ڪاهي وڃنس.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 9.
قاسمي، داستان 3 بيت 9 (نينديوءِ) مک = ناهي. اهرائينس = ڏڪائينس.
انصاري، داستان 3 بيت 8 (نينديوءِ) مک = تيل جو مک، تيل مکڻ. اهرائينس = (اهرائڻ = ٻيڙي هاڪارڻ) هاڪارينس، نيلهينس.
بلوچ، داستان 3 بيت 11 (نينديوءِ) مک = تيل مان مک.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهرائينس = تارينس، هاڪارينس، هلائينس.

لفظ ”مک“ جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن ”تيل لڳائين/تيل جو مک/تيل سان مک/تيل جومک ڏينس“ ڏني آهي، جيڪا منهنجي راءِ ۾ درست ناهي. ”مک“. معنيٰ ”مکينس، هٽينس، لڳائينس“ ـ ڪجهہ بہ، تيل، چربي، سٽپ، گگر ۽ انهن کان سواءِ يعني هرويرو سٽيي شيءِ بہ نہ پر ڪابہ مٽي ۽ پاٽي بہ.

جملو = وٺ، هي خاڪ شفا آهي مکِ.

جملو = زم زم جو پاٽي تورو آهي، پيئڻ جيترو ڪونهي. مکڻ جيترو آهي مکي ڇڏ.

مطلب تہ ”مک“ معنيٰ ”لڳاءِ“ ۽ لڳائڻ بہ هڪ هنڌ رکڻ نہ پر ڪابہ شيءِ هلڪي پکيڙڻ ۽ ڦهلائڻ کي مکڻ تو چئجي. ”ماني رُکي آهي. ”مَکِ“ يا ”مکي کاءُ“. مکڻ معنيٰ لڳائڻ! ست آهي،

وينـــو تـــُـــنَ تنيـــس، مـــَـــکِ ڏهـــاري مکـــڙي

معنيٰ = ويهي يکو پيو سيئي سوراخ (ننديا وڏا جانچي) بند کرينس ۽ پنهنجي بيڙيءَ کي هر روز پيو مک/چيٺ/ٺکور کر، لڳاءِ (ڪابہ سٽيي چيز). ”مک“ ڦهلائڻ ۽ پکيڙڻ جي عمل کي تو چئجي پوءِ اهو تيل هجي مٽي هجي يا پاٽي.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آهي ”اهرائينس“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”(پاٽيءَ تي) هلائينس“ ڏني آهي. ”اوهرڻ“ ان عمل کي تو چئجي جنهن ۾ ڪابہ زنده/مرده چيز مٽي کان هيٺ ٿيئي (۽ اهو عمل تيزيءَ سان نہ پر آهستي آهستي هجي/ٿيئي) ۽ لفظ ”اهرائينس“ جي معنيٰ آهي ”هيٺ لاهينس“ هن تي وڌيڪ گفتگو اڳيان هلي ٿيندي. لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوهري/اهري" ٻـ لفظ "اوليا" وانگي نهايت اهم آهي ۽ هڪ ڪان وڌيڪ پيرا آيل آهي ۽ جوڳي سمجهاڻي گهرندڙ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = يڪو ويهي سوراخ/تنگ لَٿِ/ بند ڪر (ٻيڙيءَ جا) ۽ پنهنجي ٻيڙي هر روز جانچي ناهي مک/ڪاٻہ سٽيي شيءِ (تيل چربي يا ٻيو ڪجهہ) لڳاءِ (تهيل تڪور ڪر) پوءِ مڪمل طريقي سان تيار ڪري ناهي جوڙي پوءِ سمنڊ تي ڪاهي آڻينس. مضبوط رسا سڙهن ۾ لڳائينس. پچاڙيءَ ۾ هيٺ درياهہ ۾ /پاڻيءَ ۾ لاهينس تہ ڪوبہ جوکو ۽ نقصان نہ تي جهاز/ٻيڙي کي.

سـر سـريراڳ داسـتان 3 بيـت 7 جلـد 1
تـن تنينـدو آءُ، مـڪ ڏهـاڙي مڪـڙي،
سـانباهي سمنـڊ جـي، مـلاح مـور نـہ لاهـہ،
اڄ ڪـہ سـنجهہ سـندياءِ، اهرنـدي اتانگهـہ تـڙ.

**اهرندي :**

شيخ = هلندي، ڏڪجي ويندي، ٽيلهجي ويندي.
منگهاڻي = هيٺ لهي ويندي.
گنج، صفحو 271 (ملاح ۽ اوهريندي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 169 بيت 987 (منان مور نہ لاهہ ۽ اهرندي)
شوقيرام، داستان 3 بيت 10 (منان ۽ اهرندي)
قليچ، داستان 3 بيت 10 (منان ۽ اهرندي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) اهرندي = اهرائڻ = هاڪارڻ، هلائڻ. اهرڻ = لڳڻ، تلڪڻي، لڏڻ.

قاضي، داستان 3 بيت 4 (منان، اهرندي) اهرندي =اهرڻ ٻيڙي هاڪارڻ.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 8 (منان، اهرندي) اهرندي = اهرائڻ = ڏڪائڻ، اهرڻ = اسرڻ، نڪري وڃڻ.

شهواڻي، داستان 3 بيت 8 (منان ۾ اهرندي) اهرندي = هلندي

آڏواڻي، داستان 3 بيت 10 (منان ۾ اهرندي) اهرندي = اهرڻ = ڪاهي وڃڻ.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 10 (منان ۾ آهڙندي اتانگهه تڙين)

قاسمي، داستان 3 بيت 10 (منان ۾ اهرندي) اهرندي = ملندي.

انصاري، داستان 3 بيت 9 (منان ۾ اهرندي) اهرندي = اهرڻ = ٻيڙي هاڪارڻ.

بلوچ، داستان 3 بيت 3 (منان ۾ اهرندين)

مڪ ڏيهاڻي مَڪري، تن تنيندو آءٌ،

سانباهي سمندر جي، منا مور مَ لاهه،

اج ڪ سنجهه صباح، اهرندين اتانگهه تڙين.

اهرندين = ٻيڙي هاڪاريندين، ٻيڙي ڪاهيندين.

بمبئي ڇاپي وارو رسالو داستان 3 بيت 4

مڪ ڏهاڙي مڪڙي، تن تنيندو آءٌ،

سانباهي سمند جي، منا مور نه لاهه،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪـــ ســـنجهہ صبـــاح، اهرنديـــن اوڙاهـــ تـــي.

"اهرنـدي" جـي معنـيٰ شـيخ صـاحب "هلنـدي، ڏڪجـي وينـدي، ٿيلهجي ويندي" ڏني آهي جيڪا اسان جي تر واري معنيٰ ڪان مختلف آهي. اسان وٽ "اهرندي" معنيٰ "لهندي، هيٺ ٿيندي"، اصل لفظ "اُهار" آهي جنهنجي معنـيٰ آهي "هيٺيـائين، نمنـد"، مٿان ڪـان هيـٺ ٿيـڻ ڪـي "اُهار" تو چئجي، واحد ۽ جمع مذڪر "اهارو/اهارا" واحد ۽ جمع مونث "اهـاري/اهـاريون" آهـي. "اهرنـدي" معنـيٰ "هيـٺ ٿينـدي، لهنـدي". "اهرائينس" معنيٰ هيٺ لاهينس. "اهريو" معنيٰ هيٺ ٿيو. "اهري" معنيٰ هيٺ ٿي. بيت ۾ ٻيءَ ڦيرڦار سان گڏ، بمبئي ڇاپي ۽ بلوچ صاحب واري نسخي ۾ "اهرندي" جي بدران "اهرندين" آيل آهي. "اهرندي" معنيٰ "هيٺ ٿيندي" ۽ "اهريندين" معنيٰ، "تون هيٺ ٿيندين" آهي.

جملو = پاڻي جي "اهار" هن پاسي ڪان ڪجو!

جملو = منهنجي گهر ڏانهن پاڻيءَ جي اهار نہ ڪجو.

هن لفظ بابت گفتگو ۽ ڇاڻ اڃا بہ نامڪمل آهي جيڪا اڳتي هلي مڪمل ڪبي. هي مٿيون بيت جيڪو شايد شيخ صاحب گنج مان کنيو آهي ان ۾ لفظن جي ڦيرڦار ٿيل آهي. بيت جي ٻي سٽ آهي،

"ســانباهي سمنــد جـــي، مـــلاح مـــور نـــ لاهـــ."

سٽ ۾ آيل لفظ "ملاح" سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي جن ۾ سڀيئي قديم ۽ جديد، نوان ۽ پراڻا نسخا اچي ٿا وڃن. يعنـي بمبئـي ڇـاپو، هـڪ اوائلـي نسـخو، برٽـش ميوزيـم (لنـدن) وارو نســخو، شــوقيرام، قليــچ، قــاضي، گربخشــاڻي، شــهواڻي ، آڏواڻــي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ صاحب وارا نسخا شامل آهن، جن ۾ لفظ "منان/منا" آيل آهي. سٽ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ســـانباهي سمنــڊ جـــي، منـــان مـــور نـــہ لاهـــہ“

لفظ ”ملاح“ اچڻ سان مخاطب رڳو ”ملاح“ هوندو آهي تہ، ”اي ملاح! سمنڊ ڏانهن وڃڻ جي تياري متان لاهين.“ جڏهن تہ لفظ ”منان“ اچڻ سان مخاطب وارو دائرو وسيع ٿيو ٿو وڃي ۽ سٽ سگهي انداز/نموني سان ايري ٿي تہ، ”پنهنجي من مان/اندر مان سمنڊ ڏانهن (ڪاهڻ واري) تياري نہ لاهجين. شيخ صاحب واري آخري سٽ آهي.

”اڄ ڪـــہ ســـنجهہ ســـندياءِ، اهرنـــدي اتانگهـــہ تـــڙ“

سٽ جو پهريون اڌ قابل غور آهي. ”اڄ ڪہ سنجهہ سندياءِ...“ جيڪا ٻين سيني نسخن ۾ ”اڄ ڪہ سنجهہ صباح...“ آيل آهي. اهو تہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ ”سنجهہ/سانجهي“ کان پوءِ ”صباح“ اچڻ لازمي آهي ۽ رڳو ”سنجهہ“ چوڻ بي سبب ۽ بي ضرورت آهي. ”اڄ ڪہ سنجهہ سندياءِ...“ معني، ”اڄ يا سانجهيءَ تنهنجي...“ ۽ ”اڄ ڪہ سنجهہ صباح...“ معني، ”اڄ سانجهيءَ يا سياڻي...“. بيت ۾ آيل لفظ ”اتانگهہ تڙ ۽ اوڙاهہ تي“ وارو فرق بہ معمولي ڪونهي. لفظن جا فرق اوهانجي آڏو آندا اٿم.

بيت جي سمجهاڻي = ٻيڙي ۾ ٿيل سوراخ بند ڪندو، لٽيندو رهہ ۽ پنهنجي ٻيڙيءَ کي روز مکيندو ۽ سٽيپ لڳائيندو رهہ. سمنڊ ڏانهن وڃڻ جي تياري اي مهاڻا هرگز نہ لاهجين. اڄ يا سانجهيءَ جو تنهنجي ٻيڙي هيٺ پاڻيءَ ۾ لهندي. اونهي ڪناري ڏانهن.

(بمبئي ڇاپي جي سٽ آهي، ”اڄ ڪہ سنجهہ صباح، اهرندين اوڙاهہ ڏي.“)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سريراڳ داستان 3 بيت 11 جلد 1

وٽجارا وهاءِ، وکر وينتن جو،
معلم جي مهراڻ جا، لنءُ تني سين لاءِ،
ت اڃارو اتاءِ، مورائين معاف ٿيئي.

**مُورائين :**

شيخ = صفا، بنهه

منگهاٽي = اصل کان، شروع کان، ماڳهين.

گنج، صفحو 278

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بلوچ، بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ هي مٿيون بيت موجود ناهي. اهو صرف گنج ۾ آهي. هي بيت هتي ڇو آهي؟ ۽ ٻين نسخن ۾ ڇو ناهي؟ اهو هڪ اهم سوال آهي جنهن تي سوچڻ جي ضرورت آهي. لفظ "مورائين" جي معنيٰ شيخ صاحب" صفا، بنهه" ڏني آهي. اهو لفظ اڄ به لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾" اصل کان، شروع کان" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = اهو مورائين ٿيندو پيو اچي، هڪ تو ٿي ته ڏيءَ نه اٿاري آهي.

جملو = ڏي وٽ ۽ ادي بدي وارو سلسلو به مورائين هلندو ٿو اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـريراڳ داسـتان 3 بيـت 13 جلـد 1
دنگـيءَ ۾ داڻـا، ونـي وجهـ وكـر جـا،
ويـر وڙهنديئـي ويسـرا، ويهـ مَ ويڳاڻـا،
هـيءَ ننـڊ نـِـڄاڻا، ڪـڏهن هٽنديئـي تـارِ ۾.

## تارِ :

شيخ = اونهي پاڻيءَ ۾
منگهاڻي = پريل (درياهہ) تارون تار، چڪار.
گنج، صفحو 273 بيت ساڳيو.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 14
دنگـيءَ ۾ داڻـا، ونـي وجهـ وكـر جـا،
ويـر ورنـديءَ ويسـرا، ويهـ مَ ويڳاڻـا،
هـيءَ ننـڊ نـہ ڄاڻـا، ڪـڏهن هٽنـديءَ ڪـن ۾.
قليچ، داستان 3 بيت 14، (بيت شوقيرام وارو)
قاضي، داستان 3 بيت 7، (بيت گنج وارو)
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 12، (بيت گنج وارو)
شهواڻي، داستان 3 بيت 12، (بيت گنج وارو)
آڏواڻي، داستان 3 بيت 14، (بيت شوقيرام وارو)
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 14، (بيت شوقيرام وارو)
قاسمي، داستان 3 بيت 14، (بيت شوقيرام وارو)
انصاري، داستان 3 بيت 14، (بيت شوقيرام وارو)
بلوچ، داستان 3 بيت 12، (بيت شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ڇاپو ۽ هڪ اوائلي نسخو. مون وٽ جيئن تہ نهايت ضعيف ۽ شهيد حالت ۾ آهن، تنهن ڪري انهن جا حوالا جتي اڻ ٺر هوندا اتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس.

بيت جي صورت اوهان ڏٺي جنهن ۾ ٻن لفظن جي ڦير ڦار آهي. هڪ "وڙهنديئي" ۽ "ورنديءَ" آهي ۽ ٻيو، "تارِ ۾" ۽ "ڪُن ۾" آهي. پهرين "وڙهندئي" ۽ "ورنديءَ" جي معنيٰ ڏسو. "وڙهندئي" معنيٰ "توسان وڙهندي". شيخ صاحب معنيٰ لکي آهي "آڏي ايندئي، نقصان ڪنديئي."

"وڙهندئي" معنيٰ جنگ ڪندي، جهڳڙو ڪندي، رڪاوٽون وجهندي، وڃڻ ۽ گذرڻ نہ ڏيندي، يعني تہ پاڻيءَ جي وير جهڳڙو ڪندي. ۽ "ورنديءَ" جي معنيٰ آهي مٿان چڙهي ويندي/گذري ويندي ۽ ٻي هر شيءِ کي گم ڪري رڳو پاڻي ئي پاڻي ڪري ويندي. "وڙهڻ" ۾ اڳيون وجود باقي ٿو رهي. بلڪ مقابلو بہ ڪري سگهي ٿو. جڏهن تہ "ورڻ" ۾ ٻيو ڪوبہ وجود نٿو رهي، رڳو وير ئي وير رهجي ٿي وڃي، ٻيو هر وجود کي اندر پاڻيءَ ۾ غرق ڪري. ٻئي معنائون ڏسڻ ڪانپوءِ ڏسجي تہ بيت ۾ اصل لفظ، "وڙهندئي" آهي يا "ورنديءِ" آهي؟ جواب لاءِ گڏجي هڪ هنڌ وهٽو پوندو.

ٻيو تڪراري لفظ "تار ۾" ۽ "ڪن ۾" آهي. تار جي اسان وٽ معنيٰ آهي "پريل، تارون تار، چڪار، هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين مڪمل طريقي سان هڪ جهڙو پريل، تار چڪار" ۽ "ڪُن" جي معنيٰ کان تہ هرڪو واقف هوندو تہ "پاڻيءَ جو ڦيرو ۽ گهمرو" جنهن کي "ڀنور، ڀَنُ ۽ گرداب" بہ چئجي ٿو ۽ شيخ صاحب "تار" ۽ "ڪُن" جي ساڳي معنيٰ ٿو ڪري: "اونهون پاڻي".

جملو = درياھ تار ٻيو وهي، سنيالي وڃجو.

اسان وٽ "تار" رڳو پريل پاڻي يا درياھ لاءِ نٿو چئجي، تيل گهٽو پري ڏبو تڏهن بہ چئجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = تيل منجهان ڏيو تار ڪري ڏنائين.

۽ ايتريقدر جو ڪو ماڻهو يڪو بيمار يا خراب حالت ۾ ۽ بيهوشيءَ واري حالت ۾ هوندو تہ ان لاءِ بہ چئبو.

جملو = الله اڪاري باقي اجا تار ۾ آهي.

”تار“ جي لفظي معنيٰ آهي ”پريل“ ۽ اونهي پاڻيءَ کي تار چئبو ئي ناهي. معنيٰ ۽ مفهوم موجب گنج واري بيت کان شوقيرام وارو بيت وڌيڪ وزندار آهي پر بيت جي سمجهاڻي شيخ صاحب واري بيت جي ئي ڏينديس.

بيت جي سمجهاڻي = ٻيڙيءَ ۾ ڪجهہ سامان وٺي رک. اي غافل، درياهہ جي وير/لهر وڏي اڳيان اچي توسان وڙهندي. موڳو ٿي ويهي نہ رهہ. هيءَ ننڊ تہ الائي ڪڏهن/نيٺ تہ وڃي پريل/تارون تار/چڪار درياهہ ۾ نيئي توکي وجهندي.

سر سريراڳ داستان 3 بيت 14 جلد 1

دنگي منجهہ درياهہ، ڪي ٻڏي ڪي اپڙي،
هو جي وادي واٽيا، سونهڻ سي سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳيين، فرنگي منجهہ ڦريا،
ملاح، تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.

ڍينگ :

شيخ = (واحد ڍينگُ) وڏو جهاز.

منگهاڻي = وڏا، زورائتا، تمام وڏا. هر اها شيءِ جيڪا پنهنجي ذات ۾ (ڪڙم قبيلي ۾) تلهي، وڏي ڊگهي، موڪري/ ويڪري هجي ماپ ۽ تور ۾ وڌيڪ هجي ان کي ”ڍينگ“ تو چيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍريا :

شيخ = بيڪار ٿي پيا (هلڻ ڪان)
منگهاڻي = وڏي تعداد ۾ آيا، حملا آور ٿيا، ڪڙڪيا.
گنج صفحو 273.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام داستان 2 بيت 13.
قليچ داستان 1 بيت 13
لغات لطيفي (قليچ) ڍينگ = جهاز جي چڪري جنهنجي مٿان رسا قرندا آهن، ڪپي، وڏي يا ڳري شيءِ. ڍريا = ڍرڻ = ڍرو ٿيڻ، لهن.
قاضي، داستان 4 بيت 9، ڍينگ ۽ ڍريا = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 11، ڍينگ = (گجراتي، ڏنگون، مرهٽي، ڏنگ/ سنسڪرت، ديرگهہ) ڪابہ ڊگهي وڏي قداور شيءِ. ڍينگ، هڪڙي قسم جي پکيءَ کي بہ چوندا آهن. هتي وڏا پربت جيڏا جهاز. ڍريا = ڍرڪي پيا. ٻڏي ويا.
شهواڻي، داستان 3 بيت 13، ڍينگ = وڏا پربت جيڏا جهاز، دريا = ڍرڪي پيا، ٻڏي ويا.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 13، ڍينگ = ڀاري جهاز. ڍريا = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 14.
قاسمي، داستان 3 بيت 13، ڍينگ = وڏا. ڍريا = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 3 بيت 12، ڍينگ ۽ ڍريا = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، سر سامونڊي داستان 1 بيت 11، ڍينگ = وڏيون شاهي لهرون. ڍريا = مٿان ورڻا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل لفظ ”ڏينگ“ ۽ ”ڏريا“ ٻئي نج پڇ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا آهن. لفظ ”ڏينگ“ جي معنيٰ شيخ ”وڏو جهاز“ ڏني آهي، جڏهن تہ ”ڏينگَ“ جي معنيٰ آهي ”وڏا وڏا“ ۽ لفظ بيت ۾ جمع حالت ۾ ”گ“ اتي زبر سان ”ڏينگ“ آيل آهي جنهن جو واحد آهي ”ڏينگ“، ۽ شيخ صاحب هيٺ معنائن ۾ واحد جي معنيٰ ”وڏو جهاز“ ڏني آهي. جيئن مون مٿي معنيٰ ڏيندي عرض ڪيو آهي تہ، ”هر اها چيز جيڪا پنهنجي ذات/قبيلي ۾ ٿلهي/ڍگهي/وڏي ۽ ويڪري هوندي وزن ۽ ماپ تور ۾ تہ ان کي ”ڏينگ“ تو چئجي. جنهنجو جهاز ۽ ٻيڙيءَ سان ڪوبہ سڌو واسطو ناهي. شيخ صاحب ۽ ٻين شارحن معنائون ڏنيون آهن: ”وڏو جهاز/پربت جيڏا جهاز/ پاري جهاز“ جڏهن تہ معنيٰ ڏيڻ گهرجي ”وڏا/پربت“! ۽ جي هو سمجهن ٿا تہ اهو ”جهاز“ لاءِ چيل آهي تہ. لفظ ”جهاز“ ڏنگين ۾ ڏيڻ گهرجي چو جو ”وڏو جهاز“ ڏيڻ سان انهن ماڻهن ۾ جن لفظ ”ڏينگ“ ٻڌو نہ سوئو نہ ورتو، انهن جي ذهنن ۾ اها غلط معنيٰ گهر ڪري ديرو دمائي وهندي ۽ هو اهو ئي سمجهندا تہ وڏن جهازن کي ڏينگ تو چئجي، ۽ پوءِ هو پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ لفظ ”ڏينگ“، ”وڏن جهازن“ جي معنيٰ ۾ لکندا، پڙهندا، ۽ ڳالهائيندا جيڪا بيحد هاڃي جهڙي صورتحال ٿي پوندي ٻوليءَ لاءِ. جڏهن تہ ”ڏينگ“ ان ”جونءَ/ٻوڊ“ کي بہ چئبو آهي جيڪو ٻين جوئن کان سائز ۾ وڏو ۽ ٿلهو هوندو آهي. اميد تہ ”جونءَ“ واري مثال لفظ ”ڏينگ“ جي سمجهاڻيءَ ۾ مدد ڪئي هوندي، نہ تہ پوءِ جملن ۾ سمجهاڻڻ واري وات تہ سامهون سيڌي سوريل آهي.

جملو = هوءَ پنهنجو ٻت ڏٺائي ٿي. پاڻ سڀ هَرا سامان ڪنيائين، مون لاءِ سڀ ڏينگَ رکيائين.

جملو = نکو تي صفائي ڪرين نکو وار قٽائين ٿي، ڏس، مٿي ۾ ڪيڏا ڏينگ پئجي ويا اٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "ڍينگ" خاص طور تي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي. اهو يقين لطيف جي شارحن جي لفظ "ڍينگَ" جي ڏنل ڦرڙين معنائن پختو ڪيو آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ صاحب جي لغات لطيفيءَ ۾ آهي تہ لفظ "ڍينگ" جي معنيٰ آهي، "جهاز جي چڪري جنهنجي مٿان رسا ڦرندا آهن" حالانڪ هن صاحب "وڏي ۽ ڳري شيءِ" بہ چيو آهي پر اهو بہ "جهاز جي چڪري لاءِ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لفظ "ڍينگ" جي معنيٰ "وڏيون شاهي لهرون" ڏني آهي جيڪا ڏکين لفظن جي معنائن ۾ هرگز نٿي ڏيئي سگهجي. باقي تفسير/شرح هرڪو پلي پنهنجي ذهني پيماني ۽ فڪر/فرقي مطابق ڏي جنهنجي لاءِ ويهہ ئي واٽون ڪليل آهن بنا ڪنهن بحث/تڪرار ۽ اعتراض جي. بيت ۾ ٻيو لفظ آهي"ڍريا" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "بيڪار ٿي پيا (هلڻ ڪان)" ڏني آهي. هيءُ لفظ مٿي سر ڪنيات داستان 2 بيت 37 ۾ "ڍَرُ" واري صورت ۾ آيل آهي. "ڍڪيءَ هلي ڍَرُ، تہ ڪرن خبر نہ پوي." جتي شيخ صاحب لفظ "ڍَرُ" جي معنيٰ "پهچ، رس" ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ، جيڪو جمع مذڪر واري حالت "ڍريا" ۾ آيل آهي، جي معنيٰ "بيڪار ٿي پيا (هلڻ ڪان)" ڏني آهي. مون مٿي عرض ڪيو هو تہ ان تي اڳتي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي. لفظ آهي. "ڍَرَڻ" جنهنجي معنيٰ آهي "ڪڙڪي پوڻ/ ڪاهہ ڪرڻ/ هلان ڪرڻ/ ڪڙڪڻ تسلسل سان، جنهن ۾ ڪوبہ وقفو/ ساهي ۽ وٿي نہ هجي. يعني مسلسل حملو" پوءِ اها جنگ هجي، ڪل هجي، ڪاڏو هجي، پنڌ هجي يا ڇا. هي لفظ تمام ڪلاسيڪل جبل جو لفظ آهي ۽ ضرور سواءِ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻيو ڪٿي بہ ڳالهايو ۽ سمجهيو نہ ويندو هوندو. ڇو جو لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻين نج لفظن وانگيان هي لفظ بہ مون لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانسواءِ ٻيو ڪٿي بہ نہ پڙھيو آھي ۽ لطيف جا شارح جيڪي سڀ (شايد) ھڪ ٻئي اتر واري پاسي سان تعلق رکن ٿا انھن جي ان لفظ سان اڻ واقفيءَ اھو ويساھ ڏنو تہ اھو لفظ رڳو اسين ئي ڳالھايون ٿا.

زير سان لفظ "ڊِرڻ" ۽ زبر سان لفظ "ڊَرڻ" بہ ڌار معنائون رکندڙ لفظ آھن ۽ ھتي بيت ۾ زبر سان لفظ "ڊَريا" آيل آھي. سٽ آھي. "جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنھنجي" معنيٰ = جتي وڏا/ جُنگ (ڦورو) وڏي تعداد ۾ اچي مسلسل حملا آور ٿيا آھن، اتي بس، تنھنجو ئي آسرو آھي. لطيف لفظ "ڊينگ" وڏن چورن ڦورون ۽ بحري قزاقن لاءِ چيو آھي. اھو خيال ھن سٽ مان ٿو اپري تہ،

معلم ماڳ نہ اڱئين، فرنگي منجھ ڦريا

معنيٰ = سونھان/ڪپتان پنھنجي اڱيئن جاءِ/سيٽ تي موجود ناھن ۽ فرنگي (يورپي/ڦورو) چوطرف گھيرو ڪري ويا آھن. يا ھيءَ سٽ،

"ملاح تنھنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙھيا"

معنيٰ = اي ميربحر! تنھنجي ٻيڙيءَ ۾ تہ چور اچي چڙھيا آھن.

باقي ھتي وڏن جھازن ۽ ٻيڙن جو ذڪر ڪٿي آھي؟ ھتي تہ پراڻي ٻيڙي آھي جيڪا ڪڏھن ٻڏي ٿي تہ ڪڏھن اپڙي/اپري ٿي، جنھن جا ڪاٺ ۽ سڙھ سڙي/ ڳري ويا آھن ۽ ٻيڙيءَ ۾ فرنگي/يورپي درياھي ڌاڙيل ڪڙڪي پيا آھن، جنھن لاءِ لطيف ملاحن/مھاڻن ڪي ھشيار ۽ خبردار ٿو ڪري تہ وري الله سائينءَ ڪي بہ پيو ٻاڏائي. منھنجو ڪتاب "چپر ڪين ڏي..." جيئن تہ شاھ جي رسالي ۾ آيل اھڙن ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي درستگي ڪرڻ جي هڪ جهلڪ هئي، جيڪي اسان جي تر سان واسطو رکن ٿا. ان ۾ مون بيت جي سمجهاڻي ساڳيئي محترم ڪلياڻ آڏواڻي صاحب واري ڏني هئي، سواءِ ڏنل معنائن جي درستگيءَ جي ۽ اتي مون رڳو لفظ "ڍينگ" جي اسان واري معنيٰ ڏني هئي باقي بيت جي سمجهاڻي جيئن جو تيئن قائم رکي هئي ڇو جو اتي آڏواڻي صاحب لفظ "ڍريا" جي معنيٰ نہ ڏني هئي. هتي جيئن تہ شيخ صاحب هر لفظ جي معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پيو وري بيت جي سمجهاڻي بہ ڏنل ناهي تنهن ڪري مون پاڻ تي اها ذميداري رکي آهي ۽ سواءِ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جي درستي ڪرڻ جي ٻين سيني لفظن جون معنائون ساڳيون ئي اهي رکيون اٿم. جيڪي شيخ صاحب يا ٻين شارحن ڏنيون آهن. هڪڙا لفظ اهڙا آهن جيڪي سڄيءَ سنڌ ۾ ساڳيئي معنيٰ ۾ ڳالهايا ويندا آهن ۽ ٻيا لفظ اهڙا آهن جيڪي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ (هاڻي) عام نتا ڳالهايا وڃن. اهڙن لفظن جي معنائن ۾ هٿ چراند ڪرڻ جو حق مونکي بہ ايئن ناهي، جيئن آئون لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي مخصوص لفظن جي معنائن ۾ هٿ چراند ڪرڻ جو حق ٻين کي نتي ڏيان. لفظ "ڍَريا" جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڪجهہ متي سر ڪنيات واري بيت ۾ ڏني هيم ۽ ڪجهہ هن بيت ۾ بہ ڏني اٿم. لفظ "ڍَريا" جملن ۾،

جملو = شاديءَ جو ڪاڄ ڪيئن نہ ڪندو، اڇي جو اڻ دعوتيا ڍَريا تہ اڇي ڏس.

جملو = هن کي جيئن اڇي ٻَرو/تپ ڍريو آهي تہ، ساهہ ڪڍڻ جي وار ئي ڪانهينس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد ۽ جمع مذڪر "ڏريو/ ڏريا" واحد ۽ جمع مونث "ڏَري/ ڏريون" آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ٻيڙي وچ درياهہ ۾، ڪنهن مهل ٻڏي ٿي تہ ڪنهن مهل ايري ٿي ۽ جيڪي واڍي جڙيا ۽ مڙهيا هئا اهي سڀ ڪلا/ڪليون سڙي، ڳري ويا آهن. سونهان/ڪپتان پنهنجي اڳئين هنڌ/سيٽ تي موجود ناهن ۽ فرنگي (يورپي درياهي ڦورو) چوطرف گهيرو ڪري ويا آهن. اي ناڪئا/ ٻيڙياتا! تنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چور چڙهي ويا آهن. جتي وڏا/جُنگ اچي حملا آور ٿيا آهن اتي (اي الله!) تنهنجو ئي آسرو آهي.

سُر سريراڳ داستان 3 بيت 19 جلد 1
درياهہ ڪنڌي دس، کهڙو سڪ سَري تو،
پاڻي پن پهس، ڪڏهن ڪٽي هٽين تار ۾.

**پهس :**

شيخ = جلد، هڪدم، اوچتو
منگهاڻي = شاهوڪار، ڏاول، سگهارو، سکيو.
گنج صفحو 273 (سَري بدران "سريهہ" آيل آهي)
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 167 بيت 894
"کهڙو سڪ سريهہ تو، درياهہ ڪنڌي دس،
پاڙون پن پهس، ڪڏهن ڪٽي هٽندو ۽ تار ۾.

شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج ۾ لفظ ”سَري جي ٻدران سريھہ“ آيل آھي ٻيو ساڳيو ئي بيت آھي. باقي برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ آيل بيت گنج/شيخ واري بيت کان ڪجھ مختلف آھي پر معنيٰ جي حساب کان اجا بہ وڏو فرق رکي ٿو.

شيخ صاحب واري نسخي جي سٽ آھي،

”درياھہ ڪندي دَسَ، کھڙو سک سَري تو.“

معنيٰ = اي درياھہ، وڙھندي، جنگيون ڪندي توکي کھڙو سک حاصل ٿيو.

سٽ کي ڏسي چئي ٿو سگھجي تہ ان ۾ معنيٰ کان سواءِ گرامر جي بہ غلطي آھي. ۽ ”کھڙو سک سَري تو...“ نہ پر، ”کھڙو سک سرئو تو“ ٿيندو. برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي جي پھرين سٽ ھينئن آھي،

”کھڙو سک سرھہ تو، درياھہ ڪنڌيءَ دس...“

معنيٰ = درياھہ جي ڪناري تي ويڙھہ/جنگ لڳي پيئي آھي. توکي کھڙو سک نصيب ٿيندو. (ڪنڌيءَ تي دس دسان ۽ ڪيرائڻ وارو سلسلو پيو ھلي.) شيخ صاحب واري بيت جي ٻي سٽ آھي،

”پاڙون پن پھس، ڪڌھن ڪٽي ھٽين تار ۾“

معنيٰ = ساوا سکيا پاڙون ۽ پن، ڪڌھن ڪٽي تو تارون تار درياھہ ۾ ٻوڙي.

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي جي ٻي سٽ ھينئن آھي.

”پاڙون پن پھس، ڪڌھن ڪٽي ھٽندوءِ تار ۾“

معنيٰ = اي سکيا (وڻجارا پاڙن ۽ پنن سميت ڪڌھن توکي بہ ڪٽي وجھندو تارون تار (پريل ۽ چڪار) پاٽيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ هن بيت جو اچا تعين ڪرڻو آهي تہ اهو بيت لطيف جو آهي يا نہ! تنهن ڪري بيت جي ساخت ۽ لفظن جو صحيح جاءِ تي هئڻ نہ هئڻ بابت ماٺ پلي. پر، بيت ۾ آيل ٻن لفظن ”پهس“ ۽ ”تار“ جي ڏنل مختلف معنائن تي بحث ڪرڻ منهنجو فرض ۽ مقصد آهي. لفظ ”تار“ جي معنيٰ ۽ جملن سان سمجهاڻي مٿي هن ئي سر سريراڳ جي داستان 3 بيت 13 ۾ ڏني اٿم. هتي لفظ ”پَهس“ آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”جلد، هڪدم، اوچتو“ ڏني آهي. ان جي معنيٰ لسپيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”سکيو، ڊاول، شاهوڪار، زورائتو/وڏي حيثيت وارو“ آهي. هاڻي اهو لفظ گهٽو واهپي ۾ ڪونهي پر وڏڙا ان لفظ جي معنيٰ کان واقف آهن، جن ئي اها معنيٰ ٻڌائي اٿم. بيت ٻن صورتن ۾ آهي ۽ بيت جي سمجهاڻي مٿي اچي ويئي آهي، ٻنهي صورتن جي.

سر سريراڳ داستان 3 وائي جلد 1
ساٿين ننڍا ٻار، تن پاڻدين ننڍا ٻار،
توکي آرس اکين ۾.
سٽ 4 : پتڻ تو پور ڪري، آئي تنهنجي وار.

**پور :**

شيخ = ٻيڙي يا جهاز جي هڪ هنڌان ماڻهن يا سامان کڻي ٻي هنڌ پهچائڻ جي حالت ۾ چڪر گهمرو.

منگهاڻي = حد، دنگ، چيهه

سٽ 19 : جونن مٿان جٺڪي، دٺي تنهنجي دار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏٺي :**

شيخ = دنيا، ڌن، دولت.

منگهاڻيءِ = سچ، ويران هنڌ، وَيرَو وَڪَ، جتي وڻ ٽڻ نہ هجي.

سٽ 21 : وٺيئي ڪين ولهن سين، ڪنبي پر ڦهار

**وٺيئي :**

شيخ = ونديئي، ورهايئي، حصو پتي ڪيئي،

منگهاڻيءِ = ڳنديئي، ملايئي، مِلائي هڪ ڪيئي.

گنج، صفحو 275 (لفظ "ڏٺيءَ" بدران "دٺي" آيل آهي)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 168 وائي. (دٺي)

شوقيرامہ، داستان 3 وائي (دٺي)

قليچ، داستان 3 وائي (دٺي)

لغات لطيفي )(قليچ) پور = ناهي. دني = دنيا. وٺيئي = وٺڻ = ونڊڻ، ورهائڻ، وراهي ڪائڻ.

قاضي، داستان 3 وائي. پور = تکو، گهٽو، مستي، آر، وهڪرو. دني : دنيا. وٺيئي = وٽ = ونڊ، تحفو، ساک، ڀاڱو.

گربخشاڻي، داستان 3 وائي، پور = معنيٰ ناهي. دٺي = دنيا، ڌن، دولت، وٺيئي =ناهي.

شهواڻي، داستان 3، وائي، پور = وارا، ڀيرا، دني = دنيا، دولت. وٺيئي = ونديئي، ورهايئي.

آڏواڻي، داستان 3 وائي. پور = ڦيرا. دني = دولت، وٺيئي = ونديئي، ورهايئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 3 وائي (دني)

قاسمي، داستان 3 وائي، پور = معنيٰ ناهي. دني = دنيا. وٿيئي = ورهايئي.

انصاري، داستان 3 وائي، پور = تکو، گهٽو، مستي، آر، وهڪرو. دني = دنيا. وٿيئي = وٿ = وند، تحفو، ساک، ياڱو.

بلوچ، داستان 3 وائي. پور = پتڻ ٿو پور ڪري = پتڻ پريو بينو آهي، پتڻ واريون ٻيڙيون پيون پرجن ۽ مسافر پيا چڙهن. دني = دنيا، ناٿو. وٿيئي = وٿيئي ڪين = ونديئي ڪين. ورهايئي ڪين.

وائيءَ ۾ آيل لفظ "پور" جي معنيٰ شيخ صاحب ڏاڍي ڏکي ڏني آهي تہ "ٻيڙي يا جهاز جي هڪ هنڌان ماڻهن يا سامان کڻي ٻي هنڌ پهچائڻ جي حالت، چڪر، گهمرو." قليچ صاحب، گربخشاڻي صاحب ۽ قاسمي صاحب لفظ "پور" جي معنيٰ نہ ڏني آهي. علامہ قاضي صاحب (۽ معنائن ۾ سندس ننڍي/ذيلي شاخ انصاري صاحب) جي ڏنل معنيٰ "تکو، گهٽو، مستي، آر، وهڪرو" ۽ بلوچ صاحب جي ڏنل طويل معنيٰ تہ "پتڻ پريو بينو آهي، پتڻ واريون ٻيڙيون پيون پرجن ۽ مسافر پيا چڙهن." (اها ڪهڙي معنيٰ آهي؟) ۽ وري شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب جي ڏنل معنيٰ "وارا، پيرا ۽ ڦيرا" آهي. اهي سڀ معنائون ڏسي پوءِ اندازو لڳايو تہ اسان جا محقق معنائن جي باري ۾ ڪيڏا سهل پسند رهيا آهن. ڇا ضروري آهي تہ هر لفظ جي معنيٰ ڏني وڃي؟ ۽ ڇا غلط ڏنل معنيٰ ايڙميڙ جي اجاين لفظن جي ڏوڏن سان صحيح ٿي ويندي. لفظ "پور" جي معنيٰ نہ ڏيڻ سان مرزا قليچ صاحب، گربخشاڻي صاحب ۽ قاسمي صاحب جي حيثيت ۽ رتبو خدا نہ ڪري گهٽ ٿي ويو آهي؟ اهو ئي بهترين طريقو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي لفظن جي بچاءَ جو ۽ حفاظت جو تہ جنهن لفظ جي معنيٰ نہ اچي، ان جي نہ ڏجي. لفظ "پور" جي اسان وٽ معنيٰ آهي "حد، دنگ، ڇيهہ" ۽ هي لفظ اسين اڄ بہ عام سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا.

جملو = فلاڻي تہ روئڻ سان پور ڪري ڇڏيا آهن.

جملو = هير تہ مينهن بہ وسڻ سان پور ڪري ڇڏيا آهن.

لفظ "پور" سان گڏ ساڳيئي معنيٰ ۽ طريقي سان لفظ "پوريون" بہ چئبو آهي.

جملو = هن پيري گرميءَ بہ پوريون ڪري ڇڏيون آهن.

جملو = لطيف جي ڪلام سان شارحن بہ پوريون ڪري ڇڏيون آهن.

وائيءَ جو ٻيو لفظ آهي "دڻي" جيڪو سواءِ شيخ صاحب واري نسخي جي ٻين سيني نسخن ۾ "دنّي" آيل آهي، يعني "ڻ" بدران "ن" سان ۽ معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني "ڌن، دولت، دنيا ۽ ناڻو" ڏني آهي. هي لفظ "دڻي" آهي ۽ "دني" درست ناهي. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "دڻي" سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي جنهنجي معنيٰ آهي، اهڙي جاءِ جتي ڪو وڻ ٽڻ نہ هجي. ٻيءَ معنيٰ ۾ "سڃ ۽ ويراني" آهي. سٺ آهي.

جونـــن متـــان جنڪـــي، دڻـــي تنهنجـــي دار"

معنيٰ = ڪوڙن/ٻجڙن جي مٿان ڪڙڪي پيئي، سڃ ۽ ويراني تنهنجي درمان/تنهنجي پاران." اسان وٽ سنسان ۽ ويران هنڌ لاءِ اهو اصطلاح آهي، تہ "دڻي نہ آدمي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مونکي وني وجي ويري وڪ ۾ ڇڏيائون جتي ڏٺي نڪو آدمي هو. يعني، سنسان ۽ ويران علائقو هو. جتي نڪو ماڻهو هو نہ ئي وڻ ٽڻ هو.

لفظ "پور" جي سٽ آهي، "پتڻ تو پور ڪري، آئي تنهنجي وار" معنيٰ ڪنارو/ساحل حدون ٽو ڪري/وڏو جوش آهي ۽ وار بہ تنهنجي آهي (جيئن پتڻ تان ٻيڙا/ٻيڙيون پنهنجي واري تان ويندا آهن). وائيءَ جو ٽيون لفظ آهي "وٽيئي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن "وندڻ، ورهائڻ" ڏني آهي. هي لفظ متي سر ڪلياڻ داستان 3 بيت 22 ۾ آهي: "وينا ورهہ وٽين، آءُ واڍوڙيا وهاءِ تون". معنيٰ = هو وينا ورهہ/وڇوڙا وٽين ۽ مضبوط ڪن. (تون بہ) آءُ اي قتيل اڇي وٽ/شامل ٿي" اتي شيخ صاحب لفظ "وٽين" جي معنيٰ "وندين، ورهائين" ڪئي آهي ۽ سر جمن داستان 10 بيت 1 جي سٽ آهي،

"ڳجهــو ڳالهــائي، پــرت وٽجــي پــاڻ ۾."

معنيٰ = رازداريءَ سان ملي ڳالهائي، هڪ ٻي سان پيار ملائي، ڳڏي مضبوط ڪجي. اتي شيخ صاحب لفظ "وٽجي" جي معنيٰ "ڏجي، ونجي، وندجي، ورهائجي" ڏني آهي. ۽ هن وائيءَ جي سٽ آهي "وٽيئي ڪين ولهن سين، ڪنبي پر قهار" ۾ آيل لفظ "وٽيئي" جي معنيٰ شيخ صاحب "ونديئي، ورهايئي، حصو پتي ڪيئي" ڏني آهي. لفظ "وٽڻ" جي معنيٰ آهي ٻہ يا وڌيڪ چيزون (جن ڪي وَرُ، وَٽُ، چڪر، ڦيرو يا گهمرو ڏيئي سگهجي. سڳو، رسي، تار، وائر وغيره) ملائي هڪ ڪرڻ، جيئن ٻہ ڌڳا ملائي وٽي هڪڙو مضبوط ڌاڳو وٽبو آهي ۽ اهو لفظ لطيف هر هنڌ مضبوطي ۽ ڳڏجڻ واري معنيٰ ۾ آندو آهي. جيئن هيءَ سٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وٿيئــي ڪيــن ولهــن ســين، ڪنبــي پــر قهــار"

معنـــيٰ = زوراور/ســـگهاري (الله جـــل) ڪـــان ڏڄـــي ٻـــ ڪنن/ميرن/گدلن سان ميلاپ نہ ڪيئي/سنو قدم نہ ڪنيئي/هڪ دل نہ ڪيئي/پاڙ سان گڏ نہ ڪيئي؟

جملو = مون تہ توکي ڦڙها ٻہ وڏي ڪٽي جريدا ڪري ڏنا هئا پوءِ ٻہ منهنجي رسي ڪونہ وٿيئي؟

جملو = اڳوٽا ڏاڍا سنا وٿيل هوندا هئا. هيروڪا تہ اڌ پورا ٿا وٿين.

جملو = فلاڻي جو ٻت وٿيل ۽ سپڪ آهي.

واڻيءَ ۾ آيل سٽن جي سمجهاڻي اڳي ويئي آهي.

ســـر ســـريراڳ داســـتان 4 بيـــت 1 جلـــد 1

ســيپئي ســنئين ڪــري، ڪــومہ منجهــائين واٽ،

ســهڪي ڪريــن ســچا ڏٽــي، ســچي جــا صــراط،

ســپيريان جـــي ســـاٽ، لنگـــو لائـــون ميڙيپـــن.

**ڪومہ :**

شيخ = ڪنهنکي ٻہ نہ. ڪوبہ نہ

منگهاڻي = متان

**لَنگو :**

شيخ = ڄڏو، عيبدار، گنهگار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاٽي = بيمار، اھڙو بيمار جيڪو جي تندرست ۽ چڱو ڀلو ھجي تہ بہ جيڪر ڪم ۽ محنت کان پڇي ۽ نٽائي وڃي. يعني ڪم جو ڪوڙو بيڪمو بيمار، بھاني باز نکر ڪري بيمار ٿيندڙ سست ۽ بيڪار بيمار ماڻھو.

گنج، صفحو 262 (ساڳيو مٿيون بيت ٽي سٽون)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 1 (بيت ساڳيو مٿيون. ٽي سٽون)

قليچ، داستان 4 بيت 1 (بيت شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) لڱو = لنگڙو، منڊو (پارسي لنگ)

قاضي، داستان 5 بيت 1 (بيت ٽي سٽون) لڱو = منڊو.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 1 (بيت ٻن سٽن تي آھي ۽ وچ واري سٽ، "سھڪي ڪرين سچا ڏٽي، سچي جا صراط" موجود ناھي) لڱو = (فارسي، لنگ، سنسڪرت، لنگَ) منڊو.

شھواڻي، داستان 4 بيت 1 (بيت گربخشاڻيءَ وارو) لڱو = خراب، منڊو.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 1 (بيت گربخشاڻيءَ وارو) لڱو = جڏ سڏو.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 1 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 4 بيت 1 (بيت شوقيرام وارو) لڱو = منڊو.

انصاري، داستان 4 بيت 2 (بيت گربخشاڻيءَ وارو) لڱو = منڊو.

بلوچ، ھي بيت سر راڳ ۾ ڪونھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغت ”روشني“ (بلوچ) صفحو 415، لڱو = (جمع) لڱا = ميرو، مدو، گهٽ، مندو، عيبدار، ناقص (اصطلاح اگها، بيمار.)

هي بيت گنج، شوقيرام، قليچ، قاضي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ بيحد پراڻن نسخن مان بمبئي ڇاپي ۾ هڪ اوائلي نسخي ۾ ٽن سٽن تي ٻڌل آهي، جڏهن تہ گربخشاڻي، شهواڻي ، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ ٻن سٽن تي مشتمل آهي. وچ واري سٽ، ”سهڪي ڪرين سچا ڏٺي، سچي جا صراط“ انهن نسخن ۾ موجود ناهي. ڇو ناهي؟ يا جن نسخن ۾ اها سٽ آهي تہ ڇو آهي؟ اهي ۽ اهڙا سوين سوال شاھ جي رسالي ۾ موجود آهن، جن کي اهڙي تہ سولي نموني نظرانداز ڪيو ويو آهي جو انتهائي ڏک، حيرت ۽ بيوسيءَ واريون ٻلائون آڪٽوپس وانگيان وڪوڙي ساھ ٽيون منجهائين. خير... بيت ۾ آيل پهريون لفظ ”ڪومَ“ آهي جنهن کي گهڻن شارحن نيساريو ئي ڪونهي. ان جي معنيٰ شيخ صاحب”ڪنهنکي بہ نہ، ڪوبہ نہ“ ڏني آهي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب واري نسخي ۾ جيئن تہ هي مٿيون بيت سر سريراڳ ۾ ڪونهي پر سندس ترتيب ڏنل لغت ”روشنيءَ“ مان خبر پئي تہ اهو بيت سندس نسخي ۾ سر آسا ۾ آهي. اها معلومات لفظ ”ڪومَ“ جي معنيٰ ڳوليندي پيئي.

لغت ”روشني“ صفحو 361، ڪومَ = ڪومَ منجهائين راھ = (آسا 2/7) = (يا الله) ڪوبہ وات ڪان نہ پلائين.“ ڏنل آهي. لفظ ”ڪومَ“ اسين اڄ بہ ٻين عام لفظن جيان ڳالهايون ٿا، ”متان“ واري معنيٰ ۾

جملو = هُتي وڃي اسان کي ڪومَ وسارجين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ميرا ڪپڙا، ڏوتل ڪپڙن سان ڪومَ ملائجين.

سٽ آهي، ”سيپئي سنئين ڪرين، ڪومَ منجهائين واٽ“

معنيٰ = سيپئي (واٽون)، سيڌيون ڪرين/ڪجانءِ. متان مونکي ڪابہ واٽ منجهائين.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آهي ”لنگو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڄڏو، عيبدار، گنهگار“ ۽ ٻيني شارحن، ”منڊو“ ڏني آهي. لفظ ”لڱو“ متروڪ ٿيل ناهي. اسين اڄ بہ اهو لفظ پنهنجي ڳالهائڻ ۾ وٺندا آهيون. ”لڱو“ مثبت نہ پر منفي لفظ آهي يعني لفظ ”لڱو“ بيمار لاءِ نہ چئبو آهي پر خار ۽ ٽوڪ مان. سنو ماڻهو بيمار ٿيندو، يا ڪم وارو محنتي ۽ قابل ماڻهو بيمار ٿيندو تہ ان لاءِ ڪونہ چئبو تہ ”فلاڻو لڱو آهي“ پر جي ڪو بيڪار، ڪم ڪوڙو، بهاني باز، بي ڪمو ماڻهو بيمار ٿيندو يا سستي ڪري ۽ ڪم ۽ محنت کان نٽائڻ خاطر بيماريءَ جو نڪر، پوز ڪندو تہ اهڙي ماڻهوءَ کي چڙ مان چئبو:

جملو = اڳ وري کهڙا ٿي ڪم ڪيائين جو هاڻ لڱو ٿيو آهي تہ ٻک ٿو مري. اڳ ئي پنائين ڪاڏائين ٿي، پلي لڱو لاٿو هجي.

جملو = اها مائي ماڳهين ڪم جي سچار هئي (ٽوڪ مان) هاڻ تہ هيڪاري لڱي آهي.

يعني، ”لڱو“ اهڙي بيڪار ڪم ڪوڙي بيمار کي ٿو چئجي، جيڪو جي چڱو ڀلو هجي تڏهن بہ ڪک ڀچي بہ نہ ڪري. سٽ آهي.

”ســـپيريان جـــي ســـاٿ، لـَــــنگو لاٿـــون ميڙييـــن“

معنـيٰ = محبوبـن جـي جمـاعت/قـافلي ۾ ا ڀـرو سـيرو، اگهـو سگهو، جهڙو تهڙو گڏ ڪريـن/ملائيـن.“ سٽ ۾ انڌي منـدي جي ڳالهـ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي پر ايري سيري، جهڙي تهڙي جو ذڪر آهي. يعني، پرين جي صحبت ۾ يا دربار ۾ جهڙي تهڙي، ايري سيري ڪي نوازڻ لاءِ دعا آهي/ وينتي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = هر ڳالهہ. هر نيت سنئين سڌي ڪجانءِ. متان ڪابہ واٽ/راهہ منجهائين. اي منهنجا سچا مالڪ (اللہ) جيڪا ٻڌجي پيئي، اها (پل) صراط (بهشت ۽ دوزخ جي وچ مان ويندڙ تمام سوڙهي وار کان سنهي ۽ تلوار کان تکي واٽ جنهن تان قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي لنگهڻو پوندو) سولي ۽ آسان ڪرين (شل) محبوبن جي جماعت ۾ ايروسيرو/جهڙو تهڙو/اگهو سگهو گڏ ڪرين/ملائين.

سر سريراڳ داستان 5 بيت 4 جلد 1
ڪالهہ وڏائون ڪُن ۾، جاڏا جنگ جهاز.
تنهنجي اچ طراز، آهي آرَ اکين ۾.

آرَ :

شيخ = آرَ جي، آرَ = پاڻيءَ جي وهڪري جي چوطرف تيزي يا چڪ (جيڪا سمنڊ ۾ واءَ ۽ درياهہ ۾ ڪڏ سبب ٿيئي ۽ ان جي ڪري پاڻيءَ جو وهڪرو ڦيرو ڪائي هڪ جاءِ تي پيو ڦرندو آهي.)

منگهاڻي = مرضي، لاڙو، رجحان.

گنج صفحو 268

ڪالهہ وڏائين ڪن ۾، جاڏا جنگ جنگ جهاز.
تنهنجي اچ طراز، آهي آڙانگن ۾.

گنج، ساڳيو ئي صفحو ۽ بيت آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهـــي اڄ اڙانـــگن ۾، ناڪوئـــا ڪـــج نگاهـــ،
وڏا ٻيـــڙا ٻوڙيـــا، ســـائر ڏيئـــي ســـاهہ،
ملاحظـــو مـــلاح، ڪـــو انهيـــن ڪـــن جـــو.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 170 بيت 901

ڪالهـــ وڏائيـــن ڪـــن ۾، جـــاڏا جنـــگ جهـــاز،
تنهنجـــي اڄ تـــراز، آهـــي آر اڪـــن ۾.

شوقيرام، داستان 5 بيت 4 (آر اڪين ۾)

قليچ، داستان 5 بيت 4 (آرَ اڪين ۾)

لغات لطيفي (قليچ) آرَ = درياهہ جو سخت وهڪرو، اڇل، تک، سير، خيال، ميل، شوق.

قـاضي، داسـتان 4 بيـت 7 (آر اڪيـن ۾) آر = سـير، تـک، وهڪرو.

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 4 (آر اڪن ۾) آهي آر اڪن ۾ = آر، يعني سير جي اڪين ۾ آهي، يعني اڄ تنهنجي تراز جو وارو آهي.

شهواڻي، داستان 5 بيت 4 (آر اڪن ۾) آر = ڪن.

آڏواڻي، داستان 5 بيت 4 (آر اڪين ۾) آر = پاڻيءَ جي تک.

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 5 (آر اڪين ۾)

قاسمي، داستان 5 بيت 4 (آر اڪين ۾) آر = سير.

انصـاري، داسـتان 5 بيـت 4 (آر اڪيـن ۾) آر = سـير، تـک، وهڪرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، داستان 3 بيت 19 (آر اکيـن ۾) آر اکيـن ۾ = آر جـي اکين ۾، آر جي سامهون.

بيت ۾ آيل لفظ ”آرَ“ جي متي سر ڪنيات داستان 2 بيت 44 ۾ جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. پر هن بيت ۾ ”ر“ تي زبر سان ”آرَ“ آهي ۽ هتي نہ رڳو لفظ ”آرَ“ جي معنيٰ پر خود لفظ ”آرَ“ بہ تحقيق گهرندڙ آهي. سٽ آهي.

”تنهنجـــــي اڄ طـــــراز، آهـــــي آرَ اکيـــــن ۾“

هن هڪ سٽ جي محدود لفظن ۾ بہ وڏا فرق آهن، يعني لفظي فرق. مثال طور، لفظ ”طراز“ گهڻن نسخن ۾ ”ت“ سان ”تراز“ آيل آهي ۽ لفظ ”اکين“ بدران ”اکن“ آيل آهي ۽ لفظ ”اڄ“ جي بدران بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ ”پڻ“ آيل آهي. يعني، ”تنهنجي پڻ تراز، آهي آرَ اکيـن ۾“ ۽ ايئـن پهريـن سـٽ ۾ لفـظ ”وڏائيـن/وڏئيـن/وڏا“ آهـي. پـر منهنجي زير غور آخري سٽ جو پويون اڌ آهي، ”آهي آرَ اکين ۾“ جيڪو لڳ ڀڳ سيني نسخن ۾ ساڳيو ئي آهي. سواءِ ”اکين ۽ اکن“ جي فرق جي، پر اهو فرق بہ رڳو لفظ جو آهي. معنيٰ ساڳيئي ”اکيون“ ڏنل آهي. پر لفظ ”آرَ“ پنهنجي اصلي ان معنيٰ جي مطابق سٽ ۾ نٿو ٺهڪي جنهن معنيٰ ۾ اهو اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو ۽ اها آهي ”مرضي ۽ لاڙو“ جنهنجي سمجهاڻي متي سر ڪنيات ۾ هن ئي سر سريراڳ ۾ آيل بيتن ۾ ڏني اٿم. اها ساڳي معنيٰ هن متئين بيت ۾ آيل لفظ ”آرَ“ ۾ ڏجي ٿي تہ بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڙي (0) ٿـو نڪـري. حالانڪ لفظن جون معنائون بيت جي مفهوم مطابق نڪو مون ڏنيون آهن نہ ئي آئون ان لاڙي جي همت افزائي يا پذيرائي ڪرڻ پسند ڪنديس. ڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بيت ۾ صحيح آيل لفظ جي اسان وٽ مروج صحيح معنيٰ ڏيڻ سان بيت جو مفهوم پاڙهي اڳيان کَرَ سان واضح ٿي پوندو پر جي لفظ ٿي غلط آيل هوندو تہ پوءِ معنيٰ جي معاملي ۾ مونجهارا منهن ڪڍندا. جيئن هن بيت ۾ آيل لفظ "آر" جي اسان وٽ مروج معنيٰ ڏنم تہ اها بيت ۾ اوپري ۽ اوڏاري لڳي. اهو ئي سبب آهي جو گنج ۾ اها سٽ ئي بدليل آهي ۽ لفظ "آر" جي بدران "اڙانگن" آيل آهي. يعني "تنهنجي اچ طراز، آهي اڙانگن ۾". جيڪا ئي معنيٰ جي حساب سان درست سٽ ٿي لڳي. وڏيڪ مون سميت سڀني جو فرض آهي تہ "شاهہ جي رسالي" ۾ شامل ڏاريون ڪلام نهايت خبرداريءَ، ڇاڻ، ڏات، ڏانءَ ۽ سونت سان جدا ڪري محفوظ ڪيو وڃي، هڪ صلاح ٿي.

سُر سريراڳ داستان 6 بيت 5 جلد 1

ستا سپ پئي، سندي معلم آسري،
آئين پڻ سمهو ناڪئا، بندر ناهہ پئي،
جن جي سيد لڄ ڪنئي، سي سپ لنگهيندا لڪيون.

**لڪيون :**

شيخ = (واحد لڪي) ٻن جبلن جي وچان ويندڙ سوڙهو رستو. (لڪيون لنگهيندا = مشڪل راهون پار ڪندا)

منگهاٽي = ننڍيون ٽڪريون/ننڍا جبل/ ننڍا پهاڙ.

گنج صفحو 276 ۽ 277

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 20



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3 بيت 20
لغات لطيفي (قليچ) لڪيون = جبلن جا لنگهہ، مشڪل راهون.
قاضي، داستان 4 بيت 12، لڪيون = ننڍا لڪ (لڪ = چيلهہ، لنگهہ)
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 19، لڪيون = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 3 بيت 19، لڪيون = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 21،، لڪيون = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 21.
قاسمي، داستان 3 بيت 20، لڪيون = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 3 بيت 20، لڪيون = ننڍا جبل (لڪ = چيلهہ، لنگهہ)

بلوچ لغت "روشني" صفحو 412 لڪيون =ننڍا لڪ، ٿورو هيٺاهان لڪ. لڪ = صفحو 411 (لغت روشني) جبل جا لانگها، ڏکيو لانگهو، آزمائش وارو لنگهہ.

لسبيلي ۾ ڪوهستان ۾ "لڪ" جبل /پهاڙ کي چئبو آهي. واحد "لَڪ" جمع "لَڪَ" معنيٰ وڏا جبل. "لڪيون" معنيٰ "ننڍا جبل/ٽڪريون" اسين لسبيلي ۾ ڪوهستان جا رهاڪو جبل کي عام طرح "لَڪ" ۽ ننڍين ٽڪرين/جبلن کي "لڪيون" ئي چوندا آهيون. جيئن ڪنڊ جهنگ ويندي واٽ تي بہ لڪيون آهن. هڪ جو نالو "مَري" ۽ ٻيءَ جو "مگَ ٽر" آهي. انهن سان وابستہ ڪوهستان جو مشهور عشقيہ داستان "مَري، مگَٽر" آهي جيڪو "سسئي پنهون" جي داستان وانگر ڪوهستان ۾ بيحد مشهور داستان آهي. لفظ "لڪيون" جملن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ابا ڪوڏيون ڇيڪ ڇڏي اسارو ٿي نہ ويهہ. ملڪ ۾ نَهار پيا آهن، ڦڪو بہ ڪونہ ڇڏيندا. تو وارو "ٻـرُڪَو" او ڦتو پيِ متي لڪيءَ تي چڙهيو، وڃي سنپال.

جملو = هٿـو ڪاڪا، اسـارو ڪونـہ آهيـان. سـپ لـڪ لڪيـون ساريل آهن. هتي ڪوبہ هاتار پڳاڙ ڪونهي.

سٽ آهي، "جن جي سيد لڄ ڪنئي، سي سپ لنگهيندا لڪيون."

معنيٰ = جن جي حفاظت جي ذميداري حضرت محمد صلعم پاڻ ڪٽي تو اهي سيئي ڏکيا، لاها چاڙها اڪري پار پوندا.

لڪ ۽ لڪيـون/ٽڪر ۽ ٽڪريـون رڳـو سڪيءَ تـي ئـي نـاهن پـر پـاڻيءَ/سمنـڊ ۾ بـہ وڏا جبـل ۽ ٽـَڪـر آهـن. هـاڻي تـہ سـائنس ۽ جديـد ٽيڪنالاجي ڪري گهڻي معلومـات آهـي پـر اڳ بـہ ٻيڙياتـا/مـلاح انهـن پاڻيءَ جي اندر وارن لـڪ/لڪيـن ڪان واقف هئا ۽ سڏاون واٽن جي خبـر رکندا هئا ۽ زمين وانگيان پاڻيءَ ۾ بہ انهن جا واٽون ۽ رستا نـاهيل ۽ مقرر هئا ۽ هو پاڻيءَ وارين لڪين ۽ ٽڪرين ڪان گذرڻ مهل تـارو ڪنـدا هئا ۽ اتان اِنڊ ڏيئي گذرندا هئا.

بيـت جي سمجهـاڻي =سـپيئي (ٻيـڙيءَ وارا) وڏا ڄـاڻو ٻيـڙيءَ ۽ پاڻيءَ جي ماهر سونهين (معلم) جي آسري ۽ پروسي تي سمهي پيا آهن. اوهين بہ اي نـاکئو! ملاحو، سمهـي پئو، بندر ۾/درياهـ ۾ ڪوبـہ خـوف ناهي. جن جي حفاظت جي ذميداري حضرت محمد صلعم پاڻ ڪٽي، اهي سپيئي درياهہ ۾ آيل ڏکيا لاها چاڙها اڪري پار ڪري ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـريراڳ داسـتان 6 بيـت 6 جلـد 1
ڏوري لَـهُ ڏاتـار، جـر وهيـن ويسـلو،
هڪيـو هوئـج هشـيار، ڪـوڙ ڪونڌئـي اوڇتـي.

**هڪيو :**

شيخ = اڳ ۾ تيار.
منگهاڻي = هينئر، هير، هن مهل،
گنج، صفحو 277
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 6 بيت 5
قليچ، داستان 6 بيت 5
لغات لطيفي (قليچ) هڪيو = حاضر، خبردار، سنيال.
قاضي، داستان 6 بيت 3، هڪيو = تيار.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت 3، هڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 6 بيت 4، هڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 6 بيت 3، هڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 6 بيت 6
قاسمي، داستان 6 بيت 5، هڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 6 بيت 3، هڪيو = تيار.
بلوچ، داستان 2 بيت 3، هڪيو = (اصل حقيو، صحيح، پورو،
حقيقي طور، بنا شڪ جي) = پوري پڪ سان، پوري وقت تي، پڪ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود. مھل تي تيار ۽ موجود. بلوچ صاحب واري بيت ۾ "ڏاتار" بدران "ڏانار" آھي.

ڏوري لھـــ ڏانـــار، جـــر ورچـــي وھيـــن ويســـلو.
ھڪيـــو ھوئـــج ھشـــيار، ڪـــوڙ ڪونـــدي اوچتـــي.

ڏانـار = ڏنـو، بنـيءَ ڪـان وڏو ٻـَنو ۽ وڏي ٻنـيءَ ڪـان وڏو ڏانـار (ذڪر اوچتي ڪوڙ ۽ نئن ۾ وڏي پاٽي اچڻ جو آھي، جنھن ڪان بچاءُ لاءِ آھي تـہ اڳ ۾ ئي ڪـو "ڏانار" ڏسي ڇڏجي جنھن تـي چڙھي ويھجي.)

سچاٽي = صحيح طور "ڏانار" آھي پر ڪاتبن غلطيءَ مان ان کي "ڏاتار" ڪري لکيو (بلوچ).

لفظ "ھڪيو" جي معنيٰ شيخ صاحب "اڳ ۾ تيـار" ڏنـي آھـي جيڪا اسان ڪان مختلف آھي. ھيءُ لفظ اڄ بـہ اسين عـام ڳالھايون ٿا جنھنجي معنيٰ آھي، "ھن مھل، ھينئر" يعني لفظ "ھڪيو" جو تعلق اڳ يا پوءِ، ماضي ۽ مستقبل سان نـہ پر "حال" سان آھي يعني اھا گھڙي، اھو پـل جيڪـو مـاٺھو جـي اڳيـان آھـي ۽ پـوءِ گـذري وينـدو. لســبيلي ۽ ڪوھستان ۾ لفظ "تيار" جو لفظ "ھڪيو" سان ڪوبـہ واسطو ڪونھي، سٺ آھي.

"ھڪيـــو ھوئـــج ھشـــيار، ڪـــوڙ ڪونـــدي اوچتـــي"

معنيٰ، ھينئر/ھن ئي مھل ھشيار ٿي. وڄ (مينھن واءُ) اوچتي ئـي لڳنـدي آھي." بـاقي شـيخ صـاحب جـي ڏنـل معنـيٰ "اڳ ۾ تيـار" لاءِ عرض تـہ "ڪيترو اڳ تيار؟" اھو لفظ سندس تر جو نـہ ھوندي بـہ ھو معنيٰ ڏي ٿو ڇو جو ھو ٻٽ شاھ ۾ رھي ٿو ۽ ڪيترن سالن ڪان لطيف جو راڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌندو پيو اچي! نيڪ آهي ڀٽ شاهہ ۾ چاپڻ. رهڻ ۽ زندگي گذارڻ هڪ وڏو اعزاز آهي (لطيف جي حوالي سان) ۽ پڻ لطيف جو راڳ ٻڌڻ بہ هڪ وڏي سعادت آهي پر ان جو اهو تہ مطلب ناهي تہ ڀٽ شاهہ ۾ رهڻ جي ڪري، يا لطيف جو راڳ ٻڌڻ جي ڪري، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي لطيف جي ٻوليءَ تي بہ دسترس حاصل ٿي وڃي! لطيف رڳو تہ ڀٽ شاهہ جي آسي پاسي واري ٻولي نہ ڳالهائي آهي ۽ نہ ئي لطيف رڳو "ڀٽ" تي ئي ويٺو رهيو هو. هُن تہ ڪوهستان ۽ لسٻيلو بہ پيرين پنڌ لتاڙيو هو. حب، پبِ، پبني، سنگهر، وندر، ٻيلو، قلات، هنگلاج، لاهوت اهي سڀيئي ڀٽ/پهاڙ هن هلي وڃي ڏٺا هئا. هو اتي رهيو هو، ماڻهن سان مليو هو ۽ پوءِ لطيف جهڙو غير معمولي ذهين ۽ حساس ماڻهو ڪنهن هنڌ رهي ۽ ٽڪي تہ اهي آستان تہ هونءَ ئي ياڳوند ٿين ئي ٿين. پر اتي جي ٻولي، لهجو ۽ اچار بہ اهڙي ابديت ماڻين جو ٽي پوڻا ٽي سوءَ سالن کان پوءِ بہ پلي ڀٽ شاهہ تي رهڻ وارا لفظن جون معنائون ڪن. پر هتان جي معنائن تائين پهچڻ لاءِ واٽ جو نڪو منهن نڪا مهاڙ نظر اچي. اهو ئي لطيف جي امرتا ماڻڻ جو راز آهي تہ هو جتي بہ ويو اتي جي ٻولي، لفظ، لهجا، اچار، چوڻيون، پهاڪا، اصطلاح، محاورا هنئين ۾ حل ڪري آيو. شيخ صاحب جو اهو عمل تہ هن هر لفظ جي معنيٰ ڏيندي پاڻ سان گڏ ٻين تي بہ جبر ڪيو آهي پر بلوچ صاحب جا شاهہ جي رسالي سان هاجا آهن. بلوچ صاحب لفظن/بيتن/واين/سرن/ داستانن جون صورتون بنا ڪنهن چنڊڇاڻ ۽ پڇا تات جي ايئن بدلايون آهن جڻ لطيف پاڻ ادائي/پوڻا ٽي سوءَ سالن کان پوءِ وري آيو آهي ۽ پنهنجي امر ڪلام مان ڪاتبن جون ڪيل غلطيون ڳولي ڳولي ڪڍي درست ڪري رهيو هجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ، هي لفظ ”هڃي“ نہ ”سَرهڃي“ آهي، هي لفظ ”ڪنواٺ“ نہ ”ڪُواٺ“ آهي، هي لفظ ”پيند“ نہ ”پنڌ“ آهي، هي لفظ ”ڏاتار“ نہ، ”ڏانار“ آهي. هي لفظ ”هڪيو“ نہ پر حقيو“ آهي... ايئن تہ ڏينهن ۾ ڏهہ لطيف جا شارح اتي بيهندا تہ، ”هيءُ نہ هي لفظ آهي“ پوءِ ان جو انت ڪيئن ۽ ڪٿي ٿيندو؟ خدا نہ ڪري اتي تہ نہ وڃي ٿيندو، جتي لطيف جو ڪو هڪ بہ لفظ وڃي نہ بچندو!! هيءُ تہ سڌريل زمانو آهي. ۽ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ٻئي سمجهن ڄاڻن ٿا تہ عظيم سنڌي ٻوليءَ جي وسعت تائين پهچڻ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو ڪم ئي ناهي.

لفظ ”هڪيو“، ”هينئر، هن مهل“ واري معنيٰ ۾ اڄ بہ اسان وٽ ڳالهايو ويندو آهي. ان جي پڪ ڪرڻ لاءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جون واتون ڪليل آهن. اچي پڇن بڪڪن ڪان يا جبل جي ڪنهن بہ ذات وارن کان تہ لفظ ”هڪيو“ جي معنيٰ ڇا آهي؟ تہ اهي اهائي هڪي تڪي ورندي ڏيندا تہ لفظ ”هڪيو“ جي معنيٰ آهي، ”هينئر، هن مهل“.

جملو = هڪيو ڏوڪڙ ڪونهن اوڌار تي ڏين تہ وٺان.

جملو = جهل تہ پلي جهل پر هڪيو مون وٽ ضامن ڪونهي.

جملو = هڪيو سامان اڳيتا ٺاري ڇڏ. پوءِ جاءِ ڏيئي رکنداسين.

بيت جي سمجهاڻي = تون ان ”ڏيندڙ“ کي ڳولي لهہ/ياد ڪر (جيڪو امن، تحفظ ۽ بچاءُ ڏيندڙ آهي) ۽ غافل ۽ بنا هوش جي متان ويهي رهين. هينئر ئي/ هن ئي مهل خبردار ٿج. (ڇوجو) وڇ (مينهن ۽ طوفان) اوچتي لڳندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سريراڳ داستان 6 بيت 10 جلد 1

اڄ ڪيئن اسارو، ڪوڻ ڏسيو تو ڪلين،
سعيو ڪر سمونڊ جو، ويهه مَ ويسارو،
صبح سوارو، اهرنديـن اوڙاهه ڏي.

**اسارو :**

شيخ = غافل (تي)
منگهاڻي = بي سارو، بي سونتيو، غائب دماغ، بنا هوش جي.

**اهرندين :**

شيخ = روانو ٿيندين، اسهندين.
منگهاڻي = هيٺ ٿيندين، لهي ويندين.

**اوڙاهه :**

شيخ = اونهي پاڻي، سمنڊ
منگهاڻي = گهرائي، اونهائي (پاڻيءَ توڙي سُڪي جي)
گنج، صفحو 277 (ٻه سٽون)
اڄ ڪيئن اسارو، ڪوڻ ڏسيو تو ڪلين،
صبح سوارو، اهرنديـن اوڙاهه ڏي.

هي بيت برٽش واري نسخي، شوفيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. البت ڪتاب "املهه اٽتوريا" (شاهه جا لڌل بيت) ۾ سر سريراڳ جو بيت 20 آهي ۽ ٽيئي سٽون آهن ۽ لاشڪ تہ شيخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب هي بيت اتان ئي کنيو آهي. بيت جيئن اوهان ڏٺو تہ سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ ڇاپي رسالي ۾ موجود ناهي ۽ گنج ۾ بہ ٻن سٽن تي مشتمل آهي ۽ وچ واري سٽ موجود ناهي. اهو بيت لڌل بيتن واري ڪتاب ۾ آهي. شيخ صاحب تہ ڪٿي اتان کنيو آهي، پر گنج ۽ "املهہ اٿتوريا" ۾ هڪ ئي وقت بيتن جو موجود هئڻ واري ڳجهارت اجا تائين موجود آهي!

بيت ۾ آيل پهريون لفظ "اسارو" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب"غافل" ڏني آهي. لفظ "اسارو" اڄ بہ اسين "بنا هوش ۽ حواس جي، بنا سونت جي غائب دماغ ۽ ٻيءَ معنيٰ ۾ چريو ۽ بينوايو" واري معنيٰ ۾ ڳالهائيندا آهيون. "غافل" ٽيڻ ٻي ڳالهہ آهي، غافل تہ ذهين ۽ عقل وارو بہ ٿي سگهي ٿو، پر ذهين ماڻهو (بيماريءَ کانسواءِ) "اسارو" نہ ٿيندو آهي. سٽ آهي،

"اڄ ڪيئن اسارو، ڪوڙ ڏسيو تو ڪلين"

معنيٰ = اڄ ڪيئن بنا سمجهہ ۽ سار جي (چرين وانگان) وچ ڏسيو پيو ڪلين. هتي بيت ۾ لفظ "اسارو" ماڻهوءَ لاءِ نہ پر "ڪِل" لاءِ آيل آهي. "اساري ڪل يا اسارو ڪلڻ" معنيٰ بنا سوچ سمجهہ واري اجائي ڪل.

لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ جي ڪو مڙيئي سڙيئي ٻي سمجهيءَ مان ڪلندو تہ چئبو،

جملو = نڪا ڳالهہ جي سمجهہ ۽ سونت بينوايو مڙيئي پيو اسارو ڪلي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني لفظ "اسارو" رڳو ماڻهوءَ لاءِ ئي نٿو چئجي، پر ٻين ٻي جان جيڙن لاءِ بہ چئجي ٿو. مثال جيئن ڪنهن بيمار ڪي ستي ئي ڪمزوريءَ جي ڪري رفع حاجت ٿي وڃي تہ چئبو،

جملو = فلاڻي جي اهڙي تہ حالت آهي جو ڪابہ سار نہ اٿس.

رات بہ اسارو... نڪري ويس. جڏهن تہ ٻي جان شين ڪي "غافل" نٿو چئي سگهجي.

ڪو چريو يا غائب دماغ ماڻهو ڪو پيو ايندو ويندو تہ چئبو،

جملو = نڪو نوا نڪو ٻِڌ اٿس، اسارو پيو هلي.

مٿي سر جمن داستان 7 وائي 1 ۾ آيل لفظ "اسارن" جي معنيٰ بہ شيخ صاحب"غافلن، ويسلن" ڏني آهي. "اصل اسارن جا، ستي ويڙا سيڻ" معنيٰ = اصل ڪان بنا هوش/غائب دماغ ۽ ستل ذهنن وارن جا پرين ستي ئي هليا ٿا وڃن. هي لفظ واحد ۽ جمع مذڪر "اسارو/اسارا" ۽ واحد ۽ جمع مونث "اساري/اساريون" آهي.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آهي "اهرندين" جنهنجي معنيٰ هن ئي سر سريراڳ داستان 3 بيت 6 ۾.

"آخر اهرائينس، تہ جوڪو ٿيئي نہ جهاز ڪي" ڏسو، جتي لفظ "اهرائينس" جي معنيٰ شيخ صاحب"هلائينس" (پاڻيءَ ۾) ڏني هئي ۽ ساڳيئي سر ۽ داستان جي بيت 7 ۾ سٽ آهي،

"اڄ ڪــــ ســـنجهہ ســنڌياءِ، اهرنـــدي اتانگهــــ تـــڙ"

۾ لفظ "اهرندي" جي معنيٰ شيخ صاحب "هلندي، ڏکجي ويندي، ٿيلهجي ويندي" ڏني آهي ۽ هن مٿئين بيت جي سٽ، "صبح سوارو، اهرندين اوڙاهہ ڏي" ۾ لفظ "اهرندين" جي معنيٰ ""روانو ٿيندين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسهندين" ڏني آهي، يعني حالتن پٽاندر معنيٰ ڏني اٿس. لفظ آهي "اهار" جنهنجي معنيٰ آهي "هيٺائين، نمند". هي لفظ پڻ نج پچ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي ۽ اها پڪ وري بہ لطيف جي سيني شارحن جي ان لفظ جي ڏنل معنائن ڏني اٿم. هي لفظ واحد ۽ جمع مذڪر "اهريو/اهريا" ۽ واحد ۽ جمع مونث "اهري/اهريون" آهي.

جملو = آهي چا منهنجي مٿان پيئي اهرندي اچين.

جملو = فلاڻو او، پَرين جبل تان اهري ويو.

جملو = پاڻ ڪي سنيال پرِ تان اهرندين.

بيت ۾ آيل ٽيون لفظ آهي "اوڙاهہ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "اونهي پاڻي، سمنڊ" ڏني آهي جيڪا پڻ مختلف آهي. لفظ "اوڙاهہ" جو تعلق "پاڻيءَ يا سمنڊ" سان نہ پر "گهرائيءَ" سان آهي. جبلن جي ۽ ڪاهين جي گهرائيءَ کي بہ "اوڙاهہ" چئبو آهي. يعني "اوڙاهہ" اونهائي ۽ گهرائيءَ لاءِ ئي مخصوص آهي. اسان وٽ بنا پاڻي جي سُڪيءَ جي گهرائي هجي يا پاڻيءَ جي گهرائي هجي ان کي بہ "اوڙاهہ" ئي چئجي.

جملو = ابا، رستو سوڙهو آهي جبل جي ڪَورَ تان ئو وڃين گاڏي سنيالي هلائجانءِ هيٺ رڳو اوڙاهہ آهن.

جملو = تو وٽ ڪيئن اچجي، اوڙاهہ جي تري ۾ رهيو پيو آهين.

جملو = مونکي چا هي وڃي باهہ جي اوڙاهہ ۾ پٽو.

مطلب تہ لفظ "اوڙاهہ" کي رڳو پاڻيءَ سان واڳڻ درست ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اڄ ڪيئن بنا سونت سمجهہ جي وڃ ڏسيو پيو اجايو ڪلين. ايئن غافل ٿي نہ ويهہ. سمنڊ ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪر. صبح جو سويرو ٿي تون گهراين ڏانهن هيٺ لهي ويندين.

سر سريراڳ داستان 6 بيت 11 جلد 1

ستين کهڙي سار، وڃ ڪونڌئي ويسرا،
تو جيڏا تو يار، لهر لهوارا ڪيا.

سار :

شيخ = سار تي، زور تي، طاقت تي، آڏار تي.
منگهاڻي = هوش، سجاڳي، سمجهہ، سونت.
گنج، صفحو 277
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 6 بيت 6 (لهرين)
قليچ، داستان 6 بيت 6 (لهرين)
لغات لطيفي (قليچ) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي، داستان 6 بيت 4 (لهرين) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت 4 (لهرن) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 6 بيت 5 (لهرن) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 6 بيت 4 (لهرين) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 6 بيت 7 (لهرين)
قاسمي، داستان 6 بيت 6 (لهرين) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 6 بيت 4 (لهرن) سار = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، داستان 2 بيت 4 (لهر) سار = سنيارتي، آسري تي.

لفظ "سار" جي معنيٰ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ نہ ڏني آهي ۽ انهن ٻنهي لڳ ڀڳ ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ٿو "زور تي، طاقت تي، آڌار تي" ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو "سنيارتي، آڌار تي". ٻنهي صاحبن جي لفظ "سار" جي ڏنل معنائن سان لفظ "سار" جو نڪو سڱ نڪو سياڪو. مٿي نڪا مائٽي، اڇي نڪو وڇي. هي ساڳيو ئي لفظ آهي جنهنجي تفصيلي معنيٰ مٿي ڏني اٿم يعني لفظ "اسارو". "اَ" معنيٰ، نہ" سار معنيٰ هوش، سجاڳي، سمجهہ سونت" اسارو معنيٰ بنا هوش، بنا سجاڳي، بنا سمجهہ سونت جي" ست آهي،

"ستين ڪهڙي سار، وڄ ڪونديئي ويسرا"

معنيٰ = تون ڪهڙي هوش حواس ۽ سمجهہ سونت ۾ ستو پيو آهين؟ اي هانءَ جا انڌا! وڄ هينئر ئي ڪوندي.

لفظ "سار" ياد واري معنيٰ ۾ بہ اچي ٿو. "سارڻ" معنيٰ ياد ڪرڻ. "مون توکي ساريو ٿي" معنيٰ، مون توکي ياد ڪيو ٿي. لطيف پڻ ان معنيٰ ۾ لفظ "سار" آندو آهي. "منهنجي سيد سار لهندو..." لفظ "سار" اسين اڄ بہ عام ڳالهايون ٿا.

جملو = هن ويچاري کي الائي ڇا آهي، ڪو اسارو پيو آهي ڪا سار ڪانهيس.

جملو = سوير بيسارو هو، هاڻ سار تي وريو آهي.

بيت ۾ آيل واحد صورت ۾ لفظ "لهر" گنج ۽ بلوچ وارن نسخن ڪانسواءِ ٻين سيني نسخن ۾ جمع صورت ۾ "لهرين/لهرن" آيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = تون ڪهڙي هوش حواس ۾ ستو پيو آهين؟/سمهي رهئين؟ تنهنجي متان (هينئر تي) وڃ لڳي. اي هاڻءَ جا انڌا! تو جيڏا/تنهنجا همعمر، تنهنجا يار/دوست لهرن لوڙهي/ٻوڙي ڇڏيا آهن.

سر سريراڳ داستان 6 بيت 13 جلد 1

نڪو سڪ ٻڪتين، نہ ويساند نئين،
جيڪا اچي سامهين، پانئين سا سنئين،
موڙيءَ ڪوهہ مئين، جيئن سڄيون راتيون سمهين.

**نئين :**

شيخ = نين ڪي (واحد نئن = برسات ۾ وهندڙ جابلو ڪسي يا ڳِٽ، نهر، واهہ، درياهہ، سمنڊ)

منگهاڻي = قدرتي پاڻيءَ جو وهڪرو، جيڪو جبلن مان لهي ننڍڙي نديءَ جي صورت ۾ وهي.

**مُوڙِي :**

شيخ = موڙيءَ جي، پونجي يا خزاني ڪي.

منگهاڻي = ڳنڍ، هَڙَ (ننڍي هَڙ)

**مَئِين :**

شيخ = ماپ ڪرين، ڳڻپ ڪرين، ڳڻتي ڪرين.

منگهاڻي = تورين، وزن ڪرين، ماپين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 277 (موڙهيءَ)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 169 بيت 895 (موڙهين)

شوقيرام، داستان 6 بيت 11

قليچ، داستان 6 ست 11

لغات لطيفي (قليچ) نئين = معنيٰ ڪانهي. موڙي = موڙ = موڙي، سرمايو. مئين = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 6 بيت 8، نئين = ننڍي ندي، نهر. موڙي = موڙ = موڙي، سرمايو، مئين = ماپين، تورين، ڳٽين.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 8، نئين = نيين = نين ڪي (سنسڪرت نريڪا) ننڍڙي ندي، موڙي = (سنسڪرت، مولَ)، ناڻي جو راس، پدارث، مئين = مئڻ (سنسڪرت، ما) ماپ ڪرڻ، تورڻ، ڳڻڻ.

شهواڻي، داستان 6 بيت 9، نئين = ندي. موڙي = پيسا، خزانو، ذيرو، مئين = ماپين، تورين.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 8، نئين = نهرن ڪي. موڙي = ناڻو مئين ڳٽين.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 14

قاسمي، داستان 6 بيت 11، نئين = ندين. موڙي = دولت. مئين = تورين.

انصاري، داستان 6 بيت 8، نئين = ننڍي ندي، نهر.

موڙي = موڙ = موڙي، سرمايو. مئين = ماپين، تورين، ڳٽين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، داستان 2 بيت 8. نئين = نيون (واحد نئن) برسات ۾ جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جا تکا وهڪرا. موڙي = ڪمائي، نفعو، بچت. مئين = ڇو تو ڳڻين، ان جو ڇو تو اندازو ڪرين.

بيت ۾ آيل ٻهريون لفظ "نئين" آهي معنيٰ "ندين". پر اهو لفظ لکڻ ۾ "نئن" نہ ايندو جيئن شيخ صاحب چيو آهي، واحد "نئين" جمع، "نئيون" اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو "ندي" کونہ چئون پر "نئين" چئون. سڻ آهي.

نڪو سڪ نڪتين، نہ ويساند نئين.

معنيٰ = نڪو تارن کي سک آهي نہ ئي نديون تيون ساهي پٽين.

جملو = هيروڪا مينهن زوراٿتا هئا. سيئي نئيون پرجي بوڙيون ٿيون ڏين. ڪنڌ واري نئين بہ پرجي ٻوري ٿي.

ٻيو لفظ آهي "موڙيءَ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "موڙيءَ جي، پونجي يا خزاني جي" ڏني آهي. "موڙيءَ جي" جو ڇا مطلب آهي شيخ صاحب جو؟

جيئن اتر واري پاسي ڪپڙن وغيره جي ڳنڍ يا هڙ تو چئجي تيئن لسٻلي ۽ ڪوهستان ۾ "موڙي" تو چئجي. پوءِ ان ۾ ڪپڙا ٻڌجن، پيسا يا سون. واحد "موڙي" جمع "موڙيون".

جملو = ڪپڙا کلا نہ ڏي، ڪري ويندا. موڙيءَ ۾ ٻڌي ڏي.

جملو = موڙيءَ کان ڪپڙا گهٽا آهن، هڙ ٻڌي وچ.

جملو = نہ امان هڙ کٽڻ جي مون ۾ ساهہ ڪانهي. موڙيءَ جيترا ٻڌي ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ ”موڙي“ معنيٰ، ”هڙ/ننڍي هڙ“ جنهنجي معنيٰ سيني شارحن، ”ناڻو، پونجي، خزانو ۽ ذخيرو“ ڏني آهي. اڳوڻي زماني ۾ جيئن ته سوٽ ڪيس/ بريف ڪيس وغيره نه هوندا هئا. ته ”سون ۽ ڏوڪڙ“ موڙيءَ ۾ ٻڌي ڪٽبا هئا. ڪنهن زماني ۾ ڪو سکيو ۽ امير ماڻهو حج ڪرڻ ويندو هو ته پيسن جون موڙيون/هڙون کڻڻ لاءِ ڌار نوڪر به ساڻ کڻندو هو. ٽيون لفظ آهي. ”مئين“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڳڻپ ڪرين، ماپ ڪرين، ڳڻتي ڪرين“ ڏني آهي. ”مئڻ“ جي معنيٰ آهي ”تورڻ، وزن ڪرڻ“ ۽ ”مئين“، معنيٰ ”تورين، وزن ڪرين.“

جملو = ڪير مَئي ڏي. اندازو نه هڻ. مئڻ ۾ ڇا آهي! مئين ڇو نٿو؟

”موڙي مئڻ“ معنيٰ، سون/ڏوڪڙن واري موڙي/ڳنڍ/هڙ تورڻ، وزن ڪرڻ. جيئن ته اڳ پيسا ڪاغذ وغيره جا نه پر ڪنهن ڌاتوءَ، سون، چاندي، ٽامي، پتل وغيره جا هوندا هئا، جيڪي موڙين ۽ هڙن ۾ ٻڌل هوندا هئا ۽ اهي ڳڻبا نه پر ”لوٽن“ وغيره سان ماپيندا هئا. يا ته سڄيون موڙيون ئي وزن ڪبيون ۽ توربيون هيون. سٺ آهي.

”موڙي ڪوهه مئين، جيئن سڄيون راتيون سمهين“

معنيٰ = (سون ۽ پيسن جون ٻڌل) موڙيون ڪيئن؟/ڇو تو تورين ” وزن ڪرين! جو تون سڄيون راتيون ستو پيو آهين.

بيت جي سمجهاڻي = نکو تارن کي سک آهي (جو اهي هل هلان ۾ آهن) ۽ نه ئي ندين کي ئي ڪو آرام ۽ ساهي پٽڻ آهي ۽ توکي جيڪا به منهن اڳيان ۽ سامهون تي مليئي ان کي ئي سولي ۽ سنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو سمجهين. موڙي ڪيئن ٿو تورين ۽ وزن ڪرين؟ (ڇا لاءِ ٿو ڪرين، جو تون سڀيون راتيون ستو پيو آهين.

سـر سـريراڳ داسـتان 6 بيـت 16 جلـد 1
اهڪـي راهـہ الله جـي، اهڪـي اهڪـيءَ پـت،
هـو جـي ڏهـائي ڏيهہ جـا، تـن پـڻ تنهنجـي مـت،
آڇـاڙان ابـت، گهـڙج گهـاٽي نينهـن سـين.

**اُبت :**

شيخ = اوبارو وهڪرو
منگهاڻي = ابتو، اونڌو، مخالف.

**گهاٽي :**

شيخ = ڳوڙهو، مضبوط
منگهاڻي = گهڻو، زيادهہ، وڌيڪ
گنج، صفحو 273
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
موقيرام، داستان 6 بيت 12
قليچ، داستان 6 بيت 12
لغات لطيفي (قليچ) ابت = ابتا، اونڌا، مخالف. گهاٽي = گهاٽو = گهرو، گهڻو.
قاضي، داستان 6 بيت 9، ابت = معنيٰ ڏنل ناهي. گهاٽي = گهاٽي شراب مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 9، ابت = ابتائي، الٽائي، ڦير، ور.
گهاٽي = گهڙج گهاٽي = تنهنڪري گهاٽي نينهن سان انهن لهرن ۾ گهڙج. خدا جو نينهن ئي انهن موجن مان پار لنگهائي ٿو.

شهواڻي، داستان 6 بيت 10، ابت = لهرون (روحاني رمزون) ابتيون وهن ٿيون.
گهاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 9 ابت = ابتڙ. گهاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 14.

قاسمي، داستان 6 بيت 12 ابت = معنيٰ ڏنل ناهي. گهاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 6 بت 9، ابت = معنيٰ ناهي. گهاٽي = گهاٽي شراب مان.

بلوچ، داستان 2 بيت 9، ابت = آچاڙن ابت = (هت سلوڪ واري راهہ ۾) خيالن جي ابت سبت واري حالت تي پيدا ٿيئي، وايون بتال ٿيون ٿين. (هت سلوڪ واري ساموندي سفر ۾) وڏا اوسانب تا اچن. ابتيون سبتيون ويريون ٿيون چڙهن. گهاٽي = گهاٽي نيهہ سين = پڪي پختي سچي عشق سين.

پهرين لفظ "ابت" بابت ڪجهہ عرض تہ، هي لفظ سچي سنڌ ۾ ساڳيئي "ابتو، مخالف" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي. مثال لاءِ قليچ صاحب، گربخشاني صاحب، آڏواڻي صاحب ۽ بلوچ صاحب جي لفظ "ابت" جي ڏنل معنيٰ ڏسي تي سگهجي پر شيخ صاحب ان جي سمجهاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوپارو وهڪرو" ڏني آهي، جيڪا ڪنهن بہ طريقي سان لفظ ابت جي لفظي معنيٰ ڪانهي. ٻيو لفظ آهي "گهاتي" جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب"ڳوڙهي ۽ مضبوط" ڏني آهي. هي ساڳيو ئي لفظ متي سر جمن داستان 6 بيت 10 ۾ آيو آهي. "تڪ ڏيئي پڪ پيءُ، گهوٽ منجهان گهاتي." جتي شيخ صاحب لفظ "گهاتي" جي سمجهاڻي "يعني شراب" ڏني آهي ۽ هتي معنيٰ "ڳوڙهي مضبوط" ڏني آهي. لفظ "گهاتي" جي معنيٰ "گهرو ۽ تِڪِ" بہ آهي پر لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "گهٽو، زيادهہ ۽ وڌيڪ" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي جنهن ڪان لطيف آشنا ۽ واقف آهي ۽ ان ئي معنيٰ ۾ متي بہ ۽ هتي بہ لفظ "گهاتو" "گهٽو ۽ زيادهہ" واري معنيٰ ۾ آندو آهي.

"تڪ ڏيئي پڪ پيءُ، گهوٽ منجهان گهاتي"

معنيٰ = اي دلبر تون اڇي گهٽي/زياده شراب مان تڪون ڏيئي پيءُ.

(تڪون معنيٰ هڪ ساهيءَ ۾ پيئڻ ۽ تڪون گهٽي شراب مان ڏيئي تيون سگهجن نہ ڪي ڳوڙهي ۽ گهري شراب مان) ۽ هن بيت جي سٽ آهي،

"آڇاڙان ابت، گهڙج گهاتي نينهن سين"

معنيٰ = اونڌيون ۽ ابتيون لهرون گهٽي نينهن/عشق مان گهڙي پار ڪج.

بيت جي سمجهاڻي = الله جي واٽ ڏکي آهي، بيحد ڏکي/هر طرح سان ڏکي آهي. اهي جيڪي ان هنڌ جا رهاڪو آهن، انهن ڪي بہ مت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سمجھ ۾ نه اچي. اونڌين/ابتين ۽ مخالف لهرن ۾ گهٽي/وڏيڪ چاهه ۽ پريت مان گهڙج/داخل ٿج.

سر سريراڳ داستان 7 بيت 2 جلد 1
جوڙي جنگ جهاز کي، پورا تون بناءِ،
انيتاليهه عشق جون، واڳون وير وٽاءِ،
پنج پڳهه ويهه اولا، سترهن سڙهه سباءِ،
سمنڊ ۾ سيد چئي، اپر آهه اونداهه.
جت مانگر مچ مڙيا، ات گوشي جهل غراب کي.

**وٽاءِ :**

شيخ = نهراءِ بناءِ، ناهه.
منگهاڻي = (مضبوط) وٽ ڏيار. وٽيل واڳون بناراءِ.

**غُراب :**

شيخ = وڏي ٻيڙي
منگهاڻي = سواري

هي بيت گنج، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ ڪونهي. يعني هي بيت لطيف جي نئين توڙي پراڻي ڪنهن به نسخي ۾ موجود ناهي. سواءِ شاهه جي لڏل بيتن جي دعويٰ ڪندڙ ڪتاب "املهه اٿوريا" جي، جنهن ۾ سر سريراڳ ۾ بيت 26 آهي. (شيخ صاحب به بيت جي نمبر کي دائرو ڏئي اهو ظاهر ڪيو آهي.) هن بيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساخت ۽ صحت بابت ڪجهہ چوڻ ملاڪڙي جو اهتمام ثابت ٿيندو. تنهن ڪري لفظ جي ڏنل معنائن بابت ئي عرض ڪبو. بيت ۾ لفظ ”وٿاءِ“ ۽ ”غراب“ آيل آهن جن ٻنهي لفظن جي سمجهاڻي متي ڏني اٿم. پر هتي ڪنهن عجيب بيت ڪي لطيف جي نانءُ ڪيل ڏيکارڻ مقصود هوم. بيت معنيٰ ۾، لفظن جي بيهڪ ۽ شعري تقاضائن تي نہ بيهندڙ هڪ مڪمل تڪراري بيت آهي.

سر سريراڳ داستان 7 بيت 3 جلد 1

گهاتو گهٽيئي هئا، متي هن مهراڻ،
تانگهہ نہ لڌي تارئين، سندي سير سٽاڻ،
لاڄو چنا لهرين، ڀڳا سڙهہ سڪان،
ڪنن جي ڪشوڪش ۾، جبنيا ڪي جوان،
موڙي ڇاڙهيائون مڪڙا، چولي پنهنجا چاڻ،
سُبحانک اني اَهل العجزِ من معرفتک، اهڙا جن پرياڻ،
وڃائي وڏاڻ، حيرت ۾ هلي ويا.

## سٽاڻ :

شيخ = خوفناڪ، ڀوائتي.

منگهاڻي = سگهاري، زورائتي (مضبوط/ڏاڍي)

هي بيت گنج سميت لطيف جي ڪنهن بہ نئين ۽ پراڻي نسخي ۾ موجود نہ آهي. (جيڪا ڳالهہ بيت جي نمبر تي آيل گولي سان شيخ صاحب بہ ڄاڻائي آهي.) البتہ لڌل بيتن جي ڪتاب ”املهہ اٿوريا“ ۾ سر سريراڳ ۾ بيت 23 آهي. بيت ۾ لفظ ”سٽاڻ“ آيل آهي جنهنجي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ صاحب ”خوفناڪ، ڀوائتي“ ڏني آهي. هي لفظ ”سٽاٽو/سٽاٽا“ تہ ٻڌو، ورتو هوندم پر لفظ ”سٽاڻ“ نہ ڪٿي ٻڌم نہ سئم. هي بيت بہ جيئن تہ تڪراري آهي ۽ لفظ ”سٽاڻ“ تہ تهائين متنازعہ آهي، تنهن ڪري اصلي ۽ صحيح صورت ۾ آيل ان لفظ جي اڳيان هلي سمجهاڻي ڏينديس، ڇو جو هي لفظ اڳيان درست صورت ۾ اچڻو آهي.

سُر سريراڳ داستان 7 بيت 4 جلد 1

ساموندي تو سنبهين، ساڃو جهل سڪاڻ،
لڳي واءُ وڏاندرو، منجهائي مهراڻ،
جني ڀانيو ڀاڻ، ڪري توائي تن ڪي.

**ساڃو :**

شيخ = قابو، سوگهو

منگهاڻي = سيڌو، سڄو (رائيٽ)

گنج، صفحو 273 ۽ 274.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 6 بيت 9.

قليچ، داستان 6 بيت 9

لغات لطيفي (قليچ) ساڃو = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 6 بيت 7 ساڃو = تيار، هشيار

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 7 ساڃو = قابو، پختو.

شهواڻي، داستان 6 بيت 8 ساڃو = قابو.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 7 ساڃو = پختو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 11.

قاسمي، داستان 6 بيت 9 ساڄو = پختو.

انصاري، داستان 6 بيت 7 ساڄو = تيار، هشيار.

بلوچ، داستان 1 بيت 6 ساڄو = ساڄو جهل = سولو ڪري جهل.

لفظ "ساڄو" جي معنيٰ شيخ صاحب"قابو" سوگهو" ڏني آهي.

اسين لسبيلي ۽ ڪوهستان جي رهڻ وارا "سيڌي ۽ سبتي" کي "ساڄو" چوندا آهيون.

جملو = تنهنجو هي هٿ ساڄو آهي، تون ساڄي هٿ سان جهل.

جملو = فلاڻي کي اڌ رنگ تي ويو آهي ساڄو هٿ ۽ ساڄو پير ساهہ ڇڏي ويو آهي.

اسين "کبي" کي "کنجهو" چئون.

جملو = کنجهي هٿ سان ماني نہ کاءُ، ساڄي سان کاءُ.

جملو = آئون کنجهڙ نہ پر ساڄڙ آهيان.

سٽ آهي، "ساموندي تو سنبهين، ساڄو جهل سکاڻ"

معنيٰ = اي سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارا، تون (سفر جون) تياريون پيو ڪرين، پر ٻيڙيءَ جو سکاڻ (ٻيڙيءَ جو رخ ڦيرائڻ لاءِ ڪاٺ جو ايو تختو) سيڌو جهل. لفظ "ساڄو" "پيش" سان "ساڄُو" نہ پر "زبر" سان "ساڄَو" آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارا، تون (سفر جون) تياريون پيو ڪرين، پر ٻيڙيءَ جو سکاڻ/تختو سيڌو جهل. زورائتو طوفان درياهہ کي بہ پيو منجهائي ۽ ٻاتاڙي. جن رڳو پاڻ کي ئي سيپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ سمجھيو (ٻي ڪنھنجي ڪا ڳالھ ڪا صلاح نہ مڃي) انھن کي بتال/ گمراھ ڪري ڇڏي.

ســر ســريراڳ داســتان 7 بيــت 5 جلــد 1

وســاٽو ســو واءُ، جنھــن پــر ڏڄــن ناکئــا،
پيئــي ڪــر ڪنــن ۾، اجھــاٽو اوڙاھــ،
اڄــو ان تــڙان، تــہ ســاموندي ستــڙ ٿيــو.

**وساٽو :**

شيخ = جهڪو ٿيو، ڍرو ٿيو، بند ٿيو.

منگھاڻي = ساهي پٽيائين، تڪ لاٿائين، آرام ڪيائين.

**اجھاٽو :**

شيخ = مانو ٿيو، جهڪو ٿيو، (پاڻيءَ ۾) گھٽيو.

منگھاڻي = ٽڪجي پيو، ٻي ساهو ٿي پيو، ساٽو ٿي پيو.

گنج، صفحو 274:

وســاٽو ســو واءُ، جنھــن ڏڄــن ناکئــا،
پيئــي ڪــڙ ڪنــن ۾، اجھــاٽو اوڙاھــ،
اڄــو ان تــڙا، تــہ ســاموندي ســتڙ ٿيــو.

يعني گنج واري بيت ۾ "ڪر" بدران "ڪڙ" ۽ "تڙان" بدران "تڙا" آهي. جڏهن تہ ٻين سيني نون توڙي پراڻن نسخن ـ بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيون بيت موجود ناهي. ڪتاب ”املھہ اٿتوريا“ جنھن لاءِ دعويٰ آهي تہ ان ۾ لطيف سرڪار جا اهي بيت آهن جيڪي اڳاٽن نسخن منجهان بہ کنهن ۾ موجود ناهن ۽ جيڪي سيني بہ سيني زندهہ رهندا آيا آهن ۽ جن کي لطيف بادشاهہ جا عاشق/شيدائي هندستان جي شهرن ڪڇ ۽ ڀڄ مان لھي کڻي آيا آهن جنهن جي ڪري ان ڪتاب جي ٽائيٽل تي اها دعويٰ ڪيل آهي تہ ان ۾ ”رسالي شاهہ عبداللطيف جا لڌل بيت“ آهن سو انهن لڌل بيتن ۾ مٿيون بيت ڪتاب جي سر سريراڳ ۾ صفحي 25 تي آهي.

وساٽو سو واءُ، جنهن پر ڏڄن ناڪئا

پيئي ڪر ڪنن ۾، اجهاٽو اوڙاهہ،

اڃو ان تڙاءُ، تہ ساموندي ستڙ ٿيو.

حالانڪہ منهنجي ڪتاب جو موضوع لطيف جي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪونهي، بلڪہ انهن ڏکين لفظن جون معنائون ڏيڻ آهي جيڪي منهنجي تر ۾ مروج آهن پر پوءِ بہ اهڙن سوالن کان جند ڇڏائي نٿي سگھجي تہ جي اهي بيت پوءِ لڌل آهن تہ اهي گنج ۾ ڪيئن آهن؟ جيڪو قدامت جي لحاظ کان لطيف جو قديم ترين نسخو آهي ۽ گنج ۾ هي مٿيون بيت اڳ ۾ ئي موجود آهي تہ اهو بيت لڌل ڪيئن ٿيو؟

بيت ۾ آيل بہ لفظ ”وساٽو ۽ اجهاٽو“ زير بحث آهن. لفظ ”وساٽو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”جهڪو ٿيو، ڍرو ٿيو، بند ٿيو“ ڏني آهي. هي لفظ واحد ۽ جمع مذڪر ”وساٽو/وساٽا“ ۽ واحد ۽ جمع مونث ”وساٽي/وساٽيون“ آهي. بيت ۾ واحد مذڪر ”وساٽو“ آيل آهي. ”وساٽو سو واءُ...“ ان جي معنيٰ آئون هيئن ڪندس = ان واءَ ساهي پٽي، تڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاھيائين، آرام ڪيائين". لفظ "وساٽو" اڄ بہ ڀانيان ٿي منھنجي پنھنجي گھر بہ ويھہ ڀيرا ورتو/ ڳالھايو ويو ھوندو. اسين (لاسي ۽ ڪوھستاني) "ساھي پٽڻ" کي "وسامڻ" چوندا آھيون.

جملو = تون تہ ويچارن پورھيتن کي وسامڻ بہ نٿو ڏين.

جملو = سڄو ڏينھن وساٽا آھن اڃا بہ وسامڻ ٿو ڪيين تہ وڃي گھر وسامن.

جملو = تون صبح کان وٺي ڪم ۾ رڌل آھين. منٽ لاءِ بہ ڪونہ وساٽو آھين. ٿوري دير وڃي وسام.

ھڪ سچو واقعو: اسانجي گھر ۾ لاڙڪاڻي جي ھڪ عورت فيصلي جي سلسلي ۾ ڇھن ستن مھينن تائين رھيل ھئي. پھرين تہ ويچاريءَ کي اسانجي ٻولي ديدن (تڪليفن) سان سمجھہ ۾ ايندي ھئي پر پوءِ گھڻو رھڻ جي ڪري ھوءَ سمجھي ويئي ھئي. گھڻو ڪم ڪرڻ تي جي ڇٽبو ھوس تہ، "ھاٽي ڪم کي ڇڏ، ٿورو ڪٽي وسام" تہ ڪلي چوندي، "نہ آئون ٻران ٿي."

لفظن/لھجن/اچارن جا اھي فراق ايڏا تہ اھم آھن جو جڏھن ٻي لھجي/ ٻي اچار وارن سان ملبو آھي تہ خوشگوار حيرت ٿيندي آھي.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آھي "اجھاٽو" جنھن جي معنيٰ شيخ صاحب "مانو ٿيو، جھڪو ٿيو، (پاڻي ۾) گھٽيو" ڏني آھي. يعني ٻنھي لفظن "وساٽو ۽ اجھاٽو" جي ساڳيئي معنيٰ، "جھڪو ٿيو" ڏني اٿس جڏھن تہ اسان وٽ ٻئي لفظ متضاد معنيٰ رکندڙ آھن. "وساٽو" معنيٰ "ساھي پٽيائين، آرام ڪيائين" ۽ "اجھاٽو" معنيٰ "تڪجي پيو، ساٽو ۽ بيحال ٿيو، ٻي ساھو ۽ بيھوش ٿيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھنشاھ لطيف جي اھائي عظمت آھي تہ ڪيس سنڌ جي ھر حصي جي ٻولي، لفظ/لھجو/اچار نہ رڳو اينڌڙ ھئا پر ھو انھن ڪي محاورن ۽ اصطلاحن سوڌو ڀرپور انداز ۾ نھايت گھرائيءَ سان واپرائي بہ سگھندو ھو جنھنجو ثبوت "شاھ جو رسالو" آھي. وٽس ڪنھن بہ ھنڌ، ڪٿي بہ سطحيت جو نالو نشان نظر نٽو اچي ۽ ھن بيت لاءِ آئون وڏيڪ تہ ڪجھ بہ نہ چونديس تہ ھي بيت لطيف جو آھي يا نہ. چو تہ منھنجو ڪم لطيف جي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪونھي بس رڳو انھن بيتن جي تڪراري ھئڻ ڏانھن ھٿ ـ سڄ ڪنديس. جن بيتن ۾ منھنجي (لسٻيلي ۽ ڪوھستان جي) لفظن جون مختلف/ غلط معنائون ڏنل ھونديون. (نہ تہ تڪراري بيت شيخ صاحب واري نسخي ۾ تمام گھٽا آھن) ھن مٿئين بيت ۾ آيل بہ لفظ "وساٽو ۽ اجھاٽو" نھايت طاقتور نموني آيل آھن جن جي اسان واري معنيٰ سمجھھ ۾ اچڻ سان بيت نھايت حيرتناڪ ۽ پرلطف ٿي وڃي ٿو. لفظ "اجھاٽو" اسان وٽ اڄ بہ زندھ، سلامت، صحت مند ھلي ڦري پيو. وڏيڪ ڊيگھ ڏيڻ بجاءِ جملن ۾ سمجھاٽي ڏينديس.

جملو = پھرين ٽڪ نٽي باسيائين پر ھاٽي اڃي اجھاٽو آھي.

جملو = ھو ويچارو ڊوڙي ڊوڙي اڃي اجھاٽو آھي. ڇڏينس تہ وسامي، ٿَسي پيو. ("ٿسڻ" معنيٰ "سھڪڻ"، "ٿسي پيو" معنيٰ" سھڪي پيو)

لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ "بي ھوش" ٿيڻ ڪي بہ "اجھامڻ" چيو ويندو آھي. بلڪ "بي ھوش" تہ چون ئي ڪونہ ۽ چون ئي "اجھامڻ". ھاٽي وري "بيھوشيءَ" واري معنيٰ ۾ آيل لفظ "اجھاٽو" جملن ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ڪيس ڪاٻ ڏک ۾ صدمي واري ڳالھ اوچتي نہ ٻڌائجو. دل جو مريض آھي، اجھامي پوندو.

بيت جي سمجھاڻي = ان واءُ (طوفان) ساھي پٽي، تڪ لاٿو/آرام ڪيو. جنھن ڪان ناڪئا/ٻيڙياتا/ميربحر ڊنا تي، خوفزده ھئا. ڪُنن ۾ لاٿ آئي آھي ۽ اھو اوڙاھ (سمنڊ/گھرو) جيڪو طوفان جي ڪري جوش ۾ ھو، اھو بہ ساڻو ۽ بي حال ٿي ويو آھي. اي سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارؤ، ھاڻي اوھان ان تڙ جي پاسي ڪان اچو تہ سڻائو/خير وارو، سنو تڙ مليوَ.

بيت ۾ بہ اھائي معنيٰ نڪتي آھي تہ، "طوفان بہ ساھي پٽي آھي، سمنڊ بہ ساڻو ٿي پيو آھي." جو جو طوفان جڏھن عروج تي ھوندو آھي تہ سمنڊ ڪي اٿلائي پٿلائي جھڳي جھوري رڪندو آھي ۽ سمنڊ جون ڇوليون جڻ تہ طوفان سان مقابلي لاءِ اٿي بيھنديون اھن ۽ اھي عرش کي ٻورڻ لڳنديون اھن. جڏھن طوفان ٽري ويندو آھي تڏھن سمنڊ جي اٿل پٿل ختم ٿي ويندي آھي ۽ سندس ڇوليون وڏيل شاخن جيان ھيٺ ڪري پونديون آھن ۽ طوفان جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ ماٺو سمنڊ ايئن لڳندو آھي جڻ پنھنجي مدمقابل سان ٽڪرائي، مقابلو ڪري ٿڪجي، ٿڪي، ساڻو ۽ بيحال ٿي پيو آھي. بلڪل ايئن، جيئن ماڻھو ڪنھن سان زوراٽتو مقابلو ڪري، ان کي ھٿائي پوءِ ٿڪجي ساڻو ٿي ڪري پوندو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سريراڳ داستان 7 بيت 7 جلد 1

جتي لهرن لک، ڪن ڪرڳل پاڻ ۾،
اتي عبداللطيف چئي، رب تنهنجي رک،
ڪچاڙو ڪک، پَرُ جهليندا پيڙ جو.

**رکَ :**

شيخ = بچاءُ، پناهہ، سنڀال
منگهاڻي = روڪ، بندش، جَهل، رڪاوٽ، اڙَ.

**پَرُ :**

شيخ = دٻ، دٻاءُ، بار، وزن
منگهاڻي = ٽيڪ، سهارو

**پيڙ :**

شيخ = مٽيءَ جو وڏو ڳنڍو يا پڪ، جيڪا درياهہ، سمنڊ يا ڪوهہ جي ڪنارن سان پاڻيءَ جي ڪاڏ ڪري ڪرندي آهي.
منگهاڻي = زور، دٻ، دٻاءُ.

هي بيت گنج سميت لطيف جي ڪنهن بہ ڇاپي واري نسخي ۾ موجود ناهي، ان لاءِ بيت جي نمبر ڪي دائرو ڏنل آهي،البت شاهہ جي لڏل بيتن واري ڪتاب ”املهہ اٽتوريا“ ۾ سرَ سريراڳ ۾ نمبر 21 تي موجود آهي. بيت ۾ آيل پهريون لفظ ”رک“ آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”بچاءُ، پناهہ، سنڀال“ ڏني آهي ۽ ضرور هن اها معنيٰ بيت جي مفهوم موجب ڏني آهي ۽ شايد ڪيس تصور بہ نہ هوندو تہ لفظ ”رکَ“ اسان وٽ ”روڪ“ بندش، جَهلَ ۽ رڪاوٽ“ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ۽ سمجهيو ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ رڪاوٽ ۽ بندش بہ اهڙي، جنهنجو ڪو نوس ثبوت ۽ وجود نہ هجي يعني ڪنهنجو ڪاروبار نہ هلندو يا شروع ڪرڻ چاهيندي بہ شروع نہ ٿيندو هجي ۽ ڪا نہ ڪا اٽات اڳيان ايندي هجي تہ چئبو،

جملو = الائي ڪهڙي دشمن رک وڌي آهي جو ڪوبہ ڌنڌو ڪاروبار هلي ئي نٿو.

يا شادي وغيره ۾ دير ٿيندي تہ چئبو،

جملو = شاديءَ جون تياريون مڪمل آهن پر الائي ڪهڙي رک پيل آهي جو ڪانہ ڪا ڳالهہ ٿيو پوي ۽ شادي رڪجي ٿي وڃي.

سٽ آهي، "اتي عبداللطيف چئي، رب تنهنجي رک"

معنيٰ = اتي اي الله، تنهنجي ئي روڪ، اَڙَ، بندش ۽ جهل هجي.

ڇو جو متين سٽ آهي. "جتي لهرن لک، ڪن ڪرڳل پاڻ ۾."

معنيٰ = جتي لکين لهرون پاڻ ۾ ملن ۽ ڳالهائين ٿيون (جوش هل هنگاما) يعني، انهن لکين لهرن جي جوش ۽ ڌمچرن کي تون (الله) ئي جهلي روڪي سگهين ٿو.

ٻيو لفظ آهي "پَرَ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "دپ، دباءُ، بار، وزن" ڏني آهي.

هن لفظ جي اسان وٽ معنيٰ آهي، "ٽيڪ، سهارو" ۽ پاڻ شيخ صاحب بہ هن ئي سر، سريراڳ داستان 6 بيت 14 ۾ آيل لفظ "پَرَ" جي معنيٰ "ٽيڪ" ڏني آهي. سٽ آهي، "سڄيون راتيون سمهين، پر سڪاڻ ڏيئي"

لفظ "پَرَ" اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڳالهايو ٿو وڃي.

جملو = ديوار تي پَرُ ڏيئي نہ ويهہ، پراڻي آهي ڪري نہ پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اڪيلي نہ وڃ! ڪو سمجهو ماڻهو ساڻ ڪڻ. ٻار جي پَرَ تي ڪيڏانهن ٿي وڃين.

جملو = هيءَ ڪاني پونگيءَ جي پر لاءِ رکي اٿم.

ٽيون لفظ آهي، "پيڙ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "مٽيءَ جو وڏو ڳنڍيو يا پڪ، جيڪا درياهہ، سمنڊ يا کوهہ جي ڪنارن مان پاڻيءَ جي ڪاڏ ڪري ڪرندي آهي." ڏني آهي، حالانڪ لفظ "پيڙ" جي اهائي معنيٰ آهي جيڪا شيخ صاحب لفظ "پر" جي ڏني آهي. يعني "دٻ، دٻاءُ، ٻار، وزن". لفظ "پيڙ" پڻ اسان وٽ اڄ بہ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي.

جملو = هٽ ايئن ملائبو آهي ڇا! ڇريو آهي صفا. هٽ کي ايڏي پيڙ ڏبي آهي جو ڏکي پيو.

جملو = شاديءَ ۾ فلاڻي پَٽَ کي پيڙيو هو.

سٽ آهي:

"ڪچـــاڙو ڪـــڪ، پرجهلينـــدا پيـــڙ جـــو"

معنيٰ = ڇا؟ ڪک (پن ڪانا) ٽيڪ/سهارو سهي/جهلي سگهندا ان زور ۽ دٻاءَ جو. (جيڪو جوش پريل لکين لهرن ۾ آهي.)

بيت جي سمجهاڻي = جتي لکين لهرن جو ڏمچر متل آهي، اتي الله، تون ئي انهن کي جهلي ۽ روڪي سگهين ٿو. ڇا پلا ڪک (ڪمزوريءَ جو احساس) انهيءَ زور ۽ ٻار کي سهي ۽ جهلي سگهندا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سريراڳ داستان 7 بيت 9 جلد 1

جتو وانءُ جهاز، گڏيو غرابن سين،
پورينديءَ هن پار ڏي، سڌر ڪڇ ساز،
اچن تا آواز، سناٽي سمند جا.

**سناٽي :**

شيخ = خوفائتي، ڀوائتي.
منگهاٽي = سگهاري، زورائتي، زوراور
گنج، صفحو 272، (جهہ تو وانءُ)
برٽش ميوزيم (لنڊن، واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 12،
قليچ، داستان 3 بيت 12،
لغات لطيفي (قليچ) سناٽي = سناٽو = سخت، شور وارو، ڪاوڙيل، ڏاڍو.
قاضي، داستان 3 بيت 10، سناٽي = سخت، مضبوط، ڏاڍو.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت ، 10 سناٽي = سخت، خطرناڪ.
شهواڻي، داستان 3 بيت 10، سناٽي = سخت، مضبوط.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 12، سناٽي = ڀيانڪ
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 13.
قاسمي، داستان 3 بيت 12، سناٽي = ڪاوڙيل، سخت
انصاري، داستان 3 بيت 11، سناٽي = سخت، مضبوط، ڏاڍو.
بلوچ، داستان 3 بيت 17، سناٽي = زبردست خوفناڪ، خطرناڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”سَناڻو“ هن ئي سر سريراڳ داستان 7 بيت 2 ۾ ”سناڻ“ واري صورت ۾ آيل آهي، جتي مون ان لفظ جي هيئت/ساخت ۽ معنيٰ ٻڌائي آهي پر تفصيلي نہ. هي لفظ واحد ۽ جمع مذڪر ”سناڻو/سناڻا“ ۽ واحد ۽ جمع مونث ”سناڻي/سناڻيون“ آهي. هي هرگز بہ ”خوفناڪ، خطرناڪ، ڀوائتي ۽ ڀيانڪ“ واري معنيٰ ۾ نٿو ورتو وڃي. لفظ ”سناڻو“ نهايت باوقار، معتبر، مانائتو ۽ عزت وارو آهي. اسانجي جبل واري پاسي ۾ ماڻهو نهايت شان ۽ مان سان ڇٽيون ۽ شادماڻيون ڪري پنهنجن ٻچن تي ”سناڻو“ نانءُ رکندا آهن ۽ سناڻو خان بڪ هڪ معتبر ۽ شاندار ماڻهو هو. جنهن جا پوٽا اڄ بہ پاڻ کي ”سناڻاڻي“ سڏائيندا آهن. ڇا ڀلا ڪو مائٽ پنهنجي ٻچي جو نالو ”ڀيانڪ ڀوائتو يا خطرناڪ“ رکي سگھي ٿو؟

جملو = ابا اهو سناڻو مڙس آهي، نڪو ڏڄندو نڪو هٽندو.

جملو = اهي سناڻا آهن، انهن کان هرڪو اک هٽي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = تون پنهنجي جهاز کي ٻين سوارين (جهازن) سان گڏ ئي ونيو وڃ. پرئين/هُن ڪناري ڏانهن ويندي مضبوط ساز سامان (جهاز جا) ڪٽي وڃج. سگھاري ۽ زوراور سمنڊ جا گوڙ گھمسان ٻڌڻ ۾ پيا اچن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـريراڳ داسـتان 7 بيـت 11 جلـد 1

جنـي جـي جهـاز ڪـي، سـڳو سـلطاني،
سـڙهہ اڇـا ۽ اوليـون، ان جـي ڪوهـي نـہ ڪـامي،
بنـدر، بـصرو، ڪيـچ، قـلات تـن عـرب انعـامي،
ڏسـي ڪيـڙي ڏانـي، سـويا سـتڙ آيـا.

**سُويا :**

شيخ = (واحد سُويو) سوڀارو، ڪامياب، فتح مند
منگهاڻي = حاڪم، عهديدار، وڏا معتبر

**ڏاني :**

شيخ = ڏن حاصل ڪندڙ، انعام يا بخشش وٺندڙ
منگهاڻي = ڏن ڏيندڙ، ٽيڪس ڏيندڙ
گنج صفحو 287
ڪتاب "املهہ اڻتوريا" سر سريراڳ بيت 34 (ڪيڙي ڪنداڻي، سويا ستڙ آيا)

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ لطيف جي نسخي ۾ موجود ناهي. باقي، گنج ۾ ۽ لڌل بيتن واري ڪتاب "املهہ اڻتوريا" ۾ ساڳين بيتن جي موجودگيءَ واري تڪراري ۽ مشڪوڪ صورتحال ڇا ٿي ظاهر ڪري!!

بيت ۾ آيل لفظ "سُويا ۽ ڏاني" جيئن تہ اڳيان بہ اچڻا آهن تنهنڪري هن ساهہ ٻوساٽ واري ڪُساڪئي ماحول مان تڪڙو نڪرڻ چاهينديس ۽ ٻنهي لفظن جي سمجهاڻي اڳيان ڏيندس. بيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ پانيان ٿي تہ ڪوبہ تقاضا نہ ڪندو. ڇو جو بيت جي صورتحال ٻڌائي ٿي تہ ساڻس وڏي زيادتي ٿيل آهي!

سر سريراڳ داستان 7 بيت 12 جلد 1

اڳينءَ جان آئون، جَرِ پَلَئُ ٿي پايان،
تہ آيل وڻجارن جون، ٿيون ڏڳن ڏڄائون،
منجهان روح رَءِ ٿيا، محمد مجيائون،
پُنين مدعائون، ڪند ڪيڙائو آيا.

**ڏڳن :**

شيخ = تجلا ڪن

منگهاڻي = لرزن، ٿڙڪن، ڏڪن

**ڏڄائون :**

شيخ = (واحد ڏڄا) جهنڊي يا بيرق (ٻيڙيءَ جي)

منگهاڻي = (واحد ڏڄ) ڪپڙي جون ٽڪريون (پوءِ اها جهنڊي هجي، بيرق هجي يا ٻيو ڪجهہ)

گنج، صفحو 286

ڪتاب "املهہ اٽوريا" سر سريراڳ بيت 32 (ڏونڪيون ڏڄائون)

هي بيت سواءِ گنج جي ۽ "املهہ اٽوريا" جي ڪنهن بہ لطيف جي نسخي ۾ موجود ناهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ تحقيق جو ڪم تقريبن ايئن ئي اڻ پوري ڄاڻ ۽ علم جي ٿيڻ وارو رجحان چوٽ چڙهيل آهي جنهن جي جوابداري ڪوبہ بني بشر قبولڻ لاءِ سنجيده ڪونهي ۽ هرڪو مرضيءَ پٽاندر هَشي هاري، مَڇ وٽي، پوڇڻ جي پچند سان ڳالهائيندو، نيٺ رنگائيندو. ٽند سان ٽلندو وٽي محقق بنجي! ۽ ڄاڻ جي ڪاڻ جو رتبو رکندڙ. ڏوڪڙن جي سچائيءَ سبب آٽرن ۾ مُرڪُٽُ ڪيو لڪا وتن. تہ متان سندن لڳڙ ليڙون ڏسي ڪين ڇڙٻڪُ ڏيئي ڇينيي پُڪَ اندر ڪي ڪو پور ڪري وجهي. ڏکن جي ڏريلن جا اندر هونئن ئي پُرڙ پُرڙ آهن وڏيڪ سهڻ جي ساهہ ئي ڪانہ اٽن جو هَڪيزن سان هٿ چراند ڪن، جيڪي سٽيپون ست رچيون ڳَوري ڳَوري ڳورا ڳَتِ تيو ڳوراٽن مان اڌ تا ٿين. تن سان هيٺن هڏن وارن هيدن ماٺهن جي پيٽي ڪانهي. پر متان ڪو انهن هيٺن هڏن ۽ هيدن ماٺهن منجهان ڪَرَڙاپُ ڪري اٿي ۽ پائيءَ پائيءَ جو حساب وٺي سود سميت تہ، "ابا، لطيف اوهان جو ڪو هاريو هُوريو، ڪا هُندي ڪنئي جو لٽ وڍي سندس پُٽِ ۾ ڪاهي پيا آهيو. سمجهوس تا تہ پڙهوس، نہ تہ ڇڏيوس جند تہ جيڪي سمجهن تا اهي پڙهن بہ ۽ سمجهائين بہ اوهين زور مَس ڪري اڪين ڪي ميچَوڙا ڏيئي، اکرن جا ڏوڏا ڪري، اڍوَن ڪري ماٺهو نہ منجهايو. سچ بہ اهي سچيت پچيرڻ ۾ ٻار جيان لطيف جو نانءُ ڪنيو جهر جهنگ ۾ ڍِنڍِ ڪَرون ڏيئي تا لطيف لاءِ مورا ڏين. آئون پڻ انهن لطيف جي جذباتي عاشقن منجهان آهيان ۽ تي سگهي تو منهنجو ايندڙ ڪم اهو ئي هجي جيڪو هن مشڪوڪ صورتحال کي واضح حقيقت ڪرڻ ۾ مدد ڏي تہ، "لطيف جو ڪلام ڪهڙو آهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل ٻـ لفظ ”ڏڳن“ ۽ ”ڏڃائون“ توجهہ گهرندڙ آهن. لفظ ”ڏڳن“ مٿي سر جمن داستان 3 بيت 16 ۾ آيو آهي. سٽ آهي. ”ڏڳايوم ڏنئين، چيرو اندر جندڙي“ اتي لفظ ”ڏڳايوم“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”مونکي ڏڳايو، مونکي ٻاريو“ ڏني آهي. ساڳيئي سر جمن داستان 3 بيت 22 ۾، سٽ آهي، ”هڪڙا ڪوري ڪانيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڳن“ اتي لفظ ”ڏڳن“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ٻرن، سڙن“ ڏني آهي ۽ هتي وري ساڳيئي لفظ ”ڏڳن“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”تجلا ڪن“ ڏني آهي. مون لفظ ”ڏڳن“ جي مٿي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي. پر تنهن هوندي بہ لفظ ”ڏڳن“ جي ڏنل مختلف معنائن جي پيش نظر سمجهاڻي ڏيڻ ضروري آهي. جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم تہ لفظ ”ڏڳن“ جي اسان وٽ معنيٰ آهي. ”ڏڪڻ، لرزڻ، ڦڙڪڻ“. ”ڏڳايوم ڏنئين، چيرو اندر جندڙي“ معنيٰ = منهنجي جان ۾/ منهنجي اندر ۾ ٻارڻ ٻاري باهہ ڪي چوٽ چاڙهيو/لرزايو. جڏهن باهہ تمام گهڻو ٻرندي آهي/چوٽ چڙهندي آهي تہ لڳندو آهي چڻ اها باهہ ڏڪي ۽ لرزي رهي آهي ۽ پري ڪان تہ اها لرزش واضح نظر ايندي آهي. ايئن ئي جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي سيءَ سان تمام گهڻو بخار ايندو آهي ۽ هو هلڪو يا تيز ڏڪندو آهي تہ چئبو،

جملو = ايڏو تہ سيئو ٻرو آيو اٿس جو ڏڳي پيو.“

يا ڪو ماڻهو ڪنهن ڪان گهڻو ڊڄندو ۽ اندر ۾ هلڪو هلڪو ڪنبدو تہ چئبو:

جملو = فلاڻو تہ فلاڻي ڪان ايترو تہ ڊڄي جو نالو ٻڌڻ سان ئي ڏڳي ٿو وڃي.

”هڪڙا ڪوري ڪانيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڳن“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = هڪ ته (اگار) ڪوري ۾ ڪاٺا، ٻيو وري باھ جي ڏيگ ۾ لرزن، ڏڪن ” هن بيت جي سٽ آهي.

”آيـــل وڻجـــارن جـــون، تيـــون ڏڳـــن ڏڄـــائون“

معنيٰ = اي امان، وڻجارن/ واپارين جون (ٻيڙين تي لڳل ڪپڙن جون ٽڪريون (جهنڊيون) پيون لرزن/ڏڪن (ڦڙڪن)

ٻيو لفظ آهي ”ڏڄائون“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”(واحد ڏڄا) جهنڊي يا بيرق“ ڏني آهي. جڏهن ته لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ (واحد ”ڏڄ“ ۽ جمع ڏڄون يا ڏڄائون“ آهي) ان جي معنيٰ آهي ”ڪپڙي جون ننڍيون ٽڪريون/ننڍا ٽڪر“. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ خوبصورت وارن کي به ”ڏڄ“ چيو ويندو آهي.

جملو = متي واري ڏڄ اهڙي ته سهڻي اٿس جو بس ڪانهي.

ســـر ســـريراڳ داســـتان 7 بيـــت 14 جلـــد 1

ناڪئـــا نگهبـــان، معلـــم منجـــي خبـــرون،

جـــن ســـاري ڪنيـــو سمنـــڊ ۾، ســـفر جـــو ســَـامان.

ســـنياري ســـبحان، وجـــي عـــادنئون اڪتـــا.

**اڪتا :**

شيخ = نڪتا

منگهاڻي = اڪريا، پار پيا.

گنج ۾ هي بيت سر سريراڳ ۾ موجود ناهي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 19



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3 بيت 19

لغات لطيفي (قليچ) اڪتا = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 4 بيت 14، اڪتا = جهاڳي پار پيا، اڪريا.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 17، اڪتا = (سنسڪرت، اتڪرشت = مٿي نڪتل) نڪتا، پهتا.

شهواڻي، داستان 3 بيت 17، اڪتا = نڪتا، پهتا

آڏواڻي، داستان 3 بيت 9، اڪتا = نڪتا

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 20،

قاسمي، داستان 3 بيت 19، اڪتا = نڪتا

انصاري، داستان 3 بيت 18، اڪتا = جهاڳي پار پيا، اڪريا

بلوچ، داستان 1 بيت 19 (سر سامونڊي) اڪتا = نڪتا، پهتا، اڳتي وڌيا.

جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق موجب

1. ميين موسيٰ ملاح ٺٽي واري قلمي نسخي (1387 - 1167)
2. بمبئي واري ڇاپي (ڪريمي)
3. بمبئي واري ڇاپي (صفدري)
4. ميين نور محمد ۽ سنڌس پٽ جي دستخطي نسخي
5. تاج محمد نظاماڻي جو دستخطي نسخي 2
6. ميهار فقير جي لکايل قلمي نسخي ۾، بيت جي آخري سٽ

هن ريت آهي، ”سنياري سبحان، وڃي عدن اڪريا“ هتي اها تصديق ۽ صورتحال واضح ٿي تہ منهنجي ڏنل لفظ ”اڪتا“ جي معنيٰ ”اڪريا“ ئي بيت ۾ اصل لفظ جي صورت ۾ آيل آهي. مون مٿي بہ عرض ڪيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ "اڪتا" ۽ "اهريا" ٻہ متضاد لفظ آهن. هيٺ ڪان مٿي تيڻ/چڙهي پار تيڻ کي "اڪرڻ/اڪتا" ٿو چئجي ۽ مٿان ڪان هيٺ تيڻ/لهڻ کي "اهريا" چئجي ٿو.

جملو = هو چڙهي اچي اڪتا هئا.

جملو = فلاڻو هاڻي بيماري مان اچي اڪتو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = نگران ٻيڙياتو، ٻيڙيءَ جي ڪپتان کي خبر ٻڌائيندو/معلومات ڏيندو ٿو وڃي. جن سمنڊ جي سفر لاءِ سنيالي پورو سامان ڪنيو سي ڏٽيءَ جي ٻاجهہ سان طوفان مان اڪري پار پيا. اهي سائينءَ کي سنياري/ياد ڪري وڃي عدن (ملڪ) مان اڪتا/پار پيا.

سر ساموندي داستان 1 بيت 1، جلد 1،

پڱهہ پاسي گهار، آيل ساموندين جي،

وجهي جيءَ جنجار، جم وڃنئي اوهَري،

**اوهري :**

شيخ = جهاز يا ٻيڙي جو پڱهہ جوڙي ٻيڙي ڪاهي هليا وڃنئي.

منگهاڻي = هيٺ لهي. اهرڻ = هيٺ لهڻ.

گنج صفحو 294 (الف)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 174 بيت 922

شوقيرام داستان 1 بيت 1

قليچ داستان 1 بيت 1

لغات لطيفي (قليچ) اوهري = اوهرڻ = نڪرڻ، لڏڻ، لڙڻ، نمڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قـاضي داسـتان 1 بيـت 1، اوھـري = (اوھـرڻ = ٻيڙيـن جـو روانـو ٿيڻ) اسري، نـڪري.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 1 اوھري = اسري، ڪسڪي.

شھواڻي، داستان 1 بيت 1 اوھري = ٻيڙيون ڏڪي يا ڇوڙي، اسري، آڏواڻي داستان 1 بيت 1، اوھري = ٻيڙيون ھاڪاري.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 1

قاسمي، داستان 1 بيت 1، اوھرِي = نڪري.

انصاري، داستان 1 بيت 1، اوھري = (اوھرڻ = ٻيڙين جو روانو ٿيڻ) اسري، نـڪري.

بلوچ، داستان 2 بيت 1، اوھري = اھري = معنيٰ ڏنل ناھي.

لفظ "اھري" بابت مٿي سمجھاڻي ڏني اٿم ان جي باوجود لفظ "اھري" اڃا بہ وضاحت گھرندڙ آھي. ھي لفظ "اوھري" ناھي پر "اَھـَري" آھي يعني "الف ۽ ھہ" تي، پيش آھي ۽ لفظ ۾ "و" ناھي. ھي لفظ اڃا بہ اڳتي اچڻو آھي تنھنڪري وڌيڪ سمجھاڻي ۾ جملا اڳيان ڏينديس.

بيت جي سمجھاڻي = اي امان، تون سامونڊين (سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ وارن واپارين) جي پڳھہ (ٻيڙن/ٻيڙين جي لنگر ٻڌڻ جي رسي) جي پـَرَ ۾ ٿي وڃي وقت گھار/گذار (اتيئي ٻيڙيءَ وٽ ويھہ رھہ/ويٺي ھج) متان تنھنجي جند جان جنجال ۾ وجھي/گونڌر ۾ گڏي پنھنجون ٻيڙيون سمنڊ ۾ ھيٺ لاھي ھليا وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سامونڊي داستان 1 بيت 4 جلد 1

پڳهه پنڌ پروڙ، آهي سامونڊين جا،
ساندارو سمنڊ جو، آهي دوران دور،
ڪي لنگهيا پهرئين پور، ڪن ويني ورهه ٿيا.

**پور :**

شيخ = پور ۾ پيري ۾، چڪر ۾ (ٻيڙيءَ جو هڪڙي ڪناري کان ٻي ڪناري تائين وڃڻ کي "پور" چوندا آهن.)

منگهاٽي = خيال، سوچ، ارادو

گنج، صفحو 295

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن به لطيف جي نسخي ۾ آيل ڪونهي ۽ بيت ۾ لفظ "پور" آيل آهي جيڪو مٿي به آيل آهي (پتڻ تو پور ڪري) اتي به شيخ صاحب ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي. لفظ "پور" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ٻن معنائن ۾ ڳالهايو ويندو آهي. "حد، دنگ ۽ ڇيهه" ۽ "خيال، ارادو، سوچ ۽ عزم" واري معنيٰ ۾. لفظ "پور" ان ٻي معنيٰ ۾ ته جتي ڪٿي ڳالهايو ويندو آهي. مثال، "پور پچائڻ" يا "پور پوڻ" ۽ لطيف "سورن ۽ پورن" جو به ته هنڌ هنڌ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ئي "سوچ، خيال، ارادي (عزم)" واري معنيٰ ۾ هن بيت ۾ لفظ "پور" آيل آهي. سٽ آهي،

"ڪي لنگهيا پهرئين پور، ڪن ويني ورهه ٿيا"

معنيٰ = ڪي ته پهرئين ئي خيال اچڻ سان، انهيءَ ئي مهل پار ڪري ويا ۽ ڪن کي ويني ئي سال ٿي ويا. يعني، پڪي ارادي وارا جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڳيان مقصد هو اهي ڀھرين ئي پور/خيال سان لنگهي ويا پر جن جو ارادو پختو نہ هو، مقصد واضح نہ هو ۽ جن جا ذهن متزلزل هئا اهي رهجي ويا/پار پهچي نہ سگهيا.

جملو = هن جي اچڻ وڃڻ جو ڪو پروسو ڪونهي، پور پيس تہ ويندو نہ تہ وينو هوندو.

جملو = منهنجي آسري تي متان ويهو. مونکي جي پور پيو تہ اتائين ڳوٺ هليو ويندس.

سـر ســامونڊي داســتان 1 بيــت 6 جلــد 1
وانءُ وهلــي نڪــري، ننــگر جــان نــہ ڪٽــن،
ميــڻ ڏيهــہ وڃــن، نــاريون پــوري ناڪئــا.

پوري :

شيخ = ويڙهي.

منگهاٽي = بند ڪري.

گنج صفحو 294 ۽ 295

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 184 بيت 924

شوقيرام، داستان 1 بيت 5

قليچ، داستان 1 بيت 5 ـ لغات لطيفي (قليچ) پوري = معنيٰ ناهي.

قاضي، داستان 1 بيت 5، پوري =هليو، ويو.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 5، پوري = پورڻ = (سنسڪرت، پولُ)، ويڙهڻ، ويڙهي ڪٽي وڃڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 1 بيت 5، پوري = ويڙهي وڃڻ.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 5، پوري = ويڙهي، سيڙهي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 5.

قاسمي، داستان 1 بيت 5، پوري = ويڙهي.

انصاري، داستان 1 بيت 5، پوري = هليو، ويو.

بلوچ، داستان 2 بيت 5 پوري =لنگهي، جهاڳي، ناريون پوري = نارين مان جهاز لنگهائي.

ٻانهي خان شيخ صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو تعلق لسٻيلي ۽ ڪوهستان سان ناهي ۽ شايد (؟) ٻنهي محترم صاحبن جو واسطو هڪ ئي علائقي/تر ۽ لهجي سان هجي پر ٻنهي صاحبن جون رڳو هن هڪ بيت ۾ ڏنل معنائون مثال لاءِ ڏسون ٿا. سٽ آهي "مڇڻ ڏيهہ وڃن، ناريون پوري ناڪئا، لفظ "ناريون" جي معنيٰ، شيخ صاحب "ٻگهہ" ۽ لفظ "پوري" جي معنيٰ "ويڙهي" ڏني آهي، "ناريون پوري = ٻگهہ ويڙهي" ۽ بلوچ صاحب، لفظ "ناريون" جي معنيٰ، "بندر وٽان شروع ٿيندڙ ڪاڏيون (تر وارا اونهان واهڙ، جن مان ٻيڙا لنگهي وڏي سمنڊ تائين پهچن)" ڏني آهي ۽ لفظ "پوري" جي معنيٰ "لنگهي، جهاڳي" ڏني آهي. "ناريون پوري" نارين مان جهاز لنگهائي" ڏني آهي. هاڻي اوهان پاڻ ڏسي ٿا سگهو معنائن وارا فرق. ان مان اهو ظاهر/ثابت ٿيو تہ، ٻئي لفظ "ناريون" ۽ "پوري" اسان واري معنيٰ ۾ ٻنهي صاحبن جا ٻڌل ناهن. لفظ "ناريون" جيڪو ڪن نسخن ۾ "ناڙيون" آيل آهي، ان بابت ماٺ رهنديس. ڇو جو اهولفظ مون پاڻ ذاتي طور نہ ڳالهايو آهي ۽ نہ ٻڌو آهي، باقي لفظ "پوري" جيئن تہ منهنجو پنهنجو لفظ آهي ان لاءِ آئون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يقين سان چئي ٿي سگهان ته نه رڳو شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب، پر ڪنهن به شارح ان جي معنيٰ درست نه ڏني آهي. لفظ ”پورڻ“ جي معنيٰ آهي ”بند ڪرڻ“ ”ٻوٽڻ“. ”پوري“ معنيٰ ”بند ڪري، ٻوٽي“ هي لفظ گهر ٽيل يا متروڪ ناهي.

جملو = پوليس انهن کي بيڏوهه پوريو آهي.

جملو = اکيون پوري سمهي پئو.

بيت جي سمجهاڻي = جيستائين لنگر ڪنيل نه آهن، تون تڪڙو نڪري وڃي پهچ. متان اهي ناريون بند ڪري هليا نه وڃن.

سر ساموندي داستان 1 بيت 8 جلد 1

ننگرئو نيٽين، من اوليءَ نه اوهري،
سباجهي سيٽين، پائي ڳڻ ڳَهيو هنيون.

**اوهَري :**

شيخ = ڏکجي (پاٽيءَ تي) هلي.

منگهاڻي = هيٺ لهي

**ڳَهيو :**

شيخ = قابو ڪيو، سوگهو ڪيو (ٻڌي) ڳهه ۾ رکيو، گروي رکيو.

منگهاڻي = ڳهي ڇڏيو/ بنا ڏند ڏيڻ جي ثابت ۽ سالم ڳوري ڇڏيو.

گنج، صفحو 295



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 175 بيت 926

شوقيرام، داستان 1 بيت 6

قليچ، داستان 1 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) اوهري = اوهرڻ = نڪرڻ، لڏڻ، نمڻ

ڳهيو = ڳهڻ = احسانمند ٿيڻ، تابعدار هئڻ، احسان مند ڪرڻ.

قاضي، داستان 1 بيت 7، اوهري = (اوهرڻ = پيڙين جو روانو ٿيڻ)

اسري، نڪري، ڳهيو = پورهيو ڪيائين، ڪم ۾ وهيو.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 7، اوهري = معنيٰ ناهي. ڳهيو = ڳهڻ = (سنسڪرت، گرَهَڻَ)، پڪڙڻ، قابو ڪرڻ.

شهواڻي، داستان 1 بيت 7، اوهري = معنيٰ ناهي. ڳهيو = قابو ڪيو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 7، اوهري = معنيٰ ناهي. ڳهيو = سوگهو ڪيو.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 7

قاسمي، داستان 1 بيت 7، اوهري = معنيٰ ناهي. ڳهيو = پڪڙيو.

انصاري، داستان 1 بيت 7، ڳهيو = پورهيو ڪيائين، ڪم ۾ وهيو.

بلوچ، داستان 3 بيت 32، اوهري = معنيٰ ناهي. ۽ لفظ ”ڳهيو“ جي بدران ”پڳهيو“ آندو اٿس. يعني، سٽ آهي.

”سباجهي سيٽين، پائي ڳڻ پڳهيو هنيون“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ ڪوبہ جواز/ثبوت ۽ دليل ڏنل ڪونهي ۽ جن قديمي نسخن جا حوالا ڏنا ويا. انهن مان ڪنهن هڪ ۾ بہ لفظ "پگهيو" آيل ناهي. اها ٺي ساڳي ڳالهہ ڪندس تہ جن لفظن جون معنائون ڏنيون اٿن تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ اهي لفظ ڪا معنيٰ ئي نٿا رکن ۽ انهن کي بدلائي ڪو اهڙو لفظ اتي ٺهڪائجي جنهنجي معنيٰ ايندي هجي. اهو تہ اهڙو هاجو آهي جنهنجو ازالو ۽ پورائو ٿيڻ ممڪن ئي ناهي. جڏهن اهو لفظ ئي نہ هوندو تہ پوءِ وقت اچڻ تي ان جي معنيٰ ڪيئن درست ڪري سگهبي؟

متي سر ڪنيات داستان 3 بيت 13 ۾ آيل آهي تہ.

جنـــي لاءِ ڪيـــا مـــونِ، چاڙهيڪـــا نيٽيـــن،
ســـباجهي ســـيٽين، پـــائي ڳـــڻ ڳهـــَيو هنيـــو.

جتي مون لفظ "ڳهـَيو" جي تفصيلي سمجهاڻي جملن سان ڏني آهي ۽ اهو ڪنيات وارو بيت برٽش واري نسخي، قليچ، ڏيپلائي، بلوچ، بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ تہ موجود آهي. پر گنج، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود نہ آهي ۽ هي متيون ساموندي وارو بيت انهن سيني نسخن ۾ موجود آهي جن جا حوالا آئون ڏيندي پيئي اچان. ڪنيات واري بيت جو تڪراري هئڻ جو پڪو ثبوت بيت جي آخري سٽ آهي.

ســـباجهي ســـيٽين، پـــائي ڳـــڻ ڳهيـــو هنيـــون

جيڪا ٻنهي بيتن ۾ ساڳي آهي، ايئن تہ ڪو عام شاعر بہ نہ ڪندو آهي تہ پوءِ لطيف جهڙو ٻوليات. لفظن جي ذوذن جو ڏاٽي، ڏ گَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر ساڳي سٽ ڪيئن ورجائيندو؟ بيت ۾ آيل لفظ ”اوهري“ ۽ ”ڳهيو“ جي سمجهاڻي مٽي ڏني اٿم. تڏهن بہ لفظ ”اوهري/اُهَري“ بابت وڌيڪ چوڻ جي گنجائش نڪريو ٿي پوي. جيئن هتي لفظ ”اوهريءَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڏڪجي (پاڻيءَ ۾) هلي“ ڏني آهي. سٽ آهي ”ننگرئو نيٺين، من اوليءَ نہ اوهري“ ۽ جي اسين شيخ صاحب جي ڏنل لفظ اوهري جي معنيٰ سان سٽ ڏسون ٿا تہ اها عجيب ۽ غريب ٿيو ٿي پوي. يعني هيءَ سٽ نهايت ئي نفيس ۽ شاهڪار آهي جنهن ۾ پيار ڪرڻ واري جي اندر جي درماندگيءَ جو ڀرپور عڪس چٽيل آهي. ”ننگرئو نيٺين، من اوليءَ نہ اوهري، معنيٰ = اڪيون لنگر تان ۽ من ونجهہ تان لهي ئي نٿو.“ يعني پيار ڪرڻ واري جو سچو وجود، ذهن سميت ٻيڙيءَ سان چنبڙيو پيو آهي. چو جو ”سڀاجهي سيٺين پائي ڳڻ ڳهيو هنيون“ معنيٰ = مهربان محبوب نيڪيون/چڱايون/ڳڻ ڪري دل کي ڳهي پاڻ ۾ سمائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. باقي ”ڏڪجي (پاڻيءَ ۾) هلي“ مان ڇا مراد آهي؟ ”

اها معنيٰ ڏيڻ سان سٽ ۽ بيت جو ڪهڙو مطلب ۽ معنيٰ ٿي نڪري؟ اهو ئي سبب آهي جو هن بيت ۾ آيل لفظ ”اوهري“ جي معنيٰ ڪنهن بہ شارح نہ ڏني آهي ڇو جو سندن ڏنل معنيٰ هتي نهي ئي نٿي. پر جي لفظ جي اسان واري معنيٰ جيڪا ”هيٺ ٿيڻ“ آهي) ڏبي تہ هر هنڌ هر بيت ۾ آيل لفظ اوهري جي جاءِ تي نهندي ۽ نهڪندي، ڇو جو لطيف لفظن جون درست معنائون ڄاڻندڙ ۽ سمجهندڙ هو ۽ هن ڏڪن ۽ اندازن سان لفظ نہ آندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجھاڻي = اڪيون لنگر ۾ ڪتل آھن ۽ من ونجھہ (ٻيڙي ھلائڻ واري) تان بہ ھيٺ نٽو ٿيئي/لھي. مھربان محبوب مونسان ڳڻ ۽ مھربانيون ڪري منھنجي ھانءُ کي ڳھي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آھي.

۽ ھاڻي اھي بيت جن ۾ لفظ "اوھري" آيل آھي ۽ لفظ اوھري/آھري بابت ڪجھہ عرض ۽ پوءِ اھو باب بند!

سر ساموندي داستان 1 بيت 9 جلد 1
سيئي جوين ڏينھن، جڏھن سڄڻ سفر ھليا،
رئان رھن نہ سپرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مونکي چاڙھي چيئن، وئو وڻجارو اوھري.

سر ساموندي داستان 1 بيت 11 جلد 1
ويا اوھري اوءِ، مونکي ڇڏي ماڳھين،
جڳن جا جڳ ٿيا، تن نہ موٽيو ڪوءِ،
گوندر ماريندوءِ، ويچاري وين جو.
سر ساموندي داستان 1 بيت 12 جلد 1
جي اونھي ويا اھري، الله سي واري،
آئون تن اساري، تڙ پوڄاري آھيان.

سر ساموندي داستان 1 بيت 13
اونھي ۾ اھري، جڏھن جي وئا،
سانداري سمنڊ جي نھوڙي نيا،
وڃي تت پئا، جت نھايت ناھہ ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سامونڊي داستان 1 بيت 14 جلد 1

اونهي ۾ اهري، جڏهن وئا جي،
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءِ سامونڊي سي،
ڪارو تنين ڪي، جيڪس وهہ وري ويو.

سُر سامونڊي داستان 1 بيت 16 جلد 1

جي اهريہ اچ، سي ڪڏهن ايندا مان ڳري،
پريان جي هن پار ڏي، وجي دوُنڪي ڏچ،
سامونڊيڪو ڏنجهہ، ماءِ مارينده ڪڏهن.

سُر سامونڊي داستان 1 بيت 17 جلد 1

اهرئا جئائين، ڊڪن تن ترائين،
سامونڊين سائين، واءَ سٽائو وارئين.

سُر سامونڊي داستان 1 بيت 18 جلد 1

سامونڊيءَ ڪو سڱ، آهي گونڊر گاڏئون،
انگهن چاڙهي انگ، وئو وڃارو اهري.

سر سامونڊيءَ جي پهرين بيت ۾ آيل لفظ "اوهريءَ" جي معنيٰ ۾ شيخ صاحب، "جهاز يا ٻيڙيءَ جو ٻڳهہ ڇوڙي، ٻيڙي ڪاهي وڃن" سمجهايو ۽ بيت 8 ۾ آيل لفظ "اوهري" (ننگرٿو نيٽين، من اوليءَ نہ اوهري) جي معنيٰ شيخ صاحب "ڏڪجي (پاڻي ۾) هلي" ڏني آهي. حالانڪہ هن بيت 8 تي مٿي ڪافي ڳالهايو اٿم پر پوءِ بہ بيت ۾ آيل خيال ۽ لفظن جي سونهن سحر طاري ڪري ٿا ڇڏين ۽ لفظن جون صحيح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنائون ڇاٽندڙ ماڻهو تہ اڪيون پوري ان منڊ ۾ منڊيو ۽ مڙهيو پيو هوندو. "ننگرئو نيڻين، من اوليءَ نہ اوهري"۔ اڪيون ننگر ۾ ڪتل آهن ۽ من ونجهہ ڪان ئي هيٺ نتو لهي. "سباجهي سيڻين، پائي ڳڻ ڳهيو هنيون" مهربان پرينءَ مهربانيون ڪري منهنجو هانءُ پنهنجي اندر ۾ جذب ڪري ڇڏيو.

بيت جي نزاڪت ۽ نفاست عروجن کي پيئي ڇهي ۽ اهڙي نازڪ نفيس بيت کي لفظن جي ڏنل معنائن عجيب صورت بنائي ڇڏي آهي. بيت ۾ آيل لفظ "ننگرئو/لنگرئو" جي معنيٰ شيخ صاحب "ٻڌي قابو ڪيو، سوگهو ڪيو" ڏني آهي ۽ لفظ "ڳهيو" جي معنيٰ بہ شيخ صاحب "قابو ڪيو، سوگهو ڪيو" ڏني آهي تہ اهڙين معنائن جي آڌار بيت پڙهي ڪهڙو تاثر تو اپري سگهي! هر هنڌ تي لفظ "اوهري" جي معنيٰ ۾ سمجهاڻي شيخ صاحب "ٻيڙي هاڪاري هليا ويا، ٻيڙي پاڻيءَ ۾ ڏڪجي ويئي" ڏني آهي جڏهن تہ لفظ "اوهريءَ" جو سمند، پاڻي ۽ ٻيڙيءَ" سان ايترو ئي تعلق ۽ واسطو آهي جيترو ٻي ڪنهن بہ لفظ جو آهي. جيئن عرض ڪيم تہ اسان وٽ "اهرڻ" جي معنيٰ آهي مٿان ڪان هيٺ ڍرڻ، آهستي آهستي/ هرڪي هرڪي هيٺ ٽيڻ/وچڻ ۽ لهڻ. ٻيڙي بہ جڏهن پاڻيءَ جي مٿان هلي ويندي آهي تہ ڪناري تي بيٺلن کي ايئن نظر ايندو آهي تہ ٻيڙي هيٺ لهندي پيئي وڃي ۔ تان جو ٻيڙي آهستي آهستي هيٺ ٽيندي نظرن ڪان گم تي غائب ٿي ويندي. ان مهل جي ڪو اچي ٻيڙيءَ جي وچڻ جو پڇندو تہ چئبو،

جملو = تون هير آيو آهين! ٻيڙي تہ ڪڏهوڪي اهري ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿ وغيره تي بار لڏڻ مهل جي ڪنهن هڪ پاسي ڪان بار گهٽو لڏجي/رکجي ويندو. يعني ٻنهي پاسن ڪان بار گهٽ وڌ لڏجي ويندو ۽ توازن نہ هوندو تہ هڪ پاسو جنهن تي بار گهٽو لڏيل هوندو اهو پنهنجي پاسي ڪان هيٺ جهڪندو/جهڪاءُ ڪندو/اهرندو تہ اهڙيءَ مهل پَرَيَرو بيٺل ماڻهو رڙ ڪري چوندو) چو جو اهو آهستي آهستي هيٺ ڍرڻ وارو عمل اتي گڏ بيٺل محسوس ڪري نہ سگهندا آهن.)

جملو = اڙي بابا، ڏيان ڏيو هن پاسي ڪان بار اهري پيو.

۽ جي ڪو ماڻهو چڙهائي تان چڙهي هيٺ لهندو تہ چئبو،

جملو = ڊوڙي پڇينس، هو تہ اهري ويو.

ننڍي ٻار ڪي ڪير يا ڪاڏو ڪارائي پوءِ هڪدم هيٺ اونڌو ڪبو تہ چئبو.

جملو = اجا هير ڪير پيتائين آهي، اهارو نہ ڪرينس متان الٽي ڪري.

پانيان تي تہ لفظ "اُهري" جي سمجهاڻي مڪمل ڪئي اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُــــر ســـــاموندي داســــتان 2 بيـــــت 1 جلـــــد 1

الـــــوڙڻ نـــــہ ڏي، وَرُ وڏائيـــــن ونجهـــــہ کـــــي،

رهـــہ اڄوکـــــي راتـــــڙي، لالـــــڻ مـــــون لائـــــي،

وڄ مُ قوڙائـــــــي، ايـــــڏي ســـــفر ســــــپرين.

## الوڙڻ :

شيخ = ٻيڙي هلائڻ (ونجهہ سان)

منگهاڻي = کوڙڻ، ڇـُـڙڻ، هلڻ (ٻيڙيءَ کي ان هنڌان جتي هوءَ بيٺل/ٻڌل آهي. اتان ڇُڙڻ، هلي وڃڻ (نہ تي ڏي)، اکوڙڻ.

گنج، صفحو 298 ۽ 299.

برٽش ميوزيـم (لنڊن) وارو نسـخو صفحو 174 بيـت 921 (ٻـہ سٽون)

ور وڏائيـــــن ونجهـــــہ کـــــي، الـــــوڙڻ نـــــہ ڏي،

وڄ مُ قوڙائـــــــي، ايـــــڏي ســـــفر ســــــپرين.

شوقيرام، داستان 1 بيت 20

قليچ، داستان 1 بيت 20

لغات لطيفي (قليچ) الوڙڻ = اکوڙڻ.

قاضي، داستان 1 بيت 20، الوڙڻ = اکيڙڻ، ڌکي هلائڻ.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 21، الوڙڻ = (سنسڪرت، الونَ = ات = مٽي + لونن = لوڏڻ) اکيڙڻ، ڌکي هلائڻ.

شهواڻي، دستان 1 بيت 21، الوڙڻ = اولي سان ٻيڙي هلائڻ

آڏواڻي، داستان 1 بيت 21، الوڙڻ = اولي سان هلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 21.

قاسمي، داستان 1 بيت 21، الوڙڻ = ھلائڻ

انصاري، داستان 1 بيت 21، الوڙڻ = اکيڙڻ، ڏکي لاھڻ.

بلوچ، داستان 3 بيت 14، آلوڙڻ = اليڙڻ نہ ڏي = لوڏي يا ڌوڏي ٻاھر ڪڍڻ نہ ڏي. (تہ متان ٻيڙي رواني ٿيئي.)

بلوچ صاحب جي نسخي ۾ لفظ "آلوڙڻ" بدران "اليڙڻ" آيل آھي. لفظ "آلوڙڻ" اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ سمجھيو ويندو آھي پر لفظ "اليڙڻ" الائجي ڪٿي تہ ڳالھائجي؟ لفظ "الوڙڻ" بابت بلوچ صاحب ھاٿوڪن نسخن ڪانسواءِ ٽيھن (30) ٻيحد اوائلي قلمي ۽ دستخطي نسخن جا پڻ حوالا ۽ مثال ڏنا آھن. جڏھن تہ لفظ "اليڙڻ" لاءِ رڳو ھڪ آخوند محمد شفيع جو دستخط نسخو (1273ھ) مثال لاءِ ڄاڻايو آھي.

لفظ "الوڙڻ" جي معنيٰ شيخ صاحب "ٻيڙي ھلائڻ (ونجھ سان)" ڏني آھي. جڏھن تہ لفظ "الوڙڻ"، "اکوڙڻ" واري معنيٰ ۾ اسان وٽ اڄ بہ سمجھيو ويندو آھي ۽ اوھان ڏنو تہ قليچ صاحب، قاضي صاحب ۽ گربخشاڻي صاحب پڻ اھائي، اکوڙڻ "واري معنيٰ ڏني آھي. سٺ آھي.

"الــــوڙڻ نــــــ ڏي، ور وڏائيـــــن ونجھــــــ ڪــــي"

معني = اکوڙي ڪڍڻ ٿي نٿي ڏي، ونجھ ڪي پاڪر/ ٻانھن جو گھيرو وجھي جھلي ڇڏيو اٿس.

اسان وٽ جي ڪنھن ماڻھوءَ کي ڦٽ ڦرڙيون جسم تي گھٽيون ھونديون آھن تہ چئبو،

جملو = فلاڻو تہ ڦرڙين مان الڙجي پيو آھي، يا الڙيو پيو آھي.

لفظ "الوڙڻ" جملن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = رڳو پاڻ نہ پر گھرَ ٻرَ سڀ اَلوڙي ڪٽي ويا آھن.

بيت جي سمجھاڻي = ھوءَ (وڻجاري جي زال) ٻيڙيءَ کي ڪولڻ ۾ وجڻ ئي نٽي ڏي ۽ ونجھہ کي ياڪر وجھي ويٺي آھي. اي منھنجا پرين، اِجوڪي رات خاص منھنجي لاءِ ڪري رھي پئو (نہ وڃ). اي منھنجا محبوب، ايئن ڏار تي/وچوڙا وجھي ايڏي وڏي سفر تي نہ وڃ.

سر سامونڊي داستان 2 وائي 1 جلد 1

ڪرھل پائي لڄ، ويئين ان سين

سٽ 2: اجاريائون اوليون، ڏٺاريائون ڏڄُ.

## ڏڄُ :

شيخ = بيرق واري ٻيڙي.

منگھاڻي = ڪپڙي جون ٽڪريون، (جھنڊيون). ٻي معنيٰ ۾ وار

سٽ 5: ڪالھہ سبايئي ڪنجرو، انگين پاتئي اڄُ،

## ڪنجرو :

شيخ = چولو (صرف ڇاتي ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ) گڄ

منگھاڻي = بيحد شانائتو. ڀرت ڀريل چولو.

گنج، صفحو 303 وائي سٽ 5. ڪالھہ سباير ڪنحرو، انگھہ پيس اڄ.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو 177 وائي سٽ 5. ڪالھہ سبائيوءِ، انگھين پاتئي اڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

قليچ، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

لغات لطيفي (قليچ) ڏڄ = ڏڄا = بيرق، بيرق واري بيڙي. سهڻي طرح، ظاهر يا پڌري. انگ = (انگون) بت يا جسم. انگون پائڻ = ڦاڙڻ، چير وجهڻ. ڪنجرو = پهراڻ، گج، بت تي ڍڪڻ جو ڪپڙو.

قاضي، داستان 1 وائي 1 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

ڏڄ = جهنڊي، بيرق، وانئڻي. انگهيم = چيريم، وڍيم. ڪنجرو = چولي، گج.

گربخشاڻي، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ). ڏڄ = معنيٰ ڏنل ناهي. (وائيءَ ۾) انگون = انگون پائڻ = چيرون پائڻ، ڦاڙڻ. ڪنجرو = (سنسڪرت، ڪنچڪ + رو) چولي، گج.

شهواڻي، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ) ڏڄ = معنيٰ ناهي. انگون = آنگون = چير، چهڪ. ڪنجرو = چولي گج.

آڏواڻي، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ). ڏڄ = معنيٰ ناهي. انگون = انگون پاتئي = ليڙون ڪيئي. ڪنجرو = چولي يا گج.

ڏيپلائي، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

انصاري، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ) ڏڄ = جهنڊي، وانئڻي، بيرق. انگون = انگهيمر = چيريمر، وڏيمر. ڪنجرو = چولي، گَج.

بلوچ، داستان 1 وائي 2 متذڪره سٽ وائيءَ ۾ موجود ناهي.

بمبئي ڇاپو، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبايئي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

هڪ اوائلي نسخو، داستان 2 وائي 2 (ڪالهہ سبايئي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ)

وائيءَ ۾ آيل پهريون لفظ "ڏڄ" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "بيرق واري بيڙي" ڏني آهي جڏهن تہ ٻين سڀني شارحن لفظ "ڏڄ" جي معنيٰ، "جهنڊي، وانئڻي، بيرق" ڏني آهي جيڪا لفظ "ڏڄ/ڏڄيون" جي لفظي نہ پر معنوي معنيٰ آهي. باقي هونئن لفظ "ڏڄ/ڏڄيون" جي لفظي معنيٰ نڪو بيرق واري بيڙي آهي نہ ئي جهنڊي، وانئڻي ۽ بيرق آهي. اسان وٽ "ڏڄ" جي معنيٰ آهي "ڪپڙي جون ننڍيون ٽڪريون ۽ ٻي معنيٰ ۾ "وار" آهي. مٿي سر سريراڳ داستان 7 بيت 12 ۾ آهي.

"تہ آيل وڻجارن جون، تيون ڏڳن ڏڄائون"

۽ سر سامونڊي داستان 1 بيت 16 ۾ آهي،

پريان جي هن پار ڏي، وجي دنڪي ڏڄ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ لفظ ”ڏڄ/ڏڄائون“ جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. وائيءَ ۾ آيل ٻيو لفظ آهي ”ڪنجرو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”چولي يا گج“ ڏني آهي ۽ پڻ سيني شارحن ”چولي ۽ گج“ ڏني آهي. ”گج ۽ ڪنجري“ ٻئي چولا آهن (عورتن جا) پر اهي اهڙو اگهاڙو لباس ناهن جيئن شيخ صاحب چيو آهي تہ ”چولو (صرف ڇاتي ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ) گج“. اڌ اگهاڙو لباس چوليءَ جو هوندو آهي گج ۽ ڪنجري، نهايت باتهذيب ۽ ڍڪيل لباس آهي پر گج ۽ ڪنجري ساڳي ڳالهہ ناهن ـ هونئن تہ ٻئي چولا آهن ۽ ٻنهي جي ٻنجڻ جو طريقو بہ ساڳيو آهي يعني مختلف رنگن جي ڪپڙي جي ٽڪرن مان ٻئي بنايا ويندا آهن، جنهن ۾ اڳو، گلي ڪان هيٺ ڇاتي، پيٽ ۽ سٿڻ جي نينهنگ تائين هڪ ئي رنگ جي ڪپڙي جو لسو بنا ڦورن جي ٽڪر هوندو. ان تي پرت ۽ ٽڪون پريل هوندا آهن ۽ نينهنگ ڪان گوڏي تائين وري ٽن مختلف رنگن جي لسن ڪپڙن جون پٽيون هونديون آهن جن تي پڻ پرت ۽ ٽِڪون هونديون آهن پر مٿي گلي ۽ ڇاتيءَ وارو پرت ڳتيل ۽ گهرو هوندو آهي جنهن ۾ ڪپڙو پڌرو نہ هوندو آهي. جڏهن تہ هيٺين پٽين تي پرت بجو نہ پر ڇدو هوندو آهي ۽ ايئن ئي ٽن رنگن جي ڪپڙن جي پٽين مان پانهون بنايون وينديون آهن. گج ۽ ڪنجري ۾ نقشي/ڊزائين/ڄڻَ، ڪپڙي جي رنگن ۽ ڌاڳن ۾ فرق هوندو آهي. گج ۽ ڪنجريءَ ۾ اهو بہ فرق آهي تہ ڪنجري سهاڳڻ سان گڏ رَنَ زال (بيواهہ) بہ پائيندي آهي پر گج رڳو سهاڳڻ ئي پائيندي آهي رَنَ زال نہ. باقي پراڻو يا بدرنگ گج رن زال بہ پائي تي سگهي. گج جي بناوٽ ۾ شوخ/تيز رنگ جو ريشمي ڪپڙو هوندو آهي ۽ ڌاڳا بہ ريشمي، پَٽَ جا، شوخ ۽ تيز رنگ جا هوندا آهن، جڏهن تہ ڪنجريءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھٽو ڪري ھڪ ئي رنگ. خاص ڪري ناسي ۽ ڪاري رنگ جي سڳي جو پرت پربو آھي ۽ ٻانھن ۽ لاٽوڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپڙن جا ٽڪرا/پٽيون بہ ساڌي ۽ ھلڪي رنگ جون ٿين. لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ گج نھايت پردي دار، مھذب ۽ شانائتو لباس آھي. گج تي مونڙي جي ٻُجي سٽڻ، قريشي لڳل پَٽَ جي بہ ڏري گندي پائي، پيرن ۾ ڦل واري جتي وجھي لوڏ ڏيئي ھائي نڪتي تہ پلان پل ھوندي. لسٻيلي ۽ ڪوھستان جي عورت جو پردو بہ مثالي آھي. ھن علائقي ۾ اڌ پيٽ ۽ پٽي اگھاڙي پوشاڪ جو ڪنھن عورت لاءِ تصور بہ نٿو ڪري سگھجي، جتي مرد بہ پٽي اگھاڙي نہ ھلن ۽ جتي گوڏ/لنگ کي بہ ٻي شدو لباس ڪوٺيو وڃي ۽ ڪنھن بزرگ جي اڳيان مرد بہ مٿي اگھاڙي نہ اچن. اسان وٽ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ مايون تمام کلا ۽ وڏا ڪپڙا پائينديون آھن. گرمي ھجي يا سردي اھي ٿلھا ڪپڙا پائينديون آھن. سنھي/مھين ڪپڙي کي مرد اڳيان پائڻ جو ڪا عورت سوچي بہ نٿي سگھي ۽ ھر وقت مٿي تي وڏا روا پائينديون آھن. ھاڻي جڏھن تہ سڌ سماءُ جا وسيلا وسيع ٿيا آھن تہ پتو پوي ٿو تہ ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ لسٻيلي ۽ ڪوھستان جي عورت وڌيڪ آزاد ۽ پاڻ ھميري آھي ۽ اتي عورت جو درجو ٻيو ڪونھي ۽ اھا اتي جي مرد جي وسيع قلبي ۽ روشن خيالي آھي جو عورت پنھنجي گھر، ٻچن بلڪ اوڙي پاڙي ۾ ٿيندڙ ننڍي وڏي معاملي ۾ پنھنجي راءِ رکندڙ ۽ فيصلا ڏيندڙ آھي ۽ اھو رتبو ڪيس پرڏي جي پابندي ۽ پاڻ کي معتبر رکڻ جي عيوض مليو ٿو. باقي اڌ پيٽ ۽ پٽيءَ اگھاڙو گج نہ پر چوليون ھونديون آھن. جيڪي (شايد) ٿر واري پاسي ھندو عورتون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائينديون آهن. تي سگهي ٿو تہ ان کي بہ اتي گج چيو وڃي پر اسان وٽ گج جو تصور اهو ڪونهي.

وائيءَ ۾ آيل ٽيون لفظ "انگين/انگون/انگهہ/انگهين" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب انگ تي، بدن تي، ڏني آهي.

ست آهي:

"ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگين پاتئي اڄ"

گنج جي ست آهي:

"ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگهہ پيس اڄ"

برٽش واري نسخي جي ست آهي:

"ڪالهہ سبايوءِ ڪنجرو، انگهين پاتئي اڄو"

جڏهن تہ بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن جي ست آهي،

"ڪالهہ سبائي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ"

۽ انصاري صاحب واري ست ساڳيئي شيخ صاحب واري آهي.

بلوچ صاحب واري نسخي ۾ آيل وائي ٺي اورطرح جي آهي جنهن ۾ اها ذڪر ڪيل ست ئي ڪانهي جنهن لاءِ بلوچ صاحب چوي ٿو تہ، "ست جي معنيٰ وائيءَ جي موضوع جي لحاظ سان مبهم آهي. جيتوڻيڪ اها ست گهڻن سيني رسالن ۾ موجود آهي."

ڪيئَن ۽ ڪهڙي ريت مبهم آهي؟ پهرين اهو تعين ڪجي تہ ست ڪيئن آهي. مٿي مختلف نسخن ۾ آيل ان ست جون مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتون ڏسي ٿيون سگهجن ۽ لفظ "انگون، انگين، انگهہ، انگهون" جي معنيٰ ۾ بہ وڏا فرق آهن. "انگ" بدن کي بہ چئجي ٿو تہ ان چيز کي بہ چئجي ٿو جنهنجي شڪل انگريزي لفظ " v " جهڙي آهي. "انگ" نون ڪپڙن کي ٿي پوندي آهي جنهنجي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم. بمبئي ڇاپي جي سٽ آهي "ڪالهہ سبايئي ڪنجرو، انگون پاتئي اڄ" ۽ هيءَ ئي سٽ هڪ اوائلي نسخي سان گڏ شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي ۽ قاسمي وارن نسخن ۾ پڻ آيل آهي. اها سٽ ئي وائيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم موجب واضح معنيٰ ٿي رکي. معنيٰ = ڪلهہ/بلڪل نئون تازو پرت پريل چولو سبرايو هو ۽ اڄ ان کي چيري ڦاڙي ڇڏيئي.

هيءَ سٽ نہ رڳو وائي جي پر سُر (سامونڊي) جي موضوع (ٻيڙياتن ۽ واپارين) مطابق مڪمل واضح ۽ پُر معنيٰ آهي ڇو جو وڻجاري جي زال جڏهن پنهنجي واپاري/وڻجاري مڙس کي سفر لاءِ تياريون ڪندي ڏسي ٿي:

"اجـــــاريون اوليـــــــون، ڏٺاريـــــــــائون ڏڄ"

معنيٰ = انهن پنهنجي ٻيڙين/ساز سامان کي رنگ روغن، تيل سـٽـي سـان مڪيـو چڪيـو ۽ جهنـڊيون ۽ پنهنجـو پـاڻ کـي ڏوتـائون/ڏٺـاريون/تيـار ڪيـائون." اهـو سـڀ ڏسـي هـُن (وڻجـاري جـي زال/محبوبہ جا) اوسان خطا ٿيو تا وجن ۽ هوءَ پنهنجو هوش وڃائي پنهنجا نـوان (پهريـل) ڪپڙا ڦـاڙيو ٿـي وجهـي. هـاڻي جـي اسـين لفظ "انگون/انگين" جي ڏنل شيخ صاحب واري معنيٰ "انگ تي، بدن تي" سٽ ۾ ڏيون تا تہ سٽ جي معنيٰ ٿيندي" تو ڪالهہ ڪنجرو سبايو ۽ اڄ بدن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پاتو" ۽ شايد اھڙي معنيٰ سمجھي بلوچ صاحب بہ ان اھم ۽ نازڪ، نفيس سٽ کي پنھنجي نسخي مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي آھي.

اھڙيءَ طرح جي ڏکين لفظن جون ڏنل معنائون لطيف جي ڪلام لاءِ ھاجو ثابت ٿي رھيون آھن تہ لطيف جي ڪلام کي نہ سمجھڻ واري حالت ۾ تبديل ڪرڻ يا مرڳو ئي رسالي مان ڪڍي ڇڏڻ پڻ وڏو نقصان آھي جنھن جو ڪو ازالو ڪا تلافي بہ ٿي نٿي سگھي. ھي ڪم ايڏو اسان بہ تہ ڪونھي جو ھرڪو سٽ سٽ قلمي، دستخطي، ڇاپي وارا ڪچا پڪا نسخا حاصل ڪري ۽ پيٽي سگھي ۽ وري جن جي دسترس ۾ اھو سڀ ڪجھہ آھي اھي وري ائين ڪن "ڪنھن در ڏجي دانھڙي"

سر ساموندي داستان 2 بيت 3 جلد 1

ڳريو جھليو روءِ، متي مھري ھٿڙا،

ڪوءِ سودو سندوءِ، جو تو ڏوليا سڪيو.

**ڳريو :**

شيخ = ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ لڳل ڪلو. جنھن ۾ رسو ٻڌي ڪناري تي بيھاربي آھي.

منگھاٽي = پير جي ڪڙيءَ کان مٿي ۽ پيڏ کان ھيٺ وارو حصو.

گنج، صفحو 298

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو. صفحو 172 بيت 911

شوقيرام، داستان 1 بيت 19

قليچ، داستان 1 بيت 20

لغات لطيفي (قليچ) ڳريو = معنيٰ ڏنل ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 1 بيت 20، ڳريو = ٻيڙيءَ جي پڳهه جو رسو.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 20، ڳريو = ٻيڙيءَ جي مهري جي ٻنهي پاسن ڪان ڪاٺ جا تلها کپن وارا ڪلا ٿيندا آهن جن ۾ ٻيڙيءَ جو ڳن رسيءَ سان ٻڌبو آهي. انهن ڪلن کي "ڳريا" يا "ڪنيا" ڪري چوندا آهن. "ڳن ڳريو ڪرڻ" هڪ ميربحرن جو اصطلاح آهي جنهنجي معنيٰ آهي سنيت ڪرڻ.

شهواڻي، داستان 1 بيت 30، ڳريو = اولي کي رسي سان ٻڌڻ لاءِ ڪلو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 20، ڳريو = ڪلو، ٻيڙيءَ جي ڳن ٻڌڻ لاءِ ڪلو.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 20

قاسمي، داستان 1 بيت 20، ڳريو = ٻيڙيءَ جي پاسي وارو ڪلو.

انصاري، داستان 1 بيت 20، ڳريو = ٻيڙيءَ جو پڳهه جو رسو.

بلوچ، داستان 3 بيت 13، ڳريو = پڳهه وارو رسو (جنهن سان ٻيڙي ٻڌل آهي)

ڏسي ٿو سگهجي تہ هڪ لفظ "ڳريو" جي معنيٰ سيني شارحن ڪيتري مختلف ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ٿو، "ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ لڳل رسو". قاضي صاحب چوي ٿو "ٻيڙيءَ جي پڳهه جو رسو". گربخشاڻي صاحب چوي ٿو، "ٻيڙيءَ جي مهري جي پاسي ڪان ڪاٺ جا تلها ڪلا". شهواڻي صاحب چوي ٿو "اولي کي رسيءَ سان ٻڌڻ لاءِ ڪلو." آڏواڻي صاحب چوي ٿو "ڪلو، ٻيڙيءَ جو ڳن ٻڌڻ لاءِ ڪلو". قاسمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب چوي ٿو ”ٻيڙيءَ جي پاسي وارو ڪلو“. انصاري صاحب چوي ٿو ”ٻيڙيءَ جي ٻڳهہ جو رسو“ ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو، ”ٻڳهہ وارو رسو“ يعني ”ڳريو“ جي معنيٰ هڪڙا چون تہ ”رسو“ ۽ ٻيا چون ”ڪلو“ چو جو سٽ ٿي اهڙي طرح جي آهي ۽ ٻيڙيءَ سان وابستہ آهي.

”ڳريـــــو جهليـــــو روءِ، متـــــي مهـــــري هٿـــــڙا“

انهي ڪري اهو اندازو آسانيءَ سان لڳو تہ مهري جي ڳالهہ آهي تہ ضرور ڳريو بہ ٻيڙيءَ سان تعلق رکندڙ ڪا شيءِ آهي جنهنجي ڪري ڏکا ۽ اندازا لڳا ۽ نتيجو اهو نڪتو تہ، ڪن چيو ”رسو“ تہ ڪن چيو ”ڪلو“ ـ سبب اهو ٿي تہ لفظ ”ڳريو“ انهن سيني جو ٻڌل ٿي ناهي تہ ظاهر آهي تہ معنيٰ کان لاعلمي تہ هوندي. شايد ڪنهن جي تصور ۾ بہ نہ هجي تہ لفظ ”ڳريو“ پير جي ڪنهن حصي کي ٿو چيو وڃي ۽ ان لفظ کان لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو ايئن واقف آهن جيئن پير جي ڪڙيءَ ۽ آڱرين وغيره کان واقف آهن.

جملو = تنهنجي سٽڻ ڪوٺي آهي، پانچو ڳرئي کان مٿي آهي. مرد ڪونهي جو ڳرئي کان مٿي پانچو هجئي، زائفان آهين نماز کانہ ٿيندئي.

جملو = پير صحيح ڏو، اجا ڳريو مٿيءَ مان پريو پيو آهي.

هونئن بہ بيت پڙهڻ سان سڄي صورتحال واضح طريقي سان اڳيان ٿي اچي تہ، وڻجاري جي زال پنهنجي محبوب مڙس کي پرڏيهہ وڃڻ کان جهلڻ لاءِ ڪيڏا حيلا ۽ جتن ٿي ڪري ۽ ڪيس روڪڻ ۽ نہ وڃڻ لاءِ ڪيڏا تي وس ڪري. ڪڏهن پيرن تي ڪري يا هيٺ ويهي پيرن کي جهلي پيئي رُوئي (ڳريو جهليو روءِ...) تہ وري ڪڏهن ٻيڙيءَ سان چنبڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي پوي (مٿي مھري ھٽڙا) مطلب تہ ھوءَ پنھنجي پرينءَ کي ھر ممڪن طريقي سان جھلڻ لاءِ پيئي ڪوششون ڪري ۽ ڳالھائي (ڪوءِ سودو سندوءِ. جي تون ڍوليا سڪيو) تہ ڪڏ ۾ وجي پوي تنھنجو اھو واپار ٿي جيڪو اي پرين تون سڪيو آھي. ڪرين پيو يعني زباني شڪايتون، حجتون، ڏک، ڏوراپا. روئڻ مطلب تہ ھوءَ پنھنجي ڪانڌ کي پري پرديس وڃڻ کان جھلڻ لاءِ ھر حيلو پيئي ھلائي. ھر حربو پيئي آزمائي ۽ ھر اھو طريقو ۽ عمل پيئي ڪري جيئن پيارو پرين نہ وڃي. رھي پوي ۽ ڪابہ ڳالھہ ھتان ۽ وسان نٿي ڳھٽائي ۽ رھائي. (جيڪا بعد ۾ سندس لاءِ پڇتاءُ بنجي. بَرشٽي رھجي وڃي). لطيف سائينءَ جا احساس ۽ سندس حساسيت. جيئن تہ سندس ڪلام پڙھڻ کان پوءِ ڄاڻون سمجھون ٿا تہ انتھائي عروج تي ھئا. سو اھڙين جذباتي گھڙين کي ھو ڪٿي ٿو نظر انداز ڪري سگھي. ھو سائين تہ اھڙين ساعتن کي سنڀالي ۽ سنواري ڄاڻي سو انھن نفيس لمحن جي منظر ڪشي ايڏي ٿي نفاست ۽ معصوميت واري عظيم انداز سان ڪئي اٿس. پر جي اسين لفظ ”ڳريو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ محترم شارحن جي ڏنل ”رسو يا ڪلو“ کي درست ٿا سمجھون ۽ اھا معنيٰ جنھن ۾ اچ بہ اھو اسان وٽ سمجھيو. ڳالھايو وڃي ٿو ان کي نظرانداز ڪري بحث ھيٺ نٿا آڻيون تہ. ڏسو تہ بيت جي معنيٰ ڪيڏي عجيب/ڪھري ۽ ڪُسَري ٿي بنجي پوي. يعني وڻجاري جي زال ٻيڙيءَ کي ٻڌڻ واري ڪلي کي/پڳھہ جي رسيءَ کي جھلي پيئي روئي ۽ ٻيڙيءَ جي ڪانن ۽ ٻيڙي کي پاڪر پائي ھٿن سان پيئي جھلي پر پنھنجي پياري پتار کي. جيڪو ورھن جا وڇوڙا ڏيئي پيو وڃي. ان کي جھلڻ لاءِ ھٿ بہ نٿي لائي/ڇھي بہ نہ ٿي. بلڪہ ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ئي نٿي ڪري. جي هاڻ لفظ ”ڳريو“ جي معنيٰ ”پير جو ڪڙيءَ کان مٿي وارو حصو“ سمجهي بيت ڏٺا پڙهون تہ ظاهر ظهور وڻجاري جي زال پنهنجي مڙس کي پيرن ۾ جهليو روئندي، ٻاڪاريندي پيئي نظرايندي. بلڪل اصل تصوير سامهون اچي ويندي. اهو ئي تہ لطيف بادشاهہ جو ڪمال آهي تہ سندس هر خيال هڪ تصوير جيان اپري ٻاهر نڪري ٿو اچي. سندس ڪلام کي جڏهن صحيح سمجهي پڙهبو آهي تہ ايئن لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن عظيم آرٽ گيلريءَ ۾ آيا آهيون ۽ اسان جي اڳيان شاهڪار پينٽنگس آهن جيڪي جيئري اکين سان پيا ڏسون. ڏٺو وڃي تہ جڏهن بہ ڪو ماڻهو ڪنهن کي پيرن کان جهليندو آهي تہ هٿ نڪو آڱرين کي جهليندا آهن نہ ئي ڪڙيءَ کي پر انهن جي گرفت ڳرئي ۾ هوندي آهي ۽ پيرن ۾ پوڻ وقت ”ڳريو“ ئي جهلبو آهي. لفظ ”ڳريو“ ختم/ گم يا متروڪ ٿيل لفظ ناهي بلڪ پير جي ان حصي لاءِ مخصوص آهي ۽ پيو ڪو لفظ ئي ڪونهي. زوريءَ ڏنل معنائون وڏا هاڃا ٿيون ڪن ۽ ماڻهن جي ذهنن ۾ اهي ئي غلط معنائون چنبڙجي ۽ نقش ٿيو ٿيون وڃن. جنهن سان لطيف جو ڪلام بي اثر ٿيڻ واري خطري جو امڪان ۽ انديشو برقرار ۽ موجود رهي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = هوءَ (وڻجاري جي زال) ٻيڙيءَ جي ونجهن کي جهلي ۽ وري (پنهنجي محبوب مڙس جي) پيرن تي ڪري/سندس پيرن کي جهلي پيئي روئي ۽ هنجون هاري. (۽ چوي تہ) اي منهنجا جاني، اهو واپار ۽ سودو ئي وڃي ڪڏ ۾ پوي جيڪو تون سکيو آهين/ ڪرين پيو. (ٻين ملڪن ڏانهن واپار ڪرڻ وارو ڏنڌو جنهنجي ڪري پيارن جي وچ ۾ وڏا وڇوڙا ۽ جدايون ٿيون وڃ پون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر ساموندي داستان 3 بيت 6 جلد 1
اڱڻ آيا جان، تہ سرتيون مان سک ٿيو،
امل پريِنءَ متان، ٻَـرِڪيو ٻين ڏيان.

**ٻَرِڪيو :**

شيخ = ٻهڪيو، خوش ٿيو.
منگهاڻي = ٻُرُڪيو، چٽيو، وسڪارا ڪريو.
گنج، صفحو 302 (ٻَرَڪيو)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 10 (ٻرڪيو)
قليچ، داستان 2 بيت 10 (ٻرڪيو)
لغات لطيفي (قليچ) ٻرڪيو = ڪنيو
قاضي، داستان 2 بيت 12 ٻرڪيو = گهوريو، قربان ڪيو.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 10، ٻـَرَڪيو = ٻرڪئو = ٻڙڪڻ (سنسڪرت، ورتن) گهورڻ، نثار ڪرڻ.
شهواڻي، داستان 2 بيت 10، ٻُرڪيو = گهوريو، قربان ڪيو.
آڏواڻي، داستان 2 بيت ،10 ٻَرڪيو = گهوريو.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 12، (ٻرڪيو)
قاسمي، داستان 2 بيت 10، ٻرڪيو = گهوريو.
انصاري، داستان 2 بيت 10، ٻرڪيو = گهوريو، قربان ڪيو.
بلوچ، داستان 4 بيت 3، ٻرڪيو = ٻر = زور، جوش. ٻرڪيو = (خوشيءَ مان) زور ڪيو، خوشيءَ جي جوش جذبي سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ٻرڪيو“ ”ڙ“ سان جيئن شيخ صاحب واري نسخي ۾ آيل آهي ايئن اوهان ڏنو تہ ٻي ڪنهن بہ لطيف جي نسخي ۾ آيل ڪونهي ويندي بيحد اڳاٽن قلمي ۽ دستخطي نسخن تائين. جڏهن تہ ڪن اڳاٽن نسخن ۾ ”ٻڙهڪئو“ آيل آهي پر ”ٻڙڪيو“ ڪنهن هڪ ۾ بہ آيل ناهي. لفظ ”ٻرڪيو“ تقريبن سيني نسخن ۾ آيل آهي. جيڪو زبر سان ”ٻـَرَڪيو“ آهي، سواءِ شهواڻي صاحب واري نسخي جي، جنهن ۾ پيش سان ”ٻُرڪيو“ آيل آهي ۽ اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا رهاڪو پڻ پيش سان ”ٻـُرڪيو“ چوندا آهيون جنهنجي معنيٰ آهي، ”چٽڻ، وسائڻ“ سٽ آهي،

”امـــل پريـــنءَ متـــان، ٻـــُـــرڪيو ٻيـــن ڏيـــان“

معنيٰ = آئون پنهنجي محبوب جي متان املهہ (ماڻڪ) چٽيو، وسڪارا ڪريو ٿي ٻين (غريبن، مگڻهارن) کي ڏيان.

لفظ ”ٻُرڪَڻ“ جي لفظي معنيٰ آهي ”چٽڻ، وسائڻ“ باقي ٻيءَ معنيٰ ۾ ”گهورڻ، قربان ڪرڻ، نثار ڪرڻ“ بہ آٿي سگهجي ٿو. هي لفظ پڻ گم ٿيل يا وڃائجي ويل لفظ ناهي. بلڪ اڄ بہ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = ٻوڙ ۾ مرچ اڳ ئي گهٽا هئا، متان وري ڪارا مرچ ٻُرڪيا اٿئي.

جملو = هاڻي جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو، چئو تہ متان ڪنڌ ٻـُرڪي ڏيانءِ.

منهنجي اڳيان شيخ صاحب جو نسخو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ٻين شارحن جي ڏنل معنائن تي پڻ ٽيڪا ٽپڻي ٿي ويندي آهي. باقي بلوچ صاحب جي پنهنجي ڌار واٽ آهي جنهن تي هو هلي ٿو! جيئرن لفظن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنائون نہ اچڻ جي صورت ۾ انهن لفظن جو رسالي ۾ جيئڻ ئي جنجال تي ويندو آهي جيئن هن مٿئين بيت ۾ آيل لفظ "ٻرُڪيو" آهي، جنهنکي قلم واري ڪاتي وهائي ٻہ اڌ ڪري "ٻرَ" ۽ "ڪيو" ڌار ڪيا اٿس ۽ معنيٰ ڏني اٿس، "ٻـَر" معنيٰ "زور، جوش" ۽ "ٻـَرَڪيو" سان ٿيل معنيٰ "زور ڪيو"!!

بيت جي سمجهاڻي = هو جي منهنجي اڳڻ تي اچن ها، تہ اي سرتيون! منهنجي لاءِ سک ۽ راحت ٿيئي. آئون جيڪر (ان مهل) پنهنجي محبوب جي مٿان، املهہ (هيرا موتي) وسڪارا ڪريو، ڇٽيو (جيئن گهوٽن جي مٿان، روپيا اڇلائبا آهن شاديءَ واري سرگس مهل ٿيئن) جيڪر اڇلايو/وسايو/ڇٽيو) ٻين کي ڏيان. (صدقو ۽ خيرات)

سر ساموندي داستان 3 بيت 12 جلد 1

سَرَ لوهيڙا ڳيپا، ڪُسُـرَ نـسريا،

سي ڪـ وسرئا، ڍول همارا هٿڙا.

## ڪُسَرَ :

شيخ = (واحد ڪُسَرُ) ڪوڙو يعني نقلي جنهنجا پن اصلي سَرَ جي پنن کان ويڪرا هوندا آهن ۽ هيءُ سَرُ وهنڊڙ واهن ۽ ڪڙين جي ڪپن تي اپرندو آهي.

منگهاڻي = اڻ وڻندڙ، خراب، بڇڙا، بي سوادي.

گنج، صفحو 306 (بيت ساڳيو)

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 27 (بيت ساڳيو مٿيون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ داستان 1 بيت 28 (بيت ساڳيو مٿيون)

لغات لطيفي (قليچ) ڪسر = خراب سَرَ

بمبئي ڇاپو، داستان 1 بيت 21:

سـَــرَ لوھيــڙا ڳـپيــا، ڪـُـســَــر نســريا،

تـــو ڪيئـــن وســـريا، ڍولا ڏينھـــن اچـــڻ جـــا.

قاضي، داستان 1 بيت 29 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)

ڪُسر = ڪوڙا سرن جا ٻوڙا.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 28 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) ڪُسر = ڪوڙا سَرَ يا ڪانھ. ڪانھ نر آھن جن مان نر نسرندو آھي.

شھواڻي، داستان 1 بيت 28 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) ڪسر = معنيٰ ڏنل ناھي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 28 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) ڪسر = ردي سر يا ڪانھ

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 29 (بيت شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 28 (بيت شوقيرام وارو) ڪسر = ڪانھ

انصاري، داستان 1 بيت 28 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) ڪسر = ڪوڙا سرن جا ٻوڙا.

بلوچ، داستان 4 بيت 10 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) ڪسر = ڪوڙا سر.

معنيٰ کان پھرين بيت جي ساخت ڏسنداسين جيڪا ٻن صورتن ۾ آيل آھي. بيت جي پھرين سٽ "سَرَ لوھيڙا ڳپيا، ڪسر نسريا" تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني نسخن ۾ ساڳي آهي. ٻي سٽ شيخ، گنج، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ ”سي نہ وسريا، ڍول همارا هتڙا“ آيل آهي، جڏهن تہ بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، انصاري ۽ بلوچ وارن نسخن ۾، ”تو ڪيئن وسريا، ڍولا/ ڍوليا ڏينهن اچڻ جا“ آيل آهي. بلوچ صاحب واري نسخي جي جلد 2 مان معلومات ملي تہ ڪن آڳاٽن نسخن ۾ ٻي ۽ آخري سٽ جي شڪل هيئن بہ آهي،

”سي ڪ وسريا، ڍول همارا هتڙا“
”سي ڪ وسريا، ڍول تمهارا هتڙا“
”سي ڪ وسريا، ڍول منهنجا هتڙا“

ڏنو وڃي تہ شيخ صاحب واري سٽ، ”سي ڪ وسريا، ڍول همارا هتڙا“ جي سيني لفظن جي معنيٰ اچڻ جي باوجود بہ ڪا معنيٰ نٿي نڪري. نہ ئي پوئين سٽ جو ڪو مٿين سٽ، ”سر لوهيڙا ڳيا، ڪسر نسريا“ سان ڪو ربط آهي، معنيٰ ۾ يا مفهوم ۾ ڪنهن بہ طريقي سان ڪوبہ جوڙ ڪونهي. جڏهن تہ بمبئي ڇاپي جي بيت واري ٻي سٽ ”تو ڪيئن وسريا، ڍولا ڏينهن اچڻ جا“ هر لحاظ کان مڪمل ۽ پهرين سٽ سان نهڪيل آهي، معنيٰ توڙي مفهوم ۾ ڏنو وڃي تہ لطيف جي نسخن ۾ بہ نسخا اهڙا آهن جن کي مرڪزيت جو مقام حاصل آهي. هڪڙو بمبئي ڇاپي وارو نسخو ۽ ٻيو ديوان تارا چند شوقيرام وارو نسخو آهي. بمبئي ڇاپي واري نسخي تي انحصار ڪندڙن ۾ محترم علامہ آءِ آءِ قاضي، محترم هوتچند مولچند گربخشاڻي، محترم غلام محمد شهواڻي، محترم ڪلياڻ آڏواڻي، محترم عثمان علي انصاري ۽ محترم ڊاڪٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبي بخش بلوچ صاحب آهن. جڏهن ته ديوان تاراچند شوقيرام جا پوئلڳ محترم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، محترم عثمان ڏيپلائي ۽ محترم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي آهن. گنج جو منظر عام تي اچڻ نئون واقعو آهي ۽ محترم بانهي خان شيخ صاحب جو گهڻو تڻو انحصار گنج تي ٿي آهي. بيت ۾ آيل لفظ "ڪُسر" جي معنيٰ شيخ صاحب نهايت طويل ڏني آهي، جنهن ۾ "ڪُسر" جي پنن وغيره جي ڊيگهه/موڪر پڻ ڏنل آهي ۽ ٻين به سيني شارحن تقريبن ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي - يعني "سچا سر ۽ ڪوڙا سَرَ" جڏهن ته لطيف سرڪار علامتي طور تي "سَرَ/ڪُسر" آندو آهي. سچا يا ڪوڙا سَرَ نه هوندا آهن. "سَرَ" خود پاڻ ئي نهايت ڪهرا ۽ خراب هوندا آهن ۽ اسان وٽ لفظ "سَرَ" اڻ وڻندڙ ڪهري ۽ نزاڪت ۽ نفاست جي ضد طور ايندو آهي.

جملو = فلاڻي جا وار سهڻا، ملائم ۽ نرم ڪونهن پر ڪهرا اٺيا سَرَن جهڙا آهن.

لطيف به ان ئي معنيٰ ۾ لفظ "سَر" آندو آهي. "سَرَ لوهيڙا ٻيپيا..." سَر ڪهرو گاهه ٿيندو آهي ۽ "لوهيڙي" جو وڻ جيڪو ننڍي جسامت جو هوندو آهي ۽ نهايت سخت جان هوندو آهي، انهن ٻنهي لاءِ تو لطيف سائين فرمائي ته "ڪُسَرَ نسريا" معنيٰ اهڙا خراب، ٻجڙا وڻ ٻوٽا به نسري ۽ ٻيجي ويا آهن، يعني ته وڻجاري جي ورڻ لاءِ، گهر موٽڻ لاءِ حالتون سازگار ۽ موسم مواقف آهي تنهن ڪري، "تو ڪيئن وسريا، ڍولا! ڏينهن اچڻ جا؟" معنيٰ، اي پرين، توکي گهر اچڻ وارا ڏينهن ڪيئن وسري ويا آهن؟ هي لفظ زبر سان "ڪَسَر" جي معنيٰ آهي، "سنو، وڏيڪ، بهترين" ۽ پيش سان "ڪُسَرَ" جي معنيٰ آهي، "خراب، ٻجرو، اڻ وڻندڙ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ڪُسر“ جو تعلق ”سَرَ“ وغيره سان بلڪل ناهي جيئن سيني شارحن ان جي معنيٰ ”ڪوڙا سَرَ“ ڏني آهي. هي لفظ بہ شايد انهن ئي لفظن منجهان آهي. جيڪي رڳو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڳالهايا ويندا آهن. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”ڪُسَرو/ڪُسرا“ ۽ واحد/جمع مونث ”ڪُسري/ڪسريون“ آهي.

جملو = فلاڻو تہ اصل ڪُسَرو آهي سندس ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڍنگ ڪونهي.

جملو = ٻوڙ کھڙي ڪُسَري آهي، ڪوبہ سواد ڪونهيس.

بيت جي سمجهاڻي = سَرَ ۽ لوهيڙا ٻورجي ويا آهن ۽ خراب ۽ ٻيڃرا ٻوٽا/گاهہ بہ مُري/نسري آيا آهن. (سٺي موسم، ساوڻ ۽ سڪار جا اهڃاڻ) اي منهنجا محبوب! توکي ڪيئن اچڻ جا ڏينهن وسري ويا آهن؟ (هي سمجهاڻي بمبئي ڇاپي واري بيت جي آهي. باقي ”همارا/تمهارا“ واري سٽ بي ربط ۽ بي معنيٰ آهي)

سر ساموندي داستان 3 بيت 13 جلد 1

ڍولو ويو ڍور، تي سيءَ گذاريان،
مادر مون مَ چور، نا تہ پڌر پُوندي پريڙي.

## پڌر :

شيخ = پڌر تي، کلي ميدان تي.

منگهاڻي =پڌر پُوندي = ظاهر ٿينديس، پڌر پونديس (سيني کي خبر پئجي ويندي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پُوندي :**

شيخ = نڪري ايندي، اچي ويندي. (پڌر پوندي = راز يا ڳجهہ ظاهر ڪندي)

منگهاڻي = پوندي، ٿي ويندي.

**پريڙي :**

شيخ = (عشق جي) بيمار، عاجز.

منگهاڻي = پرينءَ بنا، محبوب جي بغير.

گنج ۽ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 20:

ڍوليو ويو ڏور، سي تي ڏينهن گذاريان،

مادر مون ۾ چور، نات پڌر پوندي پرينءَ ريءَ.

بمبئي ڇاپو، داستان 1 بيت 31:

تي تي سيءَ گذاريان، ڍولو ويڙو ڏور،

مادر مون ۾ چور، نات پڌر پونديس پريري.

قليچ، داستان 1 بيت 31 (بيت شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) پڌر، پوندي، پريڙي = ٽنهي لفظن جي معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 1 بيت 32 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 31 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)

شهواڻي، داستان 1 بيت 31 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 1 بيت 31 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 32 (بيت شوقيرام وارو)
قاسمي، داستان 1 بيت 31 (بيت شوقيرام وارو)
انصاري، داستان 1 بيت 31 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)
بلوچ، داستان 4 بيت 13:

ڊولـــو ويـــڙو ڊور، تـــي ٿـــي ســـيءَ گذاريـــان،
مـادر مـون مَ ڇـور، نـا تـہ پـڌر پنديـس پريـنءَ رڀءَ.

بيت کي نون ۾ پراڻن نسخن جي مثالن سان ان ڪري پيش ڪيو اٿم جو بيت ۾ آيل لفظ "ڊور" (ڊولو ويو ڊور...) جيڪو گهڻن نسخن ۾ "ڏور" آيل آهي، ان جي ڇنائي ٿئي ۽ بيت جي اصلي صورت پڌري ٿيئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ڏهن جلدن واري نسخي جي جلد 2 ۾ مٿيون بيت سر سامونديءَ جي داستان 4 ۾ بيت 13 آهي، جنهن ۾ لفظ "ڊور" آيل آهي. جتان ثي معلوم ٿيو آهي تہ لفظ "ڊور" ڪيترن ئي قلمي ۽ دستخطي نسخن ۾ موجود آهي پر اسان جي اڳيان جيڪي بہ نسخا آيا آهن. انهن ۾ لفظ "ڏور" (ڊولو ويڙو ڏور...) آهي. ڏٺو وڃي تہ لفظ "ڊور" لفظ "ڏُور" جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ موزون آهي ڇو جو هي سٽ ۾ لفظ "ڇور" (مادر مون مَ ڇور...) آيل آهي، جيڪو ٻنا فرق ۽ بحث جي سيني نسخن ۾ موجود آهي ۽ جيڪو ئي بيت جو قافيو پڻ آهي. لفظ "ڏوُر" لفظ "ڇور" جو هم قافيا لفظ ناهي جيڪا ڳالهہ شعر لاءِ اهم ۽ ضروري آهي، تنهن ڪري فيصلو آسان آهي تہ بيت جو اصل لفظ ٻيو ڪوبہ هجي پر "ڏُور" ناهي ڇو جو لفظ "ڏُور" بيت جي صحت کي ضرب تو پهچائي ۽ جيئن تہ ذڪر سمند جو آهي تہ لفظ "ڊور" وڌيڪ نهڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. بيت جي ٻي ۽ آخري سٽ ۾ آيل ٿي لفظ ”ڀڌر، پوندي ۽ پريـَڙي سڃيءَ سنڌ ۾ عام ڳالهايا ويندڙ لفظ آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن بہ شارح انهن ٽنهي لفظن جي معنيٰ نہ ڏني آهي پر شيخ صاحب اهڙن معروف ۽ عام فهم لفظن جون نہ رڳو معنائون ڏنيون آهن، پر عجيب مونجهارن مان پريل ۽ غلط ڏنيون آهن. پهريون لفظ ”ڀڌر“ آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڀڌر تي، کلي ميدان تي“ ڏني آهي. ٺيڪ آهي تہ ”اگهڻ واسري ۾ ٻاهر“ کي بہ ”ڀڌر“ چئجي ٿو پر جيڪا عام ۽ معروف آهي اها آهي ”ظاهر“.

جملو = ڳالهہ کي ڀڌري نہ ڪجانءِ، لڪائجانءِ.

جملو = آئون ڪيئن بہ هيس اپري غريب پر ڍَڪي هيس. مونکي تو ڀڌر وڌو.

ٻيو لفظ آهي ”پـُوندي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”نڪري ايندي، اچي ويندي (ڀڌر پوندي = راز يا ڳجهہ ظاهر ڪندي)“ ڏني آهي. ”پـُوندي“ معنيٰ ”پـَوَندي“ آهي. اسان جي ڪوهستان ۾ رهندڙ ڪي ذاتيون بہ ”پـُوندي“ چونديون آهن. باقي ٿني واري پاسي رهندڙ مهاڻا، ملاح ۽ ڪي ٻيون ذاتيون پڻ ان ئي لهجي ۽ اچار ۾ ڳالهائينديون آهن. لطيف گهڻن هنڌن تي ”پَون“ کي ”پوُن“ ”هـُئَـنِ“ کي ”هُونِ“ يا ”اوهان“ کي ”آئين“ وغيره چيو آهي. ٽيون لفظ آهي ”پريَڙي“ جيڪو ٻين نسخن ۾ ”پريءَ ري يا پرينءَ ري“ آيل آهي ۽ لفظ ”پريڙيءَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”(عشق جي) بيمار، عاجز“ ڏني آهي. پهرين لفظ ”پريءَ، پرينءَ ۽ پريڙي“ جي هڪ هڪاٽي ٽيڻ گهرجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = منهنجو محبوب سمنڊ جي سفر تي ويل آهي ۽ آئون هتي سيءَ ۾ پيئي گذاريان (پرينءَ جي گرميءَ بنا ) اي امڙ، مونکي تنگ نہ ڪر. منهنجا ستا سور نہ جاڳاءِ. نہ تہ آئون ظاهر تي پونديس تہ محبوب ڪانسواءِ آهيان (آئون ٻڌائينديس تہ آئون پرينءَ ڪانسواءِ آهيان ۽ لوڪ کي خبر پئجي ويندي تہ آئون اڪيلي آهيان.)

سر ساموندي داستان 3 بيت 21 جلد 1

وڻجارن وري، پرهہ پڳهہ ڇوڙيا،
اوليون پسي ان جون، پيم ڳچ ڳري،
وينديس ماءُ مري، ساري سامونڊين کي.

ڳچ :

شيخ = پيم ڳچ ڳري = مون زارو زار رُنو.

منگهاڻي = اندر مان ڏک ۽ سور جي سٽ نڪرڻ/ ڏک جي ڇڪ ۽ اچل اچڻ.

گنج، صفحو 300

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 11

قليچ، داستان 3 بيت 11

لغات لطيفي (قليچ) ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 2 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 3 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواٽي، داستان 3 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 11

قاسمي، داستان 3 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 3 بيت 11 ڳچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، داستان 3 بيت 23 ڳچ = ڳچ ڳري پوڻ = وڏو غم ۽ اندوهہ ٿيڻ.

لفظ "ڳچ ڳرڻ" جي معنيٰ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ شارح نہ ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ٿو تہ، "ڳچ ڳرڻ" جي معنيٰ آهي، "مون زاروزار رنو". بلوچ صاحب چوي ٿو تہ ان جي معنيٰ آهي، "وڏو غم ۽ اندوهہ ٿيڻ" يعني انهن ٻنهي جي ڏنل معنيٰ بہ مختلف ۽ ڌار آهي. سٽ آهي، "اوليون پسي ان جون، پيهہ ڳچ ڳري..." معنيٰ = انهن جي وڄڻ جو منظر ڏسي، منهنجي دل منجهان سور ۽ ڏک جي سٽ نڪري ويئي. هي لفظ اڪيلو/رڳو "ڳچ" نہ چئبو آهي پر "ڳچ ڳرڻ يا ڳچ وهڻ" چئبو آهي. اسين اڄ بہ اهو لفظ ڳالهائيندا آهيون ۽ ان جي معنيٰ ۽ جملن ۾ ان جي اهميت کان پڻ خوب واقف آهيون.

جملو = فلاڻي جي حالت ڏسي ڳچ ٿا ڳرن.

جملو = آئون ڪيس ڏسڻ ويئي هيس، اڳ ئي ويچاري ڪمزور هئي، هاڻي آپريشن کان پوءِ تہ ڳچ ٿي وهياس.

بيت جي سمجهاڻي = وڻجارن/سمنڊ جي سوداگرن پرهہ ڦٽيءَ/اسر مهل ٻيڙين جا رسا/ نوڙيون ڪوليون آهن. ٻيڙين جا ونجهہ وغيره ڏسيو منهنجي هانءَ مان سور جو سٽون نڪري ويون. اي امان! هاڻي آئون (جي نہ سگهنديس) مري وينديس. انهن سامونڊين/وڻجارن کي ساري/ڪين ياد ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُــــر ســــامونڊي داســــتان 3 بيـــــت 26 جلــــد 1
كــــاري كيڙائـــــو، منـــــي مـــــور نــــہ موتيـــــا،
ســـــودو كـــــن نــــہ ســــون جـــو، وڏا وهـــــائو،
موتـــــي جـــــي مهـــــراڻ جـــــا، تــــن جــــا طامـــــاعو،
ســــــامونڊي ســــــائو، لنكــــــا لوٽـــــي آيــــــا.

**سائو :**

شيخ = بهادر، دولتمند، شاهوكار
منگهاڻي = ساهو، سهندڙ، برداشت كندڙ، صابر
گنج، صفحو 307
كــــاري كيڙائـــــو، متـــــي منـــــي موتيـــــا،
ســـــودو كـــــن نــــہ ســــون جـــو، وڏا وهـــــائو،
موتـــــي جـــــي مهـــــراڻ جـــــا، تــــن جــــا طامـــــاعو،
ســــــامونڊي ســــــائو، لنكــــــا لوٽـــــي آيــــــا.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 9 (بيت ساڳيو گنج وارو)
قليچ، داستان 3 بيت 9 (بيت شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) سائو = سكر، اشراف، دولتمند
بمبئي ڇاپو، داستان 3 بيت 9:
كــــاري كيڙائـــــو، منـــــي مـــــور نــــہ موتيـــــا،
ســـــودو كـــــن نــــہ ســــون جـــو، وڏا وهـــــائون،
موتـــــي جـــــي معرفـــــت جـــــا، تــــن ۾ طامـــــاعو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســــامونڊي ســــائو، لنڪـــا لوپـــي آيـــا.

هڪ اوائلي نسخو داستان 3 بيت 74:

ڪـــاري ڪيڙائـــو، متـــي منـــي آئيـــا،
ســـودو ڪـــن نـــه ســـون جـــو، وڏا وهـــاعو،
موتـــي جـــي معرفـــت جـــا، تـــن ۾ طامـــاعو،
ســـامونڊي ســـائون، لنڪـــا لوپـــي آيـــا.

قاضي، داستان 2 بيت 9:

ڪـــاري ڪيڙائـــو، متـــي منـــي موتيـــا،
ســـودو ڪـــن نـــه ســـون جـــو، وڏا وهـــاعو،
موتـــي جـــي مهـــراڻ جـــا، تـــن جـــا طامـــاعو،
ســـامونڊي ســـائو، لنڪـــا لوپـــي آيـــا،

سائو = بهادر، لوپي = لٽي، ڦري.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 9 (بيت قاضيءَ وارو)

سائو = معنيٰ ڏنل ناهي. لوپي =لوپڻ = (سنسڪرت، لوپن) لٽڻ، ڦرڻ، لنڪا لوپي آيا = لنڪا مان مال خريد ڪري، اچي گهر پريائون. هي اصطلاح ”رام جي لنڪا لٽڻ“ مان ورتل آهي.

شهواڻي، داستان 3 بيت 9 (بيت قاضيءَ وارو) سائو = بهادر، لوپي = ڦري، لٽي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 9 (بيت قاضيءَ وارو) سائو = شاهوڪار. لوپي = لٽي، ڦري.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 3.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــــاري ڪيڙائـــــو، متـــــي منـــــي موتيـــــا،
ســـودو ڪـــن نـــــ ســـون جـــو، وڏا وھـــائو،
موتـــي جـــي مھـــراڻ جـــا، تـــن جـــا طامـــاعو،
ســـامونڊي ســـائو، لنڪـــا جـــي اوھرئـــا.

قـاسمي، داسـتان 3 بيـت 8 (بيـت شـوقيرام وارو) سـائو = دولتمند.

انصاري، داستان 1 بيت 33 (بيت قاضيءَ وارو) سائو = بهادر.
لوپي = لٽي، ڦري.

بلوچ، داستان 1 بيت 33 (بيت قـاضيءَ وارو) سائو = سائون = وڏي صبـر وارا، وڏي گـردي وارا، حوصلـي ۽ ارادي وارا، گهـڻ ـــ سـھو (جيڪي تڪليف جي شڪايت نٿي ڪانـ ڪن.) لوپي = لوپي آيا = مال ملڪيت گڏ ڪري آئيا، وڏو نفعو ڪمائي آيا.

بيت جون مختلف صورتون ڏسي ضرور اھو اندازو ٿيو ھوندو تـ لطيف جي ڪلام کي صحيح سھيڙڻ ۽ ترتيب ڏيڻ وارو مرحلو/معاملو ڪيڏو اھم ۽ ضروري آھي. جيئن مون متي عرض ڪيو آھي تہ لطيف جو رسالو ترتيب ڏيڻ وارن جا ٻہ وڏا ذريعا آھن. ھڪ بمبئيءَ وارو ڇاپو ۽ ٻيو شوقيرام وارو نسخو پر ھتي اوھان ڏسي ٿا سگھو تـ شيخ صاحب بيت جي پھرين سٽ بمبئي ڇاپي واري ڪنئي آھي تـ وري آخري سٽ شوقيرام/گنج مان ڪنئي آھي. لفظ "لوٽي" گنج، شـوقيرام، قليچ، ۽ قـاسميءَ وارن نسـخن ۾ آيل آھي. جڏھن تـ بمبئي ڇـاپي، ھـڪ اوائلي نسـخي، قـاضي، گربخشـاڻي، شـھواڻي، آڏواڻـي، انصـاري ۽ بلـوچ وارن نسخن ۾ لفظ "لوپي" آيل آھي. لفظ "لـوٽي" سنڌي ٻوليءَ جي مزاج جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي. "لَٽي" تہ ڇٽي سگهجي ٿو پر "لُوٽي" نہ ۽ سنڌي ۾ "لَٽڻ ۽ لوٽڻ" جي معنائن ۾ بہ فرق آهي. "لَٽڻ" جي معنيٰ آهي "ڦرڻ/ڪسڻ" ۽ "لُوٽڻ" جي معنيٰ آهي "جهپڻ، جهٽڻ" جڏهن تہ لفظ "لوپڻ" جي معنيٰ آهي، "لڪائڻ، هضم ڪرڻ (ختم ڪرڻ) ٻيءَ معنيٰ ۾ ڳورڻ، ڳهڻ" سٽ آهي، "سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آيا" معني = سمنڊ تي سفر ڪندڙ صابر، سهندڙ سوداگر سڄو لنڪا ئي لڪائي ڪٽي آيا آهن.

جملو = هيءَ تہ صفا لوپڻ آهي. ٻهرين ٻيءَ يت ٻي ڇيائين هاٽي تنهنجي اڳيان سڄي ڳالهہ لوپي ويئي آهي.

جملو = ڇا ڪريون، ڪيس هارائي وياسين. اسان وارو گواهہ عين موقعي تي سپ لوپي ويو.

لفظ "سائو" جي معنيٰ، مٿي سر جمن داستان 2 بيت 9 ۾ سٽ "اوءِ پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان" ۾ شيخ صاحب "سورهيہ، بهادر، نيڪ يا اشراف" ڏني هئي ۽ ساڳي سر جمن داستان 4 بيت 14 ۾ "پري پتنگ، آئيا، سائو سپ سري" ۾ وري بہ "سورهيہ، بهادر" ڏني آهي، پر "نيڪ ۽ اشراف" نہ ڏني آهي ۽ هن مٿئين بيت ۾ "سامونڊي سائو، لنڪا لوٽي آيا" ۾ لفظ "سائو" جي معنيٰ "بهادر، دولتمند، شاهوڪار" ڏني آهي" ڇو جو هتي واپارين ۽ سوداگرن جو ذڪر آهي سو شيخ صاحب اندازو لڳايو تہ ضرور اهي دولتمند ۽ شاهوڪار هوندا! تڏهن تہ سڄو لنڪا خريد ڪري آيا آهن ۽ تقريبن سيني شارحن لفظ "سائو/ساهو" جي معنيٰ حالتن پٽاندر ڏني آهي، سواءِ بلوچ صاحب جي، جنهن لفظ "سائو/ساهوءَ" جي معنيٰ درست ڏني آهي. باقي بيت جي سمجهاڻي اهڙي صورت ۾ ڪيئن تي ڏيئي سگهجي جو سٽن جي صورتحال ئي مختلف آهي. شيخ صاحب واري نسخي ۾ آهي تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪـــاري ڪيڙائـــو، منـــي مـــور نـــہ موتيـــا “

معنيٰ = سمنڊ کي جهاڳيندڙ، مني (درياهہ) تي وري ڪڏهن بہ نہ موتي آيا.

جي اهي سوداگر مني تي وري ڪڏهن بہ نہ موتيا، تہ پوءِ اهي لنڪا لٽي، ڦري، ڪسي ڪيڏانهن ويا؟ جڏهن تہ گهڻن نسخن ۾ هيئن آهي. ”ڪاري ڪيڙائو، متي مني موتيا“ معنيٰ = ڪاري (سمنڊ) کي ولوڙيندڙ وري مني (سنڌو درياهہ) ڏانهن موٽي آيا/ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي آيا ۽ لفظ ”لوٽي ۽ لوپي“ کان علاوه ڏيپلائي صاحب واري بيت ۾ وري نئين صورتحال آهي ”ساموندي سائو، لنڪا جي اوهريا“!

سـر سـاموندي داسـتان 4 بيـت 12 جلـد 1

اولا ڪٽـي اوءِ، پڳهـ چـوڙي پنـڌ تيـا،
آيـل، سـاموندين جـي، آهـي اڙانگـي جـوءِ،
ڪـڏهن ڏسـنديس روءِ، وري هـن اکيـن سـين.

روءِ :

شيخ = (وڻجارن جي) شڪل، منهن
منگهاٽي = رنگ، رت، رنگت
گنج، صفحو 310
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 7
قليچ، داستان 2 بيت 7
لغات لطيفي (قليچ) روءِ = صورت، حالت، شڪل، منهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 3 بيت 9، روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 7، روءِ = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 2 بيت 7، روءِ = منهن.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 7، روءِ = مهاندو
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 9،
قاسمي، داستان 2 بيت 7، روءِ = منهن
انصاري، داستان 2 بيت 7، روءِ = منهن، صورت، نمونو، روبرو.
بلوچ، داستان 3 بيت 6، روءِ = معنيٰ ڏنل ناهي.
لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 234 روءِ = رخ، نمونو، رنگ، صورت، حالت.

لفظ "روءِ" بابت مٿي سر جمن داستان 3 بيت 2 سٽ آهي، "اچي پسو روءِ، جي آئين ويساھ نہ وسهو" جتي شيخ صاحب "روءِ" جي معنيٰ "روبرو، منهان منهن" ڏني هئي ۽ سر ڪنيات داستان 1 بيت 11 سٽ آهي، "هن تاري هن روءِ، هت منهنجا سپرين" جتي هن لفظ "روءِ" جي معنيٰ "رخ ڏانهن، طرف ڏانهن" ڏني هئي ۽ هتي ساڳئي لفظ "روءِ" جي معنيٰ "(وٽجاري جي) شڪل، منهن" ڏني اٿس. جيئن تہ هن لفظ جي مٿي سمجهاڻي ڏني اٿم، هتي رڳو اهو ڏيکارڻو هو تہ جڏهن ڪنهن لفظ جي لفظي معنيٰ بدران معنوي معنيٰ يا بيت جي مفهوم موجب معنيٰ ڏيڻ سان ڪيتريون صورتون نظر ٿيون اچن. بيت جي تفسير، سمجهاڻي، معنوي معنيٰ هر ڪو پنهنجي سوچ، سمجهہ آڌار ڏيئي سگهي ٿو. لطيف سيني جو آهي ۽ سيني کي اهو حق هڪ جيترو حاصل آهي تہ بيت جو مفهوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي مسلڪ، فرقي، فڪر ۽ ادراڪ موجب ڏي/ڪڍي! اهو تہ هر ماڻهوءَ جي اندر جو فيصلو آهي. اهو سيني تي مڙهڻ/ٺوڦڻ جو حق ڪنهنکي بہ ناهي. ايئن ئي لفظ ”روءِ“ کي جي ڪو ”منهن، مهاندو“ چوي ٿو يا ”خوشي، رونق ۽ چهرائي“ چوي ٿو يا ”رخ، طرف“ ۽ ”صورت، نمونو، روبرو، منهان منهن“ چوي ٿو تہ اهو سچو عمل سندس ذاتي سوچ، سمجهہ، ڄاڻ جو آهي، نہ ڪي لفظ ”روءِ“ جي معنيٰ، جيڪو اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو ڳالهائين ۽ سمجهن ٿا.

جملو = پنهنجي سنڀال ڇو نٿي ڪرين! سدا اُجڙي، اُپاتي آهين. اڳ تہ تنهنجي روءِ ٽاندي وانگر ٻرندي هئي، هاڻي تہ ڦلهيار تي ويئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = هو ونجهہ ڪٽي، رسا کولي سفر تي هليا ويا. اي امڙ، سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارن جو هنڌ ۽ ماڳ ڏاڍو ڏکيو/اوکو آهي. آئون وري ڪڏهن انهن (پنهنجن پيارن) جو رنگ روپ پنهنجي اکين سان ڏسي سگهنديس.

سر ساموندي داستان 4 بيت 15 جلد 1
سڙهہ تي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
سڙهہ سبي ساڄا ڪري، ڪوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون،
لهرون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.

## ساڄا :

شيخ = مضبوط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = سيڌا، سبتا

گنج، صفحو 304

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 14

قليچ، داستان 4 بيت 14

لغات لطيفي (قليچ) ساڄا = ساڄ = سچا، سنوان، چڱا، ساڄو ٺيڪ = تيار ٺيڪ، اٽڪ، سنبرڪ.

قاضي، داستان 3 بيت 16 ساڄا = تيار، هشيار

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 14 ساڄا = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 2 بيت 14 ساڄا = سچا، مضبوط، سنا.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 14 ساڄا = پختا

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 16

قاسمي، داستان 2 بيت 14 ساڄا = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 14 ساڄا = تيار، هشيار

بلوچ، داستان 1 بيت 42 ساڄا = معنيٰ ڏنل ناهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 242 ساڄا = تازا، توانا، سوڌا، پڪا، پختا. ساڄو = سولو.

هي لفظ متي سر سريراڳ داستان 7 بيت 4 ۾ سٽ آهي:

"ساموندي تو سنبهين، ساڄو جهل سکاڻ" ۾ واحد صورت ۾ "ساڄو" آيل آهي، جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "قابو ۽ سوگهو" ڏني هئي. هتي ساڳيو ئي لفظ جمع "ساڄا" آيل آهي جنهنجي معنيٰ شيخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب”مضبوط“ ڏني آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”ساڃو/ساڃا“ ۽ واحد/جمع مونث ”ساڃي/ساڃيون“ آهي.

جملو = منهنجي ساڃي ٻانهن ۾ تڪليف آهي.

جملو = منهنجو وري ساڃو پير تو ڏکي.

سٽ آهي، ”سڙهه سڀي، ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون“

معنيٰ = انهن (ساموندين) سڙهه/ بادبان (ڪپڙن مان) سڀ سيڌا/سبتا ڪري ڪوهن/ڊگهن ڪاٺن (جن ۾ بادبان ٻڌل هئا) ڪي مٿي ڪنيو/چاڙهيو.

آئون هڪڙي ڳالهه ٻڌائيندي هلان تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي وسيع ۽ لامحدود ٻوليءَ ۾ هڪ هڪ شيءِ لاءِ ڪيئي نالا هوندا آهن. جيئن ”سيڌي“ کي ”سيڌو، سِڌو، سبتو ۽ ساڃو“ تو چئجي، ايئن ئي ”ڪٻي“ کي ”ڪاٻو، ابتو ۽ ڪُنجهو“ تو چئجي.

بيت جي سمجهاڻي = جن، بندر جي تڙن/ڪنارن تي سڙهه/بادبان ٿي سبيا. انهن سڙهن کي سڀي سيڌا/سبتا ڪري ڪاٺن سان مٿي بادبان ڪٽي ڪولي ڇڏيا. جهنديون سمنڊ ۾ پهچي ڇوڙي ڇڏيائون ۽ اهي (الله جي رحم سان) سيئي لهرون لنگهي پار پئجي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـُـر ســامونڊي داســتان 4 بيــت 16 جلــد 1

ســڙهہ تــي ســبيائون، بنــدر جــن تــڙن تــي،
مــُــلا معلــم خبــرون، پڇــي پوريــائون،
ســتڙ ســوناڻون، اوتــڙ ڪنهــن نــہ اوليــا.

**پوريائون :**

شيخ = ٻيڙي يا جهاز هاڪاريائون يا هلايائون

منگهاڻي = بند ڪيائون، موڙيءَ ۾ ٻڌائون.

**سوناڻون :**

شيخ = ڳولي لڌائون

منگهاڻي = سڃاتائون

**اوليا :**

شيخ = ڏڪجي ويا، توائي تي ويا.

منگهاڻي = ڦاسايا

گنج، صفحو 304

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 176 بيت 933

شوقيرام، داستان 2 بيت 15

قليچ، داستان 2 بيت 15

لغات لطيفي (قليچ) پوريائون = پوريا = پنڌ ڪيا، پهچي سگهيا، وڃي لنگهيا.

سوناڻون = سڃاڻڻ، لهڻ، سهي ڪرڻ ڏسڻ اختيار ڪرڻ، پنڌ ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوليا = اولجڻ = لڙھڻ، ٿيلھجڻ، ڦاسڻ.

قاضي، داستان 3 بيت 17 پورياڻون = پوريان = ھليا، روانا ٿيا. سوناڻون = ڳولي لڌاڻون. اوليا = اوليو = لڙھيو، پٿڪيل، نيلھيل.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 15 ھن بيت ۾ ڪنھن بہ لفظ جي معنيٰ ڏنل ناھي.

شھواڻي، داستان 2 بيت 15، پورياڻون = اسريا، ھليا.

سوناڻون = ڳولي لڌاڻون. اوليا = لوڏيا، تنگ ڪيا، پوئتي ڇڏي ڏنا.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 15، پورياڻون = اسھيا. سوناڻون = ڏوري لڌاڻون. اوليا = گمراھ ڪيا.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 17

قاسمي، داستان 2 بيت 15، پورياڻون = ناھي. سوناڻون = لڌاڻون .اوليا = ناھي.

انصاري داستان 2 بيت 15، پورياڻون = ھليا، روانا ٿيا. سوناڻون = ڳولي لڌاڻون. اوليا = اوليو = لڙھيو، پٿڪيل، نيلھيل.

بلوچ، داستان 1 بيت 23، پورياڻون = ھاڪارياڻون، روانا ٿيا، (اوڏانھن جيڏانھن وڃڻ وارا ھئا) سوننائون = جانچياڻون، نظر ۾ ڪياڻون، رخ ۾ رکياڻون، وڃي ڏناڻون. اوليا = ٿيلھجي ويا.

لفظ "پورياڻون" متي سامونڊي داستان 1 بيت 6 ۾ "پوري" واري صورت ۾ آيو آھي. سٽ آھي "مچڻ ڏيھ وڃن، ناريون پوري ناڪئا" جتي لفظ "پوري" جي معنيٰ شيخ صاحب "ويڙھي" ڏني آھي ۽ ھتي ساڳيو لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پورياڻون“ جي صورت ۾ آيل آهي ان جي معنيٰ ”ٻيڙي يا جهاز هاڪارياڻون يا هلاياڻون“ ڏني آهي جيڪا معنيٰ آهي لفظ ”پُرڻ“ جي ۽ لفظ ”پُورڻ ۽ پرُڻ“ ٻه ڌار، مختلف معنائون رکندڙ لفظ آهن. ”پورڻ“ جي معنيٰ آهي ”بند ڪرڻ، ڍڪڻ“ جڏهن ته ”پُرڻ“ جي معنيٰ آهي، ”هلڻ، پنڌ ڪرڻ“ (پُريا متي پنڌ...) پر شيخ صاحب سميت سيني شارحن ”پوري ۽ پورياڻون“ جي معنيٰ ”پُرڻ“ واري ڏني آهي، يعني ”هلڻ، وڃڻ، اسهڻ، هاڪارڻ ۽ روانو ٿيڻ“. سٽ آهي، ”ملا معلم خبرون، پڇي پورياڻون“

معنيٰ = وڏن ناڪئن/سمنڊ جي ماهرن سان ملي انهن کان مليل معلومات ڳنڍ ۾ بند ڪري، ڍڪي، محفوظ ڪياڻون.

جملو = وڏائي رڳو الله کي جڳائي. فلاڻي ملڪيت تي ڪيڏو وڏائو ٿي ڪيو پر اڄ مُٺي ڪان پوءِ وجي مٽيءَ ۾ پورياڻونس.

جملو = چور کي پوليس جي حوالي نه ڪياڻون پر پاڻ وٽ پورياڻون آهي.

ٻيو لفظ آهي ”سوناڻون“ جيڪو متي سر جمن داستان 7 بيت 7 آيو آهي. سٽ آهي ”سگر سوننائون“ ٿيا رسيلا رحمان سين. ” جنهنجي معنيٰ پڻ سيني شارحن ”ڳولي لڌائون، اختيار ڪياڻون، رخ رکياڻون، جانچياڻون، نظر ۾ رکياڻون وغيره“ ڏني آهي. مون متي لفظ ”سوننائون“ جي معنيٰ ڏني آهي جيڪا آهي ”سجاتاڻون“.

جملو = مونکي هونئين سونهون ڪياڻون جاءِ ته پاڻ ئي سوننائون.

جملو = هنڌ ماڳ سڀ سوننائون تي رڳو اٽڃاٽائي جو مکر ڪري ماٺهو مَڃَ ڪياڻون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو لفظ آهي ”اوليا“ جنهن جي معنيٰ ڏکجي ويا، تولائي ٿيا، لڙهيا، لوڏيا، پٽڪي ويا، گمراهہ ٿيا، ٿيلهجي ويا، ميڙي گڏ ڪيا.“ ڪئي وئي، ايتريقدر جو متضاد معنائون ڏينديءَ بہ ڏيان نٿا ڪن تہ هڪ هنڌ ”ڏکجي ويا“ تہ ٻي هنڌ، ”گڏ ٿيا“ جي معنيٰ ٿا ڏيون. لفظ ”اوليا“ جي معنيٰ آهي ”ڦاسايا“ ”سمنڊ سوجهي جن، آٿي امل اوليا“ معنيٰ = جن سمنڊ کي ڦولهي اٿملهہ موتي ڦاسائي آندا“ ۽ هن متين بيت جي سٽ آهي. ”سڙ سوننائون، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا“ معنيٰ = انهن سنو ۽ سٺائيءَ وارو ڪنارو سڃاتو ۽ ڪين ڪنهن بہ خراب تڙ نہ ڦاسايو.“

جملو = لطيف جا لفظ شارحن ۾ اڇي اوليا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = بندر جي جن تڙن تي سڙهہ سبيائو ڪي،

(اتي) وڏن ناکئن/ماهرن/سڄاڻ ٻيڙياتن سان مليءَ، انهن کان (سمنڊ بابت) معلومات/ڄاڻ/پار پتا پڇي اهي سڀ پنهنجي اندر (دل ۾) بند ڪيائون/پلئہ ۾ ٻڌائون ۽ وچي سٺائو تڙ سڃاتائون (انهن ئي معلومات آڌار) ڪين ڪنهن بہ ڏکي ۽ اڙانگي تڙ نہ ڦاسايو. (ڇو جو اهي اڳ ئي سڄاڻ سونهن کان پار پتا پڇي نڪتا هئا ۽ هر ڳالهہ ۽ خطري وارن هنڌن کان آگاهہ ۽ باخبر هئا)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـامونڊي داسـتان 4 بيـت 17 جلـد 1

ســڙهہ ٽــي ســبيائون، بنــدر جــن تــڙن تــي،
ســرتيون ســامونڊين جــون، ڏڳيــون ڏڄــائون،
آيــل تــن آئــون، موٽيــو ڪيــن وســهان.

## ڏڳيون :

شيخ = دونڪيون، چمڪيون، ڏوراهين مفاصلي تان ڏسڻ ۾ آيون.

منگهاڻي = لرزيون، ڏڪيون، ٿڙڪيون.

## ڏڄائون :

شيخ = (واحد ڏڄا) بيرق، بيرق واري ٻيڙي.

منگهاڻي = ڪپڙي جون ٽڪريون/ٽڪر

گنج، صفحو 304

هي بيت برٽش واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ ويندي بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ موجود ناهي.

بلوچ، داستان 1 بيت 25:

ســڙهہ ٽــي ســبيائون، بنــدر جــن تــڙن تــي،
ڪوهــا ســڙهہ اوليــون، قلميــون ڪيــائون،
آيــل تــن آئــون، موٽيــو ڪيــن وســهان.

جيئن اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحب وارو بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي (۽ هن ضرور گنج مان ئي ڪنيو آهي) ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ صاحب، واري نسخي ۾ آيل بيت جي صورت ۾ اوهان ڏٺي جنهن ۾ پهرين ۽ آخري سٽ ٻـ ساڳيئي گنج واري آهي پر وچ واري سٽ مختلف آهي، جيڪا گنج ۾ آيل صفحي 304 تي مٿئين بيت ڪانپوءِ واري بيت جي آهي. گنج جو بيت آهي:

ســـڙهه تـــي ســـبيائون، بنـــدر جـــن تـــڙن تـــي،
ڪوهـــا ســـڙهه اوليـــون، قلميـــون ڪيـــائون،
پنيـــو مدائـــون، ڪنـــڌ ڪيڙائـــو آئيـــا .

۽ بلوچ صاحب گنج وارن ٻنهي بيتن کي ملائي هڪ نئون بيت ڏنو آهي، جنهن لاءِ وٽس اهو جواز آهي تـ "پهرئين بيت واري ٻي سٽ داستان 4 بيت 22 ۾ موجود آهي. ٻئي بيت جي آخري سٽ ٻـ داستان 4 بيت 22 ۾ موجود آهي، انهيءَ ڪري انهن ٻن بيتن مان باقي سٽون ڪنيون ويون آهن." مختلف بيتن ۾ ساڳين سٽن جي جيڪا ڳالهـ بلوچ صاحب ڪري ٿو، ۽ جنهنجي ڪري ڪيس بيتن کي نئين سر ناهڻ واري مجبوري درپيش آئي ان لاءِ عرض تـ، اها ساڳي صورتحال/مجبوري سر ڪنڀات داستان 1 بيت 7 ۾ ٻـ آهي. سٽ، "سباجهي سيٽين، پائي ڳـڻ ڳهيو هنيون" سر سامونڊي داستان 4 بيت 1 ۾ ٻـ ساڳيئي آهي. جتي بلوچ صاحب رڳو هڪ لفظ کي پنهنجي مرضيءَ جي شڪل ڏني آهي. يعني لفظ "ڳهيو" کي بنا ڪنهن جواز جي، "پڳهيو" ڪري ڇڏيو آهي ـ يعني "سباجهي سيٽين، پائي ڳـڻ پڳهيو هنيون" ۽ گنج ۾ آيل سٽ، "سرتيون سامونڊين جون، ڏڳيون ڏڄائون" کي ايئن ڇٽي بيت مان خارج ڪيو آهي تـ اها سٽ هڪ ٻئي بيت ۾ آيل آهي. جنهن سٽ کي ٻـ بلوچ صاحب پنهنجي نسخي ۾ هيئن آندو آهي: آيل وٽجارن جون، تيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنئڪن ڏڄائون" ـ يعني سٽ ۾، "سرتيون" بدران "آيل". "سامونڊين" بدران "وڻجارن" ۽ "ڏڳيون" بدران "ڏنئڪن" وارا فرق آهن. جيتوڻيڪ "سرتيون ۽ آيل، ۽ "سامونڊين ۽ وڻجارن" وارو فرق اهم هوندي بہ معنيٰ جي لحاظ کان وڏو فرق نٿو ٿيئي، پر "ڏڳن ۽ ڏنئڪن" ۾ معنيٰ جي لحاظ سان تمام وڏو فرق آهي. جيئن تہ لفظ "ڏڳن" جي معنيٰ سيني شارحن "ٻرن ۽ چمڪن" ڏني آهي ۽ لفظ "ڏنئڪن" جي معنيٰ پڻ "چمڪن ۽ تجلا ڪن" آهي سو ضرور انهن لاءِ اهو فرق معموليءَ کان بہ معمولي هجي جيڪو محسوس بہ ڪري نہ سگهجي پر "ڦڙڪن ۽ لرزن" ۽ "چمڪن ۽ تجلا ڏين" وارو فرق جي سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهجي تہ اهو ئي فرق آهي، "ڏڳن ۽ ڏنئڪن" ۾ ۽ لطيف جون هي سٽون، "ڪوها ڪٽن، وڙڪن اپيون وائنيٿون" يا، "چمڪن چوڏار، ڏڄيون ڏاڙيچن جون" پڻ ڏسو.

اڳ لفظن جي غلط ڏنل معنائن جو خوف هو، هاڻي تہ هنڌ ماڳهين، "شاهہ جو رسالو" هٿن مان نڪرڻ وارو خوف وڪوڙي ويو اٿم، سو چاهينديس تہ، اوهان ڪي حال پائي سمجهي حال اوريان، لطيف جي ڪلام کي صحيح طريقي سان سهيڙڻ جو هي شايد آخري موقعو هجي! اڄو تہ پنهنجا ذهن صاف رکي عظيم سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر جو پاڻ تي فرض/قرض سمجهي، سيئي گڏجي، ننڍ وڏائيءَ جو فرق مٽائي هڪ جيڏا ٿي سڀ انفرادي سوچ تي اجتماعي سوچ کي حاوي ڪري، پنهنجون ذاتي ڳالهيون، ڪم ڪاريون پاسيرا رکي سک بہ ڦٽائي، لطيف جو ڪلام هنڌان ماڳان، ميڙي چونڊي، ڳولي ڦولهي، گڏي سڏي هڪ هنڌ مُڇَ ڪري پيٽي زير زبر پيش درست ڏيئي، صحيح اچار قائم ڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچيون معنائون ڏيئي "شاهه جو رسالو" نئين سر ترتيب ڏيئي سنڌي ٻولي ۽ لطيف اڳيان سرخرو ٿيون، نه ته ٻيءَ صورت ۾ لطيف جو ڪلام پنهنجي اصلي صورت وڃائي وهندو ۽ لطيف جا لفظ، حرف، سٽون، بيت/وايون سيپئي واويلا واويلا رڙ ماتام ڪندا هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ڇاتيون ڪُٽيندا پڙيون ڪندا نظر ايندا ۽ ڪي ته ان ڊوڙ ۾ پنهنجون حياتيون وڃائي رسالي کان ٻاهر نڪري ويندا ۽ ڪي بيت ۽ وايون فارمي ڪڪڙين جيان گهٽي کان گهٽا آنا لاهيندي نظر ايندا. متئين بيت ۾ آيل ٻن لفظن "ڏڳن ۽ ڏڇائون" جي مڪمل جملن سان تفصيلي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم ۽ هتي رڳو بيت جي صحيح/غلط صورت ڏانهن اشارو ڪرڻ مقصود هئم.

سر ساموندي داستان 4 وائي 2 جلد 1

اَئين اڇي پسو جيڏيون، هي جو حال منهنجي جندڙي.

سٽ 2: پائي ويڙا پير ۾، منجهان ڪَرَسَ ڪسو.

**ڪَرَسَ :**

شيخ = ناز نخري يا لاڏ ڪوڏ مان

منگهاڻي = چڙ، خار

گنج صفحو 295 ۽ 296 (پائي ويڙا پير، مَنَ جا ڪرس ڪسو.)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 وائي 1 (پائي ويڙا پير ۾، منجهان ڪرس ڪسو)

قليچ، داستان 3 وائي 1 (شوقيرام واري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 2 وائي 1 (ڪرس ڪسو) ڪرس = لاڏ ڪوڏ، ناز نخرو.

گربخشاڻي، داستان 3 وائي 1 ڪرس = (مرھٽي. ڪوس/سنسڪرت، ڪليرشَ)

1. ڪاوڙ، غصو، 2. نفرت، ڏڪار، 3. ناز نخرو. (سهٽيءَ ۾، ساھڙ ڏار سوھٽي، ڪوٺيون ڪن ڪرس)

شهواڻي، داستان 3 وائي 1، ڪرس = ڪاوڙ، نفرت

آڏواڻي، داستان 3 وائي 1، ڪرس = ڪاوڙ، ڏمر.

ڏيپلائي، داستان 3 وائي 1، (ڪرس)

قاسمي، داستان 3 وائي 1، ڪرس = ڪاوڙ.

انصاري، داستان 3 وائي 1، ڪرس = لاڏ ڪوڏ، ناز نخرو.

بلوچ، سر سامونديءَ ۾ ھيءَ وائي موجود ناھي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 377، ڪَرسَ ڪسو = ڏيڻ، ڪرس گاھہ مان نهيل ڪوسڙو (جتو). ڪِرسَ = تڪ، تخمينا، بهانا (ڪوٺيون ڪن ڪِرس)

عظيم سنڌي ٻولي جي لفظن ۾ اچارن جو ڪو انت ڪو ڇيھہ ئي ڪونهي. ان ۾ ھر ڪيفيت جي اظهار لاءِ طاقتور لفظ مستعد نگران بنجي نگهبانيءَ لاءِ موجود آھن. شرط اھو آھي تہ ماڻهوءَ کي سنڌي ٻولي پوري ايندي ھجي ۽ ٻولي اچڻ لاءِ وري اھو شرط آھي تہ ان لاءِ ماڻهو سنجيده ھجي ۽ پنهنجي گهر ۾ ڏارين ٻولي ڳالهائڻ کان ٽارو ڪجي. ھي دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ اسين سڀ ڄاڻو ٿا تہ نهايت اوکو بلڪہ خطرن مان ڇڪار دور آھي، جنهن ۾ ڏارين سان گڏ پنهنجا بہ سندس خلاف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪات ڪھاڙا ڪٺي بيٺا آھن ۽ ھو پنھنجي گھر ۾ پنھنجي ٻارن سان پنھنجي ٻولي ڳالھائڻ ۾ گھٽتائي محسوس ٿا ڪن. اھو ئي سبب آھي جو وڏي سوسائٽيءَ جو سنڌي نوجوان پرائي وات سان مس انڌي منڌي سنڌي ڳالھائيندو آھي. اھڙي صورت ۾ ٻوليءَ جي بادشاھ لطيف سرڪار کي ڪير ڪيئن پڙھي ۽ سمجھي سگھندو؟ اھا ته ٿي عام ماڻھوءَ لاءِ عام ڳالھه، پر جيڪي عالم آھن، محقق ۽ شارح آھن، جن جو چيو ۽ لکيو پٿر تي ليڪو سمجھيو ويندو ھجي، انھن لاءِ ته وڏيڪ علم، وڏيڪ ڄاڻ، وڏيڪ جاکوڙ ۽ وڏيڪ ڪشالا ڪڍڻ جي ضرورت آھي ۽ جن کي ٻولي خاص ڪري لطيف جي ٻولي اچڻ گھرجي ۽ ڀرين پاڻ انھن کي سڀ ڄاڻڻ سمجھڻ گھرجي ۽ لطيف جي لفظ لفظ جي معنيٰ ۽ پس منظر کان واقفيت ذاتي طور ھئڻ گھرجي ۽ ايئن اھو ٿيندو سمجھڻ وارو ڀريون ڏاکو، باقي سمجھائڻ وارو مرحلو ته اچا ئي پري جي ڳالھه آھي جنھن کي ھر دور ۾ آسان سمجھيو ويو آھي، جيڪو آسان ڪونھي. اھو ئي سبب آھي جو اڄ "شاھ جو رسالو" ھر پاسي کان چنڊڇاڻ گھري ٿو.

مٿي وائيءَ ۾ آيل لفظ "ڪرس" جي معنيٰ شيخ صاحب "ناز نخرو، لاڏ ڪوڏ مان" ڏني آھي جيڪا قاضي، گربخشاڻي ۽ انصاريءَ پڻ ڏني آھي. جڏھن ته گربخشاڻيءَ "ڪاوڙ، غصو، نفرت ۽ ڌڪار" به ڏني آھي، جيڪا معنيٰ وري شھواڻي، آڏواڻي ۽ قاسميءَ پڻ ڏني آھي. قليچ صاحب واري وائيءَ ۾ لفظ "ڪرس" بدران "ڪرس" آيل آھي جنھنجي معنيٰ سندس "لغات لطيفيءَ" ۾ "ڪرسائي، حرڪت، گيسرو، سيڙ، کوسڦٽائي" ڏنل آھي ۽ بلوچ صاحب لفظ "ڪرس" جي معنيٰ "ڏين مثل ڪرس گاھ مان نھيل کوسڙو (ڄتو)" ڏني آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "ڪِرسَ" اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ ڳالھايو ۽ سمجھيو ويندڙ لفظ آھي جنھنجي معنيٰ آھي، "ڇڙ ۽ خار". "ڪرسڻ" معنيٰ "ٻي تي خار ڪائڻ" "ناز نخرو. لاڏ ڪوڏ" تہ بلڪل اونڌي ۽ متضاد معنيٰ آھي، پر "نفرت، ڏڪار، ڪاوڙ ۽ ڏمر" بہ لفظ "ڪِرسَ" جي معنيٰ ڪانھي. ڪرسندو" اھو ماڻھو، جنھن جي اندر ۾ ڪوٽ ۽ بغض ھوندو ـ يعني، جيڪو اندر جو صاف نہ ھوندو، ڪوٽو ھوندو، اھو "ڪِرِسَ" ڪندو. اجا بہ آئون ڀانيان ٿي تہ لفظ "ڪرس" جي اھا معنيٰ جنھن معنيٰ ۾ اھو لفظ جبل ۾ ڳالھايو ويندو آھي شايد سمجھائڻ ۾ مڪمل ڪامياب نہ ٿي آھيان. لفظ "ڪرس" جي معنيٰ لاءِ "ڇڙ ۽ خار" ويجھا تہ آھن، پر ساڳيا ناھن. ٿي سگھي ٿو تہ جملا مدد ڏيئي سگھن.

جملو = آئون تہ ڪيس ڀائيندي ۽ عزت ڏيندي آھيان، پر ھوءَ الائي ڇو ٿي مونتي ڪِرِسي.

جملو = ھوءَ تو ڪان ھر ڳالھہ ۾ گھٽ آھي، ان ڪري ٿي تو تي ڪرسي.

جملو = منھنجي نيت صاف آھي، پاڻھي ڪرسي ڪرسي ڪُسي ويندي.

سٽ آھي. "پائي ويڙا پير ۾، منجھان ڪرس ڪسو".

معنيٰ = ھو ڇڙ ۽ خار (ڪوٽ واريءَ) مان جتا پيرن ۾ پائي ھليا ويا.

سر سامونڊي داستان 4 وائي 3 جلد 1

ڏک لاھيندا ڏونگر وو ماءِ، پرين سا مونکي سيئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـت 2 : ڏاڍي ذات جتـن جـي، ويـڙا ڏيـل ڏهـي.

**ڏهي :**

شيخ = ساڙي، جلائي.

منگهاڻي = ٽڪر ڪري، ٽڪريون ڪري، ٽڪرن ۾ ورهائي، ذرا ذرا ڪري، اڌ ڪري.

سٽ 5: آئون ڏوريندي ان کي، رائيءَ رات رهي.

**رائي :**

شيخ = رائي ۾، جبل ۾

منگهاڻي = ريتيءَ ۾، راپي ۾، ريگستان ۾، رڻ بيابان ۾.

گنج، صفحو 298

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 وائي 2.

قليچ، داستان 3 وائي 2

لغات لطيفي (قليچ) ڏهي = معنيٰ ناهي. رائي = جبل جي ريتي، جبل.

قاضيءَ واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

گربخشاڻي، داستان 3 وائي 2 ڏهي = ڏهڻ (سنسڪرت، دَهَ) ساڙڻ، جلائڻ رائي = رائيءَ ۾، واريءَ ۾، بيابان ۾.

شهواڻي داستان 3 وائي 2، ڏهي = ساڙي، جلائي، رائي = واريءَ ۾، بيابان ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 3 وائي 2، ڏهي = جلائي، ساڙي.

ڏيپلائي، داستان 3 وائي 2.

قاسمي، داستان 3 وائي 2 ڏهي = ساڙي. رائي = واريءَ ۾.

انصاري، واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

بلوچ، واري نسخي ۾ هيءَ وائي سر سامونديءَ ۾ ڪونهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 212، ڏهي = ڏهيون، بڇيل ڏاڳا ڏورا، پوچڙ (لوئيءَ مان) صفحو 225، رائي = رائو = رستي واري رئي، سنهين پٽرائين زمين.

وائيءَ ۾ آيل پهريون لفظ "ڏهي" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ساڙي، جلائي" ڏني آهي ۽ ٻئي سيني شارحن اها ئي معنيٰ ڏني آهي. سواءِ بلوچ صاحب جي جنهن "ڏهيون، بڇيل ڏاڳا، ڏورا، پوچڙ (لوئيءَ جا)" ڏني آهي. هي لفظ واحد ڏهي" ۽ جمع، ڏهيون" آهي جنهنجي معنيٰ آهي "تڪر/تڪريون" لطيف به ساڳيئي لسبيلي ۽ ڪوهستان واري ان معنيٰ ۾ لفظ "ڏهي/ڏهيون" آندو آهي. اسانجا وڏڙا اڄ به اهو لفظ ڳالهائيندا آهن. منهنجي گهر ۾ هي لفظ ڳالهايو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ۽ آئون پاڻ به سمجهان ۽ ڳالهايان ٿي. منهنجو هڪ پراڻو غزل آهي. جنهن ۾ مون لفظ "ڏهي" جمع واري صورت "ڏهيون" ۾ آندو آهي. شعر آهي:

"انـــــدر ســـــارو ڏهيـــــون ڏهيـــــون،
ٻـــــُـــسيون گـــــذرن پيـــــون وهيـــــون."

جملو = سنڌ سان ٿيل هاڃن جون ڳالهيون ٻڌي هنيون ڏهيون ٿي ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ڪپڙي جي ڏھي ڪٽي آئي آھين. ٻڌاءِ ، ھن ڏھيءَ مان ڪھڙا ڪپڙا سبان؟

سٽ آھي، ”ڏاڍي ذات جتن جي، ويڙا ڏيل ڏھي.“

معنيٰ = جتن (پنھونءَ جي مائٽن) جي ذات ئي سگھي ۽ زوراور آھي؛ منھنجي جسم/ڪايا کي ٽڪر ڪري ھليا ويا.

سر مارئيءَ ۾ آھي:

”پانڌي پريـن پنوھـار سـين، روئـي ڪـج رھـاڻ،
جيئـن تـر وڃـون وٺيـون، تيئـن آئـون سـورن سـاڻ،
ڪجـاڻ ڪـا وارڻ، ڏڪـن ڏيـل ڏھيـون ڪيـو.“

يـا، ”ڏھيـون تـوءِ ڏيکاريـان. (مـارئي)

ٻيو لفظ آھي ”رائي“ جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب ”رائي ۾، جبل ۾“ ڏني آھي. جڏھن تہ ”رائي ۽ جبل“ ٻہ متضاد لفظ آھن. رائي/ريتي مٽي يا سنھن پٿرن جو مجموعو آھي، جنھن جي گھٽائي ۽ پکيڙ ۾ ھئڻ، رڻ، بيابان، ريگستان“ جو جنم آھي. (ايڪالاجي تبديل ٿيڻ جي ڪري ۽ سڪل درياھن ۽ نئين جي پيٽ ۾ ٿيندي آھي)

سٽ آھي. ”آئون ڏورينديس ان کي، رائي رات رھي.“ معنيٰ = آئـون انھـن کـي رڻـن، ريگسـتانن ۾ راتيـون رھـي/ٽڪـي ٻـ ڳوليندس/نھاريندس.

”رائي“ جبل ناھي ريتي آھي.

جملو = چانور ڪھڙا وٺي آيو آھين. صفا جھڙا رائي.

جملو = واءُ گھڻو ھو، اک ۾ رائي پئجي ويئي آھي.

مٽي سٽن جي سمجھاڻي اچي ويئي آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ســامونڊي داســتان 5 بيــت 11 جلــد 1

اجــا اســاري، متــي تــڙ ڳڌاريــن،

تــو ڪيئــن وســاري، ســنگت ســامونڊين جــي.

## اساري :

شيخ = غافل، سست

منگهاٽي = غائب دماغ، بنا هوش حواس جي (جنهنجو ذهن ستل هجي).

هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

بمبئي ڇاپو داستان 1 بيت 36

آهيــن اســاري، متــي تــڙ ڳڌاريــن،

تــون ڪيئــن وســارين، ســنگت ســامونڊين جــي.

هڪ اوائلي نسخو داستان 1 بيت 37، (بيت بمبئي ڇاپي وارو)

قليچ، داستان 1 بيت (1) (ڏنگين ۾)

آهيــن اســاري، متــي تــڙ ڳڌاريــن،

تــو ڪــي وســاري، ســنگت ســامونڊين جــي.

قاضي، داستان 1 بيت 37:

اســاري آهيــن، متــي تــڙ ڳڌاريــن،

تــون ڪيئــن وســارين، ســنگت ســامونڊين جــي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 37:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيـــــن اســــــاري، مٿــــــي تـــــڙ گذارئيـــــن،
توڪــــي وســــاري، ســـنگت ســـاموندين جـــــي.

بلوچ داستان 2 بيت 22:

آهييـــــن اســــاري، مٿـــــي تـــــڙ گذارئيـــــن،
تـــو ڪيئـــن وســاري، ســـنگت ســاموندين جـــي.

ڪتاب املهہ اٽتوريا، ساموندي، بيت 1 صفحو 68:

آهيـــــن آســـــاري، مٿـــــي تــــڙ گذارييـــــن،
تـــو ڪيئـــن وســاري، صحبـــت ســاموندين جـــي.

هونئن تہ منهنجو اصل ڪم ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن ڪي پنهنجي ڪوهستاني ۽ لاسي لهجن موجب پرکڻ آهي جنهن موجب هتي لفظ "اساري" جي ڏنل معنيٰ مختلف آهي ۽ ان جي اسان واري معنيٰ ڏيڻ ئي مون لاءِ اهم هئڻ گهربو هو. پر جيئن تہ مٿي سر جمن داستان 7 وائي 1 ۾ آيل لفظ "اسارن" ۽ سر سريراڳ داستان 6 بيت 10 ۽ بيت 11 ۾ آيل لفظن "اسارو ۽ سار" ۾ ان لفظ جي مڪمل جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم پر هتي هڪ لفظ نہ. پر سڄو بيت ئي بحث طلب آهي ۽ مون سڄي صورتحال اوهان جي سامهون رکي آهي. هي بيت گنج، برٽش واري نسخي، شوقيرام، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. جڏهن تہ بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، قليچ، قاضي، ڏيپلائي ۽ بلوچ وارن نسخن ۾ هي بيت موجود آهي پر هڪڙو حيرت جهڙو ڦاٽ اهو آهي تہ هي مٿيون بيت ڪتاب "املهہ اٽتوريا" ۾ بہ شامل آهي، جنهن جي ٽائيٽل تي فخريہ انداز ۾ لکيل آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ، ”رسالي شاهہ عبداللطيف جا لڏل بيت“ جڏهن تہ هي بيت بمبئي ڇاپي ۽ هڪ بيحد اوائلي نسخي ۾ پڻ موجود آهي، جيڪي ٻئي نسخا سؤ سوا سؤ سالن کان بہ مٿي پراڻا آهن ۽ پڻ قليچ واري نسخي ۾ بہ آهي جيڪو پڻ قدامت جي حساب کان انهن پراڻن نسخن سان ڪلهو هڻندڙ آهي. ان کان علاوه ٻيا ڪي قلمي ۽ دستخطي نسخا پڻ آهن جن ۾ هي بيت موجود آهي ۽ شيخ صاحب پاڻ بہ شايد هي بيت قديم نسخي محمد صالح ٻهراڻي جي دستخط نسخي (1255هہ) ۽ سيد غلام شاهہ پٺائيءَ جي لکايل قلمي نسخي تان کنيو آهي (مددي ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو نسخو جلد 2) تہ پوءِ هيءُ بيت ڪتاب ”املهہ اٽوريا“ (جيڪو 1985ع ۾ ڇپيو آهي) ۾ ”لڏل بيت“ جي حيثيت سان ڪيئن/ڇو ڇپيو؟ ڪتاب ”املهہ اٽوريا“ جي ڇنڊڇاڻ جو ڪم پبلشر پاران جنهن شخص کي ڏنو ويو هو اهو ٻانهون خان شيخ صاحب آهي، ان ڇو نہ تصديق ڪئي؟ سهل پسنديءَ سان ترتيب ڏنل نسخن جي تصحيح تہ ٽيڙي ٽي ٽيڙي آهي ۽ اهڙا اساري ذهن سان مرتب ڪيل نسخا هر دور ۾ سچيتن لاءِ شانڪار (چيلنج) بڻيل رهندا.

سر سهڻي داستان 1 بيت 15 جلد 1

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي ڇوتو،
منهنجو من ميهار ڪي، پسار وڃي پهتو،
گهوٽي ۾ گهوتو، اچي ڪومَ اجاڻ ڪي.

ڇَوتو :

شيخ = لانگوٺو، گوڏ، لاڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = ننڍڙو ڪپڙو، ڪپڙي جو ننڍو ٽڪر.

**گهوٽو :**

شيخ = وهم، خيال

منگهاڻي = ٽٻي، غوطو

**اڃاڻ :**

شيخ = بي عقل، پورڙي، نادان

منگهاڻي = اڻ ڄاڻ، بنا ڄاڻ جي، لاعلم. گنج صفحو 324

برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 12

قليچ، داستان 1 بيت 12

لغات لطيفي (قليچ) چوٽو = لنگوٽي، چيلهه جو ڪپڙو. اڃاڻ ۽ گهوٽو = معنيٰ ناهي.

قاضي، داستان 1 بيت 13 چوٽو = معنيٰ ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 13، چوٽو = (سنسڪرت، چُوتي = چُتڙ) چُتڙن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر، لنگوٽ. گوٽو = ٽٻي، خيال.

شهواڻي، داستان 1 بيت 13، چوٽو = معنيٰ ناهي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 13، چوٽو = لنگوٽ.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 15،

قاسمي، داستان 1 بيت 13، چوٽو = معنيٰ ناهي.

انصاري، داستان 1 بيت 13، چوٽو = معنيٰ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 170، چوتو = هيٺين پوشاڪ، اوگهڙ ڍڪڻ وارو ڪپڙو جنهن جا پاند لانگ هيٺيان ورائي ڇڪي چيلهہ سان ٻڌجن.

لفظ "چوتو" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "لانگوٽ، گوڏ، لاڪ" ڏني آهي ۽ بلوچ صاحب پنهنجي انفراديت قائم رکندي لفظ "چوتو" جي معنيٰ، ڪجهہ ڏار تفصيل سان ڏني آهي تہ، "چوتو" معنيٰ "هيٺين پوشاڪ، اوگهڙ ڍڪڻ وارو ڪپڙو جنهن جا پاند لانگ هيٺيان ورائي ڇڪي چيلهہ سان ٻڌجن"، جڏهن تہ اسان وٽ "چوتو" هيٺين پوشاڪ، لانگوٽ وغيره ڪي بلڪل بہ نٿو چيو وڃي. شايد ان ڪري جو سٽ آهي:

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو"

سو، "چيلهہ ٻڌي چوتو" مان سيني اهو اندازو لڳايو ۽ سمجهيو تہ "چوتو" ضرور چيلهہ سان ٻڌڻ لاءِ ڪو مخصوص ڪپڙو آهي، جڏهن تہ "چوتو" ڪپڙي جي ننڍي ٽڪري کي چيو ويندو آهي جيڪو عورت مٿي تي پوتيءَ جي جاءِ تي بہ پائي سگهي ٿي تہ ڪو مرد پڳي بہ ڍڪي سگهي ٿو ۽ رومال وانگر مٿي تي ٻڌي بہ سگهي ٿو. لفظ "چوتو" جيئرو جاڳندو ۽ مڪمل تندرست آهي جيڪو جهر جهنگ جبل تہ ٺهيو پر ڪراچي شهر جي وچون وچ رهيل "ٻِڪَڪَ" اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهن.

جملو = خير تہ آهي، مٿي تي چوتو رکي نڪتي آهين.

جملو = ٻار جي رڙ ٻڌم تہ تڪڙ مان پوتي هَٿ نہ آئي، هي چوتو هٿ آيو اهو ئي مٿي تي رکي نڪتس ٻاهر.

سٽ آهي، "گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = هوءَ چيلهہ ٻڌي/ ننڍي ڪپڙي جي ٽڪري سان چيلهہ ٻڌي، گهڙو ڪٽي اچي درياهہ ۾ گهڙي آهي.

"چيلهہ ٻڌي چوٽو..."، "چيلهہ ٻڌڻ" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ هڪ اصطلاح آهي ۽ لطيف پڻ اصطلاح طور ئي ڪتب آندو آهي. اسان وٽ، گهٽي ڏک، گهٽي ڪم ۽ گهٽي پنڌ مهل چيلهہ ٻڌبي آهي ۽ چئبو آهي، "ابا ڪم گهڻو آهي چيلهہ ٻڌي ڪبو تہ ٺيندو." ڪو ڏوڪٽيات ماڻهو مري ويندو آهي تہ بہ مائٽ چيلهہ ٻڌي روئندا ۽ پٽيندا آهن.

جملو = فلاڻي ماڻهوءَ جي مرڻ تي ماڻهن چيلهہ ٻڌي پٽيو هو.

جملو = پنڌ گهڻو آهي چيلهہ ٻڌي ڪَٽبو.

۽ چيلهہ ٻڌڻ لاءِ تہ ننڍو ڪپڙو ئي ڪپندو. سهڻي ويچاريءَ ڪي ڪم بہ گهڻو هو، جو ڪيس سچو درياهہ تري پار ڪري ٻي ڪنارئ تي وڃڻو هو ۽ ڪيس ڏک ۽ خوف بہ گهڻو هو، ٻنهي صورتن ۾ ڪيس چيلهہ تہ ٻڌڻي ئي هئي. لطيف جي غير معمولي ذهن تي ايڏو تہ پيار ايندو اٿم جو روئڻ ۽ ڪلڻ ٻئي گڏجي ايندا آهن. اهڙا فقرا، محاوا ۽ اصطلاح جيڪي بيحد مخصوص هوندا آهن اهي بہ لطيف ڪان نتا رهجي سگهن. سندس ڪلام جي گهرائيءَ ۾ جڏهن وڃبو آهي تہ خدا شاهد آهي تہ منهنجو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳندو آهي ۽ اها سائنسي تحقيق تہ، تمام گهٽي اوڄائي ۽ تمام گهٽي گهرائيءَ ۾ آڪسيجن گهٽجي يا بلڪل ختم ٿي ٿي وڃي تہ اها تحقيق لطيف جي ڪلام سان پڻ لاڳو ٿيل محسوس ٿيندي اٿم.

ٻيو لفظ آهي "اڄاڻ"، ان جي معنيٰ شيخ صاحب "بي عقل، ٻورڙي ۽ نادان" ڏني آهي، جڏهن تہ منهنجي خيال ۾ تہ لفظ "اڄاڻ" سڄي سنڌ ۾ ساڳيئي "اڻڄاڻ، ٻنا ڄاڻ يا لاعلم" واري معنيٰ ۾ سمجهيو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهايو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن بيت ۾ آيل لفظ "اڄاڻ" جي معنيٰ لطيف جي ڪنهن بہ شارح نہ ڏني آهي پر الائي ڇو شيخ صاحب اهڙي معروف لفظ جي معنيٰ "بي عقل، پورڙي ۽ نادان" ڏني آهي. "اڻڄاڻ/ اڄاڻ" تہ عقل وارو ۽ داناءُ بہ ٿي سگهي ٿو، ڇو جو هر علم ۽ هر ڳالهہ کان واقف ۽ ڄاڻو هئڻ ڪنهن هڪ ماڻهو لاءِ ممڪن ئي ناهي. ڪيڏو بہ عقلمند، دانا، باشعور ۽ سچيت ماڻهو هجي پر ان جو اهو مطلب نہ هوندو آهي تہ اهو بي عقل، پورڙو يا نادان آهي. سٽ آهي، "گهوتي ۾ گهوتو، اڃي ڪومَ اڄاڻ ڪي" معنيٰ = ٽٻيءَ ۾ ٽٻي متان نہ اڻڄاڻ ڪي اڃي. هتي منهنجي راءِ ۾ "گهوتي ۾ گهوتو" يعني "گهہ" ڪونهي. پر "گوتي ۾ گوتو..." يعني "گ" سان آهي، جيئن قليچ، گربخشاڻي، شهواڻي، ڏيپلائي، انصاري، بلوچ ۽ آڳاٽن نسخن مان بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ آهي (گوتي ۾ گوتو). شيخ صاحب واري بيت جي آخري سٽ، "گهوتي ۾ گهوتو، اڃي ڪومَ اڄاڻ ڪي" آهي. جڏهن تہ بين نسخن ۾ آخري سٽ هيئن آهي:"گوتي ۾ گوتو، مونکي محب ميهار جو" ۽ "گوتي" جي لفظي معنيٰ آهي "غوطو، ٽٻي" باقي معنوي معنيٰ ۾ جيڪو بہ ڏجي پر اهو ڏکين لفظن جي معنائن ۾ نٿو ڏيئي سگهجي، جيئن شيخ صاحب پهرئين لفظ "گهوتي" جي معنيٰ "نمونو، ٽٻي" ڏني آهي ۽ ٻئي لفظ "گهوتو" جي معنيٰ "وهم ۽ خيال" ڏني آهي، جيڪا درست نٿي لڳي.

بيت جي سمجهاڻي = هوءَ ڇيلهہ ٻڌي، پڪي ارادي سان گهڙو ڪٺي درياهہ ۾ گهڙي/داخل ٿي ويئي. منهنجو من/دل تہ وڃي هن پار محبوب ميهار وٽ پهچي ويئي/وڃي محبوب سان ملي. (يعني آئون تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجان هتيئي درياهہ جي ڇولين ۾ لهرن جي وچ ۾ آهيان پر منهنجو من وجي ميهار سان مليو) ۾ ٽٻيءَ منجهہ ٽٻي/ غوطي ۾ غوطو متان نہ مون اٿچاڻ ڪي اچي.

سر سهڻي داستان 1 وائي 1 جلد 1
کهڙي منجهہ حساب. هئڻ منهنجو هوت ريءَ،
سٽ 7: ڇنبو وجهي ڇور جيئن، آئون ڇڙ عقاب

**ڇَڙِ :**

شيخ = ختم ڪر. قابو ڪر.
منگهاڻي = ڦري ڪڻ، زوريءَ ڪڻ. 2. جلدي، تڪڙو، تکو.
گنج، صفحو 316 (آئون ڇَر عقاب)
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 79 ۽ 80 (آءُ ڇر عقاب)

شوقيرام، داستان 1 وائي 1 (آءُ ڇر عقاب)
قليچ، داستان 1 وائي 1 (ڇنبو وجهي ڇور ڪي، آءُ ڇر عقاب)
قاضي، داستان 11 وائي 1، ڇَڙَ = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 1 وائي 1، ڇَڙَ = تيز تکو ئي تکو، سڌو ئي سڌو.
شهواڻي، داستان 1 وائي 1، ڇَڙَ = تيز.
آڏواڻي، داستان 1 وائي 1، ڇَڙَ = نهايت تيز
ڏيپلائي، داستان 1 وائي 1 (ڇنبو وجهي ڇور جيئن، آءُ ڇڙ عقاب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 1 وائي 1 (اها ست قاسميءَ واري وائيءَ ۾ ڪونهي)

انصاري، داستان 1 وائي 1، ڇَڙَ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ لفظ ”ڇڙ“ جي معنيٰ ڏنل ناهي.

لفظ ”ڇَڙِ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ختم ڪر، قابو ڪر“ ڏني آهي. هن لفظ جي معنيٰ زير ۽ زبر ڏيڻ سان ٻي ۽ ڌار ٿي ويندي. مثال طور جيئن شيخ صاحب واري نسخي ۾ ”ڙ“ تي زير سان لفظ ”ڇَڙِ“ آهي ته ان جي معنيٰ آهي. ”ڦرِ، ڦري ڪڍ، زور زبردستيءَ سان ڪسي ڪٽي وڃ“ پر جڏهن ”ڙ“ تي زبر سان لفظ ”ڇَڙَ“ ايندو، جيئن قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ آهي. ته ان جي معنيٰ ٿيندي، ”تيز، تکو، تکڙو، ڦڙت“ باقي شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ ”ختم ڪر، قابو ڪر“ ٻنهي طريقن سان نٿي ٺهي. ڏيپلائيءَ صاحب واري نسخي ۾ بنا زير زبر جي ”ڇڙ“ آيل آهي جڏهن ته گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام ۽ ڦليج وارن نسخن ۾ ”ر“ سان ”ڇر“ آيل آهي. هتي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ٻنهي صورتن ”ڇَڙِ ۽ ڇَڙَ“ ۾ ڳالهايو ۽ سمجهيو ويندو آهي. زير سان آيل لفظ ”ڇَڙِ“ جملن ۾:

جملو = ڪوبہ راضي نہ هو. اڇي ڇڙي ڪٽي ويو. تون بہ وڃي ڇَڙِ.

جملو = انهن وٽ ملڪيت ڇَڙِ ڦُرِ جي آهي، خانداني ڪونهي.

هاڻي زبر سان آيل لفظ ”ڇَڙَ“ جملن ۾:

جملو = هن ورڻ ۾ دير ئي ڪانہ ڪئي، ڇَڙَ آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻو ڪم جو ڇڙَڪوُ آهي. جيڪو ڪم ڏجيس ٿو اهو ڇڙَ ڪريو وڃي.

سٽ جي سمجهاڻي = چور وانگي چنبو يا جانڦو هڻي ڪسي ڦري آءِ عقاب.

ســـر ســـهڻي داســـتان 1 وائـــي 2 جلـــد 1

ســـچا ســـيد مونڪـــي تـــون، وهيـــان واهـــر،

ســـٽ 2: نيئـــي نيئـــي اولِ، پريـــان جـــي پـــار ڏي.

اول :

شيخ = پهچاءِ

منگهاڻي = ڦاساءِ

گنج، صفحو 330

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 وائي 2 (سچا ساهڙ مونکي تون، وهيان واهڙ مونکي تون)

قليچ، داستان 1 وائي 2 (وائي شوقيرام واري)

لغات لطيفي (قليچ) اولِ = بند، روڪ، وهڪ، اهو هنڌ جتي درياهہ ڪک ۽ ڪاٺ لوڙهي آڻي ڇڏي.

بمبئي ڇاپو، داستان 1 وائي 2 (سچا ساهڙ مونکي تون، اي وهيان واهر مونکي تون)

قاضي، داستان 2 وائي 1 (بمبئي ڇاپي واري، پر بمبئي ڇاپي جي سٽ، ”اي نيئي اولِ، پريان جي پار ڏي آهي.“ پر قاضيءَ واري نسخي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نيئي نيئي اول..." آهي) اول = بند، روڪ، اھا ڪنڌ جنھن ۾ درياھ ڪڪ ۽ ڪانيون لوڙهي آڻي ڇڏي.

گربخشاڻي، داستان 2 وائي 1 (قاضيءَ واري) اول = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 2 وائي 1 (قاضيءَ واري) اول = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 2 وائي 1 (قاضيءَ واري) اول = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 1 وائي 2 (بمبئي ڇاپي واري)

قاسمي، (ڇاپو ٻيو 1999ع مهراڻ اڪيڊميءَ وارو) هي وائي موجود ناهي.

انصاري، داستان 2 وائي 1 (قاضيءَ واري) اول = بند، روڪ، اھا ڪنڌ جنھن ۾ درياھ ڪڪ ۽ ڪانيون لوڙهي آڻي ڇڏي.

بلوچ لغت "روشني" صفحو 36 اول = ڇولِ، ٺيلهه، ٺيلهه.

هيءَ وائي اوھان ڏٺي تہ گنج، بمبئي ڇاپي، شوقيرام ڪان ونئي سيني نسخن ۾ "سچا ساھڙ مونکي تون، وهيان واھڙ/ واھر مونکي تون" آيل آهي. جڏهن تہ شيخ صاحب جي نسخي ۾ آيل وائي مختلف آهي، يعني:

"سچا سيد مونکي تون، وهيان واھر" آيل آهي.

وائيءَ جو هي نمونو ضرور شيخ صاحب ڪنهن قلمي يا دستخطي نسخي مان ڪنيو هوندو ۽ مروجہ وائيءَ تي نئين نموني جي وائيءَ کي ترجيح ڏيڻ بابت ضرور شيخ صاحب وٽ سبب هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائيءَ ۾ آيل لفظ ”اولِ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”پهچاءِ“ ڏني آهي. هي ساڳيو ئي لفظ آهي جنهنجي معنيٰ متي سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 3 ۾ (اوليو) سر راڳ داستان 1 بيت 10 ۾ (اولين) سر راڳ داستان 2 بيت 12 ۾ (اوليا) ۽ سر سامونڊي داستان 4 بيت 16 ۾ (اوليا) جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم. هتي لفظ ”اولِ“ آيل اهي جنهنجي معنيٰ آهي ”قاساءِ“.

ستَ جي سمجهاڻي = محبوبن جي ڪنڌيءَ ڏانهن وڃي مونکي بہ نيئي قاساءِ.

سر سهڻي داستان 2 بيت 1 جلد 1

ڪرڳل ڪُوچ ڪن گهڻا، جت جر واڳو جهائين،
پاڻ اچلي آب ۾، وَهَ سر وڏائين،
لهرون لنگهيائين، لطف ساڻ لطيف چئي.

## ڪُوچ :

شيخ = طغيانيءَ جي موسم ۾ درياھہ جي پاڻيءَ جو شور يا آواز.

منگهاڻي = سنهي تکي آوازن جو شور، ننڍڙن ٻارن جو ڪيڏڻ ۽ وڙهڻ (روئڻ ۽ کلڻ) مهل سنهڙن رڙين وارا تيز، تکا آواز. ”ڪوُچ“ جو واسطو طغياني، درياھ يا پاڻيءَ سان بلڪل ناهي. سنهڙن آوازن جو گڏيل گوڙ. جيئن مردن جي وڙهڻ ۽ زور سان ڳالهائڻ واري گوڙ کي ”هڳاءُ“ ٿو چئجي (خوشبوءَ وارو هڳاءُ نہ) تيئن عورتن ۽ ٻارن جي سنهڙي ۽ تيز تکي آوازن واري گوڙ ۽ شور کي ”ڪُوچ“ ٿو چئجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مايون، بس تہ ڪريو. اوهانجي ڪُوڇَ اسان جا ڪن ئي ڪدي ڇڏيا آهن.

جملو = ٻري ڪان ٻارن جو ڪوڇ پيو ٻڌڻ ۾ اچي. الائي وڙهن ٿا ڪي ڪيڏن ٿا.

گنج، صفحو 345

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 1

قليچ، داستان 2 بيت 1

لغات لطيفي (قليچ) ڪوچ = هُل

قاضي، داستان 3 بيت 1 ڪوچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 1 ڪوچ = (سنسڪرت، ڪروش) آواز، هُل، گوڙ.

شهواڻي، داستان 2 بيت 1 ڪوچ = گوڙ

آڏواڻي، داستان 2 بيت 1 ڪوچ = ڪولاهل

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 1

قاسمي، داستان 2 بيت 1 ڪوچ = آواز

انصاري، داستان 2 بيت 1 ڪوچ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 357 ڪوچ = پاڻيءَ جي گولائيءَ وارو ڦيرو، گهيرو، گهمرو، گولائيءَ ۾ ڦرڻ.

لفظ "ڪوچ" جي معنيٰ مون اٽڪلي جملن سان ڏني آهي. لفظ "ڪوچ" بلڪل عام ۽ ٻين روز ڳالهائيندڙ لفظن جيان اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اسين ڳالهايون ٿا. گهڻن سنهڙن آوازن واري شور کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪوچ" تو چئجي. ٻين گهڻن شارحن لفظ "ڪوچ" تي گهڻي ٽيڪا ٽپڻي ڪانہ ڪئي آهي، بس، "شور، گوڙ، هل" تي ئي اڪتفا ڪئي آهي، پر شيخ صاحب چوي ٿو تہ "ڪوچ" جي معنيٰ آهي "طغيانيءَ جي موسم ۾ درياهہ جي پاڻيءَ جو شور يا گوڙ" ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو "پاڻيءَ جي گولائيءَ وارو ڦيرو، گهيرو، گهمرو، گولائيءَ ۾ ڦرڻ". اها تہ ٿي "ڪن/ين/ننگهہ" جي تشريح. لطيف فرمائي ٿو، "ڪرڳل ڪوچ ڪُن گهڻا..." يعني، "ڪُن" جو تہ نالي سان ذار ذڪر ڪيل آهي، پوءِ "ڪوچ" ڪُن ڪيئن ٿيو؟ بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ مهل جيڪي لفظ منهنجا (لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا) نہ آهن، انهن جي معنيٰ اها ئي برقرار رکنديس جيڪا شيخ صاحب يا ٻين شارحن ڏني آهي گهڻي ٽيڪا ٽپڻي ڪانہ ڪنديس، جي انهن لفظن جي معنائن بابت ڪنهن کي شڪايت هجي تہ اهي يا انهن شارحن کان پڇا ڪن جيڪي موجود آهن، يا تہ انهن لفظن جون صحيح معنائون ڏيڻ لاءِ ڪو ننڍڙو ليک ئي لکي ڇڏين تہ سيني جي رهنمائي ٿي ويندي. باقي آئون پنهنجن لفظن جي تصحيح تہ پيئي ڪريان.

بيت جي سمجهاڻي = گوڙ، هل ۽ تيز تکن آوازن جو شور ۽ ڪنن جي گهڻائي، جتي پاڻيءَ ۾ هنڌ هنڌ واڳو آهن اتي (سهڻيءَ) پاڻ کي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ اڇلائي وڌو ۽ پوءِ (ڏٽيءَ جي) ٻاجهہ ۽ ڪرم سان سيپئي لهرون ۽ چوليون لنگهي پار ٿي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سهڻي داستان 2 بيت 5 جلد 1

دهشت دامر درياھ، هن پر هوءِ هڪل،
گهڙو گهڙيان اڳرو، وجهي وير ٻَهَل،
هن تڙ تارو ڪيترا، ڪنبايا ڪرڳل،
تار لنگهايو توڪل، لطف ساڻ لطيف چئي.

## اڳرو :

شيخ = تيز يا تکو (رفتار ۾)

منگهاڻي = اڳيان، اڳتي، متي، وڌيڪ

هي بيت گنج سميت انهن سيني نسخن ۾ موجود ناهي، جن جا حوالا آئون ڏيندي پيئي اچان. (جيڪا ڳالھ بيت جي نمبر کي ڏنل دائري سان مرتب واضح ڪئي آهي.)

لغات لطيفي (قليچ) اڳرو = معنيٰ ڏنل ناهي.

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 23 اڳرو = بها ۾ وڌيڪ، ملھ ۾ زيادھ، وڌيڪ قيمتي.

لفظ "اڳرو" جي معنيٰ رڳو ٻن شارحن ڏني آهي ۽ ٻنهي ڌار ۽ مختلف ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ٿو تہ "تيز ۽ تکو (رفتار ۾)" ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو تہ، "بها ۾ وڌيڪ، ملھ ۾ زيادھ ۽ وڌيڪ قيمتي" جڏهن تہ لفظ "اڳرو" جو واسطو نکو رفتار سان آهي نکو قيمت سان. هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهايون. جيڪو واحد ۽ جمع مذڪر "اڳرو/اڳرا" ۽ واحد ۽ جمع مونث "اڳري/اڳريون" آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "وڌيڪ، متي، اڳيان اڳتي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻو هر ڳالهہ ۾ سڀني کان اڳرو آهي.

جملو = سهڻي تہ اڳ ئي هئي پر شاديءَ کان پوءِ تہ اڳوڻيءَ کان

بہ اڳري ٿي ويئي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اهڙي صورت ۾ ڏيڻ کان قاصر آهيان.

جنهن صورت ۾ اها پڪ ئي ڪانهي تہ بيت لطيف جو آهي يا ناهي.

سر سهڻي داستان 2 بيت 14 جلد 1

دهشت دام درياهہ ۾، جت لهرون ڪن لوڙا،

سوين اچيو سير ۾، تين سيٽاهل سوڙها،

جي تارو هئا توڙا، تن هرپ پانيو هيڪڙو.

## لوڙا :

شيخ = گوڙ، هل

منگهاڻي = ور وڪڙ، چڪر، ڦيريون

گنج، صفحو 328 (هرپ)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 12 (هرپ)

قليچ داستان 2 بيت 12 (هرپ)

لغات لطيفي (قليچ) لوڙا = هل، وڏو آواز.

قاضي، داستان 3 بيت 13 لوڙا = هل، گوڙ. (هرپو)

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 12 (هرپو) لوڙا = (سنسڪرت،

رو+ڙ) رڙڪا، آواز.

شهواڻي، داستان 2 بيت 12 (هرپو لوڙا = آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 2 بيت 12 (هربو) لوڙا = وڏو آواز
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 12 (هَربِ)
قاسمي، داستان 2 بيت 12 (هُربِ) لوڙا = گوڙ.
انصاري، داستان 2 بيت 13 (هربو) لوڙا = هل، گوڙ.
بلوچ، داستان 3 بيت ،13 لوڙا = وڏا ڪڙڪا، وڏا آواز، وڏا هل.

لطيف جي سيني شارحن/محققن/مرتبن لفظ "لوڙا" جي معنيٰ "آواز" ڏني آهي يعني "هل، گوڙ، ڪڙڪو"، جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "لوڙا" جي معنيٰ آهي، "ور وڪڙ، چڪر، ڦيريون"

جملو = ڪجي پجي ڪونہ ٿو بس ماٺ منيءَ ۾ لوڙا ڏيئي پيو هلي.

جملو = آهي تہ الائي ڇا، پر هوءَ صبح کان وٺي يڪي لوڙا ڏيئي پيئي اچي وجي.

سٽ آهي. "دهشت دم درياهہ ۾، جت لهرون ڪن لوڙا"
معنيٰ = خوفائتي درياهہ ۾، جتي لهرون پيون ور وڪڙ، چڪر ۽ ڦيريون ڏين.

بيت ۾ "دام/دم" کان علاوه لفظ "هُربِ/هَربِ/هربو" پڻ تڪراري ۽ بحث طلب آهي يا "دهشت دام درياهہ ۾"

گنج = دهشت دام درياهہ ۾
شوقيرام = دهشت ڏنس درياهہ ۾
قليچ = دهشت ڏنس درياهہ ۾
قاضي = درهڙ ڏنس درياهہ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي = درهڙ ڏنس درياهہ ۾

شهواڻي = درهڙ ڏنس درياهہ ۾

آڏواڻي = درهڙ ڏنس درياهہ ۾

ڏيپلائي = دهشت ڏنس درياهہ ۾

قاسمي = دهشت ڏنس درياهہ ۾

انصاري = دهشت دمر درياهہ ۾

بلوچ = درهڙ ڏنس درياهہ ۾

معنيٰ جي حسابُ سان ”دهشت ۽ درهڙ“ ۾ بہ وڏا فرق آهن ۽ ”هُرِپ/ هَرِپ/هربو“ جي صورتن ۾ پڻ فرق آهي. ان فرق هوندي بہ سڀني شارحن ان جي معنيٰ ساڳيئي ”ڊوڙ ٽپو، چال، ٻرانگهہ“ ڏني آهي. اهي لفظ جيڪي منهنجي پنهنجي ذاتي واهپي ۾ نہ آيا آهن يا جن کي مون پنهنجي ماڻهن جي واتان نہ ٻڌو آهي انهن جي معنائن تي اعتراض ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي، باقي تڪراري صورتحال ڏانهن هٿ ـ سچ ڪرڻ، اهجاڻي ڏيڻ، پنهنجي ڪم جي گهرج پٽاندر ضرور ڪنديس. ڇو جو لفظن جا فرق/معنائن جا فرق بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ ۾ رنڊڪ ٿا وجهن.

بيت جي سمجهاڻي = درياهہ سدائين خوفائتو آهي. جتي لهرون ڦيريون/ ور وڪڙ/ چڪر ڏيو ٿيون هلن، جتي سوين سيٽاهہ وارا (ٻڪريءَ جي کل ۾ هوا ڀري ان تي چڙهي درياهہ پار ڪرڻ وارا) اچي حيران، پريشان ۽ تنگ ٿيو پون. اتي ان کي (درياهہ کي) جيڪي اصل تارو (اصل ڪان) هئا، تن هڪ ٽپ/ ٻرانگهہ سمجهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُــــــر ســــــهڻي داســـــتان 2 بيـــــت 16 جلــــد 1

دهشـــت دامر درياهـــ ۾، جـــت پيـــڙ ابتـــي پـــت،
آڻـــــي اچلــــــي آب ۾، رَعـــــــَ رئـــــاڙي رت،
ڏمر ڏهــــاڙي کيتـــرو، کـــري خـــوب کپـــت،
ســـاهڙ کـــري ســـپت، اونهـــي مـــان اکـــارئين.

**پيڙ :**

شيخ = درياهہ، کوهہ يا واهہ وغيره جي کپن مان ڪرندڙ مٽيءَ جو وڏو ڳنڍيو، پڪ.

منگهاڻي = زور، داٻ، دٻاءُ.

**ابتي :**

شيخ = ڏکئي، اوکي

منگهاڻي = اونڌي (سبتي جو ضد)

**رَعہِ :**

شيخ = نسورو

منگهاڻي = مڙيئي، اجايو

**کپت :**

شيخ = جهيڙو، تڪرار

منگهاڻي = فڪر، ڳڻتي، جهوري.

**سپت :**

شيخ = سچائي، چڱائي، مهرباني.

منگهاڻي = سبت، سيڌي، سوڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت پڻ گنج سميت ڪنهن بہ معروف نسخي ۾ موجود ناهي. (جنهن لاءِ بيت جي نمبر ڪي دائروڏنل آهي.) بلوچ صاحب واري لغت ”روشني“ ۾ گهربل معنائون هيئن آهن.

”لغت ”روشني“ (بلوچ) صفحو 83، پيڙ = هلڻ جي پيڙ، هلڻ جي تڪڙ ۽ تڪ.

صفحو 8، ابتي = ابتا = معنيٰ اوپارا.

صفحو 375، ڪپت = اٽتڻ، ڳٽتي.

صفحو 260، سپت = سني پت، سهٽي ريت.

ٻنهي شارحن جي معنائن ۾ بہ فرق آهن. شيخ صاحب چوي ٿو تہ ”پيڙ“ جي معنيٰ آهي ”مٽيءَ جو وڏو ڳنڍيو، پڪ“ بلوچ صاحب چوي ٿو ”هلڻ جي پيڙ، هلڻ جي تڪڙ“. شيخ صاحب چوي ٿو تہ، ”ابتي“ جي معنيٰ آهي. ”ڏڪئي، اوڪي“. بلوچ صاحب چوي ٿو، ابتا = ”اوپارا“. شيخ صاحب چوي ٿو تہ، لفظ ”ڪپت“ جي معنيٰ آهي جهيڙو ۽ تڪرار“. بلوچ صاحب چوي ٿو، ”اٽتڻ ۽ ڳٽتي“. شيخ صاحب چوي ٿو تہ، لفظ ”سپت“ جي معنيٰ آهي ”سچائي، چڱائي، مهرباني“. بلوچ صاحب چوي ٿو ”سني پت، سهٽي ريت“!

لفظ ”پيڙ“ جي معنيٰ مٽي سر سريراڳ داستان 7 بيت 7 ۾ جملن سان ڏني اٿمہ. باقي لفظ ”ابتي“ جي معنيٰ ايڏي ڏيڻ سان شيخ صاحب ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. هي لفظ ”ابتو/سبتو، يا ابت سبت“ تہ منهنجي خيال ۾ هر سنڌ واسيءَ جو بدل ۽ مانوس آهي. (قير مَ تون ابت، ڪڻ سبتيون سپرين) بيت جي مفهوم موجب ڏنل معنيٰ هرگز بہ ڏڪين لفظن جي معنائن ۾ نٿي ڏيئي سگهجي. لفظ ”ڪپت“ جي معنيٰ آهي، ”فڪر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳٽتي، جهوري" هي لفظ اڄ بہ اسان وٽ ان معنيٰ ۾ بيحد عام ڳالهايو ٿو وڃي.

جملو = پٽ لاءِ ايڏي ڪپت نہ ڪر، مڙس ماڻهو آهي، ڪٿي سنگت ۾ ويهي رهيو هوندو.

جملو = تو تہ گهر جي ڪپتين ۾ پاڻ ڪي ڳاري ماري ڇڏيو آهي.

لفظ "رَءِ" هاڻي گهٽو ڳالهايو نٿو وڃي پر پوءِ بہ اسان وٽ ڪڏهن ٽِڙيو ڦِريو ڪنهن جي وات مان نڪري پوندو آهي جنهنجي ڪري مانوس آهي.

جملو = ڏک ڪونهيس. رَءَ ڪريو ٿو روئي.

بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ وارن شرطن تي هي بيت پورو نٿو لهي.

سر سهڻي داستان 3 بيت 1 جلد 1

تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، اي ءُ ڪاٽيارن ڪم،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپو ڏم،
عقل مت شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا.

**تڙ تڪڙ :**

شيخ = بنا سوچ ويچار جي هڪدم

منگهاڻي = ڪنهن جنون، شوق، مقصد پنيان هر ڳالهہ کان بيپرواهہ ٿي وڃڻ يعني جڏهن اڳيان ڪو شوق ۽ جنون هجي پوءِ اهو عشق هجي، امتحان هجي، گهمڻ ڦرڻ هجي يا ڪو ضروري ڪم هجي ـ تہ پوءِ اڳيان پيل/رکيل ڪابہ چيز، ڪوبہ سامان بي سنڀاليو اڇلائي ڇڏي وڃجي، پوءِ پنيان پلي چا بہ ٿي پوي، ڪيڏو بہ نقصان ٿي وڃي تہ چئبو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = امتحان جو وقت اچي ٿيو هو آئون ترتڪڙ ۾ پنهنجو ڪمرو بند ڪرڻ ٿي ڀلجي ويس ۽ منهنجو الاٽي ڇا ڇا چوري ٿي ويو.

جملو = تنهنجي سڏ تي ترتڪڙ ۾ نئين ٽرماس ڪي ٽڏو لڳو سو ڀڄي پيو.

سهڻي بہ ميهار سان ملڻ جي جنون ۾ پريل تارون تار درياهہ جي پرواهہ بہ نہ ڪئي ۽ گهڙي پيئي ڇو جو جڏهن اڳيان ڪو مقصد هجي تہ پوءِ ٻيون سڀ ڳالهيون ثانوي حيثيت ٿيون رکن. جيئن سهڻيءَ کي ترتڪڙ ۾ اها بہ خبر نہ پيئي تہ دلو ساڳيو آهي يا ٻيو ۽ ترتڪڙ ۾ هوءَ ڪچو گهڙو کڻي درياهہ ۾ گهڙي پيئي. باقي "بنا سوچ ويچار جي هڪدم" واري معنيٰ لفظ "ترتڪڙ" جي ناهي ڇو جو سهڻيءَ وٽ سوچ ويچار بہ هو تہ خيال بہ هو (ميهار سان ملڻ جو)

## تارِ :

شيخ = اونهي پاڻيءَ ۾، درياهہ ۾.

منگهاڻي = پريل، تارون تار، چڪار (پوءِ اهو درياهہ هجي يا گلاس)

## ڪاٺيارن :

شيخ = غرضمندن، احتجاجمندن

منگهاڻي = ڪاٺ وارن، عيبدارن.

گنج، صفحو 348 ۽ 349 (ڪانيارن، ڏوراپو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 4 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا)

قليچ، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا)

لغات لطيفي (قليچ) تڙتڪڙ = معنيٰ ڏنل ناهي. ڪانيارن = معنيٰ ناهي.

قاضي، داستان 4 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا) تڙتڪڙ = معنيٰ ناهي. ڪانيارن = ڪانيارو = ڪاڻ وارو، ناقص.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا)

تڙتڪڙ = هڪدم پاڻيءَ ۾ ڪاهي پوڻ، انهن جو ڪم آهي جي ڪاڻ ۽ غرض واريون آهن.

شهواڻي، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا) تڙتڪڙ = هڪدم، جلدي، ڪانيارن = ناهي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا) تڙتڪڙ = هڪدم. ڪانيارن = غرض وارن.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا).

قاسمي، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا) تڙتڪڙ = معنيٰ ناهي. ڪانيارن = ڪاڻ وارن.

انصاري، داستان 3 بيت 1 (ڪانيارن ۽ ڏوراپا) تڙتڪڙ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڪانيارن = ڪانيارو = ڪاڻ وارو، ناقص.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 70، تڙتڪڻ = (سهڻي، داستان 4 بيت 1) گهڻ گهيڙ نهارڻ ۽ درياهہ جي سير ۾ گهڙڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو 334، ڪانيارن = ڪاڻ وارن (جيڪي حاجتمند آهن، جيڪي غرض وارا آهن، محبت ۾ مجبور آهن.)

لفظ ”تڙتڪڙ“ جي معنيٰ اوهان پڙهي/ڏٺي ۽ اهڙي اهم ۽ طاقتور لفظ کي تبديل ڪري ”تڙ تڪڻ“ ڪيو ويو آهي.

لفظ ”تڙتڪڙ“ اڄ بہ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي ۽ ”تڙتڪڙ“ اهو ڪندو آهي جنهن کي ڪانہ ڪا ”ڪاڻ“ هوندي آهي ڪنهن نہ ڪنهن جي. سٽ آهي، ”تڙتڪڙ تار گهڙڻ، ايءَ ڪانيارن ڪم“

معنيٰ = ڪنهن جنون، ڪنهن شوق پنيان، بنا ڪنهن پرواهہ جي پريل ۽ تارون تار درياهہ ۾ گهڙڻ، ڪاڻ وارن جو ڪم آهي.

لفظ ”تارِ“ جي سمجهاڻي مٿي سر راڳ، داستان 2 بيت 13 ۾ تفصيل سان ڏني اٿم تہ، ”تار“ جي معنيٰ آهي، ”پريل، چڪار، تارون تار“ هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين مڪمل پريل.

لفظ ”ڪاٽيارن ۽ ڪانيارن“ جي لفظي معنيٰ ساڳيئي ”ڪاڻ وارن“ ٿيندي. ”ڪاڻ“ معنيٰ ”عيب، نقص“ آهي. شيخ صاحب جي سٽ آهي. ”ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڏي وراپو ڏم“، يعني واحد ”ڏوراپو“ آيل آهي، جڏهن تہ ٻين سيني نسخن ۾ جمع ”ڏوراپا“ آيل آهي، ”ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾“، ڏي ڏوراپا ڏم، گهڻا پيرا، هر هر چوڻ، ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا چوڻ واري صورت ۾ تہ جمع ”ڏوراپا“ ئي ٿيندو نہ ڪي واحد ”ڏوراپو“

بيت جي سمجهاڻي = هر ڳالهہ کان بيپرواهہ ٿي پنهنجي شوق، جنون، عشق ۾ پريل درياهہ ۾ گهڙڻ/داخل ٿيڻ عيبدارن جو ڪم آهي. ڏم (سهڻيءَ جو مڙس) ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ پيرا طعنا/مهڻا/شڪايتون پيو ڏي، پر عشق سيبئي عقل، شعور، حيا ۽ شرم ختم ڪري ڇڏيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـهڻي، داسـتان 3 بيـت 10 جلـد 1،
تـوڏي تـُـهائين جـي، هتهيـن چـڏ حـرص،
سـاهڙ ڏاران سـوهڻي، ڪوٺيـون ڪـن ڪـرِسَ،
وڏي ايءَ وِرِسَ، جيئـن ڏم وٺ ڏينهـن گذارييـن.

**حِرِصَ :**

شيخ = (واحد حرص) سڌ، خواهش، لالچ، لوڀ.

منگهاڻي = شوق، چاهه.

**ڪِرِسَ :**

شيخ = ناز، نخرا، لاڏ ڪوڏ.

منگهاڻي = چڙ، خار.

**وِرِسَ :**

شيخ = غلطي، چڪ، ڀل.

منگهاڻي = بيوسي، لاچاري، مجبوري.

گنج، صفحو 350 ۽ 351

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 85 بيت 945

شوقيرام، داستان 3 بيت 10

قليچ، داستان 3 بيت 10

لغـات لطيفـي (قليـچ) حـرص = معنـيٰ نـاهي. ڪـرس = گيسـر، ڪرسائي، حرڪت، سيڙ، ڪوسڦٽائي. ورس = چوڪ، غلطي.

قـاضي، داسـتان 4 بيـت 8 حـرص= معنـيٰ نـاهي. ڪـرس= لاڏ ڪوڏ، ناز نخرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورس = ورسيا = ڀليا، گمراھ ٿيا.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 8، حرص = معنيٰ ناھي. ڪرس = ناز نخرا، لاڏ ڪوڏ.

ورس = ڀل چڪ

شهواڻي، داستان 3 بيت 8، حرص = معنيٰ ناھي. ڪرس = ناز، نخرا. ورس = ڀل چڪ.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 8، حرص = معنيٰ ناھي. ڪرس = ماٺا.

ورس = غلطي.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 13.

قاسمي، داستان 3 بيت 10، حرص = معنيٰ ناھي. ڪرس = ناز.

ورس = ڀل، غلطي.

انصاري، داستان 3 بيت 9، حرص = معنيٰ ناھي. ڪرس = لاڏڪوڏ، ناز نخرو.

ورس = ورسيا = ڀليا، گمراھ ٿيا.

بلوچ، لغت "روشني" حرص = معنيٰ ڏنل ناھي.

صفحو 377، ڪرس = ٽڪ، تخمينا، بهانا، ڪوڙيون ڪن ڪرس = نيت جون ڪوڙيون بهانا ڪن.

صفحو 508، ورس = ڀل، ويسر، گهمرائي، غلطي.

بيت ۾ آيل پهريون لفظ "حرص" آھي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "سڌ، خواهش، لالچ، لوڀ" ڏني آھي ۽ ٻيو ڪنهن بہ شارح لفظ "حرص" جي معنيٰ نہ ڏني آھي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "حرص" شوق ۽ چاھ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = شاديءَ جا ”حرص/حرس“ وڏا ٿي ڪيائين پر بيماريءَ جي ڪري وجي نہ سگهي.

جملو = مون هي ڪپڙا حرص ڪري سبايا آهن، ڪُهاڻ نہ.

سٽ آهي، ”توڏي ٿُهائين جي، سي هتهين ڇڏ حرص“

معنيٰ = اي خوبصورت عورت، تون اهي پاڻ وٽائڻ وارا شوق هتيئي ڇڏ.

ٻيو لفظ آهي ”ڪرس“ جنهنجي معنيٰ مون مٿي سر ساموندي، داستان 4 وائي 2 جي سٽ، ”پائي ويڙا پير ۾، منجهان ڪرس ڪسو“ ۾ ڏني آهي. پر هتي منهنجي ڏنل معنيٰ وڌيڪ واضح صورت ۾ آهي. سٽ آهي، ”ساهڙ ڌاران سوهٽي، ڪوٺيون ڪن ڪرس“ معنيٰ = ساهڙ ڪانسواءِ اي سوهٽي، نيت جون خراب/دل جون ڪوٺيون خار ٿيون ڪائين/سڙن ٿيون.

جملو = هوءَ آهيئي اهڙي هر ڪنهن سان ڪرس ڪندي/ڪرسندي.

هتي اها ڳالهہ بہ غور طلب آهي تہ لفظ ”ڪرس“ جي معنيٰ قليچ صاحب ”حرڪت، ڪوسڦٿائي وغيرهہ“ ڏني آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ”تڪ، تخمينا، بهانا“ ڏني آهي ۽ باقي سيني شارحن شيخ صاحب سميت ”ناز نخرا، لاڏ ڪوڏ“ ڏني آهي، حالانڪہ انهن سيني شارحن جو تعلق هڪ ئي تر يعني اتر سان آهي جنهنجي ڪري اهو ويساهہ پختو ٿيو تہ لفظ ”ڪِرس“ پڪو پختو/نج نبار لسبيلي ۽ ڪوهستان جو آهي.

ٽيون لفظ آهي ”وِرس“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن ”ڀل، چڪ، غلطي، ويسر، گمراهي وغيره“ ڏني آهي، جڏهن تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”بيوسي، لاچاري ۽ مجبوريءَ“ واري معنيٰ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو وڃي ٿو. هيءُ لفظ هاٿي لڳ ڀڳ واهپي مان نڪري ويو آهي. پر پوءِ بہ اڃا ڪي وڏڙا ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائي بہ ويندا آهن ۽ پڇڻ تي معنيٰ بہ ٻڌائيندا آهن. سٽ ۾ اها معنيٰ وڌيڪ ٺيڪ ٿي نهڪي ـ

"وڏي ايءَ وِرس" جيئن ڏم وٺ ڏينهن گذاريين" معنيٰ = اها وڏي بيوسي، لاچاري ۽ مجبوري آهي جو تون ڏم وٺ پيئي وقت گذارين.

واقعي بہ سوهڻي بيوسيءَ مان ڏم وٺ رهي پيئي هئي ڇو جو ڏم، سهڻيءَ جو مڙس هو ۽ اتي رهڻ پيل، ڇڪ ۽ غلطي نہ پر بيوسي هئي.

بيت جي سمجهاڻي = اي خوبصورت عورت (سوهڻي) اهي شوق، چاهہ جيڪي موهين ۽ هرڪائين ٿا، اهي سڀ هتيئي ڇڏي ڏي. پرينءَ ڪانسواءِ اي سوهڻي، ڪوٺيون ٿو تي خار ٿيون ڪائين. اها وڏي بيوسي ۽ لاچاري آهي جيئن تون ڏم وٺ وقت پيئي گذارين.

سر سهڻي، داستان 3 بيت 14 جلد 1،

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي وصل ٿيا وصال سين، سي ذرو ظاهر نہ ڪن،
وييت واهڙ ترن، هينئڙا جن هڃي ويا.

**هڃي :**

شيخ = ساٽا ٿيا، ماندا ٿيا، عذاب ۾ پيا.
منگهاڻي = ڦرجي ويا، لٽجي ويا.
گنج صفحو 351



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 13.

قليچ، داستان 3 بيت 13

لغات لطيفي (قليچ) هڃي = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 4 بيت 11، هڃي = فنا ٿي ويا.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 11، هڃي = (سنسڪرت، هَتَ = نابود) نابود ٿيڻ، چٽ ٿيڻ.

شهواڻي، داستان 3 بيت 11، هڃي = نابود يا فنا ٿيا.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 11، هڃي = فنا ٿي ويا.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 16

قاسمي، داستان 3 بيت 14 هڃي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 3 بيت 12، هڃي = فنا ٿي ويا.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 540، هڃي = هڃڻ، ڏک سور ۾ ڳرڻ.

هڃي وڃڻ = سور سختيءَ ۾ ساڙو ٿي وڃڻ، هيڻو ضعيف ٿي وڃڻ، بت ۾ ڳري وڃڻ.

لفظ "هڃي" جي معنيٰ شيخ صاحب "ساڻا ٿيا، ماندا ٿيا" ڏني آهي، بلوچ صاحب "بت ۾ ڳرڻ" ڏني آهي، باقي ٻين سيني شارحن "فنا ٿيا نابود ٿيا" ڏني آهي. معنائن جا اهي فرق ظاهر آهن. "هڃي وڃڻ، هڃڻ" اسين اڄ بہ پنهنجي روز واري مارڪي ۾ ڳالهائيندا آهيون. ٻيڪا پڻ ٽن معنائن ۾ آهي. هڪ "هڃي" (وڏي ي سان) جنهنجي معنيٰ آهي "هٽجي" (وڃي در دوستن جي، سوريءَ سر هڃي) ٻي معنيٰ اها، يعني، ڳنجي ويا، ڦرجي ويا" سٽ آهي. "وييت واهڙ ترن، هينڙا جن هڃي ويا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = جن جون دليون (عشق ۾) لنجي ۽ ڦرجي ويون آهن، اهي بنا مدد ۽ وسيلي جي واهڙ تريو وڃن.

لفظ ”هڇي وياس“ انتهائي ڏک/موت مهل پارن ۽ اوسارن ۾ ونبو آهي نہ ڪي چوري ۽ ڌاڙي مهل،

جملو = هڇي وياس، ڦرجي وياس. منهجو جوان پٽ هليو ويو.

ڪاوڙ ۽ خار مان ٻي ڪي ايئن بہ چئبو آهي:

جملو = هڇي ويئي وٺ ويئي هيس پر اڌار تي سودو نٿو ڏي.

۽ ٽي معنيٰ اها آهي تہ. ڪنهن بہ خوبصورت لاءِ چئبو،

جملو = فلاڻيءَ ڪي ڏٺو اٿئي؟ سهڻي تہ اڳ بہ هئي پر شاديءَ کان پوءِ تہ هڇي ويئي آهي.

جملو = فلاڻيءَ پنهنجي ڌيءَ ڪي ڏيج ڏنو آهي، وڃي تہ ڏس، هڇي ويو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = شڪر ڪرڻ وارن جي آستانن ۾ صبر ئي صبر آهي. اهي محبوبن سان ملي منجهن محو ٿي ويا آهن پر اهي تر جيترو بہ ظاهر نٿا ڪن. جن جون دليون (عشق ۾) لنجي ۽ ڦرجي ويون آهن، اهي بنا ڪنهن مدد يا وسيلي (ترهي) جي واهہ تريو تا وڃن.

سر سوهڻي، داستان 3 بيت 18 جلد 1،

سِهَہ سيارو پاڻي پارو، جت جهڙ جهڳهہ ۽ جهول،
من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول،
جيلان ٻڌيس ٻول، تي اڙانگا آر تران.

سِهَہ :

شيخ = تَهِہ. نهايت. سخت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = سيءُ، سردي

**هول :**

شيخ = فڪر، ڳڻتي

منگهاڻي = خيال (ڏک ۽ غم وارا)

**آر :**

شيخ = (واحد آرُ) درياهہ ۾ ڪن پيدا ڪندڙ پاڻيءَ جو تيز وهڪرو، ڪُن، گرداب.

منگهاڻي = مرضي، رجحان، لاڙو.

گنج صفحو 353.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 17 (جت جر جڳهہ ۽ جهول)

قليچ، داستان 3 بيت 17 (بيت شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) سِهَہ = سرديءَ واري مهيني جو نالو، ڦِڳڻ، سخت سيءُ، نهايت، سخت. هول = ڊپ، خوف. آر = آرا، وٽ، ور، گهير ڪن، ڪن جهڙا چڪر.

قاضي، داستان 4 بيت 15 (جت جهڙ جهڪ ۽ هول) سِهَہ = سيءُ، سرديءَ وارو مهينو. هول = ڊپ، فڪر. آر = سير، تک وهڪرو.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 15 (جت جهڙ جهڪ ۽ جهول)

سِهَہ = (پراڪرت سهہ/ سنسڪرت، سڌ) پورڻ، مڪمل.

هول = عربي. ڊپ هتي، فڪر، ڳڻتي، پور. آر = وهڪرا، تکا پاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 3 بيت 15 (جت جهڙ جهڪ ۽ جهول)
سِهَہ = مڪمل، تهہ. هول = فڪر، ڊپ. آر = وهڪرا، خيال.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 15 (جت جهڙ جهڪ ۽ جهول) سِهَہ = تهہ، سخت. هول = پوائتا خيال، پور. آر = تکا وهڪرا.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 20 (سيهہ جر جڳهہ ۽ جهول)

قاسمي، داستان 3 بيت 17 (سيهہ سيارو جر جڳهہ ۽ جهول)
سهہ = وچ سيارو.

هول = ڊپ، پور. آر = وهڪڙا.

انصاري، داستان 3 بيت 15 (جت جهڙ جهڪ ۽ جهول) سهہ = سيءُ، سرديءَ وارو مهينو. هول = ڊپ، فڪر. آر = سير، تک وهڪرو.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 292 سِهَہ = سهہ سيارو، تهہ سيارو، سخت سيارو، پورو سيارو. صفحو 549، هول = ڊپ ڊاءُ، خوفائتا چرڪ، ڳڻتيون، فڪر.

صفحو 2، آر = پاڻيءَ جي تکي پلٽ واري سير جيڪا ڪن ڪري، درياهہ جو تکو وهڪرو.

لفظ ”سِهَہ“ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ سردي ۽ گهڻي سيءَ کي چئبجي ٿو.

جملو = اڄي جا سِهَہ وري آهي تہ نڪرڻ ئي نٿو ٿيئي ڪيڏانهن.

جملو = هير تہ سِهَہ پور ڪري ڇڏيا آهن. ٻار ٻچو آڙن ۾ پوري ڍڪي ڇڏيو، اگهائي سڌ ٿي ڪري.

جملو = هيڏيءَ سِهَہ ۾ ڪيڏي سنيريو آهين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ست آهي، ”سِهَہ سيارو پاڻي پارو، جت جهڙ جهڳهہ ۽ جهول“
معنيٰ = سياري جي مند. انتهائي گهڻو سيءُ، پاڻي بہ پاري وانگي ڄميل، جتي آسمان تي ككر ڇانيل آهن. (سج جو نالو نشان كونهي) گوڙ شور ۽ ترڻ لاءِ ناموافق حالتون آهن.

ٻيو لفظ آهي ”هول“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”فكر ۽ ڳڻتي“ ڏني آهي. لفظ ”هول“ اسان وٽ (لسٻيلي ۽ كوهستان ۾) خيال اچڻ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. اهڙا خيال جن ۾ ڊپ ۽ خوف هجي. ست آهي. ”من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول“
معنيٰ = منهنجي اندر ۾، هاڻ منجهان پنهنجي پرينءَ ميهار جا خيال/اڌما ٿا اٿن.

جملو = تون ٻاهر ويندو آهين تہ هزارين هول ايندا آهن.

جملو = گهڻائي هول ٿا اچن، الله خير كري.

لفظ ”آر“ جي سمجهاڻي مٿي هك كان وڌيك ڀيرا ڏني اٿم.
سو... بيت جي سمجهاڻي =سياري جي موسم، گهڻو سيءُ. پاڻي بہ پاري جيان ڄميل (برف ٿيل) آهي. جتي جهڙ ۽ پاڻيءَ جو گوڙ ۽ كن آهن ۽ منهنجي اندر ۾/دل ۾ محب (ميهار) جا خيال ۽ پور/اڌما ٿا اٿن. جيئن تہ (سندس/ميهار جي) ٻول ۾/وچن ۽ واعدي ۾ ٻڌل آهيان تنهنكري ٻيئي درياهہ جي ڏكين/اڙانگن مرضين هيٺ تران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـهڻي، داسـتان 4 بيـت 7 جلـد 1،

ڪرڪـن ڪجايـاس، محبتـي ميهـار جـي،
ڇڙڪـن جـي ڇيـڄ ڪيـا، تـن واري وهـ وڌيـاس،
لالـڻ لاءِ لطيـف چئـي، اچـي آب گهڙيـاس،
سرتيون ڪنهن سياڳ ڪي، سـڪڻ آئـون سـڪياس،
وسـان تـي وييـاس، مليـس جـي نـ ميهـار ڪـي.

## ڪجاياس :

شيخ = مونکي ڪجايو، ڇيڙيو يا چوريو.
منگهاڻي = مونکي ڳاريو يا ڪمزور ڪيو.

## واري :

شيخ = وري، واپس آڻي، موٽائي.
منگهاڻي = ريبي، ڌتاري، پيار محبت ۽ خوشامند ڪري، گهيرو ڪري، تاتاري پنهنجو ڪرڻ.
گنج، صفحو 357 ۽ 358 (چرڪن جي ڇيڄ ڪيا)
گنج وارو بيت آهي:

ڪرڪـن ڪجايـاس، محبتـي ميهـار جـي،
چرڪـن جـي ڇيـڄ ڪيـا، تـن واري وهـ وڌيـاس،
لالـڻ لئـ لطيـف چئـي، اچـي آبِ گهڙيـاس،
وسـان تـي وييـاس، مليـس جـي نـ ميهـار ڪـي.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 4 بيت 5:

ڪرڪــــن ڪجايــــاس، ٻيلـــي پــــاس ٻــــرن جـــي،
ڇٽڪـــن جـــي ڇيـــچ ڪيـــا، تـــن واري وهـــ وڏيـــاس،
لاڪــــو لطـــــف الله چئـــي، اچـــي آب گهڙيـــــاس،
وســـان تـــي وييـــاس، مليـــس جـــي ميهـــار ڪـــي.

قليچ، داستان 4 بيت 5:

ڪرڪــــن ڪجايــــاس، ٻيلـــي پــــاس ٻــــرن جـــي،
ڇٽڪـــن جـــي ڇيـــچ ڪيـــا، تـــن واري وهـــ وڏيـــاس،
لاڪــــو لطـــــف الله چئـــي، اچـــي آب گهڙيـــــاس،
سـرتيون ڪنهـن سـياڳ ڪـي، سـڪڻ آئـون سـڪياس،
وســـان تـــي ويـــاس، مليـــس جـــي ميهـــار ڪـــي.

لغـات لطيفـي (قليـچ) ڪجايـاس = ڪجـائڻ = سـتائڻ، چيڙائـڻ، چورڻ، بيزار ٿيڻ.

واري = وري، ورائي، موٽائي.

قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ هي بيت ناهي.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 5:

ڪـــرَن ڪجايــــاس، ٻيلـــي پــــاس ٻــــرن جـــي،
ڇٽڪـــن جـــي ڇيـــچ ڪيـــا، تـــن واري وهـــ وڏيـــاس،
لاڪــــو لطـــــف الله چئـــي، اچـــي آب گهڙيـــــاس،
سـرتيون ڪنهـن سـياڳ ڪـي، سـڪڻ آئـون سـڪياس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسـان ٿـي ويـاس، مليـس جـي ميهـار کـي.

قاسمي، داستان 4 بيت 5:

ڪڙڪـن ڪجايـاس، ٻيلـي پـاس ٻـرن جـي،
ڇٽڪـن جـي ڇيـڄ ڪيـا، تـن واري وهـ وڏيـاس،
لاڪـو لطـف الله چئـي، اڃـي آب گهڙيـاس،
وسـان ٿـي ويـاس، مليـس جـي ميهـار کـي.

(قـاسمي صـاحب پـر واري حاشـيي ۾ لکيـو آهـي تـہ. هـي بيـت ڀٽائي صاحب جو نہ آهي.)

بمبئي ڇاپو، داستان 4 بيت 5:

ڪَـرَڪَـن ڪـِجاياس، ٻيلـي پـاس ٻـُرن جـي،
ڇڪـڻ جـي ڇيـڄ ڪيـا، تـن واري وڏيـاس،
لاڪـو لطـف الله چئـي، اڃـي آب گهڙيـاس،
سـرتيون ڪنهـن سـياڳ کـي، سـڪڻ سـڪيياس،
وسـان ٿـي ويـاس، مليـس جـان نـہ ميهـار کـي.

هڪ اوائلي نسخو، داستان 4 بيت 93:

ڪڙڪـن ڪجايـاس، ٻيلـي پـاس ٻـرن جـي،
ڇنـگن جـي ڇيـڄ ڪيـا، تـن واري وڏييـاس،
لاڪـو لطـف الله چئـي، اڃـي آب گهڙيـاس،
سـرتيون ڪنهـن سـياڳ کـي، سـڪڻ سـڪيياس،
وسـان ٿـي ويـان، مليـس جـان نـہ ميهـار کـي.

هي بيت جن ٻـہ نسخنَ ۾ آيل آهي، انهـن مـان جيئـن جـو تيئـن اتاري اوهان اڳيان اندو اٿم تہ جيئن سڀي صورتحال اوهانجي اڳيان بنا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن مونجهاري جي واضح صورت ۾ هجي ۽ اوهان بيت جي عجيب صورت ۽ لفظن جا فرق ڏٺا. سواءِ گنج جي ٻيو جن بہ نسخن ۾ هي بيت آيل آهي اهو لطيف سرڪار جي نالي سان نہ پر ”لاکو لطف الله“ جي نالي سان آهي، جن ۾ بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخو، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسمي وارا نسخا آهن. گنج ۽ شوقيرام وارن نسخن ۾ بيت ڇئن سٽن تي ٻڌل آهي ۽ سٽ، ”سرتيون ڪنهن سياڳ کي، سڪڻ آئون سڪياس“ انهن ٻنهي نسخن ۾ ڪانهي، پر شوقيرام واري بيت جي سٽ آهي،

”لاکـــو لطـــف الله چئـــي، اچـــي آب گهڙيـــاس“

۽ گنج جي سٽ آهي،

”لالـــڻ لئـــ لطيـــف چئـــي، اچـــي آب گهڙيـــاس“

باقي ٻين نسخن ۾ بيت پنجن سٽن تي ٻڌل آهي ۽ سيني ۾ ”لاکو لطف الله چئي“ آيل آهي، ۽ شيخ صاحب هن بيت کي گنج ۽ بمبئي ڇاپي واري بيت سان ملائي هڪ نئون بيت ايجاد ڪيو آهي. ”لاکي لطف الله“ جي بيت کي لطيف سرڪار جو بيت ٻڌايو ويو آهي محض ”گنج“ جي آڌار تي! گنج بنا ڪنهن تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ جي، جيئن آهي جتي آهي جي بنياد تي ڇپيل آهي،ان کي بنياد بنائڻ بہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي.

بيت ۾ ٻهريون لفظ آهي ”ڪرڪن“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڇڙن، سنيارن (واحد ڪرڪو يا ڪرڪ)“ ڏني آهي ۽ لڳ ڀڳ سيني شارحن اهائي معنيٰ ڏني آهي. جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڪَرَڪَو“ اهڙي آواز کي چئبو آهي، جيڪو ڪنهن شيءِ کي ”گهرڻ يا گسڪائڻ“ جي ڪري ٿيندو آهي، يا مال جي سڱن ۽ کُرن جي ڪنهن سخت چيز سان لڳڻ، گهَڻَ يا گسڻ ۽ ٽڪرائڻ سبب ٿيندو آهي. هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهايون ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ھي ڪَرَڪو ڇا جو آھي؟

جملو = مينھن پيئي ڪاٺ سان سڳٌ ڪري. شايد ان جو ڪَرَڪو آھي.

جملو = پر واري ڪارخاني ۾ ڏينھن رات لوھن جا ڪَرَڪا آھن. انھن ڪرڪن تہ اسان کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آھي.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ آھي "ڪجاياس" آھي جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب "مونکي ڪجايو، مونکي ڇيڙيو، چوريو" ڏني آھي. ھي ساڳيو لفظ متي سر ڪنيات، داستان 2 بيت 1 ۾ سٽ، "ھا ھر ڪندو ھل، تہ ڪجايون ڪرن ڪي" ۾ آيل آھي، جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "ڇيڙايون، خار ڏياريون" ڏني آھي. متي لفظ "ڪجايون" جي جملن سان سمجھاڻي ڏني اٿم تہ، "ڪجڻ" جي معنيٰ آھي "ڳرڻ، ڪمزور ٿيڻ، نبل ٿيڻ" ۽ "ڪجاياس" جي معنيٰ آھي، ڳارياس، ڪمزور ڪياس".

بيت جو ٽيون لفظ آھي "واري" جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب "وري، واپس آٽي، موٽائي" ڏني آھي ۽ پڻ قليچ صاحب جي لغات لطيفي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لغت "روشنيءَ" ۾ لفظ "واري" جي اھائي معنيٰ ڏنل آھي، جڏھن تہ لفظ "واري" ۽ "وري" ساڳي معنيٰ رکندڙ ناھن. لفظ "وريءَ" جي معنيٰ آھي "واپس، ٻيھر، موٽڻ"، پر لفظ "واري" جي اسان وٽ معنيٰ نھايت نفيس، دلڪش ۽ سحر انگيز آھي، يعني، جڏھن ڪو ھلي وڃي/ رُسي وڃي، يا ڪنھن ڳالھ ۽ ڪنھن عذر جي ڪري نہ اچي تہ، ان کي پيار مان، خوشامند سان، ريھي ريبي، ذتاري، تاتاري، سندس سڀ ميارون مڃي، قرب مان ڳراٽڙيون پائي، پيار مان زوريءَ گھري، گھيرو ڪري وني آڻجي، تہ چئبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي ڪيڏي سياڻي آهي، پنهنجا سيئي رنل، پرچيل واري ورائي وٺي آئي آهي.

جملو = ابا، مال کي واري ورائي چار. چين، ايئن مڙيئي چيڪ چڏي نہ ڏجين.

”چڙڪن جي چيچ ڪيا، تن واري وهہ وڏياس.“

معنيٰ = چڙن/ڏڱرن جي نچڻ/لڏڻ جي ڪري اٿيل آوازن مون کي، گهري، گهيرو ڪري آڻي پاڻيءَ/ درياهہ ۾ وڌو.

سر سهڻي، داستان 4 بيت 25 جلد 1،

الله سڀ جيئن، مينهون جي ميهار جون،

ڪاريون ڪنڌيون ککيون، وارا ڪيو وين،

جوءِ جا جادارن جي، اٿ ٻيلا ٻهہ ڪن،

اچي ريل رهن، مون سانيارا سپرين.

## وارا ڪيو :

شيخ = هڪ ٻي پٺيان يعني سڀيئي هڪ وقت تي نہ پر واري سان. جيئن ميهار وٽ هميشہ کير موجود هجي.

منگهاڻي = هر هر، بار بار، ور ور ڪري ويامن، پيري پيري ويامن، مسلسل ويامن.

گنج، صفحو 347 ۽ 348 (جاندارن)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 21 (جانارن)

قليچ، داستان 4 بيت 21 (جانارن)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) وارا ڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 5 بيت 12 (جاندارن) وارا ڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 20 (جاندارن) وارا ڪيو وين = شل واري واري تي ويامن ۽ نہ سپ هڪ موسم ۾، تہ ميهار وٽ ڪير هميشہ موجود رهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 20 (جاندارن) وارا ڪيو = هڪ ٻي جي پٺيان، جيئن هر موسم ۾ ميهار وٽ ڪير موجود هجي.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 20 (جاندارن) وارا ڪيو = واري واري تي.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 23 (جانارن)

قاسمي، داستان 4 بيت 21 (جانارن) وارا ڪيو = معنيٰ ناهي.

انصاري، داستان 4 بيت 20 (جاندارن) وارا ڪيو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" ۾ لفظ "وارا ڪيو" جي معنيٰ ناهي.

"وارا ڪيو" لسبيلي ۽ ڪوهستان جو معروف، مخصوص اصطلاح آهي، جنهنجي معنيٰ آهي: "هر هر، بار بار، ور ور سان، ٻيري ٻيري سان، مسلسل، بنا ڪنهن وقفي جي." مثال جي ڪنهنجي شاديءَ ۾ ديگ تي وينل ماڻهو جي پٽ جا ٿانوَ ٻيري ڪيڏانهن موڪليندو پيو تہ چئبو،

جملو = فلاڻي ڪي ديگ تان اٿاريو، هي تہ وارا ڪريو پيو پنهنجو گهر ٻيري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = منھنجون ڪڪڙيون سدائين ڪُڙڪَ آھن ۽ تنھجون وارا ڪيو ٿيون آنا لاھين.

جملو = ڦلاٽو ڀاڳيو آھي، سندس مال وارا ڪيو ٿو ويامي.

سٽ آھي، ”ڪاريون ڪنڍيون ڪڪيون، وارا ڪيون وين“

معنيٰ = (ميھار جون) ڪاريون، ڪنڍيون ۽ ڪڪيون (مينھون شال) ھر ھر، ور ور بنا ڪنھن وقفي جي يڪيون ڀيون ويامن.

شيخ صاحب اھا معنيٰ ضرور گربخشاڻي صاحب وٺان ڪنئي آھي، جيڪا درست ناھي. ڪير جي اٿاٿ جو مسئلو مينھن جي ڀريل واڙن ۽ وٿاڻن ۾ ڪٿي ٿو ھجي، جتي ڪاريون، ڪنڍيون، ڪڪيون، ڀوريون، چالون سيپئي ڀٺاريون ماٺن جا مٿ ڪنيو بيٺيون آھن. مال لاءِ تہ اھائي دعا گھربي آھي تہ اھي ھر ھر ڀيون ويامن تہ مال جي گھٽائي ٿئي، نہ ڪي واري واري سان ويامڻ جي وقفي لاءِ دعا گھربي آھي!

بيت جي سمجھاڻي = يا الله (منھنجي محبوب) ميھار جون سيپئي مينھيون شال جيئن، ڪاريون، ڪنڊيون، ڪڪيون شال ھر ھر ويامن. جانورن (مينھن) جي رھڻ واري جاءِ (وٿاڻ) ۽ ٻيلا شال سدائين جرڪندا ۽ ٻھڪندا رھن. شال منھنجا پرين منھنجي ئي اڳيان ساون سرسبز پٽن تي رھن/وسن.

سر سھڻي، داستان 5 بيت 10 جلد 1،

جيھر لوڪ جھپ ڪري، ذرو جاڳ نہ ھوءِ،

اوھير اڃيو اديون، پَھُ پريان جو پوءِ،

جي ڪچو چونم ڪوءِ، تہ مرڪ پانيان ميھٺو،

**جھپ :**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = ننڊ، آرام.

منگهاٽي = گرمائش، ڪوساڻ، بنا هوا ۽ سيءَ جي گرم جاءِ.

گنج، صفحو 341

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 5 بيت 16

قليچ، داستان 5 بيت 16

لغات لطيفي (قليچ) جهپ =ڪنڌي، ڪنارو.

قاضي، داستان 6 بيت 14 جهپ = آرام، ڪنڌي، ڪنارو، ڳوٺ جو نالو.

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 14 جهپ = (گجراتي، جهپ، مرهٽي جهولپ)، ننڊ، آرام.

شهواڻي، داستان 5 بيت 14 جهپ = ننڊ.

آڏواڻي، داستان 5 بيت 14 جهپ = آرام، ننڊ.

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 17

قاسمي، داستان 5 بيت 16 جهپ = ننڊ.

انصاري، داستان 5 بيت 15 جهپ = آرام، ڪنڌي، ڪنارو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 156 جهپ = جهپ ڪرڻ = ذرا آرام ڪرڻ.

متي سر جمن، داستان 9 وائي 1 ۾ لفظ "جهپ" "ج" سان، "جپ" واري صورت ۾ آيل آهي، جتي پڻ ان جي معنيٰ شيخ صاحب، "ننڊ، آرام" ڏني آهي. لفظ "جهپ" جيئن تہ سواءِ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻيو ڪٿي بہ نٿو ڳالهايو وڃي (شايد) اهو ئي سبب آهي جو عالمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بہ اهو لفظ ٻڌل ناهي، ۽ ان کي جيئن جو تيئن پراڻن نسخن مان ڪنيو آهي، ۽ جتي "جپ" لکيل هو اتي "جپ" ڏنائون ۽ جتي "جهپ" لکيل هو اتي "جهپ"!. اڳاڻن نسخن ۾ جيئن تہ لپيءَ جا لکين معامرا هئا. ۽ ڪوبہ هڪ طريقو اجا رائج ٿي نہ سگهيو هو. حرفن ۾ نقطن وغيره وارو قانون مروج تہ ڇا پر بانيڙا پائڻ جهڙو بہ نہ هو. بلڪ پنيءَ پَر پيل هو. سو، ڏ، ڍ، ڊ، ڙ، ذ، ٿ، ٻ، پ، ٽ، ڄ، جهہ، ڃ، ڇ، ڳ، ڱ، ڪ، گ، گهہ وغيره جي نقطن ۽ صورتن جي ڪابہ واضح شڪل ۽ پابندي نہ هئي، تنهنڪري نتو ڇئي سگهجي تہ ڪيترا لفظ اڻ سڌريل لپيءَ جي ور چڙهي، پنهنجو وجود وڃائي وينا. ۽ جي ڪي مڙسي ڪري بچي نڪتا تہ اهي غلط معنائن جي هٿ چڙهي عجيب الخلقت بڻجي ويا. جيڪي ويا انهن لاءِ تہ منهن تي پلوءُ وجهي پٽي پار ڪڍي ويهي ٿو سگهجي، پر غلط ڏنل معنائون درست نہ ڪجن، اهڙي بہ هرويرو اند ڪانهي. دنيا جا ڏٽي پلي ورم لاءِ منجهي پون پر نيٺ سونت جو سورج ٽڪڻ تي ٽڙي پوندو. مون ڪي هن مهل ڪوهستان جي هڪ سچيت شاعر علي بڪڪ جي هڪ طويل واقعاتي شعر جو هڪ بند هانءَ تي تري آيو آهي تہ.

"توجي ڪاڏانِ مال مفت جا، تہ اچ ڇانِ دنيا جا ڏٽي،
ڏينداپہ ڪرڪاڻ ڪٽي، تڏهن پاسو ڇڏيندين پلوڙيءَ جو."

هڪڙي ڳالهہ واضح ڪندي هلان تہ منهنجو سنڌي ادب ۽ لطيفيات جي حوالي سان ڪنهن بہ بني بشر سان ڪوبہ ذاتي وير، بغض يا جهيڙو ڪونهي. سڀيئي منهنجي لاءِ محترم/معزز ۽ معتبر آهن، پر جڏهن بہ سنڌي ٻولي، خاص ڪري لطيف جي ٻولي/ لهجي ۽ لفظن کي غلط صورت ۽ معنيٰ ڏني وڃي، ۽ اهي بہ منهنجي پنهنجي پٽن جي لفظن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي، ۽ جيڪي آئون پاڻ ذاتي طور اچ بہ ڳالهايان پيئي تہ پوءِ ضرور آئون انهن جي تصحيح پنهنجو فرض سمجهي ڪنديس، بنا ڪنهن نالي ڏسڻ جي تہ ان نالي جو قد يا شخصيت ڪيڏي وڏي ۽ طاقتور آهي.

لفظ "جهپ" اڄ بہ اسان وٽ عام ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، "اهڙي جاءِ/ اهڙو هنڌ جتي هوا ۽ ٿڌ جو گذر نہ هجي. سيءَ ۾ بغير هوا جي ڪوساڻ ۽ گرمائش واري هنڌ کي "جهپ" ٿو چئجي. "جهپ" جو تعلق ننڊ ۽ آرام سان ناهي، پر ٿڌ ۾ "گرمائش ۽ ڪوساڻ" سان آهي. سٽ آهي، "جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نہ هوءِ"

معنيٰ = جنهن مهل ماڻهو پنهنجي گرم هنڌن/ ڪوسن بسترن ۾/ ڪوساڻ واري هنڌ آرامي آهن، ۽ ڪين ذري بہ سجاڳي/ جاڳ ناهي.

مٿي سر جمن، داستان 9 وائي 1 ۾ لفظ "جپ" آيل آهي، جيڪو ٻين نسخن ۾ "جهپ" آهي. پر مون اتي لفظ جي بگڙيل صورت جي ڪري سمجهاڻي نہ ڏني هئي، ۽ وائيءَ جي سٽ هئي،

"سيج ستي نون جپ (جهپ) نہ آوي، نيٽين ننڊ حرام"

معنيٰ = سيج تي/ سوڙين/گاديلن ۾ ستل آهيان، پر اتي بہ مون کي ڪا گرمائش ۽ ڪوساڻ نٿي ملي، ۽ نيڻن ۾ ننڊ حرام آهي/ اکين ۾ ننڊ ناهي. يعني ننڊ جو اتي ذار ذڪر آهي تہ، "نيٽين ننڊ حرام"

جملو = اسان جي گهر ۾ رهڻ جو سک ڪونهي، نڪو گرميءَ ۾ ٿڌو آهي نڪو سياري ۾ جهپ اٿس.

جملو = ٻار پيا ٻاهر ٿڌ ۾ ڪڏن، ڪين وني آڻي جهپ ۾ ويهاريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = لوڳهان تان رُوڃَ هٽي ڇڏيو تہ جهپ ٿيئي.

بيت جي سمجهاڻي = جنهن مهل ماڻهو پنهنجن ڳرم هنڌن ۾ آهن ۽ ڪين ذري بہ جاڳ ناهي، تنهن مهل اي اديون، مون کي پرينءَ جو خيال/پور تو پوي. جي ڪو طعنو، مهڻو يا ڪا غلط ڳالهہ بہ چوي تہ اهو آئون پاڻ لاءِ مان/فخر تي سمجهان.

سر سوهڻي، داستان 5 بيت 13 جلد 1

پليان پليو نہ رهي، نرتون نينهن نبار،
گهڙان گهوريم جندڙو، اٿل مون اوپار،
جني من ميهار، هلڻ تني حق ٿيو.

**اٿل :**

شيخ = لاڙو

منگهاڻي = واڌو، وڌيڪ، اصل کان زياده، تور ماپ ۽ حساب ڪتاب کان مٿي (ڪجهہ).

گنج، صفحو 343 (اٿل مون اوپار)

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 84 بيت 442 (جنهين، تنهين)

شوقيرام، داستان 5 بيت 10 (اٿل مون اوپار)

قليچ، داستان 5 بيت 10 (اٿل مون اوپار)

لغات لطيفي (قليچ) اٿل = زياده وزن، زيادتي، اٿل.

قاضي، داستان 6 بيت 9 (اٿل مون اپار)

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 9 (اٿل مون اپار) اٿل = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 5 بيت 9 (اٿل مون اوپار)

آڏواڻي، داستان 5 بيت 9 (اٿل مون اوپار)

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 9 (اٿل مون اوپار)

قاسمي، داستان 5 بيت 10 (اٿل مون اپار)

انصاري، داستان 9 بيت 10 (اٿل مون اوپار)

بلوچ، داستان 7 بيت 5 (اٿل)

لغت "روشني" (بلوچ) صفحو 12، اٿل = ڪٺر، واڙ.

بيت ۾ آيل لفظ "اٿل" جي معنيٰ شيخ صاحب "لاڙو" ڏني آهي.

هي بيت اوهان ڏٺو ته سيني نسخن ۾ آيل آهي، پر لفظ "اٿل" رڳو گنج، برٽش واري نسخي ۽ گربخشاڻيءَ وارن نسخن ۾ آيل آهي. جڏهن ته شوقيرام، قليچ، قاضي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ "اٿل" جي بدران "اٿل" آيل آهي، ۽ بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ "اتل" آيل آهي "گهڙان گهوريو جندڙو، اتل مون اويار".

۽ بيت ۾ لفظ "اوپار/ اويار/اپار" وارو مسئلو بہ اهم آهي خير...

لفظ "اٿل" اسين اڄ بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا، جنهنجي معنيٰ آهي، "واڙ، وڏيڪ، تور، ماپ ۽ حساب ڪتاب کان مٿي ڏنل". يعني، جيڪو ڏيٺو هجي ان کان وڌيڪ ڏيڻ يا بدلي ۾ وڌيڪ ڏيڻ جيئن ڪير ۾ ماپ کان ڪجهہ وڌيڪ ڏيڻ کي "رُنگ" چئبو آهي ۽ هاڻي تہ ڪير کان سواءِ بہ ٻئي ڪنهن پاڻياڻي چيز لاءِ "رُنگ" ئي تہ چئجي، تيئن ئي جي ڪو ڪنهنجي وقت تي مدد ڪندو آهي، تہ اڳيون تورائتو تي ايئن ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت تي هن جي مدد ڪندو آهي ۽ جي اهڙي وقت تي ڪو چوي تہ، ”فلاڻي هُن لاءِ گهڻو ڪيو هو“ تہ جي موٽ ۾ ڪيل مدد وڏيڪ هوندي تہ چئبو،

جملو = بيشڪ هُن بہ گهڻو ڪيو هو، پر هن تہ اجا اٿل ڪيو آهي.

يا ماپ ۾ تور مهل چئبو تہ، ”مون ڪي تور ۾ گهٽ مليل آهي“ تہ چئبو،

جملو = ڪيئن گهٽ مليو اٿئي؟ آئون تہ اتي ئي هيس. هن تہ توکي اٿل توري ڏنو هو.

قليچ واري نسخي ۾ بيت ۾ لفظ ”اٿل“ آيل آهي، پر سندس لغات لطيفيءَ ۾ صفحي 26 تي لفظ ”اٿل“ جي معنيٰ ”زياده وزن، زيادتي“ ڏنل آهي. ايئن بلوچ صاحب جي لغت ”روشنيءَ“ جي صفحي 12 تي لفظ ”اٿل“ جي معنيٰ، ”ڪٿر، واڌ“ ڏنل آهي، جڏهن تہ شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ ”لاڙو“ درست ناهي.

بيت جي سمجهاڻي = (آئون) جهليان/ روڪيان تہ بہ منهنجو سچو ۽ زوراور پيار نٿو جهليو تڻي، ۽ آئون پنهنجو جيءُ صدقو ڪري گهڙي تي پوان (درياهہ ۾) منهنجو چڙهتو/واڌو (چاهہ) پاڻيءَ جي وهڪري جي ابتڙ آهي. جن جي اندر ۾ محبوب ٿو وسي، انهن تي هلڻ/درياهہ ۾ گهڙڻ واجب آهي. (حق آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ســوهڻي، داســتان 5 بيــت 22 جلــد 1،
حــي ٻــڏان تــہ ٻــن، مــَــرُ اولجــان ان پــار ڏي،
ڪنــڏيءَ مٿــان ســپرين، مــان ٻــر ٻــر ڪــن،
ميـــائي ســـين تـــن، جيڪـــر ائـــي اوريـــان.
(رسالي ۾ هن بيت ۾ پروف جي چڪ سبب "پار" بدران "يار" ٿي ويو هو. ادارو)

## اولجان :

شيخ = لڙهي وڃان، ڏڪجي وڃان.
گنج ۾ هي بيت موجود ناهي.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 86 بيت 449
جي ٻڏان تہ ٻن، مَرُ اولجان ان پار ڏي.
مٿان اچي سپرين، مانَ ٻَر ٻَر ڪن.
(ٻي پڙهڻي = ڪنڌيءَ اچي ڪارڻي، مانَ ٻَر ٻَر ڪن)
ميائي سين تن، جيڪر اٿي نڪران
(ٻي پڙهڻي = ميائي سين تن، هيڪر اٿي نڪران)
بمبئي ڇاپو، داستان 5 صفحو 71
جي ٻڏان تان ٻن، مَرُ اولجان ان پار ڏي،
ڪنڌيءَ اچيو سپرين، مان ٻر ٻر ڪن.
ميائي سين تن جيڪر اٿي نڪران.
شوقيرام، داستان 5 بيت 20:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــي ٻـــڏان تـــ ٻـــن، مـــَــــرُ اولجـــان ان پـــار ڏي،
ڪنـــڏيءَ مٿـــان ســـپرين، مـــانَ ٻـــر ٻـــر اچـــي ڪـــن،
(ٻي پڙھڻي = ڪنڌيءَ اچيو سپرين، مان ٻر ٻر ڪن)
ميـــــائي ســــين تـــــن، جيڪـــــر اٺـــي نڪـــــران.

قليچ، داستان 5 بيت 20 (بيت شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) اولجان = اولجڻ، لڙھڻ، تيلھجڻ، ڦاسڻ.

قاضي، داستان 6 بيت 21 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) اولجان = ڏڪجان، تيلھجان.

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 19 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) اولجان = ڏڪجان، تيلھجان.

شھواڻي، داستان 5 بيت 19 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) اولجان = معنيٰ ڏنل ناھي.

آڏواڻي، داستان 5 بيت 19 (بيت بمبئي ڇاپي وارو) اولجان = ڏڪجان.

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 22 (بيت شوقيرام وارو)

قــاسمي، داســتان 5 بيــت 19 (بيــت شــوقيرام وارو) اولجــان = لڙھان.

انصــاري، داســتان 5 بيــت 20 (بيــت شــوقيرام وارو) اولجــان = ڏڪجان، تيلھجان.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 36 ۽ 37 اولجان = اولجڻ = ٻيڙيءَ جـو (سـڙھ بـدران) اولـي سـان ڪـاھجڻ، تيلھجـڻ. اولجـان = تيلھجـان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(پاڻيءَ ۾). لفظ "اولجان" جيڪر هتي تصحيح لاءِ نہ اچي ها. ڇو جو ان تي متي ڪافي ڳالهايو ويو آهي.

مثال طور سر ڪلياڻ، داستان 1 بيت 3 ۾:

"تـــڏهن منجهـــان تـــن، اوتـــڙ ڪونـــہ اولئـــو"

سر سريراڳ، داستان 1 بيت 10 سٽ آهي،

"الا ات مَ اولييـــــن، ٻيـــــڙا متـــــي ٻيـــــٽ"

سر سريراڳ، داستان 2 بيت 14 سٽ آهي،

"سمنـــــڊ ســـــوجهي جـــــن، آٽـــــي امـــــل اوليـــــا"

سر ساموندي، داستان 4 بيت 16 سٽ آهي،

"ســـتڙ ســـوننائون، اوَتـــڙ ڪنهـــن نـــہ اوليـــا"

سر سهڻي، داستان 1 وائي 1 سٽ آهي،

"نيئـــي نيئـــي اول، پريـــان جـــي پـــار ڏي."

هن متين بيت جي سٽ آهي "جي ٻڏان تہ ٻن، مَرُ اولجان ان يار ڏي" ان ۾ آيل لفظ "اولجان" جي معنيٰ شيخ صاحب "لڙهي وڃان، ڏڪجي وڃان" ڏني آهي. اهي سڀ مثال ثابت ٿا ڪن تہ لفظ "اولجڻ" کان شيخ صاحب بہ ٻين سڀني شارحن وانگيان مڪمل طور تي اڻواقف آهي. لفظ "اولجڻ" بہ شايد انهن ئي لفظن منجهان آهي، جيڪي (شايد) لسبيلي ۽ ڪوهستان جا مخصوص لفظ آهن، جن جي اها معنيٰ لطيف جي ڪنهن بہ شارح کي معلوم ڪانهي. اسان وٽ لفظ "اولجڻ" جي معنيٰ آهي "ڦاسڻ".

1. "اوتڙ ڪونہ اولئو" معنيٰ = خراب تڙ نہ ڦاسايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. "الله ات مرَ اوليين" معنيٰ = اي الله اتي نہ ڦاسائجين.

3. "آٿي امل اوليا" معنيٰ = املهہ موتي ڦاسائي آندا.

4. "اوتڙ ڪنهن نہ اوليا" معنيٰ = ڪنهن بہ خراب تڙ انهن کي نہ ڦاسايو.

5. "نيئي نيئي اول" معنيٰ ـ وٺي وجي ڦاساءِ.

6. "مر اولجانءِ ان يار ڏي" معنيٰ = ڀلي ڦاسي پوان ان محبوب ڏانهن.

بيت جي صورت بابت متي اوهان کي آگاهي ڏني اٿم تہ. شيخ صاحب جي نسخي ۾ آيل بيت سيني کان مختلف آهي. پهرين سٽ ۾ آيل لفظ "يار" ۽ آخري سٽ ۾ آيل لفظ "اوريان" ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهن. ٻين سيني نسخن ۾ "مر اولجان ان پار ڏي" آيل آهي، ۽ لفظ "اوريان" جي بدران ٻين سيني نسخن ۾ "نڪران" آيل آهي. "جيڪر اتي نڪران..." ۽ ٻيا بہ لفظن جا فرق آهن. جيڪي ڏسي تا سگهن. آخري سٽ ۾ آيل لفظ "جيڪر" سيني نسخن ۾ آيل آهي.

سٽ آهي، "ميائي سين تن، جيڪر اتي نڪران/ اوريان" ان سان معنيٰ صحيح نٿي بيهي/نهڪي جڏهن تہ برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ هيٺ حاشيي ۾ ڏنل ٻي پڙهٽيءَ ۾ آيل لفظ "هيڪر" وڌيڪ نهڪي ٿو ۽ اها ئي سٽ درست ٿي لڳي، "ميائي سين تن، هيڪر اتي نڪران" معنيٰ = مرڻ جي باوجود/ مرڻ کان پوءِ بہ انهن سان هڪ وار/هڪ دفعي نڪري ملان/ اٿان".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـوهڻي، داسـتان 6 بيـت 16 جلـد 1،

ڪـاري رات ڪچـو گهـڙو، اوڙتيهيـن اونداهـي،
چنـڊ نـالو ناهـ ڪـو، درياهـ دڙ لائـي،
سـاهڙ ڪـارڻ سـوهڻي، آڏيءَ تـي آئـي،
ايءَ ڪـم الاهـي، نـه تـه ڪنـن ۾ ڪيـر گهـڙي.

**دڙ :**

شيخ = گوڙ، ڌمچر، شور، ڌڌڪو.
منگهاڻي = ڪاوڙ، ڄٽ، دڙڪا.
گنج، صفحو 334
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 6 بيت 3
قليچ، داستان 6 بيت 3
لغات لطيفي (قليچ) دڙ = ڌمچر، هل.
قاضي، داستان 3 بيت 14 دڙ = ڌمچر، گوڙ.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت 13 دڙ = درهڙ، ڌڌڪو، ڌمچر.
شهواڻي، داستان 6 بيت 13 دڙ = ڌڌڪو = ڌمچر
آڏواڻي، داستان 6 بيت 13 دڙ = ڌمچر، گهمسان
ڏيپلائي، داستان 6 بيت 13
قاسمي، داستان 6 بيت 13 دڙ = ڌڌڪو.
انصاري، داستان 6 بيت 13 دڙ = ڌمچر، گوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 191 ڏڙ = ڏڏڪا. درياهہ ڏڙ لائي = درياءَ ڏڏڪا ڪيا.

لفظ ”ڏڙ“ جي لفظي معنيٰ آهي، ”ڪاوڙ مان تکو ڳالهائڻ، جٺ ڪرڻ (لفظن سان وڙهڻ) يعني ڳالهائڻ سان وڙهڻ، نہ ڪي هٿن ۽ هٿيارن سان...“ باقي معنوي معنيٰ ۾ پلي شور، گوڙ، ڏمڇر، ڏڏڪا، وغيره چئو، پر ڏکين لفظن جي معنائن ۾ اها معنيٰ هرگز نٿي ڏيئي سگهجي، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان اهي خدشا ۽ امڪان وڌي ٿا وڃن تہ، جن جو لفظ ”ڏڙ“ ٻڌل ئي نہ هوندو، اهي لفظ ”ڏڙ“ جي اها معنيٰ پڙهي متان پنهنجي ليکن ۽ ڳالهائڻ ۾ آڻي ڪلڻ هاب ٿين ”ڇو تا ڏڙ ڪريو“ کي ائين سمجهندا تہ اسان ”ڇو تا گوڙ ڪريو“ چيو آهي، پر جن جو اهو لفظ هوندو آهي تہ ضرور لطف اندوز ٿيندا، ۽ وري لفظ ”ڏڙ“ جي هڪ ٻي بہ معنيٰ آهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڏڙ ڪرڻ“ زمين جي کوٽائي ۽ وٽن جي زمين هيٺ مٽي ڪرڻ کي بہ چيو وڃي ٿو.

جملو = ابا، وٽن کي ائين پاڻي نہ ڏيو، پهرين ”ڏڙ“ ڪري پوءِ ڏيو تہ پاڻي جذب ٿيئي، نہ تہ متان ئي متان هليو ويندو.

پر ڳالهائڻ سان وڙهڻ واري لفظ ”ڏڙ“ کي ”ڏڙ ڪرڻ“ نٿو چئجي، پر جيئن لطيف فرمايو آهي، (ڏڙ لائي) تہ، ”ڏڙ لائڻ“ چئبو آهي.

جملو = هن ويچاري ڇا ڪيو آهي. جو صبح کان ڏڙ لايو وينو آهين.

جملو = ڇڏينس ڪٽي ڏڙي ڏڙي ٻڻ ئي ڪڏي ڇڏيو اٿئي.

بيت جي سمجهاڻي = اٽڪيهين تاريخ جي اونداهي رات آهي.

سوهڻيءَ کي ڪچو دلو ساڻ آهي. چنڊ جو ڪو نالو نشان ئي ڪونهي، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درياهه ٻه سخت ڪاوڙ ۾ جوش ۾ آهي. هوءَ ساهڙ لاءِ (ميهار سان ملڻ لاءِ) آڌيءَ (رات) جو درياهه تي آئي آهي. اهي قدرت جا معاملا آهن/ اهو ڪم ڏٺيءَ جي امر موجب هو. نه ته جيڪر (هيئن زندگيءَ لاءِ نامواقف صورتحال ۾) هن صورت ۾ ڪير پلا هيئن ڪنن ۾ ڪاهي پوي؟

سر سهڻي، داستان 7 بيت 1 جلد 1،
تڙ نه گهڙي تور، من ڪادو ميهار ڏي،
ڏادو دور درياهه ۾، سڪڻ وڏو سور،
من ۾ موج ميهار جي، پهس پريان جو پور،
ٻيلي ٻنهي ڪنڌيين، نت نهاري نور،
منجهان جر ضرور، ڪچي ڪي ڪومَ تيئي.

**پهس :**

شيخ = زور سان

منگهاڻي = ڀاول، سڪيو، شاهوڪار، پرپور.

گنج، 338 (پهس پريان جي پور)

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 7 بيت 1

قليچ، داستان 7 بيت 1

لغات لطيفي (قليچ) پهس = همراهه، سنگتي، پاڻ سان زور، ڏادو.

قاضي، داستان 7 بيت 1، پهس =زبردستيءَ سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 1، پهس = (پراڪرت، پَسَهه/ سنسڪرت، پرسَهَيه) زور سان، زبردستي سان، سخت.

شهواڻي، داستان 7 بيت 1، پهس = زور سان، سخت

آڏواڻي، داستان 7 بيت 1، پهس = زور سان

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 1

قاسمي، داستان 7 بيت 1، پهس = سخت

انصاري، داستان 7 بيت 1، پهس = زبردستيءَ سان

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 126 پهس = اڳ ۾ اڳواٽ.

پهس پريان جو پور = پهرين سٽ پرين جو خيال.

لفظ "پهس" انهن لفظن منجهان آهي، جيڪي تقريبن متروڪ ٿيل آهن، ۽ وڏڙا بہ پنهنجي گفتگو ۾ عمومن واپرائيندا ناهن. پر ڪڏهن ڪنهن ڪڙاني پاڻ مرادو ڳالهيون ڪندي جي ڳالهائي ويندا آهن تہ پوءِ پڇڻ تي معنيٰ بہ ٻڌائيندا آهن. لفظ "پهس" متي سر راڳ، داستان 3 بيت 19 ۾ آيل آهي. سٽ آهي "پاڻي پن پهس، ڪڏهن ڪٽي هٽي تار ۾" اتي لفظ "پهس" جي معنيٰ شيخ صاحب "جلد، هڪدم، اوچتو" ڏني آهي ۽ هتي ساڳئي لفظ جي معنيٰ "زور سان" ڏني آهي. يعني هڪ لفظ ٻن هنڌن تي آيل آهي ۽ شيخ صاحب ان جي معنيٰ ڌار ڌار ڏني آهي ۽ ٻين بہ سيني شارحن جون لفظ "پهس" جون ڌنل معنائون ڏسي ٿيون سگهجن. "زور ۽ زبردستي" تہ سيني شارحن معنيٰ ڏني آهي، پر لغات لطيفيءَ (قليچ) ۾ "همراھ، سنگتي" ۽ لغت روشني (بلوچ) ۾ "اڳ ۾، اڳواٽ" بہ ڏنل آهي. معنائن جا ايڏا فرق صاف ٻڌائين پيا تہ لفظ "پهس" جي معنيٰ کان لطيف جو ڪوبہ شارح واقف ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = هڪ جيڏو (همہ عمر محبوب ميهار) درياهہ ۾ گهڙي ٿي ننڍو ۽ من جي چڪ محب ميهار ڏانهن آهي. درياهہ ۾ وڏو زور ۽ چڪر آهي، پر چاهت بہ وڏي تڪليف ۽ درد آهي. اندر ۾ ميهار جي پيار جي مستي آهي ۽ پرينءَ جو پور/خيال بہ شاهوڪار ۽ پرپور آهي. هوءَ ٻيلي جي ٻنهي ڪنارن تي هر هر ميهار جون دڪايل دونهيون ۽ ٻاريل مچ پيئي ڳولي/نهاري. شل پاڻيءَ ۾ هن ڪچي گهڙي کي ڪو ڇيهو نہ رسي.

سر سهڻي، داستان 7 بيت 18 جلد 1،

ميهار جي محبت جون، دل اندر دونهيون
آڻيو وجهي آر ۾، لهارو لوهيون،
جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙو تن کي.

آر :

شيخ = درياهہ جي وچ واري وهڪري

منگهاڻي = مرضي، لاڙو، رجحان (درياهہ جو)

لوهيون :

شيخ = سڙيل (عشق جون)

منگهاڻي = تمام تکيون ۽ تيز دوڙون

سراڙو :

شيخ = پٽر، سخت ۽ سکل پٽ، وک، پرانگهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = اک ڇنڀ، اهڙي تيز ڊوڙ جنهن ۾ ڊوڙڻ واري کي
کير سڃاڻي بہ نہ سگهي. (وڄ وانگي تکي ڊوڙ)
گنج، صفحو 353 (لهارو)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 81 بيت 441 (لوهاٽو)
من اندر ميهار جون، دل اندر دونهيون.
شوقيرام، داستان 3 بيت 25 (لُوهاٽو)
قليچ، داستان 3 بيت 25 (لُوهاٽو)
لغات لطيفي (قليچ) لوهيون = محبت جون ماريل ٻيڙيون
سراڙو = سنئون رستو، سوڌو رستو، ڊڪ، ميدان
قاضي، داستان 4 بيت 23 (لهاٽو) لوهيون = معنيٰ ناهي.
سراڙو = تکي ڊوڙ.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 23 (لهاٽو) لوهيون = لونهين کي
يعني عشق جي آگ ۾ سڙيلن کي "لهاٽو" ۽ "لوهيون" ٻئي لوهن
(سنسڪرت پَلشُ = سڙڻ) مان نڪتل آهن. آٽيو وجهي آر ۾ = جلائيندڙ
عشق، سڪ ۾ سڙيل عاشق کي گهليو آٽي اوڙاهہ ۾ اڇلائي.
سراڙو = (سنسڪرت شلا + رو) پٿر، روهي، سر. 2
(سنسڪرت، سَرو = سُرڻ) وک، پرانگهہ.
شهواڻي، داستان 3 بيت 23 (لهاٽو) لوهيون = سڙيل. سراڙ =
پٿر (جهڙو سخت پيچرو) پرانگهہ، وک.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 23 (لهاٽو) لوهيون = عشق جي آگ ۾
سڙيل عاشقياڻيون. سراڙو = سنئون يا لسو ميدان، روهي.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 28 (لهاٽو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 3 بيت 25 (لهاٽو) لوهيون = پيڙيون (محبت جون) سراڙو = سنئون رستو، وک.

انصاري، داستان 3 بيت 24 (لهاٽو) لوهيون = معنيٰ نـاهي. سراڙو = تکي ڊوڙ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 421 لوهيون = سٽون، وهڪري جون تيزيون، تکايون. صفحو 228، سراڙو = سٽ پنڌ جي، هڪ تکي ڊوڙ (پنڌ جي).

بيت ۾ آيل لفظن جي مختلف معنيٰ ڏيڻ جي ڪري سڄو بيت اونڌي معنيٰ وٺي ويو آهي ۽ الائي ڪيتري وقت کان، الائي ڪيترا ماڻهو، الائي ڪيترن بيتن جي، الائي ڪيترن لفظن جون اونڌيون/ ابتيون ۽ متضاد ڏنل معنائن جي آڌار لطيف سرڪار جو ڪلام اونڌي ابتي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ پڙهي ۽ سمجهي رهيا آهن، پر هن جديد تعليمي ۽ سڌ سماءَ جي عروج ورتل دور ۾ معنائون ڏسي گهڻو ڏک ٿيندو آهي. بيت ۾ آيل لفظ "لهارو" سواءِ گنج جي ٻين سيني نسخن ۾ "لوهاٽو/لهاٽو" آيل آهي. شيخ صاحب لفظ "لهارو" جي معنيٰ "لهاٽو، جلائيندڙ (عشق)" ڏني آهي ۽ تقريبن سيني شارحن (بلوچ صاحب کانسواءِ) لفظ "لوهاٽو/لهاٽو" جي معنيٰ "جلائيندڙ عشق" ئي ڏني آهي، جڏهن تہ بلوچ صاحب لفظ "لهاٽو"جي معنيٰ "لوهاٽو درياهہ (درياهہ جو اهو وهڪرو جيڪو شهدادپور نصرپور وٽان هو)" ڏني آهي، يعني ٻين سيني شارحن لفظ "لهاٽو"جي معنيٰ "جلائيندڙ (باهہ)" ڏني آهي ۽ بلوچ صاحب "درياهہ، پاڻي" ڏني آهي، يعني "باهہ ۽ پاڻي" ٻہ متضاد شيون، جڏهن تہ "لهاٽو"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ذات بہ آهي، پر آئون لفظ "لهاٽو" بابت پنهنجي راءِ هن مهل محفوظ رکنديس.

بيت ۾ آيل لفظ "لوهيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "سڙيل (عشق جون)" ڏني آهي، باقي ٻين شارحن جون لفظ "لوهيون" جون ڏنل معنائون ڏسي ڏيون سگهجن. قليچ صاحب چوي ٿو "محبت جون ٻيڙيون"، گريخشاڻي، شهواڻي، ۽ آڏواڻي چون ٿا. "عشق جي باهہ ۾ سڙيل" قاسمي صاحب چوي ٿو، "ٻيڙيون (محبت جون) ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو، "سڻون، وهڪري جون تيزيون تڪايون".

لفظ "لوهيون" منهنجو پنهنجو لفظ آهي جيڪو اڄ بہ زندهہ سلامت چپن ۽ زبان جي مٿان حڪمراني ڪندڙ آهي. واحد "لوهَہ" جمع "لوهيون" آهي. بنا ڪنهن سان ڳالهائڻ ۽ چوڻ جي هڪدم، اوچتو تکو ڊوڙي نڪري وڃڻ کي "لوهہ" ٿو چئجي.

جملو = الائي ڇا ٿيو، هو لوهہ ڪري ڀڳو.

جملو = ٻئي مون سان گڏ وينا هئا، ويسرندي لوهيون ڪري ڀڳا.

سٽ آهي،

"آٽيـــــو وجهـــــي آر ۾، لهـــــاٽو لوهيـــــون"

(لفظ "لهارو" جي معنيٰ "جلائيندڙ ساڳي ئي معنيٰ ۾ رکنديس)

معنيٰ = ساڙيندڙ عشق درياهہ جي مرضي موجب، درياهہ ۾ وجهي، تکيون ڊوڙون ٿو ڪرائي (چرين وانگيان)

درياهہ جي مستين ۾ تکون ڊوڙون ڪرڻ وارو تصور بہ عجيب حيرت ناڪ آهي، پر سوهڻيءَ کي ڪاريءَ رات ۾ ٻنوانرئين درياهہ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ئي ڊوڙون ڪرايون هيون، ان ڪري ئي آخري سٽ ۾ لطيف فرمائي ٿو تہ،

”جـــي ســـاهڙ جـــون ســـونهيون؛ ســـير ســـراڙو تـــن ڪـــي“

پهرين لفظ ”سراڙو“ جي معنيٰ ڏجي ۽ پوءِ سٽ جي سمجهاڻي ڏبي. لفظ ”سراڙو“ جي معنيٰ آهي ”اڪ ڇنڀ يا اهڙي تيز تکي ڊوڙ جنهن ۾ ڊوڙڻ واري کي تيزيءَ جي ڪري سجاڻي بہ نہ سکهجي.“

سٽ جي سمجهاڻي = جيڪي ساهڙ (محبوب/ ميهار) جون واقفڪار آهن. درياهہ انهن لاءِ اڪ ڇنڀ جيتري دير جو سفر آهي.

اسان وٽ هاڻ بہ جي ڪو اڄي لفظ ”سراڙو“ جي معنيٰ پڇندو تہ، ڪو نہ ڪو اتي ٻڌائيندو. آئون پاڻ ذاتي طرح سان بہ لفظ ”سراڙو“ سمجهندي ۽ ڳالهائيندي آهيان. واحد ”سراڙو“ جمع ”سراڙا“ آهي.

جملو = مون تہ رڳو ڪپڙن جو ”ليچ“ ڏنو هو، سڄاتم ڪونہ تہ ڪير هئي، سراڙو ڪري مٿجي ويئي.

جملو = اهي ڇورين بنا پيند جي سراڙا ڪيو ٿيون رلن.

”لوهَہ/لوهيون“ ۽ ”سراڙو/سراڙا“ جي معنيٰ حالانڪہ ساڳئي ”تيزي ۽ تکائي“ واري آهي، پر ٻنهي ۾ اهو فرق آهي تہ، ”لوهَہ“ ڪرڻ وارو اتيئي موجود/وينل هوندو، پر پوءِ اوچتو بنا ڪنهن ڇوڻ جي اتي هڪدم تيز ڊوڙ ڪري ايئن پڇي ويندو ڄڻ ڪا ضروري ڳالهہ ياد اچي ويئي هجيس، پر ”سراڙو“ ڪرڻ وارو اتي وينل/بيٺل نہ هوندو آهي، پر اوچتو ڪٿان تيز تمام تيز ڊوڙندو گذري ويندو آهي.

لفظ ”آر“ جي معنيٰ مٿي جملن سان سمجهائي اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = محبوب جون، دل جي اندر دونهيون پيون دکن. ("دونهيون دکڻ" هڪ اصطلاح آهي، اڻ کٽ چاهت، ڏک ۽ درد جو، "دونهين" اهڙي جهيڙي باهه آهي جيڪا تيز باهه کان گهٽي دير تائين ۽ مسلسل ٻرندي/ دکندي رهي ٿي) ساڙيندڙ/جلائيندڙ (عشق)، درياهه جي مرضيءَ (مستيءَ) ۾ آئي وجهي، انتهائي تکيون ڊوڙون ڊوڙون تو ڪرائي پر جيڪي ميهار (محبوب) جون واقفڪار آهن (جن جي ساهڙ سان سڃاڻپ آهي) تن لاءِ وچ سير به سولي تيز تکي ڊوڙ مثل آهي.

سر سهڻي، داستان 8 بيت 12 جلد 1،

ڪچو تـه ڪوه، پڪو نظر پرين جو،

ساهڙ منهنجو سپرين، ڏمر ڏنيئي ڏوهه،

جي ڇنو جي ڇوهه، ته پوريندس پارمٽي.

**ڇَنّو :**

شيخ = سخت طوفان

منگهاڻي = پاڻيءَ جو مس هڪڙو ڦڙو/بوند. ايترو ٿورو پاڻي جنهنجو ڪپڙي يا زمين تي رڳو نشان ٿيئي، وهي نه نڪري (پاڻيءَ جي صورت ۾)

**ڇوهه :**

شيخ = (درياهه جو) تيز ۽ تکو وهڪرو.

منگهاڻي = مستي، تيزي، پر رڳو درياهه يا پاڻيءَ جي نه، پر هوا جي به.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 319

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 88 بيت 460 (ڇِنٽو)

شوقيرام، داستان 8 بيت 12 (ڇَنٽو)

قليچ، داستان 8 بيت 12 (ڇَنٽو)

لغات لطيفي (قليچ) ڇنٽو = سٽائو واءُ، موافق هوا.

ڇوهہ = اٽائو واءُ، طوفان، سخت هوا.

قاضي، داستان 8 بيت 12 ڇَنٽو = ڇَنٽا = واءَ جا جهوٽا.

ڇوهہ = ڇوهي = سخت طوفان، وهڪري.

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 12 ڇنٽو = سخت طوفان. ڇوهہ = پاڻيءَ جو ڇوهہ، وهہ جي تک.

شهواڻي، داستان 8 بيت 12 ڇنٽو = سخت طوفان. ڇوهہ = وهہ جي تک.

آڏواڻي، داستان 8 بيت 12 ڇنٽو = سخت طوفان. ڇوهہ = پاڻيءَ جي تک.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 14.

قاسمي، داستان 8 بيت 12 ڇنٽو = طوفان. ڇوهہ = وهہ تک.

انصاري، داستان 8 بيت 12 ڇنٽو = ڇنٽا = واءَ جا جهوٽا. ڇوهہ = سخت طوفان، وهڪري.

بلوچ، لغت "روشني" ڇنٽو = معنيٰ ڪانهي. صفحو 179 ڇوهہ = وڏي تيزي ۽ تکائي.

لفظ "ڇَنٽو" نج نبار لسبلي ۽ ڪوهستان جو آهي. "ڇَنٽو" معنيٰ، "پاڻيءَ جو مس هڪ ڦڙو/بوند. ايترو ٿورو پاڻي، جنهنجو ڪپڙي ۽ زمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رکو نشان ٿيئي. وهي نہ نڪري (پاڻيءَ جي صورت ۾)" لفظ "ڇَڻي" کي ٻي پاسي/علائقي ۾ شايد "ڇنڊو" چيو ويندو آهي ۽ لفظ "ڇوهہ" جي معنيٰ آهي، "تيزي، مستي يعني تيز هوا يا تيز پاڻي". سٺ آهي.

"جـي ڇـَـڻو جـي ڇوهـہ، تـہ پوريندیـس پـار مٽـي"

معنـيٰ = جـي (درياهـہ ۾) پـاڻي تـورو/اٿهونـد جيتـرو بلڪـل هڪڙي ڦڙي/بوند جيترو مس هجي يا بيحد تيزيءَ وارو مست هجي، پر آئون تڏهن بہ (هر حال ۾ صورت ۾) هن پار (ميهار ڏي) ويندیس.

هي لفظ واحد "ڇڻو" ۽ جمع "ڇڻا" آهي ۽ اڄ بہ مروج آهي.

جملو = اک ۾ ٻوڙ جو ڇڻو پيو آهي، يڪي پيئي ڪامي.

جملو = مَسِ جي ڇڻن مان ڪپڙا ئي خراب ڪري ڇڏيا اٿئي.

جملو = ديوار تي رڱ جا ڇڻا ڪنهن هنيا آهن.

لفـظ "ڇڻـو" جـي معنـيٰ سـيني قـابل شـارحن/ محققـن "سـخت طوفان" ڏني آهي ۽ معنيٰ جو فرق ڏسي ٿو سگهجي تہ ڪٿي پاڻياٺ جو هڪڙو ڦڙو ۽ وري ڪٿي "سخت طوفان"!. سٺ ۾ بہ حدون آهن "هوند ۽ اڻ هوند" جون. لطيف ٻوليءَ جو ڏاٽي آهي، هو لفظن جو نگهبان ۽ واقعن جو نگران آهي ۽ اڻ اظهاريل ڪيفيتن کان بہ واقف آهي. بيت ۾ لطيف سرڪار، سهڻيءَ جي ان عزم جو اظهار ٿو ڪري. جيڪو ميهار وٽ پهچڻ لاءِ آهي، يعني هوءَ موسمي حالتن سان بہ ٻڌل ناهي. هُن (سوهڻي) جي ذهن ۾ رڳو ميهار سان ميلاپ وارو تصور آهي. وقت ڪهڙو آهي، چنڊ جي ڪهڙي تاريخ آهي، رات ڪاري آهي يا درياهہ جي صورتحال ڪهڙي آهي ۽ واٽ ۾ ڪهڙيون مشڪلون ۽ تڪليفون ايندیون، اهي سڀ حقيقتون سندس حساب ۾ ئي ناهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــي ڇنـــو جـــي ڇوهـــ، تـــ پورينديـــس پـــار مٽـــي

معنيٰ = جي هڪ ڦڙي هجي (درياهہ ۾) يا مستي هجي (درياهہ ۾) پر آئون تہ ميهار ڏانهن وينديس ئي وينديس. يعني ”وڃڻ“ کان سواءِ ٻي واٽ ئي ڪانهي ۽ اهڙي پڪي ارادي ۽ عزم ڪي تہ لطيف دعائون تو ڏي تہ، ”جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙو تن ڪي.

لفظ ”ڇوهہ“ بابت ڇوڻ ايئن بہ واڌو ٿيندو ڇو جو هي لفظ سڄي سنڌ ۾ ساڳيئي ”تيزي، مستي ۽ تکائيءَ“ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

بيت جي سمجهاڻي = (گهڙو) ڪچو آهي تہ ڇا ٿيو! پرين جي نگاهہ/محبوب جي چاهہ جي نظر تہ (مون تي) پڪي، پختي، سچي آهي (يعني، اهو ايڏو وڏو سهارو ڪو گهٽ آهي. هن پار وڃڻ لاءِ) ساهڙ منهنجو محبوب آهي ۽ ڏمر ڪي ڏسڻ بہ مون لاءِ گناهہ آهي. چاهي درياهہ ۾ هڪ بوند يا ڦڙو هجي، چاهي درياهہ تارون تار مست هجي، پر آئون تہ هن پار وينديس ئي وينديس. (پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ هن ڪنڌيءَ ڏانهن مونکي تہ وڃڻو ئي وڃڻو آهي، پوءِ ڀلي درياهہ جي صورتحال ڪهڙي بہ هجي.)

ســـر ســـهڻي، داســـتان 8 بيـــت 26 جلـــد 1،

تـــن ڪـــي ڪـــڏي تـــار مـــان، صلـــح ســـاهڙ جـــو،
ات آڏو اچـــي ڪيـــن ڪـــي، ٻيلپـــو ٻـــي جـــو،
ميهـار ڪـج منهنجـو، ڪـو اوڪـر ڪنهيـن آر مـان.

## اوڪر :

شيخ = اوڪارڻ، پار لنگهائڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = سڏ جي ورندي. ٻنا لفظن جي سڏ جو جواب هاهو سان ڏيڻ.

گنج 322

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام. داستان 8 بيت 24

قليچ. داستان 8 بيت 24

لغات لطيفي (قليچ) اوڪر = اڪرائڻ. نيڪال ڪرڻ

قاضي. داستان 8 بيت 24 اوڪر = اڪلاءُ. نيڪال. لانگهو

گربخشاڻي. داستان 8 بيت 24 اوڪر = نيڪال. موڪ. اوڪرڻ = پار پهچائڻ

شهواڻي. داستان 8 بيت 24 اوڪر = نيڪال پار لنگهائڻ

آڏواڻي. داستان 8 بيت 24 اوڪر = ڇوٽڪارو. مڪتي

ڏيپلائي. داستان 8 بيت 28 (اوڪر انهيءَ آر مان)

قاسمي. داستان 8 بيت 28 اوڪر = نيڪال

انصاري. داستان 8 بيت 24 اوڪر = اڪلاءُ. نيڪال. لانگهو.

بلوچ. لغت "روشني" ۾ لفظ "اوڪر" جي معنيٰ ڏنل ناهي.

لس ٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "اوڪر" ٻنا لفظن جي سڏ جي وراڻ/ورندي/جواب کي ٿو چئجي. يعني "اوڪر" سڏ جو اهڙو جواب ۽ ورندي آهي، جنهن ۾ ڪوبہ لفظ واضح نہ هجي، پر اها ورندي گونگي بہ ڪانهي، نہ ئي هٿ، ڪنڌ يا جسم جي ٻي ڪنهن حصي سان ڏنل آهي. مثال طور سڏ ڪبو تہ، "ميهار!" تہ ميهار جواب ڏيندو، "آو... يا هاها... هوهو..." پر گهٽو ڪري "آو..." چئبو آهي. اهو بہ سنهي، چٽي ۽ واضح آواز سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هو بہ عجيب ماڻهو آهي. سڏ جي ٻي ورندي تہ ٿهيو پر "اوڪر" بہ ڪونہ ڪري.

جملو = آئون ٻاهر اونداهيءَ ۾ ڊڄان ٿي، جي سڏ ڪريان تہ اوڪر ضرور ڪجين.

واحد "اُوڪَرَ" جمع "اوُڪَروُنَ" آهي. لطيف سائين بہ ايئن ئي فرمائي ٿو، "ميهار ڪج منهنجو، ڪو اوڪر ڪنهين آر تان" يعني = اي ميهار، جي آئون (ٻڏندي) ڪنهن وهڪري، درياهہ جي مرضين/مستين مان توکي سڏيان تہ مون کي سڏ جي ورندي ضرور ڏجانءِ. ڇو جو "اوڪر" اهو سهارو آهي تہ ڪو ٻنهنجي وجود ساڻ موجود آهي.

لفظ "اوڪر" اڄ بہ ڪراچي سينٽرل ۾ رهندڙ "بڪڪ" ذات جا ماڻهو عام سمجهہ ۾ اچارين ٿا. "اوڪر" ڪرڻ مهل "اُو..." کي سنهي آواز ۾ (پوءِ ڀلي اهو مرد هجي) ڊيگهہ/طوالت ڏني آهي، يعني، "اُو... اُو... اُو..." ۾ سهڻيءَ کي بہ ميهار جي ان "اوڪر" واري آتت ۾ اوچ جي ضرورت هئي، جيڪا ڪيس درياهہ جي وهڪرن ۾ هچائن جي گهيري ۾ همٿون ۾ حوصلا بخشيندڙ هئي، جيڪا ميهارُ جي موجودگيءَ جو حقيقي احساس هئي نہ تہ احساساتي سطح تي تہ ميهار ساڻس گڏ هو، جنهنجي آڌار ۾ ٻل تي هوءَ ننگهن ۾ ٻنن ۾ روز اُچَري ڪاهي پوندي هئي، پر هن مهل ڪيس ٻي ڪنهن بہ ٻيلپي، (دلي/گهڙي يا سيٽاهہ) جي گهرج نہ هئي، رڳو ميهار جي ئي اوچ تي ڪتيس ۾ لهرن جي هنبيسَ ۾ جي هو (ميهار) وٽس پهچي ٻـڪريَن ۾ ڪٽي پار پچائي نتو سگهي تہ بہ آها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوڪر" ئي سهڻيءَ لاءِ وڏو پَرُ ۾ ڏيڍ ثابت ٿئي ها تہ ميهار اتيئي پنهنجي جسم ۾ جان سوڏو موجود آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ساهڙ جو راضپو ئي پريل درياهہ مان سرير/بت کي پار اڪاري سگهي ٿو. اتي ٻي ڪنهن جي بہ همراهي ۾ مدد آڏو نٿي اچي سگهي. اي منهنجا محبوب (ميهار) مونکي درياهہ جي ابتين مرضين ۾ سڏ ۾ سڏ ڏجانءِ.

سر سهڻي، داستان 9 بيت 18 جلد 1،

تران لاءِ طعني، مٿي واهہ واڪا ڪيو،
آٿي وڏيس آر ۾، درياهہ ديواني،
قلم جي ڪاني، آٿي اوليس اول ۾.

**اوليس :**

شيخ = مونکي اوليو، يا ڏکيو، چڪي هتي.
منگهاڻي = ڦاسايس.

**اول :**

شيخ = انهيءَ هنڌ يا جاءِ (جتي درياهہ ڪڪ ۾ ڪاٺ جا بند لوڙهي آٽي چڏي ۾ جتي ترڻ مشڪل ٿيئي ٿو) مصيبت.
منگهاڻي = چريائي، ديوانگي.
گنج 360
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 9 بيت 12
قليچ، داستان 9 بيت 12



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) اوليس = اولجڻ = لڙهڻ، تيلهڻ، ڦاسڻ.

اول = بند، روڪ، وهڪ، اهو هنڌ جتي درياهه ڪک ۽ ڪاٺ لوڙهي اَٽي ڇڏي.

گربخشاڻي، داستان 9 بيت 11 اوليس ۾ اول = جي معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 9 بيت 11 اوليس ۾ اول جي معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 11 اوليس ۾ اول = جي معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 12

قاسمي، داستان 9 بيت 12 اوليس ۾ اول = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 9 بيت 11 اوليس = لوڙهيس تيلهي.

اول = بند، روڪ، اها ڪنڊ جنهن ۾ درياهه ڪک ۽ ڪاٺيون لوڙهي اَٽي ڇڏي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 37 اوليس = مونکي تيلهي هنيو پاڻيءَ جي وڏي ڇول ۾. صفحو 37 اول = ڇول، تيلهه، تيلهه.

بيت ۾ آيل ٻن لفظن "اوليس ۾ اول" جون ڏنل معنائون اسان وٽ مروج معنائن کان مختلف آهن. لفظ "اوليو/اوليا/اوليس وغيره" بابت مٿي ڪافي سمجهاڻي ڏني اٿم ۽ هتي جيڪر اهو لفظ موضوع نه بنجي، پر لفظ "اول" جي ڪري ان تي به ڪجهه وڌيڪ ڇوڻ ۽ روشني وجهڻ جو موقعو ملي ويو آهي.

سيني شارحن/محققن لفظ "اولجڻ" جي معنيٰ ٻيڙيءَ جي ونجهه يا اولي سان ڳنڍي آهي. سر ڪلياڻ، داستان 1 بيت 3 ۾ آيل لفظ "اوليا" جي معنيٰ شيخ صاحب "(اولي يعني ٻيڙيءَ جي ڳن يا ونجهه سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکجي ويو.“ ڏني آهي ۽ هتي جيئن تہ سهٽيءَ ويچاريءَ وٽ ٻيڙي، ونجهہ ۽ ڄڳن/اولي“ جو ڪو ڪم ناهي تہ اتي لفظ ”اوليس“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”مون ڪي اوليو يا ڏکيو ڇڪي هتي“ ڏني آهي. بيت جي مفهوم مطابق معنيٰ ڏيڻ سان اصل معنيٰ پس منظر ۾ هليو ٿي وڃي، پر جڏهن ساڳيو لفظ بلڪل ٻئي مفهوم ۽ صورتحال ۾ ايندو آهي، تہ پوءِ تڪليفون ۽ مشڪلون شروع ٿي وينديون آهن، ڇو جو هڪ مفهوم موجب ڏنل معنيٰ ٻئي مفهوم تي نهڪي نہ ايندي. لفظ ”اولجڻ“ جي معنيٰ ٻئي هنڌ تہ الائي ڪهڙي آهي، پر لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ان جي معنيٰ ”ڦاسڻ“ آهي ۽ لطيف سرڪار بہ ضرور ان ئي معنيٰ ۾ آندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان واري معنيٰ هر ان هنڌ تي نهڪي ٿي جتي لفظ ”اولجڻ“ آيو آهي. بيت جو ٻيو لفظ آهي ”اولَ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”انهيءَ هنڌ يا جاءِ (جتي درياهہ ڪڪ ۽ ڪاٺ جا بند لوڙهي آٽي ڇڏي ۽ جتي ترڻ مشڪل ٿئي ٿو) ۽ مصيبت“ ڏني آهي. هي لفظ پڻ نيٺ، ڪلاسيڪل لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي ۽ شايد ڪوهستان جي بہ ان پٽيءَ سان واسطو رکي ٿو جيڪا لسٻيلي سان ملي ٿي. هي لفظ زير، زبر ۽ پيش ڏيڻ سان مختلف معنيٰ ونندڙ لفظ آهي. جيئن مٿي سر سهٽي، داستان 1 وائي 1 جي سٽ 2 ۾ آهي، ”نيئي نيئي اول، پريان جي پار ڏي.“ جتي لفظ ”اولجڻ“ وارو ”اَولِ“ يعني ”الف“ تي زبر ”لام“ تي زير آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ”ڦاساءِ“ جنهنجي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم ـ پر هتي منهنجي خيال ۾ هن بيت ۾ لفظ، ”اُولِ“ آهي، يعني الف تي پيش آهي ۽ ”ل“ هيٺان زير، جنهنجي معنيٰ آهي. ”چريائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوانگي". هي لفظ اسين اڄ بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا. ڪو ماٺهو مڙيئي سڙيئي ڳالهائيندو، بڪندو ۽ وڙهندو تہ چئبو،

جملو = فلاٽو تہ صفا اُولِ ۾ آهي، نہ لحاظ نہ ملاحظو يا، "فلاٽو تہ، اولُ آهي" يعني الف ۽ لام ٻنهي تي پيش سان "اُولُ"، اسان وٽ جبل ۾ جڏهن مينهن گهڻو وسندو آهي، هيڏانهن هوڏانهن، هنڌان ماڳان ڍورا، ڍنڍون پاڻيءَ جي گهڻائيءَ سبب ڦاٽي پوندا آهن تہ چئبو،

جملو = مينهن اُولِ آندي آهي، يا "مينهن جي پاڻيءَ جي اُولِ آئي آهي." انهي طرح منهنجي پڙهڻي موجب سٽ آهي، "قلم جي ڪاني، آٽي اوليس اُولِ ۾"

معنيٰ = قسمت جي لئي مون کي آٽي درياهہ جي/پاڻيءَ جي چرپائين (جوش ۽ خطرن) ۾ اچي ڦاسايو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = مهڻن/ ٽوڪن لاءِ صدائون ڪندي پيئي درياهہ جي وهڪرن ۾ ترندي وڃان. مونکي مست، چرئي درياهہ آٽي وڌو آهي، پنهنجي مرضين ۾ (تيز وهڪرن ۾) اهو ڀاڳ جو ئي لکيو آهي، جنهن مون کي درياهہ جي چرپائين ۾ آٽي ڦاسايو آهي.

سُر سُهڻي، داستان 9 بيت 19 جلد 1،
ترڻ جا طعنا، سُهما ڏينم سرتيون،
درياهہ ديوانا، سڻ حقيقت حال جي.

**سُهما :**

شيخ = طعنا، مهڻا

منگهاڻي = سامهان، اڳيان، سامهون، منهن تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 360 (سُهما ڏين)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 8 بيت 11 (سهڪا ڏينم)

قليچ، داستان 8 بيت 11 (سهڪا ڏينم)

قاضي، داستان 8 بيت 17 (سهنگا ڏينم)

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 10 (سهانگا ڏينم)

ٽرمپ واري نسخي ۾ "سامهان" آهي.

شهواڻي، داستان 8 بيت 11 (سهنگا ڏينم)

آڏواڻي، داستان 8 بيت 10 (سهنگا ڏينم)

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 11 (سهڪا ڏينم)

قاسمي، داستان 8 بيت 11 (سهڪا ڏينم)

انصاري، داستان 8 بيت 10 (سهنگا)

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 294 سُهما = طعنا، مهڻا.

سُهما ڏينم = مونکي طعنا ڏين، مهڻا ڏين

جڏهن تہ بمبئي ڇاپي ۾ "سهڪا" ۽ ٽرمپ واري نسخي ۾ "سامهان" آيل آهي. (گربخشاڻيءَ موجب) ۽ ٻين سڀني نسخن ۾ "سهڪا، سهنگا، سُهڪا، سُهما" آيل آهي ۽ انهن جي معنيٰ "طعنا، مهڻا، سهانگا، گهڻا، مفت" ڏنل آهي، جنهنجي ڪري بيت جي نہ رڳو معنيٰ ۽ مفهوم پر فڪر ۽ فلسفو بہ ضربجي بلڪ شهيد ٿي وڃي ٿو. جيئن اوهان ڏٺو تہ ٽرمپ واري نسخي ۾ لفظ "سامهان" آيل آهي ۽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾، "سامهان، سامهون" سان گڏ "سمهان، سمهون" بہ چيو وڃي ٿو، بلڪ اڳ چيو ٿي "سمهان" ويندو هو ۽ وڏڙا هاڻي بہ "سامهان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون“ بدران ”سَمهان ۽ سَمهون“ ٿي چوندا آهن. گنج کان سواءِ ٻيو رڳو شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ لفظ ”سُهما“ آيل آهي ۽ ٻنهي صاحبن ان جي معنيٰ ”طعنا ۽ مهڻا“ ڏني آهي، جڏهن تہ ست ۾ لفظ ”طعنا“ اڳ ئي موجود آهي. ”ترڻ جا طعنا، سُهما ڏينم سرتيون“. گنج ۾ آهي، ”ترڻ جا طعنا، سُهما ڏين، سرتيون“ يعني ”ڏينم ۽ ڏين“ وارو فرق آهي ۽ لفظ آهي. يعني ”سامهون، منهن تي ٻولايو“ ۽ ست جي معنيٰ ٿيندي، ”ترڻ جا مهڻا ۽ طعنا، مونکي منهنجون سهيليون منهن تي/سامهون/اڳيان/ٻولايو ٿيون هڻن (تہ تون درياهہ تري پيئي يار ڏانهن وڃين)“. پر جڏهن اسين لفظ ”سُهما“ جي معنيٰ ”طعنا ۽ مهڻا“ ڏينداسين تہ ست جي معنيٰ ٿيندي، ”ترڻ جا طعنا، مون کي منهنجون سهيليون، مهڻا ٿيون ڏين“. معنيٰ جو فرق ڏسي ۽ سمجهي تو سگهجي تہ، محض هڪ لفظ جي اهڙي معنيٰ ڏيڻ سان بيت جي شڪل ڪيئن ٿي بگڙجي وڃي. هي لفظ اسان وٽ واحد ”سَمُهون“ ۽ جمع ”سَمُهان“ ۽ واحد/جمع مونث ۾، ”سَمهين/سَمُهيون“ آهي. هي لفظ وڏڙن سان گڏ اسين ننڍا بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا، يعني، لفظ ”سَمهان“ وڃائجي ويل لفظ ڪونهي.

جملو = پڇو چو ٿا، قرض وارا آيا آهن، وڃي سَمهان ٿيو.

جملو = سچ جي سَمهان نہ وهو، پٺيرا ٿي وهو.

بيت جي سمجهاڻي = مون کي منهنجون سهيليون ترڻ جا/درياهہ تري پار ڪرڻ جا، طعنا ۽ مهڻا سامهون/منهن تي ٿيون ڏين (تہ تون درياهہ تري عبور ڪري پنهنجي يار ميهار سان ملڻ تي وڃين) اي چريا، متي ڦريل درياهہ، منهنجي حال جي سچي سبتي خبر ٻڌ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـهڻي، داسـتان 9 وائـي 3 جلـد 1،
مـدت تـي ميهـار يـار، سـاهڙ سـائر سـير ۾،

سـٽ 12: پورينديـس پـار مٽـي، سهسـين جـي سيسـار.

## سيسار :

شيخ = مانگر مڇ

منگهـاڻي = وڏيـون لسـيون مڇيـون، جيڪـي تمـام گهڻـي دير تائين شڪار جو انتظار هڪ هنڌ بنا چرپر جي ڪنديون آهن. يا تہ انهن جي فطرت ئي اها آهي تہ هو هڪ ئي هنڌ تي بنا ڪنهن هلچل جي گهڻي دير تائين/رهنديون آهن.

سٽ :13 گولي گهاگهائي گهڙي، جڪن تا جانار

## گهاگهائي :

شيخ = مرڪي، ڪلي، ڪڏي

منگهاڻي = بيخوف، بيپرواهہ، بيخود.

گنج، صفحو 339 (مدت ۽ سينگار)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسـخو صفحو 84 وائـي، (مـدت ۽ سيسار)

شوقيرام، داستان 9 وائي 4 (مدت، سيسار)

قليچ، داستان 9 وائي 4 (مدد ۽ سيسار)

لغات لطيفي (قليچ) سيسار = هڪڙو درياهي خوفناڪ جانور.

گهاگهائي = همت ڪري، دل جهلي، سر سهائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 4 وائي 1 (مدت ۽ سيسار) سيسار = دريائي نانگ. گهاگهائي = همت ڪري، ڪلي ڪڏي.

گربخشاڻي، داستان 3 وائي 1 (مدت ۽ سنسار) گولي گهاگهائي گهڙي = سهٽي ڪلي ڪڏي ڪن ۾ ڪاهي پيئي. هوڏانهن وري درياهه جي جانورن جک پيئي ڪاڏا. جو هوءَ سندن چنبي مان نڪري وڃي پار پهتي. هن مصرع ۾ "تضاد" ڪم آيل آهي.

شهواڻي، داستان 3 وائي 1 (مدت ۽ سنسار) سنسار = سيسار. گهاگهائي = ڪلي ڪڏي خوش ٿي.

آڏواڻي، داستان 3 وائي 1 (مدت ۽ سنسار) سيسار = معنيٰ ڏنل ناهي.

گهاگهائي = مرڪي، ڪلي، ڪڏي.

ڏيپلائي، داستان 9 وائي 4 (مدد ۽ سيسار)

قاسمي، داستان 9 وائي 4 (مدد ۽ سيسار) سيسار = معنيٰ ناهي. گهاگهائي = همت ڪري.

انصاري، داستان 3 وائي 1 (مدت ۽ سيسار) سيسار = دريائي نانگ.

گهاگهائي =همت ڪري، ڪلي ڪڏي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 300، سيسار = سينسار = واڳوءَ مثل پاڻيءَ جو جانور جنهن جي منهنار سنهي ڊگهي ٿيئي، سيسر. صفحو 396، گهاگهائي = وڏي چاهه ۽ سرهائي سان جيڪي وڏي واڪي گهڙن، جيڪي ٻولائي گهڙن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائيءَ ۾ لفظ "سيسار" متي سر سهڻي، داستان 1 بيت 18 ۾ آيل آهي. سٽ آهي، "ڄنگهہ ڄرڪي وات ۾، سِسي ڪي سيسار" جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ، "درياهہ جو هڪ خوفناڪ جانور، واڳو، سيسر" ڏني آهي ۽ هتي، "مانگر مڇ" ڏني آهي، ۽ لفظ "گهاگهائي" متي سر سهڻي، داستان 1 بيت 9 ۾ آيل آهي. سٽ آهي "ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي." جتي لفظ "گهاگهائي" جي معنيٰ شيخ صاحب، "لاڏڪوڏ سان ڪلي ڪڏي" ڏني آهي. مون متيان ٻئي بيت محض ان ڪري نہ آندا جو ٻنهي بيتن ۾ آيل لفظ هن وائيءَ ۾ اچڻا هئا. وائيءَ ۾ آيل لفظ "سيسار" اوهان ڏٺو تہ مختلف نسخن ۾ مختلف صورتن ۾ آيل آهي. گنج ۾ "سينگار"، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قليچ، قاضي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ "سيسار" ۽ گربخشاڻي، شهواڻي، ڏيپلائي ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ "سنسار" آيل آهي. منهنجي معلومات "سيسار" هڪ تمام وڏي مڇي آهي، جنهن جي جسم تي ڇلر وغيره نہ ٿيندا آهن ۽ هوءَ لسي ۽ تمام وڏي ٿلهي ٿيندي آهي ۽ بيحد آرام طلب هوندي آهي ۽ مزاحمت بہ گهٽ ڪندي آهي ۽ شڪار جو انتظار هڪ هنڌ تي ويهي بنا ڪنهن چرپر جي تمام گهڻي دير تائين نهايت صبر سان ڪندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ جي ڪو ماڻهو ٿلهو ۽ بي ڪمو هوندو ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺو پيو هوندو تہ چئبو،

جملو = فلاڻو نہ ڪم نہ ڪار سڄو ڏينهن سيسار وانگر گهر ۾ پيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ان کي پلي ڇا ٻہ ڇئو. جيترو ٻہ ڇئو پر اهو سيسار آهي، ان تي اثر نہ پوندو.

ٻيو لفظ آهي ”گهاگهائي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب. ”کلي کـڏي، مرکـي“ ڏنـي آهـي، جـڏهن تـہ لسـبيلي ۽ کوهسـتان ۾ ”گهاگهائي“، بيدپي، بيخوف، بيپرواهہ ،بيخود ۽ اڃَري پوڻ واري معنيٰ ۾ ورتـو ويندو آهي، بلکہ کٿي تہ رڳو ”بيخود“ واري معنيٰ ۾ ايندو آهي. جيئن وائيءَ جي سٽ ۾ آهي،

”گولـي گهـڙي گهاگهـائي، جکـن تـا جانـار“

معنيٰ = ٻانهي (سوهڻي) درياهہ ۾ بيخود گهڙي پيئي ۽ جانور خار ۽ جک کائڻ لڳا. (حسد ۽ رشک جي جذبن جو اظهار) يا جيئن مٽي سر سهڻي، داستان 1 بيت 9 ۾ آهي،

کنڌيءَ ايـون کيتريـون، تيـون سـاهڙ سـاهڙ کـن،
کني سانگو ساهہ جو، کـو گهوريـس کيـو گهـڙن،
سـاهڙ سـندو تـن، گهاگهـائي گهـڙن جـي.

معنيٰ = کناري تي بيٺل الائـي کيتريـون پيـون سـاهڙ. سـاهڙ کن (يعني، رڳو وات سان تيون چاهين، باقي ٻي کابہ کوشش نٿيون کن) کن کي پنهنجي ساهہ پياري آهي ان جو خيال اٿن، ۽ کي وري ايئن ڇئي تيون درياهہ ۾ گهڙن تہ، ”نهيو منهنجي ساهہ پلي وڃي“، پر ساهڙ انهن جو آهي، جيکي بيپرواهہ، بيخوف ۽ بيخود ٿي اڃَري تيون پون درياهہ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "اَڃَري" بہ عجيب معنيٰ ڀريو لفظ آهي، جنهنجي اچارڻ سان اکيان حقيقي منظر، تصويري روپ ۾ اچي ٿو وڃي. "اَڃَري پوڻ" معنيٰ "بنا سوچ جي اکيون بند ڪري ڪاهي پوڻ" ۽ "اَڃَري پوڻ" واري جي من ۾ رڳو پنهنجو مقصد ئي آڏو هوندو آهي، جنهنجي حاصلات لاءِ هو آخري حد تائين جذباتي ۽ ڪسي ڪٺي وڃڻ واري ڪيفيت ۾ مبتلا هوندو آهي. لفظ "اڃري" هڪ بيت ۾ آيل آهي، جنهن بيت سان عجيب ڪار ڪري ان کي عبرت جو مقام بنائي ڇڏيو آهي. هي بيت لطيف جي انتهائي پراڻي، معروف ۽ مستند نسخي بمبئي ڇاپي ۾ صفحي 58 تي آهي،

"ڪامـــــان پڇـــــان پڇــــران، ٻــــران ۽ ٻڙڪـــــان،
اڃرئـــو پـــوان آر ۾، ترســـان نـــہ ڪنهـــن تـــڙ ڪـــان،
ڪـــاري ڪارونيـــار ۾، واڳـــن جيئـــن وڙڪـــان،
لهـــرن ۾ لڙڪـــان، ســـاهڙ رســـج ســـير ۾."

۽ هي ساڳيو ئي بيت ڏيپلائي صاحب جي پاڪيٽ سائز نسخي ۾، جيڪو، 1963ع ۾ ڇپيل آهي، ان جي صفحي 116 تي سر سهڻي، داستان 1 بيت 32 آهي ۽ وري ڪتاب "املھ اٿتوريا" ۾ بہ آهي جنهن لاءِ اهو مشهور ڪيل آهي تہ ان ۾ شاھ جا لڌل بيت آهن. ان جي صفحي 76 تي سر سهڻيءَ جو بيت 40 آهي. جنهنجي آخري سٽ آهي، "لهرن ۾ لڙڪان، پرپليرا سپرين."

هيٺ حاشئي ۾ لکيل آهي تہ، سٽ، "لهرن ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾" جي اصل پڙهٽي اهائي آهي. لفظ "گهاگهائي" جي معنيٰ ٿورڙي فرق سان "اَڃري پوڻ" آهي ۽ اهو ٿورڙو فرق اهو آهي تہ "اَڃري پوڻ" وارو، "بيخوف، بيڊپو ۽ بيپرواھ" تہ هوندو آهي، پر اهو، "بيخود"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هوندو آهي، بلڪ اهو انتهائي مزاحمت ۽ جارحيت ڪندڙ هوندو آهي. سٽ آهي "گولي گهڙي گهاگهائي، جڪن تا جانار" معني، ٻانهي (سوهڻي) بنا ڪنهن پرواهہ/خوف/ڊپ جي بيخود ٿي ايندي ساڻ اڇي پاڻ کي درياهہ ۾ اڇلايو ۽ جانور (سندس جرئت ۽ بيخودي ڏسي) خار/جڪ تا کائن. سٽ 12 جي سمجهاڻي = آئون تہ هُن پار (ميهار ڏي) ويندس. پلي سوين سيسار هجن.

سر سهڻي، داستان 10 بيت 3 جلد 1،
ساهڙ ڏاران سوهڻي، هيءَ تان جنبي جوءِ،
هن پاڻيءَ سين پانهنجو، مور نہ متو ڏوءِ،
جي پرين پاسي هوءِ، تہ توڏيءَ ڪَر تڙ ڪيو.

## ڪَر :

شيخ = جهڙوڪ، چڻ تہ
منگهاڻي = جيڪر، نہ تہ.
گنج، صفحو 314
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 79 بيت 422
شوقيرام، داستان 9 بيت 3 (ابيات متفرقہ)
قليچ، بيت 3 سهڻي ابيات متفرقہ
لغات لطيفي (قليچ) ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي، داستان 10 بيت 3 ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 9 بيت 3 (ابيات متفرقہ) ڪر = معني ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 3 ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 3 ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 3

قاسمي، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 3 ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 3 ڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 340 ڪَر = چڙ، چڙ تہ.

لفظ ”ڪَرَ“ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”جيڪر، نہ تہ“ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي ۽ هن بيت ۾ بہ ساڳي اسان واري معنيٰ ۾ آيل آهي. سٽ آهي، ”جي پرين پاسي هوءِ، تہ توڏيءَ ڪر تڙ ڪيو“ معنيٰ = جي سندس محبوب پر ۾ هجي (هوءَ ساڻس گڏ هجي/ملي هجي) تہ جيڪر (ان) حسين عورت غسل ڪيو/وهنتي. پر جي اسين لفظ ”ڪر“ جي معنيٰ شيخ صاحب واري ”جهڙوڪ، چڙ تہ“ سٽ ۾ آڻيون ٿا تہ معنيٰ هينئن ٿيندي. ”جي محبوب پر ۾ هجي تہ ان خوبصورت عورت جهڙوڪ غسل ڪيو/چڙ تہ وهنتي. هاڻي اوهين پاڻ انصاف ڪريو تہ. ڪهڙي معنيٰ ٺيڪ درست ٿي لڳي؟

لطيف ڪي جيترا بہ رنگ ڏجن، روپ ڏجن، رخ ۽ سمتون ڏجن، برحق تہ اهي مٿس ٺهن ۽ سونهن ٿا. بيشڪ هو گهڻ رخو آهي، پر سڀ ڪان پهرين هو مڪمل انسان آهي ۽ انسان جون جيڪي بہ فطري تقاضائون آهن، اهي نہ رڳو منجهس آهن پر هو انهن انساني چڙوا ڳ جذبن ڪان بہ مڪمل واقف آهي، جيڪي ڪن ٽورن ۾ ٿيندا آهن. جيئن سوهڻيءَ ۾ اجهل هئا. هوءَ پنهنجي حق نڪاحي مڙس ڏم وٽ رهي پيئي آهي، پر لطيف سرڪار فرمائي ٿو تہ. ”هن (سوهڻي) تي غسل واجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر هوءَ متو نتي ڌوئي پر جيڪڏهن هوءَ پنهنجي محبوب ميهار وٽ رهي تہ پوءِ جيڪر متس غسل واجب آهي سبب، ڇو جو سهڻي، ڏم کي تسليم ئي نتي ڪري تہ پوءِ ڪهڙو غسل ڪهڙي پاڪائي! ۽ جڏهن ڏم جي ڪا اهميت ناهي تہ پوءِ ناپاڪيءَ جي ڪهڙي اهميت؟

لفظ "ڪَر" لطيف سرڪار ساڳي اسان واريءَ معنيٰ "جيڪر، نہ تہ" ۾ ئي آندو آهي. هيءَ سٽ ڏسو، "تہ ڪَر ڪيئن سُئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي" معنيٰ = پوءِ نہ تہ ڪيئن ٻڌجي/مشهور ٿي، جي سهڻي درياهہ ۾ نہ گهڙي/ نہ ٻڏي.

جملو = تون ڪَر ايڏو ڪم ڪرين؟ جيڏو هن ڪيو آهي.

جملو = مون ئي ڪيس حوصلو نہ ڏنو. هو ڪَر منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري ها.

بيت جي سمجهاڻي = ساهڙ ڪانسواءِ سهڻي ناپاڪ عورت آهي. هوءَ عام پاڻيءَ سان متو نتي ڌوئي/ وهنجي نتي. (هن ڪي ڏم سان رهڻ/سمهڻ ياد ئي ڪونهي/هوءَ ان کي تسليم ئي نتي ڪري) پر جي سندس محبوب پر ۾ هجي/ وٽس رهي/سمهي تہ جيڪر خوبصورت عورت (سوهڻي) غسل ڪري/وهنجي ها.

سر سهڻي، داستان 10 بيت 4 جلد 1،

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جڏي زال،

توڏيءَ تپ شروع ٿيو، هَي هيٺيءَ جي حال،

جکي رءَ جمال، اگهي تي آهون ڪري.

## جُکي :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = ٻڪي، ڏکي، مصيبت ۾ ڦاٿل.

منگهاڻي = جکي معنيٰ، پنهنجي پسند جي/ وڻندڙ شيءِ ان ڪري نہ واپرائڻ/ڪنجوسي ڪرڻ تہ متان اها جلدي ختم ٿئي. ٻيءَ معنيٰ ۾ "هبچ"

گنج، صفحو 314

ســـاهڙ ڏارا ســــهڻي، هـــيءَ تـــان جـــڏي زال،
تــوڏيءَ تــپ شــروع ٿيــو، هـَــي هيٽــيءَ جــي حــال،
جکـــي رِءَ جمـــال، اکيـــون تـــي آهـــون ڪـــري.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 79 بيت 423

ســـاهڙ ڏاران ســـهڻي، هـــيءَ تـــان چکـــي زال،
تــوڏيءَ تــپ شــروع ٿيــو، هـَــي هيٽــي جــي حــال،
جـــڏي ري جمـــال، اگهـــي تـــي آهـــون ڪـــري.

شوقيرام، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 4:

ســـاهڙ ڏاران ســـهڻي، هـــي تـــان جـُــهڪي زال،
تــوڏيءَ تــپ شــروع ٿيــو، هــي هيٽــي جــي حــال،
جـــڏي رءَ جمـــال، اگهـــي تـــي آهـــون ڪـــري.

قليچ، سهڻي ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)

قاضي، داستان 10 بيت 4 (شوقيرام وارو)

گربخشاڻي، ابيات متفرقہ بيت 4:

ســـاهڙ ڏاران ســـوهڻي، هتـــي تـــان ڇهڪـــي زال،
تــوڏيءَ تــپ شــروع ٿيــو، هــي هيٽــي جــي حــال،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــذي رءَ جمـــال، اگهـــي تـــي آهـــون ڪـــري.
شهواڻي، ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)
آڏواڻي، ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)
ڏيپلائي، ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)
قاسمي، ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)
انصاري، ابيات متفرقہ بيت 4 (شوقيرام وارو)
بمبئي، ڇاپو، داستان متفرقہ صفحو 85
ســـاهڙ ذاران ســـهڻي، هـــيءَ تـــان ڇڪـــي زال،
تـــوڏي تـــپ شـــروع ٿيـــو، هـــَي هيٺـــي جـــي حـــال،
جـــذي ري جمـــال، اگهـــي تـــي آهـــون ڪـــري.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 141 جکي = جکيل، آزاريل.

بيت جي صورتحال اوهان جي اڳيان آهي. لفظ "جُکي" جنهنجي ڪري هي بيت هٿ آڻو پيو اهو سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ ڪونهي ۽ ٻين سڀني نسخن ۾ لفظ "جکيءَ" جي بدران "جذي" آيل آهي، يعني گنج ۽ شيخ صاحب وارن نسخن ۾ سٽ آهي، "جکي رءِ جمال، اگهي تي آهون ڪري" جڏهن تہ ٻين سڀني نسخن ۾ آهي "جذي رءَ جمال، اگهي تي آهون ڪري" ۽ بيت جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ "جذي" پڻ بحث طلب آهي.

شيخ صاحب ۽ گنج جي سٽ آهي:
"ســـاهڙ ذاران ســـوهڻي، هـــيءَ تـــان جـــذي زال"
برٽش واري نسخي ۽ بمبئي ڇاپي ۾ آهي:
"ســـاهڙ ذاران ســـوهڻي، هـــيءَ تـــان ڇڪـــي زال"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي واري نسخي جي سٽ آهي:

"ساهڙ ڏاران سوهڻي، هي تان ڇهڪي زال"

۽ باقي ٻين سڀني نسخن، شوقيرام، قليچ، قاضي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ ۾ سٽ آهي:

"ساهڙ ڏاران سوهڻي، هـَي تان جـُهڪي زال"

يعني پهرين سٽ جون چار صورتون آهن "جڏي/ چڪي/ ڇهڪي/ جُهڪي" سان ۽ جي مونکي پنهنجي ذاتي راءِ جو اختيار ڏنو وڃي ته آئون جيڪر اتي درست لفظ آڻي ڏيکاريان. پر جيئن ته آئون ٻين جي به اهائي مخالفت ڪريان ته ڪنهن ڪي به اڪيلي سر لفظن جي ردو بدل جو اختيار ناهي سو آئون پاڻ ڪيئن ٿي اهڙي پاڻ همرائي ڪري سگهان. باقي پنهنجي لفظن جون درست معنائون ڪرڻ جو اختيار ضرور مون کي حاصل آهي. اهڙي صورت ۾ جو آئون اهي لفظ پاڻ به ذاتي طور سمجهان ۽ ڳالهايان ٿي ۽ هتي بيت ۾ آيل لفظ "جڪيءَ" جي معنيٰ اڳيان اٿم. لفظ "جڪي" اڳ منهنجي نظر تان ڪڏهن به ڪنهن ادبي ڪاوش يا اخبار ۽ رسالي ۾ نه گذريو آهي پر جڏهن لطيف جي سر پرڀاتي جي بيت،

"ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اٻوجهن جون، سپڙ ڇام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن کي جـُڪي تان نه ٿئي.

۾ لفظ "جڪي" ڏٺم/ پڙهيم ته روحاني خوشي محسوس ڪيم. توڙي جو معنيٰ اها ڏنل نه هئي جيئن اسان وٽ آهي پر پوءِ به پنهنجي (لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي) هڪ مخصوص لفظ جي وڃائجي وڃڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهو لهي ويو. ”جُڪي“ جي معنيٰ آهي، ”پنهنجي پسند جي شيءِ ان ڪري نہ واپرائڻ/ڪنجوسي ڪرڻ تہ متان اها ختم نہ ٿي وڃي جلدي ۽ ان جو ذرو ذرو ڪري/ مس مس استعمال ڪرڻ. ٻيءَ معنيٰ ۾ تہ ”جُوڦ“ ڪري رکڻ، ۽ نہ ٻي ڪي ڏيڻ نہ پاڻ واپرائڻ، وڃان اها چيز خراب ٿي وڃي. يا پنهنجي ضرورت کان بہ گهٽي شيءِ (ڪاڏي وغيره جي) ڪٽڻ ڪي بہ جُڪي ٿو چئجي.

جملو = فلاڻي ڪي تہ هر شيءِ جي جڪي آهي. الله ڪنهنکي بہ اهڙو هيچي نہ ڪري.

جملو = هوءَ جڪي ڪري سڀ ڏڪيندي آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪِنو ڪري اڇلائيندي آهي.

لسپيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڪنجوس“ڪي ”شوم، ڏوسي ۽ جوڦي“ بہ چون.

سٽ آهي، ”جڪي ريءَ جمال، اگهي ٿي آهون ڪري“

هيءَ سٽ جيئن تہ تبديل ٿيل آهي، اهو ئي سبب آهي جو ان جي ڪابہ معنيٰ نٿي نڪري. سٽ جو پهريون اڌ ”جڪي رءَ جمال...“ گنج مان ڪنيل آهي.“ ”اگهي ٿي آهون ڪري.“ بمبئي ڇاپي جي آهي. ايئن ان سٽ جو جنم ٿيوجيڪو عجيب الخلقت آهي. سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ لفظ ”جڪي“ آيل ناهي ۽ اچڻ بہ نہ گهرجي ڇو تہ لفظ ”جڪي“ بيت ۾ ڏنل معنيٰ ڏڪي، مصيبت ۾ قاتل“ سان تہ نهڪي سگهي ٿو پر اسان واري معنيٰ سان نهڪي نٿو. اهو ئي سبب آهي جو ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ان بيت ۾ لفظ ”جُڪي“ آيل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سهڻي، داستان 10 بيت 15 جلد 1،

سڪيءَ ٻڏن جي، ساهڙ ڏاني تن جو،
لهرن سِر لطيف چئي، ڪلهن چاڙهيو، ني،
جي پيچن پنڌ پري، تن اماٽي اوڏو ڪري.

**ڏاني :**

شيخ = مددگار
منگهاٽي = ماتحت، هٿ هيٺ، ٻيءَ معنيٰ ۾ مريد، رعايا.
گنج، صفحو 315.

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ منهنجي نظر مان نہ گذريو آهي پر جيئن تہ هن مهل منهنجو اصل ڪم رسالي جي چنڊڇاڻ ڪرڻ ناهي پر ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن تي بحث ڪرڻ آهي سو بيت ۾ آيل لفظ "ڏاني" زير موضوع آهي.

اسان وٽ قبائلي رسم ۽ رواج موجب هڪ ٻي کي ڏک سک ۾ پَڪَرَڻ/ پاڳي پائيوار ٿيڻ جا بہ ڪي اصول ۽ قانون آهن، جن جي پوئواري ڪرڻ لاءِ هر ڪو پابند هوندو آهي، جيئن، ڦوڙي، فاتحہ، ٻجار، پوئو وغيره آهي. اهي قانون هڪ جهڙن سان لاڳو هوندا آهن. "ڏن" وري هڪ قسم جي "ٽيڪس" هوندي آهي، جيڪا حاڪم جي عام ماڻهوءَ تي ۽ مرشد جي مريد تي ساليانی ٻڌل هوندي آهي، جيڪا هر صورت ۾ ڏيڻي آهي، يا جيئن مفتوح، فاتح جي "چار آني" ڀريندو آهي. "ڏن" بہ بلڪل ائين ئي آهي ۽ "ڏن" ڏيندڙ کي "ڏاني" چيو ويندو آهي.

جملو = مرشد ڏن وٺڻ آيو آهي، اسين تہ سندس "ڏاني" آهيون، اکين سان ڏينداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ابا، اٽي مُنهين ڏي (سامهون ٿي) حاڪم جو ماڻهو آيو آهي، تو پَر سال بہ ڏن نہ ڏنو هو. اسين تہ ڏاني آهيون. ڏوڪڙ پيسو ناهي تہ مال ڪولي ڏي.

سٽ آهي، "سڪيءَ ٻڏن جي، ساهڙ ڏاني تن جو"

معنيٰ = جيڪي سڪيءَ جي آسري ۾ ٻڏن ٿيون، (يعني، جيڪي درياهہ پار ڪري سُڪيءَتي پهچي ميهار سان ملڻ جي خواهش ۾ ٻڏي وڃن ٿيون) تہ، ميهار بہ انهن جو مريد ۽ رعايا ٿيو ٿو وڃي.

يعني = جيڪي ميهار/ ساهڙ لاءِ مرن ٿيون تہ ساهڙ بہ انهن لاءِ پنهنجي حيثيت وڃائي ٿو ڇڏي. باقي "مددگار" تہ اهو ٿيندو آهي، جيڪو باحيثيت هجي، مدد گهرندڙ ۽ مدد ڏيندڙ ۾ وڏو فرق آهي، "مددگار" جو هٿ مدد جي لاءِ ضرورتمند جي هٿ جي مٿان هوندو آهي. جڏهن تہ هتي هستي وڃائڻ جي ڳالهہ آهي. بيت ۾ ساهڙ باحيثيت نہ پر ڏن ڏيندڙ/ ڏاني آهي. يعني، عشق جو جڏهن عروج ٿيندو آهي تہ معشوق، عاشق بنجي ٿو وڃي ۽ مرشد، مريد ٿو ٿي وڃي. بيت ۾ ساهڙ، جيڪو سهڻيءَ جو معشوق آهي ۽ جنهن لاءِ سهڻي سر تريءَ تي رکي درياهہ پار ڪندي هئي، اهو ساهڙ، سوهڻيءَ جو عاشق/ ڏاني/ مريد ۽ رعيت بنجي ٿو پوي.

"ساهڙ ڏاني تن جو" اها ئي سٽ جي مهانتا آهي جو، ساهڙ جيڪو عشق جو مرڪز آهي، اهو خود "ڏاني" ٿو ٿيئي سوهڻيءَ جو جيڪا عشق اڳيان، گولي/ ٻانهي/ غلام آهي. (گولي گهاگهائي گهڙي...)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُـــر ســـهڻي، داســـتان 10 بيـــت 16 جلـــد 1،
نـــہ ڊوريءَ نـــہ ننـــڊ، ســـاهڙ ٻـــوڙي ســـوهڻي،
اکيـــن ۾ اکنـــڊ، مئـــيءَ کـــي ميهـــار جـــي.

**ڊوريءَ :**

شيخ = ڇڄن، ننڍڙي تلاءَ (پاڻيءَ جي) يا ننڍڙي ڍنڍ.
منگهاڻي = مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ قدرتي نالو. ڍنڍ يا تلاءَ ۾ پاڻي بيٺل هوندو آهي. جڏهن تہ "ڊوري/ڊورو" وهندڙ پاڻي هوندو آهي.

**ننڊ :**

شيخ = ننڍڙي تلاءَ
منگهاڻي = منهنجي خيال ۾ "ننڊ" نہ پر بيت ۾ آيل لفظ "ڍنڊ" آهي.
گنج، صفحو 364 (ننڊ)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 10 ابيات متفرق بيت 12.
"ســـائر ٻـــوڙي ســـهڻي، نـــہ ڊوري نـــہ ڍنـــڊ،
اکيـــن منجهـــہ اکنـــڊ ميـــائي ميهـــار ڏي.
قليچ، داستان 10 ابيات متفرق بيت 12 (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) ڊوري = ڊور = ڊورو پاڻيءَ جو، ڊوري يا نهر جو نالو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ڇاپو. داستان متفرقہ ابيات صفحو 85

سـائر ٻـوڙي سـونهٽي، نـہ ڪنهـن ڍوري ڍنـدِ،

اڪيـن منجهـہ اڪنـدِ ميـائي ميهـار ڏي.

قاضي، داستان 10 بيت 9 (بمبئي ڇاپي وارو)

ڍوري = ڍور = قتل واهڻ، ڍورو.

گربخشاڻي، سهٽي ابيات متفرقہ بيت 13 (شوقيرام وارو) ڍوري = معنيٰ ناهي.

شهواڻي، ابيات متفرقہ بيت 13 (شوقيرام وارو) ڍوري = معنيٰ ناهي.

آڏواڻي، ابيات متفرقہ بيت 13 (شوقيرام وارو) ڍوري = نهر

ڏيپلائي، ابيات متفرقہ بيت 12 (شوقيرام وارو)

قاسمي، ابيات متفرقہ بيت 12 (شوقيرام وارو) ڍوري = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، ابيات متفرقہ بيت 13 (شوقيرام وارو) ڍوري = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" ڍوري/ڍورو" معنيٰ ڏنل ناهي. صفحو 219 ڍورُ = ڍورو، درياهہ جو اڳيون وهڪرو.

بيت جون مختلف صورتون اوهان ڏٺيون. شيخ صاحب جي پهرين سٽ جو اڌ آهي، "نہ ڍوريءَ نہ ننڌ" (ڍ سان) گنج ۾ آهي. "نہ ڍوريءَ نہ ننڌ" ("ڌ" سان) بمبئي ڇاپو. "نہ ڪنهن ڍوري نہ ڍنڌ" ۽ شوقيرام ۽ ٻين سيني نسخن ۾ آهي، "نہ ڍوري نہ ڍنڌ"! شيخ صاحب، "ڍوريءَ" جي معنيٰ "ڇن، پاڻيءَ جو ننڍو تلاءُ" ڏني آهي تہ لفظ "ننڌ" جي معنيٰ بہ "ننڍڙو تلاءُ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني آهي ۽ بيت جي آخري سٽ، گنج ۾ شيخ صاحب وٽ "اڪين منجهه اڪنڊ، مٺيءَ ڪي ميهار جي" آهي پر ٻين سيني نسخن جي آخري سٽ، "اڪين منجهه اڪنڊ، ميائي ميهار ڏي" آهي، جڏهن ته، "مـٺيءَ ڪي" ۽ "مـُيائي" جي معنائن ۾ به وڏو فرق آهي، جيڪو انتهائي نفيس آهي. "مٺيءَ ڪي" جي معنيٰ آهي، "مٺل ڪي/ هن مري ويل ڪي" ۽ "ميائي" جي معنيٰ آهي، "مرڻ ڪانپوءِ به/ مري وڃڻ بعد به" وڌيڪ فيصلو پلي معتبر محقق ڪن.

لفظ "ڍوريءَ" (جيڪو ٻين نسخن ۾ "ڍوري" آيل آهي) جي معنيٰ شيخ صاحب، "ڇن، پاڻيءَ جي ننڍڙي تلاءَ، يا ننڍڙي ڍنڍ" ڏني آهي، جڏهن ته "ڍورو" وڏو ۽ "ڍوري" ننڍي آهي، جيڪي مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ قدرتي نالو/نالي آهن. اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) مينهن جي پاڻيءَ جي گذر گاهن لاءِ گهڻا نالا/نانءَ ۽ اصطلاح آهن. هونئن به جابلو علائقن ۾ جتي گذر سفر ۽ زندگيءَ جا مزا مينهن سان ٻڌل آهن، جتي مينهن ۽ معشوق ساڳيو درجو رکن ٿا ۽ ساڳئي طرح پيارا ۽ عزيز هوندا آهن، ۽ لطيف چوائي، "مينهان ۽ نينهان، ٻئي اڪر هيڪڙي"، جتي جيترو به مينهن وسي اهو گهٽ آهي. اجا مس چمر، ڇپرن تي مُڃَ ٿيا، وڄ جو چمڪو، ۽ ڪڙڪو ٿيو ناهي، ننڍو، وڏو نر، مادي گهرن ڪان ٻاهر نڪري "پيچ پيچ پٽارا" جا نعرا هڻڻ شروع ٿي ويندا ۽ ننڍا ٻار هڪدم جي ٻيو ڪو ڪپڙو هٿ نه آين ته، مائرن جي مٿن تان پوتيون جهڙپ هٽي سٽ ڏيئي لاهي ڪٽيو جهوليون ۽ جهولاٽيون جهليو در در تي پنڻ ويندا، اهو به راڳن سان، "ڪارڙو، ڪنيارڙو، الله ڏي مينهن وسي!" ڪٿان اٽو، ڪٿان گهه، ڪٿان ڪنڊ يا ڳڙ پنيو جهولاٽيون ڀري ورندا ۽ ڪنهن هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ گڏجي هڪ ئي ٿانءَ ۾ ”ڏريو“ رڌي پاڻ ۾ ڪائيندا ته گهرن ۾ به ورهائي ڏيندا. سو، مينهن جو قدر ڏسڻو هجيوَ ته اچي جبل ۾ ڏسو. مينهن جو پاڻي جڏهن جبلن منجهان جهرڻن جيان ڦٽي چاروڙا ڪري هيٺ ڪرندو آهي ته ڍورا ۽ ڍوريون به ٻوڏ ۾ پرجي چاڳ منجهان لوڏا ڏيئي وهندا/وهنديون آهن تڏهن ڪو اچي جبل جي رهواسين جون خوشيون ۽ سک ڏسي. مونکي هتي پنهنجي ياءَ مولابخش بڪڪ جو هڪ طويل نظم ٿو ياد اچي. جيڪو مينهن واري مند جي سکن ۽ خوشين جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ، ڪوهستاني لهجي جو هڪ نمونو آهي. جنهنجو عنوان آهي ”وَسَ“.

1. ڪڪـــــر ڪـــــارو ڪــــري ڪڙڪـــــا،
ڏڪــــر ڪـــــي ڏي اچــــي دڙڪــــــا،
ڏڪـــر ويـــو پـــــرِ نـــــ تـــون ســـڏڪا،
امـــــــان ڏرتــــــــي، منـــــــي ڏرتــــــي.

2. آهـــــن چـــــوڏار گجگوڙيـــــــــون،
ننـــــديا ڍورا بـــــ ڪــــن ٻوڙيــــــون،
ڳنـــــوارن جــــون پنهــــوارن جــــون،
لـــــڳن ڪــــن ســــان ٽيــــون اڄ جوڙيــــون،
وڄـــــون ٽيــــون ڪــــن اجهـــــو تڙڪــــا،
امـــــــان ڏرتــــــــي، منـــــــي ڏرتــــــي.

3. ڪتـــــاليون ٻيـــــر ڳــــــاڳيون ڏس،
منگهـــــا، ڦونگيــــون ۽ ڪونئريـــــون ڏس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپـــــــڙ ڪوديـــــــر گھوگھيٽــــــــا،
منـــــــا ليھـــــــار پيـــــــرون ڏس،
ڏراڙن جـــــــا لتـــــــا اوڪـــــــا،
امـــــــان ڏرتـــــــي منـــــــي ڏرتـــــــي.

4. بنيـــــــا بـــــــر بـــــــاغ باغيچـــــــا،
وڇايـــــــا گاهـــــــہ غاليچـــــــا،
غريبـــــــن تـــــــي اٻوجهـــــــن تـــــــي،
اهـــــــي احســـــــان آڳيجـــــــا،
نيـــــــون سوســـــــيرون نـــــــوان پٽڪـــــــا،
امـــــــان ڏرتـــــــي منـــــــي ڏرتـــــــي.

5. وســـــــيو ســـــــانوڻ آ راڳـــــــن ســـــــان،
مليـــــــو آ مينهـــــــن پـــــــاڳن ســـــــان،
ڪـــــــڏن جهومـــــــن ڪريـــــــو ســـــــهٽيون،
بڪـــــــڪ ڏس ڪيئـــــــن چـــــــاڳن ســـــــان،
مڪـــــــڻ جـــــــا ســـــــر مٿـــــــي مـــــــَـــــــٽڪا،
امـــــــان ڏرتـــــــي منـــــــي ڏرتـــــــي.

اميد تہ جبل ۾ مينهن وسڻ جو منظر هڪ جبل جي شاعر جي قلم ذريعي چٽو نظر آيو هوندو ۽ هاڻي لفظ "ڏوري/ڏورو" جملن ۾.

جملو= اڄ ڏوري جي اڪرڻ جي ڳالهہ نہ ڪجو. ڏورو اصل ڦاٽي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اها ڏوري تہ ڪَڌهوڪي ڀرجي ويئي، پر ڏورا ٻہ تار پيا وهن.

بيت جي سمجهاڻي = سوهڻي نڪا ڏنڊ ٻوڙي آهي نڪو ئي ڏوري ٻوڙي آهي (يعني، سوهڻيءَ ڪي نڪو ڏوري نہ ئي ڪنهن ڏنڊ ٻوڙيو آهي) پر هن کي تہ وڏي ساگر/سمنڊ ٻوڙيو آهي. مرڻ ڪانپوءِ بہ سندس اکين ۾ ميهار لاءِ چاهہ ۽ اڪنڊ هئي. (بمبئي ڇاپي واري بيت جي سمجهاڻي ڏني اٿم.)

سر سهڻي، داستان 10 وائي 1 جلد 1،
آيل پُنيون ماءِ، مون مرادون پنيون،
ست 3: ڪجي تہ ڪوڙ تيئي، سُڃي تہ سيباءِ.

سيباءِ :

شيخ = وڻي، پسند اچي، مزو ڏي.
منگهاڻي = ڀانءِ ڀوي، تب ڀوي (طبيت تي ڀوي)، سنو اثر ڪري يا جيرائي.
ست 4: ويهہ داتا جي در تي، شڪر جنهن سُهاءِ.

سُهاءِ :

شيخ = جڳاءِ
منگهاڻي = وڻي، پسند اچي.
گنج، صفحو 355
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرامہ، داستان 9 وائي 1 (سُهاءِ بدران جڳاءِ آيل آهي)

قليچ، داستان 9 وائي 1 (سُهاءِ بدران جڳاءِ آيل آهي)

لغات لطيفي (قليچ) سيپاءِ = معنيٰ ڏنل ناهي. (سيباٽا = وڻيا، پسند آيا)

قاضي، داستان 10 وائي 2 (سُهاءِ بدران جڳاءِ)

گربخشاڻي، داستان 9 وائي 6 (سهاءِ بدران جڳاءِ)

سيپاءِ = سيبائي، جڳائي، وڻي.

شهواڻي، داستان 9 وائي 6 (سهاءِ بدران جڳاءِ)

سيپاءِ = وڻي، جڳائي.

آڏواڻي، داستان 9 وائي 6 (سهاءِ بدران جڳاءِ)

سيپاءِ = وڻي.

ڏيپلائي، داستان 9 وائي 6 (سهاءِ بدران جڳاءِ)

قاسمي، داستان 9 وائي 1 (سهاءِ بدران جڳاءِ) سيپاءِ = جڳاءِ.

انصاري، داستان 9 وائي 4 (سهاءِ بدران جڳاءِ) سيپاءِ = جڳائي، وڻي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 297، سيباءِ = سڄي تان سيباءِ = محبوب جي ڳالهہ کن تي پوي تہ بہ سيبائي (وڻي)

متي وائيءَ جي سٽ 4 ۾ آيل لفظ "سُهاءِ" آهي جيڪو گنج سان گڏ بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ پڻ آيل آهي پر اوهان ڏٺو تہ بين سيني نسخن ۾ "سُهاءِ" بدران "جڳاءِ" آيل آهي. جن بہ شارحن ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن انهن مان کن وائيءَ ۾ آيل لفظ "سيباءِ" جي معنيٰ بہ "جڳاءِ" ڏني آهي. لفظ "سيباءِ ۽ سُهاءِ" ٻئي نهايت طاقتور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڏيــون ڪيفيتــون بيـــان ڪنــدڙ انوکـــا لفـــظ آهـــن. اســـان وٽ "سينيائڻ/سيپائڻ" جي معنيٰ آهي "پانءِ پوڻ" جنهن کي نيٽ جابلو لهجي ۾ " تـب پـوڻ ۽ جيرائـڻ" تـو چئجـي ۽ هـي ٻئـي لفـظ اڄ بـہ لسـپيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام سمجهيا ۽ ڳالهايا ويندا آهن.

جملو = ڳاڙهو رنگ مونکي ڪونہ سيپاءِ. جڏهن بہ پايان بخار تو اچي وڃيم.

جملو = جهينگا مونکي وڻن بہ ٿا ۽ سينيائين بہ ٿا.

لفظ "سيباءِ" جي معنيٰ شيخ صاحب "وڻي، پسند اچي" ڏني آهي جيڪا لفظ "سُهاءِ" جي معنيٰ آهي ۽ وري لفظ "سُهاءِ" جي معنيٰ شيخ صاحب "جڳاءِ" ڏني آهي. جيئن مون عرض ڪيو آهي تہ لفظ "سيباءِ ۽ سُهاءِ" اڄ بہ اسين ڳالهيون ٿا ۽ "سهاءِ" جي معنيٰ آهي "وڻي" سٽ آهي،

"ويهـ داتـا جـي در تـي، شـڪر جنهـن سـُـهاءِ"

معنيٰ = تـون خدا جي در تي ويهہ/الله جي اڳيـان عـرض ڪـر. جنهن کي شڪر وڻي ٿو.

جملو = تنهنجـو رڙل ڪـاڏو سچ بـہ. سوادي هونـدو آهي پـر هيـر مونکي هڪ گراهہ بہ نٿو سُهائي.

جملو = بس جيڪو سُهايم اهو ڪاڏم.

سٽ 3: جي ڪجي تہ ڪوڏ، جي سُچي تہ سيباءِ.

معنيٰ = جي ڪجي تہ خوش ٿيئي. جي ٻڌي تہ پانءِ پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سارنگ، داستان 2 بيت 1 جلد 1،
پري پٽ تي آيو، سارنگ سهج منجهان،
ڪڙيون ڪنڌار جيئن، وڄون اتر واءَ،
سر ساوا سبز ٿيا، ڍامڻ ڍپ ڪئا،
ڦري پٽن تان، پريائين ڪُنَ ڪراڙ جا.

**ڪُن :**

شيخ = ڪڌون

منگهاڻي = ڀن، ننگهه، ڀنور، گرداب.

هتي سيني نسخن جي ڀيٽڻ جي ضرورت ان ڪري نٿي سمجهان ڇو جو جنهن لفظ جي ساخت تي اعتراض اٿم، اهو لفظ سيني نسخن ۾ ان ساڳيئي قابل اعتراض ساخت ۾ آيل آهي ۽ اهو لفظ آهي "ڪُن" پر اهو ان صورت ۾ قابل اعتراض آهي، جنهن صورت ۾ هن بيت ۾ آهي يعني "ڪُن ڪراڙ جا" لفظ "ڪُن" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪڌون" ڏني آهي، لفظ "ڪُن" ڀين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي آيو آهي، پر ڪٿي بہ ان جي معنيٰ "ڪڌون" ڏنل ناهي. "ڪُن" جي معنيٰ جي سيني کي خبر آهي تہ اها آهي، "ڀن، ننگهه، ڀنور ۽ گرداب" جنهن ۾تيزيءَ وارا ڦيرا ۽ چڪر هوندا آهن ۽ ڪن، ڪڌن، ڍنڍن ۽ بيٺل پاڻي ۾ نہ پر سمندن ۽ دريائن ۾ ٿيندا آهن. جڏهن تہ لطيف سرڪار سمندن ۽ دريائن جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي. پر ڍنڍ (ڪراڙ) جي ڳالهہ ڪئي آهي، شايد اهو ئي سبب آهي جو هر هنڌ تي لفظ "ڪُن" جي درست معنيٰ ڏيندڙ شيخ صاحب بہ هتي ٻاتاڙجي ڀيو ۽ "ڪُن" جي معنيٰ "ڪڌون" ڏيئي ڇڏيائين. جڏهن اسين بہ سمجهون ۽ ڄاڻون ٿا تہ ڍنڍن ۾ "ڪُن" ناهن ٿيندا تہ لطيف جهڙو جينئس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت ڊنڊ (ڪراڙ) جي ڪَن پرڻ جي ڳالهہ ڪندو؟ جيئن مون شروع ۾ ئي چيو آهي تہ پهرين پهرين لطيف جي ڪلام ۾ آيل غلط زيرزبر ۽ پيش ڏيان ڇڪايو هوم. اهو ئي مسئلو هتي بہ منهن مقابل آهي تہ هي لفظ پيش سان "ڪُنَ" نہ پر زبر سان "ڪَنَ" آهن. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ڪناري" کي "ڪَنَ" چيو ويندو آهي ۽ لطيف بہ "ڪَنَ" ئي چيو آهي. "پريائين ڪَن ڪراڙ جا" معنيٰ = ڪراڙ (ڊنڊ) کي ڪنارن تائين پري ڇڏيائين. ڪناري کي ڪَن، اڄ بہ اسين بلڪل عام چوندا آهيون.

جملو = ٻنڌ جا ڪَنان پڇي ويا آهن، مينهن جو پاڻي بيهندو ئي ڪونہ.

جملو = آئون ڇانهہ ڦوري پيئندس. ڪوپ کي ڪَنن تائين تار ڪري نہ آڻجين.

سٽ آهي: ڀَهري پٽن تان، پريائين ڪَنَ ڪراڙ جا"

معنيٰ = پٽن/ ميدانن تان پڪڙي اچي ڪراڙ (ڊنڊ) کي ڪنارن تائين پري ڇڏيائين.

هيءَ آهي منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ جيڪا مون پنهنجي علائقي جي ٻوليءَ جي آڌار تي ۽ لطيف جي سٽ جي آڌار تي ڏني آهي جنهن تي اعتراض ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ جو حق سيني کي آهي ۽ منهنجو پنهنجو بہ اهوئي موقف آهي تہ آئون يا ڪو ٻيو، ڪنهن کي بہ اهو حق حاصل ناهي. تہ هو تن تنها لطيف جي لفظن ۾ ردوبدل ۽ ڦيرڦار ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـارنگ، داسـتان 2 بيـت 9 جلـد 1،
مـاڻھو مرگھہ مينھـون، سـارنگ کـي سـارين،
آرون ابـر آسـري، تـاڙا تنواريـن،
سـپون جـي سمنـڊ ۾، نئيـن سـج نھـارين،
پـلر پيـارين، اجيـن آب اگونـدرو.

## تاڙا :

شيخ = واحد تاڙو، پکيءَ جو ھڪ قسم جو پڻ مينھن جي منڊ ۾ دانھون ڪندو رھندو آھي.

منگھاڻي = ڏيڏر

گنج، صفحو 376

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 337 بيت 1744 (مرون مرگھہ)

شوقيرام، داستان 1 بيت 14 (ماڻھو مرگھہ)

قليچ، داستان 1 بيت 14 (ماڻھو مرگھہ)

لغات لطيفي (قليچ) تاڙا = ھڪڙي قسم جو پکي.

قاضي، داستان 1 بيت 7 تاڙا = معنيٰ ڏنل ناھي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ ڪونھي.

شھواڻي، داستان 1 بيت 5 تاڙا = پکيءَ جو نالو جو مينھن ۾ پرگھٽ ٿيندو آھي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 30 تاڙا = تاڙا پکي (تاڙي کي سارنگ، چانڪ، ٻاٻيھو، مينھڻ بہ چون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 37

قاسمي، داستان 1 بيت 14 تاڙا = پکيءَ جو نالو.

انصاري، داستان 1 بيت 5 تاڙا = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 65 تاڙو = پکي جو نالو.

ڪوهستان ۽ لسبيلي ۾ ”تاڙو“ ڏيڏر کي چئبو آهي ۽ مون پنهنجي ڏاڏي کان ڏيڏر لاءِ ”تاڙو“ چوندي پاڻ ٻڌو آهي. جڏهن مينهن جي مند ۾ ڏيڏرن ٻاهر نڪري ٽرٽر ڪئي تہ اما وڏيءَ مشڪي چيو، ”هاڻي مينهن آيو ڪي آيو، تاڙا بہ نڪري ٽا تنوارين.“ باقي تاڙي پکيءَ بابت مون کي ذاتي طرح ڪابہ ڄاڻ ناهي جو جو ”تاڙي“ نالي پکي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ بهرحال ڪونهي، نہ ئي امان وڏيءَ کي ڪا خبر هئي تہ اڳتي سندس پوٽيءَ لاءِ ڪو اهو چوڻ اهم ٿيندو. هن تہ بس روانيءَ ۾ جيئن ڳالهائبو آهي تيئن ئي چيو هو ۽ پوءِ تحقيق دوران ڪافي لاسين ۽ ڪوهستانين کان معلوم ڪيم جن پڻ تصديق ڪئي تہ، ”تاڙو“ ڏيڏر کي چيو ويندو آهي، جن ۾ بکڪ ذات کان علاوه جوکيا، شهڻا، ڪانڙا، ٻرا ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو شامل آهن.

بيت جي سمجهاڻي = ماڻهو، مال، جهنگ جا جانور، پکي، ڏيڏر سڀئي مينهن جي آسري ۾ پيا تڳن ۽ مينهن کي ئي پيا سارين ۽ تنوارين/پڪارين. سمنڊ ۾ جيڪي سپون آهن، اهي بہ هر روز، هر نئين ڏينهن پيون مينهن لاءِ نهارين (اي الله) تون انهن سپني کي مينهن جو پاڻي (پلر) پيار، ۽ اجايلن کي خوشين پريل (اڻ کٽ) پاڻي ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر سـارنگ، داسـتان 2 بيـت 17 جلـد 1،

منـد تـي منـدل وڄيـا، تـاڙي ڪئـي تنـوار،
هـارين هـر سـنباهيا، سـرها ٿيـا سـنگهار،
اڄ پـڻ منهنجـي يـار، وسـڻ جـا ويـس ڪيـا.

## منڊل :

شيخ = ساز جو هڪ قسم (مندل وڄيا = خوشيون ٿيون)
مُنگهاڻي = رنگ، روشنيون، خوشبو، خوشيون

## سنگهار :

شيخ = مالدار يا مالوند ماڻهو
منگهاڻي = سگهڙ، هر فن مولا ماڻهو، ڪاريگر.
گنج صفحو 374:
اڄ پـڻ اتـر پـاري ڏي، تـاڙي ڪـئي تنـوار،
هـارين هـر سـنباهيا، سـرها ٿيـا سـنگهار،
اڄ پـڻ منهنجـي يـار، وسـڻ جـا ويـس ڪيـا.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 3:
منـد تـي منـدل وڄيـا، تـاڙي ڪٽـي تنـوار،
هـارين هـر سـنباهيا، سـرها ٿيـا سـنگهار،
اڄ منهنجـي يـار، وسـڻ جـا ويـس ڪيـا.
قليچ، داستان 3 بيت 3 (بيت شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) منڊل = سرمنڊل، وڄائڻ جو هڪڙ ساز
سنگهار = ڏڏار، مال وارا، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو.
قاضي، داستان 3 بيت 3 (بيت شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) منڊل = سرمنڊل، وڄائڻ جو هڪڙو ساز.
سنگهار = ڏنار، مال وارا، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو.
قاضي، داستان 3 بيت 3 (شوقيرام وارو) منڊل = ساز، اسباب، تڪسات.
سنگهار = مال وارا، پاڳيا.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ موجود ناهي.
شهواڻي، داستان 3 بيت 2
منڊ تي منڊل منڊيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.
منڊل = سر منڊل جو ساز، مزا. سنگهار = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 3 (منڊل منڊيا) منڊل = ساز. سنگهار = مالدار ماڻهو.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 3 (شوقيرام وارو)
قاسمي، داستان 3 بيت 3 (شوقيرام وارو) منڊل = هڪ ساز. سنگهار = معنيٰ ناهي.
انصاري، داستان 3 بيت 3 (منڊل منڊيا) منڊل = ساز، اسباب، تڪسات.
سنگهار = مال وارا، پاڳيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 455 منڊل = سرمنڊل، ساز، محفل جي واڄڻ جو مانداڻ. مند تي منڊل وڄيا = سانوڻ جي مند آئي تہ گوڙين جي گجڪار جا ساز وڄي ويا. صفحو 284 سنگهار = مالدار، گهٽي مال (مينهن، ڳانئن، رڍن، ٻڪرين) وارا.

پهرين بيت جي صورت ۽ ساخت بابت ڪجهہ. پوءِ لفظن جون معنائون ڏسبيون. اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحب واري بيت جي پهرين سٽ ”مند تي منڊل وڄيا، تاڙي ڪئي تنوار.“ نون توڙي پراڻن نسخن ۾ اهائي ساڳيئي سٽ آيل آهي. جن ۾ بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخو، شوقيرام، قليچ، قاضي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ بلوچ صاحب وارا نسخا شامل آهن. گنج جي پهرين سٽ جي شروع وارو اڌ ”اڄ پڻ اتر پار ڏي...“ آهي. يعني سيني کان ڏار ۽ مختلف آهي. جڏهن تہ شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ آيل پهرين سٽ آهي،

”منڊ تي منڊل منڊيا، تاڙي ڪئي تنوار.“

جيڪا نهايت ئي طاقتور ۽ مڪمل درست آهي يعني ”منڊل منڊيا...“ اوهان ڏٺو هوندو تہ ٻين سيني نسخن ۾ ”منڊل وڄيا...“ آيل آهي. جڏهن تہ ”منڊل منڊيا“ آهن. اهو ضرور ان ڪري ٿيو آهي، ۽ لفظ ”منڊيا“ جي جاءِ تي ”وڄيا“ ان لاءِ آيو آهي جو لفظ ”منڊل“ جي معنيٰ کان ڪوبہ شارح ۽ محقق واقف ڪونهي ۽ (شيخ صاحب سميت) ان جي معنيٰ ”هڪ قسم جو ساز يا سرمنڊل“ ڏني آهي، جڏهن تہ قاضي صاحب ساز سان گڏ، ”تڪسات“ واري معنيٰ بہ ڏني آهي جي لفظ ”منڊل“ جي معنيٰ کان عام واقفيت هجي ها تہ سٽ ۾ لفظ ”وڄيا“ جي اچڻ جو ڪوبہ سبب ۽ ضرور نہ هو ۽ وري حيرت جي ڳالهہ اها تہ شهواڻي صاحب ۽ آڏواڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب پڻ لفظ "منڊل" جي معنيٰ "هڪ ساز" ئي ڏني آهي پر تنهن هوندي بہ انهن لفظ "وڄيا" نہ پر لفظ "منڊيا" آندو آهي. ضرور انهن صاحبن ڪنهن پراڻي قلمي يا دستخطي نسخي ۾ بيت جي اها صورت ڏٺي هوندي. "سر منڊل" هڪ ساز آهي، اها مون کي بہ خبر آهي ۽ اهو ساز مون ڏٺو بہ آهي، پر بيت ۾ آيل لفظ "منڊل" اهو ساز ناهي. اسان وٽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "منڊل منڊيا" هڪ اصطلاح آهي، جيڪو گهڻين خوشين ۽ خوبصورت نظارن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. لفظ "منڊل" جي معنيٰ آهي "رنگن، روشنين، خوشبوئن ۽ خوشين جي دنيا " ۽ "منڊيا" جي معنيٰ آهي، "اڏيا، جڙيا، ٺهيا".

جملو = فلاڻي پٽ جي شادي ۾ منڊل منڊي ڇڏيا هئا.

جملو = تون جي اچين ها تہ، منڊل منڊاڻا لڳن ها.

بيت جو ٻيو لفظ آهي "سنگهار" جنهنجي معنيٰ پڻ شيخ صاحب سميت سڀني شارحن "مالوند ۽ مالدار" ڏني آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر "سنگهارُ/سنگهارَ" آهي ۽ واحد/جمع مونث "سنگهارِ/سنگهاريون" آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "سگهڙ، ڪاريگر، هرفن مولا". يعني جيڪو هر ڪم جو ڄاڻُو ۽ ماهر هجي. باقي غريبي، اميري يا مالوند ۽ سُڃائيءَ جي ڳالهہ ڪانهي. هي لفظ اسين اڄ بہ ڳالهايون ٿا، بلڪ عام ڳالهايون ٿا.

جملو = هوءَ سنگهار آهي. غاريبيءَ ۾ بہ ڪٽي مان بہ ڪريو پيئي گهر هلائي.

جملو = اهي سڀ پينرون سنگهاريون آهن، جنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهن، سُرهو ڪري ڏين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ "سنگھار" نالو بہ رکيو ويندو آهي، پر اهو گهٽو ڪري ذيءَ تي رکبو آهي. باقي پٽ تي گهٽو نہ. ۽ هاڻي بہ هتي ڪراچيءَ ۾ اسان وٽ ۾ ٽن ماين جا نالا "سنگھار" آهن

بيت جي سمجهاڻي = مينهن جي مند آهي. خوشين، رنگن، روشين ۽ خوشبوئن جي دنيا اڏيل آهي. ڏيڏر بہ پيا تنوارين، هارين پنهنجا هر سنپاليا آهن/ تيار ڪيا آهن ۽ سگهڙ ۽ ڪمائتا ماڻهو ڏاڍا خوش آهن. اڄ منهنجي يار/محبوب (مينهن) وسڻ جون پوشاڪون پاتيون آهن. (جهڙ، وسڪارا، وڄون، ڪڙڪاٽ، رنگ، روشني، خوشبو، اندلٺ اهيئي تہ برسات جا لباس آهن. مينهن جي مند ۾ منديل مندلن جا چٽيل هي روشن عڪس ڪٽي آهن ٻي هنڌ، جيئن لطيف پَسايا آهن؟ ۽ لطيف سرڪار مينهن/ سارنگ ۽ ان جي پيدا ڪيل حسين منظرن ۽ خوبصورتين ۾ حقيقي محبوب جو حسن ۽ جمال ٿو ڏسي.)

سر سارنگ، داستان 2 بيت 20 جلد 1،
ڏڙهہ ريا ريج ٿيا، ڪي اوهيرن اوت،
ميها چيڙ ڦنگهيون، جت سپيئي ٿوڪ،
چاڄر ٿي چَنسُن ۾، جت مينهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگھاريون، جي توسيون پائين طوق،
لاهي متان لوڪ. ڏولائيءَ جا ڏينهڙا.

**ميها :**

شيخ = پيندا، هڪ ول جو ڦر جو پاڃيءَ طور ڪم ايندو آهي.
منگهاڻي = هڪ ڪدوءَ جهڙي گول قسم جي پاڃي. باقي "پيندا" تہ ڏار پاڃيءَ جو هڪ قسم آهي. جنهن ۾ گجي ۽ لچڪاڻ هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهنجي شڪل خوبصورت انساني آڱرين جهڙي ٿيندي آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ چئبو ٿي ”ليڊي فنگرس“ (Lady Fingers) آهي.

**ڇاڇر :**

شيخ = پاڻيءَ جي اُڇَ

منگهاڻي = ٿوري پاڻيءَ جو ڇاٽڪارو، ڇٽڪار، ٿورڙو پاڻي مٿي اڇلائبو تہ سنهڙين بوندن جي شڪل ۾ هيٺ ڪرندو آهي. ان کي ٿي ”ڇاڇر“ چئبو آهي.

**ڇَنُنِ :**

شيخ = هينئائين زمينن، ڍورين

منگهاڻي = ڇونڪن، جهوپڙين.

**سنگهاريون :**

شيخ = سنگهار، مالوند يا مالوند ماڻهو

منگهاڻي = سگهڙ ۽ ڪاريگر عورتون.

گنج، صفحو 375 (ڏر ريا ريج ٿيا...)

برٽس ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 336 بيت 1738 (ڏر جٺاريج ٿيا)

شوقيرام، داستان 3 بيت 2، پهرين سٽ ”مند ٿي منڊل وڇيا، ڪي اوهيڙن اوت“.

قليچ، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) ميھا = ٻاجھيءَ جو ھڪ قسم، دلپسند. چاچر = چڪڻ، ڍنڍ، ڍوري، پاڻيءَ جي اَچ يا لس. تورو پاڻي. ڇنن = منھ، ڇپر، ڍنڍ، ڍوري.

قاضي، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو) ميھا = ٻاجھيءَ جو ھڪ قسم. چاچر = چڪ، تانگھو پاڻي، چڪڻ، واھڙ، ڪاريون. ڇنن = گاھہ ۽ وڻن واري ترائي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ ڪونھي.

شھواڻي، داستان 3 بيت 1 (شوقيرام وارو) ميھا = ٻاجھيءَ جو ھڪ قسم. چاچر = پاڻيءَ جي اَچ، ڍوري. ڇنن = معنيٰ ڏنل ناھي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو) ميھا = معنيٰ ڏنل ناھي. چاچر = گاھہ. ڇنن = ھيٺاھين پٽن.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو) ميھا ۽ ڇنن جي معنيٰ ڏنل ناھي. چاچر = چڪ، ڍوري.

انصاري، داستان 3 بيت 2 (شوقيرام وارو) ميھا = ٻاجھيءَ جو ھڪ قسم. چاچر = چڪ، تانگھو پاڻي، چڪڻ، واھڙ، ڪاريون. ڇنن = گاھہ ۽ وڻن واري ترائي.

بلوچ، لغت "روشني". ميھا = معنيٰ ڏنل ناھي. صفحو 176 ڇنن = ڇن = (جمع) ڇَنوُن = ھيٺاھين زمين، نشيب واري ايراضي (مينھن جي پاڻيءَ سان ٻرجي وڃي ۽ جنھن ۾ گاھہ ۽ ٻوڙا وڻ ٿين). چاچر ٿي ڇنن ۾ = ھيٺائين نشيب وارين زمينن ۾ پاڻيءَ جي اَچ ٿي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت مينهن وسڻ کانپوءِ وارين خوشين/سکن/مزن ۽ سرهاين جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ آهي، بلڪ وَسَ جي هڪ خوبصورت پينٽنگ آهي. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مينهن جي مند کي ”وَسَ“ تا چون، ۽ وَسَ وسڻ جا هن بيت ۾ سهڻا عڪس چٽيل آهن. آئون جيڪر انهن خوبصورتين تي گهڻو ڪجهہ لکان، پر ڪتاب کي طوالت کان بچائڻ خاطر لفظن جي معنائن ڏانهن ورنديس. بيت جو پهريون لفظ آهي ”ميها“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”پيندا“ ڏني آهي. اها تہ ايئن ڳالهہ تي جو ماڻهو چوي ”منر“ معنيٰ ”واڱڻ“، ”ميها ۽ پيندا“ ٻہ مختلف شڪل ۽ بلڪل ڌار سواد واريون ڀاڄيون آهن. ”ميها“ شڪل صورت ۾ گول ڪدوءَ جهڙا آهن ۽ سواد ۾ ٻہ منجهن ڪدوءَ کان معمولي ڪو فرق آهي. ٻيو لفظ آهي ”چاچر“، ان جي معنيٰ شيخ صاحب ”پاڻيءَ جي اڇ“ ڏني آهي، جڏهن تہ ”چاچر“ ۾ پاڻي نظر ئي نہ ايندو آهي. اسان جي علائقي ۾ ”چاچر“ پاڻيءَ جي انهيءَ هلڪي وسڪاري کي ٿو چئجي جيڪو اٽلڪو محسوس ٿيندڙ هجي، يعني هلڪو محسوس ٿيندڙ پاڻيءَ جو وسڪارو/چاٽڪارو يا ڇٽڪار، سنهڙين بوندن جي اڻ لکي وٺندڙ ورکا.

جملو = اسان وٽ مينهن گهڻو نہ هو، بس چاچر ٿي هئي.

ٽيون لفظ آهي، ”چِنُنِ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”هيٺائين زمينن، ڍورين“ ڏني آهي. هونئن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جون معنائون سيني شارحن درست نہ ڏنيون آهن، پر جيئن تہ محترم ٻانهي خان شيخ صاحب جو مرتب ڪيل نسخو تازو ڇپيو آهي ۽ ٻيو وري ان ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ٻين شارحن کان گهٽيون ڏنل آهن، تنهن ڪري لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مروج ڪن لفظن جون مختلف معنائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪرڻ لاءِ مون هي نسخو منتخب ڪيو تہ جيئن هميشہ لاءِ لطيف جي ڪلام ۾ آيل اسانجي لفظن جي ڏنل معنائن جي درستگي ٿي وڃي. لفظ "چَنُنِ" جي معنيٰ هونئن تہ سيني شارحن "هيناهين زمينن" ڏني آهي، پر مرزا قليچ بيگ صاحب جي ترتيب ڏنل لغت، لغات لطيفيءَ ۾ لفظ "چنن" جي معنيٰ "ڍنڍ ۽ ڍوريءَ" سان گڏ "مَنَهہ ۽ ڇَپَر" بہ ڏني آهي، جيڪا ئي درست آهي. باقي "ڍورو ۽ ڍوري" تہ الائي ڪهڙي حساب سان لفظ "چَنُنِ" جي معنيٰ سيني (لڳ ڀڳ) شارحن ڏني آهي.

"چاچر تي چَنُن ۾" معنيٰ، "ڀونگن/جهوپڙين تي مينهن جي پاڻيءَ جي ڇٽڪار ٿي/هلڪو وسڪارو ٿيو." واحد "چنو" ۽ جمع "چنا" ٿيندي، جڏهن تہ بلوچ صاحب پنهنجي لغت "روشنيءَ" جي صفحي 176 تي لفظ "چَنَ" جي جمع "چنون" ڏني آهي. اسان وٽ "چنو/چنا" انهن وڏين جهوپڙين ۽ ڇاپرن کي بہ چئبو آهي، جيڪي تنبن ۽ شاميانن جي جاءِ تي لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا رهواسي شاديءَ وغيره ۾ مهمانن لاءِ خاص طور تي بنائيندا آهن.

جملو = ڪاچ لاءِ چنن جو فڪر نہ ڪريو اهي وقت تي تيار هوندا، اوهين پنهنجا ڪم ڪريو.

بيت جي صورت ۾ وڏا فرق آهن. جيڪو ذار ذڪيو ڪم آهي.

جيئن پهرين سٽ جو شروعاتي اڌ، ڏڙهہ رياريج ٿيا..." جيڪو گنج ۾ "ڏر ريا ريج ٿيا..." آهي ۽ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾، "ڏر جٺا ريج ٿيا." آهي. باقي ٻين سيني نسخن ۾ "مند تي مندل وچيا/منديا..." آيل آهي ۽ پهرين سٽ جي آخري لفظ "اوت ۽ اوڪ" وارو فرق آهي، ۽ چوٿين سٽ ۾ لفظ "پويو ۽ توسيون" وارو فرق آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = مينهن وسڪارن سان اڇي پلٽيو آهي ۽ سڪل ۽ خشڪ زمينون سيراب ٿي ويون آهن. جتي ميها، چيڙ، ڦنگهيون سيئي ڪاچ/ڏٿ ٿيا آهن. چنن/ جهوپڙين جي مٿان پاٽيءَ جو چاڻڪارو/وسڪارو ٿيو آهي ۽ مينهون آزاديءَ سان/نئون ڦٽل گاهہ. ننڍا سلا پيون کائين. سگهڙ عورتون خوشيءَ منجهان هار پوپو پيون پائين. اي الله. تون لوڪ جي مٿان سيئي مشڪلون لاهِہ/آسان ڪر. (لفظ "موڪ" جي معنيٰ: 1. آزاد، 2. نئون ڦٽل گاهہ آهي)

سر سارنگ، داستان 2 بيت 22 جلد 1،

ڪانڌ، تنهنجي پاندَ ري، سيءَ مران سپ رات،
ڪامل ڪپاهن ڀر، جهپ نہ اچي جهات،
اڇين جي پريات، تہ آئون سيءَ نہ ساريان.

**جهپ :**

شيخ = آرام

منگهاڻي = گرمائش/تپش، ڪوساڻ. جتي سيءَ ۽ ٿڌي هوا جو گذر نہ هجي.

گنج، صفحو 272.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 337 بيت 1743 (جپ)

شوقيرام، داستان 3 بيت 13

قليچ، داستان 3 بيت 13.

لغات لطيفي (قليچ)، جهپ = ننڊ، پنڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 3 بيت 10 جهپ = جپ، آرام، ڪنڌي، ڪنارو.
گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر سارنگ ڪونهي.
شھواڻي، داستان 3 بيت 11 جهپ = ننڊ، پنڪي.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 12 جهپ = آرام، ننڊ.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 13.
قاسمي، داستان 3 بيت 13 جهپ = ننڊ.
انصاريءَ واري نسخي ۾ هي بيت سر سارنگ ۾ ڪونهي.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 156 جهپ = جهپ ڪرڻ، ذرا آرام ڪرڻ.

لفظ "جهپ" جي سمجهاڻي مٿي سر جمن، داستان 7 وائي 1 "عشق تمام..." ۾ ۽ سر سهڻي، داستان 5 بيت 10 ۾، "جيهر لوڪ جهپ ڪري..." ۾ ڏني اٿم. پر هن بيت ۾ جيئن تہ لفظ "جهپ" جي اسان واري معنيٰ واضح صورت ۾ آيل آهي تنهن ڪري انهن ماڻهن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي جن جو لفظ ٻڌل ٿي ناهي. پهرين سٽ آهي،

"ڪانڌ، تنهنجي پاند ري، سيءَ مران سپ رات"

معنيٰ = اي پيتار، تنهنجي پاند بنا آئون سڄي رات سيءَ ۾ ڏڳندي/ڏڪندي مران ٿي. "پاند" جي معنيٰ آهي "پلوءُ گندي، اجرڪ، اوڇڻ جو ڇيڙو، آخري حصو، ڪپڙي جو پلوءُ. ٻي سٽ آهي،

"ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات"

غور طلب لفظ "ڪپاهہ" آهي ۽ ڪپاهہ معنيٰ، سوڙيون، رليون، رضايون، اوڇڻ، گاديلا، هنڌ، بسترا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = اي معتبر، (توڪان سواءِ) هنڌن بسترن ۾ ٻہ ذري ڪا گرمائش ۽ ڪوساڻ ناهي تي ۽ آخري سٽ آهي،

”اڇيــن جــي پريــات، تــہ آئــون ســيءُ نــہ ســاريان“

معنيٰ = تون جي اسر مهل/پرهہ ڦٽيءَ جو اڇين تہ آئون سيءَ کي حساب ۾ ئي نہ آڻيان پلجي وڃان. (تہ ڪو آئون سڄي رات سيءَ ۾ مُئي آهيان.) يعني، تون اچ تہ سيءُ ختم ٿيئي. سڄي بيت ۾ ننڊ ۽ آرام جو نہ، پر سيءَ ۽ ڪوساڻ جو ذڪر آهي. مثال طور، ”پاند بنا سڄي رات سيءَ مرڻ“، ”ڪپاهن ۾ ذري بہ گرمي نہ هجڻ“ ۽ ”محبوب جي ملڻ سان سيءُ لهڻ.“ (ڪوڙين ڪپاهن ۾، پيئي نار نران). ڏنو وڃي تہ محض هڪڙي لفظ جي غلط معنيٰ ڏيڻ جي ڪري بہ بيت جو رستو بلڪہ منزل ئي بدلجي ٿي وڃي. ڪٿي پرينءَ جي جسماني ساٿ ۽ تپش جي ضرورت ۽ وري ڪٿي ننڊ ۽ آرام جو فڪر ۽ ڳٽتي. حقيقت اها آهي تہ لطيف جو فڪر ۽ فلسفو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارو مرحلو اڃا آيو ئي ڪونهي، اڃا تہ لطيف جي ٻولي/لفظ تہ صحيح سمجهايا وڃن! هن مٿين بيت مان ئي اندازو لڳايو تہ جڏهن هڪڙي لفظ جي معنيٰ غلط ڏيڻ سان بيت مختلف سمت، فڪر ۽ معنيٰ وٺي ٿو وڃي تہ انهن بيتن/واين جو ڪهڙو حشر هوندو جن مان ڪتابت جون غلطيون ڪري لفظ ئي ڪڍيا ويا آهن يا وري اصلي لفظن جي بدران نوان هٿ ٺوڪيا لفظ وڌا ويا آهن ۽ بيتن/واين سان اها ڪربلا محض ان ڪري ٿي آهي جو اهي لفظ انهن جي علائقن جا نہ هئا ان ڪري انهن لفظن جون معنائون ڪين نٿي آيون. اسين لطيف جا وارث آهيون. اسان جي ذميداري آهي تہ اسين لطيف جو فن، فڪر ۽ فلسفو دنيا ۾ متعارف ڪرايون ۽ دنيا کي ٻڌايون ۽ سمجهايون تہ لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا آهي! ۽ لطيف جو فن، فڪر ۽ فلسفو ڇا آهي! پر پهرين اسان کي پاڻ سمجهڻو پوندو تہ لطيف ڇا آهي، ۽ سندس فن، فڪر ۽ فلسفو ڇا آهي! لفظ "جهپ" اڄ بہ عام طرح سان ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي يعني اهو وچائجي ويل لفظ ڪونهي. اڄ بہ تازو توانو. نئون نمرو ڪراچيءَ جهڙي انٽرنيشنل شهر جي بلڪل سينٽرل (ضلعي) ۾ رهندڙ "بڪڪ" ذات جا ماڻهو ڳالهائيندا آهن. انهن کان اچي لفظ "جهپ" جي معنيٰ ڪوبہ پڇي، چو جو اهي لفظ "جهپ" اڄ بہ پرپور نموني ڳالهائين ٿا ۽ حيرت جي ڳالهہ اها تہ ان جو متبادل لفظ بہ اچا وٽن ڪونهي.

جملو = تنهنجو گهر ماشاءَالله جهپ وارو آهي، اسانجو گهر تہ برف لڳو پيو آهي.

جملو = سيءُ گهٽ ڪونهي. تون جهپ مان ٻاهر نڪري ڏس تہ ڪيڏو سيءُ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي پيار، تنهنجي پلئہ/پاند بنا آئون سڄي رات سيءَ ۾ ڏڳندي ٿي مران. اي معتبر، هنڌ ۽ بسترن (سوڙين ۽ گاديلن) ۾ مونکي ذري بہ/نالي ماتر بہ گرمي نٿي ملي. تون جي پرهہ ڦٽي/ اسر مهل اچين تہ آئون جيڪر سيءَ کي پلجي وڃان/حساب ۾ ئي نہ آڻيان. (تنهنجي جسم جي گرمائش ۾ سيءَ کي وساري ڇڏيان.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ســارنگ، داســتان 2 بيــت 23 جلــد 1،

ڪٽڪـن ڪـانڌ ڇـت ڪيـو، جهـڙ پسـيو جهڄـن،
ور ري وانــڍن اڏيـــا، پڪــا ســي مَ پـُــسن،
اتــر ڏاهــي ان جــا، ڪنهنڪــي ڪــارون ڪــن،
ڪلهيــون ڪيــن ڪچــن، ويچــاريون ورن ري.

**وانڍن :**

شيخ = (واحد وانڍ) اڪيلي ڇڙي عورت، رنڙ، مڙس کان وڇڙيل.

منگهاٽي = (واحد مؤنث وانڍي) گهر ۽ ڳوٺ کان پري مال سانگي رهندڙ عورتون.

گنج، صفحو 374 (ڪليون ڪين ڪچن)

ڪٽڪـن ڪـانڌ ڇـت ڪيـو، جهـڙ پسـو جهڄـن،
ور ريءَ وانــڍين اڏيــا، پڪــا ســي مَ پســن،
اتــر ڏاهــي ان جــا، تنهــن ڪــي ڪــارون ڪــن،
ڪليــون ڪيــن ڪچــن، ويچــاريون ورن ري.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 335 بيت 1732.

ڪٽڪـن ڪـانڌ ڇـت ڪيـو، جهـڙ پسـيو جهٽڪـن،
ور ري وانــڍين اڏيــا، پڪــا ســي مَ پـُـسن،
اتــر ڏاهــي ان جــا، تنهــن ڪــي ڪــارون ڪــن،
ڪلــن ڪيــن ڪچــن، ويچــاريون ورن ري.

بمبئي ڇاپو، داستان 2 بيت 6:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـُـٽڪن ڪـانڌ ڇـت ڪـِـئو، جهـڙ پسـيو جهڃــن،
ور ري وانـــدين اڏئـــا، پڪـــا ســـي مَر پـــُـــسن،
اتــر ڏاهــي ان جــا، تــہ ڪنهنڪـي ڪـارون ڪــن،
وارث وري تـــن، اڃـــي شـــال اولـــو ڪـــري.

شوقيرام، داستان 2 بيت 7 (بمبئي ڇاپي وارو، رڳو ”وانـديـن“ بدران ”واندن“ آهي)

قليچ، داستان 2 بيت 7 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) واندن = وانديون = مـاني ونـدينـدڙ زالـون شاديءَ مهل، وڏيريون، ڇڙهيون زالون.

قـاضي، داستان 2 بيت 7 (بمبئي ڇاپي وارو) وانـديـن = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ ڪونهي.

شهواڻي، داستان 2 بيت 8 (بمبئي ڇاپي وارو) وانـديـن = ماني ونديندڙ، رنڙي.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 7 (بمبئي ڇاپي وارو) وانـدين = بيواهہ زالن.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 7 (بمبئي ڇاپي وارو)

قـاسمي، داســتان 2 بيــت 7 (شـــوقيرام وارو) وانـــدن = مـــاني ونديندڙ عورت.

انصاري، داستان 2 بيت 6 (بمبئي ڇاپي وارو) وانـدين = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 495 وانـديِ = جمع وانـديون = اڪيليون. (جن جا ور پورهيي لاءِ پرديس ويل ۽ پاڻ اڪيليون)

متين بيت ۾ آيل فرق اوهان ڏٺا. سواءِ گنج ۽ برٽش واري نسخي جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آخري سٽ ايئن ناهي ۽ انهن ٽنهي نسخن ۾ بہ آخري سٽ جو پهريون لفظ مختلف آهي.

شيخ صاحب جي سٽ آهي، ”ڪلهيون ڪين ڪچن، ويچاريون ورن ري“

گنج جي سٽ آهي ”ڪليون ڪين ڪچن، ويچاريون ورن ري“

۽ برٽش واري نسخي جي سٽ آهي، ”ڪلن ڪين ڪچن، ويچاريون ورن ري“، جڏهن تہ ٻين سيني، بمبئي ڇاپو، هڪ اوائلي نسخو، شوقيرام، قليچ، قاضي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن جي آخري سٽ آهي، ”وارث وري تن، اڄي شال اولو ڪري.“ لفظ ”وانديون“ بہ سيني نسخن ۾ هڪ نقطي ۽ ”ي“ جي فرق سان آيل آهي. يعني ”وانديين/واندين/واندين/واندن“.

هي لفظ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. هي لفظ ”ڊ“ نہ پر ”ڍ“ سان آهي، جيڪو واحد/جمع مذڪر ”وانڍو/وانڍا“ آهي ۽ واحد/جمع مونث ”وانڍي/وانڍيون“ آهي، ۽ گڏيل ميڙ (مونث ۽ مذڪر) کي ”وانڍا“ ئي چئبو آهي. ”وانڍا“ انهن کي چئبو آهي جيڪي مال جي سڪ/ڪاڄ ڀاڻي جي سانگ سان پنهنجن گهرن/ڳوٺن کان ٻاهر نڪري پوندا آهن ۽ جتي بہ گاهہ ذرو/مال جو چارو ۽ پاڻيءَ جڪو ڏٺائون اتي ئي لڏو لاهي ڇنا/پونگا/پکا اڏي ويهي رهندا آهن. مال خوش تہ پاڻ بہ خوش. اتان جي ڪنهن اڻ سڃاتل واٽهڙوءَ ڪانئن پڇيو تہ، ”اوهين هتي ڇا رهو؟“ تہ اهي ٺڙ ٺپ جواب ڏيندا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = نہ پائو، ڳوٺ اسان جو فلاڻو آهي گهر اسان جا اتي آهن، هتي تہ اسين "وانديا" آهيون.

يعني، گهر ۽ ڳوٺ ڪان پري، مال سانگي جهنگن ۾ رهندڙن ڪي "وانديا" چئبو آهي، نہ ڪي "رنڙ، ڇڙهين زالن، اڪيلين يا بيواهہ زالن. يا ماني وندبيندڙن ۽ وڏيرين" ڪي.

حضور صلعم جيان لطيف سائين بہ عورتن ڪي وڏو مانُ ۽ عزت ڏني آهي سو بيت ۾ بہ "وانديين" جي ڳالهہ پيو ڪري. نہ تہ مرد بہ "وانديا" ٿيندا آهن جيئن تہ لفظ "وانديو/واندي" لطيف جي ڪنهن بہ شارح جو ٻڌل نہ هو تنهن ڪري انهن جي اڳيان "ڊ ۽ ڍ" وارو فرق ڪاٻہ اهميت نٿو رکي. سو، "ڊ" سان "وانڊي" چئي ۽ معنيٰ ڏنائون "ماني وندبيندڙ".

جملو = آئون "وانڊي" آهيان. نہ ڪنهن ڳوٺ سان نہ راڄ سان.

جملو = نڪا ڳوٺ جي خبر نہ چار، هتي وانڊيو وينو آهيان مال سان.

بيت جي آخري سٽ جي صورت مختلف نسخن ۾ مختلف آهي.

سر سارنگ، داستان 3 وائي 1 جلد 1،

گهٽو گهرجن ماءِ، اڄ گهرجن ماءِ،

سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن،

سٽ 3: اوڇيءَ ماڙيءَ ڏيئو ٻري، ٻاهر ڦڙيءَ نڪاءُ.

## ڦڙيءَ نڪاءُ :

شيخ = ڦڙيءَ = ڦڙيءَ جو. نڪاءُ = آواز

منگهاڻي = "ڦڙيءَ نڪاءُ" اصطلاح آهي تيز مينهن لاءِ. يعني جڏهن مينهن تريون ڏيئي وسندو آهي تہ چئبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = نڪرڻ جي ڳري ئي ڪانهي، ڪيئن نڪرجي؟ قـڙيءَ نڪاءُ پيو پوي.

جملو = قڙيءَ جو نڪاءُ پيو پوي. هير تون ڪيڏانهن سنيريو آهين؟

ست جي سمجهاڻي = متي وڏي ماڙيءَ/محل ۾ ڏيئا پيا ٻرن ۽ ٻاهر مسلسل زوردار مينهن وسي رهيو آهي.

سر سارنگ، داستان 3 بيت 2 جلد 1،

موتي مانداڻن جي، پِري ڪيائين پَرَ،
وڄون وسڻ آيون، ڪوڏان ڪٽي ڪَرَ،
مينهون پاڻ مراديون، تڏا چرن تر،
وڏيءَ ويل آيون، پٺيءَ لائي قر،
ساڙهي اڄن سامهيون، ڏين ڪير سُٻَرَ،
ساڻ واندن ور، پرين پرچن ڪڏهن.

**مانداڻن :**

شيخ = جهڙن.

منگهاڻي = خوشين، سکن، "مندل" ۽ مانداڻا "ساڳي ئي معنيٰ ۾ ورتا وجن تا.

**سُٻَرَ :**

شيخ = طاقت ڏيندڙ

منگهاڻي = تلهو، ڳٽ، ۽ لفظ پيش سان نہ پر زبر سان "سَبَرَ" آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**واندڻ :**

شيخ = (واحد واندُ) اڪيلي (زال) بنا مڙس، مڙس ڪان وڇڙيل. منگهاڻي (واحد مذڪر "وانديو" ۽ مونث "وانديءَ") مال جي سک سانگي گهر ۽ ڳوٺ ڪان پري جهنگن ۾ رهندڙ.

گنج، صفحو 382 بيت،

موتـــي مانـــداڻن جيـــون، پـــري ڪيـــائون پــَــرَ،
وڃـــون وســڻ آئيـــون، ڪوٺـــان ڏاڪـــن ڪـَــرَ،
وڏيءَ ويـــل آئيـــون، پنـــيءَ لائـــي قـَــرَ،
ســاري اچــن ســامهيون، ڏيــن ڪيــر ســُبـَــرَ،
ســـاڻ وانـــدين وَرَ، پريـــن پرچـــن ڪـــڏهن.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

بمبئي ڇاپو، صفحو 104

موتـــي مانـــداڻن جـــو، پـــري ڪيـــائين پـــر،
وڃـــون وســـڻ آئيـــون، ڪـــوڏان ڪٽـــي ڪـــر،
مينهـــون پـــاڻ مراديـــون، تـــڏي چـــرن تـــر،
وڏي اوهـــــ آئيـــون، پنـــيءَ لائـــي قـــر،
ســاري اچيــو ســامهيون، ڏيــن ڪيــر ســچر،
ســاڻ وانــدين ور، پـــريون پرچـــڻ جـــون ڪيـــون.

شوقيرام، داستان 4 بيت 16 (بمبئي ڇاپي وارو)

قليچ، داستان 4 بيت 2 (بمبئي ڇاپي وارو پر "مانداڻن "بدران" مونداڻي" آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) مانداڻن = مانداڻ = جُهڙ، جو منڊجي بيهي، منڊل، جهڙي ڦڙي. سَبرَ = گهٽو، مضبوط، سخت، ڏاڍو، زوراور، زوروارو.

وانديِن = وانديون = ماني وندينڙ زالون شادي مهل، وڏيريون، چڙهيون زالون.

قاضي، داستان 4 بيت 3 (بمبئي ڇاپي وارو) مانداڻن = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 15 (بمبئي ڇاپي وارو) مانداڻن = جهڙي ڦڙي.

سٽ 5 : "ساري اڇيو سُوا مينهون، ڏين کير سڃر"

آڏواڻي، داستان 4 بيت 15 (بمبئي ڇاپي وارو پر "مانداڻن" بدران "مانداڻ" آهي)

مانداڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 21 (بمبئي ڇاپي وارو)

قاسمي، داستان 4 بيت 16 (بمبئي ڇاپي وارو) مانداڻن = جهڙي ڦڙي.

انصاري، داستان 4 بيت 11 (بمبئي ڇاپي وارو) مانداڻن = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" لفظ "مانداڻن" جي معنيٰ ڏنل ناهي.

اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحب واري هن بيت جي گنج واري بيت سان بہ مڪمل هڪ جهڙائي ناهي. بيت جي سٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وڏيءَ ويـــل آيـــون، پنـــيءَ لائـــي ڦـــر"

جيڪا بمبئي ڇاپي ۾ هيئن آهي،

"وڏي اوهـــَــــ آئيـــون، پنـــيءَ لائـــي ڦـــر"

ست ۾ آيل لفظ "اوهـ" تمام اهم ۽ طاقتور آهي ڇو جو اهڙي سڪن ۽ خوشين واري مينهن جي موسم ۾ جتي گاهه ۽ پاڻيءَ جي مال لاءِ ڪابه تنگي نه هجي، اتي ته مال ۾ ڪير جام ۽ "اوهـ" متڻ ڪان به متي هوندا. "وڏي ويل..." جي ڳالهه ناهي "وڏي اوهـ..." جو ذڪر آهي. ۽ جڏهن مال "سُوئا" هجي ته پوءِ وچي ٿيا خير....

بيت ۾ آيل لفظ "مانداڻن" جي معنيٰ شيخ صاحب "جُهڙن" ڏني آهي. اهو لفظ به نج لسبيلي ۽ ڪوهستان جو آهي، جنهنجي معنيٰ بلڪل "منـدل" واري ٿـي آهـي يعنـي "خوشـيون، سـڪ، رنـگ، روشـنيون، خوشبوئون، روپ، هل هنگامـ (خوشين وارا). ڪو ماڻهو جي خوشين ۽ هلچـل ڀريـل مـاحول مـان ڪنهـن اٿوڻنـدڙ مـاٺ واري مـاحول ۾ اچـي تـه چوندو،

جملو = مون به هتي اچي ڪمال ڪيو آهـي. ڪتي هـو منـدل مانداڻا ۽ ڪتي هي..."

جملو = مونکي خبر ئي نه هئي هنن مندلن مانداڻن جي نـه تـه سويل اچان ها."

بيت ۾ آيل لفظ "سَبَر" منهنجي راءِ ۾ درست ناهي. اسان وٽ هي زبر سان "سَبَـرَ" آهي. ان لفظ جي معنيٰ شيخ صاحب "طاقت ڏيندڙ" ڏنـي آهـي جـڏهن تـه لفـظ "سَـبر" جـي معنـيٰ لسـبيلي ۽ ڪوهسـتان ۾ "تلهو/ڳٿ (جسم ۾ ڀريل)" آهي. لطيف سرڪار لفظ "سَبَـر" مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرن ۾ آندو آهي. جيئن، ”سَٻَر سيءُ پيو...“، ”سومرو سَٻَر...“، ”ڇڏ سٻرايون سومرا...“ وغيره. جتي لفظ ”سَٻَر“ زور ۽ سگهہ واري معنيٰ ۾ آيل آهي پر هن بيت ۾ وري لفظ ”سَٻَر“ لسٻيلي ۽ ڪوهستان واري معنيٰ ۾ آهي يعني ”تلهو“. ست آهي.

”ساڙهي اڇن سامهيون، ڏين ڪير سَٻَر“

معنيٰ = هو سامهون اڇي تلهو/ڳٽ (گهاتو/گهرو) ڪير تيون ڏين.

هيءَ ست سيني نسخن کان بهترين شڪل ۾ شهواڻي صاحب واري نسخي ۾ آهي، جيڪا هيئن آهي. ”ساري اڇيو سُوا/سُوٿا مينهون، ڏين ڪير سَٻَر.“ لفظ ”سُوٿا“ لاجواب آهي. لفظ ”وانديا“ جي معنيٰ مٿي جملن سان تفصيلي ڏني اٿم ۽ بيت جي سمجهاڻي، ڪهڙي نسخي واري بيت جي ڏيان؟

سر سارنگ، داستان 3 بيت 10 جلد 1،

ٻر ونا تر ونا، وني ڪڇ ڪنار،

پوڄاڙيءَ جو پٽن تي، ڏس نايائين نار،

سباجهي ستار، لاٿو ڏرت ڏيهہ تان.

**پوڄاڙي :**

شيخ = شام جو وقت، ٽيهري يعني وچين نماز تي.

منگهاڻي = ڏينهن جي پڇاڙي، مغرب جو وقت.

جملو = هوءَ اسان وٽ پوڄاڙڪيءَ جو آئي هئي، سج لٿي جو.

جملو = ميريون وري ويون هيون، هو صفا پوڄاڙيءَ جو آيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "اونڌاهيءَ" کي "مَير" تو چئجي.
"ميريون وري ويون" معنيٰ اونڌهه ڇانئجي ويئي.

هي بيت ٻين سيني نسخن ۾ آهي يا ناهي، يا ڪهڙي صورت ۾ آهي، ان جي ڏسڻ ۽ پيٽڻ جي ان لاءِ بہ ضرورت ناهي جو هتي بس ٿورو وقت جو فرق هو جيڪو درست ڪيم. يعني اسان وٽ "پوجاڙي" وچين نماز جي وقت کي نہ پر "سانجهي (مغرب) نماز جي وقت کي چئبو آهي.

سر سارنگ، داستان 4 بيت 2 جلد 1،
اوچڻ گهرجي آجڪو، جهوپو سهي نہ سيءُ،
سٽائج سُوَڙَ کي، حال منهنجو هيءُ،
اگڻ آيو ٿيءُ، تہ ڍولا ڪنهن ڍنگ ٿيان.

سُوَڙَ :

شيخ = وڙائتي، مهربان، ڳٺوان.
منگهاٽي = ("سَوَڙِ" س تي زبر) رضائي، ليف، گدو.
گنج، صفحو 372 (سٽائج سور کي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 337 بيت 1741 (سُوَڙَ)

شوقيرام، داستان 3 بيت 11 (جهولو سهي نہ سيءُ)
قليچ، داستان 4 بيت 11 (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) سوڙ = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي، داستان 3 بيت 8، سَوَڙَ = متان پائڻ جي رضائي
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 3 بيت ، 9 سوڙ = معنيٰ ڏنل ناھي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 10، سوڙ = گڏوان.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 11

قاسمي، داستان 3 بيت ، 11 سوڙ = معنيٰ ڏنل ناھي.

انصاريءَ واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 290، سَوڙ = ڪپھ مان ڀريل گرم اوڍاڻي، سوڙ.

لفظ ”سَوڙَ“ پانيان ٿي سڄيءَ سنڌ ۾ سمجھيو ۽ ڳالھايو ويندڙ لفظ آھي. اھا پڪ لفظ ”سَوڙ“ جي ڏنل قاضي صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ڏنل معنيٰ ڏني، پوءِ الائي ڇو شيخ صاحب ان جي معنيٰ ”وڙائتي، مھربان، گڏوان“ ڏني آھي. لطيف سرڪار لفظ ”سوڙ“ ساڳيئي ”ڪپھ جي ڀريل گرم اوڍاڻي، لحاف ۽ گدي“ جي معنيٰ ۾ آندو آھي، پر فطرت جي ڀرپور گھرجن جي آڌار. بيت جي پھرين سٽ آھي:

”اوڇڻ گھرجي آجڪو، جھوپو سھي نہ سيءُ“

معنيٰ = پناھ جو، تن ڍڪڻ جو ڪپڙو تہ گھرجي. ڇونڪو سيءَ کي جھلي نٿو سگھي. ٻي سٽ آھي،

”سٽائج سوڙ کي، حال منھنجو ھيءُ،“

معنيٰ = وجي منھنجي سوڙ/رضائيءَ (جھڙي گرم محبوب) کي منھنجو ھيءُ حال ٻڌائج. (تہ آئون توکان سواءِ سيءَ ۾ پيئي ڏکان ۽ ڏٻان.) ٽي ۽ آخري سٽ آھي: ”اگڻ آيو ٿي، تہ ڍولا ڪنھن ڍنگ ٿيان.“ معنيٰ = اي منھنجا محبوب، تون گھر اچ تہ آئون بہ ڪنھن طريقي ۽ ترتيب سان رھان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف بادشاهہ ۾ انساني فطري جذبن کي محسوس ڪرڻ واري انتهائي حساس حس هئي جنهنجو ڀرپور اظهار هن پنهنجي امر ڪلام ۾ ڪيو آهي. پوءِ اها اسان جي مرضي آهي تہ اسين لطيف سرڪار کي دنيا جي آڏو ڪهڙي روپ ۽ صورت ۾ ڌا پڌرو/ظاهر ڪريون. هڪ عظيم حساس شاعر جي حيثيت ۾، يا ڪنهن پير مرشد ۽ الله لوڪ جي حيثيت ۾ جيڪو تارڪ الدنيا ٿي منهن مونن ۾ هٽي وينو آهي. جڏهن تہ لطيف جسماني طور هڪ هڪ ماڳ هڪ هڪ ماڻهوءَ سان اتي هلي وڃي مليو آهي (جتي اهو ماڻهو رهيل آهي.)، لڪن ۾ لوساٽيو آهي، ڀٽن ۾ پير ڀٽون ڪيا آهن، جهر جهنگ جبل لتاڙيا آهن، قرب جا ڪمال ۽ فطرت جون فراوانيون پنهنجي ذهين ذهن ۽ روشن ماڻڪين سان پاڻ پسيون آهن. هو ماڻهن جي ٻڌايل ڳالهين ۽ قصن تي ويساهہ ڪري حجري ۽ مراقبي ۾ ويهي نہ رهيو آهي پر هن هر ڳالهہ جي حقيقت پاڻ بہ پڌري ڪئي آهي ۽ انهن قصن، ڪهاڻين ۽ داستانن جي هر ڪردار جي پيرن جي نشانن تي پنهنجا مضبوط ۽ ساڪاڻتا پير ڌري، پڪ ڪري پوءِ ئي ساک ڏني آهي انهن جي سچاين ۽ حقيقتن جي. لطيف جو رتبو ۽ مقام دنيا جي اڳيان اهو ئي ٿيندو، جيڪو اسين ڏياريندا سين.

دنيا تہ سنڌي ٻوليءَ کان واقف ناهي، ان کي ڪهڙي خبر تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪو ايڏو وڏو شاعر آهي، نہ تہ بنگالي ٻوليءَ جو وڏو شاعر رابندر ناٿ ٽيگور، لطيف بادشاهہ کان وڏو شاعر ڪونهي، جو هُن کي نوبل پرائيز مليو آهي. ٽيگور کي سندس چاهيندڙن/قدردانن جي سندس فن ۽ فڪر سان اٿاهہ چاهہ، سمجهڻ، پرکڻ ۽ پوءِ وري انهن چاهيندڙن جي پنهنجي علم، قابليت ۽ سٺي انگريزي ٻولي اچڻ ۽ بنگالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ مان انگريزي ٻوليءَ ۾ سنو لاجواب ترجمو ڪرڻ، ٽيگور کي نوبل پرائيز ڏيارڻ جو سبب بڻيو. اھا ئي سچيتائي ۽ سچاٽائي اسان ۾ بہ اچڻ گھرجي. جڏھن بہ اھي سموريون لاجواب وصفون اسان ۾ ايندي‌ون، اھو ئي ڏينھن ھوندو، دنيا جي نپ تي روشن سج جيان لطيف جي اپرڻ جو. اھا سچيتائي ۽ سچاٽائي ايئن ايندي جو سڀ کان پھرين لطيف جو نج ڪلام ھڪ ھنڌ سھيڙي، پوءِ لفظن جي حقيقت پرکي، معنائون ڄاڻي، زير زبر پيش، شد مد، جزم درست ڏيئي پوءِ ئي ايئن ڪنھن دڳ تي ھلڻ جھڙا ٿينداسين. نہ تہ ھيئن انڌا، منڊا، گونگا، ٻوڙا دنيا جي سڄڻ اڳيان ڪيئن ھلي سگھنداسين؟

لفظ ”سَوڙ“ زبر سان آھي. ”پيش“ سان ”سُوَڙ“ ناھي، واحد ”سَوَڙ“ جمع ”سَوَڙِيون“.

بيت جي سمجھاڻي، ھڪ ھڪ سٽ جي مٿي ڏار ڏني اٿم.

سر سارنگ، داستان 4 بيت 10 جلد 1،

سڄو صاف نہ ايري، سرلي وڄان سج،

منھن چڙھيو ماڻھن کي، ڏي واڏايون وڄ،

ھينئڙا ڪَپ مَ ڪج، سگھا ملندءِ سپرين.

**ڪپ :**

شيخ = ڪڪ يا بيزار ٿي، ڪج.

منگھاڻي = فڪر، ڳڻتي، ڪپت.

گنج، صفحو 376

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 4 بيت 7

قليچ، داستان 4 بيت 7

لغات لطيفي (قليچ) ڪپ = ڪپ ڪجڻ = ڳڻتي ڪرڻ، خفي ٿيڻ، بيزار ٿيڻ.

قاضي، داستان 4 بيت 16 ڪپ مَ ڪج = ڪپ = وڍ. ڪجڻ = جھوري، ڳاراٽو.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر سارنگ موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 4، ڪپ مَ ڪج = ڳڻتي ۽ فڪر نہ ڪر.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 3، ڪپ مَ ڪج = ڳڻتيءَ ۾ نہ ڳر.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 9.

قاسمي، داستان 4 بيت 7، ڪپ مَ ڪج = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 4 بيت 4، ڪپ = وڍ، ڪجڻ = جھوري، ڳاراٽو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 375 ڪپ مَ ڪج = نہ پريشان ۽ بي حال ٿي ۽ نہ الڪو ۽ ڳڻتي ڪر.

"ڪپ مَ ڪج" هي ٻہ لفظ آهن: "ڪپت" ۽ "ڪجڻ". اسان وٽ "ڪپت" جي معنيٰ آهي، "ڳڻتي ڪرڻ، فڪر ڪرڻ" ۽ "ڪجڻ" جي معنيٰ آهي، "ڳرڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ" ۽ شيخ صاحب لفظ "ڪپ" جي معنيٰ "ڪک يا بيزار ٿي، ڪج" ڏني آهي، جڏهن تہ "ڪپت ۽ ڪجڻ" ٻہ ڌار مختلف معنائن ۽ ڪيفيتن وارا لفظ آهن ۽ اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحب لفظ "ڪپ" جي معنيٰ ۾ "ڪج" بہ ڏني آهي، الائي ڇو؟ لفظ "ڪجڻ/ڪجايون/ڪج" وغيره جي معنيٰ سيني شارحن "پوسرائڻ/ ڪک/ خفي/ بيزار ٿيڻ" ڏني آهي.

سٽ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هينئـــڙا ڪـــپ مَ ڪـــڄ، ســـگها ملنـــدءِ ســـپرين“

معنيٰ = اي منهنجا هانءَ/دل، تون نڪو ڳڻتي ۽ فڪر ڪر نہ ئي ڳري ڪمزور ٿي. تنهنجا محبوب تڪڙو ئي توسان اچي ملندا. يا، تنهنجا پرين جلد ئي توکي ملندا. لفظ ”ڪپ، ڪپت“ جملن ۾.

جملو = ايڏي ڪپت نہ ڪر، هو دوستن سان ويهي رهيو هوندو تو تہ پٽ جي ڪپتين ۾ پاڻ کي ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

جملو = ڪپت ڪرڻ نہ ڪرڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪونهي. هوءَ آهي ئي ڪپتياڻي. ڪپتيون ڪري ڪري اڳهي ٿي پيئي آهي.

لفظ ”ڪجڻ“ جملن ۾:

جملو = تو پاڻ کي جنهن لاءِ ڪجائي ماريو آهي، اهو تہ مڇي مُري پيو هلي ڦِري.

جملو = فلاڻي تہ ڪپي ڪجي مري ويئي آهي.

باقي، ”ڪڪ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ يا خفي ٿيڻ“ انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ناهي اسان وٽ.

بيت جي سمجهاڻي = مينهن جي ڪڪرن جي گهٽائي ۽ جهڙ جي ڪري سچ واضح نموني ظاهر ئي نٿو ٿئي. وڄون ماڻهن جي اکين ۾ لڳي چمڪي پيون مبارڪون ڏين (وَسَ جون) اي منهنجا هانءَ/منهنجي دل، تون نڪو ڳڻتي ۽ فڪر ڪر نہ ئي ڪمزور ٿي. تنهنجا محبوب تو سان جلد ئي ملندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر کيـــڏارو، داســـتان 1 بيـــت 3 جلـــد 1،
آيـــو محـــرم ماهـــ، عـــزت ڌـــي اميـــرن جـــي،
توشـــو کيـــائون تـــوڻ جـــو، کـــانيون پـــاٽي گاهـــ،
ڇـــاٽي هـــڪ الله، مجيـــائون رضـــا رب جـــي.

**توشو :**

شيخ = سامان اسباب.
منگهاڻي = 1. سوکڙي، تحفو. 2. گهٽ، تورو.

**توڻ :**

شيخ = کاڌي پيتي، گذران.
منگهاڻي = رڌو پکو يعني رڌڻ پچائڻ جو عمل.

هي بيت گنج سميت ڪنهن بہ مروجہ شاهہ سائينءَ جي نسخن ۾ مونکي نظر نہ آيو (بيت جي نمبر کي گولو ڏنل آهي) بيت ۾ بہ اهڙا لفظ آهن جن جون معنائون لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مختلف آهن(شيخ صاحب جي ڏنل معنائن کان). پهريون لفظ آهي ”توشو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب، ”مال اسباب“ ڏني آهي. اهو لفظ اسان وٽ ٻن معنائن ۾ ڳالهايو ويندو آهي. هڪ ”سوکڙي ۽ تحفو“ ۽ ٻي ”گهٽ يا تورو“. ٻيو لفظ آهي ”توڻ“، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”کاڌي پيتي، گذران“ ڏني آهي ۽ هتي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”رڌڻ پچائڻ جي عمل“، کي تِوڻ چئبو آهي.
جملو = گهر جو سچو ڪم، توڻ تندو سيِ منهنجي مٿان آهي.
۽ ”توڻ تندو“ سان گڏ ”توڻ توشو“ بہ چوندا آهيون. سٺ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توشو ڪيائون تـوڻ جـو، ڪـانيون پـاٽي گاهـ"

معنـيٰ = رڌي پڪـي لاءِ انهـن ڪـانيون، پـاٽي ۽ گاهـ (ڪـاڏو) سوڪڙيءَ وانگي ڪنيائون (ٻي معنيٰ ۾) تورو ڪنيائون.

امام سڱورا، جنگ ڪرڻ لاءِ تہ آيا ئي نہ هئا جو مال اسباب، ڪاڏو پيتو وڏي انداز ۾ ڪٺي اچن ها. هو تہ ٻارن ٻچن سان گڏ آيا هئا، بلڪ ڪين دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو ۽ جنگ ڪير پياڪ ٻارن ۽ نازڪ اندام پرده نشين عورتن ڪي ساڻ وٺي اچي ڪونہ وڙهبي آهي ۽ سٺ ۾ بہ اهو ئي چوڻ آهي تہ، "امامن سڱورن رڌي پڪي لاءِ ڪانيون (جهنگ)، پاٽي (درياهہ، نديون) ۽ گاهہ (ميدان) سوڪڙي ڪري ڪنيا آهن.

هي بيت جيئن تہ ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي. سو معنيٰ نتي ڏيئي سگهان.

سـر ڪيـڏارو، داسـتان 1 بيـت 8 جلـد 1،

ميـر مدينيـئا نڪـري، آيـا نـہ موٽـي،

ڪـارا رڱـج ڪپـڙا، ادا نيروٽـي.

آئـون تنـي لئـہ لوٽـي، جـي ميـر مسـافر رانئيـا.

**نيروٽي :**

شيخ = ڪپڙا رڱيندڙ، ڪهنباٽي، نير ۾ ڪپڙا رڱيندڙ.

منگهـاٽي = ادا نيروٽـي = اي يـاءُ، منهنجـا ڪپـڙا نيـر ۾ ٻـڏل ڪجانءِ، اي ادا، منهنجا ڪپڙا نير ۾ ٻوڙي رڱجانءِ.

**لُوٽي :**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = بدحال، پريشان.

منگهاٽي = سڪٽي، نياڳي (پنهنجي مرضيءَ واري)

گنج، صفحو 389

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 342 بيت 1762

شوقيرام، داستان 1 بيت 6

قليچ، داستان 1 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) لوڻي = ڪاٽي، سڙي، جلي.

قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ڪونهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 7، لوڻي = مني، جلي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 7، لوڻي = جلي، رلي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 7، لوڻي = منيس، جليس.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 7.

قاسمي، داستان 1 بيت 6، لوڻي = سڙي.

انصاري، داستان 1 بيت 7، لوڻي = رلي، سڙي، ڪاٽي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 417 لوڻي = (جمع) لوڻيون = 1. سڙي، ماري، 2. ڏڪاريل، مهٽي هاب، ڇڙواڳ، بي لڄي، ڪميٽي.

لفظ "نيروڻي" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪپڙا رڱيندڙ، کهنبائي، نيرَ ۾ ڪپڙا رڱيندڙ" ڏني آهي. "نيروڻيءَ" جي معنيٰ آهي "نيرَ ۾ ٻڏل/رڱيل يا نيرهاڻا" جڏهن تہ ڪپڙا رڱڻ واري کي "نيروڻي" نہ، پر "راڱي يا رنگريز" چيو ويندو آهي. سٽ آهي. "ڪارا، رڱج ڪپڙا، ادا نيروڻي". معنيٰ = منهنجا ڪپڙا ڪاري رڱَ مان رڱج. اي ڀاءُ، نيرَ ۾ ٻوڙي، نير جهڙا رڱج. تڏهن شايد ڪاري رڱَ سان ڳنڍ. نيرَ ۾ رڱيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙا ٻـ سوڳ/سوڳ جي علامت هئا/نشاني هئا جو لطيف فرمائي ٿو. ”مهاين وهون، نيـر مهانگو ڪنديون.“ معنيٰ = بهادرن/ سورهين جون زالون نير جو ملهه وڌائي ڇڏينديون. يعني = شهادت ماڻيندڙن جو انگ/ تعداد ايترو گهڻو هوندو جو هر شهيد جي زال نيـر ۾ ٻڏل/رڱيل ڪپڙا پائيندي، تـ ظاهر آهي تـ نير جي گهرج ٿيندي ۽ نير مهانگو ٿي ويندو.

لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ گهري ڪاراڻ مائل سائي رنگ کي ”نير“ چيو وڃي ٿو.

جملو = هن کي ڏک ايڏو تـ لڳو آهي جو پٽي سائي جهڙي نير اٿس.

جملو = مون کي تـ سائي رڱَ جا ڪپڙا وٺن ئي ڪونـ ۽ تون هي ساوا نير ڪپڙا وٺي آئي آهين.

بيت ۾ آيل ٻيو لفظ ”لوٺي“ آهي جيڪو پڻ لسبيلي ۽ ڪوهستان جي انهن نج نبار لفظن منجهان آهي، جن جي معنيٰ کان لطيف جا تمام شارح اڄ تائين اڻواقف آهن ۽ جيئن انهن لفظن جي معنيٰ شروع کان وٺي ڏنل آهي تيئن ئي هر دور ۾ پيا غلط ڏيندا اچن.

هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”لوٺيو/لوٺيا“ ۽ واحد/جمع مونث ”لوٺي/لوٺيون“ آهي. جيڪو لام تي پيش سان ”لوُٺي“ نـ پر زبر سان ”لَوٺي“ آهي، ۽ ”لَوٺي/لَوٺيو“ اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي جنهنجي ڪابـ خواهش/ڪابـ تمنا پوري نـ ٿيندي هجي ۽ جنهن کي وڏا نقصان ۽ ڏک آيا هجن، ۽ جيڪو اهڙين ناموافق حالتن جي ڪري نهايت اذيت پسند ۽ پاڻ هميرو ٿي ويو هجي ۽ پوءِ سندس اڳيان کهڙيون بـ، ڪيڏيون بـ ڏکيون حالتون اچن هو منهن ڏيڻ لاءِ اٿي بيهندو. پوءِ پلي اهڙين حالتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ٽارڻ ۽ قابوءَ ۾ ڪرڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ هجي پر هو ضرور بنا ڪنهن نتيجي جي پرواهہ ڪرڻ جي، هڪدم اٽي منهن مقابل ٿيندو. جي اهڙيءَ مهل ڪو چوي تہ، ”هن ڪي جهليو، وڃڻ نہ ڏيو“ تہ اڳيون جواب ڏيندو تہ،

جملو = اهو لَوٽيو نڪو جهلڻ جو نڪو پلڻ جو آهي، پلي وڃي.

لطيف سرڪار ”لوٽي/لوٽيون“ وغيره هڪ ڪان وڌيڪ پيرا مختلف سرن ۾ آندو آهي پر جيئن تہ هيڏي ساري سنڌ جي هر خطي ۽ علائقي جي مخصوص لفظن ڪان واقفيت هڪ ماڻهوءَ لاءِ ممڪن ناهي (سواءِ لطيف سرڪار جي جيڪو پاڻ سنڌ هو، سنڌي ٻولي هو) ۽ ايئن بہ ڪٿي ممڪن آهي تہ ڪا ڪاميٽي تشڪيل ڏيئي وهارجي، تہ اها ڪاميٽي بہ هرويرو ڪا هر لفظ جي معنيٰ ڏيئي سگهندي ڇا؟ اهو ان ڪري جو ڪاميٽيءَ ۾ سنڌ جي هر حصي مان ڏاها، سڄاڻ، لطيف جا ڇاٽو ڪڏهن بہ نہ ڪنيا ويا آهن. سو ظاهر آهي تہ اهي مخصوص لفظ، جيڪي مخصوص علائقن ۾ مخصوص ماڻهو ڳالهائين ٿا، انهن جون معنائون تہ ايئن ئي غلط ئي ڏنيون ويندیون، ڇو جو انهن جون صحيح معنائون ڏيڻ لاءِ تہ اهي لفظ ڳالهائڻ سمجهڻ وارا ڏاها ئي گهربا. آئون جن علائقن/پٽن جي مخصوص لفظن جي ڳالهہ ٿي ڪريان، انهن پٽن جا ماڻهو بدقسمتيءَ سان تعليمي ميدان ۾ نمايان ناهن رهيا، پر ايئن بہ ناهي تہ اهي علائقا سگهڙن، سچيتن، سڌيرن ۽ اڪابرن ڪان ڪي وانجهيل آهن. لسبيلي وارن سان تہ اها ويڌن آهي جو هو ڪنهن بہ عذر جي ڪري سنڌ جي ٻانهن ڪان ٻاهر ڪيا ويا آهن ۽ وڏو نياڳ اهو جو انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بجاءِ ڌارين ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني ٿي وڃي. (ڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اڃا سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي زرخيز زمينن جي باوجود بلوچستان جي ٻولي نٿو تسليم ڪيو وڃي!!) ۽ ايئن وڏي ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته لسٻيلي جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو هاڻي سنڌي ٻولي ڳاڙهي سوڙهر ٿو ڳالهائي ۽ سنڌس گفتگوءَ مان نيٺ، ڪلاسيڪل لفظ سرڪندا، نڪرندا پيا وڃن ۽ انهن جي جاءِ تي يوپي ۽ سي پي جا نيٺ ۽ مخصوص لفظ شامل ٿيندا، جايون وٺندا، والاريندا پيا وڃن. پر پوءِ به جبلن وارو شينهن علائقو اڃا به ڄڻ ڪلاسيڪل سنڌي ٻوليءَ جو ڪوٽ ۽ قلعو بڻيو بيٺو آهي ۽ سنڌس سڄيت ٻچا اڄ به پنهنجي ٻولي سيني لاڳن ۽ سينگارن سان گڏ پيا ڳالهائين. ايئن لفظ ”لَوني/لَونيو“ اڄ به اُتي ڪَرَ ڳالهايو ٿو وڃي. جيڪو لطيف جي سيني شارحن/مرتبن جو ٻڌل ئي ناهي. اهو ئي سبب آهي جو ان جي معنيٰ هر هنڌ تي حالتن پٽاندر ڏني وئي آهي. جيئن سر جمن، داستان 7 جي وائي جي سٽ 4 ”لونيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون ويڻ.“ ۾ آيل لفظ ”لونيون“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”نادان زالون، حيا کان خالي عورتون“ ڏني آهي ۽ هن متين بيت ۾ آيل واحد صورت ۾ لفظ ”لونيون“ جي معنيٰ الائي ڇو سيني شارحن ڳارين ۾ ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ٿو، ”حيا کان خالي عورتون“. قليچ صاحب چوي ٿو، ”نادان زالون، جن غفلت ۾ ڏينهن گذاريا.“

آڏواڻي صاحب چوي ٿو، ”بي حيا ناريون“ قاسمي صاحب چوي ٿو، ”نادان زالون“ بلوچ صاحب چوي ٿو، ”ڏڪاريل، ڪميڻيون، بي لڄيون، مهٽي هاب“ ۽ ايئن تقريبن سيني شارحن لفظ ”لونيون“ جي معنيٰ ۾ ”گاريون“ ئي ڏنيون آهن. ڇو؟ ڇا لاءِ؟ اهڙو کهڙو ڏوهه ڪيو آهي ”ويچارين (لَونين)“ جن کي ايئن لڪت ۾ پيا لتڙ ڪيا وڃن! هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچاريون تہ اڳ ئي ”سڪٽيون ۽ نياڳيون“ آھن، جن جي زندگيءَ ۾ ڪڏھن بہ ڪا خواھش، آس، تمنا ۽ آرزو پوري نہ ٿي آھي، تنھن ھوندي بہ ھو ايذيون صابر ۽ ساھو آھن جو لوڪ جا ويڻ پيون سھن. لطيف سرڪار تہ پاڻ انھن جو ڏک ٿو ڪري تہ: معنيٰ = ھر روز ماڻھن پاران مليل اجايا سجايا مھڻا ۽ طعنا پيون سڪٽيون، نياڳيون برداشت ڪن/سھن. اھي نامراد اذيت پسند ضدي ماڻھو تہ پاڻ ھمدرديءَ جي قابل آھن نہ ڪي گارين ۽ لڙن جا ۽ ھن مٿين بيت جي سٽ آھي.

”آئـون تنـي لاءِ لوڻـي، جـي ميـر مسـافر رانئيـا.“

معنيٰ = آئون انھن لاءِ سڪٽي نياڳي آھيان، جيڪي حاڪم مسافري واري حالت ۾، پرديسي ٿي شھيد ٿيا.

۽ ھتي جيئن تہ امامن سڳورن جو ذڪر آھي ۽ ”ھوءَ“ امام سڳورن لاءِ ”لوڻي“ آھي، تہ اتي وري ساڳيئي لفظ جي معنيٰ شيخ صاحب ”بدحال، پريشان“ ڏني آھي، پر ٿورو رڳو غور ڪريو تہ ھتي جي لفظ ”لوڻيءَ“ جي معنيٰ ساڳيئي ڏجي تہ... اھڙا ئي ھاجا ٿيل آھن معنائن ۾.

بيت جي سمجھاڻي = امام سڳورا جيئن ئي مديني (پاڪ) مان روانا ٿيا تہ وري موٽي نہ آيا (اتيئي شھادت ماڻيائون) اي ادا، (راڳي!/ رنگريز!) منھنجا ڪپڙا نير ۾ رڱي ڪارا ڪج. آئون پاڻ کي انھن لاءِ سڪٽي ۽ نياڳي ٿي چوايان، جيڪي امام سڳورا مسافريءَ ۾ شھيد ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر كيـــڏارو، داســـتان 3 بيـــت 10 جلـــد 1،
كـــانڌ كلاڙيـــن كيڙيـــن، ور ونـــاهيو آءُ،
جـن سـانگنُ جـي سـَـتِ وهـي، وک وڌنـدي پـاءِ،
جـان جـان نونڌيـن نـہ چڙهيـن، تـان تـان پـوءُ مَ لاهـہ،
ميـڙ تـو پـُـٺان، كچـو كنـه جيـڏيون.

**ڪَچو :**

شيخ = طعنو، ميهڻو، ڏوراپو.
منگهاڻي = عيب جوئي، گلائون.
گنج، صفحو 402
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 9
كـــانڌ كلاريـــن كيڙيـــن، ور ونـــاهيو آءُ،
جـت سـانگين جـي سـٿ وهـي، ات وک وڌنـدي پـاءِ،
تـان تـان پـوءُ مَ لاهـہ، جـان جـان نونڌيـن نـہ چڙهيـن.
قليچ، داستان 3 بيت 9 (شوقيرام وارو)
قاضي واري نسخي ۾ سر كيڏارو ناهي.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 10 (بيت ٿي سٽون)
شهواڻي، داستان 3 بيت 10 (بيت ٿي سٽون)
آڏواڻي، داستان 3 بيت 10 (بيت ٿي سٽون)
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 8 (بيت ٿي سٽون)
قاسمي، داستان 3 بيت 9 (بيت ٿي سٽون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 3 بيت 10 (بيت ٿي سٽون)

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 338، ڪچو = عيب، ساڳيو ئي صفحو 338 ڪچو = ميهڻو، طعنو.

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو سيني نسخن ۾ ٽن سٽن تي ٻڌل آهي ۽ چوٿين سٽ جنهن ۾ لفظ ”ڪچو“ آيل آهي ٻئي ڪنهن بہ نسخي ۾ ناهي. (بلوچ صاحب جي خبر نہ اٿم)، سٽ آهي، ”مچڻ تو پٺان، ڪچو ڪنم جيڏيون.“ ۽ لفظ ”ڪچو“ جي معنيٰ شيخ صاحب بہ ”طعنو، ميهڻو، ڏوراپو“ ڏني آهي. هي لفظ واحد ”ڪچو“ ۽ جمع ”ڪچا“ آهي، جيڪو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”گلا ڪرڻ، عيب جوئي، عيب ڪولڻ“ واري معنيٰ ۾ اڄ بہ ڳالهايو ويندو آهي ۽ لطيف سرڪار پڻ ساڳيئي اسان واري معنيٰ ۾ آندو آهي ”مچڻ تو پٺان، ڪچو ڪنم جيڏيون.“ معنيٰ = متان توڪان پوءِ سرتيون، گلاٽون ۽ عيب جو ئي ڪن.

لفظ ”ڪچو/ڪچا“ رسالي ۾ ٻن ٽن هنڌن تي آيو آهي، جتي پڻ عيب ۽ گلا واري معنيٰ ۾ آيل آهي. مثال متي سر سهڻي، داستان 5 بيت 10 سٽ، ”جي ڪچو چونم ڪو، تہ مرڪ پانيان ميهڻو“ هتي لفظ ”ميهڻو“ ڏار معنيٰ ۾ آيل آهي. يعني، جي ڪو منهنجي گلا ۽ عيب جو ئي ڪري تہ اهي ٽوڪون بہ آئون پاڻ لاءِ فخر ۽ مانُ پانيان (جيڪي ساهڙ جي حوالي سان آهن) مون اتي لفظ ”ڪچو“ جي سمجهاڻي ان لاءِ نہ ڏني جو اڳيان اهو لفظ اچڻو آهي.

سسئيءَ واري سُر ۾ ”جيڪس منهنجي ذات، ڪچو ٿي ڪيچين ڪي.“ اتي پڻ ”عيب جوئي/عيب ڪولڻ، گلاٽون ۽ عيب“ واري معنيٰ ۾ آهي. يعني، شايد منهنجي ذات پنهونءَ جي خاندان وارن کي عيب لڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(تہ هو حاڪم آهن ۽ آئون پريت/ڏوہياٽي آهيان.) لفظ "ڪچو/ڪچا" بابت گفتگو اجا مڪمل ناهي. بيت جي سمجهاڻي = ان لاءِ نتي ڏيان جو هيءَ سٽ هِتي اجائي تنبيل آهي جيڪا هن ئي سُر ڪيڏاري ۾، داستان 4 جي بيت 14 ۾ بيهر اچڻي آهي.

سـر ڪيــڏارو، داســتان 3 بيــت 12 جلــد 1،
ڏنــو ڪالهــ ڪهيــن، جهونجهــارڪو جهڳــڙو،
هــاتين هــڏ مچائيــا، ريلــو رت نئيــن،
پــانئين ســا ســنئين، جٿــان جــيءَ جوڪــو ٿيئــي.

**نئين :**

شيخ = نئين جو، نهر جو.
منگهاڻي = نئين، ندي (ننڍي ندي)
گنج، صفحو 401
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 11
قليچ، داستان 3 بيت 11
لغات لطيفي (قليچ) نئين = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 1، نئين = نمي، هاري، وهائي.
شهواڻي، داستان 3 بيت 1، نئين = نمي، هاري، وهائي.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 1، نئين = هاري.
ڏيپلائي، داستان 3 بيت 10،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 3 بيت 11، نئين = وهائي

انصاري، داستان 3 بيت 1، نئين = ننڍي ندي، نهر.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 484، نئين = مينهن جي پاڻيءَ واري وهڪ، ننڍو برساتي نالو (ننڍو)، وڏو برساتي درياءَ (نئن بارڻ، نئين گاج).

لفظ "نئين" جي معنيٰ شيخ صاحب "نئين جو، نهر جو" ڏني آهي، "نئين جو، نهر جو ۾ لفظ "جو"، بنا ضرورت جي ڇو آيو؟ ۽ ڇا "نئين" جي معنيٰ "نهر" درست ناهي؟ مٿي سر سريراڳ، داستان 6 بيت 13 ۾ لفظ "نئين" آيل آهي. سٽ آهي، "نڪو سڪ نڪتين، نہ ويساند نئين" جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "نين کي (واحد نئن = برسات ۾ وهندڙ جابلو ڪسي يا ڳٽ، نهر، واهہ، درياهہ، سمنڊ)" ۽ سيني شارحن عجيب معنائون ڏنيون آهن يعني "نمي، هاري، وهائي وغيره" لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "نديءَ" کي "نئن" چئبو آهي ۽ "ندي" اصل چون ئي ڪونہ. لڳي ٿو تہ ڪوهستان جي لسبيلي سان ملندڙ زميني پٽيءَ جي هڪ مڪمل ڏار ٻولي آهي جنهنجو لهجو، اچار، لفظ، جبلن، جهنگن، وٽن ٽٽن، ندين نالن، ماپ تور، پر هر شيءِ جو نالو، اصطلاح، طريقا سيپئي ٻيءَ پتاڻا آهن. اها پڻ عظيم سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جي ساک آهي جو سندس هر زميني پٽي ايڏي شاهوڪار آهي جو ڪيس ٻئي ڪنهن جي بہ ڪاڻ ناهي، نڪو ڪاڏي پيتي ۾ نڪو اوڇي ۾ ۽ جبل جي نرالي ٻوليءَ ۾ ذري ذري لاءِ ڌار نالا آهن. جنهنجي ڪري ماڻهوءَ لاءِ هر ڪيفيت جو اظهار ڪرڻ ۽ اورڻ آسان بنجيو پوي، مثال طور جي ڪٿي مينهن پيل هوندو تہ اتان ڪان آيل ڪان پڇبو، "مينهن ڪيترو پيو آهي؟" جي مينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورو پيو هوندو تہ جواب ڏيندو. ”مينهن تہ پيو ئي ڪونہ هو بس مڙيئي چنن تي ڇاچر ڪئي هئائين.“ يا. ”گندي پوسال هو“ يعني، مينهن تہ پيو ئي نہ هو، بس مڙيئي پونگن تي ڇاٽڪارو/ڇٽڪار هو. يا. ”بس رڳو ڪپڙا آلا ڪيائين.“ جي ان ڪان ڪجهہ وڌيڪ وسيو هوندو تہ چوندو. ”ايترو تہ گهٽو نہ هو. مڙيئي ڪر ڪانٽي آهي“ معنيٰ، ايترو گهٽو نہ هو مڙيئي ڪانٽيون پريون آهن.“ (وڏو ڪانٽو ۽ ننڍي ڪانٽي زمين ۾ پيل ڪڏا کوبا) ان ڪان وڌيڪ پيل هوندو تہ چئبو. ”ڏٽيءَ جو شڪر آهي. ٻوري، ڍٻ پريا آهن.“ جي ان ڪان بہ وڌيڪ هوندو تہ چئبو.“ الله جي مهرباني آهي. ٻوران تار آهي.“ جي ان ڪان بہ متي هوندو تہ چئبو. ”موجون لڳي ويون آهن نئيون ٿوپ آهن.“

لفظ ”نئين“ بہ شايد رڳو اهائي اسان واري پٽيءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي، تڏهن تہ هر شارح ان جي معنيٰ عجيب ۽ غريب ڏني آهي. سٽ آهي،

”هاتين هڏ مڇائيا، ريلو رت نئين“

معنيٰ = هاتين جا بہ هڏا وڍجي ويا ۽ رت ريلا ڪري وهيو ۽ نديون بنجي ويون. جنگ جي ميدان جي ۽ زوردار ويڙهہ جي ايڏي عظيم منظر ڪشي رڳو هڪ لفظ جي غلط معنيٰ ڏيڻ سان بہ ڪيڏي متاثر ٿي ٿيئي. ”ريلو رت نئين“ معنيٰ ”رت جا وهڪرا وهيا ۽ نديون ٿي ويون“ شيخ صاحب کي هونئن بہ، ٻورا، ٻوريون ۽ نئين جي باري ۾ ڪا خاص ڄاڻ ناهي ۽ ٻوري کي ڍنڍ ۽ نئين کي نهر ٿو چوي جڏهن تہ ٻورو وهندڙ پاڻي آهي ۽ ڍنڍ بيٺل پاڻي آهي. ايئن ئي ”نئن“ مينهن جي پاڻيءَ جو قدرتي رستو آهي ۽ ”نهر“ هٿرادو کوٽي بنائبي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اهڙو ڪو آهي جنهن پنهنجي اڪين سان هيءَ بهادرن/سورهن جي جنگ ڏٺي؟ جتي هاٿين جا ٻـ هڏا وڍجي ۽ ڪيجي ويا ۽ رت جا وهڪرا وهيا ۽ نديون وهي ويون. سورهيہ انهيءَ منزل کي آسان ٿا سمجهن جتي جان جو جوکو هجي.

سـر ڪيـڏارو، داسـتان 4 بيـت 6 جلـد 1،
ڪـامل ڪربـلا ۾، آيـا سـيد شـير،
سـچ الهـي سـانجهي تـي، منهـن اونداهـي ميـر.
هٽـن هـاتڪن ڪـي، پـانوَ پـَـري پيـر،
مـاري مـصرين سـين، ڊُنـڊَ ڪيـائون ڍيـر،
دهليـا ات دليـر، پسـي حملـو ميـر حسـين جـو.

ڊُنڊَ :

شيخ = لاش
منگهاڻي = ڪِنَ، بدبودار سڙيل، ڳريل ڪن.
گنج، صفحو 397 ۽ 398
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 3 بيت 4 (بيت ٽن سٽن تي ٻڌل آهي. سٽ 2 ۽ سٽ 3 بيت ۾ موجود ناهي.)
قليچ، داستان 3 بيت 4 (ٽي سٽون)
لغات لطيفي (قليچ) ڊوندِ = ڏڙ، لاشا، مڙهہ.
قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 6، ڊوندِ = لاش، مردا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 2 بيت 6، ڏونڏ = لاش، مڙدا.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 6، ڏوئنڊ = لاش

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 3، (ڏونڊ)

قاسمي، داستان 3 بيت 4، ڏونڊ = معنيٰ ڏنل ناھي.

انصاري، داستان 2 بيت 6، ڏونڊ = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، لغت ”روشني“ لفظ ”ڏونڊ“ جي معنيٰ ڏنل ناھي.

لفظ ”ڏنڊ“ نہ پر ”ڏونڊ“ آھي ۽ ٻين سڀني نسخن ۾ لفظ ”ڏونڊ“ آيل آھي، جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب ”لاش“ ڏني آھي ۽ پڻ سڀني شارحن/ مرتبن اھائي معنيٰ ڏني آھي، يعني ”لاش، مردا، مڙھ، مڙدا“، جڏھن تہ لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ لفظ ”ڏونڊ“ جي معنيٰ، ”اھا ڪِن جيڪا آخري حد جي بدبودار ۽ سڙيل، ڳريل ھجي، جنھن ۾ ايڏي تہ خراب ڌپ ھجي، جو ماڻھو اتي ھڪ پل بہ بيھي نہ سگھي ۽ گھڻو ڪري جي ڪو جانور مري وڃي ۽ اتي ئي پئي ڦاٽي وڃي، تہ ان کي ”ڏونڊ“ چئبو آھي.

جملو = ابا ھي ڏونڊ ڪٿائي ڇڏيو، اسان جي تہ ڇَتَ وٺان ساھ ٽي وڃي. (لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ ”ساھ“ مونث آھي)

جملو = ڳجھون ڏونڊ تي آيون آھن.

۽ جي ڪا ڪاڌي جي شيءِ رکي رکي خراب ٿي ويندي تہ ان لاءِ بہ چئبو.

جملو = ٻوڙ اڇلائي ڇڏيو، ڏونڊ ٿي ويئي آھي. (”ٻوڙ“ بہ اسان وٽ مونث آھي)

سٽ ۾ بہ ساڳيئي معنيٰ سان لفظ ”ڏونڊ“ آيل آھي.

”مـــاري مـــصرين ســـين، ڏونـــڊ ڪيـــائون ڏيـــر“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = انهن (امامن سڳورن) پنهنجي تلوارن (جيڪي مصر جون ٺهيل هيون) سان دشمنن کي ماري بدبودار ڪِن جا ڍير/ڍڳ ڪري ڇڏيا. يعني، امامن سڳورن جا ويري ۽ انهن جون سواريون (هاٿي، گهوڙا) وڏي تعداد ۾ ٻي انداز مرڻ جي ڪري پيئي پيئي ڪنا ڍونڍ ٿي ويا ۽ گهٽي تعداد ۾ هيٺ ڪري اهي ڍير ٿي ويا ۽ ٻيءَ معنيٰ ۾ اهو ته، امامن سڳورن جي ويرين کي ٺي ڍونڍ ڇيو ويو آهي ۽ سٽ ۾ ايئن هجي ته. امامن سڳورن "ڍوندن" کي ماري ڍڳ ڪري ڇڏيا "ڍونڊ ڪيائون ڍير" معنيٰ، "ڪِن ۽ گند جا انبار ڪري ڇڏيائون." شيخ صاحب ۽ ٻين شارحن جي لفظ "ڍونڊ" جي معنيٰ "لاش، مڙهه، مردو" ڏسي ڏک ٿيو. ڇا ڀلا "لاش، مڙهه ۽ مردي" کي "ڪن يا ڍونڊ" ٿو چئجي؟ آئون ته اها ڳالهه سوچي به ڊڄي ٿي وڃان ته، جڏهن لفظ "ڍونڊ" جي معنيٰ ڏکين لفظن جي ڏنل معنيٰ ۾ "لاش، مڙهه، مردو" اسان جو نئون نسل پڙهندو ته خوف اهو آهي ته متان هو پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ ايئن چون ته.

جملو = فلاڻو مري ويو آهي ۽ سندس ڍونڊ شام جو کنيو ويندو" يا، "ڍونڊ کي غسل ڏيئي سينگاري رکيائون آهي."

لفظ "ڍونڊ" ته هر هنڌ ساڳيئي "ڪِن ۽ گند" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ۽ سمجهيو ويندو آهي پوءِ الائي ڇو ان جي معنيٰ "لاش وغيره" ڏني ويئي آهي. هي بيت سواءِ گنج جي، جتي پنجن سٽن تي ٻڌل آهي، ٻين سيني نسخن ۾ (بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي) سميت ٽن سٽن تي ٻڌل آهي ۽ بيت ۾ آيل ٻي ۽ ٽين سٽ ڏسو.

سٽ 2. سچ الهي سانجهي ٿي، منهن اونداهي مير.

سٽ 3. هٽن هاٽکن کي، ڀَانوَ ڀَري پير.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سٽون ٻين سيني نسخن ۾ موجود ناهن ۽ هيءَ سٽ،
”ماري مصرين سين، ڊوند ڪيائون ڊير.“ سيني نسخن ۾ آهي.
اها بمبئي ڇاپي ۾ هيئن آهي. ”ماري ڪوفين سين، ڊوند ڪيائون ڊير“
هاڻي ٻڌايو تہ اوهان ڪي ڪهڙي بيت جي سمجهاڻي ڏيان؟

سر ڪيڏارو، داستان 4 بيت 16 جلد 1،
ٻگو آئون نہ چوان، ماريو تان وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ مر لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

**سيڪيندي :**

شيخ = چيئيندي، ملر پٺي ڪندي.
منگهاڻي = سيڪ ڏيندي، گرمائش ڏيندي، ڪوساڻ ڏيندي،
تتاڪون ڏيندي.

**سونهان :**

شيخ = مَرڪان، خوش ٿيان.
منگهاڻي = نهان، سني لڳان.
گنج صفحو 401 ۽ 402.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 344 بيت 1781.
شوقيرام، داستان 3 بيت 12
قليچ، داستان 3 بيت 12



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغات لطيفي (قليچ) سيڪيندي ۽ سونهان = ٻنهي لفظن جون معنائون ناهن.

قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 13 سيڪيندي ۽ سونهان = معنائون ناهن.

شهواڻي، داستان 3 بيت 11، سڪيندي = معنيٰ ناهي. سونهان = مرڪان.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 11، سيڪيندي ۽ سونهان = معنائون ناهن.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 11.

قاسمي، داستان 3 بيت 12، سيڪيندي = معنيٰ ناهي. سونهان = مرڪان.

انصاري، داستان 3 بيت 11، سيڪيندي ۽ سونهان = معنائون ڏنل ناهن.

بلوچ، لغت "روشني" سيڪيندي ۽ سونهان = معنائون ڏنل ناهن. باقي صفحي 298 تي لفظ "سيڪڻ" جي معنيٰ "تئہ ڏيڻ، تپائڻ، باھہ تي ڪنهن شيءِ کي گرم ڪرڻ." آهي ۽ صفحي 291 تي "سونهان" معنيٰ، واقف، ڄاڻو.

لفظ "سيڪيندي" جي معنيٰ لطيف جي ڪنهن بہ شارح هن بيت ۾ نہ ڏني آهي ۽ شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ اوهان ڏٺي جيڪا "ڇينيندي، ملہ پٽي ڪندي" آهي. هتي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "سيڪيندي" جي معنيٰ آهي، "سيڪ ڏيندي، گرمائش/ ڪوساڻ ڏيندي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏک لڳڻ سان، چير يا گھاءُ يا زخم نہ ٿيئي، نہ ئي رت نڪرندو هجي پر جسم جي اندر ئي اندر يا چمڙيءَ جي هيٺين سطح تي رت ڄميل هجي ۽ چمڙيءَ جي ٻاهران ڏڦ/ ساٽ يا نير ٿي پيا هجن تہ ان کي چيڻبو يا ملم پٽي نہ ڪبي آهي پر "سيڪ" ڏبو آهي تہ جيئن رت اندر ئي اندر پگھري وڃي ۽ سور ۽ تڪليف گھٽ ٿئي. هاڻي تہ شهرن ۾ "سيڪ ڏيڻ ۽ سيڪڻ" جا جديد نمونا، مشينون ۽ اوزار آهن پر جبل ۾ جتي جديد زماني جو ڪو واءُ بہ پيل ناهي، جتي اڄ بہ ڏرتيءَ جا ڏٽي، روهہ رلا، مٽي ڪلا، واندن واري زندگي پيا گذارين ۽ ويتر هن ڏڪارئي ۽ ڪُپتئي دور تہ هيڪاري ويچارن کي هَرِدمال مان ڪڍي ڇڏيو آهي، پر وٽن سونت ۽ سرت تہ آهي سو جڏهن بہ ڪنهن کي ڏک لڳندو آهي، يا ڪو ڪرندو آهي تہ رت ڄمڻ واري صورت ۽ سور ۾ جبل جا طبيب پٿرا/مُٽڪا ڪوسا ڪري انهن جو سيڪ/گرمائش ڏيندا آهن ۽ جي سور ڪجھہ گھٽ هوندو تہ آلي ۽ پُسيل ڪپڙي ۾ گرم ڦلهيار (رک) وجهي ان جا سيڪ ۽ تتاڪون ڏيبون آهن.

جملو = مانيون ٿڌيون آهن، تون سيڪيندي ڏيندي وڃ.

جملو = تون بہ مڇيءَ کي سيڪيندي ڪر. سيڪ تي مڇي سوادي ٿي پچي.

سر سريراڳ ۾ آهي، "پاسا پاڪڙين جا، سمنڊ ٿو سيڪي."

معنيٰ = ٻيڙين جي پاسن کي سمنڊ ٿو گرم ڪري.

سمنڊ جون تيز لهرون ۽ ڇولون زور سان لپاٽن جيان ٻيڙيءَ کي جي هر هر لڳنديون تہ گيساٽ ۽ رهڙن جي ڪري ٻيڙيءَ جا پاسا ڪوسا ٿي ويندا ۽ اتي لفظ "سيڪي" جي معنيٰ "لهرن سان سٽي" ڏني وئي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ ”چيٽيندي، ملهہ پٽي ڪندي“ ڏني آهي. پلا جي اها ساڳيئي معنيٰ سر سريراڳ واري بيت ۾ ڏجي ٿي، ”سمنڊ پيڙين جي پاسن ڪي چيني ۽ ملهہ پٽي ٿو ڪري ٿہ؟

ٻيو لفظ آهي ”سونهان“ جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب ”مَرڪان، خوش ٿيان“ ڏني آهي. لفظ ”سونهان“ واقفڪار ۽ ڄاڻوءَ واري معنيٰ ۾ بہ ورتو ويندو آهي، پر ان جو اچار جڏهن ٻيءَ صورت ۾ هوندو آهي تہ ان مهل ان سان ننڍي ”ي“ لڳندي آهي. مثال مذڪر ”سونهون“ ۽ مونث ”سونهين“ آهي ۽ ان جي جمع ”سونهان“ ٿيندي ۽ هي لفظ واحد ”سونهان“ آهي جنهن جي معنيٰ آهي، ”ٺهان، سٺي لڳان“ مَرڪڻ ۽ خوش ٿيڻ ڌار جذبا آهن ۽ ”سونهڻ“ معنيٰ سٺو لڳڻ، ٻي ڳالهہ آهي.

جملو = آئون لطيف تي مرڪندي، خوش ٿيندي سونهان ٿي. ڇو جو لطيف اهڙو ئي آهي.

جملو = اسين انهن جي ڪاميابين تي مرڪندي ۽ خوش ٿيندي نٽا سونهون ڇو جو هو ذريان ئي ڌاريا آهن.

سٽ آهي، ”ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان“

معنيٰ = آئون پنهنجي مڙس جي منهن تي لڳل/سامهون لڳل ڌڪن/زخمن کي سيڪ ڏيندي/گرمائش پهچائيندي پيئي نهان/سٺي لڳان.

”سونهن“ معنيٰ خوبصورتي/حسن، ”سونهڻ“ معنيٰ سهڻي لڳڻ.
”سونهان“ معنيٰ ”آئون نهان/ سهڻي لڳان/سٺي لڳان.“

بيت جي سمجهاڻي =آئون ڪڏهن بہ ڪين (پنهنجي مڙس کي) پڳل/پاڄوڪڙ نٽي چئي سگهان ۽ اهڙيءَ ڪنهن ڳالهہ تي وسهي بہ نٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهان. ٻر جي ڪو مونکي اڇي چوي تہ. (تنهنجو مڙس ٻڙ ۾/جنگ جي ميدان ۾ وڙهندي) مارجي ويو آهي تہ آئون ان تي وسهنديس/يقين ڪنديس. آئون پنهنجي مڙس جي منهن ۾ لڳل ڌڪن/سامهون آيل زخمن کي سيڪ ڏيندي، تاڪور ڪندي ڀيئي نهنديس/سهڻي لڳنديس. جي ڪين پٺيءَ ۾ ۾ ڌَڪَ لڳل هجنس ها تہ جيڪر آئون لڄ ۽ شرم وچان مري وڃان.

سر ڪيڏارو، داستان 5 بيت 1 جلد 1،

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ موتين ڳتيا،
چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جي، ٻڙ ۾ پيشانياس،
سيما هُمر في وُجُوهِهِمر، منهن ۾ مَڻِ ڳتياس،
اللهُ نُورُ السماوات والأرضِ جلوو زميناس،
ڪڪرا ڪربلا جا، مادر تي ميڙياس،
ڦٽن تان رت ڦڙا، عليءَ تي اگهتياس،
امت تي احسان سين، ڏيندي شفاعت سندياس،
مڙيئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.

**مَڻِ :**

شيخ = مٽيو، هيرو.

منگهاٽي = نانگ جي مَڻِ، جيڪا هڪ ماورائي حيثيت رکندڙ قيمتي ۽ نهايت چمڪندڙ/روشنيءَ جي انتها کي ڇهندڙ شيءِ آهي. جنهن لاءِ اهو مشهور آهي. تہ اها (مَڻِ) جنهن کي بہ هٿ آئي. تہ اهو ماڻهو دنيا جو خوشقسمت ۽ دولت مند بنجي ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 395 (مَڻ)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 5 بيت 2.
قليچ، داستان 5 بيت 2
لغات لطيفي (قليچ) مڻ = مڻيا، ڪلا، قدرت، نور، روشني، تجلو.
قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شهواڻي، داستان 5 بيت 10 مڻ = مڻيو، موتي.
آڏواڻي، داستان 5 بيت 10 مڻ = مڻيو، موتي.
ڏيپلائي، داستان 5 بيت 2 (اگهياس)
قاسمي، داستان 5 بيت 2 مڻ = موتي.
انصاري، داستان 5 بيت 10 مڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 458 مَڻِ = (جمع) مڻيون = نانگ جي مڻ. (چون ٿا واسينگ نانگ جي مٿي مان ننڍڙي لسي ٽڪي نڪرندي آهي. جنهن کي زهريلي نانگ جي ڏنگ تي رکجي تہ اها مڻ زهر چوسي ڪڍي وٺندي آهي.)
"مَڻِ" جي باري ۾ اسان وٽ جبل ۾ ڪيئي ڳالهيون مشهور آهن تہ، اهڙو واسينگ نانگ جيڪو عمر ۽ جسامت ۾ وڏو هجي، ان جي مٿي ۾ هوندي آهي. اهو انتهائي ويرانن ۾ يا انتهائي گهرن جهنگن ۾ جتي ڪنهن بہ جيءَ جو ڪو تصور بہ نہ هجي، اتي چنڊ جي چوڏهين رات ۾ انتهائي مستيءَ وچان ڪَرَ ڪڍي نچندي، رقص ڪندي پنهنجي وات مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيندو آهي ۽ ان جو دورانيو بہ سيڪينڊ جو ڪو ننڍو حصو هوندو آهي جيڪو هو هڪدم انهيءَ ئي پل ۾ وري ڳجهي ويندو آهي. پر جڏهن هو وات مان "مَڻِ" ڪڍي زمين تي رکندو آهي. تہ ان جي روشني ايتري تہ گهڻي تيز/تکي هوندي آهي جو اهو لمحي جو حصو/ذرڙو وقفو بہ رات ۾ ڏينهن جو ڏيک ڏيئي ويندو آهي. هيءَ ڳالهہ جيڪا مون اوهان کي ٻڌائي اها مونکي منهنجي بزرگ ناني ٻڌائي آهي. هو نهايت بهادر ۽ بي ڊپو انسان هو. جبلن ۽ جهنگن ۾ اتي اتي ويو جتي ڏهہ ويهہ ماڻهو گڏجي بہ وڃڻ جو تصور ڪري نہ سگهن، ڇو جو اسانجا جبل ۽ جهنگ نهايت پراسرار آهن. (پلي ڪو جنن تي ويساهہ نہ ڪري پر هڪ مسلمان جي حيثيت ۽ هر مسلمان کي ان تي يقين ڪرڻ کپي. ڇو جو قرآن پاڪ ۾ الله سائين، جنن ۽ انسانن سان گڏ مخاطب آهي. بلڪ جنن جو نالو انسانن کان بہ اڳ تو ڇوي، "جن وَ الاِنس.) انهن جبلن ۽ جهنگن ۾ جن ۽ ٻيون بہ ڪيئي پراسرار ۽ ماورائي قوتون آهن. جيئن سُنڌيءَ (علائقو) جا جبل ۽ گرُيون آهن جتي بيحد عجيب نظارا آهن. وڻ، ٻوٽا، ڪاهيون، ٽويا سيپئي نهايت عجيب ۽ پراسرار آهن. سُنڌيءَ جي ٽوپي ۾ هزارين سال پراڻو هڪ ڪجيءَ جو وڻ آهي، جنهن ۾ ڪيئي قسمن جا ٻيا بہ مختلف وڻ مُريل آهن. يعني هڪ ڪجيءَ جي وڻ مٿان ٻيا بہ ڪيئي وڻ مُريل آهن ۽ اتي جا نظارا ۽ پاڻيءَ جا قدرتي جهرڻا بہ نهايت حسين آهن. جيئن شاهہ نورانيءَ جي وادي ۽ جبل جن جي اوچين چوٽين ۾ قدرتي باغ آهن جن ۾ سونف، ايلائچي ۽ چانهہ جهون حيرت ناڪ قدرتي پوکون آهن. اهڙين جائن ۾ وڃڻ لاءِ بہ ڇاتي ٿي گهرجي. منهنجي ناني ٻڌايو تہ، "هڪ چوڏهين رات انهن ئي پراسرار گهٽن ۽ گهيڙن مان آڌي رات جو وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هوس تہ ڏنم هڪ قد ۽ بت ۾ تمام وڏو ۽ عمر رسيده واسينگ نانگ چنڊ جي چانڊاڻ ۾ نهايت وجد مان رقص ڪري رهيو هو. هو رقص ۾ ايڏو تہ محو هو جو ڪيس احساس بہ نہ ٿي سگهيو تہ ڪو ڪيس ڏسي رهيو آهي. جهنگ تمام گهرو هو ۽ آئون لڪي اهو پر فريب منظر ڏسڻ لڳس. نچندي نچندي هن پنهنجي وات مان ڪا چيز ٻاهر ڪڍي تہ سارو جهنگ چڻ تہ ڏينهن ٿي ويو ۽ ساڳيئي لمحي ۾ هن اها تجلا ڏيندڙ شيءِ وات سان ڪٽي ورتي ۽ ڳهي ويو ۽ آئون دمبخود ٿي ويس."

اها پڻ روايت آهي تہ ڪو ڪو واسينگ نانگ جيڪو غير معمولي هوندو آهي، جنهنجي عمر ۽ جسامت بہ تمام وڏي هوندي آهي ۽ ايتريقدر جو هو وڏو سفر بہ ڪري نہ سگهندو آهي هڪ ئي جوءِ ۾ هنڌ وينو هوندو آهي، "مَڻِ" اهڙيئي غير معمولي نانگ ۾ ٿيندي آهي. شايد اهڙا نانگ سوين هزارين سالن پڄاڻا ٿيندا آهن جن ۾ "مڻ" هوندي آهي جيڪا "هيرو يا موتي" ناهي. ڇو جو "هيرا" جبلن ۾ ٿيندا آهن ۽ "موتي" سمنڊن ٿيندا آهن. جڏهن تہ نانگ هڪ ساهدار، رت ۽ گوشت جو بنيل آهي. ان ۾ هيرو ۽ موتي نہ پر ٻي ڪا اهڙي انوکي چيز آهي جنهن کي بنائڻ لاءِ واسينگ نانگ جي وڏي عمر، وڏي جسامت ۽ اهڙيون ئي ٻيون ڪي واسينگ نانگ سان وابستہ چيزون وسيلو هونديون جيڪي بيحد غير معمولي هونديون آهن.

لطيف فرمائي ٿو.

"سپ، ڪپر سچا ڳهي، نانگن ڳوليو ڪاءِ،
تنين ڪي واجهاءِ، مٽيو جن متن ۾."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا، "ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذات ڪي، مور ٻه مٽائين."
معنيٰ تہ هر ڪارو، واسينگ، ڪاريھر، ڪوبرا مٽيارو (مڻ وارو) نٿو ٿيئي. پر ڪو ڪو اهڙو غير معمولي هوندو آهي جنهن ڪان مور ٻہ واٽ بدلائي ويندو آهي. نہ تہ مورن لاءِ مشهور آهي تہ اهي نانگن لاءِ ڪُنٽي (موت) آهن.

بيت جي سمجهاڻي = (حضرت امام حسين رضہ) شهادت مهل سندس ڏاڙهي مبارڪ رت سان رڱجي ڳاڙهي ٿي ويئي هئي ۽ سندس ڏند (مبارڪ) ايئن هئا ڄڻ موتي مڙهيا پيا هجن. جنگ جي ميدان ۾ سندس پيشاني (چهرو مبارڪ) چوڏهين جي چنڊ مثل جرڪي رهيو هو ۽ نرڙ (مبارڪ) تي نماز جي شام مَڻِ وانگيان جڙيل هيس. الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان ۾ روشني ۽ سوجهرو آهي. ڪربلا جي ميدان ۾ پيل ننڍڙا سُنهڙا پٿر سندس ماءُ (بيبي فاطمہ رضہ) ٿي چونڊيا. (تہ متان زمين تي شهيد ٿي پيل امام حسين عليہ السلام کي اهي پٿر تڪليف نہ ڏين.) سندس جسم مبارڪ تي آيل گهائن/ زخمن جي متان ڇميل رت حضرت علي رضہ (سندس والد) پئي اگهيو/صاف ڪيو. حضرت محمد صلعم کي مڃيندڙن جي شفاعت سندس (امام حسين رضہ) ئي پارت سان ٿيندي. (امت جون خطائون) الله سائين سندس (امام حسين رضہ جي) بيگناهہ خون جي بدلي/عيوض معاف ڪري ڇڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر کيــــڏارو، داســـتان 5 بيـــت 3 جلـــد 1

ســورهيہ مريــن ســوپ کــي، دل جــا وهــم وســار،
هـــڻ پـــالا پـــوءِ پـــاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مَ ٽيـــڪ تـــرار، مـــار تـــہ متـــارو ٿيئيـــن.

**ٽيڪ :**

شيخ = مياڻ ۾ وجهہ.
منگهاٽي = پنيان ڪر، پري ڪر، "ٽيڪڻ" معنيٰ "ڌڪڻ، پري ڪرڻ"

گنج، صفحو 392 (متي ٽيڪ ترار)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 343 بيت 1772.

ســورهيہ مريــن ســوپ کــي، دل جــا وهــم وســار،
هـــڻ پـــالا وڙهـــــ پـــاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متـــي ٽيـــڪ تـــرار، مـــار تـــہ متـــارو ٿيئيـــن.

شوقيرام، داستان 6 بيت 10:

ســورهيہ مريــن ســوپ کــي، تــہ دل جــا وهــم وســار،
هـــڻ پـــالا وڙُهــــ پـــاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متـــان تيـــغ تـــرار، مـــار تـــہ متـــارو ٿيئيـــن.

قليچ، داستان 6 بيت 10 (شوقيرام وارو)
قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.
گربخشاڻي، داستان 5 بيت 5 (شوقيرام وارو)
شهواڻي، داستان 5 بيت 5 (شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 5 بيت 5 (شوقيرام وارو)

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 10 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 6 بيت 10 (شوقيرام وارو)

انصاري، داستان 5 بيت 5 (شوقيرام وارو)

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 86 ٽيڪ = ٽيڪڻ = تلوار يا خنجر مياڻ ۾ نه وجهه.

هي مٿيون بيت لطيف جي انهن بيتن منجهان آهي جيڪي نهايت معروف ۽ زبان زد عام آهن پر اوهان ڏنو ته گنج ۾، ۽ پوءِ (هاڻي) شيخ صاحب واري نسخي ۾ ان بيت جي شڪل ۽ صورت ڪهڙي آهي! گنج تي ميار ڪانهي، ان ۾ ته ڪيترائي بيت ۽ وايون تڪراري شامل آهن پر ٻانهي خان شيخ صاحب اهو بيت ڪهڙي بنياد تي پنهنجي نسخي ۾ شامل ڪيو آهي؟ لفظ "ٽيڪ" جي معنيٰ شيخ صاحب "مياڻ ۾ نه وجهه" ڏني آهي. ساڳيئي معنيٰ بلوچ صاحب جي لغت روشنيءَ ۾ پڻ آهي. قليچ صاحب جي لغات لطيفيءَ ۾ لفظ "ٽيڪ" جي معنيٰ "صبر، قياس، ترار مياڻ ۾ وجهڻ" آهي. مٿي سر جمن، داستان 1 بيت 6 "هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٽيڪ مَ ٽورو لاهه" ۾ آيل لفظ "ٽيڪ" جي معنيٰ شيخ صاحب "هٿاءِ" ڏني آهي ۽ هتي وري ساڳيئي لفظ جي معنيٰ "مياڻ ۾ نه وجهه" ڏني آهي. جڏهن ته هن لفظ جو "تلوار، خنجر ۽ مياڻ" سان ڪوبه واسطو ناهي.

بيت جي سمجهاڻي لاءِ ضروري آهي ته بيت تڪراري نه هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪيڏارو، داستان 5 بيت 7 جلد 1،
ڪربلا جي پڙ ۾، آيا پاڻ پيهي،
پهه ڪيائون پاڻ ۾، مقابل ويهي،
قضا هيءَ ڪيهي، هَي هَي ٿي حسين سين.

**پهه :**

شيخ = صلاح، مشورو.
منگهاٽي = خيال، ارادو.
گنج، صفحو 396.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 345 بيت 1786 پهرين سٽ،

"ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ پيهي"
شوقيرام، داستان 3 بيت 7 (ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ پيهي)
قليچ، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) پهه = خيال
قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 8 (شوقيرام وارو) پهه = پهه ڪيائون = امام حسين ۽ سندس ساٿين هڪ ٻي جي سامهون ويهي شير مڙس وانگي وڙهي شهيد ٿيڻ جون پاڻ ۾ صلاحون ڪيون.
شهواڻي، داستان 2 بيت 8 (شوقيرام وارو) پهه = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 8 (شوقيرام وارو) پهه = صلاح، مصلحت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 6 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) پهه = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 8 (شوقيرام وارو) پهه = خيال، رٿ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 124 پهه = خيال، ارادو.

گنج جي پهرين سٽ "ڪربلا جي پڙ ۾، آيا پاڻ پيهي" آهي، جيڪا شيخ صاحب واري نسخي ۾ به آهي. باقي ٻين سڀني نسخن ۾ سٽ" "ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ پيهي" آيل آهي. شيخ صاحب وارو نسخو سندس انفراديت جو ثبوت آهي جنهنجو موقعو گنج خوب فراهم ڪيو آهي. لفظ "پهه" جي معنيٰ شيخ صاحب "صلاح ۽ مشورو" ڏني آهي، حالانڪ لفظ "پهه" شيخ صاحب واري پاسي به ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي. تڏهن ته متي سُر جمن، داستان 4 بيت 5 ۾ "پتنگن پهه ڪيو، مڙيا متي مچ" ۾ آيل لفظ "پهه" جي معنيٰ شيخ صاحب پاڻ ئي "پڪو ۽ پختو ارادو" ڏني آهي جيڪا درست آهي پر شيخ صاحب ڪي معنائن ۾ گربخشاڻي صاحب قاسائي تو ڇڏي. سٽ آهي، "پهه ڪيائون پاڻ ۾، مقابل ويهي."

معنيٰ = حضرت امام حسين رضه ۽ سندس ساٿين هڪ ٻي سان سامهون ويهي اهو خيال ۽ ارادو ڪيو.

جملو = اڪيلو ويهي رڳو پهه نه پچاءِ، اٿي ڪو ڪم ڪر.

جملو = مون به پڪو پهه ڪيو آهي ته لطيف جي لفظن جون ڏنل غلط معنائون درست ڪري پوءِ آرام ڪنديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = امام سڳورا ڪربلا جي ميدان (جنگ جي پڙ ۾) پاڻ ئي گهڙي آيا/ داخل ٿيا. انهن (حضرت امام حسين رضہ ۽ سندس ساٿين) گڏجي هڪ ٻي جي منهن مقابل ويهي پڪو ارادو ڪيو هو. هي ڪهڙو امر الاهي هو؟ هئہ هئہ! افسوس، هي امامن سڳورن سان ڇا ٿي ويو!

سر ڪيڏارو، داستان 5 بيت 13 جلد 1،
پرهہ پکي آيو، ڪربلان ڪهي،
روضي پاڪ رسول جي، تنهن هلي هاڪ هئين،
ڏنم رڪ رئي، چڙهہ مير محمد عربي.

**ڪهي :**

شيخ = اڏامي.

منگهاڻي = ڪشالا ڪڍي، مشڪل سان پهچي، پري کان اچڻ.

”ڪَهڻ“ معنيٰ“ پنڌ کي ڇڪي پورو ڪرڻ“

**هاڪ :**

شيخ = هڪل، سڏ، نعرو، (هاڪ هنئي = اطلاع ڏنو)

منگهاڻي = مشهوري، سٺي مشهوري، قابل فخر مشهوري.

**رئي :**

شيخ = چمڪاٽ، تجلا

منگهاڻي = ذرا ذرا، داڻا داڻا، جيئن ريتيءَ جا داڻا، 2. وسڪار، بي تحاشا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 398 ۽ 399

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 5 بيت 6

قليچ، داستان 5 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) ڪهي = ڪهڻ = هلڻ، وڃڻ. هاڪ = هڪل، هل، آواز. رَئي = متي، دز، لٽ، اڏامندڙ ڌوڙ.

قاضيءَ واري نسخي ۾ سُر ڪيڏارو ناهي.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 8، ڪهي = ڪاهيندو، اڏامندو. هاڪ = آواز، نعرو، پڪار. رَئي = (پراڪرت، رئي/سنسڪرت، رُڇي) چمڪاٽ، جهلڪو.

شهواڻي، داستان 4 بيت 8، ڪهي = معنيٰ ڏنل ناهي.

هاڪ = هوڪو، نعرو. رَئي = چمڪاٽ، جهلڪو.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 8، ڪهي = معنيٰ ناهي. هاڪ = نعرو هنيو. رئي = چمڪاٽ.

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 6.

قاسمي، داستان 5 بيت 6، ڪهي ۽ هاڪ = معنيٰ ناهي. رَئي = غبار.

انصاري، داستان 4 بيت 8، ڪهي ۽ هاڪ = معنيٰ ناهي. رئي= ريون = ڏنڌ، داٽا داٽا.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 364 ڪهي = هلي، موٽي، پنڌ پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو 537 ھاڪ = (جمع) ھاڪون = وڏي مشھوري. صفحو 236 رئي = رئجي. رئو ۾ پرجي.

بيت ۾ آيل ٽي لفظ "کھي، ھاڪ ۽ رئي" معنيٰ جي حساب سان زير تصحيح آھن. لفظ "کھڻ" معنيٰ وڏو پنڌ ڇڪي ڪرڻ. وڏي مشڪل سان ڪشالا ڪڍي اچڻ. وڏي مسافري طئي ڪري اچڻ" کھڻ ۽ اڏامڻ ساڳي ڳالھ ناھي. "اڏامي اچڻ" تہ ڪنھن بہ پنڌ ۽ مسافريءَ جو آسان ترين طريقو آھي، ڪٽي پھچڻ جو. جڏھن تہ "کھي اچڻ" وڏي مشڪل سان ڪشالا ڪڍي وڏو پنڌ ڇڪي اچي پھچڻ آھي. سٽ آھي،

"پرھـــــ پکـــــي آيـــــو، ڪربـــــلان کھـــــي"

معنيٰ = پرھ ڦٽيءَ جو ڪربلا کان ڪشالا ڪڍندو، پنڌ ڪي ڇڪيندو، منزلون ماريندو اچي پکي پھتو (مديني ۾) يعني، ڪربلا ۽ مديني جي وچ وارو پنڌ ڪري اچڻ ھڪ پکيءَ لاءِ مشڪل آھي ۽ اھو پنڌ تہ پکيءَ وڏي مشڪل ۽ تڪليف سان ڪٽيو ھوندو.

لفظ "کھڻ" اسين اڄ بہ عام ڳالھائيندا آھيون.

جملو = آئون تو لاءِ ڪٽان کان کھي آيو آھيان ۽ تون ھليو ٿو وڃين.

جملو = جھنگ ۾ اسان وٽ کھڙيون ڳاڏيون موٽرون آھن. کھي ٿا جتي ڪٽي وڃون.

ٻيو لفظ آھي "ھاڪ" جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب "ھڪل، سڏ ۽ نعرو" ڏني آھي. "ھاڪ" اھڙي مشھوريءَ کي ٿو چئجي، جيڪا فخر جھڙي ۽ عزت واري قابل رشڪ ھجي ۽ پري پري تائين پکڙيل ھجي. ملڪان ملڪ مشھور ھجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي جي مرثيءَ جي هاڪ آهي ۽ اهائي هاڪ ماڻهن کي وٽس آڻي ٿي.

جملو = هن جي حُسن جي ملڪان ملڪ هاڪ آهي.

سٽ آهي،

روضي پاس رسول جي، تنهن هلي هاڪ هنئين،

معنيٰ = ان (پکيءَ) حضور صلعم جي روضي مبارڪ تي اچي (امامن سڳورن جي قابل فخر شهادتن جو) ذڪر ڪيو/ انهن جي عظيم قربانين جي مشهوري ڪئي."

ٽيون لفظ آهي، "رَئي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "چمڪاٽ، تجلا" ڏني آهي. "رَئي" سنهي ريتيءَ کي ٿو چئجي. ان نسبت سان سنهڙن ذرن ۽ داڻن کي چئبو آهي. هي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. "رئي" اسين (بڪڪ) چانورن جي انهن ننڍڙن ٽڪرن کي بہ چئون جن کي شهري ٻوليءَ ۾ "ٽوٽا" چيو ٿو وڃي.

جملو = اَنَ جي رَئي/ رئيون وٺي آيو آهين ۽ سڌون وري برياني جون ٿو ڪرين.

سٽ آهي "ڏِنم رُڪ رئي، چڙهہ مير محمد عربي"

معنيٰ = مون رُڪ (تمام مضبوط ڌاتو جنهن مان تلوارون ۽ ٻيا هٿيار بنايا ويندا آهن) کي بہ ذريون ذريون، داڻا داڻا ٿيندي ڏٺو آهي. اي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تون اچي انهن (امامن سڳورن) سان حامي ٿي، "رئي" جي معنيٰ، "چمڪاٽ ۽ تجلا" ڏيڻ سان، جنگ جي سختي، سنگيني، ۽ هاڃي جي خبر نٿي پوي. ظاهر آهي تہ جنگ جي ميدان ۾ اٽيل تلوارون تجلا ۽ چمڪاٽ تہ ڪنديون، پر جڏهن لفظ "رَئي" جي اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ جيڪا اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ سمجھي ويندي آھي ڏبي جيڪا آھي ”ذريون ذريون، داٽا داٽا“ تہ جنگ جي نھايت چٽي تصوير سامھون اچيو ٿي وڃي. ”ڏنم رُڪ رئي...“ مون تلوارن ۽ ٻين رڪ جي ھتيارن کي ذرا ذرا، داٽيون داٽيون، پورا پورا، ريتيءَ جي سنھڙن ذرن جيان ڏنو آھي. مون رڪ کي ذرا ذرا ٿيندي ڏٺو آھي ۽ جڏھن (جتي) رڪ بہ رَئي جي صورت ۾ ٿي وڃي تہ اتي انسان جي نازڪ وجود جي ڇا صورتحال ھوندي؟ بيت ۾ انھيءَ ئي سنگيني ۽ ھاجي ڏانھن اشارو آھي. باقي تلوارون، گرز، ڀالا ايا ٿيندا تہ سج جي روشنيءَ ۾ ضرور چمڪندا. ان مان تہ جنگ جي ھاڃن جو پتو نٿو پوي. نہ ئي لطيف جھڙو ورڏو، اڏول، ۽ ٻي ڊپو انسان رڳو تلوارن جي تجلن کان خوف زنده ٿي، ڊڄي نبي صلعم کي ٿو سڏي.

بيت جي سمجھاڻي = اسر مھل ڪربلا مان ڪشالا ڪڍي اچي پڪي (مديني پاڪ ۾) پھتو آھي، جنھن نبي سڳوري جي روضي مبارڪ جي ير ۾ اچي اھا قابل فخر مشھوري ڪئي تہ مون ڪربلا جي پِڙ ۾ رڪ/فولاد کي ذريون ۽ داٽا داٽا ٿيندي پنھنجي اکين سان ڏٺو آھي. اي نبي سڳورا، تون انھن جو اتي مددگار ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر کيڏارو، داستان 6 بيت 5 جلد 1،

چپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهون پييون،
وکا وکن گڏيا، ڊوڙيو ڏين ڊهون،
مهاين وهون، نير مهانگو کنديون.

**پهون :**

شيخ = ٻڪريون

منگهاڻي = رڍون، گڏا، گهٽا (پاهو مال).

**ڊهون :**

شيخ = واحد ڊهه = سٽ، حملو، ڪاهه، هلان

منگهاڻي = ٽڪرون، مٽي سان مٽي تي ٽيپرون (جيئن مال وڙهندو آهي) ڊوڙي ڊوڙي سسيءَ سان سسيءَ تي ڏک هڻڻ.

گنج، صفحو 490 (بيت ساڳيو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو 342 بيت 1764 (ساڳيو)

شوقيرام، داستان 6 بيت 3 (رڻ ڳجهين چانيو)

قليچ، داستان 6 بيت 3 (رڻ ڳجهين چانيو)

لغات لطيفي (قليچ) پهون = ڏڻ، ٻڪريون. ڊهون = سٿون ڏيڻ، ڪاهون ڪرڻ. قاضيءَ واري نسخي ۾ سر ڪيڏارو ناهي.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 3 (رڻ ڳجهين رانيئو) پهون = ٻڪريون

ڊهون = واحد ڊهه (سنسڪرت، ڊنڊ) هلان، ٽيلهو، ڌڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 6 بيت 3، پھون = ٻڪريون. ڊھون = ھلائون. (رانئيو)

آڏواڻي، داستان 6 بيت 3، پھون = ٻڪريون. ڊھون = ھلائون (رانئيو)

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 3 (رڻ ڳجھين چانيو)

قاسمي، داستان 6 بيت 3 (رڻ ڳجھين چانيو) پھون = ٻڪريون. ڊھون = ڏڪا.

انصاري، داستان 6 بيت 3 (رانئو) پھون = ٻڪريون. ڊھون = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 126 پھون = ٻڪريون. ڊھون = معنيٰ ڏنل ناھي

بيت ۾ آيل قافئي جي ٻن اھم لفظن "پھون ۽ ڊھون" جي معنيٰ درست نہ ڏيڻ سان بيت جي مفھوم کي تہ ھونئن ئي ڌڪ لڳو آھي پر ان جي نفاست ۽ نزاڪت کي بہ ڇيھو رسيو آھي. گنج ۽ برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ پھرين سٽ ۾، "رڻ ڳجھن چانئيو" آھي باقي گربخشاڻي، شھواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ "رڻ ڳجھن رانئيو" آيل آھي. بيت ۾ آيل لفظ "پھون" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سڀني شارحن "ٻڪريون" ڏني آھي، سَ جڏھن تہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ اڄ بہ "رڏن" کي پھون چيو ويندو آھي. لطيف سرڪار "رڏن" سان "ڳجھن" جي تشبيھہ ان لاءِ ڏني آھي جو رڏون بہ سفيد ۽ ميرانجھڙي رنگ جون ھونديون آھن. ايئن ئي ڳجھون پڻ سفيد ميرانجھڙي رنگ جون ھونديون آھن. وڏيڪ اوھين پاڻ ئي سمجھي سگھو ٿا تہ ٻڪرين ۽ ڳجھن ۾ ڪھڙي ھڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙائي آهي. جبل ۾ اڄ بہ رڍن کي پهون چيو ويندو آهي ان نسبت سان رڍن جي گوشت کي ”پاهو گوشت“ چئبو آهي. ٻيو لفظ آهي ”ڍَهون“ جنهنجي شيخ صاحب معنيٰ ”سٽ، حملو، ڪاهہ، هلان“ ڏني آهي جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ، متو متي سان/سسي سسيءَ سان ڊوڙي ڊوڙي، زور مان اچي ٽڪرائڻ کي ”ڍهون“ چيو ويندو آهي ۽ ان سان گڏ ”نيپرون“ بہ چيو وڃي ٿو. جيئن مال وڙهندو آهي ٽڪرون هڻي. سٽ آهي،

”وڪــــا وڪـــــن گـــــڏيا، ڊوڙيـــــو ڏيـــــن ڍهـــــون“

معنيٰ = بهادر، بهادرن سان گڏيا آهن/مد مقابل آهن ۽ ڊوڙيو هڪ ٻي کي متي سان متي تي ٽڪرون ۽ نيپرون پيا هڻن.

شيخ صاحب لفظ ”سَٽَ“ حملي ۽ هلان واري معنيٰ ۾ آندو آهي جيڪو بہ درست ناهي. لفظ ”سٽ“ اسان وٽ ڪاهہ يا هلان ناهي. لفظن جون مٿيون معنائون ڏيڻ سان ڏسي ٿو سگهجي تہ بيت ڪيئن ٿو واضح صورت ۾ اچي. لفظ ”ڍهون“ جي درست معنيٰ ڏيڻ سان، جنگ جي ميدان جي تصوير چٽي اکيان اچي ٿي وڃي ۽ جنگ جي شدت ۽ طريقہ ڪار جو پتو ٿو پوي، تہ ڪيئن هاٿين ۽ گهوڙن جا هڏ بہ ڪچي ويا آهن ۽ رت ريلا ڪري پيو ندين جي صورت ۾ وهي. رُڪ جا هٿيار بہ ذرا ذرا، ڏاٿا ڏاٿا ٿي ويا آهن ۽ سورهيہ هٿين خالي، بنا هٿيارن آمهون سامهون ڊوڙون ڪري، هڪ ٻي کي ٽڪرون ۽ متي سان متي تي نيپرون پيا هڻن. باقي ”ڍهون“ جي معنيٰ ”سٽ، حملو، ڪاهہ، هلان“ ڏيڻ سان تہ نڪو جنگ جي شدت جي خبر ٿي پوي نہ ئي طريقي جي تہ هو ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ٿا وڙهن. ظاهر آهي تہ جنگ جي ميدان ۾ جڏهن بہ ڏريون ميدان ۾ لهنديون آهن، منهن مقابل ٿينديون آهن تہ هڪ ٻي تي ڪاهون ۽ حملا تہ ضرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنديون آهن. ميدان ۾ لهڻ ۽ منهن مقابل ٿيڻ ئي حملي ۽ ڪاهہ جي زمري ۾ ايندو آهي، پر لطيف جون چوٽ چڙهيل سيپيئي حسون پنهنجا ڪمال ٿيون ڏيکارين ۽ اسان کي بہ ان هلنڌڙ ۽ جاري ساري جنگ ۾ ساڻ وٺيو ٿيون وڃن، جتي ڪنڌ پيا ڪرن، ڌڙ ڌڙ مٿان پيا سٽجن. جتي رڻ گجيو راڙو ٿو ڪري. اهڙي رڪ وهندڙ لمحن ۾ رڻ جي پوري وچون وچ لطيف سائين پاڻ بيٺو آهي ۽ اسان کي بہ آڻي بيهاريو ٿو ڇڏي، جتي ڳجهون ڳاڙهي وات ڳارا ڪٽيو ٿيون اڏامن. اهو وقت جيڪو لطيف سائين ڪان صديون اڳ گذري ويل ماضي آهي ان کي هو پنهنجي وقت ۾ آڻي ٿو بيهاري، "ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا!" جڏهن تہ "ڪڪر" آخري حد آهي، ڳالهہ ۽ واردات جي تازي هئڻ جي، ڇو جو ڪڪر تہ لمحن ۾ گذري ويندو آهي، پر لطيف سائين اهو لمحو بيهاري ڇڏيو آهي جيڪو اڄ تائين بيٺل آهي ۽ آئندهہ نسلن تائين بيٺل رهندو. ان شرط سان تہ لطيف جي ڪلام سان هٿ چراند نہ ڪئي ويئي هجي ۽ لفظن جون معنائون پاڻ نہ سمجهڻ واري صورت ۾ ڪتابن/ڪاتبن جون غلطيون سڌي اهي لفظ ڪلام مان خارج نہ ڪيا ويا هجن!! ٻي صورت ۾ ايندڙ نسل کي هي لطيف نہ، الائي ڪهڙو لطيف ملندو. جنهن لاءِ آئون ايندڙ نسل کان اڳواٽ معافي ٿي گهران، ساڻن همدردي ڪرڻ سان گڏ.

لفظ "پهون جملن ۾:

جملو = پهرين پَهون (رڍون) پياري پوءِ اَيون (ٻڪريون) پياريو. پهون گرمي سهي نہ سگهنديون.

جملو = ابا مال کي جهليو، ڍهون ڏيئي متا تا ڦاڙين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هنن شرط هٽي گهيتا ويڙهايا. گهيتن ڊهون ڏيئي پنهنجا متا ئي ڦاڙي ڇڏيا.

بيت جي سمجهاڻي = جيئن جبلن ۾ رڏون/گهيتا (پيا ڦرندا، چرندا ڪائيندا) آهن تيئن جنگ جي ميدان ۾ ڳجهون لٿل آهن (لاشن جي آسري ۾)، سورهيہ هڪ ٻي جي آمهون سامهون اچي ٿيا آهن، ۽ ڊوڙون ڪري هڪ ٻي ڪي متي سان متي تي ٽڪرون پيا هڻن. بهادرن جون زالون نيرُ (جنهن سان رڱيل ڪپڙا بيواهہ عورتون پائينديون آهن) مهانگو ڪري ڇڏينديون/ نير جو اگهہ وڌائي ڇڏينديون. (ايڏي وڏي گهمسان جي جنگ ۾ جڏهن وڏي تعداد ۾ بهادر شهيد ٿيندا تہ انهن جون زالون بيواهہ ٿينديون ۽ بيواهہ زالون نير گهرائي پنهنجا رنگين ڪپڙا نير مان رڱي ڪارا ڪري پائينديون يا راڱي ڪان نير مان رڱائي ڪارا ڪنديون ظاهر آهي نير مهانگو ٿي ويندو.)

سر ڪيڏارو، داستان 6 بيت 7 جلد 1،

ڳجهڙيـن ڳـارو، راتـو ڏينهـان رڻ ۾،
پسيو پيچن پاڻ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو،
ڪين ڪڳ مارو، ڪانئر پيو ڪنو ٿيئي.

**ڳارو :**

شيخ = اچ وڃ، هل هلان

منگهاڻي = ڪاڏو، وڙئو، هر هر وات ۾ گراهہ وجهڻ. هلندڙ جند ۾ چانورن يا ڪٽڪ وغيره جو ٻڪ پري وجهڻ کي بہ "ڳارو" تو چئجي.

گنج 391



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 6 بيت 5 (پٽيو پچن پاڻ ۾)

قليچ، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) ڳارو = ڳرڻ، زاري، روئڻ.

قاضيءَ واري نسخي ۾ سر کيڏارو ڪونهي.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو) ڳارو = ڪاڏو، خوراڪ. ڳرڻ (پراڪرت، گيا/سنسڪرت. گرڻ) ڪائڻ.

شهواڻي، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو) ڳارو = ڪاڏو، خوراڪ.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو) ڳارو = ڪاچ.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو) ڳارو = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 6 بيت 5 (شوقيرام وارو) ڳارو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 389 ڳارو = وڏا ڍگها تڪر.

ڳارا ڪيو ڳهن = نوڙين وانگر لڙڪايو ڳهي ڇڏين. لامن وانگي وڪوڙي ڳهي وڃن، وڏا تڪر ڪيو ڳڙڪائي وڃن.

لفظ ”ڳارو“ جي معنيٰ لطيف جي شارحن وڏن فرقن سان ڏني آهي. شيخ صاحب چوي ”اچ وڃ، هل هلان“ قليچ چوي ”ڳرڻ، زاري، روئڻ“، گربخشاڻي، آڏواڻي، شهواڻي،چون ”ڪاڏو، خوراڪ، ڪاچ“ ۽ بلوچ صاحب چوي ”وڏا ڍگها تڪر“. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ ”ڳارو“ اچ بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. لفظ ”ڳارو“ مسلسل هلندڙ جنبہ يا وات کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ مسلسل چيز وجهبي وڃي ۽ پيسبي وڃي. يعني جنبہ ۾ چانورن وغيره جي لپ پري وجهڻ کي ”ڳارو“ چئجي. ايتري قدر جو ڪو ماڻهو رشوت وٺي ڪم ڪندو هوندو تہ ان لاءِ بہ چئبو،

جملو = هن کي وات لاءِ هر هر ڳارو ٿـو گهرجـي ۽ آئـون غريـب پهچي نٿو سگهان.

يا ڪو ماڻهو ڪانہ ڪا شيءِ وات ۾ وجهي پيو ڪائيندو رهندو، يعني وات مسلسل پيو هلندو تہ ان لاءِ چئبو،

جملو = هن جي وات ۾ هر وقت ڳارو پيو هلي.

جملو = جنبہ کي خالي بنا ڳاري جي مڙيئي رونشي لاءِ نہ هلايو.

گسجي ويندو ڳارو وجهي پوءِ هلايو.

سـِــــتَ آهــــي، ڳجهڙيـــن ڳـــارو، راتـــو ڏينهـــان رڻ ۾

معنيٰ = ڳجهن جو وات هلائڻ/ چباڻڻ لاءِ رات ڏينهن جنگ جي ميدان ۾ ڪاڏو آهي. (لاشن ڏانهن اشارو)

بيت جي سمجهاڻي = جنگ جي ميدان ۾ ڳجهن لاءِ رات ڏينهن ڪاڏو (لاش) پيو آهي. گهميو قـِريو (پـُٽيو) هڪ بي ڪان پيون پڇن تہ جنگ جو ميدان ڪهڙي طرف/ پاسي آهي؟ هو (ڳجهيون) بهادرن، سورهن جي لاشن کي ٿيون ڪائين. پاڙئي/گيديءَ جو لاش اتيئي پيو سڙي ڪنو ۽ ڊوند ٿيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر آبـري (سسـئي)، داسـتان 1 بيـت 2 جلـد 2،
سـت سـورن جـي سسـئي، ڏري ۽ ڏاري،
پيـيـائي پنهـونءَ ڏي، نرمـل نهـاري،
لالـڻ جـي لطيـف چئـي، سـونهن سـتيائي سـاري،
پريتـڻـو پـاري، مـارڳ ۾ منـتـذ مئـي.

## ڏري :

شيخ = روئي، دانهون ڪري،
منگهـاڻي = انـدر ٿـي انـدر ۾ ذرا پـرزا ٿـي. (ڏرڻ وارو مـاڻهو دانهون نہ ڪندو آهي.)

## ڏاري :

شيخ = (ٻين ڪي) روئاڙي.
منگهـاڻي = ٻيـن ڪـي بہ اڏ ڪـري (ڏک محسـوس ڪـري اڳيـون ماڻهو بہ اندر ۾ پڄي پري پوي)

## پيـيائي :

شيخ = مسلسل، لڳاتار
منگهاڻي = سمهڻ واري حالت ۾، ليٽيل صورت ۾
گنج صفحو 15
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 31 بيت 176
(برٽش وارو نسخو) سَٽ سورن جي سسئي، ڏوري ۽ ڏاري
لالڻ جي لطيف چئي، سَهُہ ستيائي ساري (باقي گنج وارو بيت)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرامہ، داستان 1 بيت 2 (سٺ)

قليچ، داستان 1 بيت 2 (سٺ)

لغات لطيفي (قليچ) ڏري = ڏڄي، ڏرڻ، ڏڄڻ، ڏپ ڪرڻ. ڏاري = معنيٰ ڪانهي.

قاضي، داستان 1 بيت 2 ڏري ۽ ڏاري = ٻنهي لفظن جي معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 2 ڏري = روئــي، رڙي. ڏاري = رئاري.

شهواڻي،داستان 1 بيت 2، ڏري = روئي. ڏاري = رئاڙي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 2 ڏري = روئي. ڏاري = رئاري.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 2 (سِٺ)

قاسمي، داستان 1 بيت 2 ڏري ۽ ڏاري = روئي ۽ رئاڙي.

انصاري، داستان 1 بيت 2 ڏري ۽ ڏاري = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 205 ڏرڻ = ڏڄڻ. ڏري = ڏڄي.

صفحو 202 ڏارڻ = چيرڻ ڦاڙڻ. ڏري ۽ ڏاري = ڏڄي ۽ چيري ڦاڙي (سورن کي)

سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ "ست" آيل ناهي. پر "سٺ" آيل آهي. (سٺ سورن جي سسئي) ۽ برٽش واري نسخي ۾ آ بل بيت جي صورت بہ اوهان ڏٺي. لفظ "ڏرڻ" جي معنيٰ آهي "پاڻ کي اندر ئي اندر ۾ ذرا ذرا ڪرڻ" ڏارڻ معنيٰ، ٻين کي ٽڪر ڪرڻ، بہ اڌ ڪرڻ، ذرا ڪرڻ. "ڏري ۽ ڏاري" معنيٰ پاڻ بہ ذرا ٽڪر ٿيئي ۽ ٻين کي بہ پيئي پور ڪري. هي ٻئي لفظ اڄ بہ اسين عام سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا. مثال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنھن ڪي گھڻو ڏک ۽ صدمو پھتو ھوندو. گھڻي روئڻ ڪان پوءِ سڏڪن سان گڏ جسم ۾ لرزش ايندي ۽ جسم اندر جي انتھائي گھڻي ڏک ۽ اچلن جي ڪري چرڻ، رقڻ لڳندو تہ چئبو.

جملو = فلاڻيءَ جو حال تہ وجي ڏسو ڏري پيئي.

پر جي روئندو پيو تہ ان لاءِ ڪونہ چئبو تہ، "ڏري پيو" يعني "روئڻ" کي "ڏرڻ" نتو چئجي پر روئڻ کي ضبط ڪرڻ ۽ روئڻ جي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪا جسم ۾ لرزش ۽ ڏڪ ٿيئي ٿي ان کي "ڏرڻ" ٿو چئجي. "ڏرڻ" وارو دانھون نہ ڪندو آھي بلڪہ ان ڪان ڪا. رڙ ۽ لفظ بہ نہ اڪلندو آھي ۽ "ڏارڻ" جي معنيٰ آھي، "ٽڪرا ڪرڻ بہ اڌ ڪرڻ، ڏار وجھڻ."

جملو = تنھنجي مڙسيءَ جي خبر اٿم. پلا جي اٽندين تہ ڪھڙا ملڪ ڏاري وجھندين.

سٽ آھي "سٽ سورن جي سسئي، ڏري ۽ ڏاري" معنيٰ = سسئيءَ کي سورن سٽون/ اچلون ڏنيون آھن ۽ ھوءَ پاڻ تہ پيئي ڏرا پرزا ٿيئي پر بين کي بہ پيئي ٽڪ/ بہ اڌ ڪري. يعني سسئيءَ جي اھڙي ڏکائتي حالت ڏسي، اڳيون بہ پيو پڇي بہ اڌ ٿيئي.

جنڊ ۾ ھڪ تہ اٿو وغيره پيھبو/پيسبو آھي پر وري ڪڏھن چانور، ڪڻڪ وغيره سنھي نہ پيھائبي آھي پر ان کي داڻ داڻ ڪبو آھي، يعني اڌ پينل. جنھن ۾ جنس جي صورت پڌري ھجي ذرا ذرا پور ھجن تہ ان کي ڏرڻ چئبو آھي. مثال جنڊ جوٽيل ھجي، يعني شيڪڻ تي تيار رکيل ھجي تہ ٻي ڪا چانور آٽي ڏيندي تہ پڇبو، "پيھي ڏيانءِ؟" ھوءَ جي سنھو اٽو پيھائڻ نہ آئي ھوندي تہ چوندي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = پهچاڻ ۾ نہ. ڏرڻ لاءِ آندو اٿم. ڏري ڏي. معنيٰ پيهي اٿو نہ ڪجاڻ. تڪر تڪر، داڻ داڻ هجي. ”ڏريل“ چانورن مان ”ڪيرٽي“ ۽ ”ڏريل“ ڪٽڪ مان ”ڏريو“ رڌبو آهي.

بيت جو ٽيون لفظ آهي ”پيپائي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”مسلسل، لڳاتار“ ڏني آهي. ”پيپائي“ معنيٰ ”ستي ٿي ستي، ليٽي ٿي ليٽي“. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ سمهڻ کي ”پَوڻ“ بہ چوندا آهن.

جملو = ويچاري پيئي آهي چورجوس نہ. سڄي رات اوجاڳو ڪيو اٿس.

جملو = آڌي رات اچي ٿي آهي، ڪم پيا ٿيندا. تون ٿوري دير لاءِ وڃي پَئہ.

ست آهي ”پيپائي پنهونءَ ڏي، نرمل نهاري.“

معنيٰ = ستل/پيل حالت ۾ بہ پنهون لاءِ پاڪ (سسئي) پيئي نهاري/تلاش ڪري.

لفظ ”نرمل“ جي معنيٰ هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ ”پاڪ/صاف“ آهي. اهڙي معروف لفظ جي معنيٰ الائي ڇو شيخ صاحب ”گهٽو، خلوص سان“ ڏني آهي؟

بيت جي سمجهاڻي = سسئيءَ کي سورن ستون ۽ اچلون ڏنيون آهن. (ڏونڏاڙيو آهي) هوءَ پاڻ تہ ذرا ذرا، پرزا پرزا ٿي پر پنهنجي ڏکويل حالت تي ٻين کي بہ پيئي تڪر ۽ پور ڪري. ستل/ پيل حال ۾ بہ پنهون لاءِ (اها) پاڪ (سسئي) پيئي واجهائي. هوءَ پنهنجي محبوب جو حُسن سمهڻ واري حالت ۾ بہ پيئي ياد ڪري ۽ هوءَ عورت (سسئي) پنهنجو چاهہ نپائي وات ۾ ئي مري ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبـــــڙي، داســــــتان 1 بيـــــت 13 جلــــــد 2،

مهنــد محتـــاجي كـــري، حـــُـج وجــائي هـــَـلُ،
عذرخواهيــون عــاجزيون، سســئي كنهــن مَ ســَـلُ،
ڏونـــگر ڏورڻ ڏاكـــڙو، لـــنءُ ريءَ كونهـــي لـــَـلُ،
ايءُ ڀلائــيءَ جــو ڀــَـلُ، جيئــن پاســي تيــڻ پــاڻ كــان.

## لَلُ :

شيخ = چاڙهو، چارو، واهه
منگهاڻي = لڇڻ

## ڀَلُ :

شيخ = چيهه، حد.
منگهاڻي = سنائي، چڱائي، مهرباني، وڙ.
گنج، صفحو 18
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 12 بيت 64.
شوقيرام، داستان 1 بيت 13.
قليچ، داستان 1 بيت 13
لغات لطيفي (قليچ) لـَـلُ = مهر، ڀلائـي، خوبـي، حـال، طـرح، اٽكل، تجويز.
ڀَلُ = فائدو، ڀلائي، نفعو، فيض.
قاضي، داستان 1 بيت 13 لَلُ = لڇڻ. ڀل = ڦل، تت، جوهر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 13 لَـلَ = ڪوڏ، مزو، چارو، ٻلو، حيلو.

ڀَلَ = ڦل، تت، جوهر.

شهواڻي، داستان 1 بيت 13 لَلَ = مزو. ڀل = جوهر، تت.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 13 للَ = مزو، چارو. ڀل = جوهر، تت.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 13.

قاسمي، داستان 1 بيت 13 لَـلَ = معنيٰ ناهي. ڀل = فائدو، فيض.

انصاري، داستان 1 بيت 13 لل = لچڻ. ڀل = ڦل، تت، جوهر.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 415 لَلَ = ڏاهپ، سمجهہ.

صفحو 60، ڀل = جهجهيون، گهڻيون، ڀلائيءَ جو ڀل = وڏي ۾ وڏي ڀلائي، ڀلان ڀل ڀلائي، وڏي ۾ وڏي چڱائي.

لفظ "لَـلَ"، جي معنيٰ شيخ صاحب "چاڙهو، چارو، واهہ" ڏني آهي. اهو لفظ اڄ بہ جيئرو جاڳندو، هلي چلي پيو "لچڻ، ڏاهپ، سمجهہ ۽ افعال" واري معنيٰ ۾.

جملو = فلاڻي ۾ لَلَ ئي ڪونهي، ان جي هٿ ۾ ڪم نہ ڏجو.

جملو = لطيف کي سمجهڻ لاءِ بہ ڏاهپ تي ڪپي. اهو اسان ۾ لَلَ ئي ڪونهي.

ست آهي، "ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو، لنءُ ريءَ ڪونهي لَلَ"

معنيٰ = جبل جهاڳڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي عشق بنا ہي ڪابہ ڏاهپ/سمجهہ ناهي. (جيڪا انهن ڏاکڙن ۾ آڏو اچي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو لفظ آهي ”پل“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”چيهه، حد“ ڏني آهي. هي لفظ متي سر ڪنيات، داستان 2 بيت 2 جلد 1 ۾ آيو آهي. سٽ آهي: ”رات سَهائي پونءِ سنئين يائي گهرجي پل“، جتي شيخ صاحب لفظ ”پل“ جي معنيٰ ”تيز رفتار“ ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ ”چيهه، حد“ ڏني اٿس. ”پل“ جي معنيٰ آهي ”پلاٽي، چڱائي، مهرباني، نيڪي، وڙ“. متي لفظ ”پل“ جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم.

بيت جي سمجهاڻي = ٻيوسي ۽ محتاجي کي اڳيان ڪري.حجتون ۽ حقداريون ڇڏي پوءِ تون پنڌ ڪر. اي سسئي، تون عاجزيون، نيازيون، نوڙتون ٻي ڪنهن سان به نه ڪجانءِ/ٻڌائجانءِ. جبل جهاڳڻ ڏاڍا ڏکيا آهن. عشق ڪانسواءِ ٻي ڪابه ڏاهپ ڪانهي (جيڪا انهن ڏکيائين ۾ ڪم اچي) اهائي نيڪيءَ جي مهرباني ۽ وڙ آهي، جيئن (ماڻهو) خوديءَ کان پري رهي.

سر آبڙي، داستان 1 بيت 26 جلد 2،
سڪين تيءُ مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر،
پتي ڪر مَ پانهنجو، گهوريو اڏ مَ گهر،
ماري هڏ مَ مر، مچڻ جيءَ جيارين.

**ڏَرُ :**

شيخ = ڊڄ، ناراض ٿي.
منگهاڻي = ذرا پرزا ٿيءُ، ٽٽي پچي پئو.

**پتي :**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = ميدان، پوڻو (پٽي ڪر = ڊاهي ناس ڪر)
منگهاڻي = يڪو، مسلسل.

## گهوريو :

شيخ = ڪڏ ۾ پئو، ٻن پئو، ناس ٿيو.
منگهاڻي = نهيو، ڇڏينس، صدقو ڪر/ ٿيو.
گنج، صفحو 16
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 64 بيت 356.
شوقيرام، داستان 1 بيت 15
قليچ، داستان 1 بيت 15
لغات لطيفي (قليچ) ڏر =ڊپ، سوراخ، ٺنگ. گهوريو = معنيٰ ناهي.
پٽي = پٽيل ڏک جي.
قاضي، داستان 1 بيت 16، ڏر، پٽيءَ ۽ گهوريو = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 1 بيت 15، ڏر = معنيٰ ڏنل ناهي. پٽي ڪرڻ = چٽ ميدان ڪري ڊاهڻ. گهوريو = گهوري = فدا ٿيل، صدقي ٿيل.
شهواڻي،داستان 1 بيت 18، ڏر ۽ گهوري = معنيٰ ڏنل ناهي.
پٽي ڪر = ميدان ڪر، ڊاهي ڇڏ.
آڏواڻي، داستان 1 بيت 15 ڏر = معنيٰ ناهي. پٽي = نابود.
گهوري = فدا ٿيل (عشق جي راهہ ۾)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 18

قاسمي، داستان 1 بيت 15 ڏر ۽ گهوريو = معنيٰ ناهي. پٽيءَ = ڊاهي ڇڏ.

انصاري، داستان 1 بيت 15 ڏر، گهوري ۽ پٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 205 ڏر = ڏرڻ = ڊڄڻ.

صفحو 101 پٽي = پٽي ڪرڻ = ڦٽائي ڇڏڻ، ڊاهي پٽ ڪري ڇڏڻ (ڪڇي، لاڙي محاوري ۾ چوندا تہ : فلاڻي شيءِ جي پٽي ڪري ڇڏ)

صفحو 399 گهوريو = قربان ٿيو.

بيت ۾ آيل ٽي لفظ ”ڏرُ، پٽي ۽ گهوريو“ اهڙا آهن جيڪي اسين اڄ بہ ڳالهائيندا آهيون، جن جي معنيٰ شيخ صاحب اسان کان مختلف ڏني آهي. پهريون لفظ ”ڏر“ آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ڊڄ، ناراض ٿي“ ڏني آهي، مٿي هن ئي سُر ۾، داستان جي بيت 2 جي سٽ، ”سٽ سورن جي سسئي، ڏري ۽ ڏاري“ ۾ لفظ ”ڏري“ آيل آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”روئي، دانهون ڪري“ ڏني آاهي ۽ هتي لفظ ”ڏرَ“ اهو ئي ساڳيو ئي آهي پر اهو مخاطب واري صورت ۾ آيل آهي. جيئن تہ لفظ ”ڏر، ڏرڻ، ڏري، ڏارڻ، ڏاري“ کان شيخ صاحب شايد واقف ناهي سو هتي معنيٰ ڏنائين ”ڊڄ، ناراض ٿي“ سٽ آهي.

”سکين تيءُ مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر“

معنيٰ = سکن کي ڏسي/سکي ٿي خوش نہ ٿي، نہ ئي ڏکن کي ڏسي ٽٽي پوي پئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو لفظ آهي "پٽي" جي معنيٰ شيخ صاحب "ميدان، پوٺو (پٽي ڪر = ڊاهي ناس ڪر)" ڏني آهي. لفظ "پٽي" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام فهم آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "مسلسل، يڪو".

جملو = آئون ڇٽي آئي هيس تہ اچ تہ گڏجي هلون، پر هو ڇـُريو بہ نہ، پٽيءَ وينو هو.

جملو = شادي مٿي تي اچي سهڙي آهي، تون پٽيءَ هٿ تي هٿ رکي ويٺي آهين؟

ساڳيئي سٽ ۾ لفظ آهي "گهوريو"، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ڪڏ ۾ پئو، ٻـن پئو، نـاس تيـو" ڏنـي آهـي. اسـان وٽ (لسـٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) اهو لفظ "نهيو، ڇڏينس، صدقو ڪر" واريءَ معنيٰ ۾ اڄ بہ ڳالهايو وڃي ٿو، ۽ لطيف بہ ان ئي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. سٽ آهي:

"پٽـــي ڪـــر مَ پـــانهنجو، گهوريـــو اڏ مَ گهـــر"

معنـيٰ = تـون يڪـو ٿـي/ مسلسـل ان ڪـي پنهنجـو نـہ ڪـر، نهيو/ڇڏينس، گهر نہ اَڏِ.

لفظ "ڏرڻ" جي معنيٰ مٿي ڏني اٿم، جتي "ڏري" جي صورت ۾ آيل آهي، ۽ هتي "ڏَرُ" جي شڪل ۾ آهي." پسي ڏک مَ ڏَرُ" معنيٰ ڏکن کي ڏسي پڇي پور پور نہ ٿيءُ" ۽ جانورن جي رهڻ جي جاءِ کي "ڏَرِ" چئبو آهي، يعني "ر" تي زير سان.

هاڻي لفظ "گهوريو" جملن ۾

جملو = هير تنهنبول ڪانهي تہ گهوريو، شاهہ جو هلنداسين.

لفظ "گهوريو" جي بدران ڪن نسخن ۾ لفظ "گهوري" آيل آهي، جيڪو بيت سٽ ۾ معنيٰ جي لحاظ کان ٺهڪي نٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجھاڻي = سک ڏسي خوش نہ ٿي، نہ ئي ڏکن کي پسي ذرا پرزا ۽ پورا پورا ٿي. يڪو ئي پنھنجو نہ ڪر (دنيا يا ڪجھہ نھيو/ڇڏينس گھر ٻہ ٿاھي اڏي نہ ويھہ.

سـر آبـڙي، داسـتان 2 بيـت 1 جلـد 2،

پسـي ڏونـگر ڏاھـہ، جـِمَ ھلـڻ ۾ ھيٺـي وھيـن،
لانچـي لـَـڪُ لطيـف چئـي، پنـيءَ ڪيچيـن ڪاھـہ،
پيچـي پـورج سـئي، بلوچـاڻي ٻاھـہ،
ان وڙائتـي ور جـي، آسـر ھـڏ مرَ لاھـہ،
جـو اکنيـون اوڏو آھـہ، سـو پريـن پراھـون مرَ چئـو.

**وَھين :**

شيخ = ٿئين

منگھاڻي = محنت ڪرڻ، ھلاڪي ڪرڻ، پورھيو ڪرڻ.

**لانچي :**

شيخ = ٻڌي.

منگھاڻي = مڪمل تيار ٿي، مسلح ٿي.

**لَڪُ :**

شيخ = چيلھہ، ڪمر

منگھاڻي = جبل، پھاڙ.

**پورج :**

شيخ = ھلج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = بند ڪج، ڍڪج.

گنج، صفحو 11 (لَڪُ)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 48 بيت 273 (لَڪُ)

شوقيرام، داستان 2 بيت 2

قليچ، داستان 2 بيت 2

لغات لطيفي (قليچ) وَهين = معنيٰ ناهي. لانچي = لانچڻ = لوچڻ، ڳولڻ، لنگهڻ، لتاڙڻ، سنبرڻ، ڪپڙا گنجڻ، هلڻ. لڪ = جبلن جا گهٽ يا درا.

قاضي، داستان 3 بيت 1 لانچي = ڏوري، ڳولي. وهين ۽ لڪ = معنيٰ ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 1 وهين = هيٺي وهين = هيٺي تيئين. سستي ڪرين. لانچي = لانچڻ = (سنسڪرت، لانچَ) لوچڻ، ڍونڍڻ، ڏورڻ. لڪ = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 2 بيت 1 وهين = معنيٰ ناهي. لانچي = ڏوري. لڪ = معنيٰ ناهي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 4.

قاسمي، داستان 2 بيت 2، لانچي = لتاڙي. وهين ۽ لڪ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 2، لانچي = ڏوري، ڳولي. وهين ۽ لڪ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 556 وهين = هيٺي وهين = ڍري هلين، هري هري هلين. صفحو 404 لانچي = جانچي، اورانگهي. لانچي لک = ٻڏي، چانچي چيلهہ ٻڏي، سندرو ٻڏي.

لفظ "وهين" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "تئين" ڏني آهي اهو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "گهٽي ۽ مسلسل ڪم / محنت ۽ هلاڪي ڪرڻ" کي چئبو آهي.

سٽ آهي.

"پسي ڏونگر ڏاهہ، جم هلڻ ۾ هيٺي وَهين"

معنيٰ = وڏا جبل/پهاڙ ڏسي اي ٻانهي/گولي، متان تون هلڻ/ پنڌ ڪرڻ واري هلاڪي/محنت ڪرڻ واري عمل ۾ ڪمزور تيئين. يعني، ڏکيا جبل ڏسي متان مسلسل پنڌ ڪرڻ واري ڪم ۾ هيٺي ۽ ڪمزور تيئين. لفظ "وَهڻ" اڄ بہ "مسلسل گهٽو ڪم ڪرڻ" واري معنيٰ ۾ اسين ڳالهائيندا آهيون.

جملو = ڏينهن رات وهون ٿا، تڏهن ٿو ٽڪر گراهہ ملي.

ٻيو لفظ آهي "لانچي" جنهن لاءِ آئون يقين سان ٿي چوان تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ علائقي جو هن لفظ ۾ اچي نہ وڃي. اهو يقين مون کي منهنجي مطالعي ڏياريو، ۽ مون سنڌي نثر توڙي شاعريءَ ۾ لفظ "لانچڻ" ڪٿي بہ نہ ڏٺو/پڙهيو، ۽ ٻيو اوهان پاڻ بہ ڏسي ٿا سگهو سيني شارحن/محققن ۽ مرتبن جون لفظ "لانچي" جون ڏنل معنائون! حالانڪ انهن هڪ ٻئي جون ڏنل معنائون پڙهيون بہ آهن، ان جي باوجود مختلف معنيٰ ڏيڻ، منهنجي ويساهہ جي پختگيءَ جي علامت آهي، تہ لفظ "لانچڻ" رڳو اسان جي پٽن ۾ ئي ڳالهايو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لانچڻ“ جي معنيٰ آهي، ”ضرورت جي هر سامان سان ليس، مڪمل تيار، مسلح.

جملو = سدا لانچيو وينو آهين، آرام ڪري هڪ جاءِ ويھ.

جملو = سيئي لانچيا پيا آهيو، ڪيڏانهن تا وڃو، خير تہ آهي؟

جملو = پاڻ بہ لانچيل هو. گهوڙو بہ لانچيو پلاڻيو هوس. مون پڇيو ڪون، هن پاڻ ٻڌايو ڪون.

سٽ آهي:

”لانچي لڪ لطيف چئي، پني ءَ ڪيچين ڪاهہ“

معنيٰ = ڪيچين (ڪيچ جي رهڻ وارن، پنهونءَ ۽ سندس ڀائرن) جي پنيان مڪمل تيار ٿي پوءِ ٿي جبل جو پنڌ ڪجانءِ.

لفظ ”لَڪ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”چيلھ، ڪمر“ ڏني آهي، جيڪا پڻ ڪن هنڌن تي ٺهڪي ٿي. مثال ”سهٽي لَڪِ...“ وغيره پر اتي ”ڪ“ تي زير آهي، جڏهن تہ اها سيني ڪي خبر آهي تہ واحد ”لَڪ“ جمع ”لَڪَ“ جبل ڪي چئجي ٿو، پر جيئن تہ لفظ ”لانچي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ٻڌي“ ڏني آهي (۽ جبل ڪي تہ ٻڌي نٿو سگهجي) سو سمجهيائين تہ لطيف ضرور ”چيلھ“ ٻڌي پنڌ ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي آهي، ۽ بلوچ صاحب بہ ساڳي ٿي ”چيلھ ٻڌڻ ۽ سندرو ٻڌڻ“ جي ڳالھ تو ڪري. اهي ٿي اندازه ڪرڻ، نہ رڳو لطيف جي ڪلام جي روح لاءِ پر لطيف جي ڪلام جي وجود لاءِ بہ هاجو ثابت ٿي رهيا آهن. ”لَين لَڏڻ چڏيو، لڏن يَلِ لاٽا“.

بيت جي سمجهاڻي = اي ٻانهي، تون جبل ڏسي، متان هلڻ ۾ پنيان ٿيئين/ ڏکيو پنڌ ڏسي، متان ڪمزور ٿي، محنت ۽ هلاڪيءَ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثائين. مڪمل تيار ٿي ڪيچين جي پنيان جبلن ۾ ڪاهہ/هل پرين (پنهون) جي عشق جي باھ کان واقف ٿي، پوءِ ڍڪي/ بند ڪري ڇڏجين (ان ڪي ظاهر نہ ڪجين) انهيءَ مهربان محبوب جو آسرو هرگز نہ لاهج، جيڪو محبوب اڪين ڪان بہ ويجهو آهي، ان ڪي پري نہ سمجهہ/ نہ ڄڻو.

(لفظ "پورج" بابت اڳتي گفتگو ٿيندي، هتي رڳو اهڃاڻي ڏني اٿم.)

سر آبڙي، داستان 2 بيت 3 جلد 2،

جيڪس ياد ڪياس، ور وجي وٽڪار ۾،

جلد جريدي پند ۾، اديون اڄ ٿياس،

وجي ڪيچ پنياس، ٻاروچاڻيءَ ٻاجهہ سين.

**جريدي :**

شيخ = ڇڙي، اڪيلي، بنا سامان جي سمر ڪانسواءِ

منگهاڻي = تيار، ان ٿي مهل تيار، ريدي ميڊ

گنج، صفحو 67

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 68 بيت 386.

شوقيرام، داستان 2 بيت 4

قليچ، داستان 2 بيت 4

لغات لطيفي (قليچ) جريدي = ڇڙي، اڪيلي، يڪي.

قاضي، داستان 2 بيت 3، جريدي = ڇڙي، اڪيلي، آزاد.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 3، جريدي = (عربي جريده) ڇڙي، اڪيلي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواٽي، داستان 2 بيت 3، جريدي = اڪيلي

آڏواڻي، داستان 2 بيت 3، جريدي = هيڪلي

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 6،

قاسمي، داستان 2 بيت 4، جريدي = اڪيلي

انصاري، داستان 2 بيت 3، جريدي = ڇڙي، اڪيلي، آزاد.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 140 جريدي = يڪي، اڪيلي، ڇڙي. جلد جريدي پنڌ ۾ = اڪيلي سر ۽ تکي پنڌ ۾.

لفظ "جريدي" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سڀني شارحن/مرتبن/محققن "اڪيلي، هيڪلي، ڇڙي، يڪي، آزاد" ڏني آهي. هي لفظ واحد/جمع مونث "جريدي/جريديون" ۽ واحد/جمعِ مذڪر "جريدو/جريدا" آهي. هي لفظ متروڪ يا وچائجي ويل لفظ ناهي. اڄ بہ لسٻيلي ۾ ڪوهستان ۾ عام جام ڳالهايو وڃي ٿو. ايتري قدر جو ڪراچيءَ جهڙي جديد شهر جي وچ ۾ رهندڙ اسين "ٻڪڪ"، ريدي ميڊ ڪپڙن کي "جريدا ڪپڙا" چوندا آهيون.

جملو = تون عيد جا ڪپڙا سبرائيندينءَ يا جريدا وٺندينءَ؟

جملو = مون هڪڙو جريدو سوٽ ورتو آهي، باقي ٻيا ڏسنديس.

جملو = منهنجي خيال ۾ تہ هي ڪاڏو پورو آهي، جي وڌيڪ مهمان آيا تہ جهنگ ڪونهي شهر آهي جريدو ڪاڏو گهرائي وٺنداسين. جتي ڪٿي جريديون ديڳيون پيون ملن.

ست آهي،

جلـــد جريـــدي پنـــڌ ۾، اديـــون اڄ ٿيـــاس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = اي پيئرون، آئون تڪڙي آهيان. (هن اوچتي) تيار مليل پنڌ/سفر لاءِ.

سسئي ويچاريءَ کي ٻہ تہ اهي پنڌ، ڪشالا، ڏک ۽ ڏولاوا جريدا مليا هئا. هوءَ رات جو جڏهن پنهل کي پاڻرن سان ڪلندي ڪچهريون ڪندي ڏسي، خوش ٿي وڃي ستي هئي، تڏهن تہ ڪيس تصور بہ نہ هو تہ صبح جو اٿڻ ساڻ سندس لاءِ ڏکيو سفر تيار هوندو، ۽ ڪيس هر صورت ۾ پنهنجي پرينءَ جي پويان نہ رڳو وڃڻو پوندو، پر جلدي ۽ تڪڙو وڃڻو پوندو ڇو جو ڪيچ جو پتو نڪو وٽس هو، نہ ئي سندس مائٽن وٽ هو. اهو تہ انهن اٺن جي ڏڦن پيرن جي نشانن ۾ هو جن تي سوار ٿي پنهونءَ جا ڀائر، پنهونءَ کي کنيي کٽي ڪيچ وڃي رهيا هئا، ۽ جي سسئي وڃڻ ۾ دير ڪندي تہ اهي داڦوڙن جا نشان ڊهي هميشہ لاءِ پنهونءَ جو پتو وڃائي ڇڏيندا، تڏهن ئي تہ هوءَ ٻاڏائيندي پيئي وڃي تہ،

واءَ، وڃـــاءِ مَ ســـو، پنـــيءَ جنهـــن پنـــڌ ڪريـــان،
ڇنـــا، ڇپـــر پريـــنءَ جـــو، پيـــر پرنيـــان تـــو،
بـــر بورائـــو جـــو، ســـو لڳـــي ڪيـــم وڃـــائين.

۽ هوءَ ڪڏهن وٽن کي پيئي چوي تہ، ”وڌو ڪيم وٽاه...“ تہ ڪڏهن وري پنهنجي اجهل لڙڪن کي جهلڻ لاءِ اکين کي ٿي التجاءَ ڪري تہ، ”نمو مَ نيٽاه، تہ پير پسان پرينءَ جو“. لطيف بہ ان ئي اوچتي تيار مليل پنڌ جي حوالي سان، سسئيءَ کان چورائي ٿو تہ،

جلـــد جريـــدي پنـــڌ ۾، اديـــون اڄ ٿيـــاس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي، ”چڙي يا اڪيلي“ لفظ ”جريدي“ جي معنيٰ نڪو اسان وٽ آهي، نہ ئي لطيف ان معنيٰ ۾ آندو آهي. عربي يا ٻين ٻولين جا حوالا ڏيئي چوڻ تہ فلاڻي ٻوليءَ ۾ فلاڻي لفظ جي معنيٰ هيءَ آهي، تہ اهو سچو سلسلو، طريقو ۽ بنياد ئي غلط آهي. لطيف جي ٻولي نهايت طاقتور آهي، جيڪا اڄ بہ ايئن ئي ڳالهائي ٿي وڃي، جيئن لطيف ڳالهائي هئي. ويساهہ نہ اچيوَ تہ اچي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ رهي، گهمي ڦري، ڳالهائي ٻولائي ڏسو. باقي سنسڪرت، پراڪرت، عربي، فارسي، هندي، گجراتي، ملباري واري ڳالهہ نهايت غير وزنائتي آهي، جنهن جي ڪري لطيف کي سمجهڻ سولو نہ پر وڏيڪ اولو ٿي پوندو.

بيت جي سمجهاڻي = شايد مون کي يتار، وٽڪار ۾ وجي ياد ڪيو آهي. اي اديون، آئون تيار مليل/متي تي آيل (اوچتي) پنڌ/سفر لاءِ تڪڙ ۾ آهيان ۽ ٻروچ (پنهونءَ) جي مهر سان وجي ڪيچ پهتس.

سر آبري، داستان 2 بيت 5 جلد 2،
واقف نہ وٽڪار جي، پاٽي ڪنيم نہ پاءُ،
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاءُ،
لڳي لُڪَ لطيف چئي، معذورن متاءُ،
اتي اوڏو آءُ، جت هونديس هوت هيڪلي،

**جلدايون :**

شيخ = واحد جلدائي = سختي.
منگهاڻي = واحد جلدُ، چڙ، ڪاوڙ.
گنج، صفحو 68.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 7 (جت هوت هيڪلي آهيان)
قليچ، داستان 2 بيت 7(شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) جلدايون = جلدائي = جلدي، تيزي، ڏکيائي.
قاضي، داستان 3 بيت 10 (شوقيرام وارو) جلدايون = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 6 (شوقيرام وارو) جلدايون = (عربي = جلد = تکو) تکايون، سختيون.
شهواڻي، داستان 2 بيت 6 (شوقيرام وارو) جلدايون = سختيون.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 6 (شوقيرام وارو) جلدايون = جبرايون.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 6 (شوقيرام وارو)
قاسمي، داستان 2 بيت 6 (شوقيرام وارو) جلدايون = تکايون.
انصاري، داستان 2 بيت 5 (شوقيرام وارو) جلدايون = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 142 جلدايون = جلدايون ڪري = تيزيون ڪري. (سخت تپش ڪري، تيز تپيل ڇهنبيارين پٿرين جون، لڪن جي لاهن چاڙهن جون.)
لفظ "جلدايون" جي معنيٰ شيخ صاحب "سختي" ڏني آهي. هي لفظ اسان وٽ واحد، "جَلَدُ" آهي ۽ هتي (لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾) گهڻو واحد صورت "جَلَدُ" ۾ ئي ڳالهايو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي ۾ جَلدُ گھڻو آھي، ٿوري ٿوري ڳالھہ ۾ ڇڙھو ڏيئي اٿي ويندو آھي.

جملو = ھن جَلد ڪري ڪري پاڻ کي ئي ڪجائي ڇڏيو آھي.

لفظ ”جَلد“ بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ مھل بہ ڪا ڏکيائي نہ ٿيندي، ڇو جو اھو لفظ اڄ بہ ”چڙ ۽ ڪاوڙ“ واري معنيٰ ۾ اسان وٽ عام ڳالھايو ۽ سمجھيو وڃي ٿو. بيت جي آخري سٽ، ”اتي اوڏو آءُ، جت ھونديس ھوت ھيڪلي“ ٻين سيني نسخن ۾ ”اتي اوڏو آءُ، جت ھوت ھيڪلي آھيان“ آيل آھي.

بيت جي سمجھاڻي = وڻڪار منھنجو ڏنل ڪونھي، مون پاڻ سان پاڻيءَ جو ذرو (پاءُ) بہ ساڻ نہ کنيو آھي، ۽ وري (مٿان) جبل بہ چڙھي پيو تک ۽ تاءُ ڏيکاري. سج جي گرمي ۽ تپش بہ ڪمزورن ۽ ھيڻن جي مٿان آھي. اي منھنجا محبوب، تون اتي اچي مون سان مل، جتي آئون (اھڙن تڪليفن ۽ آزارن ۾) اڪيلي/تنھا آھيان.

(آخري سٽ جي معنيٰ ”اتي اوڏو آءُ، جت ھوت ھيڪلي آھيان.“ واري ڏني اٿم.)

سر آبري، داستان 2 بيت 7 جلد 2،
واقف نہ وڻڪار جي، اڳيان سفر سناٽو،
آڏا لڪ لطيف چئي، جبل جوراٽو،
پھرو ات پاٽو، سولو ڪج سات جو.

**سناٽو :**

شيخ = مشڪل، تڪليف ڏيندڙ، خطرناڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = سگهارو، زورائتو، مضبوط، ڏاڍو.

**جوراٽو :**

شيخ = سخت، تڪليف ڏيندڙ
منگهاٽي = موت.
گنج، صفحو 147
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت 8 (واقف نہ وٽڪار جي، جت جبل جوراٽو)
قليچ، داستان 2 بيت 8
لغات لطيفي (قليچ) سٽاٽو = سخت شور وارو، ڪاوڙيل، ڏاڍو
جوراٽو = جوراٽو، ظلم، ڏک، غم، زورآور، سخت، ڏاڍو.
قاضي، داستان 3 بيت 7 سٽاٽو = سخت، مضبوط، ڏاڍو.
جوراٽو = سخت، تڪليف وارو، مصيبت.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 7، سٽاٽو = هن بيت ۾ ان جي معنيٰ ڏنل ناهي. جوراٽو = زوراٽو (فارسي، زور+آٽو) زور وارو، سخت.
شهواڻي، داستان 2 بيت 7، سٽاٽو = خطرناڪ. جوراٽو = زور وارو، سخت.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 7، سٽاٽو = ڏکيو، جوراٽو = زورُ وارو.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 10
قاسمي، داستان 2 بيت 8، سٽاٽو = معنيٰ ناهي. جوراٽو = سخت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 2 بيت 6، سڻاٽو = سخت، مضبوط، ڏاڍو.

جوراٽو = سخت، تڪليف وارو، مصيبت.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 260 سڻاٽو = وڏو ڳرو، ڏکيو، سخت، اٽانگو، زبردست، خوفناڪ.

صفحو 146، جوراٽو = 1. جهوراٽو، فراق، 2. زوراٽو، آيل ڏکيائي. جبل جوراٽو = سخت ڏکيو پهاڙ، ڏاڍي تڪليف وارو جبل.

گنج لاءِ چيو وڃي ٿو ”جيئن جو تيئن، يا جيئن آهي جتي آهي ۽ بنا چنڊڇاڻ جي“ ڇپيل آهي، ۽ شيخ صاحب جو سچو مدار گنج تي آهي. هن بيت جي ساخت بہ ٻين سيني نسخن کان گهٽو بدليل آهي، جنهن جي اهڃاڻي لاءِ ٻين نسخن جو بيت ڏيڻ ان لاءِ ضروري نٿي سمجهان، جو شيخ صاحب وارو نسخو اهڙن تڪراري ۽ اختلافي بيتن مان ڀڄُڪي پيو بيت ۾ آيل بہ اهڙا لفظ آهن، جن جي معنائن سان اختلاف اٿم.

پهريون لفظ آهي ”سڻاٽو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”مشڪل، تڪليف ڏيندڙ، خطرناڪ“ ڏني آهي. اوهان کي ياد هوندو تہ سر سريراڳ، داستان 7 بيت 2 ۽ 9 ۾ شيخ صاحب لفظ ”سڻاٽي“ جي معنيٰ ”خوفناڪ، پوائتي/پوائتو“ ڏني هئي ۽ سر سهڻي، داستان 3 بيت 31 ۾ ساڳئي لفظ جي معنيٰ ”ڪٺن، مجبور ڪندڙ، ضروري“ ڏني هئي ۽ هتي وري، ”مشڪل، تڪليف ڏيندڙ، خطرناڪ“ ڏني آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”سڻاٽو/سڻاٽا“ آهي ۽ واحد/جمع مونث ”سڻاٽي/سڻاٽيون“ آهي، جنهن بابت مٿي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. اسان وٽ تہ ”سڻاٽو“ نالو بہ رکيو ويندو آهي. (دعائيہ، تہ شل ٻار سگهارو ۽ مضبوط ٿيئي) ”سڻاٽو بڪڪ“ تہ گذاري ويو آهي، پر سندس پوٽا ۽ ڏوهٽا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ ۽ پيءُ ڪڏهن بہ پنهنجي اولاد تي ”خوفناڪ، خطرناڪ ۽ ڀوائتو“ نالو نٿا رکي سگهن.

ٻيو لفظ آهي ”جوراڻو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”سخت، تڪليف ڏيندڙ“ ڏني آهي، جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ ”جوراڻو“ موت لاءِ ئي مخصوص نالو آهي، ۽ جبل ۾ موت کي موت چون ئي ڪونہ بلڪ چون ئي ”جوراڻو“ .

جملو = نانگ تہ بهانو هو، بس مڙيئي جوراڻو آيو.

جملو = جوراڻي جي اڳيان بادشاهہ بہ بيوس آهي.

سٽ آهي:

”واقف نہ وٽڪار جي، جت جبل جوراڻو“

( منهنجي راءِ ۾ گنج واري سٽ ڪان هيءَ سٽ وڌيڪ موزون آهي.) معنيٰ = وٽڪار جي آئون واقف ناهيان. جتي جبل موت جي صورت ۾ آهن، ۽ هيٺين بيت ۾ ڳالهہ وڌيڪ واضح آهي:

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، آيو عزرائيل،
جوراڻي سين جيڏيون، نڪو ڦال نہ قيل،
آيو موت دليل، ماريندو مراد ڪان.

بيت جي سمجهاڻي = آئون وٽڪار جي واقف ناهيان (منهنجو ڏنل ناهي) ۽ اڳيان پنڌ بہ سگهارو ۽ زورائتو آهي. سامهون لڪ ۽ جبل موت وانگر آهن. (اي الله) انهن جي قافلي جي (جيڪي پنهونءَ کي وٺي پيا وڃن) پهرين منزل آسان ڪج. (بيت جي سمجهاڻي، شيخ صاحب واري بيت جي آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســــر آبــــڙي، داســــتان 2 بيـــت 13 جلــــد 2،

وڏا وڻ وڻڪــار جــا، جــت مينهــن پــون مــاڪون،

ســڄڻ تيــون ســيد چئــي، هــاڙهي جــون هــاڪون،

جــت اينڌيــون اوطــاقون، ات ٻاتــاڙن ٻيلــي ٽيئيــن.

## هاڪون :

شيخ = ڌاڪو، دٻدٻو، خوفناڪ خبرون.

منگهاڻي = مشهوري، تعريفون، ساراهون، سنيون خبرون.

## ٻاتاڙن :

شيخ = ٻاتاڙن جو، پريشان ٽيلن جو، اڪيلن جو.

منگهاڻي = وائڙن جو.

هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

شوقيرام سر ديسي، داستان 6 بيت 14.

ڪرڙا ڏونگر ڪـ گهٽي، جت مينهن وسن ماڪون،

ســڄڻ تيــون ســيد چئــي، هــاڙهي جــون هــاڪون،

جــت انڊيــون اوطــاقون، تــت ڪــاهي رســج ڪــارٽي،

قليچ سر ديسي، داستان 6 بيت 14 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) هاڪون = واحد هاڪ = هڪل، هل، آواز.

ڏيپلاڻي سر ديسي، داستان 6 بيت 14 (شوقيرام وارو)

قاسمي سر ديسي، داستان 6 بيت 14 (شوقيرام وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 537 ھاڪ = جمع ھاڪون = وڏي مشھوري. ھاڪون ھاڙھي سنديون = ھاڙھي جبل جون (سختي ۽ ڏکيائيءَ واريون) خبرون.

ھي بيت شوقيرام ۽ سندس پوئلڳن قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن کان سواءِ ٻيو ڪنھن بہ نسخي ۾ آيل ناھي. (جيڪي منھنجي زير مطالعي آھن) انھن ۾ بہ پھرين سٽ مختلف آھي. شيخ صاحب واري بيت جي پھرين سٽ آھي، "وڏا وڻ وڻڪار جا، جت مينھن پون ماڪون". جڏھن تہ شوقيرام واري سٽ آھي، "ڪرڙا ڏونگر ڪہ گھٽي، جت مينھن وسن ماڪون." آخري سٽ ۾ آيل لفظ "اينڌيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "اڻ ڏٺل، اجنبي" ڏني آھي. جڏھن تہ شوقيرام واري نسخي ۾ اھو لفظ "انڌيون" آيل آھي. لفظ "ھاڪ" جي سمجھاڻي متي سر ڪيڏارو، داستان 5 بيت 13 جلد 1 ۾ سٽ آھي، "روضي پاڪ رسول جي، تنھن ھلي ھاڪ ھنئين". جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "ھڪل، سڏ، نعرو (ھاڪ ھنئين = اطلاع ڏنو)" ڏني آھي ۽ ھتي اھو لفظ جمع صورت "ھاڪون" ۾ آيل آھي. ان جي معنيٰ "ڌاڪو، دٻدٻو، خوفناڪ خبرون" ڏني آھي. لفظ "ھاڪ/ھاڪون" اڄ بہ اسين پين عام لفظن جيان ڳالھائيندا آھيون، "مشھوري، تعريفون، ساراھہ، مثبت انداز ۾ معروف ٿيڻ" واري معنيٰ ۾.

جملو = فلاڻيءَ جي سونھن جي ھاڪ ھنڌين ماڳين آھي.

جملو = فلاڻي جي مڙسيءَ/بھادريءَ جي ھاڪ پري پري تائين آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو لفظ آهي ”ٻاتاڙن“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”پريشان ٿيلن جو، اڪيلن جو“ ڏني آهي. اسان وٽ ”ٻاتاڙن“ جي معنيٰ آهي ”وائڙن“. لطيف گهڻن هنڌن تي لفظ ”ٻاتاڙي/ٻاتاڙن“ آندو آهي.

”ڪا جا ڪيائون، وائي واري ونگڙي،
آيل تنهن آئون، ٻوليءَ ٻاتاڙي ڪئي.“

جملو = ڪراچيءَ ۾ ڏارين لوڏ ايڏي تہ اچي پلٽي آهي، جو ڪنهن ڪزاني ماڻهو نڪري ٿو تہ ٻاتاڙجي ٿو پوي.

جملو = سچ ٿي چوين، توکي ٻاتاڙڻ جو ڏوه بہ ڪونهي. اسين جيڪي ٿيسو تاريخ بازارن ۾ بيٺا آهيون، اهي بہ اها لوڏ ڏسي ٻاتاڙجو ٿا وڃون.

بيت جي سمجهاڻي لاءِ بيت جو تڪراري نہ هئڻ شرط آهي، جڏهن تہ منهنجي راءِ ۾ هن بيت ۾ لفظ بہ صحيح هنڌ ۽ صورت ۾ آيل ناهن. مثال، ”مينهن پون ماڪون“ ڏسو. سوال نٿو پيدا ٿئي تہ لطيف جهڙو غير معمولي ذهين ۽ عظيم ڏاهو ايئن چوي، ڇا مينهن ۾ ماڪ پوندي آهي/يا ماڪَ جا مينهن پوندا آهن؟

سر آبري، داستان 3 بيت 10 جلد 2،
وڃين ڇو وٽڪار، هوت نہ گهُورين هٿين.

سچو بيت لکڻ جي ضرورت ان لاءِ ناهي، جو متين ست ڪان سواءِ ٻيو بيت ساڳيو ئي سيني نسخن ۾ آيل آهي. جن ۾ پهرين سٽ هيئن آهي.

”وڃي ڇو وٽڪار، هت نہ ڳولين هوت کي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا نهايت پر معنيٰ ۽ مصروف آهي. هتي شيخ صاحب واري سٽ ۾ نغمگي ۽ غنائيت جو فقدان تہ آهيئي، پر شعر واري اها رواني بہ ناهي جيڪا لطيف جي سجاڳپ آهي. سٽ ۾ آيل لفظ "گهـوريين" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڳولين" ڏني آهي. هي ساڳيو ئي لفظ متي سر آبڙي، داستان 1 بيت 26 جلد 1 ۾ آيو آهي. سٽ آهي،

"پٺـيءَ ڪـر مَ پـانهنجو، گهـوري اڏ مَ گهـر"

جتي لفظ "گهوري" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪڏ ۾ پئو، ٻن پئو، ناس ٿيو" ڏني آهي، ۽ هتي "ڳولين" ڏني اٿس. لفظ "گهوريو" جي معنيٰ آهي، "ٿهيو، صدقي ٿيو" ۽ "گهوريين" جي معنيٰ ٿي "ٿهيو ڇڏ، صدقو ڪر" ايئن سٽ جي معنيٰ ٿيندي. وڻڪار ڇو ٿي وڃين، هتيئي ڇو نٿي هوت ڪي/ پنهونءَ ڪي صدقو ڪرين ڇڏين!

هتي بس ايترو ئي عرض رکڻو هو.

سـر آبـڙي، داسـتان 5 بيـت 16 جلـد 2،
سـرتيون سـيوئي ٿيـو، انـدر آريـاڻي،
ويـٺـي پسـان پـاڻ ۾، ڏونـگر ڏهـاڻي،
هيـس جـن هـاڻي، سـي ڪيچـي ڳـڏيم ڪهـ ۾.

**هاڻي :**

شيخ = جتي. (رسالي ۾ دراصل "جي" آهي جيڪو پروف جي غلطيءَ سبب "جتي" ٿي ويو هو. ادارو)

منگهاڻي = لڱل، لتل، مڙهيل، جڙيل.

گنج، صفحو 49.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 53 بيت 301 آخري سٽ.

"هيس هوتن هاٺي، تي ڪيچي ڳڏيم ڪَهہَ ۾"

ديوان تارا چند شوقيرام ۽ مرزا قليچ بيگ وارن نسخن ۾ هي بيت ناهي.

قاضي، داستان 11 بيت 16، هاٺي = ڌاڙيل، ظالم.

گربخشاڻي، داستان 5 بيت 16، هاٺي = هوتن هاٺي = هوتن جي هنيل، محبوب جي ماريل، محبوب جي عشق ۾ گرفتار.

شهواڻي، داستان 5 بيت 16، هاٺي =جي ماريل، وس ۾.

آڏواڻي، داستان 5 بيت 16، هاٺي = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ هي بيت موجود ناهي.

انصاري، داستان 3 بيت 14، هاٺي = ڌاڙيل، ظالم.

بلوچ، لغت "روشني" هاٺي = معنيٰ ڏنل ناهي.

اوهان ڏٺو تہ هي بيت گنج، برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود آهي پر، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسمي وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

بيت ۾ آيل لفظ "هاٺي" جي معنيٰ شارحن ڪهڙي ڏني آهي. هي لفظ پڻ شايد رڳو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ئي ڳالهايو وڃي ٿو تڏهن تہ سيني شارحن جي ڏنل معنائن ۾ ايڏا فرق آهن. قاضي صاحب چوي تہ "ڌاڙيل ۽ ظالم" گربخشاڻي چوي "محبوب جي عشق ۾ گرفتار"، شهواڻي،چوي، "وس ۾ ۽ ماريل" باقي آڏواڻيءَ بيت ڏيڻ جي باوجود لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ھاٽي" جي معنيٰ نہ ڏني آھي. لفظ "ھاٽي" اڄ بہ عام ڳالھائيندا آھيون، جنھن جي معنيٰ آھي "لڳل، لتل، لچيل، مڙيل، جڙيل."

جملو = ٻوڙ ھاٽي ٿانوَ ۾ ڪير ڪنھن وڌو آھي؟

جملو = سٽيپون ٻوڙ ھاٽيون ٿاليون ڏار ڪري ڏوئجو.

بيت جي سمجھاڻي = اي سرتيون، منھنجي اندر ۾ رڳو پنھون ئي پنھون آھي. آئون پنھنجي اندر ۾ روئي روئي روز جبل تي ڏسان. (جتان لنگھي پنھونءَ جا پائر پنھون ڪٽي ويا آھن.) آئون جن جي پلئہ ۾ ٻڌي ھيس/جن سان وابستہ ھيس، اھي ڪيچي مون کي ھلندي پنڌ دوران اڌامندڙ دز ۾ ملي ويا.

سر آبري، داستان 6 بيت 4 جلد 2،

آءُ اوراھون سپرين، ڏکيءَ ڏيج مَ ڏاگھہ،

وٽ چڏي مون واگھہ، آري وئين عشق جو.

ڏاگھہ :

شيخ = داغ، ڪارنھن جو ٽڪو، خواري.

منگھاڻي = ڊيگھہ، لمبائي، ڊگھائي، طوالت.

واگھہ :

شيخ = چيتو، شينھن، مصيبت، آبدا.

منگھاڻي = آفت

گنج، صفحو 34

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 2 بيت 8



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 10 بيت 4.

قليچ، داستان 10 بيت 4.

لغات لطيفي (قليچ) ڏاگهہ = باهہ، ساڙو، داغ، ڏنڀ، سوري.

واگهہ = شينهن، چيتو (هندستاني باگهہ)

قاضي، داستان 7 بيت 5 ڏاگهہ ۽ واگهہ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 10 بيت 4، ڏاگهہ = (پراڪرت، داگهہ/سنسڪرت، دهہ، فارسي، داغ) سوز، ساڙو، ڏنگ، تڪو، الزام.

واگهہ = (سنسڪرت، زيا گهر) واگهہ، چيتو، يعني عشق جو واگهہ، جو مونکي ڏاري ۽ چيري ٿو.

شهواڻي، داستان 10 بيت 4، ڏاگهہ = داغ، تڪو. واگهہ = چيتو.

آڏواڻي، داستان 10 بيت 4، ڏاگهہ = داغ، ڏنڀ، ساڙو، سوز.

واگهہ = چيتو (عشق جو)

ڏيپلائي، داستان 10 بيت 7.

قاسمي، داستان 10 بيت 4، ڏاگهہ = داغ، ڏنڀ. واگهہ = چيتو.

انصاري، داستان 10 بيت 4، ڏاگهہ ۽ واگهہ =معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 213 ڏاگهہ = ڪانئين جو وڏو ڍڳ جنهن تي مڙس جي مرڻ کانپوءِ زال چڙهي ۽ ستي ٿيڻ لاءِ پاڻ ساڙي. ڏکي ڏيج مَ ڏاگهہ = هن ڏکيءَ کي ڏاگهہ تي نہ چاڙهج.

صفحو 493، واگهہ = شينهن جو هڪ قسم (اصطلاح) وڏي آفت. وٺ ڇڏي مون واگهہ = مون وٽ (عشق جهڙي) وڏي آفت ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ڏاگهہ“ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ قد ۾ ڊگهي ۽ ٻت جي سنهي شيپاڪ جهڙي ماڻهوءَ کي تو چئجي. لڳي ٿو تہ اٿ کي بہ ”ڏاگهو“ سندس قد ۾ ڊگهائي ۽ طوالت جي ڪري چئجي ٿو.

جملو = هيڏو ڏاگهہ اچي ٿيو آهين، اجا بہ ڪتن ڪان ڊڄين ٿو.

جملو = منهنجا ڪپڙا هن ڏاگهہ کي ڪيئن پورا ٿيندا؟

لطيف فرمائي ٿو، ”آءُ اوراهون سپرين، ڏکيءَ ڏيج مَ ڏاگهہ“

معنيٰ = اي منهنجا محبوب، اوري آءُ/ويجهو ٿي. مون ڏکيءَ کي ڊگهو وڇوڙو، طويل جدائي ڏيئي نہ وڃ. شيخ صاحب لفظ ”ڏاگهہ“ جي معنيٰ ”داغ، ڪارنهن جو ٽڪو، خواري“ ڏني آهي. اهو ئي ”داغ“ ٻين بہ شارحن چيو آهي، پر ڏسجي تہ پنهونءَ جو وڃڻ سسئيءَ لاءِ ڪارنهن جو ٽڪو ۽ خواري ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ يا جيئن گربخشاڻيءَ ”ٽڪو ۽ الزام“ چيو آهي تہ اهو ڪهڙي حساب سان؟ پنهون تہ سسئيءَ جو مڙس هو ۽ مڙس جو ڪنهي ڪچي وڃڻ سسئيءَ لاءِ ڏک ۽ ماتم جو مقام تہ ٿي سگهي ٿو، پر ”ڪارنهن جو ٽڪو، خواري يا الزام“ ڪيئن ٿيندو؟. يا جيئن ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٿو چوي تہ، ڏاگهہ جي معنيٰ آهي، ڪانئين جو وڏو ڍڳ جنهن تي مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ زال چڙهي ۽ ستي ٿيڻ لاءِ پاڻ ساڙي.“ پر، سسئي ڇو ۽ ڇا لاءِ پاڻ کي ساڙي ستي ڪندي؟ سسئيءَ کي سچي خبر آهي تہ پنهون جيئرو آهي، ڪيس ڀائر زوريءَ ڪنهي ڪٺي ويا آهن، اها ”ڏاگهہ“ ڇو چڙهندي؟ ۽ پوءِ هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ، هوءَ هڪدم ئي جريدي مليل پنڌ ۾ ٽڪري اٺن جي پويان نڪري ٿي پوي تہ جيترو بہ جلدي ٿي سگهي، هوءَ پنهنجي محبوب سان اڌ واٽ ۾ ئي ملي، يا تہ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي اچي، يا وري پاڻ بہ ساڻن گڏ، سندن ملڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪيچ) وڃي. هوءَ پـر اميد هئي مايوس تـ نـ هئي جو ستي ٿيڻ جو سوچيندي. هوءَ تـ ايڏي بهادر، باهمت ۽ مضبوط هئي جو جبلن سان بـ جهيڙيندي، دڙيندي ٿي ويئي تـ اڳيان ٽڪر ٽر، متان روهـ ريون ٿيئين."

پيو لفظ آهي "واڳهـ" جيڪو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڪنهن خطرناڪ درندي کي چئبو آهي آفت واري معنيٰ ۾.

سٽ آهي: "وٽ چڏي مون واڳهـ، آري وئين عشق جو"

معنيٰ = اي پرين، تون مون وٽ عشق جي خطرناڪ آفت ڇڏي ويو آهين.

بيت جي سمجهاڻي = اي منهنجا محبوب، تون اوري آءُ، مون ڏکيءَ کي ڊگهي جدائي، طويل وڇوڙو نـ ڏي. اي پنهل، تون مون وٽ عشق جي وڏي آفت ڇڏي ويو آهين. (اهڙيءَ صورت ۾ يعني آفت سان گڏ ڊگهو وقت رهڻ موت ثابت ٿيندو).

سر آبري، داستان 7 بيت 12 جلد 2،

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪچاڙي ڪي ڪن،
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

**ريزاليون :**

شيخ = ڪميڻيون، سڌڙيون.

منگهاڻي = هلڪيون، ڇيڳڙيون، بيپرواهـ مستي خور نوجوان ڇوڪريون.

گنج صفحو 6



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 15 بيت 78 (عمر سپ اڪنڊين)

شوقيرام، داستان 7 بيت 6

قليچ، داستان 7 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) ريزاليون = رذالون، رذ زالون، ڪميڻيون، نالائق، ڪم همت.

قاضي، داستان 5 بيت 6، ريزاليون = نالائق، ڪميڻيون.

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 6، ريزاليون = (عربي رذيل) ڪميڻيون، بي همت يعني سڌڙيون.

شهواڻي، داستان 7 بيت 6، ريزاليون = ڪميڻيون، سڌڙيون.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 6، ريزاليون = ڪميڻيون

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 6.

قاسمي، داستان 7 بيت 6، ريزاليون = ڪميڻيون

انصاري، داستان 7 بيت 5، ريزاليون = نالائق، ڪميڻيون.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 238 ريزاليون = ريزالو = (جمع ريزالا) رذيل، رليل، بي واهو، پٽڪيل، بدخواھ، ريزاليون = ڪميڻيون، بي پتيون زالون.

هي لفظ واحد/جمع مذڪر "ريزالو/ريزالا" ۽ واحد/جمع مؤنث "ريزالي/ريزاليون" آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن گارين جي وسڪارن ۾ ڏني آهي، يعني، ڪميڻيون، نالائق، بي پتيون، بدخواھ" وغيره. اسان وٽ تہ هي لفظ گار واري نوع ۾ ورتو ئي نٿو وڃي. نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا جيڪي بيپرواھ، مستي خور، ڇيڳڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا آهن، انهن کي "ريزالو/ريزالي" چئبو آهي. هي لفظ اسين اڄ بہ ڳالهايون ٿا.

جملو = هَري ڳالهاءِ، ٻتوري، ريزالي!

جملو = اهي ڇوريون ريزاليون آهن، آئي وئي تي ٺوڪ ٺاڙ ۾ ٺشڪڙي ڪنديون.

جملو = آئون مڃان ٿي، ڇورو ريزالو آهي، توسان ٻي لحاظي ڪئي هوندائين.

بيت جي سمجهاڻي = جيڪي سچي زندگي پنهنجي محبوب لاءِ سڪ مان تلاشون ٿيون ڪن انهن سان هلڪيون/ڇيڳڙيون (ڇوريون) ڪهڙي ريت ٿيون برابري ڪري سگهن؟ انهن جا وڏا ڀاڳ آهن (جيڪي ملڻ جي سڪ ۾ محبوب ڏانهن وينديون) واٽ ۾ /پنڌ ۾ مري ٿيون وڃن.

سـر آبـڙي، داسـتان 7 وائـي 2 جلـد 2،

هـوت سـي هلـڻ وارا، ڪيئـن ڪريـان آئـون ان سـين،

سٽ 4:

آهيـان پـَتِ پنهـونءَ جـي، ڪنديـس ڪـُنـرِ ڪـارا.

**پَتِ :**

شيخ = پٽ تي، واٽ تي، گس تي (ڳوٺ ۾) ٻي معنيٰ پرٽ، ڏوبڻ.

منگهاڻي = ڇانورو، سائبان (ڇپر ڇانوَ)

گنج صفحو 155

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي وائي موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 8 وائي، هوت هلڻ وارو وو،
آهيان پرٿ پنهونءَ جي، ڪنديس ڪنر ڪارا،
قليچ، داستان 8 وائي، (شوقيرام واري)
قاضي، داستان 6 وائي 1 سٽ 5، آهيان نہ پَٿِ پنهون جي،
ڪنديس ڪنر ڪارا.)
گربخشاڻي، داستان8 وائي 1 (آهيان پٿ پنهونءَ جي ڪنديس
ڪنر ڪارا.)
شهواڻي، داستان8 وائي، (گربخشاڻيءَ واري)
آڏواڻي، داستان 8 وائي (آهيان پرٿ پنهونءَ جي...)
ڏيپلائي، داستان 8 وائي. (آهيان پرٿ پنهونءَ جي...)
قاسمي، داستان 8 وائي. (آهيان پرٿ پنهونءَ جي...)
انصاري، داستان 8 وائي. (آهيان پرٿ پنهون جي...)
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 99 پَٿُ = ساڳيئي مول متي وارن
ويراڳين فقيرن جو ٽولو.

لغات لطيفي (قليچ) پٿ = چڱي غذا، چڱو ڪاڌو، جماعت.
وائيءَ ۾ آيل لفظ "پٿ" سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾
آيل ناهي. ٻين نسخن ۾ "پٿ ۽ پرٿ" آيل آهي. لفظ "پٿ" جي معنيٰ
شيخ صاحب "پٿ تي، واٽ تي، گس تي (ڳولا ۾) ۽ ٻيءَ معنيٰ ۾ پرٿ،
ڏوٻڻ" ڏني آهي. لفظ "پٿ" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ڇانورو، سائبان،
ڇپر ڇانو" واري معنيٰ ۾ ڳالهائجي ٿو.

جملو = فلاڻو ماڻهو، مڙيئي مُورُ ماڻهو ڪونهي، پَٿُ آهي.
جملو = ننڊن ۾ حال ڪونهي، اسان جا وڏا پٿ هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ايئن ڪونہ چئبو جيئن چانوري لاءِ تہ، "پٽ بنايو وغيره". ڪا شيءِ رڌجي تلهي ۾ گهري ٿي وڃي تہ ان کي بہ "پٽ" چئجي ٿو،

جملو = هي تہ رڌجي پٽ ٿي ويئي آهي.

وائيءَ جي ستن جي معنيٰ ٽن لفظن "پٽ، پٽڻ ۽ پرٽ" جي ڪري ڪهڙي ڏجي؟

سرآبڙي، داستان 8 بيت 2 جلد 3،

پاياٽي ٿي پور، پنيءَ ڪيچين ڪڪرا،
لانچي لڪ لطيف چئي، اتي ڏونگر ڏور،
رائو مڙوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪکور،
جت وڃي تو جور، اپڙ تہ اوڏي ٿيئين.

**پاياٽي :**

شيخ = وڏي سرت ۽ همت واري.

منگهاڻي = پائيوار، حصيدار، شريڪ.

**لانچي :**

شيخ = ٻڌي،

منگهاڻي = تيار، مسلح

**لڪ :**

شيخ = چيلهہ، ڪسر،

منگهاڻي = جبل، پهاڙ، ٽڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 7

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 15 بيت 80

شوقيرام، داستان 8 بيت 8

قليچ، داستان 8 بيت 8

لغات لطيفي (قليچ) پاپاڻي = ڀائيوارڻ، شريڪ.

قاضي، داستان 6 بيت 9، پاپاڻي = شريڪ، ڀائيوار.

گربخشاڻي، داستان 8 بيت 8، پاپاڻي = پاپاڻي ٿي پور = ڪيچين سان شريڪ ٿي، سندن پٺيان جبل جا پٿر پڃندي وڃ. يعني، هنن وانگي تون بہ جبل مان مسافري ڪندي وڃ.

شهواڻي، داستان 8 بيت 10، پاپاڻي = ڀائيوار.

آڏواڻي، داستان 8 بيت 10، پاپاڻي = ڀاڱي ڀائيوار، هم شريڪ.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 13.

قاسمي، داستان 8 بيت 8، پاپاڻي = ڀائيوار.

انصاري، داستان 8 بيت 8، پاپاڻي = شريڪ، ڀائيوار.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 50، پاپاڻي = پاپاڻي ٿي پور = وڏي سرت واري ٿي همت سان هل هلان ڪري واٽ جا پٿر پوري ذرا ڪر.

لفظ "پاپاڻي" جي معنيٰ شيخ صاحب "وڏي سرت ۽ همت واري" ڏني آهي جنهن کي درست نہ سمجهندي پنهنجو چنڊُ جابلو لفظ سمجهي نوٽ ڪيو هئم. جو جو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "پاپاڻي" اڄ بہ ڀاڱي ڀائيوار، حصيدار ۽ شريڪ"واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي، پر اهو ڏسي نهايت خوشگور حيرت ٿيم تہ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻين سيني شارحن درست. ۽ ساڳئي جبل واري معنيٰ "ياڳي ياڻيوار، حصيدار ۽ شريڪ" ڏني آهي. ۽ ڏک تيمر تہ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب هن سڌ سماءَ جي عروج ورتل دور ۾، هڪ اهڙي لفظ جي معنيٰ بنا ڪنهن تحقيق، هلاڪيءَ ۽ ڪوشش جي غلط ڏيئي ڇڏي، جيڪو اڄ بہ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. ڏک سان ڳڻ ان خوف وڪوڙيو تہ اڄ جا نوجوان، شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب وارا نسخا ئي اهم سمجهي پڙهندا تہ هي نئين تحقيق تي ٻڌل نسخا آهن، جن مان اڳ واريون اوڻايون نڪتل هونديون، جامع ۽ هر پاسي کان مڪمل نسخا هوندا. پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پويمر تہ ايئن ناهي. هي ٻئي نسخا اڳ وارن نسخن کان وڌيڪ پيچيده ۽ غلطين مان ٿمثار آهن ۽ اسين اڄا بہ ارنيسٽ ٽرمپ واري دور ۾ آهيون. اهو سوچي بہ مونکي تڪليف ٿي ٿيئي تہ جڏهن لفظ "ياياڻيءَ" جي شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ڏنل معنيٰ "وڏي سرت ۽ همت واري" جي روشنيءَ ۾ نوجوان هي بيت پڙهندا تہ ان جو مفهوم هو ڪهڙو سمجهي سگهندا؟ جڏهن تہ لطيف، سسئيءَ کي سرت ۽ همت جو نہ، پر پنهنجائپ ۽ ياڳي ياڻيوار جو احساس ٿو ڏياري، ۽ ان سڱ ڏانهن ڌيان ٿو ڏياري جو هن جو پنهون سان هو، تہ هوءَ پنهونءَ جي زال آهي.

ست آهي:

"ياياڻي تي پور، پٽيءَ ڪيچين ڪڪرا"

معنيٰ = تون بہ حصيدار تي، ۽ ڪيچين جي پٺيان تي (جبلن/واٽن) ۾ آيل، پٿر پور ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪر/ڪندي وڃ. يعني، لطيف چوي ٿو تہ رڳو سک ۽ خوشيءَ ۾ حصو ونڊ شراڪت ناهي، ڏک ۾ بہ حصيداري ڪبي آهي. ويچاري نازڪ اندام سسئيءَ ۾ دوکي پري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتي وچوڙي ڪان پوءِ ڪهڙي سرت ۾ ڪهڙي همت هوندي. بس ڪيس پنهونءَ جي پنيان ڪيچ وڃڻو آهي. لفظ ”پاياٽيءَ“ جو سرت ۾ همت سان ڪوبہ سنبڌ ناهي. پيءُ جي ملڪيت ۾ پٽ سان گڏ ڌيءَ بہ ”پاياٽي“ آهي. پيڻ، پاءُ جي پاياٽي آهي ملڪيت ۾ زمين ۾. ان حصي ۾ سرت ۾ همت جو اچي نہ وڃي.

ٻيو لفظ ”لانچي“ آهي جنهنجي معنيٰ آهي ”هر طرح سان مڪمل تيار، مسلح، ليس“ ۽ لفظ ”لانچڻ“ جي مٿي جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم. ايئن ئي لفظ ”لَڪَ“ جي معنيٰ ”جبل ۽ پهاڙ“ بابت بہ مٿي سمجهاڻي ڏنل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = (اي سسئي!) تون بہ ڪيچين (ڪيچ مڪران جي رهڻ وارن، پنهونءَ ۽ سندس پائرن) جي پنيان انهن سان پاڳي پائيوار تي جبلن/واٽن جا پٽر پيچي پورا پورا ڪر (جيئن انهن ويندي ويل ڪيا هئا. تون بہ انهن جي پنيان ايئن ئي پنڌ ڪندي پٽر پوريندي وڃ) ۽ هر طرح سان (ذهني ۽ جسماني نموني) مڪمل تيار تي اتي جبل ۽ لنگهہ لتاڙ. جبل ۽ رڻ پنهنجي مڙس (پنهونءَ) ڪارڻ پنهنجي رت سان رڱي ڳاڙهو ڪر (اڳيان وڌ. پٿريلي، ناهموار زمين ۾ جبلن تان مسلسل هلڻ جي ڪري پير ڦٽجي پوندا ۽ رت وهندو. اهو ئي رت جبل ۽ ريتيءَ کي رڱي ڳاڙهو ڪندو) پنهونءَ کي (پائر) زوري وٺي وڃي رهيا آهن. تون اتي وڪ تکي وجهہ تہ ويجهي ٿيئين (منزل کي/پنهونءَ کي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر آبـــڙي، داســـتان 8 بيـــت 17 جلـــد 2،

ايءُ ڪـر ڪوهيـارن، جيئـن ڪـُهيون ڪٺـن پـاڻ سـين،
آذر نــــذر پـــانهنجي، ســــپ نبـــاهيو نيــــن،
”ڇـڏيو وجـو ڇپريـن، “ هيئـَـن تـان هـوت نــ ڪــن،
ڏونـــگر منجهـــ ڏيـــن، دلاســـا درمـــاندين.

**درماندين :**

شيخ = درماندين کي، پريشان يا بي واهين يا بيوسن يا مجبور (عورتن) کي.

منگهاٽي = بيقرارن کي، بيسڪونن کي، بيچينيـن کـي، بـي آرامين کي، انتهائي ماندين کي.

گنج، صفحو 68.

آذر نــــذر پـــانهنجي، ســـپ نبـــاهيو نيــــن،
ڇــڏيو وجــو ڇپريــن، هينئـن تـان هـوت نــ ڪــن،
ڏونـــگر منجهـــ ڏيـــن، دلاســـا درمـــاندين.

ڪتاب املهہ اٹتوريا سر آبڙي صفحو 88 بيت 22:

ايءَ ڪـر ڪوهيـارن، جيئـن ڪهيـون ڪٺـن پـان سـين،
آذريــون نذريــون پــاڻ ســان، ســپ نبــاهي نيــن،
ڇــڏي وجــن ڇپريــن، اي تــان هــوت نـــ ڪـــن،
ڏونـــگر منجهـــ ڏيـــن، دلاســـا دل مـــاندين.

هي بيت لطيف جي ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي ۽ اوهان ڏنو تہ شيخ صاحب، ”گنج“ ۽ ”املهہ اٹتوريا“ وارن بيتن کي ملايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تہ "املهہ اٽوريا" کي وڏي واڪ ايئن چئي شايع ڪيو ويو هو تہ "هي شاهہ جا لڏل بيت آهن" جيڪو ڪم بہ انتهائي سهل پسنديءَ سان ڪيل آهي ۽ ڪتاب ۾ ڪيئي اهڙا بيت بہ لڏل بيتن جي نالي سان شايع ٿيل آهن جيڪي لطيف جي سؤ سالن کان بہ مٿي ڇپيل نسخن ۾ بہ موجود آهن. جيئن هي مٿيون بيت گنج ۾ بہ آهي تہ لڏل بيتن واري ڪتاب ۾ بہ آهي. بيت ۾ آيل لفظ "درمانديين" جي معنيٰ شيخ صاحب "درماندين کي، پريشان يا بيواهين يا بيوس يا مجبور (عورتن) کي" ڏني آهي. لفظ "ماندو/ماندي" تہ عام سمجهندڙ ۽ ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي ۽ "درمانديين" معنيٰ "انتهائي ماندن، انتهائي بيقرارن، انتهائي بيسڪونن ۽ انتهائي بي آرام (عورتن) کي" آهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 191، درماندي = بنهہ ماندي، بلڪل بيحال

قليچ، لغات لطيفي صفحو 134، درماندي = عاجز، حيران، ملول.

لفظ واحد/جمع مذڪر "درماندو/درماندا" ۽ واحد/جمع مؤنث "درماندي/درمانديون" آهي ۽ اسين اڄ بہ عام ڳالهايون ٿا.

جملو = ويچاريءَ کي ايڏي تہ تڪليف آهي اصل درماندي پيئي ٿيئي.

جملو = ٻاهر هوا تي ڪيوس، گهر ۾ اندر تپ جي ڪري درماندو پيو ٿيئي.

بيت جي سمجهاڻي اهڙي صورت ۾ ڪيئن ٿي ڏيئي سگهان جو بيت ڇنڊڇاڻ گهري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آبري، داستان 8 بيت 18 جلد 2،
ڪي ڪي ڪڙيان پير، ڪي ڪڙهان ڪيچ ڏٽين ڪي،
ايءَ ڏنءُ ڏيئي ڏير، پاٽان پراهان ويا.

ڏنءُ :

شيخ = ڏک، عذاب، ڏنجهه، جل، ڪام.
منگهاڻي = ڇرک، ڊيهو، ڊپ مان اچنگ ڏيڻ.
گنج، صفحو 32
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 28 بيت 158.
شوقيرام، داستان 7 بيت 11
قليچ، داستان 7 بيت 11
لغات لطيفي (قليچ) ڏنءُ = ڏک، عذاب، ساڙو، دلبو.
قاضي، داستان 5 بيت 11، ڏنئون = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 7 بيت 11، ڏنءُ = (سنسڪرت، دَنڊَ) ڏنڊ،
سزا، ڏک، عذاب، ڏنجهه.
شهواڻي،داستان 7 بيت 11، ڏنءُ = سزا، ڏک، عذاب.
آڏواڻي، داستان 7 بيت 11، ڏنءُ = ڏک، سزا.
ڏيپلائي، داستان 7 بيت 11.
قاسمي، داستان 7 بيت 11، ڏنءُ = سزا، ڏک.
انصاري، داستان 7 بيت 11، ڏنءُ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 208 ڏنءُ = وڏي وڪوڙيندڙ ٻاهه (جا وڻ ٽڻ، پٽن جا گاهه ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏي) اي ڏنءُ ڏيئي ڏير = ڏير هي (وڇوڙي واري) وڏي ٻاهه لائي ويا.

لفظ ”ڏنءُ/ڏنوَ“ نج نبار جبل جو لفظ آهي. اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان وارا ”خوف مان ڇرڪ ڪائڻ“ کي ”ڏنءُ“ تا چئون.

جملو = فلاڻو تہ فلاڻي کان ڏنءُ تو ڏي.

جملو = هونئن تہ پان کي تشينگ مڙس تو سمجهي. پر ادا جي نالي کان بہ ڏنءَ تو ڏي.

سٽ آهي: ”اي ڏنءَ ڏيئي ڏير، پاڻا پراهان ٿيا.“

معنيٰ = مونکي خوف وارو ڇرڪ ڏيئي، منهنجا ڏير پاڻ پري هليا ويا (پنهون ڪٽي).

پنهونءَ جا ڀائر جڏهن آڏيءَ رات جو پنهونءَ کي نشو پياري چوريءَ ڪٽي ويا هئا، ان مهل تہ سسئي ستي پيئي هئي پر صبح جو جڏهن اٿڻ ساڻ هن اوطاقون ۽ آستان خالي ڏٺا تہ هوءَ خوف زده ٿي ويئي تہ، ”هي ڇا ٿيو!“ اهڙيءَ مهل ڏک کان اڳ خوف ۽ پريشاني ٿيندي آهي ۽ سسئي تہ ايڏي خوف زده هئي جو سندس اڳيان پنهنجو يا پرايو ڪو اٿ گذريو ٿي تہ ڪانئس خوف مان ڇرڪ نڪري ٿي ويو ۽ هن دانهن ٿي ڪئي تہ:

اٺ مَ اوري آڻ، ڏاگهن ڏڏي آهيان،
هٽي هٿ هين کي، پري نيئي پلاڻ،
هوت منهنجو هاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سگهي ٿو تہ ٻي هَنڌَ/پَٽَ ۾ لفظ "ڏنءُ" ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ورتو ويندو هجي تہ پوءِ ڪهڙي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي؟ ڇو جو شارحن جي ڏنل معنائن مان تہ ويهہ واٽون ٿيون نڪرن. ڏک ۽ عذاب؟ يا، سزا ۽ ڏنڊ؟ يا، ٻاهہ ۽ ساڙو؟ يا دلبو؟ ڪهڙي معنيٰ ۾؟

بيت جي سمجهاڻي = يا تہ پيرَ نهاريان (پنهونءَ ڪي ڪٽي ويندڙ اٺن جا) يا تہ فڪر/ڳڻتي، يا جهوري ڪريان. ڪيچ (مڪران) جي حاڪمن ۽ ڏٽين جي. منهنجا ڏير، مونکي خوف وارا ڇرڪ ڏيئي پاڻ پري هليا ويا (ڪيچ ڏانهن)

سر آبري، داستان 8 بيت 20 جلد 2،
ڪڙهي ۽ ڪڙي، پسِ ۾ پير پنهونءَ جو،
سڪَ ٻڏائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لڪن سر لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

**جَهڙي :**

شيخ = ڏک يا ارمان ڪري.
منگهاڻي = بيعقلائيون، بي سمجهيون، نادانيون.
گنج، صفحو 133 (الف)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 7 بيت 10.
قليچ، داستان 7 بيت 10.
لغات لطيفي (قليچ) جَهڙي = معني ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 5 بيت 10، جَهڙي = جَهڙ = جهٽ، جهڙپ.

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 10 جهڙي = جهڙڻ = (مرهٽي جهڙٽي/ پراڪرت جهڙڻ/سنسڪرت ڪشرڻ) ڳرڻ، هپائجڻ، سڪڻ سڙڻ، وجهلڻ.

شهواڻي، داستان 7 بيت 10 جهڙي = ڳري.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 10 جهڙي = ڳاراڻي ۾ ڳري، هپائجي.

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 10.

قاسمي، داستان 7 بيت 10 "جهڙي" جي بدران "جڙي" آهي. "جهيڙي ۽ جڙي".

انصاري، داستان 7 بيت 10 جهڙي = جهٽ، جهڙپ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 160، جهڙي = جهيڙي ۽ جهڙي = جبلن تي (لڪن تي) هلائون ڪري همت سان چڙهي.

لفظ "جهڙي" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڏک ۽ ارمان" ڏني آهي. لغات لطيفيءَ ۾ معنيٰ ڏنل ناهي. قاضي ۽ انصاري صاحب جن "جهٽ، جهڙپ" ۽ گربخشاڻي، شهواڻي ۽ آڏواڻي "ڳرڻ، سڙڻ، سڪڻ، وجهلڻ" ڏني آهي. گربخشاڻي صاحب بہ ڪمال جهڙو ماڻهو آهي مختلف ٻولين جا حوالا ڏيئي ڪيئن تو معنائون سمجهائي! مان ڄاڻان ٿي تہ هو وڏو عالم ٻوليات آهي. ڪيس سنسڪرت، پراڪرت، هندي، عربي، فارسي، مرهٽي، پنجابي وغيره وغيره ايندي آهي، پر جيڪو سنڌي لفظ هن کي نٿو اچي تہ پوءِ هو ٻين ٻولين مان ان جي معنيٰ ڪيئن تو اسان کي سمجهائي سگهي؟ لسبيلي ۽ ڪوهستان جي ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ هو اسانکي مختلف ٻولين جي حوالن سان سمجهائڻ چاهي ٿو. ايئن ئي بلوچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب جي لفظ "جهڙي" جي ڏنل معنيٰ بہ آهي. اسان وٽ "جهڙي" جي معنيٰ "همت" نہ پر "بي عقلايون/ بي سمجهيون/ بينوايون/ناداني‌ون ڪري" آهي.

جملو = اجا تہ ٻار آهي جهنگ پيو جَهڙي.

جملو = ڳالهہ نڪا مهاڙ جتان آيس اتان جَهڙي هليو ويو.

يعني، بنا سوچ ۽ سمجهہ جي مڙيئي سڙيئي اجائي بڪ ڪري هليو ويو.

لطيف بادشاهہ فرمائي ٿو:

"لڪن سر لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جَهڙي"

معنيٰ = جبلن جي چوٽين تي پيئي مائي (سسئي) وڙهي ۽ نادانيون ڪري/ بي سمجهيون ڪري.

بيت جي سمجهاڻي = پنهونءَ جي پيرن جا نشان هوءَ (سسئي) پنهنجي خيال موجب نهاريندي، ڳرندي، فڪر ڪندي پيئي وڃي. پنهنجي محبوب سان چاهت وارو سندرو ٺاهي جوڙي ٻڌو اٿس. جبلن جي چوٽين تي پيئي مائي (سسئي) وڙهي ۽ ناسمجهيون ڪري. پر جي سچي حياتي بہ ايئن ڪري (جهنگن ۽ جبلن ۾ رلي ۽ روئي) تڏهن بہ هوءَ پنهون جي پيرن جي خاڪ برابر بہ نٿي ٿي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر آبـري، داسـتان 8 وائـي 2 جلـد 2،
مونکي جهل نہ پايو، جيڏيون آئون هلندي هوت ڏي،
سٽ 2: هـي جـو بـار ينيـور جـو، لونـيءَ تـان سـيپ لاهيـو.

**لوئي :**

شيخ = مٽن مائٽن کانسواءِ، بي عزت، ناقص، سڙيل، جليل.
منگهاڻي = سڪٽي، نياڳي، ضدي.

سٽ 4: ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نہ مونکي پيءُ نہ پايو."

**پايو :**

شيخ = ٽيڪ، آڌار، ٽنب.
منگهاڻي = بنياد، ٻڻ، چري (ڪنهن بہ اڏاوت جي)

سٽ 6: وهاري وطن ۾، شُهديءَ ڪي مَ سڪايو.

**شُهِدي :**

شيخ = سڪندڙ، غريب، نماڻي، ڪميٽي.
منگهاڻي = شهوتڻ، وئشيا (مخالف جنس سان گهڻي رغبت رکندڙ)
گنج، صفحو 100 وائي.
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 70 وائي ڪين رهنديس ڪنڌ ۾، نہ مون پَٽُ نہ پايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 11 وائي 1 (نہ مون پيءُ نہ مايو)
قليچ، داستان 11 وائي 1 (نہ مون پيءُ نہ مايو)
لغات لطيفي (قليچ) لوني = ڇڙي، مجرد، بيوارث، بي وسيلي، هيڪلي، رلندڙ، اڪيلي.
شهدي = سڪندڙ، غريب، نماڻي، ذات جو نالو، صورت، منهن، شڪل.
قاضي، داستان 1 وائي 2 (نہ مون پوءُ نہ پايو) لوني = رليل.
شهدي = سڪندڙ، غريب، نماڻي، منهن، صورت.
گربخشاڻي، داستان 11 وائي 2 (نہ مون پئہ نہ پايو) لوني = معنيٰ ڏنل ناهي. شهدي = (هندي، شهدا/ فارسي، شدھ) لَندي، ڪميڻي.
شهواڻي، داستان 11 وائي 2 (نہ مون پئہَ نہ پايو) لوني =مئي، سڙيل. شهدي = ڪميڻي.
آڏواڻي، داستان 11 وائي 2 (ابيات متفرق، نہ مون پٿہ نہ مايو) لوني = معنيٰ ڏنل ناهي. شهدي = فنا ٿيل، نماڻي، بيحال، ڪميڻي.
ڏيپلائي، داستان 11 وائي 2 (نہ مون پيءُ نہ مايو)
قاسمي، داستان 11 وائي 2 (نہ مون پيءُ نہ مايو) لوني = ناهي. شهدي = ڪميڻي.
انصاري، داستان 11 وائي 2 (ڇوٽڪي آبري، نہ مون پوءُ نہ مايو (ماءُ))
لوني = معنيٰ ڏنل ناهي. شهديءَ واري سٽ هيٺن آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وھـــاري وطـــن ۾، ســـوداءُ ۾ نـــہ ســـڪايو“

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 417 لوڻي = (جمع) لوڻيون = 1. سڙي، ماري، 2. ڏڪاريل، مھٽي ھاب، چڙواڳ، ٻي لڄي، ڪميٽي، لوڻيءَ تان سپ لاھيو = ھن سڙيءَ تان سپ لاھيو.

صفحو 304، شھدي = ويچاري، نماڻي، سڪايل، شُھديءَ ڪي مَ سڪايو = ويچاري، سڪايل کي وڏيڪ نہ سڪايو.

وائيءَ ۾ آيل ٽن لفظن ”پايو، لوڻي ۽ شھديءَ“ جي ڏنل معنائن تي اعتراض اٿم. پھريون لفظ آھي ”پايو“ سٽ آھي: ڪين وھنديس ڪنڌ ۾، نہ مون پيءُ نہ پايو.“ جيڪا گنج ۽ برٽش واري نسخي کان سواءِ ٻي ڪنھن بہ نسخي ۾ لفظ ”پايو“ سان آيل ناھي.

شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسمي ”نہ مون پيءُ نہ مايو“.

قاضي، گربخشاڻي ۽ شھواڻي ”نہ مون پئہ نہ پايو“

آڏواڻي ۽ انصاري ”نہ مون پئہُ نہ مايو“ آيل آھي.

لفظ ”پايو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ٽيڪ، آڌار ۽ ٿنڀ“ ڏني آھي، جڏھن تہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ ”پايو“، گھر/ديوار وغيره جي ”بنياد ۽ پڙي“ کي چيو وڃي ٿو. ان نسبت سان ڪنھن بہ بنياد/بڻ کي ”پايو“ چوندا آھيون.

جملو = جاءِ جو پايو پڪي وجھي ويو آھي ھاڻ اسان کي مناٿي ڪاراءِ.

جملو = فلاڻي ماڻھوءَ جو پايو مضبوط آھي. اوھين ڪيس لوڏي بہ نٿا سگھو. (يعني ان ماڻھوءَ جا مائٽ سگھارا ۽ مضبوط آھن)

ٻيو لفظ آھي ”شھدي“ جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب ”غريب، نماڻي، ڪميٽي“ ڏني آھي. يعني ”غريب ۽ نماڻي“ سڏي ھمدردي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاريل آھي. وري ٻي معنيٰ آھي ”ڪميڻي“ يعني نفرت جو اظھار ڪيل آھي. ھر ھڪ لفظ پنھنجي معنيٰ ۾ ھڪ ڌار ڪائنات رکي ٿو. ان کي ايئن ڳڏي سڏي لئي متي ڪرڻ سنو ته ناهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”شُھدوَ/شُھدَا“ ۽ واحد/جمع مونث ”شُھدِي/شھديون“ آھي. ھي لفظ ضرور ڇندُ جابلو لفظ آهي. جو جو ان جي معنيٰ ڪنهن بہ شارح درست نہ ڏني آهي. هي لفظ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ چئبو آهي جيڪو شهوتي هجي ۽ مخالف جنس سان انتهائي گهڻي رغبت رکندڙ هجي، جنهن جو اظهار پڻ کلي نموني هر طريقي، اکين، هٿن پر جسم سان کلو کندو هجي.

جملو = اها مائي شهدي آهي، ان سان سنگت رکڻ پاڻ لاءِ خواري آهي.

جملو = ڇوڪري دڪان تي نہ موڪل اهو دڪان وارو شهدو آهي.

لفظ ”لونيءَ“ بابت متي گهڻي سمجهاڻي ڏني اٿم، وڌيڪ پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ لفظ ”لونيءَ“ جي معنيٰ هڪ هنڌ ”بدحال ۽ پريشان“ ڏنل آهي تہ ٻي هنڌ وري ساڳيئي لفظ جي معنيٰ ”حيا کان خالي، بي عزت، ڪميڻي“ ڏنل آهي.

سر آبري، داستان 8 وائي 10 جلد 1،

اوڏي آيس جان پريان جي پيچري، ويجهي ونڊر ورن،

ورن :

شيخ = واٽن، رستن.

منگهاڻي = ڦيرن، چڪرن، وڪڙن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين نسخن جا حوالا ان لاءِ نه ٿي ڏيان. جو لفظ ”ورن“ جي معنيٰ مرزا قليچ بيگ صاحب جي لغات لطيفي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب جي لغت ”روشني“ ۾ ڏنل ناهي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب واري نسخي ۾ هيءَ وائي سر آبري، داستان 10 وائي 10 آهي پر ان ۾ لفظ ”ورن“ جي بدران ”وٽن“ آيل آهي. ”ويجهي وندر جن وٽن“ ۽ لفظ ”ورن“ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لغت ”روشنيءَ“ ۾ صفحي 509 تي ”رنگ“ واري معنيٰ ۾ آيل آهي (ويراڳين ورن = ويراڳي وارن فقيرن جو رنگ، يا، نڪو ورن وڄ جو = نہ ڪنوڻ جو رنگ ۽ تجلو) جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”وَرَ“ جي معنيٰ آهي، ڦيرو، چڪر، وڪڙ“ جمع ”ورن“ معنيٰ، ”ڦيرن، چڪرن، وڪڙن“ ٿيندو ۽ ”وندر“ نئن آهي جنهنجي نسبت سان اهو علائقو ئي ”وندر“ ٿو سڏجي، جيڪو ڪراچيءَ کان سٺ ڪلوميٽر پري آهي. لسٻيلي جي خوبصورت نئن ”پورالي“ ۾ گهڻا وَرَ/ڦيرا آهن، ايئن ئي ”حب، ويراب ۽ وندر“ ۾ بہ وَرَ آهن.

جملو = سڪڻا وَرَ نہ ڏي. انهن ورن مان وري نڪو ڦري. ڏوڪڙ ڏي تہ ڪم ٿئي.

جملو = حَبَ جي ورن مان سنيالي وڃجو، پاڻي اوچتو ئي ايندو آهي.

شيخ صاحب ”ورن“ جي معنيٰ ”واٽن، رستن“ ڏني آهي جيڪا درست ناهي. ۽ سٽ ۾ آيل لفظ ”جان“ (اوڏي آيس جان پريان جي پيري) جي معنيٰ شيخ صاحب ”شايد“ ڏني آهي. اسين لفظ ”جان“ ٻن معنائن ۾ ڳالهائيندا آهيون. 1. يا ۽ 2. اوچتو.

جملو = جان ويهہ جان وڄ رڳو بيٺو آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = يا وچ يا ويهہ...
جملو = جان ڏسان تہ هو پيو اچي. معنيٰ اوچتو نهاريم تہ...
ست جي سمجهاڻي = ويجهي آيس اوچتي محبوبن جي واٽ تي، وندر جي ڦيرن ۾.

سر معذور، داستان 1 بيت 1 جلد 2،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، کهجن کي کوٽيون،
پهڻ تني پٽ ٿيو، جي لئي لالڻ لوٺيون،
سڀ سُهيليون سک کي، چنجهيون ۽ چوٽيون،
ٻانيڻ تي ٻوٽيون، تہ کتا ڪينئي ڪيچ جا.

**لوٺيون :**

شيخ = بي حال (سڪڻ ۾) سڪايل.
منگهاڻي = سڪٽيون، نياڳيون، پنهنجي ڳالهہ تي بيٺل ضدي.

**چنجهيون :**

شيخ = (جانورن جي وهڻ لاءِ) جبلن جون چرون، جبلن جون غارون.
منگهاڻي = ڳاهت ٿيڻ، گهٽي انداز ۾ ماڻهن جو هڪ مرڪز تي مُچَ ٿيڻ، گڏ ٿيڻ.

**چوٽيون :**

شيخ = جبلن جون بلنديون، جبلن جون اتاهون يعني مٿيان حصا.
منگهاڻي = گهڻن نسخن ۾ لفظ "چوٽيون" آيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 54 (چوٿيون)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 59 بيت 330 (چوٿيون)

شوقيرام، داستان 1 بيت 1 (چوٿيون)

قليچ، داستان 1 بيت 1 (چوٿيون)

لغات لطيفي (قليچ) لوٺيون = لوٺو = رليل، بيحيا، بيشرم، بدحال. چنجهيون = معنيٰ ناهي.

قاضي، داستان 1 بيت 1 (چوٺيون) لوٺيون = لوٺي = رليل. چنجهيون ۽ چوٺيون = معنيٰ ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 1 (چوٺيون) لوٺيون = معنيٰ ناهي. چنجهيون = واحد چنجهي/چونچي (گجراتي چنچي/هيمچند اچاريہ چنچ) جنهنجون پنبڻيون گسي ويون هجن. چوچي ۽ گهٽ نظر واري. چوٺيون = تنگدل، بخيل.

شهواڻي، داستان 1 بيت 1، (چوٺيون) لوٺيون = رليون، پٽڪيون. چنجهيون = چوچيون، گهٽ نظر واريون. چوٺيون = تنگدل، بخيل.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 1، (چوٺيون) لوٺيون = رليل، پٽڪيل، بيحال، چنجهيون = چوچيون، ڪم نظر. چوٺيون = تنگدل يا سست دل، بخيل.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 1 (چوٿيون)

قاسمي، داستان 1 بيت 1، (چوٿيون) لوٺيون = رليل. چنجهيون = ناهي. چوٺيون = بخيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 1 بيت 1، (چونيون) لونيون = رليل. چنجهيون ۽ چونيون = معنيٰ ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 417، لونيون = لالڻ لئہ لونيون = پياري سجڻ لاءِ سڙي ويون. 2 پنهنجي پياري سجڻ خاطر لوڪ ۾ لڄي ٿيون. (ساڳيئي صفحي 417 ۾ بلوچ صاحب لفظ "لونيون" جي معنيٰ "ڪميٽيون، ڏڪاريل، لوڪ جا طعنا ۽ مهڻا سهڻ واريون" ڏني آهي.)

چنجهيون ۽ چونيون = جي معنيٰ لغت "روشنيءَ" ۾ ڏنل ناهي.

لفظ "لونيون" هتي جيڪر ذڪر هيٺ نہ اچي. پر هر هنڌ شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ هن لفظ جي سمجهاڻيءَ لاءِ ڪشاديون جايون جوڙي ٿي ڇڏي. هن بيت ۾ لفظ "لونيون" جي معنيٰ قد ڪٽي بيٺي آهي. تنهن کان علاوه اهو پڻ ڏيکارڻو آهي تہ اڻ ٻڌل لفظن جون معنائون جڏهن زور مَس ڪري ڏبيون آهن تہ بيت ڪيئن حشر جي ميدان جو ڏيک ڏيندا آهن. هت لفظ "لونيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "بيحال (سڪڻ ۾) سڪايل" ڏني آهي، ڇو جو سٽ ئي اهڙي نموني جي آهي. (پهڻ تني پٽ تيئي، جي لئي لالڻ لونيون.) جڏهن تہ سر جمن، داستان 7 وائي سٽ 4 ۾ آيل ٻن واين ۾ لفظ، "لوني (واحد)" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪميٽي، بي عزت، بيحيا، ناقص" ڏني آهي. ڀلا جي اها ئي ڳارين ۽ لئزن واري معنيٰ هتي هن بيت ۾ آيل لفظ "لونيون" جي ڏجي تہ بيت ڪهڙي معنيٰ ونندو؟ لطيف بادشاھ لفظ "لوني/لونيون" هر هنڌ تي ساڳي ئي اسان واري معنيٰ "سڪٽي، نياڳي" ۾ آندو آهي. سٽ آهي. "پهڻ تني پٽ ٿيو، جي لئي لالڻ لونيون."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = پٿريلي ۽ ناهموار زمين/جبل ٻـ انهن لاءِ سنئون سڌو پٽ ٿيو جن پنهنجي پرينءَ لاءِ سڪٽيون ۽ نياڳيون سڏايو/ڪونايو ۽ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل ۽ بينل رهيون. سسئي ٻـ جڏهن پنهنجي سڪئي ستابي، پرئي پُڪلي گهر مان هتين خالي روئندي پٽيندي نڪتي هوندي، تڏهن ظاهر آهي تہ ڪيس روڪڻ ۽ جهلڻ لاءِ ٻـ ڪيئي اڳيان وڌي آيا هوندا پر هن ڪي پنهنجي مرضي ۽ ڳالهہ تي بينل ۽ ضد ڪندي ڏسي گهڻن ئي ڪيس سڪٽي ۽ نياڳي (لوٺي) چيو هوندو. تہ چو ٿي پنهنجو نهيو نڪيو. سنئون سڪيو جندڙو ڇاٽي پيئي چيري ۾ وجهين! ۽ سهڻو لطيف سڳورو جيڪو حساسيت جو مرڪز آهي، سو ڪيئن ان مهل جي جذبن کي محسوس ڪري نـ سگهيو هوندو ۽ ڪيئن اهڙين جذباتي گهڙين جي احساسن کي اهميت نہ ڏيندو ۽ نظرانداز ڪندو! لطيف تہ اهڙن نفيس موقعن تي ڳالهايل منن توڙي ڪڙن لفظن جو قدر ۽ قيمت ڄاڻندڙ/سڃاڻندڙ هو. تنهن هڪدم اهي دعائيہ لفظ اچاريا تہ:

پهڻ تني پٽ ٿيو، جي لئي لالڻ لونيون،

ٻيو لفظ آهي "چنجهيون" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "(جانورن جي وهڻ لاءِ) جبلن ۾ چرون، جبلن جون غارون" (غارُ جي جمع غارَ ٿيندي يا غارون؟ لفظ غارُ اسان وٽ تہ مذڪر آهي) لفظ "چنجهيون" جي معنيٰ اسان وٽ (لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾) "ڳاهٽ ٿيڻ، گهٽي انداز ۾ ماٺهن جو هڪ مرڪز تي مُچ ٿيڻ، گڏ ٿيڻ" آهي.

جملو = ڳاڏي ماڻهن مان چنجهي پئي هئي.

جملو = هڪ ڪمرو ننڍو، ٻيو گرمي، ٿيون وري ماڻهن مان چنجهيو پيو آهي پوءِ حبس نہ هوندو تہ ڇا هوندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل "چنجهيون" وانگي اسين "چنجهٽيون" بہ چئون ۽ ٻين شارحن جي ڏنل لفظ "چنجهيون" جي معنيٰ بہ اوهان ڏني.

ٽيون لفظ "چوٽيون" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "جبلن جون بلنديون، جبلن جون اتاهيون يعني متيان حصا" ڏني آهي. لفظ "چوٽيون" جي بدران قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ "چوٺيون" آيل آهي، جنهنجي معنيٰ انهن "تنگدل ۽ بخيل" ڏني آهي. هي لفظ، معنيٰ ۽ مفهوم موجب لفظ "چوٽيون" ڪان وڌيڪ ٺهڪي ٿو جنهن جي معنيٰ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "چوُسڻ، چوهڻ" آهي.

جملو = ڳنڍيريون ڪنهن چوُٺيون آهن؟ سچو ڪمرو ڪچري مان پرچي ويو آهي.

جملو = تو پلا چوهڻ واريون گوريون چوُٺيون يا پيون آهن؟

بيت جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ "ڪوٽيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪوڙيون" ڏني آهي. باقي ٻين لفظن جون ڏنل معنائون بہ اوهان ڏنيون، هاڻي اچو تہ انهن معنائن جي آڌار بيت جي سمجهاڻي ڏسون جيڪا هيئن ٿيندي. "پنهونءَ ڏانهن پنڌ ڪندي ڪي ڪوڙيون (نام نهاد عاشقياڻيون) ٿي ٿڪبيون. جيڪي سڪ ۾ بيحال آهن جبلن انهن لا سيڌو ميدان ٿي پيو. سيپئي سوليون سڪ کي جبلن جون چرون/غارون ۽ جبلن جون بلنديون. اي ٻانيڻ (سسئي!) تون ٻوٽيون/ ٽڪر ٿي تہ توکي ڪيچ جا ڪتا کائين."

اسان واريون معنائون ڏيڻ ڪان پوءِ بيت جي سمجهاڻي هيئن ٿيندي:

بيت جي سمجهاڻي = پرينءَ (پنهونءَ) ڏانهن پنڌ ڪندي، اهيئي ٽڪجن ٽيون جن جي نيت بد آهي. جبل/پٿر انهن لاءِ سنوان سڌا پٽ ۽ ميدان آهن، جيڪي پنهنجي جانب لاءِ سڪٽيون ٽي نڪري پون ٽيون ۽ پاڻ کي نياڱيون چوائي بہ پنهنجي ڳالھہ تي محڪم آهن. سڪ جي رس کي حاصل ڪرڻ لاءِ تہ سيپئي سرتيون ڳاهٽ ٽي اچي چنبڙيون ۽ چوسيائون (سڪ مان رڳو پاڻ ئي مزو ۽ فائدو ورتائون ۽ عشق جي ميدان ۾ انهن پاڻ کو نقصان نہ ڪنيو. جڏهن تہ عشق جي ڪيتر ۾ رڳو قربانيون ئي ڏيٽيون آهن. يعني ڏيٽو ئي ڏيٽو آهي. ونڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو تہ ڪو تصور ۽ ڪو سوال ئي ڪونهي ۽ جيڪي سهيليون سڪ کي چنبڙي چوسي فائدو ۽ مزو ٽيون حاصل ڪن. اهي توکي ڪهڙي سني راءِ ۽ صلاح ڏينديون. لحاذا) اي ٻانيڻ!/سسئي! ان پنڌ ۾ هلندي هلندي ٽڪرا ٽڪرا ۽ ٻوٽيون ٻوٽيون ٽي تہ پلي ڪيچ جا ڪتا تنهنجو گوشت ڪائين. (يعني، عشق جي راھہ ۾ پاڻ کي قربان ڪري ڇڏ.)

سر معذور، داستان 1 بيت 5 جلد 2،  
جاڳايا س زنبور، ڪتي قريبن جي،  
بهي بهڪي اٿيو، گهڏي منجهان گهور،  
سي لاهيندو سور، گري هن غريب تان.

## گهڏي :

شيخ = بت کي لوڏي.

منگهاڻي = جاڳ ۽ ننڊ واري حالت ۾ جهوٽا کائي اٿڻ. گهٽي ننڊ واري ڳهريل صورت ۾ جاڳڻ جي ڪوشش ۽ ننڊ جو زور ۽ دٻاءُ. (اردوءَ ۾ اونگهنا).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**گِري :**

شيخ = گيرٿ ڪري، پوئنڪ ڪري، پوئن پوئن ڪري.

منگهاڻي = گري (گَ تي پيش سان)، ”گُرُڻ“ ۾ پونڪ ۽ پون پون نہ ٿيندي آهي. بند وات سان گلي جي گراهٽ.

گنج صفحو 54 ۽ 55.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 60 بيت 334.

شوقيرام، داستان 1 بيت 4 (ٻهي پونڪي اٿيو)

قليچ، داستان 1 بيت 4 (ٻهي پونڪي اٿيو)

لغات لطيفي (قليچ) گهڏي = گهڏڻ = لڏڻ، مستن وانگي جهولڻ، آٿڙڻ، گهوماٽجڻ، ڦرجڻ. گري = ڦِرڻ = ڪتي جي گير ڪرڻ، پونڪڻ جو سعيو ڪرڻ.

قاضي، داستان 1 بيت 4 (ٻهي ٻهڪي اٿيو) گهڏي = بدن کي لوڏي، گهوماٽجي. گري = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 4 (ٻهڪي) گهڏي = گهڏڻ (سنسڪرت، گهڻ) بت کي لوڏڻ“ جيئن ڪتو اٿڻ مهل ڪندو آهي. گري = گرڻ = (سنسڪرت، گهرڻ) گهرڪڻو، گير ڪرڻ.

شهواڻي، داستان 1 بيت 4 (ٻهڪي) گهڏي = بدن لوڏي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 4 (پونڪي)

آڏواڻي، داستان 1 بيت 4 (پونڪي) گهڏي = بدن کي لوڏي. گِري = ناهي.

قاسمي، داستان 1 بيت 4 (پونڪي) گهڏي = بت لوڏي. گري = ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 1 بيت 4 (ٻھڪي) گھڏي = بدن کي لوڏي گھومائڻ. گِري = ناھي.

بلوچ، لغت ”روشني“ گھڏي ۽ گري“ جي معنيٰ ڏنل ناھي.

گھڏڻ/گِڏڻ“ ۽ ”گري“ ھي ٻئي لفظ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ روز الائي ڪيترا ڀيرا ڳالھايا وڃن ٿا. لفظ ”گھڏڻ“ جي معنيٰ ”بدن کي لوڏڻ“ شايد ان ڪري سيني شارحن ڏني آھي جو اتي ڪتي جو ذڪر آيل آھي، جنھن مان شارحن اھو اندازو لڳايو تہ، جيئن ڪتو بدن کي ڇنڊي لوڏي اٿندو آھي شايد لطيف ان کي گھڏڻ چيو آھي. جڏھن تہ لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو شھنشاھ آھي، ھو سنڌي لفظن ۽ معنائن کان ڀلي ڀت واقف ھو ۽ لفظن کي اندازي ۽ ڏڪي سان نہ پر يقين سان ٺڪي ٺُڪي آڻيندو ھو. ھي ساڳيو ئي لفظ مٿي پڻ آيل آھي:

موڪـــيءَ ســـنڌي مـــٽ ۾، ڪـــو جـــو زھـــر ذرو،
پيئنـــدي پوشـــيدن ڪـــي، پيـــڙو ڪونـــہ پـــرو،
مٿـــو مھـــاڻين جـــو، ڪيـــو ڳھـــر ڳـــرو،
تيـــن ڪيـــپ ڪـــرو، گھـــوٽ گھـــڏي گھـــر آيـــا.

گھڏي گھر آيا = ٿڙندا ٿاٻڙندا، اڌ ننڊ اڌ جاڳ واري حالت ۾ گھر آيا.

جملو = رات شاديءَ واري محفل ۾ سيني شراب پيتو ھو ۽ سيئي گھڏندا پي ويا.

جملو = رات ڪھڙو اوجاڳو ڪيو ھيئي جو ڏينھن جو پيو گھڏين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي لفظ ”گھہ“ سان ”گھڏڻ“ سيني نسخن ۾ آيل آهي. اسين اهو لفظ ”گ“ سان ”گڏڻ“ تا چئون. جيئن بمبئي ڇاپي ۾ آيل آهي ”گڏي منجهان گھور“. ۽ پڻ لفظ ”گري“ جيڪو سيني نسخن ۾ ”گ تي زير“ سان ”گِري“ آيل آهي اهو اسين ”گ تي پيش سان گُري“ چوندا آهيون. جيئن بمبئي ڇاپي ۾ آيل آهي. بمبئي ڇاپي وارو بيت هيئن آهي:

جاڳــــايس جنبـــور، ڪتــــي قريبـــن جـــي،
ڀھــي پونڪــي اٿيــو، گـــِڏي منجهــان گھــور،
ســـڀ لاهينـــدو ســـور، گـــُرِي هـــن غريــب جـــا.

لفظ ”گري“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”گير ڪري، پئون پئون ڪري“ ڏني آهي جڏهن تہ ڪتي جي ”پئُن پئُن ڪرڻ ۽ پونڪ ڪي“، ”ٻهڻ ۽ پونڪڻ“ تو ڇئجي پر گُرڻ خار جو اهڙو اظهار آهي جنهن ۾ ڏند پيڙي گلي مان آواز نڪتل هوندو آهي. ان ۾ گھٽيل آواز سان گڏ ڇھري جا تاثرات بہ شامل هوندا آهن جنهن ۾ اکيون، نڪ، نرڙ بہ خار جو اظهار ڪن. نہ رڳو ڪتي لاءِ پر ماڻهوءَ لاءِ بہ ”گُرڻ“ چئبو آهي.

جملو = فلاڻي کي الائي ڪھڙو خار آهي، سدائين مون تي پيو گرندو آهي.

”ٻھڻ“ ۽ ”گرڻ“ ساڳي ڳالھ ناهي.

بيت جي سٽ 2 ۾ ”ڀهي ڀهڪي اٿيو...“ آيل آهي. ڪن نسخن ۾ ”ڀهي پونڪي اٿيو“ آهي. اهو ”ڀَهڪي“ الائجي ڇا آهي؟

بيت جي سمجهاڻي = محبوب جي جنبورِ/زنبور (ڏينيوُ) جهڙي شوخ ڪتي اچي سجاڳ ڪيو. هو جاڳ ۽ ننڊ واري حالت ۾ تڙي ٽاٻڙي گھور ڪري پونڪي اٿي بيٺو ۽ ڏند پڪوڙي گُري (ان نموني هن کي سجاڳ ڪرڻ سبب) هن مسڪين تان سڀ تڪليفون لاهي ڇڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر معـذور، داسـتان 1 بيـت 6 جلـد 2،
ڪتـو ڇٽـي قريـب جـا، آهيـون سـاڻ صحـي،
پهريـن ٻـات ٻهـي، پڇـان پـوءِ پـانڊِن ڪـي.

ساڻ :

شيخ = (وفادار) نوڪر.
منگهاڻي = سچا، اشراف، چور جو ضد.
گنج، صفحو 55 (ساڻ سهي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 6.
قليچ، داستان 1 بيت 6.
لغات لطيفي (قليچ) ساڻ = چور جو ضد، چڱو ماڻهو، سڪر، اشراف.
قاضي، داستان 1 بيت 6، ساڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 1 بيت 6، ساڻ = (سنسڪرت، ساڌو) چڱو، خوب.
شهواڻي، داستان 1 بيت 6، ساڻ = چڱا، خوب.
آڏواڻي، داستان 1 بيت 6، ساڻ = اشراف.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 6
قاسمي، داستان 1 بيت 6، ساڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 1 بيت 6، ساڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، لغت "روشني" لفظ "ساڻ" جي معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "ساڌ" جي معنيٰ شيخ صاحب "(وفادار) نوڪر" ڏني آهي.
هي لفظ پڻ اڄ بہ مروج آهي ۽ اسين عام طرح سان ڳالهائيندا آهيون جنهنجي مڪمل ۽ صحيح معنيٰ آهي. "چور جو ضد" پر هاڻي اهو "سچو ۽ اشراف" واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي ۽ هئن چور جو ضد بہ تہ سچو ۽ اشراف ٿي آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر "ساڌُ/ساڌَ" ۽ واحد/جمع مونث "ساڌِ/ساڌيون" آهي پر مونث لاءِ واحد ۽ جمع "ساڌِ" بہ چئجي ٿو.

جملو = مونتي ڏسي وائسي ٻَوڇُ وڌائون، آئون ساڌُ آهيان.

لفظ "ساڌ" جي معنيٰ حالانڪ جن بہ شارحن ڏني آهي درست ڏني آهي، پوءِ الائي ڇو شيخ صاحب ان جي معنيٰ "(وفادار) نوڪر" ڏني آهي. حالانڪ لفظ "ساڌ" نہ رڳو لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ پر ان کان ٻاهر بہ سچائي ۽ اشرافت جو اصطلاح بنيل آهي ۽ هي چوڻيون تہ آئون پانيان ٿي محترم ٻانهي خان شيخ صاحب جون بہ ضرور پڙهيل هونديون تہ، "اوٺنيهہ ڏينهن چور جا، هڪڙو ڏينهن ساڌ جو" يا، "چور ڪي چون گهڙِ، ساڌ ڪي چون جاڳ".

بيت جي سمجهاڻي = ڪتو ٿو چوي تہ، "اسين پنهنجي دوستن سان مڪمل سچا آهيون. پهريون ڪم ٻهڻ/پونڪڻ آهي پوءِ دوست ڏانهن آيل جي آجيان ڪريان ۽ حال احوال ٿو وٺان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر آبري، داستان 1 بيت 12 جلد 2،

جني سندو آهين، سي جي چونئي هَڙِ،
ڪتا قريبن سين، دعوي وجهي مَ دَڙ،
وڏءِ جني وَڙ، تون ڪيئن ڏند ڏيکارين تن ڪي.
(هن بيت جي نمبر ڪي گولو آهي)

**هَڙِ :**

شيخ = ڪنهن جانور کي ڪنهن جاءِ ڏي هڪلي پري ڪرڻ لاءِ ڪم آندڙ آواز.

منگهاڻي = سڀ، جملي.

**دَڙ :**

شيخ = بحث يا جهڳڙو ڪر.

منگهاڻي = ڇينڀ ڪيڻ، تکو ڳالهائڻ.

قليچ، داستان 1 بيت 2 (ڏنگين ۾)

لغات لطيفي (قليچ) هَڙُ = ڦِٽ، ڇينڀ، تڙڻ. دَڙ = جهيڙو يا تڪرار ڪرڻ، تکو ڳالهائڻ.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 8.

هي بيت گنج، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. بمبئي ڇاپي ۾ آهي پر آخري سٽ ٿوري فرق سان آهي. بيت آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنيـــن ســـندو آهيـــن، ســـيئي چونئـــي هـــَـــڙُ،
تـــہ ڪتـــا قريبـــن ســـين، دعـــويٰ پئـــي مَر دَڙُ،
وڏوءِ جنيـــن وَڙُ، وريـــو عـــاقي ٿيئيـــن ان ســـين.
لسبلي ۽ ڪوهستان ۾ "هَڙَ" معنيٰ "سڀ، جملي" آهي.
جملو = هو بي اولاد مري ويو سندس هَڙَ ملڪيت ياڻتي کي ملي.
جملو = مون هَڙَ ٿانو ڌوئي ڇڏيا آهن. تون هڙني کي ڪپڙي سان اگهي وري هڙيئي اندر رکي ڇڏجين.
باقي جانور کي نہ، پر پکيءَ وغيره کي اڏائڻ لاءِ "هـُڙ" ڪبو آهي. يعني، "هـ تي پيش سان"
سٽ آهي،
"جنـــي ســـندو آهيـــن، ســـي جـــي چونئـــي هـــَـــڙِ"
معنيٰ = تـون جـن جـو آهيـن (جيڪـي توکـي ڪـارائين، پيـارين، ساندين ٿا) اهي جي توکي سڀ ڪجهہ چون (ڦِٽ، لعنت، لَٽِ، دڙڪا)
ســـٽ 2: ڪتـــا قريبـــن جـــا، دعـــويٰ وجهـــي مَر دَڙ،
معنيٰ = اي محبوبن جا ڪتا، تون پنهنجو حق سمجهي (جواب ۾) ڪاوڙجي تکو نہ ڳالهائجين.
ســـٽ 3: وڏءِ جنـــي وڙ، تـــون ڪيئـــن ڏنـــد ڏيکـــارين تـــن کـــي،
معنيٰ = تو سان جن مهربانيون ڪيون، تون انهن سان ڏند ڀيڙي ڪيئن ٿو وڙهي سگهين.
لفظ "دڙ" جي متي جملن سان سمجهائي ڏني اٿم تہ. "دڙڻ" وات سان لفظن/جملن سان وڙهڻ آهي. ڏک هٿڻ يا هٿن سان وڙهڻ ۾ جهيڳڙو ڪرڻ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر معـذور، داسـتان 1 بيـت 27 جلـد 2،
پنـڌ مڙوئـي پـاڻ تـي، ويچـاريءَ وڏو،
ڏيـل تنهنجـو ڏک سـين، سـيوئي سـڌو،
هئـڙس اڳ لـڌو، پـوءِ تـي ڪـري پنـڌڙا.

سڌو :

شيخ = سجهيو، سڙي ۽ پچي ويو، ناس ٿي ويو.
منگهاڻي = سيڌو ڪان وانگي.
گنج، صفحو 57.
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 5 بيت 12، (ڏکيءَ ڏورڻ پاڻ تي)
قليچ، داستان 5 بيت 12، (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) سڌو = فنا ٿيو، ناس ٿيو، نابود ٿيو.
قاضي، داستان 2 بيت 2، سڌو = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 5 بيت 11، سڌو = (سنسڪرت، سڌَ)
سجهيو، رڌو، ڪباب ٿيو.
شهواڻي، داستان 5 بيت 11، سڌو = رجهي ويو، سجهي ويو.
آڏواڻي، داستان 5 بيت 11، سڌو = سجهيل، ڪباب ٿيل.
ڏيپلائي، داستان 5 بيت 14،
قاسمي، داستان 5 بيت 12، سڌو = ڪباب ٿيل.
انصاري، داستان 5 بيت 11، سڌو = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 265 سڌو = (جمع) سڌا = سڌا سنوان، سڌي راهہ تي هلندڙ.

لفظ ”سِڌو“ اسان وٽ ٻن معنائن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هڪ تہ، ”سيڌو، سنئون، سبتو، ساڄو“ واري معنيٰ ۾ ۽ ٻيو جنهن معنيٰ ۾ اسين ڳالهايون ٿا اهو شايد ٻي پاسي نہ ڳالهائبو هجي. لطيف پڻ لفظ ”سڌو“ هن بيت ۾ اسان جي ٻيءَ معنيٰ ۾ آندو آهي. ”سِڌو“ معنيٰ ”اهو ڪانُ، اها شيخ“ جنهنجو ظاهري وجود نہ هجي پر جنهنکي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندو هجي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪنهن حصي ۾ سور جي سوٽَ ايري ۽ هو بلڪل چري ڦري نہ سگهي ۽ ايئن لڳي تہ ڪو ڀالو، ڪا شيخ يا ڪان لڳو آهي. تہ چئبو، جملو = ويسريندي پاسي مان سڌو نڪري ويو آهي. ڇُرڻ ڪان لاچار آهيان.

جملو = مونکي ساهرن ۾ ڪهڙو سک آهي. هڪڙو حرف ڪريان تہ سڌا جهليو بيٺيون آهن.

بيت جي سمجهاڻي = هن ويچاريءَ (سسئيءَ) پنهنجي مٿان پاڻ مڙيئي پنڌ/سفر وڌو. (نہ تہ ڪيس خبر هئي تہ انن جي پيرن جي نشانن تي هلي ڪيچ پهچڻ ناممڪن آهي.) ڏک سندس سڄي بدن ۾ ڀالا ۽ ڪان هٽي ڇڏيا آهن، سندس سمورو بدن سورن سڌو ڪري ڇڏيو آهي. (سندس بدن مان سور جون سوٽون ايري رهيون آهن) سندس ڀاڳ ۾ اهو (ڏک ۽ رلڻ) لکيل هو، جيڪو پوءِ هن پنڌ ڪندي ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر معـذور، داسـتان 2، بيـت 1 جلـد 2،
ڏکـيءَ ڏمـر ناهـ، بکـيءَ کـل نـه اجهـي،
اگهـاڙيءَ وهـانءُ، وئـو وروهـڻ وسـري.

**ڏمر :**

شيخ = ڪاوڙ، غصو، چڙ،
منگهاڻي = رسڻ.
گنج صفحو 72
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 14 بيت 72.
شوقيرام، داستان 2 بيت 1 (اگهاڙن وهانءُ، ويو ويچارن وسري)
قليچ، داستان 2 بيت 1 (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) ڏمر = ڪاوڙ، چڙ، غصو.
قـاضي، داسـتان 2 بيـت 1 (شـوقيرام وارو) ڏمـر = معنـيٰ ڏنـل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 1 (شوقيرام وارو) ڏمر = معنيٰ ڏنل ناهي.
شـهواڻي، داسـتان 2 بيـت 1 (شـوقيرام وارو) ڏمـر = معنـيٰ ڏنـل ناهي.
آڏواڻـي، داسـتان 2 بيـت 1 (شـوقيرام وارو) ڏمـر = معنـيٰ ڏنـل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 1 (اگهاڙيءَ وهانءُ، ويچاريءَ وسري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 2 بيت 1 (شوقيرام وارو) ڏمر = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 1 (شوقيرام وارو) ڏمر = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 208 ڏمر = سخت ڪاوڙ، گھڻو غصو.

لفظ ”ڏمر“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڪاوڙ، غصو، چڙ“ ڏني آهي. اسان وٽ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڏمر“ جي معنيٰ آهي ”رسڻ“ بلڪ اسين ”رسڻ“ چئون ئي ڪونہ ۽ چئون ئي ”ڏمر“.

جملو = هو ڏمريو آهي، ماني نٿو کائي. تون ڪيس پرچائي ڪاراءِ.

جملو = الائي ڪهڙي ڳالهہ تان ڏمري آهي، ٻڌائي بہ نٿي. يڪي ڦوسائي ويٺي آهي.

”ڏمر ۽ ڪاوڙ“ ۾ اهو فرق آهي جو ”ڏمريل“ ماڻهو يڪو ماٺ هوندو ۽ ڪاوڙ، غصي ۽ چڙ ۾ ماڻهو گهڻو ڳالهائيندو آهي.

سٽ آهي:

”ڏکــيءَ ڏمــر ناهـــہ، بکــيءَ کــل نـــہ اچھـــي“

يعني = جيڪو ماڻهو ڏکيو/ڏکايل هوندو، اهو ڪيئن رسندو؟ رسندو اهو جيڪو ڏکن کان آجو ۽ واندو هوندو ۽ جيڪو ڏکن کان آشنا نہ هوندو ان کي تہ ٿوري ٿوري ڳالهہ بہ ڏکي لڳندي ۽ هو رسي ويندو. جڏهن تہ ڏکايل پنهنجن ڏکن ۾ ئي پورو هوندو، تنهن کي رسڻ لاءِ واندڪائي ڪٿي هوندي. ”رسڻ“ تہ چاڳ ۽ پربوريت جو عروج آهي. رسندو اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ڪي پرچائڻ جو آسرو هوندو. ڏکيل ماڻهو تہ هيٺو هوندو آهي ۽ رسڻ اڳرائي آهي اها ڏکي ماڻهوءَ کان ڪٿان پڄندي! نہ ئي بکايل ماڻهوءَ کان ڪليو ٿيندو. ڪلڻ لاءِ بہ قوت ۽ طاقت تي گهرجي. اها بکيو/خالي پيٽ ماڻهو ڪٿان آڻي؟ لطيف سرڪار جا لفظ "ڏمر" وارا ڪيئي بيت آهن. جيڪي سڀ "رسڻ" واري معنيٰ ۾ آيل آهن، نہ ڪي ڪاوڙ، غصي ۽ چڙ واري معنيٰ ۾: "ڏير ڏمرجي هليا، ڪرهل قطاري" معنيٰ = ڏير رسي. ڪرها قطاري هليا ويا.

سسئيءَ سان پڻ ڏير، وڙهي ۽ ڪاوڙجي نہ ويا هئا. اهي تہ ايئن ماٺ ميٺ ۾ اڌ رات جو اٿي هلي ويا هئا جو سسئي ويچاري نہ پائين تہ هو ڇا لاءِ هلي ويا آهن ۽ پوءِ هنئياڻ پيئي ڪري تہ، "شايد مونکان سندن خدمت ۾ ڪا ڪسر رهجي ويئي آهي، يا شايد منهنجي ذات انهن لاءِ عيب جو ڪارڻ هئي.

هيس جي سياءِ، تہ ڪيم ڏک ڏيرن تي،
ادب وڃان ان سين، ڳالهہ نہ ڪيم ڪاءِ،
ذات منهنجي ماءِ، ڪچو تي ڪيچين ڪي.

سسئيءَ کي تہ خبر ئي نٿي پيئي تہ هو ڇا کان رسي ويا آهن. هن تہ ادب مان ڪو حرف ئي نہ ڪچيو هو ۽ هو ايئن ماٺ منوڙيءَ ۾ هليا ويا جو ڪيس وڃڻ جو سبب بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. ايتريقدر ماٺ جو سسئيءَ کي انن جي خاموشي تي بہ پيئي چڙ اچي تہ، "اڳي اٿ رڙن، مون پيري ماٺ تي". پر جي ڏير سسئيءَ سان وڙهي، ڪاوڙجي، چڙي غصي ۾ هليا وڃن ها تہ ضرور سسئي بہ ٻڌائي ها تہ، "رات هو مونسان ڪاوڙيا هئا" ۽ ڪاوڙ ۾ ماڻهو اجا عام وقت کان گهڻو ڳالهائيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي آخري سٽ وارو فرق بہ اوھان ڏنو وڏيڪ منصف پاڻ ٿيو.

بيت جي سمجھاڻي = ڏکيءَ جو کھڙو رسڻ؟ نہ ئي بکيءَ کان ڪا ڪل نڪرندي، ۽ جنھن وٽ گندي ڪپڙو ئي نہ ھجي (اگھاڙي/ننگي ھجي) ان کي خوشيون، شاديون مراديون ۽ وندر ڪٿي ياد ھوندي؟

سـر معـذور، داسـتان 2 وائـي 1 جلـد 2،
اي ھل ھوتن ڪارڻ حال، شال سڳر ٿينديڻ ساٿ جي.

**سڳر :**

شيخ = سڳر تي، واٽ تي.
منگھاڻي = برابر، ھڪ جھڙي، مَٽُ، شريڪ.
سـٽ 9: پـري پـپ ورن ۾، وجھـج ڪـا وڙال،

**ورن :**

شيخ = واٽن، راھن، رستن،
منگھاڻي = ڦيرن، وڪڙن، چڪرن.

**وڙال :**

شيخ = وڙال، ڳولا، ڦولا.
منگھاڻي = پڙھو، اعلان، منادي.
گنج، صفحو 161 وائي
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 74 وائي.
شوقيرام، داستان 2 وائي (پپ وٽن ۾)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 2 وائي (پٻ وٽن ۾)

لغات لطيفي (قليچ) سڳر = رستو، سنگت = وڙول = پڇا، ڏس ڪڍڻ، پتو ڪڍڻ. قاضي، داستان 3 وائي. سڳر = رستو (پٻ وٽن ۾) وڙول = ڳولا ڦولا، پڇا ڳاڇا.

گربخشاڻي، داستان 2 وائي (پٻ وڙن ۾) سڳر = معنيٰ ڏنل ناهي. وڙال = وڙول ولوڙ (سنسڪرت، وِلوڊَن) جنبش، ڳولا ڦولا، ڏس پتو.

شهواڻي، داستان 2 وائي (پٻ وڙن ۾) سڳر = معنيٰ ناهي. وڙول = ڳولا.

آڏواڻي، داستان 2، وائي (پٻ وڙن ۾) سڳر = معنيٰ ناهي. وڙال = ڳولا ڦولا، تلاش، جستجو.

ڏيپلائي، داستان 2، وائي (پٻ وٽن ۾)

قاسمي، داستان 2، وائي. سڳر = راهہ، ورن = وٽن. وڙال = جنبش.

انصاري، داستان 2، وائي (پٻ وٽن ۾) سڳر = معنيٰ ناهي. وڙال = ڳولا ڦولا، پڇاڳاڇا.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 275، سڳر = سات واري وات (اصطلاح طور) سات ۾ ساٿي. صفحو 512 وڙول = پڇا. وجهج ڪا وڙال = ڪا وڙال وجهہ، چوڌاري ڪا پڇا ڪج.

لفظ ”سڳر“ جي معنيٰ هتي سر معذوريءَ ۾ گھڻن شارحن نہ ڏني آهي پر متفقہ طور/گڏيل نموني تقريبن سيني شارحن لفظ ”سڳر“ جي معنيٰ، ”وات، راهہ، رستو“ ڏني آهي، جيڪا شيخ صاحب هتي بہ ڏني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اها پڻ درست تي سگهي ٿي پر لفظ "سڳر" لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ جنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو اها ڀڪ سان ٻين سيني پٽن لاءِ نئين ۽ اڻ ٻڌل هجي. اها آهي "هڪ جهڙي، برابر، شريڪ". مون جڏهن لطيف جي ڪلام ۾ لفظ "سڳر" ان ٻيءَ معنيٰ ۾ سمجهيو تہ نهايت خوشگوار حيرت ٿيم ۽ لطيف تي اوتجي پيار آيو جنهن سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ ۽ لهجي کي پنهنجي امر ڪلام ۾ آڻي حيات جاودان بخشي آهي. جبل جا ڪي انتهائي مخصوص لفظ، جن جي مخصوص معنيٰ هوندي آهي جيئن لفظ "سڳر" سندس ڪلام ۾ ڏسي ڪڏهن ڪڏهن شڪ ٿيندو اٿم تہ، "لطيف، ٻڪڪ تہ نہ هو؟" ۽ پوءِ کلي ڏيندي آهيان.

سٽ آهي،

"هل هوتن ڪارڻ حال، شال سڳر ٿيندينءَ سات جي."

معنيٰ = حال فلحال تہ تون پنهونءَ لاءِ هل (ايئن ئي اڪيلي پنڌ ڪر) پوءِ الله ڪندو تہ تون انن جي قافلي ۾ (جيڪو پنهونءَ کي وٺي پيو وڃي) انهن جي برابر/هڪ جهڙي ٿيندينءَ، يعني، انهن جي شريڪ، انهن ئي جهڙي ٿيندينءَ.

جملو = هن ويڳي ڌيءَ کي بہ پنهنجي سڳي ڌيءَ سڳر ڏاج ڏنو آهي.

جملو = مونکي پنهنجا پائٽيا، ٻچن سڳر آهن.

يا ڪنهن چيز وراهڻ مهل جي ڪنهن کي شڪايت ٿي تہ مونکي ٿورو هنن کي گهٽو مليو آهي. تہ جواب ڏبو.

جملو = مون تہ توکي بہ هنن سڳر ڏنو هو، وڌيڪ تنهنجي نيت ڄاڻي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو لفظ آهي "ورن" جنهنجي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم جيڪو اوهان ڏٺو تہ مختلف نسخن ۾ مختلف صورتن ۾ آيل آهي. يعني، "ورن، وٽن، وڙن". قاسمي صاحب واري نسخي ۾ لفظ "ورن" آيو آهي پر ان جي معنيٰ "وٽن" ڏني اٿس ۽ شيخ صاحب "ورن" جي معنيٰ "واٽن، رستن، راهن" ڏني آهي.

سٺ آهي،

"پـــــري پـــــب ورن ۾، وجهـــــج ڪـــــا وڙال"

معنيٰ = هلي وڃي پب (جبل) جي ڦيرن، چڪرن ۾ ڪي پڙها/اعلان ڪر. (پنهونءَ جي وڃڻ جا/گمشدگيءَ جا)

لطيف چواڻي، "جنهنجي وائيءَ ۾ وَرَ گهڻا" معنيٰ جنهنجي زبان ۾ چڪر گهڻا.

"پـــــري پـــــب ورن ۾..." معنـــــيٰ، پـــــب جبـــــل جـــــي ورن/ڦيرن/چڪرن/وڪڙن ۾ پنڌ ڪري وڃي. "وجهج ڪا وڙال..." معنيٰ وڃي پڙهو ڦيراءِ/ اعلان ڪراءِ (تہ پنهون وڃائجي ويو آهي. جي ڪنهن ڏٺو هجي تہ مونکي اچي ٻڌائي.) لفظ "وڙول/وڙال" شيخ صاحب واري نسخي ۾ مٿي سر آبڙي، داستان 1 بيت 23 ۾ سٺ. "ويهہ م َ منڌ ماٺ ڪري، اٿي وجهہ وڙول" ۾ آيو آهي پر جيئن تہ اهو بيت ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ نہ هو ۽ جيئن تہ هن وائيءَ ۾ اچڻو هو تنهن ڪري چاهيم تہ سيني شارحن جي ڏنل معنائن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي." لفظ "وڙول" لسٻيلي ۾ ڪوهستان ۾، اعلان ڪرائڻ، پڙهو ڦيرائڻ ۽ منادي ڏيڻ ڪي چئبو آهي. مثال ڪنهنجو وهيٽ وغيره گم ٿي وڃي ۽ ٻُولا ڦولا ۽ پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ بہ نہ ملي تہ اهڙي مهل چئبو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ابا، دل لاڙي ويھـ نـہ، اتـي ڪـو ڳوڻـن راڇـن ۾ وڙول وجھہ. مانَ ڪتان ملي پوي.

جملو = امان، وڙول تہ جتي ڪٿي وڏي اٿم.

يعني، ڳولا ڦولا، پڇا ڳاڇا ماڻھو پاڻ ڪندو آھي پر "وڙول" بيـن تائين اطلاع پھچائڻ/ڪـرڻ آھي تـہ، "منھنجي فلاڻي شيءِ گم ٿي ويئي آھي."

سـر معـذور، داسـتان 5 بيـت 5 جلـد 2،
ھـاڻ نـہ جيئـان جيـڏيون، زلـف زاف ڪيـاس،
ڪـاڪل آئـون ڪنيـاس، ڀنيـو جـو ڀنيـور ۾.

**ڀنيو :**

شيخ = ڪارو، سھڻو، گھنڊيدار (وار)

منگھاٽي = گھاٽا/گھرا.

ھن بيت کي بين نسخن سان ڀيٽڻ جي ضرورت ان لاءِ بہ ڪانهي ڇو جو ھتي آئون لفظ "ڀنيو/ڀنيا" جي ھڪ نئين معنيٰ متعارف ڪرائي رھي آھيان. ھونئن تہ "ڀنيا وار" گھاٽن ۽ گھرن" وارن کي چئجي ٿو، پر لسـبيلي ۽ ڪوھسـتان جـا رھـاڪو "ڀنيـو" وارن جـي ان خوبصـورت ڊزائين/سيٽنگ کي چون جيڪو نرڙ ڪان وارن کي مٿي ڦٽي ڏيئي وري ٿورو حصو ڇڏي آڏي ڦٽي ڏيڻ سان بنجندڙ خوبصورت وارن جو گل نھندو آھي.

جملو = فلاڻو تہ ڀنيو ڪڍي جيئن گھران نڪري ٿو تہ آڏين جو وري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = دليپ ڪمار جو ينيو ڪيترائي سال نندي ڪنڌ ۾ فيشن هو. هر ڪو ينيو ڪڍي دليپ ڪمار ٿيو پيو گھمندو هو.

لفظ "ينيو" بابت هيءَ نئين معلومات اميد تہ دلچسپ لڳي هوندي!! لطيف سرڪار انتهائي ذهين هو، جنهن کان سنڌ ڌرتيءَ جو ڪوبہ لفظ گھُٽ هٽي نڪري نہ سگھيو. لفظ "ينيو" بہ ضرور مٿي سرڪار (لطيف) هن معنيٰ ۾ لسبيلي ۽ ڪوهستان واري سفر دوران ڪنهن عورت واتان ٻڌي ورتو هوندو جيڪو هن بيت ۾ جَڙيل نظرِ اچي رهيو آهي. يا ٿي سگھي ٿو ان معنيٰ ۾ لطيف سرڪار پاڻ بہ ڳالهائيندو هجي.

لفظ "ينيو/ينيا" بابت اڳتي اهڙي هنڌ وڏيڪ سمجهاڻي ڏينديس جتي ان لفظ جي معنيٰ مختلف ۽ متضاد ڏنل هوندي. بهرحال هتي اهو بہ عرض ڪندي هلان تہ "گھنڊيدار" وارن کي "ينيا" نتو چئجي.

سـر معـذور، داسـتان 5 بيـت 22 جلـد 2،
جيسـرميرياڻيون جـڳ مـان، لـڏي ويـون لـوءِ،
هـاڻي هنهـان پـوءِ، لنـديون رهـن لـب ۾.

لَبَ :

شيخ = پاسي ڪنڌ، لڪ ڇپ، گوشي.
منگھاڻي = لالچ، رشوت، خريدو فروخت، لوڀ.

شيخ صاحب جو گھڻو تڻو مدار گنج تي آهي ۽ ٻيو لڏل بيتن واري ڪتاب "املهہ اٽوريا" تي آهي جيڪو حقيقت ۾ اٽوريل/ اڻ تحقيق" ٿيل ڪتاب آهي جنهن ۾ آيل لڏل بيت، نہ رڳو گنج ۾ آهن پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ڇاپي کان وٺي ڏيپلائي صاحب واري نسخي تائين ۾ اڳ موجود آهن، پر هي مٿيون بيت گنج ۽ ڪتاب املهہ اٽوريا سميت ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي جيڪا ڳالهہ بيت جي نمبر کي ڏنل ڊائري سان پڻ واضح ٿيل آهي. بيت ۾ آيل لفظ "لَبَ" منهنجي موضوع جي دائري ۾ آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب، "پاسي، ڪنڊ، لڪ ڇپ ۽ گوشي" ڏني آهي. لفظ "لَبَ" اسين اڄ بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا "لالچ، رشوت ۽ خريدو فروخت" واري معنيٰ ۾ ۽ خريدو فروخت بہ اها جيڪا غلط ڪم ۽ مال جي هجي.

جملو = جج کي اسان جي مخالفن ڏيئي وٺي لبي ڇڏيو آهي.

جملو = ٻڌي ڇڏ ڙي! اسين لبڻ جا ناهيون. وڃي انهن کي لَبِ جن کي لبي سگهين ٿو.

سٽ آهي،

"هـــاٽي هنهـــان پـــوءِ، لنـــديون رهـــن لـــب ۾"

معنيٰ = هاٽي انهن کان پوءِ بدڪار عورتون وڪڻڻ ۽ وٺڻ واري ڪاروبار سان گڏ رهنديون. (ڇو جو جيسرميرياٽيون هي جهان ڇڏي ويون آهن. جن لاءِ مشهور هو تہ،

تـــن جيســـرميرياٽين جـــَــسُ، جـــي لله ڪـــارڻ لنـــديون،
لالاٽـــي لطيـــف چئـــي، ڪانـــ رهيـــس ڪـــَـــسُ،
هـــت بـــ رهيـــن رَسُ، هـــت بـــ گـــڏيون هـــوت ڪـــي.

يا

"اجـــا ڪـــي آهيـــن، جيســـرميرياٽيون جـــڳ ۾،
نيـــو لـــڳَ لاهئيـــن، لله ڪـــارڻ لطيـــف چئـــي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، ڪتاب املھ اٽتوريا ۽ شيخ صاحب واري نسخي ۾ آيل ”جيسرميرياٽين ۽ لنڊين“ بابت بيت ڇا لطيف جا آهن؟ ان تي اڳ ۾ به گهڻو بحث ٿي چڪو آهي. ان ڳالهہ جي تحقيق ٿيڻ گهرجي ۽ ان جو جواب ملڻ گهرجي ۽ پوري تحقيق کان پوءِ ئي انهن بيتن کي لطيف جي ڪلام ۾ شامل ڪيو وڃي. بيت جي سمجهاڻي واضح آهي.

سر معذور، داستان 6 بيت 3، جلد 2،
مٺي تي مدعا گهري، موت ٿيو موجود،
اڄين ته اڄ ڪريان، صباح جو سجود،
جيڪي ني وجود، جيڪي ميڙ مُنيءَ کي.

نِي :

شيخ = ڪڍي وٺ
منگهاڻي = وٺي وڃ/ڪٽي وڃ
گنج صفحو 14
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 7 بيت 40
شوقيرام، داستان 6 بيت 3
قليچ، داستان 6 بيت 3
لغات لطيفي (قليچ) ني = نيو = ڪٽي.
قاضي، داستان 3 بيت 5، ني = ڏوبڻ، ڪٽياڻي.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت 3، ني = ني وجود = ساهہ وٺي وڃ يعني مونکي مار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 6 بيت 3، نـي = هتي يا وجود وٺي وڃ يعنـي مار.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 3، ني = وٺ، وڃ.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 5، ني = (جانڪي ني...)

قاسمي، داستان 6 بيت 5، ني = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 6 بيت 3، ني = ڏوبڻ، ڪٺياڻي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 485، ني = ڪٺي وڃي (فعل نيڻ)

لفظ "ني" جي معنيٰ آهي "ڪٺي وڃ/وٺي وڃ" سٺ آهي،

جيڪـي نـي وجـود، جيڪـي ميـڙ مـُـنيءَ ڪـي.

معنيٰ = يا تہ (منهنجو) وجود ڪٺي وڃ، يا تہ قريـل/لٺيـل ڪـي ملاءِ (پرينءَ سان)

لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "ني" عـام طرح اڄ بہ ورتـو وينـدو آهي. "وڃ" واري معنيٰ ۾، يعني "ڪٺي ني/وٺي ني/پلي ني" ۽ "نـي" لاءِ ضروري آهي تہ ٻيو بہ ڪجهہ هجي. باقي جي خالي ڪنهن چيو تہ "وڃ" تہ ان لاءِ "نـي" ڪونہ چئبو. "ني" معنيٰ ڪجهہ ڪٺي وڃ، "ني وجـود" معنـيٰ وجود ڪٺي وڃ.

جملو = نينس تي تہ پلي وٺي ني.

جملو = نينِ آٽينِ مرضيءَ وارا آهن.

جملو = توڪي هي ڪپڙا وٺن تا تہ پلي ني. آئـون جهليـان ڪونہ تي.

لفظ "مـُنيءَ" جي معنيٰ آهي "قريل، لـُٺيل" جيڪـا هن بيت ۾ شيخ صاحب "مصيبت جي ماريل، ننڌڪي، بدبخت، نياڳي" ڏني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تہ هن ساڳيئي لفظ جي معنيٰ سر معذور، داستان 6 بيت 2 ۾، ”منيءَ کي، بدبخت کي، نياڳيءَ کي، مصيبت يا ڏکن جي ماريل کي.“ ڏني آهي.

بيت جي سمجهاڻي = لتيل ۽ ڦريل پنهنجو مقصد ٿي گهري. (ميلاپ جون دعائون ٿي گهري) تہ مٿان موت حاضر ٿيو. تون (محبوب) جي اچين سگهين تہ آئون سياڻي وارو سجدو اچ ئي ڪري ڇڏيان. يا تہ وجود ڪٽي وڃ، يا تہ ڦريل کي ملاءِ. (جانب سان).

سر معذور، داستان 7 بيت 16 جلد 2،

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏيئي پٽولي لاٽگ،
سسئي مور ٻچن جيئن، ٿاريءَ ٿاريءَ ڇانگ،
ڪانڌي ٿينديس ڪانگ، هو جي روڏ رڃن جا.

## پٽولي :

شيخ = پٽوليءَ جي، پوتڙي (ڪپڙي جي ٽڪر) جي پوتيءَ جي، چادر جي.

منگهاڻي = ريشمي، پَٽَ جي پٽن پٽن واري ريشمي سوسي (سٽڻ) جي.

## لاٽگ :

شيخ = لاڪ، گوڏ، سندرو، ڏاب.

منگهاڻي = وڏو/ ڊگهو قدم، وڏيون وکون، پوري سڄي ٽنگ جي وڏيل وک، ٻڙانگهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 86 ۽ 89

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 3 بيت 13

شوقيرام، داستان 7 بيت 14

قليچ، داستان 7 بيت 14

لغات لطيفي (قليچ) پٽولي = پٽاڻيءَ = پٽ يا ريشم ڪان بہ ڪونئرا.

پٽولو = پٽورو، پٽ جو چولو، پيشگير، پٽ جو ڪپڙو. لانگ = تنگ، ٻرانگهہ.

قاضي، داستان 6 بيت 13، پٽولي = پٽولا = پٽ جا ڪپڙا. لانگ = ٻرانگهہ، تنگ.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 13، پٽولي = پٽولو (سنسڪرت، پَٽَ + اولو) پٽ جو ڪپڙو، ريشمي ساڙي يا پشگير. ڏيو پٽولي لانگ = ريشمي پشگير جي لانگ ورائي.

شهواڻي، داستان 6 بيت 13، ڏيو پٽولي لانگ = ريشمي پشگير جي لانگ ورائي.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 13، پٽولي = ريشمي پشگير. لانگ = تنگ.

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 14،

قاسمي، داستان 7 بيت 14، پٽولي = ريشمي ڪپڙو. لانگ = معنيٰ ناهي.

انصاري، داستان 7 بيت 13، پٽولي = پٽولا = پٽ جا ڪپڙا. لانگ = ٻرانگهہ، تنگ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ لغت ”روشني“ صفحو 100 پٽولي = پٽورو. پٽولو = مٽي جو ڪپڙو. ڏيو پٽوري لانگ = مٽي جي ڪپڙي سان لانگ ڪدي. لانگ = معنيٰ ناهي.

لفظ ”پٽولي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”پٽوليءَ جي، پوتڙي (ڪپڙي جي ٽڪر) جي، پوتيءَ جي چادر جي“ ڏني آهي ۽ بلوچ صاحب بہ اهائي ساڳي معنيٰ ڏني آهي يا وري ”مٽي جو ڪپڙو“ چيو آهي. باقي ٻين سيني شارحن، پٽ جو، ريشمي ڪپڙو“ ڏني آهي. لفظ ”لانگ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”لاڪ، گوڏ، سندرو، ڏاپ“ ڏني آهي، جڏهن تہ ٻين شارحن ”ٻرانگهہ، ٽنگ“ ڏني آهي، جڏهن تہ اسان وٽ پٽولي جي معنيٰ آهي ”پٽ جي، ريشم جي، يا تہ، پٽن پٽن واري، سوسيءَ جي“ ۽ ”لانگ“ جي معنيٰ آهي ”وڏي وڪ، سڄي پوري ٽنگ جو وڏيل قدم، ٻرانگهہ“. سٽ آهي، ”ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏيو پٽولي لانگ“. هاڻي جي اسين شيخ صاحب جي ڏنل معنائن جي آڌار سٽ جي معنيٰ ڏسون ٿا تہ، سامهون ڪرهت جهڙو منظر اچي ٿو وڃي، جنهن ۾ سسئيءَ کي ڪپڙي جي ٽڪر جي لاڪ/سندرو/ڏاپ گوڏ ٻڌل آهي ۽ هوءَ ڊوڙندي، سٽون ڏيندي وٽن تان چڙهندي پيئي وڃي. جڏهن تہ سسئي نئين ٻلڪہ ڀرين رات جي سينگاريل ڪنوار هئي ۽ ريشمي سوسي سٿڻ ۽ گج (جيڪو اڄ بہ اتي ڪنوار جو عروسي جوڙو آهي) ۾ ملبوس هئي. اڃا سندس گهڙي پل لاءِ ئي اک لڳي هئي ۽ اتنديئي ڪيس ان قيامت جي خبر پيئي (تہ، پنهونءَ کي پائر ڪٺي ويا آهن) ۽ هوءَ هڪدم انهيءَ پل ئي انن جي پونيان سندن تازن پيرن جي نشانن تي ڊوڙندي پڄندي، جهر جهنگ لتاڙيندي، ٻرانگهون ڀريندي، وڻ ٽڻ ڇليندي پوريندي ڪيچ ڏانهن ڪاهيندي پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي. پوءِ وچ ۾ اھو بيشدو ۽ اگھاڙو لباس ڪتان آيو؟ ”لانگ“ اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ وڏي وک لاءِ عام ڳالھايو وڃي ٿو.

جملو = ڪڏ ويڪري ڪانھي، لانگ ورائي اڪري اڄ.

جملو = وڻ جو ٿڙ آفت ڪونھي جو بيھي رھيو آھين، لانگ ڏيئي آءُ.

جملو = پنڌ وڏو ھو پر ھو وٺن ٽٽن تان لانگون ڏيندو پي ويو.

سٽ آھي ”ولاڙيو وٺين چڙھي، ڏيئي پٽولي لانگ“.

معنيٰ = ھوءَ (سسئي) ڊوڙندي سٽون ڏيندي، پٽ جي سوسي سٽڻ پاتل ٽنگن سان وڏيون وکون ڪٽندي، ٻڙانگھون ڏيندي وٽن تان چڙھندي پيئي وڃي.

ھي بيت ڪن نسخن ۾ ٻن سٽن تي ٻڌل آھي ۽ سٽ، ”ڪانڌي ٽينديس ڪانگ، ھو جي روڏ رڄن جا.“ گھڻن نسخن ۾ موجود ناھي.

بيت جي سمجھاڻي = ھوءَ (سسئي) سٽون ڏيندي/ڊوڙندي پٽ جي سوسي سٽڻ پھريل ٽنگن سان وڏو وکون ڪٽندي/ٻڙانگھون پريندي پيئي وڃي. ھڪ ھڪ ٽاريءَ تان مور جي ٻچن وانگيان ٽپ ڏيندي/ٽپال ڏيندي ٽي وڃي. لوڻن، ننڍن ٻوٽن يا پٿرن جي پر مان لنگھي نٽي تہ متان دير ٿيئي. پر ھوءَ انھن جي متان لانگون ڏيندي، اورانگھيندي ٿي وڃي اھڙي صورت ۾ جي ھوءَ مري ٿي پوي تہ انھن رڻن/بيابانن/جھنگن/جبلن ۾ تہ ڪانگ ئي سندس ڪانڌي (جنازي کي ڪلھو ڏيندڙ) ٿيندا. جيڪي رڄ جا جانور آھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر معذور، داستان 8 بيت 1، جلد 2،

اڌر نڌر ايري، اسونهين آهيان،
لڙڪ لال لطيف چئي، وَرَ لئي وهايان،
هيجان هنجون حب ۾، هوتن لئي هاريان،
پيهان پچايان، جي مون نئو پاڙ سين.

## ايري :

شيخ = هيٺي، ضعيف، ڪمزور

منگهاڻي = گهٽ، موڙي، ڪمتر.

گنج، صفحو 22

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 21 بيت 108

شوقيرامہ، سر آبري، داستان 8 بيت 1،

قليچ، سر آبري، داستان 8 بيت 1،

لغات لطيفي (قليچ) ايري = ايريون سيريون = ڏٻريون ۽ ٿلهيون.

قاضي، سر آبري، داستان 6 بيت 1، ايري = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 1، ايري = (سنسڪرت، آ = نہ + بَلَ = طاقت) بي طاقت ڪمزور، ضعيف.

شهواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 1، ايري = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 1، ايري = ضعيف، هيٺي.

ڏيپلائي، سر آبري، داستان 8 بيت 1،

قاسمي، سر آبري، داستان 8 بيت 1، ايري = ايڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، سر آبري، داستان 8 بيت 1، ايري = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 9، ايري = هيٺئي.

هي بيت سيئي نسخن ۾ سر آبري ۾ آيل آهي. شيخ صاحب اهو بيت، سر آبري مان ڪڍي ڇو سر معذوري ۾ آندو آهي؟ جواب ضرور وٽس هوندو! لفظ "ايري" لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "گھٽ ۽ مَوڙي" واري معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو.

جملو = هو سيرا آهن. اسان ايرن کي ڪٿي سگھَ ڏيندا.

جملو = رنگ ۽ ڦور سنو آهي پر ڪپڙو صفا ايرو آهي.

جملو = ڪير ٿو چوي تہ ڏيءَ کي ايرو ڏيج ڏنائون آهي. ڪپڙا ايرا هئا، سوڙيون ايريون هيون، ڪهڙي چيز ايري هئي؟ هر چيز سني سيري هئي. مڙيئي ويچارن جي وچ وارن بدناموسي ڪئي.

بيت جي سمجهاڻي = آئون بنا سهاري جي ننڍڙڪي مَوڙي/گھٽ/ڪمتر آهيان. (پنهونءَ جي خاندان جي حيثيت کان) ۽ اڻواقف آهيان. (واٽن جي/ڪيچ جي) ۽ پنهنجي ڪانڌ لاءِ پيئي رت جا ڳوڙها ڳاڙيان. حب (ندي) جي ڪنارن/پاسن مان (هلندي/ پنڌ ڪندي) پيئي پنهنجي محبوب لاءِ چاهہ مان لڙڪ لاڙيان. پنهنجي دلبر کي نماڻائيءَ سان ٿي ريجهايان. (اي محبوب) اوهين جي مونکي پاڻ سان گڏ (گولي/ٻانهي ڪري) وٺي وڃو تہ آئون جيڪر (اتي ڪيچ ۾ وڃي) جنڊ پيهان ۽ مانيون پچايان/توٽيون ڪريان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر معـذور، داسـتان 8 بيـت 4 جلـد 2،

اڏر نـڏر ايـري، اوڳـي اوائـي،
لاڳـاپن لطيـف چئـي، منـڌ رائـي رهـائي،
ڪانـہ تـُـهاري تڪريـن، سـاٽس سـڳائي،
جلـڻ جـڏائي، آري لاهـہ اصيـل ڪـي.

## اوائي :

شيخ = توائي، موڙهيل

منگهاٽي = بيعقل ڇڙواڳ، آزاد بينوائي، بي متي. (منهنجي ڪتاب "ڇپر ڪين ڏي..." جي صفحي 115 تي لفظ "اوائيءَ" جي ڏنل معنيٰ ۾ ڏنگين ۾ آيل "(اوائي، توائي گڏ استعمال ٿيندا آهن)." لفظ منهنجا ناهن ان جي ايڊيٽر ادي فهميده جا آهن. اها وضاحت ان لاءِ بہ ضروري آهي جو هتي شيخ صاحب لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ "توائي" ڏني آهي. جيڪا درست ناهي.)

گنج، صفحو 22

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 21 بيت 107

شوقيرام، داستان 8 بيت 4.

قليچ، داستان 8 بيت 4.

لغات لطيفي (قليچ) اوائي = ناداني، بيعقلي، خراب وائي يا ڳالهہ.

قاضي، سر آبري، داستان 6 بيت 4، اوائي = موڳي، نادان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 4، اوائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 4، اوائي = توائي، پريشان.

آڏواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 4، اوائي = توائي، موڙهيل.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 5 (سر آبري)

قاسمي، سر آبري، داستان 8 بيت 4، اوائي = پريشان.

انصاري، سر آبري، داستان 8 بيت 14، اوائي = موڳي، نادان.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 32، اوائي = توائي، هلڪڙو، بنا سوچ ويچار جي هلندڙ، موڙهيل.

لفظ ”اوائي/اوائو“ بيوقوف جانور کي چئبو آهي. ان حوالي سان ئي اهڙي ماڻهو کي بہ چئبو آهي جيڪو، ”بينوايو آزاد، بيعقل ڇڙواڳ“ هوندو آهي.

جملو = فلاڻيءَ کي نڪا جهل نڪا پل اوائي ڪوڏيءَ جيان تي سارو آرو ڏينهن رلي، متا ڏي.

لفظ ”ڪوڏي“ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”رڍ ۽ ٻڪريءَ (ٻڪريءَ) کي چئجي ٿو. ڳيون، مينهن يا اٺ کي ڪوڏي نٿو چئجي ۽ جي ڪو ماڻهو بنا سوچ جي ڇڙواڳ لهجي ۾ جيئن وڻندس تيئن ڳالهائي ويندو تہ ان لاءِ چئبو،

جملو = فلاڻو مونسان اوائو ڳالهائي ويو آهي.

جملو = هو آهي تہ ساراتو پوءِ توسان ڪيئن اوائو ڳالهائي ويو آهي.

هتي جملن ۾ ماڻهوءَ کي نہ پر ڳالهائڻ کي اوائو چيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽ آهي. ”اڏر نڌر اپري، اوڳي اوائي“

معنيٰ = آئون بنا سهاري، ننڌڻڪي، ڪمتر ۽ بنا نوا ۽ عقل جي آزاد آهيان. ڪي لفظ اهڙا هوندا آهن جن جي سمجهاڻ لاءِ جيئرا منظر تا گهرجن. زباني يا لکت ۾ ڪيتري بہ سمجهاڻي ڏجي تڏهن بہ ان جي مڪمل سمجهاڻي نٿي ٿي سگهي.

بيت جي سمجهاڻي = آئون بنا سهاري جي، ننڌڻڪي، ڪمتر موڳي ۽ بيعقل ڇڙواڳ آهيان. (پنهونءَ سان) ناتي ۽ تعلق جي ڪري، مائي/عورت رڻ ۽ راڻ ۾ ٿڪي ۽ ترسي. اي آري/پنهون! (آري، پنهونءَ جي پيءُ جو نالو. ان نسب سان آرياڻي ذات جي شاخ) تون هن شريف ۽ وفادار عورت (سسئيءَ) تان جلڻ، ڪامڻ ۽ هيٺائي لاهہ/پري ڪر.

سر معذور، داستان 8 بيت 7 جلد 2،

اڏر نڌر اپري، سڌر هئي سچي،

معذور تي مارو ڪيو، اولاڪن اچي،

متي راهہ رچي، تي لال لطيف چئي.

**سڌر :**

شيخ = گهڻو، زيادهہ،

منگهاڻي = مضبوط، سگهي، طاقتور.

**اولاڪن :**

شيخ = فڪرن، ڳڻتين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = اٺن، سوارين.

گنج، صفحو 8

اولاڪـــن اڇـــي، معـــذور ڪـــي مـــاڙهو ڪيـــو
وســـاريج مَ وَرَ ڪـــي، منجهـــان ڪَـــر ڪچـــي،
لاهـــي لاڳاپـــا لنگهـــ تـــون، ســـيڻن ڏونهـــن ســـچي،
ســـپڪ تـــي ســـورن ســـين، پهچنـــديءَ پچـــي،
منجهـــان راهـــ رچـــي، ڏينـــديءَ لال لطيـــف چئـــي.

(اصل "مارو")

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 31 بيت 173 (ساڳيو گنج وارو ۾ لفظ "ماڙهو" آهي.)

شوقيرام، ابيـات متفرقـ بيـت 10 (گنـج وارو، مـاڙهوءَ بـدران "مارو" آهي)

قليچ، سر آبري، داستان 8 بيت 1 (ڏنگين ۾ شيخ وارو)

لغات لطيفي (قليچ) سڌر = مضبوط، ٿلهو، گهڻو، زياده، زور وارو ماڙهو، سگهر.

اولاڪن = اولاڪو = اٺ، الڪو، فڪر، ڳڻتي.

قاضي، سر معذوري، داستان 2 بيت 17 (شوقيرام وارو) سڌر = معنيٰ ناهي.

اولاڪن = اولاڪو = الڪو، ڏک، صدمو.

گربخشاڻي سر آبري ابيـات متفرقـ بيـت 10 (شـوقيرام وارو)

اولاڪن = اولاڪو/الڪو (سنسڪرت، الڪا) باهہ جو مچ، سوز، ساڙو، پيچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، سر آبري، ابيات متفرقہ بيت 10 (شوقيرام وارو) اولاڪن = الڪن، سوز، محبت جو مچ.

آڏواڻي، آبري، ابيات متفرقہ بيت 10 (شوقيرام وارو) اولاڪن = ڳڻتين، محبت جي مچن.

ڏيپلائي، آبري، ابيات متفرقہ بيت 10 (شوقيرام وارو)

قاسمي، آبري، ابيات متفرقہ بيت نمبر ڪونھي (شوقيرام وارو) اولاڪن = الڪن.

انصاري، آبري، چوٿڪي آبري بيت 10 (شوقيرام وارو) اولاڪن = اولاڪو = الڪو، ڏک، صدمو.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 265 سٽر = سگھو، ڏاڍو، چاڙو، ۽ حوصلي وارو. صفحو 36، اولاڪن = اولاڪُ (جمع اولاڪ) = سواريءَ جو جانور (اٺ، گھوڙو) اولاڪن اچي = اٺن اچي.

ھي بيت سواءِ قليچ صاحب واري نسخي جي ٻيو ڪنھن بہ نسخي ۾ ناھي. ٻين سيني نسخن ۾ مٿي لکيل گنج وارو بيت آيل آھي. جنھنجي پھرين سٽ ”اولاڪن اچي، معذور کي ماٺھو ڪيو“ آھي. جڏھن تہ ٻين سيني نسخن ۾ ”اولاڪن اچي، مارو ڪيو معذور تي“ آيل آھي. گنج وارو مذڪوره بيت پڻ شيخ صاحب واري نسخي ۾ ھن ئي سر معذور جي، داستان 8 ۾ بيت 8 آيل آھي، پر اتي جيئن تہ لفظ ”اولاڪن“ جي معنيٰ ڏنل ناھي تنھن ڪري ھن بيت کي منتخب ڪيم جتي لفظ ”اولاڪن“ جي معنيٰ ڏنل آھي جيڪا شيخ صاحب سان گڏ سيني شارحن ”فڪر، ڳڻتي“ ڏني آھي، سواءِ بلوچ صاحب جي، جنھن بلڪل درست معنيٰ ڏني آھي، اٺ، سواري“ ۽ پڻ قليچ صاحب بہ معنائن جي لاٽيہ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”اٺ“ بہ ڏيئي ويو آهي. هي لفظ واحد ”اولاڪ“ ۽ جمع ”اولاڪَ“ آهي، جنهنجي معنيٰ، فڪر ۽ ڳڻتي ضرور محترم شارحن لفظ ”اولاڪن“ کي ”الڪو ۽ الڪن“ سمجهي ڏني آهي. اهو بہ شڪر جو لفظ ”اولاڪن“ کي ”اولاڪن“ ئي رهڻ ڏنو آهي پر جي ان کي بگڙيل لفظ يا ڪاتبن ۽ ڪتابت جي غلطي سمجهي ڪڍيو ويو هجي تہ اسان کي ڪهڙي خبر پوي ها تہ اسانجو هي لفظ بہ لطيف جي ڪلام ۾ آيل هو. ايئن نہ ڄاڻ ڪيترا لفظ معنيٰ نہ اچڻ جي صورت ۾ صفحہ هستيءَ کان مٽجي ويا هوندا.

”اولاڪ“ اهڙي اٺ کي چئبو آهي. جنهن تي سواري ڪجي. يعني عام سواريءَ جي اٺ کي ”اولاڪ“ تو چئجي. پوءِ لفظ ”اولاڪ“ اهڙي وسعت وٺي ويو جو اهو ”سواريءَ“ واري معنيٰ ۾ اچڻ لڳو، جنهن ۾ پوءِ ”گهوڙو ۽ گڏهہ“ بہ اچي ويا. حد اها جو جڏهن سواريءَ لاءِ گاڏيون آيون تہ جبل جا ماڻهو گاڏين کي بہ ”اولاڪ“ چوڻ لڳا.

جملو = پنهنجو اولاڪ ناهي تہ ٻين جي منهن ۾ تا نهاريون. نہ ڪيڏانهن اچڻ جهڙا نہ وڃڻ جهڙا آهيون.

جملو = تو وٽ اولاڪ آهي، مونکي بہ شهر وٺي وڃجانءِ.

ايئن بار کڻڻ واري اٺ کي ”باريگ“ تو چئجي. ”مهري“ وري اهڙي اٺ کي چئبو آهي جيڪو ڪنهن خاص ماڻهو جي سواريءَ لاءِ ۽ گوءِ لاءِ هوندو آهي جنهن تي ڪڏهن بہ بار نہ رکبو آهي.

بيت ۾ آيل لفظ ”سڌر“ جي معنيٰ بابت ٻين شارحن جي معنائن جا حوالا ان ڪري ناهن جو ٻين سيني نسخن ۾ آيل بيت ۾ لفظ ”سڌر“ موجود ئي ناهي. لفظ ”سڌر“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”گهڻو ۽ زياده“ ڏني آهي. حالانڪ سر سريراڳ، داستان 3 بيت 5 سٽ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جيلاهين سڌر سڪاٽياس، وهي تي وهہ سامهين.“ ۾ لفظ ”سڌر“ جي معنيٰ پاڻ ئي شيخ صاحب ”طاقتور، مضبوط“ ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ ”گهڻو، زياده“ ڏني آهي جيڪا مختلف آهي. اسان وٽ ”سڌر“ جي معنيٰ آهي، ”مضبوط، طاقتور، سگهو، زوراور، ڏاڍو“ ۽ منهنجي راءِ ۾ لطيف بادشاهہ بہ جتي ڪٿي ان ئي معنيٰ ۾ آندو آهي. ”سڌر سين سڱ ڪري..“ يا ”سڌر سيڻ...“ وغيره. اسان وٽ اڄ بہ لفظ ”سڌر“ ان ئي معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو.

جملو = اوهين سڌر آهيو. اسان جون بہ دانهون ڪوڪون ٻڌي داد ڪريو.

جملو = اهو گهر سڌر آهي، اتي وڃي پنهنجو ڏک سور ٻڌاءِ.

لفظ ”سڌر“ جي معنيٰ گهڻو ڪري سيني شارحن درست ڏني آهي پر جيئن قليچ صاحب جي لغت ۾ ”تلهو، گهڻو، زياده“ يا بلوچ صاحب جي لغت ”روشني“ ۾ ”ڄاڻو ۽ حوصلي وارو“ يا جيئن شيخ صاحب ”گهڻو ۽ زياده“ واري معنيٰ ڏني آهي تہ اهي اسان وٽ ايئن ناهن.

سُر ديسي، داستان 1 بيت 11 جلد 2،

چپر هوت پنهونءَ جي، جڏهن پيئي بوءِ،

راڻن وري روءِ، گوندر لٿا گوليين.

روءِ :

شيخ = منهن، چهرو، شڪل (راڻن وري روءِ = راڻن ۾ شادمانو يا خوشي ٿي)

منگهاٽي = رنگ، رنگت، رت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 48 :

برمـــڙو ٿـــي ٻـــوءِ، ڇپـــر ڇٽـــون مکيـــون،
اچـــي آريءَ جـــام جـــو، لڙيـــو ســـات صبـــوح،
ٻهـــ ٻهـــ ٿـــي ٻنيـــور ۾، هنـــڌ مڙيئـــي هـــوءِ،
راڻيـــــن وري روءِ، گونـــــدر لٿـــــا گوليـــــن.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 79 بيت 392.

ڇپـــر هـــوت پنهـــونءَ جـــي، جـــڏهن پيئـــي ٻـــوءِ،
راڻـــــن وري روءِ، گونـــــدر لٿـــــا گوليـــــن.

شوقيرام، داستان 7 بيت 5:

ٻـــر مڙوئـــي ٻـــوءِ، ڇپـــر ڇـــاٽون مکيـــون،
ٻهـــ ٻهـــ ٿـــي ٻنيـــور ۾، هنـــڌ مڙيئـــي هـــوءِ،
راڻيـــــن وري روءِ، گونـــــدر لٿـــــا گوليـــــن.

(شوقيرام، داستان 7 بيت 16،

جـــڏهن پيئـــي ڇـــٽ، ڇپـــر هـــوت پنهـــونءَ جـــي
پهـــري وينـــا پـــٽ، گونـــدر لٿـــا گوليـــن.

قليچ، داستان 7 بيت 15 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) روءِ = چهرائي، خوشي، رونق.

قـــاضي، داســتان 7 بيــت 11، (شـــوقيرام وارو) روءِ = منهـــن، صورت، نمونو، روبرو.

گربخشـــاڻي، داســـتان 7 بيـــت 8، (شـــوقيرام وارو) روءِ = راڻـــن وري روءِ = راڻيون ۽ ٻانهيون يعني خاص و عام سڀيئي سرها ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 7 بيت 8، (شوقيرام وارو) روءِ = منهن وريو، سهڻيون ٿيون.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 8، (شوقيرام وارو) روءِ = منهن سرهو ٿيو.

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 9، (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 7 بيت 15، (شوقيرام وارو) روءِ = منهن وريو، ٻهڪيون.

انصاري، داستان 7 بيت 8، (شوقيرام وارو) روءِ = منهن، نمونو، صورت، روبرو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 234 روءِ = رخ، نمونو، رنگ، صورت، حالت.

هتي لفظ "روءِ" جي معنيٰ کان وڌيڪ بيت جي ساخت اهم هئي جنهنجي ڪري هي بيت موضوع بڻيو آهي نہ تہ لفظ "روءِ" جي معنيٰ لاءِ ڪيئي بيت موجود آهن. هي بيت سواءِ برٽش واري نسخي ۾ ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ اهڙيءَ صورت ۾ ناهي. باقي ٻين سيني نسخن ۾ اهي بيت آهن جيڪي شوقيرام صاحب واري نسخي ۾ آيل آهن ۽ هي مٿيون بيت انهن ٻنهي بيتن مان ٺهيل ٿو لڳي. گنج ۾ آيل بيت ڇئن سٽن تي ٻڌل آهي جنهن جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ "ڇٽون".

"ٻر مڙوئي ٻوءِ، ڇپر ڇٽون مڪيون"

ٻين سيني نسخن ۾ "ڇاٽون" آهي:-

"ٻر مڙوئي ٻوءِ ڇپر ڇاٽون مڪيون"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو منهنجي لهجي ۾ درست ناهي ڇو جو هي لفظ ”ڇَٽُون
آهي جنهنجي معنيٰ آهي. ”خوشبوئون، سرهاڻيون، ٻانسون“ هي لفظ واحد
”ڇَٽَ“ آهي.

”جــڏهن پيئــي ڇـــٽَ، ڇپــر هــوت پنهــونءَ جـــي“

۽ جمع ”ڇَٽُون“ آهي،

بــــر مڙوئــــي ٻـــوءِ، ڇپـــر ڇٽـــون مڪيـــون

قليچ صاحب جي لغت ۾ صفحي 124 تي لفظ ”ڇَٽَ“ جي معنيٰ
”ٻـوءِ، ٻـانس“ آهـي ۽ بلـوچ صـاحب جـي لغـت ۾ صفحـي 176 تـي لفـظ
”ڇٽون“ جي معنيٰ، ”خوشبويون، هٻڪارون“ آيل آهي ۽ اهي ٻئي معنائون
درست آهن تہ ٻوءِ بيت ۾ لفظ ”ڇٽون“ جي بدران ”ڇاٽون“ ڇو آيل آهي؟

لفظ ”روءِ“ بابت متي سمجهاڻي ڏني اٿم. سٽ آهي،

”راڻيـــــن وري روءِ، گونـــــدر لٿـــــا گوليـــــن“

معنـيٰ = راڻيـن/بادشـاهہ زاديـن جـو اڳيـون رنـگ موٽـي آيـو ۽
ٻانهين جا بہ ڏک لهي ويا. ڪن نسخن ۾ لفظ ”راڻن“ آيل آهي.

هي بيت تڪراري آهي تنهن ڪري سمجهاڻي نٿي ڏيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ديسي، داستان 3 بيت 1 جلد 2،
ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، جت جبل گوناگون،
ليڙن جو لطيف چئي، تنگ تنوارون پون،
جن ڏنو پير پرينءَ جو، سي نڪي رون نه چون،
هوندن متي هون، لاڳاپا هن لوڪ جا.

## ڪرڙا :

شيخ = ڏکيا، اهنجا، وڏا، سخت، ڪنن.
منگهاڻي = اچي ۽ ڪاري غير واضح مليل رنگ جي لڪيرن وارا (جبل)
”ڪرڙا ڏونگر“ معنيٰ اڇا، ڪارا ميٽوڙي رنگ جا جبل.
گنج، صفحو 112
برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام، داستان 6 بيت 10
قليچ، داستان 6 بيت 10
لغات لطيفي (قليچ) ڪرڙا = وڏا، ڏکيا، زور پريا.
قاضي، داستان 6 بيت 10، ڪرڙا = ڏکيا، اڙانگا.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت ،10 ڪرڙا = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 6 بيت 10، ڪرڙا = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 6 بيت 10، ڪرڙا = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 6 بيت 10،
قاسمي، داستان 6 بيت ،10 ڪرڙا = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 6 بيت 10، ڪرڙا = ڏکيا، اڙانگا.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 341 ڪرڙا = ڏاڍا، سخت، وڏا، ڏکيا.

لفظ ”ڪرڙا“ جي معنيٰ شيخ، قليچ، قاضي، انصاري ۽ بلوچ صاحب بلڪل ساڳيئي ”ڏکيا، اهنجا، سخت، ڪٺن، زور پريا، اڙانگا، ڏاڍا ۽ وڏا“ ڏني آهي. جڏهن تہ گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ قاسميءَ لفظ ”ڪرڙا“ جي معنيٰ نہ ڏني آهي.

نصاب جي ٻولي هئڻ جي ڪري ۽ پوءِ منهنجي ادب سان وابستگيءَ جي ڪري اتر واري/ اترادي ٻولي سان واسطو ۽ تعلق بہ اٿم، جنهنجي ڪري نہ رڳو لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي لهجي ۽ اچار پر سنڌ جي ٻين حصن جي ڪلاسيڪل لفظن کان واقف آهيان ۽ انهن وانگيان ئي سندن ڏکيا لفظ/لهجو سمجهان ٿي. خبر اٿم تہ تيز، تکي ۽ ڏکي نظر/اک کي ”ڪرڙي“ چيو ويجي ٿو ۽ شايد ان ئي لفظ جي آڌار تي ”ڪرڙا ڏونگر...“ کي ”ڏکيا ۽ اهنجا جبل“ قرار ڏنو ويو آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”ڪرڙو/ڪرڙا“ ۽ واحد/جمع مونث ”ڪرڙي/ڪرڙيون“ آهي جيڪو لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اچي، ڪاري، ميٺوڙي مبهم/غير واضح جي ترتيب لڪيرن واري ڪنهن بہ شيءِ کي چيو ويجي ٿو. پوءِ اها جاندار هجي يا بي جان. ايتري قدر جو ڪنهن جي ڏاڙهيءَ جا وار اڇا ڪارا، ڳاڙها هجن تہ ان لاءِ بہ چئبو.

جملو = اوهان وٽ سويل ڪرڙي ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو ويٺل هو، اهو ڪير هو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = تہ وٽ انهن ڪرڙن ڪپڙن کان سواءِ ٻيا ڪونهن، جو جتي ڪٿي اهي ڪرڙا ڪپڙا پايو ٿي هلين.

جملو = تو واري اٺ کي مون ڪرڙي جبل وٽان لنگهيندي ڏٺو هو.

جملو = سپيئي ڪرڙا جبل آهن، تہ الائي ڪهڙي ڪرڙي جبل وٽان ڏٺو هو.

سٺ آهي "ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، جت جبل گوناگون"

معنيٰ = اڇا، ڪارا، ميٽوڙي لڪيرن وارا جبل، پنڌ گهٽو ۽ جتي، طرح طرح/قسم قسم جا جبل آهن.

لسٻيلي ۽ ڪوهستان وارن جبلن لاءِ لفظ "ڪرڙا" مڪمل نهڪندڙ آهي ڇو جو اهي بنا ساوڪ ۽ وڻ ٽڻ جي ڪوتا جبل آهن. ڪنهن ڪزاني ڪنهن جبل تي ڪو وڻ ٻوٽو ڏٺوسين تہ ڏٺوسين نہ تہ وَسَ بنا بُس ۽ مُتڪا ئي ملندا! انهن ڪرڙن جبلن کي "ڪرڙا" سان گڏ "ڪَرا" بہ چئون.

بيت جي سمجهاڻي = (بنا وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ جي) اڇا، ڪارا، ميٽوڙي لڪيرن وارا ڇپر، ۽ جتي طرح طرح جا جبل آهن، پنڌ بہ وڏو آهي، انن جي رڙڻ جا آواز پيا لڪن مان اچن ۽ جيڪي پرينءَ جون واقفڪار آهن ۽ جن محبوب کي ڏٺو آهي اهي هنن ڏکن ۽ سختين ۾ نڪو روئن نہ ئي ڪنهن کي دانهن ڏين. جيڪي موجود هوندا (جيئرا هوندا) انهن جا ئي واسطا ۽ تعلق رهندا ماڻهن سان/دنيا سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ديسـي، داسـتان 3 بيـت 6 جلـد 2،

ڪـرڙا ڏونـگر ڪهـ گهٽـي، وئـا روڏا رِنگـائي،
رهيـس رس لطيـف چئـي، تنهـن ڪميٽـيءَ ڪـاهي،
سـاڳاپي سـيٽن جـي، تـي ونـدر واجهـائي،
آريـاٽي آهـي، مـَنـَهن معـذورن جـو.

## رِنگائي :

شيخ = رڙائي، دانهون ڪرائي.

منگهـاٽي = ڪـڏائي، گهمـائي، ڦيرائـي (يعنـي نهـايت آرام ۽ سولائيءَ سان بنا ڪنهن رڙڻ ۽ دانهون ڪرڻ جي/ڪرائڻ جي)

گنج، صفحو 113 ۽ 114،

برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 6 بيت 12.

قليچ، داستان 6 بيت 12.

لغات لطيفي (قليـچ) رنگـائي = مشـڪل سـان هلـي، زور سـان دانهون ڪري.

قاضي، داستان 6 بيت 12، رنگائي = رڙيون ڪندي.

گربخشـاڻي، داستان 6 بيت 12، رنگـائي = سـختيءَ جـي سـببان رينگٽ ڪندي.

شهواڻي، داستان 6 بيت 12، رنگائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 12، رنگائي = رڙندا، رينگٽ ڪندا.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 13.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 6 بيت 12، رنگائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 6 بيت 12، رنگائي = رڙيون ڪندي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 233، رنگائي = روڏا رنگائي = انن کي رڙيون ڪرائي.

لفظ ”رنگڻ“ اڄ بہ نئون نمرو، تازو توانو واهپي ۾ ايندڙ آهي.

جملو = اسين گهر جي ڪم ۾ اڙيا اوليا آهيون. اوهان وانگي تنگون رنگائي ڏينهن ڪونہ ٿا پورو ڪريون.

جملو = نئين ڪار ورتائين آهي سو يڪو تو چاپيون آگر ۾ رنگائي ڏيڪاري.

سٽ آهي: ”ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، وٺا روڏا رنگائي“

معنيٰ = (بنا ساوڪ وڻ ٽڻ جي) اڇا، ڪارا، ميٽوڙي گڏيل رنگ، بي ترتيب لڪيرن وارا جبل ۽ پنڌ گهٽو آهي. (ڏير) ٿوڙهن اٺن کي گهمائيندا ڦيرائيندي هليا ويا. ٻين نسخن ۾ سٽ ۾ لفظ ”جت“ جو اضافو آهي ۽ سٽ آهي،

”ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، جَتَ ويا روڏا رنگائي“

لفظ ”رِنگائڻ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ سيني شارحن بلڪل متضاد ڏني آهي اسان واري معنيٰ جي، لطيف فرمائي تو تہ، جَتَ اٺن کي گهمائيندا مزي سان کيڏائيندا وني ويا ۽ شارحن جي معنيٰ موجب، جت اٺن کي رينگٽ ڪرائيندا، سختيءَ سبباں رڙيون ۽ دانهون ڪرائيندا وني ويا. جت جي، اٺن کي رڙيون ۽ رينگٽ ڪرائيندا وني وڃن تہ ضرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئيءَ ۽ سندس مائٽن جي اک کلي ها، جاڳ ٿئي ها ۽ سسئيءَ کي اها چوڻ جي نوبت نہ اچي ها تہ، ”اڳي اٿ رڙن، مون پيري ماٿ ٿي“.

بيت جي سمجهاڻي = جبل ڪرڙا (بنا ساوڪ جي غير واضح لڪيرن وارا) ۽ سفر اجهاڳ، (جت/ڏير) نوڙهن انن کي گهمائيندا ڦيرائيندا (بنا تڪليف جي مزي سان) ڪيڏائيندا وٺي هليا ويا. (جبلن ۽ وٽن ۾) جيڪا رهجي ويئي آهي ان ڪمتر/گهٽ ذات واريءَ سان (اي پرين/پنهون) اچي مل. سسئي، محبت واري ناتي ۽ پنهونءَ سان سڱ ۽ تعلق جي سبب وتي ٿي سڪ مان ونڊر ۾ نهاريندي. آري ڄام (پنهون/حاڪم) هيٺن ۽ ڪمزورن جو آسرو، سهارو ۽ پناهہ آهي.

سر ديسي، داستان 5 بيت 12 جلد 2،
ڪوءِ پلنگ ٻن ماڙيون، پڪا سندن ٻن،
اُست جو انن جو، مون کي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پرٿي پاسي ٿي.

**اُست :**

شيخ = انين جي ڪير جو ڏورو.

منگهاڻي = انين جو ڪير (جيڪو ڪنگهو پاٽيءَ جهڙو ٿيئي، ان مان ڏورو ٿيندو ٿي ناهي)

هي بيت مونکي لطيف سرڪار جي ڪنهن بہ نسخي ۾ نظر نہ آيو. رسالي ۾ ڏنل بيت جي نمبر تي ڏنل دائرو ان ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو. بيت جي شڪل صورت، ساخت، هيئت، لفظن جو سٽاءُ، فڪر پري کان واڪا ۽ ٻوتاڙ ڪري پيو چوي تہ، ”هن بيت ۾ لطيف جو اچي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي!" بيت جي پهرين سٽ ۾ لفظ "ٻن" ٻه ڀيرا آيل آهي، "ڪوءِ پلنگ ٻن ماڙيون، پڪا سندن ٻن" جيڪو لطيف جي حساس، نفيس، ڪومل من ۽ مزاج سان مطابقت نٿو رکي. بيت جي پهرين سٽ سسئيءَ سان نہ، پر مارئيءَ سان واڳيل آهي. پلنگن، ماڙين ۽ پڪن جو واسطو مارئيءَ سان آهي ۽ هلڻ (جلڻ) رلڻ، جبل، رڻ، جانور، جهنگ، رائي رڄ اهي سڀ سسئيءَ جو ثمر آهي. هينيون ٻئي سٽون سسئيءَ سان لاڳاپيل آهن، "انن ۽ جتن" جي حوالي سان.

"اَمتَ" لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ نہ رڳو اٺ جي ڪير کي چئبو آهي پر ان جي پنڙي ۽ ڪنگهي ڇاڇ جهڙي هٽڻ جي نسبت سان هر ان پاڻياڻي شيءِ کي چئجي ٿو جيڪا پنڙي پاٽي جهڙي هوندي آهي ۽ ان ڪارڙي پاٽيءَ جهڙي ڇانهہ کي بہ ڇڙ منجهان است ٿو چئجي جنهن ۾ ڪير ۽ سڪي ڇانهہ گهٽ پيل هوندي آهي.

جملو = فلاڻي جي گهر ۾ ڇانهہ "است" آهي. آئون هونئن بہ ڇانهہ گهٽ پيئندو آهيان پر انهن وٽ اجا مس وجي وهبو تہ است آڏي اڳيان رکن.

مطلب تہ هر پنڙي، ڪنگهي پاڻياڻي شيءِ کي است چئبو آهي.
است جي معنيٰ شيخ صاحب "انين جو ڏوُرو" ڏني آهي، جڏهن تہ انين جو ڪير نڪو ماٽيءَ ۾ پوي نڪو منڌيڙو لڳيس، نہ ئي مکڻ ۽ نہ ئي ڏونٽرو ڄمي ڇو جو انين جو ڪير بنا سٽيپ، مکڻ ۽ ملائيءَ جي هوندو آهي. باقي جي رکڻ سان ڦٽي خراب ٿي ڏرڻ، ڏرڙ ۽ ٻڄَ ٻڄَ ٿيئي تہ ان کي ڪريل ڪير چئبو ڏونٽرو نہ. ڪنهن گهاٽي ۽ ٿلهي پاڻياڻي شيءِ کي (مثلن "ڏونٽري" وغيره کي) "است" نٿو چئجي ۽ است ٻيءَ هر شيءِ کي ڇڙ مان چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ديسي، داستان 5 وائي 1 جلد 2،
درد فراق ميان، پنهون سائين عشق فراق،
سٽ 4: ڏونگر ڏوريو نہ ٿيئي، مون ولهيءَ ڪان واڪ،

**واڪ :**

شيخ = بلڪل، بنھ، نپٽ
منگھاڻي = اها ڪيفيت جيڪا هاڪاري ۽ ناڪاري آهي. ”دل جو چوڻ/دل جو نہ چوڻ. دل جو، من جو آماده ٿيڻ يا نہ ٿيڻ.
گنج، صفحو 153 ۽ 154
برٽش واري نسخي ۾ وائي ناهي.
شوقيرام، داستان 7 وائي 2.
قليچ، داستان 7 وائي 2.
لغات لطيفي (قليچ) واڪ = ڏاڍا، ڏکيا، گهڻا، بلڪل، بنهہ.
گربخشاڻي، داستان 7 وائي 2، واڪ = بنهہ، بلڪل
شهواڻي، داستان 7 وائي 2، واڪ = اصل، بنهہ.
آڏواڻي، داستان 7 وائي 2، واڪ = بلڪل، پٽيءَ
ڏيپلائي، داستان 7 وائي 2.
قاسمي، داستان 7 وائي 2، واڪ = بنهہ.
انصاري، داستان 7 وائي 2، واڪ = وس، حيلو، بنهہ، بلڪل.
قاضي، داستان 7 وائي 2، واڪ = وس، حيلو، بنهہ، بلڪل.
بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 493 واڪ = سگهہ، مون ولهيءَ ڪان واڪ = مون بيواهيءَ کي سگهہ ڪانهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”واڪ“ جي صحيح ۽ مڪمل معنيٰ انگريزي لفظ ”موڊ“ آهي ”دل جي آمادگي، چوڻ، چاهڻ“ اها نہ ۾ هجي يا ”ها“ ۾ هجي. يعني، ”دل چاهي ٿي، يا دل نٿي چاهي“ اندر جي آمادگي آهي يا ناهي. اها آهي لفظ ”واڪ“ جي معنيٰ، ٿي سگهي ٿو جملا وڌيڪ مددگار ثابت ٿين سمجهائڻ ۾.

جملو = هينئر سچ پڇين تہ بلڪل ڪيڏانهن وڃڻ جو واڪ نٿو ٿيئي.

جملو = توکي ڪم جو واڪ ڪونهي. باقي گهمڻ ڦرڻ لاءِ واڪ ئي واڪ آهي.

لفظ ”واڪ“ نج پڃ لسبيلي ۽ ڪوهستان جو لفظ آهي جيڪو اڄ بہ پرپور ڳالهايو وڃي ٿو. جنهنجون معنائون لطيف جي شارحن عجيب ڏنيون آهن.

شيخ صاحب چوي، ”بلڪل، بنهہ، نپٽ“. قليچ صاحب چوي، ”ڏاڍا، ڏکيا، بلڪل، بنهہ“. قاضي صاحب چوي، ”وس، حيلو، بنهہ بلڪل“. گربخشاڻي صاحب چوي ”بنهہ بلڪل“. شهواڻي صاحب چوي، ”اصل، بنهہ“. آڏواڻي صاحب چوي، ”بلڪل، پٽيءَ“ قاسمي صاحب چوي، ”بنهہ“. انصاري صاحب چوي ”وس، حيلو، بنهہ، بلڪل“ ۽ بلوچ صاحب چوي، ”سگهہ“!! آهي معنائون ضرور سٽ ۾ لفظ ”واڪ“ کي ٺهڪائڻ لاءِ ڏنل آهن. سٽ آهي، ”ڏونگر ڏوريو نہ ٿيئي، مون ولهيءَ کان واڪ“ هيءَ سٽ عجيب بگڙيل صورت ۾ آهي جنهنجو گرامر ئي غلط آهي. پر جيئن تہ لفظ ”واڪ“ جي اسان واري معنيٰ کان ڪوبہ شارح واقف نہ هو سو ان اڻواقفيت جي ڪري هو سٽ ڏانهن ڌيان ڏيئي نہ سگهيا ۽ زور مس ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڙ ميڙ جون معنائون ليچاري چڏيائون. بلوچ صاحب وري سٽ کي پنھنجي مرضيءَ واري بنيءَ ۾ وجھي نئي صورت ۾ گھڙي ٻاھر ڪڍيو تہ، ”ڏونگر ڏوريو نہ ڏيئي، مون ولھيءَ ڪانہ واڪ“ يعني بلوچ صاحب سٽ جي واٽ ئي ڏار ڏيئي ڇڏي ۽ پوءِ اتي معنيٰ ”سگھہ“ لفظ ”واڪ“ جي اھا معنيٰ جيڪا لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ ڳالھائجي ٿي اھا مون ٻڌائي آھي. باقي جنھن علائقي ۾ لفظ ”واڪ“ متي ڏنل شارحن جي ايترين ۽ مختلف معنائن ۾ ڳالھايو وڃي ٿو ان علائقي جو نالو وري اسان لسٻيلي ۽ ڪوھستان وارن کي ٻڌايو وڃي.

سر ديسي، داستان 6 بيت 5 جلد 2،

ڏاجن تي ڏاجا، ڏکيءَ کي ڏکن جا،
لڳيس نائڪ نينھن جي، ڪڙھہ اندر ڪاجا،
تَرن منجھہ تاجا، ڪري منڌ مروئن سان.

**تاجا :**

شيخ = ڪچھريون، رھاڻيون.
منگھاڻي = تعزيتي گڏجاڻيون، موت جا ميڙاڪا.
گنج، صفحو 58
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 60 بيت 325
شوقيرام، داستان 7 بيت 10
قليچ، داستان 7 بيت 10
لغات لطيفي (قليچ) تاجا = معنيٰ ڏنل ناھي.
قاضي، واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 3، تاجا = واحد تاجو/جٿو/ (سنسڪرت، يوٿَ) ٽولي، منڊلي، جلسو، مجلس، رفاقت، رهاڻ. هن لفظ ۾ "تقليب" ٿيل آهي. جنهن جا مثال سنڌيءَ ۾ گهڻيئي آهن. چنبو/چڳو/سنسڪرت گچهہ وغيره.

شهواڻي، داستان 7 بيت 3، تاجا = جٿا، ٽولي، رهاڻ.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 3، تاجا = محفلون، رهاڻيون.

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 4.

قاسمي، داستان 7 بيت 10 تاجا = مجلس.

انصاري، داستان 7 بيت 3 تاجا = ڪچهريون، مجلسون.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 83 تاجا = مزا، شغل، ڳالهيون، ڪچهريون، 2. تاجا = تاجا = تازا (پاڻي مينهن جا، ڏت طعامہ، ميوا)

لفظ "تاجا" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪچهريون، رهاڻيون" ڏني آهي ۽ تقريبن سيني شارحن ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي. هي لفظ واحد "تاجو" ۽ جمع تاجا آهي ۽ انهن ئي لفظن منجهان آهي جيڪي رڳو لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ئي ڳالهايا ويندا آهن. هي لفظ اڄ بہ نئين ڪان نئون تازو توانو ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي. پنهنجا نيٺ ڪلاسيڪل لفظ لطيف جي ڪلامہ ۾ ڏسي آئون تہ الا، لطيف تان اور گهور ٿيندي آهيان جنهن سنڌي ٻولي کي ايڏي وسعت ڏيئي امر ۽ مهان بنائي ڇڏيو آهي. لفظ "تاجو/تاجا" ڏک ۽ موت سان واسطو رکي ٿو جنهنجي معنيٰ سيني شارحن متضاد ڏني آهي. گربخشاڻي صاحب تہ دنيا جي ٻولين مان ڪٺِي ڪوَنڊي، جو، گڇو، منڊلي، چنبو ۽ چڳو" ڪٺي آيو آهي (جي، اهي تقليب آهن). سٽ آهي، "ترن ۾ تاجا، ڪري منڊ مروئن سان" معنيٰ رڻن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيابانن ۾ پيئي مائي (سسئي) وحشي درندن سان ڏکائتا ميڙ ۽ تعزيئتي گڏجاڻيون ڪري. رڻن، بيابانن، جهنگن جبلن ۾ وحشي درندن سان پلاءُ، سسئيءَ شغل، مزا ۽ ڪچهريون ٿي ڪيون؟ هوءَ ته ساريءَ واٽ روئندي، پٽيندي پار ڪندي پي ويئي ۽ خاموش ۽ ماٺ جبلن سان به وڙهي ۽ چڙي ٿي پيئي ته، "ڏونگرمونسان روءُ، ڪيڏي پار پنهونءَ جا ـــ ان ويچاريءَ نوجوان اڪيلي/ڏکايل ڇوڪري جي اڳيان سواءِ پنهنجي محبوب ڪانڌ جي سڪ ۽ ڇڪ جي ٻيو وري اهڙا رڃن ۽ سڄن ۾ مزا، شغل ۽ رهاڻيون هيون جيڪي هن وحشي درندن سان ٿي ڪيون! "آريءَ جو اهڪ، مون رهنما راهه ٿيو." هن لاءِ ته اهي ڏک ۽ اهڪ ئي سونهان هئا جيڪي رڃ واري رفاقت ۾ وڏا سک هئا. لفظ "ٿاجا" جنهن عظيم انداز سان لطيف آندو آهي. اهو جي ڪير ڄاڻي ته خبر پوي ته اهو بيت ڪيڏو طاقتور آهي جنهن ڪي لفظ "ٿاجا" بلنديـن تائين پهچائي ڇڏيو آهي. ٻهرين سٽ آهي، "ڏاجن تي ڏاجا، ڏکيءَ ڪي ڏکن جا" لفظ "ڏاجن تي ڏاجا" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪنوار ڪي شاديءَ جي وقت گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن ڪان ڏيج يا ڏاج ۾ ڏنل تحفن" ڏني آهي.جڏهن ته ڪن نسخن ۾ "ڏاجهن تي ڏاجها، ڪن ۾ ڏانجهن تي ڏانجها" ۽ ڪن ۾ "ڏجهن تي ڏجها" آيل آهي. هي لفظ "ڏجهن تي ڏجها" واري صورت ۾ اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان وارا ڳالهائيندا آهيون جنهنجي معنيٰ آهي "عذابن تي عذاب، ظلمن متان ظلم". وڌيڪ آئون لطيف جي ڪلام ۾ اڪيلي سر وڏاندري ٿي لفظن جي هير ڦير ڪرڻ ۽ بدلائڻ جي قائل ناهيان بلڪ سخت مخالف آهيان. باقي جي سٽ ۾ "ڏجهن تي ڏجها" هجي ته سٽ جي معنيٰ ٿيندي، "عذابن متان عذاب، ڏکايل ڪي ڏکن ڏنا آهن/مليا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي سٽ آهي. ”لڱيس نائڪ نينهن جي، ڪڙهہ اندر ڪا جا“
معنيٰ = اهڙو ڪو اندر ۾ برهہ جو/عشق جو ڪان لڳو اٿس

ٽي سٽ. ”ترن ۾ تاجا. ڪري منڌ مروئن سان“
معنيٰ = برن ۾ رڻن ۾ هيءَ مائي (سسئي) وحشي درندن سان پيئي تعزيتي گڏجاڻيون ۽ ڏکائتا ميڙ ڪري.

سڄي بيت جي سمجهاڻي ٿيندي، هن ڏکيءَ کي ڏکن، عذابن مٿان عذابَ ڏنا آهن. اهڙو ڪو اندر ۾ برهہ جو ڪان لڳو اٿس جو هيءَ عورت (سسئي) برن ۾ پيئي وحشي درندن سان ڏکائتا ميڙ ۽ تعزيتي گڏجاڻيون ڪري.

لفظ ”تاجا“ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ عام ڳالهايو ٿو وڃي.
جملو = شاديءَ جي دعوت ڏيڻ اوڏانهن نہ وڃجو اهي تاجي ۾ وينل آهن.

جملو = پلي تاجي ۾ هجن، اهي اسان لاءِ کهڙا تا تاجا ڪن جو اسين انهن جو تاجو ڪريون.

سر ديسي، داستان 6 بيت 20 جلد 2،
ونڌر جن وڻن سين، ڪيم سهسين سڪائون،
پنهون ونئي پاڻ سين، اڇان جي آئون،
ورندي واڇائون، ڏيان شاخ سپ ڪنهن،

## واڇائون :

شيخ = واڌايون، مبارڪون.
منگهاڻي = وچن، واعده، باس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 64 (ڪيون سسئيءَ سڪائون)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 66 بيت 372.

هي بيت گنج ۽ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ آهي.

بلوچ صاحب جي لغت ”روشني“ مان پتو پيو تہ اهو بيت بلوچ صاحب واري نسخي ۾ سر ديسي، داستان 5 بيت 3 آهي. انهن ٽن نسخن ڪانسواءِ هي مٿيون بيت مونکي ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ سرديسي يا معذوريءَ ۾ نظر نہ آيو. بيت ۾ آيل لفظ ”واڇائون“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”واڌايون ۽ مبارڪون“ ڏني آهي جيڪا قليچ صاحب جي لغات لطيفيءَ ۾ ”واڌايون، ٻول، نذر“ آهي، (صفحو 289)

بلوچ صاحب جي لغت روشنيءَ صفحو 490 ۾ ”نذرانا“ آهي.

هي لفظ اسان وٽ واحد ”واڇا“ ۽ جمع ”واڇائون“ آهي جنهن جي معنيٰ آهي، ”باس، وچن، وعدو“ سڻ آهي، ”ورندي واڇائون، ڏيان شاخ سپ ڪنهن“ معنيٰ = (ڪاميابيءَ سان) موٽندي، واپسيءَ ۾ سيئي (باسيل). باسون پوريون ڪنديس. وڻ جي هر شاخ تي باسيل باس، نذر نذرانا ڏينديس. لفظ ”واڇا/واڇايون“ اڄ بہ نہ رڳو جبل ۾ پر شهرن (ڪراچي، ٻيلو وغيره) ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = واڇا ڪئي اٿم تہ پٽ ڪامياب ٿيندو تہ مرشد تي ديڳ لاهينديس.

جملو = منهنجي واڇا سچي آهي، پر ڏوڪڙ پيسي جي تنگي رهائي ڇڏيندي اٿم. ڏوڪڙ هٿ ۾ ايندو آهي تہ پوري ڪري ڇڏيندي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "واڇائون" جي معنيٰ اسان واري پاسي "مبارڪون ۽ واڌايون" ناهي. سسئي ڀلا وڻن ۽ شاخن کي ڇو ۽ ڪھڙيون مبارڪون ڏيندي؟ مبارڪون تہ پاڻ سسئيءَ کي ملڻ کپن جي هوءَ پنهونءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي اچي تہ. باقي هتي تہ ڪيس اهي سيپئي ٻول ۽ ٻاسون پوريون ڪرڻيون آهن جيڪي هن ويندي ويل هر وڻ ۽ شاخ تي ٻاسيون هيون. سٽ آهي:

ونـــدر وڻـــن ســـين، ڪيـــم سھســـين ســـڪائون،

معنيٰ = وندر ۾ مون جن وڻن تي سوين ٻاسون ٻاسيون هيون (تہ اي ڪنڊي جا وڻ مونکي جي پنهون مليو تہ آئون توکي تليون پائيندس، اي ڪريڙ جا وڻ جي مونکي ويندي ساڻ پرين مليو تہ توکي ڪنهبي گندي پارائيندس، اي ٻير جا وڻ، اي ٻير جي شاخ، مونکي جي محبوب مليو تہ، تو وٽ اچي منا روٽ ۽ لولا ورهائيندس.) سسئي تہ انهن ئي ٻاسيل ٻاسن ۽ سڪائن جي ڳالهہ تي ڪري ۽ پنهنجي واڇائن جي پورائيءَ جي پيئي يادگيري ڪري. نڪي وڻن ۽ شاخن کي واڌايون ۽ مبارڪون ڏيندي وتي تہ، اي وڻو/اي شاخو! اوهانکي مبارڪون هجن، مونکي پنهون ملي ويو آهي! پنهون ڪيس مليو ۽ واڌايون وڻن ۽ شاخن کي ڏيءِ! جڏهن تہ سسئي چوي ٿي، "پنون وٺي پاڻ سان اچان جي آئون."

معنيٰ = آئون جي (ڪامياب ٿيان ۽) پاڻ سان گڏ پنهون کي وٺي ايندس. تہ "ورندي واڇائون، ڏيان شاخ سڀ ڪنهن"

معنيٰ = موٽڻ مهل (پنهونءَ کي ساڻ وٺي اچي) سيپئي ٻاسيل ٻاسون هر وڻ ۽ هر شاخ تي پوريون ڪنديس/ڏينديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ اڄ بہ جبل ۾ وڻن وٽن، شاخن، ٽڙن تي واڇا ڪبي آهي ۽ پوري ڪبي آهي، ايتريقدر جو ڪو مال ٻڪري ۽ رڍ وغيره بيمار ٿيندي آهي تہ ان لاءِ بہ وڻن ۽ شاخن تي باس باسبي آهي ۽ مال جي نيڪ ٿيڻ تي وڻن جي شاخن ۾ ڌگريون، ڌگرا، ٽليون ۽ ٻلاريون اچي ٻڌبيون آهن.

سـر ديسـي، داسـتان 7 بيـت 5 جلـد 2،
جـت هـڏهين هـُـتِ، مـون هينئـڙي ۾ حـل تيـا،
چنــگ جــن جــا چــوءُ قيــرا، راحــت ان جــي رُتِ،
گنــگن جــي گفــت، چيــڙي وڌيــس چيريــن.

رُتِ :

شيخ = رفتار، چال، هلڻي
منگهاڻي = رنگ، روءِ، رنگت.
گنج ۾ هي بيت موجود ناهي.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 11 بيت 56 (مون هَت هينئڙي ۾ حل تيا)
شوقيرام، داستان 1 بيت 11:
جـت هـڏهين هـُـتِ، مـون هـتِ هينيـڙي ۾ حـل تيـا،
چنگـل جنهيـن جـا چوقـرا، راحـت تنهيـن جـي رُتِ،
گنــگن جــي گفــت، چيــڙي وڌيــس چيريــن.
قليچ، داستان 1 بيت 18 (شوقيرام وارو)
لغات لطيفي (قليچ) رُتِ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ڇاپو صفحو : 151

مون هـِـتِ هنيئـن ۾ حـل ٿيـا، جـت هـڏهـر هـُـت،
چنگــل جنيـــن چوڦـــرا، راحـــت تنيـــن جـــي رُت،
گنـــگن جـــي ڪپـــت، ڇيـــڙي وڏيـــس ڇپريـــن.

قاضي، داستان 1 بيت 19 (بمبئي ڇاپي وارو) رُتِ = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشـاڻي، داسـتان 1 بيـت 18 (بمبئـي ڇـاپي وارو) رُتِ = (سنسڪرت، رت) هلڻ جو نمونو، لوڏ، يادگيري، 2. (سنسڪرت، رِتوُ) موسم، وقت.

شهواڻي، داستان 1 بيت 18 (بمبئي ڇاپي وارو) رُتِ = رفتار، لوڏ، موسم، وقت.

آڏواڻـي، داسـتان 1 بيـت 18 (بمبئـي ڇـاپي وارو) رُتِ = چـال، لوڏ.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 22 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 17 (شوقيرام وارو) رُتِ = لوڏ

انصاري، داسـتان 1 بيـت 18 (بمبئـي ڇـاپي وارو) رُتِ = معنـيٰ ڏنل ناهي.

بلــوچ، لغــت ”روشــني“ صفحــو 225 رُتِ = رتــيءَ واري روءِ، صحتمند، بناوت. راحت تـن جي رُتِ = انهن جي رتـيءَ واري روءِ، راحت آهي.

جيئـن مـون مٿـي سـر ڪنيـات، سـاموندي، معـذوري ۾ هـن ئـي سرديسيءَ ۾ آيل لفظ ”روءِ“ جي معنيٰ ٻڌائيندي اهو بہ عرض ڪيو هو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”رنگ“ کي ”روءِ، رنگت“ سان گڏ ”رُتِ“ بہ چئجي ٿو. بلڪل ساڳيئي معنيٰ، نموني طريقي سان. مثلن، ”فلاڻي جي رُتِ اڇي آهي/ فلاڻي جي رت ڪاري آهي/ فلاڻي جي رت ڳاڙهي آهي.“

يعني ”رُتِ معنيٰ رنگ“ اڇو/ڪارو/ڳاڙهو ۽ جيئن بلوچ صاحب چيو آهي ”رتيءَ واري روءِ، صحتمند بناوت“ اها معنيٰ بہ درست ناهي. لفظ ”رُتِ“ جو ”رَتَ، صحت، بيهڪ ۽ بناوت“ سان ڪوبہ تعلق ناهي.

شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ ”رفتار، چال، هلڻي، جيڪا هن ضرور گربخشاڻي صاحب واري نسخي مان کنئي آهي، ان جو تہ نڪو منهن نڪو مٿو آهي. منهنجو خيال آهي تہ معنائن جي باري ۾ جيڪو بہ گربخشاڻي صاحب تي ڀاڙيندو، ان جو ٻيڙ ئي نڪري ويندو، ڇو جو گربخشاڻي صاحب تہ الائي ڪهڙين ڪهڙين ٻولين جا مثال ۽ حوالا ڏيئي ۽ انهن جا لفظ ٻڌائي انهن مان جبل جي لفظن جون معنائون ٿو ٻڌائي. ڪيس جڏهن جبل جي ٻولي پاڻ ئي نٿي اچي تہ پوءِ ٻين ٻولين مان جبل جي لفظن جون معنائون ڪيئن ٿو ڪڍي سگهي؟ يعني، سنسڪرت ۾ ”رُت“ جي معنيٰ، هلڻ جو نمونو، رفتار، لوڏ “ يادگيري آهي تہ ضرور لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ بہ لفظ ”رُتِ“ جي معنيٰ اهائي ساڳي هوندي! حيرت اها جو ٻانهي خان شيخ صاحب هن جديد ٽيڪنالاجي ۽ سڌسماءَ جي عروج ورتل دور ۾ بہ پنهنجي پاران معنائن جي باري ۾ ڪا ڪوشش، جاکوڙ ۽ تحقيق نہ ڪئي ۽ اهو ئي لڪير جو فقير رهيو. ۽ مٿان سون تي سينڌر اهو تہ هر لفظ جي معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي. ”رُتِ“ اچ بہ اسين ”رنگ“ کي عام چوندا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي بيت جي صورت ٻه اوهان ڏٺي ته. شيخ صاحب واري پهرين سٽ جي صورت ۾ ڪنهن ٻه نسخي ۾ آيل سٽ ناهي.

"جـــت هــڌهين هــُــتِ، مـــون هينئـــڙي حـــل ٿيـــا."

جڏهن ته ٻين نسخن ۾ آهي، "جت هڌهين هُتِ، مون هِتِ هينئڙي ۾ حل ٿيا" يعني بيت ۾ "هُتِ ۽ هِتِ" جو تڪرار ۽ تذڪرو آهي، جنهن کي شيخ صاحب بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، جنهنجي ڪري بيت اهو تاثر نٿو ڇڏي جيڪو لطيف جي ڪلام جي سجاڳپ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = جت (پنهون ۽ سندس خاندان) هڌ/اصل هُتي (ڪيچ ۾) ٿي آهن. مونکي هتي (پنيور ۾ يا واٽن ۽ پنڌن ۾) دل جي اندر پيهي ويا آهن/هاڻ ۾ تحليل ٿي ويا آهن. جن جا اٺ ٿلها، تندرست ۽ دل کي راحت ۽ فرحت ڏيندڙ رنگ وارا آهن. گونگن (اٺن) جي گفتگو (ماٺ) مونکي تحرڪ ۾ آڻي، ڏونڏاڙي جبلن ۾ آڻي وڌو (روليو) آهي. (گونگن جي گفتگو، لطيف جو ڪمال آهي)

سـُــر ديســـي، داســـتان 7 بيــــت 10 جلـــد 2،
جتـــن جـــا جيـــلان، تـــي ســـاٿ پڇـــائي ســـئي،
آيـــس آريءَ ڄـــام جـــا، تـــَـــڙِ تـــوڏا تيـــلان،
ان کـــي نـــاڪيليون نڪـــن ۾، ڌهريـــون دليـــلا،
ســِــر هٺئــو ســيلا، لايــو نينهــن نـــدبون ڪـــري.

**ڌُهريون :**

شيخ = ٻنيون، ٻيٽيون، مضبوط.

منگهاڻي = زيور جو هڪ قسم، جيڪو ڳچيءَ ۾ پاتبو آهي جنهن ۾ ٽي چار سونن موتين جون لڙيون ۽ پٽلا هوندا آهن. "دُهري" سون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زيورن ۾ مهانگو، وزني ۽ معتبر هوندو آهي ۽ وڏ گهراڻيون عورتون پائينديون آهن.

انن جا شوقين ۽ باذوق ماڻهو پنهنجي انن تي وڏا خرچ ڪندا آهن. ”مهري اٺ“ جي سينگار ۽ زيورن ۾ ”مُڇي، مَتير، دهريون، ڪنڌهار، گورُ جهوڙا، جهاٻا، ٽليون، ٽونٽر، ڍِگرا، گهنگهرا، ٺنگ، ڀِچُند، چٽا/چٽيون، جوڙيون، چنگ، ناڪيليون، چمر، بالا تنگ، هَس، سورهن لڙيون، پٽيون، گوربازيون، تائيت، واليون، مٽين جون ٻِسرون مهارون، جُهل فراسيون، بُرنج بينسريون، گاديون... پر جيئن چئبو آهي تہ شوق جو ڪو ملهہ ئي ڪونهي سو... هي بيت مونکي لطيف جي ڪنهن بہ نسخي ۾ نظر نہ آيو آهي. هتي رڳو لفظ ”دُهريون“ جي درست معنيٰ ڏيڻ مطلوب اٿم جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”پٽيون، بيٽيون، مضبوط“ ڏني آهي. ”دُهري“ هڪ زيور آهي، ان جي ڪهڙي مضبوطي؟ ريشمي وٽيل سڳي ۾ پوتل سون جا مٽيا، پُٽلا ۽ پٽيون، توري سٽ ڏيڻ سان بہ ڇڇي داڻو داڻو ٿي وجن. بيت ۾ لفظ ”دُهري“ اٺ جي سينگار جي حوالي سان آيل آهي نہ ڪي مضبوطي ۽ ڏاڍائي جي حوالي سان.

سُر ديسي، داستان 8 بيت 1 جلد 2،

وارُو وَرُ وني ويا، آريچا اظلامر،

آنڌائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغامر،

پهہ ڪيائون پاڻ ۾، مونهان مخفي مامر،

ڪاڪيون رات قيامر، جيڏيون جت ڪري ويا.

وارُو :

شيخ = هاءِ افسوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = اٿو، ڪاهہ ڪريو، مدد ڪريو (عملي قدم کڻ)
گنج صفحو 126 برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.
شوقيرام، داستان 4 بيت 1
قليچ، داستان 4 بيت 1
لغات لطيفي (قليچ) وارو = وارو ڪندڙ، پيرو ڪندڙ، وارو ڪر، وڙ ڪر.
قاضي، داستان 4 بيت 1، وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي، داستان 4 بيت 1، وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
شهواڻي، داستان 4 بيت 1، وارو = مدد ڪريو.
آڏواڻي، داستان 4 بيت 1، وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 4 بيت 5.
قاسمي، داستان 4 بيت 1، وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 4 بيت 1، وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
بلوچ، لغت "روشني" وارو = معنيٰ ڏنل ناهي.
لفظ "وارو" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "هاءِ افسوس" ڏني آهي. اها درست ناهي. اسان وٽ لفظ "وارو" هڪ دانهن، هڪ پڪار آهي مظلوم جي، مدد لاءِ واهر لاءِ. سٽ آهي. "وارو، وَرُ وٺي ويا، آريچا اظلام".

معنيٰ = اٿو دير نہ ڪريو/ هينئر ئي اٿو منهنجي مدد ڪريو/وارو ڪريو. ظالم آريءَ جو اولاد/پنهونءَ جا ڀائر مونکان منهنجو وَرُ/ڪانڌ/مڙس (زوريءَ) کڻي پيا وڃن/ کڻي ويا آهن. "هاءِ افسوس" ڪرڻ معنيٰ، "متي تي هٿ رکي ويهي رهڻ، صبر ڪرڻ، مايوس ٿيڻ" پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئيءَ تہ رڙيون ۽ دانهون ڪري پيئي دنيا کي مدد ڪرڻ لاءِ اتاري. يعني هوءَ پاڻ بہ هاءِ ۽ افسوس ڪري نٿي ويهي ،پر جيڪي اوڙي، انڌ ڪُنڌ ۾ پنهنجن گهرن ۾ آسودا سک سان ستا/وينا آهن انهن پاڙي پاڙي کي بہ پيئي ڪَڪَڙَاٽَ، ٻَرڪرون، ۽ ڪُوڙَڙَاٽَ ڪري، پنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ اتاري تہ، "اٿو، دير نہ ڪريو پنهونءَ کي پنهونءَ جا ڀائر چوريءَ ڪٽي پڇي ويا آهن.

جملو = اٿو ابا، وارو ڪريو. سسئي کي مڙس موٽائي آڻي ڏيو. اجا هاڻي ئي ويا آهن.

جملو = وارو ڪريو، ڪم ۾ هٿ وجهايو تہ ڪم ٿي وڃي.

جملو = اٿو وارو ڪريو، ٻاھ وسايو.

بيت جي سمجهاڻي = اٿو جلد ڪريو، دير نہ ڪريو، منهنجي واهر ڪريو. پنهونءَ جا ظالم ۽ ڪنور ڀائر منهنجو مڙس (پنهون) ڪٽي ويا آهن. (مدد ڪريو، مونکي موٽائي آڻي ڏيو) هو (ڏير) پنهونءَ ڏانهن آريءَ (پنهون جي پيءُ) جا پيغام ڪٽي آيا هئا. انهن مونکان لڪ چوريءَ پاڻ ۾ صلاحون ڪيون هيون. مونکي يقين ڏياري/ويساھ ڏيئي (ڪوڙو ويساھ ڏيئي تہ اسين توکي بہ پاڻ سان گڏ ڪيچ وٺي هلنداسين) تياريون ڪري، قافلو ڪاهي ويا. اي اديون! اي جيڏيون، رات پنهونءَ جا ڀائر مونسان قيامت/قهر ڪري ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ديسـي، داسـتان 8 بيـت 6 جلـد 2،

وارو، ور وٺـي ويـا، ڏاڙهـيءَ پنيـا ڏيـر،
ڏينديـس ڏاڍيـن ڏونـگرين، انيـن لاءِ اليـر،
ڪيـچ پڇنـدي ڪيـر، وچـڻ سـين وس ڪريـان.

**پنيا :**

شيخ = سهٽيءَ ڪاريءَ ۽ گهنڊيدار وارن واري ڏاڙهيءَ يعني سونهاري وارا.

منگهاڻي = گهرين/گهاٽين/ٻـجين/گهٽن وارن وارين ڏاڙهين وارا (جيئن بروهين/بروچن/بڪڪن جون سونهاريون آهن)

**الير :**

شيخ = جهوتون، گهتون، سٽون.

منگهاڻي = ڪاهه، حملو، اگرائي ڪري وڏڻ.

گنج، صفحو 127.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 51 بيت 288

شوقيرام، داستان 4 بيت 6

قليچ، داستان 4 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) پنيا = ڳتيل وار، وٽيل وار متي جا، زلف، چڱا موچارا.

الير = اليل، ست، تپ، چال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 4 بيت 8. ڀنيا = ڪارا گھنڊيدار وار. الير = سٽ، ٽپو، چال، اڇل.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 6 ڀنيا = معنيٰ ناهي. الير = (گجراتي، مرهٽي، آلار) اڇل، ٽپو، سٽ.

شهواڻي، داستان 4 بيت 6. ڀنيا = ڳاڙهي. الير = اڇل، ٽپو، الار. الير ڪري ويندس.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 6. ڀنيا = سهڻين ڏاڙهين وارا. الير = اڇل، ٽپو.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 10.

قاسمي، داستان 4 بيت 6. ڀنيا = ڳاڙها. الير = سٽ، اڇل.

انصاري، داستان 4 بيت 6. ڀنيا = ڪارا گھنڊيدار وار. الير = سٽ، ٽپو، چال، اڇل.

بلوچ، لغت "روشني" ڀنيا = ڀنيا وار = ڀورا سهڻا وار. صفحو 27. الير = ڀڙڪو ڏيئي اٿڻ. ڇرڪ ڀري اٿڻ. ڪڙو ٿي ٻيهڻ. هاءِ هاءِ ڪري اٿڻ. اچانڪ (ڦڙتيءَ سان اٿي ڪڙو ٿيڻ)

لفظ "ڀنيو/ڀنيا/ڀنيي" بابت مٿي تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. هتي رڳو ڏسجي ته ڪنهن، ڪهڙي معنيٰ ڏني آهي. باقي ايترو عرض ته "ڀنين وارن" جو "رنگ" سان ڪوبہ واسطو ناهي. جيئن قاضي ۽ انصاريءَ "ڪارا وار" شهواڻي ۽ قاسميءَ "ڳاڙها وار" ۽ بلوچ صاحب "ڀورا وار" چيا آهن. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ڀنيا وار" "گهرن ۽ گهاٽن" وارن کي چئجي ٿو ۽ ڪٿي ته ان کي "ٻـجا وار" بہ چئجي. ٻيو لفظ آهي "الير" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "جهوتون، گهتون، سٽ" ڏني آهي. ٻين پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم شارحن ايئن ئي، ” ٿپ، سٽ، اچل، چال“ ڏني آهي. لفظ ”الير“ پڻ نج ٻج لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي جنهنجي معنيٰ آهي ”وڏندي، اڳرائي ڪري وڌڻ، حملي ۽ ڪاهہ وانگر اڳري اچڻ“. ”ٿپ، اچل ۽ چال“ ڪي اسين ”دڦڙ“ چئون. جملو = فلاڻو دڦڙ ڏيئي اٿيو. لفظ ”الير“ جي معنيٰ ٿپ، سٽ، اچل ۽ چال“ ناهي ۽ ”جهوتون ۽ گهتون“ تہ اجان ئي ٻي ڳالهہ/معنيٰ/مطلب آهي. اهي سپيئي لفظ پاڻ سان ذار ذار منظرنامو رکن ٿا ۽ هر لفظ ونڻ سان اهو منظر واضح صورت ۾ اڳيان اچي ويندو آهي. مثال لفظ ”الير“ آهي تہ ”الير ڪرڻ“ معنيٰ ماڻهوءَ جي جسم جا حصا بہ شريڪ ۽ اڳرائي ڪندڙ هوندا آهن. مثال طور، متي اٿيل هٿ ٻانهون، اڳري آيل ڇاتي، ڪلهاءِ پير ۽ اڳتي وڌيل قدم. اها واضح تصوير آهي ”الير“ جي. اهي سڀ جڏهن ڪنهن لاءِ وڌيل هوندا تہ چئبو:

جملو = آئون اٿيئي هوس، هو مونتي الير ڪري آيو هو.

جملو = اسين ساڻس ڳالهائڻ ويا هئاسين، الير ڪري ڪونہ ويا هئاسين. الير ڪري تہ هو اٿيو هو اسان تي. پنهنجي تڏي جو خيال بہ نہ ڪيائين.

سٽ آهي ”ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، انين لئي الير.“

معنيٰ = آئون ڏکين/مشڪل جبلن ۾ بہ انهن (پنهونءَ ۽ سندس پائرن) لاءِ ڪاهون ڪنديس/حملا ڪنديس.

بيت جي سمجهاڻي = اٿو، هڪدم اٿي منهنجي مدد ڪريو (بلڪل هينئر اٿي ڊوڙو) منهنجي مڙس (پنهونءَ) کي گهرين/گهاٽين ڏاڙهين وارا ڏير ڪٽي ويا آهن. آئون مضبوط ۽ مشڪل جبلن ۾ انهن (پنهون ۽ سندس پائرن جي تلاش) لاءِ ڪاهون ڪنديس. ڪيچ تي ڪير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو پھچي سگھي؟ پر پنڌ ڪرڻ ۾ آئون بہ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندس/سپيئي حيلا ھلائيندس.

سـر ديسـي، داسـتان 8 بيـت 12 جلـد 2،
گـڏيو ڏوبيـن ڏوءِ، پنھـون پـارچو ھـٿ ۾،
اتـي آريءَ ڄـام جـو، قـاصد آيـو ڪـو.
اي ڪـامل ڪـم نـہ سـندوءِ، پھـس پڃـاڙيين پوتيـا.

**پھس :**

شيخ = زور سان.

ﻤنگھاٽي = سکيو، شاھوڪار، ڏاول.

گنج، صفحو 61. برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ ھي بيت ناھي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 17

قليچ، داستان 4 بيت 17

لغات لطيفي (قليچ) پھس = ھمراھہ، سنگتي، پاڻ سان زور، ڏاڍو.

قاضي، داستان 4 بيت 18، پھس = زبردستيءَ سان.

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 16، پھس = زور سان.

شھواڻي، داستان 4 بيت 16، پھس = زور سان.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 17، پھس = زور سان.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 21.

قاسمي، داستان 4 بيت 17، پھس = زور سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 4 بيت 17، پهس = زبردستي سان.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 126، پَهَسَ = اڳ ۾، اڳواٽ.

لفظ "پهس" هاڻي واهپي مان نڪتل آهي ان جي باوجود لسبيلي ۽ ڪوهستان جا وڏڙا اجا ان لفظ کان مانوس آهن. معنيٰ پڇڻ تي، سکيو، شاهوڪار ۽ ڏاول "ٻڌائيندا آهن، ۽ پڻ اها به معلومات ڏين ٿا تہ اهو واحد "پَهَس" ۽ جمع "پَهَسَ" آهي. سندن ٻڌايل معنيٰ لطيف جي هر ان بيت ۾ ٺهڪي ٿي اچي جنهن ۾ لفظ "پهس" آيل آهي. مٿي سر سريراڳ، داستان 3 بيت 16 ۾ سٽ آهي، "پاڻي پن پهس، ڪڏهن ڪٽي هٿين تار ۾" جتي شيخ صاحب لفظ "پهس" جي معنيٰ "جلد، هڪدم، اوچتو" ڏني آهي، ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ "زور سان" ڏني آهي. لفظ "پهس" بابت سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم. هتي بيت جي سٽ آهي.

"اي ڪامل ڪم نہ سندوءِ، پهس پچاڙيين پوتيا"

هيءَ سٽ ٻين نسخن ۾ هينئن آهي،

"ايءُ ڪامل ڪم نہ سندوءِ، جو پهس پچاڙيين پوتيين"

معنيٰ = اي ڪامل/مڪمل، اهو تنهنجو ڪم/ ڌنڌو/پيشو ناهي. جواي سکيا/ شهزاده، تون ڪپڙا پيو سٽي ڌوئين.

بيت ۾ ڪپڙن کي "زور سان" ڌوئڻ ڏانهن اشارو ناهي، پر اهميت ان ڳالھ جي آهي تہ پنهون جيڪو ڪيچ جو دادلو شهزادو آهي، ان کي ڪپڙا سٽي ڌوئندي ڏسڻ واري حيرت ۽ ڏک طرف اشارو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پنهونءَ ٻين ڌوٻين سان گڏجي هٿن ۾ ڪپڙا جهلي پي ڌوتا تہ اتي ڪيچ مڪران جي حاڪم آريءَ جو قاصد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو. (پنھونءَ کي اھڙي حالت ۾ ڏسي دکائتو ٿيو ۽ چوڻ لڳو) اي ڪامل/مڪمل، اھو تنھجو ڪم ناھي، جيئن تون اي با حيثيت شھزاده، تون ايئن پيو ڪپڙا سٽي ڏوئين.

سر ديسي، داستان 9 بيت 12 جلد 2،
پسي سي سرھي ٿي، جي مين لنگھيا مس،
تِتُ تن ڪي ناھ ڪو، لڪ مڙيئي لس،
حُبُ جنھين ھوت جو، وندر تنين ڪي وس.

**تِتُ :**

شيخ = ڇيھ، حد، شمار، انت.
منگھاڻي = الزام (بوڇ)
گنج، صفحو 12
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 46 بيت 264.
شوقيرام، داستان 5 بيت 7
قليچ، داستان 5 بيت 7
لغات لطيفي (قليچ) تِتُ = منزل، رھڻ يا لھڻ جي جاءِ، پڄاڻي، نھايت، حد، منع ڪندڙ، روڪيندڙ.
قاضي، داستان 5 بيت 16، تِتُ = مقرر تاريخ، چنڊ جي تاريخ.
گربخشاڻي، داستان 5 بيت 6، تِتُ = (سنسڪرت، تِتِ) تاريخ، ڏينھن، ويلو، وقت، شمار، ڳاڻيٽو، حد، انت.
شھواڻي، داستان 5 بيت 6، تتُ = تت، تي.
آڏواڻي، داستان 5 بيت 6، تت = ڏينھن، وار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 7. (تت تن ڪي ناهہ ڪو...)

قاسمي، داستان 5 بيت 6. تتَ = وقت.

انصاري، داستان 5 بيت 6. تتَ = مقرر تاريخ، چنڊ جي تاريخ.

بلوچ، لغت ”روشني“ تتَ = معنيٰ ڏنل ناهي.

لفظ ”تـِـتَ“ اڄ بہ لسبيلي ۾ ڪوهستان وارن لاءِ اڻ ٻڌل ۽ نامانوس ناهي. توڙي جو گفتگوءَ ۾ گهڻو نتو اچي پر تڏهن بہ ڳالهہ ٻولهہ مان نڪتل لفظ ناهي ۽ هڪڙي ڳالهہ، تہ، لفظ ”تتَ“ رڳو ٿي يا خالصتن الزام لاءِ نتو چئجي. جو منهنجي ڏنل معنيٰ پڙهي ڪو ان ڪي الزام جي بدران واپرائي تہ، ”فلاڻي چوري نہ ڪئي هئي اهو تتَ لڳايو اٿن“ نہ نہ، هرگز نہ! آئون چاهينديس تہ ان ڪي جملن ۾ آڻيان. جيئن ان جي صورت واضح ٿيئي. ڪو ڪنهن جي دعوت ڪري. پر وڃڻ ڪان پوءِ خبر پوي تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي، ڪو اهتمام ڪونهي. بس عام رواجي ڪاڌو ۽ گهر جا ماڻهو آهن تہ چئبو،

جملو = دعوت ڪهڙي، انهن مڙيئي تتَ ڪيو هو. (يعني اٽو لانگ رکڻ)

جملو = انهن غريبن جي پهچ ٿي ايتري هئي عزت ڏنائون ڪي تتَ ڪيائون؟

لفظ ”تـِـتَ“ تان هڪڙو پوڳ ياد آيو اتم جيڪو جبل ۾ ڏاڍو مشهور آهي. ”ڳوهـَـہ“. هڪ بدصورت جانور طور مشهور آهي، سو، هڪڙي ڳوهہ ڪي گدڙ اچي چيو تہ، ”ماسي ڳوهہ. ڪلهہ جانورن پي چيو تہ، حور هيئن چيو، حور هونئن چيو. حور هـِتان پي ويئي، حور هـُتان پي ويئي. اها حور پري ڪير آهي؟“ ان تي ڳوهہ مشڪي ۽ شرمائي چيو تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ = اي ڇنا، اي طوفان، اي واءُ.

منگھاڻي = اي بوند، اي پاڻيءَ جا ڦڙا، ڇندا.

گنج، صفحو 45.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 39 بيت 220.

شوقيرام، داستان 9 بيت 3 (سُر آبري)

قليچ، سر آبري، داستان 9 بيت 3.

لغات لطيفي (قليچ) ڇنا = ڇنو = واءُ، واچ، واءَ جو جھوٽو.

قاضي، سر آبري، داستان 9 بيت 3، ڇنا = سخت طوفان.

گربخشاڻي، سر آبري، داستان 9 بيت 3، ڇنا = اي ڇنا، يعني واءَ.

شھواڻي، سر آبري، داستان 9 بيت ،3 ڇنا = اي واءَ.

آڏواڻي، سر آبري، داستان 9 بيت 3، ڇنا = اي واءَ.

ڏيپلائي، سر آبري، داستان 9 بيت 3.

قاسمي، سر آبري، داستان 9 بيت 3، ڇنا = واءَ.

انصاري، سر آبري، داستان 9 بيت 3، ڇنا = سخت طوفان.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 176، ڇنا = ڇنا ڇپر = اي خوشبودار جبل!

لفظ "ڇنا" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني شارحن "واءُ، هوا، طوفان" ڏني آهي. ۽ بلوچ صاحب پنهنجي انفراديت برقرار رکندي حيرت جهڙين معنائن جو سلسلو جاري رکيو ۽ لفظ "ڇنا ڇپر" جي معنيٰ "خوشبودار جبل" ڏني آهي. بلوچ صاحب لفظ "ڇَنَ" مان لفظ "ڇنا" جي معنيٰ ڪڍي آهي، جڏهن ته لفظ "ڇَنَ ۽ ڇنا" ٻه ڌار مختلف معنيٰ ۽ مزاج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا لفظ آهن ۽ ”ڇٽ“ جي معنيٰ بہ ”خوشبو“ ناهي بلڪ ”بوءِ/بانس“ آهي، جيڪا سني ۽ خراب ٽي سگهي ٿي. واحد ”ڇٽ“ جمع ”ڇٽون“ آهي ڇاٽون نہ. ”ٻر مڙيئي ٻوءِ، ڇپر ڇَٽُون مڪيون“ جيڪو گهڻن نسخن ۾، ”ڇپر ڇاٽون مڪيون“ آيل آهي.) هي لفظ واحد ”ڇَٽَو“ ۽ جمع ”ڇَٽا“ آهي جنهنجي معنيٰ آهي، ”ڇندا“ پاٽيات جون ٻوندون، پاٽيات جا ڦڙا“ بيت ۾ هوا ۽ پاڻيءَ جو ذڪر آهي پر سيني شارحن رڳو ”واءَ، هوا ۽ طوفان“ جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڇا؟ پيرن جا نشان رڳو واءُ ئي لٽي ڊاهي سگهي ٿو، پاڻي نہ! لطيف فرمائي ٿو،

”واءَ وڄــاءِ مَ ســو، پنــيءَ جنهــن پَنــڌ ڪريــان.“

معنيٰ = اي هوا، اهي (پيرن جا نشان) گم نہ ڪجانءِ، جن جي پويان آئون پنڌ پيئي ڪريان/ وڃان پيئي.

ٻي سٽ، ”ڇٽا، ڇپر پرينءَ جو، پير پرنيان ٿو.“

معنيٰ = اي پاڻيءَ جون ٻوندون (ولهہ، ماڪ، پُرِ) جبلن ۾ پنهون جي پيرن جا نشان اوهان کي سپرد ٿي ڪريان.

ٽي سٽ، ٻــَرَ ٻــورائُــوُ جــو، ســو لڳــي متــان لٽيــن“

معنيٰ = جيڪي رڻ ۾ منهنجا سونهان آهن (يا جيڪي رڻ جا سونهان/واقفڪار آهن.) انهن کي لڳي/ٽڪرائي اهي مونکي وڃائي، ڊاهي نہ ڏجو.

بيت ۾ ”ٻَرِ“ يعني ”ب تي زبر“ ۽ ”ر“ تي زير، ۽ ”ٻُورائو“ يعني ب تي پيش ۽ ” ءُ “ تي پيش ڏنل آهي، ”ٻَرِ ٻُورائو“ جيڪو منهنجي خيال ۾ درست ناهي. صحيح آهي ”ٻَــرَ“ ب ۽ ”ر“ تي زبر سان ۽ معنيٰ آهي ”رڻ“ ۽ ”ٻَورائو“ ب تي زبر ۽ ”عـ“ تي پيش، معنيٰ ”سونهون/واقفڪار“ ”ٻَرَ ٻَورائو“ معنيٰ، ”رڻ جو سونهون/واقفڪار“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ديسـي، داسـتان 10 بيـت 2 جلـد 2،
ڏاگهـا کيـهہ ڏرو، اجـا آريـاڻي اڳـي ٿيـو،
مـوڙي مجـر تـاريون، چانگـا آئيـن چـرو،
آن تـان حـرف هـرو، مورائيـن معـاف ٿيـو.

## آرياڻي :

شيخ = آري يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون.

منگهاڻي = آرياڻي معنيٰ، آريءَ جو. آري پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آهي. ان نسبت سان آرياڻيءَ معنيٰ، ان شاخ/ وراڻ سان واڳيل ماڻهو، هتي پنهون. معلومات لاءِ عرض تہ پنهون "آرياڻي" تي سگهي ٿو پر "آري" نہ. جيئن منهنجو پڙ ڏاڏو "منگهو" آهي، ان نسبت سان آئون "منگهاڻي" تي سگهان ٿي پر "منگهو" نہ.

## هرو :

شيخ = لفظ "حرف" جو ڏوڙي. جيئن پاڻي پرپ، پچا ڳاچا.

منگهاڻي = هلکو، گهٽتائيءَ وارو. خاميءَ وارو، گلا وارو.

هي بيت گنج، برٽش وارو نسخو ۽ شوقيرام واري نسخي ۾ موجود ناهي. شيخ صاحب بہ اهو ڏيکارڻ لاءِ بيت جي نمبر کي دائرو ڏنو آهي.

بمبئي ڇاپو، سُرديسي، داستان 1 بيت 4:
ڏاگهـا کيـهہ ڏرو، اجـا آريـاڻي اڳـي ٿيـو،
مـوڙي مجـر تـاريون، چانگـاْ تـا چـرو،
آن تـان حـرف هـرو، مورائيـن معـاف ٿيـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 1 بيت 4 (بمبئي ڇاپي وارو "چانگا تا چرو")

لغات لطيفي (قليچ) هَرو = هلڪو.

قاضي، داستان 1 بيت 5 (تا چرو) هرو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 4 (آئين چرو) هرو = حرف هرو، حرف حساب. "هرو" "حرف" جو دوڙي آهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 4 هَرو = ميار (تاچرو)

آڏواڻي، داستان 1 بيت 4 (تاچرو) هرو = ميار.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 4 (تاچرو)

قاسمي، داستان 1 بيت 4 (تاچرو) هرو = ميار، حرف حساب.

انصاري، داستان 1 بيت 4 (تاچرو) هرو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 542 هَرو = هلڪو، ميار وارو، پوسل وارو، نقص وارو، سائو، سڪيو، آلاڻ وارو.

اسان وٽ لفظ "هَرو" اجا حال حيات آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب لفظ "حرف" جو ڏوڙي، جيئن پاڻي پرپ، پڇا ڳاڇا" ڏني آهي ۽ پڻ اهو بہ اوهان ڏٺو تہ سواءِ گربخشاڻيءَ جي بيو ڪنهن بہ شارح ان ڪي لفظ "حرف" جو ڏوڙي نہ چيو آهي، هوئن معنائن واري شعبي ۾ شيخ صاحب جو تقريبن دارومدار ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي ڏنل معنائن تي آهي. سو لفظ "هرو" پاڻ هڪ اهم ۽ مڪمل لفظ آهي، جيڪو ڏاڙ پنهنجي ڪائنات رکي ٿو.

سٽ آهي: "آن تان حرف هرو، مورائين معاف ٿيو".

معنيٰ = اوهانجي مٿان آيل هلڪائي/گهٽتائي ۽ گلا وارو هر حرف شروع ڪان/اصل ڪان معاف ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "هرو" اسين اڄ بہ عام تا ڳالهايون.

جملو = هو پلي منهنجي لاءِ جيڪو ڪجهہ چون، پر مون ڪڏهن بہ انهن لاءِ هَرو حرف نہ چيو.

جملو = هوءَ جتي بہ وڃي منهنجي هري ڪري ايندي آهي.

لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام طرح سان بہ هلڪي ڪي "هَرو" چون يعني، "هرو ۽ ڳرو" معنيٰ هلڪو ۽ وزني، پر مٿي بيت ۾ آيل لفظ "هرو" وزن واري هلڪائيءَ ۾ نہ پر "گلا ۽ گهٽتائي" واري معنيٰ ۾ ڳالهائبو آهي. شيخ صاحب واري بيت جي ٻي سٽ آهي:

موڙي مجر تاريون، چانگا آئين چرو.

جيڪا گربخشاڻي صاحب ڪانسواءِ (جتان ئي شيخ صاحب کنيو آهي) ٻين سڀني نسخن ۾ "موڙي مجر تاريون، چانگا تا چرو" آيل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي اٺ، پنهنجي اندر کي ايئن پور پور/ذرا ذرا نہ ڪريو. پنهون (آرياڻي) اجا (گهٽو) پري آهي. اوهين مجر جون تاريون پڇي موڙي ڪائو. اوهان جي مٿان آيل هلڪائي/گلا وارو هر حرف/هر ڳالهہ شروع ڪان وٺي معاف ٿيل آهي.

سر ديسي، داستان 11 بيت 3 جلد 2،

مڙي منڌ وٺ آيون ساهيڙيون سهجا،

اَلسَفَرُ قِطعَتہُ مِنَ النَارِ، هاري موٽ هٿا.

سگ صراطَ المستَقيم جو، اٿئي ڪونہ اڳيان.

سي ڪيچي نيندءِ ڪٿا، جيئن تنهنجو نينهن نفاق سين.

## ڪِٿا :

شيخ = ڪيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = ڪٺان، ڪٿان.

هتـي رڳـو لسـبيلي ۽ ڪوهسـتان جي لهجـي جي اهڃـاڻي ڏيـڻ مقصود اٿم.

بيت ۾ آيل لفظ "ڪٺان" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪيئن" ڏني آهي جيڪا درست ناهي. "ڪٺـان" جي معنـيٰ آهـي "ڪـٿـان" جيڪـا گربخشاڻي صاحب، شهواڻي صاحب وغيره پڻ ڏني آهي. يعني "ڪٺان"، نيٺ ڪوهستان جملي ۾،

جملو = تو ڪَرَ ڏنو هو؟ ڪٺان تي ويو.

معنيٰ = تو ڪيڏي مهل ڏنو هو؟ ڪٿان پي ويو.

جملو = مان جَرَ ڏنو هو تَرَ تـٺان پي ويو. جِٺان تو ڏنو هو.

معنيٰ، مون جيڏي مهل ڏنو هو تنهن مهل اتان پي ويو، جتان تو ڏنو هو.

"ڪَرَ، جَرَ، تَرَ" معنيٰ ڪيڏيءَ مهل، جيڏيءَ مهل، تيڏيءَ مهل.

"ڪٺان، جٺان، تٺان" معنيٰ "ڪٿان، جتان، اتان".

"سي ڪيچي نيندءِ ڪٺان ـ" معنيٰ = اهي ڪيچ جي رهڻ وارا توکي (پاڻ سان گڏ) ڪٿان وٺي ويندا؟

سـر ديسـي، داسـتان 11 بيـت 4 جلـد 4،

مـڙي منـڌ وڻ، آيـون، جيـڏيون ڪـري جـوڙ،

سَـرئو سـور سـرير ۾، گھميـو لاهـي گھـور،

لـُـنءَ لـُـنءَ ۾ لطيـف چئـي، لڳـو پنهـونءَ پـور،

آريـاڻي اَتـور، وسـاري ڪيئـن ويهـي رهـان.

**سَرئو :**

شيخ = اسرئو، پيدا ٿيو.

منگھاڻي = حاصل ٿيو، پلٽ پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت جي نمبر کي دائرو ڏنل آهي ۽ گنج سميت ڪنهن بہ نسخي ۾ (سر ديسيءَ) نظر نہ آيو. لفظ "سَرئو" جي معنيٰ شيخ صاحب "اسرئو. پيدا ٿيو" ڏني آهي. جڏهن تہ اها معنيٰ لفظ "سِرئو" جي آهي يعني "س" تي زير سان ۽ "س" تي زبر سان "سَرئو" آهي، جيڪو لطيف ڪيترن ئي هنڌن تي آندو آهي. مثال طور، سر جمن ۾ "جہ سو سَرئو سوَر" معنيٰ" پلي اهو سور مونکي حاصل ٿيو. سر آبري ۾ "سو سودو سريس هتهين" معنيٰ، اهو سودو هتيئي حاصل ٿيس. سر راڻي ۾ "سو ڪين، سرئو مون" معنيٰ مونکي اهو ڪجهہ حاصل ٿيو ۽ ٻيا بہ گھڻائي مثال آهن (شاهہ جي رسالي ۾). بيت جي قافئي ۾ لفظ "جوڙ. آيل آهي. يعني "ڙ" سان باقي ٻيا سڀ "ر" سان آيل آهن. يعني پهرين سٽ ۾ "جوڙ" آهي. باقي ٻين سٽن ۾ "گھور، پور، اتور" آهي. اها پڻ شعر ۾ هڪ ڪاڻ آهي. (معنائن جي قطئي نظر).

سُر ديسي، داستان 11، بيت 7، جلد 2.

سيا سياهي، آهي آريءَ جام ريءَ،
ڪڏهن پسي ڪانہ ڪا، ريءَ لالڻ لالائي،
دُودُ دل تان دور ڪري، ڪر ساڃن صفائي،
مَنَ لا شَيخ "لہ فَشَيخہُ الشطانُ، ان رءَ اُونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي، گير گنوائي،
بلا شيخ مَن يمشِي فِي الطرِيقِ ڪَمَن يَمشِي فِي
البحَر بِلا سفينَہ اهڙي اوائي،
تنهن ريءَ توائي ڪوڙيين ٿين ڪيتريون،

**دُود :**

شيخ = دونهن، غبار، ڪاراڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = ڍڳ، انبار (بار، بوجهہ)

**اوائي :**

شيخ = بري يا خراب وائي يعني ڳالهہ.

منگهاٽي = بيعقل آزاد، بينوائي چڙواڳ.

گنج، صفحو 117 ۽ 118 (بيت ساڳيو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 4 (بيت گنج وارو، سٽ 5 ۾ "گير گنوائي" جي بدران "گيرب گمائي" آيل آهي.)

قليچ، داستان 2 بيت 4 (بيت شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) دود = دونهون، ڪارنهن، غبار.

اوائي = توائي، بيفائدو، خراب وائيءَ وارو، جنهنجي ڳالهائڻ ۾ فضيلت نہ هجي.

قاضي، داستان 2 بيت 4 سٽ 1، صبح سياهي... سٽ 5، گيرب گمائي.

سٽ 6، في الطريق... (تائين).

دود = دونهون، غبار. اوائي = موڳي، نادان.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 4 (سبہ سياهي، باقي قاضيءَ وارو)

دود = فارسي، دونهون، غبار. اوائي = اهڙي اوائي = اها اهڙي ڪُوائي يا خراب ڳالهہ آهي.

شهواڻي، داستان 2 بيت 4 (قاضيءَ وارو بيت)

دود = دونهون. اوائي = بد وائي يا خراب ڳالهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 2 بيت 4 (قاضيءَ وارو بيت) دود = دونهون، ڪت. اوائي = بد يا خراب وائي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 4 (بيت گنج وارو پر "گير" بدران گيرب")

قاسمي، داستان 2 بيت 4 (ڏيپلائيءَ وارو بيت) دود = دونهون.
اوائي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 2 بيت 4 (بيت قاضيءَ وارو)
دود = دونهون "غبار. اوائي = موڳي، نادان.

بلوچ، لغت "روشني" دود = معنيٰ ڏنل ناهي.

صفحو 32 اوائي = توائي، هلڪڙو، بنا سوچ ويچار جي هلندڙ، موڙهيل.

لفظ "دوڏ/دود" جي متي سر ڪلياڻ، داستان 3 ۽ بيت 13، 14، 15، ۽ 23 ۾ مڪمل سمجهاڻي ڏني اٿم. هتي ٻـ ساڳي "ڍڳ، انبار" واري معنيٰ ۾ آيل آهي، سٽ آهي، "دود دل تان دور ڪري، ڪر ساڃن صفائي" معنيٰ = دل جي متان آيل (ڏکن ۽ غمن جا) بار، ڍڳ لاهي. اي منهنجا محبوب، ان کي آجي ۽ هلڪي ڪرين.

ٻيو لفظ آهي "اوائي" جنهنجي سمجهاڻي پڻ متي سر ڪلياڻ، داستان 10 وائي 1 ۾ ۽ سر معذوري، داستان 8 بيت 4 ۾ ڏني اٿم جتي لفظ "اوائي" جي معنيٰ شيخ صاحب "توائي ۽ موڙهيل" ڏني هئي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ "بري يا خراب وائي يعني ڳالهه" ڏني آهي. سٽ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بلا شيخ من يمشي في الطريق كمن يمشي في البحر بلا سفينہ. اهڙي اوائي" معنيٰ = جيڪو بنا شيخ (رهبر يا مرشد) جي طريق يعني رستي ۾ هلي ٿو، اهو ان وانگر آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ کانسواءِ هلي ٿو. هوءَ اهڙي ئي بيعقل ڇڙواڳ آهي.

بيت ۾ آيل لفظ "اهڙي" جي معنيٰ شيخ صاحب "جيڪا" ڏني آهي. (اهڙي اوائي، شايد لفظ "اهڙي" سندس ڏنل لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ سان نٿي نهڪيو) جڏهن تہ هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ لفظ "اهڙيءَ" جي معنيٰ "جيڪا" ناهي. اوهان ڏنو تہ لفظ "اوائي" جي صحيح معنيٰ ڏيڻ سان لفظ "اهڙي" بہ نهڪي آيو. لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ متئين بيت ۾ سيني شارحن "بد يا خراب وائي" ڏني آهي. اهي سڀ حيلا ان ڪري آهن جو لفظ "اوائيءَ" جي اسان واري معنيٰ کان سڀيئي شارح اڻ واقف آهن. بيت ۾ آهي تہ، هوءَ (سسئي) اهڙي بيعقل ڇڙواڳ آهي جو بنا ڪنهن بورائوءَ جي انن جي پيرن جي نشانن تي پٽڪندي رلندي ٿي وڃي. ايئن، جيئن ڪو بنا ٻيڙيءَ جي پاڻيءَ (سمنڊ/درياهہ) ۾ سفر ڪري. بيت ۾ بد يا خراب وائي ۽ ڳالهائڻ جو ڪوبہ ذڪر ناهي. باقي اڻ ٻڌل لفظن جون معنائون ڪاڻي، ڪوتي، ڇلي جوڙجن تہ، " اَ" معنيٰ "نہ" وائي معنيٰ "ڳالهہ" "اوائي" معنيٰ "خراب ڳالهہ"! جيئرن لفظن جون " اَ، آ، او، اي" سان معنيٰ ڪيڻ تہ حقيقت سان هٿ چراند ڪرڻ آهي. هر لفظ جي معنيٰ هٿ نوڪي سانچي ۾ فٽ/پوري نٿي ڪري سگهجي. اهي لفظ جيڪي اڄ بہ ڀرپور ۽ طاقتور طريقي سان ڳالهائجن پيا انهن جون معنائون نہ اچڻ جي صورت ۾ ڪيئن ٿيون ايجاد ٿي سگهن؟ ان سلسلي ۾ يا تہ ووڙيو وڃي يا تہ انهن لفظن کي جيئن آهن تيئن ڇڏيو وڃي. ڊرائينگ روم هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم جي ڄاڻ ڏيندڙ جادوءَ جو ڏيئو ڪونهي. بيت ۾ آيل ٻن لفظن ”دود ۽ اوائي“ جي مٿي ڏنل سمجهاڻين جي باوجود هن بيت کي هتي آڻڻ جو مقصد بيت جي شڪل صورت بہ آهي. بيت جو پهريون ٿي لفظ ”سبہ، صبح، سيا“ وارين صورتن کان سواءِ سٽ 6 جي ڊيگهہ پڻ شعر جي قانون جي خلاف آهي ۽ لطيف جي نفيس ۽ حساس مزاج سان مطابقت نٿي رکي. ڪن نسخن ۾ اها سٽ ”في الطريق“ تائين آهي اصل ۾ صحيح بيت ڪهڙو آهي؟ جواب ڪير ڏيندو؟

سـر ديسـي، داسـتان 11، بيـت 14، جلـد 2،
دوڪ دهلئـا جـت، گـورا هلـن نـہ گـس ۾،
چـوُ سـال ئـي نـہ چلڻـا، تنـگ نهـاري تـت،
ان اڙانگـي پنـڌ جـي، ڪـا نيشـن پـوءِ نـرت،
سسـئي وڏي سـت، جـا ايهـي پـر پنـڌ ڪـري،

**دَوڪَ :**

شيخ = ٻن سالن جي عمر وارا اٺ. ٻن ڏندن وارا اٺ.
منگهاڻي = وڇولو گورو. ڇئن سالن جو ”بہ ڏندو“ اٺ.

**نيشن :**

شيخ = نيشن کي، انهن اٺن کي جن جا سپ ڏند ظاهر ٿيا هجن. ڦوهہ جوانيءَ وارن اٺن کي.

منگهاڻي = وڏيءَ عمر وارن پوڙهن تجربيڪار اٺن کي، ڪراڙن اٺن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 12.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 50 بيت 282.

شوقيرام، داستان 2 بيت 12.

قليچ، داستان 2 بيت 12.

لغات لطيفي (قليچ) دوڪ = جوان اٺ پنجن ورهن کان ننڍو.

نيشن = ڇهن ورهن جو اٺ، وڏو اٺ.

قاضي، داستان 2 بيت 10، دوڪ = پنجن سالن کان ڇهن سالن جي وهيت جي عمر. نيشن = ڇهن ورهين جو جوان اٺ، وڏو ڏنڊ، همت وارو جوان.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 13، دوڪ = پنجن ڇهن سالن جو. نيش = پورو جوانَ. جنهن صورت ۾ هن بيت ۾ انن جا ڪي اصطلاحي نالا سندن عمرين موجب آيل آهن تنهن صورت ۾ اهي سڀ تفصيلوار ڏجن ٿا. سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ انهن نالن ۾ قدرتي تفاوت آهي. مگر اڪثر نالا هن ريت آهن. ڪير ڏائڪ گوڙي ڪي "لاوُرو" چوندا آهن. اهو نالو هڪ سال تائين هلندو. هڪ کان ٻن سالن تائين ان کي "ڏبڙ" يا "ڪنواٽ" چوندا آهن. ٻن سالن کان ٽن سالن تائين "ٻهاڻ"، ٽن سالن کان چئن سالن تائين "ٽهاڻ" يا "مزات"، چئن کان پنجن سالن تائين "ڇٽ"، پنجن کان ڇهن سالن تائين "دوڪ"، جو تہ ان عمر ۾ ان کي هينئين ڄاڙيءَ ۾ ٻہ ڏند نڪرندا آهن. ڇهن کان ستن سالن واري اٺ کي "چوڳو" يعني چئن ڏندن وارو. ستن کان انن سالن تائين "ڇڳو" يعني ڇهن ڏندن وارو، انن ورهن جي عمر ۾ هن کي ٻنهي ڄاڙين جي پاسيرو ٻہ ٽڪا ڏِگها ڏند، جن کي فارسيءَ ۾ "نيش" چوندا آهن، نڪرندا آهن. پوءِ چئبو آهي تہ هاٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نيش“ ٿيو يعني پورو جوان ٿيو. ٽن سالن کان پوءِ وري چار ڀيا ”نيش“ ڪڍندو آهي. پوءِ چوندا تہ هاٺي اٺ ”ارموش“ ٿيو. انهيءَ بعد پوئتي هٽندو ويندو آهي. اٺ جي عمر ٽيهن سالن تائين ٿيندي آهي. ”چوُسال“ وارو اصطلاح گهوڙي سان لڳندو آهي. گهوڙو ٽن سالن جي عمر ۾ ”دوڪ“ ٿيندو آهي. هڪ سال گذرڻ بعد ان کي ”چوُسال“ ڪري سڏيندا آهن. هڪ وڌيڪ سال گذرڻ پڇاڙا هن کي هڪڙو تکو ڏکهو ڏند، اٺ جي نيش وانگر نڪرندو آهي. ان وقت چوندا گهوڙو ”پانچاريو“ آهي. يعني ڦوهہ جوان ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ”چوُسال“ ۽ ”پانچاريو“ ٻئي گهوڙن جي عمرين موجب اصطلاحي نالا آهن. تہ بہ هتي ”دوڪ“ ۽ ”نيش“ جي وچ وارين عمرين جي اٺن يعني ”چوڳي“ ۽ ”ڇڳي“ لاءِ ڪم اندا ويا آهن.

شهواڻي، داستان 2 بيت 13 دوڪ = ٻہ ڏندا پنجن ڇهن سالن جا اٺ.

نيش = پورو جوان اٺ.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 13 دوڪ = پنجن ڇهن سالن جا اٺ

نيشن = نيشي گهوڙن يا اٺن.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 12

قاسمي، داستان 2 بيت 12 دوڪ = معنيٰ ناهي. نيشن = سگهارن.

انصاري، داستان 2 بيت 14 دوڪ = پنجن کان ڇهن سالن جي وهٽ جي ڄمار.

نيشن = ڇهن ورهين جو جوان اٺ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 194 دوڪ = ٻن سالن جا وڏا ڪنوات جن ٻہ ڏند ڪڍيا ھجن. صفحو 486، نيشن = نون سالن جا وڏا اٺ. نيشي = وڏا نيش اٺ.

”دوڪ“ ۽ ”نيش/ نيشات“ اٺ جي عمر جون ٻہ حدون آھن. ”دوڪ“ اھو جيڪو اجا مس ساماٽو آھي، يعني ڪيرڏائڪ گوري ڪان وڌو يعني چار سالن جو ٻہ ڏندو. سٽ آھي. ”دوڪ دھليا جت، گورا ھلن نہ گس ۾“ معنيٰ = جتي (ڏکين جبلن ۾) ڪچا گورا خوف مان دھلجي ٿا وڃن، ۽ گورا (ڪير ڏائڪ) تہ واٽ تي ھلن ئي نٿا/گس تي وک ئي نٿا وجھن. ”دوڪ“ ننڍو وچولو گورو. چئن سالن جو ٻہ ڏندو. پر ان کي اٺ ڪونہ چئبو. ”دوڪ يا گورو“ سڏبو. ”نيش/نيشات“ پوڙھي ۽ ڪراڙي کي چئبو آھي ۽ لطيف ٻہ لفظ ”نيش“ وڏي عمر ۽ وڏي تجربي طور ڪم آندو آھي. سٽ آھي. ”ان اڙانگي پنڌ جي ڪا نيش پوي نرت.“ معنيٰ = ان ڏکي ۽ مشڪل پنڌ جي ڪا پوڙھن/ڪراڙن اٺن کي پروڙ پوندي/ فھم ٿيندو.

لفظ ”نيشن يا نيشات“ رڳو اٺ لاءِ ئي مخصوص ناھي پر ماڻھوءَ سميت ھر وڏي عمر جي پوڙھي کي چيو وڃي ٿو.

جملو = ادا، جي اٺ نيشات آھي، تہ آئون سندس ڏٽي ٻہ ھاٽي اچي نيشات ٿيو آھيان. معلومات لاءِ اٺ جي عمر جي حساب سان نالا حاضر آھن:

1. گورو/ڪيرو ـ ڇاول
2. اَتَوڙُ/ڪيرو ـ ھڪ سال جو
3. ڇَتُ/ ڪيرو ـ ٻن سالن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. پڪو ڇٽ/ ڪيرو ـ ٽن سالن جو
5. دوڪ ٻہ ڏندو ـ چئن سالن جو
6. چوڳو ـ ڪنواٽ ـ چار ڏندو. پنجن سالن جو.
7. ڇڳو/ ڪنواٽ ـ ڇهہ ڏندو، ڇهن سالن جو.
8. تجو ڇهہ ڏندو ـ ستن سالن جو.
9. اٺ (پورو اٺ) ـ اٺن سالن جو.
10. نيش/نيشاٽ ـ وڏو اٺ/پوڙهو/ڪراڙو اٺ.

متي گربخشاڻي صاحب ڇيو آهي تہ، اٺ کي ٻن سالن کان ٽن سالن تائين "ٻهاڻ" ۽ ٽن سالن کان چئن سالن تائين "ٽهاڻ" چئبو آهي. جڏهن تہ "ٻهاڻ ۽ ٽهاڻ" اٺ لاءِ چئبو ئي ناهي. "ٻهاڻ" نوجوان (مادي) گڏهہ/گهوڙيءَ کي ۽ "ٽهاڻ" نوجوان "مينهن" کي چئبو آهي. جيئن متي لفظ "ٻهاڻ" بابت ڳالهائيندي ڪوهستان جو هڪ دلچسپ شعرنامو ٻڌايو هوم. هتي بہ ساڳيئي صورتحال آهي ۽ ٻهاڻ ۽ ٽهاڻ جو ذڪر بہ ساڳيو آهي سو ورجاءُ سنو تو لڳي.

مـــــڙس جـــــي رهـــــاڻ يلـــــي،
مينهـــــن تــــــ ٽهـــــاڻ يلـــــي،
گهـــــوڙي تــــــ ٻهـــــاڻ يلـــــي،
جـــــوءِ مڙيئـــــي جـــــواڻ يلـــــي،
اهـــــي چـــــار ئـــــي تـــــوڪ يـــــلا،
تڪـــــا مڙيئـــــي روڪ يـــــلا.

اٺ جا جيڪي پاسن کان تڪا ۽ ڊگها ڏند نڪرندا آهن، انهن کي فارسيءَ ۾ يلي "نيش" چئجي پر لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ انهن کي "ڪيرَ" چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = جتي ڪچا گورا ڏڄن/ ڍهلجي وڃن ۽ ڪيرا گورا تہ واٽ تي وک ئي نہ وجهن/ گس تي هلڻ لاءِ اصل تيار ئي نہ ٿين. جتي چؤسال بہ هلي نہ سگهن. اتي هوءَ (سسئي) سوڙها لڪ پيئي تڪي ۽ ڳولي. انهن (رستن) جي پوري خبر پنجن سالن جي اٺن کي بہ مس پوي. انهيءَ ڏکئي سفر/پنڌ جي پروڙ ڪا پوڙهن/ڪراڙن، تجربيڪار اٺن کي پوي تہ پوي ۽ سسئي ايڏي سگهي/سگهاري آهي، جا اهڙيءَ ريت پيئي پنڌ ڪري.

سر ديسي، داستان 11 بيت 20 جلد 2،
اوني اڏورا، ڏورا متن ڪپڙا،
ڪوه جاڙا ڪيڻ وئا، اهڙيءَ پت اورا،
ڪاٺيءَ ڪي ڪورا، جبل پسي جاڳيان.

**ڪورا :**

شيخ = پاٽيءَ کي گهٽي باهہ ڏيئي ٺهڪائڻ سان پيدا ٿيل پاٽيءَ جا ڦوڪٽا، جوش، اڏما.

منگهاڻي = وڏين باهين جا ڏوڏا/باهہ جا ڍِڳ، مَچَ.

متي سر جمن، داستان 3 بيت 22 جي سٽ، "هڪڙا ڪوري ڪانيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڱن" هئي اتي آيل لفظ "ڪوري" جي معنيٰ شيخ صاحب "ٻني (جنهن ۾ ڪاٺ جي ٻنڊن کي پوري باهہ ڏيڻ سان اڱار ٺاهيا ويندا آهن) ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ "ڪورو/ڪوري" جي معنيٰ ڪوسي پاٽيءَ جا ڦوڪٽا ڏني آهي. سٽ آهي، "ڪاٺيءَ ڪي ڪورا، جبل پسي جاڳيا".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = هن ٻريل/سڙيل جي اندر ۾ موجود باھہ جا ٻنا/ڏوڏا جبل ڏسي جاڳي پيا/پڙڪي پيا. هي بيت لطيف جي  ڪنهن بہ نسخي ۾ منهنجي نظرن تان نہ لنگهيو. (بيت جي نمبر ڪي دائرو ڏنل آهي)

سر ديسي، داستان 12، بيت 11، جلد 2،
ڪيچين ڪرهہ پلاڻيا، جاتيرا جتن،
ڪجاوا ڪرهن تي، جڙيا جال جتن،
گوربند گنگن تي، ٽليون سين ٽوئرن،
ٻڌا ڏوريءَ وجن چوريءَ، ان جا ڪُرَ نہ ڪڙڪو ڪن،
تن جو پير نہ لڳو پنئين، توڙي ڪامن سان ڪٽجن،
تُوريٌ ٽڪر چاڙھئا، ساجھر سرواڻن،
الله اٿ اچن، جن پنهون نئو پاڻ سين.

**جاتيرا :**

شيخ = سني نسل وارا، بنيادي.

منگھاٽي = ذاتيرا، رنگ رنگ جا، ذات ذات جا، هر نموني ۽ طرح جا.

گنج صفحو 109 ("جاتيرا" لهجي جو فرق آهي يعني "ذاتيرا")

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي، پر هن بيت کي لطيف جو سمجهي پنهنجي نسخي ۾ آندو ويو آهي. ان لاءِ آئون سؤ سيڪڙو يقين سان ٿي چوان تہ هي بيت لطيف جو ناهي! حالانڪ گھڻن بيتن/واين لاءِ مون پنهنجي راءِ محفوظ رکي آهي، پر هن بيت منهنجي صبر جو پيمانو لبريز ڪري ڇڏيو. هي بيت ڪنهن عام فقير جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت آهي. جنهنجو درجو يقينن سانوڻ فقير کان گهڻو گهٽ آهي. هتي منهنجي مراد کنهن کي گهٽ/وڌ ڪرڻ ناهي، پر لطيف هڪ حيرت جهڙو انتهائي متائين درجي جو شاعر آهي. جنهنجي ڪلام ۾ فڪر، فلسفي، پيغام کان علاوه هڪ عجب جهڙي چڪ ۽ اڇل آهي، جيڪا هر اهو ماڻهو سمجهي سگهندو جيڪو لطيف سرڪار جي ڪلام کي تمام گهرائيءَ سان سمجهي، پڙهي سگهندو هوندو. نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ ايئن ئي ڏارئين ڪلام جي پرمار ٿيندي رهندي شاهہ جي رسالي ۾.

بيت ۾ آيل لفظ ”جاتيرا“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”سٺي نسل وارا، بنيادي“ ڏني آهي جيڪا درست ناهي. ”جات“ معنيٰ ”ذات“ سٺي يا خراب. ان ۾ ”سٺي نسل ۽ بنياديءَ“ جي کهڙي ڳالهہ آهي؟ ”جاتيرا“ معنيٰ ”ذاتيرا“. ذات ذات جا، نسل نسل جا، رنگ رنگ جا هر طرح جا.

جملو = رليون ڳنڍڻ لاءِ ذاتيريون ٽڪريون ڏي تہ ڳنڍي ڏيانءِ.

جملو = هن پاڻ لاءِ اهڙا تہ ذاتيرا ڪپڙا آندا آهن جو دنگ آهي.

سٺ آهي، ”ڪيچين ڪرهہ پلاڻيا، جاتيرا جتن“

معنيٰ = ڪيچ جي رهڻ وارن (پنهون جي ڀائرن) پنهنجا ذات ذات جا رنگ رنگ جا، نسل نسل جا اٺ پلاڻيا/سنيرايا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ديسـي، داسـتان 12 بيـت 25 جلـد 2،

هـيءَ ڳسـي هـيءَ ڳـس، هـي ٻهـڻ هـي پيچـرو،
ليـڙن جـو لطيـف چئـي، ڏونـگر آهـي ڏس،
ويچـاريءَ وڏو ڪيـو، وينـدن پنيـان وس،
جـڳ ۾ رهيـس جـس، سـڳر تـي سـردار جـي.

## ڳسي :

شيخ = اٺ جا نرم نرم ليڏوٽا يا پنڙي تيڪ.
منگھاڻي = نندي واٽ سوڙهو رستو.

## سڳر :

شيخ = سڳر ۾، ساٿ ۾، سنگت ۾، جماعت ۾.
منگھاڻي = برابر، شريڪ، هڪ جھڙي.
گنج، صفحو 3.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 17 بيت 90 (ٽي سٽون) "ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن پنيان وس" واري سٽ ڪانهي.
شوقيرام، داستان 8 بيت 12 (چار سٽون) سر آبري.
قليچ، داستان 8 بيت 12 (چار سٽون) سر آبري.
لغات لطيفي (قليچ) ڳسي = اٺ جو ليڏٽو، لڏ، تيڪ. سڳر = رستو، سنگت.
قاضي، سر آبري، داستان 6 بيت 13 ڳسي = اٺ جا ليڏوٽا.
سڳر = رستو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 13 گسي = اٺن جا ليڏوٽا. سگر (عربي، ثغر) سوڙهه لنگهه پيچرو.

شهواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 14 گسي = ليڏوٽا. سگر = راهه، پيچرو.

آڏواڻي، سر آبري، داستان 8 بيت 13 گسي = لڏ، ليڏوٽا. سگر = پيچري، راهه.

ڏيپلائي، سر آبري، داستان 8 بيت 17.

قاسمي، سر آبري، داستان 8 بيت 12 گسي = اٺن جا ليڏوٽا. سگر = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، سر آبري، داستان 8 بيت 12 گسي = اٺن جا ليڏوٽا. سگر = رستو.

بلوچ، لغت "روشني" گسي = معنيٰ ڏنل ناهي. صفحو 275، سگر = ساٿ واري واٽ (اصطلاحي طور) ساٿ ۽ ساٿي.

بيت ۾ آيل ٻه لفظ "گسي ۽ سگر" اهڙا آهن جن جي معنيٰ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مختلف آهي. پهريون لفظ "گسي" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب سميت سڀني شارحن "اٺ جا ليڏوٽا، لڏ، تيڪ" ڏني آهي.

لسٻليي ۽ ڪوهستان ۾ "گسي" ننڍي سنهي واٽ کي چئبو آهي. سٽ آهي، "هي گسي، هي گس، هي پهڻ هي پيچرو".

معنيٰ = هيءَ سنهي ننڍي واٽ، هي رستو، هي جبل/پٿر هي ور وڪڙ واري واٽ. يعني، سٽ ۾ رستن، واٽن، راهن جو ذڪر آهي. ڪا وڏي ڪا ننڍي ڪا سوڙهي ڪا ور وڪڙ واري ۽ پهڻ پٿر ته آهن ئي آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سگهي ٿو اتر واري پاسي اٺ جي ليڏوٽن کي "گسي" چيو ويندو هجي. لفظ "گسيءَ" جي معنيٰ "ليڏوٽن" سان گڏ ڪن محترم شارحن "لڏ" بہ ڏني آهي.

"گسيءَ" جي معنيٰ جي قطئي نظر بہ "ليڏوٽا ۽ لڏ" ساڳي ڳالهہ ناهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "گهوڙي ۽ گڏهہ" جي رفع حاجت کي "لڏ" چيو ويندو آهي. پر "اٺ" کي ڪڏهن بہ "لڏ" لاهڻ جو نٿو چئجي. جبل ۾ اٺ نهايت ئي محترم، معزز، معتبر ۽ عزت وارو جانور آهي ۽ لفظ "لِڏِ" جبل ۾ بيعزتيءَ جي علامت آهي. جيئن ڪو ماڻهو گهٽو ۽ گندو ڳالهائيندو تہ چئبو،

جملو = اتي نڪر باهر گهٽي لِڏِ ڪيئي.

جملو = فلاڻو ماڻهو جيتري بہ دير وينو هو رڳو لِڏِ ڪيائين.

۽ اهو بيعزتو لفظ ڪڏهن بہ اٺ جهڙي معزز جانور لاءِ اسين ڪونہ چئون.

ٻيو لفظ آهي "سڱر" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب مختلف ڏني آهي. هي لفظ لطيف سرڪار پنهنجي ڪلام ۾"واٽ، رستو ۽ پيچري" واري معنيٰ ۾ بہ گهٽ هنڌن تي آندو آهي. مون سر معذور، داستان 2 وائي 1 جلد 2 ۾ آيل لفظ "سڱر" جي ان نئين معنيٰ کان متعارف ڪرايو هو، جنهن ۾ اسين ڳالهايون ٿا ۽ جنهن معنيٰ ۾ لطيف اهو لفظ وائيءَ ۾ آندو هو ۽ جنهن معنيٰ ۾ هن مٿين بيت ۾ لفظ "سڱر" آيل آهي، جيڪا آهي "برابر، شريڪ، هڪ جهڙي" وائي جي سٽ آهي:

"هل هوتن ڪارڻ حال، شال سڱر تيندءِ سات جي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = تون ھينئر ئي پنھونءَ لاءِ ھل/ پنڌ ڪر، الله ڪندو تہ وڃي انھن سان شريڪ ٿيندينءَ. اتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "سڳر تي، واٽ تي" ڏني ھئي. ھتي بہ ساڳيئي معنيٰ ۾ لفظ سڳر آيل آھي. سٽ آھي: "جڳ ۾ رھيس جس، سڳر تي سردار جي، " معنيٰ = دنيا ۾ سسئيءَ جي عزت/ وھ واھ رھجي ويئي ۽ ھوءَ سردار (حاڪم پنھون) جي برابر/شريڪ ٿي ويئي. (ھڪ ئي ھنڌ زمين ۾ پيھي وڃڻ. پنھون شھزادو ھو ۽ سسئي ھڪ ڌوٻڻ جنھن پاڻ کي پنھونءَ جي جتيءَ جي برابر بہ نٿي سمجھيو (ھو جي پائن پير ۾ آئون تنھن جتيءَ نہ جيھي) تنھن کي سندس عشق جي سچائيءَ نيئي پنھونءَ جي برابر ڪيو.) "سڳر تي سردار جي" معنيٰ، سردار جي برابر ٿي. جيئن منھنجا بہ پائٽيا آھن. لطيف ۽ مارئي. ٻئي مونکي ھڪ جھڙا منا آھن. پر جي مارئي چوي تہ، "پڇي، اوھان لطيف کي وڏيڪ ٿا پانيو." تہ آئون چونديس، "نہ مني، تون مونکي لطيف سڳر اھين."

بيت جي سمجھاڻي = ھي سنھي ننڍي واٽ، ھي وڏو رستو، ھي پٽر/جبل ۽ ھي ور وڪڙ وارو سوڙھو پيچرو. اھا ئي انن جي ايڊريس آھي. جبل ئي انن جو پتو آھي. (جبلن ۾ ڏورڻ ۽ ووڙڻ سان ئي پنھونءَ جو پتو پوندو) ھن (سسئي) ويچاريءَ ويندلن (پنھونءَ ۽ ڪيس وٺي ويندڙ پائرن) جي پنيان (پنڌ ۽ سفر ڪرڻ ۽ ڏکيائون سھڻ) ۾ وڏا وس/حيلا ڪيا. (ان سبب جي ڪري ئي) دنيا ۾ سندس چڱائي، نيڪي ۽ واھ واھ رھجي ويئي ۽ ھوءَ (سسئي) وڃي پنھنجي محبوب سان ملي ۽ سردار (شھزادي پنھونءَ) جي برابر شريڪ ۽ ھڪ جھڙي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ديسي، داستان 12 بيت 26 جلد 2،
پنھونءَ سين پرت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
ڀنيي ھن ڀنيور ۾، وھڻ وھ ٿيوم،
متيون موٽڻ سنديون، ڪاڪيون ڪين ڏيوم،
سرتيون ساھ سندوم، ٿيو حوالي ھوت جي.

**ڀنيي :**

شيخ = سھٽي، پر ھتي ٺوڪ جي نموني معنيٰ ٿيندي بدزيبي، بي ڊولي.

منگھاٽي = گھري/گھاٽي.

گنج، صفحو 60

برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 61 بيت 343

شوقيرام، داستان 7 بيت 8

قليچ، داستان 7 بيت 8

لغات لطيفي (قليچ) ڀنيي = ڳتيل وار متي جا، زلف، چڳا، موچارا، سھٽا.

قاضي، داستان 7 بيت 1، ڀنيي = ڪارا گھنڊيدار وار.

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 1، ڀنيي = ڀنيو = بي ڊولو، بدزيبو.

شھواڻي، داستان 7 بيت 1، ڀنيي = بي ڊولي، بدزيبي.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 1، ڀنيي = بدحال، ايوڳي.

ڏيپلائي، داستان 7 بيت 2.

قاسمي، داستان 7 بيت 8، ڀنيي = بد زيبي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 7 بيت 1، ڀنيي = ڀنيا = ڪارا گهنڊيدار وار.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 60، ڀنيي = ڀنيو = ڪڪو وار، هلڪي سنهري رنگ وارو وار. ڀاڙهيرڙي ڀوري رنگ وارو وار. ڀاڙهاڻ تي مائل سهڻي رنگ وارو وار (ڪارن وارن جي وچ ۾ ٿورڙن ڀنين وارن جي ليڪ سهڻي لڳندي) ڀنيا وار = ڀورا سهڻا وار. ڀنيي هن ڀنيور ۾ = هن سهڻي ڀنيور ۾ (طعني طور).

مٿي آئون "ڀنيا/ڀنيو" بابت سمجهاڻي ڏيئي آئي آهيان، پر مونکي ساڳي لفظ بابت وري سمجهاڻي ان ڪري ڀيئي ڏيڻي پوي ٿي ساڳئي لفظ جا شارح هر هنڌ بيت جي مفهوم موجب معنيٰ ڏيئي رهيا آهن، جيڪا هرگز ڪين ڏڪين لفظن جي معنائن ۾ ڏيڻ نہ گهربي هئي ڇو جو ان جي غلط تاثر ملڻ سان گڏ وڏو نقصان هر ان شاگرد کي اوس ٿيڻو آهي، جنهن جو مضمون خاص ڪري لطيف ۽ عام طور تي سنڌي ٻولي هوندو ۽ ان سان گڏ لطيف جي پڙهندڙ کي تہ نقصان رسڻو ئي رسڻو آهي.
اسان وٽ لفظ "ڀنيا" جي معنيٰ آهي، "گهرا، ڀِتيل، گهاٽا وار" جنهنجو ڀاڙهن، ڀورن، سنهري وارن سان ڪوبہ تعلق ۽ واسطو ناهي. هن بيت ۾ آيل لفظ "ڀنيي" جي معنيٰ گهڻن محترم شارحن "بي ڊولو، بدزيبو/بي ڊولو، بدزيبي" ڏني آهي جنهن لاءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب چيو آهي تہ اهو "ٽوڪ ۽ طعني طور" چيل آهي، جڏهن تہ هتي ڪابہ ٽوڪ ۽ طعنو ناهي. ڇو جو لفظ "ڀنيي" جي معنيٰ نہ "سهڻو" آهي نہ ئي "بدصورت" آهي. سٺ آهي، "ڀنيي هن ڀنيور ۾، وهڻ وهہ ٿيوم". معنيٰ هن گهري/ڀِتيل/گهاٽي (وٽن "ساوڪ" سر سبز، ماڻهن مان ڀريل شهر) ڀنيور ۾ وهڻ/رهڻ مون لاءِ زهر/عذاب تي ويو آهي. هتي ٽوڪ ۽ طعني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ سسئي تہ حقيقت تي ٻڌائي تہ، منهنجو شهر (ڀنڀور) آباد ۽ سرسبز آهي پر پنهونءَ کانسواءِ اتي هڪ پل گذارڻ بہ مون لاءِ عذاب آهي، زهر آهي. هتي بدزيبي ۽ ٻي ڊولي جو ڪهڙو تذڪرو آهي؟ هتي تہ ذڪر آهي سسئيءَ جي پنهنجي ذاتي ڪيفيت جو.

بيت جي سمجهاڻي = مونکي پنهونءَ، پيار جو اهڙو تہ پيچ/پيوند پاتو جو، هن گهري، ڳتيل (آباد سرسبز ۽ ماڻهن مان ڀريل شهر) ڀنڀور ۾ وهڻ ئي مون لاءِ زهر تي ويو. (پنهون ناهي تہ ڪيئن وهان؟ ڀلي ڪيڏو بہ آباد ۽ سرسبز ڇو نہ هجي) اي جيڏيون، مونکي پنيان موٽڻ/واپس ورڻ جو عقل نہ ڏيو/ مونکي سمجهائي وهارجو نہ. اي سرتيون، منهنجو ساهہ محبوب تان صدقي آهي/ان جي ئي حوالي آهي.

سر ڪوهياري، داستان 5 بيت 5 جلد 2،

ڪنهن پر رئان پريـنءَ کي، پار نہ جاڻا پير،

ڀنڻ مون پيڙو ٿيو، سورن لايو سير،

آريءَ لئي الير، رقص ڀاڳي رن جي.

**ڀنڻ :**

شيخ = ڀتڪو، روڄ راڙو، ماتم.

منگهاڻي = اها جاءِ جتي اڇي روئجي، ڇتر، پٽر، ڏک اورڻ جو هنڌ.

**ڀاڳي :**

شيخ = ڀاڳي ۾، نصيب ۾.

منگهاڻي = حصي ۾، ڀتيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 43 ۽ الف 43.

برٽش، صفحو 35، بيت 189.

شوقيرام، داستان 6 بيت 5،

قليچ، داستان 6 بيت 5،

لغات لطيفي (قليچ) پنڙ = ماتر، منهن متو پٽڙ، دانهون ڪرڻ. پاڱي = پاڱو، حصو، نصيب، قسمت.

قاضي، داستان 6 بيت 5، پنڙ = روح، ماتر. پاڱي = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 5، پنڙ ۽ پاڱي = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 6 بيت 5، پنڙ ۽ پاڱي = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 5، پنڙ = معنيٰ ڏنل ناهي. پاڱي = قسمت ۾.

انصاري، داستان 6 بيت 5، پنڙ = ماتر. پاڱي = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 61، پنڙ = وڏي آواز وارو روح راڙو.

صفحو 56، پاڱي = پاڱو، حصو، ٽڪرو، پتي.

اسان جي تر ۾ لفظ "پنڙ" جي معنيٰ آهي. "اهو هنڌ، اها جاءِ جتي روئڻ پٽڻ، ماتم ۽ سوڳ/سوڳ" هجي، نہ ڪي "روح راڙي" ڪي ٿي "پنڙ" تو چئجي. جيئن سيني محترم شارحن چيو آهي. سٺ آهي:

"پنڙ مون پيڙو ٿيو، سورن لايو سير" معنيٰ = اهو مقام، اهو هنڌ مون وٽ اچي پهتو آهي، (جنهن ۾ رڳو ماتم هوندو) ۽ سورن واتون ۽ رستا بنائي ڇڏيا آهن، (ايندي ايندي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = آئون ٻنڍ ۾ ويٺي آهيان. هيٺئر ڪهڙي ڳالهہ عزور ۽ ميارون ڏيانءِ.

جملو = مونتي جنات جو اثر آهي. آئون ٻنڍ تي نڪو وڃان نہ وهان. جهلجي تي پوان.

ٻيو لفظ آهي ”ياڳي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ياڳي ۾“ سان گڏوگڏ ”نصيب ۾“ ڏني آهي، جيڪا درست ناهي. ڇو جو مفهوم مطابق معنيٰ کي ڏکين لفظن وارين معنائن ۾ ڏيڻ جي آئون شدت سان مخالفت ڪنديس. ”ياڳي“ جي معنيٰ آهي“ حصو، ٻتي ”واحد. ياڳو“ جمع ”ياڳا“ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو لفظي معنيٰ بدران مفهوم کي ڪٽي پوءِ هن سٽ جي معنيٰ ڪري تہ ”مڙيا مڇ هزار، ياڳا ٿيندي سوهٽي“ تہ ان جي معنيٰ ايئن ٿيندي تہ، هزارين مڇ مڙي آيا آهن نصيبن ۾ ٿيندي سوهٽي! متين بيت جي سٽ آهي، ”آريءَ لئي الير، رقص ياڳي رن جي“ معنيٰ، پنهون لاءِ ڪاهون ۽ اڳري وڏڻ (لچڻ، ڦتڪڻ، هلائون ڪرڻ) وارو رقص/ناچ هن بيواهي عورت جي حصي ۽ ٻتي ۾ آيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڪهڙيءَ طرح پنهنجي پرينءَ لاءِ رئان؟ آئون تہ پارن ۽ اوسارن جي واٽ ئي نتي لهان. (پار ڪيئن ڪيبا آهن/ روئبو ڪيئن آهي؟ مونکي تہ اهو طريقو ئي نتو اچي) ماتم ۽ سوءَ جو مقام اچي منهن مقابل ٿيو آهي. سورن اچي اچي واٽون بنائي ڇڏيون آهن. (سور ايترا گهڻا آيا جو واٽون بنجي ويون) پنهنجي محبوب لاءِ ڪاهون ڪرڻ (لچڻ/ڦتڪڻ) واري ناچ هي بيواهيءَ عورت جي حصي/ٻتيءَ ۾ آئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر حسيني، داستان 1 وائي جلد 2،
هوند جي ڏٺائون وو جيڏيون...،
سٽ 6: مون مُنيءَ تي منڊئا، گونڊر گلائون،

**منڊئا :**

شيخ = ڪڙا تيا، آيا تيا.
منگهاڻي = مڙهيا، ناهيا، جڙيا.
سٽ 13: ڏينديس شاخ سڀ ڪنهن وڻ واچائون.

**واچائون :**

شيخ = واڏايون، مبارڪون، ڪيرون.
منگهاڻي = باسون، نذرانا.
گنج، صفحو 110. برٽش واري نسخي ۾ هي وائي موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 1 وائي 1 (مون مُنيءَ تي... واري سٽ ناهي)
قليچ، داستان 1 (مون منيءَ تي... واري سٽ ناهي)
لغات لطيفي (قليچ) منڊيا = منڊڻ = بهارڻ، شروع ڪرڻ، اٿڻ.
واچائون = واڏايون، ٻول، نذر.
قاضي، داستان 1 وائي 1 (شوقيرام واري) واچائون = سخن، انجام.
گربخشاڻي، داستان 1 وائي (شوقيرام واري) واچائون = واحد، واچا (سنسڪرت، وچ) وچن، سخن، باس.
شهواڻي، داستان 1 وائي 1 (شوقيرام واري) واچائون = وچن، واعدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 1 وائي 1 (مون منيءَ تي، سٽ ناهي) واچائون = وچن، سڪائون.

ڏيپلائي، داستان 1 وائي (مون منيءَ تي... واري سٽ ناهي)

قاسمي، داستان 1 وائي (مون مني تي واري سٽ ناهي) واچائون = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 1 وائي (مون مني تي... واري سٽ ناهي) واچائون = سخن، انجام.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 455 منڌئا = منڌيائون = منڌڻ = بنائڻ، سولو ڪري ناهڻ، ناهي بنائي بيهارڻ، گڏڻ، ڳوهڻ. صفحو 490، واچائون = نذرانا.

وائيءَ ۾ آيل بہ لفظ "منڌئا ۽ واچائون" آهن جن بابت مٿي سمجهاڻي ڏني اٿم. لفظ "واچائون" بابت مٿي سر ديسي، داستان 6 بيت 20 جلد 2 سٽ، "ورندي واچائون، ڏيان شاخ سي ڪنهن" ۾ ڏني اٿم. هتي رڳو اهو ٻڌائڻ مقصد هئم تہ هڪ تہ هيءَ سٽ ساڳي ئي آيل آهي رڳو "ورندي ۽ ڏينديس" وارو فرق آهي ۽ ٻيو تہ لفظ "واچائون" جي معنيٰ ٻي ڪنهن بہ شارح "واڌايون، مبارڪون" نہ ڏني آهي. شيخ صاحب شايد ٽرمپ صاحب واري نسخي ۾ سٽ جي هيءَ صورت "ڏينديس شاخ سي ڪنهن، وڻ وڻ واڌايون" ڏسي لفظ "واچائون" جي معنيٰ "واڌايون" ڏيئي ڇڏي.

لفظ "منڌئا" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪڙا تيا، ايا تيا" ڏني آهي. سٽ آهي، "مون مُنيءَ تي منڌئا، گوندر گلائون" هي سٽ سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي. لفظ "منڌئا" بابت مٿي سر سارنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سمجهاڻي ڏني اٿم جتي بيت جي سٽ شيخ صاحب ۽ ڪن ٻين نسخن ۾ "مند تي منڊل وڄيا..." آيل آهي، جڏهن تہ بمبئي ڇاپي ۽ ڪن ٻين نسخن ۾ "مند تي منڊل منڊئا..." آيل آهي. اتي مون اها بہ سمجهاڻي ڏني آهي تہ "منڊل منڊيا" آهن، نہ ڪي "منڊل وڄيا" آهن پر جيئن تہ شيخ صاحب سميت ٻين شارحن جو پڻ لفظ "منڊل" ٻڌل نہ هو ۽ هڪ قسم جو ساز "سُر منڊل" جيئن تہ معروف هو تنهن ڪري سيني ان جي معنيٰ "هڪ قسم جو ساز (سرمنڊل)" ڏني آهي، جنهن جي ڪري لفظ "منڊئا" منظر تان هٽي ويو ۽ لفظ "وڄيا" منظر تي اچي ويو. لفظ "منڊل ۽ منڊئا" اڄ بہ ڇاتل سڄاتل ۽ واهپي ۾ ايندڙ لفظ آهن لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾، جن جي سمجهاڻي سر سارنگ ۾ تفصيل سان ڏني اٿم. هتي آيل لفظ "منڊئا" جي معنيٰ آهي، "مڙهيا، جَڙيا، ناهيا، جوڙيا" سٽ آهي، "مون مُنيءَ تي منڊئا، گوندر گلاٺون."

هي سٽ گرامر جي لحاظ کان بہ غلط آهي. جنهنجي ڪري سٽ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ مڪراڻين وارو لهجو اختيار ڪري ويئي آهي. سٽ ۾ "منڊئا" نہ پر "منڊيون" اچڻ گهرجي،

"مون منيءَ تي منڊيون گوندر گلاٺون" معنيٰ =مون ڦريل، لٺيل تي ڏک بہ گلاٺون مڙهيون آهن/جوڙيون آهن. هي لفظ واحد/جمع مذڪر "منڊئو/منڊئا" ۽ واحد/جمع مونث "منڊي/منڊيون" آهي. منهنجي نظر ۾ هيءَ سٽ مختلف حوالن سان مشڪوڪ آهي. هڪ تہ هيءَ سٽ ٻي ڪنهن بہ نسخي ۾ ناهي ۽ ٻيو وري گرامر جي حساب کان بہ درست ناهي جنهن وڏي پڪ ڏني تہ سٽ لطيف جي ناهي ڇو جو لطيف ٻولي ۽ گرامر جو بادشاھ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر حسيني، داستان 4 بيت 1 جلد 2،

ليڙن لنگهي لس، مانباڻيا متي تيا،
ونئي ور واٽ تيا، پنهون ڄام پهس،
هئا وڏي وس، ٻاروچا ٻنيور ۾.

**لس :**

شيخ = لس ٻيلي جو شهر (لس عربي اکر "لص" جو بگاڙ آهي.
جنهنجي معنيٰ آهي چور ۽ ٻيلي جي معنيٰ آهي شهر. لس ٻيلو = چورن
جو شهر، ڇاڪاڻ تہ ٻيلي جا ماڻهو ڪنهن وقت چوريءَ جو ڌنڌو ڪندا
هئا.)

منگهاڻي = "لَسَ" معنيٰ لسو پٽ/لسو ميدان. هي عربي اکر جو
بگاڙ ناهي پر هڪ طاقتور، قدرتي زمين جو لفظ آهي. (شاباش آهي،
شيخ صاحب کي جنهن بادشاهن/حڪمرانن جي سرزمين/ بيمثال سخي
حڪمران ڄام سپڙ چوٿاڻي رونجهي جي تخت گاهہ لسٻيلي کي چورن جو
شهر قرار ڏنو آهي!)

**پهس :**

شيخ = زور سان زبردستيءَ سان.
منگهاڻي = ڀاول، سکيو، شاهوڪار، باحيثيت.

**وس :**

شيخ = وسنيئن، وسندي، جيوت، ماڻهن جي موجودگي.
منگهاڻي = سک، خوشيون (مينهن جي مند جهڙيون، ڇو تہ
لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مينهن جي مند کي "وَسَ" تو چئجي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 138. برٽش واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 5 بيت 1.
قليچ، داستان 5 بيت 1.
لغات لطيفي (قليچ) لس = جبل، جبل جي لس (جيئن لسبيلو) پهس = زور سان، جلدي. وس = وسندي، آبادي، سک آسودگي.
قاضي، داستان 5 بيت 1، پهس = زبردستيءَ سان. وس = وسندي، آبادي، وسڪار.
گربخشاڻي، داستان 5 بيت 1، پهس = زور زبردستيءَ سان. وس = معنيٰ ناهي.
شهواڻي، داستان 5 بيت 1، پهس = زوريءَ زبردستيءَ. وس = آبادي (خوشيءَ جو باعث)
آڏواڻي، داستان 5 بيت 1، پهس = زوريءَ. وس = وڏي وسندي.
ڏيپلائي، داستان 5 بيت 1.
قاسمي، داستان 5 بيت 1، پهس = زور سان. وس = آبادي.
انصاري، داستان 5 بيت 1، پهس = زبردستيءَ سان.
وس = وسندي، آبادي، وسڪار.
بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 410، لس = لس بيلو (اصلي معنيٰ تہ ڪنهن وقت، جتي سڄي ملڪ ۾ يڪو بيلو هو، وڻ هئا) صفحو 162، پهس = اڳ ۾، اڳواٽ. صفحو 513 وس = وسندي، ماڻهن جي پهر ۽ آبادي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”پهس“ جي اسان وٽ مروج معنيٰ جي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم. هتي رڳو سٽ جي درست معنيٰ ٻڌائيندس. سٽ آهي، ”ونئي ور واٽ تيا. پنهون چاهہ پهس“ معنيٰ = هُو (ڏير) منهنجي محبوب، سڪئي/ ڊاول شهزادي ڪاڻ ڪي ونئي هليا ويا.

ٻيو لفظ آهي ”وَسَ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”وسنيئن، وسندي، جيوت، ماڻهن جي موجودگي“ ڏني آهي. مون مٿي سر سارنگ ۾ عرض رکيو هو تہ. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مينهن جي مند کي ”وَسَ“ چوند اآهن. ”وَسَ“ جي معنيٰ آهي. ”سک ۽ خوشيون“. ”وَسَ“ جو تعلق ماڻهن جي موجودگي ۽ وسنديءَ سان هرگز ناهي.

جملو = جبل ۾ وس وسي آهي ڏٽ ۽ کير ڪاڄ وجي ڏسو.

جملو = فلاڻو ماڻهو وَسَ جهڙو آهي، ٻري ڇڏيندوَ.

سٽ آهي، ”هٿا وڏي وس، ٻاروچا ڀنيور ۾“

معنيٰ = ڀنيور ۾ ٻروچن جي موجودگي وڏي سک ۽ خوشيءَ جو باعث هئي. يعني، جڏهن ٻروچ ڀنيور ۾ هئا تڏهن اتي وڏا سک ۽ خوشيون هيون. ٽيون لفظ آهي ”لَسَ“ جنهنجي معنيٰ ڏيندي شيخ صاحب واٽ ڇڏي تو وجي. جيڪا نهايت دل آزاريندڙ، چڙ ڏياريندڙ، غير ذميداريءَ واري ڳالهہ آهي. سنڌي ٻولي عربي ٻوليءَ کان بہ قديم ٻولي آهي، ۽ لسٻيلو ۽ ڪوهستان ان ٻوليءَ جو مرڪز آهن. نج سنڌي لفظن جون معنائون پاڻ نہ ڄاڻڻ واري صورت ۾ عربي، فارسي لفظن جو ٻگاڙ سڏڻ، سنڌي ٻوليءَ سان زيادتي آهي. ”لَسَ“ جبل جو معروف لفظ آهي. ”لَسَ“ معنيٰ ”لسائي“ پاڻي توڙي زمين تي جي گهٽو پاڻي هوندو، ٻريل درياهہ هوندو تہ بہ ڇٻو. ”پاڻيءَ جي لَسِ لڳي ٻيئي آهي.“ لطيف سائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ چيو آهي، لڙ لھرون لَسَ ليٽ. جتي انت نہ آب جو" ۽ هتي "لس" معنيٰ "لسو پٽ/هموار زمين". "لس" علائقو آهي. جنھنجي مرڪز کي ٻيلو تو چئجي، جنھن جي نسبت سان سچو علائقو "لسٻيلو" سڏجي ٿو ۽ اتي جا رهاڪو "لاسي" ٿا سڏجن. لسٻيلي جو پراڻو نالو "ارمابيل" آهي جنھنجو ذڪر چچ نامي ۾ آهي. لس ٻيلو حاڪمن/حڪمرانن جو علائقو آهي جتي، ڪساندرن ڪان معتبر قومون ٻڪڪ، چاموٽ، رونجها، موندره ۽ ٻيون ڪيئي معزز قومون آباد آهن جيڪي باعزت ڌنڌن ۽ پيشن سان وابستہ آهن. لطيف سرڪار هڪ ئي ماڻهوءَ جي سخاوت ۽ شخصيت ڪان گهڻو متاثر هو ۽ اهو "لَسَ" جو حڪمران ڄام سپڙ چوٿاڻي رونجهو هو جنھن جي باري ۾ پڻ ٻانهي خان شيخ صاحب نهايت مضحقہ خيز معلومات فراهم ڪئي آهي ۽ جيئري حقيقت کي ميسارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي، جنھنجي باري ۾ تفصيلي گفتگو اڳيان هلي ٿيندي. لفظ "لس" جي معنيٰ مٿي سر ڏيسي، داستان 4 بيت 14 جلد 2 ۾ سٽ، "وڃي ٿيا وٽڪار ۾، ليڙا ڪاهي لس" جتي شيخ صاحب "تڪا، تيز، تڪڙا" ڏني آهي. عظيم سنڌي ٻوليءَ جو نيٺ ۽ ڪلاسيڪل لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن سان ڳالهائڻ وارو هر لهجو اڄڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي، جيڪو هر هڪ سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندو هجي. اهو تحفو ٻار لاءِ مائٽن جي پاران هوندو آهي جيڪي پاڻ اها پرپور ٻولي ڳالهائيندا آهن. باقي ايئن ڪونهي تہ شاهہ پڙهيم، ڊگري ورتم تہ معنيٰ سنڌي ٻوليءَ جو استاد ٿيم ۽ پوءِ لٺ ڪڻي پنھنجي هر غلط ڳالهہ کي صحيح ڪرڻ لاءِ رڻ ٻاري ڏجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اٺ لَسَ (السبيلو/علائقو) لنگهي، مانباڻ (نئين ۽ علائقو) کان ٻہ مٿي چڙهي ويا آهن. هو منهنجي سڪئي شهزادي محبوب مڙس کي کڻي ويا آهن. ٻنيور ۾ ٻروچن (پنهون ۽ سندس ڀائرن) جي موجودگي وڏي سک ۽ خوشيءَ جو باعث هئي.

(هي مٿيون بيت ٻڀنيءَ جي علائقي سنگهر ۾ واقع سسئي ۽ پنهون جي گڏيل هڪ قبر واري مقبري جي ٻاهرين وڏي دروازي جي مٿان نمايان لکيل آهي.)

سر حسيني، داستان 4 وائي 1 جلد 2،
ڏينديس ماهہ مرن کي، آئون ذرا جيءَ کري، اي هوتا،
ست 4: جنڊي پايو جان ۾، ڏکري ڏک ڏري.

**ڏري :**

شيخ = سهي برداشت کري.
منگهاڻي = ذرا ذرا، داٽا داٽا کري پيهي.

هي ساڳيو لفظ "ڏري" سر آبري، داستان 1 بيت 2 جلد 2 ۾ آيو آهي، سٽ آهي، "سٽ سورن جي سسئي، ڏري ۽ ڏاري" جتي شيخ صاحب لفظ "ڏري" جي معنيٰ "روئي، دانهون کري" ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ "سهي برداشت کري" ڏني آهي. يعني بلڪل متضاد معنيٰ! هڪ هنڌ "روئي دانهون کري" ۽ ٻي هنڌ، "سهي برداشت کري" جڏهن تہ هن وائيءَ واري سٽ ۾ معنيٰ بلڪل واضح آهي. "جنڊي پايو جان ۾..." معنيٰ پنهنجي اندر ۾ جنڊ رکي، "ڏکي/ڏکري ڏک ڏري..." معنيٰ" ڏکايل ڏکن کي پيئي ذرا ذرا داٽا داٽا کري ڏڏري ۽ ڏري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سٽ ۾ تہ لفظ ”جنڊي“ بہ آيل آهي جنهن مڪمل طريقي سان معنيٰ کي واضح ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ مون مٿي سر آبري ۾ معنيٰ ڏيندي اهو بہ ٻڌايو هو تہ، جنڊ ۾ ڪٺڪ يا ڇانور وغيره اڏ پيئل ڪبا تہ ان کي ”ڏرڻ“ چئجي ٿو، جنهن مان ”ڏريو“ رڌبو آهي. جيڪو غريباڻو کاڌو آهي.

جملو = ڪٺڪ ٿوري آهي. ڏري ڏي تہ ڏريو رڌي کائون.

اميد تہ معنائن ۾ تيل هاڃن جو احساس بلڪہ سيڪ سيني کي آيو هوندو.

سٽ جي سمجهاڻي = ڏکايل پنهنجي اندر ۾ جنڊ رکي پيئي ڏکن کي ذرا ذرا ڪري.

سر حسيني، داستان 5 بيت 10 جلد 2،

سور مَ ڏي ڏوڻ، آئون اڳيئي ڪانهري،
قٽ اڳيئي ڦٽيا، تون لپون آڇ مَ لوڻ،
جا پر پروڻ، سا پر منهنجي جنڊڙي.

**ڪانهري :**

شيخ = ڏکيل، گهايل، ڦٽيل، ڏکايل.

منگهاڻي = نازڪ نفيس، اڻ ساهو. ڪجهہ بہ نہ سهي سگهندڙ. ذرو بہ تر جيترو بہ ڏک، گهاءُ، ڦٽ تہ ڇا پر بڪ ۾ دڙڪي وارو کهرو لهجو بہ برداشت نہ ڪري سگهندڙ. ايتريقدر جو ڪنهن جي چهري تي آيل ناگواريءَ جا تاثرات بہ سهي نہ سگهندڙ.

گنج ۾ هي بيت ناهي. برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 6 بيت 4:

سور مَ ڏي ڏوڻ، آئون آهيان اڳهين ڪاهري،
جا پر پاڻيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي.

بمبئي ڇاپو، داستان 9 بيت 3:

سور مَ ڏي ڏوڻ، اڳ ڏکوئي آهيان،
جا پر سورن پاڻيءَ لوڻ، سا پر سورن سان تي.

قليچ، داستان 6 بيت 4 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) ڪاهري = ڪانهر = ڏٻرو، ضعيف، سست، ڪاهل.

قاضي، داستان 6 بيت 6 (شوقيرام وارو) ڪاهري = ايري، ضعيف.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 6 (شوقيرام وارو) ڪاهري = (سنسڪرت، ڪاهلي). ٻارڙي، معصومڙي، ايري، ضعيف، ابلا.

شهواڻي، داستان 6 بيت 6 (شوقيرام وارو) ڪاهري = ايري، معصومڙي.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 6 (شوقيرام وارو) ڪاهري = نبل.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 3 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 6 بيت 4 (شوقيرام وارو) ڪاهري = ضعيف.

انصاري، داستان 6 بيت 6 (شوقيرام وارو) ڪانهري = ايري، ضعيف.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 333 ڪانهري = ڪاهلي، نهلڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيون بيت انهن سيني نسخن ۾ ٻن سٽن تي ٻڌل آهي جن تي آئون ڪم ڪري رهي آهيان. محترم ديوان تارا چند شوقيرام وارو بيت ئي سيني نسخن ۾ آهي، جڏهن تہ بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ آيل ٻن سٽن تي ٻڌل بيت ۾ لفظ "ڪانهري" آيل ناهي ۽ بيت جي صورت بہ مختلف آهي. لفظ "ڪانهر/ ڪانٺر" اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا بزرگ پنهنجي گفتگو/ ڳالهہ ٻولهہ ۾ واپرائيندا آهن. اهو لفظ مؤنث توڙي مذڪر لاءِ "ڪانهر" آهي. مؤنث لاءِ "ر" تي زير، مذڪر لاءِ پيش آهي ۽ جمع مذڪر لاءِ "ر" تي زبر آهي ۽ جمع مؤنث "ڪانهريون" آهي.

ڳالهائڻ ۾ جڏهن مؤنث لاءِ "ر" تي زير لڳائبي تہ اهو زبان مان ادائگيءَ مهل "ڪانهري" پاسندو آهي ۽ جيئن تہ مٿئين بيت ۾ مؤنث (سسئي) سان لاڳاپيل آهي ۽ زير لڳائڻ ڪري "ڪَانهرِ/ڪانٺري" پاسيو آهي، نہ تہ آهي "ڪَانهرِ". سٽ آهي، "سور مَ ڏي ڏوڻ، آئون اڳيئي ڪانهري"

معنيٰ = اي سور، مونکي ڏوڻ نہ ڏي/ لوڏا نہ ڏي، آئون اصل ڪان وني نازڪ ۽ اڻ ساهو آهيان. (ڪک بہ سهي نٿي سگهان)

جملو = تون اڳ تہ ايئن نہ هئينءَ. هاڻي تہ صفا ڪانهر آهين. تپ بہ سهي نٿي سگهين.

جملو = سچي بہ، اوهين سڀ ڀائر پيٽيون صفا ڪانهرَ آهيو. نڪو گرمي سهي سگهو نڪو سردي سهي سگهو.

بيت جي سمجهاڻي = اي سور، مونکي ڏوڻ نہ ڏي/ لوڏا نہ ڏي. آئون اصل ڪان وني نازڪ ۽ اڻ ساهو آهيان (ڪک بہ سهي نٿي سگهان) منهنجا ڦٽ اڳ ئي ڪليل ۽ تازا آهن. انهن ۾ تون لوڻ جا ٻريل ٻڪ/ هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تريون نہ آچ/سج/ وجھہ. جيئن پروڻ سوراخن ۾ تنگن مان پريل آهي، ساڳيو نمونو منهنجي بدن/جند/وجود سان آهي. (بيت جي سمجهاڻي ڀانهي خان شيخ صاحب واري ڏني اٿم نہ تہ محترم شوقيرام صاحب وارو بيت ٿي سيني نسخن ۾ مقبول ۽ موجود آهي.)

سر حسيني، داستان 5 بيت 17 جلد 2،
سور نہ ساڳاهين، ڏين اڏما اوچتو،
مون کي مون پرين جا، اَميا آهين،
لڄون جي لاهين، سيئي ٿيم سامهان،

**ساڳاهين :**

شيخ = ساجاھہ يا ادب ڪن، لحاظ ڪن
منگهاڻي = ڪير لاھڻ، نرم گوشو رکڻ (سافٽ ڪارنر)
گنج ۽ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 6 بيت 8.
قليچ، داستان 6 بيت 8.
لغات لطيفي (قليچ) ساڳاهين = ساڳاھڻ، گهٽ تيڻ، تخفيف ڪرڻ، ساجاھہ ڪرڻ.
قاضي، داستان 6 بيت 10، ساڳاهين = ساڳاهيج = ساجاھہ رهج.
گربخشاڻي، داستان 6 بيت 10، ساڳاهين = ساڳاھڻ = ساجاھہ ڪرڻ، خيال ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 6 بيت 10، ساڳاھين = ساجاھ ڪن، خيال ڪن.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 10، ساڳاھين = گھٽجن، ساجاھ ڪن.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 8.

قاسمي، داستان 6 بيت 10، ساڳاھين = خيال ڪن.

انصاري، داستان 6 بيت 10، ساڳاھين= ساڳاھيج= ساجاھ رکج.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 245، ساڳاھين = ساڳاھڻ = خوش ٿي ڏيان ڏيڻ، راضي ٿيڻ، مهربان ٿيڻ، موڪڻ، لحاظ ڪرڻ.

اسان وٽ لفظ "ساڳائڻ" جي معنيٰ آھي، "سوڻا/ڪير ڏيندڙ مال جو ٿڻن ۾ ڪير لاھڻ"

جملو = اٿي، ڳئون ساڳاھي/سڳئي آئي آھي، ٽڪڙو وڃي ڏھينس.

پر عام گفتگوءَ ۾ لفظ "ساڳاھڻ" ايئن بہ ايندو آھي جو ڪو ماڻھو پنھنجي مخالف کي پرپٺ گھٽ وڌ ڳالھائيندو ھجي، اتي موجود جي بي ڪنھن چيو تہ، "ھن جي غير موجودگيءَ ۾ ڇو تو ڪيس گھٽ وڌ ڳالھائين؟" تہ ھو چڙي چوندو،

جملو = تون ڇو تو ھن لاءِ ساڳاھين، آئون ڪو ڊڄان تو ڇا!"

اسان وٽ اھڙيءَ مھل ايئن بہ چئبو آھي، پوءِ پلي اھو مرد ئي ھجي، "توکي اوڇتو ھن لاءِ جو ٿڻن ۾ ڪير پيو آھي!" سٺ آھي، "سور نہ ساڳاھين، ڏين اڌما اوڇتا" معنيٰ = سور ھڪ ئي وقت گڏجي نازل نٿا ٿين/ لهن يا ڪڙڪن نٿا، پر اوڇتو پڙڪو ڪائي تا اٿن. باقي، سورن جي لحاظ ۽ ادب ڪرڻ واري ڳالھہ سمجھہ کان ٻاھر آھي. سور، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪليفون ۽ اذيتون تا ڏين، اهي ادب ۽ لحاظ ڇو ڪن؟ سسئي چوي ٿي تہ، "سور هڪ ئي وقت سيئي گڏجي نٿا اچن پر اهي اوچتو پڙڪو ڪائي ٿا اڻن، جي سڀ ئي وقت گڏجي اچن تہ هيڪاري سگهي ٿي سمهي پوان (مري وڃان)" ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ اوچتو سورن جي اڻيل سوٽ/ست ۽ لهر ڏاڍي اذيت واري آهي.

۽ وري ٻي ڳالهہ تہ ڇا "گَ" ۽ "ج" ۾ ڪو فرق ناهي؟ ساڳيئي ڳالهہ آهي؟ جو "ساڱاهہ ۽ ساجاهہ" ڪي سيني شارحن هڪ ئي سمجهيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = سور هڪ ئي وقت سييئي گڏجي نٿا اچن/ نازل ٿين، پر اوچتو (ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ) پڙڪو ڪائي تا اڻن. مون وٽ پنهنجي پرينءَ جا اڻ توريا/تورڻ ڪان ٻہ ٻاهر (سور، درد) آهن. جيڪي پنهنجون لڄون/عزتون ۽ ناموس اڇلائي تا وڃائين، اهي ئي منهنجي پلئہ ۾ پيا/ پاڳ ۾ آيا.

سر حسيني، داستان 7 بيت 6 جلد 2،
مري ٿيندي‌س مُج، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ڪري ڪوهيارو سج، ويو ڇُلائي ڇپرين.

**مُج :**

شيخ = پائمال، ناس (سر جي ڪانن جي ڪٽيل ڪلن کي مج چوندا آهن)

منگهاڻي = ڇِلِيل، ڇِتيل، ڇِپِيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 438، مڄ = سڇن سرن جي تيلين کي ڪٽي سٽي تندون تندون ڪيل، ڪٽيل ڇتيل.

هي بيت سواءِ ٻانهي خان شيخ صاحب جي (جنهن نمبر کي دائرو ڏئي ظاهر ڪيو آهي تہ اهو ٻين نسخن ۾ ڪونهي، شايد بلوچ صاحب واري نسخي ۾ پڻ آهي) ڪنهن بہ نسخي ۾ مونکي نظر نہ آيو آهي. لفظ ”مُڄَ“ جيئن تہ لطيف هڪ ڪان وڌيڪ پيرا آندو آهي سو آئون انهن نسخن/لغتن مان لفظ ”مڄ“ جي معنيٰ ڏينديس، جن ۾ اها ڏنل آهي. (هي بيت پلي انهن نسخن ۾ نہ هجي) ۽ ايئن لفظ ”مڄ“ جي هڪ هڪاڻي ٿي ويندي.

لغات لطيفي (قليچ) مُڄ = گاهہ جنهن کي ڪٽي انهيءَ مان رسا ٺاهيندا آهن. نوڙي، سَرَ جن مان ڪٽي رسا جوڙيندا آهن.

قاضي، مڄ = ڪانهن جون نوڙيون.

تقريبن سيني محترم شارحن اهائي ساڳي معنيٰ ڏني آهي، يعني سيني ايئن بہ چيو آهي تہ، ”مڄ وانگر... يا مڄ جيان...“ مُڄ ڇا آهي؟ جنهنجو جواب سيني وٽ اهو آهي تہ، سَر ۽ گاهہ آهي! جڏهن تہ ان جو سر، گاهہ، ڪانهن، نوڙين ۽ رسن سان ڪو تعلق ناهي. سَرَ ۽ گاهہ کي بہ جڏهن ڇلي، ڇتي، ڪُٽي نرم ڪبو آهي تڏهن ئي ان مان رسا ۽ رسيون يا ڪا ٻي بہ شيءِ بنائبي آهي. ”مڄ“ اصل ۾ پاڻ ڪابہ نوس حالت ۾ يا ٻي ڪنهن صورت ۾ موجود ناهي پر ”مُڄَ“ ان عمل کي ٿو چئجي جنهن ۾ ڪنهن بہ ثابت ۽ سالم چيز کي چيپي، ڇتي، ڇلي، ڪٽي نرم ڪبو آهي، پوءِ اهو سر ۽ گاهہ هجي يا گوشت، ميجي ۽ پاڄي. مڄ جي رسي بہ تڏهن چئبو آهي جڏهن ”ڦڙن“ (جبل ۾ ٿيندڙ هڪ ڪجيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙو ننڍو ٻوٽو آھي. جيڪو جبل جي ماٿھن لاءِ ڇڻ تہ ستئي سگ آھي جنھن مان رسيون، تڏا، ڇتر، پرچ، ٻوھارا، ٽوڪرا پر سچا سارا گھر ٺي اڏيو ڇڏين) کي پُسائي ڇوڙي پوءِ ٻي يا ٽي ڏينھن جڏھن اھي نرم ٿيندا آھن تہ انھن کي ڪٽي ڇٽي پوءِ ان مان رسا/رسيون بناٿيندا آھن، يا ناريل جي ڦڙشن کي پسائي نرم ڪري ڪٽي ڇٽي نوڙي بنائبي آھي تہ چئبو "مڄ جي نوڙي آھي." نہ تہ جيئن بنا محنت جي بنايل عام رسي، پوءِ اھا ڦڙن جي ھجي يا ڦڙشن جي، ان کي "مڄ جي رسي" ڪونہ چئبو آھي. جڏھن بہ ڪنھن چيز کي ڇيڻ ڇلڻ واري عمل مان گذاربو تہ ان کي"مڄ" چئبو آھي.

جملو = فلاڻي کي ٿاڻي ۾ پوليس ماري ماري مڄ ڪري ڇڏيو آھي.

جملو = ڦٽاڻن کي ايئن ٺي سچو سچو نہ رک پر ڏوئيءَ سان ڇلي مڄ ڪري پوءِ مصالحا وجھج.

سـر حسـيني، داسـتان 7 بيـت 7 جلـد 2،
مـَـرُ متـا ڏئـي، پنھـون ڪـارڻ پـب ۾،
تـہ سـرتيون سـيئي، واڪـاڻينئي وينيـون.

**متا :**

شيخ = متا ڏيئي، ڪشالا ڪري، سور سھي، سر ڏيئي، قربان ٿي.

منگھاڻي = ڳولي، تلاش ڪري، نھاري، رلي.

گنج، صفحو 9.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.

شوقيرام، داستان 9 بيت 21.

قليچ، داستان 9 بيت 21.

لغات لطيفي (قليچ) متا = معنيٰ ڏنل ناھي.

قاضي، داستان 9 بيت 21، متا = معنيٰ ڏنل ناھي.

گربخشاڻي، داستان 9 بيت 21، متا = متا ڏيئي، جفائون ڪري، ڪشالا ڪري.

شھواڻي، داستان 9 بيت 21، متا = ڪشالا ڪوشش ڪري تڪليفون سھي.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 21، متا = ڪشالا ڪڍي، جفائون ڪري.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 21.

قاسمي، داستان 9 بيت 21، متا = جتائون ڪري.

انصاري، داستان 9 بيت 21، متا = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 434، متا = متو ڏيڻ، متا ڏيڻ، ڪنھن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي حيلا ڪشالا ڪرڻ، وڏيون تڪليفون ۽ سختيون سھڻ.

اسان وٽ "متا ڏيڻ" جي معنيٰ آھي "ڳولائون ڪرڻ، تلاشيون ڪرڻ، نھارڻ، رلڻ"، آئون حيران آھيان، لطيف جي غير معمولي ذھانت ۽ حساسيت تي. تہ اھڙا عام اچار/لھجا/اصطلاح جيڪي بلڪل محدود حصي/رقبي ۾ انتھائي مخصوص ماڻھو سمجھي ۽ محسوس ڪري سگھندا آھن، تن کي بيحد خوبصورتي ۽ نفاست سان وسيع ڪينواس تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻڻ وارو ڪارنامو ايڏي غير محسوس انداز ۾ سرانجام ڏيڻ خود وڏو ڪارنامو آهي. ”متا ڏيڻ“ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي رهواسين جو اهو معصوم اظهار آهي جيڪو لطيف، سسئيءَ لاءِ ورجايو آهي. جيئن ڪا شيءِ گم ٿي/وڃائجي وڃي، ان جي ملڻ جو آسرو نہ هجي، يعني گهٽ امڪان هجي، پوءِ بہ ويل شيءِ جي ڳولا تہ بهرحال ڪبي آهي، اهڙي بيمقصد ڳولا کي ”متا ڏيڻ“ چئبو آهي.

جملو = ڇوڪرو ڪوڏي (رڍ، ٻڪري) وڃائي آيو آهي، هاڻي آئون وڃي متا ڏيان.

جملو = اتيئي پئي ٿلڪي، ويسريندي گم ٿي ويئي. مون ڪي گهٽ متا ڏنا ها ڇا!

”متا ڏيڻ“ ۽ ”متو ڏيڻ“ ساڳي ڳالھہ ناهي جيئن بلوچ صاحب جي لغت ۾ آيل آهي. هي مختلف معنائون رکندڙ اصطلاح آهن. ”متا ڏيڻ“ جي معنيٰ ٻڌائي اٿم، ۽ ”متو ڏيڻ“ جي معنيٰ آهي، ”جان ڏيڻ، سر قربان ڪرڻ“ ۽ وري ”متو هڻڻ“ جي ٽي معنيٰ آهي، ”مغز ماري ڪرڻ، محنت ڪرڻ يعني ذهني محنت ڪرڻ“

بيت جي سمجهاڻي = هو (سسئي) پلي پنهونءَ لاءِ ڳولائون ۽ تلاشيون ڪري، رلي پٻ جبل ۾ تہ سيئي (سندس) سرتيون ويهي تعريفون ڪن تنهنجون. (سسئيءَ جون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر حسيني، داستان 7 بيت 27 جلد 2،
ڪاڻيون لُونيون اکيون، ڪنيون ڪين ڪڇن،
منيون ماڻ نہ ڪن، هَيون رهن تہ هوت ري.

**لوئيون :**

شيخ = نرلڄيون، رليل، ڏڪا ڪاڏل.

منگهاڻي = سڪٽيون، نياڳيون، ضدي، پنهنجي مرضيءَ واريون.

جيئن تہ متي سر جمن، سر ڪيڏاري، سر آبري ۽ سر معذوريءَ ۾ لفظ "لوني/لونيون" بابت گهٽي معلومات ڏني آهي، هتي بس اهو عرض رکڻو اٿم تہ هي لفظ لطيف جي سيني شارحن روبرو جملن ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو آهي نہ تہ جيڪر ڪڏهن بہ هن لفظ سان اها تعدي نہ ڪن. ڏسي ڏيون سگهجن رڳو هڪ ٻانهي خان شيخ صاحب جون لفظ "لوني/لونيون" جون ڏنل معنائون، سر جمن: "لونيون". نادان زالون، حيا ڪان خالي عورتون. سر ڪيڏارو، "لوني" بدحال، پريشان" سر آبڙي: "لوني"، ڪميڻي، ناقص، بي عزت، سر معذور: "لوني" بيحال، سڪايل ۽ هتي سر حسينيءَ ۾ نرلڄيون، رليل، ڏڪا ڪاڏل!!.

اسان وٽ لفظ "لوني/لونيون/لونيو/لونئا" انتهائي ڏڪايل لاءِ استعمال ڪبو آهي. اهڙو ماڻهو جنهنجا هوش ۽ حواس بہ ڏکن ختم ڪري ڇڏيا هجن، جيڪو ايڏو اذيت پسند هجي جنهنکي پنهنجي بہ پرواهہ نہ هجي، جيڪو ڏکن جي گهڻائيءَ جي ڪري ايڏو تہ سخت جان هجي جو ٻيو ڪو نارمل ماڻهو ساڻس پنڌ ڪرڻ ۽ سختي سهڻ ۾ مقابلو ڪري نہ سگهي ۽ اهڙي ڏکايل ماڻهو لاءِ اهڙا بي عزتي وارا لفظ منسوب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ڏاڍا ڏکوئيندڙ آهن. ”لونيو“ ماڻهو انتهائي قابل رحم ۽ همدرديءَ جي لائق هوندو آهي، جنهنجو ڪوبہ حال پائي نہ هجي. نہ ئي هو ڪنهن کي پنهنجو حال پائي سمجهندو هجي ۽ هر ڳالهہ جي نفي ڪندو هجي ۽ پنهنجي ضد تان نہ لهي ۽ پنهنجي ئي ڳالهہ کي صحيح سمجهي ان تي اٽل رهي. اها آهي ”لونئي“ ماڻهو جي ڪيفيت جي مڪمل عڪاسي ۽ تشريح، ۽ اهڙي مظلوم ماڻهوءَ کي بنا ڏوهہ گناهہ جي لٺز ۽ گاريون ڏيڻ ڪنهن بہ قانون ۽ مذهب ۾ جائز ناهي.

سر حسيني، داستان 8 بيت 8 جلد 2،
وجهہ وڏنـدي وک، ميڻ لک لکـائين،
ڏک تني کـي ڏِک، حـب جنـي کـي هـوت جـي.

**لکائين :**

شيخ = دل هارئين، ڪيپائين، گهبرائين.
منگهاڻي = ظاهر ڪرين، پڌرو ڪرين.
گنج ۽ برٽش واري نسخي ۾ موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 10 بيت 2.
قليچ، داستان 10 بيت 2.
لغات لطيفي (قليچ) لکائين = لکاءِ = لکا پوي، خبر پوي.
قاضي، داستان 11 بيت 2، لکائين = لکاءِ = ڏيکاءِ، نماءِ،

تفاوت

گربخشاڻي، داستان 11 بيت 2، لکائين = ميڻ لِک لکائين = متان ڪو ذرو ظاهر ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 11 بيت 2، لڪائين = پڌرو ڪرين.

آڏواڻي ، داستان 11 بيت 2، لڪائين = ظاهر ڪرين.

ڏيپلائي، داستان 10 بيت 2.

قاسمي، داستان 11 بيت 2، لڪائين = ظاهرڪرين.

انصاري، داستان 11 بيت 2، لڪائين = لڪاءِ = ڏيکاءِ، نماءِ تفاوت (جو ڏسڻ ۾ اچي).

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 413، لڪائڻ = پنهنجي هيٺائيءَ ۾ ماڻهن آڏو ظاهر ٿي پوڻ. ٻين آڏو ڪا هيٺائي ظاهر ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ.

”لکَڻ“ معنيٰ ”ڏسڻ“، ”لکجڻ“ معنيٰ نظر اچڻ. ”لڪائڻ“ معنيٰ ڏيکارڻ، پڌرو ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ، ”لڪائين“ معنيٰ، ڏيکارين، ظاهر ڪرين، پڌرو ڪرين، رڳو ڏک ۽ هيٺائي نہ پر ٻئي، ڏک، سک، خوشي ۽ غم“. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”ڏسڻ“ کي چون ٿي ”لکڻ“ تا.

جملو = نظر گهٽ ٿي ويو اٿم، هاڻي تہ لَکيائين نٿو.

جملو = انڌو آهين ڇا؟ لکين نٿو، ٻار کي لتاڙي پيو وڃين.

جملو = هيءَ نکو خوشي لڪائي سگهي نکو غم، سڀ لڪائي ويهي رهندي آهي.

شيخ صاحب لفظ ”لڪائين“ جي معنيٰ ”دل هارين، ڪيٻائين، گهبرائين“ الائي ڇو ڏني آهي! جڏهن تہ تقريبن سيني شارحن درست معنيٰ ڏني آهي.

بيت جي سمجهاڻي = وک تڪڙي ڪڻ، پاڻ کي ذرو بہ متان ظاهر ڪرين. (يعني، پنهجو ڪوبہ جذبو پڌرو نہ ڪجئين) تڪليفون ۽ ڏک انهن لاءِ شاديءَ جي سيج آهن، جن کي پنهنجي محبوب سان عشق آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر حسـيني، داسـتان 8 وائـي جلـد 2،
وجـي وجـي وينڙي تتـي، جـت پيـر ڏٺائين پريـنءَ جـو،
سـٽ 6: آمـان ليمـان قـل قاروهـا، ڳاڱـا راڱـا جتـي،

## راڱا :

شيخ = جابلو ميوي جو هڪ قسم
منگهاٽي = بي انداز، بي حساب، گهڻا.
گنج، وائي صفحو 163
برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي وائي موجود ناهي.
شوقيرام، داستان 10 وائي.
قليچ، داستان 10 وائي.
لغات لطيفي (قليچ) راڱا = جبل جا ميوا.
قاضي، داستان، داستان 12 وائي، راڱا = جهنگلي مرون.
گربخشاڻي، داستان 10 وائي = راڱا = هي بہ ڳاڱين جهڙو هڪ جابلو ميوو آهي.
شهواڻي، داستان 10 وائي راڱا = جابلو ميوو.
آڏواڻي، داستان 10 وائي راڱا = جابلو ميوو.
ڏيپلائي، داستان 10 وائي.
قاسمي، داستان 10 وائي، راڱا = جابلو ميوو.
انصاري، داستان 10 وائي. راڱا = جهنگلي مرون.
بلوچ، لغت "روشني" راڱا = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”راڳا“ نہ رڳو جبل ۾ پر ٻين هنڌن تي بہ معروف آهي.
مثال، مينهن ڳهٽو وسي جنهنجي ڪري ٻوڏ يا ٻيو نقصان ٿئي تہ چئبو،
جملو = مينهن راڳا ڪري ڇڏيا آهن. مينهن جي ڪيل نقصان ڪي بہ ”مينهن جا راڳا“ چئبو آهي. هتي بيت ۾ مينهن جي مند ۾ پيدا ٿيل جبل ۾ ڏٿ جي ڳهٽائيءَ لاءِ لفظ ”راڳا“ آيل آهي. سٽ آهي ”آمان، ليمان، ڦل ڦاروها، ڳاڳا راڳا جتي“.
معنيٰ = انب، ليمان، ڦل،ڦاروها ۽ ڳاڳا جتي بي انداز آهن.
لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مسلسل وسندڙ مينهن کي ”رڳڻ“ چئجي.
جملو = جيئن اڄي رڳڻ ڍري آهي تہ وٺي ٿي نٿي ڏي.
۽ سٽ ۾ ميون جي ڳهٽائيءَ کي مسلسل وسندڙ مينهن سان تشبيهہ ڏنل آهي، تہ هر قسم جي ميون جي ڳهٽائي آهي.
باقي اسان وٽ ”راڳا“ نالي سان ڪوبہ جبل ۽ جهنگ جو ميوو ڪونهي، نہ ئي ڪو جانور آهي.

سر حسيني، داستان 10 بيت 8 جلد 2،
ڪين سهان تي سپرين، ڇپر جون ڇولون،
متان مونکي ڇڏيين، آرياڻي اولون،
ٻانيڻ سين ٻولون، پرين پارج پانهنجون،

**اولون :**

شيخ = اولي ڪان، اجهي يا پناهہ ڪان، ڍڪ يا پردي ڪان.
منگهاٽي = برباد، دربدر، تباهہ حال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت گنج سميت ڪنهن بہ نسخي ۾ نظر نہ آيو (شيخ صاحب بہ هن جي نمبر ڪي دائرو ڏنو آهي) اسان وٽ لفظ "اولون" هاٺي گهٽو واهپي ۾ ڪونهي، تڏهن بہ ڪو وڏڙو ڪڏهن ڳالهائي بہ ويندو آهي تہ ڪي وچولي عمر جا سمجهي بہ وينداآهن. سٺ آهي، "متان مونکي ڇڏيين، آرياڻي اولون".

معنيٰ = اي پنهون، مونکي دربدر/برباد ڪري متان ڇڏي وڃين.

لفظ "اولئو/اولئا" سان جيئن محترم شارحن "بيڙيءَ جو اولو" ڳنڍيو آهي تہ ان کان ٻاهر نڪري ئي نٿا سگهن ۽ جتي بہ لفظ "اولو/اول" وغيره ڏٺائون اتي ان سان "بيڙي" ڳنڍي ڇڏيائون. عظيم سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاري جو اندازو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ ئي لفظ جي زير، زبر ۽ پيش جي تبديلي معنيٰ ئي تبديل ڪري ٿي ڇڏي. مثال لفظ "اَولِ" معنيٰ، "قاساءِ" ۽ لفظ "اَولِ" معنيٰ "مستي/چريائي" تيئن "اوليون" معنيٰ "ڦاٽيون" ۽ "اولون" معنيٰ تباهہ برباد ٿيون/ٿيا.

سر حسيني، داستان 10 بيت 10 جلد 2،

وهين ۽ ويلا ڪريين، سڏيين سانگاتوُ،
آري اپاتوُ، توسين سونهي نہ سئي.

## سانگاتو :

شيخ = واٺهڙو، سنگتي، رفيق

منگهاڻي = ويساهہ/يقين/ساک سان.

## اپاتو :

شيخ = ڏاريون، پيءُ ڏاڏي جي مائٽيءَ کان ٻاهر، ٻي نک مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = اڻ جڙيل، اڻ سنواريل.

گنج، صفحو 154 ساڱاتو (ساڪاتو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 10 بيت 8.

وهيــــن ۽ ويـــــلا ڪريـــــن، ســــڏين ســــانڪاتو،

هـــاري آپـــاتوُ، توســـين ســـوُنهـــن نـــــ سســـئي.

قليچ، داستان 10 بيت 8 (سانگاتو)

لغات لطيفي (قليچ) سانگاتو = سنگت وارا، همراه، رفيق.

آپاتو = ڌاريان.

قاضي، داستان 11 بيت 8 ساڱاتو = سڱيٽو، رفيق. اپاتو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 11 بيت 8 ساڱاتو = معنيٰ ناهي، اپاتوُ = اوقتو، ڌاريو، بيگانو.

شهواڻي، داستان 11 بيت 8 ساڱاتو = مائٽي جي دعويٰ ڪرين.

اپاتو = ڌاريو، اوقتو.

آڏواڻي، داستان 10 بيت 8 ساڱاتو مٽ، مائٽ، اپاتو = ڌاريا.

ڏيپلائي، داستان 10 بيت 8 (سانگاتو)

قاسمي، داستان 10 بيت 8 سانگاتو رفيق. اپاتو = بيگانو.

انصاري، داستان 11 بيت 8 ساڱاتو = سڱيٽو، رفيق. اپاتو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بيت ۾ آيل لفظ "سانگاتو" جئن صورتن "سانگاتو، ساگاتو، ساڱاتو، سانڪاتو ۾ آيل آهي. پهرين تہ لفظ جي صحيح صورت لهبي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ئي لفظ جي معنيٰ بابت ڳالهائبو. پهرين ڳالهہ تہ لفظ جي مختلف صورتن جي باوجود سيني شارحن معنيٰ ساڳيئي ”رفيق، سنگتي، مٺ مائٽ، سگيٽا، ڏني آهي، سواءِ بلوچ صاحب جي، جيڪو چوي ٿو تہ ”لفظ “سانگاتو“ سڳَ يا سنگ سان لاڳو ڪونهي پر ”سانگ ڪرڻ“ سان فاعل جي معنيٰ ۾ آيل آهي.“

لفظ جون چار صورتون ۽ ڏنل معنائون وري بہ لفظ کي مشڪوڪ ۽ تڪراري شڪل اختيار ڪرائين ٿيون. هتي آئون پنهنجي ذاتي راءِ جو ذڪر ڪرڻ چاهينديس. جنهن تي آئون پاڻ بہ بضد ناهيان، نہ ئي ڪنهن کي راضي ڪرڻ چاهينديس، ۽ نہ وري ڪنهن حجت ۾ لحاظ جي گهرجائو آهيان، ڇو جو لطيف جي ڪنهن بہ هڪ لفظ کي تبديل ڪرڻ جو ڪوبہ هڪ ماڻهو مجاز ناهي. ان لاءِ لطيف جا سيئي قلمي، دستخطي، ڇاپي نسخا ڦولٽا پوندا. ان جي باوجود بہ ڪو هڪڙو ماڻهو ڪيڏي بہ رتبي، علم، تحقيق ڪرڻ ڪانپوءِ بہ محض هڪ لفظ بہ نتو ڦيرائي سگهي. لطيف جو ڪلام/شاھ جو رسالو هن وقت اسان وٽ اهڙي صورت ۾ اچي بيٺو آهي جو وڏيڪ ڪنهن بہ نقصان جا متحمل نٿا ٿي سگهون. ڇہ جا ئيڪ جنهن کي جيئن وڻي تيئن لطيف مان هٿ پري ڪدي. اهو ئي سبب آهي جو آئون دل جي اندر ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪل ڳالهہ جو ذڪر ڪندي بہ ڏڪي ٿي پوان پر جڏهن ڳالهہ ڪولي اٿم تہ ٻڌائي بہ ڇڏيان، ڇو جو آئون هن مهل لطيف جو نسخو مرتب تہ نٿي ڪريان نہ ئي اتي ڪو لفظ تبديل ٿي ڪريان. بس، محض ذاتي راءِ جو اظهار آهي. بيت ۾ آيل هر هڪ لفظ جي معنيٰ کان مڪمل واقفيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ لفظ ”سانگاتو/ساڳاتو/ساگاتو“ بابت عرض رکنديس تہ، لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ساک“ جي معنيٰ کان تہ هر ڪو واقف آهي تہ اها ”يقين، ڀروسو، ويساهہ، اعتبار“ آهي ۽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ جي ڪو ڪنهن ڳالهہ لاءِ ويساهہ ڏيندو تہ چوندو ”ساڪاتوَ آئون ايندس“ يا ”ساڪاتو آئون موٽائي ڏيندس“ معنيٰ يقين ڪر يا اعتبار ڪر وغيره ۽ سٽ ۾ بہ لڳي ٿو تہ لفظ ”ساڪاتو“ آيل آهي، سٽ آهي، ”وهين ۽ ويلا ڪرين، سڏين ساڪاتو“.

معنيٰ = هنڌ هنڌ تي ويهي ساهہ ٿي پٽين ۽ وقت وڃائين، ۽ سڏون وري يقين ۽ ڀروسي سان ٿي ڪرين. (ڄڻ هو تنهنجا سڏ ٻڌي موٽي ايندا.) لفظ ”ساڪاتو“ جي اچڻ جو وڏو ويساهہ محترم ديوان تاراچند شوقيرام واري نسخي ۾ آيل لفظ ”سانڪاتو“ ڏيئي رهيو آهي. ”وهين ۽ ويلا ڪرين، سڏين سانڪاتو“ جنهن ۾ ”ن“ جو واڌارو آهي. لفظ ”ساڪاتو“ (جيئن گنج ۾ ڏنگين ۾ (ساڪاتو) آيل آهي) ۾ ”ت“ تي زبر ايندي جڏهن تہ بيت ۾ آيل سيني صورتن وارن لفظن ۾ ”ت“ تي پيش آيل آهي. مثال ”سانگاتوُ، ساگاتوُ، سانڪاتوُ، ساڱاتوُ“ آهي. اهو شايد ان ڪري جو هينئين سٽ ۾ آيل لفظ ”اپاتو“ آهي. جنهن ۾ پڻ ”ت“ تي پيش آيل آهي. جيڪو نہ رڳو ”پيش“ جي اچڻ ڪري پر معنيٰ جي حساب سان پڻ اوهان ڏنو تہ منهنجي زير قلم آهي. لفظ ”اَپاتوَ“ (ت تي زبر سان) اسين اڄ بہ سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا جنهنجي معنيٰ آهي ”اڻ سنواريل، اڻ جڙيل، اڻ نهيل“ ماڻهو، ۽ ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ ”اپاتوَ“ ڪونہ چئبو.

جملو = فلاڻو سدائين هوندي سوندي اڏوتو اپاتو آهي.

جملو = هوءَ ويچاري سچو ڏينهن ٿي بيگر وهي. هلاڪين ۾ وار ٺي ڪانہ اٿس تہ پاڻ کي ناهي جوڙي. هر وقت اڙي اولي اپاتي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن منهنجي خيال ۾ بيت هينئن ٿيندو،
وهيـــن ۽ ويـــلا ڪريـــن، ســـڏين ســـاڪاتوَ،
آري اپـــاتوَ، توســـين ســـونهي نـــہ سســـئي.

ٻين نسخن ۾ لفظ ”آري“ بدران ”هاري“ آيل آهي. منهنجي هرگز بہ اها خواهش ناهي تہ هرويرو منهنجي ڏنل بيت واري صورت کي درست مڃيو وڃي. لطيف جو سنهن تہ اهڙي ڪابہ خواهش نہ اٿم، پر جيئن تہ بيت ۾ آيل لفظن جي صورت ۽ معنيٰ درست ناهي اهڙيءَ صورت ۾ اوهان سيني قابل عزت ۽ قابل احترامن جي اڳيان غور ڪرڻ لاءِ بيت جي صورت معنيٰ سميت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

بيت جي سمجهاڻي = هنڌ هنڌ تي وهين ساهي پٽي وقت وڃائين ۽ پوءِ وري سڏ يقين ۽ پروسي وارا ٿي ڪرين! (جڻ هو تنهنجا سڏ ٻڌي موٽي ايندا) اي سسئي، آري (پنهون، آري ڄام جو پٽ) اڻ نهيل، اڻ سنواريل تو (خوبصورت عورت سان) گڏ سونهي/سنو ئي نٿو لڳي. (لطيف جڻ سسئيءَ کي آتت ۽ دل جاءِ ڪرڻ خاطر، يا تہ هڏ مورڳو پاڻ ئي پنهونءَ جي ڀائرن جي پنهونءَ کي کڻي وڃڻ واري حرڪت تي ڪاوڙجي ٿو چوي تہ، پنهون ۽ سندس خاندان وارا جيڪي جبل جا رهاڪو هئا ۽ اپاتا هئا. (جن لاءِ لطيف گهٽين جاين تي چڙ جو اظهار بہ ڪيو آهي، ”ڏاڙهين پنيا ڏير...) ۽ شايد لطيف جي خيال موجب اهي سسئيءَ کان گهٽ سڌريل هئا. سسئي شهر (ڀنڀور) جي رهاڪو هئي جنهنجي ڪري سندس رهڻي ڪهڻي بہ مهذب هئي، سو چوي ٿو، اي سسئي! اهي اڻ سنواريل توسان گڏ هرگز نٿا سونهن.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر حسـيني، داسـتان 10 بيـت 24، جلـد 2،
جيـڏيون جـي مـان وسـھو، تـہ کيـن سـبيلي سـک،
بـر بورائـو تـن جـو، ڏونـگر جنـي ڏک،
آريءَ جـو اھـک، رھنمـا راھـہ تيـو.

## اھک :

شيخ = اھنج، ڏک، غم.
منگھـاٽي = تنـگ تيـڻ، تڪليـف واري سـوڙھہ، نـاگواريت، ناگواريءَ واري تڪليف.

هي بيت گنج سميت ڪنھن بہ لطيف جي نسخي ۾ آيل ناهي جيڪا ڳالھہ بيت جي نمبر تي ڏنل گولي مان ظاهر ڪئي وئي آهي. باقي هيءَ آخري سٽ، "آريءَ جو اھک، رھنما راھہ تيو". گنج سميت سيني نسخن ۾ سر ڪوهياري ۾ آيل هن بيت ۾ آهي:

بـڙي تـہ بيلـي گھٽـا، سـاتي پڇـي سـک،
رفـاقت رجـن ۾، ڏونـگر ڪـاري ڏک،
آريءَ جـو اھـک، مـون رھنمـا راھـہ تيـو.

هي بيت شيخ صاحب واري نسخي ۾ بيت 25 آهي. لفظ "اھک" اسان وٽ اڄ بہ عام ڳالھايو ويندڙ لفظ آهي. "اھک" جي معنيٰ شيخ صاحب "اھنج، ڏک ۽ غم" ڏني آهي، پر هتي لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ لفظ "اھک" اڻ وڻندڙ، اڻ سھائيندڙ، سوڙھہ، تنگ تيڻ ۽ ناگواريءَ" واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي ـ يعني احساساتي سطح يا جسماني ناگواريت کي "اھک" ٿو چئجي. ايتريقدر جو پاڻ وارو ڪپڙو بہ اھک ڪندو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا گهر جو ڪو اڻ وٽندڙ حصو بہ اهڪ ڪندو آهي، ڪِن ڪچرو اهڪ ڪندو آهي.

جملو = هي چولو سوڙهو آهي اهڪ تو ڪري، بدلائي تي اچان.

جملو = پنهنجو ڪم ماٺهو پاڻ ڪري، ٻي ڪي اهڪ نہ ڏجي.

سٽ آهي، "آريءَ جو اهڪ، رهنما راهہ تيو."

معنيٰ = پنهونءَ جي اها ناگواريت واري سوڙهہ/ تڪليف، منهنجي لاءِ واٽ جي رهنمائي/واقفڪار تي/رهنمائي ڪندڙ تي.

سر حسني، داستان 11 بيت 8 جلد 2،

وِرهہ جن وٽاڻ، سور سلامي تن جو،

جن لڳو تن لڪيو، ٻاروچاٽو ٻاڻ،

جيڏيون هيءُ زيان، مون سين نسورو نند ڪيو.

## لڪيو :

شيخ = محسوس ڪيو.

منگهاڻي = ڏٺو، سمجهيو، سڃاتو.

## زيان :

شيخ = هاڃو، ظلم، تباهي، بربادي.

منگهاڻي = نقصان.

هي بيت ڪتاب "املهہ اٽوريا" ۾ صفحي 114 ۾ بيت 9 آهي. (شيخ صاحب بہ لاشڪ اهو بيت اتان ئي ڪنيو آهي) جتي لفظ "زيان" بدران "جباڻ" آيل آهي، "جيڏيون هي جباڻ، مونسين نسورو نند ڪيو"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ آيل لفظ "لَڪيو" جي معنيٰ شيخ صاحب "محسوس ڪيو" ڏني آهي. هي لفظ متي سرحسيني، داستان 8 بيت 8 ۾ "لَڪائين" واري صورت ۾ آيل آهي. جتي ان جي معنيٰ شيخ صاحب "دل هارين، ڪيٻائين، گهٻرائين" ڏني آهي. هي ساڳيو لفظ آهي ۽ ٻنهي هنڌن تي ساڳيئي معنيٰ ۾ آيل آهي.

"وڄهـــــ وڏنـــــدي وڪ، مچـــــڻ لڪ لڪــــــائين"

معنيٰ = وڪ تڪڙي ڪڻ، پاڻ ڪي ذرو بہ متان ظاهر ڪرين.

۽ هن بيت جي سٽ آهي، "جن لڳو تن لڪيو، ٻاروچاڻو ٻاڻ"

معنيٰ = جن ڪي لڳو انهن ئي ڏٺو، سڄاتو ۽ سمجهي ورتو پنهون جو تير.

ٻيو لفظ آهي "زيان" جنهن جي معنيٰ ڪان هر ڪو واقف آهي. "زيان" معنيٰ "نقصان".

سٽ آهي، جيڏيون هي زيان، مونسين نسورو نند ڪيو." معنيٰ = اي سرتيون، مونکي هي نقصان، سراسر نند ڏنو آهي.

سـر حســـيني، داســتان 11 بيــت 16 جلــد 2،
ڪـا مــَـتَ متـائي، ســور مــان ســان ســرتيون،
ڏيـــديا ڏيـــان نـــ ڏيـــن، ڏوڻـــا ڏيـــان پـــائي،
لالـــڻ تـــو لائـــي، پٽـــي ڏونـــگر ڏوريـــان.

**پٽي :**

شيخ = پيئي،

منگهاٽي = هلي، پيرين پيادي پنڌ ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت کي لطيف جي ڪنهن بہ نسخي ۾ ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪيم، ڇو جو بيت کي پڙهڻ سان گڏ ان سوال ڪَرُ کنيو تہ، "ڇا هي بيت لطيف جو آهي؟" جواب جي تڪڙ مونکي تہ بهرحال نہ هئي! ڇو جو اهو وقت اجا نہ آيو آهي جو آئون سيني سان منهن مقابل ٿيان ۽ روبرو ويهي، هڪ هنڌ گڏجي بيتن جي ڇنڊڇاڻ ڪريان، پنهنجن اڪابرن، سچيتن پائرن ۽ پيترن سان گڏجي. (شيخ صاحب بہ هن بيت جي نمبر کي دائرو ڏنو آهي) بيت ۾ آيل لفظ "پَٽي" جي معنيٰ شيخ صاحب "پيئي" ڏني آهي. اسان وٽ "پٽڻ" جي معنيٰ آهي "هلڻ، پنڌ ڪرڻ، پيرين پيادو هلڻ." هي لفظ نہ رڳو لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ پر جتي ڪٿي اڄ بہ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. لطيف تہ گهڻن هنڌن تي آندو آهي. مثال: "پٽي ڏونگر ڏوريان، ڪيچين لاءِ ڪڙيو" يا "ڳهريو ٿو ڳالهيون ڪري، ورسيو پٽي وڳ"

يا هي بيت،

"مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٽ وتاڻان،
پريون ڪيو پٽان، وٺا وهائو نڪري."

اسين "بڪڪ" اڄ بہ ڪراچي جي وچ ۾ رهندي بہ لفظ "پَٽي" ڳالهايون ٿا.

جملو = تنهنجو ٻار پٽي ٿو؟

جملو = ها. هاڻي مس پَٽڻ لڳو آهي.

جملو = تو ڇيو ٿي تہ تنهنجي ماءُ لاچار پئي آهي کٽ تي، پر مون تہ ڪلهہ ڏٺو هو، هوءَ پٽي پي ويئي.

سٺ آهي، "لالڻ تو لاءِ، پٽي ڏونگر ڏوريان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = اي پرين، آئون تنهنجي لاءِ پيرين پيادي پيئي جبل جهاڳيان.

سر حسيني، داستان 12 بيت 20 جلد 2،
وئا نہ ڄاڻان، آئون نہ چوندي گهورئا،
ڳالهيون ڳڻ سندان، موڙي ٻڌا مان ڳري.

**موڙي :**

شيخ = ورائي، ڦيرائي
منگهاڻي = ننڍي هڙ، ڳنڍ (گره نہ)

**ڳري :**

شيخ = ڳري سان، ڳلي يا ڳچيءَ سان.
منگهاڻي = ”ڳري“ معنيٰ ”وَٽِ“ ”مان ڳري“ معنيٰ ”مون وٽ“
هي بيت گنج سميت ڪنهن بہ نسخي ۾ نظر نہ آيو. هن نسخي ۾ بيت ڪي دائرو ڏنل آهي.

بيت ۾ آيل ٻن لفظن ”موڙي ۽ ڳري“ جي معنيٰ درست ڏنل ناهي. لفظ ”موڙي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ورائي، ڦيرائي“ ڏني آهي. هي لفظ مٿي سر راڳ، داستان 6 بيت 13، سٽ، ”موڙي ڪوه مٺين، جہ سڄيون راتيون سمهين“ ۾ هو، جتي شيخ صاحب لفظ ”موڙِيءَ“ جي معنيٰ ”موڙيءَ جي، پونجيءَ جي يا خزاني جي“ ڏني آهي ۽ وري هتي لفظ ”موڙي“ جي معنيٰ ”ورائي ڦيرائي“ ڏني آهي. مٿي لفظ ”موڙيءَ“ جي جملن سان سمجهاڻي ڏني اٿم. تہ ”موڙِي“ ”ننڍي هڙ“ ڪي ڄڻبو آهي. بيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ آهي. ”ڳري“ جنھنجي معنيٰ شيخ ”ڳري سان، ڳلي يا ڳچيءَ سان“ ڏني آهي. لفظ ”ڳري“ اسين اڄ بہ عام ڳالھائيندا آهيون. مان ڳري معنيٰ مون وٽ، تو ڳري معنيٰ تو وٽ. ڳريس معنيٰ وٽس. ڳرانس معنيٰ وٽانس/ هن کان.

جملو = اهي هُن ڳري آهن. نتو ڏي اها ٻي ڳالھہ آهي، نہ تہ ڳريس آهن.

جملو = مان ڳري لطيف جا سيئي نسخا آهن.

سٽ آهي، ”ڳالھيون ڳڻ سندان، موڙي ٻڌا مان ڳري.“

معنيٰ = انھن جا گفتا. سخن ۽ مھربانيون، مون وٽ هڙ ۾ ٻڌا رکيا آهن. شيخ صاحب جي ڏنل لفظ ”موڙي ۽ ڳري“ جي معنيٰ جي آڌار اوهين پاڻ ئي سٽ جي معنيٰ پڙهي ڏسو!

سر سورٺ، داستان 2 بيت 13 جلد 2،

محلين آيو مڱڻو، ساز وني سري،
سسي تنھن سلطان کان، اچي گھوٽ گھري،
تنھن هنئي تند طنبيل ۾، پيا کوٽ کري،
هنڌين ماڳھين هوءِ ٿي، تنھنجي ٻيجليا دانھن ٻري،
جھونا ڳرھہ جھري پيئي جھانءِ جھروڪ ۾.

سري :

شيخ = عجيب.

منگھاٽي = گسڪي، کسڪي، پيرن سان هلي نہ پر جسم سان گھرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 421 (سُري). برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرامہ، داستان 2 بيت 14 (سُري)

قليچ، داستان 2 بيت 14 (سُري)

لغات لطيفي (قليچ) سِري = رڙهي، هلي.

قاضي، داستان 3 بيت 4، سري = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 4، سري = (عربي، سر = ڳجهہ)، عجيب.

شهواڻي،

آڏواڻي، داستان 3 بيت 4، سِري= عجيب، ڳجهو.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 13، (سري، بنا ڪنهن زير زبر ۽ پيش جي)

قاسمي، داستان 2 بيت 14، سِري= ڳجهو، عجيب.

انصاري، داستان 3 بيت 4، سِري = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 270 سِري = سرڻ = رڙهڻ، آهستي آهستي ٿورو اڳتي وڌڻ.

هي بيت ڪن نسخن ۾ ڇئن سٽن ۾ آهي تہ ڪن نسخن ۾ پنجن سٽن ۾ آهي. يعني، سٽ، "سسي تنهن سلطان کان، اڃي گهوٽ گهري." ڪن نسخن ۾ آهي ۽ ڪن ۾ ناهي.

بيت ۾ آيل لفظ "سري" جي معنيٰ شيخ صاحب "عجيب" ڏني آهي. اها معنيٰ واقعي بہ عجيب آهي. لفظ "سِرڻ ۽ سُرڻ" جي معنيٰ ۾ بہ فرق آهي، جيڪو نٿو محسوس ڪيو وڃي. جيئن مون مٿي عرض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي تہ زير زبر ۽ پيش جي فرق سان بہ لفظن جون معنائون مختلف ٿيو ٿيون وڃن. ”سِرڻ“ جي معنيٰ آهي، آهستي آهستي رڙهڻ، ڪسڪڻ، گسڪڻ، ماڻهو جڏهن بنا پيرن جي هلڻ سان، ويني ئي ويني ٿورو ٿورو جسم وسيلي رڙهندو آهي تہ، ان کي ”سِرڻ“ چئبو آهي ۽ جڏهن ڪو پيٽ ير بلا وانگر گسڪندو آهي، تہ ان کي ”سُرڻ“ ٿو چئجي، يا جڏهن ڪو ننڍڙا ننڍڙا قدم کڻندو آهي تہ چئبو،

جملو = وڏي وک وجهي آءُ، هي ڇا، سُرندو پيو اچين.

نانگ، بلا ۽ جيت وغيره جي هلڻ کي ”سُرڻ“ ٿو چئجي، جيئن متي سر جمن ۾ آهي، ”موکيءَ سندي مٽ ۾، سُري سپ پيو.“

يا، ”پُري پتنگ آيا، سُري سهائيءَ وٽ“ جڏهن تہ اتي سيني بيتن ۾ زير سان ”سِري“ آيل آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ درست ناهي ۽ اتي ”پيش“ سان ”سري“ آهي. ”پتنگ/پروانا“ اڏامندڙ جيت آهن ۽ ٽانڊي ۽ باهہ جي ٿوري بہ لهس لڳڻ سان سندن پَرَ ڪري ويندا آهن ۽ پوءِ هو پنهنجي پتڪڙن پيرن سان سُرندا سُرندا روشني ڏانهن ايندا آهن. هن بيت ۾ گنج ۾ ”پيش“ سان ”سُري“ آيل آهي. سٽ آهي (گنج جي)

”محلين آيو مگڻو، ساز وني سُري“

بين نسخن ۾ ”محلين آيو مگڻو، کٽي ساز سِري“ آيل آهي.

ساز ”کٽي اچبو“ آهي. ”وني اچڻ“ جي معنيٰ آهي ”خريد ڪري اچڻ“ ۽ بيجل پنهنجو ساز کٽي آيو هو. لفظ ”سِريءَ“ جي معنيٰ محترم مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب درست ڏني آهي. باقي بين محترم شارحن ضرور بيت جي معنيٰ ئي نہ سمجهي هوندي، حيرت ٻانهي خان شيخ صاحب تي آهي، جيڪو محترم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي صاحب جي عربي فارسي معنائن مان سنڌي لفظن جون نڪتل معنائون اڄوڪي دور ۾ بہ اڪيون ٻوٽي ڏيئي رهيو آهي. سٽ آهي،

”محليـــــن آيـــــو مگڻــــو، ســـــاز وڻـــــي ســـــري“

معنيٰ = محلاتن ۾ پينو فقير (ٻيجل) پنهنجو ساز کڻي رڙهي گسڪي آيو.

سِري/رڙهي/گسڪي اهو ماڻهو ايندو آهي. جنهنجو رتبو، مقام ۽ حيثيت گهٽ هوندي آهي، جڏهن تہ باحيثيت ماڻهو ڳاٽ اڀي سان ٻانهون لوڏيندو هلي ايندو آهي. لطيف سرڪار جيئن تہ بادشاهہ راءِ ڏياچ ۽ مگڻي ٻيجل جي رتبن کان واقف هو، جنهن ڄاتو ٿي تہ راجا وٽ فقير رڙهي ۽ گسڪي محل ۾ ايندو آهي، نہ ڪي عام انداز ۾ ٻانهون لوڏيندو هلندو، وکون کڻندو ايندو.

بيت جي سمجهاڻي = مگتو ساز کڻي رڙهي محل ۾ آيو، ۽ اچي بادشاهہ کان سندس متو/سر گهرياڻين. هن تنبوري جي تند اهڙي ڇيڙي/هنئي جو محلات ۾ ڏار پئجي ويا. (ڄڻ تہ ڪوٽ ڪري پيا) هر هنڌ هُل/چوٻول ٿي ويو. ايئن تنهنجو ساز ٻُري ويو آهي، اي ٻيجليا! جهونا ڳڙهہ (بادشاهت) ٽٽي پيو ۽ محل ۾ روڄ راڙو ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سورٺ، داستان 4 بيت 5 جلد 2،

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واڄو ولاتي،
هنئي تند حضور ۾، تنهن پانو پيراتي،
ڏسندي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪڍي تنهن ڪاتي، وڍو ڪرٽ ڪپار ۾،

**ڪنجهي :**

شيخ = ساز جو هڪ قسم

منگهاڻي = ڪنجهي ڏاتوءَ مان بنايل، 2. ڪنجهڻ = رون رون ڪرڻ.

**ڪيرت :**

شيخ = سرود، ساز جو هڪ قسم

منگهاڻي = هاءِ گهوڙا ۽ بدخواهي ڪرڻ. 2. ثنا، ساراهه، صفت.

گنج صفحو 423

برٽش وارو نسخو صفحو 197 بيت 1044

شوقيرام، داستان 3 بيت 13 (پانو جي بدران پارس)

قليچ، داستان 3 بيت 13 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) ڪنجهي = معنيٰ ڏنل ناهي. ڪيرت = ڳائڻ، راڳ، نياز، زاري.

قاضي، داستان 4 بيت 11، ڪنجهي = معنيٰ ڏنل ناهي. ڪيرت = راڳ جي صدا. (پارس)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 4 بيت 11 (شوقيرام وارو) ڪنجهي = آواز ڪري. وڄي، رون رون ڪري. ڪنجهي ڪيرت = اهو عجيب واڄو وڄي پيو هل آلاپ ڪري. ڪيرت = (سنسڪرت، ڪيرتي) آلاپ، راڳ.

شهواڻي، داستان 4 بيت 11 (شوقيرام وارو) ڪنجهي = آواز ڪري، رون رون ڪري، ڪيرت = راڳ، آلاپ.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 11 (شوقيرام وارو) ڪنجهي = رون رون ڪري وڄي. ڪيرت = راڳ.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 14 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 3 بيت 13 (شوقيرام وارو) ڪنجهي = معنيٰ ناهي. ڪيرت = راڳ.

انصاري، داستان 4 بيت 10 (شوقيرام وارو) ڪنجهي = معنيٰ ناهي. ڪيرت = راڳ جي صدا.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 351، ڪنجهي = ڪنجهي جو. پتل مثل ڪنجهي واري ڏاتوءَ مان ٺهيل ڪينرو. ڪنجهي ڪيرت ڪينرو = ڪنجهي واري سرندي تي صدا ۽ ساراهه (ڪيرت).

بيت جو پهريون لفظ "ڪنجهي" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ساز جو هڪ قسم" ڏني آهي. جڏهن تہ "ڪنجهي" نالي سان ڪوبہ ساز ڪونهي، البتہ "ڪنجهو" هڪ ڌاتو آهي، جيڪو پڻ پاڻ "ڌاتو" ناهي پر مختلف "ڌاتن" جي گڏجڻ سان وجود ۾ آيو آهي ۽ تي سگهي ٿو تہ لطيف سرڪار ساز جي آواز کي "ڪنجهڻ" چيو هجي، ڇو تہ بيجل جي نيت خراب هئي ۽ هو آيو ئي راءِ ڏياچ جو سر/جان وٺڻ هو. ان نسبت سان لطيف چوي ٿو تہ "ساز بہ وڄي نٿو، پر ڪنجهي ٿو" ۽ لفظ "ڪنجهڻ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ مٿي سر جمن، داستان 1 بيت 15 سٽ، ”اڃ پڻ ڪنجهو ڪنجهه، واڍوڙڪي منهين“ ۾ ٻڌائي اٿم تہ ”ڪنجهڻ“ جي معنيٰ آهي ”تڪليف ۽ ايذاءَ جي ڪري پاڻ مرادو وات مان نڪتل دٻيل آواز، “ هتي سواءِ شيخ صاحب جي ٻين سيني شارحن اهائي معنيٰ ڏني آهي. بلوچ صاحب لفظ ”ڪنجهي“ جي معنيٰ ”پتل مثل ڪنجهي ڌاتو مان ٺهيل ڪينرو“ ڏني آهي ۽ هي ٻئي معنائون بيت ۾ ٺهڪن ٿيون. ٻيو لفظ آهي ”ڪيرت“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”سرود، ساز جو هڪ قسم“ ڏني آهي، جڏهن تہ ٻين سيني شارحن لفظ ”ڪيرت“ جي معنيٰ، ”راڳ، صدا، آلاپ، صفت، ثناءَ، ساراهہ“ وغيره ڏني آهي. لفظ ”ڪيرت“ جي معنيٰ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ وري انهن سيني کان مختلف آهي، جيڪا آهي ”ڪنهن جي بدخواهي ڪرڻ، ڪنهن تي هاءِ گهوڙا ڪرڻ، ڪرسڻ ۽ ڪنهن لاءِ خراب سوچڻ ۽ ڳالهائڻ.“

جملو = انهن ڪيرت ڪري گهر ڪي ئي برباد ڪري ڇڏيو آهي.

جملو = اسان جي مٿان ڪيرت گهٽي آهي، پلي ڪيرتون ڪن اسانجو بہ الله آهي.“

سٽ آهي. ”ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واڄو ولاتي

سٽ جون ٻہ معنائون ٿينديون. پهرين آهي،

معنيٰ = ڪنجهي (ڌاتوءَ مان بنايل ساز) جو ساز/ والاتي واڄو پيو ثنائون/ راڳ آلاپي.

ٻي معنيٰ = رون رون ڪري ڪنجهي پيو ولاتي (ٻاهرين ملڪ جو) ساز ڪُرسي ۽ بدخواهي ڪري (راءِ ڏياچ جي جان وٺڻ جي ارادي سان).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف بادشاھہ تڏھن ئي تہ ڏکئي کان ڏکيو ۽ سولي کان سولو آھي جو سندس ڪلام جون رمزون ھر ھڪ مَنُ پنھنجي پنھنجي سمجھہ، علم ۽ عقيدي پٽاندر پروڙيندو آھي. اھو ئي سبب آھي جو جھر جھنگ ۾ مال چاريندڙ ڌراڙ لطيف ڪي روئي جھونگاريندي چوندا آھن تہ، شاھہ سائين رڳو اسانجو آھي، تہ تڏن ڊرائينگ رومز ۾ وينل علم جا ٿنڀ ۽ ٿوٽيون چون تہ لطيف فقط اسانجو آھي. مسلمان قرآن پاڪ سان گڏ رکن تہ ھندو گيتا سان گڏ رکن "شاھہ جو رسالو"، ۽ اھو پھہ پروڙڻ ڏاکڙو! سٽ آھي "ڪنجھي، ڪيرت ڪينرو، واڄو ولاتي". شيخ صاحب چوي ٿو،

ڪنجھي = ھڪ ساز جو قسم.

ڪيرت = سرود، ھڪ ساز جو قسم

ڪينرو = ھڪ ساز جو قسم.

واڄو = ھڪ ساز جو قسم

باقي رھيو لفظ "ولاتي" ان جي آڌار تي سٽ جي معنيٰ ڪھڙي ڏجي؟

بيت جي سمجھاڻي = ولات جو نھيل ساز/واڄو/ڪينرو. ثنائون/صفتون (راءِ ڏياچ جون) پيو آلاپي. عقلمند (بيجل) ساز جون تندون (بادشاھہ راءِ ڏياچ جي) اڳيان تسلسل سان ڇيڙيون. اھو سڀ ٻڌي راءِ ڏياچ جو اندر/سندس ذات/روح اٿي جاڳيو/پڌرو ٿيو ۽ ھن ھڪدم ڪاتي ڪڍي اھو ڪرٽ پنھنجي مٿي تي وھايو/سِسيءَ ۾ ھنيو. (۽ سندس مٿو ڌڙ کان ڌار ٿي ويو.)

(مٿي ڪن بيتن ۾ شيخ صاحب لفظ "ڪپار" جي معنيٰ "نرڙ يا پيشاني" ڏني آھي، جيڪا اسان وٽ مختلف آھي. اسان وٽ "ڪپار" جي صحيح معنيٰ آھي. "مٿو/سسي" جيڪا معنيٰ ھن ئي بيت ۾ آيل آھي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سورٺ، داستان 4 بيت 14 جلد 2،
محل مندر ماڙيون، امل جت پرن،
رڙيو راءِ ڏياچ کي، ڪوڙين ڪرنشون ڪن،
تون سردار سڀن، اسين تابيني تنهنجي.

**ڪُرنشون :**

شيخ = سلام، تعظيمون.
منگهاٽي = زاري نيزاري، ڏند پيڙي ڏيمي آواز ۾ رئڻ، ڪوزڙاٽ ڪرڻ.
قليچ، داستان 1 بيت 8 (ڏنگين ۾)
لغات لطيفي (قليچ) ڪرنشون = ڪرنش = نياز.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 11
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 342، ڪرنشون (فارسي) تعظيمون، آڏارون. هي بيت گنج، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

لفظ "ڪرنشون" اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندڙ آهي ۽ هي فارسيءَ وارو لفظ "ڪُورنش" ناهي، پر هي جيئرو، جاڳندو پنهنجي علائقن ۾ چاڳ ڪندڙ لفظ آهي. هي "پيش" سان نہ پر "زير" سان "ڪِرنشوَن" آهي ۽ "ڪرنشون مارڻ" اهڙي دردناڪ منظر لاءِ چئبو آهي جنهن ۾ ڪو ماڻهو انتهائي هيڻيائينءَ سان پيرن ۾ پئي، ليلائي، زاريون نيزاريون ڪري، ڏند پيڙي نهايت ڪرب مان دبيل آوازن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان روئي آزيون ڪري. باقي ”سلام، نياز ۽ تعظيم“ تہ هڪ جهڙي، برابر واري حيثيت واري سان ڪبي آهي جڏهن تہ ”ڪِرنشون“ اهو مارينڊو آهي/ ڪندو آهي جنهنجي اڳئين سان ڪا برابري ۽ همسريءَ جو ڪو سوال ئي نہ هجي. بيت ۾ بہ بادشاهہ ۽ رعيت جي ڳالهہ آهي. اها سٽ هيئن آهي،

”رڙيو راءِ ڏياچ ڪي، ڪوڙين ڪِرنشون ڪن“

معنيٰ = بادشاهہ (راءِ ڏياچ) جي اڳيان ڪروڙين پيا رويو، رڙيو، دانهون ڪري پيا زاريون ڪن. سٽ ۾ آيل لفظ ”رڙيو“ قابل غور آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، ”روئي دانهون ڪري“ ۽ ڪوبہ ماڻهو روئي، دانهون، رڙيون ڪري ”سلام، نياز ۽ تعظيم“ نہ ڪندو آهي، جڏهن تہ هتي بادشاهہ جي اڳيان ڪروڙين پيا انتهائي ڪرب مان پاڌائين.

جملو = هن ويچاريءَ ڪيڏيون ڪرنشون ماريون پر سندس ظالم مڙس کي ڪهل نہ آئي.

جملو = هو تہ صفا ڪنور آهي. غريب ويچاري ڪيڏيون ڪرنشون ماريون، پيرن تي متا رکيا، ليلڙائيون، ڪوڙاڙات ڪيا پر هو پنهنجي ڳالهہ تان نہ لٿو.

بيت جي سمجهاڻي = محلاتون، مندر ۽ ماڙيون (بادشاهہ جون) جتي هيرا جواهر جرڪا پيا ڪن، بادشاهہ (راءِ ڏياچ) کي ڪروڙين پيا روئي رڙي زاريون نيزاريون ڪن. تون (راءِ ڏياچ) سيني جو حاڪم آهين اسين تنهنجي تابع ۽ فرمانبرداريءَ ۾ آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سورٺ، داستان 5 بيت 8 جلد 2،
ساري رات صاحب کي، ڳِڙھ پر ڳايائين،
انس ماڻڪ مينھن جيئن، ھٿ نہ چُتائين،
تي لائي لڌائين، جي ھو ميراثي مڱڻو.

## چُتائين :

شيخ = ڪنيائين
منگھاڻي = لاتائين، ڇھيائين،
گنج، صفحو 415
برٽش ميوزم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 191 بيت 1014
شوقيرام، داستان 4 بيت 4
قليچ، داستان 4 بيت 4
لغات لطيفي (قليچ) چتائين = لاتائين، ڇھيائين.
قاضي، داستان 2 بيت 2، چتائين = ھٿ نہ لاتائين.
گربخشاڻي، داستان 2 بيت 2، چتائين = ھٿ نہ لاتائين.
شھواڻي، داستان 2 بيت 2، چتائين = ھٿ بہ نہ لاتو.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 2، چتائين = معنيٰ ڏنل ناھي.
ڏيپلائي، داستان 4 بيت 4.
قاسمي، داستان 4 بيت 4، چتائين = انھن کي ھٿ نہ لاتائين.
انصاري، داستان 2 بيت 2، چتائين = ھٿ نہ لاتائين.
بلوچ، لغت "روشني"، چتائين = معنيٰ ڏنل ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ڏنو تہ سواءِ شيخ صاحب جي ٻين سڀني محترم شارحن، (جن بہ لفظ "ڇتائين" جي معنيٰ ڏني آهي) لفظ "ڇتائين" جي معنيٰ درست ڏني آهي. سٽ آهي، "انس ماڻڪ مينهن جيئن، هٿ نہ ڇتائين" معنيٰ = هن جي مٿان ماڻڪ، موتي، هيرا، جواهر مينهن وانگي وسي پيا پر هن انهن کي ڇهيو بہ نہ/هٿ بہ نہ لايو. "هٿ نہ ڇتائين" معنيٰ، "هٿ نہ لاتائين/ڇهيائين"، "ڪٽڻ نہ ڪٽڻ" ۽ "ڇهڻ نہ ڇهڻ" ڏار ڏار نهايت نفيس معنيٰ رکندڙ لفظ آهن.

جملو = ڪٽڻ تہ پنهنجي جاءِ، مون تہ سندس موڪليل سوکڙين کي ڇتو بہ نہ.

جملو = هي ڪپڙا پاتل ناهن. هُن تہ اجا بت تي ڇتا بہ ناهن صفا اڇتا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = سڄي رات بادشاھ (راءِ ڏياچ جي شان ۾) جي ساراھ ۾ محلات جي پر ۾ بيهي راڳ ڳايائين تہ سندس (ٻيجل جي) مٿان ماڻڪ موتين جا مينهن وسي ويا، پر هُن (ٻيجل) انهن کي هٿ بہ نہ لاتو/ڇهيو بہ نہ. تڏهن ئي تہ، جنهن رتبي ۽ قميت جو راڳ ڳايائين تهڙو ئي انعام ماڻيائين/ان ئي لائق جو مان پاتائين. ڇو جو هو بنيادي راڳائي، مڱڻهار هو.

سر برئو سنڌي، داستان 1 بيت 7 جلد 2،

جيئن ڪڙو منجهہ ڪڙي، سو لُهار لپيٽيو،

منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سعوگهو ڪيو.

هونئن تہ لطيف جو هڪ هڪ بيت هاڻ تي اَڪرڻ جهڙو آهي پر ڪي ڪي بيت اهڙا آهن جن جي معنيٰ ۽ لفظ سنوان سڌا سمجھ ۾ ايندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ اهي بيت عام ۾ گهڻو مقبول ۽ معروف هوندا آهن. انهن ۾ هي متيون بيت بہ شامل آهي ۽ اهڙا ڪيئي بيت آهن جن جون شڪليون ٻانهي خان شيخ صاحب واري نسخي ۾ بدليل آهن. مثال: "سورهيہ مرين سوپ ڪي..." يا، هتان ڪٿي هُتِ..." ۽ هي بيت معروف شڪل ۾ هيٺينءَ ريت آهي،

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جيئن لوهارن ليپيتيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪيو.

سر برئو سنڌي، داستان 2 وائي 1 جلد 2،
مولو ڪندو ماڙ، منهنجي الله ڪندو،
سٽ 2: هادي ڏيئي هتڙا، منجها چڪڻ چاڙهہ،

**چڪڻ :**

شيخ = درياهہ جي پيٽ ۾ زمين جو اهو سخت هنڌ جنهن سببان پاڻيءَ جو وهڪرو ٽڪرائجي پاڻيءَ کي چڪر ڏياريندو آهي.

منگهاڻي = ترڪڻ (گپ ۽ چڪ سببان ٻنيل ترڪڻ)

گنج صفحو 461 وائي

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 وائي 2.

قليچ، داستان 2 وائي 2.

لغات لطيفي (قليچ) چڪڻ = ڦرنڊڙ لهر، ڪن، ڏٻڻ، گپ.

قاضي، داستان 2 وائي 1، چڪڻ = ڏٻڻ، گپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر برٿو سنڌي ناھي.

شھواڻي، داستان 2 وائي 1، ڇڪڻ = ڏڀڻ، گپ.

آڏواڻي، داستان 2 وائي 1، ڇڪڻ =دنيا جي ڏڀڻ.

ڏيپلائي، داستان 2 وائي 1.

قاسمي، داستان 2 وائي 1، ڇڪڻ = گپ، ڏڀڻ.

انصاري، داستان 2 وائي 1، ڇڪڻ = ڏڀڻ، گپ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 167، ڇڪڻ = وهڪري ۾ آڏو سخت زمين وارو رنڊائيندڙ دڙو، جنھن کي پاڻي ڪائي نہ سگھي ۽ لڳي پوئتي وري.

شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ھڪ ئي معنيٰ ڏني آھي. باقي ٻين تقريبن سڀني شارحن "ڏڀڻ ۽ گپ" ڏني آھي. "ڇڪڻ" جي معنيٰ آھي."اھا جاءِ جتي گپ ۽ چلڙ جي ڪري ترڪڻ ٿنجي وڃي". سر مومل راڻي ۾ آھي، "جنھن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن ڇڪ ڪيو". وارن ۾ جڏھن گھڻو تيل لڳائبو آھي تہ اھي بہ ڇڪ ٿي ترڪڻا ٿي پوندا آھن ۽ سٽيپ لڳل ترڪڻ تانون لاءِ چئبو.

جملو = ھتي ڪيڙا ڪنھن ڏوتا آھن؟ سڄو ھنڌ ڇڪڻ ڪري ڇڏيو اٿن.

جملو = ان ھنڌ مينھن جو پاڻي گھڻو وقت بيھڻ جي ڪري ڇڪڻ ٿي ويئي آھي. سنڀالي وڃجو، متان ترڪي پئو.

سٽ آھي، "ھادي ڏيئي ھٿڙا، اچي ڇڪڻ مان چاڙھہ".

معنيٰ = اھي ھادي/ اي ھدايت ڪندڙ (الله) تون مونکي ترڪڻ مان ھٿ ڏيئي اڪاري پار لنگھاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ تہ ڪنهن ”ٻيٽ ۽ جزيري“ جي آهي.

سر برئو سنڌي، داستان 3 بيت 16 جلد 2،
آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رسي رات مَ رند،
سڄڻ الٽيون چنڊ، اور تہ نرن اڪيون.

**الٽيون :**

شيخ = سسُتيون.
منگهاڻي = لهي ويل، لٿل، لاهيل، الهيل، الهي ويل.

**چنڊ :**

شيخ = چڏ
منگهاڻي = اٿلاءِ، ٻاهر ڪڍ، موٽاءِ، ”چنڊڻ“ معنيٰ ”چٽڻ“. ”چنڊ“ معنيٰ ”چَٽ“ چٽي چڏ. جيئن ٻج چٽبو آهي.
ڪتاب ”املهہ اٽتوريا“، سر بروو سنڌي صفحو 126 بيت 15.
آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رسي رات ۾ رند،
سڄڻ الٽي چنڊ، اور تہ نرن اڪيون.

هي بيت گنج، برٽش وارو نسخو، شوقيرام، قليچ، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي (هن نسخي ۾ بيت جي نمبر ڪي جائزو آهي) ۽ جيئن اوهان ڏٺو تہ هي بيت رڳو ڪتاب ”املهہ اٽتوريا“ ۾ آيل آهي جنهن ۾ بہ تبديليون ٻانهي خان شيخ صاحب ڪيون آهن. ”الٽي“ جي بدران ”الٽيون“ ۽ ”چنڊ“ جي بدران ”چنڊ“ آندو آهي. بيت ڪنهنجو آهي؟ اها اسان ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ناهي. اصل بيت ڪيئَن آهي؟ صحيح لفظ ڪهڙا آهن؟ ۽ اهي ٻہ تبديليون ڇو آنديون ويون آهن؟ اها خبر ضرور شيخ صاحب کي هوندي! ڇو جو ڪتاب "املهہ اٽتوريا" جي ڇنڊڇاڻ بہ خود ٻانهي خان شيخ صاحب جي آهي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ بيت جا جيڪي بہ لفظ بدلايا ويا آهن انهن جي ئي معنيٰ درست ڏنل ناهي. سٽ آهي،

سـِـــڄڻ التيـــون ڇنـــڊ، اور تــــ نـــرن اڪيـــون.

معنيٰ = اي پرين، اهي ڳالهيون جيڪي تو مونسان نہ ڪيون آهن، ۽ پنهنجي دل تان ئي لاهي ڇڏيون آهن، اهي ٻاهر ڪڍي مونکي ٻڌاءِ/مونسان اور تہ منهنجون اکيون ٺڏيون ٿين.

لفظ "التيون ۽ ڇنڊ" ٻئي اڄ بہ بلڪل نوان نڪور آهن ۽ صفا عام ڳالهايا وڃن ٿا.

جملو = رات اڇي التي آهي، اڃا اوهين وينا آهيو. سمهي پئو.

جملو = هو تولاءِ سڄو ڏينهن وينا. تون هاڻي سڄ التي ڪان پوءِ آيو آهين.

جملو = ڪتيون بہ اڇي التيون آهن پر اوهانجا مارڪا ڇڪا ڪونہ.

لفظ "ڇنڊ" جملن ۾:

جملو = ٻوڙ وارا هٿ ڇنڊ نہ، ڪپڙن تي ڇٽا پئجي ويندا.

جملو = مينهن ۾ ماڪوڙا نڪتا آهن دوا ڇنڊي ڇڏ.

بيت ۾ رسڻ ۽ پرچڻ جي ڳالهہ آهي. سُستيءَ جي ڳالهہ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـُـر راڻــو، داســتان 2 بيــت 1 جلــد 2،
جهــڙا گــل گــلاب جــا، تهــڙا مٿــن ويــس،
چوٽــا تيــل چنبيليــا، هــا هــا هــو هميــش،
پســئو ســونهن ســيد چئــي، نينهــن اچــن نيــش،
لالــڻ جــي لبيــس، آتــڻ اکــر نــہ اُڇهــي.

## نيش :

شيخ = ڏند (جوان يا پڪائيءَ جي نشاني)، (جنهن بہ اٺ کي سڀ ڏند يا نيش اچي ويندا آهن، تڏهن چئبو آهي تہ اٺ جوان ٿيو آهي.)

منگهاٽي = وڏا، پڪا، پوڙها، ڪراڙا.

گنج، صفحو 786.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 322 بيت 1679.

"جهڙا گل جبات جا..." ۽ "ها ها هو هميش..."

شوقيرام، داستان 2 بيت 1.

قليچ، داستان 2 بيت 1.

لغات لطيفي (قليچ) نيش = ڏند، پڪائي، جواني.

قاضي، داستان 3 بيت 1، نيش = ڇهن ورهن جو جوان اٺ، وڏو ڏند، همت وارو جوان.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 1، نيش = (فارسي نيش = ڏنگ) چوڪريون، مهميزون، پڙڪا.

شهواڻي، داستان 3 بيت 1، نيش = ڏنگ، چوڪريون.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 2، نيش = ڏنگ، پڙڪا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 1.

قاسمي، داستان 2 بيت 1، نيش = ڏنگ، پڙڪا.

انصاري، داستان 3 بيت 1، نيش = ڇهن ورهن جو جوان اٺ، وڏو ڏند. همت وارو جوان.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 486، نيس = نون سالن جا وڏا اٺ.

نينهن اچن نيش = عشق جا اڏما. ۽ وري لفظ ”نيش“ جي معنيٰ بلوچ صاحب ”پاٽيءَ جي گهٽائي، مينهن جي پاٽيءَ جو نارا ڪري وهڻ، پاٽيءَ جا مسلسل اڏما لڪي آهي.

لفظ ”نيش“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ڏند (جواني يا پڪائيءَ جي نشاني. جنهن ۾ اٺ کي سپ ڏند يا نيش اچي ويندا آهن تڏهن چئبو آهي تہ اٺ جوان ٿي ويو آهي)“ ڏني آهي.

متي سر ديسي، داستان 11 بيت 14 جي سٽ، ”ان اڙانگي پنڌ جي، ڪا نيشن پوي نرت“ آهي جتي لفظ ”نيش“ جمع صورت ”نيشن“ ۾ آيل آهي. جتي ان جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڦوهہ جوانيءَ وارا اٺ“ ڏني آهي ۽ هتي وري ”ڏند (انن جا)“ ڏني آهي. مون متي لفظ ”نيش/نيشات“ جي تفصيل سان جملن ۾ سمجهاڻي ڏني آهي. جيئن مون متي عرض ڪيو آهي تہ، لفظ ”نيش“ جو واسطو نڪو ”انن“ سان آهي، نہ ئي ”انن جي ڏندن“ سان آهي. ”نيش/نيشات“ جي معنيٰ آهي ”وڏي عمر، پوڙهائپ، ڪراڙپ“. سٽ آهي، ”پسئو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش“ معنيٰ = انهن (مومل، سندس پيينرن ۽ ساهيڙين) جي سونهن/خوبصورتي/حسن ڏسي وڏا، پڪا پختا پيار تا اچن/عشق تا ٿين. يعني اهڙي سونهن ڏسي اتاولائي، الڙ، ڪچي ۽ متڇري محبت نٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي پر نهايت پڪي، سمجهہ ڀري ۽ تجربيڪاريءَ واري محبت تي ٽيئي. بلوچ صاحب لفظ "نيش" کي نيڪال ڪري ان جي جاءِ تي لفظ "نيس" آندو آهي جنهنجي معنيٰ "پاڻيءَ جي گهٽائي، مينهن جي پاڻيءَ جو نارا ڪرڻ وهڻ، پاڻيءَ جا مسلسل اڌما" ڏني آهي. ٻين بہ سڀني محترم شارحن جون ڏنل معنائون ڏسي ٿيون سگهجن تہ ڪيڏيون عجيب و غريب آهن. "ڏند (انن جا)، جوان اٺ، ڏنگ، چوڪريون، مهميزون، پڙڪا، اڌما" معنائن جا ايڏا تضاد ۽ پوڳ چا تا ٻڌائين!

بيت جي سمجهاڻي = جهڙا گلاب جا گل آهن، تهڙا ئي انهن (مومل، سندس ڀينرن ۽ ساهيڙين) جا لباس/پوشاڪون/ويس پاتل آهن. انهن جا سهڻا، ڊگها، گهرا وار هميشہ چنبيلي ۽ خوشبودار تيلن سان واسيل ۽ هٻڪاريل آهن. انهن جي سونهن ڏسي متن چاهت وارو جذبو شعوري طرح سان پڪو پختو ٿو ٿيئي. مومل جو حسين روپ ڏسي اتي ويٺلن کان اڪر بہ نٿو اڪلجي (هوُ سڀ مومل جي حسن جي سحر ۾ دم بخود آهن)

سر راڻو، داستان 2 بيت 7 جلد 2،
چندن سين چڪ ڪيو، جت ڏورون ڏوُن،
اچن پوُنسر پنيوليا، پاڻيءَ تنهين پوُن،
راول رتو رُون، ڪو وَهُ لڳو واسوئين.

چِڪَ :

شيخ = پاڻيءَ کي چڪار.
منگهاڻي = تيل ۽ سٽيپ جي ڪري ترڪٽا، چيڪٽا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏورون :**

شيخ = (سوڍا راجپوتن جون) زالون يا عورتون

منگهاڻي = اڇي/سفيد رنگ جون (خوبصورت عورتون)

**ڏونِ :**

شيخ = ڪپڙا ڏون ٽيون يا مٿو ڏون ٽيون. يعني وهنجن ٽيون.

منگهاڻي = ڏوئن.

**وَهُہ :**

شيخ = عشق جو جوش يا جذبو.

منگهاڻي = پاڻي (اهو خوشبودار پاڻي جنهن مان اهي هٻڪاريل حسين عورتون وهنجي نڪتيون آهن.) وهڪرو.

**واسوئين :**

شيخ = واسوئن ڪي (مومل جي عشق جو) واس وٺندڙ يا خوشبو حاصل ڪندڙن ڪي.

منگهاڻي = واسيل، خوشبوءَ مان پريل، مهڪيل، هٻڪاريل.

گنج صفحو 784 (ڏوڙُون)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 327 بيت 1702 (ڏوڙيون) پهرين سٽ "جنهن تڙ ڏوڙيون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو.

شوقيرام، داستان 2 بيت 7.

پهرين سٽ، "جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽاچندن چڪ ڪيو"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 2 بيت 7 (شوقيرام وارو)

لغـات لطيفـي (قليـچ) ڏوڙون = جيـڏيون، سـرتيون. ڏورون = زالون، عورتون، جانورن جون جماعتون. چوٽا = چوٽو = سرھو تيل، ڏون = معنيٰ ناھي.

چڪ = پاڻي گپ، پسايل آلو، پنل، واسئين = معنيٰ ڏنل ناھي.

قاضي، داستان 2 بيت 7 (ڏوڙون)

پھرين سٽ، ”جنھن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو“

ڏوڙون = ھڪ جيڏيون، سرتيون. ڏون = ڏوئن. چڪ = پنل گپ.

وَھَہ = پاڻيءَ جو وھڪرو، تک، درياھہ جي سير، نينھن. واسئين = معنيٰ ڏنل ناھي.

گربخشـاڻي داسـتان 3 بيـت 7 (قـاضيءَ وارو) ڏوڙون = واحـد، ڏوڙي. (گجراتـي، ڏوڙي/سنسـڪرت، ڏريہ). ثـاني، ٻـٽ، ھـڪ جيـڏي، سرتي، سھيلي ھتي ”ڏوڙن“ مان مراد آھي. مومل جون ساھيڙيون. ڏون = ڏئن. ڏئڻ/سنسڪرت، ڏاون، وھنجڻ، سنان ڪرڻ. چوٽا چندن چڪ ڪيو = چوٽا چندن مان چڪ ڪري = يعني جھبي. وَھَہ = (سنسـڪرت، وَشَ). اشتياق، اڪير، عشق جي مستي، جوش يا جذبو. واسئين = واسين ڪي واسئو. (سنسـڪرت، واسِـتَ). سـرھاڻ سـان پريـل، واس وننـدڙ يعنـي عاشق.

شھواڻي، داستان 3 بيت 7 (قاضيءَ وارو بيت)

ڏوڙون = سـھيليون، ھـڪ جيڏيون، ثـاني، ٻـٽ. چوٽـا چنـدن چـڪ ڪيـو = چوٽيـون (وار) چنـدن جـي خوشـبودار تيـل سـان جھبيـل. وَھـَہ = جوش، جذبو، اڪير.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسئين = واس وارن، سرهاڻ سان ڀريلن، عاشقن.

آڏواڻــي، داســتان 3 بيــت 7 (بيــت قــاضيءَ وارو) ڏوڙون = ساهيڙيون (مومل جون). چڪ = جهبي. وَهُہ = معنيٰ ڏنل ناهي. واسئين = واس وندڙن کي (عاشقن کي) عشق لڳو.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 8 (بيت شوقيرام وارو)

قــاسمي، داســتان 3 بيــت 7 (قــاضيءَ وارو) ڏوڙون = هــڪ جيڏيون، سرتيون.

چڪ = ٻنل گپ. ڏون = ڏوئن. وَهُہ = پاڻيءَ جو وهڪرو، تڪ، درياهہ جي سير، نينهن. واسئين = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 201، ڏوڙون = وارن جون ڳتون (ٻہ ڏوڙون، هڪ هڪڙي پاسي واري ٻي ٻئي پاسي واري) ڏون = ڏئن، جنهن تڙ

ڏوڙون ڏون = جنهن گهيڙ تي ويهي پنهنجون ڳتون ڌوئن. چڪ = معنيٰ ناهي. صفحو 522، وَهُہ = محبت جو جوش جذبو، عشق. صفحو 492، واسئين = واسوئين، جن واسو ڪيو. (جيڪي مومل کي ملڻ لاءِ اتي سنيري آيا ۽ رهيا)

بمبئي ڇاپو، داستان 2 بيت 8.

جنهن تڙ ڏوئرون ڏونِ، چوٽا چندن چڪ ڪيو.

اچن ينئور ينيوليا، پاڻيءَ متي پونِ،

راول رتو رونِ، ڪو وَهُہ لڳو واسُئين.

هڪ اوائلي نسخو، داستان 2 بيت 26 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن تہ لطيف جو هڪ هڪ لفظ پنهنجي جاءِ تي بيحد اهم آهي جنهنجي زير، زبر ۽ پيش جي بہ تمام وڏي اهميت آهي. آئون بنا ڪنهن جذباتي ٿيڻ جي حقيقت تي واضح ڪريان تہ جيئن قرآن پاڪ جي سورتن/آيتن/لفظن ۾ زير زبر ۽ پيش ڪي هيٺ مٿي ڪرڻ گناهہ آهي، بلڪل ايئن لطيف پاڪ جي ڪلام ۾ بيتن/واين/لفظن ۾ زير زبر ۽ پيش ڪي بہ هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ عظيم گناهہ آهي.

جـــي تـــو بيـــت ڀانيـــا، ســـي آيتـــون آهيـــن.
نيـــو مـــن لائيـــن، پريـــان ســـندي پـــار ڏي.

جڏهن تہ هن بيت لاءِ بہ وڏا ڪات ڪهاڙا کنيا ويا آهن تہ "لطيف جو بيت ناهي" ان جي قطئي نظر اها حقيقت ٻڌائيندس جيڪا لطيف ڪي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڪان پوءِ مون ڏٺي. هيءَ رڳو شاعري ناهي جنهن ۾ شاعريءَ جا ئي لوازمات ڳوليا وڃن. هي تہ هڪ فڪر آهي، پيغام آهي ۽ هڪ ننڍڙڪي قوم جي بچاءَ جو هٿيار آهي. ان ۾ ڦيرڦار ۽ تبديلي آڻڻ جو حق ڪنهن کي بہ نہ هئڻ گهرجي ۽ جيڪو بہ ايئن ڪري ان جي ڀرپور طريقي سان حوصلہ شڪني ڪرڻ کپي. اهو ڪنهن کي بہ حق ناهي تہ لفظن جون معنائون نہ اچڻ واري صورت ۾ لفظ ئي ڪڍي ڇڏجن!! جي لطيف جي لفظن جون معنائون ايندڙيون هجن تہ هر لفظ جيئرو جاڳندو پنهنجي وڏي حيثيت سان پنهنجي ئي مسند تي براجمان سونهين پيو ۽ وري ڪي لفظ اهڙا تہ نازڪ، نفيس ۽ ناڪئان هوندا آهن جيڪي ڇهڻ سان ٺڙڪات ڪري ٽٽيو ٽا پون. ايئن ئي هي مٿيون بيت آهي جيڪو جماليات جو سارو خزانو ساڻ کڻي بيٺو آهي، جنهن کي وقت ۽ ماڻهن جي ڪهڙن هٿن ۽ لاپرواهيءَ جي رانيوٽن ڦٽي صورت ئي بدلائي ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. دنيا کي ڏوتاري (آرسي) ڏيکارڻ ڏکي ڪانهي پر ڏکي ڳالهہ اها آهي تہ ماڻهو پاڻ بہ آرسيءَ اڳيان ڪو دم دمي پنهنجو بہ جائزو وٺي.
شيخ صاحب جي نسخي ۾ آيل پهرين سٽ آهي، ”چندن سين چڪ ڪيو جت ڏورون ڏون“ جيڪا سواءِ ”ڏوڙون/ڏورون“ واري فرق جي لڳ ڀڳ گنج واري آهي. جڏهن تہ ٻين سيني نسخن ۾ آيل سٽ هينئين ريت آهي.
”جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو“ جنهن ۾ وري ”چوٽا/چوٺا“ وارو فرق آهي. جڏهن تہ بمبئي ڇاپي واري سٽ آهي، ”جنهن تڙ ڏوئرون ڏونِ، چوٽا چندن چڪ ڪيو“ ڏسي ٿو سگهجي تہ شيخ صاحب ۽ گنج واري سٽ ۾ بيت جا بہ نهايت اهم لفظ ”تڙ ۽ چوٽا“ آيل ناهن، جنهن جي ڪري سڄي بيت جي معنيٰ مبهم ۽ غير واضح ٿيو ٿي وڃي. مجموعي نموني هن بيت ۾ آيل پنج لفظ، ”چِڪَ، ڏورون، ڏونِ، وَهہ ۽ واسئين جون ڏنل شيخ صاحب جو معنائون غور طلب آهن.

پهريون لفظ آهي ”چِڪَ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”پاڻي کي چڪار“ ڏني آهي. (پاڻي مان چڪار يا پاڻيءَ کي چڪار؟) لفظ ”چِڪَ“ اڄ بہ اسين روز عام ڳالهائيندا آهيون. وارن ۾ گهڻو تيل لڳائبو تہ اهي چيڪٽا ۽ ترڪٽا ٿي ويندا آهن ۽ بيت ۾ پڻ ”چِڪَ چَوٽن“ جو ذڪر آهي. ”چوٽا“ جي معنيٰ آهي ”وڏا، ڊگها ۽ گهرا وار“ لفظ ”چوٽا“ شيخ صاحب واري بيت ۾ آهيئي ڪونہ. ڪن نسخن ۾ لفظ ”چوٽا“ جي بدران ”چوٺا“ آيل آهي جنهنجي معنيٰ ”سرهو تيل“ ڏنل آهي. پر بيت ۾ لفظ ”چوٺا“ بلڪل غير ضروري آهي ڇو جو سرهاڻ لاءِ اڳ ئي ”چندن“ موجود آهي (چوٽا چندن چڪ ڪيو). لفظ ”چڪ“ جي معنيٰ متي وائيءَ جي سٽ، ”هادي ڏيئي هٿڙا، اڇي چڪڻ مان چاڙهہ“ ۾ جملن سان تفصيلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني اٿم تہ "چڪ" جي معنيٰ آهي "تِرڪڻ ۽ چڪڻ" جيڪا سٽي تيل، گهہ وغيره سان بہ ٿيئي تہ گپ جي ڪري بہ ٿيئي.

جملو = ٿانوَ سٽي مان چڪ آهن، ڪوسي پاڻيءَ سان ڌوئجو.

ٻيو لفظ آهي "ڌورون" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "(سوڍا راجپوتن جون) زالون، عورتون" ڏني آهي. منهنجي خيال ۾ هي لفظ "ڌورون" نہ پر ڌوئرون" آهي جيئن بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ هڪ اوائلي نسخي ۾ آيل آهي.

"جنهن تڙ ڌوئرون ڌون..." ۾ "ڌونرون" جي معنيٰ آهي، "اڇيون، سفيد، (انگريزي وائيٽ). لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ اڇي رنگ کي ڌونئرو رنگ چوندا آهن.

جملو = ڌونري گندي متي تي رکڻ سنو سنوڻ ڪونهي.

جملو = هي ڌونرو وهاٽو ۽ ڌونري سوڙ ٻاهر نہ رکو ميرا ٿي ويندا.

ٻين گهڻن نسخن ۾ لفظ "ڌوڙون" آيل آهي جنهنجي معنيٰ تقريبن سيني محترم شارحن "جيڏيون، سرتيون، سهيليون، هڪ جيڏيون، ثاني، ٻٽ، مومل جون سهيليون" ڏني آهي، جڏهن تہ بلوچ صاحب، لفظ "ڌوڙون جي معنيٰ "وارن جون ڳتون" ڏني آهي.

پهرين اچو ڏسون تہ لفظ "ڌوڙون" وجود بہ رکي ٿو يا نہ!

گربخشاڻي صاحب چوي ٿو تہ، "ڌوڙون" جو واحد "ڌوڙي" آهي. هي لفظ اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "ساٿيءَ" کي چئبو آهي، خاص ڪري جيڪو راند ۾ ساٿي هجي ان کي چئبو ئي "ڌوڙي" آهي. هيءَ لفظ وا حد، جمع، مونث ۽ مذڪر لاءِ هڪ ئي صورت ۾ " ڌوڙي" چئجي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هي منهنجو ڏوڙي آهي"، "هيءَ منهنجي ڏوڙي آهي."، "اسين ٻئي پاڻ ۾ ڏوڙي آهيون"، "هو تنهنجا ڏوڙي آهن." هي منهنجون ڏوڙي آهن." يعني لفظ "ڏوڙي" جو جمع "ڏوڙون" ناهي، تنهن ڪري لفظ "ڏوڙون" بيت ۾ نهڪي نٿو ۽ معنيٰ جي لحاظ کان بہ هي لفظ درست ناهي. اهو ئي سبب آهي جو شيخ صاحب واري بيت ۾ "ڏورون" ۽ بمبئي ڇاپي واري نسخي ۽ هڪ بيحد اوائلي نسخي ۾ لفظ "ڏوئرون" آيل آهي ۽ لفظ "ڏوئرون" اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "اڇي/سفيد" رنگ کي چئبو آهي، جنهن جي بنياد تي چئي ٿو سگهجي تہ شيخ صاحب وارو لفظ "ڏورون" ان جي بگڙيل شڪل آهي. الائجي ڪٿي ۽ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ (سوڍا راجپوتن جي) زالن ۽ عورتن" کي "ڏورون" چيو وڃي ٿو؟ جڏهن تہ اسين اڄ بہ اڇي ۽ سفيد رنگ کي "ڏونرو" رنگ چئون ٿا.

هتي آئون پنهنجي ذاتي راءِ اوهان سيني وڏن جي اڳيان رکان ٿي تہ سيني نسخن جي سٽن جي ڀيٽ ۾ بمبئي ڇاپي واري سٽ نهايت طاقتور معنيٰ رکندڙ ۽ شعر جي مزني تقاضائن ۽ گهرجن تي پوري لهندڙ، غنائيت ۽ نغمگيءَ سا ڀرپور، بيحد سحرانگيز آهي. ان ۾ آيل اٺ ئي لفظ "جنهن، تَڙ، ڏونرون، ڏونِ، چَوتا، چَندن، چڪَ، ڪَيو" اسين (ٻڪڪ) اڄ بہ ڳالهايون ٿا ۽ آئون پاڻ ذاتي طرح سان انهن اٺن ئي لفظن جي معنائن کان واقف آهيان. ٽيون لفظ آهي "ڏوَنِ" جيڪو نهايت عام لفظ آهي. اهو ئي سبب آهي. جو ان جي معنيٰ سيني محترم شارحن "ڏئن/ڏوئن" ڏني آهي. پر اهڙي عام فهم لفظ جي معنيٰ بہ شيخ صاحب نهايت منجهائيندڙ ۽ پيچيده ڏني آهي. چوي ٿو "ڏوَنِ" جي معنيٰ آهي، "ڪپڙا ڏوَنِ ٽيون يا مٿو ڏون ٽيون يعني وهنجن ٽيون" اها تہ لفظ "ڏون"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ ناهي. ”ڏونِ“ جي معنيٰ ”ڏئڻ“ تہ ڏيئي نٿو. ڇا ڏئڻ ٿيون؟ اهو تہ سٽ ۾ موجود آهي پر شيخ صاحب واري سٽ ۾ لفظ ”چَوتا“ ڪونهي ۽ جڏهن سٽ ئي درست نہ هجي/اڌوري هجي تہ پوءِ معنيٰ لاءِ اهي حيلا پتيلا تہ ڪرڻا ئي پوندا. تہ، ”متو ٿيون ڏئڻ، ڪپڙا ٿيون ڏئڻ يا وهنجڻ ٿيون!“

چوٿون لفظ آهي، ”وَهہ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”عشق جو جوش يا جذبو“ ڏني آهي ۽ پڻ ٻين شارحن بہ اهائي معنيٰ ڏني آهي. ”وَهہَ“ جي لفظي معنيٰ آهي ”پاٽي يا پاٽيءَ جو وهڪرو“ ۽ ان معنيٰ ۾ لطيف بادشاہ گهڻن سرن ۾ گهڻن هنڌن تي آندو آهي. مثال، ”وهہ تک واهڙ تڪ...“ ”جان واهڙ ۾ وهہَ...“، ”وهہَ چيرينديءَ...“، ”وهہ وري ويو...“، ”وهي تي وهہَ سامهون...“ وغيرہ. جڏهن تہ ”عشق جو جوش يا جذبو“ لفظ ”وَهہ“ جي نڪو لفظي معنيٰ آهي نڪو ئي معنوي معنيٰ آهي.

پنجون لفظ آهي ”واسئين“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”واسوئڻ ڪي (مومل جي عشق جو واس وٺندڙن يا خوشبو حاصل ڪندڙن ڪي) ڏني آهي. لفظ ”واس“ اسين اڄ بہ ”هٻڪار ۽ مهڪ“ کي چوندا آهيون.

لفظ ”واسئين“ جي معنيٰ آهي ”مهڪيل، هٻڪاريل، واسيل“ بيت جي پهرين سٽ آهي (بمبئي ڇاپي واري). شيخ صاحب واري سٽ جي ڪابہ معنيٰ نٿي نڪري ڇو جو سٽ ۾ بہ اهم لفظ ”تڙ ۽ چوٽا“ موجود ناهن.)

جنهن تڙ ڏوئرون ڏونِ، چوٽا چندن چڪ ڪيو.

معنيٰ = جنهن گهيڙ/ڪناري تي اڇي سفيد رنگ جون خوبصورت عورتون (مومل سندس ڀينرون ۽ سهيليون) چندن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبودار تيل منجهان ٻڌل/چڪ پنهنجا ڏگها، گهرا ۽ سهڻا وار ڌئن ٿيون.

ٻي سٽ آهي. "اچن ڀنوئر ڀنڀوليا، پاٽيءَ تنهين پُونِ.

معنيٰ اتي ڀنور ٻـہ موهجي مست ٿي (متو مغز چڪرائجي) ان پاٽيءَ ۾ اچي ٿا پون/ڪِرن. يعني، مومل، سندس ڀينرن ۽ سهلين جي وارن ۾ جسمن منجهہ ايتري تہ مست ڪندڙ خوشبو هئي جو ڀنوئر جيڪي گلن ۾ خوشبوئن جا رهيڪ (عادي) ۽ عاشق آهن جن جو رزق ئي گلن جو رس آهي، اهي خوشبوئن ۽ واسن جا عاشق ڀنوئَر ٻـہ اتي چڪرائجي بيهوش ٿي ٿا پون ۽ ڀنور ان واسوندي پاٽي تي ايئن ڪاهي اچي ٿا ڪرن ڄڻ تہ اهو تڙ نہ پر گلستان هجي.

ڪنول پارون پاتال ۾، ڀنور پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

ٽين سٽ. "راول رتو رونِ، ڪو وهہ لڳو واسئين"

معنيٰ، شهزادن کي اهو هبڪاريل، واسوند پاٽي (جنهن ۾ مومل جي بدن جي سڳنڌ هئي، سرهاڻ هئي) اهڙو لڳو جواهي رت جا ڳوڙها پيا ڳاڙين. (مومل جي عشق ۽ پنهنجي ناڪامين تي)

اها آهي ان نازڪ نفيس، ڻاڪئي خوبصورت خوشبودار بيت جي سحر انگيز تشريح.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر راڻـو، داسـتان 2 بيـت 14 جلـد 2،
ڪـاڪ ڇـڏيائون ڪنـڌ ۾، پاڻـان ويـا پـَـئي،
لوڏيـڙن لطيـف چئـي، سـوڍو ڪيـو سـَـهي.
مومـل مـاڳ رهـي، ٽيـو مڙوئـي مينـڌرو.

## پَئي :

شيخ = پوئتي، واپس، پري
منگهاڻي = گهڙي، اندر وڃي، اندر گهڙي، مَنجهہ هليا ويا.

## سَهي :

شيخ = سوگهو، قابو
منگهاڻي = سڃاتائون، پرکيائون، سمجهائون

## ماڳ :

شيخ = ماڳ تي، جاءِ تي (ڪاڪ جي) محلات ۾.

## رهي :

شيخ = (هميشہ لاءِ) رهجي وئي، اهميت وڃائي ويٺي.
منگهاڻي = ”ماڳ رهڻ“ هڪ اصطلاح آهي. يعني ڪو ٻيو ڪوشش ۽ جستجو ڪندو تہ وڃان اڃا ڪو ٻيو اها حاصلات ماڻي وٺندو تہ چئبو، ”فلاڻو ماڳ رهيو، وڃان هو ڪٽي ويو“.
يعني، مومل چاهيو ٿي تہ هوَ پاڻ اهم آهي ۽ راڻو سندس عشق ۾ انڌو ٿي سندس اڳيان پويان ڊوڙي پر هتي تہ معاملو ئي اونڌو ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومل ڇا اهر رهندي وڃان راڻو معشوق تي ويو ۽ مومل عاشق بنجي هن جي اڳيان پويان ڊوڙڻ لڳي.

گنج صفحو 785. برٽس واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 12 (لوڊيرن)

قليچ، داستان 2 بيت 12 (لوڊيرن)

لغات لطيفي (قليچ) پٺي = فڪرمند، غمگين، پوءِ تي.

سهي = واقف، برابر، اجهو.

قاضي، داستان 3 بيت 13 (لوڊيڙن) پَٺي = معنيٰ ڏنل ناهي.

سهي = واقف، سڃاڻو. مومل ماڳ رهي = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 13 (لوڊيڙن) پَٺي = پهي، هلي. پهڻ (سنسڪرت، پٿ)، هلڻ. سهي = معنيٰ ڏنل ناهي.

مومل ماڳ رهي = مومل جي انفرادي هستي منجي ويئي، ۽ رڳو مينڌرو ئي مينڌرو وڃي رهيو.

شهواڻي، داستان 3 بيت 13 (لوڊيڙن) پٺي = پيهي، هلي. سهي = معنيٰ ناهي.

مومل ماڳ رهي = مومل جي انفرادي هستي منجي مينڌري ۾ لئه ٿي ويئي جنهنجي ڪري رڳو مينڌرو رهجي ويو.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 13 (لوڊيڙن) پٺي = هلي. سهي = معنيٰ ڏنل ناهي. مومل ماڳ رهي = ميسارجي ويئي.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 12 (لوڊيرن)

قاسمي، داستان 2 بيت 12 (لوڊيرن) پٺي = هلي. سهي = معنيٰ ناهي. مومل ماڳ رهي = ٻي ڳالهه نه رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 3 بيت 11 (لوڏيڙن) پٿي = معنيٰ ناھي. سھي = واقف، سڃاڻو. مومل ماڳ رهي = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، لغت ”روشني“ پٿي = معنيٰ ڏنل ناھي. (باقي ”پَٿي“ ستل، لٿيل آھي.) صفحو 295، سھي = ساڃي، حال ياڻي، همدرد. صفحو 462، مومل ماڳ رهي = جنھنجو نالو مومل سا پنھنجي جاءِ تي رهي.

بيت ۾ آيل لفظ ”پٿي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”پوٺتي“ واپس، پري“ ڏني آھي جيڪا اصل معنيٰ جي بلڪل متضاد آھي. سٽ ۾ ڪاڪ جي اندر گھڙي وڃڻ/پيھي منجهه وڃڻ ۽ اندر هلي وڃڻ جو ذڪر آھي، پر شيخ صاحب چوي ٿو ته، ”پوئتي، واپس، پري“. لفظ ”پٿي“ اڄ به لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڳالهايو وڃي ٿو.

جملو = هو توڪي سڏي وٺي نه ويندا. تون انھن سان پَٿي وڃ.

جملو = هو سڄ ته ڪراچيءَ جي ٻلي آھي. وڏين وڏين مارڪيٽن ۾ بنا ڊپ جي پٿي ٿي وڃي.

ھي سڄو اصطلاحن تي ٻڌل حيرانيءَ جهڙو بيت آھي. پھرين سٽ ئي اهڙي آھي جڻ امان وڏي (ڏاڏي) گھر ۾ پيئي ڳالهائي. سٽ آھي:

”ڪاڪ چڏيائون ڪنڌ ۾، پاڻان ويا پٿي.“

معنيٰ = ڪاڪ (ندي) کي ته چڏيائون ڪنڌ/پاسي ۾، هو ته هڏ اندر (محلات ۾/مومل جي دل ۾) گھڙي ويا.

امان وڏيءَ جو جملو = ڪاڪ گھوري سا ته رهي ڪنڌ پاسي ۾، هو ته هڏ ماڳھين منجهه پيھي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي جي اسين شيخ صاحب جي ڏنل لفظ ”پٺي“ جي معنيٰ ”پوئتي، واپس. پري“ کي درست سمجهي سٽ جي معنيٰ ڏسون ٿا تہ اها هينئن ٿيندي. ”ڪاڪ کي ڪنڌ/پاسي ۾ چڙهي هو پاڻ پوئتي واپس پري هليا ويا“ اهو تہ بهادري ۽ بزدلي، مڙسي ۽ ياڙٽپ وارو تضاد آهي. يعني ڪٿي مڙسيءَ سان ڪاڪ واري محلات ۾ اندر گهڙي وڃڻ ۽ وري ڪٿي، ڪاڪ (نديءَ) کي ٺي ڪنڌ پاسي ۾ ڪري پاڻ پويان پير ڪري پنيان واپس موٽي پري هلي وڃڻ. ٻيو لفظ آهي ”سهي“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”سوگهو، قابو“ ڏني آهي. لفظ ”سهي“ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ“ واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = مون ان ٺي مهل سهي ڪيو هو تہ اهو اسانجو ماڻهو ناهي پر اوهان سيني جي چوڻ تي ساڻ ڪنيم. پوءِ تہ ڏنوَ نہ ڪيئن پرائو ثابت ٿيو!

جملو = اسانجا وڏا/بزرگ سَهيسَ هئا. دوست دشمن کي سهي ڪري ويندا هئا. ”سهيس“ معنيٰ سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ وارا مردم شناس“ ”سهي“ ڪرڻ معنيٰ ”سمجهڻ/سڃاڻڻ“. سٽ آهي،

”لوڏيئڙن لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي“

هتي پهرين سٽ ۾ آيل ٽن صورتن واري لفظ ”لوڏيئڙن، لوڍيرن، لوڍيڙن“ بابت هڪ هڪاٽي ڪجي، پوءِ ٺي سٽ جي سمجهاڻي ڏيئي سگهبي. جيئن اوهان ڏٺو تہ شيخ صاحب واري سٽ ۾ لفظ ”لوڏيئڙا“ آيل آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”لوڏين، شڪارين، اميرن، حاڪمن (راڻي جي يارن) ڏني آهي. جڏهن تہ، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ واري سٽ ۾ ”لوڍيرن“ ۽ قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، بمبئي ڇاپي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ لفظ "لوڊيڙن" آيل آهي، ۽ جن ٻہ نسخن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن انهن سيني ۾ لفظ "لوڊيرن ۽ لوڊيرن" جي معنيٰ "لوڊاٽي جا رهاڪو" ڏنل آهي. (حالانڪہ لوڊاٽي جي نسبت سان رهاڪن کي "لوڊيٽن" چوڻ گهرجي) شيخ صاحب جي لفظ "سهيءَ" جي معنيٰ کان واقف هجي ها تہ هرگز ٻہ لفظ "لوڏيٽڙا" نہ آڻي ها. ڇو جو راٽي جا يار تہ اڳ ئي راٽي کي ڇاڻن ۽ سڃاڻن ٿا پر جڏهن لفظ "سهي" جي غلط معنيٰ، "سوگهو ۽ قابو" ڏنائين تہ پوءِ اتي لفظ "لوڏيٽڙا" جي اچڻ جي راهہ هموار ٿي. سٽ ۾ لوڊاٽي/لڊاٽي جي ماڻهن جي ڳالهہ آهي جن لاءِ سوڍو نئون هو نہ ڪي راٽي (سوڍي) جي يارن جو ذڪر آهي. منهنجي راءِ ۾ سٽ جي درست شڪل هيئن هئڻ گهرجي!

لوڊيٽن لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي.

معنيٰ = لڊاٽي جي ماڻهن راٽي کي چڱيءَ طرح سڃاتو/پوري ريت سمجهيا. (تہ هيءَ ماڻهو ئي مومل ماٽيندو)

ٿي ۽ آخري سٽ ۾ هڪ اصطلاحي فقرو آهي، "مومل ماڳ رهي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب عجيب نموني جي ڏني آهي، يعني تہ هو صاحب ان معروف اصطلاح کان قطعي طور اڻواقف آهي. ثبوت سندس ڏنل "ماڳ ۽ رهيءَ" جون ڌار ڌار معنائون آهن.

جيئن پهرين سٽ اصطلاح تي ٻڌل آهي:

"ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻان وئا پئي"

بلڪل ايئن ئي هيءَ آخري سٽ ٻہ اصطلاحي سٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مومـــل مـــاڪَ رهـــي، تيـــو مڙوئـــي مينـــڏرو"

معنيٰ، مومل پس منظر ۾ هلي ويئي ۽ چوڏس رڳو راڙو ئي راڙو رهجي ويو. "ماڪَ رهڻ" معنيٰ پس منظر ۾ هلي وڃڻ/پوئتي رهجي وڃڻ. يعني، مومل جيڪا اهم هئي، پيش منظر هئي اها غير اهم ٿي پس منظر ۾ هلي ويئي/اها هڏ ماڳهين نهيو ڳهوريو ٿي ويئي. وچان رڳو راڙي جو هـُل هـُلي ويو " سڄو ملڪ راڙو ئي راڙو ٿي ويو (تيو مڙوئي مينڏرو) اهڙا نفيس جذبا ۽ احساس غلط معنائن جي ور چڙهي قتل ٿيڻ وارو ڏک ماڙهوءَ جي موت جهڙو ڏک ۽ صدمو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڪاڪ (نديءَ) ڪي تہ ڇڏيائون هڏ ماڳهين ڪنڌپاسي ۾. هو تہ پاڻ اندر (محلات ۾) گهڙي ويا. لڏاڻي جي ماڙهن سوڍي ڪي مڪمل سڃاڻي ورتو (تہ هي ماڙهو ئي مومل ڪي ماڙيندو) مومل تہ رهي پنهنجي جاءِ/اها تہ هلي ويئي پس منظر ۾ (جيڪا اهم ۽ پيش منظر هئي) ۽ هر جاءِ هر هنڌ، چوڏس رڳو راڙو ئي راڙو ٿي ويو. (يعني، مومل ايئن ئي رهجي ويئي وچان راڙو ڪٿي ويو.)

ســـر راڻـــو، داســـتان 2 وائـــي 1 جلـــد 2،
جـــيءَ جيـــاريو جـــن، ســـڄڻ مـــان نـــہ اچـــن،
ســـٿ 3: هينئـــڙا تـــي مَ ڪـــانهلو، ســـدا ســـانگ پـــون.

## ڪانهلو :

شيخ = سست، موڳو، هيڻو.

منگهاڻي = نازڪ نفيس، اڻ ساهو، ڪجهہ بہ نہ سهي سگهندڙ، ذرو بہ، تر جيترو بہ ڏک ۽ ڦٽ تہ ڇا پر بک ۽ ڏڙڪي وارو ڪهرو لهجو بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برداشت ڪري نہ سگھندڙ. ايتريقدر جو ڪنهنجي چهري تي آيل ناگواريءَ جا تاثرات بہ سهي نہ سگھندڙ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 333 ڪانهلو = ڪانهر =ڪاهل، سست، ڪانئر، ڏٺا ۽ "ڪانهريءَ" جي معنيٰ "ڪاهلي ۽ نهلڙي" آهي.

هيءَ وائي گنج سميت لطيف جي ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي.

لفظ "ڪانهلو" متي سر حسيني، داستان 5 بيت 10 جلد 2 ۾ ست، "سور مَ ڏي ڏوڻ، آئون اڳيئي ڪانهري" ۾ "ڪانهريءَ" واري صورت ۾ آيو آهي جتي شيخ صاحب ان جي معنيٰ "ڏڪيل، گهايل، ڦٽيل يا ڏڪايل" ڏني آهي. هتي "ڪانهلو" جي معنيٰ "سست، موڳو، هيڻو" ڏني آهي. ست آهي، "هينئڙا تيءُ مَ ڪانهلو، سدا سانگ پون".

معنيٰ = اي منهنجا هانءَ ايڏو نازڪ ۽ اڻ ساهو نہ ٿي، اهي وڇوڙا ۽ مجبوريون هميشہ ايندڀون ٿي رهنديون.

سر راڻو، داستان 3 بيت 2 جلد 2،
راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوريءَ خوشبوءَ سين، ولات سڀ واسي،
سوڍو سناسي، اتاهين تي آيو.

## سُوڏو :

شيخ = سچار، داناءُ، عاقل، خوبصورت، سهڻو، سمجهو، پورو، مڪمل.

منگهاٽي = سيڏو، سنئون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 787 (سُوڌو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 328 بيت 1704 (سُوڌو بدران سوڍو).

شوقيرام، داستان 3 بيت 2، (سوڍو)

قليچ، داستان 3 بيت 2، (سوڍو)

لغات لطيفي (قليچ) سوڌو = سُوڌا = سنوان، سمجهو.

قاضي، داستان 9 بيت 2، سوڌو = پورو، سچو.

گربخشاڻي، داستان 9 بيت 2، سوڌو = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 9 بيت 2، سُوڌو = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 2، سوڌو = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 2، (سوڍو)

قاسمي، داستان 9 بيت 2، (سوڍو)

انصاري، داستان 9 بيت 2، سوڌو = پورو، سچو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 288، سوڌو = سوڌا = جن سوجهي ڇاتو. وڏا ڪاريگر سوڌا سراٽي (يمن)، سوڌا ڪي سڄاڻ (يمن) سوڌو = سڌو سولو، سنئين طرح، صحيح طريقي سان، سميت.

لفظ "سوڌو" اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "سيڌو، سنئون" واري معنيٰ ۾ ڳالهائبو آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر "سوڌو/سُوڌا" ۽ واحد/جمع مونث "سوڌي/سوڌيون" آهي.

جملو = هيءَ ويچاري سادي سوڌي آهي، هوءَ چالاڪ آهي.

جملو = ڏيئون! هيڏي هوڏي متان نهاريو، سوڌيون وڃجو سوڌيون اچجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = هوءَ منهنجي سنئين سوڌي ڳالهہ کي بہ اونڌي ابتي ٿي سمجهي تہ آئون ڇا ڪريان!

ستُ آهي، ”سوڌو سناسي، اتاهين ٿي آيو“

معنيٰ = هي درويش سيلاني فقير سيڌو ئي سيڌو اتان آيو آهي.

هي لفظ ”سوڌو“ اوهان ڏنو تہ، برٽش ميوزيم واري نسخي، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ ”سوڌو“ آيل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = راڻي (مينڌري) جي مجلس/ڪچهريءَ مان ڪو جوڳي فقير آيو آهي، جنهن مشڪ/ڪتوريءَ جي خوشبوءَ سان سڄو ملڪ واسي ۽ مهڪائي ڇڏيو آهي. درويش سيلاني فقير سيڌو ئي سيڌو اتان (راڻي جي رهاڻ مان) آيو آهي. لفظ ”سوڌو“ جي درست معنيٰ ڏيڻ سان بيت جو رنگ ئي اور طرح جو ٿيو ٿو وڃي ۽ ”سيڌو ئي سيڌو“ اچڻ جي اهميت واضح ٿيو ٿي وڃي ـ تہ جوڳي جيڪو راڻي جي رهاڻ ۾ شامل هو/ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، اتان اٿي هو بنا ڪنهن ٻي هنڌ وڃڻ جي سيڌو ئي سيڌو هتي آيو آهي ۽ جيڪو راڻي جي خوشبو بہ پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهي، جنهن اچي سڄو علائقو/ملڪ واسي ڇڏيو آهي/مهڪائي ڇڏيو آهي. بيت ۾ وقت ۽ ٻي ڪنهن بہ هنڌ ۾ جاءِ نہ وڃڻ جي اهميت آهي ۽ اشارو آهي، ڇو جو جوڳي جي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو، رلندو، ڦرندو، گهمندو اچي ها تہ جيڪر راڻي جي خوشبوءَ سان مهڪيل مجلس ۽ رهاڻ مان حاصل ڪيل راڻي جي بدن جي خوشبو جهڪي يا ختم ڪري اچي ها ۽ پوءِ سندس وجود ۾ راڻي جو اهو هڳاءُ برقرار رهي نہ سگهي ها جنهنجي ڪري هن سڄي ولات واسي ڇڏي هئي. پر جڏهن هو راڻي جي رهاڻ مان سيڌو ئي سيڌو هتي آيو تہ راڻي جي جسم جي خوشبو بہ ڀرپور پاڻ سان گڏ کڻي آيو. جنهن هر هنڌ کي خوشبودار ڪري ڇڏيو. هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳي اهم ناهي نہ ئي جوڳي جي ذات سان وابستہ ڪنهن چيز جي اهميت آهي جيئن شيخ صاحب لفظ "سوڌو" جي معنيٰ ڏيندي، جوڳي/سناسيءَ کي "سچار، دانا، عاقل، خوبصورت، سھڻو، سمجهو، پورو، مڪمل" چوي ٿو. بيت ۾ اهم راٺي جي رهاڻ جي خوشبو آهي، جيڪا صحيح سالم، جيئن جو تيئن پهتي آهي، جنهن سڄو ملڪ مهڪائي ڇڏيو آهي.

سر راڻو، داستان 3 بيت 8 جلد 2،

ڪالهہ گڏيوسين ڪاپڙي، بابو رنگ ڀڀوت،

سَريو سوُن سڪوت، جوڳيءَ سندي ذات ڪان.

**ڀڀوت :**

شيخ = بدن تي ٿلهيار يعني رک يا مٽي مليل.

منگهاٽي = بيحد گهڻو پريل، اڻ سنوريل.

گنج صفحو 787 ۽ 788 (چرئو...)

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 7

قليچ، داستان 3 بيت 7

لغات لطيفي (قليچ)، ڀڀوت = خاڪ، مٽي، ٿلهيار.

قاضي، داستان 1 بيت 5، ڀڀوت = مٽي، ٿلهيار.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 5، ڀڀوت = (سنسڪرت، ويوتي = شڪتي، قوت) ڳانءِ جي ڇيڻن جي ڇار، جا هندن جي عقيدي موجب، شِو مهاراج پنهجي بدن کي سگهاري ڪرڻ لاءِ لڳائيندو هو. انهيءَ ڪري شوَ جا پوڄاري پنهنجي بدن کي ڀڀوت لڳائيندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 1 بيت 5، پيوت = ڳئون جي ڇيڻن جي چار.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 5، پيوت = رک، چار.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 7،

قاسمي، داستان 3 بيت 7، پيوت = ڳئون جي ڇيڻن جي چار:

انصاري، داستان 1 بيت 5، پيوت = مٽي، ڦلهيار.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 232 پيوت = رنگ پيوت = رنگ ۾ پريل، لڙاٽيل.

لفظ ”پيوت“ متروڪ ٿيل يا وڃائجي ويل ناهي. اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”بدن تي ڦلهيار، يعني رک يا مٽي مليل“ ڏني آهي. گربخشاڻي صاحب حسب دستور وڏي تفصيل سان سنسڪرت وغيره جي مثالن سان سمجهايو آهي تہ، ”ڳئون جي ڇيڻن جي چار...“ وغيره وغيره ۽ سواءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي، جنهن درست معنيٰ ڏني آهي ”پريل، لُڙاٽيل“ باقي ٻين سيني شارحن اهائي ”مٽي يا ڦلهيار“ ڏني آهي. اها معنيٰ ڏيندي ڪنهن بہ شارح جي نظر/ڌيان ۾ خيال هڪ پل لاءِ بہ بيت جي لفظن ڏانهن نہ ويو جتي، ”مٽي، رک، ڦلهيار ۽ چار“ جو نہ پر ”رنگ“ جو ذڪر آهي. سٽ آهي،

”ڪالهہ ڳڏيو سين ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت“

معنيٰ = ڪالهہ اسان سان رنگ مان ٻي ترتيبيءَ سان پريل/لڙاٽيل معتبر جوڳي ڳڏيو هو. (جيئن هوليءَ ۾ ماڻهو رنگ مان پرجي ويندو آهي) بيت ۾ ”رنگ“ اسم ۽ ”پيوت“ صفت آهي. پر سيني شارحن (سواءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي) ”پيوت“ کي ئي اسم ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪالھ گڏيوسين ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت“

يعني، ڪالھ هڪڙو جوڳي رنگ مان پريل اسان سان مليو هو.

جڏهن تہ شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ سان سٽ ٿيندي: ”ڪالھ جوڳي فقير رنگ، متي ٿلهيار سان مليو.“

لفظن جون معنائون ڏيندي ڪنهن علائقي ۾ ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ جذبات ڪي ڪٽي اهميت نہ ڏين پر گهڻ ۾ گهڻ لطيف جي ڪلام ۾ لفظن ڪي تہ ڏنو وڃي ها.

لفظ ”پيوت“ جي لفظي معنيٰ آهي. ”اڻ جڙيل، ٻي ترتيب نموني پريل، لڙاٽيل“ ۾ ”پيوت“ نہ رڳو رنگ، متي ۾ ٿلهيار مان پريل ڪي ٿو چئجي، پر جي ڪنهن جا متي ۾ ڏاڙهي وغيره جا وار بہ گهٽا، ٻي ترتيب ۾ اڻ ڦٽايل هوندا تہ ان لاءِ بہ چئبو:

جملو = وار مُري مُري پيوت ٿي ويو آهين وڃي وڍائي سمهاڙا ڪرائي آءُ.

يا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ چئبو ”هن پيوت ڪي سنگَ ڪير ڏيندو.“

جملو = آئون ٻارن ڪي ناهي جوڙي ڇڏيان وري ٻاهران پيوت ٿيو اچن.

بيت جي سمجهاڻي = ڪلھ رنگ مان پيوت/بيحد گهڻو پريل معتبر جوڳي مليو هو/اسان سان گڏيو هو. جوڳيءَ جي اهڙي حالت مان اسان ڪي ماڻ حاصل ٿي.

يعني، جوڳيءَ جا اهڙا بيحڙا حال ڏسي، مومل جي آڏر ڀاءُ جو انداز معلوم ٿيو ۾ اسان ڪٽي ماڻ ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر راڻـو، داسـتان 3 بيـت 12 جلـد 2،

بيڪـاريءَ ڪـي برپـٽ ۾، چـُـرئو ڪيـف چڙهـي،
ڳـالهيون ڪنـدي ڪـاڪ جـون، ڳوڙهـا پيـس ڳـڙي،
ڪـا جـا انگهـہ اڙي، جيئـن ڇنـا ڦـٽ ڇـڙي پيـا.

**ڇُرئو :**

شيخ = آهستي آهستي ويو.

منگهـاڻي = حرڪـت ۾ آيـو، لـرزش ڪيـائين. ”ڇـُـرڻ“ معنـيٰ حرڪت ڪرڻ.

گنج صفحو 789، برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 8.

(بيڪاريءَ ڪي بَرَ ۾، ويو ڪيف چڙهي)

قليچ، داستان 3 بيت 8 (شوقيرام وارو)

قاضي، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

شهواڻي، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

آڏواڻي، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 8 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

انصاري، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

بيت ۾ آيل لفظ ”ڇُرئو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”آهستي آهستي ويو“ ڏني آهي. اهو لفظ سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي. گنج ۽ شيخ صاحب جي سٽ آهي. ”بيڪـاريءَ ڪي بربٽ ۾، ڇـُرئو ڪيف چڙهي.“ جڏهن تہ ٻين (گهڻن) نسخن جي سٽ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بيڪــــاريءَ ڪـــي ٻـــر ۾، ويـــو ڪيـــف چڙهـــي.“

۽ بمبئي ڇاپي ۾ هڪ اوائلي نسخي جي سٽ آهي:

”ٻـــر ۾ بيڪـــاريءَ ڪـــي، چڙهيـــو ڪيـــف چڙهـــي.“

لفظ ”چرڻ“ جي معنيٰ آهي حرڪت ڪرڻ، لرزش ۾ اچڻ وغيره. ٻيءَ معنيٰ ۾ ”ايرڻ، جاڳڻ، اٿڻ“ پر هتي تہ ان سٽ جو ٿي وڏو مسئلو آهي. جنهن ۾ لفظ ”چرئو“ آيل آهي. بيت ۾ شوقيرام واري سٽ درست هئڻ جي باوجود آئون ان تي زور نہ ڏيندس.

سـر راڻـو، داسـتان 3 بيـت 14 جلـد 2،

سـڃ صبـاحين جـا ڪـري، سـاميءَ سـائي روءِ،

اچـي تـي عطـر جـي، منجهـان مگهـٿ ٻـوءِ،

سـا ڏيڪـاريهون جـوءِ، جتـان لاهوتـي لال ٿيـو.

## مگهٿ :

شيخ = ڇٽ، موڙ.

منگهاڻي = وارن جو جوڙو، وارن کي گڏ ڪري هڪ گولي جي شڪل ۾ ٻڌڻ.

گنج صفحو 786. برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 9 (مڪٿ) سڃ سياڻي جا ڪري...

قليچ، داستان 3 بيت 9 (مڪٿ)

لغات لطيفي (قليچ) مُگٿ = ڇٽ، گهوٽ جي مٿي تي رکيل يا ٻڌل شيءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 1 بيت 7، مگهٽ = موڙ. تاج (سج ايرنڊي جا ڪري، سامي‏ءَ سائي روءِ)

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 7، (سج سياڻي جي جاڪري...)
مگهٽ = (سنسڪرت، مڪٽ) موڙ، ڇٽ.

شهواڻي، داستان 1 بيت 7، مگهٽ = ڇٽ، موڙ.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 7، مگهٽ = مڪٽ، ڇٽ (مستڪ)

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 9، (مڪٽ)

قاسمي، داستان 3 بيت 9، مڪٽ = موڙ

انصاري، داستان 1 بيت 7، (مگٽ) = موڙ، تاج.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 449، مگهٽ = منڌل پِنڍن وارن جا جهنڊ.

بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ آيل هن بيت ۾ لفظ ”مگٽ“ موجود ناهي. بيت هن صورت ۾ آهي:

”سج ايرنڊي جا گهڙي، سامي سائي روءِ،
اچي تي عطر جي، منجهان بابوءَ بوءِ.
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لال تيئين.

لفظ ”مگهٽ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڇٽ، موڙ“ ڏني آهي.
لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڍڳهن وارن کي گڏي سڏي گولو بنائي مٿي سڪُ ٻڌڻ کي ”مگٽ يا مُگٽ“ چيو وڃي ٿو. اسان وٽ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڳ مرد به وڏا ڍڳها وار رکندا هئا جن کي ويڙهي سيڙهي پوءِ مٿان پٽڪو ٻڌندا هئا. پٽڪو نه هاڻي به ٻڌن ٿا پر هاڻي وار وڏا نٿا رکن. اڳ به ڍڳها وار رکڻ جي باوجود مرد وارن کي گڏ ڪري مگٽ نه ٻڌندا هئا. باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبل ۾ مايون مٿو ڌوئي وارن جو مڱ ٻڌنديون آهن. جيڪو شهر واري جُوڙي/مڱ جهڙو خوبصورت تہ نہ هوندو آهي، پر مڙيئي نالي جو مڱ هوندوآهي ۽ اهو مڱ بہ ايستائين ٻڌل هوندو اٿن جيستائين هو وانديون ٿي وارن ۾ تيل هٿي ڦٽائي چوٽي ڪن. جبل ۾ مڱ عام ٻڌو نہ ويندو آهي. باقي جوڳي، سناسي تہ هاٺي تي وي وغيره تي فلمن ۾ ڏسون ٿا تہ وڏن وارن جا مڱ ٻڌندا آهن. "چٽ، موڙ، تاج" وغيره جو رمتن، مڱتن فقيرن سان ڪهڙو واسطو؟

بيت جي سمجهاڻي = جيڪا روشني ۽ رنگ سج جي اڀرڻ مهل هوندي آهي، اهڙيئي جرڪندڙ رنگت سامي/جوڳيءَ جي آهي. سندس وارن جي ٻڌل جُوڙي/گولي/مڱ مان عطر جي خوشبو پيئي اچي. اسان ڪي بہ اهو هنڌ/اها جوءِ ڏيکار! جتان اي لاهوتي، تون رڱجي لال ٿيو آهين.

سـر راڻو، داسـتان 3 بيـت 16 جلـد 2،
ڪَـرَ موڙينـدي ڪـاڪ تـڙ، مومـل ڏنـي مـون،
اٽليـس آهـون ڪـري، پـري مٿـي پـون،
سـا جـي ڏسـين تـون، تـہ موٽيـن ڪيـن مينـڌرا.

## ڪَرَ :

شيخ = لڱ، عضوا، بدن.
منگهاڻي = آرس پڃڻ، ڪَرَ ڪڍڻ.
گنج صفحو 791 (اٽليس)
ڪتاب املهہ اٽوريا صفحو 134 راڻو بيت 5.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـَــرَ موڙينــدي ڪــامٽي، مومــل ڏنــي مــون،
اٿيـــس آهـــون ڪـــري، پـــري مٿـــي پـــون،
ســا جــي پســين تــون، موتيــن ڪيــن مينــڌرا.

ڪتاب ”املھ اٽتوريا“ ۾ گنج ۾ ساڳين بيتن جي موجودگيءَ وارو سلسلو اجائي نئون آهي. جنهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ ڏار سلسلو هلندو.

جملو = يڪيون تو ڪَرون ڪدين اتي سنئون تي.

جملو = هتي تہ ڪَرَ ڪدڻ تي بہ پابندي آهي.

سٺ آهي، ”ڪر موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون.“

معنيٰ = ڪاڪ (نديءَ) جي ڪناري تي مون مومل کي آرس موڙيندي/پچندي ڏٺو آهي.

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ ڪونهي. ٻين نسخن ۾ لفظ ”ڪَرَ“ جنهن بيت ۾ آهي. اهو هينئين صورت ۾ آهي:

ڪتيــن ڪـَــرَ موڙيــا، ٽيـــڙو ايــا ٽيئـــي،
راٽـــو رات نـــہ آيـــو، ويـــل ٽـــري ويئـــي،
کهــہ ســا ڪــاٽي راتـــڙي، جــا پريـــنءَ ريءَ پيئـــي،
مونکـــي ڏنءُ ڏيئـــي، وجـــي ڍوليـــو ڍٽ قراريـــو.

هي بيت گنج ۾ شيخ صاحب واري نسخي ۾ هينئين صورت ۾ آهي.

ڪتيـــون ڪپـــار آيـــون، ٽيـــڙو ايـــا ٽيئـــي،
راٽـــو رات نـــہ آيـــو، ويـــل ٽـــري ويئـــي،
ڪـــوءِ ســـا ڪـــاٽي راتـــڙي، پريـــان رءَ پيئـــي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکـــــي ڏنءِ ڏيئـــــي، ڊوليـــــو ڊٺ قراريـــــو.

بيت ۾ خوبصورت ماڻهوءَ جي خوبصورت انداز ۽ ادا جو ذڪر آهي. حسين ماڻهوءَ جو هونءَ تہ هر انداز حسين هوندو آهي پر ڪَـرَ ڪڍڻ/ آرس پيچڻ/ موڙڻ تہ هيڪاري قيامت هوندو آهي ( اهو ئي مشهور آهي) ۽ هتي ان ئي ادا ڏانهن اشارو آهي: تہ مون جيئن مومل کي آرس موڙيندي ڪاڪ جي ڪناري تي ڏٺو آهي، اهو منظر ڏسي آئون تہ دانهن ڪري اٿلي ڪري پيس زمين تي ۽ جي تون اهو نظارو ڏسين تہ وري موٽي نہ اچين.

سـر راڻـو، داسـتان 3 بيـت 17 جلـد 2،
آتـڻ مٿـي گوجريـن، اوچتـو آيـوس،
سـر سـيلا ڳـل ڪـَچـُـئا، گهـورُن تـن گهـايوس،
ڇهـہ مهينـا چوهـہ مـان، پاسـي پـر پيـوس،
منجهـہ حيـرت هـوس، ڪهـڙي ڪريـان ڳـالهڙي.

## پاسي پر :

شيخ = (بدن جي) هڪ پاسي تي پاسيرو ليٽيو.

منگهاڻي = ”پاسي پر پوڻ“ هڪ اصطلاح آهي. جيڪو ڊگهي بيماريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي.

گنج، صفحو 791

ڪتاب ”املهہ اڻتوريا“ صفحو 140، سر راڻو، بيت 38.

ڪتاب ”املهہ اڻتوريا“ ”گنج ۾ ساڳين بيتن جو موجود هجڻ وارو حيرت جهڙو سلسلو هنوز جاري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پاسي پر پيوس" معنيٰ = آئون يڪو ڏکھو عرصو (ڇهہ ست مهينا) بيمار ۽ لاچار هنڌ تي پيو هوس. باقي پاسي پر پوڻ جو اهو مطلب ناهي تہ سچي پچي بدن جي هڪ ئي پاسي ليٽيو پيو هجي.

جيئن عرض ڪير تہ "پاسي پر پوڻ" ڏکھي بيماريءَ لاءِ اصطلاح طور ڪم ايندو آهي، پوءِ ڀلي اهو بيمار ماڻهو اٿي ويهي بہ سگهي.

جملو = هو مونتي ڪهڙي حساب سان ٿو ميارون ڪري تہ آئون ڪيس پڇڻ نہ ويس. آئون بہ ڪيڏو وقت پاسي پر پيو هوس، مونکي ڪهڙو پڇيو هئائين.

جملو = هوءَ ويچاري پاسي پر پئي آهي. ڪهڙا ڪم ڪاريون ڪهڙا اٿڻ وهڻ!

بيت جي صورتحال اوهانجي اڳيان آهي. ڪهڙي سمجهاڻي ڏجي!

سُر راڻو، داستان 4 بيت 16 جلد 2،

هلو هلو ڪاڪ تڙ، ڇرون جت چڙهن،
ڳوڙهي رنگ رڇن، پان واري پڪ سين.

**ڇَرون :**

شيخ = ٿامي جا وڏا ٿانءَ (ديڳ وانگر ايا) جن ۾ ڪٿي ڪپڙا رڱيندا آهن.

منگھاڻي = واحد "ڇَرَ" جمع "ڇَرُونَ" اها جاءِ/هنڌ جتي ديڳيون چڙهنديون/رڌبيون آهن.

گنج صفحو 809

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 5 بيت 20

قليچ، داستان 5 بيت 20،

لغات لطيفي (قليچ) چرون = چَرو = کنباتين رنگريزن جي ديگ، کُنب، چرندڙ جانور.

قاضي، داستان 2 بيت 5، چَرون = ڪڏ، چر.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 10، چَرون = چرو = (سنسڪرت، چَرُو) ديڳيون. چَروُ جت چڙهن = جتي عشق جون ديڳيون پيون رجهن، يعني عشق جو لنگر لڳو پيو آهي. جنهن مان جنهن کي جيترو وڻي اوترو اختيار ڪري.

شهواڻي، داستان 2 بيت 10، چرون = ديڳيون (مجاز جون)

آڏواڻي، داستان 2 بيت 10، چرون = ديڳيون. (عشق جون)

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 29،

قاسمي، داستان 5 بيت 21، چرون = چرندڙ جانور. (چرن)

انصاري، داستان 2 بيت 12، چرون = ڪڏ، چر.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 166، چرون = چرون، وڏا دبا (جيڪي باهه تي پاڻي، رنگ وغيره گرم ڪرڻ لاءِ چاڙهجن. چرون جت چڙهن = جتي رنگ ناهڻ ۽ پڪي ڪرڻ لاءِ چرون باهه تي پيون چڙهن، رنگين ڪپڙا پائڻ ۽ سونهن وڌائڻ لاءِ رنگ پيا ٺهن.

اسان وٽ هي لفظ واحد "چَرَ" ۽ جمع "چَروُن" آهي، جيڪو ان هنڌ کي چئبو آهي جتي وڏي پيماني تي ڪاڌو رڌجي ۽ اهو گهڻو ڪري شاديءَ جو ڪاڄ ٿي هوندو آهي جتي ديڳيون به چڙهنديون آهن تہ تندور بہ لڳندا آهن. تہ وري ڪڪڙ ٻڪر بہ ٿانئن تي پچندا (سجي ٿيندا) آهن اهڙيءَ مهل جي ڪنهن پڇيو تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ابا، ڇَرَ ڪٽي آهي؟

جملو = هڪڙي ڇَرَ ڪانهي، ٻہ ٽي ڇرون آهن. هڪڙي ڇَرَ چاچي وارن جي گهر وٽ آهي تہ ٻي اسانجي گودام جي پر ۾ آهي.

شاديءَ جي ٻين تيارين سان گڏ "ڇـرون" بہ تيار ڪبيون آهن/بنائبيون آهن. جيئن جاءِ بنائڻ لاءِ سڀ کان پهرين ان جو پايو/بنياد وجهڻ لاءِ زمين جي کوٽائي ڪبي آهي بلڪل ايئن ئي بنياد وانگر ئي زمين جي کوٽائي ڪبي آهي هن صورت ۾. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ گهر يا ڪنهن بہ اڏاوت جي بنياد کي "ڇَري" چوندا آهن. "ڇَر" تور ي کاڏي رڌڻ لاءِ نہ ٺيندي آهي بلڪ جڏهن وڏي پيماني تي/شادي وغيره جو کاڌو رجهندو/پچندو آهي - ۽ مومل وٽ بہ تہ ماڻهن جي گهڻائي ايندڙ هئي. ملڪن/ديسن جا قسمين قسمين ماڻهو، شهزادن/راجڪمارن کان وٺي فقيرن تائين وٽس ايندا هئا. جنهن ڪري وٽس کاڌو بہ گهڻو پچندو هو، جنهن ڪري اتي هڪ ڇَرَ نہ پر ڪيئي ڇرون ڇڙهنديون هيون.

سٽ آهي، "هلو هلو ڪاڪ تڙ، ڇرون جت ڇڙهن"

معنيٰ = هلو، اچو، اچو! تہ ڪاڪ جي ڪناري هلون. جتي (وڏي گهما گهمي، چهل پهل ۽ رونقون آهن) ڪيئي ڇرون آهن ۽ کاڄ پيا پچن.

ٻي سٽ آهي، "ڳوڙهي رنگ رڃن، پاڻ واري پڪ سين"

جيڪا ٻين نسخن ۾ هيئن آهي، "ڪوڙين رنگ رڃن پاڻ ورنيءَ پڪ سين"

معنيٰ جي لحاظ کان ٻنهي سٽن ۾ وڏو فرق آهي. شيخ صاحب معنيٰ ڪئي آهي "گهرا رنگ تا رڃن" ۽ هتي وري "ڪروڙين رنگ رڃڻ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳالهہ آهي. يعني تہ ٻي سٽ سنڌس ئي پهرين سٽ سان نتي نهڪي ۽ سڄي بيت جو رخ ئي ڪتين/رنگريزن، رنگ وارن اپن ڏبن ۾ ڳوڙهن رنگن ڏانهن هليو ويو آهي. باقي ٻين بہ قابل شارحن جون لفظ "چَرون" جي معنيٰ ڏسي تي سگهجي. محترم مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ محترم غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب تہ لفظ "چرون" جي معنيٰ "چرندڙ جانور" بہ ڏني آهي.

سر راڻو، داستان 7 بيت 3 جلد 2،
ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا ويهہ رهي،
ماڙهو جي محلات جا، سوڍا ڪج سهي،
ويندئي ڳالهہ وهي، وڪر پونديئن ولها.

**سهي :**

شيخ = سڃاڻج.
منگهاڻي = سڃاڻ

**وهي :**

شيخ = نڪري (هٿان يا وس ڪان)
منگهاڻي = قائم دائم ٿي ويندي، تنهنجو چوڻ برقرار رهندو، تنهنجي ڳالهہ پڪي ٿي ويندي/قبول ٿي ويندي.

**وڪر :**

شيخ = وڪر ۾، فڪر يا ارمان ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = نقصان ۾، زيان ۾.

گنج صفحو 798 - برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 6 بيت 6

قليچ، داستان 6 بيت 6

لغات لطيفي (قليچ) سهي= واقف، برابر، اجهو. وهي= معنيٰ ناهي.

وڪر = وڪار، ويڪ، عيب، بيماري، پريشاني، ارمان.

قاضي، داستان 4 بيت 19، سهي = واقف، سڃاڻو. وهي = معنيٰ ناهي.

وڪر = ڳڻتي، فڪر.

گربخشاڻي، داستان 6 بيت 17، سهي = معنيٰ ناهي. وهي = ڳالهہ وهي، نہ تہ ڳالهہ هٿن مان نڪري ويندءِ. وڪر =(سنسڪرت، وڪار) پريشاني، ڳڻتي، ارمان.

شهواڻي، داستان 6 بيت 17، سهي = معنيٰ ناهي. وهي = هٿان ڳالهہ نڪري ويندي. وڪر پندءِ = تون پوندين + اي آڏار، نہ تہ پوءِ توکي پڇتاءُ پوندو.

آڏواڻي، داستان 6 بيت 17، سهي = معنيٰ ناهي.

وهي = ڳالهہ هٿن مان نڪري ويندءِ. وڪر = ويا ڪلتا، پشيماني، پريشاني.

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 24.

قاسمي، داستان 4 بيت 17، سهي ۽ وهي = معنيٰ ناهي. وڪر = فڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 6 بيت 17، سهي = واقف، سڃاڻو وهي = معنيٰ ناهي.

وڪر =ڳٽتي فڪر.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 295، سهي = ساڃي، حال پائي. همدرد. وهي ۽ وڪر = معنيٰ ڏنل ناهي.

بيت ۾ آيل لفظ "سهي" جي معنيٰ شيخ صاحب "سڃاڻج" ڏني آهي. اوهان کي ياد هوندو تہ هن ئي سر راڻو داستان 2 بيت 12 سٽ، "لوڏيئڙن لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي" ۾ آيل لفظ سهي جي معنيٰ شيخ صاحب، "سوگهو يا قابو" ڏني آهي.

"ماڻهو جي محلات جا، سودا ڪج سهي."

جڏهن تہ لطيف سائين، راڻي کي باخبر تو ڪري تہ، مومل جي ماڙيءَ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن کي سڃاڻ، سمجهہ (جن ۾ ناتر بہ آهي) لفظ "سهيءَ" جي معنيٰ شيخ صاحب بيت جي صورت ۾ مفهوم موجب ڏي تو جيڪا ڪتي غلط ۽ ڪتي صحيح تي اچي.

ٻيو لفظ آهي "وَهي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "نڪري (هٽان يا وس کان)" ڏني آهي. ٻين بہ ڪن شارحن اها ئي معنيٰ ڏني آهي. لفظ "وهي" اڄ بہ لسبيلي ۾ ڪوهستان ۾ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي "قائم، دائم ۽ برقرار رهڻ، قبول تيڻ"

سنڌي ماڻهوءَ جو عقيدو هونئن بہ وڻ وٽ، ڪک پن تي پڪو پختو آهي. پيرن فقيرن کان تہ ماڳهين سندن ڪَلِ تي وڃي. پلي ڪو ڪوڙ وڏي چوي تہ، "آئون سيد آهيان" پوءِ تہ وٽ ونان تي ويندي ٻيو جي پڇي نہ سگهندا تہ وڃٽيءَ جو نڪاءُ پيو پوندن، زورن ۽ پينٽين جي دٻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائي ڏيندا. اٺندو تہ هٿن سان جُتا چنديِ ڦوڪي ڪٽي پيرن ۾ پارائيندا. ماني ڪائيندو تہ ويهي مکيون لوڏيندا (ڀلي مک نہ هجي) ۽ سندن ڀويان ڪراهتن جا ڪٽڪ ڪاهيندا.

جملو = سائين وڏو ڀهتل آهي، جيڪا ٿو وات مان ڳالهہ ڪڍي اها وهي ٿي وڃينس.

جملو = ڀلي سائينءَ جي ڳالهہ وهي وڃي پر تون بہ اتي ڪا ڏنڍي ڏاڙيءَ جي ڪر.

جملو = توبہ ڪر. سائين ٻڌندو تہ پِٽَ ڏيئي ڀاڙ پٽيندو ۽ سائين جي پِٽَ وهي ويندئي.

جملو = فلاڻي بہ وڏي ڀهتل آهي. جيئن چوي ٿي تيئن وهي ٿي وڃينس. ”وهي ويئي“ معنيٰ، جيئن ڪاتي ڪنڌ تي وهي وڃي.

ٺيون لفظ آهي ”وڪر“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”فڪر يا ارمان“ ڏني آهي. خوشقسمتيءَ سان اڄا ڪوهستان ۾ هي لفظ جيئرو آهي ۽ ”نقصان ۽ زيان“ واري معنيٰ ۾ سمجهيو ويندو آهي. ڪو ٻار حرڪتي ۽ مستي خور هوندو، ٻاڙ بہ ڪرندو، شيون بہ ڪيرائيندو، ٻاڙ بہ ڏڪ ڪائيندو، ڇِزون بہ ڀجندو، هڪ شيءِ مان هٿ ڪڍائبوس تہ ٻيءَ ۾ وجهندو. هڪڙي شيءِ ڦربيس تہ ٻي ڪٽندو، زيان ڪندو تہ ڇٽبو.

جملو = ٻار ڏاڍو وڪريو آهي، اڪيلو نہ ڇڏيوس.

جملو = هاڻي تہ وڏو آهي، پر اهائي وِڪ وِڪ، ڏاڍو وِڪريو آهي.

جملو = فلاڻيءَ جا سڀ ٻار وِڪريا آهن، سواءِ مارئي جي. اها وِڪرِئي ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = اي راڻا، تون پنهنجا تنبو/خيما ڪاڪ ۾ اڏي ويهي رهہ. محلات جا جيڪي ماڻهو آهن (مومل جا تعينات ٿيل) انهن کي سڃاڻ/واقف ٿي/انهن ڏانهن ڌيان ڏي. تون جيئن ڇئي ٿو وڃين (تہ مومل ڪنهن غير مرد سان ستل آهي.) اها تنهنجي ڳالهہ قائم ٿي ويندي/ برقرار رهندي. (تہ سچ بہ ڪنهن غير مرد سان ستل هئي. پنهنجي ڀيڻ سومل سان نہ) ۽ تون اي منهنجا ڪانڌ، نقصان ۽ زيان ۾ پئجي ويندين. (ڏار ٿيڻ وارو نقصان/وڇوڙي وارو زيان)

سر راڻو، داستان 7 بيت 7 جلد 2،
راڻا تنهنجي ريهہ، مونکي اکڙين ۾،
آئون تنهن گهوري ڏيهہ، جتي تنهنجو تڪيو.

ريهہ :

شيخ = جواني، سونهن، حسن.

منگهاڻي = شروعاتي آيل ڀهرين ڏاڙهي. سونهاريءَ جا ڀهريان آيل وار.

هي بيت گنج سميت لطيف جي ڪنهن بہ نسخي ۾ موجود ناهي.

”رَيهہ“ اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ڏاڙهيءَ جي ان هلڪي ليپ کي چئجي ٿو جيڪو بيحد اڻ لڪائتو هجي. مرد کي جڏهن سونهاريءَ جا ڀهريان ڀهريان وار ايندا آهن ان کي ”رَيهہ“ چيو وڃي ٿو.

جملو = ڏاڙهي ريهہ ڪري آئي اٿئي اڃا پاڻ کي ننڍو ٻار ٿو سمجهين! ٻي معنيٰ، اڳي رڌڻ پچائڻ جا ٿانوَ ڪنجهي ۽ ٽامي جا هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اهي ڀڄندا هئا تہ ماڻهو انهن کي ”رَيهہ“ ڪرائيندا هئا. يعني ڀڳل کي لوهار ڪجهہ ڀڳهرائي ان جو ليپ ڀڳل جاءِ تي لڳائيندا هئا تہ اها جاءِ جڙي ويندي هئي.

جملو = منهنجي ڪيترا ڀڳل ٿانوَ رَيهہ ڏيارڻ لاءِ رکيا پيا آهن. لوهار اچي تہ ڏياريان.

بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ بيت جو تڪراري نہ هئڻ ضروري آهي.

سُر راڻو، داستان 8 بيت 17 جلد 2،

ايندا ويندا اڙيا، ڏيساور هئا،
ڳاروڙين ڳس ڪيا، ڪاهي ڪاڪ وڃا،
مومل کي توڙان، وڃهي وئا ويڙي.

**ڳاروڙين ڳس ڪيا ڪاهي ڪاڪ وڃا :**

شيخ = ڳاروڙين ڪاڪ کي پنهنجي تابع ڪيو.

منگهاڻي = هي پڻ گهٽي اچ وڃ جي لاءِ اصطلاح طور ڪتب ايندو آهي.

”ڳسَ ڪرڻ“ معنيٰ، گهٽو اچڻ وڃڻ“ هر هر ايندي ويندي، اچي وڃي واٽون بنائي ڇڏڻ، سٽ آهي:

”ڳاروڙين ڳس ڪيا، ڪاهي ڪاڪ وڃان“

معنيٰ = جوڳين اچي وڃي، ڪاڪ جي وچ مان واٽون بنائي ڇڏيون. يعني، مومل جو جلوو پسي انهن جو وهڻ وهہ تي ويو ۽ هو بيچين، بيقرار، بي آرام ۽ درماندا ٿي ايندا ويندا رهيا جن جي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گس ٻنجي ويا. هاڻي بہ اسان وٽ جي ڪو ڪنهنکي چوندو تہ، ”اسان وٽ ڇو نٿو اچين؟“ تہ هو جواب ڏيندو،

جملو = تون وري ڪهڙا اسان ڏي اچي وجي گسَ ڪيا آهن.

**ويڙي :**

شيخ = ويڙيءَ ۾، غم يا ڳڻتيءَ ۾.

منگهاڻي = ڏوڙ ڏڪ، اچ وڃ، هتان ڪان هت، هتان ڪان هت، هلاڪيون.

گنج، صفحو 809 (ويري)

برٽش ميوزيم وارو نسخو، صفحو 325 بيت 1688 (مومل کي پاڻان، وجهي ويا ويري)

قليچ، داستان 5 بيت 12 (ويري)

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 12 (ويري)

بمبئي ڇاپو، داستان 5 بيت 13 (ويري)

هي بيت قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ نظر نہ آيو.

بيت ۾ آيل لفظ ”ويڙي“ آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ويڙيءَ ۾، غم يا ڳڻتيءَ ۾“ ڏني آهي. هي بيت بمبئي ڇاپي، گنج، برٽش واري نسخي، قليچ ۽ ڏيپلائيءَ وارن نسخن ۾ آيل آهي ۽ انهن سڀني نسخن ۾ ”ويڙيءَ بدران ويري“ آيل آهي. مونکي خوشي ٿي تہ شيخ صاحب درست لفظ ”ويڙي“ آندو آهي ۽ الائي ڪهڙي نسخي تان اهو درست لفظ ڪنيو آهي. پر ڏک ٿيو تہ لفظ درست آڻي پوءِ وري معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درست نہ ڏني اٿس. هي لفظ اڄ بہ لسبيلي ۾ ڪوهستان ۾ سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ نوجوانن جي گفتگو مان ڪجهہ ڪجهہ ويچو ڪري نڪتل لفظ آهي ۽ بزرگ (خاص ڪري عورتون) اڄ بہ پنهنجي مارڪي ۾ اهو لفظ ڳالهائينديون آهن. لفظ "وپڙي" سمجهان بہ ٿي ۽ ڳالهايان بہ ٿي، بلڪ لکت ۾ بہ آندو اٿم. منهنجو شعري مجموعو "خوابن جا ايوان" جيڪو 1999ع ۾ ڇپيو آهي، ان جي مُهاڳ ۾ لفظ "وپڙي" جمع واري صورت "وپڙيون" ۾ آيل آهي. صفحي 17 تي آهي، "اڪرن جي سنسار ۾ جڏهن "وپڙيون" هٽي هٽي ساٽي ٿيڻ مهل اڳيان ڪو مڪمل گيت پسندي آهيان..." مطلب تہ لفظ "وپڙي" اڄا واهپي ۾ آهي.

جملو = سڄي زندگي وپڙيءَ ۾ گذري ويئي، سک جو منهن نہ ڏٺوسين.

جملو = گهر ۾ ايڏو تہ ڪم آهي جو سڄو ڏينهن وپڙيءَ ۾ ٿو گذري.

لفظ "وپڙيءَ" جي معنيٰ تہ اوهان جملن سان پڙهي. هاڻي وري هڪ ٻي نئين لفظ ڪان اوهان کي روشناس ڪرايان تہ اسين تيز/تکي ڊوڙ کي "پڙي" چوندا آهيون.

جملو = وڃ پڙي ڪري دڪان تان سودو وٺي آءُ.

جملو = دير ٿي آهي تہ آئون ڇا ڪريان! آئون تہ يڪي پڙيءَ ۾ ويو هوس.

جملو = هري هلڻ جو نالو ئي ڪونهي. پڙيون ڪري ٿڪو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = آيا ويا پرديسي اتي وڃي ڦاسي ويا.

ڪاڪ جي وچ مان اڇي وڃي جوڳين واٽون بنائي ڇڏيون ۽ ماڳهين مومل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڏوڙ ڏڪ، اچ وچ ۾ هلاڪين جي حوالي ڪري ويا. (بيقرار ۽ درماندي ڪري ويا.)

سـر ڪـاهوڙي، داسـتان 1 بيـت 9 جلـد 3،
ڏوتـي سـا ڏوريـن، جـا جـوءِ سـئي نـہ ٻـڌي،
پاسـا متـي پـاهٽين، ڪـاهوڙي ڪوڙيـن،
وئـا ات ووڙيـن، جـت نهـايت ناهـہ ڪـا.

بيت ۾ آيل لفظ ”وئا“ جي معنيٰ بہ ڏنل ناهي، شايد ان لاءِ تہ ”وئا“ معنيٰ ”ويا“ آهي. سٽ آهي،

”وئـا ات ووڙيـن، جـت نهـايت ناهـہ ڪـا“
وڃي ڇا پيا ڳولين؟ ڪهڙي خبر!

گنج، برٽش وارو نسخو، شوقيرام، قليچ، قاضي، ڏيپلائي ۽ قاسمي وارن نسخن واري هن بيت ۾ لفظ ”وئا“ آيل آهي ۽ شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ آيل بيت ۾ لفظ ”وڃا“ آيل آهي. يعني،

”وڃـا ات ووڙيـن، جـت نهـايت ناهـہ ڪـا“
جڏهن تہ گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر ڪاهوڙي ڪونهي.

لفظ ”وڃا“ هڪ طاقتور ۽ وڏي معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. جنهنجي ڪري. سڄي بيت جي معنيٰ واضح نموني ايري ٿي اچي. جڏهن تہ لفظ ”وئا“ جي اچڻ ڪري بيت پاڻ بہ حيرانيءَ مان پيو اسان منجهہ نهاري تہ مونکي بي معنيٰ واري صورت مان ڪڏي مڪمل ڪريو/بامعنيٰ بڻايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڪاھوڙي، داستان 1 بيت 22 جلد 3،
ڪٽن نہ ڪرڪاڻ، پنڌ پراھين ھلئا،
ڏوٿيئڙا ڪنھن ڏت ڪي، جنبيا ڏونھن جاباڻ،
ڪاھوڙين اھجاڻ، انگ نہ سڄي اگڙي.

## ڪرڪاڻ :

شيخ = سواريءَ جا وھٽ، جھڙوڪر اٺ يا گھوڙو.

منگھاڻي = جُتا نوان توڙي پراڻا. کھڙي بہ چيز مان ٺهيل (رٻڙ، چمڙو، پلاسٽڪ، رسي...) ۽ کھڙي بہ نموني ۽ ڊزائين جا.

گنج، صفحو 500 (جاباڻ)، (ڪرڪاڻ)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 205 بيت 1083 (ڪٽن نہ ڪرڪاڻ)

شوقيرام، داستان 1 بيت 19 (ڪٽن نہ ڪرڪاڻ)

قليچ، داستان 1 بيت 19 (ڪٽن نہ ڪرڪاڻ) ۔

لغات لطيفي (قليچ) ڪرڪاڻ = معنيٰ ڏنل ناھي.

قاضي، داستان 1 بيت 25 (ڪٽن نہ ڪيڪان) ڪيڪان = گھوڙو.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر ڪاھوڙي موجود ناھي.

شھواڻي، داستان 1 بيت 26 (ڪھڪان) ڪھڪان = وھٽ، اٺ، گھوڙو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 23 (ڪيڪان) ڪيڪان = گھوڙو، اٺ.

ڏيپلاڻي، داستان 1 بيت 26 (ڪٽن نہ ڪرڪاڻ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 1 بيت 19 (ڪرڪاڻ) ڪرڪاڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 1 بيت 20 (ڪٽن نہ ڪڙڪان) ڪڙڪان = گهند.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 377 ڪرڪاڻ = ڪرڪٽا، ڪرڪٽا، ڇنل جوتا، ڇپا، پيش يا ڏين مان نهيل جوتا جيڪي اڪثر جبل جا ماڻهو پائين.

لفظ ”ڪرڪاڻ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”سواريءَ جا وهٽ، جهڙوڪر ”اٺ يا گهوڙو“ ڏني آهي ۽ ٻين شارحن بہ اهائي معنيٰ ڏني آهي. هي لفظ نِج ٻِج، ڇِند جبل جو لفظ آهي پر جيئن تہ انهن سڀني شارحن جي علائقي جو ناهي تنهن ڪري انهن سڀني محترم محققن جو ٻڌل ٿي نہ هو جنهنجي ڪري سڀني ان جي معنيٰ ۽ تشريح درست نہ ڏني، سواءِ بلوچ صاحب جي جنهنجي ڏنل معنيٰ ڪجهہ قريب آهي. بلوچ صاحب لفظ ”ڪرڪاڻ“ جي معنيٰ ”ڇنل جوتا، ڇپا يا پيش ۽ ڏين مان نهيل جوتا“ ڏني آهي. جڏهن تہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو جُتن کي ”ڪرڪاڻ“ چوندا آهن پوءِ اهو ٻوٽ هجي، سينڊل هجي يا چپل وغيره، نئون هجي يا پراڻو، يا ڪنهن بہ ربڙ، چمڙي يا پلاسٽڪ ۽ رسيءَ وغيره مان نهيل هجي. واحد ”ڪِرَڪاڻَ“ جمع ”ڪَرِڪاڻَ“ آهي. اڄ بہ جبل، ڇپر سان گڏ ڪراچيءَ جي ضلعي سينٽرل ۾ رهندڙ ”ٻڪڪ“ ذات جا ماڻهو جوتن کي ”ڪرڪاڻ“ چوندا آهن پوءِ پلي ڪو اڄ وڃي انگلش ٻوٽ هائوس مان ڪو جديد ترين ٻوٽ وٺي اچي. باقي جبل جا ماڻهو ڦڙهن ۽ نوڙين مان جيڪي جوتا ٺاهيندا آهن انهن کي ”ڇاهل“ تو چئجي. جيئن مون عرض ڪيو آهي تہ لفظن جون غلط معنائون ڏيڻ بہ ڏوهہ آهي. ڇو جو هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ جيڪي مخصوص آهن، ۽ ڪن مخصوص علائقن ۾ ڳالهايا ويندا آهن، جن جون معنائون سواءِ انهن مخصوص علائقن ۾ رهڻ وارن جي ٻيو ڪنهن کي بہ نہ ايندڀون هجن، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ لطيف کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن ڏانهن نهارڻو پوندو. پر جي اهي ڏنل معنائون ئي غلط هجن تہ پوءِ هر ڪو سمجهي تو سگهي تہ اهو لطيف جي ڪلام، فڪر، فلسفي ۽ پيغام لاءِ ڪيڏو هاجو ثابت ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو آئون هر هر ٿي چوان تہ، لفظن جون معنائون نہ اچڻ جي صورت ۾ نہ ڏيڻ ڪو ڏوهہ ناهي، ڀلي نہ ڏجن. (بلڪ نہ ئي ڏجن) پر جڏهن لفظن جون معنائون نہ اچڻ جي صورت ۾ متضاد ڏنيون وڃن تہ اهو ڏوهہ اهڙو بہ معصوم ڪونهي جو مانگارجي ئي نہ ۽ پٺ ورائي ويهي رهجي، پر ان کان بہ وڌو ۽ نامعافي گناهہ اهو آهي، جو لفظن جون معنائون نہ اچڻ جي صورت ۾ انهن لفظن کي ڪاتب ۽ ڪتابت جون غلطيون چئي ڪلام مان ئي خارج ڪري ڇڏجي. اهو ئي هاجو ٿيندو پيو اچي لطيف جي ڪلام سان هر دور ۾، مٿئين بيت ۾ آيل لفظ "ڪرڪاڻ" سيني اڳاٽن نسخن ۾ جيئن جو تيئن موجود آهي، پر پوئين نسخن ۾ جن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن اتي لفظ "ڪرڪاڻ" کي ڪرڪاڻ هٽي رسالي منجهان ئي ٻاهر ڪڍي ان جي جاءِ تي لفظ "ڪيڪان" آندو ويو. پر لفظ "ڪيڪان" تي بہ رڳو ٻہ مرتب قاضي صاحب ۽ آڏواڻي صاحب متفق ٿيا، جن مان قاضي صاحب لفظ "ڪيڪان" جي معنيٰ "گهوڙو" ڏني ۽ آڏواڻي صاحب "گهوڙو ۽ اٺ" ڏني. جڏهن تہ شهواڻي صاحب لفظ "ڪهڪان" آندو ۽ معنيٰ "وهٽ، اٺ، گهوڙو" ڏني ۽ انصاري صاحب لفظ "ڪيڪان ۽ ڪهڪان" سان اتفاق نہ ڪيو ۽ لفظ "ڪڙڪان" آندو ۽ معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني ڪان ڏار ۽ مختلف ”گهند“ ڏني آهي. جس هجي شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ڪي جن معنيٰ ڏيڻ جي باوجود لفظ ”ڪرڪاڻ“ ڪي برقرار رکيو آهي. باقي معنيٰ لاءِ عرض تہ شيخ صاحب اهائي ساڳي ”وهٽ، اٺ، گهوڙو“ ڏني آهي جيڪا اسان واري تر جي لحاظ کان درست ناهي، باقي بلوچ صاحب جيئن تہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ويل بہ آهي تہ اتي جي سڌير سگهڙن سان ڪچهريون بہ ڪيون آهن، جنهنجو ثبوت سندس ڪتاب ”بيلاين جا ٻول“ آهي، ان جي باوجود هن صاحب لفظ ”ڪرڪاڻ“ جي معنيٰ ”پراڻا چنل جوتا يا پيش مان نهيل جوتا“ ڏني آهي.جنهن لاءِ مٿي عرض رکيو اٿم. سٽ آهي، ”ڪٽن نہ ڪرڪاڻ، پنڌ پراهين هليا“.

معنيٰ = هو پاڻ سان جوتا بہ نٽا ڪٽن. (پير اگهاڙا) ڏورانهين پنڌ هليا ويا.

ڪاهوڙي جيڪي جبلن ۽ چيرن جي ترن، اڏن، ڪورن، ڪپرن، اڏن، چوٽين، جهڏن، ڪانٽن، ڪڏن، ڪوبن، ڏرن، ڏرڙن ۾ ڏٽ چوندينڌڙ آهن، انهن جو وهٽن، اٺن ۽ گهوڙن سان ڪهڙو واسطو؟ هاٽي بہ مينهوڳي ۾ (الله ڪري تہ مهر جا مينهن وسن، پوٺا سرسبز ٿين، جبل ڏٺ مان چنجهٽيون ٿين، ڍنڍون ڍورا پاٽيءَ مان پمبٽيڪر ٿين) وجي جبل جانچيو تہ جابلو ٻار ٻچو، چورو چنير، مائي مرد، ننڍو وڏو سيڪو جبل ۾ ڇهٽيو ڇيڙيو، موڃارا (گهٽا گڏ) ٿيو پيو ڏٽ چوندبندو. جتي وک وک خدائي دسترخوان لڳا پيا آهن، جتي قدم قدم تي سبحان سقرا سجايا آهن، جتي پير پير اڳيان ڳاڳا، ڳاگيون، ليهار، ڪتاليون، ٻير، ڪوڏير، مُنگها، ڦنگيون، پنبر، جهنگ بصر، ڏوئرا، واڙيل، اناگڙا، پيرون، چيڙ، جهنگولا، ريبڙ، پڇرا، وهر، مُنڊيريون، ڪڙمت، ڪرياتو، گيدوڙا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَـونريون، هزارداٽـي، هنجهـو، حسـين ٻوتـو، مـڪ، سـگُوتيون، پـٽ ڪنوار/رسـولَ، پر هر سواد ۽ رنـگ جو ميـوو، سـتي، ڦڪـي پڪڙيـو ۽ پاتاريو هونـدو، اتي ڏوتيئڙن جون اڪيـون زميـن ۾، ڪنڌ هيـٺ، چيلهـون چپيون، ڪلها ٻيٺا، گوڏا نميا ۽ هٿ ايئن اڙيل هوندا ڄڻ آڱرين ۾ اڪيون هجن، اتي پلا سواريءَ جي وهٽن انن ۽ گهوڙن جو ڪهڙو ڪم؟

"ڪاهوڙين اهڃاڻ" انگ نـہ سڃي اڱڙي"

جن وٽ انگ/لگَ ڍڪڻ لاءِ ثابت پُڇُ ۽ سڃي اڱڙي نـہ هجي، اهي پـلا انـن ۽ گهـوڙن تـي ڪهڙيـون سواريون ڪنـدا؟ اهـي ويچـارا تــہ، ٻـوڪيون ٻڌيون، جُهنڊ ڪڍيو، اَوِيُون ٽنگيو، جَهولاڻ جهليو، پچيرڙيـون ڪڇيو، پيرا ارهاٽا ڏٽ چوندبيندا، گڏ ڪندا آهن. انن ۽ گهوڙن تي وهڻ وارا هزار داٽي ڪيئن لڪيندا؟ جنهن ول جي پاڙ ئي نـہ تيندي آهي، اهي جيڙ ڪيئن چوندبيندا؟ جيڪي زمين سان لتا، پنن ۾ لڪا پيا آهن ۽ اهي ڳاگيون ڪيئن ڏسي سگهندا؟ جنهـن جـو ننـڍڙو ٻوٽـو پيـادا ئـي پسـي تا سگهن. اهي ڪوڍيـر ڪيئـن ڪـڍندا؟ جنهـن جـي ول ڏسـڻ لاءِ پيـادل ٻـہ هتوراڙيون ۽ ڏاقوڙا هٿي مورا تا ڏين.

"ڪوڍيـر ڍِمِ ڍيـر، پـاڻ نـہ ڏيڪـار تـہ ٻـہ ولڙي ڏيڪـار"

ڪن بيتن ۾ لفظ "ڪرڪٽا" آيل آهي جيڪو پڻ درست ناهي ڇو تہ اتي ٻـہ لفظ "ڪرڪاڻ" ئي آيل آهي. يعني، "ڪرڪٽا لاهي سڪ نـہ ستا ڪڌهين" نـہ پر، "ڪرڪاڻ لاهي، سڪ نـہ ستا ڪڌهن" آهي ۽ "ڪرڪٽا" پراٽن جُتن ڪي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ نتو چيو وڃي جڏهن تہ پراٽن جُتن لاءِ تہ ڏار چيل آهي تہ.

"پيريـــن پراٽـــا ڪيتـــڙا، ســـڪا منهـــن ســـندن"

لفظ "ڪرڪاڻ" جملن ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = دروازي تي ايترا کرڪاڻ پيا آهن، ڪي مهمان آيا آهن ڇا؟

هاڻي هڪ جملو نيٺ ڪوهستاني لهجي ۾.

جملو = اڄي ڇڙاپ ڪري هنئيڪو لونئري وارو کرڪاڻ تہ سنئون ڇنڊين!

ڪوهستان ۾ جوتي کي ”کرڪاڻ“ کان سواءِ ڇبٽ، ربڙ، موچڙو، پيرڻ، ڪسو ۽ پادر بہ چون. بيت ۾ آيل لفظ ”جابان“ جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب ”گهٽي ڏٽ واري جاءِ“ ڏني آهي، اهو گنج ۾ ”جاباڻ“ ۽ بمبئي ڇاپي ۾ ”جاپان“ آيل آهي ۽ برنش واري نسخي ۾ ”ڪٽن نہ کرکاڻ...“ جي بدران، ”ڪتن نہ کرڪاڻ“ آيل آهي، جنهنجي معنيٰ ڪي، ”انهن جا جتا ڪڏهن بہ نہ ڪتا ۽ ڇڃيا“ جڏهن تہ جبلن ۾ هلڻ وارن جا جُتا تہ اوس ڇڃندا سو ڇئي تو سگهجي تہ، ”ڪٽن نہ کرڪاڻ“ درست آهي.

بيت جي سمجهاڻي = هو پاڻ سان جُتا بہ نتا ڪٽن. (پيرين اگهاڙا) پري پنڌ ڏانهن هليا ويا. ڏٽ چوندينڊڙ ڪنهن خاص ڏٽ کي چوندڻ لاءِ ڪنهن گهٽي ڏٽ واري ڏورانهين هنڌ هليا ويا. ڪاهوڙين جا اهيئي پار پتا نشانيون ۽ سڃاڻپ آهي تہ انهن جي جسم تي سڄو ڪپڙو نہ هوندو. (يعني اهي پيرين اگهاڙا ۽ ڦاٽل ڪپڙن/لينگهڙن ۾ هوندا.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر كـاهوڙي، داسـتان 2 بيـت 12 جلـد 3،

پيـر پـروڙي پـاءِ، گنجـي ۾ گـن گهڻـا،
كـاهوڙي كـرا وئـا، نڪـا اوڏي مـاءِ،
جنـي ڏنـي جـاءِ، تنـي موتـڻ ميهڻـو.

## گُنَ :

شيخ = گڻ، ڳڻ، خوبيون، چڱايون، حرفتون.
منگهاڻي = فن، هنر، نمونا، هشياري.

## كرا :

شيخ = پڪا، پختا، صحيح، سلامت.
منگهاڻي = باخبر، ڄاڻندڙ.
گنج صفحو 511، برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 2 بيت ،9
قليچ، داستان 2 بيت 9،
لغات لطيفي (قليچ) گن = فائدا. كرا = كري = سچي، پكي.
قاضي، داستان 2 بيت 10، گن = معنيٰ ناهي. كرا = سچا.
گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر كاهوڙي ناهي.
شهواڻي، داستان 2 بيت ،9 گن = ڳڻ. كرا = پڪا، پختا.
آڏواڻي، داستان 2 بيت 9، گن = گڻ. كرا = سچا، ثابت.
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 10.
قاسمي، داستان 2 بيت 9، گن = گڻ. كرا = معنيٰ ڏنل ناهي.
انصاري، داستان 2 بيت ،9 گن = معنيٰ ناهي. كرا = سچا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 386، گن = اوصاف، چڱايون، خوبيون.

گنجي گن گهڻا = گنجي ٽڪر ۾ وڏيون خوبيون آهن.

صفحو 376، کرو (جمع) کرا = سڌا سنوان، سچا. کرا ويا = سدا سلامت ويا.

لفظ "گن" جي معنيٰ شيخ صاحب "گڻ، ڳڻ، خوبيون، چڱايون، حرفتون" ڏني آهي. اهو لفظ "گن" هاڪاري ۽ ناڪاري خاصيتون رکندڙ آهي. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "فن، هنر، نمونا ۽ هشياري" واري معنيٰ ۾ به ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = فلاڻي ۾ ٻيو حال ڪونهي، باقي ماڻهن جا نقل ڪري ڄاڻندو آهي، اهو گن ڪيس مانائتو ڪري شايد.

جملو = مون کي تنهنجي انهن گنن جي خبر ڪانہ هئي، تون واقعي سنو ڳائيندو آهين تہ ساز بہ سنو وڄائي ڄاڻين.

سٽ آهي. "پير پروڙي پاءِ، گنجي ۾ گن گهڻا"

معنيٰ = وک سوچي سمجهي ڏيان سان کڻج، گنجي ٽڪر ۾ گهڻا هنر آهن. ٻيو لفظ آهي "کرا" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "پڪا پختا، صحيح، سلامت" ڏني آهي. ۽ تقريبن سڀني قابل محققن اهائي معنيٰ ڏني آهي. لفظ "کرا" مون ڏاري ٻوليءَ ۾ "سچي" لاءِ ٻڌو ۽ پڙهيو آهي. پر لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "کرا" جي معنيٰ آهي "باخبر ۽ ڄاڻندڙ" هي لفظ واحد/جمع مذڪر "کرو/کرا" ۽ واحد/جمع مونث "کري/کريون" آهي ۽ مٿئين بيت ۾ پڻ لفظ "کرا" اسان واري معنيٰ "باخبر ۽ ڄاڻندڙ" معنيٰ ۾ آيل آهي. سٽ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪــــاهوڙي ڪـــرا ويـــا، نڪـــا اوڏي مـــاءِ“

معنيٰ = اهي باخبر ۽ ڄاڻندڙ ڪاهوڙي هليا ويا. جن جي ڪابہ ويجهي مٽي مائٽي نہ هئي.

جملو = اسان کي واقعي بہ ڪا خبر نہ هئي، ڪرا اوهين جيڪي اتي موجود هئا.

بيت جي سمجهاڻي = وڪ سوچي سمجهي ڏيان سان کڻجئين. گنجي (ٽڪر) ۾ گهڻا هنر (فن) آهن. سندن ويجهي مٽي مائٽي نہ هئي، ۽ ڪاهوڙي ڄاڻندڙ ۽ باخبر هليا ويا. جن اها جاءِ ڏٺي انهن لاءِ واپس ورڻ مهڙو آهي.

سُــــر رامڪلــــي، داســـتان 1 بيـــت 28 جلـــد 3،
ميڙيـــو پـــاڻ پريـــون ڪـــري، جوڳـــي جلائيـــن،
ســـامي ســـڳڙين ســـين، خـــوديءَ ڪـــي ڪـــائين،
هـــو جـــي تـــار تڳـــائين، آئـــون نـــہ جيئنـــدي ان ري.

## پاڻ :

شيخ = خودي، آپو، وڏائي.

منگهاڻي = مال جي وٿاڻ جو ڪچرو، ڇيڻا ۽ پولڙيون.

## تار :

شيخ = گهڙي، پلڪ، ساعت.

منگهاڻي = مسلسل رهندڙ ساڳي حالت، پريل تاروتار، ڏکهي بيماري، لاچاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 520 (هو جي تار نہ تڳائين)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 90 بيت 424 (تار نہ تڳائين)

شوقيرام، داستان 1 بيت 17 (تار تڳائين)

قليچ، داستان 1 بيت 17 (تار تڳائين)

لغات لطيفي (قليچ) ياڻ = يانئڻ، خودپسندي، هٺ وڏائي.

قاضي، داستان 1 بيت 18 (تار بہ تڳائين) ياڻ = يانئڻ، خودي، هٺ.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 17 (تار تڳائين) ياڻ = خودي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 15 (تار تڳائين) ياڻ = خودي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 20 (تار تڳائين)

قاسمي، داستان 1 بيت 17 (تار تڳائين) ياڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 1 بيت 17 (تار تڳائين) ياڻ = يائڻ، خودي، هٺ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 57، ياڻ = مال جو ياڻ.

هتي لفظ "ياڻ" لفظي توڙي معنوي معنيٰ ۾ "ياڻ" مال جي واڙي جو ڪچرو، وتاڻ جا ڇيڻا ۽ پولڙيون آهي، پر جي شيخ صاحب ۽ ٻين گهڻن شارحن جي نظر ۾ لفظ "ياڻ" جي معنيٰ "خودي، آپو ۽ وڏائي" آهي تڏهن بہ اها معنيٰ ڏکين لفظن جي ڏنل معنائن ۾ نتي ڏيئي سگهجي، ڇو جو معنوي معنيٰ هر هڪ ماڻهوءَ جو پنهنجو ذاتي فعل هئڻ گهرجي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي ڏجي تہ ٻيلي هرڪو پاڻ معنوي معنيٰ ڪڍي. پر جي هو چاهي ٿو تہ لطيف جي بيتن/واين جي تفسير/شرح ۽ معنوي معنيٰ ڏجي تہ ان لاءِ ڪيس ڪا جاءِ مخصوص ڪرڻي پوندي ۽ ڏکين لفظن جي معنائن ۾ شارح/مرتب کي پنهنجي ذاتي سوچ ۽ ذهن جي آذار ڪديل معنيٰ هرگز ڏيڻ نہ گهرجي، ڇو جو پوءِ اها معنيٰ حتمي ٿيو ٿي وڃي. لفظ "پاڻ" جي معنيٰ اڪثر شارحن "خودي" ڏني آهي، جڏهن تہ "خوديءَ" جو ذڪر ذار ۽ اهميت سان ڪيل آهي "سامي سگڙين سين، خوديءَ کي ڪائين"

جملو = ميڇر گهٽا آهن مال جي واڙي ۾ پاڻ کي تيلي ڏيو تہ دونهين دکي.

ست آهي، "ميڙيو پاڻ پريون ڪري، جوڳي جلائين"

معنيٰ = مال جا ڇيٽا، پولڙيون ميڙي گڏ ڪري پريون ڪٽي اڃي جوڳي ٻارين تا.

ٻيو لفظ "تار" آهي جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "گهڙي، پلڪ، ساعت" ڏني آهي. جڏهن تہ ساڳئي لفظ "تار" جي معنيٰ متي شيخ صاحب هڪ ڪان گهٽن هنڌن تي "اونهو پاڻي" ڏني آهي. سٽ آهي،

"هـو جـي تـار نـہ تڳـائين، آئـون نـہ جيئنـدي ان ري"

هن سٽ ۾ ٻہ وڏا مونجهارا آهن. جيڪي سڄي بيت جي معنيٰ تي اثرانداز ٿين ٿا ڇو تہ "ها ۽ نہ" جو تڪرار آهي جيڪو زمين ۽ آسمان جيڏو فرق آهي. گنج ۽ شيخ صاحب واري بيت ۾ "هو جي تار نہ تڳائين..." آهي. يعني "نہ" آهي ۽ پڻ "برٽش واري نسخي، بمبئي ڇاپي واري نسخي ۽ هڪ اوائلي نسخي ۾ بہ "نہ" آيل آهي. "هو جي تار نہ تڳائين..." ۽ شوقيرام، قليچ، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاريءَ وارن نسخن ۾ ”هو جي تار تڳائين...“ آيل آهي. جڏهن تہ قاضي صاحب واري نسخي ۾ ”هو جي تار بہ تڳائين...“ آيل آهي. بمبئي ڇاپي واري بيت جي صورت مختلف آهي ۽ اهو ڇڻن سٽن تي ٻڌل آهي.

بمبئي ڇاپو، داستان 1 بيت 20 صفحو 262،

ميڙيو پاڻ پريون ڪيو، جوڳي جلائين،
سامي سنگڙين سين، ڪين، جو ڪمائين،
نانگا پنهنجي نفس جي، خوديءَ ڪي ڪائين،
هوءَ جي تار نہ تڳائين، آئون نہ جيئندي ان ري.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳي، مال جي واڙن ۽ وٿاڻ مان پاڻ (ڇيٽا پولڙيون) ميڙي چوندي گڏ ڪري پريون ڪٽي اچي تا پارين. سامي، سڱين (مال جا سڱ جيڪي جوڳي وڄائيندا آهن) سان پنهنجي وڏائي ۽ مستيءَ (خوديءَ) کي ڪائين تا. هو جيڪي مسلسل هڪ جهڙي ئي حالت مان پار نٿا پچائين، آئون انهن کان سواءِ جيئري رهي نہ سگهنديس. (سمجهاڻي شيخ صاحب واري بيت جي ڏني اٿم.)

سر رامڪلي، داستان 1 بيت 30 جلد 3،

جُسي سَنڌو جوڪري، سو مون نہ گهرجي ماهہ،
سامي منهنجو ساهہ، آئون نہ جئيندي ان ري.

**سَنڌو :**

شيخ = مضبوط، طاقتور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = وڇوڙو، جدائي، وڇوڙو، ڏنگ، حد.
گنج صفحو 531.
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 97 بيت 503 (جُسي سنڌو جوڳين...)
شوقيرام، داستان 1 بيت 30 (جُسي سنڌو جوڳ ري....)۰
قليچ، داستان 1 بيت 30 (جسي سنڌو جوڳ ري...)
لغات لطيفي (قليچ) سنڌو = سنڌو ڪرڻ = پري پڄڻ، دور ٿيڻ.
قاضي، داستان 1 بيت 34 (جُسي سنڌو جوڳ ري) سَنڌو = حد، ڪنارو.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.
شهواڻي، داستان 1 بيت 29 (جسي سنڌو جوڳ ريءَ...)
آڏواڻي، داستان 1 بيت 34 (جسي سنڌو جوڳ ريءَ...)
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 30 (جسي سنڌو جوڳ ريءَ...)
قاسمي، داستان 1 بيت 30 (جسي سنڌو جوڳ ريءَ...)
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 283، سنڌو = جمع سنڌا = ڏنگ، ڇيھ، وڇوٽي.
پهرين بيت جي ساخت ڏسجي. گنج ۾ شيخ صاحب واري بيت جي سٽ آهي.
"جُسي سنڌو جو ڪري، سو مون نہ گهرجي ماھ"
برٽش واري بيت جي سٽ آهي،
"جسي سنڌو جوڳين، مون نہ گهرجي ماھ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شوقيرام، قليچ، قاضي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي، انصاري، بمبئي ڇاپو ۽ هڪ اوائلي نسخي جي سٽ آهي،

”جسـي سـنڌو جـوڳ ري، مـون نـه گهرجـي ماهـه“

لفظ ”سَنڌو“ گنج ۽ شيخ صاحب ڪان سواءِ ٻيو ڪنهن به نسخي واري بيت ۾ ناهي ۽ لفظ ”سنڌو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”مضبوط. طاقتور“ ڏني آهي. هي لفظ واحد ”سنڌو“ ۽ جمع ”سنڌا“ آهي. جيڪو اڄ به اسين عام جام ڳالهائيندا آهيون.

جملو = اسين اهي ئي ساڳيا آهيون. اوهان دلين ۾ سنڌا وڌا آهن.

جملو = تنهنجي ڏندن کي ڇا ٿيو آهي؟ اڳ ڪيڏا سهڻا هئا. هاڻي وچ وچ ۾ سنڌا پئجي ويا آهن.

يعني لفظ ”سنڌو“ جي معنيٰ آهي ”ويڇو، حد، دنگ، جدائي، وڇوڙو“. لطيف به ته هڪ هنڌ فرمايو آهي ته،

”ڪـڻ اکيـون ڪـل يـار، تـه وچـن سـور سـنڌا ڪيـو.“

سـر رامڪلـي، داسـتان 1 وائـي 2 جلـد 3،

چيلهـه چڪـر، ڳـل سـڱيون، متـن مڱـٿ مـوڙ،

مڱٿ :

شيخ = تاج، ڪلنگيون.

منگهاڻي = جوڙو، وارن جو گولو.

لفظ ”مڱٿ“ متي سر راڻو، داستان 3 بيت 14 جلد 2 ۾ سٽ، ”اچي تي عطر جي، منجهان مڱٿ بوءِ“ ۾ آيو آهي. جتي لفظ ”مڱٿ“ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ شيخ صاحب ”ڇٽ، موڙ“ ڏني آهي. ۽ هتي وائي ۾ لفظ ”موڙ“ مڪٽ سان گڏ ”مڪٽ موڙ“ آيل آهي، تہ اتي وري معنيٰ ”تاج ۽ ڪلنگيون“ ڏني اٿس.

سر رامڪلي، داستان 6 بيت 15 جلد 3،
آديسين ادب، آهي اکڙين ۾،
تن جو حسب نسب ناهہ ڪي، نہ ابائي نہ ابُ،
سامي ڪي سيين پريين، روح ۾ رهيو رب،
رِءَ لانگوٽي لب، پاسي ڪن نہ پاڻ ڪي.

## لَبُ :

شيخ = توشو، مال اسباب
منگھاڻي = لالچ، رشوت (خريد و فروخت) لوڀ.
لفظ ”لب“ جي مٿي سر معذور، داستان 5 بيت 22 جلد 2 ۾ تفصيل سان جملن ۾ سمجھاڻي ڏني اٿم ست هئي،
”هاڻي هنهان پوءِ، لنديون رهن لب ۾“

جتي شيخ صاحب لفظ ”لب“ جي معنيٰ ”پاسي، ڪند، لڪ، ڇپ“ ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ جي معنيٰ ”توشو، مال اسباب“ ڏني آهي. ساڳي مون واري ڳالھہ تہ جيڪو لفظ بدل ئي نہ هجي ان جي معنيٰ ڪيئن تي ڏيئي سگھجي؟ معنيٰ جي هن وڏي فرق لاءِ ضرور شيخ صاحب وٽ جواز هوندو/هوندڻ گھرجي هي لفظ جيئن تہ اسين اڄ بہ سمجھون ۽ ڳالھيون ٿا. اهو ئي سبب آهي تہ منهنجي ڏنل معنيٰ ٻنهي هنڌن تي ٺهڪي ٿي اچي. جيڪا آهي ”لالچ ۽ رشوت“ سر معذور جي بيت جي ست آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هــــاٿي هنهـــان پـــوءِ، لنـــديون رهـــن لـــب ۾"

معنيٰ = هاٿي انهـن کـان پـوءِ طوائفون/بدڪـار عورتـون لالـچ، رشوت ۽ ونڻ ۽ وڪڻڻ واري ڏنڌي سان منسوب هونديون ۽ هن بيت جي سٽ آهي:

"رِءَ لانگوٽـــي لـــب، پـــاڇي ڪـــن نـــہ پـــاڻ ڪـــي"

معنيٰ = "رِءَ لانگوٽي/ ڌوتيءَ جي ٻي ڪابہ رشوت، لالچ ۽ ونڻ وڪڻڻ هو پنهنجي ڇانوَ سان بہ نٿا ڪٽن.

آئون انهن ٽي لفظن جون معنائون ڏيان ٿي جيڪي آئون پاڻ ۽ منهنجـي علائقـن لسـبيلي ۽ ڪوهسـتان جـا مـاڻهو اڄ بـہ سمجهنـدا ۽ ڳالهـائيندا آهـن، نـہ ڪـي آئـون ڏڪـن ۽ اندازن سان معنـائون ڏيئـي رهـي آهيان. منهنجي هن ڪم جي سچائيءَ جا ساکي ۽ نگهبان منهنجا ماڻهو ۽ علائقا آهن، اچي پڇو! باقي ٻين علائقن ۾ انهن لفظن جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ اهو ڪم بهرحال هن وقت آئون نہ پيئي ڪريان. باقي لفظ "لب" جي معنيٰ ٻن هنڌن تي بہ مختلف ڏيڻ اها پڪ ڏني تہ لفظ "لب" ضرور سندس ٻڌل ناهي، نہ تہ جيڪر هڪ هنڌ، "پاسي، ڪند، لڪ، ڇپ" ۽ ٻي هنڌ، "توشو ۽ مال اسباب" نہ ڏي ها.

هن بيت جي سٽ 2 معنيٰ جي لحاظ کان بہ غلط آهي.

"تـن جـو حسـب نسـب ناهـ ڪـي، نـہ ابـائي نـہ اب"

سٽ جـي ڪهـڙي تـي معنـيٰ نڪـري؟ هـي سـٽ گنـج ۾ هيٺيـن صورت ۾ آهي.

"جنهنجـو حسـب نسـب ناهـ ڪـي، نـا يـائي نـہ اب"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تہ بيت جي منهنجي نظر ۾ صحيح صورت بمبئي ڇاپي واري بيت جي آهي، جتان ئي ٻين سيني نسخن ڪنيو آهي. (اهي سيئي نسخا جيڪي منهنجي زير مطالعي آهن انهن سيني ۾ اهو ئي بمبئي ڇاپي وارو بيت آيل آهن)

بيت آهي،

”آهـــــــــي اکڙيــــــــن ۾، اديســــــــــين ادب،
تــن جـو حسـب نسـب ناهـہ ڪـو، نـہ امـان نـہ اب،
ســـامين ڪـــي ســـپ پريـــن، روح ۾ رهيـــو رب،
ريءَ لنگوٽـــي لـــب، پـــاڇي ڪٽـــن نـــہ پـــاڻ لاءِ.

بيت جي سمجهاڻي = معتبر جوڳين جي اکين ۾ حيا، شرم، ادب آهي.

انهن جو ڪوبہ شجرو، خاندان، حسب نسب ڪونهي ۽ سندن نڪو ماءُ نڪو پيءُ آهي. (اهو ئي سندن حسب نسب آهي تہ سندن ڪابہ مائٽي ماءُ ۽ پيءُ ڪونهي) سامين/جوڳين ڪي هر صورت/طرح روح ۾، من ۾ رب ئي رب رهيل آهي. سواءِ لنگوٽ ۽ ڏوتيءَ جي ٻي ڪابہ رشوت، لالچ ۽ ونڻ ۽ وڪڻڻ هو پنهنجي ڇانوَ سان بہ نہ ڪٽن.

ســــر رامڪلـــــي، داســــتان 7 بيـــــت 1 جلـــــد 3،
گـــذر گئـــي گـــذران، ڪيـــن قبولـــج ڪـــاپڙي،
علـــيءَ جـــو ميـــدان، ســـڪر سناســـين ڪـــي.

## سڪر :

شيخ = وٽندڙ، پسنديءَ جهڙو، پلو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = عزت وارو، مان وارو، معتبر.

گنج صفحو صفحو 543 ۽ 544

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 100 بيت 520

شوقيرام، داستان 9 بيت 31

قليچ، داستان 9 بيت 31

لغات لطيفي (قليچ) سکر = چڱا، موچارا.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 30، سکر = سنو.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 30،

قاسمي، داستان 9 بيت 31، سکر = معنيٰ ڏنل نا ي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 274، سکر = چڱا.

قاضي، شهواڻي ۽ انصاريءَ واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

قاسمي واري نسخي ۾ هي بيت موجود تہ آهي پر ان لاءِ قاسمي صاحب پر ۾ ڏنل حاشئي ۾ چوي ٿو تہ، "اهو بيت لطيف جو ناهي"

بيت ۾ آيل لفظ "سکر" جي معنيٰ شيخ صاحب "وٽندڙ، پسنديءَ جهڙو، پلو" ڏني آهي. هي لفظ اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "عزت، مان، شان ۽ معتبر" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي. ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي جنهنجو حسب نسب هجي ۽ جنهن کي "وڏي هڏي وارو يا اوچي هڏي وارو" بہ چئون.

جملو = اهو گهر سکر آهي. هر ڪو دانهن فرياد کڻي ويندو.

جملو = اوهين سکر آهيو اسين غريب ڏراڙ آهيون.

اهڙي تڪراري بيت جي سمجهاڻي ڪيئن ڏجي. جنهن لاءِ چيل هجي تہ اهو بيت لطيف سرڪار جو ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر رامڪلي، داستان 7 بيت 2 جلد 3،
عليءَ جي ميدان ۾، وينا ڏونڻ ڏٽي،
ترڪ ڪيائون تڪيا، پريون پند سٽي،
ڪندي ڪوهہ دٽي، طعنا ڏيئي تن ڪي.

ڏونڻ :

شيخ = مرضي، راءِ، رضا خوشي.
منگهاڻي = لوڏ، لوڏڻ، ڏوٽڻ، ڏونڏاڙڻ.

ڏٽي :

شيخ = انتخاب ڪري، اختيار ڪري.
منگهاڻي = چونڊي، پسند ڪري.
گنج صفحو 544.
برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 100 بيت 521.
برٽش واري نسخي جي سٽ، عليءَ جي ميدان ۾، وينا ڏوڙ دٽي.
شوقيرام، داستان 9 بيت 32 (وينا ڏوڙ ڏٽي، عليءَ جي ميدان ۾)

قليچ، داستان 9 بيت 32 (شوقيرام وارو)
آڏواڻي، داستان 9 بيت 31 (شوقيرام وارو) ڏٽي = چونڊي
ڏيپلائي، داستان 9 بيت 30 (شوقيرام وارو)
قاسمي، داستان 9 بيت 32 (بيت شوقيرام وارو)
بلوچ، لغت ”روشني“ ڏونڻ = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو 200، ڏٽي = ڏٽڻ = چونڊڻ، چونڊي پسند ڪرڻ.

بيت ۾ آيل لفظ "ڏوڻ" (جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "مرضي، رضا خوشي، راءِ" ڏني آهي) سواءِ گنج جي ٻيو سڀني نسخن ۾ "ڏوڻ بدران ڏوڙ" آيل آهي. لفظ "ڏوڻ" جي معنيٰ آهي. "لوڏڻ يا جهنجهوڙڻ" هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون. ۽ حد اها جو ان جو ڪو متبادل اجا اسان وٽ متعارف بہ ٿي نہ سگهيو آهي. ۽ لفظ "ڏوڻ" جي معنيٰ "لوڏڻ" ڏيندي اهو خيال آيو تہ لوڏجي تہ پينگهو ۽ جُهولَ بہ پر ان کي "ڏوڻ" تہ نٿو چئجي تہ. "پينگهي کي ڏوڻ ڏي" وغيره. حيرت اها آهي تہ ڪي ڪي لفظ خود، پاڻ ئي پنهنجي معنيٰ هوندا آهن. جملا ضرور سمجهائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

جملو = پير کي ڏوڻ ڏي تہ پير ڪرن.

اهو ئي سبب آهي جو لفظ "ڏوڻ" بيت ۾ نهڪي نٿو.

ٻيو لفظ آهي "ڏٽي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب، "انتخاب ڪري، اختيار ڪري" ڏني آهي. ٿوري فرق سان ان جي معنيٰ آهي "چونڊي، پسند ڪري" جيڪا ٻين بہ محترم شارحن ڏني آهي.

جملو = ڪپڙا هڪ جهڙا ناهن. انهن ۾ ڪي اپرا ۽ ڪي سيرا آهن، تون پلي ڏٽي ڪڻ.

جملو = هميشہ هر چيز تون ڏٽندي آهين. اڄ ڇڏ تہ آئون بہ ڏٽان.

لطيف لفظ "ڏٽي" ٻي هنڌ بہ چيو آهي،

"ويهي وڏي ڍڳ مان، ڏٽي وجهج ڏوڙ"

گنج ۽ شيخ صاحب جي سٽ آهي، "عليءَ جي ميدان ۾، وينا ڏو ڏٽي" جيڪا معنيٰ جي لحاظ کان درست ناهي. جڏهن تہ ٻين سڀني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسخن ۾ سٽ آهي، ”عليءَ جي ميدان ۾، وينا ڏوڙ ڏٽي.“ ان ڪري ان جي سمجهاڻي ڏيڻ کان آئون قاصر آهيان.

سُر رامڪلي، داستان 9 بيت 17 جلد 3،
پوڇا ڪار مَ پاڻ ڪي، جوڳي رکج جوڳ،
خادم خلق جيئن ڪري، ايءَ راول وڏو روڳ،
پڳن ڪونهي پوڳ، نانگا وڃن نڳيا.

## پوڳ :

شيخ = سزا، تڪليف، ڪشٽ، رزق جو فڪر.
منگهاڻي = مذاق، چرچو، مشڪرو، ڪل پوڳ.
گنج، صفحو 551
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 102، بيت 535
شوقيرام، داستان 7 بيت 23،
قليچ، داستان 7 بيت 23،
لغات لطيفي (قليچ) پوڳ = کاڌو طعام، لذت، چرچو.
قاضي، داستان 7 بيت 22، پوڳ = عيش، طعام.
گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.
شهواڻي، داستان 7 بيت 21، پوڳ = طعام.
آڏواڻي، داستان 7 بيت 20، پوڳ = عيش.
ڏيپلائي، داستان 7 بيت 24.
قاسمي، داستان 7 بيت 24، پوڳ = کاڌو، چرچو.
انصاري، داستان 7 بيت 20، پوڳ = عيش، طعام.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 61، يوڳ = ڪاڏو، طعام.

پڳن ڪونهي يوڳ = تڪڙو نڪري ويندڙن وٽ ڪاڏو ۽ طعام ڪونهي ڪاڏي جو فڪر ڪونهي. (پيٽ جي ڳڻتي ڪانهي)

لفظ "يوڳ" جي معنيٰ شيخ صاحب "سزا، تڪليف، ڪشٽ، رزق جو فڪر" ڏني آهي ۽ گهڻن شارحن، "ڪاڏو، عيش، طعام" ڏني آهي جڏهن تہ "يوڳ" جي لفظي معنيٰ آهي "چرچو، مذاق، مشڪري" جيڪا "ڪاڏي ۽ عيش" سان گڏ قليچ صاحب ۽ قاسمي صاحب بہ "چرچو" ڏني آهي.

جيئن عرض ڪيو اٿم تہ معنوي معنيٰ، ڏکين لفظ جي معنائن ۾ نتي ڏيئي سگهجي پر هتي لفظ "يوڳ" سان گڏ لفظ "پڳن" جي معنيٰ بہ شيخ صاحب سميت سيني محترم شارحن، "پڳن ڪي، دنيا ڪي ڇڏيندڙن ڪي" ڏني آهي. جيڪا پڻ معنوي معنيٰ آهي. ٺيڪ آهي تہ "پڳن" جي معنيٰ "پڳل، پڄي ويل، پاڄوڪڙ" بہ آهي پر آئون هن بيت ۾ ساڻن متفق ناهيان. ڇو جو "پڳن" جي معنيٰ "ٽٽلن، اڌ ٽيلن، ٽڪر ٽڪر ٽيلن" بہ آهي، ۽ جوڳي جن جا اندر "اڌ ٽيل/پڳل/ٽٽل" هئا انهن جي اڳيان کهڙو يوڳ، کهڙو چرچو! پڳن ڪونهي يوڳ معنيٰ، ٽٽلن، پورا پورا ٽيلن وٽ ڪوبہ يوڳ چرچو ڪونهي. اهي تہ پنهنجن ٺي سورن ۽ پورن ۾ پوتا پيا آهن. جيئن، "نہ ڪلن نہ ڪين ڪين، نہ ڪين ڳالهائين" يا، "ڪنهن جنهن ڪات ڪنا، جيئن سامي مور نہ سنرا" انهن جي اڳيان "ڪاڏي، طعام، سزا، تڪليف، ڪشٽ ۽ رزق جو فڪر" ڪهڙو، جن لاءِ هنڌ هنڌ فرمايل آهي:

1. قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طاماعو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طمعدار.

3. قوت ڪڙايا ڪاپڙي، ٻک ٻکيائون ٻوءِ.

4. ٻک مرندي ٻکيا، ڪنهن ڪان ڪين گهرن.

5. ڪشي چيلهہ ڪسن، ڏيل ڪيائون ڏٻرا.

6. پيٽ نہ هيريائون پانهنجو، چوري ساڻ چسن.

7. ويا نيرانا نڪري، جوڳي منجهان جوءِ.

يا هي بيت،

"جا ٻـــراد ٻتـــن جـــي، ســـا اج ٻـــک آديســـين،

روزا روز رکـــــن، عيــــد نــــہ اوڏا ڪـــــاپڙي.

ڪـاڏي ۽ رزق جـي فڪـر، سـزا ۽ تـڪليـف جـي هتـي ڳالهہ ئـي ڪانهي. جن جون دليون ئـي سچيون نـہ هونديـون، اُهـي ڪـهڙا مـذاق ۽ مشـڪريون ڪندا. جيئن ڪنهن محفل ۾ جتي ڪل پوڳ جي ڏمر لڳي پيئي هجي، اتي ڪو ڏڪايل ماٺ ۽ انهرو وينو هجي، ۽ جي ڪو اوپرو چوي تہ، "هيءُ تہ پٿر لڳو پيو آهي، ڪيڏا چرچا پيا ٿين پر هي تہ نڪو ڪلي نڪو مرڪي." تہ چئبو،

جملو = اهو تہ پڳو پيو آهي، ان کي پوڳ جا ڪلاٽي سگهندا.

بيت جي سمجهاڻي = اي جوڳي، پنهنجي پوڄا نہ ڪراءِ، ۽ تون پاڻ کي پوڄا ڪان پلي ڇڏ (تون جوڳ کي قابوءَ ۾ رک). اي راول، تون جيڪو خلق کي پنهنجي تابع ۽ ٻانهون ٿو ڪرين. اهو وڏو روڳ (مرض) اٿئي. جن جا اندر پڳل تتل آهن، انهن لاءِ پوڳ ۽ مذاق آهيئي ڪونہ (ڪا حيثيت نتا رکن)، نانگا (سچا ويراڳي) ايئن ئي نڪريو هليا ٿا وڃن. (دنيا جي خوشين ۽ مزن مان پاڻ کي ڪڍي، ڇڏي ٿا وڃن.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُـــر رامڪلـــي، داســـتان 10 بيـــت 4 جلـــد 2،

تــان ڪـــي وٽـــن وڃ، جــان آهيـــن اوطـــاقن ۾،
ســـامي ســـفر هليـــا، رائـــو چتـــائي رڃ،
اهـــڙا جـــن اهـــڃ، ســـي ڪـــرم ملنـــدا ڪـــاپڙي.

**رائو :**

شيخ = راءِ، شهزادا.
منگهاڻي = ريتي (صحرا جي)

**رڃ :**

شيخ = رڃ ڪي، رڻ پٽ ڪي، بيابان ڪي.
منگهاڻي = سراب (Mirage)
گنج، صفحو 592
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 8 بيت 5
قليچ، داستان 8 بيت 5
لغات لطيفي (قليچ) رائو = جبل جي ريتي، جبل. رڃ = معنيٰ ناهي.
قاضي، داستان 8 بيت 5، رائو ۽ رڃ = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.
شهواڻي، داستان 8 بيت 5، رائو ۽ رڃ = معنيٰ ڏنل ناهي.
آڏواڻي، داستان 8 بيت 5، رائو = جبل. رڃ = رڻ پٽ، بيابان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 5.

قاسمي، داستان 8 بيت 5، رائو ۽ رڄ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 8 بيت 5، رائو ۽ رڄ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 225، رائو = ريتي ڪڪريءَ واري، رئي، سنهين پٽرائين زمين.

صفحو 227، رڄ = جمع رڄون =جتي پاڻيءَ جو ڏيکاءُ هجي پر پاڻي نہ هجي. صفحو 224، راهہ چتائي رڄ =(رامڪلي 7/15) (رڄ واري) واٽ کي نظر ۾ رکي، اها واٽ وٺي.

ست آهي ”سامي سفر هليا، رائو چتائي رڄ“

جيڪا بلوچ صاحب جي نسخي ۾، ”سامي سفر هليا، راهہ چتائي رڄ“ آيل آهي، يعني ”رائو جي بدران راهہ“ آيل آهي. (اهو لفظن جي اٿل پٿل وارو مسئلو تمام گنڀير آهي)

لفظ ”رائو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”راءُ، شهزادا“ ڏني آهي. حالانڪ متي سر آبڙي، داستان 1 بيت 22 جلد 2 سٽ، ”ويهہ مَ منڌ پنيور ۾، اتي رائو ريل“ ۾ آيل لفظ ”رائو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”تمام سنهي ريتي يا ڪڪري (جابلو ميدان)“ ڏني آهي ۽ ساڳيئي سر آبڙي، داستان 7 بيت 2 جلد 2 ۾ سٽ، ”رائو مڙيئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪڪور“ ۾ لفظ ”رائو“ جي معنيٰ ”جبل جي واري، جبل“ ڏني آهي. ۽ سر معذور، داستان 3 بيت 2 جلد 2 جي سٽ، ”اڳيان رائو سڄي روهہ، وهان تان وس پيو“ ۾ لفظ ”رائو“ جي معنيٰ ”جبل جي ريتي، واري ”ڏني آهي ۽ سر ديسي، داستان 3 بيت 9 جلد 2 سٽ، ”ڪرڙا ڏونگر ڪ گهٽي، جت رڻ تتو رائو“ ۾ لفظ ”رائو“ جي معنيٰ ”جبل جي ريتي يا واري، جبل“ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ديسي، داستان 10 بيت 12 جلد 2 سٽ، ”رائو سڄائي رات، اونين گهٽو اڇلئو“ ۾ رائو = (جبل جي) ريتي، مٽي، ڪڪري، سر حسيني، داستان 1 بيت 15 جلد 2 ۾ سٽ، ”پاڻي ناهہ پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رڳي رڄ“ ۾ رائو = جبل جي واري، جبل ـ ڏني آهي پر هتي ساڳيئي لفظ ”رائو“ جي معنيٰ ”رائو، شهزادا“ ڏني آهي.

بيو لفظ آهي ”رڄ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”رڄ ڪي، رڻ پٽ ڪي، بيابان ڪي“ ڏني آهي. جڏهن تہ اها معنيٰ ”رڄ“ جي نہ، پر ”رڻ“ جي آهي. ”رڄ ۽ رڻ“ ۾ وڏو فرق آهي. ”رڻ، بيابان، دشت، صحرا“ ڌار آهي. ۽ ”رڄ“ جي معنيٰ آهي ”سراب (Mirage)“ جيڪو رڻ ۾ هڪ دوکي جهڙو منظر آهي، ايئن لڳندو ڄڻ تہ پاڻي آهي پر اهو پاڻيءَ جي ڏيک جهڙو دوکو هوندو، پاڻي نہ“ (توجا پانئين اڄ، سا هئي روءِ رڄ جي).

بيت جي سمجهاڻي = تيستائين انهن وٽ ايندو ويندو رهج، جيستائين هو اوتارن/اوطاقن ۾ آهن. جوڳي/سامي رڻ ۽ رڄ نظر ۾ رکي سفر تي هليا ويا. جن جا اهي پار ۽ اهڙيون نشانيون آهن، اهي جوڳي وري وڏي ڪنهن ڀاڳ ۽ نصيب سان ملندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر رامڪلي، داستان 10 بيت 6 جلد 3،

تان ڪي ساڻن اور، جان آهين اوطاقن ۾،
ويو تن نہ وسري، لاهوتيءَ ڪو لاءُ،
فنا ۽ فراق جو، سامين چکيو ساءُ،
وڃان تو وينداءُ، ڪاپڙي ڪابول ڏي.

لاءُ :

شيخ = ساءُ، سواد، لطف.

منگهاڻي = وفا، ملتفت ٿيڻ (جنهن سان الفت ڪجي اهو بہ ساڳيءَ ريت رجوع ٿيئي.)

گنج، صفحو 591.

برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 8 بيت 6.

قليچ، داستان 8 بيت 6.

لغات لطيفي (قليچ) لاءُ = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 8 بيت 6 لاءُ = ساءُ.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.

شهواڻي، داستان 8 بيت 6 لاءُ = لا، نہ، نفي، نيستي.

آڏواڻي، داستان 8 بيت 6 لاءُ = ساءُ، لطف.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 6.

قاسمي، داستان 8 بيت 6 لاءُ = نفي، نيستي.

انصاري، داستان 8 بيت 6 لاءُ = ساءُ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 405، لاءُ = لا، نہ، نفي، بغير، بنا، ڪجھہ نہ، نيستي.

لفظ "لاءُ" جي معنيٰ شيخ صاحب "لاءُ، ساءُ، سواد، لطف" ڏني، جيڪا قاضي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ بہ ڏني آهي ۽ شهواڻي، قاسمي ۽ بلوچ "نہ، نفي ۽ نيستي" ڏني آهي. ضرور اوهان سيني کي حيرت ٿيندي پر لفظ "لاءُ/لائو" اڄ بہ اسين عام ڳالهائيندا آهيون. اسان وٽ "لاءُ/لائو" جي معنيٰ آهي، "وفا نڀائڻ، پيار جو جواب پيار سان ڏيڻ. ۽ احسان فراموشي ۽ نمڪ حرامي نہ ڪرڻ، خير خواهہ ٿيڻ ۽ جي اڳيون سنو قدم کڻي تہ هي ان کان بہ وڌيڪ سنو قدم کڻي، ۽ جي ڪو ڪنهن لاءِ سنو سوچي تہ اڳيون بہ ساڳيو ئي جواب ڏي." سٽ آهي،

"ويـــو تـــن نـــــ وســـري، لاهوتـــيءَ ڪـــو لاءُ"

معنيٰ = انهن کان لاهوتين واري پـَرِ، وفا ڪرڻ وارن سان وفا ڪرڻ واري خصلت نہ وسري آهي.

هي لفظ واحد/جمع مذڪر "لائو/لائا" ۽ واحد/جمع موئنث "لائي/لائيون" آهي. جيئن مون اڳ بہ عرض ڪيو آهي تہ، ڪي لفظ اهڙا بہ طاقتور هوندا آهن جيڪي پنهنجو بدل پاڻ ئي هوندا آهن، ۽ گهڻي ڳولڻ جي باوجود انهن جو متبادل لفظ ملڻ مشڪل هوندو آهي. انهن ئي لفظن ۾ هي لفظ "لاءُ" بہ آهي جنهن جا ڪيترا بہ متبادل ڏجن پر ڳجهارت وانگي "اجا بہ بچي" واري صورتحال نسنگ نروار نظر ايندي ۽ اهڙن لفظن جي سمجهاڻ جو واحد حل جملن ۾ سمجهاڻي ڏيڻ هوندو آهي.

جملو = اسان انهن لاءِ ڪيترو ڪيو پر اهي لائا نہ ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = نانگ کي سچي عمر کير پيار تہ بہ هو لائو نہ ڇيندو ۽ ڏنگ هڻندو.

بيت جي سمجهاڻي = تون تيستائين انهن وٽ اچ وڃ جيستائين هو اوطاقن ۾ موجود آهن. انهن کان لاهوتين واري پر (وفا ڪرڻ وارن سان وفا ڪجي واري خصلت) نہ وسري آهي. نابودي ۽ ڇوڙي جي لذت سامين چکي آهي. جوڳي تو وٽان ڪابل ڏي هليا ويندا.

سر رامڪلي، داستان 11 بيت 1 جلد 3،
بک وڏائون ٻڪريين، جوڳي ڪندا جڃ،
طلب نہ رکن طعام، اوتيو پيئن اڃ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مڃ،
سامي جهاڳي سڃ، وسينءَ ڪي ويجها ٿيا.

**جُڃ :**

شيخ = ڏڃ (ٻڪ جو) موجون يا مزا (ٻکون يا لنگهڻ ڪاٽي).

منگهاڻي = هجوم، ميڙ، هشام، مُڃَ، ماڻهن جي گهڻائي، وڏي تعداد ۾ گڏپ ۾ ماڻهو.

**مُڃ :**

شيخ = پائمال، ناس، نابود (سر جي ٻوڙي جا ڪانا جڏهن سر جي موسم ۾ نسرڻ يعني سنگن ڪڍڻ وارا هوندا آهن تڏهن انهن جي پچڙين يعني چوٽين وارا ڪچڙا پن يا گونچ ڪپي ۽ وٽوڙن يا ڏگرين سان ڪٽي تمام باريڪ يا سنها تاندورا يا تندون ڪبو آهي ۽ پوءِ انهن تندن کي وٽ ڏيئي ڪتن واٽڻ جو واڻ ناهبو آهي جنهن کي مج چئبو آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاٽي = چيپيل، چليل، چٽيل.

گَنج، 567 برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 9 بيت 1.

قليچ، داستان 9 بيت 1.

لغات لطيفي (قليچ) جج = ڍءُ.

قاضي، داستان 10 بيت 1، جج = معنيٰ ناهي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 9 بيت 1، جج = ڏيا، رعب، جوهر، ڪلا، قدرت، نور، روشني، تجلو.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 1، جج = موجون، آنند.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 1.

قاسمي، داستان 9 بيت 1، جج = معنيٰ ناهي.

انصاري، داستان 9 بيت 1، جج = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 139، جج = ڍئو.

جوڳي ڪندا جج = جوڳي ڪائي ٻي ڍئو ڪندا.

لفظ "جج" هاڻي گهڻو واهپي ۾ ناهي، يعني عام ورتو نٿو وڃي، ان جي باوجود اسان وٽ ڳالهايو ۽ سمجهيو ويندڙ لفظ آهي جنهنجي معنيٰ آهي "هجوم، گهڻا ماڻهو، وڏي تعداد ۾ ماڻهو، ماڻهن جا وڏا ميڙ، وڏا هجوم" اسين (بکک) اڄ بہ لفظ "جج" ڳالهايون ٿا. منهنجي هڪ غزل جو مصرعو آهي،

چــــاڪي تـــــو ڀنيـــــور منگهـــــــاڻي،
آهيــــــــــان تنهـــــــا جيـــــــــن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = نڪرڻ جي ڳري ئي ڪانهي، ماڻهن جا جڄ آهن.

جملو = لطيف سرڪار جي ميلي تي ماڻهن جا جڄ هئا.

ٻيو لفظ ”مڄ“ آهي. جنهن جي مٿي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم. هتي رڳو اهو عرض ڪرڻو اٿم تہ اسان وٽ ”مڄ“ جي معنيٰ آهي ”چپيل، چليل، چٿيل“ جڏهن تہ شيخ صاحب جتي لفظ ”مڄ“ آيل آهي، اتي سر جي ڪانن جو حوالو ڏنو ڏي. ”مڄ“ جو تعلق ”سر يا ڳاهہ“ سان ناهي. ڳاهہ يا سر کي بہ جڏهن چپي، چٿي، چلي، ڪٽي نرم ڪري ان مان رسي يا شيءِ بنائبي آهي، تڏهن چئبو تہ، ”هي مڄ جي رسي آهي يا ٻيو ڪجهہ آهي.“ ”مُڄَ“ ان عمل کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ ثابت چيز کي چپي چٿي نرم ڪبو آهي. پوءِ اهو سر هجي يا گوشت يا ٻيو ڪجهہ هجي.

بيت جي سمجهاڻي = جوڳين پنهنجي گودڙين ۾ بک وڌي آهي. (سندن گودڙيون سيدي پاڌي کان خالي آهن ۽ کين دائمي ورت آهي)

جوڳي (جتان ڪٿان ٽولا ٽي) اچي هڪ هنڌ وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيندا/هجوم جي شڪل ۾ مُڄَ ٿيندا (شايد هنگلاچ واري نانيءَ تي). هو طعام جي تمنا نٿا رکن ۽ اڄ کي اوتيو/پلٽيو ٿا پين (نہ ڪاڏي جو فڪر نہ پيتي جو اوسو) جوڳين پنهنجي من کي/اندر کي چپي، چٿي مڄ ڪري ڇڏيو آهي. سامي سڄ (ويراني) لتاڙي وڃي آبادين کي ويجها ٿيا. (انهن پاڻ کي تسا ڏيئي وڃي جانب جي جوءِ لڌي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر رامڪلـــي، داســتان 11 بيـــت 2 جلـــد 3،
نـہ گِـــدا نـــہ گبـــري، نـــہ لانگوٽـــي لــِـــڪ،
جيـــڏانهن پريـــن وڪ، تيـــڏانهن صـــاحب ســـامهون.

## گِدا :

شيخ = ڪدا، جمني، پيالو، ڪشتو، ڪرمندل.
منگهاٽي = سوڙيون، رضايون. (هنڌ، بسترا وغيره)
گنج صفحو 552،
برٽــش ميوزيــم (لنــدن) وارو نســخو صفحــو 104 بيــت 545 (جيڏانهن ڪٿن وڪ)
شوقيرام واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.
قليچ، داستان 9 بيت 4، (ڏنگين ۾)
لغات لطيفي (قليچ) گِندا = رلي، ڪٿي، ڪدا، جمني.
قاضي، داستان 11 بيت 3، (گندا) گِندا = گِندائون = رليون.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي ناهي.
شهواڻي، داستان 9 بيت 2، گِندا = رلي، ڪٿي، گودڙي، ڪدا، جمني.
آڏواڻي، داستان 9 بيت 2، گِندا = رلي.
ڏيپلائي، داستان 9 بيت 2، (گندا)
قاسمي، داستان 9 بيت 2، گِندا = رلي.
انصاري، داستان 9 بيت 2، گِندا = گنڌائون = رليون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 386، گِندا = تلهار لها (گِندي = رلي) نہ گِندا نہ گبري = نہ تلها رلڪا نہ گبري.

لفظ "گِدا" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ڪدا، جمني، پيالو، ڪشتو، ڪرمندل" ڏني آهي، اهو لفظ ٻين سيني نسخن ۾ "ڪِندا يا گِندا" آيل آهي. سواءِ گنج ۽ برٽش واري نسخي جي، جن ۾ شيخ صاحب واري نسخي جيان "گِدا" آيل آهي. يعني "ن" ڪانسواءِ! منهنجي ڏنل معنيٰ اوهان ڏني ۽ قليچ، قاضي، آڏواڻي، قاسمي، انصاري ۽ بلوچ صاحب بہ تقريبن اهائي معنيٰ ڏني آهي پر "گدا" رلي يا ڪتي ناهي جيئن بلوچ صاحب چيو آهي "تلهار لڪا" ۽ جي "سوڙ ۽ رضائيءَ" ڪي "تلهو رلڪو" چيو ويندو آهي تہ پوءِ اها درست معنيٰ آهي، پر جيئن تہ اسين "رلڪو" رليءَ ڪان بہ ننڍي رليءَ ڪي چوندا آهيون. هي لفظ زبر سان "گَدا" آهي ۽ "ن ۽ زير" سان "گِندا" اسان وٽ نٿو چيو وڃي، لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ سوڙين ۽ رضاين ڪي "گدا" چئبو آهي ۽ اڄ بہ اسين ان ڪي عام طرح سان سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا.

جملو = هي گدو ڳرو آهي. سيءُ بہ گهڻ آهي. رلي ڏي.

جملو = فلاڻيءَ پنهنجي ڌيءَ کي ڏيج ۾ ڏهہ گدا ڏنا آهن.

واحد "گدو" جمع "گدا" آهي. سٺ آهي،

"نہ گدا نہ گبري، نہ لانگوٽي لِڪ"

معنيٰ = نڪو سوڙيون ۽ هنڌ نڪو گودڙيون ۽ نہ ئي ڪا ڌوتيءَ جي ڪا ذري ٽڪري اٿن. (بنا ڪنهن ثمر جي اگهاڙا).

شاهہ جي رسالي ۾ ٻين بيحد گهڻين غلطين ۽ چُڪن سان گڏ زير زبر ۽ پيش جون چڪون بہ گهڻيون آهن، جن جي وَرُ چڙهي الائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا اصلوڪا لفظ پنهنجي هستي وڃائي ويٺا آهن. ”شاھ جو رسالو“ يڪو ئي ننڍڙڪائي جي بيت چڙهيل آهي جنهن ڪي هاڻي سچيت ۽ سڌير ڏٺيءَ جي ضرورت آهي، جيڪو سندس حق بہ آهي.

بيت جي سمجهاڻي = نڪو سوڙيون نڪو هنڌ، نہ گوڏڙيون، نہ ئي وٽن ڪا لنگوٽي/ڌوتيءَ جي نالي ڪا ذري يا لِڪ آهي. (سڪٽا/ننگا ۽ اگهاڙا آهن) جيڏانهن بہ وک کڻن ٿا، جنهن بہ سمت ڏانهن قدم وڌائين ٿا، تہ سندن حاصلات/پرين/گرو/محبوب سندن سامهون ۽ اڳيان آهي.

سر رامڪلي، داستان 11 بيت 5 جلد 3،
نہ گدا نہ گبري، نہ ڪَڇَ ڪاڇوٽي،
سامِيءَ ٻاري سڃ ۾، ٻابوءَ ٻاهوٽي،
جوڳي جبروتي، ڪوه ڇاڻا ڪيڻ وئا.

## ڪَڇَ :

شيخ = ڪاڇوٽي، ڪڇو، لانگوٽي.
منگهاڻي = ڪَڇُ، بغل.
گنج صفحو 552 (ڪڇ ڪاڇوٽي)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 104 بيت 546.
شوقيرام، داستان 9 بيت 7.
قليچ، داستان 9 بيت 7.
لغات لطيفي (قليچ) ڪڇ = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي، داستان 10 بيت 5، ڪڇ = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهواڻي، داستان 9 بيت 6، ڪڇ = ڪڇ نہ = ڪڇين، ماپين، وهيٺن، سيڻ لاءِ ڪپڙو ماپي ناهين.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 5، ڪڇ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 7.

قاسمي، داستان 9 بيت 7، ڪڇ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاريءَ واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 339، ڪڇ نہ = ڪڇين = ڪڇن ۾. ڪڇين ڪاڇوٽي = ڪڇ ۾ ڪڻڻ واري ڳوٿري، ٻگري، بغلي)

لفظ "ڪڇ" رڳو جبل جو ئي تہ ناهي. اهو تہ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندڙ لفظ آهي، پوءِ الائي ڇو شيخ صاحب ان جي معنيٰ "ڪاڇوٽي، ڪڇ، لانگوٽي" ڏني آهي. جڏهن تہ "ڪڇ" سان گڏ "ڪاڇوٽي" بہ آيل آهي، "نہ ڪڇ ڪاڇوٽي" معنيٰ = نڪو بغل ۾ ڪا گودڙي اٿن. سنئون سبتو لفظ "ڪڇ" آهي. معنيٰ "بغل" ان ڪي "ڪڇي ۽ ڪڇين" ڪيو ويو آهي. ۽ شهواڻي صاحب تہ ويچارن جوڳين کان جيڪي بنا ڪنهن ڪپڙي جي لِڪ جي اگهاڙا تا هلن، انهن کان سبڻ وارا ڪپڙا پيو ماپائي ۽ ڪڇائي.

بيت جي سمجهاڻي = نہ سوڙيون نہ هنڌ نہ ئي بغلن ۾ ڳوٿريون/گودڙيون آهن. سامي اٺهوند ۽ ويرانن ۾ دونهين دکائي آهي، جبروتي (جبروت جي معنيٰ حضرت جبرائيل جي رهڻ جي جاءِ، سلوڪ جي ٽين منزل. شيخ صاحب) جوڳي نجاڻ/الائي ڪيڏانهن هليا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر رامڪلي، داستان 11 بيت 7 جلد 3،
هو جي ٿيا هر ڪيس، تن لڳي ڪين لباس سين،
وتن ولهي ويس، لاهوتي لطيف چئي.

**ولهي :**

شيخ = غريباڻي

منگهاڻي = ميري، گندي، ڪني.

گنج، صفحو 554. برنش واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 9 بيت 36،

قليچ، داستان 9 بيت 36.

لغات لطيفي (قليچ) ولهي = ولهو ويس = غريباڻن ڪپڙن ۾،

ظاهريءَ ۾ نماڻا ۽ ضعيف.

قاضي، داستان 10 بيت 16، ولهي = ولها = غريب، ڪنگال.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر رامڪلي موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 9 بيت 26، ولهي = خالي، سکڻي، ڪنگال، سڃي.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 35، ولهي = غريباڻي لباس ۾.

ڏيپلائي، داستان 9 بيت 35.

قاسمي، داستان 9 بيت 36، ولهي = سکڻي، خالي.

انصاري، داستان 9 بيت 28، ولهي = غريب، ڪنگال.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 518، ولهي = (مونث) ڏکي، بکي، سڃي، ڏتڙيل، ولهي ويس = ولهي ويس سان، اباڻن ڪپڙن سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”ولهي“ متي ڪيترن ئي جائين تي آيو آهي. واحد/جمع مذڪر ”ولهو/ولها“ ۽ واحد/جمع مونث ”ولهي/ولهيون“ آهي جنهن جي معنيٰ اسان واري پاسي ڪني، گندي ۽ ميري ڪئي ويندي آهي.

ستُ آهي ”وتن ولهي ويس، لاهوتي لطيف چئي“

معنيٰ = هو، لاهوتي/جوڳي هلن ڦرن پيا ميري، گندي لباس/ڪپڙن ۾.

جملو = هوءَ تہ صفا ولهي آهي، نڪو وهنجي نہ ڪو سهنجي هلي پيئي ميرن جا مڻ ڪنيو.

جملو = فلاڻو ايڏو تہ ولهو آهي جو ڪپڙا چڪ تي وېندا اٿس تڏهن بہ نہ بدلائيندو آهي. ولهي ڪي چيو اٿم تہ اسان کي خوار نہ ڪر.

”ولهي“ ماڻهوءَ جو تعلق اميري غريبي سان ڪونهي. پلي ڪو شاهوڪار هجي، اوچا ريشمي ڪپڙا پيل هجنس پر جي اهي ڪپڙا ميرا ۽ گندا هوندا تہ چئبو،

جملو = فلاڻو آهي تہ وڏو ماڻهو پر صفا ولهو آهي.

هتي تہ جوڳين جي ڳالهہ آهي. اهي جوڳي جن لاءِ لطيف بادشاهہ فرمائي ٿو،

”وينــــي جـــــن ورهـــــ تيــــا، متـــــي ميــــري ســـــاڻ“

يا

لنگهــــ ڪديــائون لانــگ، مونـــي ڪـــن نـــ مســـحو“

بيت جي سمجهاڻي = هو (جوڳي) جيڪي هر رنگ (اندلث وانگيان) تي ويا آهن، انهن کي ڪپڙن سان پوي ئي ڪانہ (انهن کي ڪپڙن سان ڪا دلچسپي ڪانهي.) اهي جوڳي/لاهوتي ڪني/ميري لباس ۾ پيا هلن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر رامڪلي، داستان 12 بيت 1 جلد 3،

ايءُ ڏنو ئي ڏوهہ، جيئن رام ڪونين رحمان کي،
جو هاديءَ چيو حبيب تي، سو ڪلمو ڪهين نہ ڪوهہ،
اطيطن اندوهہ، ٿيندو ڏينهن قيام جي.

**اطيطن :**

شيخ = اطيطن کي، اتيتن کي، دنيا کي ترڪ يا تياڳ ڪندڙن کي، جوڳي فقيرن کي.

منگهاٽي = تمام گهٽو پريلن، پُر ٿيلن.

گنج، صفحو 589

ڪتاب "املهہ اڻتوريا"، صفحو 151 بيت 33، بيت آهي،

ڪيئن ڏنو ئي ڏوهہ، جيئن رام ڪونين رحمان کي،
جو هاديءَ چيو حق تي، سو ڪلمو ڪهن نہ ڪوهہ!
تن آديسين اندوهہ، ڪهڙو ڏينهن قيام جي.

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي. باقي "گنج" ۽ ڪتاب "املهہ اڻتوريا" وارو سلسلو هليو پيو اچي.

لفظ "اطيطن" جيڪو جمع آهي، ان جي صحيح پڙهڻي ۽ اچار "ط" سان نہ پر "ت" سان آهي جيئن ٻانهي خان شيخ صاحب هيٺ معنائن ۾ چيو آهي، "اتيتن"، اها درست پڙهڻي آهي. هي لفظ واحد "اتيت" پيش سان ۽ جمع "اتيتَ" زبر سان آهي. جنهنجي معنيٰ اسان جي لهجي ۾ آهي "تمام گهٽو پريل" پر اهو ڀاڻياٺ واري شيءِ لاءِ نہ چئبو. مثال طور ايئن ڪونہ چئبو تہ، "گلاس پاڻي يا شربت مان اتيت آهي" پر ايئن چئبو تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = مانيون هتي ڪنهن رکيون آهن؟ ماڪوڙين مان اتيت ٿي ويون آهن.

جملو = گرميءَ ۾ آئون تہ آراين مان اتيت ٿي ويندي آهيان.

جملو = اسين تہ گناهن مان اتيت آهيون. الله پاڻ مهر جي نظر ڪندو.

"اتيت" معنيٰ "ڀريل" پر اهو هاڪاري نہ پر ناڪاري ايندو.

يعني، "گناهن مان اتيت آهيون" چئي سگهجي ٿو پر، "ثوابن مان اتيت آهيون" نٿو چئي سگهجي. سٽ آهي،

"اتيتن اندوهہ، تيندو ڏينهن قيام جيٰ"

معنيٰ = (گناهن/عيبن) مان ڀريلن کي قيامت جي ڏينهن وڏو غم ۽ فڪر ٿيندو.

سر رامڪلي، داستان 12 بيت 9 جلد 3،

منجهہ محبت مچ، ٻهر ڏورا ڏوڙ سين،

ڇڏيائون ڇرُ لهي، ڪوڙ ڪُلڳڻ ڪچ،

اوڳڻ اوڏا نہ وئا، ڳڻ ڪيائون ڳچ،

جيئن سِڪن تيئن سچ، جيئن سڙن تيئن سنرا."

ڏورا :

شيخ = ميرا، گدلا.

منگهاٽي = اڇا، سفيد.

گنج صفحو 580، (ٻهر ڏوڙا ڏوڙ سين)

برنش واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شـوقيرامر، داسـتان 5 بيـت 8، (ٻهـر ڏوڏا ڏوڙ سـين، ۽ ”چـر“)
آهي.

قليچ، داستان 5 بيت 8، (شوقيرامر وارو)

آڏواڻي، داستان 5 بيت 8، (شوقيرامر وارو)

ڏيپلائي، داستان 5 بيت 8، (شوقيرامر وارو)

قاسمي، داستان 5 بيت 8، (شوقيرامر وارو)

هي بيت بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي، برٽش واري نسخي، قاضي، شهواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. ۽ جن نسخن ۾ اهو بيت آيل آهي. انهن ۾ بہ شيخ صاحب واري بيت کان مختلف صورت ۾ آيل آهي. لفظ ”ڏورا“ جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب ”ميرا، گدلا“ ڏني آهي، اها بلڪل متضاد معنيٰ آهي. ”ڏورا/ڏونرا“ جي اسان وٽ معنيٰ آهي، ”اڇا، سفيد“. هي لفظ سواءِ شيخ صاحب واري بيت جي، ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ آيل ناهي. ايتريقدر جو گنج، جيڪو شيخ صاحب جو ڪعبو آهي، ان ۾ بـہ لفظ ”ڏوڙا“ آيـل آهـي. بـاقي ٻيـن سـيني نسـخن ۾ لفـظ ”ڏوڏا“ آيل آهي. بيت، ”جنهن تڙ ڏونرون ڏون...“ واري صورتحال هوبهو آيل آهي. ڇو جو سر راڻي ۾ بـہ لفظ ”ڏورون ۽ ڏوڙون“ وارو تڪرار هـو گنج ۽ شيخ صاحب واري نسخي ۾، شيخ صاحب جو لفظ هو ”ڏورون“ ۽ گنـج جـو ”ڏوڙون“ هـو، ۽ هتـي بـہ شـيخ صـاحب ”ڏورا“ لکيـو آهي گنـج ۾ ”ڏورا“ آهي، جڏهن تہ منهنجي خيال ۾ صحيح لفظ وڃان ٿي ”ڏوڏا“ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڍڳ، انبار“ ۽ سٽ ٿيندي، ”منجهہ محبت مچ، ٻهر ڏوڏا ڏوڙ سين“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = اندر ۾ محبت جا مچ تا ٻرن ۽ ٻاهران مٺي ۽ ڏوڙ جا ڍڳ پايو تا هلن/نظر اچن. ٻيو اهم لفظ "چُرَ" آهي جيڪو شيخ صاحب واري بيت ۾ "چِرِ" آيل آهي ۽ لفظ "ڪلڳُ" پڻ تڪراري آهي.

بيت جي سمجهاڻيءَ لاءِ بيت جو درست شڪل ۾ هئڻ ضروري آهي.

سر بلاول، داستان 1 بيت 13، جلد 3،
سرڻن جي سڪ لاءِ، سانگ ڪنئي سردار،
جي ابڙي آيون آڏار، سي سنگ نہ ڏينديون سومريون.

## سُنگُ :

شيخ = محصول، لاڳ.
منگهاڻي = سون ۽ زيور رکڻ واري مخصوص ننڊي پيتي.
گنج صفحو 774 (سنڪ) برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 14،
"سرڻن جي سڪ لاءِ، سام ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي آڏار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون."
قليچ، داستان 1 بيت 14
سرڻن جي سڪ لاءِ، سام ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي آڏار، سي سار نہ ڏينديون سومريون.
لغات لطيفي (قليچ) سونگ = سونگ يا محصول وٺڻ وارا.
قاضي، داستان 1 بيت 12، (شوقيرام وارو) سونگ = محصول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر بلاول ناهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 14، (شوقيرام وارو) سونگ = ڏن، محصول.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 13، (شوقيرام وارو).

قاسمي، داستان 1 بيت 14، (شوقيرام وارو) سونگ = مهون

انصاري، داستان 1 بيت 15، (شوقيرام وارو) سونگ = محصول.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 284، سُنگَ = سونگ = محصول.

سنگ نہ ڏينديون = کو محصول يا کنهن ڏاڍي جو ڏنڊ نہ پرينديون.

لفظ "سُنگ" ۽ "سونگ" ۾ رڳو "و" جو ئي فرق ناهي، پر معنيٰ جي لحاظ کان بہ ٻئي لفظ ڌار ۽ مختلف آهن. لفظ "سونگ" جي معنيٰ "محصول" وغيره ٿي سگهي ٿي پر "سُنگ" ان ننڍي، نازڪ ۽ خوبصورت پيتيءَ کي چئجي ٿو، جيڪا خاص سونا زيور رکڻ لاءِ بنائبي آهي، جنهن جي مٿان نهايت حسين چٽسالي ۽ رنگن وغيره جو خوبصورت ڪم ٿيل هوندو آهي ۽ ان کي "سونگو" بہ چئجي ٿو ۽ ايئن "ناس" جي ننڍڙي دٻليءَ کي "سونگي" ٿو چئجي. سٽ آهي، "جي ابڙي آيون آڏار، سي سُنگ نہ ڏينديون سومريون". معنيٰ = جيڪي ابڙي (حاڪم) جي پروسي ۽ آسري وٽس آيل آهن، اهي سومريون پنهنجي ملڪيت ۽ زيورن جون پيتيون دشمن جي حوالي نہ ڪنديون. (جو جو هو محفوظ آهن. ابڙو سردار پنهنجي جان ڏيندو پر انهن (سومرين) کي دشمن جي حوالي نہ ڪندو) ۽ جيڪي سومريون ابڙي سردار وٽ سام آهن/پناهہ ۾ آهن انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عزتن ۽ دولتن جي لٽجڻ جو خطرو ٿي سگهي ٿو (ابڙي جي غير موجودگيءَ ۾ يا مارجي وڃڻ واري صورت ۾) باقي ساهہ پيل عورتن تي ڪهڙي محصول، لاڳ، ڏن، ڏنڊ جي ڳالهہ آهي؟

جملو = اهي غريب ڇا ۾ آهن. انهن وٽ سون جو سڄو سُنگُ آهي.

جملو = ڏيءَ کي ڏيج ۾ سون جو سُنگ ڏنو اٿس.

شيخ صاحب واري بيت جي پهرين سٽ ۾ لفظ "سانگ" آيل آهي:

سرڻن جي سک لاءِ، سانگ ڪنئي سردار،

جيڪا قليچ صاحب وٽ آهي، "سرڻن جي سک لاءِ، سار ڪنئي سردار" باقي ٻين نسخن ۾ آهي. "سرڻن جي سک لاءِ، ساهہ ڪنئي سردار." لفظ "سُنگ" سواءِ بلوچ صاحب جي ٻين نسخن ۾ "سونگ" آيل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پناهہ ۾ آيل عورتن جي سک/حفاظت لاءِ حاڪم (ابڙي) ڪين پناهہ ڏني ۽ جيڪي سردار جي پناري پيون اهي سومريون پنهنجي ملڪيت جون پيتيون دشمن جي حوالي نہ ڪنديون.

سر بلاول، داستان 1 بيت 17 جلد 3،

ابڙو اگامن ۾، سبڙ جيئن بيلي،

**سبڙ :**

شيخ = سبڙ هڪ سخي سردار جو نالو آهي. جيڪو ڪڇ رياست ۾ ڪڇ جي ڪنار سان "بيلي" نالي هڪ بيٽ تي حڪومت ڪندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهاڻي = هتي ٻيلي جي حاڪم ”سپڙ“ جو ذڪر آهي جنهن تي اڳيان هلي ڳالهائيندس ڇو جو هتي رڳو ابڙي سردار جي ٻيلي جي سخي حاڪم ”سپڙ“ سان هڪ جهڙائي ۽ مماثلت ڪيل آهي تہ. ”ابڙو اڳامن (هڪ قوم) ۾ ايئن آهي جيئن سپڙ ٻيلي ۾ آهي.“ جڏهن تہ اڳيان هن حاڪم (سپڙ) جو رسالي ۾ تفصيل سان ذڪر آيل آهي، جتي ئي تفصيلي سمجهاڻي ڏينديس.

سر ليلان، داستان 1 بيت 2 جلد 3،

مٺيو وجهي مٺيءَ ۾، هائيءَ وجهج هار،
سويي سڪ سيد چئي، ڪريين ڪوه قرار،
راجا ريساٽون گهٽو، سٽاٽو سردار،
ڇوڏس ڇنيسر ڇام جو، ڏيهان ڏيهہ ڏڪار،
ناڪر اکين نار، مٺيي تي تي مٺيين.

**هائيءَ :**

شيخ = ستن دوزخن مان صفا هيٺين تري واري دوزخ کي هائي (هاوي) چيو ويندو آهي.

منگهاڻي = آخري حد، ڇيهہ.

**سويي :**

شيخ = اي سويي، اي سوپيا يعني سونهن واري، اي بختاور (ليلان).

منگهاڻي = اي راڻي، اي حاڪمياڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 493، برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 4 (متيءَ ۾)

قليچ، داستان 1 بيت 4 (متيءَ ۾)

لغات لطيفي (قليچ) هائي = معنيٰ ناهي. سويي = سوييا سونهن واري يعني ليلان.

قاضي، داستان 1 بيت 4 (مٿيو وجهي مچ ۾) هائي = باهہ، اوڙاهہ، دوزخ، سويي = سونهن واري، بختاور.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 3 (مچ ۾) هائي = معنيٰ ڏنل ناهي. سويي = (سنسڪرت، شويا = سونهن، سوييا) سونهن واري، بختاور. جنهن صورت ۾ ليلا سوييا وان هئي، تنهن صورت ۾ شاهہ ڪيس سوييءَ جي لقب سان سڏي ٿو.

شهواڻي، داستان 1 بيت 3، هائي = ستن دوزخن مان هڪ جو نالو، ڳڌ، باهہ. سويي = اي سوييا واري.

آڏواڻي واري نسخي ۾ سر ليلان جي صفحن جي هيٺ متي ٽيڻ ڪري هي بيت ناهي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 4، (مٿيو وجهي متيءَ ۾)

قاسمي، داستان 1 بيت 4، (متيءَ ۾) هائي = ڪڌ، دوزخ جي هڪ حصي جو نالو. سويي = سوييا واري.

انصاري، داستان 1 بيت 3، (مچ ۾) هائي = باهہ، اوڙاهہ، دوزخ، سويي = سونهن واري، بختاور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 538، هائي = (عربي، حاوي) آوي، نهائين. (اصطلاح) باهه. صفحو 287، سوپي = سوڀ واري، بختاور.

لفظ "هائي" مون اڄ تائين ريڊيو، ٽي وي، اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ نه پڙهيو آهي، هي لفظ نج نبار جبل جو آهي ۽ اڄ به پرپور انداز ۾ ڳالهايو وڃي ٿو جنهنجي معنيٰ ڪو سمجهي ۽ پوءِ تشريح ڏي! ته ان جو ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿيئي.

سٽ آهي. "مٺيو وجهي مٺيءَ ۾، هائيءَ وجهج هار"

معنيٰ = موتيءَ کي ڌوڙ ۾ پائي. هار کي آخري حد تائين ڌڪي ڇڏ.

جملو = مهانگائي جيئن پوءِ تيئن وڃي وڌندي، غريبن سان هائي ٿي ويئي آهي.

جملو = ٻار کي اسڪول نه وڃڻ تان ايڏي مار ڏني اٿئي! تون به هائيون ٿي ڪرين.

ٻيو لفظ آهي "سوپي" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "سونهن واري، بختاور" ڏني آهي، لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ تمام وڏي عزت ۽ طاقت واري ماڻهوءَ کي سوپَو/سوپِي" چيو وڃي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي "حاڪم/حاڪمياڻي" سٽ آهي،

"سوپي سک سيد چئي، ڪرين ڪوهه قرار"

معنيٰ = اي راڻي/حاڪمياڻي، تون سک، آرام ڇو ٿي ڪرين؟

جملو = هن وٽ ڪيڏا سوپا ويا پر هن نه مڃيو.

جملو = اڃين ها ته توکي به گڏ وٺي وڃن ها. سوپي ڪونهي هو تو وٽ اڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد/جمع مونث ”سوئي/سوئيون“ ۽ واحد/جمع مذڪر، ”سوئيو/سوئيا“ آهي.

هي لفظ اڄ بہ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي پر ان جي معنيٰ اسان وٽ ”سونهن واري، بختاور“ ناهي.

بيت جي پهرين سٽ ۾ آيل لفظ ”متي“، ”مٽيو وجهي متيءَ ۾.... “ جيڪو گنج، شوقيرام، قليچ، ڏيپلائي ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ آيل آهي. جڏهن تہ قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي ۽ انصاري واري بيت ۾ لفظ ”مَڄ“ آيل آهي. ”مٽيو وجهي مَڄَ ۾...“

بيت جي سمجهاڻي = موتيءَ کي متيءَ ۾/ڪڌ ۾ وجي اڇلائي وجهہ ۽ هار کي آخري حد تائين تڏي ڇڏ. اي راڻي/حاڪمياڻي! تون ڇو پيئي سک ۽ آرام ڪرين؟ بادشاد (چنيسر) ڏاڍو ريس وارو ۽ سگهو حاڪم آهي. چوطرف، ملڪان ملڪ چنيسر ڄام جو ڌهڪاءُ/دٻدٻو آهي. اهڙي اڪين جي نار حڪمران کي تون موتيءَ تي ٿي بدلائين؟/برابر ڪرين؟

سر ليلان، داستان 1 بيت 26 جلد 3،

سيپيئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهين پتين سينگار،
ڍول تنين ڍار، هينيائون هلڻ جي.

ڍار :

شيخ = ڍار تي، رستي تي، ماڳ تي، طريقي تي.
منگهاڻي = ”ڍرڻ“ مٿان ڪان تيزيءَ سان هيٺ لهڻ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڍار" معنيٰ تيزيءَ سان هيٺ اچڻ/مٿان کان هيٺ ٿيڻ.
گنج، صفحو 491، برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 42.
قليچ، داستان 1 بيت 42.
لغات لطيفي (قليچ) ڍار = طرح، دستور، رستو.
قاضي، داستان 3 بيت 3، ڍار = رستو، نمونو، پنڌ، لاڙو، ماڳ، وٽ، پاسي.
گربخشاڻي، داستان 3 بيت 3، ڍار = (سنسڪرت، ڌارا) پنڌ، پيچرو، ماڳ، واٽ.
شهواڻي، داستان 3 بيت 3، ڍار = پنڌ، پيچرو، واٽ.
آڏواڻي، داستان 3 بيت 3، ڍار = تن جي ماڳ تي، واٽ تي.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 78.
قاسمي، داستان 1 بيت 41، ڍار = واٽ.
انصاري، داستان 3 بيت 3، ڍار = دستور، نمونو، پنڌ.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 217، ڍار = طرح، ڳائڻ جي لئي.
لفظ "ڍار" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڍار تي، رستي تي، ماڳ تي، طريقي تي" ڏني آهي ۽ ٻين شارحن بہ ان ئي قسم جون معنائون ڏنيون آهن. بلوچ صاحب جي ڏنل معنيٰ انهن کان مختلف آهي، جنهن "طرح ۽ ڳائڻ جي لئي" ڏني آهي. يعني هو صاحب پڻ اڳ وارن شارحن جي معنيٰ سان متفق ناهي.

منهنجو جيستائين معنائون ڏيڻ جو واسطو آهي تہ آئون انهن ئي لفظن جي معنائن سان اختلاف ڪريان ٿي جيڪي نہ رڳو منهنجي علائقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا آهن، يا منهنجا ٻڌل آهن پر جيڪي آئون پاڻ بہ ڳالهائيندي آهيان ۽ منهنجا بزرگ/مائٽ اڄ بہ ڳالهائيندا آهن ۽ ٻيو تہ آئون رسالي جي مرتب ناهيان، نہ ئي منهنجو هي ڪتاب لطيف جي سيني لفظن جون معنائون ڏيڻ يا درست ڪرڻ بابت آهي. بيت جي سمجهاڻي ڏيڻ مهل رڳو انهن ئي لفظن جون معنائون ڏنل آهن، جيڪي منهنجي علائقي/لهجي جا آهن، باقي ٻين سيني لفظن جون معنائون ساڳيون ئي آهن جيڪي شيخ صاحب ۽ ٻين محترم شارحن جون ڏنل آهن.

بيت ۾ آيل لفظ "ڍار" بہ آئون پاڻ ذاتي طرح ڳالهايان ٿي جنهنجي معنيٰ آهي "متي ڪان هيٺ لهڻ/اچڻ".

لفظ "اهرڻ" ۽ "ڍرڻ" ۾ اهو فرق آهي جو "اهرڻ" وارو آهستي آهستي هيٺ ٿيندو ويندو آهي ۽ اهو عمل جهلڻ جوڳو ۽ وس ۾ ايندڙ هوندو آهي پر "ڍرڻ" وارو عمل نهايت تيزي سان اڻ جهل ۽ وس کان ٻاهر ۽ جهلڻ جوڳو نہ هوندو آهي ۽ ايتريقدر تيزيءَ سان هيٺ ڪرندو آهي جو گهٽي تيزيءَ جي ڪري هو گولاٽيون ۽ ٻولاٽيون کائيندو هيٺ ڪرندو آهي. "اهرڻ" واري عمل ۾ توازن هوندو آهي پر "ڍرڻ" وارو عمل غير متوازن هوندو آهي. "اهرڻ" واري لاءِ چئبو،

جملو = جهليوس، جهليوس، اهري پيو.

پر "ڍرڻ" واري لاءِ چئبو،

جملو = ڪيئن جهليانس! جهلڻ منهنجي وس ۾ ئي نہ هو، ڍار ئي ايڏانهن هئي، سو ڍري ويو.

ايئن گهر ٺاهڻ مهل پاڻيءَ جي نيڪالي لاءِ پڇبو،

جملو = پاڻيءَ لاءِ ڍار ڪهڙي پاسي ڪجي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني مٿان ڪان تيزيءَ سان هيٺ لهڻ/اچڻ کي ”ڏرڻ“ ٿو چئجي.
سٽ آهي، ”ڏول ٿنين جي ڏار، هينياڻون هلن جي.“
معنيٰ = جيڪي نوڙت مان نمي هلن ٿيون، پرين انهن ڏانهن ئي تيزي سان/سڪ ۾ اچل سان لهندو آهي/ايندو آهي.
سٽ ۾ لفظ ”هيناڻون“ قابل غور آهي. ڇو جو ”ڏرڻ“ جو عمل بہ هيناڻين ڏانهن ٿيندو آهي. ڏار بہ هيناڻين ڏانهن ٿيندي آهي.
بيت جي سمجهاڻي = سيپئي سهاڳڻيون آهن، سپني جي ڳچين ۾ هار پاتل آهن. پرين جي ديدار خاطر انهن سوين، طرحين طرحين جا هار سينگار ڪيا آهن، پر پرين انهن ڏانهن ئي سڪ ۾ چاهت مان تڪو ڊوڙندو/تيزيءَ سان ايندو آهي، جيڪي نوڙت مان نمي هيناڻون هلن ٿيون. (جن ۾ ناز نخرو ۽ هٺ وڏائي ناهي هوندي).

سُر ليلان، داستان 1 بيت 33 جلد 3،
ڪوڙيين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙن سندو ڪانڌ،
مونکي ڏيل مَ ولها، تہ ورَ وجان نہ وڙواند،
مون ڳچيءَ ۾ پاند، تو چنيسر هٿ ۾.

## ڏيل :

شيخ = ڇڏ، وسار.
منگهاڻي = ڏِڪ، ڏکي ڇڏڻ، هٿ سان ڏکي پري ڪرڻ، ڏڪو ڏيڻ.

گنج، صفحو 491، برٽش واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 25.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مونکــي چــڏ مَ داســڙا، تـــ وچـــان نـــ وڻوانـــد،
مـــون ڳچـــيءَ ۾ پـــاند، تـــو چنيســـير هـــٿ ۾.

قليچ، داستان 1 بيت 25 (شوقيرام وارو)

قاضي، داستان 3 بيت 12 (شوقيرام وارو)

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 12 (شوقيرام وارو)

شهواڻي، داستان 3 بيت 12 (شوقيرام وارو)

آڏواڻي، داستان 3 بيت 12 (شوقيرام وارو)

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 70 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 35 (شوقيرام وارو)

انصاري، داستان 3 بيت 12 (شوقيرام وارو)

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 220، ڍيل = ڍيلڻ = ڍڪي پري ڪرڻ، گهٽ ڪري ڇڏڻ. ڍولا ڍيل مَ مون = اي پيارا مون کي پري نہ ڪر، گهٽ نہ ڪر.

"ڍيلڻ" جي معنيٰ آهي "هٿ سان يا ڪنهن بہ چيز سان ڌڪڻ. محض چوڻ سان نہ، پر عملي طرح پري ڪرڻ. جيئن ٻال کي ڌڪو ڏيئي ڍيلي ڇڏبو آهي.

جملو = درم ڳرو آهي. ڪٿي متان اچين، ڍيلائي ڍيلائي آڻجئين.

جملو = ٻال کي ٿوري هٿ جي سهسار ڏي تہ ٻال ڍلندو ڍلندو اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي جيئن لفظ "ڊيل" جي معنيٰ "ڇڏ، وسار" آهي اها اسان جي لهجي جي حساب سان درست ناهي.

بيت جي صورت ۾ اوهان ڏٺو تہ سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾ لفظ "ڊيل" آيل ناهي. شيخ واري نسخي جي سٽ آهي،

"مونکي ڊيل مَ ولها، تہ وجان نہ وڙواند"

ٻين نسخن ۾ اها سٽ هيئن آهي:

مونکي ڇڏ مَ داسڙا، تہ وجان نہ واٹواند"

مختلف نسخن ۾"شاھہ جو رسالو" اھڙين اوٹاين مان "ڪَنانَ تار" آهي جيڪي ڪڍڻ نڪو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ آهي نہ ئي ڪنهن هڪ علائقي جي ماڻهن جي پڄڻ جو ڪم آهي. لطيف نج نبار ڪلاسيڪل سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ لطيف ڪي سمجهڻ، سهيڙڻ ۽ چنڊڇاڻ لاءِ بہ انهن ئي ماڻهن جي گهرج ٿيندي، جن ڪي نج نبار ڪلاسيڪل سنڌي ٻولي ايندي هجي!

سر ليلان، داستان 1 بيت 44 جلد 3،

ڊولا ڪچاڙئا، ٻولايو ٻوڏ چئين،

آئون تو پيرانديان، ڪر موڙيو وَرَ اتيان.

**ٻولايو :**

شيخ = سڏيو، گهرايو.

منگهاٹي = منهن مقابل پنهنجي وات سان تو چوين، سامهون چوڻ، اڳيان چوڻ.

**ڪَرَ :**

شيخ = عضوا، لڱ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = آرس موڙڻ، آرس پچي.

گنج، صفحو 494، برٽش ميوزم واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 12.

قليچ، داستان 1 بيت 12.

لغات لطيفي (قليچ) ٻولايو = معنيٰ ڏنل ناهي.

قاضي، داستان 3 بيت 18، ٻولايو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 17، ٻولايو = سڏايو، ظاهر ظھور، وڏي واڪي.

شھواڻي، داستان 1 بيت 17، ٻولايو = چتايو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 17، ٻولايو = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 21.

قاسمي، داستان 1 بيت 12، ٻولايو = سڏايو.

انصاري 1 بيت 17 ٻولايو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 52، ٻولايو = ٻولائي = چتائي.

لطيف بادشاهہ جو فڪر ۽ پيغام يا شعر جي عظمت ۽ عروج تہ رهيو پنهنجي ماڳ، پر ڪيس ٻوليءَ، اچارن، لهجن ۽ اصطلاحن تي جيڪا دسترس آهي اها بہ هڪ اڻ ڇهي ڪهاڻي آهي. لفظ "ٻولايو" آئون پانيان ٿي تہ سواءِ لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ڪٿي ڳالهائڻ تہ گھوريو پر سمجھيو بہ نہ ويندو هوندو جيڪو اسين عام سمجھندا ۽ ڳالهائيندا آهيون. لفظ "ٻولايو" جي معنيٰ آهي: "منهن تي چوڻ" يعني بنا ڪنهن ٽياڪڙ جي آمهون سامهون طعنا مهڻا يا ٻيو ڪجھہ وڙهڻ جهڙو ڳالهاءِ، جيڪو اڻ سهنڍڙ هجي. يعني جي ڪو چوي تہ، "هن مونکي هيئن بدشد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ غلط سلط ڳالهايو آهي.“ تہ ٻيو ڪو چوي تہ، ”نہ نہ هو ايئن نہ چوندو. وچ وارا دليون ٿا ڦٽائين“ تہ هو جواب ڏيندو:

جملو = دليون ڦٽائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. هن پرپٺ ٿوري چيو آهي، هن پاڻ مونکي ٻولائي چيو آهي.

جملو = ٻين جو ڪهڙو ڏوهہ آهي، هو تہ پاڻ هنڌ هنڌ ٻيو ٻولائي چوي تہ اهو ڪم مون ڪيو آهي.

جملو = ڇوڪري پاڻ پيئي ٻولائي چوي تہ آئون فلاڻي سان شادي ڪنديس.

ٻيو لفظ آهي ”ڪَرَ“ جنهنجي معنيٰ مٿي جملن سان تفصيلي ڏني اٿم تہ ”ڪَرَ“ جي معنيٰ آهي ”آرس موڙڻ“ جڏهن تہ شيخ صاحب ”عضوا ۽ لڱ“ ڏني آهي. جيڪا منهنجي راءِ ۾ درست ناهي.

بيت جي سمجهاڻي = اي پرين، تون ڇالاءِ ٻيو مونکي منهن تي رَوت/ڦوٽ/ٻوڏ چوين؟ اي ڪانڌ، آئون تہ تنهنجي پيرن وٽان آرس موڙي ٿي اٿان/ نندون ڪري ٿي اٿان (سڪون واريون نندون).

سر ليلان، داستان 3 بيت 3 جلد 3،

جي مان موڙهي مت، تہ پاڻ سجاڻج سپرين،
اصل اواين جا، عيب ڍڪين تون ات،
اي پرين پنهنجي پت، جيئن ولهيون ڍڪين ولها.

**اواين :**

شيخ = گمراهہ يا پليل عورتن.
منگهاڻي = بيعقل ڇڙواڳ، بي سمجهہ آزاد عورتون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ولهيون :**

شيخ = اڪيليون، بي وارث عورتون، نڌڪيون، لونيون.

منگهاٽي = ڪنيون، ميريون، گنديون.

گنج، صفحو 486 (بيت ساڳيو)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 222 بيت 1168 (بيت ساڳيو)

شوقيرام، داستان 1 بيت 55

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سجاڻ سپرين،

اصل اواين جا عيب ڍڪين تون ات،

ايءَ پرِ تنهجي پت، جيئن ولهيون ڍڪين ولها.

قليچ، داستان 1 بيت 55 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) اواين = اوائي = توائي، بيفائدو، خراب وائي وارو، جنهن ۾ ڳالهہ جي فضيلت نہ ڪجي.

ولهي = سجي، سکڻي، پينو، مُني، نياڳي، بيڇڙي.

قاضي، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) اواين = موڳين، مورکن، ولها = غريب، ڪنگال.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) اواين = واحد اوائي (پراڪرت، اوايا/سنسڪرت، اوارتا = بنا وائيءَ جي) مورت، موڳي.

ولهيون = واحد، ولهي (سنسڪرت، و = بنا + رَسُ) بي جُسي، بي رونق، خالي، سکڻي، سجي، ضد، ونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شھواڻي، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) اواين = موڳين، بيوقوف زالن، ولھيون = بي جسيون، سڪٽيون.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) اواين = گمراھہ ٿيلن يا بيعقل عورتن، ولھيون = سڄيون.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 96 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 54 (شوقيرام وارو) اواين = موڳين، ولھيون معنيٰ ناھي.

انصاري، داستان 3 بيت 7 (شوقيرام وارو) اواين = موڳين، موورکن، ولھيون = ولھا = غريب، ڪنگال.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 32، اواين = اصل اواين جا = اصل ڪان وني تواين جا، صفحو 518، ولھيون = ولھي =(مونث) ڏکي، بکي، سڃي، ڏتڙيل، جيئن ولھيون ڏکين ولھا = اي ولھا! اي گھوٽ! جيئن تون نڌڻڪين بي وھين کي ڏکين، انھن جو پناھہ ۽ پردو ٿئين.

لفظ "اوائي" جي مٿي جملن سان سمجھاڻي ڏني اٿم. ھتي جمع صورت ۾ "اواين" آيل آھي جنھنجي معنيٰ شيخ صاحب "گمراھہ ۽ پليل عورتون" ڏني آھي. سر جمن، داستان 10 بيت 1 جلد 1، ست، "پاڙي ڏانھن پرينءَ جي، اجھہ مَ اوائي" ۾ لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ شيخ صاحب توائي، بي فائدو، بنا سڏ جي، اڻ ڪوٺيو" ڏني آھي. سر معذور، داستان 8 بيت 4 جلد 2 ست، "اذر نذر ايري، اوڳي اوائي" ۾ لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ شيخ صاحب "توائي، موڙھيل" ڏني آھي. سر ديسي، داستان 11 بيت 7 جلد 2 ست، "بِلاَ شَيخِ مَن يَمشِي فِي الطرِيقِ ڪَمَن يَمشِي فِي البَحرِ بِلاَسيفينَہِ اھڙي اوائي، ۾ لفظ "اوائيءَ" جي معنيٰ شيخ صاحب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٻري يا خراب وائي يعني ڳالھہ" ڏني آهي. ۽ هن مٿئين بيت ۾ آيل لفظ "اواين" جي معنيٰ شيخ صاحب "گمراهہ يا ڀليل عورتون" ڏني آهي. جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ، "اوائي/اوائو" اهڙي ماڻهوءَ کي چيو ويندو آهي جيڪو "ڇڙواڳ بيعقل، آزاد، بينوايو ۽ بي سمجهہ پنهنجي مرضيءَ وارو" هجي. سٺ آهي.

"اصـــل اوايـــن جـــا، عيـــب ڍڪيـــن تـــون ات"

معنيٰ = تون اصل ڪان/شروع کان وٺي ڇڙواڳ بيعقلن جا بي شمار عيب ڍڪين ٿو/پردو رکين ٿو. (جيئن ليلان، هار واري واقعي ۾ پاڻ کي ڇڙواڳ بيعقل ثابت ڪيو هو.)

ٻيو لفظ آهي "ولهيون" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "اڪيليون، بي وارث، نڌڻڪيون، لونيون" ڏني آهي، مٿي سر سهڻي، داستان 2 بيت 23 جلد 1 ۾ سٺ، "مري مَ ميهار، وٺاڻ ولهو مَ ٿيئي" ۾ لفظ "ولهو" جي معنيٰ شيخ صاحب "سڃو، خالي، پالهو" ڏني آهي. سر رامڪلي، داستان 2 بيت 7 جلد 4 سٺ، "وتن ولهي ويس، لاهوتي لطيف چئي،" ۾ لفظ "ولهي" جي معنيٰ شيخ صاحب "غريباڻي" ڏني آهي ۽ هن مٿين بيت ۾ جمع صورت ۾ لفظ "ولهيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "اڪيليون، بي وارث عورتـــون، نڌڪيـــون، لونيـــون" ڏنـــي آهـــي. مٿـــي لفـــظ "ولهي/ولهيون/ولها/ولهو" جي معنيٰ ڏني اٿم. هتي بہ اهائي ساڳي معنيٰ "ميريون، گنديون، ڪنيون" آهي. سٺ آهي. "اي ڀرين تنهنجي ڀت، جيئن ولهيون ڍڪين ولها" گنج ۽ برٽش واري نسخي کان سواءِ ٻين سڀني نسخن ۾ سٺ ۾ آيل لفظ "ڀرينءَ" بدران "ڀَرِ" آيل آهي يعني،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ايءَ پَــرِ تنهنجــي پــت، جيئــن ولهيــون ڍڪيــن ولهــا“

ٻر سٽ ۾ آيل لفظ ”پَرِ“ جي معنيٰ ٻہ انهن سيني شارحن ”پرين“ ڏني آهي. جن نسخن ۾ ڏکين لفظن جون معنائون آيل آهن/ڏنل آهن. جڏهن تہ لفظ ”پَـرِ“ نهايت طاقتور نموني سان سٽ ۾ آيل آهي پنهنجي مضبوط معنيٰ ”ريت، رسم، رواج، عادت“ سميت، جنهن جي معنيٰ الائي ڇو ”پرين“ ڏني ويئي آهي. بيت ۾ آيل لفظ ”پَـرِ“ آهي جنهنجي معنيٰ ”پرين“ نہ، ”رسم، ريت، رواج ۽ عادت“ آهي. لفظ ”پَرِ“ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون.

جملو = پنڻ فقيرن جي پَرِ آهي.

جملو = اسين پنهنجي وڏڙن جي پَرِ پاريندا سين. سٽ آهي،

اهـا پَــرِ تنهنجــي پــت، جيئــن ولهيــون ڍڪيــن ولهــا.

معنيٰ = اها عـادت/رسـم، تنهنجـو شـان ۽ عـزت آهـي جـو اي ڪانڌ! تـون ميريـون، ڪنيـون ڍڪيـن تـو/انهـن جـي پـرده پوشـي ڪريـن تو/پناهہ ڏين ٿو. لفظ ”ولهيون“ جملن ۾،

جملو = اهي پاڻ بہ ولهيون تہ سندن ٻار بہ ولها. منهن لِتا، نڪ اکيون ڪِنيون، ڏسندي الٽي ٿي اچي.

جملو = تـون تـہ صفا ولهـي آهيـن. ڪـم ڪرڻـو اٿئـي تـہ صـاف ستري ٿي ايندي ڪر.

بيت جي سمجهاڻي = اي پرين، منهنجي سمجهہ ۽ مت منجهي ويئي آهي تون پاڻ کي سجاڻ. (تہ تون ڪيڏو مهربان ۽ ڏاتار آهين) تون تہ اصل کان ئي بيسمجهہ، ڇڙواڳ بيعقلن جا بيشمار عيب ۽ اوڻايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍڪين ٿو، انهن جي پرده پوشي ٿو ڪرين. اي ڪانڌ، اها ئي رسم تہ تنهنجو شان آهي جو تون ميرين ۽ ڪنين تي پردو رکي پناه ڏين.

سر ليلان، داستان 3 بيت 23 جلد 3،
ڪارا ڪري ڪيس، متان ڪا منڌ حرصي،
ڪانڌ تنين جو ڪوڏيو، جي وتن ولهي ويس،
لالڻ ڏسي نہ لبيس، دليون پرڪي داسڙو.

**حرصي :**

شيخ = حرص ڪري، وڏائي ڪري.
منگهاڻي = شوق ڪري، ڪوڏ ڪري.
گنج صفحو 495 (بيت ساڳيو)
قليچ، داستان (29) (ڏنگين ۾)
ٻي متان ڪا ورسي، ڪارا پسي ڪيس،
ڍول پراهي تن ڪي، ولها جني ويس،
راڻيون نہ پسي لبيس، دليون پرڪي داسڙو.

هي بيت برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاري وارن نسخن ۾ موجود ناهي، نہ ئي مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي لغتن، "لغات لطيفي" ۽ "روشني" ۾ لفظ "حرصي" جي معنيٰ آيل آهي ـ ۽ اوهان ڏٺو تہ قليچ صاحب واري بيت ۾ پڻ لفظ "حرصي" موجود ناهي. جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "حرص ڪري، وڏائي ڪري"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني آهي ”حرص/هرس“ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون. ”حرص“ جي معنيٰ آهي ”شوق“ ۽ ”حرصي“ معنيٰ ”شوقين“.

جملو = ويچاريءَ حرص ڪري ڪپڙا سبايا پر پائڻ نصيب نہ ٿيس.

جملو = پٽ جي شاديءَ جا ايڏا حرص اٿئي تہ اٿي پرڻائينس.

بيت جي سمجهاڻي ڪهڙي ڏجي؟ جو رڳو ٻن نسخن ۾ آيل بيت ٻن صورت ۾ آهي.

سر ليلان، داستان 4 بيت 13 جلد 3،

هـلي هار وئـو، هو بهانو بوچ جو،
وَرَ تون تو ولهيون ڪريين، ڏوباسا ڏئو،
هٿان مون پئو، تون ڪمين نہ ڪانڌيلا سپرين.

**بوچ :**

شيخ = بڇڙائيءَ، بديءَ، گناهہ.

منگهاڻي = الزام، بهتان.

بمبئي ڇاپو، داستان 1 بيت 19 صفحو 298،

هـلي هار هـئـو، تيو بهانو بوچ جو،
وَرُ تو ولهيون ڪري، ڏوباسا ڏئو،
هٿان مون پئو، ڪمين نہ ڪانديلا سپرين.

هڪ اوائلي نسخو صفحو 204 (بيت بمبئي ڇاپي وارو)

قليچ، داستان 1 بيت 9 (بمبئي ڇاپي وارو)

لغات لطيفي (قليچ)، بوچ = بُڇ، بڇڙائي، بدي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 18،

هلـــي هـــار هئـــو، تيـــهہ ٻهـــانو ٻـــوچ جـــو،
ور تـــو تـــي ولهيـــون كـــري، ڏوباســـا ڏيـــو،
هتـــان مـــون پيـــو، كميـــن نـــہ كـــانديلا ســـپرين!،

هي بيت گنج، برٽش ميوزيم واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي ۽ پڻ بلوچ صاحب واري لغت "روشني" ۾ لفظ "ٻوچ" جي معنيٰ ناهي.

هي بيت لطيف جو آهي/ناهي؟ يا ان جي درست صورت كهڙي آهي؟ اهو مرحلو "بعد" جي ڳالهہ آهي، پر هن بيت جي ڇڪ ۽ خوشبو تہ كجهہ ٻيائي قصا ٿي ٻڌائي.

بيت ۾ آيل لفظ "ٻوچ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "بڇڙائيءَ، بديءَ، گناهہ" ڏني آهي، جيكا لاشڪ تہ شيخ صاحب لغات لطيفيءَ تان كنئي آهي. لفظ "ٻوچ" لسٻيلي ۽ كوهستان ۾ عام خاص ڳالهايو تو وڃي. مردن جي پيٺ ۾ عورتون وڏيڪ سمجهن ۽ ڳالهائين ٿيون.

جملو = هن ۾ كابہ بڇڙائي كانهي، غريب تي ٻوچ وجهي گنهگار كيو اٿن.

جملو = هوءَ كاري كانهي. بهانو كري كارپ جو ٻوچ وجهي تا زمين ڦرينس.

بيت جي سمجهاڻي = مشهور هار ٿي ويو پر اهو بهانو هو بهتان مڙهڻ جو/الزام هڻڻ جو. اي كانڌ! تون ميارون ۽ طعنا ڏيئي پيو ميريون ۽ عيب هاڻيون كرين. هتان تہ سڀ كجهہ منهنجي ٿي ٿيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اي صابر سپرين تون ٿورو بہ صبر نٿو ڪرين. (مونکي ٿوري بہ مهلت نٿو ڏين تہ آئون ڪا پنهنجي صفائي پيش ڪري سگهان.)

سـر ليـلان، داسـتان 4 بيـت 23 جلـد 3،
هـي جـي ڏوڻ ڏجـاٽيون، سـي الله ڪيـم اچـن،
منهـن تـي منيـون چنيـون، پرپـٺ پچـارون ڪـن،
تـن ڪاپـائتين، جيـڏيون مـون سـين جـاڙ ڪئـي.

## ڪاپائتين :

شيخ = ڪاپو ڪندڙ عورتن، سٺ ڪتيندڙ عورتن.
منگهاٽي = پورهتياڻين، مزدورياڻين، محنتياڻين.
بمبئي ڇاپو صفحو 302،
"هـي جـي ڏوڻ ڏنجـاٽيون، لله ڪيـم اچـن،
منهـن تـي منيـون چنيـون، پرپـٺ گلاٿـون ڪـن.
تنيـن ڪاپـائتين، جيـڏيون مـون سـين جـاڙ ڪئـي.
قليچ، داستان 1 بيت 32 (بمبئي ڇاپي وارو) (بيت ڏنگين ۾)
لغات لطيفي (قليچ) ڪاپائتين = ڪاپو ڪندڙ، پورهيو ڪندڙ.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 60 (بمبئي ڇاپي وارو)
هـي بيـت گنـج، برٽـش واري نسـخي، شـوقيرام، قـاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. بيت ۾ آيل لفظ "ڪاپائتين" جي معنيٰ شيخ صاحب"ڪاپو ڪندڙ عورتن، سٺ ڪتيندڙ عورتن" ڏني آهي، جيڪا منهنجي تر جي ٻوليءَ جي لحاظ کان درست ناهي، پر جيئن تہ اڳيان سچو سُر "ڪاپائتي" آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري هن بيت ۾ آيل لفظ ”ڪاپائتين“ جيڪو جمع مونث آهي، ان جي تصحيح ”سُر ڪاپائتيءَ“ ۾ ڪنديس.

سر ڏهر، داستان 1 وائي، سٽ 1 جلد 3،
لائي جا وڙن ڪي، سا ڪانڌ منهنجي ڪَورَ.

## ڪَورَ :

شيخ = خواهش، نوازش.

منگهاڻي = پَرُ، پاسو. تورو ڪرڻ معنيٰ پر وناڻ. ڪنهن جي پاسي ٿيڻ. گنج ۽ برٽش واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 وائي.

”لائي جا ورن ڪي، سا ڪانڌ منهنجي ڪورا“

ائين سڄي وائيءَ جا قافيا، ”ڪورا، مورا، تورا“ آهن ۽ جن به نسخن ۾ هيءَ وائي آيل آهي اها شوقيرام صاحب واري ئي آهي. سواءِ شيخ صاحب واري وائيءَ جي جنهنجو قافيو، ”ڪور، مور، تور“ آهي ۽ لفظ ”ڪَورَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب، ”خواهش، نوازش“ ڏني آهي.

هي لفظ متي سر جمن، داستان 5 بيت 6 جلد 1 سٽ ۾ آيل آهي:

”جيڏانهن قاتل ڪَورَ، اکيون اوڏانهن ئي ڪٽي“

ان هنڌ شيخ صاحب ان جي معنيٰ ”(رکڻ جي) جاءِ“ ڏني آهي ۽ هتي ساڳيئي لفظ ”ڪَورَ“ جي معنيٰ ”خواهش، نوازش“ ڏني آهي. جيئن مون متي عرض ڪيو آهي تہ، لفظ ”ڪَورَ“ اڄ بہ عام سمجهيو ويندڙ لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، ”پاسو ونڻ، پر وناڻ، طرف ٿيڻ“، جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اسين ”ڪناريءَ“ کي بہ ”ڪَورَ“ چئون. جملو = واٽ جي ڪَورَ وٺي پيو ويو ۽ اسين ”ڦار“ کي بہ ”ڪَورَ“ چئون. انب جي ڪور، روٽيءَ جي ڪَورَ ”وغيره ۽ ”پَرَ ونڻ، طرف ٽيڻ“ وغيره واري معنيٰ ۾ بہ لفظ ”ڪَورَ“ ڳالهائيندا آهيون.

جملو = فيصلو وري ڪھڙو ڪيائين، هُن ڏر جي ڪَورَ ڪري ويو.

جملو = مياري آهي تہ مياري آهي. اسين هرپرو بيواجبيءَ واري ڪَورَ ڪنهنجي بہ ڪونہ ڪريون.

وائيءَ ۾، ست ۾ آيل لفظن جو هڪ ٻئي سان ڪوبہ ربط ڪونهي. هر لفظ جڻ تہ ايڙميڙ جو مچ ٿيو آهي، جنهنجي ڪابہ معنيٰ نٿي نڪري.

سر ڏهر، داستان 3 بيت 21 جلد 3،
مَرڪئو مدينو، پڳا ڪوٽ ڪفار جا،
ڪفر ٿيو هيٺو، وڏيو دين رسول جو.

**مرڪئو :**

شيخ = سَرهو ڏسڻ ۾ آيو، خوش ٿيو.
منگھاٽي = فخر ڪيائين، ناز ڪيائين.
هي بيت گنج سميت ڪنهن بہ نسخي ۾ ناهي.

لفظ ”مَرڪيو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”سرهو ٿيو، خوش ٿيو“ ڏني آهي، اها معنيٰ لفظ ”مُرڪيو“ جي آهي. ”مَرڪڻ“ ۽ ”مُرڪڻ“ بہ ڌار لفظ آهن، جن جي معنيٰ بہ ڌار ڌار ۽ مختلف آهي. زبر سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مَرڪڻ“ جي معنيٰ آهي ”فخر ڪرڻ، ناز ڪرڻ، ترڻ“. ”مُرڪڻ“ جي معنيٰ آهي. ”سرهو ٿيڻ، خوش ٿيڻ، مشڪڻ“ آهي. سٽ آهي،

”مَـــــرڪئو مدينـــو، ڀڳــــا ڪـــوٽ ڪفـــار جـــا“

معنيٰ = ڪافرن جا ڪوٽ/قلعا ٽٽي ۽ ڀڄي ويا ۽ مدينو (شهر) ترڻ، فخر ڪرڻ ۽ ناز ڪرڻ لڳو. (حضرت محمد صلعم جي پيدا ٿيڻ ڏانهن اشارو آهي)

جملو = فلاڻي مَرڪندي نهي ٿي. سندس اولاد صالح آهي يلي مَرڪي.

اسان وٽ ڪوهستان ۾ هڪ چوڻي آهي. ”حَبِ (ندي) يلي مَرڪي، جو مَول (ندي) اتس ماءُ“ ـ چو جو حب نديءَ ۾ جڏهن مول نديءَ جو پاڻي اچي پوندو آهي ته هوءَ بود ۾ پرجي ناز منجهان لوڏا ڏيندي، مَرڪندي وَهندي آهي. پر هاڻي ته مَول بہ تاسيل آهي ته حب بہ اٻالي آهي. اميد تہ زير، زبر ۽ پيش جي ڪري لفظ جي معنائن وارا فرق چٽا نظر اچي ويا هوندا!

بيت جي سمجهاڻيءَ لاءِ بيت جي صورت واضح هئڻ گهرجي.

ســــر ڏهـــــر، داســــــتان 4 بيـــــت 6 جلـــــد 3،

جـــاڳڻ منجهـــان جـــس، آهـــي الله جـــن ڪـــي،
لاهـــي تـــو لطيـــف چئـــي، متـــان قلـــب ڪـــس،
ورنهـــ ڪجاهـــ وس، صبـــح ســـاڻ ســـيد چئـــي.

## ڪَسُ :

شيخ = زنگ، ڪٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاڻي = "ڪس" زنگ يا ڪٽ ناهي، بلڪ سائي رنگ جو "سِنهاريءَ" جهڙو لسو آهي جيڪو ٽامي ۽ ڪنجهي کي لڳندو آهي جيڪو "ملڻ ۽ مانجڻ" ڪان پوءِ لهي ويندو آهي ۽ ٽامو ۽ ڪنجهو جرڪي پوندو آهي. جڏهن تہ "زنگ ۽ ڪٽ" لوهہ کي لڳندو آهي جيڪو ان کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، يعني "ڪس" ۽ "زنگ، ڪٽ" هڪ ئي ساڳي ڳالهہ ناهي. بس هتي ايترو ئي چوڻو هيم.

سر ڏهر، داستان 4 بيت 12 جلد،
پرهہ ڦٽي رات ڳئي، جهيڻا ٿيا نڪٽ،
هاري وييئي وٽ، گهڻا هٽيندين هٽڙا.

**هاري:**

شيخ = اي هاري، اي ڪڙمي، اي راهڪ، اي ڪاشتڪار.

منگھاڻي = لفظ "هاري" مون پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي ماڻهن جي واتان نہ ٻڌو آهي، پر بين سيني شارحن ۽ لغتن ۾ ضرور ان جي معنيٰ پڙهي اٿم. هتي لفظ "وَٽَ" جي ڪري "هاري" زير موضوع ٿيل آهي.

**وٽ :**

شيخ = (زمين يعني ٻنيءَ جي) پوسل، آلاڻ، ريج.

منگھاڻي = فيض، روحاني طاقت.

گنج صفحو 649،

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 15،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3 بيت 15،

لغات لطيفي (قليچ) هاري = نياڻي، نادان زال، مجياڻي

وٺ = وندر" وراهہ، ورهاڱو، بخشش.

قاضي، داستان 3 بيت 15، وٺ = وندر، ساک، تحفو، ڀاڱو.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر ڏهر ناهي.

شهواڻي، داستان 3 بيت 15، وَٺَ = توشو عمري، نئين شئي.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 15، وٺ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 15،

قاسمي، داستان 3 بيت 15، وَٺَ = لذت، نئين شيءِ.

انصاري، داستان 3 بيت 15، وٺ = وندر، ساک، تحفو، ڀاڱو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 536، هاري = موڳي، موڙهل، مٺي. صفحو 498 وَٺَ = وٺ واري ڀاڱي ۾.

لفظ "وَٺَ" اهو ٺي ساڳيو لفظ آهي، جيڪو مٺي سر جمن، داستان 5 بيت 21 جلد 1 سٺ، "وٺ وٺ وٺيءَ ۾، مٺ مٺ منڌ ٻيو" ۾ آيل آهي. جتي مون لفظ "وَٺَ" جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي. مٿين بيت جي سٽ آهي:

"هاري ويئي وَٺَ، گهٽا هٺنديـن هٿـڙا"

سٽ جي معنيٰ ٻڌائڻ کان اڳ لفظ "هاريءَ" بابت ڪجهہ وضاحت ڪنديس. جيئن مون عرض ڪيو آهي تہ هي لفظ ذاتي طور مون پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي واتان پاڻ نہ ٻڌو آهي، پر لطيف سرڪار اهو لفظ الائي ڪيترا ڀيرا پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي، مثال،

هاري ڳيڙءِ هار... (ليلان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري مون هوتن سين (آبري)

هاري موٽ هتان (ديسي)

هاري ڪر همت (معذوري)

هاري حق رکيج (سوهڻي)

هاري پاڻ مَ هير (ڪاپائتي)

هاري ڪيئن هونهين (آبري)

ڇڏ هاري سڀ هجت (معذوري)

هاري هميرن جا... (مارئي) وغيره وغيره وغيره.

لغتن ۽ محترم شارحن جي ڏنل لفظ "هاري" جي معنيٰ "مُٺي، نياڳي، نادان، موڙهي" وغيره پيڻڻ ڪانپوءِ لڳو تہ اها معنيٰ ڪنهن حد تائين نهڪيل آهي، پر شيخ صاحب تہ سنئون سڌو "هاريءَ" جي معنيٰ "ڪڙمي ۽ ڪاشتڪار" ڏيئي لفظ "وَٽَ" جي معنيٰ "زمين جو ريج" ڏني آهي. سٽ آهي،

"هـــاري ويئـــي وٽ، گهڻـــا هٿنديـــن هتـــڙا"

معنيٰ = اي نادان! نياڳي! توکان (سيپئي) فيض/روحاني قوت هلي ويئي آهي. هاڻي پڇتاءُ وارا هٿ گهڻائي هڻندينءَ.

لفظ "وَٽَ" اسان وٽ اهڙي روحاني قوت کي چئبو آهي، جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ کي خواب ۾ ڪنهن اولياءَ/بزرگ هستيءَ کان ملندي آهي، جيڪا "ڦيٽو، پاڻي، دعا ۽ تعويذ" وغيره ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي. جنهن ڪانپوءِ "وَٽَ" مليل ماڻهوءَ جي، سڳي ڌاڳي، ڦيٽي ڇنڊي مان فائدو ٿيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي ڪي بزرگ اولياءَ پاران خواب ۾ وٽ مليو آهي، هاڻي سندس دعا ڦيٽي ۾ اثر آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پرهه ڦٽي ويئي آهي، رات هلي ويئي آهي ۽ تارا بہ سڀيئي جهڪا ۽ مبهم ٿي ويا آهن. اي نياڳي نادان، توکان سڀيئي روحاني طاقتون هلي ويون آهن، هاڻي تون پڇتاءُ وارا گهٽا ٿي هٿ هڻندينءَ.

سر ڏهر، داستان 5 بيت 3 جلد 3،
وڳر اڪيري، سَرُ سارئو سور چري،
جُهري جهڄندي ڏي، سنيها ڪي سڄڻين.

وڳر :

شيخ = وڳر ڪي، ولر يا ٽولي ڪي.
منگهاڻي = خاندان ڪٽنب.
گنج صفحو 336، (سور چري).
برٽش ميوزيم (لنڊن) واي نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 4 بيت 2، (سور چڙي).
قليچ، داستان 4 بيت 2، (سور چڙي).
لغات لطيفي (قليچ) وڳر = معنيٰ ناهي.
قاضي، داستان 4 بيت 2، (سور چري) وڳر = معنيٰ ناهي.
گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر ڏهر ناهي.
شهواڻي، داستان 4 بيت 2، (سور چري) وڳر = معنيٰ ناهي.
آڏواڻي، داستان 4 بيت 2، (سور چري) وڳر = ميڙ پکين جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 4، (سور چڙي).

قاسمي، داستان 4 بيت 2، (سور چري) وڳر = پکين جو ميڙو.

انصاري، داستان 4 بيت 2، (سور چري) وڳر = معنيٰ ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 516، وڳر = پکين جو پاڻ ۾ گڏ گذارڻ ۽ گڏ اڏامڻ وارو ولر.

لفظ "وڳر" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "ولر يا ٽولو" ڏني آهي. ۽ ٻين پڻ اهائي معنيٰ "ولر، ميڙ" ڏني آهي. پلي جن بہ لفظ "وڳر" جي اها معنيٰ ڏني آهي، پر هتي لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ "وڳر" "خاندان ۽ ڪٽنب" کي چئجي ٿو.

جملو = فلاڻي وڏي وڳر واري آهي، ان تي ٿي مَرڪي ۽ ٺڏي.

جملو = هن کي غريب ۽ نڌڻڪو نہ سمجهو، اهو وڏي وڳر وارو آهي.

باقي ايئن نہ چئبو تہ، "ماڻهن جو وڳر پيو ويو" يا "پکين جو وڳر پيو ويو" لطيف پاڪ فرمائي ٿو.

"وڳـــر ڪيـــو وتـــن، پـــرت نـــہ ڇنـــن پـــاڻ"

معنيٰ = هڪ ڪٽنب هڪ خاندان وانگر ٿيون هلن ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻي سان محبتون ٺوڙين ۽ ڇنن نٿيون.

متئين بيت ۾ سٽ آهي، "وڳر اڪيري، سَرُ ساريو سور چري"

معنيٰ = ڪٽنب لاءِ سڪايل، ڏينون ۽ پاڻي ياد ڪري پيئي سور سهي.

بيت ۾ آيل لفظ "چَـري". قاسمي صاحب واري نسخي ۾ "چري" آيل آهي. شوقيرام، قليچ ۽ ڏيپلائيءَ وارن نسخن ۾ "چڙي" آيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي باقي ٻين نسخن ۾ ”ڇَري“ آيل آهي. بيت ۾ لفظ ”سَر“ آيل آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ان فصل جي لاباري ڪانپوءِ سلن جون رهيل ڪتون، پاڙون ۽ سنگ، ڪانگڙ“ ڏني آهي. جڏهن تہ ٻين ”سيني شارحن لفظ ”سَرَ“ جي معنيٰ، تلاءُ/ڍنڍ“ ڏني آهي جيڪا ٺي درست آهي.

1. جہ سَرُ ليي سيرو. 2. سر ۾ سارينئي. 3. سپ پريائون سَرَ.

4. سَرُ سڪو سونگي گيا. 5. سونهن سَرءِ ٻين بہ ڪيترن هنڌن تي، لفظ ”سَرَ“ گهڻي ڀاڱيءَ واري معنيٰ ۾ آيل آهي.

بيت جي سمجهاڻي = پنهنجي ڪتب لاءِ اڪنديل (ڪونج ڀاڱيءَ جا تلاءُ ۽ ڍنڍون ياد ڪري پيئي سور سهي. جهرندي، ٽٽندي، ڳرندي پيئي محبوبن ڏانهن نياپا موڪلي.

سـر ڏهـر، داسـتان 5 بيـت 18 جلـد 3،
آيـون ڍور ڍري، اصـل سـندي آسـري،
ڪريهـر پـونءِ ڪـري، پيـر ڏکويـا پکڻيـن.

**ڍري :**

شيخ = لهي.

منگهاڻي = وڏي تعداد ۾ اچڻ، گهڻي انداز ۾ اچي ڪاهہ ڪرڻ، ڪڙڪي پوڻ.

**ڪري :**

شيخ = سخت، ڪريل، خراب.

منگهاڻي = ڪرون/رهڙون ڀاڻي پيرن ۾ رهڙون وجهي (پير پٿون ڪيا)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 637 ۽ 638.

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.

شوقيرام، داستان 4 بيت 14،

قليچ، داستان 4 بيت 14،

لغات لطيفي (قليچ)، ڍري = ڍرڻ، ڍرو ٿيڻ، لهڻ.

ڪري = سچي، پڪي.

قاضي، داستان 4 بيت 14، ڍري = معنيٰ ناهي، ڪري = پوري، سچي، پڪي.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر ڏهر ناهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 13، ڍري = معنيٰ ناهي. ڪري = سخت، صحيح.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 13، ڍري = معنيٰ ناهي. ڪري = سخت.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 17،

قاسمي، داستان 4 بيت 14، ڍَري = معنيٰ ناهي، ڪري = سخت.

انصاري، داستان 4 بيت 13، ڍري = معنيٰ ناهي. ڪري = پوري، سچي، پڪي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 218، ڍري =(ڍرو ٿيڻ) آهستي آهستي هلندڙ، پوئتي پيل، پوئتي رهجي ويل.

صفحو 377 ڪري = ڪريهڙ پوڻ، ڪري = ڪرڙي واري بلڪل پڪي زمين. قافين جو تعين ڪرڻ ڪانپوءِ هي بيت ٻہ صورتون اختيار ڪندڙ بيت آهي، هڪ تہ، ڍَرِي ۽ ڪَرِي" ۽ ٻي آهي "آسري ۽ ڪري" جڏهن تہ لفظي لحاظ کان بيت جي مفهوم ۽ معنيٰ موجب ۽ هڪ شاعر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت سان منهنجي ذاتي تجزئي مطابق بيت جو قافيو ”آسري ۽ ڪري“ آهي. لفظ ”ڪري“ جي معنيٰ ڪان اڻواقفيت جي ڪري ان کي ”ڪرِي“ سمجهي معنائون ڏنيون ويون آهن ۽ بيت ۾ آيل لفظ ”ڍري“ ڪيترن نسخن ۾ پيش سان ”ڍُري“ آيل آهي. جنهنجي معنيٰ سواءِ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ٻي ڪنهن بہ نہ ڏني آهي ۽ ٻنهي جي ڏنل معنائن جا فرق بہ پاڻ ڏسي تا سگهو. شيخ صاحب چوي ٿو تہ. لفظ ”ڍُري“ جي معنيٰ آهي، ”لهي“ ۽ بلوچ صاحب چوي ٿو تہ لفظ ”ڍري“ جي معنيٰ آهي، ”ڍرو ٿيڻ، آهستي آهستي هلندڙ، پوئتي پيل، رهجي ويل“

ٻنهي صاحبن جون ڏنل معنائون واضح طور تي مختلف آهن. جنهن مان اهو ثابت ٿيو تہ لفظ ”ڍري“ جي معنيٰ ڪان ٻئي صاحب متفق ناهن. هي لفظ مٿي سر ڪنيات، داستان 2 بيت 37 جلد 1 سٽ ۾،

”ڍڪــيءَ هلــي ڍَرَ، تــہ ڪــرن ڪــي خبــر نــہ ٿيئــي“

جتي لفظ ”ڍَرَ“ جي معنيٰ ”پهچ، رس“ ڏني آهي ۽ هتي ”لهي“ ڏني آهي.

دنيا ۾ جيڪا بہ ٻولي قديم هوندي آهي، اها نهايت ئي وسيع ۽ حساس هوندي آهي، ۽ خوشقسمتيءَ سان قائم، دائم ۽ ماڻهن جي واهپي ۾ بہ ڀرپور رهيل هجي تہ پوءِ اها پهاڪي پيل پراڻي شراب وانگيان پنهنجو مَتُ پاڻ ئي هوندي آهي، جنهن جو نشو ۽ خمار اهيئي ماڻي سگهندا آهن جن کي اها نصيب ٿيندي آهي. سنڌي ٻولي بہ اهو ئي پهاڪي پيل پراڻو شراب آهي، پر شرط اهو تہ، اها ڪنهنجي نصيب ۾ آئي آهي؟ ڪنهنجي ستيءَ منجهہ ملي آهي؟ ڪنهن ٻنڌڻ/تنجڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينگهي جي لوڏي ۾ ماڻي آهي؟ ڪنهن کي اها ٻولي، لولي ٻنجي بخت ۾ ملي آهي؟

اهو ئي ماڻهو حساس ۽ خبردار هوندو آهي پنهنجي ٻوليءَ جي معاملي ۾ ۽ اهو ئي ماڻهو زير زبر ۽ پيش سان بدلجي ويندڙ لفظن کي سجاڻي ۽ حظ ماڻي سگهندو آهي. جيئن "ڊِرڻ ۽ ڊَرڻ".

"ڊِرَڻَ" جي سمجهاڻي مٿي سر ليلان، داستان 1 بيت 26 سٽ،

"ڊوليـــو تنيـــن ڊار، هيٺـــائون هلـــن جـــي."

۽ لفظ "ڊَرڻ" جي سمجهاڻي سر ڪنيات، داستان 2 بيت 37 جلد 1 واري سٽ، "ڊڪيءَ هلي ڊَرُ، تہ ڪرن کي خبر نہ ٿيئي" ۾ ڏني اٿم.

منهنجي خيال ۾ بيت ۾ آيل لفظ "ڊَرِي" آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "وڏي انداز ۾ مسلسل اچڻ. يا ڪاهہ ۽ حملو ڪرڻ، ڪڙڪي پوڻ"

مثال جي گهڻو ۽ مسلسل سيءُ پوندو تہ بہ چئبو،

جملو = اڄي جو سيءُ ڊَريو آهي، اسين تہ ڏڪي مئاسين.

مينهن گهڻو پوندو تہ بہ چئبو،

جملو = جيئن مينهن ڊريو آهي، تيئن وار ئي نٿو ڏي تہ ڪو ٽپڙ ٽاڙي سگهائجي.

ڪنهن کي گهڻو ۽ مسلسل بخار هوندو تہ بہ چئبو،

جملو = فلاڻي کي جيئن تپ ڊريو آهي تہ ساهہ بہ کڻڻ نٿو ڏي.

هي لفظ واحد/جمع موئنث، ڊَرِي/ڊريون" ۽ واحد/جمع مذڪر "ڊريو/ڊريا" آهي.

ٻيو لفظ آهي "ڪَرِي يا ڪَري" ۽ ضرور لفظ "ڪرَي" جي ان معنيٰ ڪان سواءِ لسبيلي ۽ ڪوهستان جي ماڻهوءَ جي ٻيو ڪوبہ واقف نہ هوندو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنھن ۾ اسين (لاسي ۽ ڪوھستاني) ڳالھايون ٿا ۽ بيت ۾ آيل لفظ "ڪَري" آھي. "ڪَرِي" نہ. جنھن جي معنيٰ تي بہ سيئي شارح متفق ناھن.

شيخ صاحب چوي ٿو لفظ "ڪَرِي" معنيٰ "سخت، ڪريل، خراب" آھي. قليچ چوي، "پوري، سچي، پڪي" شھواڻي چوي، "سخت، صحيح" آڏواڻي چوي، "سخت" قاسمي چوي، "سخت" انصاري چوي، "پوري، سچي، پڪي" بلوچ چوي، "پڪي زمين" جڏھن تہ لفظ "ڪَرِيءَ" جي لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ معنيٰ آھي "باخبر، ڄاڻندڙ"، جنھنجي سمجھاڻي مٿي سر ڪاھوڙيءَ ۾ ڏني اٿم. (ڪاھوڙي ڪرا...) پر ھن مٿيئن بيت ۾ لفظ "ڪَرِي" نہ، پر لفظ "ڪَري" آيل آھي، جنھنجي معنيٰ آھي، "ڪرون وجھڻ، رھڙون پائڻ" جي ڪنھن ماڻھوءَ کي رھڙون پاتل ھونديون تہ چئبو، "ڪِٿان (ڪٿان) پاڻ کي ڪَري آيو آھين؟"

جملو = مونکي خبر ئي ڪانہ پيئي. رات ھئي، ڪندا بہ ھئا، زمين بہ کھرڙي ھئي، سو سڄو ڪَرِجي، ڪَرِين مان پرجي ويو آھيان.

بيت ۾ ٽيون اھم لفظ بہ آھي، جيڪو شيخ صاحب واري بيت ۾ "ڪريھر" آھي، جنھنجي معنيٰ ھن ڏني آھي "ڪريھر جي (ڪريھر ڪڇ رياست جو ھڪ ٻيٽ آھي. جنھن کي قديم زماني ۾ سنڌو درياھ جا پراڻا وھڪرا پاڻي پھچائي آباد ڪندا ھئا. پر بعد ۾ درياھ جي وھڪري ڦيرائڻ ڪري ويران رھندو اچي ۽ زمين سخت ٿي ويئي آھي)

قليچ واري بيت ۾ "ڪري ھر" آھي ۽ ان جي معنيٰ لغات لطيفي ۾ ناھي. قاضيءَ واري بيت ۾ "ڪڙي ھر" آھي ۽ معنيٰ ڏنل ناھي.

شھواڻيءَ واري بيت ۾ "ڪِنيڙ" آھي جنھنجي معنيٰ "ڪنب" ڏنل آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻيءَ واري بيت ۾ ”ڪنير“ آهي جنهنجي معنيٰ ”ڪنيراٿين“ ڏنل آهي. قاسميءَ واري بيت ۾ ”ڪري هر“ آهي ۽ معنيٰ ”گاھ واري زمين“ ڏنل آهي. انصاريءَ واري بيت ۾ ”ڪڙي هر“ آهي ۽ معنيٰ ڏنل ناهي.

۽ بلوچ صاحب جي لغت ”روشنيءَ“ ۾ ”ڪريهڙ“ آهي ۽ معنيٰ ”ڪرڙيءَ واري بلڪل پڪي زمين“ ڏنل آهي.

يعني ڪنهن ۾ هڪ لفظ تي ۽ ڪنهن ۾ هڪ معنيٰ تي ڪو ٻه هڪ شارح متفق ناهي، ان جي معنيٰ اها تي تہ، اهي سيئي لفظ ۽ انهن جون ڏنل سيئي معنائون حقيقت سان واسطو نٿيون رکن.

اسان وٽ (لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾) اهڙي زمين جيڪا ناهموار، هيٺ مٿي، سخت ۽ پٿرائين هجي ان کي ”ڪَهُرَڙي يا ڪَرِيڙي زمين“ چئبو آهي، ۽ هن بيت جي سٽ ۾ اهي ٻئي لفظ ٺهڪي تا اچن، يعني،

”ڪهرڙيءَ پونءِ ڪَري، پير ڏکويا پڪٽين“

معنيٰ = ڏکي ڪهريءَ زمين پکين جا پير رهڙي ڏکوئي ڇڏيا.

يا سٽ،

”ڪَرِيڙيءَ پونءِ ڪَري، پير ڏکويا پڪٽين“

معنيٰ = ناهموار پٿريلي زمين، رهڙي پکين جا پير ٿي ڦٽي وڌا.

فيصلو اسان سيني کي گڏجي ڪرڻو آهي تہ بيت ۾ ڪهڙا لفظ آيل آهن ۽ پوءِ گڏجي بيت جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏبي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر ڏھـر، داسـتان 6 بيـت 8 جلـد 3،
ڏڻ ڏارڻ ڏار رھـڻ، اِيءَ نـہ سـنگھارن سـٽ،
ڪـاھي ايندا ڪـڏھن، مٿـي وانـڍ وھـٽ،
جـي ھـاٽو ھونئـي مـٽ، تـہ پـہ اَڏو لاھـہ مَ ان جـو.

**سنگھار :**

شيخ = مالوند (اھي ماڻھو جيڪي چوپائي مال جي سنڀال لاءِ ڪڏھن ڪٿي تہ ڪڏھن ڪٿي وڃي رھندا آھن.)

منگھاڻي = ھشيار، ھنرمند، اوتاتا، ڪٽي مان بہ ڪرڻ وارا سگھڙ.

**سِٽ :**

شيخ = ريت، پر، دستور.

منگھاڻي = آئندھ لاءِ سنڀالي رکڻ، تنظيم.

**وانڍ :**

شيخ = (جھنگ جي) وٿاڻ، پاڻيءَ جي ڪُڏ.

منگھاڻي "وانڍا" اھي ماڻھو جيڪي مال جي سک سانگي گھر ۽ ڳوٺ کان پري گذاريندا آھن.

**ھاٽو :**

شيخ = چور، ڌاڙيل، چوپايو مال ھٽندڙ (چوري ڪندڙ)

منگھاڻي = ڄاتل سڃاتل، بي تڪلف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج صفحو 643 ۽ 644 (متي وانديءَ وهٽ)

برٽش ميوزيم (لنڊن وارو نسخو صفحو 234 بيت 1230.

شوقيرام. داستان 4 بيت 28 (متي وانديءَ وهٽ)

قليچ. داستان 4 بيت 28 (متي وانديءَ وهٽ)

لغات لطيفي (قليچ). سنگهارن =سنگهار = ڏنار. مال وارا، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو.

سٽ = رٿ، ٺهراءُ، ارادو، دستور. وانديءَ = هيڪلي جاءِ، جهنگ جو وٿاڻ، پاڻيءَ جو ڍورو. هاٽو = چور، ڦورو، مال هٽڻ وارو.

قاضي. داستان 4 بيت 27 (متي وانديءَ وهٽ) سنگهار = مال وارا، پاڳيا. سٽ = سٽاءُ، جوڙ، طرح. وانديءَ = ننڍڙو ڳوٺ، واند. هاٽو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر ڏهر موجود ناهي.

شهواڻي. داستان 4 بيت 27 (متي وانديءَ وهٽ) سنگهار = معنيٰ ناهي.

سٽ = سٽاءُ، جوڙ، ڪم، دستور. وانديءَ = هيڪلي جاءِ، جهنگ جو وٿاڻ، ڍورو.

هاٽو = چور، ڌاڙيوال، مال هٽندڙ.

آڏواڻي. داستان 4 بيت 27 (متي وانديءَ وهٽ) سنگهارن = ڏنارن.

سٽ = دستور. وانديءَ = اڪيلي هنڌ. هاٽو = سگهارا.

ڏيپلائي. داستان 4 بيت 24 (متي وانديءَ وهٽ)

قاسمي. داستان 4 بيت (متي وانديءَ وهٽ) سنگهارن = ڌنارن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستَ = رٿ. وانڍ = اڪيلي جاءِ. هاٽو = ڦورو، چور.

انصاري، داستان 4 بيت 27 (متي وانڍ وهٽ) سنگهار = مال وارا، پاڳيا.

ستَ = سٿاءُ، جوڙ، طرح. وانڍ = ننڍڙو ڳوٺ، وانڍ. هاٽو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 284 سنگهار = مالدار، گهڻي مال (مينهن، ڳائن، رڍن، ٻڪرين) وارا.

صفحو 259، ستَ = سٿاءِ، ريت (اها ريت جو وس ۾ مال وارا سنگهار سدائين گڏ گذاريندا) ايءَ نہ سنگهارن ستَ = انهن وٽ اها ريت ئي ڪانهي (جو ڏڻ ڌارين ۾ اڪيلا جدا جدا ماڳن تي رهن)

صفحو 595، وانڍ = (جمع) وانڍيون = ڍنگر، ڍار، عارضي بستي (جتي مال وارا گاهہ جي سانگي مال سان گڏ رهن) متي وانڍ وهٽ = وانڍ تي (مال ڪاهڻ لاءِ) گهوڙن سان حملو.

صفحو 537، هاٽو = زوريءَ مال ڦري ڪاهي ويندڙ، مال هڪلندڙ، مال جو ڌاڙ ڪندڙ. جي هاٽو هونئي مٿ = جيڪڏهن ڌاڙي وارا تنهنجا مائٽ هجن.

پهرين لفظ آهي "سنگهارن" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب "مالوند (اهي ماڻهو جيڪي چوپائي مال جي سنڀال لاءِ ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي وڃي رهندا آهن) ڏني آهي، جيڪا معنيٰ لفظ "سنگهارن" جي نہ، پر لفظ "وانڍن" جي آهي، جيڪي مال جي گاهہ پاڻي ۽ سک خاطر پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن کان پري جهر جهنگ ۾ مال سان گڏ گذاريندا آهن. لفظ "وانڍو/وانڍا/وانڍي/وانڍيون/وانڍن" جي جملن سان تفصيلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهاڻي متي سر سارنگ، داستان 3 بيت 2 جلد 1 ۾ ڏني اٿم. جتي لفظ ”سنگھاريون“ پڻ آيل آهي، جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب اتي ”مالوندن جون زالون“ ڏني آهي ۽ لفظ ”سنگھارن“جي معنيٰ تقريبن سيني محترم شارحن ”مالوند، مال وارا، مال دار، ڀاڳيا“ وغيره ڏني آهي. هي لفظ واحد/جمع مذڪر ”سنگھارُ/سنگھارَ“ ۽ واحد/جمع مؤنث ”سنگھارِ/سنگھاريون“ آهي، جيڪو لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”هشيار، سگھڙ، هنرمند ۽ ڪٽي مان ٻه ڪٽا ڪرڻ وارن“ کي چئبو آهي.

جملو = فلاڻي سنگھار آهي. وجي تہ ڏسو ٿوري مان گھڻو ڪري گھر کي گڏي بنائي ويني آهي.

ٻيو لفظ آهي ”سِٿَ“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”ريت، پر، دستور“ ڏني آهي. جيڪا پڻ درست آهي. پر لفظ ”سِٿَ“ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ هڪ ٻي معنيٰ ۾ بہ ڳالهايو وڃي ٿو ۽ لطيف سرڪار پڻ ان ئي اسان جي معنيٰ ۾ لفظ ”سِٿَ“ هن مٿئين بيت ۾ آندو آهي، جيڪا معنيٰ آهي، ”ايندڙ وقت لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ سنڀالي، بچائي رکڻ، تنظيم ڪرڻ“ يعني چانھ ۾ بہ چمچا کنڊ جي ذرڙي بہ بچائڻ ۽ اهڙي طرح پيسو پنجڙ يا ضرورت جي ڪانہ ڪا شيءِ بچائي آئنده لاءِ رکڻ واري کي ”سٿائتو“ چئبو آهي. واحد/جمع مذڪر ”سٿائتو/سٿائتا“ ۽ واحد/جمع مونث ”سٿائتي/ سٿائتيون“ آهي.

جملو = هو سٿائتي آهي، هر شيءِ سِٿَ ڪري بچائي رکندي آهي. اوهان وانگي ٻي سٿي ڪانهي جو هاري هوري سڄ ڪري.

جملو = هو سٿائتو آهي ذري ذري گھر آڏيندو آهي پر سندس زال ٻي سٿي آهي، گھر پينگ ڪري ويني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٿ آهي:

”ڏڻ ڏارڻ ڏار رهـــڻ، ايءَ نـــه ســـنگهارن ســـِــٿ“

معنيٰ = مال پالي پوءِ وري جُدا رهڻ اها هنرمند وٿ تنظيم ٿي ناهي. ٽيو لفظ آهي ”واند“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”(جهنگ جي) وٿاڻ، پاڻيءَ جي ڪَڌ“ ڏني آهي.

قليچ ۽ شهواڻي ”هيڪلي جاءِ، پاڻيءَ جو ڍورو“

قاضي ۽ انصاري ”ننڍڙو ڳوٺ“

آڏواڻي ۽ قاسمي ”اڪيلي جاءِ/هنڌ“

۽ بلوچ صاحب ”ڍنگرن جي عارضي بستي (جتي مال وارا گاهہ جي سانگي مال سان گڏ رهن) ۽ ”متي واند وهٺ“ جي معنيٰ بلوچ صاحب ”واندن تي (مال ڪاهڻ لاءِ) گهوڙن سان حملو“ ڏني آهي.

لفظ ”واند“ ”واندن“ جو مخفف آهي، سٽ آهي،

”ڪـــاهي ايـنـــدا ڪـــڏهن، متـــي وانـــد وهـــٺ“

معنيٰ = وانـديا (مـال جـي سـانگ جـي ڪـري گهـرن ڪـان پـري گذاريـندڙ) وري ڪـڏهن پنهنجا مـال ڪـاهي متـي ايـندا (گهـرن ڏانهـن ايندا). سٽ ۾ آيل لفظ ”متي“. شوقيرام ۽ قليچ وارن نسخن ۾ ”مني“ آيل آهي. يعني، ”ڪاهي ايندا ڪڏهن، مني واند وهٺ“.

معنيٰ = وانديا پنهنجا مال ڪاهي ڪڏهن مني (مني پاڻيءَ) تي ايندا.

اسان وٽ ”وانديو/وانديي“ ماڻهوءَ کي چئبو آهي، عارضي بستين کي نہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿون لفظ آهي ”هاٺو“ جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب ”چور، ڌاڙيل، چوپايو مال هٽندڙ (چوري ڪندڙ)“ ڏني آهي، جيڪا تقريبن سيني شارحن ڏني آهي. سواءِ آڏواڻي صاحب جي جنهن لفظ ”هاٺوءَ“ جي معنيٰ ”سگهارا“ ڏني آهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ ”هاٺو“، ”ويجهو ۽ بي تڪلف“ واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي. سٽ آهي،

”جي هاٺو هونئي مِٺَ، ته ٻه اڏو لاهه مَ ان جو.“

معنيٰ = ڪيڏا به ويجها ۽ بي تڪلف مائٽ هجنئي پوءِ به انهن جو فڪر ۽ ڳڻتي نہ لاهجئين.

جملو = هاٺي هو اوپرو ڪونهي، اچي وڃي گهر ۾ هاٺو ماٺهو ٿي ويو آهي.

جملو = آئون انهن سان هاٺو ماٺهو آهيان. گهر ۾ اندر به ويندو آهيان، هو مونکان پردو به نہ ڪندا آهن.

بيت جي سمجهاڻي = مال پالڻ/ڌارڻ ۽ ان کان جدا رهڻ اهو سگهڙن ۽ سمجهدارن وٽ آئيندي جو توشو ئي ڪونهي. وانڍيا (مال جي گاهہ ۽ پاڻيءَ خاطر گهرن کان پري مال سان گڏ رهندڙ) الائي ڪڏهن! مال کي ڪاهي متي (گهرن ڏانهن) ايندا. ڪيڏا به ويجها ۽ بي تڪلف مائٽ هجن، پوءِ به اڏڪو/فڪر (مال جو) لاهڻ نہ گهرجي/نہ لاهج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ڏهر، داستان 6 بيت 11 جلد 3،
جهوڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وَٽِ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس چٽاٽو چت ڪيو.

وڳ :

شيخ = (چوپائي مال يا) ڌڻ، ولر.
منگهاڻي = انن جو ميڙ، انن جو گلو ۽ سلو.

وَٽِ :

شيخ = ٿر ضلعي جي ڏيپلي ۽ مٺي ضلعي جي ڪڇ جي رڻ واري لاڳيتي پٽيءَ کي "وَٽِ" چئبو آهي.
منگهاڻي = ڪورَ، ڪناري، ڪَپَرِ.
گنج صفحو 643 (منڌي مٺ گڙن، وڳ نہ پسان وٽ ۾)
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو صفحو 231 بيت 1212
شوقيرام، داستان 4 بيت 30
قليچ، داستان 4 بيت 30
لغات لطيفي (قليچ) وڳ = انن جو گلو. وَٽ = ڪنار، ڪنڌي، پاسو.
قاضي، داستان 4 بيت 29، وڳ ۽ وٽ = معنيٰ ڏنل ناهي.
گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر ڏهر موجود ناهي.
شهواڻي، داستان 4 بيت 29، وڳ = ولر، ڌڻ. وَٽِ = پاسو، ڪنڌي، ڪنار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏواڻي، داستان 4 بيت 29، وڳ ۽ وٿ = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 36.

قاسمي، داستان 4 بيت 30، وڳ = معنيٰ ناهي. وٿ = ڪناري تي.

انصاري، داستان 4 بيت 29، وڳ ۽ وٿ = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 516، وڳ = اٺن ۽ ڏاچين جو گلو، گهڻا اٺ ۽ اٺيون. وٿ ۾ = وٿ واري پاڳي ۾.

لفظ "وڳ" جنهنجي معنيٰ شيخ صاحب (چوپائي مال جا) ڌڻ، ولر" ڏني آهي، جڏهن تہ قليچ صاحب ۽ بلوچ صاحب جي ڏنل لفظ "وڳ" جي معنيٰ ئي مثال لاءِ ڪافي آهي. جيڪا "اٺن جو ميڙ ۽ اٺن جي گهڻائي" ڏني آهي. اٺن جي ميڙ کي "وڳ" کان علاوه" سڳ، سَلو ۽ گلو" بہ چئجي ٿو. "ڌڻ ۽ ولر" اٺن، جانورن، پکين سان گڏ ماڻهن لاءِ بہ چئبو آهي، تہ، "ماڻهن جا ڌڻ تي ويا، يا ماڻهن جا ولر تي ويا" پر جيئن تہ اسانجي ٻولي انتهائي وسيع ترين ٻولي آهي ان جي وسعت کي محدود ڪرڻ جا اسين پاڻ تہ سبب نہ بنجون!

ڪراچيءَ جي ضلعي سينٽرل ۾ رهڻ جي باوجود اسين پنهنجي ٻوليءَ لاءِ انتهائي حساس آهيون. منهنجي ننڍڙي ڀائٽي مرڪ جو پنهنجي اسڪول ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڪلاس فيلو سان ٻوليءَ جي وسعت بابت بحث ڇڙي پيو، تہ مرڪ چيس، "اوهان جي ٻوليءَ ۾ جانورن جي گهڻائي ۽ ميڙ لاءِ رڳو هڪ ئي نالو آهي "ريوڙ" يعني "اٺن جو ريوڙ، مينهن جو ريوڙ...۽ ايئن هر جانور لاءِ لفظ "ريوڙ" استعمال ڪندا آهيون جڏهن تہ اسان جي وسيع ٻوليءَ ۾ سيني لاءِ ڌار نالا آهن. اٺن جي گڏيل ميڙ کي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڳ، سڳ، گلو ۽ سلو چئون. مينهن ۽ سانن جي گڏيل ميڙ کي ميهاڳ. ڳئن ۽ ڍڳن جي ميڙ کي ترڏ. اَين ۽ ٻڪرين (ٻڪرين) جي ميڙ کي کيراڳ. رڍن ۽ گهيٽن جي ميڙ کي ڌڻ. ايئن ئي گڏهن جي ميڙ کي رَمُ، ڪتن جي لوڌ. پکين جا ولر، ۽ ماڻهن جا هشام، هجوم، لشڪر، ڍنب ۽ جُڳ چئون."

هونئن تہ ڌڻ ۽ ولر ماڻهن سميت سيني لاءِ چئي ٿو سگهجي، پر جڏهن انهن لاءِ مخصوص نالا آهن تہ پوءِ اهي وجائڻ نہ کپن. ان کان علاوه شيخ صاحب جي اها بہ دعويٰ آهي تہ، "ڪيترن عام فهم لفظن جي بہ معنيٰ لکي ويئي آهي. جنهن کي پڪ سان عام طرح غير ضروري تصور ڪيو ويندو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ جن لفظن کي اڄ اسين رواجي ۽ عام فهم سمجهون ٿا ڪجهہ عرصو گذرڻ بعد اهي لفظ اسان جي شهري تہ نهيو پر ٻهراڙيءَ جي پوئين پوچ لاءِ جيڪو انگريزي ۽ اردو ٻولين جو دلدادو ٿيندو پيو وڃي، سمجهڻ مشڪل ٿي پوندا. (صفحو 28 مقدمو، جلد 1) ۽ شيخ صاحب انهن ئي ماڻهن کي پيو لفظ "وڳ" جي معنيٰ "ڌڻ ۽ ولر" سمجهائي؟

لفظ "وٽ" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڪڇ جي رڻ واري لاڳتي پٽي" ڏني آهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "وٽ" جي معنيٰ آهي. "ڪَور ڪپر، ڪناري" جيئن سر مارئيءَ ۾ آهي، "ڪَـتيءَ وَٽيون ڪٽيون..." ۽ هن بيت جي سٽ آهي، "جهوڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وٽ ۾"

معنيٰ = وٽاڻن/آستانن ۾ مال جو آواز ئي ناهي، نہ ئي انن جا ميڙ (جبلن) جي ڪَورن ۽ ڪنارين ۾ نظر ٿا اچن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ”وڳ، وَٽِ تان متان متائين. آتڙيو تہ پوءِ خير ڪونهي.

بيت جي سمجهاڻي = وٿاڻن/آستانن ۾ مال جا نڪو آواز آهن نہ ئي انن جا ميڙ/وڳ (جبلن جي) ڪپرن ۽ ڪنارين/وٿين تي نظر ٿا اچن. اي امان! سگهڙن/سمجهدارن شايد چٿاڻو (علائقو) من ۾ ڪيو آهي.

سر ڏهر، داستان 6 بيت 15 جلد 3،
جي پانئين وس چران، تہ سنگهارن سين لڏ،
جني سندي سڌ، چور نہ چُهي وڇڙا.

**وڇڙا :**

شيخ = چوپائي مال (ڍورن) جا ڦر يا ننڍا ٻچا.
منگهاڻي = مينهن جا نر ٻچا.

هي بيت پڻ مختلف نسخن ۾ مختلف صورتن ۾ آيل آهي، پر هتي آئون انهن جي پيٽ ۽ مثال نہ ڏينديس ۽ جو تہ معنيٰ ۾ بہ وڏو فرق يا نہ سمجهڻ جهڙي صورتحال ناهي، پر ان هوندي بہ اهو عرض ورجائينديس تہ. سنڌي ٻوليءَ جي لامحدود وسعت کي محدود ڪرڻ گناهہ عظيم آهي جيڪو اسين ڪري رهيا آهيون. لفظ ”وڇڙا“ جي معنيٰ شيخ صاحب. ”چوپائي مال (ڍورن) جا ڦر يا ننڍا ٻچا“ ڏني آهي جيڪا درست هوندي بہ علم جي محدوديت وارو اهم سوال ضرور اياري ٿي وڃي. جيئن مٿي لفظ ”وڳ“ جي معنيٰ ڏيندي اردوءَ ۾ مال جي گڏيل ميڙ کي ”ريوڙ“ چوڻ واري ڳالهہ ڪئي هئم تيئن ئي وري اهو عرض تہ اردوءَ ۾ مال جي ٻچن کي ”ٻڇڙا“ چوندا آهن، پوءِ اهو مينهن جو هجي يا ڳئون جو، پر اسانجي عظيم سنڌي ٻولي اهڙي محدود ناهي ۽ جيئن مال جي گڏيل ميڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا نالا ڏار ڏار آهن. تيئن ئي چوپائي مال جي ٻچن نر ۽ ماديءَ جا ڏار ڏار نالا آهن ۽ لفظ ”وڇڙا“ جي معنيٰ آهي ”مينهن جا نر ٻچا“ ايئن ئي، اٺ جا ٻچا نر گورو، مادي گوري. مينهن جا ٻچا نر وَڇُ يا وڇڙو، مادي وَڇِ يا وڇڙي ۽ پاڏو، پاڏي. ڳئون جا ٻچا نر گابو، مادي گابي. رڍ جا ٻچا نر گدو، مادي گدي. ٻڪريءَ جا ٻچا نر ٻڪر. مادي گراڙ. گهوڙيءَ جا ٻچا نر وڇيرو، مادي وڇيري. گڏهہ جا ٻچا نر کودڙو مادي کودي ۽ ٻليءَ جا پونگا. ڪڪڙ جا چوزا وغيره تہ پوءِ لفظ ”وڇڙا“ جي معنيٰ بہ ”مينهن جا نر ٻچا“ ڏيڻ گهربي هئي، نہ ڪي ”چوپائي مال (ڍورن) جا ٻچا“ بس، هتي ايترو ئي عرض رکٹو هوم.

سر ڏهر، داستان 7 بيت 8 جلد 3،

پڇئان پـُـلي نگيو، ڏيئي پاٻوڙي پير،
جيسي ۽ جـَسراج جو، متي واندين وير،
ڪيچ رهندو ڪير، لاڪو لوڙائو تيو.

**واندين :**

شيخ = مال جي وٿاڻن، سنگهارن جي عارضي رهائش، (ٻي معنيٰ چڙين زالن، ڪنوارين عورتن)

**ٻيو بيت :**

سر ڏهر، داستان 7 بيت 14 جلد 3،

لکي ۽ لاڪو، ٻئي مٿا ٻاجهہ تي،
قادر لاٿو ڪيچ تان، اديون اولاڪو،
واندين ۾ واڪو، ريٻاڙي رهي وئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**واندين :**

شيخ = ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن.

لفظ ”واندا/واندين“ بابت تمام تفصيلي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم پر هتي هڪ ٿي، داستان ۾ ٻن بيتن ۾ آيل لفظ ”واندين“ جون مختلف معنائون ڏسي چاهيم تہ اهو حيرت جهڙو منظر اوهان اڳيان بہ واضح ڪريان تہ لفظ ساڳيو ٿي ”واندين“ آهي. ان جي معنيٰ هڪ هنڌ ”مال جي وٿاڻن، سنگهارن جي عارضي رهائش، ڇڙين زالن، ڪنوارين عورتن“ ڏنل آهي تہ ٻي هنڌ ”ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن“ ڏنل آهي. جڏهن تہ ”واندا“ انهن (مردن توڙي عورتن) کي چئبو آهي. جيڪي ڳوٺ ۾ گهرن کان پري مال جي سک خاطر مال سان گڏ رهندا آهن. پوءِ اهي ڇڙا هجن يا سڄا گهرن جا گهر هجن.

سر جاجڪاڻي عرف وهاڳڙو، داستان 1 بيت 1 جلد 3،
(هي سُر ٻين نسخن ۾ ”پرڀاتيءَ“ جي نالي سان آيل آهي)
موڙهــو پٽيــن مڱڻــا، ڪيــڏانهن هئيــن ڪالهـــ،
لنگهــا ڇــڏ لطيــف چئــي، اڄـــهـــَــڻ جــا افعـــال،
ســـبڙ در ســـوال، ڪـــر تــــ قيمـــت ميڙييـــن.

**سبڙ :**

شيخ = سما گهراڻي جي مشهور سخي سردار سپڙ يا سبڙ.

بيت 2:

ســـر جاجڪـــاڻي، داســـتان 1 بيـــت 3 جلـــد 3،
ڪـــا ڪيـــرت ســـنياهہ، ڇـــارڻ ڇوٽـــاڻيءَ مٿـــي،
وائـــي ڄـــاڻي ســـي ڪـــا، جيڪـــا ڪرييـــن ســـا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگـــا تـــون ليـــلاءِ، اڳيـــانَ انـــڙ ڄـــام جـــي.

**چوٽاٽي :**

شيخ = ڄام سبڙ. جنهنکي چوٽاڻ يا چوٽاٽيءَ تي حڪومت ڪرڻ جي حوالي سان چوٽاٽي چوندا هئا.

بيت 3:

ســـر جاجڪـــاٽي، داســـتان 1، بيـــت 12، جلـــد 3،
ڏات نـــہ آهـــي ذات تـــي، جـــو وهـــي ســـو لهـــي،
رِءَ رونجهـــاٽي راڄـــئي، ايهيـــن ڪيـــر ڪـــري،
آريـــون ابوجهـــن جـــون، ســـبڙ ڄـــام ســـهي،
جو راءَ وٽ رات رهي، تنهن کي جکي جانکيتا نہ تيئي.

**رونجهاٽي :**

شيخ = سبڙ ڄام جيڪو سنڌ جي سما گهراٽي جو سخي سردار هو ۽ جيڪو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪناري جي قريب ٻيلي ٻيٺ سان گڏ سنڌ جي ننگر پارڪر تعلقي جي الهندي پاڳي ۽ مٺي تعلقي جي اڀرندي پاڳي واري ايراضي تي، جنهن کي چوٽاڻ يا چوٽاٽو چوندا هئا، حڪومت ڪندو هو. ان کي رونجهو يا رونجهاٽي بہ چوندا هئا.

بيت 4:

ســـر جاجڪـــاٽي، داســـتان 1 بيـــت 13، جلـــد 3،
ٻوليـــون ٻيلـــي جـــون ڪـــري، پاســـي پـــر پيـــو،
ســـٽائي ســـتن ڪـــي، وهـــاٽيءَ وئـــو،
ڄـــاٽي ڪيـــن ٻيـــو، ســـُرُ ســـکيو ئـــي هيڪـــڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٻيلي :**

شيخ = ٻيلي ٻيٺ (جتي سبڙ ڄام حڪومت ڪندو هو)

هتي چار بيت ڏنا اٿم. جن مان چار لفظ ڪنيا اٿم. 1. سبڙ، 2. چوٽاٽي، 3. رونجهاٽي ۽ 4. ٻيلي پهرين ڏسجي تہ ٻين محترم شارحن انهن چئن لفظن جون معنائون ڪهڙيون ڏنيون آهن. پهريون لفظ آهي "سپڙ" (جيڪو شيخ صاحب "سبڙ" چيو آهي) قليچ "لغات لطيفي" سپڙ = هڪڙو ماڻهو جو حاتم طائيءَ وانگر مشهور سخي هو.

قاضي، سپڙ = لسٻيلي جو سخي ڄام سپڙ رونجهو.

شهواڻي، سپڙ = هڪ مشهور سخي مرد جو نالو.

آڏواڻي، سپڙ = لسٻيلي جو حاڪم سپڙ سخي.

قاسمي، سپڙ = مشهور سخي.

أنصاري، سپڙ = لسٻيلي جو سخي حاڪم ڄام سپڙ رونجهو.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 255 سپڙ = سبڙ = لسٻيلي جي وڏي سخي بادشاھ جو نالو.

ٻيو لفظ "چوٽاٽي"

قليچ، "لغات لطيفي" چوٽاٽي = پرپور چوٽيءَ تائين پريل.

قاضي، چوٽاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، چوٽاٽي = چوٽيءَ واري، اعليٰ درجي واري سخي داتا.

آڏواڻي، چوٽاٽي = تاج دار، ڪلنگيدار.

قاسمي، چوٽاٽي = سخي، بلند.

انصاري، چوٽاٽي = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 170 چوٽاٽي = ٻيلي جو حاڪم سخي سپڙ ڄام چوٽا جو پٽ : (چوٽاٽي)

ٽيون لفظ رونجهو :

قليچ، لغات لطيفي، رونجهو = هڪڙي ذات يا قوم.

قاضي، رونجهو = سخي ڄام سپڙ (جو ذات جو رونجهو هو)

شهواڻي، رونجهو = سپڙ جي ذات.

آڏواڻي، رونجهو = حاڪم جي ذات جو نالو.

قاسمي، رونجهو = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، رونجهو = سخي ڄام سپڙ (جو ذات جو رونجهو هو)

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 234، رونجهو = رونجهاڻي = رونجهي جو اولاد (سپڙ)

چوٿون لفظ ”ٻيلو/ٻيلي (ٻيلي ڏڻي)“:

قليچ، لغات لطيفي، ٻيلو = شهر جو نالو، لس ٻيلو.

قاضي، ٻيلو = لس ٻيلي.

شهواڻي، ٻيلو = ٻيلي = ٻيلي ڏڻي = ملڪ جو سردار سپڙ جنهنکي ماڻهو اهو لقب ڏيندا هئا.

آڏواڻي، ٻيلي ڏڻي = لس ٻيلي جو حاڪم.

قاسمي، ٻيلي = ٻيلو = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، ٻيلي = لسٻيلي = ٻيلي ڏڻي = لسٻيلي جو حاڪم.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 55، ٻيلي = سپڙ جي گاديءَ جو شهر. ٻيلي ڏڻي = لسٻيلي جو حاڪم.

سيني محققن لسٻيلي جي حاڪم ڄام سپڙ چوٽاڻي رونجهي بابت معلومات ڏني آهي. سواءِ شيخ صاحب جي ٻيو ڪنهن بہ محترم شارح، ڪيچ، ٻيلو ٻيٽ يا چوٽاڻ واري رياست جو ذڪر نہ ڪيو آهي. لسٻيلي (رياست) ۾ رونجهن جي حاڪمي، قديم تاريخي اعتبار کان تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا تازي ۽ ويجهو ماضي آهي. رونجهن جو حڪمران گهراڻو اڄ بہ لسٻيلي (رياست) ۾ شان مان سان آباد آهي. ”ڄام سپڙ“ ذات جو ”رونجهو“ هو ۽ سندس وراڻ ”چوتا“ هئي. (جيئن منهنجي ذات ”بڪڪ“ ۽ وراڻ، منگهاڻي آهي.) جيئن هاڻوڪو ڄام يوسف، ذات جو ”ڄاموٽ“ ۽ وراڻ ”عالياڻي“ آهي، ڇو جو سندس وڏو ”ڄام عالي خان“ هو. اسين لسٻيلي ۽ ڪوهستان جا ماڻهو ايئن ئي ذات سان گڏ وراڻ بہ سڏيندا آهيون ۽ وراڻ ڪنهن وڏي جي نالي سان ٿيندي آهي. ”ڄام سپڙ“ جو وڏو ”چوتا خان“ هو جنهن جي پنيان هو ”چوتاڻي“ سڏبو هو. اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”چوتا“ نالو رکيو ويندو آهي ۽ اڄ بہ اتي هڪ قبيلي جو سربراهہ ”چوتا خان چوتاڻي“ آهي. (تصديق ڪرڻ جي عام اجازت آهي، شرط اهو تہ لسٻيلي وڃڻو پوندو).

”ڄام سپڙ“ جنهن لاءِ مختلف نسخن ۾ مختلف صورتون آيل آهن. مثال، سپڙ، سبڙ، سيڙ، سبڙ، سير، سبر“ آهن. هن نالي جي سلسلي ۾ جڏهن مون پڇا ڪئي تہ پتو پيو تہ، اڄ بہ اتي (ضلعي لسٻيلي ۾) ”سپڙ“ نالو رکيو ويندو آهي. لفظ ”سَبَرُ ۽ سَپَرُ“ بہ ٻئي طاقتور معنيٰ رکندڙ لفظ آهن. جن جي معنيٰ آهي، ”قداور، بدن ۾ ڀريل، زورائتو ۽ سگهارو“. باقي ”سبڙ ۽ سبڙ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ٻڌائيندا. ڇو جو شيخ صاحب جي نسخي ۾ ”سبڙ“ ۽ بلوچ صاحب جي نسخي ۾ ”سبڙ“ آيل آهي ۽ اها ذميداري ٻڻ شيخ صاحب جي آهي تہ هو صاحب اها معلومات اسان کي ڏي تہ ڪهڙي دور ۾ ڪيچ ۾ ٻيلي ٻيٽ ۾ ”چوتاڻ“ جي نالي سان سلطنت هئي جنهن تي ڄام سبڙ جنهن کي چوتاڻي ۽ رونجهاڻي بہ چيو ويندو هو ان جي حڪمراني هئي. جڏهن تہ ”رونجها“ ذات جا ماڻهو اڄ بہ لسٻيلي ۾ رهن ٿا. ”واحد/جمع مذڪر، رونجهو/رونجها“ ۽ واحد/جمع مؤنث ”رونجهي/رونجهيون“ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر جاجڪـاڻي، داسـتان 1، بيـت 12، جلـد 3،

ڏات نـہ آهـي ذات تـي، جـو وهـي سـو لهـي،

رِءَ رونجهـاڻي راڄئـي، ايهيـن ڪيـر ڪـري،

آريـون اڀوجهـن جـون، سـبڙ ڇـاهہ سـهي،

جو راءُ وٺ رات رهي، تنهن کي جکي جانڪيتا نہ ٿيئي.

## جُکي :

شيخ = بک، لنگهڻ، ڏک سور.

منگهـاڻي = لفـظ ”جـُـکيءَ“ جـي معنـيٰ هـڪ ٺـي لفـظ سـان سمجهائي نٿي سگهجي. هي هڪ عمل آهي جنهن ۾ ڪا شيءِ ڪاڏي يا اوڇي جي، سنيالي رکجي ۽ آهستي آهسـتي سنيالي سنيالي استعمال ڪجي، ان ڊپ کان تہ متان اها ختم ٿي نہ وڃي. يعني پنهنجي پسند جي/وٽندڙ چيز ان ڪري نہ واپرائڻ/ڪنجوسي ڪرڻ تہ متان اها جلدي نہ ختم ٿي وڃي. لفظ ”جـُکي“، ڪنجوسيءَ واري دائري ۾ اچي ٿو ۽ اسين ڪنجوس کي ”شوم، ڏوس ۽ مرچوس“ بہ چئون ۽ لفظ ”جُکيءَ“ جي لفظي معنيٰ لاءِ لفظ ”سَوسِ“ بہ ڪي قدر ويجهو ۽ نهڪندڙ آهي. لفظ ”سوس“ جي لفظي معنيٰ آهي. ”بچت“ ۽ ايئن ”سوَسِ“ ڪرڻ واري کي ”جوڦي“ بہ چوندا آهيون. پر لفظ ”جوڦ“ لالچ جي زمري ۾ بہ ايندو آهي.

گنج، صفحو 511:

ڏات نـہ آهـي ذات تـي، جـو وهـي سـو لهـي،

رِءَ رونجهـاڻيءَ راڄيـن، ايهيـن ڪيـر ڪـري،

جو راءَ وٺ رات رهي، تنهن کي جکي جانڪيتان نہ ٿيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 225 بيت 1184 (گنج وارو، ٽي سٽون)

شوقيرام، داستان 1 بيت 6:

ڏات نـــه آهـــي ذات تـــي، جـــو وهـــي ســـو لهـــي،
آريـــون ابوجهـــن جـــون، ســـپڙ ڇـــام ســـهي،
جو راءُ وٽ رات رهي، تنهن کي جکي جانکيتان نـه ٿيئي.

قليچ، داستان 1 بيت 6 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) جکي = بک

قاضي، داستان 1 بيت 12 (شوقيرام وارو) جُکي = بک، ڏک.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر "پرڀاتي" موجود ناهي.

شـهواڻي، داسـتان 1 بيـت 10 (شـوقيرام وارو) جکـي = بـک، لنگهڻ.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 10 (شوقيرام وارو) جُکي = ڏک، سور.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 13 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 9 (شوقيرام وارو) جُکي = بک.

انصاري، داستان 1 بيت 9، جکي = بک، ڏک.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 141، جکي = جکيل، آزاريل.

لفظ "جکي" جي معنيٰ شيخ صاحب "بک" لنگهڻ، ڏک، سور" ڏني آهي. هي لفظ مٿي سر سوهڻي، داستان 10 بيت 4 جلد 1 سٽ، ۾ آيل آهي، "جکي رءَ جمال، اگهي ٿي آهون کري" جتي لفظ "جکيءَ" جي معنيٰ شيخ صاحب "بکي، ڏکي، مصيبت ۾ قاٿل" ڏني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ لفظ "جڪيءَ" جي معنيٰ لاءِ ڪو لفظ نہ ڀر بيان جي ضرورت آهي، ڀر تنهن هوندي بہ لفظ "سَوسِ" ان ڪي ويجهو آهي جنهنجي معنيٰ "بچت" آهي، ڀر لفظ "سَوسِ" ڀڻ رڳو ٿي بچت لاءِ نٿو چئي سگهجي، ڇو جو ان ۾ بہ ڪجهہ "ڪنجوسيءَ" جو عنصر شامل آهي. ايئن هر لفظ "جڪي، سَوسِ" جوڦ، ڏوس، بچت ۽ ڪنجوسي" ڀنهنجي معنيٰ ڀاڻ ٿي هوندو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ ڪي مناٿي گهٽو وٽندي هجي ۽ وٽس ٿوري هجي بہ، جنهن ڪي هو يڪو هٿ ۾ جهلي وينو هجي ۽ ذرو ذرو ڪائي بہ ۽ وري آڱريون ۽ چپ چٽيندو پيو تہ ان ڪي چئبو، ("هيچ" اجا ٿي ذار لفظ آهي)

جملو = ڪاءِ ڪٽي، جڪي ڪري مناٺيءَ جو بڻ ٿي ڪدي ڇڏيو اٿئي.

هٿ ۾ سچي ڀگهر جي ويئي آهي. يا تہ ڪاءِ يا تہ اچلائي ڇڏ جڪيار!

۽ جي ڪو سنو ڪپڙو نہ ڀائيندو ۽ آئيندي لاءِ رکندو تہ هينئر هنن ٿي ڪپڙن ۾ وقت ٽري ويندو تہ اهڙي ماڻهوءَ ڪي چئبو،

جملو = جيڪو الله ڏي اهو اوچي ڀائي ڇڏجي. تون بہ ڀنهنجيءَ ماءُ وانگي جڪي ڪندي هر شيءِ رکندي ٿي وجين. هوءَ ويچاري بہ جُڪيون ڪري مري ويئي نڪو ڪاڏائين نڪو اوچيائين تون اهي جُڪيون ڇڏ.

ست آهي: جيڪو راءُ وٽ رات رهي، تنهن ڪي جڪي جانڪيتا نہ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = جيڪو بادشاھ/راجا/سپڙ وٺ (هڪڙي ٻه) رات رهندو ان کي اهي ڪنجوسيون/سوسيوُن/بچتون وسري ويندين.

بيت جي صورت اوهان ڏٺي جيڪو ٽن صورتن ۾ آهي. هڪ گنج ۾ برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي واري، ٻي صورت، شوقيرام، قليچ، قاضي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي وارن نسخن واري ۾ ٽي صورت آهي بمبئي ڇاپي ۾ هڪ اوائلي نسخي واري، جتان شايد شيخ صاحب اهو بيت کنيو آهي ۽ چوٿين صورت انصاريءَ واري بيت جي آهي.

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
اي ريجهاڻي راڄئي، ٻيو ڪير ڪهي،
آريون ابوجهن جون سپڙ ڇام سهي.
جو راوت رات رهي، تنهن کي جُکي جانکيتان نہ ٿيئي.

بيت جي سمجهاڻي، ڪهڙي ڏجي؟

سر جاجڪاڻي، داستان 1 بيت 10 جلد 3،
تون سبڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتر آئون ڏوهه،
تون پارس آئون لوهه، جي سجيين تہ سون ٿيان.

**سجيين :**

شيخ = لڳائين يا گسائين (مونسان پنهنجو پاڻ)
منگهاڻي = آڇين، آڇ ڪرين، مون ڏانهن رخ يا مهاڙ ڪرين.
گنج، صفحو 519 ۽ 520.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 227 بيت 1191 (ڏاتر)

شوقيرام، داستان 1 بيت 13، (ڏاتار)

قليچ، داستان 1 بيت 13، (ڏاتار)

لغات لطيفي (قليچ) سجيين = لڳڻ، لائق، واسطو رکڻ، ملائڻ، نسبت.

قاضي، داستان 1 بيت 32، (ڏاتار) سجين = الاري، نشان ڪري.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر پرياتي موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 25، (ڏاتار) سجين = الاري، نشان ڪري.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر پرياتي موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 25، (ڏاتار) سجين = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 25، (ڏاتار) سجين = معنيٰ ڏنل ناهي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 38، (ڏاتار)

قاسمي، داستان 1 بيت ، 13 (ڏاتار) سجين = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 1 بيت 14، (ڏاتار) سجين = الاري، نشان ڪري.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 263، سجين = جي سجين تہ سون ٿيان = جي (تون پنهنجو پاڻ مونکي هٽين تہ آئون سون ٿي پوان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ”سجڻ/سَڄَ/سجيو/سجين/سجيائين“ وغيره انهن لفظن مان هڪ آهي جيڪي لطيف بادشاهہ مختلف سُرن ۾ گهڻن جاين تي ڪم آندا آهن.

لفظ ”سجڻ“ جي معنيٰ آهي ”آڇڻ“، سَڄَ معنيٰ آڇ. ڪابہ شيءِ ٻي ڏانهن آڇ جيان وڌائڻ يا ڏيڻ وانگيان اڳتي وڌائي ڏيکارڻ، هٿڻ وانگيان تاڻڻ يعني ڪابہ چيز قولن نہ پر فعلن ڏٻي. ”سجڻ“ لاءِ ان شيءِ جو ان مهل اتي موجود هجڻ ضروري آهي، يعني جيڪا شيءِ سججي ان جو اتي موجود هجڻ/هٿ ۾/ان جاءِ تي ضروري آهي، جڏهن تہ آڇڻ واري شيءِ جو اتي هريرو موجود هئڻ ضروري ناهي. اهو ٿورو فرق ”سجڻ ۽ آڇڻ“ ۾ بہ آهي.

جملو = ڪاڏو سجين سڪائينس نہ، ڏي ڪٽي ويچاري ڪي.

جملو = اسين سڪٽا ڪونہ آهيون جو رڳو سجڻ جي انتظار ۾ هجون تہ ڪڏهن ٿو تون سجين.

جملو = پيسا سجيائين پر ڏنائين ڪونہ

بيت ۾ ”سجين ۽ سجيين“ ۽ ”ڏاتر ۽ ڏاتار“ وارو فرق پانيان تي تہ لهجي وارو مامرو آهي. اسين ”سجين ۽ ڏاتار“ چئون، ”سجيين ۽ ڏاتر“ ڪونہ چئون.

بيت جي سمجهاڻي = تون سخي بادشاهہ آهين ۽ آئون هڪ سوالي/گهرجائو آهيان، ۽ تون پارس (پٿر جو هڪ قسم جنهن لاءِ مشهور آهي تہ جي اهو پٿر لوهہ کي لڳي تہ اهو بہ سون ٿي پوي) آهين، آئون لوهہ آهيان پر جي تون پنهنجو رخ/مهاڙ مون ڏي ڪرين/مون تي مهر ڪرين تہ آئون جيڪر سون ٿي وڃان/ڍئي وڃان/سيراب ٿي وڃان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر جاجڪاڻي، داستان 1 بيت 23 جلد 3،
جيئن تون ڏڌ ٿيو، تيئن لنگھي ٿي لج مري،
سيان سياڪو، صحي مڙندو مگڻا.

## سياڪو :

شيخ = (لنگھيءَ جي) سيائن يعني برادري ۽ متن مائٽن جو (خاص ڪري عورتن جو) ميڙ.

منگھاڻي = سياڪو معنيٰ جنهن سان ڪابہ مٽي مائٽي نہ هجي البتہ اٿڻي وهڻي ۽ راهہ رسم هجي، ڏيتي ليتي/نيتي هجي.

گنج، صفحو 520 (ساڳيو متيون)

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 229 بيت 1197 ست، سيان سياڪو سڏ، صحيح مڙندو مگڻا.

شوقيرام، داستان 1 بيت 14.

قليچ، داستان 1 بيت 14

لغات لطيفي (قليچ) سياڪو = سياپو، مائٽي، سيڻن جو، مائٽن جو، زال جي مائٽن سان مائٽي.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 7.

قاسمي، داستان 1 بيت 14 سياڪو = معنيٰ ڏنل ناهي.

هي بيت قاضي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ ناهي. جڏهن تہ قاضي صاحب جي نسخي ۾ معنيٰ واري پٽيءَ ۾ لفظ "سياڪو" جي معنيٰ "سياپو، مائٽي" آيل آهي ۽ بلوچ صاحب جي لغت "روشني" ۾، صفحو 296 سياڪو = سياڪ (عزيزن) جو ميڙ. 2. هم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪن وارو واسطو، لاڳاپو. 3. هڪ جهڙن جي گڏجاڻي (جنهن ۾ پرڪا ۽ پيٽ) صباح سياڪو = (اي مڱڻا) سياڻي پنهنجا سپ سياءَ (عزيز) سپ لنگها ياڻر گڏ ٿيندا."

اسان واري تر ۾ "سياڪو يا سياپو ڪرڻ" معنيٰ ڌارين سان وابستگي نياڻڻ. "سيال" جي معنيٰ آهي "ڌاريون/پرائو/اوپرو" جنهن سان ڪابہ مٽي مائٽي ۽ عزازت نہ هجي. "سياڪو ڪرڻ" معنيٰ، سيالن سان مرٽو/جيٽو، اٿڻي وهڻي ۽ راهہ رسم رکڻ. جن بہ محترم شارحن لفظ "سياڪو" جي معنيٰ ڏني اها اسان واري تر واري معنيٰ کان بلڪل متضاد ڏني آهي. يعني "مائٽي ۽ عزازت" سياڪو انهن سان ڪبو آهي جيڪي مائٽ نہ هجن، جن سان ڪوبہ سڱ نہ هجي "باقي مائٽن ۽ سنگيڻن سان "سياڪو" نہ ٿيندو آهي. مٿي سر آبري، داستان 8 وائي 6 جلد 2 ۾ سٽ آهي، "کهڙو سڱ سياڪو، هاري مونِ هوتن سين. معنيٰ = مون مُٺي جو کهڙو سڱ ۽ سياڪو آهي هوتن سان. يعني، منهنجي هوتن سان ڪهڙي مائٽي ۽ سيالگيري آهي. (هو تہ ڌريائين ڌاريا آهن) جتي شيخ صاحب لفظ "سياڪو" جي معنيٰ "عزازت" ڏني هئي ۽ هتي ساڳيئي لفظ "سياڪو" جي معنيٰ (لنگهي جي) برادري ۽ مٽن مائٽن جو ميڙ" ڏني آهي.

## سر "ڪاپائتي" :

هي سُرُ لطيف بادشاهہ جي سُرن مان هڪ سُرُ آهي. جنهنجي معنيٰ لطيف سرڪار جي سيني محترم شارحن/محققن ۽ مرتبن "ڪپهہ ڪتڻ واري" ڏني آهي، شايد ان ڪري جو ان سُر ۾ ڪپهہ ڪتيندڙن/ڪاتارن جو ذڪر آهي. جڏهن تہ "ڪاپائتي" جي معنيٰ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پورهتياڻي/محنت ڪش/مزدورياڻي/محنتياڻي" هي لفظ نج نٻار لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي، جتي اڄ بہ "محنت" کي "ڪاپو" چيو وڃي ٿو پر وڏي ڏک سان چوڻو ٿو پوي تہ هي هيرن جواهرن کان اٿملهہ لفظ اسان جي واهپي ۾ ڳالهائڻ مان سرڪندو نڪرندو پيو وڃي پر اڃا بہ وڏڙن کان علاوه نوجوان بہ لفظ "ڪاپي" کان مانوس آهن ۽ ڪين ان جي معنيٰ ايندي آهي. (توڙي جو اهو لفظ سندن گفتگو مان نڪري ويو آهي.)

ڪيهہ ڪتنيدڙن ۾ ڪتڻ وارين کي تہ لطيف سائينءَ "ڪاتاريون" چيو آهي. "نہ سي ووڻڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون" يا، "توٽي تون ڪاتار..."

اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي عظيم شاعر جو هڪ سڄو سُرُ مزدورن، محنت ڪشن ۽ پورهيتن جي نانءُ آهي. منهنجي خيال ۾ تہ لطيف بادشاهہ کان وٺي اڄ تائين هن سُر ڪاپائتيءَ جو نالو ڪنهن بہ نہ سمجهيو آهي (شايد) ۽ باقي انهن علائقن جي ماڻهن ضرور سمجهيو هوندو جيڪي ان لفظ جي معنيٰ کان واقف آهن. پر افسوس جو اهو ۾ اهڙا ڪيئي لفظ اسان کان گر ٿيندا پيا وڃن ڇو جو اسين (سڀ سنڌي) پنهنجي ٻوليءَ کي گهٽ اهميت ڏيڻ لڳا آهيون ۽ ڌارين ٻولين جا لفظ ڳالهائيندي فخر ٿا پائيون. "آپا ۾ باجي، امي ۾ ابو" چئي پاڻ کي شهري ماڻهو ٿا ثابت ڪريون ۽ ايئن ڪرڻ سان اسان کان ڪيئي اسانجا اٿملهہ لفظ گر ٿي ويا آهن/گر ٿي رهيا آهن. توڙي جو شهرن جو ڪُسَري نموني وڌڻ ۾ ڌارين ڪَوتَ جو ياجوج ماجوج وانگي سرسبز پٽن/جبلن/ندين/جهنگن کي اڊنگو ڳورڻ، ٻوليءَ لاءِ جوراٽي جهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙپ آھي، ان جي باوجود اميد جي روشن لڪير جھڙا اجا ٻہ جبلن ۾ ھنڌ آھن جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا رکپال ۽ نگھبان آھن جتي اھي ناياب ٿيندڙ لفظ ڳالھايا وڃن ٿا.

جملو = ھيءَ ويچاري ڪاپائتي آھي. سڄو ڏينھن اڙي اولي آھي، مال چارڻ، جنڊ پيھڻ، لابارو ڪرڻ سڀ مٿي تي اٿس.

جملو = فلاڻي ڪاپائتي آھي، سندس مڙس بي گوندريو آھي. پاڻ ويچاريءَ ڪاپا ڪري پورھيا ڪري ٻار پاليا آھن.

جملو = ھي مائر ڏيئر ڪاپائتيون آھن، سندس پريل پرت اڇي تہ ڏس.

سر ڪاپائتي، داستان 1، بيت 11، جلد 3،
تو ھتڙا سون جا، ڪوھ نہ ڪتين رڏ،
ويھي ڪاپو ڪريين نہ ڪنڊ ۾، ڪتيون ڳالھيون چڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪئو ھوند مٿائين.

ڪاپو :

شيخ = سٽ ڪتڻ جو ڪم.

منگھاڻي = پورھيو، محنت، مزدوري.

گنج، صفحو 622

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 238 بيت 1248.

تو ھتڙا سون جا، ڪُنھ ڪتين رڏ،
ويھي ڪنڊ ڪاپو ڪر، گھتون گوھيون چڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪئو تون مٿائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شـــــوقيرام، داســـــتان 1 بيـــــت 10،
ســـون ســـاريڪا هتـــڙا، ڪـــوھ نـــ ڪتيـــن رڏ؟
ويھـــي ڪنـــڊ ڪـــاپو ڪـــر، گهتـــون گوهيـــون چـــڏ،
تـــ صرافـــاٽي ســـڏ، مرڪيـــو هونـــد مٺـــائين.

قليچ، داستان 1 بيت 10 (بيت شوقيرام وارو)

لغـات لطيفـي (قليـچ) ڪـاپو = پورهيـو، ڪتـڻ جـو ڪـم، ڪاپائتيءَ جو ڪم.

قاضي، داستان 1 بيت 11 (شوقيرام وارو) ڪاپو = ڪتڻ جو پورهيو.

شهواڻي، داستان 1 بيت 12 (شوقيرام وارو) ڪاپو = ڪتڻ جو پورهيو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 12 (شوقيرام وارو) ڪاپو = ڪتڻ جو ڪم ڪرڻ.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 11 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 1 بيت 10 (شوقيرام وارو) ڪاپو = پورهيو.

انصاري، داستان 1 بيت 10 (شوقيرام وارو) ڪاپو = ڪتڻ جو پورهيو.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 326، ڪاپو = ڪتڻ جو پورهيو.
ڪاپوڪر = ڪتڻ جو پورهيو ڪر. ڪاپائتي = (جمع) ڪاپائتيون = ڪپهہ ڪتيندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ لفظ "ڪاپائتي" جي معنيٰ آهي. "پورهتياڻي" ۽ لفظ "ڪاپو" جي معنيٰ آهي "پورهيو" پوءِ اهو کهڙو بہ پورهيو هجي هرويرو ڪپهہ ڪتڻ وارو پورهيو نہ! جيئن سيني قابل شارحن معنيٰ ڏني آهي. مٿي سر ليلان، داستان 4 بيت 23 سٽ "تن ڪاپائتين، جيڏيون مونسان جاڙ ڪئي." ۽ ساڳيئي سر ۾، داستان جي بيت 24 جي سٽ آهي، "سي ڪيئن ڪاپائتيون، هار جني جي هٿ ۾" انهن ٻنهي بيتن ۾ آيل لفظن "ڪاپائتين ۽ ڪاپائتيون" جي سمجهاڻي اتي نہ ڏيندي عرض ڪيو هوم تہ "سر ڪاپائتي" ۾ انهن جي سمجهاڻي ڏينديس، جتي ٻڻ شيخ صاحب لفظ "ڪاپائتيون ۽ ڪاپائتين" جي معنيٰ "سٽ ڪتيندڙ عورتون" ڏني آهي. جڏهن تہ اها سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ، ڪونئروُ ۽ سندس ماءُ مُرڪيءَ جو سُٽَ ڪَتڻ سان ڪهڙو واسطو هو؟ راءُ ڪنگهار جيڪو وڏي حشمت ۽ دٻدٻي وارو حڪمران هو، ڪونئرو ان سٽاڻي بادشاھ جي حسين ترين سڪيلڌي ڌيءَ ۽ مُرڪي ان زبردست حاڪم جي دادلي زال ۽ ملڪ جي راڻي هئي. اهي تہ پورهيتن جو ويس ڪري چنيسر کي حاصل ڪرڻ لاءِ آيون هيون، انهن جو ڪتڻ واري پورهيي سان ڪهڙو سنبنڌ ۽ تعلق؟ (ڪونئرو جي حوالي ڪم بہ تہ چنيسر جي ڪمري جي صفائي ۽ هنڌ جو هو) پر جيئن تہ قابل شارحن جو لفظ "ڪاپائتي" ٻڌل نہ هو انهن ان کي "ڪتڻ واري" قرار ڏيئي ڇڏيو، ۽ جيئري لفظ جي معنيٰ تحفتہ الڪرام مان ڪنيل هڪ واقعي جي ور چڙهي ويئي جيڪو گربخشاڻي صاحب متعارف ڪرائي ان مان لفظ "ڪاپائتي" جي معنيٰ تجويز ڪئي (شايد). سر ليلان جي سٽ آهي.

"سي ڪيئن ڪاپائتيون، هار جني جي هٿ ۾"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = اهي ڪيئن پورهيتياڻيون ٿيون؟ جن وٽ ايڏو قيمتي نَوَ لکو هار آهي.

۽ مٿئين بيت جي سٽ ئي عجيب آهي،

”ويهي ڪاپو ڪريين نہ ڪنڌ ۾، ڪٿيون ڳالهيون ڇڏ“

جيڪا ٻين نسخن ۾ هيئن آهي،

”ويهــي ڪنــڌ ڪــاپو ڪــر، ڳهتــون گوهيــون ڇــڏ“

شيخ صاحب واري سٽ، معنيٰ، شعر جي وزن ۽ نغمگيءَ جي حساب ڪان ناموزون آهي، اهو سڄو بيت (جيڪو گنج مان ڪنيل آهي) شعر جي مروجہ قانون موجب درست ناهي معنيٰ بہ مبهم ورڳوڙ واري ٿي نڪري. بيت جي پهرين سٽ آهي، ”تو هٿڙا سون جا، ڪوه نہ ڪتين رڏ؟“ ٻين نسخن ۾ ”سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهہ نہ ڪتين رڏ؟ لکيل آهي. هيءَ سٽ شيخ صاحب واري سٽ ڪان وڌيڪ موزون ۽ شعري اعتبار ڪان با وزن ۽ طاقتور آهي. هڪڙي عجيب ڳالهہ اها تہ، لطيف بادشاهہ جي ڪنهن بہ مرتب شارح جو شاعريءَ واري صنف سان واسطو (عملي طرح) نہ رهيو آهي، سواءِ محترم مرزا قليچ بيگ صاحب جي، جنهنجو پڻ شعر ڪان وڌيڪ نثر ۾ نالو چڙهيل آهي. اهو ئي سبب آهي جو لطيف جي ڪيترن بيتن/واين ۾ لفظن جي ڦيرڦار، هيٺ مٿي ڪرڻ ۽ بدلائڻ مهل شعر جي صحت جو خيال نہ رکيو ويو آهي. اهو شديد احساس هر ان جاءِ تي ويتر شديد ٿيندو اٿم جتي شعر کي ضرب لڳندي محسوس ڪندي آهيان. انهيءَ بيت جي ٻي سٽ آهي،

”ويهي ڪاپو نہ ڪريين ڪنڌ ۾، ڪٿيون ڳالهيون ڇڏ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ست هڪ تہ شعري اعتبار کان وزن ۾ پوري ناهي ٻيو وري لفظ ٻہ اهڙا ڇتا آهن جيڪي لطيف جهڙي شاعر جي تہ ٻاڇي کان ٻہ ٿهنڊڙ آهن (ڪرڪاٽن جي خوف کان). ست ۾ ”ڪتيون ڳالهيون ڇڏ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”اڻ وٽنڊڙ. بي سواد. اجايون“ ڏني آهي. ڇا جيڪو ماڻهو ڪم کان ڀڄندو آهي اهو سنيون ۽ مزيدار ڳالهيون نٿو ڪري سگهي؟ جڏهن تہ ست ۾ ڪم کان ڀڄڻ واري سان مخاطب ٿي ڪيس ڏڙڻ ۽ وري ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ. ”ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر. گهتون گوهيون ڇڏ“. معنيٰ = ڪنڌ ۾ ويهي/هڪ هنڌ فرحت سان ويهي پورهيو ڪر. ڀڄڻ. لڪڻ ڪم کي ٽارڻ ڇڏي ڏي. ڇو جو ڪم کان ڀڄڻ وارو يا ڪم چور ماڻهو تہ حيلا بهانا ڪري. گهتون هٽي. گهوهيون ڏيئي ڀڄندو آهي. تہ. ”بس اڃان ٿو. هُتان ٿي جلدي ٿو موٽان. بس دير ٿوري لاءِ وڃان ٿو وري ٿو اچان“ اهيئي تہ گهتون گوهيون آهن. بيت جي سمجهاڻي کهڙي ٿي ڏيئي سگهجي؟

لفظ ”ڪاپو“ جملن ۾:

جملو = انهن لاءِ گهڻائي ڪاپا ڪياسين. پر اسان کي سَريو اهو ئي ڪاپو ٻي مڃتا نہ ملي.

جملو = فلاڻو ڪاپي کان ونئون ٿو وڃي. ڪاپو نہ ڪندو تہ ماني ڪٿان ڪائيندو؟

۽ هڪ اهم ڳالهہ تہ شيخ صاحب سڄو ”شاهہ جو رسالو“ پنهنجي ئي لهجي ۽ اچار سان سنواريو آهي. جڏهن تہ لطيف سرڪار رڳو پٽ شاهہ ۽ سندس اوسي پاسي واري لهجي ۾ ئي ڪلام نہ چيو آهي. بلڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ شاھ تي ڳالهائجندڙ لهجي ۾ تہ پاڻ گهٽ ڪلام چيو آهي. سندس ڪلام جو وڏو حصو لسٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻولي، لهجي، اچار ۽ اصطلاحن تي ٻڌل ۽ ٽمٽار آهي، پر شيخ صاحب جتي ڪٿي، هرويرو پنهنجو لهجو ٺنبيو آهي ۽ هنڌ هنڌ نهي نہ نهي ”ڪريين، وريين، مريين ۽ جني، تني، ڪني“ آٽي لطيف جي ڪلام واري لهجي ۽ اچارن کي ڦٽائي ٻـُڻ ڪڍي ڇڏيو آهي. (ان سلسلي ۾ آئون سخت احتجاج ٿي ڪريان.)

سر ڪاپائتي، داستان 1 بيت 42، جلد 3،

تاجي توريائون، تہ عيب نڪتا اڳيان،

ڪوني ڪاپائتين ڪي، پر ۾ پڇيائون،

اڳلي آئون، مون ڪان پڙا پڳا نہ ٿيا.

**تاجي :**

شيخ = اڻاوت جي اڏي، يعني آڏاٽي ۾ پڪڙيل تندن جو ڏگهو پٽو. تاجيءَ جي پٽيءَ ۾ پيل سُٽ.

منگهاٽي = ”تاجي توريائون“ هڪڙي هڪڙي تند ڏار ڏار ڪري توريائون. هڪ هڪ سڳو جداجدا ڪري ڏسي ساهميءَ ۾ وڌائون.

گنج، صفحو 626 (نڪتا)

برٽش واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 1 بيت 31.

قليچ، داستان 1 بيت 31.

لغات لطيفي (قليچ) تاجي = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 1 بيت 31، تاجي = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر ڪاپائتي موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 1 بيت 32 تاجي = ڪپڙي ۾ ٻہ تندون ٿينديون آهن، هڪڙي تاجي ٻيو پيٽو (ڪتيل سُٽ)

آڏواڻي، داستان 1 بيت 33 تاجي = تاجي جون تندون.

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 37.

قاسمي، داستان 1 بيت 31، تاجي = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، ضميمو 6، تاجي = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" تاجي = معنيٰ ڏنل ناهي.

"تاجڻ" ان عملٰ کي ٿو چئجي، جيڪو ڪنهن بہ اٽت ۽ اٽڻ واري شيءِ جو شروعاتي خاڪو هوندو آهي ۽ اهو ڪپڙي کان وٺي اناڳ (اڳٽ) تائين آهي، اناڳ لاءِ تاجڻ وارو عمل ايئن ٿيندو آهي جو يا تہ ڪارچ تي تاجبو آهي، يا وري زمين ۾ ماپ ۽ حساب سان ڪلا ۽ ڪليون ٺوڪي پوءِ ان مان سڳي/ڏاڳي جي هڪ هڪ تند لنگهائبي آهي. ان مهل جي سڳو خراب، سڙيل، سنهو، ٿلهو، بد رنگ ۽ ڳنڍين وارو هوندو، مطلب تہ سڳي ۾ جي عيب ۽ ڪابہ خرابي هوندي تہ اها ظاهر ٿيندي ۽ اڳيان اچي ويندي.

تاجڻ مهل ڏاڳي جي هر هڪ تند هٿن مان گذرندي ۽ اکين سان ڏسبي آهي، سٽ ۾ آهي: "تاجي توريائون..." معنيٰ = سڳي جي هڪ هڪ تند هٿن جي ڪسوٽيءَ مان گذاري توريائون تہ، "عيب نڪتا اڳيان. "معنيٰ، تہ سڳي جون سڀيئي خرابيون ۽ عيب سامهون آيا ۽ ظاهر ٿيا. ڇو جو انهن هڪ هڪ تند جانچي ڏٺي هئي، ۽، "اڳلڙي آئون، مونکان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙا پکَا نہ ٿيا" معنيٰ" مان ئي ڪني ۽ ٻڇڙي آهيان، جو مونکان ڳنڍيون ڪليون نہ ٿيون.

هي لفظ "تاڃي" آهي "تاڃيِ" نہ.

جملو = مون تنهنجو سڄو تاڃي رکيو آهي پلي ڪٽي وڃ.

جملو = اڃا تہ ٻئي ڏکيا ڪم رهيا پيا آهن، تنهنجو مَرَئَو بہ تاڃٽو اٿم ۽ اڃان منهنجو اُوجَو بہ تاڃڻ لاءِ رکيو پيو آهي.

بيت جي سمجهاڻي = (منهنجو ڪتيل سٽ) تاڃي توريائون/ڏسي ۽ جانچي توريائون تہ ڌاڳي جا سيئي عيب ۽ نقص پڌرا ٿي ويا. پورهيتياڻين ڪي سڌي لڪ ۽ ڳجهہ ۾ ڪانئن حساب چڪيائون. آئون ڪني ۽ ميري آهيان، جو مونکان ڳنڍيون ڇڙي ۽ ڪلي نہ سگهيون.

## سُر "رپ" :

"رِپَ" لطيف سرڪار جي هڪ سُرَ جو نالو آهي. هونئن تہ لطيف جا سُر راڳ ۽ راڳڻين تي ٻڌل آهن، ڇو جو لطيف بادشاهہ نہ رڳو عظيم شاعر هو پر هڪ مهان موسيقار پڻ هو. (اعتراض ڪرڻ وارا پلي اعتراض ڪن تہ لطيف جو موسيقيءَ سان ڪوبہ تعلق نہ هو.) ڪيس سنگيت جي وڏي ڄاڻ هئي، پر هن سر "رپ" لاءِ چيو ويو آهي تہ ملڪي موسيقيءَ جي خيال ڪان هن نالي سان ڪوبہ راڳ ۽ راڳڻي نہ آهي. يعني "رپ" جي نالي سان ڪوبہ راڳ ۽ راڳڻي ڪونهي ۽ "رپ" جي معنيٰ لطيف جي شارحن "وڏي پربت جيڏي آفت يا اهو دشمن جنهنجي ڏسڻ سان هنئون هارجي ۽ دل دهلجي وڃي. اها معنيٰ ضرور قابل شارحن ان ڪري ڏني آهي جو هن سُرُ ۾ وڇوڙي جا ورلاپ، فراق جون دانهون ۽ هجر جا ڏنپ آهن، يعني ڏک ۽ غم جو ذڪر ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون جڏهن بہ لطيف تي ڪو تحقيقي ڪم ڪندي آهيان تہ پنهنجا اجهل ڇولين جهڙا جذبا ۽ اٿلون ڏيندڙ چاهتون هڪ پاسي ڪري محض ۽ محض هڪ حقيقت پسند جيءَ ٻنجي ڪم ڪندي آهيان. (لطيف سان اٿاهہ محبتون جذباتي تہ ڪنديون آهن). جيئن تہ هي منهنجو ڪم انتهائي سنجيده ۽ جذبات کان هٽيل ڪم آهي، ڇو جو هن وقت تائين جيترو بہ نقصان لطيف سرڪار جي ڪلام کي پهتو آهي اهو سڀ انهن ئي غيرسنجيده روين جي ڪري پهتو آهي. لطيف سان جذباتي چاهتون قدرتي عمل آهي پر اهي جذباتي چاهتون ئي آهن جيڪي پنهنجي علائقي ۽ لهجي سان هٺ جي ڪري وري لطيف کي نقصان پهچائينديون آهن.

سر ”ڪاپائتي“ لاءِ عرض رکيم تہ ان جي معنيٰ آهي، ”پورهيتياڻي“ ۽ اهو رڳو سٽ ڪتيندڙن ۽ ڪاتارين لاءِ ناهي. پر هر ان پورهيت لاءِ آهي، جيڪو دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڪوبہ پورهيو ڪندو هجي. يعني اتي سُر جي نالي جي معنيٰ تي اعتراض هو، جنهن جي تصحيح ڪيم. هتي وري ”سُر“ جي نالي بابت ڪجهہ عرض رکڻو آهي، جنهن ۾ آئون نڪو جذباتي آهيان نڪو غيرسنجيده. جتي نڪو منهنجو زور آهي، نہ ئي اڪيلي سر ڪو فيصلو ڪرڻ مقصود اٿم. بس رڳو هڪ حقيقت اڳيان آڻڻي آهي ۽ لفظ ”رِپَ“ بابت اها معلومات ڏيڻي آهي جيڪا شايد لسبيلي ۽ ڪوهستان کان علاوه ٻي هنڌ اڻ ٻڌي هجي. هتي اسان وٽ ”رِيپَ“ تمام وڏي، ڳري، وزني، موڪري، ڏکي، ٿلهي شيءِ يا ماڻهوءَ کي چيو ويجي ٿو. جي ڪو ماڻهو غير معمولي نموني وڏو ۽ ٿلهو هوندو تہ ان لاءِ چئبو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = ڏنو اٿئي فلاڻو ماڻھو. ولاھمجي ولاھمجي ريپ ٿي ويو آھي.

جملو = اھو ھڪڙو ريپ ڪونھي، آھي ياٿر پينرون سپ ريپون لڳا پيا آھن.

جيئن تہ سر جي نالي لاءِ ايئن بہ چيل آھي تہ، ”رپ“ جي معنيٰ آھي ”وڏي آفت“ اسين بہ لفظ ”ريپ“ ان ئي وڏي آفت واري معنيٰ ۾ اڄ بہ ڳالھايون ٿا. ”ھي تہ جھڙي ريپ آھي، ھي تہ جھڙي آفت آھي. ۽ وري جيڪا چيز ويڪر ۽ پکيڙ ۾ اڻوڻندڙ نموني پکڙيل ۽ ڦھليل ھوندي تہ ان کي ”رپ تاڙ“ چوندا آھيون. بس، ھتي رڳو اھوئي عرض رکڻو ھوم تہ اھو لفظ ”رپ“، ”رِيپ“ تہ ناھي؟

سـر رپ، داسـتان 2، بيـت 7، جلـد 3،
سـُبَـر سـيءُ پيـو، نـہ مـون سـوڙ نـہ گبـرو،
نـہ مـون ڪـانڌ نـہ قـوت ڪـي، جويـن وھـي وئـو،
تنـي حـال ڪھـو، جنـي نـڌر نجھـرا.

**سُبَرُ :**

شيخ = ڏاڍو، سخت، زبردست.

منگھاڻي = پريل، وڏيڪ.

ھي بيت بين نسخن ۾ ڪيئن ۽ ڪھڙي صورت ۾ آيل آھي يا ان لفظ جي معنيٰ بين قابل شارحن ڪھڙي ڏني آھي، اھي سڀ سوال بہ نھايت اھميت رکندڙ آھن. پر ھتي لفظ ”سُبَر“ جي زير، زبر ۽ پيش جي درستگي مطلوب اٿم. ھي لفظ لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ ”س“ تي پيش نہ، زبر سان ”سَبَر“ آھي. جيڪو اڄ بہ اسين عام ڳالھائيندا آھيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻو عمر ۾ هن کان ننڍو آهي پر سَبَرَ آهي تنهن ڪري وڏو ٿو لڳي.

جملو = فلاڻو ڏبرو آهي ۽ فلاڻو سَبَرُ آهي.

جملو = اسين اپرا آهيون تون اسانجو سَبَرُ ياءُ آهين.

معنيٰ، وڏيڪ، پريل، مٿي. سٺ آهي.

”سَبَرُ سيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ گبرو“

معنيٰ = سيءُ وڏيڪ/مٿي پيو آهي ۽ مون وٽ نڪو سوڙ ۽ نہ... لفظ ”گبرو“ مون پاڻ ذاتي طرح نڪو گهر ۾ ٻڌو آهي، نہ آئون پاڻ تي ڳالهايان. نہ ئي مون کي اها ڄاڻ آهي تہ هي لسٻيلي ۽ ڪوهستان سان ڪو تعلق رکي ٿو. جڏهن اهڙي صورتحال ٿيندي آهي تہ آئون جيئن جو تيئن قابل شارحن جي ڏنل معنائن تي اڪتفا ڪندي آهيان. پر هتي لفظ ”گبرو“ جي معنيٰ تي شارح بہ متفق ناهن. لحاظا هتي بس ايترو ئي ڪافي آهي. ڇو جو هن لاءِ وڏي تحقيق، پيچا ۽ پنڌ جي ضرورت آهي. جيڪو هن مهل ممڪن ناهي.

سر آسا، داستان 2 بيت 13 جلد 3،

اڪين پنهنجي مت، پاڻ سين پاٺهين ڪئي،

اتي وجي اڙيون، جتي جان ڪپت،

نڪا ڳالهہ نہ ڳت، جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي.

**مت :**

شيخ = سوچ، ڳڻ، صلاح

منگهاٽي = سمجهہ، عقل، شعور، 2. تعدي، سزا، نقصان، پنهنجو پاڻ کي نقصان ڏيڻ. (سزا لائق ڏوهہ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪپت :**

شيخ = ڪاپارو، جوکو، نقصان.

منگھاٽي =ڳڻتي، فڪر.

گنج، صفحو 743 (پاڻ سين پاڻ ئي ڪئي)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ ھي بيت ناھي.

شوقيرام، داستان 2 بيت 19 (اڙيون بدران لڳيون)

قليچ، داستان 2 بيت 19

لغات لطيفي (قليچ) مت = سمجھ، صلاح، مصلحت، آچ. ڪپت = معنيٰ ناھي.

قاضيءَ واري نسخي ۾ ھي بيت موجود ناھي.

شھواڻي، داستان 2 بيت 19، مت = سمجھ، صلاح، مصلحت.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 19، مت = مصلحت. جان ڪپت = جان جو جوکو.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 18،

قاسمي، داستان 2 بيت 19، مت ۽ ڪپت = معنيٰ ڏنل ناھي.

انصاري، داستان 2 بيت 19، مت ۽ ڪپت = معنيٰ ڏنل ناھي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 433، مت = سمجھ، ڄاڻ، شعور، نصيحت، ھدايت، عقل. صفحو 375 ڪپت = اٽڪڻ، ڳڻتي.

لفظ "مت" جي معنيٰ شيخ صاحب، "سوچ، ڳڻ، صلاح" ڏني آھي. ھي لفظ لسبيلي ۽ ڪوھستان ۾ ٻن معنائن ۾ سمجھيو ۽ ڳالھايو ويندو آھي. 1. عقل، سمجھ شعور، ۽ ٻي معنيٰ جيڪا شايد رڳو اسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسٻيلي ۾ ڪوهستان وارا ٿي ڳالهايون ٿا. جيڪا ٿي هن بيت ۾ لطيف آندي آهي. اها آهي، ”تعدي، سزا، نقصان جيڪو پاڻ کي پاڻ ٿي ڏجي، سزا لائق ڏوهہ.“ جملن ۾ سمجهائڻ وڌيڪ معنيٰ کي واضح ڪندو.

جملو = بيهہ تہ تنهنجي مت ٿي لهان، هميشہ بچندو ٿو رهين.

جملو = ڪلهہ هن فلاڻي جي اهڙي تہ مت لڌي جو هو بہ يا عمر ياد ڪندو.

منهنجي خيال ۾ عالمن ۾ شيخ صاحب جي ڏنل لفظ ”مت“ جي معنيٰ سوچ، ڳڻ، صلاح“ وغيره درست ناهن.

سٽ آهي، ”اکين پنهنجي مت، پاڻ سين پاٿهين ڪئي“

معنيٰ = اکين پاڻ سان پاڻ ٿي تعدي ڪئي آهي.

ٻيو لفظ آهي ”ڪپت“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”ڪاپارو، جوکو، نقصان“ ڏني آهي. سر سوهڻي، داستان 2 بيت 16 جلد 1 واري سٽ، ”ڏمر، ڏهاڙي ڪيترو، ڪري خوب ڪپت“ ۾ لفظ ”ڪپت“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”جهيڙو، تڪرار“ ڏني آهي. سر سارنگ، داستان 4 بيت 10 جلد 1 واري سٽ: ”هينئڙا ڪپت مَ ڪج، سگها ملندءِ سپرين“ ۾ لفظ ”ڪپت“ جي معنيٰ، ”ڪڪ يا بيزار“ ڏني آهي ۽ هن مٿئين بيت ۾ سٽ، ”اتي وڃي اڙيون، جتي جان ڪپت“ ۾ لفظ ”ڪپت“ جي معنيٰ، ”ڪاپارو، جوکو، نقصان“ ڏني آهي. يعني ٽن هنڌن تي آيل هڪ لفظ جون ٽي مختلف معنائون ڏنيون اٿس. سوهڻيءَ ۾ ”جهيڙو، تڪرار“ سارنگ ۾ ”ڪڪ، بيزار“ ۽ هتي آسا ۾ ”ڪاپارو، جوکو، نقصان“ پڙهندڙ لفظ ”ڪپت“ واپرائڻ چاهي تہ ڪهڙي معنيٰ کي لفظ ”ڪپت“ سمجهي واپرائي. هي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهايون ۽ سمجهون ٿا. جنهنجي معنيٰ آهي ”فڪر ۽ ڳڻتي“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا تنهي هنڌن تي ٺهڪي ٿي. مٿئين بيت جي سٽ آهي، ”اتي وڃي اڙيون، جتي جان ڪپت“. معنيٰ = هو (اڪيون) اتي وڃي ڦاٿيون جتي رڳو جيءَ لاءِ ڳڻتي ۽ فڪر آهي.

جملو = ايڏي ڪپت نہ ڪر. اسين بہ سڀ توسان گڏ آهيون، تنهنجي پٽ جي شادي ٿي ويندي.

جملو = هوءَ ايڏي تہ ڪپتياڻي آهي، جو ذري ذري لاءِ پيئي ڪڇندي.

جملو = پٽ لاءِ ڪپتيون ڪري پاڻ کي بيمار نہ ڪر، تنهنجي ڪپت ڪرڻ سان ڪا کيس نوڪري ملي ويندي ڇا!

بيت جي سمجهاڻي = اکين پاڻ سان پاڻ ئي تعدي ڪئي آهي. اتي وڃي ڦاٿيون آهن، جتي جيءَ/جان جي ڳڻتي ۽ جهوري آهي ۽ جتي ٻي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ، صفائي، تفسير ۽ تفصيل ڪانهي (نٿي هلي) سواءِ جان ڏيڻ جي ٻي ڪابہ ڳالهہ نهي ۽ جڙي ئي نٿي.

سر آسا، داستان 2 بيت 28 جلد 3،
اکيون سيئي ڏار، جن سين پسين پريننءَ کي،
ٻي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو ريسارا سپرين.

## ريسارا :

شيخ = غيرت مند.

منگهاڻي = ريس وارا.

گنج، صفحو 742.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 297 بيت 1545.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقيرام، داستان 2 بيت 23.

قليچ، داستان 2 بيت 23.

لغات لطيفي (قليچ) ريسارا = ريساڙو = ريس ڪندڙ، غيرت وارو، ريسارو ٿيو.

قاضي، داستان 2 بيت 26، ريسارو = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر آسا موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 2 بيت 23، ريسارو = غيور، غيرت وارو.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 23، ريسارا = غيور، غيرت وارا.

ڏيپلائي، داستان 2 بيت 34.

قاسمي، داستان 2 بيت 23، ريسارو = غيرتمند.

انصاري، داستان 2 بيت 23، ريسارو = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 238، ريسارا = ريس وارو، پرڪيندڙ، اهو پسند نہ ڪندڙ تہ ڪو ٻيو ساڻس برابري تو ڪري، يا ڪنهن بي ڪي سندس جهڙو ڪري ڀانيو وڃي ٿو.

لفظ "ريسارا" جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ ٻين شارحن (بلوچ صاحب کان سواءِ) غيرتمند، غيرت وارو، غيور ڏني آهي. "ريس ڪرڻ" ۾ غيرت ۽ بي غيرتيءَ واري ڪابہ ڳالهہ ناهي. "ريس" تہ ٻار بہ ڪندو آهي تہ پولڙو بہ ڪندو آهي. "ريس ڪرڻ" جي معنيٰ آهي، "جيڪو ٻيو ڪري، بلڪل ائين ئي هو بہ ڪري، يا جيڪو ٻيو ڪنهن لاءِ ڪري تہ اهو هن لاءِ بہ بلڪل ائين ڪري، يا هي بہ ائين ئي ڪري. ان ۾ غيرت وغيره جي ڪابہ ڳالهہ ناهي پرين تہ هونئن بہ توجہ ٿو چاهي، توقع ٿو رکي. تون جي ٻئي ڏانهن نهارينديءَ تہ هُن (پرينءَ) کان توجهہ هٽي ويندي ۽ هو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙبو يا ڏک ڪندو ۽ رُسي ويندو. ”ريس“ جي معنيٰ آهي، ”جيئن ٻيو ڪري، تيئن هوُ پاڻ بہ ڪري“ ٻي ڏانهن نهاربو تہ ساڳي نهار محبوب پاڻ لاءِ چاهيندو.

جملو = منهنجو ننيڙو پٽ ايڏو تہ ريسارو آهي جو اجا مس ننيڙي پائٽيءَ کي ڪنيم تہ رڙيون ڪري ملڪ مشادي وجهي ڇڏيائين تہ مونکي بہ کڻ.

جملو = هوءَ ايڏي تہ ريساري آهي جو جهڙا ڪپڙا آئون وٺندي آهيان، اهڙا ئي هوءَ بہ وٺندي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = اکيون اهيئي اختيار ڪر، ڏار جن سان رڳو محبوب کي ئي ڏسين سگهين. (ٻيو ڪوبہ توکي ڏسڻ ۾ نہ اچي. يا تنهنجون اکيون ٻي ڪنهن کي بہ ڏسي نہ سگهن) ٻي ڏانهن هرگز متان نهارين. محبوب نهايت ريس ڪندڙ ريسارا آهن. (ساڳي نهار پاڻ لاءِ چاهيندا)

سر آسا، داستان 3، بيت 16، بيت 3.

موڙک مامَ مَ ٻجهڻا، آڪا جيڪا اڪ.
پڪا جي نہ سپڪ، مَ ڪر ميڙو تن سين.

**سپڪ :**

شيخ = ڇگيءَ طرح پڪل

منگهاٽي = ڪڙڪ، سڪل ڪانيءَ وانگر، ڪُرُڪُرِي،

جنهن ۾ ڪو رس، ڪا آلاڻ ۽ ڪابہ نمي نہ هجي.

هي بيت گنج سميت ڪنهن بہ لطيف جي نسخي ۾ موجود ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ "سپڪ" جي معنيٰ شيخ صاحب "چگّيءَ طرح پڪل" ڏني آهي پر هر چگّيءَ طرح پڪل شيءِ، "سُپَڪَ" نہ ٿيندي آهي. ماني چگّيءَ طرح پڪل هوندي پر ان کي "سپڪ" نہ چئبو ۽ "سپڪ" تڏهن چئبو جڏهن اها ماني نڪاءَ يا آواز سان ڀڄي ۽ ٽٽي پوي ۽ ڪائڻ مهل "ڪُرُ ڪُرُ" جو آواز ڪري ۽ ايئن تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ان مانيءَ مان سڄي پاڻياٺ ختم ٿي ويندي آهي. سٺ آهي.

"پڪا جي نہ سپڪ، مَ ڪر ميڙو تن سين"

معنيٰ = جيڪي ڀڃي سڪي ڪڙڪ ڪانيءَ وانگي نہ ٿيا آهن. (جن جو رَتُ پِتُ سَتُ ختم نہ ٿي ويو هجي) تہ انهن سان ملجانءِ نہ. ميلاپ نہ ڪجانءِ.

جملو = پلو پڪل تہ چگّيءَ طرح آهي، پر سپڪ ناهي، ان ڪي سپڪ ڪر آئون بنا مانيءَ جي رکو ٿي ڪائيندس.

بيت جي سمجهاڻيءَ لاءِ بيت جو تڪراري هئڻ نہ گهرجي.

سر آسا، داستان 4 بيت 8 جلد 3،

ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ نانگ مٽيارو نڪري،

آيي جو اوناءِ، سڻ پڻ سندي سڄٽين.

ڪپر :

شيخ = زهريلي نانگ جو هڪ قسم.

منگهاٽي = بلا (نانگ نہ) جيڪا هڪ فٽ جيڏي يا اجا ڪجهہ ننڍي هوندي آهي، ۽ چڪريون پائي سُرندي آهي، جيڪا واٽ تي پاڻ کي ويڙهي سيڙهي وهندي آهي ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي ڏنگڻ پنهنجو فرض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجھندي آهي. ڪَپُرَ جو رنگ ميرانجهڙو اڇو ٿيندو آهي. ”ڪَپُرَ“ ڪي ”نانگ“ چئبو ئي ناهي.

گنج، صفحو 747،

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 3 بيت 22، (سُرُ پُرُ سندي سڄڻين)

قليچ، داستان 3 بيت 22، (سُرُپُرُ)

لغات لطيفي (قليچ) ڪپر = هڪڙي قسم جو زهريلو نانگ.

قاضي، داستان 3 بيت 19، (سُرپُرُ) ڪپر = هڪ ننڍڙو زهيرلو نانگ.

گربخشاڻي واري نسخن ۾ سر آسا ڪونهي.

شهواڻي، داستان 3 بيت 18، (سرپر) ڪپر = وڏو نانگ (ڪامل مرشد)

آڏواڻي، داستان 3 بيت 22، ڪپر = زبردست زهري نانگ.

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 29، (سر پر)

قاسمي، داستان 3 بيت 22، ڪپر = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 3 بيت 20، ڪپر = هڪ ننڍڙو زهريلو نانگ.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 375، ڪپر = نانگ جو قسم، سخت زهريلو نانگ.

لفظ ”ڪَپَرَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني قابل شارحن ”زهريلو نانگ“ ڏني آهي. جڏهن تہ ”ڪَپُرَ“ هڪ ننڍڙي سنهڙي بلا آهي. جنهن کي نانگ چئجي ئي نٿو. جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم تہ اها هڪ فٽ ڪان بہ ننڍڙي بلا آهي، جنهنجي خصلت اها آهي جو هوءَ گهٽو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واٽ وني ويڙهجي وهندي آهي ۽ هر اينڊڙ ويندڙ کي هرويرو ٻنا ڏوهه جي دغا سان ڏنگ هڻندي آهي. ”ڪَپَرُ“ اسان وٽ جبل ۾ دُريجي، موئيداڻ، هنيداڻ، ڪنڊ جهنگ وغيره ۾ وڏي انداز ۾ آهن. ۽ اسانجا ڪيترائي ماڻهو هن دغاباز جي ڏنگڻ سبب جانيون وڃائي وينا آهن. ”ڪَپَرُ“ جو ڏنگيل گهٽ بچندو آهي. ”ڪَپَرُ“ زهريلو تہ آهي پر نانگ ناهي. بيت ۾ هوندي بہ نانگ جو ذار ذڪر آهي. ”ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٽيارو نڪري“ معنيٰ = ٻچڙي ڪي، بدنيت ڪي ڪپر بہ ڪائي ۽ مڻ وارو نانگ بہ نڪري ڪيس ڏنگي. يعني، ويريءَ ڪي ڪپر بہ ڪائي ۽ مڻ وارو زبردست زهري نانگ بہ ڪائي (مطلب تہ ويري ڪتان بہ بچي نہ نڪري).

جملو = هن گرميءَ ۾ ڪپر گهڻا بہ آهن تہ چتا بہ آهن. سنيالي نڪرجو.

جملو = رات جو مڙيئي سڙيئي نہ نڪرو. ڪَپَر واٽون جهلي وينا آهن.

جملو = امان ڪَپَر ڪان ڪونہ ٿا ڊڄون، نانگ ڪونهي جو مقابلو تيندو هيڏڙي تہ بلا آهي هڪ ئي لٺ سان مئي پيئي هوندي.

بيت جي سمجهاڻي = ٻچڙي ڪي شل ڪپر (زهريلي بلا) ڪاءِ، ۽نانگ مڻ وارو (واسينگ نانگ) نڪري ڪاءِ، جيڪو لڪي پيو محبوبن جي جهيڻي گفتار، سرباٽ ٻڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر آسا، داستان 5 بيت 18 جلد 3،

مون تان لڪائي گهٽو، روئڻ ڪئي روشن،
رسيو ريزالن کي، زرديءَ منجهان ظن.
ويري مون ورن، ڳالهه ڪيائين ڳجهه جي.

## ريزالن :

شيخ = رذيلن، ڪميڻن، بداخلاقن، رقيبن.

منگهاڻي = هلڪي طبيعت وارن (بنا ڳجهَيءَ وارن)

گنج، صفحو 739.

برٽش ميوزيم (لنڊن) صفحو 297 بيت 1540.

شوقيرام، داستان 2 بيت 28،

قليچ، داستان 2 بيت 28.

لغات لطيفي (قليچ) ريزالن = ريزال = بدڪار ماڻهو، بدچال، ڪمينا.

قاضي، داستان 4 بيت 28 ريزالن = ريزاليون = نالائق، ڪميڻيون.

گربخشاڻي واري نسخي ۾ سر آسا ناهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 27 ريزالن = رزيلن = بدڪارن، ڪميڻن.

آڏواڻي، داستان 4 بيت 27 ريزالن = ڪمينن.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 47.

قاسمي، داستان 4 بيت 28 ريزالن = رزيلن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصـــاري، داســـتان 4 بيـــت 31 ريزالـــن = ريزاليـــن = نـــالائق ڪميٽيون.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 238 ريزالن = ريزالو (جمع، ريزالا) = رذيل، رليل، بي واھو، پٽڪيل، بدخواھہ ريزالن کي = بدخواھن کي، رقيبن کي.

هي لفظ متي سر آبري، داستان 7 بيت 12 سٽ،

"ريـــس ريزاليـــون تـــن ســـين، ڪچـــاڙي ڪـــي ڪـــن"

۾ آيل آھي جتي شيخ صاحب "ريزاليون" (جيڪو جمع مؤنث آھي) جي معنيٰ "ڪميٽيون، سڙيون" ڏني آھي ۽ هتي "ريزالن" (جيڪو جمع مذڪر آھي) جي معنيٰ "ڪميٽن، بداخلاقن، رقيبن" ڏني آھي. مون جيئن تہ لفظ "ريزالين" جي معنيٰ متي سر آبريءَ ۾ جملن سان تفصيلي ڏني آھي، پر هتي وري بہ ڪجھہ چوڻ جي گنجائش نڪري آئي آھي، ڇو جو هتي وري بہ ويچارن "ريزالن" تي ساڳين تيز تکن تيرن ۽ تلوارن سان ڀرپور حملو ٿيل آھي.

"ريزالو/ريزالي" اھڙي ماڻھوءَ کي چئجي ٿو جيڪر فطرتن بيپرواھہ، بي خيالو ۽ ھر ڪنھن کي نظرانداز ڪندڙ ھوندو آھي ۽ جنھنجي اڳيان ڪابہ ڳالھہ اھميت رکندڙ ناھي ھوندي. پلي ڪيڏي بہ اھم، حساس راز جي ڳالھہ ھجي، پر جي ھُن کي ان ڳالھہ جي پٽڪ بہ پيئي تہ ھو بنا ڪنھن رڪاوٽ، جھل پل ۽ دير جي، انھيءَ مھل ئي ھُلَو (پڙھو/اعلان) ڪري ڇڏيندو. اھڙيءَصورت ۾ تہ ھو پنھنجي ذات لاءِ بہ نقصانڪار آھي. ڇـ جائيڪـ بدخواھہ، بداخلاق، ڪميٽو ۽ رقيب ٿيڻ. "ريزالن" جي معنيٰ آھي ھَلڪن، جن کي گجي نہ ھجي. پنھنجا ۽ پراوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راز بنا فرق جي اٿلائي پڌرا ڪري وجهي. مونکي ياد آهي جڏهن گهر ۾ ڇوڪرين ڇڪ ڇڪل پايان، پيرڙا گسايان راند ڪيڏندي جي ڪنهن مهل امان وڏيءَ جي پلنگ سان ٽڪرائجي پونديون هيون تہ امان وڏي چوندي هئي،

جملو = "پري ٿيو پلنگ کان ريزاليون" ۽ اها مونکي خبر آهي تہ اسانجي خاندان ۾ گار ڏيڻ معيوب ڳالهہ/ريت آهي. عورتن جي واتان تہ ٺهيو پر مون ڪڏن مردن جي واتان بہ گار نہ ٻڌي. هي لفظ اڄ بہ عام سمجهيو ويندڙ لفظ آهي.

جملو = تو وارو پٽ بہ هاڻ ريزالو ٿيندو تو وجي، سنياليس نہ تہ قطار مان ٿي نڪري ويندو.

جملو = هنن ريزالين جي اڳيان ڳالهہ نہ ڪجين، هي تہ ملڪان ملڪ مشهور ڪري ڇڏيندوَ.

بيت جي سمجهاڻي = مون تہ گهٽو ٿي لڪايو پر منهنجي روئڻ مونکي پڌرو ڪري ڇڏيو. هلڪن ۽ بنا گجيءَ وارن ماٺهن کي منهنجي ڇهري جي پيلاڻ مان شڪ ٿيو، دشمن کي منهنجي ڇهري جي رنگ (پيلاڻ) سڀ راز ٻڌائي ڇڏيو. (يعني، هلڪن بنا گجيءَ وارن ماٺهن کي خبر پئجي ويئي تہ پوءِ يعني جڳ کي خبر پئجي ويئي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر آسا، داستان 5 بيت 22 جلد 3،

علتيءَ آرام، پسي علتا آيو،
حسن پيو حق جو، خامي پائين خام،
اچي ٿيا اسلام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

## علتيءَ :

شيخ = علتيءَ ڪي، بيمار يا اگھي ڪي.

منگھاڻي = عادتي، اڻ وٽندڙ عادت وارو، بڇڙي عادت وارو.

## علتا :

شيخ = (ٻي جي) علت مان يا بيماريءَ مان

منگھاڻي = ٻي اڻوٽندڙ عادت واري ڪي، بڇڙي عادت واري ڪي

گنج، صفحو 758.

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 300، بيت 1560

شوقيرام، داستان 4 بيت 39،

قليچ، داستان 4 بيت 39،

لغات لطيفي (قليچ) علتي = علت وارو، عليل بيمار، عادتي.

قاضي، داستان 4 بيت 27، = علتي = عادتي.

گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ سر آسا موجود ناهي.

شهواڻي، داستان 4 بيت 37، علتي = عادتيءَ، جنهن کي عادت هجي.

آڏواڻي، داستان 4 بيت علتيءَ = عادتيءَ.

ڏيپلائي، داستان 4 بيت 74،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 2 بيت 37، علتي = بيمار، عادتي.

انصاري، داستان 4 بيت 42، علتي = عادتي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 313، علتي = علت وارو، عادتي عيبدار، ناقص، ظاهر سبب ڳولينڙ، اصطلاح، عادتي (خرابيءَ جو، گندگيءَ جو)

لفظ "علتيءَ" جي معنيٰ سيني قابل شارحن ٻي تہ جيڪا بہ ڏني هجي پر "عادتي" سيني ڏني آهي. رڳو اڪيلو شيخ صاحب آهي جنهن "علتيءَ" جي معنيٰ "بيمار ۽ اگهو" ڏني آهي. اسان وٽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ اڄ بہ جي ڪو ٻي چيو/ٻي ڪمو هوندو، يعني هر ننڍي وڏي ڪي ڪم چوڻ تي انڪار ۾ ورندي ڏيندو تہ، "چو اوهانجو ڪم ڪريان؟" تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ بہ لفظ "علتي" آڻبو آهي. جملو = اهو آهي ئي علتي چيو ڪونہ ڪندو، مونکي ڏي تہ آئون آڻيان.

جملو = فلاڻي ڪي علت چڙي تہ ڪو ڪم ڪار ڪري.

بيت جي سمجهاڻي = بڇڙي عادت واري ڪي، بيو بڇڙي عادت وارو ڏسي سڪون/آرام اچي ويو. خدا جو جمال/حسن ڏسڻ ڪان پوءِ بہ ناقص ان مان نقص ئو ڪڍي، ڪفر ۽ ڪافر پاڻ ۾ مليا تہ اسلام تي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـر آسـا، داسـتان 7 بيـت 9 جلـد 3،
اوڳـڻ رسـي سـيکو، ڳٽيـن پريـن، رنـام،
ليکـئـہ جـي لسـان سـين، سـي کَـرَ کيـن کئـام،
پـاڻ وجـائي پانهنجـا، تـورا تُـک هنيـام.
پريـن تـب پرچـام، آئـون جـب اٺ گـئـي.

## کَرَ :

شيخ = ڇڻ
منگهاڻي = نہ تہ، جيکر.

لفظ "کَرَ" جي سمجهاڻي متي سر سوهڻي، داستان 10، بيت 3، جلد 1 واري سٽ، "جي پرين پاسي هوءِ، تہ توڏيءَ کَرَ تڙ کيو" ۾ ڏني اٿم. جتي شيخ صاحب لفظ "کَرَ" جي معنيٰ "جهڙو ڪ، ڇڻ تہ" ڏني آهي. لفظ "کَرَ" اسين اڄ بہ "نہ تہ، جيکر" واري معنيٰ ۾ ڳالهائيندا آهيون. لطيف سرکار پڻ اسان واري معنيٰ ۾ ئي لفظ "کَرَ" آندو آهي. سوهڻيءَ واري سٽ آهي،

"جي پرين پاسي هوءِ، تہ توڏيءَ کَرَ تڙ کيو"

معنيٰ = جي محبوب سندس پر ۾ هجي/ساڻ هجي تہ جيکر خوبصورت عورت وهنتي/غسل کيو.

هن متئين بيت جي سٽ آهي،

"ليکئہ جي لسان سين، سي کَرَ کين کئام"

معنيٰ = مون جيکي وات سان/زبان سان شمار ۾ حساب کيا هئا (ثواب ۾ نيکيون) اهي جيکر کين کريان ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متين ٻنهي بيتن وارين سٽن ۾ لفظ ”ڪَرَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب واري ”جهڙوڪ، ڇڻ تہ، ڇڻ“ آڻي پوءِ وري سٽن جي ۽ بيت جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏسي پوءِ فيصلو ڪريو تہ ڪهڙي معنيٰ درست آهي.

سر گهاتو، داستان 1 بيت 1 جلد 3،
گهنگهرئا گهڻ ڄاڻ، موڙهي مت مَسهائين،
وئا گڏجي وير ۾، پئا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان ٿاڻ، وئا وچارين وسري.

## ٿاڻ :

شيخ = حيلا، اٽڪلون، مهلون، وقت
منگهاڻي = زور، طاقتون.
گنج، صفحو 637 الف ۽ صفحو 628
برٽش ميوزيم وارو نسخو صفحو 215 بيت 1128.
شوقيرام، داستان 1 بيت 2.
قليچ، داستان 1 بيت 2.
لغات لطيفي (قليچ) ٿاڻ = ٿاٽو، وقت
قاضي، داستان 1 بيت 1 ٿاڻ = ٿاٽو، طعنو.
گربخشاڻي، داستان 1 بيت 1 ٿاڻ = اڳيان پويان ٿاڻ = وير جي چڙهڻ ۽ لهڻ جا وقت.
شهواڻي، داستان 1 بيت 1 ٿاڻ = وقت.
آڏواڻي، داستان 1 بيت 1 ٿاڻ = وقت.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 2.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسمي، داستان 1 بيت 2 ٽاڻ = وقت

انصاري، داستان 1 بيت 2 ٽاڻ = ٽاڻو، طعنو.

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 86 ٽاڻ = ٽاڻا، اهڃاڻ، اٽڪلون، حيلا.

لفظ ”ٽاڻ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”حيلا، اٽڪلون، مهلون، وقت“ ڏني آهي، پڻ انهن ئي خوش قسمت لفظن مان هڪ آهي جيڪي لطيف کان وٺي يڪو حالتن جي حملن کان بچندا صحيح سلامت اسان تائين پهتا آهن ۽ انهن جي صحت اڄ بہ ماشاءالله سٺي آهي. لفظ ”ٽاڻ“ جي معنيٰ لطيف سرڪار جي سيني قابل محققن ۽ شارحن گهڻو ڪري ”وقت“ ڏني آهي، پر قاضي صاحب ۽ انصاري صاحب ”طعنو“ بہ ڏني آهي ۽ شيخ صاحب ۽ بلوچ صاحب ”وقت“ سان گڏ، حيلا، اٽڪلون، اهڃاڻ“ پڻ ڏني آهي. جيئن مون عرض ڪيو آهي تہ لفظ ”ٽاڻ“ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ ”زور ۽ طاقت“ واري معنيٰ ۾ اڄ بہ سمجهيو ۽ ڳالهايو وڃي.

جملو = ڳالهہ ۾ حال ڪونهي، باقي ٽاڻ وڏا ٽو ڏي ڳالهہ مڃائڻ لاءِ.

جملو = فلاڻي اڳيان پويان گهڻا ئي ٽاڻ ڏنا پر هليس ڪجهہ بہ ڪونہ.

جملو = سڀ وزني سامان مون کنيو، تو رڳا ٽاڻ ڏنا. ٽاڻن سان ڪم ڪونہ ٿو ٿيئي سچائي بہ ڪر.

”اڳيان پويان ٽاڻ، ويا ويچارن وسري“

معنيٰ = ويچارن کان سيئي اڳيان پويان زور طاقتون سڀ وسري ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني = مَڇ جي اوچتي حملي سبب هو ڪابہ ڪارروائي ۽ بچاءُ ڪري نہ سگهيا. ڪين سيپئي زور ۽ طاقتون وسري ويون.

بيت جي سمجهاڻي = گهٽو ڇاڻو/ماهر بہ منجهي ۽ ٻاتاڙجي ويا.

بهادرن جون متيون ۽ هوش ئي خطا ٿي ويا. هو (سيئي ياٿر) گڏجي وير ۾/ڇولين ۾ ڪاهي، گهڙي پيا ۽ سنڌوءَ جي منهن ۾ وڃي پيا (منهن، معنيٰ سنڌوءَ جو اهو وهڪرو جيڪو سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿو ڪري ان ۾ گهڙيا ۽ ڪراچيءَ واري ڪن جي ڦيري ۽ جهڙپ ۾ اچي ويا) ۽ پوءِ (هو بيوس بنجي ويا) ويچارن ڪان سيئي اڳيان ۽ پويان زور ۽ طاقتون وسري ويون.

سر مارئي، داستان 1 بيت 5 جلد 3،

ڪوءِ آسون عمر ڪوٽ جون، وَرُ جهنگل ۾ جهوپي،
جي اباڻن اڏئا، ڳٽن ۾ ڳوپي،
ونديس ويڙهيچن ڏي، لوهہ پڄي لوپي،
چيڙ آئون چوپي، سک لاهيندي سومرا.

**لوپي :**

شيخ = موڙي

منگهاڻي = لڪائي، ڳوري ڳهي، هضم ڪري (ختم ڪري)

گنج، صفحو 699

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 273 بيت 1425

شوقيرام واري نسخي ۾ هي بيت ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 1 بيت 5 (ڏنگين ۾)
لغات لطيفي (قليچ) لوپي = لوپڻ = موڙڻ.
ڏيپلائي، داستان 1 بيت 5.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 417 لوپي = لوپئا = اوکا کيا.
جنجال ۾ وڌا، لتجي ويا. لوپي آيا = (ساموندي) لٽي آيا، واپار ۾ کٽي آيا.

هي بيت شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. لفظ "لوپي" جي معنيٰ شيخ صاحب "موڙي" ڏني آهي، لفظ "لوپي" جي معنيٰ مٿي سر ساموندي، داستان 3 بيت 26 جي سٽ، "ساموندي سائو، لنکا لوپي آيا" آهي جتي شيخ صاحب واري بيت ۾ لفظ "لوپي" جي بدران "لوٽي" آيل آهي، هونئن بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ "لوٽي" ناهي پر، لـٽي" آهي، جڏهن تہ شيخ صاحب واري نسخي ۾ لفظ "لوني" جي بدارن بہ "لوٽي" آيل آهي. مثال طور هڪ وائيءَ ۾ "مين لوٽي يار لوکو..." آهي. جيڪا وائي ٻين نسخن ۾ "مين لوني يار لوکو..." آيل آهي. لفظ "لوپي" جي معنيٰ ٻڌائڻ لاءِ بہ کو هڪ متبادل لفظ نٿو سجهيم، پر جي هروڀرو ٻڌائڻو هجي تہ ان لاءِ آئون لفظ "ڱورڻ/ڱهڻ تجويز ڪنديس. باقي جملن ۾ سمجهاڻي ڏيڻ سان ضرور مکمل معنيٰ ٻاهر نڪري ايندي.

جملو = ان تي ويساهہ متان ڪرين، تنهنجي اڳيان ڳالهہ ڪري، پوءِ ٻين جي اڳيان لوپي ويندي. چوندي مون اها ڳالهہ ڪئي ئي نہ هئي.

جملو = تون تہ وڏي ڪا لوپڻ آهين، مونسان ڳالهہ ڪري پوءِ چوين تي مون ڪئي ڪانہ هئي؟ ماڻهو پر پٽ تہ لوپيندا آهن پر تون تہ منهن تي لوپيو تي وجين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڻ آهي، ”ويندِيس ويڙهيچن ڏي، لوهہ پيچي لوبي“
معنيٰ = آئون هي سيپيئي لوهہ (زنجيرون، ڪلا، ڪڙا) پيچي ڳوري (هضم ۽ ختم ڪري) پنهنجي مارن ڏانهن (موٽي) ويندِيس.

بيت جي سمجهاڻي = ڪڏ ۾ وجي پون عمرڪوٽ جا سک (عمر جي محلاتن جا) جهنگ واري پونگي ئي مون لاءِ بهتر ۽ متبرڪ آهي، جيڪا منهنجي مائٽن چڱايون وڙ ڳوهي بنائي آهي. آئون هي (تنهنجا) لوهہ (زنجيرون) پيچي ڳوري (هضم ڪري/ختم ڪري) پنهنجي مارن ڏانهن موٽي ويندِيس. (جيڪي ويڙها جوڙي پاڻ ۾ ڳڏجي تا رهن)

اي عمر! اتي وجي آئون چيڙ (ڏٿ جو قسم) چوسي (پنهنجي وطن جي/زمين جي) سک لاهيندِيس. (جيڪا وجوڙي ۾ ويتر وڌي ويئي آهي. اها سک پوري ڪنديس، لاهيندِيس)

سـر مـارئي، داسـتان 2 بيـت 4 جلـد 3
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هونگ نہ هون،
سڄڻ تنهن ساعت ۾، ايـي ڏنوسـون،
مون تن تـڏا هـانڪون، ملي ملاقـات ڪئي.

**هونگَ :**

شيخ = آواز، هُل، گوڙ، شور.
منگهاڻي = بانس، خوشبو، چٽ، بوءِ.
گنج، صفحو 673 (تن تناڪون)
برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هي بيت ناهي.
شوقيرام، داستان 1 بيت 5.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 1 بيت 5،

لغات لطيفي (قليچ) هونگ = آواز

قاضي، داستان 1 بيت 3، هونگ = هنگار، هُل

گربخشاڻي، داستان 1 بيت 5، هونگ =آواز، هُل

شهواڻي، داستان 1 بيت 5، هونگ = نڪا هنگ نہ هون = نڪي دنيا جو هل هلاچو وجود ۾ آيو هو.

آڏواڻي، داستان 1 بيت 5، هونگ = آواز

ڏيپلائي، داستان 1 بيت 15،

قاسمي، داستان 1 بيت ،5 هونگ = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 1 بيت 5، هونگ = هنگار، هُل

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 550، هونگ = آوز جي هونگار. جتي هونگ نہ هون = جتي آواز جي هونگار ئي ڪانهي. (جتي ڪو آواز ڪونهي، آئون اڪيلو آهيان.)

لفظ "هونگ" جي معنيٰ شيخ صاحب سميت سيني قابل شارحن "آواز، هل، گوڙ، شور، هونگار وغيره" ڏني آهي.

لفظ "هونگ" وچايل لفظ ناهي، اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ "بانس، ۽ بوءِ" واري معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي ۽ "بانس ۽ بوءِ" بہ عام ۽ نارمل نہ، پر جيڪا نهايت تيز، تکي ۽ گهٽي هجي. بوءِ اها هاڪاري هجي يا ناڪاري، عطر جي هجي يا ڍونڊ جي هجي، ان کي "هونگ" چيو وجي ٿو. مثال طور ڪو ماڻهو گهٽو عطر لڳائيندو تہ چئبو،

جملو = فلاڻو تہ عطر مان هونگون ڪندو پيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = اوھان جي گھر ۾ ڪوئو وغيره تہ نہ مئو آھي، گھر ۾ ڪيڏي ھونگ آھي.

جملو = وھنجين ڇو نٿو؟ تو ۾ پگھر جي ڪيڏي ھونگ آھي.

يعني لفظ ”ھونگ“ خوشبو ۽ بدبوءِ ٻنھي لاءِ بلڪل ايئن ڇئبو آھي جيئن ”بوءِ، بانس يا ڇٽ“. مثال، ”ڪھڙي سٺي بانس/بوءِ آھي. يا ”ڪھڙي خراب بوءِ/بانس“ آھي. بيت ۾ لفظ ”ھونگ“ سان گڏ ”ھون“ بہ آيل آھي ”نڪا ھونگ نہ ھون“ ۽ لفظ ”ھون“ جي معنيٰ بہ سيني محترم محققن ”آواز“ ڏني آھي. ايئن تہ سٽ جي معنيٰ ٿيندي، نڪا ڪن فيڪون ھئي، نڪو آواز نڪا آواز“ جڏھن تہ سٽ جي معنيٰ آھي، ”نڪا ڪن فيڪون ھئي، نڪا بوءِ ۽ نہ آواز ھو.“

اميد تہ ھاڻي اھو اندازو ٿيو ھوندو تہ لفظن جون ڏنل معنائون لطيف جي پيغام ۽ فڪر ۾ ڪيڏي تبديلي ٿيون آڻي سگھن ۽ جي اھي غلط ھجن تہ ان کي ڪيڏو نقصان ۽ ڪاپاري ڌڪ ٿيون رسائين. ھتي آئون پنھنجو ڇوڻ وري بہ ورجائيندس تہ ”ھڪ ماڻھو يا ھڪ ئي علائقي جا گھڻا ماڻھو، ممڪن ئي ناھي تہ لطيف بادشاھ جي ڪلام ۾ آيل سيني لفظن جون معنائون ڄاڻندا ھجن. سوال ئي پيدا نٿو ٿيئي، پلي ڪيڏا بہ عالم ۽ علم جا ڏاڍي ھجن. لطيف سرڪار جي ڪلام ۾ آيل لفظن جون معنائون ڏيڻ جو اھو ئي طريقو درست آھي، جيئن آئون پيئي ڪريان. يعني مون پنھنجي لفظن جي تصحيح ڪئي، بلڪل ايئن ئي ھر ڪو پنھنجي لفظن جون معنائون درست ڪري پر جي غلط ڏنل ھجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت ۾ ٽوري لفظن جي ڦيرڦار آهي. جيئن، ”اپي ڏنائون“ جي بدران ”بيٺي ڏنوسين“ ۽ ”تڏاهانڪون“ جي بدران ”تناڪون“ وغيره وغيره آهي.

بيت جي سمجهاڻي = نڪا ”ڪن فيڪون“ (ٿيءُ ۽ پوءِ ٿي پوي. قرآن شريف جي سورة بقر جي آيت 117 ۽ سورت آل عمران جو آيتون 4 ۽ 59 (شيخ صاحب)) هئي. نڪا بوءِ ۽ نہ آواز هو. اسان پنهنجي محبوب کي انهيءَ مهل بيهي ڏٺو هو. منهنجي تن/بدن/جسم انهيءَ پل ساڻس گڏجي رهاڻ ڪئي/ملاقات ڪئي.

سـر مـارئي، داسـتان 3 بيـت 14 جلـد 3،

عمـر، مـاروئڙن جـو، تـر تـر انـدر تـاڪ،
لاٿـائون لطيـف چئـي، متـان لوئـيءَ لاڳ،
عمـر آهيـون آڳ، پهرئـو تـي پـن چـران.

**پهرئو :**

شيخ = ردن يا ٻڪرين کي چارڻ لاءِ جهنگ ڏانهن ونيو.
منگهاڻي = مالُ، پَهَروُ.

**چَران :**

شيخ = (مال کي) چاريان
منگهاڻي، آئون ڪانوان، مال وانگيان آئون چران.
گنج، صفحو 682 ۽ صفحو 685.
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 462 بيت 1370



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمــــر، مـــاروئڙن جـــو، تـــر تـــر انـــدر تـــاک،
لاتـــائون لطيـــف چئـــي، متـــان لوئـــيءَ لاک،
عمـــر اُهوئـــي آک، پهرئـــو تـــي پـــن چـــران.

شوقيرام، داستان 2 بيت 12

تـــر تـــر انـــدر تـــاک، عمـــر مـــاروئڙن جـــا،
لاتـــائون لطيـــف چئـــي، متـــان لوئـــيءَ لاک،
عمـــر! کريـــو آک، تـــہ پهريـــو تـــي پـــن چـــران.

قليچ، داستان 2 بيت 12 (شوقيرام وارو)

لغات لطيفي (قليچ) پهريو ۽ چران = معنيٰ ڏنل ناهي.

قــاضي، داســتان 2 بيــت 7 (شــوقيرام وارو) پهريــو ۽ چــران = معنيٰ ناهي.

گربخشاڻي، داستان 2 بيت 7 (شوقيرام وارو) پهرئو = پهرڻ = (سنسڪرت، پرسرڻ) چاري لاءِ جهنگ ۾ پکڙي وڃڻ.

شهواڻي، داستان 2 بيت 7 (شوقيرام وارو) پهرئو = پهرئو تي پن چران = اي عمر حڪم ڪر تہ آئون مال سان گڏ پهري (گڏ وڃي) انهن کي پن چاريان.

آڏواڻي، داستان 2 بيت 12 (شوقيرام وارو)

قاسمي، داستان 2 بيت 12 (شوقيرام وارو) پهريو = پکڙيو.

انصــاري، داســتان 2 بيــت 7 (شــوقيرام وارو) پهرئــو = معنــيٰ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ، لغت ”روشني“ صفحو 125 پھرئو = پھرئو پن چران = ميدانن، چراگاھن تي پکڙي پن چرن، گاھ چرن.

لفظ ”پھرئو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ۽ ٻين شارحن ”مال کي پکيڙڻ ۽ جھنگ ۾ چرڻ لاءِ وٺي وڃڻ“ ڏني آھي. لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ مال (رڍن ۽ ٻڪرين) کي ”پھرو“ چيو ويندو آھي ۽ مال کي جھنگ ۾ چرڻ ۽ چارڻ لاءِ وٺي وڃڻ کي ”پھرائڻ“ چوندا آھن.

جملو = تو وٽ گھٽا پھرو آھن؟

جملو = مان وٽ ھاڻ ڏڻ نڪو ڪيراڳ آھي ، ٻرُڪو آھي. بس، مڙيئي نالي جا پھرو آھن.

جملو = مال پھرايو اٿئي؟

جملو = ھَئو، سويرو پھري ويو آھي.

۽ ماڻھن کي ”پَھَرَ“ چئون (پسي پھر پنھونءَ جي...)

جملو = آئون آيو ھوس تہ ھتي پھر ٿي نہ ھئي.

جملو = اسان وٽ ٻي کھڙي پھر آھي، آئون ۽ امان آھيون. آئون ڪم تي ويو ھوس ۽ امان ھيڏي ھوڏي نڪتي ھوندي.

ٻيو لفظ آھي ”چران“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”(مال کي) چاريان“ ڏني آھي. ڇا ”چران ۽ چاريان“ ھڪ ئي لفظ آھي؟

ھي تہ ٻہ مختلف معنائون رکندڙ ڌار لفظ آھن.

”چَران“ جي معنيٰ آھي“ آئون چران“ ۽ ”چاريان“ جي معنيٰ آھي، ”ٻين کي کارايان“، ھونئن تہ لفظ ”چرڻ“ مال لاءِ ئي مخصوص آھي پر خار ۾ چڙ مان ماڻھوءَ لاءِ بہ چئبو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن، ڪو ماڻھو گھڻو پيو ڪائيندو ۽ مختلف چيزون پيو ڪائيندو تہ، چئبو "اٺي سنئون ٺي يڪو پيو چرين..."

سٽ آھي، "عمر، ڪريو آڪ، تہ پھرئو ٺي پن چران"

معنيٰ = اي عمر! حڪم ڪريو تہ آئون (آزاد ٺي پنھنجي وطن ۾) مال وانگيان پن/ڏٿ چران/ڪانوان.

لفظ "پھرو" زبان مان ادائگيءَ مھل "پھرئو" محسوس ٿيندو آھي، پر لکڻ ۾ اھو "پھرو" لکبو.

سٽ ۾ آيل ھنن چئن لفظن "پھرو ٺي پن چران" ۾ ھڪ قيدي جي پنھنجي آزادي ۽ پنھنجي ملڪ ۾ ماڻھن سان ملڻ جي سڪ ۽ اڇل جي اھڙي تہ گھري ۽ فطري ترجماني ٿيل آھي جو دنيا جي ڪنھن بہ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل نہ پر ناممڪن آھي ۽ اھڙي اھم ۽ نفيس جذبن مان ڇڪار سٽ جي اھا ٺي عام معنيٰ ڏني وڃي تہ، "عمر موڪل ڏي تہ آئون جھنگ ۾ مال کي وٺي وڃي پن چاريان."

مارئي ويچاري تہ وطن ۽ ويڙھيچن ڪان وڇڙيل ھئي ۽ سندس اڻ جھل سڪ دنيا ڪان انوکا انداز پي ڏيکاريا. ڪڏھن چيڙ چوپي پيئي وطن جي سڪ لاھڻ جا جتن ڪري تہ وري ڪڏھن نينگ ٺپا ڏيئي چيلڙن جيان گھمي ڦري پونن ۽ پٽن تان مال وانگيان پن چرڻ جون سڌون ڪري. اھڙي اڪنديل جيءَ جي اندر جا اڌما لطيف جھڙو لطيف من ئي ڇٽي سگھندو. لطيف جي ايڏي بلند ۽ متاھين سوچ کي اسين پنھنجي ڪم علميءَ جي ڪري پاڻ وانگيان ئي ھيٺين سطح تي آڻڻ ۾ پورا آھيون. ايڏي وڏي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڪن غير سنڌي عالمن جي حوالن ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ ٻيو اسان وٽ ڇا آهي؟ ڪهڙي ٽيڪ ۽ ٻل تي چئون تہ اسانجو لطيف هن وڏي مقام جو شاعر آهي.

هاڻي ڪجهہ بيت جي ساخت بابت عرض. هڪڙي ڳالهہ جيڪا هنڌ هنڌ تي چوان تہ، لفظن جون ڏنل غلط معنائون ڪنهن نہ ڪنهن دور ۾ درست تي سگهن ٿيون پر جڏهن بيت/واين ۾ آيل اصل لفظ معنيٰ نہ اچڻ جي صورت ۾ تبديل ڪيا وڃن تہ اهڙي وڏي نقصان جو ازالو ڪهڙي ريت ڪري سگهبو؟

هن بيت جي صورت بہ وڏي بدليل آهي جيڪا اوهان ڏٺي.

بيت جي پهرين سٽ آهي، "عمر ماروئڙن جو، تر تر اندر تاڪ".

سٽ ۾ آيل لفظ "جو" ٻين نسخن ۾ "جا" آيل آهي.

بيت جي ٻي سٽ آهي. لاٿائون لطيف چئي، متان لوئي لاڳ"

لفظ "لاڳ" جيڪو ٻين نسخن ۾ "لاڪ" آيل آهي.

"لاڪ"، جهنگ ۽ جبل جي رهاڪن جو قدرت جي بنايل شين مان هترادو بنايل رنگ آهي. يعني ڪندي يا ٻير کي ڏڪ هٽي رس ڪڍي ان کي پاڻي ۾ وجهي ڪاڙهي بنائبو آهي، جيڪو نهايت سهڻو هرندو آهي ۽ ناسي ڳاڙهو ٿيندو آهي ۽ جي ڪو ڪپڙو لاڪ رتل هوندو تہ اهو "پل پائين" هوندو آهي. لطيف فرمائي ٿو تہ، "مارن. مارئيءَ جي ڪچي وجڻ ڪانپوءِ سوءَ ۾ پنهنجون لاڪ رتل لوئيون بہ ڪاري بد رنگيون ڪري ڇڏيون آهن. شيخ صاحب لفظ "لاڳ" جي معنيٰ "لاڪ" ڏني آهي. جڏهن تہ "لاڳ ۽ لاڪ" بہ ڌار معنائون رکندڙ لفظ آهن. ۽ الائي ڪهڙي علائقي ۾ لاڪ کي لاڳ چئبو آهي! آخري سٽ آهي، "عمر آهيون آڳ، پهرئو تي پن چران"جيڪا ٻين نسخن ۾ هيئن آهي، "عمر ڪريو آڪ، تہ پهرئو تي پن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چران“ يعني ”آھيون بدران ڪريو“، ”آڳ بدران آڪ“ ۽ ”تي“ بدران ”تي“ وارو فرق آهي. لفظن ۽ معنائن جي حساب سان شيخ صاحب واري سٽ مڪمل طور تي بي معنيٰ آهي. سٽ ڇا، پر سڄو ئي شيخ صاحب وارو بيت بي معنيٰ آهي. (جيڪو گنج مان ڪنيل آهي.)

بيت جي سمجهاڻي = اي عمر. منهنجي ماروئڙن جا هنڌ هنڌ، ڪوهن جي پرن ۾ وهڻ جون مخصوص جايون آهن. انهن منهنجي وڃڻ جي سوءَ ۾ (غيرت وچان) پنهنجون لاڪ رتل لوئيون بہ ڪاري بد رنگ ڪري ڇڏيون آهن. اي عمر! (بادشاھہ) حڪم ڪريو (مونکي آزادڪرڻ جو) تہ آئون (پنهنجي وطن وڃي) مال وانگيان (رڍن ۽ ٻڪرين جيان) پن چران/ڏٿ ۽ وليون ڪانوان.

(شيخ صاحب واري بيت جي جيئن تہ ڪابہ معنيٰ نٿي نڪتي سو بيت جي سمجهاڻي قابل عزت ديوان تارا چند شوقيرام صاحب جي بيت جي ڏني اٿم.)

سر ماروئي، داستان 4 وائي جلد 3،
ويڙهيچن ڏي آئون ويندي، ڏيھہ ڏاڏاڻي ٻڪڙين،
سٽ 3:
پسي ڪينديس پيٽ ۾، ڏورا ڏن آئون ڏيندي.

**ڏن :**

شيخ = خيرات، دان.
منگهاڻي = ٽيڪس يا پنهنجي جان جي سلامتيءَ جو عيوضو، تاوان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 663 ۽ 664 (ڏوران ڏڏ آئون ڏيندي)

برٽش ميوزيم (لنڊن) واري نسخي ۾ هيءَ وائي موجود ناهي.

شوقيرام، داستان 2 وائي 1 (ڏونرا)

قليچ، داستان 2 وائي 1 (ڏونرا)

لغات لطيفي (قليچ) ڏن = نذرانو، محصول.

قاضي، داستان 9 وائي 1 (ڏونرا) ڏن = رائر، نذرانو، محصول.

گربخشاڻي، داستان 9 وائي 1 (ڏونرا) ڏن = (سنسڪرت، ڏنڊ) رائر، ڍل، محصول.

شهواڻي، داستان 9 وائي 1 (ڏونرا) ڏن = محصول.

آڏواڻي، داستان 9 وائي 1 (ڏونرا) ڏن = محصول.

ڏيپلائي، داستان 2 وائي 1 (ڏونرا)

قاسميءَ واري نسخي ۾ هيءَ وائي ناهي.

انصاري، داستان 9 وائي 1 (ڏونئرا) ڏن = رائر، محصول، نذرانو.

بلوچ، لغت "روشني"، ڏن = معنيٰ ڏنل ناهي.

لفظ "ڏن" جي معنيٰ شيخ صاحب "خيرات، دان" ڏني آهي.

هي لفظ يقينن نج نبار لسٻيلي ۽ ڪوهستان جو آهي، اهو يقين مونکي سنڌي ادب جي مطالعي ڏنو. جتي لفظ "ڏن" جو نالو نشان نثر توڙي شعر ۾ نظر نہ آيو. لفظ "ڏن" اسان واري جبل جي پاسي گهڻو ورتو ويندو آهي ڇو جو اتي اڃا بہ قبائلي ۽ سرداري نظام رائج آهي. ٻيو وري اتي ڪمزور اعتقاد جي فراواني آهي، جنهنجي ڪري هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن جو، "ڏاني/ڏن پريندڙ/ڏيندڙ" آهي. يعني ڪو پير جو تہ ڪو مير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڏاني آهي، لفظ ”ڏن“ جي لفظي معنيٰ آهي. ”ٽيڪس“ جيڪو جان جي سلامتيءَجو عيوضو هوندو آهي. شيخ صاحب جي ڏنل معنيٰ ”خيرات، دان“ مڪمل طور تي غلط معنيٰ آهي لفظ ”ڏن“ جي. ”ڏن“ حاڪم کي ڏبو آهي، ڇا حاڪم/بادشاهه کي خيرات ڏبي آهي؟ خيرات فقير کي ڏبي آهي. خيرات ڏيڻ واري جي حيثيت خيرات وٺڻ واري کان مٿي هوندي آهي ۽ خيرات ڏيڻ واري جو هٿ مٿائون هوندو آهي. جڏهن تہ ”ڏن“ ڏيڻ واري جي حيثيت ”ڏن“ وٺڻ واري کان گهٽ هوندي آهي ۽ ”ڏن“ ڏيڻ واري جو هٿ ”ڏن“ وٺڻ واري کان هيٺائون هوندو آهي. يعني ”خيرات ۽ دان“ پينو فقير کي ڏبو آهي. ۽ ”ڏن“ حاڪم ۽ مرشد کي ڏبو آهي. مٿي سر سوهڻي، داستان 10 بيت 15 جلد 1 سٽ، ”سڪي ٻڌن جي، ساهڙ ڏاني تن جو“ جتي لفظ ”ڏانيءَ“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”مددگار“ ڏني آهي.جتي مون لفظ ”ڏاني ۽ ڏن“ جي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي تہ ”ڏاني“ جي معنيٰ آهي ”ڏن ڏيندڙ/پريندڙ“.

بيت ۾ آيل لفظ ”ڏورا“ آهي، ”ڏورا ڏن آئون ڏيندي“ جيڪو درست ناهي. ٻين سيني نسخن ۾ درست صورت ۾ ”ڏونرا“ آيل آهي. ”ڏونرا“ ڪريڙ جي وڻ جو ڦر آهن جيڪو هرڻن جي پسنديده غذا آهي.

سٽ جي سمجهاڻي = (آئون مليرِ ۾ وڃي) پُسي (ڪريڙ جا ڪچا ڦل) ڪائينديس ۽ ڏونرا (ڪريڙ جو ميوو) آئون ڏن/ٽيڪس ۾ ڏيندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر مارئي، داستان 4 بيت 16 جلد 3،

وَرُسي وطن ڇايون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ ڳُڪريون، اوجڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي مارُوئڙن، سج ڳٽائي سيج ۾.

## گولاڙا :

شيخ = هڪ قسم جي جهنگلي ميوي جون وليون.

منگهاڻي = ”زامر“ نالي وڻ جو ڦر

## ڳُڪُرِيُون :

شيخ = هڪ قسم جا جهنگلي ڪونر جا وڻ.

منگهاڻي = ”ڳُڪُرِ“ هڪ ننڍي قد جو ٻوٽي نما وڻ آهي، جنهن مان نڪرندڙ رَسُ، جيڪو بعد ۾ ڳنڍيا تي ويندو آهي، ان کي ڪوئر نہ پر ”ڳڪر“ ئي چئبو آهي. جيئن ”رٻڙ“ جي وڻ مان ”رٻڙ“ ئي نڪرندو آهي.

## ڳٽائي :

شيخ = ڳٽي يا شمار ڪري ڏني، عطا ڪئي.

منگهاڻي = شاديءَ ۾ ڪنوار کي چاچن/مامن ۽ ويجهي سڱ مائٽي مان تحفو تي مليل ڪا وڏي چيز زمين يا مال (ڏور، ڏڳو)

گنج، صفحو 652

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 249 بيت 1303.

شوقيرام، داستان 3 بيت 15



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قليچ، داستان 3 بيت 15

لغات لطيفي (قليچ) گولاڙا = گولاڙو ھڪڙي قسم جو وڻ جو ٿر ۾ ٿو ٿيئي. گگريون = ھڪ قسم جو وڻ جو ٿر ۾ ٿو ٿيئي. ڳٽائي = ڳٽي ڏني، ڏيکاري.

قاضي، داستان 3 بيت 15 گولاڙا، گگريون ۽ ڳٽائي = معنيٰ ڏنل ناھي.

گربخشاڻي، داستان 3 بيت 15 گولاڙا = معنيٰ ناھي.

گگريون = واحد گگري = ھيءَ ھڪ قسم جو وڻ آھي جو قد ۾ ٿوھر جي وڻ جيڏو ٿيندو آھي. منجھس ھڪ قسم جو ڪوئر آھي. جنھن کي "گگر" چوندا آھن. سنڌيءَ ۾ پھاڪو آھي تہ، "گگر گگر پنڌا اڙيا" ھي ڪونر ڪيترين ئي بيمارين جي لاءِ مفيد آھي.

ڳٽائي = دستور آھي تہ شاديءَ جي رات جڏھن زالون اچي گڏ ٿينديون آھن، تڏھن منجھان ڪا وڏي مائي يا دائي اٿي، ڪنوار کي مليل جوڙا ڳھوٽين کي ڳٽائي ڏيندي آھي تہ، "ھيءَ آھي فلاڻي يا فلاڻي ڏنو"

شھواڻي، داستان 3 بيت 15، گولاڙا = ول جو قسم.

گگريون = وڻ جو قسم. ڳٽائي = شاديءَ جي رات سڄ ڏاجي ۾ ڏني.

آڏواڻي، داستان 3 بيت 15، گولاڙا = معنيٰ ناھي.

گگريون = ڪوئر جا وڻ. ڳٽائي =ڳٽي ڏني (وڳن جي بدران)

ڏيپلائي، داستان 3 بيت 16،

قاسميءَ واري نسخي ۾ ھي بيت ناھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاري، داستان 3 بيت 15 گولاڙا، گگريون ۽ ڳٽائي = معنيٰ ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 388، گولاڙا ۽ گگريون = گولاڙن جون وليون ۽گگريون (وليون) اباڻن جو اوڇڻ آهي (انهن ولين جا پن پاند انهن جو لباس آهي)

صفحو 394، ڳٽائي = ڳٽائڻ = ڪنوار ڪي ڏاج ۾ ڳهٺا ۽ سوغات ڪري ڏيڻ، شاديءَ تي آيل ڇج وارين ڪي آهي سڀ هڪ هڪ ڪري (ڳٽي) ڏيکارڻ، تحفي طور ڏيڻ.

پهريون لفظ آهي "گولاڙا" جي معنيٰ شيخ صاحب "هڪ قسم جي جهنگلي ميوي جون وليون" ڏني آهي. اسان جا پَٽَ ڏاڍا زرخيز آهن جن ۾ وڻن، ولين ۽ ٻوٽن جا بہ اڻ ڳڻيا قسم آهن. هڪڙو وڻ آهي جنهنجو نالو آهي، "زامر"، ان وڻ جي ڦر ڪي "گولاڙا" چئبو آهي.

ٻيو لفظ آهي، "گگريون" جي معنيٰ شيخ صاحب "هڪ قسم جا جهنگلي ڪوئر جا وڻ" ڏني آهي. ۽ لڳ ڀڳ سيني شارحن اهائي معنيٰ ڏني آهي، سواءِ بلوچ صاحب جي، جنهن "گگر" جي وڻ ڪي ول بنائي ڇڏيو آهي ۽ گربخشاڻي صاحب جو چوڻ بہ درست ناهي تہ واحد "گگري" آهي. هي (وڻ) واحد "گگر" ۽ جمع "گگريون" آهي. "گگر" لسبيلي ۽ ڪوهستان جو قيمتي ۽ معروف وڻ آهي جنهنجو قد ننڍو آهي، بلڪ اهو ٻوٽي نما وڻ آهي، جنهن مان هڪ قسم جو رس/مواد نڪرندو آهي جيڪو ڳنڍيا تي بيهندو آهي پر ان ڪي ڪوئر نتو چئجي پر گُگُرُ تو چئجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = گگريون. گگر مان ڳنڍيا تي ويون آهن وجي ڪڍو تہ بہ
ٿي ڏوڪڙ ٿين.

”گگرين“ مان نڪرندڙ ”گـُـگـُـر“ نهايت قيمتي هوندو آهي. اها
ئي قيمت ان وڻ لاءِ نياڳ/خاتمي جو باعث بڻي آهي جو هاڻي ان وڻ کي
”ڇـُـتَـڻَ“ لڳا آهن. يعني ڪنهن خاص مند ۾ ان وڻ جي ٿڙ وغيره ۾ خاص
انداز جا چيرا ڏبا آهن. جنهنجي ڪري فطري انداز ۾ پنهنجي مدامر تي
نڪرندڙ ”گگر“هاڻي مصنوعي ۽ هٿرادو طريقي سان تڪڙو ۽ گهڻي مقدار
۾ نڪري ٿو. جنهنجا نيڪا ڪنيا ٿا وڃن. اهو هاڻي وڏو منافع بخش
ڪاروبار بڻيل آهي. جيڪو ان وڻ جي خاتمي جو اهڃاڻ آهي، ڇو جو
هٿرادو ڇُتڻ/چيرا ڏيڻ جي ڪري وڻ جي سڄي طاقت ۽ رس باهر نڪري
ويندو آهي جنهنجي ڪري وڻ سڪي ويندو آهي. ان وڻ مان ڪاروبار
ڪندڙ چوند آهن تہ گگر جو وڻ ٻچا ڏيندو آهي ۽ وڻ جي سڪڻ ڪانپوءِ ان
جي جاءِ ٻچا وٺندا آهن پر ”گگر“ جا وڻ ناپيد ٿيندا پيا وڃن جنهنجي
ڪري واپارين جي ڳالهہ درست نٿي لڳي.

”گگر“ (وڻ) جي ڦر/ميوي جو نالو ”گهوگهيٽا“ آهي. ”لاک“ بہ
بلڪل ايئن ئي ڪنڊي ۽ ٻير جي وڻ مان ڪڍندا آهن. انهن کي بہ چيرا
ڏيئي رس ڪڍندا آهن. ٽيون لفظ آهي ”ڳٽائي“ جي معنيٰ شيخ صاحب
”ڳٽي يا شمار ڪري ڏني، عطا ڪئي“ ڏني آهي. لفظ ”ڳٽائي/ڳٽائڻ“،
لسبيلي ۽ڪوهستان ۾ هڪ اصطلاح طور ڪتب ايندو آهي. شاديءَ ۾
ڪنوار کي ماءُ پيءُ کان علاوه ٻيو ڪو چاچو، مامو ۽ ويجهو مائٽ وغيره
ڪا وڏي شيءِ مثال زمين، مال، سون وغيره ڏيندو آهي تہ ان کي ”ڳٽائڻ“
چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = چاچي مونکي شاديءَ ۾ بہ مينهون ڳٽائيون هيون.

جملو = مامن تي تڏين تي، انهن وري کهڙي زمين ڳٽائي اتئي. باقي کپڙن جي جوڙن کي "ڳٽائڻ" کونہ چئجي.

جملو = تون بہ سوٽ آهين، رڳو کپڙن جا بہ ٽي جوڙا ڪٽي آيو آهين. کهڙيون ڳئون، مينهون ڪو ڳٽائين جو سياڻي ڳالهائيندي نهندين تہ هي ڳئون مون ڳٽائي آهي.

بيت جي سمجهاڻي = ڀاڳوند/سياڳيون آهن اهي وطن ڇايون/ ماروئڙيون، جن جو رڻ/صحرا، پردو ۽ ڍڪ آهي. ڳولاڙا ۽ ڳگريون ٿي منهنجي مائٽن جا اوڇڻ ۽ اوڍڻ جا ڪپڙا آهن. منهنجا جهانگي جهنگن ۾ پنهنجي ٻت تي وليون ويڙهيو/پايو پيا هلن، گهمن. مونکي منهنجي مائٽن سچ/اڻ هوند ڳٽائي آهي (ڏاج ۾)

سر ماروئي، داستان 9، بيت 1، جلد 3،

هن منڊ مارو سنرا، ويڙهيـن وڳ ڇارين،
ڇڇين ڇيڪارئو ڇيلڙا، پٽين پهرائيـن،
نيڻ منهنجا ان کي، جهجهو جر هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا موٽ تون.

وڳ :

شيخ = (چوپائي مال جا) ڌڻ، ولر.

منگهاڻي = انن جو ڳلو، سلو، سڳ.

ڇڇين :

شيخ =ڇڇن مان، تراين مان، هيٺائين زمينن مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگھاٽي = ڇڙوڇڙ، ڌار ڌار، ٽورا ٽورا.

**چيڪارئو :**

شيخ = ”چي چي“ جي آواز ذريعي ھڪليو ”چي چي“ جو آواز چوپائي مال کي پاڻيءَ ڏانھن سڏڻ لاءِ ڪبو آھي.)

منگھاٽي = آزاد ڇڏيو، ڇڙواڳ ڪريو، ٻنا ڪنھن جھل پل جي ڇوٽ، پنھنجي منھن، ٻنا ڏراڙ جي ڇيڪ ڇڏيو.

**تاڙا :**

شيخ = ھڪ قسم جا پکي جي مينھن جي مند ۾ ظاھر ٿيندا آھن.

منگھاٽي = ڏيڏر (جيڪي مينھن وسڻ کان ڪجھ دير اڳ ئي ظاھر نڪري تنوارڻ لڳندا آھن)

گنج، صفحو 669

برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 259 بيت 1356

شوقيرام، داستان 8 بيت 1

قليچ، داستان 8 بيت 1

لغات لطيفي (قليچ) ڇڇيا = معنيٰ ناھي. چيڪاريو = ڇيڪ = ڇوٽ، آزاد، پنھنجي منھن، خوشيءَ وارو. تاڙو = ھڪ قسم جو پکي، ڪويل.

قاضي، داستان 9 بيت 4 ڇڇيا = ڇڇيان = ڇڇ مان، ڍورن مان (ڇڇ = ڍورا، ترايون). چيڪاريو = ڇيڪ، ڇڙواڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 9 بيت 4، ڇڇيا = ڇڇئان (هاڻ) ڇڇ مان، ڇڇ/ڇاڇڙ(گجراتي، ڇاڇڙ/ڌن، ڇنڇولي) هيٺائين زمين، ڍورو، تلي، ترائي. ڇيڪارئو = آ. ڇيڪارڻ (هندي، ڇڇڪارٽا) هڪلڻ، ڪاهڻ.

شهواڻي، داستان 9 بيت 4، ڇڇيا = هيٺايون زمينون، ترايون. ڇيڪاريو = ڪاهيو، هليو.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 4، ڇڇيا = هيٺاهن پٽن، ڇيڪاريو = ڪاهيو.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 1، (ڇڇئا)

قاسمي، داستان 8 بيت 1، ڇڇيا ۽ ڇيڪاريو = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 8 بيت 1، ڇڇئا = ڇڇ مان، ڍورن مان (ڇڇ = ڍورا، ترايون). ڇيڪارئو = ڇيڪ، ڇڙواڳ.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو ، 179 ڇڇيا = (بيت ۾ ڇڇيا جي بدران "ڇنين" آيل آهي) ڇنين ڇيڪارئو ڇيلڙا = ڇنن ۾ ڇيلڙن کي ڇيڪاري، سڏي (پاڻي پياري، چاري)

"وڳ ۽ تاڙي" جي سمجهاڻي مٿي ڏني اٿم. هن بيت ۾ آيل انهن ٻنهي لفظن جون اهي معنائون ڏيڻ مقصود اٿم جيڪي اسان جي تر ۾ سمجهيون وڃن ٿيون. بيت ۾ آيل لفظ "ڇڇين" جي معنيٰ "شيخ صاحب، ڇڇن مان، ترائن مان، هيٺائين زمينن مان" ڏني آهي. اهو لفظ گنج، برٽش واري نسخي، شوقيرام، قليچ وارن نسخن ۾ ساڳيو ئي "ڇڇين" آيل آهي. بمبئي ڇاپي، هڪ اوائلي نسخي ۽ بلوچ صاحب وارن نسخن ۾ اهو لفظ "ڇنين" آيل آهي. (ڇنين ڇيڪاريو ڇيلڙا...) باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين سيني نسخن ۾، جن ۾ قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، ڏيپلائي، قاسمي ۽ انصاريءَ وارا نسخا آهن. انهن ۾ لفظ "ڇڇيا" آيل آهي (ڇڇيا ڇيڪاريو ڇيلڙا...) پر معنيٰ سيني قابل محققن، مرتبن، شارحن ساڳي هڪ ئي "هيٺائين زمين، ترايون، ڍورا" ڏني آهي. يعني لفظ تي "ڇڇين، ڇنين، ڇڇيا" ۽ معنيٰ هڪ. بيت ۽ سٽ جي مناسبت سان لفظ "ڇڇيا" منهنجي نظر ۾ درست آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "ڇڙوڇڙ، ڌار ڌار، ٽورا ٽورا" حالانڪ آئون پنهنجي راءِ "درست ۽ غلط" لاءِ حتمي نہ ڏيندي آهيان، بلڪ سيني قابل ۽ محترم پڙهندڙن جي اڳيان فيصلي ڪرڻ لاءِ آڻيندي آهيان پر هتي لفظ "ڇڇيا" کي درست ان ڪري قرار ڏنو اٿم جو لفظ "ڇڇيا" جي پٺيان ئي لفظ "ڇيڪاريو" آيل آهي "ڇڇيا ڇيڪاريو ڇيلڙا پٽين پهرائين". لطيف "ڍورن ۽ ترائن" جي نہ پر "پٽن ۽ ميدانن" جي ڳالهہ ڪئي آهي. "پٽين پهرائين" لفظ "ڇڇيا" اڄ بہ لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ عام سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي.

جملو = زمين جي ڪهڙي سوڙهہ هئي جو هڪ ٻي سان ليڇاري گهر اڏيا اٿو. ڇڇيا ڪري اڏيا هئا تہ واءُ بہ جَهڙَ آيو.

جملو = صبح ڪان وني ماڻهن جي ڏم هئي، هير اڇي ڇڇيا ٿيا آهن.

ٻيو لفظ آهي "ڇيڪاريو" جي معنيٰ شيخ صاحب "ڇي ڇي" جي آواز ذريعي هڪليو (ڇي ڇي جو آواز چوپائي مال کي پاڻيءَ ڏانهن سڏڻ لاءِ ڪبو آهي)" ڏني آهي. ۽ پڻ بلوچ صاحب بہ تقريبن اهائي شيخ صاحب واري معنيٰ ڏني آهي، باقي ٻين سيني شارحن "ڪاهڻ ۽ هڪلڻ" ڏني آهي صرف هڪڙو محترم مرزا قليچ بيگ صاحب آهي جنهن لفظ "ڇيڪاريو" جي معنيٰ درست ڏني آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ لاءِ سڏڻ يا ”چي چي“ ڪري پيارڻ واري معنيٰ هٿ نوڪي ۽ پنهنجي بنايل آهي، جنهنجو لفظ ”چيڪارڻ“ سان ڪوبہ واسطو ناهي. ”ڪاهڻ هڪلڻ“ ۾ ۽ ”چيڪارڻ“ ۾ اهو فرق آهي تہ ”ڪاهيل“ مال سان ڪونہ ڪو ماڻهو/ڌراڙ ضروري هوندو آهي جيڪو مال کي هڪلي، واري ورائي پيو چاريندو آهي، پر چيڪاريل، چيڪ چڏيل، “ سان گڏ ڪوبہ نہ هوندو آهي. ايئن تڏهن ٿيندو آهي جڏهن مينهن وسندا آهن ۽ گاهہ پاڻي بي انداز هوندو آهي. اهڙي وقت مال کي واري ورائي چارڻ يا ”چي چي“ ڪري سڏي پاڻي پيارڻ جو ڪو سوال ئي نہ هوندو آهي. وڳ/ميهاڳ/ترڏ/ڪيراڳ/ڌڻ جتي بہ بيهي چَري اتيئي ڪاچ گهٽو ۽ پاڻي جام لڳو پيو هوندو. گهرن جي اوسي پاسي ئي تورَ (نديڙن چيلڙن، ڦرن) لاءِ عيدون لڳيون پيون هونديون آهن. هو اتيئي نينگ ٽپا ڏيئي چرندا ۽ موجون ماڻيندا آهن. ڪين ڪاهڻ ۽ هڪلي ڦيري چارڻ جي ڪا ضرورت ئي نہ هوندي آهي. پاڻي تہ ڍنڍن، ڍورن کان سواءِ بہ هنڌ هنڌ ڍِبَ ڍِبَ ٿيو بيٺو هوندو آهي. پونگن اڳيان ئي مينهن جون چِڪُون چلِڙ هوندا آهن. اهڙيءَ مهل ڪو بيمتيو ئي ”ڳتڪا، ترڪا“ ڪري مال کي پاڻيءَ ڏانهن واريندو. مال کي بہ الله بہ اکيون ڏنيون آهن. اڳيتا بيٺل پاڻيءَ لاءِ هو کهڙين ”سيندن، سيٽين“ لاءِ ڪنات ٿيندا. اُجري وجي پاڻيءَ ۾ پوندا. اتيئي پي ڍَئي چيٽا، پولڙيون لاڙي آجا ٿي اوڳاريندا. هن سٽ ۾ آيل ٻن لفظن ”چچيا ۽ چيڪاريو“ کان معزز شارح شايد واقف ناهن. (چيڪاريو جي معنيٰ قليچ صاحب درست ڏني آهي.) جنهن جي ڪري هڪڙي خوبصورت ۽ پر معنيٰ سٽ جيڪا خوشين ۽ سکن جي پرپور عڪاسي ڪندڙ آهي، اها هڪ عجيب اڻ وڻندڙ ۽ غير اهم بنجي ويئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. شيخ صاحب جي ڏنل معنائن جي آڌار سٽ جي معنيٰ هينئن ٿيندي،
"مال کي ڊورن. هيٺائين زمينن تي پاڻيءَ لاءِ "ڇي ڇي" ڪري سڏي پوءِ
پٽن ڏانهن ڪاهيو وڃن."

جڏهن تہ مينهن واري مند ۾ اهي ڪاهڻ ۽ هڪلڻ وارييون
هلاڪيون ڪونهن. سٽ آهي، "ڇڇيا ڇيڪاريو ڇيلڙا، پٽين پهرائين"

معنيٰ = مال کي ڇڙوڇڙ ۽ آزاد ڪري، پٽن تي پکيڙي ڇڏيائون.

جملو = مال کي ڇيڪاريو پوءِ پاڻ پکو واندو ويٺو آهين. اٿي
ڦڙا ڪُتي رسيون جوڙ تہ ٻہ ٽي ڏوڪڙ ٿين.

جملو = ڇوري کي ڇيڪاري ڇڏيائين آهي. نڪو ادب نڪو
اخلاق حرف جا ڏهہ حرف ٿو ٻڌائي.

بيت جي پهرين سٽ ۾ لفظ "سنرا" آيل آهي. سٽ آهي.

"هن مند مارو سنرا، ويڙهين وڳ وارين" هتي لفظ جي معنيٰ،
"سرها ۽ خوش" تي اعتراض ناهي پر لفظ جي ساخت ۾ زير زبر آهي.
لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ لفظ "سنهرا" آهي. جنهنجو ضد "انهرا" آهي.
جيڪو پڻ ٿوري مختلف صورت ۾ سر ديسيءَ ۾ آيل آهي. سٽ آهي،
"اوڳارين نہ آنرا، ٻڌا چرن نہ ٻور" جيڪا ٿيندي، "اوڳارين نہ انهرا، ٻڌا
چرن نہ ٻور." هي ٻئي لفظ "انهرا ۽ سنهرا" زبان جي ادائگي مهل "انرا ۽
سنرا" پاسندا آهن. هي ٻئي لفظ اسين اڄ بہ عام ڳالهائيندا آهيون.

جملو = خير تہ آهي، انهرو ويٺو آهين.

جملو = انهرائي ڪانهي، بس، سوچن ۾ هليو ويو هيس.

جملو = فلاڻي تہ سدائين انهري هوندي آهي. مونسان تہ ڪڏهن
بہ سنهري منهن سان نہ ملي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي سمجهاڻي = هن (مينهن واري) مند ۾، منهنجا مارو بيحد سرها ۽ سنهرا آهن. ۽ پنهنجي اٺن کي ويڙهن ڏانهن پيا موٽائي آڻين. چيلڙن کي ڇڙوڇڙ ۽ ڇوٽ ڇڏي پٽن ۽ ميدانن تي پيا پکيڙي ڇڏين. منهنجون اکيون انهن (مارن) لاءِ ڏاڍا تيون لڙڪ وهائين. هاڻي ته ڏيڏر به پيا تنوارين. مينهن به (ضرور) وسندا. تون (مارئي) وري آءُ/موٽي آءُ! (مارئي، وطن ۾ ڏنل مينهن جي پيئي يادگيري ڪري ۽ عمر جي ڪوٽ ۾ ڏيڏرن جا آواز ٻڌي پيئي اڳوڻا ڏنل منظر ياد ڪري ته، مينهن جي مند ۾ هي هي خوشيون آهن. منگهاڻي.)

("بروهيءَ ۾ سڏ کي تنوار/توار" چئجي ٿو.)

سر مارئي، داستان 9 بيت 4 جلد 3،
هن مند مارو سنرا، ساٽيهه منجهه سڌير،
هن کي لوهه لطيف چئي، ڪونين اندر ڪير،
مها منجهه مليَر، مينهن وسندا موٽ تون.

**سڌير :**

شيخ = بود ۾، خوش، آسودا، آنند ۾.
منگهاڻي = سمجهدار، هشيار، سچيت، عقلمند.
گنج، صفحو 670
برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو نسخو صفحو 260 بيت 1369
شوقيرام، داستان 8 بيت 4،
قليچ، داستان 8 بيت 4.
لغات لطيفي (قليچ) سڌير = سياڻا، ڏاها، خبردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي، داستان 9 بيت 7، سذير = معنيٰ ڏنل ناهي.

گربخشاڻي، داستان 9 بيت 7، سذير = سنسڪرت، بود ۾، خاطر جمع، آسودا.

شهواڻي، داستان 9 بيت 7، سذير = خوشي، آسودا، بود ۾.

آڏواڻي، داستان 9 بيت 7، سذير = آسودا، آنند ۾.

ڏيپلائي، داستان 8 بيت 4.

قاسمي، داستان 8 بيت 4، سذير = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 8 بيت 4، سذير = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 265، سذير = سامت، سجاڳي، خوشي، صحتمند.

لفظ "سذير" جي معنيٰ شيخ صاحب "بود ۾، خوش آسودا، آنند ۾" ڏني آهي. هي لفظ وجائجي ويل يا متروڪ ٿيل ڪونهي. اڄ بہ لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ سمجهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي "سمجهدار، عقلمند، سچيت، ڏاهو" واري معنيٰ ۾ ۽ ان معنيٰ جي نسبت سان "سذير" نالو بہ رکيو ويندو آهي. هتي ڏنل لفظ "سذير" جي معنيٰ "بود ۾، خوش، آسودا، آنند ۾" درست ناهي. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ قابل عزت مرزا قليچ بيگ صاحب جون ڪيتريون ئي معنائون درست ڏنل آهي، لسبيلي ۽ ڪوهستان جي لفظن جون ۽ هتي پڻ لفظ "سذير" جي معنيٰ محترم قليچ بيگ صاحب "سياڻا، ڏاها، خبردار" ڏني آهي. جيڪا بلڪل درست آهي.

ست آهي "هن مند مارو سنرا، ساٿيهہ منجهہ سذير"

معنيٰ = هن (مينهن واري) مند ۾ سمجهدار، ڏاها مارو پنهنجي ملڪ ۾ ڏاڍا سرها ۽ خوش هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملو = فلاڻي ڪان وجي لفظن جون معنائون معلوم ڪر، اهو سڌير آهي، هر لفظ جي معنيٰ توکي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

بيت جي سمجهاڻي = هن (مينهن واري) مند ۾ عقلمند، ڏاها مارو پنهنجي ملڪ ۾ ڏاڍا خوش ۽ سرها هوندا ۽ هن (مارئي) کي قيد ۾ (عمر جي محلات ۾) زنجيرون ۽ ڪلا لڳا پيا آهن. (هوءَ زنجيرن سان ٻڌي پيئي آهي) ملير ۾ مينهن جا ميوا (ڏٿ) ٿيا آهن. مينهن (اچا) بہ وسندا. تون (مارئي) موٽي آءُ.

سر مارئي، داستان 11 بيت 8 جلد 3،

تن ونهين ويڙهيچن ۾، سدائين سڪار،
چونديو آٽي چاڙهيون، سندو ڏونرن ڏار،
جن جو ويڙهين سين واپار، سي ڏوٿي هون نہ ڏٻرَ.

ڏٻر :

شيخ = مسڪين، غريب، ڪنگال.
منگهاڻي ڪمزور، ڪجيل، جسم ۾ ڪمزور ۽ ڳريل.
گنج، صفحو 683 ۽ 684 (ڏٻرا)
برٽش ميوزيم (لندن) وارو نسخو صفحو 660 بيت 1365 (ڏٻرا)
شوقيرام، داستان 6 بيت 12 (ڏٻرا)
قليچ، داستان 6 بيت 2، (ڏٻرا)
لغات لطيفي (قليچ) ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.
قاضي، داستان 7 بيت 5، ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻي، داستان 7 بيت 5، ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.

شهواڻي، داستان 7 بيت 5، ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.

آڏواڻي، داستان 7 بيت 5، ڏٻرا = مسڪين.

ڏيپلائي، داستان 6 بيت 12،

قاسمي، داستان 6 بيت 12، ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.

انصاري، داستان 7 بيت 5، ڏٻرا = معنيٰ ڏنل ناهي.

بلوچ، لغت "روشني" صفحو 203 ڏٻرا = ڏٻريون = هيٺيون.

هي لفظ واحد/جمع مذڪر "ڏٻرو/ڏٻرا" ۽ واحد/جمع مؤنث ڏٻري/ڏٻريون آهي. هتي لفظ "ڏٻرا" جي معنيٰ رڳو شيخ صاحب ۽ آڏواڻي صاحب ڏني آهي ۽ بلوچ صاحب جي لغت "روشني" ۾ پڻ ڏنل آهي. ٻنهي شارحن تقريبن ساڳيئي معنيٰ ڏني آهي. شيخ صاحب "مسڪين، غريب، ڪنگال"، آڏواڻيءَ "مسڪين" ۽ بلوچ صاحب "هيٺي/هيٺيون" ڏني آهي. جڏهن ته ٻين سيني قابل شارحن لفظ "ڏٻرا" جي معنيٰ ڏيڻ کان اجتناب ڪيو آهي (سنو ڪيو آهي) لفظ "ڏٻرا" جو تعلق "اميري ۽ غريبيءَ يا مالي ۽ معاشي" حالت سان ڪونهي، پر اهو جسماني ڪمزوري لاءِ ونبو آهي. پوءِ ڀلي اهو بادشاهه هجي پر جي هو جسماني طور ڪمزور ۽ ڳريل هوندو، جسم تي گوشت جي گهٽتائي ۽ هڏيون ظاهر هونديون ته چئبو،

جملو = بادشاهه ڪي الائي ڇا آهي، اڳ کان ڏٻرو تي نظر آيو.

"ڏٻرا" معنيٰ، "جسم ۾ ڪمزور" سٺ آهي.

"جن جو ويڙهين سين واپار، سي ڏوتي هون نہ ڏٻرا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ = جن جو جهنگ سان وهنوار آهي، اهي ڏٿ چونڊيندڙ ڪڏهن به جسماني طور ڪمزور نه هوندا. ڇو جو جهنگ ۾ مينهوڳيءَ جي مند ۾ ته طرحين طرحين طعام ۽ ڪاچ پٽن تي پکڙيا پيا هوندا آهن. جهنگ ۾ ماڻهو پلي هڪ هنڌ ويهي يا بيهي به نه ڪائي پر جي رڳو هلندي هلندي ڪتان ڳاگي، ڪتان ليهار، ڪتان ٻير، ڪتان ڪوڏير، ڪتان ڪتالي، وات ۾ داڻو داڻو به وجهندو چٻيندو ويندو ته به بکيو نه رهندو. جسم ۾ جڏهن طرحين طرحين قوت جا ميوا پوندا ته اهي ڪيئن ڏٻرا رهندا؟

ايئن جهنگ جبل جا ماڻهو مضبوط ۽ طاقتور پيا گهمندا آهن. وَسَ ۾ ته ساڻن ڪو پهرئين جوڙ جو ملهه به پڇي نه سگهي، ست سان ڪنڌ پر ڪيري وجهنس. جسم ۾ پريل ۽ ٿلهي کي "سٻر" چئبو،

جملو = هي ويچارو ڏٻرو آهي. اوهين سٻر آهيو ڳرو ڪم اوهين ڪريو.

"ڏٻرو" جانور لاءِ به چئبو آهي.

جملو = هيءَ ٻڪري ڏٻري آهي، ان جي گوشت ۾ به سواد گهٽ هوندو.

جملو = ڏڪار ۾ مال ڏٻرو ٿي ويو آهي، واڻيو تي ڪيڏانهن وڃجي.

ته ڇا جانورن جي به معاشي حالت خراب ٿيندي آهي؟ ۽ اهي به مسڪين، غريب، ڪنگالءِ هيٺا ٿيندا آهن؟

بيت جي سمجهاڻي = انهن آسودن ماروئڙن وٽ سدائين سڪار آهي. اسين ڏوٿرن جا ڏار آٽي انهن مان ڏوٿرا چونڊي اهي چاڙهي تا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائون ۽ جن جو جهنگ سان واسطو، تعلق ۽ وهنوار آهي اهي ڏت چوندينڍڙ ڪڏهن بہ جسم ۾ ڪمزور ۽ ڳريل نہ هوندا. (اهي هميشہ مضبوط، طاقتور ۽ سٻر آهن)

سر مارئي، داستان 11 وائي 1 جلد 3،
منهنجو من ماروءَ ڏنڙي رچي،
سٽ 6: ڦوڳ ڦڪائيءَ جا ڪي، ڪوڙ ڳالهايو ڪچي.

**ڦڪائي :**

شيخ = خرابي
منگهاڻي = لڄي ٿيڻ، شرمنده ٿيڻ
گنج، صفحو 676.
شوقيرام، داستان 10 وائي 1
قليچ، داستان 10 وائي 1
لغات لطيفي (قليچ) ڦڪائي = معنيٰ ڏنل ناهي.
ڏيپلائي، داستان 10 وائي 1
قاسمي، داستان 10 وائي 1
بلوچ، لغت ”روشني“، ڦڪائي = معنيٰ ڏنل ناهي.
هيءَ وائي برٽش ميوزيم (لندن) واري نسخي، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي.

لفظ ”ڦڪائي“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”خرابي“ ڏني آهي. لفظ ”ڦڪي“ ان معنيٰ ۾ بہ ايندو آهي تہ ٻوڙ لوڻ مرچ ۾ ڦڪي آهي. يا لطيف جواڻي ”ڦڪيون ڏيئي ڦڪيون...“ اها معنيٰ بہ اسان وٽ مقبول آهي. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ٻين علائقن وانگر لسٻيلي ۾ ڪوهستان ۾ ”لڄي ۾ شرمندو ٿيڻ“ کي بہ ”ڦڪو ٿيڻ“ چئبو آهي ۾ ”ڦڪائيءَ“ جي معنيٰ ٿي ”لڄي ٿي، شرم ڪيائين“.

جملو = ڦڪائي ڇڏ، اڄي مامي سان ڪينڪار.

جملو = آهي حرڪتون ڪندي توکي ڦڪائي بہ نٿي وٺي.

هيءَ وائي هڪ تہ گهڻن نسخن ۾ آيل بہ ناهي، ٻيو وري سٽ ۾ لفظن جو هڪ ٻي سان ڪو ربط ۾ ڳانڍاپو بہ ناهي اهڙيءَ صورت ۾ سٽ جي سمجهاڻي کهڙي ٿي ڏيئي سگهجي.

سر مارئي، داستان 13، بيت 10، جلد 3،

آمان پانيان اڪ، ڪپڙ ڪتورئان وترا،
ڪٺيان پٺيان پيٽ ڪي، ماڪيان منئي مڪ،
ڪوڪڙ ڪديرن ۾، ڦوڪيون پريان ڦڪ،
وَرُ هلاڪي سين حق، ڪوءِ واڏايون وڙن جوُن.

**ڪديرن :**

شيخ = ٿر ۾ برسات جي وقت پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ولين (جن جو ڦر پٽاٽي جهڙو ٿيئي.)

منگهاڻي = ”ڪودير“ جيڪو بصر جهڙو ٿيئي.

**هلاڪي :**

شيخ = هلاڪت، موت، تڪليف، ڏک.

منگهاڻي = محنت ڪرڻ، ڪم ڪري ٿڪڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنج، صفحو 717. ھي بيت بہ انھن بيتن مان ھڪ آھي، جيڪو گنج جھڙي قديم نسخي ۾ صفحي 717 ۾ بہ آھي تہ "املھ اٽوريا" جھڙي جديد ڪتاب ۾ بہ، جيڪو 1965 ۾ ڇپيل آھي، جنھن ۾ اھا دعويٰ وڏي طمطراق سان ڪيل آھي تہ، ھي سڀ شاھ جا لڌل بيت آھن، ان ۾ صفحي 193 تي بہ آھي جيڪو سر مارئيءَ جو 61 بيت آھي.

آمـــان پانيـــان اڪ، ڪبـــڙ ڪٽوريـــان وتـــرا،
ڪنـــا پيتـــا پتنگيـــن، ماڪيـــان منـــي تـــڪ،
ڪوڪـــڙ ڪوڍيـــرن جـــا، ڦوڪيـــو پريـــان ڦـــڪ،
ور مـــلان ســـين حـــق، ڪـــوءِ واڏايـــون وڙن جـــون.

بيت ۾ آيل ڪن لفظن جو فرق ھيٺ حاشيي ۾ ساڳيو ئي گنج وارو برقرار رکيل آھي، اھا صورتحال ڏاڍي ڏکوئيندڙ آھي تہ لطيف جي ڪلام تي ڪيل تحقيق ۾ چنڊچاڻ نھايت سھل پسندي، غير ذميداريءَ واري ۽ سطحيت جو شڪار آھي.

بيت ۾ آيل لفظ "ڪيڍرن" جي معنيٰ شيخ صاحب "ٿر ۾ برسات جي وقت پيدا ٿيندڙ ولين (جن جو ڦر پٽاٽي جھڙو ٿيئي) ڏني آھي. اسان وٽ لفظ جي اصل صورت "ڪوڍيرن" آھي جنھنجو ڦر "پٽاٽي/ڦٽاٽي" جھڙو نہ پر بصر جھڙو ٿيندو آھي. جنھن کي لسٻيلي ۽ ڪوھستان ۾ "ڪوڍير" سان گڏ "جھنگ بصر" بہ چيو ويندو آھي. "ڪوڍير" جو شمار "ڏٿ" ۾ ٿيندو آھي، جيڪو ڪوھستان ۾ گھڻو ٿيندو آھي، جيڪو، موري، گجر، ڦٽاٽي وغيره وانگر زمين جي اندر ٿيندو آھي جنھنجي ول نازڪ ۽ اڻ لکي ھوندي آھي، جيڪا تمام مشڪل سان لڀندي آھي. ڏٿ چونڊيندڙن جو بہ پنھنجو ڌار مزاج ھوندو آھي. ھو ڏٿ جي ھر قسم سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيحد گهڻو پيار ڪندا آهن ۽ هر هڪ قسم جي ڏٿ کي ڳوليندي لطف وٺندا آهن. هو انهن جي فائدن ۽ نقصانن کان پڻ مڪمل واقف هوندا آهن. ڏٿ چونڊيندي ۽ ميڙيندي هو ڏٿ سان ڏاڍا لاڏ، ڪوڏ ۽ چاڳ ڪندا آهن. ”ڪوڍير“ ڳولڻ ۽ لهڻ جيئن تہ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، هر ڏٿ چونڊيندڙ چاهيندو آهي تہ سڀ کان پهرين هو ”ڪوڍير“ تائين پهچي ۽ حاصل ڪري ۽ پوءِ سڀيئي ڏٿ چونڊيندڙ، ڪلندا، ڪڏندا، ٽهڪ ڏيندا ڪورس جي انداز ۾ ڳائيندا ”ڪوڍير“ تلاش ڪندا آهن:

”ڪوڍيرَ ڍَمَ ڍِيرَ، پاڻ نہ ڏيڪار تہ بہ ولڙي ڏيڪار.“

اهڙي ئي ڪوڏ منجهان ”ڪوڍير“ جي ڳولا ٿيندي آهي. پهرين جنهن کي بہ مليو پوءِ بين لاءِ چڻ تہ اها شانڪار بنجي ويندي آهي.

پيو لفظ آهي ”هلاکي“ جنهن جي معنيٰ شيخ صاحب ”هلاڪت، موت، تڪليف، ڏک“ ڏني آهي. شيخ صاحب شايد ”هلاڪيءَ“ کي اردوءَ وارو لفظ ”هلاڪ“ سمجهيو آهي. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ هلاڪيءَ جي معنيٰ آهي ”ڪم ڪري ٿڪجڻ“ ۽ اهو لفظ اسين اڄ بہ ” ڪم ڪري ٿڪڻ“ واري معنيٰ ۾ عام ڳالهائيندا آهيون.

جملو = ادي، هلاک تہ ٿينديءَ پر مونکي ڪپڙا سبي ڏي مونکي تنهنجي سلائي وڻندي آهي.

جملو = نہ نہ ادي ايئن نہ چئو، تنهنجي ڪپڙن سبڻ ۾ ڪهڙي هلاکي آهي.

جملو = اسان جي ياڳ ۾ اهيئي هلاکيون آهن. ملي نڪو سلي، سڄي زندگي هلاکين ۾ گذري ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هلاڪي" معنيٰ "ڪر ڪري ٽڪڻ" نہ ڪي اردوءَ وارو "مرڻ" جيئن شيخ صاحب "هلاڪت ۽ موت" ڏني آهي. ايئن ئي اسانجو هڪ جبل جو ماڻهو ڪراچيءَ ۾ آيو. ڪيس اردو ٻولي نتي آئي. گاڏيءَ ۾ وهڻ وقت سندس ڪا چيز ڪليل دريءَ مان هيٺ ڪري پيئي. هيٺ بيٺل هڪ اردو ڳالهائيندڙ ڪي ڳاڏر سوڏر سنڌي اردوءَ ۾ چيائين، "ڀائي هلاڪ هوئين گا پر شيءِ اناڪي دو" ان تي اهو همراهہ ڪاوڙجي پيو تہ "مر تون مونکي مرڻ جو چو تو چئين!" اهي آهن ٻولي نہ اچڻ جا عجيب رنگ! بقول قابل احترام نجم عباسي صاحب جي "ٻوليءَ جا ڏنگ".

سر ڪاموڏ، داستان 2 بيت 21 جلد 3،

گند جني جي گوڏ ۾، ڪڍن ڪالوڙا،
لوڙيون ڪين لطيف چئي، آسڻ آجوڙا،
تماچي توڙان، وٺي ويچارن سين.

**لوڙيون :**

شيخ = هڪ قسم جون مڇيون.

منگهاڻي = پاڻيءَ ۾ تيندڙ ول جو ڦر، جيڪو ڍنڍن ۾ ٿيئي.

گنج، صفحو 820 ۽ 821.

هي بيت سواءِ گنج جي ٻيو ڪنهن بہ نسخي ۾موجود ناهي. بيت ۾ آيل لفظ "لوڙيون" جي معنيٰ شيخ صاحب "هڪ قسم جون مڇيون" ڏني آهي. جيڪا درست ناهي. "لوڙيون"، "پابوڙن ۽ ڪُمن" وانگيان ڍنڍ جو ميوو آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ٿرندو آهي. "لوڙيون" بادام جي سائيز ۽ ڪجهہ ڪجهہ شڪل سان ملندڙ آهن جيڪي پابوڙن ۽ ڪُمن وانگيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پاڻ بہ ڪاڏيون آهن. نٽي، سجاول، دڙي ۽ مينجاري وغيره جا ماڻهو "لوڙيون" جي معنيٰ "مڇيون" پڙهي ضرور ڪليا هوندا.

سـر ڪـارايل، داسـتان 3 بيـت 2 جلـد 3،
مـوران مونـڻ ميهڻـو، نوڙـي نـانگ نـہ ڪـن،
ڪـارايل ڪـارن ڪـي، ڳـارا ڪيـو ڳهـن،
وٺيـن وهـہ پيـن، سـڪ سـريڪن نـہ لهـي.

**ڳارا :**

شيخ = نوڙي يا رسيءَ وانگر لڙڪايو ڊگها ٽڪر ڪريو.
منگهاڻي = وات ۾ وجهڻ جو هڪ حصو. گرهہ/گراهہ.
قليچ، داستان 2 بيت 3 (ڏنگين ۾)
لغات لطيفي (قليچ) ڳارا = معنيٰ ڏنل ناهي.
گنج، صفحو 841
ڏيپلائي، داستان 2 بيت 5.
بلوچ، لغت "روشني" صفحو 389، ڳارا = وڏا ڊگها ٽڪر. ڳارا ڪيو ڳهن = (ڪارايل 3/9)

نوڙين وانگر لڙڪايو ڳهي ڇڏين. لامن وانگر وڪوڙي ڳهي وجن، ڊگها ٽڪرا ڪيو ڳڙڪائي وجن.

هي بيت برٽش ميوزيم واري نسخي، شوقيرام، قاضي، گربخشاڻي، شهواڻي، آڏواڻي، انصاري ۽ قاسميءَ وارن نسخن ۾ موجود ناهي. بيت ۾ آيل لفظ "ڳارا" جي معنيٰ شيخ صاحب "نوڙي يا رسيءَ وانگر لڙڪايو ڊگها ٽڪر ڪريو" ڏني آهي. اوهان کي ياد هوندو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي سر ڪيڏاري ۾، داستان 6 بيت 7 ۾ هي لفظ واحد صورت ”ڳارو“ ۾ آيل آهي. سٽ آهي،

”ڳجهڙيــــن ڳـــارو، راتيـــان ڏينهـــان رڻ ۾“

جتي لفظ ”ڳارو“ جي معنيٰ شيخ صاحب ”اڄ وڄ، هل هلان“ ڏني آهي، ۽ هتي وري هيءَ، جيڪا لاشڪ تہ هُن بلوچ صاحب صاحب ڪان ڪنئي آ، ي پر ٻنهي هنن تي ”جيئن نهي تيئن ڏجي“ واري فارمولي تحت معنيٰ ڏني وئي آهي، جيڪا لطيف سرڪار جي پڙهندڙن ۽ خاص ڪري انهن نوجوانن سان بيہ اجبي آهي جن جو مضمون لطيف آهي. هي لفظ واحد ”ڳارو“ ۽ جمع ”ڳارا“ آهي، جنهنجي مٿي جملن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏني اٿم... تہ ”ڳارو“ جنڊ ۾ چانور، ڪٽڪ وغيره مان پرِيل مُٺِ کي چئبو آهي، جڪو هلندڙ جنڊ ۾ مسلسل وجهبو آهي.

جملو = هٿ ڏي جهل نہ، ڳارو وجهندي اچ.

۽ وات ۾ بہ ڪائڻ لاءِ جڏهن ڪا شيءِ مسلسل وجهبي ۽ ڪائبي رهبي آهي تہ ان کي بہ ڳارو چئبو آهي.

جملو = هن کي بہ وات لاءِ هر وقت ڳارو کپي.

جملو = هر وقت پيو وات هليس، ڳاري مٿان ڳارو پيو وجهي.

اصل ۾ ”ڳارو“ جنڊ ۾ پيهڻ لاءِ وڌل هٿ جي پرِيل مُٺ کي چئبو آهي. اهو بہ هلندڙ جنڊ ۾ وارن، واري سان چانور وغيره جي پريل مٺ کي، ۽ وات بہ جنڊ وانگر ڪاڏي کي پيهندو آهي سو ان کي بہ جنڊ جي نسبت سان گرهہ مٿان گرهہ وجهڻ کي، ”ڳارا“ وجهڻ چئبو آهي، جيڪو چڙ ۽ خار مان چئبو آهي. ڪيڏاري جي سٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڳجهڙيـــــن ڳـــارو، راتيـــان ڏينهــــان رڻ ۾"

معنيٰ = ڳجهين جي وات لاءِ ڏينهن رات ڪربلا جي پڙ ۾ ڳرهه/ ڪاڌا رکيا پيا آهن. (جنگ جي ميدان ۾ پيل لاش)

۽ هن مٿئين بيت جي سٽ آهي،

"ڪـــارايل ڪـــارن ڪـــي، ڳـــارا ڪيـــو ڳهـــن"

معنيٰ = مور، واسينگ نانگن کي ڳرهه وانگر ڳهيو وڃن.

بيت جي سمجهاڻيءَ لاءِ بيت جو تڪراري هئڻ نه گهرجي.

مون پنهنجي طرفان پنهنجي تر واري زندهه ٻوليءَ کي سامهون رکي لطيف جي ٻولي کي سمجهڻ/سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي حساب سان لفظن جي اختلافي معنائن مان تي سگهي ٿو ته ڪي منهنجي نظرن کان رهيون به هجن، پر هن مهل هن ٿڪائيندڙ ڪم جي پوري ٿيڻ تي ڏاڍي خوش آهيان.

اميد ته منهنجو هي پورهيو لطيف سرڪار جي عاشقن اڳيان قيمت ماڻيندو ۽ ساب پوندو. آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سهڪار سان هڪ چئن ڏينهن واري انٽرنيشنل ڪانفرنس " سنڌ: ماضي، حال ۽ مستقبل " (29 اپريل کان 2 مئي 2006ع) جي موقعي تي شاهه لطيف چيئر پاران پڌرو ڪري رهيا آهيون جيڪو اميد ته شاهه لطيف جي ٻوليءَ تي ٿيندڙ تحقيق جي ڏس ۾ اهم ڪتاب ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book